Saghir Ahmed Shaikh
Doctor's Colony
LARKANA.

Oh! God give me greater knowledge
NOOR
LIBRARY
Larkana
Book No. B-1

JEETAMIRAY JE DIARY

جيتامڙي جي ڊائري

ليکڪ :

ڊاڪٽر سرلا ديوي

قيمت ۲۰-۰۰ روپيه

(پڪو جلد ۲۲-۵۰ روپيه)

۱۹۸۳ع

ڇپائيندڙ طرفان ٻہ اکر

"جيئاملڙي جي ڊائري" جا هي ٦٨٤ صفحا "رهاڻ" جي پرچن مان گڏ ڪيل ۽ بعد ۾ ڇپايل ڪتا ڪري ڪتابي صورت ۾ پيش ڪجن ٿا. قوي اميد اٿم تہ سنڌي ادب جا شائق ۽ اڪبر آشرم جا دوست هيءَ پيشڪش هن سادي ويس ۾ قبول ڪندا.

سڄو ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ شايع ٿيڻو هو، جن مان پهريون ڀاڱو ٤٤٢ صفحن تي مشتمل ١٩٦٥ع ۾ ڇپيو ويو هو. هينئر اسان جي ماتا صاحب جي هن فاني دنيا مان چالاڻي ڪرڻ بعد سمورو مواد گڏ ڪري هڪ جلد ۾ پيش ڪجي ٿو.

اسانکي ارمان آهي جو پنهنجي پريس نہ هئڻ سبب ڪتاب جدا جدا پريسن دوارا شايع ڪريون ٿا ۽ صفائي پرنٽنگ جي اسانجي مرضيءَ موجب ٿي نہ سگهي آهي، جنهن ڪري پڙهندڙن کي وينتي ٿي ڪجي تہ هيءَ سادي لباس ۾ ڇپايل ڊائري بياني طور قبول ڪندا جيستائين وڌيڪ سهڻي لباس ۾ اسين انکي پيش ڪري سگهون.

ڊائريءَ جي مواد تي مون کي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ جي سمرٿي نہ آهي. ان بنسبت پروفيسر جهامنداس ڀاٽيہ پنهنجي ديباچہ ۾ ڪافي ڪجهہ چيو آهي. "رهاڻ" جي پرچن ۾ پنهنجي "پيش لفظ" ۾ جيڪي ڊائريءَ بابت مون اڳ چيو آهي سو فقط هت دهرائڻ جي اجازت گهران ٿو:

خاص طريقو هن ڊائريءَ ۾ خيالن پيش ڪرڻ جو هي آهي تہ جنهن گفتگو يا ڳالهہ مان خيال اڀري ٿو، تنهن جو تتسار اول ڏنل آهي، اگرچہ ڪيتريون روزاني زندگيءَ جون خانگي ڳالهيون بہ ان ۾ اچي وڃن ٿيون، ڇا لاءِ جو تصوير جي چٽڻ لاءِ آس پاس (Background) جو نقش چٽڻ ضروري آهي. در حقيقت اها ماتا صاحب (ڊاڪٽر سرلا ديوي) جي طرز ادا جي هڪ خاص خوبي آهي. هر هڪ مضمون پنهنجي سمجهائي پاڻ ڏئي ٿو. هي ڪتاب هڪ خيالن جي کاڻ آهي يا هڪ درياهہ، مثل ڪري چئجي، جنهن ۾ گهڻن قسمن جا جواهر ۽ موتي موجود آهن. گهڻن وشين تي گهڻا خيال ان

کي بلڪل رنگين بڻائن ٿا. ازانسواءِ هيءَ هڪ قسم جي سوانح عمري پڻ چئي سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ جو هت نہ فقط اڌهيءَ عرصي جي مشغولين جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن ۾ هيءَ ڊائري لکي وئي هئي، مگر اڳ جي پيچيده مسئلن ڏانهن پڻ اشارا ملن ٿا. انهن مان گهڻا ماتا صاحب جي جيون ساٿيءَ، دادا سائينءَ جا چيل آهن، پر اهي خيال خود اسانجي ماتا صاحب جا چونڊيل آهن.

مان ٿورا چمڪندڙ خيال ۽ نڪتا انهيءَ ڊائريءَ مان هت پيش ڪيان ٿو، جي اميد تہ ڪتاب پڙهڻ کان اڳ ۾ پڙهندڙن جي شوق وڌائڻ ۾ مدد ڪندا. اها چونڊ فقط منهنجي پسند ڏيکاري ٿي. مون کي اهي نڪتا ڀيرڻ پنجويهن صفحن مان ئي هٿ آيا، ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هيءَ ڊائري ڪهڙيءَ زر سان ڀرپور آهي:

”.... نا ضروري ڪمن کان آتما جو الڳ ٿي وڃڻ، سا نشاني آهي آنند جي ڦل راس ٿيڻ جي.“

”... سچي ديا سڀ لاءِ ان ۾ آهي تہ سهڻي عادت اپڃي ۽ سچي زندگيءَ جو قانون عمل ۾ اچي! قانون کانسواءِ زندگي ڦلهڙي ۽ بيڪار آهي، جيئن هڏن کانسواءِ ماس.“

”.... گندگي بيپرواهي يا برائي برداشت ڪرڻ ضعف جي نشاني آهي.“

”.... قوم جي طاقت جو بنياد گهرو زندگي آهي.“

”.... محنت انسان جو وڏي ۾ وڏو خزانو آهي ۽ جي ساڻس محبت ملايو تہ ڪابہ منزل دور نہ آهي.“

”.... پريم احساس جي شدت لاءِ سڀ کان اُتم اپاءُ آهي.“

”.... آتما جي ياترا جو انت فقط پرماتما ٿي سگهي ٿو.“

”.... ڪرم ۽ گيان جو انت پريم ۾ آهي.“

”.... پاونا آتما جو هڪ گهرڙو آهي؛ جتي سا گهري اتي ٿو ڪيس هڪدم پهچائي.“

”.... سنگ سڀ کان اتم ساڌن آهي .... ست سنگ ۾ پاونا جي شدت ٿئي ٿي.“

— شيوا ۾ موهن گربخشاڻي.

اڪبر آشرم پبليڪيشنس

پيغام جي سوغات - ا . ح . جتسنگهاڻي "سام" (نثري نظم)

"... هر هڪ مضمون ۾ جتسنگهاڻي حياتيءَ جو فلسفو پيش ڪري .... هڪ تصنيف ۾ڻي ڪان بهتر نظر اچي ٿي."

— ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم (خليل).

آدم ڊاغ - ا . ح . جتسنگهاڻي "سام" (تمثيلي ڪهاڻيون)

"... مصنف امرت چکيو ٿو ۽ ڏسجي؛ مست الاجي گهڻا ڪندو!"

— پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه .

دل جو جام سدا ڀرپور - ا . ح . جتسنگهاڻي "سام" (رباعيات)

"... مصنف دنيا جي هنگامي ڪان ڪجهه پريرو ٿي دل جي سمنڊ ۾ ٽٻيون ڏنيون آهن ۽ شاعرانه جوهر جرڪايا آهن."

— هري دريائي (دلگير).

ڏون ۽ ماڻ - ا . ح . جتسنگهاڻي "سام"

"... گرديو ٽئگور جي گيتانجليءَ جون سڪون ٿو لاهي."

— محمد ابراهيم جويو.

سام سان گڏ ۾ . ڏي گهڙيون

لکندڙ :- صوفي ڏڏي بخش ۽ ڊاڪٽر سرلا ديوي.

(دادا سام جي تصنيفن جو تت سار ۽ سوانح حيات)

ايڏا جا آواز — ا . ح . جتسنگهاڻي "سام"

(مترجم پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه ۽ صوفي ڏڏي بخش)
(الهامي ارشاد)

هي ڪتاب موهن گر بخشاڻي "مدينه" پرنٽنگ پريس ۽ نواز پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻه مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ديباچو

”رهاڻ“ وارن هڪ نئين قسم جي ادب جي نئين سر ايجاد ڪئي ٿي ڏسجي. انگريزيءَ ۾ جن به مدبرن ڊائريون لکيون آهن تن پنهنجا روزانه خيال، ويچار، ڪٿيون ۽ ڪرتيون لکي پنهنجي اڳيان هڪ آئينو رکيو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجو منهن ڏسي اندازو لڳائي سگهن ٿا ته هنن ڪيترو قدم اڳتي کنيو يا پٺتي کنيو. نئينءَ سنڌ ۾ انهن ڊائرين جو رواج ساڌو هيرانند کان شروع ٿيو ٿو ڏسجي. ديوان ڏيارام گدومل انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن پنهنجي خيالن کي ظاهر ڪيو يا جيڪي هن جي نظر هيٺ گذريو تنهن تي پنهنجا ويچار پاڻ سان هن ونديا. آها ڊائري انگريزيءَ ۾ آهي. ان کان سواءِ سندس ڏينهن وار ويچار جدا جدا وشين تي، ”من لاءِ چهڪ“ سنڌيءَ ۾ ظاهر ٿيا. آهي پڻ ڏينهن ڏينهن جي ابياس بعد ديوان ڏيارام لکندو هو. انهن ۾ ڪافي گيان، فلاسافي ۽ ادب جو ڀنڊار آهي. اهي مڙيئي ڊائريون هو پاڻ لکندا هئا.

”جيتامڙي جي ڊائري“ گس ٿي نئون ٽي وٺي. خيال ۾ ائين ٿو اچي ته سوامي رامڪرشن پرم هنس جا ست سنگي پنهجي گروءَ کان پنهنجن روحاني مشڪلاتن جو حل وٺي ايندا هئا؛ اهي وارتائون هڪڙي پريميءَ ڪتابي صورت ۾ عوام اڳيان پيش ڪيون؛ هي وارتائون به ڪجهه انهيءَ نموني جون آهن.

ڪائونٽ ليئو ٽالسٽاءِ جون ڊائريون سندس موت کان پوءِ ظاهر ٿيون. اهي وارتائون هن مدبر جا پاڻ سان جهيڙا جهٽا ظاهر ڪن ٿيون؛ سندس اوڻاين جو اظهار ڪن ٿيون جن مان احساس ٿئي ٿو

تہ ڪيئن نہ مڙس مانجهي ۽ سانجهي اچي ٿي تنهن ڪان اڳ، صبح جي شفق کي ابد تائين قائم رکڻ لاءِ جنگ ۽ جاکوڙ ڪندا ٿا رهن.

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ انهيءَ جنگ جي سري سان هڪڙو ڪتاب گمنام مصنف لکيو، جو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ وري ٻيو دفعو ڪوڙي مل سنڌي ساهتيہ منڊل حيدرآباد واري ڇپايو. ڪتاب جو لکندڙ ملڪي مجنون مسٽر تولارام مينگهراج بالاڻي نئو شهري نواسي هو. ڪتاب جو نالو "جيءَ اندر جنگ" آهي. "جيتامڙي" ڪيئن سچ پچ جيتامڙي ٺهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪيئن ويهي پنهنجي سواميءَ جي سکيا قلمبند ڪئي اٿس ۽ ڪيئن انجو ذڪر ۽ فڪر بيان ڪيو اٿس، جيئن انهيءَ پنڌ جو پرو پڙهندڙن کي پوي ۽ هنن ۾ انهيءَ پنڌ جو ذوق ۽ شوق زور وٺي، سو پڙهڻ سان ظاهر ٿيندو.

اها ڊائري گهڻي ڀاڱي "سام" جي خيالن جو مجموعو آهي جي ڊاڪٽر سرلا سرل پاو رکندي، سرل سمجهہ ۽ سلوڻي قلم سان، سرل نموني ۾ پڙهندڙن اڳيان رکيا آهن. سندس مراد اهائي ٿي ڏسجي تہ جئن هن پاڻ ماري مٽي ڪري جيتامڙو بڻائي جوت پاتي آهي تيئن ٻيا بہ پنهنجي قرب سان من ماري، چت کي چونڪي چاڙهي، اهو آنند پائين.

ڊاڪٽر سرلا ١٩٣٨ع ۾ رتيديري ميونسپل زناني اسپتال جي چارج ورتي. آئي هوءَ گهٽن ئي گهرن جي واقف ٿي. آهستي آهستي هن جو سنگ هڪڙي پڙهيل، نوجوان زميندار جي گهر سان ٿي ويو. اهو نوجوان بہ هڪ ڳوٺاڻو هو. هن تعليم جا ادارا ملڪ جي سڏ تي ترڪ ڪري قومي تعليم جو رستو ورتو هو. ان جو مونسان بہ ملڻ ان ئي وقت ٿيو. انوقت سندس سيني ۾ تڙپ هئي، ان ڪري هن انتظام

جون ڪڙيون ڏکيون سمجهيون ۽ آهي چناٽي چوديواري سڪول جي ڪي الوداع ڪري نڪتو.

اهو نوجوان امرت (جئسنگهاڻي) هو جو هڪ ڏي ڊاڪٽر سرلا جو سهاڳ ٻڌجي واڳ وٺي ڪيس وحدت جي وڏراه ۾ وٺي هلڻ لاءِ ڪيس وکون ڏيو وجهائي ۽ پنڌ تو پتائي. ڊاڪٽر سرلا ڪيس ”سام“ ڪري ٿي ڪوٺي جو هن پنهنجي جيوت سندس سپرد ڪئي آهي ۽ انجي سام ورتي آهي.

ڪيئن هڪ عورت جنهن کي ڪپڙ، گهڻي، پئسي پنجر جو لوڀ ۽ حرص ٿيو ٿئي، تنهن سڀ ڪجهه ڪيس سمجهي جيوت هجي امانت ڪري سمجهي آهي؟ مونکي عجب لڳو جڏهن هڪوار ڏٺم ته هن پنهنجي ڪمايل في آئي سام جي سپرد ڪئي. وري ڪيس خرچ لاءِ ڪجهه گهربو هو ته اها ٿوري رقم سام کان گهري ورتائين! اها ارپڻ ڪرڻ جي سگهه، تياڳ ڀاو تي ڏيکاري ۽ اهو آهي قرب، جو ڪيس قرباني ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو ڪري ۽ جنهن بنا ڪجهه به ڪرڻ، ڪجهه به ڪتڻ، بيڪار آهي.

چاڻت پاڻي چت ۾ سنهو ڪتيو جن
تن جو صرافن دڪو داخل نہ ڪيو - (شاه)

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته ڊاڪٽر سرلا عورت جي جامي ۾ اهو پارٽ ورتو آهي، جنهن ۾ پهاڙن اکيڙڻ ۽ سر ٿوڙڻ جو ڪپ تو ٿئي. عورت کي اهائي آڻ تڻ رهندي آهي ته، هوءَ ڪنهن ڏينهن ”ماتا“ ٿيندي ۽ دنيا کي پنهنجو ڪو لعل ڏيئي زندگي سڦل ڪندي. اهو عام رستو آهي. مگر جنهن کي سائين پاڻ ڏانهن ڇڪي سا ڪيئن لوڪ کان ٻجي؟ گلا غيبت جو پنڌ آهي هڪار هو هند. سو

پريم نگر ۾ گم ٿيڻ کان سواءِ ملي ٿي سگهي ٿو . جوانيءَ جو جوش ، علم ۽ عقل جو هوش، هٿن جي ڪمائي ، مڪمل صفائي آڏو ۾ ناڪامياب نظر ٿين . گهر ڇڏي فقير جهنگ جهاڳن ٿا ، تڏهين محبت وارو ماڳ ته ڪٿي هٿ اچي.

۹ اپريل ۱۹۱۵ع سنڌ جي شڪارپور جي مشهور شهر ۾ ڄائو . اڃ ننڍي ، سياڻي وڏي هوءَ ۱۹۲۱ع ۾، جڏهن ملڪ ۾ محبت جو مچ مچيو پيو هو، ڪنهن ماڻهوءَ سان گڏ قومي سڪول ۾ اچي داخل ٿي. پهرين مون کيس اتي ڏٺو . ٻارڙي هئي، مگر اڪين ۾ سنڌس هئي لالي لعلڻ جي .

خبر نه آهي ته قسمت جو چڪر ڪهڙي حساب تو هلي . ان جو ڪاٿو ڪٿي اهڃو آهي، نينگراڻپ ۾ اسرندي؛ ايرندي رهي، مگر اکين ۾ سنڌس هو ڪو سپنو ساجن جو. پر سنگ ڪرڻ جو وقت اچا نه آيو هو . هوءَ دنيا جي ڪڙين ۾ جڪڙي ويئي جتان پاڻ آزاد ڪري امرتسر جي ميڊيڪل سڪول مان L.S.M F جو ڊپلوما حاصل ڪري آئي .

هڪ ڳالهه جا سڀ ڪان وڌيڪ حيرت ۾ وجهڻ جهڙي آهي سا آهي ماءُ واري ممتا نياڳڻ . مونکي ذاتي خبر آهي ته ماءُ جو هردو ڪومل ٿو ٿئي . ڊاڪٽر سرلا اها قدرتي تمنا تياڳي ڇڏي. کيس سام لاءِ پتري شرڌا آهي جو هوءَ سام جي ڪم کي پنهنجو ڪم ڪري سمجهي ۽ آشرم جي رهواسين کي پنهنجي ڄڻ . انهيءَ طرح هن پنهنجي خواهشن کي بدلائڻ جو يتن پڻ ڪيو آهي. هو هاڻ زنده آهي ۽ هميشه زنده رهندي جو هن پاڻ فنا ڪري پين کي اثبات ۾ آندو آهي. هن پاڻ نفي ڪري سام کي اسثا پڻ ڪيو آهي!

هستيءَ ڪي هم اوست ۾ ڪيو گم جنهن
پهو ترت تنهين جو پيرو اثبات ۾.

هن وقت تائين آءٌ صرف سرلا جي گم ٿيڻ جي آڪاڻي اوي رهيو آهيان. سرلا ڪهڙي سر ۾ سام جي صفت ڪئي آهي، تنهن جو نالو ڪڍڻ به منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. ساميءَ سلوڪ اُچاريا ته پڻ نجو نالو نه ڪيو. مگر آزمودا ته پنهنجي سکيا هن پنهنجي گروءَ جي سام ڪئي آهي. هٿ جيڪي سرلا سام جي واتان ٻڌو آهي سوئي هن سڀاڳڻ ست ڪري انگيڪار ڪيو آهي. گهڻا ته ائين ڪرڻ کان به پيا نٽائيندا آهن. هن دلاور داداليءَ درياه دليءَ مان، چوٽ ٿان چڙ چلائي آهي. هن پنهنجي مٿي ڪي قدم ٻڌائي ڇڏيو آهي. هن پرن جو پند ڪري، پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش جو تياڳ ڪري، اهو ياڳ ادا ڪيو آهي. هڪڙيءَ ڪل وانگيان مالڪ جي ڪل روان ٿي، ٿپ ٿپ ڪندي دوکين جو دک ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي وئي؛ ڏينهن جي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ڪجهه وقت پرارٿنا ۾ گذاري ٻوءِ گهڙي پوي ٿي گهير ۾. هڪ هڪ بيمار چٽڪ سندس ٻار آهي، ان جي پر گهور ۽ سار لهڻ لاءِ هوءَ پاڻ ڳاري پڇاڙي ٿي؛ ايتريءَ خود-فراموشيءَ جو چشمو هن پنهنجي سام ۾ پاتو آهي؛ انهيءَ چشمي جي چوٽ لهر ۾ هوءَ سدا ترنگندي ٿي رهي.

سرلا شاعر نه آهي، مگر هوءَ بنسريءَ وانگيان پنهنجي سام جي ٻولي ٿي الائي. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ واري بندرابن جي گوپين پاڻ ۾ پڇهه ڪيو ته بنسريءَ کان پڇجي هن ڪهڙو جپ يا تپ ڪيو آهي، جو هوءَ سديو شيام سان گڏ ٿي رهي. اهو ارادو ڪري هو بنسريءَ کي بنسي

پٽ ۾ ڪئي، ان ڪان پڇڻ لڳيون:

”ري بنسري! نہ تون سوني جي، نہ تون روپي جي تو ڪيئن پريتم جي هانهن پڪڙي؟ ڪهڙو تنهنجو جپ، ڪهڙو تنهنجو تپ، جنهن بنايو توکي ساز ساجن جو“

بنسري: بيشڪ مان ناچيز ڪاٺيءَ جي ٽڪري آهيان، مگر هن جي مهر ۽ محبت ڪري سوڀيا ۽ مان تي پايان. وڻ جي چوٽيءَ تان لهي، پاڻ سڪائي، پيٽ چيرائي خالي بدن بڻائي آيس تہ، شيام چپن سان لڳائي ۽ پنهنجو آواز بڻائي؛ ائين ئي مان آنند پايان ٿي.“

* * *

هن ڊائريءَ ۾ آيل آهي تہ سام جي ڏهو الله جي مريدن سان صحبت ٿي؛ حضرت ڪان ڪن پوئلڳن جڏهن پڇيو تہ اوهان ڪي هن زندگيءَ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ ڪهڙي شيءَ وڻي آهي، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ ٻہ هجي، ٻہ ۾ گهوڙي تي سوار هجون، ساٿي اهڙو هجي جنهن سان الله جون ڳالهيون پيون ڪجن، - اهي گهڙيون زندگيءَ ۾ سڀ کان پياريون لڳنديون آهن. ٻہ جي معنيٰ سمجهڻ گهرجي ڪوهستان تيئن.

سسئي ويچاري، وجوڙي جي ماري، بيابانن ۾ اڪيلي، پنهون پنهون ڪندي الله کي آزيون نيزاريون ڪندي وئي. سفر تي هلڻ کان اڳ جي ڪنهن سهيليءَ يا مٽ مائٽ ڪيس انهيءَ خيال ڪان تي هيٺ لاٿو تہ هن ڪين جواب ۾ ائين ئي چيو: ” چوٽيون پيرن پڇايو پنڌ پيرا؛ وات وندر جي وڻ پيا ڏسيندا.“

سندس ڪوهستاني جو هڪڙو نڪتو ياد ٿو اچي. وات تي ڪنهن ملان تي نماز ادا ڪئي. سسئي جو پير

انفاق سان تڏي تني اچي ويو. ملان هڪل ڪري ڪيس چيو: "ڇوڙي منهنجي نماز قضا ڪري ڇڏيءِ."

ان تي هن عرض ڪيو: "سائين مان ته پنهنجي محبوب جي پويان ٿي ويس ۽ عاشق جي الله ۾ خبر ئي نه پيم ته اڳيان ڪو الله جو بندو نماز ٿو ادا ڪري. اوهان جو الله سان ڳنڍيا بيٺا هئا سو اوهان کي ڪيئن خبر پئي؟"

ملان ڏاڍو شرمسار ٿيو ۾ چيائينس: "امڙ محبت ۾ تنهنجي رچڻ ته تو جهوڙيءَ ڪان ڪو وڌيڪ سکي."

عام طرح هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن وهم تو وچي ۽ آخر تڪ وچي اُت تو پچي جت ... ۾ وه آهي. مگر آها منزل آهي ڪهڙي؟ هلندو هيا ... سندس منه هچي توڻي آندي؛ جڏهين پند پنهو ته ... پاندي، روشن مگر حياتيءَ جو سفر ته ليکي ڪان ٻاهر آهي. ... سافري طيءِ ٿيندي پورڙيون ٿينديون ٿي ڪين؛ آڇايا ... لرهستيءَ چون گهرجو ته؛ پريميءَ جي ... ستري ٿئا ... جي آمات لهندي ئي ڪين ٿين جي مراد تڏهين ٿي ... ي ڪين؛ ساکيءَ طرح ۽ "مان" جو تڪرار ختم ... پوري ٿي جڏهين "تون" لڳنديون رهن ٿيون؛ اهـا ... تو ٿي، ڊائريءَ ۾ اهي لهرون جي زرت جا گس ڙيوئي ... جهڳ جهڳ هلندي رهيتي. پربت پيون نظر اچن؛ ڪڏهن ... چي ملن تا. ڪڏهين ڏس ته واڏون وچڙيل اها اڪ ايڪائي وار ... ن وري انهن ۾ ڪو سنتو نظر نتو اچي. ابجي. انهيءَ ڏس ... ي ۽ اها ٻرخي ڪ جي سرائي پائڻ سان ٿي ڪن ڪچرو ... ۾ آهستي آهستي سمجهائڻ سان، هنيئون نارڻ سان، جو قدم آهستـ ... هارڻ سان، ٻوڌ پيدا ٿئي ٿي، جهڙي طرح ٻار ني آهستي پڪو ٿئي ٿو. انهيءَ پند ۾ سسئي چوئي:

ڪارا ڏونگر ڪهه گهٽي ٻي واٽن ٿي واري
آڏا لـڪ لطيف چئي پيا ٻـر سجهن باري

جا منزلن ماري؛ سا رب! ڪيچ رسائين. (شاھ)

جدا جدا منزلون طيءِ ڪرڻ لءِ سام ور ور ڪري تو منجهيل ڏيرن جهڙي. سمجهاڻيءَ سان سمجهه صرف دماغ تـو قبول ڪري. اها سمجهه جڏهن جيرت جي گهٽ ۾ گهري ٿي وڃي ۽ خوديءَ جـو گهر برباد ڪري خدا جو گهر آباد ٿي ڪري، تہ زندگيءَ ۾ زيب ۽ زينت ٿي آئي. ائين ٿي جيتامڙي سپ ڪي ڏئي سام سچاتو آهي. اهڙو سودو سهانگو ۽ سڙو ڪينهين. مر ڏني ساجن ملي تہ سودو سهانگو. عام واٽهڙن ڪـي اهو وهنوار ڏکيو پيو لڳندو. گونٿو گڙ کائيندو آهي تہ مشڪندو ڪشڪندو ڪين.

ڪيهڙ هند جيتامڙي صوفين جـي حسن پرستيءَ تـي ملان ڪئي تہ سام انهيءَ ذڪر کي زمين ۾ آڇلائي نـه ... ... سـو انجي تفصيل وار تصوير جٿي ڪيس ڀلايائين تـه سيرت ڪان سوا صورت ڪٿي؟ انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ‘Hand[illegible]me is that hand some do[illegible]’ ائين آهي تہ ڪٿ ڪا روپوتني بہ اهڙي ذليل ڪم ۾ ... ٿي پوي جو ڏکـ ٿيو ٿئي تـہ الاحي ڪيئن هھڙو سهڻو لعل گند ۾ اڇي ڪريو آهي! اڳتي هلي شاهہ حسن جي جوڙ کي سام سمجهائڻ جي نو ڪري. صفحي ٤٠ تي انهيءَ حسن جـي چڱي آپتار ڪئي اٿس. رهاڻ جـي مزي کي ڏسجي تو تہ ٻن ڳولاڻن واءِ حو جدا جدا شنڪائن جي چنڊ چاڻ ڪئي آهي. ”رهاڻ“ جو مطلب ئي اهو ٿيندو آهي تہ پاندڙيڙا پاڻ ۾ خيال جي ڏي وٺ ڪري وڪـ وڌائڻ ۽ پاڻ بنائڻ جي ڪن، جئن جيوت جـو غلط پاڪ پرندو ... ۽ انجي جاھ تي سٺي اوساري آسرندي رهي.

سڀئي سوالن جوان جو تبصرو ڪرڻ ۽ تفصيلوار انهن

جـــي صفائي ڪـرڻ لاءِ وڏو لنبو ديباچو ڪپي. اسين ان جو ذڪر ۽ فڪر ڪنهن ٻيءَ مهل لاءِ مهمل ٿا رکون. هت وڏيڪ ايترو چوڻو اٿر، ته سرلا ڊاڪٽر آهي؛ مگر هن سام جي شام حياتيءَ جي مانجهاندي ۾ ورتي آهي. چڱو حو هڪ آزمودگار، گوشه نشين، تجربه ڪندڙ ـبي اوٽ ورتي آهي. سسئي پنهنجي پنهونءَ جي اوٽ ورتي. هـــن ڀهاڙن جـو پنڌ پتيو. عامن ڪيس منع ڪئي مگر هـن چيو تـــه پنڌ ۾ پير وجهڻ منهنجو ڪم آهي؛ پوءِ جي 'ملي ته ملندياس، نـــه ته گهوري جان جتن تان.'

'سڪ وارن ڪي سيد چوي ڪين جهليندو جهنگ'.

ســــڪ سيني ڪـــي روشن ڪندي رهـي پوءِ کهڙيون بـــــ مشڪلاتون اوڏو ايندِيون ته انهن مان پانڌي آڪري پار پوندو.

سرل ٻڌي، سرل سمجهه، سرل جيوت جـا سرلا ڪـــي ڪي اقدار (Values) هت آيا تا ڏسجن. انهن ئي ڪيس آتت؛ ايمان، همت ۽ حوصلو ڏنو تو ڏجي. ڊائري تمام لنبي آهي. جدا جدا وقتن تي ڀن ڀن مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻ ۾ سرلا پنهنجي ساٿيءَ جـــي سمجهاڻي موجب رستو سڌو ۽ صاف ڏسي همت ڪري پٽي هلندي آئـــي آهي. سندس محنت لاءِ ڪيس داد ڏيڻ غلط ۽ بي سود نه ٿيندو. سرلا ڪي سام جي سات مان سکيا ۽ سرهاڻ، سوجهرو ۽ سمت ملندي پٽي رهـي آهي. ان ڪان وڏيڪ جيوت ڪيئن ئي سقلي ٿي سگهي؟

جهامنداس ڀاٽيه.

شڪارپور (سنڌ)

پرا رٿنا

”استو ما سد گميا! تمسو ماجيوتير گميا! موتيور ما امرتم گميا!“

هي پريو ! مونکي همت ڏي ته مان سدائين سچ جي مارگ تي هلان ، جنهن مارگ سان تنهنجا پيارا سپ هلن ٿا ؛ جو مارگ سيني قومن جي پيغمبرن اسان سيني لاءِ بتايو آهي ؛ جو * سام مونکي ڏيکاريو آهي ۽ مان هنن ناقص اکرن دوارا بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي ، انهن بالڪن لاءِ جن کي منهنجا نيتر هينئر ڏسي سگهن ٿا ۽ انهن لاءِ جن کي هي جسماني ديدون منهنجون ڏسي ڪين سگهنديون ، پر اکيون آتما جون سدائين پيون پسنديون !

”جيتامڙو“

* نوٽ:-

مناسب ائين هيو ته مان پنهنجي سائينءَ ڏانهن ”سام“ جي بجاءِ ”سام سائين“ چوڻ سان اشارو ڪريان ۽ ڪا حجت نه رکان مگر اهڙو سڏارو هن دائريءَ ۾ ڪرڻ کان پاڻ منع ڪن ٿا؛ سندن خيال موجب مضمون فقط ”سام“ چوڻ سان هلڪو ۽ سنو لڳي ٿو ۽ ”پريم اکرن ۾ اڙجي نٿو سگهي، نه ادب جو هميشه قائل رهي ٿو!“

جيتامڙي جي ڊائري

۲۷-۱۱-۱۹۵۰ع- "گيان باغ" ۾ سام سان گڏ ٿي گهميس؛ ڳالهائيندي، ڳالهائيندي مونکي چيائين، "مون بہ ڪجهہ توکان ڀرايو آهيءَ تو بہ ڪجهہ شايد منهنجي سنگت مان ڀرايو هجي؛ پر تو جيڪي ڀرايو آهي سو بي خبر ٿي ڪري ڀرايو اٿي، يعني تو زندگيءَ جا سبق اٺين گرهڻ ڪيا آهن جيئن ڪو ننڍو ٻار ڪيرجي ٻاٽليءَ کي چمبڙي وڃي ۽ پڻ وقت اهو ويچار نہ ڪري تہ ميناج ڪٿان ٿو اچي يا ڪيئن ٿو اچي، مگر هو اڻ ميناج ۾ لنولين ٿـي وڃي! اسان جي گڏيل جيون جي ٻاٽلي تو هڪ ٻار وانگر ڪٿي منهن ۾ ڏني آهي ۽ وچين ٿي خوب نوان نوان خيال ڳرڪائيندي، منهنجا ۽ پنهنجا آزمودا دل سان هنڊائيندي، ايتريقدر جو اها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڇا مون توکي ڏنو آهي ۽ ڇا تو پنهنجو پاڻ بنايو آهي؛"تون" ۽ "مان" پيئيءَ هڪ وهڪريءَ ۾ پاڻ وڃائيءِ رهيا آهيون!"

سام وڌيڪ چيو:"ڪڏهن ڪڏهن مان پاڻکي بہ هڪ ٻار سمجهندو آهيان ۽ خود پنهنجي پرداخت لاءِ تو ڏانهن نهاريندو آهيان."

مون چيو: "مان برابر هڪ ٻار آهيان ۽ اڃا بہ وڌيڪ ننڍڙو ٿيڻ گهران ٿي، هڪ جيتامڙو يا هڪ ننڍي ڪان ننڍو جيءُ."

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مون سام سان ڳالهائيندي پنهنجا ڪي ارمان ظاهر ڪيا. تڏهن سام چيو، "جيتامڙو ٿيڻ معني پاڻ بلڪل وسارڻ يعني ڪوبہ ارمان دا[illegible]ـڙ مون زور سان نہ، جاڳي واڙي [illegible]، پر اڻ سڌيءَ طرح شايد تنهنجي سنساري اميدن کي آجهائي ڇڏيو هجي؛ سو ائين آهي جيئن ڪنهن قلدار ٻوٽي جي چوٽين کي ڦر جهلڻ کان اڳ ۾ ڇٽي ڇڏجي، ان لاءِ تہ ان جو رس (Sap) وڌيڪ ڪارگر ٿئي؛ اجايا پن ۽ ساوڪ فقط پيدا نہ ڪري، پر نوان گونچ ڪيڏي مناقل پيدا ڪري؛ جيترو سنساري

اميدن ڪان من مڙي، اوترو ئي آتمڪ قل وڏيڪ منو ٿو اپجي مگر اهو موڙڻ پنهنجي مرضيءَ سان ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ڪنهن ٻاهرين زور پوڻ سان.

* * *

۲۹-۱۱-۱۹۵۰ع- اج سنڌيا ڪان پوءِ جيئن سام سان مليا سين ۽ پنهنجي نيم انوسار سڪمني صاحب جو پاٺ پورو ڪري ڪائنس ڪجهہ خيالن يا آزمودن جي طلب ڪئي سين، تہ ڏيان ۾ ويهڻ واري وقت جو حال هن ريت ٻڌايائين: ”سنڌيا جي مهل خيال ٻئي ڪنهن ڪم ۾ نٿو لڳي؛ ان وقت سنساري ڪمن جي سامهون تيڻ سان ئي جڻ خفي پيو ٿئي؛ سو ائين آهي جيئن ڪو ٻار ماءُ جو کير ڏائيندو هجي ۽ انکي راند لاءِ سڏجي يا ٻئي ڪنهن پاسي ڇڪجي تہ هو خفي پيو ٿئي. جيئن زندگي وڏيڪ ۽ وڏيڪ آتمڪ اصول تي رکجي ٿي، تيئن من پڻ وڏيڪ اندروني ميناج ڏانهن مائل ٿئي ٿو؛ پکين ۽ ٻين جيئن وانگر، جيئن واهيري جي مهل هو چڱي، ڪائي پي، پنهنجي آکيرن ڏانهن موٽندا آهن، سنجها جي وقت ساڌوءَ جو خيال پڻ ايڪا گرت ٿئي ٿو؛ جيئن ڪنهن ٻہ لالچ خاطر آهي پکي وغيره وڏيڪ ڪٿي ڪين ترسن، تيئن ساڌوءَ جو من بہ ان مهل سنساري جيوت ڏانهن منهن ڦيرڻ ڪان بنہ انڪار ڪري ٿو. پکي جيڪڏهن واهيري جي وقت پنهنجي آکيري جي ويجهڙائيءَ ۾ ڦهتل هوندا تہ اتان ڪين تڙي ٻاهر ڪين شڪارين لاءِ پڻ اهنجو ٿي پوندو آهي؛ اهڙيءَ ريت ڪوبہ سبب يا زماني جي مجبوري ساڌوءَ کي پنهنجي خيال ڪان ان وقت موڙي نہ ٿي سگهي.“

وڏيڪ چيائين، ”جڏهن باقي ڪمن ڪان آجا ٿي، پنهنجي آشرم ۾ نئين زندگي اختيار ڪنداسون، تڏهين اسين بہ قدرت جي

سيني جيئن وانگر زندگيءَ جـــي سچي قانون پٽاندر رهنداســون اها زندگي کهڙي نہ سندر ٿيندي! جيتوڻيڪ هربات ۾ اها هڪ تات آهي تڏهين بہ باتين جو ان هڪ تات ۾ سميٽجي وڃڻ، يعني نا ضروري ڪمن کان آتما جو الڳ ٿي وڃڻ، سا نشاني آهي آنند جي ڦل راس ٿيڻ جي. جئن ميوي پچڻ تي پن پاڻهي ڇڻي وڃن تئن آهي گيان جي پراپتيءَ بعد خواهشن جو گم ٿي وڃڻ ۽ هنن سنساري ڪمن جو از خود بيهجي وڃڻ. ظاهر ۾ تہ زميداري ڇڏي اچي بيڪار ٻٽيا آهيون پر دل من هن مات ۾ راضي رهي تو ۽ وڏيڪ ايڪانت جي طلب رکي ٿو."

* * *

٢-١٢-١٩٥٠ع- اڄ ٻاهر نڪرڻ جو پروگرام هيو: جنهن دوست سان گڏ وڃڻو هيو سو ٣ ڪلاڪ دير سان آيو. ويهي، ويهي اسان سيني جي طبيعت خراب ٿي پيئي. سام بہ ان ڳالهہ تي ناراضپو ڏيکاريو ۽ پوءِ ان ماڻهوءَ ســـان گڏجي هلڻ کان انڪار ڪيائين. مــون کيس چيو: "شايد هو دل ۾ ڪري!"

جواب ۾ چيائين: "سو نيڪ آهي؛ ائين ڏي تہ ٻئي جي تڪليف جو احساس پيدا ٿئي ٿــو. اسـانجي لاءِ صبر سٺو آهي پر اڻ ڳاڇ صبر کان سچي سهنشيلتا نرالي آهي؛ جيترو تفاوت نند ۽ سماڌيءَ جي اوستائن وچ ۾ آهي اوترو تفاوت بي خبريءَ جي مات ۽ سچي سهن شيلتا ۾ آهي؛ اياڻپ جي صبر کان سجاڳي احساس جي چڱي آهي؛ هن نموني ماٺڪري هلڻ سان اسين اهڙي بي پرواهيءَ جي گناهہ کي همٿائڻ جا ڀاڱي ٿيندا سين؛ اهڙي بي پرواهيءَ ڪري جي من ۾ غصو پيدا ٿئي تہ اهو جائز آهي. غصو بہ پنهنجي حد اندر هڪ سٺو اوزار آهي مگر شخصي فائدي لاءِ ڪم آڻڻ ۾ برو نظر اچيٿو. هت شخصي فائدي جو سوال ڪونہ آهــي؛ صبر ۽ غصي پنهين کان ڪم وٺي سگهجيٿو،

هميشه چپ ۾ رهڻ به چڱو نه آهي. اسان جي ملڪ ۾ اهو هڪ غلط خيال ڦهليل آهي ته ساڌو يا فقير وقت جو ويچار نه رکندا آهن. مگر سڀ ويچار رکي ڪري ئي، ڏک پسي ڪري به سهن شيلتا ڌارڻ سو هڪ سٺو گڻ آهي. وقت جي اون نه رکڻ ۽ انجام نه پاڙڻ، سا اسانجي زندگيءَ ۾ هڪ عام ڳالهه ٿي پيئي آهي. اهڙي بي پرواهيءَ کي همتائڻ نه گهرجي، اگرچ دل ۾ ڪو ارمان يا ڏک رکڻو نه آهي.

* * *

٣-١٢-١٩٥٠ع- مون سام کي چيو، ”منهنجي قلم کي شايد طاقت گهٽ آهي جو مونکي لکڻ جو ڪم اهنجو لڳي ٿو. ليڪ ڪيئن ٿجي، سو ڏسيوم.“

جواب ۾ چيائين، ”پارڪر (Parker) پين وٺ!“

اسان سيني کلي ڏنو. ٿوري ، بعد وري چيائين:

”منهنجي قلم کي ته پنهنجو پاڻ مان پاور ملندي آهي مگر مان ان ۾ مس شرڌا جي وجهندو آهيان ، اهڙي جو قلم هٿ ۾ ڪڻ ته پاڻهي پيو هلي! لکڻ جو حرص نه رکي، فقط ساوڌان ٿي ماڻهو پنهنجي دل مان جو آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري ته اندر مان ڪافي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اينديون ؛ ايتري قدر جو پوءِ قلم پوروئي نه پوندو . خيال جي شدي ڪري پوءِ سڀ ڪم شروع ڪجي ؛ بي واسطيدار ٿي پنهنجي من کان سڌو سوال پڇجي ته هن يا هن سوال بابت سچ پچ ڇا چوڻو اٿئي يا ڇو چوڻو اٿئي ؛ پوءِ هو پنهنجي سنهي ۽ سرل آواز ۾ پنهنجون ڳالهيون ٻڌائيندو . جي انهن ۾ ڪي لاڳيدايڪ هجن ته لکجن نه ته هرو ڀرو گهڻي لکڻ سان ڪو مطلب سڌ ٿيڻو ڪونه آهي .“

وڏيڪ هيئن چيائين : ”لکڻ يا ڳالهائڻ جي

طاقت ۽ هڪ عجيب ذات آهي. فرض ڪريو، جي رشي والميڪ رامائڻ جهڙو سندر گرنٿ نه رچي ها يا سکديو سوامي ڪرشن ليلا (ڀاڳوت ۾) نه سڻائي ها ته دنيا هڪ وڏي خزاني کان محروم رهجي وڃي ها. ڪي ساڌو لکڻ ۽ ڳالهائڻ کي گهٽ ڪري سمجهندا آهن مگر لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي طاقت به ٻين اوزارن وانگر آهي؛ جي چڱي ڪم لايو ته چڱو نتيجو نڪري، جي بچڙي ڪم لائجي ته برائي پيدا ٿئي؛ فقط من مان آپو ڪڍي ڇڏڻ گهرجي، پوءِ نه فقط قلم ۽ زبان پاڻهي فصيح ٿيندا، پر جيڪي چئبو يا لکبو تنهن جو نتيجو به عمدو نڪرندو. البت ائين قبول ڪرڻو پوي ٿو ته ڪنهن حد کان پوءِ قلم هڪڙو گهٽ اهميت وارو اوزار نظر اچي ٿو. قلم جي طرز کان وڏي طاقت آهي روحاني رمز جي. ڪجهه سالن کان مان پڻ لکڻ کان عار ڪندو آهيان پر جڏهن خيال ڪٿندو آهي ته ڪنهن حد ۾ اٽڪي نه پوندو آهيان. ڪنهن به شئي جي طرز طريقي ۾ ارادو سچو رکبو ته اهو ضرور ڪامياب ٿيندو."

* * *

پهريائين جڏهن سام ڪجهه چوندو يا لکائيندو آهي ته زبان سان تمام آهستي آهستي اکر اچاريندو آهي. اِن باري ۾ پڇا ڪرڻ تي چيائين: "مان چڱيءَ ڀت ڪنهن جا ويٺو خيال ٻڌان ۽ خبرداريءَ سان رڪارڊ ڪريان؛ ڪوهه ڪوٺڻ وقت تڙ تي پهچڻ سان پهريائين پاڻي البت لڙاٽيو نظر ايندو آهي؛ آهستي آهستي وڏيڪ ڪوٺڻ سان صاف پاڻي نڪرندو آهي؛ سنساري شين مان خيال کي ڇڪي جڏهن من جي اونهن چشمن تي لاهبو آهي ته تڙ جي ڪوٺائيءَ وانگر ڏيمي ڏيمي ڪوڏر جو ڏڪ هڻبو آهي؛ نج خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ اکر آهستي اچاربا آهن ته نفيس ۽ سنهڙا خيال خود پنهنجي آواز

جي گهٽائيءَ ۾ گم ٿي وڃن! خاص ڪري شروع ۾ ائين ٿيندو آهي جيستائين خيال جي ڏي وٺ (Communion) جي تار من جي لڪل ۾ اونهن طبقن سان وڃي لڳي. پر هر ڪنهن جو پنهنجو طريقو آهي. مان فقط پنهنجو طريقو بيان ڪريان ٿو."

* * *

٤-١٢-١٩٥٠ع- سويل صبح جو گهر ۾ ڪيترين ڳالهين گهٽ و ڌ ٿيڻ ڪري پرارٿنا جي نيم ۾ ٿورو وگهن پيو، جنهن تي سام چيو: "سهٽيون عادتون ۽ هن وقت جا سهٽا نيم اسان جي آئينده جي آشرم جا ٿنڀا ٿي سگهن ٿا؛ اُن آشرم جي اڏاوت اسانکي هيئر، هن ڳوناٽي زندگيءَ ۾ ئي شروع ڪرڻ گهرجي؛ جڏهن ڪنهن ياتيءَ يا نوڪر ڪي غفلت ڪرڻ سبب يا صفائي ۽ وقت جي قانون بجا نه آڻڻ سبب واجبي سزا ملي ته ان کي خوشيءَ سان ڀوڳڻ گهرجي؛ سزا مقرر ڪندڙ کي ب ڪوڙي ديا دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. سچي ديا سڀ لاءِ ان ۾ آهي ته سهٽي عادت اُپجي ۽ سچي زندگيءَ جو قانون عمل ۾ اچي! قانون کان سواءِ زندگي قلهڙي ۽ بيڪار آهي جئن هڏن کان سواءِ ماس! تنهن ڪري هر روز اهڙيون ڳالهيون در گذر ڪرڻ تي هري وڃڻ نه گهرجي. ڪنهن وقت ادار چت تي ڪا ڳالهه در گذر ڪرڻ چڱي آهي، پر هميشه گندگي، بي پرواهي يا برائي برداشت ڪرڻ روحاني ضعف جي نشاني آهي."

* * *

٥-١٢-١٩٥٠ع- گهر ۾ نئين چلهه نهرائي سين جنهن تي ماڻهو بيٺڙ ڪم ڪري سگهي. چلهين ۾ اوستو مارنگ اهڙي نموني وجهي ويو جو ديگڙي رکڻ تي ڏنو ويو ته جر پئيان نڪري تي ويئي.

مون چيو: ”نهيو، ٻئي پيري اوستو سڌاري ويندو“.

مگر سام کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ گهر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرن کي سمجهايائين ته ڪانئن جو انهيءَ ۾ زيان ٿئي ٿو جو آگ ڪم اچڻ ڪانسواءِ پنيان اجائي نڪري ٿي وڃي، تنهنڪري ڪجهه سڌارو ڪرڻ گهرجي.

ڇوڪرن کي اها ڳالهه خسيس ۽ ذرا نئين ٿي لڳي. تنهن تي سام کين يورپ جي ماڻهن جو سهڻو مثال ٻڌايو: ”هو سڀ ڪنهن شيءِ کان پورو ڪم وٺندا آهن، يا ڇين جا پن، گوبين جون مٿيون کلون وغيره جيڪي اسين بيڪار ڄاڻي ڦٽي ڪندا آهيون، تن سان هو پيون شيون ملائي شورو (Soup) ناهيندا آهن، سندن چلهين ۾ به اهڙي رٿ رکيل هوندي آهي جو باهه جي گرمائش سموري ڪم اچي سگهي، چلهين جي وچ ۾ تنگ رکندا آهن جيئن وڌيڪ گرمائش بين خانن ۾ وڃي پاڻي کوسي ڪرڻ جو ڪم ڏئي ۽ ائي اڏامي نه وڃي“.

سام چيو، ”هي خسيس ڳالهيون ڪري سمجهڻ نه گهرجن. ٻه هي بنيادي ڳالهيون آهن جن تي گهرو ۽ قومي زندگيءَ جي اوت بدل رهي ٿي. ترقيءَ جي شروعات انهن سنهين ڳالهين ۾ آ، ائين نه سمجهو ته هي منهنجو هڪ سودائي خيال آهي، مگر مر انهن ڳالهين تي گهڻو ويچار ڪيو آهي، ملڪ جي پنتي پوڻ جو ڪارڻ اهو آهي جو اسانجي گهرو زندگي نيڪ نه آهي. گهر جي آسودگي ۽ صحت جو مدار انهن سنهن سنهين ڳالهين تي آهي ۽ قوم جي طاقت جو بنياد گهرو زندگي آهي. دنيا جي ڪيترن وڏن ماڻهن جا مثال ڏئي سگهجن ٿا، جن قناعت جي اصول تي زور ڏنو آهي.“

ان کان پوءِ مهاتما گانڌيءَ جي جيون مان هڪڙو سهڻو مثال پنهنجي هڪ دوست جو بيان ڪيل ٻڌايائين: ”مهاتما گانڌي سابرمتي آشرم ڇڏڻ بعد هڪڙي ڳوٺ ۾ اچي رهيو، سندس رهڻ

واري جاءِ جي ٻاهران اچ وڃ واري رستي تي برسات سبب گندگي ۽ پوسل ٿي پيئي. هنکي اها ڳالهه نه وڻي، مگر ٻئي ڪنهن کي حڪم ڪري رستو پڪو ڪرائي ڇڏڻ سو ڪيس ٺيڪ نه لڳو؛ ڇا لاءِ جو اهو هڪ دنيا داريءَ جو اپاءُ ٿئي ها ۽ عام ماڻهن جي لاءِ مثال نه بڻي ها. تنهنڪري هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو روزاني تفريح ڪانپوءِ، جيئن گهر تي موٽيو ته وات تان ننڍا پٿر جهول ۾ وجهندو آيو. ساڻس گڏ گهمندڙن کي عجب لڳو، مگر هن ڪجهه جي خبر تڏهين پيس جڏهين گهر وٽ پهچي انهن پٿرن سان هن چڪڙ واري رستي جي هڪ ننڍڙي ڪنڊ پڪي بڻائي ڇڏي. ان ڪانپوءِ ساڻس گڏ گهمندڙن پڻ ساڳيو نيم اختيار ڪيو ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ اهو رستو ڳپ ڪان آجو ٿي پيو. هي خود ڀاوريءَ جو مثال ڏسي ڳوٺ وارن ماڻهن يا آشرم نواسين تي ڪيڏو نه اثر ٿيو هوندو!

”قناعت فقيريءَ جو هڪ مول منتو آهي. ڪا به آدرشي زندگي قناعت ڪانسواءِ برپا ٿي نه سگهندي. جي گهٽي ڀرسي خرچڻ سان ڪا آشرم اڏي به سگهياسين ته اها ڪارگر نه ٿيندي ۽ جٽاءُ نه ڪندي. محنت انسان جو وڏي ۾ وڏو خزانو آهي ۽ جي ساڻس محبت ملايو ته ڪابه منزل دور نه آهي.“

* * * * *

٦-١٢-١٩٥٠ع — سام کي ٿورو مليريا جو بخار هو. تنهن ڪان اڳه هن چيو ته، ته ڪئنينائين جهڙيءَ شيءِ جي چٽڪ منهنجي معدي ۽ زبان کي طلب ٿي رهي. اسان کي ان ڳالهه تي ٿورو عجب لڳو، ڇا لاءِ جو ڪئنينائين هڪ ڪڙي دوا آهي، ان جي طلب زبان کي ڪيئن ٿي سگهي ٿي! ان بابت پڇا ڪرڻ تي چيائين: ”جيئن ڪي جانور بد هاضمي ڪانپوءِ مٽي کائيندا آهن جا هن جي آنڊي کي ٺاريندي آهي، يا گهوڙا لوڻ جي ڪارڻ ڳوڙهن کي پاڻهي پيا چٽيندا آهن جڏهن هنن جي معدي کي اهڙي گهرج ٿيندي آهي، تئين انسان به جيڪڏهن پنهنجي پلائيندڙ خواهشن تي نه هلي

۽ پنهنجون ذاتي گهرجون چڱيءَ طرح سمجهي ته هن جون سچيون چاهنائون خود هن جي مرضن جو علاج ٿي پون. مگر اسانجي زندگي اڄ مصنوعي ۽ اچاتري ٿي پئي آهي ۽ اسانکي پنهنجن سچين گهرجن ۽ کوڙين خواهشن جي وچ ۾ تفاوت ڄاڻڻ جي ٻوجهه نه رهي آهي، جنهنڪري وڏيون بيماريون پيدا ٿيون آهن ۽ اٿرن ڊاڪٽرن جي ضرورت پوڻي. نه رڳو جسماني مرض پنهنجي بدن جي گهرجن صحيح سمجهڻ سان ٺاري سگهجن ٿا مگر اندروني يعني من جا مسئلا پڻ پنهنجي واجبي خواهشن ۽ سچين چاهنائن جي پوري ڪرڻ سان حل ڪري سگهجن ٿا. مان سمجهان ٿو ته جيترو انسان ٻيروني دنيا ۾ پاڻ پتوڙي ٿو اوترو يا ان جو ڪجهه حصو ئي اندروني جيوت جي سنوار ۾ لڳائي ته انسان جي جيوت ٻي مرض ۽ پوتر ٿي پوي ۽ سندس هر خواهش آتمڪ انتيءَ جو ڪارڻ ٿي پوي. پر اسين اجايون سجاين ڪمن ۾ ٻين ڪان پرايل عادتن جي پنيان لڳڻ ۾ ۽ ڪوڙن سڪن جي ماڻڻ ۾ پنهنجي طاقت وڃايون ٿا: پنهنجي سچي خيال تي ڪين ٿا هلون جنهنڪري خود پنهنجي گهرجن کي سمجهي نٿا سگهون. جيڪو اسانجي اندر ۾ سچو خزانو خيال ۽ احساس جو آهي، جنهن منجهان سمورو گيان ۽ وگيان پيدا ٿئي ٿو، ان جي فائدي حاصل ڪرڻ کان محروم ٿا رهون ۽ حياتيءَ ۾ ڪيترا هترادو مسئلا پيدا ڪري ٿا ڇڏيون.

* * * * *

گهرو ڪمن جي نيم جو سام کي گهڻو خيال رهندو آهي. جيڪي ڪم خاص ڪري سندس حوالي هوندا آهن، انهن جي هو اٿين ٿنا ڪندو آهي جڏهن ڪو ڏرمي نيم ٻورو ڪرڻو اٿس، اهي ڪم نوڪر به ڪري ٿا سگهن، تنهنڪري مون کيس چيو: ”توهان پنهنجو اسولڪو وقت نه وڃايو. ٻيا ڪن؛ ٿورو گهٽ وڌ ڪيائون ته ڇا آهي؟“

سام چيو: ”طبيب ۾ زمينداري ۽ راجوٽا ڪم گهٽا هوندا هئا؛

آهي ڪم مونکي ڏرمي نيم وانگر پالــــن ڪرڻا پوندا هئا. هينئر لاڙڪاڻي ۾ انهن جي پيٽ ۾ هي ننڍڙا ڪم گهرو سنڀال جا فقط ڪرڻا ٿا پون، پر انهن جو پالن ڪـرڻ مان ساڳيوئـي ڌرم سمجهانٿو. نيم جي پالنا ڪرڻ سان جيڪو فيض رسـي ٿو سو ڪم جي ننڍائيءَ يا وڏائيءَ تي يا مالي نقطهٔ نگاه ڪان جيڪ انجي اهميت هجي انتي مدار نٿو رکي؛ بلڪ انهيءَ جـي چڱي نموني پالن ڪرڻ سان ئي ملي ٿو. ننڍي ۾ ننڍو ڪم ڪـو به رواجي انسان اگر پاڻ تي هموار ڪري ۽ ايمانداريءَ سان پورو ڪري ته انهيءَ جو فيض سندس روح کي ايتروئي رسندو جيترو دنيا جي وڏي ۾ وڏي حڪمران کي سندس مکيه ڪـاروباري ڪمن مان رسي سگهي ٿو. چالاءِ جو فيض رسائي ايمانداريءَ ۽ شد ڀاونا منجهان آهي ۽ نه ڪم جي ننڍائي ۽ وڏائي منجهان. ڪم جي نتيجي جو مالڪ ايشور پاڻ آهي. هن جـــي نظرن ۾ وڏن ۽ ننڍن ڪمن جو ڀلا ڪيترو تفاوت ٿي سگهي ٿو؟

* * *

ڏکر جي چوٽيءَ تان يا هوائي جهاز مان ڏسندڙ ماڻهوءَ کي ننڍي يا وڏي قد واري شين جي وچ ۾ تفاوت بنهه ڪـو نظر اچي ٿو. پرماتما جيڪو شاهن جـو شاه آهي، تنهن جي نظر ۾ اسانجي ننڍي يا وڏي ڪم جو ڪوبه فرق نه آهي. نه رکو ايترو پر حق جي تارازيءَ کي وزن جا وٽ ٿيڻئي ڪونه. البت انکي گڻ يا وصف جي خاصي خبر رهيئي. موتائي ته مڻ، جي اکهائي ته ماسو به اکهي وڃي! ڪبير هڪ ڪوري هو؛ راما نند موچي جي گهر جنم ورتو؛ سدنو ڪاسائي هو؛ مگر انهن جـي مهه سندن آتما جي اوچ پدويءَ ۾ هئي ۽ نه وڏن ڪمن ڪـرڻ ۾. تنهن ڪري ننڍي يا وڏي ڪم کي نه ڏسي انسان حياتيءَ جـي هر طبقي ۾ ايمانداري ۽ اوچ آدرش سان رهي. انجي زندگيءَ جو

نتيجو شايد ظاهر ۾ گهٽو نہ ڏيکار جي، مگر اهڙي انسان جا اثر اونها ٿين ٿا ۽ جن شين يا جن جيئن سان سندس واهپو رهيٿو، انهن جي مٿان سندس عاليٰ شخصيت جو پڪو رنگ چڙهي وڃيٿو. اخبارن جي ذريعي مشهوري يا ماڻهن جي واهہ واهہ جي اهڙيانسان کي تمنا رکڻ نہ گهرجي. هو گوشي نشين ٿي پنهنجي زندگي پل نہ کنهن ننيڙي دائري ۾ گذاري؛ دنيا جي تختي تان پل نہ اڻ پڌو، اڻ ڏٺو متجي وڃي، تڏهن بہ سندس ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ جو اثر ڪٿي، کنهن اڪيلي انسان جي دل ۾ زنده رهي، ڪنهن وقت، سندس مٿي پچاٺان خوشبوءِ جو ڪو خزانو کولي سگهيٿو. هن جو پورهيو هرگز اجايو نہ ويندو. اهو پلائيءَ جي واٽ وارن جو ايمان آهي. اهو اسانجو عقيدو ۽ سچو مذهب ٿيڻ گهرجي. ايماندار ٿـي رهڻ ۽ مالڪ جي سچي نوڪر وانگر ٿي هلڻ، ۽ جيڪو بہ ڪم هو سونپي انهيءَ کي سچائيءَ سان چهٽي وڃڻ، — زندگيءَ ۾ ان کان اتم موکشہ جو ڪوبہ مارگ ڪونہ آهي. جيترو جيئرو رهبو تيترو ڪرم کان منهن موڙي نہ سگهبو. هي بہ ڪم انهيءَ جا، پيا بہ انهيءَ جا؛ جو ڪم ملي سو خوشيءَ سان ڪبو".

* * *

نيمن جي ٻاري ۾ وڏيڪ ذڪر ڪندي سام چيو: "ڪو اصول مقرر ڪجي تہ انهيءَ کي پوري آزمائش ڪانسواءِ ڇڏي ڪين ڏجي، ڇا لاءِ جو اصول يا نيم جي چڱائيءَ ۽ برائيءَ جي خبر آزمائش ڪانپوءِ ئي پئجي سگهي ٿي.

ٿوري تڪليف ڏسي تڪڙ ۾ پنهنجو اصول ڇڏي ڏيڻ وارو انسان پنهنجي زندگي سڦل ڪري ڪين سگهندو. پل تہ لوڪ نندا ڪن يا اسانکي چريو چون، پر جيڪڏهن اسان پنهنجو آدرش ايمانداريءَ مٿان چونديو آهي تہ انهن جي پچار جو اثر اسان تي پوڻ نہ گهرجي. ايمانداريءَ ۽ محڪم ارادي وارو ماڻهو آخر عالم جي راين تي فتح

پاڻي ٿو. دنيا جي پيغمبرن ۽ قوم پرستن جا اهڙا مثال اسانجي اڳيان آهن. پر جيڪڏهن خاطري ٿئي ته اسان جو اصول يا رستو نيڪ نه آهي، ته پنهنجي سڄي عمر جي محنت پڻ رد ڪري ان اصول کان منهن موڙڻ گهرجي. مون اڪثر ائين به ڏٺو آهي ته ايمانداريءَ سان اختيار ڪيل نيم شروع ۾ اگرچ ڪچو تڏهن به سائين جي مهر سان پڪو ۽ لاڀ دايڪ بڻي پوي ٿو. پنهنجن سچن ڀڳتن جي راهه پريو پاڻ اچي صاف ڪندو آهي. سندن اوگڻ معاف ڪري انهن مان گڻ پيدا ڪندو آهي. پر هيءَ هڪڙي اندروني تجربي جي ڳالهه آهي جنهن جي اڪري ثابتي ڏيڻ اهنجي آهي."

* * *

٧-١٢-١٩٥٠ع- مونکي دل ۾ ڪجهه سور هيو؛ طبيعت ٺيڪ نٿي سمجهيم؛ پنهنجي هميشه جي ريت موجب سام جي هٿن جي ڪا شيءَ، رومال وغيره ٿي ڳوليم ته انهيءَ سور واري جڳهه تي گهمايان ته جٿن راحت مليم. هڪ ڪم آندل رومال هٿ آيم جو اتي گهمائي پوءِ پيشانيءَ سان لڳايم. سام انهيءَ ڳالهه تي هميشه وانگر گهڻو ناراض ٿيو ۽ چيائين: "ڊاڪٽر ٿي ڪري ڪابه ڪم آندل شيءَ ڪيئن ٿي پنهنجي جان سان لڳائين؟ منجهس بيماريءَ جا جيوڙا ٿي سگهن ٿا. انهيءَ ڳالهه کي مان هرگز نٿو پسند ڪريان."

مگر مونکي جو راحت ملي، تنهن ڪري مون وري به ائين ڪيو ۽ چيم:"مان انهيءَ ڳالهه کان اصل ڪون مڙندس." پوءِ گرڊاريءَ * جي متان ساڳيو رومال رکي کانئس پڇيم ته پائي ڏس، توکي به راحت ملي ٿي يا نه؟"

---

* نوٽ :- ڇوڪرو جيڪو اٺن (٨) سالن جي عمر کان وٺي اسان سان رهندو آهي ۽ پنهنجا مٽ مائٽ ڇڏي آيو آهي.

سام آخر ڪاوڙ چڙي مشڪي ڏنو ۽ چيائين: ”توهان جو عقيدو ئي توهانکي ڪٽائي ٿو. اها راحت ۽ خوشبوءِ توهان جي آتما ۾ آهي ۽ نه منهنجي هٿن پيرن يا ڪرن ۾. پريتم جي ڪا به شيءِ پياري لڳندي آهي؛ ان جي وسيلي پريتم جو پيار دل ۾ وڌي ٿو. جهڙي طرح ڪنهن تيرٿ تي وڃجي ۽ انهيءَ آستان تي ايشور جي رچ ل ليلا ياد ڪرڻ سان دل ۾ امنگ اٿن، يا ڪنهن پريميءَ ۽ پوڄ انسان جي ڏنل سوکڙي ڏسي سندس سڪ وڌي، تهڙيءَ طرح هيءُ پراڻي اگڙي به ڪو امنگ اٿاري سگهي ٿي. مگر تنهن هوندي به مان ائين پسند نه ڪندو آهيان ته ساڌن يا فقيرن جي عام ماڻهو پوڄا ڪن، يا انهن جا چرن چهن، ڇا لاءِ جو انهيءَ مان جيڪو ڪن ٿورن اٿل پٿلتيءَ وارن کي فائدو رسي ٿو سگهي تنهن کان وڏيڪ عام پريمي ماڻهن کي، جيڪي عادت طور اهڙي هلت ڪن ٿا، نقصان رسي ٿو. تنهن ڪري پين جي ڀلي لاءِ توهان به اها ريت ڇڏي ڏيو.“

* * *

ساڳي وشيءَ تي وڌيڪ ويچار ڪندي سام چيو: ”گذريل رات سنڌيا جي وقت کان اڳ تو پنهنجي ڏينهن جي ڪمائيءَ جا پئسا مون وٽ آندا هئا، جي مون ان وقت ٻاهر رکي ڇڏيا. سنڌيا جو وقت اچي رهيو هو ۽ سچ لئي کانپوءِ خاص ڪري پئسي جهڙي شيءِ کي هٿ لائڻ نٿي وڻيو مگر سنڌيا کانپوءِ اوچتوئي هي خيال آيو ته اهي پئسا منوءَ جي هٿن جو پورهيو آهن؛ متان اتي گم ٿي وڃن! تنهن ڪري گهٽي شرڌا سان وري کڻي متن پيار مان هٿ گهمايم؛ پوءِ ڪپٽ ۾ ٺاهي رکيم. جيڪا شيءِ رواجي طرح ميري ۽ خيال کي اڻ وڻندڙ ٿي لڳي، خاص طور سنڌيا جي مهل، سا دل جي شرڌا سان ايتري پياري ۽ پوتر ٿي پئي جو نه رڳو سانڍي رکيم پر پيار مان متس هٿ به گهمايم! اهڙي طرح تنهنجو هڪ اڳيون رومال به مونوٽ آهي ۽ ڪي ٿوريون شيون منهنجي ٻارن

۽ دوستن جون به مونوت سانديي رکيل آهن؛ اهي سندن مالي مله جي ڪري نه، مگر ڪنهن ياد يا پريم جي ڪري املوڪ آهن. ان مان ثابت آهي ته امنگ ۽ احساس انسان جي سچي دنيا آهي؛ احساس جيوت جو هڪ خزانو آهي ۽ گيان جو دروازو آهي. ان جي صفائي ۽ سينگار ۾ انسان جو اڌار آهي. پريم احساس جي شديءَ لاءِ سڀ کان اتم اپاءُ آهي پر تنهن هوندي به ڪنهن شخصي، ڪم آندل شيءِ کي سر سان لڳائڻ جي ڳالهه مونکي نيڪ نٿي لڳي؛ اها ڳالهه گويا عقل ۽ ويچار کي ڏڏڪو ڏيڻ تي چڙي."

* * *

٩-١٢-١٩٥٠ "جن شين سان پريم شامل ٿئي ٿو، سي وري پريم کي وڌائين ٿيون ۽ جن شين سان اگيان يا نفس شامل ٿئي ٿو، انهن جي صحبت اگيان کي وڌائي ٿي." اها سمجهاڻي سام مونکي ڪالهه چٽيءَ طرح ڏرشتانت سان ڏني. هيٺئن ٿيو جو اسانوٽ رهنڌڙن چوڪرن مان هڪڙي جو فوٽو سندس هٿ آيو جنهن ۾ هو پيڙي وات ۾ وجهي هڪڙي ٻاهرين رولو چوڪري جي سنگت ۾ بيٺو آهي. سام اهو فوٽو مونکي ڏيکاريو ۽ چيائين ته ڏس هن مان ظاهر آهي ته هنجو لاڙو اهڙيءَ سنگت ڏانهن اڃا اينرو ته آهي جو هي فوٽو ڏسي هو خوش ٿئي ٿو. هن فوٽي ۾ هو نه فقط پيڙيون چڪي رهيو آهي يا واهيات نموني ۾ بيٺو آهي پر دل جي خوشيءَ مان انهيءَ واقعي جو ٻيهي نقش چترائي ٿو، يعني انهيءَ صحبت ۾ فخر رکي ٿو."

اهو فوٽو چوڪري انوقت واپس گهريو. سام ڪيس چيو ته اهو ڪنهن کي ڏيکارڻ به چڱو نه آهي، تنهنڪري ڦاڙي ڇڏڻ گهرجي. تڏهن فوٽو مون وٽي ڦاڙ وٽ رکي ڇڏيو جنهن تي سام چيو: "تو شايد اهو خيال ڪيو ته اهڙي شيءَ جنهن تي ريهو يا به خرچ ٿيو سا ناحق ڇو ڦاڙي وڃي. مگر برائيءَ کي ناس ڪرڻ لاءِ اسانکي همت

هٿ گهرجي. جنهن شيء سان بروخيال شامل آهي سا ڪيتري به قيمتي يا هنر سان ٺهيل هجي ته به ان مان چڱائي پيدا ڪونه ٿيندي. بچڙي ارادي سان سنيو ٺشيون شامل ٿي بچڙائي جوڪارڻ بڻجيو پون."

پوء مهاتما گانڌيء جو هڪ مثال ٻڌايائين: "مسز گانڌيء کي پنهنجي زيورن سان بيحد موهه رهندو هو. مهاتما گانڌي انکي زيورن جي موهه کان ڇڏائڻ ٿي گهريو؛ مگر اهو زنانو موهه اهنجو ٿو ڇڏجي؛ آخر چون ٿا ته جهاز جي مسافري ڪندي مهاتما گانڌي اهو گهڻن جو ڊبلو ڪٺي سرن درياهه ڪيو، ڇاڪاڻ جو اهو خود موهه جي هڪ جڙ بڻجي پيو هو. اهڙي ريت سلطان محمود غزنوي پنهنجي خيال موجب سومنات جو مندر ڊهرائي پنهنجي آدرش جو ثبوت ڏنو، اگرچ انهيء کان وڌيڪ اوچو پيو هڪ آدرش هو جنهن جو قرآن شريف ۾ خود ذڪر ٿيل آهي، ـ اهو ته تنهنجو مذهب تو تاء ۽ اسانجو اسان تاء. پر محمود چيو: "مان بتن جو وڪڻندڙ ڪونه آهيان، مگر ٽوڙيندڙ آهيان!" هنکي لکين روپيا آڇيا ويا مگر هن پنهنجي اصول جو ملهه پئسن کان وڌيڪ سمجهيو. بتن ٽوڙڻ واري اصول جي مان پنيرائي نٿو ڪريان، مگر سندس اصول جي پڪائي جو فقط ذڪر ٿو ڪريان. اهڙي طرح قطع ـ تعلقات جي هلچل وقت وديشي ڪپڙن جي جلائڻ (Bonfire) جو مثال پڻ اسانجي اڳيان آهي. انساني هٿن جي پاڪ ۽ نازڪ پورهئي کي هندستان جي آزادي جي آهوتيء ۾ جلايو ٿي ويو! حقيقت ڪري ڪپڙي جي جلائڻ جي ضرورت نه هئي، پر ڪپڙن سان گڏ يا ڇڱجي ڪئي ته ڪپڙن جي لباس ۾ وديشي خيال اينرو ته لڪل هو جو سندس بوتي جي جلائڻ جي ضرورت سمجهي ويئي. جيتوڻيڪ مون پاڻ پنهنجي شڪتيء آهر ان خيال جي برخلافي ڪئي هئي، ڇا لاء جو هڪ غريب اڳهاڙي ديش لاء اهو غلط قدم هو ۽ سمدرشتيء وارن جي نگاهه کان پڻ هڪ تنگ خياليء جو مثال هو، تڏهن به انوقت جي

مرض لاءِ مهاتما گانڌيءَ کي اهو هڪ صاف ۽ سڌو رستو نظر آيو. سمدرشتيءَ وارن لاءِ ڪابہ شيءِ وديشي نہ آهي. مگر قوم پرستن کي هندستان جي جيوت ۾ وديشيپڻي جو ذرو بہ قومي غلاميءَ جو ڪارڻ ٿي لڳو. جيئن ڪنهن جاءِ جي اڏيندڙ کي اڏاوت لاءِ پڌر صاف ڪرڻو پوي ٿو، تيئن هڪ ڪرم يوگيءَ کي پنهنجي رستي صاف ڪرڻ لاءِ ڪڏهن شوشڪتيءَ مان يعني نـاس ڪرڻ واري طاقت مان ڪم وٺڻو پوي ٿو. خاص ڪري هن حالت ۾ تہ ان ڳالهہ بنسبت ڪو شڪ ئي ڪو نہ آهي. هي فوٽو ڪاڪارگر شيءَ ڪونہ آهي. تنهنڪري هن چوڪري کي پاڻ اهو ناس ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اهڙي صحبت ڪيس ياد بہ نہ رهي."

* * *

اسانجي ننيڙي دنيا ڪهڙي نہ سندر آهي! اسانجي نماڻي جيون ۽ اسانجي ننيڙن ڪمن مان اسانجو سام خيال جي مانڊائيءَ سان ڪهڙي نہ گيان جي ملائي ۽ مکڻ ڪڍي پيو ڏئي! هي رام، تنهنجا اسين بار بار شڪرانا مڃون ٿا. سچ پچ وڏي ادمبر وارن ڪمن ڪارين ۾ ڪڏهين انسان جو من مد ۾ پرجي وڃي ٿو. هن نماڻي ڳوناڻي جيوت ۾ بہ اسان سان ڀڳوان پنهنجي ڀلائي ڪري ٿو. هن ڪان اڳي ڏکين وقتن ۾ پڻ ائين ئي چوندا هئاسون: " جو تڏ ڀاوي سائي ڀلي ڪار!" اي سائين اسان تہ تنهنجا ننيڙا جيتامڙا جيءَ آهيون. اسان وٽ ڪي وڏا ڪم ڪاريون ڪين آهن. تون پنهنجي راهہ ۾ هلڻ جي اسانکي همت ڏئي! دنيا ۾ ڀل اسانکي اجا بہ وڏيڪ ننيڙو بڻاءِ، هئڻ ۽ هستي اسانجي متاءِ؛ فقط پريم پنهنجو دان ڏي اسانکي؛ جيئن هڪ ڦڙو ساگر ۾ سمائجي وڃي تيئن هي ننيڙي جيون اسانجي شل تو ۾ سمائجي وڃي! اسين پنهنجي ننڍائيءَ ۾ نهال آهيون. آسيس ڪر هي سائين، جيئن تنهنجي پريم بنا ٻي ڪا تمنا دل ۾ نہ رهي! ڪم اهو ڀلو جنهن ۾ تنهنجو پريم ملي.

١٠-١٢-١٩٥٠ع - احساس جي وشيءِ تي وڏيڪ ويچار ڪندي سام چيو: ”احساس ڪان وڏيڪ اتم خزانو پيو آهي. احساس انساني جيوت جي پهرين پرڀه واري روشني مثل آهي. پريم ان جي ڪماليت آهي . احساس جو رستو گيان جي طرف رجوع آهي، مگر پريم ۾ گيان خود سمايل رهي ٿو. پريمي پنهنجي پريم جي ذريعي منزل مقصود سان گويا مليل رهي ٿو. احساس فقط معلومات ڪرڻ جي شڪتي آهي. مگر پريم ان ۾ مطلب يعني معنيٰ وجهي ٿو. احساس تصوير جو اڇو پڙدو آهي؛ پريم انهيءَ جي چٽسالي آهي، جنهن جي ذريعي صورت خود ظاهر ٿئي ٿي. خالي اڇو پڙدو بيڪار آهي جيستائين ان کي پريم جي پرڪارسان تصوير نه ٿي کينچجي . احساس گيان ڪمائي ٿو يعني هتان هتان ڪٺو ڪري ٿو، پريم گيان کي پاڻان پائي ٿو! گيان جڏهن ڪامل ٿئي ٿو تڏهن نه رکو من مقصد پنهنجو ڏسي ٿو پر پنهنجي مطلوب سان هڪ ٿي وڃي ٿو؛ گيان تڏهن عشق تي پوي ٿو، جنهن جي محسوسات جو دارو مدار اندرين يا من جي عقلي هلچل تي نه بر ڪنهن الهامي اعلان يا انتر گيان تي رهي ٿو. جسماني دائري ۾ خواهشن جو راڄ آهي. جذباتي دائري ۾ احساس جو رنگ آهي. مگر مانسڪ يا دماغي دائري ۾ گيان اتم چيز آهي. روحاني يعني آتمڪ دائري ۾ فقط پريم ۽ آنند جو واسو آهي.

”سچو پريم جيڪو پاڻ ۾ پرپور آهي، انکي ديا آهي پر ديا جو ڏيک نه آهي. ڪنهن سان ظاهري پنهنجائي رکڻ يا خاص سڪ ۽ رغبت جو نمونو اختيار ڪرڻ سو ڪڏهن پڳتن کي وڻي ٿو نه ڪڏهين وري هو سڀ ڪان الڳ الڳ نظر اچن ٿا. مگر چپ چپ ۾ رهندي به هو ديا ڀاو سان پرپور رهن ٿا. ديا ڀاو گويا پريم سان مليل ئي آهي، جنهن جي ثابتي پريمين جي سنگ مان ملي ٿي. پريمي پرش جي ويجهي اچڻ تي ديا جي ڇٽڪ جر پئي اچي. ظاهر ۾ ڀڳت جن ڪڏهين اداس ۽ بي پرواهه لڳندا آهن مگر اها ڏسڻ

وارن جي سمجهه جي گهٽتائي آهي؛ هو احساس رهت هرگز نه آهن؛ ديا- پريم سان ڀريل ۽ ڀرپور آهن جو ان جي مزي ۾ سدا مگهن آهن ۽ انهيءَ جو اظهار فقط مات ۾ ڪري سگهن ٿا يا چئجي ڪٿي ته پاڻ خود انهيءَ جي اظهار جو هڪ نمونو آهن، ڇا لاءِ جو پريم آنند روپي آهي. مگر اهو آنند چت ۾ پاونا رهت نه آهي. احساس يا انيو، چت ۾ گيان يا سمجهه ۾ علم انجي اتم جوڙ جا جزا آهن."

وڌيڪ هن باري ۾ سام چيو: "اکرن جي رستي سمجهاڻي فقط ايتري ملي ٿي. زياده پنهنجي سمجهه سان پرائي سگهجي ٿو. آتما جو خزانو اکٽ آهي. ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ کان وڌيڪ اتم رستو ڏسڻ يعني درشن پائڻ جو آهي. مگر ڏسڻ کان ٻه وڌيڪ آهي "ٿيڻ"، - مطلوب سان هڪ ٿي وڃڻ! جا شيءِ اسين ڏسون ٿا يا جنهنجو انيو ڪيون ٿا، اها ڪجهه قدر اسين پاڻ ٿي ٻه وڃون ٿا. نه رڳو ايترو پر جيتري قدر اسين اها شيءِ ٿيون ٿا، اوتري قدرئي فقط ڪنهن شيءِ جي سچي ڄاڻ يا سمجهه رکون ٿا! ان نموني حقيقت ڪري ڏسڻ ۽ ٿيڻ وجودي هاچل جا ٻه چيڙا آهن. پر ٿيڻ يعني هڪ ٿي وڃڻ گيان جي چوٽي آهي ۽ ڏسڻ شروعات وارو چيڙو آهي.

" هن ديش جي رشين جي اها هڪ نرالي وات هئي ۽ آهي ته نه فقط الله جو آواز ٻڌون يا سندس درشن پايون، پر ان ۾ خود سمائجي وڃون، يعني ايشوري پدويءَ کي پاڻ پهچون. ٻين اکرن ۾ ته پاڻ الله ٿيون! آتما جي ياترا جو انت فقط پرماتما ٿي سگهي ٿو! "

* * *

۲۳-۱۲-۱۹۵۰ع - سنڌ يا جي ڏيان ڪانپوءِ گهڻو ڪري سام جي اڳيان وچي سکمني يا ٻيو ڪجهه پڙهندا آهيون. ڪڏهن پاٺ يا پڇن ڪري نه سگهندا آهيون ته گهٽ ۾ گهٽ پريم سان گهر جا ياتي نوڪر وغيره سام جي ڪمري ۾ اچي ملندا آهيون. جيئن

صبح جو ننڍ مان اٿي رام رام چوڻ سان هڪ ٻئي کي ڪيڪاربو آهي يا انگريز "گڊ مارننگ" چوندا آهن ۽ ٻيون قومون ڪي ٻيا لفظ استعمال ڪنديون آهن، ـ جن سان ننڍين ڏينهن لاءِ گويا سٺي شروعات ڪئي ويندي آهي ـ، تيئن سنڌيا ڪان پوءِ، جڏهن من پريم جي ڀاو سان پرپور رهي ٿو، هڪ ٻئي سان وندنا ڪري جڻڪ اسين نئون جيون شروع ڪندا آهيون؛ ائين سمجهندا آهيون ته هڪ دنيا کان نڪري هاڻي ٻيءَ ڏانهن وڃي رهيا آهيون؛ محنت ۽ پريشانيءَ واري ڪيتر مان نڪري پنهنجي آتما جي آکيري ڏانهن موٽي رهيا آهيون. انوقت جو مزو نرالو آهي. مان ته گهڻو ڪري ٻريئر روم جي ڪنڊ ۾ سوڙهي ٿي، ڪجهه دير تائين مان ۾ ويٺي رهندي آهيان ۽ ائين سمجهندي آهيان تہ اها مان جڻڪ منهنجي خود آتما تائين پهچي وڃي ٿي؛ ان گهڙيءَ جو سک سرڳ جي سکن کان وڌيڪ ڀائيندي آهيان.

مگر اڄ گهرو ڪمن سبب مان سنڌيا جي وقت تي پهچي نہ سگهيس ۽ جڏهن سام مونکان انهيءَ بابت پڇيو، تڏهن پاڻ انکي الٽو جواب ڏنم. دل ۾ انهيءَ موقع وڃائڻ جو ڪو لڪل ارمان هو جنهن ڪري مٿو نہ گهالهايم. سام چيو: "تنهنجي خفي ٿيڻ جو سبب اهو آهي جو توکي پنهنجي آتمڪ خوراڪ اڄ نہ ملي؛ ان ڪري ڪجهه ڪني ٿي پيئي آهين. سنساري ڪم جڏهن منهن ۾ اچن ٿا، تڏهين انهن جي وڏي ضرورت نظر اچيتي؛ اهي طرحين طرحين غرضن جا پوش پهري اچن ٿا، جنهنڪري سچو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪيو وٺن، پر پوءِ جڏهن ويچار ڪجي ٿو تہ آتمڪ اپياس ۽ دل جي آنند جي ڀيٽ ۾ اهي تمام تڇ نظر اچن ٿا؛ ڪن کي تہ عمر لاءِ، جئن توکي اڄ لاءِ، ارمان رهجي وڃي ٿو تہ هَيْ! جو وقت اجايو هليو ويو؛ اسان ڪجهه ڪين ڪيو!"

سام وڏيڪ چيو:” انهن ڪمن مان جيڪو لاڀ پيدا ٿئي ٿو سو جي دل جي تارازي ۾ ان وچايل نعمت سان توري ڏسبو ته اهو ڪجهه به نظر نه ايندو. تنهن ڪري ڪجهه وقت ڪم ڪاريون بند ڪري سنگ ۾ اچڻ يا الڳ ٿي ڌيان ۾ ويهڻ سو اجايو وقت وڃائڻو نه آهي. حضرت محمد (صلي الله عليه وسلم) جن ڪي پنجن وقتن تي نماز پڙهائڻ جو طريقو مان سمجهان ٿو ان ڪري وٺيو هوندو جو انسان لاءِ بار بار پاڻ جهلي، پنهنجي خيال جا جزا ڪٺا ڪري پڪڙي گڏ ڪري، پاڻ ۾ يڪوجودي آڻڻ ضروري آهي. اها خبر پڻ تڏهن پوندي ته ڪهڙي ڪم جو ڪيترو ملهه آهي جڏهن خيال جي يڪوجودي حاصل ڪبي. ڪمن ڪارين جو خود مطلب اهو آهي ته آتما جسم جي سوڙهي پڃري کان ٻاهر نڪري؛ ڪمن ۾ هٺ وجهڻ انسان جي آتما لاءِ آزادي ڳولڻ يا پورنتا لاءِ جهاتيون پائڻ جي برابر آهي؛ انهن ڪرمن دوارا آزمودا پرائي آتما خود پرماتما لاءِ واجهه وجهي ٿي. مگر هڪ لحظي پريم جي ۾ اهو سارو فائدو ملي سگهي ٿو جو جنمن جي ڪرمن مان ملي سگهي. سڀ گيان پر پوءِ جي پريم اندر اچي وڃن ٿا. سڀ حاصلات ان آنند ۾ سمايل آهن. ڪرم ۽ ڪشالي جو مقصد به انهيءَ گيان جي پراپتي آهي يا صوفين جي ٻوليءَ ۾ چئجي ته ان يار جو ريجهائڻ آهي.“

* * *

ان بابت وڏيڪ سمجهاڻي ڏيندي، سام چيو:” مان اهو ساڌوپڻو يا سنياس توهان کي نٿو ڏسيان جو خود مطلبي يا آلس مان پيدا ٿئي ٿو. مگر جڏهن آتما ڪرمن دوارا يا گيان جي ڪوجنا سان پنهنجو سچو روپ ڏسي ٿي تڏهن باقي ڪنهن ڪم يا شيءِ جي خاص چاهنا نٿي رهي. جيوت جا ڪم ڪاريون پيا ٿين ۽ پيا ٿيندا. انهن لاءِ نه انتظاري رکڻ گهرجي نه انهن کان هروڀرو

منهن ـ موڙ ڪرڻ گهرجي. انهن کان زوريءَ پاڻ ڇنائڻ سو آهي وڻ مان ڪچي ميوي ڇنڻ جي مثل. جڏهن ڦل پاڻهي رسي تيار ٿئي ٿو، تڏهين ان جي ڪري پوڻ لاءِ فقط هوا لڳڻ جو بهانو بہ ڪافي آهي.

”جڏهين جيو آتما پنهنجو پرم روپ ڏسي ٿي، تڏهين اڇا ۽ ڪامنا، جن مان ڪرم اپجن ٿا، سي سڪل پنن وانگر پاڻهي ڇڻيو پون. پوءِ ڪرم فقط نالي ماتر رهن ٿا؛ يا ڇڄجي ڪٽي تہ ڪشمڪشا جي هيٺين ميدان مان نڪري آتما اوچ طبقن تي واسو ڪري ٿي ۽ ڪرم وڏيڪ سوکيم ٿين ٿا! مثال طور هر ڏينهن، ڪوڙر هڻڻ يا بار ڍوئڻ، ـ انهن جي ڀيٽ ۾ ساڌو پرشن جو ڳائڻ يا ڳالهائڻ هڪ سوکيم ڪرم آهي. آخر ماٺ ۾ مشڪڻ يا نج ماٺ خود آتما جو ڪرم بڻجي پوي ٿي. زوريءَ ڪم ڇڏائڻ ڪنهن کان ڪين گهرجي؛ مگر سنساري جيوت کان وڌيڪ مٺي ۽ ڦلدار جيوت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ سو آتمڪ ابياس جو هڪ ضروري اپاءُ آهي. جي ڇيت سان هيءَ چاشني هڪ ڀيروئي چکن ٿا تن کان ترش طعام طمع جا وسريو وڃن.“

* * *

سام ٻڌايو،”هماليہ پهاڙ تي موں هڪ ٻوٽي ڏٺي، جنهنکي هٿ لائڻ سان ڏينيوءَ جهڙو ڏنگ ٿي لڳو؛ پر ان جي هيٺان ڇا نوري ۾ هڪ ننڍڙي ٻوٽي اسريل هئي جنهن جي لڳائڻ سان ڏنگ جو اثر مٽي ٿي ويو! ساڳئيءَ طرح پريوءَ پنهنجي پورڻ گيان سان سنساري ڪمن ۾ تڪ جو اثر وجهي ڇڏيو آهي؛ اهو تڪ ڪوڙي چاهناڪي ماري ٿو، يعني سنسار جي ٻوٽيءَ ۾ جيڪو ڏنگ يا زهر لاڳاپي (Attachment) جو آهي، تنهنکي آهستي آهستي ناس ڪريٿو ڇڏي. تنهن ڪري اهو تڪ بہ روحاني زندگيءَ لاءِ هڪ اميد ڀري نشاني آهي. البت ڦهريائين انهيءَ مانڪتائي پيدا ٿئي ٿي، جڏهن هن وقت تو ۾ آهي؛ مگر آهستي آهستي جڏهن چاهنا گم ٿي وڃي ٿي

تيئن ڪنائي ۽ ٽڪ به پاڻهي ڳر تي وڃن ٿا. هيءُ جيوت جو هڪ عجيب قانون آهي جو انسان جو من خود پنهنجي حاصلات مان ٿڪجيو پوي! سنساري ڪمن مان ٿڪجي پوڻ ڪانپوءِ وري جيئن گيان ۽ پريم وڏي تيئن ٽڪ جي جاءِ تي شوق پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ مان ٿي سمجهي سگهجي ٿو ته هي سنساري ڪرم فقط ڪامنا ڪي نهوڙڻ جا حيلا آهن، جي انسان جي من کي ٿڪائي، پٽڪائي آخر ڦيرائي پنهنجي سچي مقصد ڏانهن وٺيو وڃن!

جڙ گهوڙو جڏهن ٻڪي ٻڪي ٿڪبو آهي ته پوءِ سياڻو سوار انکي ڌُڙڪي يا گام سهنجائيءَ سان سيکاري سگهندو آهي؛ تيئن سنساري ڪمن مان ٿڪل من ۾ گيان جي روشني سولائي سان سمائبي آهي. ان ڪري ئي شايد شاسترن ۾ گرهست آشرم پالن ڪرڻ جو تاڪيد ڪيل آهي. آخرڪار هنن ڪمن جو مطلب خود انهن ڪمن ۾ سمايل نه آهي، پر جيڪا گيان جي روشني منجهائن اتپن ٿئي ٿي، ان ۾ ئي رکيل آهي. تنهنڪري گيان جي پراپتيءَ ڪانپوءِ ڪرم بلڪل اجايو نظر ايندو آهي. ڪرم ۽ گيان جو انت پريم ۾ آهي.

* * *

٢٣-١٢-١٩٥٠ع- پريئر ڪانپوءِ گفتگو ڪندي سام چيو:

” ڪرم جو نتيجو ڀاونا سان ڳنڍيل رهي ٿو؛ جنهن خيال يا امنگ مان ڪرم پيدا ٿئي ٿو، سوئي سندس ملهه جو هڪ ماڻ آهي. ايشور هيءَ سڄي جوڙ هڪ پاڻمرادو هلندڙ مشين وانگر رچي آهي. آتما جي سچي ڀاونا ازخود وڃي ٿي پرماتما وٽ پهچي. جيڪڏهن ڪنهن ڪم ڪندڙ کي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيل ڪم جي ملهه يا مقصد جي خبر نه به آهي، تڏهن به اهو ڪم پنهنجي اصلوڪي ڀاونا موجب يعني جنهن اندروني امنگ مان پيدا ٿيل آهي ان موجب آخر وڃي ٿو پنهنجو مقصد پائي! ڀاونا آتما جو هڪ گهوڙو آهي؛ جتي سا گهري اتي ٿو ڪيس هڪدم پڄائي. ڪيترا ست پرش

چڱي ارادي سان غلط رستو اختيار ڪن ٿا مگر سندن شڌ ڀاونا آخر نيئي ڪين سنئين دڳ لائي. ڪيترا بداند يش وري دل ۾ بري ڀاونا رکي ٻاهران سٺو لباس رکن ٿا. مگر سندن بڇڙيون ڀاونائون ڪين وڃي ڪنهن اوڙاهه ۾ اڇلن، جيتوڻيڪ ان اوڙاهه ۾ به ڪنهن پلائيءَ خاطر اڇلايا وڃن ٿا. عجيب آهي هيءَ قدرت جو قانون! هن پاڪمرادي هلند ڙ سرشتي کي ڪنهن ڏاري طاقت جي ضرورت نه آهي. ڀاونا خود بجليءَ جي مثل تکي ۽ امنگي رفتار سان، سوچ ويچار جي رنڊڪ دور ڪري، وڃي ٿي منزل تي رسي. اِن ڪري ئي سنتن چيو آهي ته سنگ سڀ کان اتم ساڌن آهي، ڇا لاءِ جو ست سنگ ۾ ڀاونا جي شڌي ٿئي ٿي. مگر ڪسنگ ۾ اها برو ۽ ڀيانڪ روپ اختيار ڪري ٿي ۽ بي لغام گهوڙي مثل سوار کي نيئي ڪنهن کڏ ۾ هٽي ٿي."

ڀاونا جي وشيءَ تي وڏيڪ ويچار ڪندي سام چيو: "ڏسو ته ڀاونا نه فقط ڪرم جي قدر ۾ پر بيجان شين جي ملهه ۾ پڻ تفاوت آڻي سگهي ٿي! مثال طور تون ڪنهن آدرش لاءِ وڏي شرڌا سان ڪم ڪري رهي آهين؛ ان مان اپت ڪيتري به ٿوري ٿئي تڏهن به ان جو ملهه اڪٿ آهي؛ پريم سان ڏنل پائي به هڪ وڏو خزانو آهي، ڇا لاءِ جو انهيءَ سان شامل آهي دل جي پوتر ڀاونا!

"اهڙي طرح ڪنهن پياري ماڻهوءَ جو ڪو پراڻو وستر يا نندڙي ڏنل سوکڙي وڏين سوغاتن کان وڌيڪ ملهائتي ٿي سگهي ٿي. شرڌا سان دان ڪيل سڏامي جي مٺ چانورن جي به اگهائجي ويئي. ان ڪري ئي فقير چوندا آهن "اگهائي ته ڪٺو نه ته مڻ به موٽائي ڇڏي"؛ مطلب ته ڪرم کان وڌيڪ ضروري آهي ڀاونا جي شڌي؛ ڪرم شرڌا کان سواءِ بي سود آهي!"

* * *

ٿوري دير بعد مورتي پوڄا جو ذڪر هليو؛ سام چيو:
”جيڪي مورتي پوڄا کي ِنندن ٿا سي ائين نٿا محسوس ڪن ته مورتي به هڪ محبوب جي نشاني ٿي سگهي ٿي. جڏهين مورتيءَ جا انگ ايشور جي گڻن جا درشٽانت خود نظر اچن ٿا، تڏهين مورتي پوڄا ۽ خيالي عبادت جي وچ ۾ ڪو فرق ڪونه ٿو رهي؛ نه رڳو ايترو پر مورتي ڪڏهين ڪڏهين وڌيڪ آسانيءَ سان من کي نيو منزل تي پهچائي؛ خيال کي مٿي کڻڻ جو هڪ اُپاءُ ۽ بهانو بڻيو پوي. جيئن اليڪٽرڪ بٽڻ تي آڱر رکڻ سان لفٽ اسانکي مٿي کڻي ٿي وڃي، تئن مورتيءَ جي ڪنهن سهڻي انگ پسڻ سان پريميءَ جو من خود مالڪ وٽ پهچي وڃي ٿو. جئن رواجي اخبار کان تصويرن واري اخبار (Illustrated Magazine) وڌيڪ چٽو احوال پيش ڪري ٿي، ڇا لاءِ جو تصوير اکري بيان کان وڌيڪ ڪجهه ٻڌائي ۽ ڏيکاري سگهي ٿي، تئن مورتي پوڄا، ڪن حالتن ۾، اکري جپ تپ ۽ خيالي پوڄا کان وڌيڪ ڪارگر ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان جي وسيلي من آسانيءَ سان ايڪاگر ٿئي ٿو.“

* * *

٢٤-١٢-١٩٥٠ع- گيان باغ ۾ گهمندي، ڦرندي سام کان پڇيم:”اڄ جو پڙهيلن ماڻهن ۾ خود، قانون شڪنيءَ جي عام عادت ٿي پيئي آهي ۽ ڪلارڪ، آفيسر وغيره ائين پيا سمجهن ته ڄڻڪ آفيسن ۽ آفيسن جا سامان سندن خانگي ملڪيت آهن، تنهن لاءِ توهان ڪهڙي ٿا سمجهاڻي ڏيو. ٻئي پاسي وري ائين ٿو ڏسجي ته آفيس جا سڀ رول يا قانون هر حالت ۾ پوري طرح بجا آڻڻ اهنجا آهن.“

سام چيو:”قانون جي پيچيدگي برابر هڪ ڏوهه آهي جيتوڻيڪ فرينچن جو هڪ پهاڪو آهي ته قانون پيچ ڪاڻ پيدا ٿيو آهي؛ مگر اهو به هڪ وڏاءُ آهي. عوام جي مثال لاءِ ڪوشش ڪري مريادا جا

ڪي نيم ضرور قائم رکيا آهن، جيئن ٻي واجبي ٻچڪڙي قانون جي عام ماڻهن جو هڪ ڪرتبو ٿي نه پوي. ڌرم جو چڪر قائم رکڻ ۽ پڻ چرخو ڪاميابيءَ سان هلائڻ، اهو اسانجو ٻنو آدرش ٿيڻ گهرجي. مگر اکري طرح ڪوبه قانون ٻجا آڏي نٿو سگهجي ۽ حد کان وڌيڪ پابندي قانون جي ڪڏهن سرشتي جو هلائڻ ئي محال بڻائي ڇڏي. گيان ۽ وويڪ جي ڦينچي هر حالت ۾ ٽکي هلائڻ گهرجي. اُها جيترو غير واجبي خواهشن کي ڪترڻ لاءِ آهي اوتروئي اجاين ڀرمن جي ڪاٽڻ لاءِ آهي. اکرن ۾ جيڪي اٽڪي ٿا پون سي ڪاميابيءَ کي رسي نٿا سگهن؛ وڏي ڳالهه سڀ کان آهي ڀاڻ ارپڻ ڪرڻ. جن جو ڀاڻ ايشور کي ارپڻ ٿيل آهي، اُهي ڪڏهن اتفاق سان روڻن جي ٻچڪڙي ڪري به وجهن تڏهن به پاپ جا ڀاڳي ڪونه ٿيندا. مگر اهو ڀاڻ ارپڻ ڪرڻ وارن جو به ڪو فرض نه آهي جو وٽن قانون ٽوڙيندا ۽ اصول مريادا جا اولنگهن ڪندا. اهڙو غرور هر حالت ۾ چڱو نه آهي جو ڪوئي سمجهي ته مان پهتل شخص آهيان، تنهن ڪري مونکي ڪوئي پاپ نه لڳندو. اِن ڪري ئي چيو اٿن: ”ڪتَ ٻيي، ڪنب ٻيي، جو اڳيان اٿيئي تورڻ وارا تکا.“

* * *

٢٥-١٢-١٩٥٠ع- مون سام کي چيو ته هيءَ ڊائري جيڪا مون لکڻ شروع ڪئي آهي، تنهن مان هڪ سٺو ڪتاب ٺهي پوندو! اسانجو ڀاءُ ماستر ڏٺيبخش (صوفي) ته چوي پيو هيءُ هڪ گرنٿ آهي؛ تنهنڪري منهنجي آشا آهي ته جڏهن هڪ جلد جيترا ليک لکجي وڃن تڏهين آهي ڇپرائي پڌرا ڪريان. مگر سام ورائي ڏني: ”هن ڊائريءَ جي ڇپائڻ ۾ اڃا ڪجهه دير آهي. جيتري ماڻهوءَ جي هستي هجي اوترو ئي هوڪو ڏيڻ ڪيس جڳائي ۽ نه وڌيڪ. اسانجي هن وقت ظاهري هستي

هڪ گرهستي ماڻهوءَ جي آهي، جنهن ڪري تنهنجو ڪتاب شايد قدر نه پائي؛ مگر جڏهين اجا اڳتي وک وڌائي سين يا ڪو اِلاهي اعلان ٿيو، تڏهين هي پستڪ پريمين کي پيٽ رکجو. جيترو قد اوترو قدم!"

مون سام کان پڇيو: "اهو اِلاهي اعلان ڪڏهين ايندو؟"

سام چيو: "جڏهين اهو وقت آيو تڏهين ماڻهو پاڻهي تنهنجي هٿن مان هي ڪتاب کسي ويندا ۽ پاڻ پنهنجي جوابداريءَ تي ڇپائيندا يا ڪجهه چاهه ڏيکاريندا ته پوءِ ڇپائي ڪتاب جي سولي ٿي پوندي. هن حالت ۾ ڇپائي جي بندوبست جو بوجو سمورو پاڻ تي هموار ڪرڻو پوندو جو اسانجي خيال جي وهڪري ۾ رنڊڪ وجهندو؛ جيڪڏهين ڪو لوهه جو واپاري گلن جو ٽوڪرو دڪان تي رکي ويهندو ته ممڪن آهي هنجو سودو ڪين ڪُپي. جڏهن گلن جا واپاري ٿيا سون تڏهين گل پيا وڪڻنداسون! حال ڪجهه سال مات ۾ گذار!"

سام ٿوري دير بعد وري چيو:"مان ڪڏهين ڪڏهين ائين سمجهندو آهيان ته ڪتابن جو ڇپائڻ به هڪ حرص تي سگهي ٿو. پاڻ جاچي ڏسڻ گهرجي ته ان ۾ ڪا نالي ڪڍڻ جي تمنا ته لڪل ڪانه آهي؟ ڪنهن به حالت ۾ گيان جي پرچار لاءِ اهو اول درجي جو اوزار نه آهي. سڀ کان اتم اوزار صحبت يعني سنگ جو آهي. جيڪي سنگ صحبت ۾ ڏيئي وٺي سگهجيٿو، سو ڪتابن رستي ڏيڻ وٺڻ ممڪن نه آهي. دنيا ۾ سوين هزارين ڪتاب روز ڇپجن ٿا، مگر انهن مان ڪيترا سجايا آهن ۽ ڪيترا اجايا، تنهن جو ويچار ڪبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته انهن مان ڪي ٿورا فقط ڪا ضرورت پوري ٿا ڪن؛ ٻيا مڙيوئي وقت ۽ طاقت جو زيان آهن؛ نه رڳو ايترو پر مونجهاري جو ڪارڻ آهن؛ جيڪڏهين هت هرڪو پيو هوڪا ڏيندو ته حق وارن جو

هوڪو جو اڪثر سنهڙي آواز ۾ ايندو آهي، سو ڪير ٻڌندو؟ تنهن ڪري ڪتاب ڇپائڻ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ لازمي نه آهي."

وڌيڪ پنهنجو هڪ شخصي آزمودو ٻڌائيندي چيائين: "ڪيترا سال اڳ اڪبر آشرم جي ماهوار مخزن (New - Age) جي ڪم ۾ مان مشغول هيس، هڪ ڏينهن هڪڙو مستانو آدمي منهنجي ڪمري جي هيٺان سڏ ڪري چوڻ لڳو، "او امبا! او امبا! (امرت) اڙي، پنڊت نه ٿيءُ؛ رشي، ٿيءُ، رشي!"

"هي چريئي ماڻهوءَ جي واتان مونکي ڄڻ هڪ اندر جو اعلان ٿيو. اهو آواز دل مان ايندو رهيو ۽ جلد ئي اهڙيون حالتون پيدا ٿيون جو ڪتابي ڪم بند ڪرڻو پيو. مون به ان ۾ قدرت جو هٿ ڏٺو ۽ بس، ڪري ويهي رهيس. اڄ ان ڳالهه کي ۲۷-۲۸ سال ٿي ويا. گمنام ٿي رهڻ ۾ پڻ آتما جو ڪو مقصد پورو ٿيو. ويتر سنساري ڪمن مان اهڙي مدد ملي جو ان جڙتو، ادبي ماحول کان، جنهن ۾ خشڪ عقل جي ڪيڏ هئي، خيال بلڪل آزاد ٿي پيو؛ خوديءَ جو خيال ظاهري ساڌو پڻي جو ويس پائي من کي ليائي ٿو ۽ حرص شبوا جي شوق کي بيڪار بڻائي ٿو ڇڏي. انهن کان دور هيءَ نمائي، گونائي زندگي چڱي آهي. وري شايد سمو اچي جو ڪجهه قدر، ڪنهن مانيٽي نموني ادبي ڪم شروع ڪجي، جيڪڏهين پريم جي واپار وڌائڻ لاءِ ائين ضروري ٿيو؛ مگر اها آس رکان ٿو ته جو ڪجهه پرماتما اسان کان ڪرائي سوشڌ پاونا سان فقط ان جي پريم جي خاطر ڪريون. شل حرص ۽ لالچ جو ليائيندڙ هرڻ پريم جي شڪاريءَ کي ماريچ مثل نه هر کائي! شل ڪين جي وات ۾ هيءُ نفس نجس نسورو نگهوسار ٿي وڃي! ڪتاب يا نه ڪتاب، آشرم يا سنياس، ڪم ننڍا هجن يا وڏا، تنهن ۾ اسانجو ڇا؟ جا ڪار سائين کي وڻي سا ئي ڀل اسان کان ڪرائي!"

١٦-٤-١٩٥١ع- هن ڊائريءَ کي ڇڏئي اٽڪل چار مهينا ٿيا. اهي چار مهينا ڊائري ڇو نہ لکيم، تنهنجو هي جواب آهي: سام چيو تہ تون پوري طرح نوٽ نٿي وٺين ۽ ان ڪم لاءِ ڪافي شرڌا توکي نہ آهي؛ ڪيترين ڳالهيون سام چيون هيون، جي منهنجي خيال تان ترڪي ويون؛ سندس اهو بہ خيال هو تہ ڪيس ڪافي اڏڪار اهڙين سمجهاڻين ڏيڻ جو شايد ڪونہ آهي، تنهن ڪري مون ۾ لکڻ جو اُتساهہ گهٽ آهي. سام کي ان خيال کان باز آڻڻ ۾ مونکي ايترا مهينا لڳي ويا. جڏهين اهڙو ذڪر ڇيڙيندي هيس تہ هو چوندو هيو:” اُهو ماڻهو ڪتاب ڇپي جنهن جا وچن ۽ عمل پورا هجن.“ هن باري ۾ وڌيڪ هڪ دفعي هيئن چيائين:” پريم کي فقط اڌڪار آهي سکيا ڏيڻ جو ۽ نہ علم کي. جا شيءِ پوري شوق بنا، جڙتو نموني ۾ ڇڻي يا لکي وڃي ٿي، سا ڪبترو بہ ڪٿي علم ۽ عقل جي نڪتن سان سينگاريل هجي يا ٽوٽڪن ۽ نظيرن سان سجايل هجي، تڏهين بہ انجو ملهہ ايشور جي اڳيان ڪجهہ نہ آهي. سندس پيندار ۾ اڪت هيرا گيان جا اڳيئي سمايل آهن. مگر هو پهنجي ڀڳتن جون ڪوڏيون بہ خوشيءَ سان قبول ڪريٿو ۽ انهن کي پنهنجي خزاني ۾ هڪ اهم جڳهہ بخشي ٿو. محبت وچان چريا ڪريا ٻول، سادا سودا شعر بہ گرنٿن تي چڙهي وڃن ٿا. بنا پريم جي سڀ پورهيو اجايو آهي. تنهن ڪري اسانکي ڪجهہ بہ تڏهين چوڻ يا لکڻ گهرجي جڏهين ضرورت يا شوق ان لاءِ مجبور ڪري؛ نہ فقط پستڪ وڏي ڪرڻ لاءِ ويهي من گهڙت سوال يا جواب رڻيون.“

* * *

٢٢-٤-١٩٥١ع- ڇوڪري جو فوٽو جنهن جو اڳي ذڪر ڪيل آهي، سو هن وري مونکان واپس گهريو.- اُهو فوٽو سندس، جو هڪ نوجوان سنگتيءَ سان پيڙيءَ جي سُوٽن لڳائڻ جو

د رشيم ڏيکاري رهيو آهي. سام چيو: "هي فوٽو ڪيس اِن ڪري ٿو پيارو لڳي جو هي سنڌس جيون جو هڪ پسند ڪيل نمونو (Pattern of life) آهي. ماڻهوءَ کي سمجهڻ لاءِ فقط انجي ٻاهرين چال چلگت، جا هو جيون جي کلئي ميدان ۾ ڪيڏي رهيو آهي، سا ڏسڻ نه گهرجي، پر پنهنجون آزاد ۽ اڪيلائيءَ جون گهڙيون هو ڪيئن گهاري رهيو آهي، سو اوّل جاچجي؛ پنهنجي خوشيءَ لاءِ ڪهڙا وندر جا رستا اختيار ڪريٿوءِ ڪهڙن ماڻهن جو سنگ چاهي ٿو. ان مان سنڌس سچو رنگ ظاهر ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ مان ئي سنڌس پڇاڻ ڪرڻ گهرجي. اسان جي دوستن مان گهڻي قدر اسانجي لياقت جي خبر پوي ٿي. هو ڪير آهن تنهن مان سڌ پوي ٿي ته اسين ڪير آهيون. اٿين برابر آهي ته ڪي وسيع خيال وارا انسان ظاهر ۾ مختلف قسمن جي ماڻهن سان واهپو رکن ٿا، مگر باطن ۾ هو پنهنجي اصلوڪي شخصيت قائم رکن ٿا. اهي ڪنهن به ماڻهوءَ يا شيءِ سان خاص دلچسپي نٿا رکن مگر هر شيءِ ۽ هر انسان کي پنهنجي آدرش جو ذريعو ڪري ٿا سمجهن. انهن تي برائي جو اثر ڪونه ٿو پوي ڇا لاءِ جو برن سان خود هو ڀلائيءَ خاطر واهپو رکن ٿا . مگر اهڙا ماڻهو ڪي لکن ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ ٿين ٿا."

* * *

سام سچو ڏينهن اڄ ان ڇوڪري سان ٿوري گهڻي ڳالهه تي ناراض پئي رهيو آهي؛ مونکي عجب ٿي لڳو ته هو سانس ڇو ٿو ڪهرو پوي. ظاهري سبب ايتري سختيءَ جو نظر ڪونه ٿي آيو مگر اندروني سبب، جنهن جي هنکي شايد پاڻ به خبر نه هئي، جلد ظاهر ٿي پيو. پاڻ فقط ايترو ٿي چيائين ته اڄ هن ڇوڪري جي من ۾ ڪا برائي آهي؛ اسان جي سامهون نه اچي ته چڱو. پوءِ ظاهر ٿيو ته سنڌس سنگتين جو ٽولو ڪيس

ب پاسن ڏانهن وني هلڻ لاءِ چڪي رهيو هو ۽ هي انهن سان لڪ چوريءَ ملي ڪجهه بندوبست ڪري رهيو هو. سام چيو:" خراب شين ۾ فقط بد بوءِ نه ٿيندي آهي پر خراب رڳون ۽ خيال پڻ پنهنجا پاڇا اڳواٽ اڇليندا آهن. هن ڳالهه تي وڌيڪ زور ڏيڻ به نه گهرجي، ڇا لاءِ جو بند و مڙيوئي گندو آهي؛ عيب ڪان ڪو انسان آجو نه آهي. جڏهين حضرت عيسيٰ جهڙائي ڇڏي ويا،"مونکي ڇگو نه ڇئو" تڏهين اسين ڪير آهيون جو ڇئون ته ڪنهن انسان سان بڇڙائيءَ جي بوءِ ٿي اچي! برائيءَ کان پاسو ڪرڻ، سا انسان ذات لاءِ نفرت نه مگر هڪ روحاني پرهيز آهي جنهن ۾ اهنڪار جو ڪو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. تنهن هوندي به ايترو محسوس ڪجي ٿو ته جا مان ڀلائي ٿو سمجهان سا ٻيو ڪو برائي سمجهي سگهي ٿو ۽ جا منهنجي نظر ۾ برائي آهي تنهن ۾ ٻي ڪنهن کي پنهنجي جيون جي مقصد سڌ ڪرڻ جو شايد ڪو ذريعو نظر ايندو هجي."

* * *

ڪن وڏن ساڌن ۽ فيلسوفن جون ڳالهيون ڪندي، سام مونکي اج عجب ۾ وجهي ڇڏيو. جن جا نالا اجوڪي زماني جي رشين ۽ مهاتمائن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا، انهن جي اندرين جيوت جا طبقا، جي لوڪ کان اڪل آهن، سي ڪيترو نه ڪام ۽ ترشنا سان ڀريل آهن! اهي ڳالهيون ٻڌي انسان جو ڇڙڪ ايمان ئي روحانيت مان نڪريو وڃي. جيڪڏهين اهڙا مهاپرش جن جا اکين ڏٺا مثال مون اج ٻڌا، ڪام جي وس ٿي سگهن ٿا ته ٻوءِ باقي رواجي انسانن لاءِ ڪهڙو چارو آهي؟

هن وشيءَ تي ويچار ڪندي سام چيو:" گهڻو ڪري برائي لڪ ۾ زور وٺي ٿي. تڪاڻن ۽ آشرمن وغيره ۾ ڪامديو جو خاص واسو نظر اچيٽو. لڪ يا ڪوڙ پاپن ۾ شمار اِن ڪري فقط

نہ آهي جو منجهس دغا سمايل آهي مگر خاص هن ڪري جو لڪ ۾ هر برائي موتي ۽ مضبوط ٿئي ٿي. قدرتي خواهشن کي دٻائڻ سان ڀيون غير واجبي خواهشون پيدا ٿين ٿيون. بلڪه انسان جي واجبي گهرجن پورين نہ ٿيڻ ڪري انقلاب پيدا ٿين ٿا. سڪايل دل ۽ من ۾ خطرناڪ خواهشن جو واسو ويتر وڌيڪ ٿئي ٿو. ڌرم جي پالنا جيتري سنڀال ۽ پرهيزگاري ٿي اوترو ئي آزاد هوا جي ڪيس ضرورت رهي ٿي. هتراد و ٻنڌن وجهي، تن ۽ من کي سڪائڻ يا سُڪائڻ سان تمنا پاڻ تيز ۽ طاقتور بڻي ٿي. جيتوڻيڪ سنتتر جيون لاء پوترتا ضروري آهي، تڏهين بہ ائين سمجهڻ تہ ماس يا شراب ورتائڻ يا عورت جو سنگ هر حالت ۾ خراب آهي، سو بلڪل غلط آهي. هيءَ ماڳهي تنگ خيالي آهي، جنهن جي زوريءَ مڙهڻ جا نتيجا انهن مثالن ۾ ظاهر آهن جيڪي مون اڳ توکي ٻڌايا. جيتوڻيڪ خراب سنگ جو نتيجو خراب آهي، تڏهين بہ ائين سمجهڻ تہ فلاڻو ماڻهو خراب سنگ ۾ آهي، تنهن ڪري منجهس ڪا چڱائي ڪانہ هوندي، سا تنگ خيالي آهي. انسان جي جوڙ قادر اهڙي رچي آهي جو هو ايترو ذليل ڪڏهين بہ ٿي نٿو سگهي جو سڌاري جي اميد منجهس ڪين رهي. نہ وري اعليٰ روحانيت ڪنهن هڪ ٻن ڪچين، پڪين عادتن جي ڪري گم ٿي سگهي ٿي. عام طور انسان جي سچي پروڙ لاء ڪو اٽڪل اصول اختيار ڪري نٿو سگهجي، ڇا لاء جو حقيقت ۽ روحانيت اصولن کان ٻاهر آهن. ڪئين گهٽ پيشي وارا ماڻهو روحاني رنگ ۾ رچيل آهن ۽ ڪيترا اتم پيشي وارا نيچ پاوناڻن سان ڀريل رهن ٿا. سڀني کان اتم گڻ آهي نمرتا جو: برو ٿي بہ ماڻهو نمرتا پاو رکي تہ هو چوڻڪاري جو اميدوار ٿي سگهي ٿو. مون فقط توکي انهن مهاپرشن جي جيوت جو ڀيو ٻاسو ٻڌايو، ور نہ آهي سچ ڀڄ پوڄا جي لائق آهن."

* * *

١٦-٥-١٩٥١ع- منشو جو پاڻ هڪ ٻائو هو ۽ پوءِ اسان وٽ رسويو ٿي رهيو، سو ڪجهه عرصي کان اسان وٽان نڪري ويو آهي؛ هو ڪڏهين ڪڏهين ڇڪجي اسان وٽ گهمڻ ايندو آهي. سام سائس ڳالهائيندي معلوم ڪيو ته هو هڪڙي ٻائي سان گڏ ٻيڙين جي پڙي ڪندي ويٺو آهي. سام ڪانئس دڪان جون ڳالهيون پڇي رهيو هو؛ سندس ٻائيوار بابت پڻ پڇيائين ته هو ڪير آهي؛ ڪو گهر ٻار اٿس جا جنهن جي لاءِ هو ڪمائي پيو؟

منشي چيو: "هو هڪ ٻائو آهي ۽ ٻار ٻا زال ڪجهه ڪونه اٿس؛ نڪو پيو ڀائي. مٿس مدار رکي ٿو."

تنهن تي سام عجب ۾ پئجي ڪانئس پڇيو: "پوءِ باقي ڇا لاءِ ويٺو هي ٻائو ٻيڙين جو دڪان هلائي؟"

منشي چيو: "سائين، اوهان پاڻ به ته اڄان زماني ۾ ويٺا آهيو؛ پوءِ ٻائي باقي ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟"

سام انهيءَ تي ٿڌو ساهه ڀري کيس چيو: "اڙي ڀائي، هو ٻائو آهي! سنسار مان جند ڇڏائي، گرهست کان پاسو ڪري، ايشور جي شرڻ وٺي پوءِ هنکي ڪهڙي پيئي آهي جو تماڪوءَ جو دڪان ڪيو؟ اهڙي ڏنڌي مان پئسا ناهي ۽ ويٺو ليڪا چوڪا رکي فقط اِن لاءِ ته چڱو کائي يا سينيمائون ڏسي؟ اهو ڪنهن به ٻائي لاءِ جوڳو نه آهي، ڇا لاءِ جو هن سنسار کان هيءَ املهه آزادي ٻائي ٿيڻ سان اِن ڪري نه ورتي آهي ته گرهست جي گپ کان بچي وري شخصي سوارٿ جي گپ ۾ گهڙي ۽ نفس جي لاءِ پاڻ تي نوان بوجه مڙهيندو وڃي. اُن جي پيٽ ۾ گهر ٻار لاءِ ڪمائڻ صد ٻار سنو آهي. ويتر جي اهو خيال رکجي ته ٻالڪ ۽ گهر به ايشور جو آهي ۽ رواجي موهه جي بدران ديا ڀاو رکي يا فرض ادائي جي خيال کان انهن جي پالنا ڪجي ته اهو هڪ اتم مارگ موڪشه جو ٿي سگهي ٿو."

وڏ يڪ سام چيو:” جيون ساگر ۾ اسين سڀ پنهنجي پنهنجي، نندي يا وڏي ٻيڙيءَ ۾ مسافري ڪريون ٿا؛ ڪنهن کي فقط شخصي سوارت جي ٻيڙي آهي؛ ڪنهن کي مسافريءَ لاءِ گرهست جي بار سان ٻريل ڪا ڪشتي آهي؛ ڪنهن قوم يا ملڪ جي شيوا جو ٻيڙو هٿ ڪيو آهي؛ ڪنهن انسان ذات جي خدمت يعني پر اپڪار جو شاهي جهاز هلايو آهي! پر ٻيڙين ۽ ٻيڙن جي پار پوڻ يا ٻڏڻ ترڻ لاءِ درياهه جو هڪ ئي قانون آهي. جي تمنا جو تنگ ٿي پوندو يا سڙهه سچيتائيءَ جا ٽٽي پوندا ته نفس جو نير اندر ڪاهي ايندو. ائين نه ڪو چوي ته مان وڏو ڪم پر اپڪار جو ٿو ڪريان تنهن ڪري ضرور پار پوندس! نه؛ خوديءَ جو طوفان نندي ۽ وڏي ٻيڙي کي هڪ ڪن ۾ ٻوڙي سگهي ٿو. تنهن ڪري گهرجي ته جنهن به ٻيڙي ۾ رهون، ان کي تنگ ٿيڻ نه ڏيون؛ نه غفلت ۽ حرص جي هوا کان غافل رهون. اهو ايمان هرگز نه ڪريون ته اسانجي مضبوط يا وڏي ٻيڙي کي ٻڏڻ جو خوف ڪونه آهي.“

* * *

١٦-٦-١٩٥١ع- سام ڪجهه وقت ٻاهر ويو هو. مندس موٽڻ تي هڪ يو - پي (اتر پرديش) جي مهاجر دوست سان ملڻ وياسين جو سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهي. هو پنهنجي بنگلي ۾ اڪيلو ويهي قرآن شريف پڙهي رهيو هو. هن خوشيءَ سان اسانکي ڪيڪاريو ۽ چيائين:-

” مونکي اڄ ڪلهه ٻئي ڪنهن ڪم مان مزو ئي ڪونه ٿو اچي؛ رمضان جو مهينو آهي؛ روزا به رکي ڪونه ٿو سگهان؛ مگر اهو دل جو مزو قرآن شريف جي پڙهڻ مان پيو وٺان؛ هڪ هڪ اکر پڙهي دل سان پيو ويچاريان؛ سچ پڇو ته منهنجي دل هن ڪتاب مان ڍاپي ئي نٿي!“

وڌيڪ چيائين :” الاجي ڇا تي ويو اٿم؛ رمضان کان اڳ به منهنجي من جي حالت ڦريل هئي پر هينئر ته نه آهي آفيس جي ڪم جي ڇاهنا نه گهرجي مشغولي؛ سچو سک هنن ڪمن مان ڪونه ٿو ملي.“

سام چيو :” جنهن کي اسين سک چئون ٿا، اُن شيءِ جي ڏيڻ لاءِ هيءُ سنسار جڙهين پيدا ئي ڪونه ٿيو آهي ته پوءِ اُن مان سک ڪيئن پراپت ٿيندو؟ جنهن وڻ جو ڦل شروع کان رٿيل ئي ڪنو ۽ کارو آهي، سو پلا ڪيئن مٺا ميوا ڪارائيندو؟ اڪن مان انب ٻه اهڙائي ملندا جهڙي اڪ جي ذات هوندي. سنساري زندگيءَ جو ڦل دک ئي آهي پر اهو خالق چڱي مطلب سان جوڙيو آهي.“

تنهن کان پوءِ سام هڪ ننڍڙي ڪتاب ”بهشت جو شڪاريءَ“ (Hound of Heaven) جو ذڪر ڪيو؛ ان ۾ انسان جي هڪ تصوير ڏيکاريل آهي جو پنهنجي ڪلهن تي هڪ ماڙي سامان سان ڀريل کنيو بهشت ڏانهن وڃي ٿو. تصوير جي هيٺان لکيل آهي: ڪجهه بوج هلڪو ڪري هل! ان ڪتاب ۾ وڌيڪ ڏيکاريل آهي ته انسان سک جي ڪڏ پوي ٿو پر ايشور هڪ شڪاريءَ جو روپ ڌاري هن کي ورائيندو وڪوڙيندو آخر پنهنجي رستي تي آڻي ٿو.“

سام چيو :” هي دک ٻه الله انسان کي محبت وچان موڪلي ٿو. هو اسانجو ويري ڪونه آهي. جنهن به رستي سان سنسار ۾ ڀلون اتان دک اچيو منهن ڪندي!سو ان ڪري آهي جو ايشور چاهي ٿو ته اسين ڪوڙن سکن جي جار ۾ هميشه لاءِ ڦاسي نه وڃون. ” بهشت جو شڪاري “ جتي وڃون آتي اسانکي ورايو بيٺو آهي ! آخر ڇوٽڪارو تڏهين ملي ٿو جڏهين اُن مجي اُن جي پيش ٿو پئجي.“

مهاجر دوست چيو: ”مان سمجهان ٿو ته دک ۽ مفلسي هميشه فائديمند آهن.“

سندس مطلب شايد اهو هو ته اهي روحاني زندگيءَ لاءِ ضروري آهن. مگر ڳالهه جو پيو پاسو سمجهائيندي، سام چيو: ”آخر مطلب نفس جي مارڻ ۾ آهي. ڪيترو ئي ماڻهو غريب هوندو ۽ ممتا سندس مٺل نه هوندي ته اها غربت روحاني حاصلات ۾ شمار ڪري نه سگهبي؛ مگر هڪ رنڌڪ ٿي پوندي. پر جيڪڏهين ظاهر ۾ گهڻا سک هوندا يا دولت گهڻي هوندي پر من انهن ۾ اٽڪيل نه هوندو ته، اهي سک يا اها دنيا داري روحاني ترقيءَ ۾ ڪابه رڪاوٽ نه وجهندا.“

پوءِ سام ڪيس سچي سنياس جا ڪي مثال ٻڌايا: ”راجا جنڪ کي ’وديهه‘ ڪري ڪوٺيندا هئا، يعني ديهه کان الڳ! راجيه ڪاروبار ۾ سدائين مشغول رهندو هو؛ زماني ۾ هنکي اوچ پدوي حاصل هئي؛ لشڪر، هاٿي، گهوڙا وٽس گهڻا هئا؛ مگر هن جي آتما انهن هاٿين گهوڙن يا راجنيتي ڪمن ۾ قيد ڪانه هئي، جنهن ڪري راجائن ۾ سريشٽ هوندي به هو سنتن مهاتمائن، ۾ شمار ڪيو ويو ٿو. هنجو راج ڀاڳ سندس روحاني رستي ۾ ڪڏهن رڪاوٽ ڪين بڻيو.“

ٻيو مثال نوشهري واري مخدوم گهراڻي جي هڪ بزرگ جو ٻڌايائين: ”چون ٿا ته شاه صاحب وٽ هڪڙو غريب ماڻهوطلب وٺڻ لاءِ آيو يعني شاه صاحب کي پنهنجو گرو ڪرڻ ٿي چاهيائين. سندس درگاه تي اچي ڏٺائين ته هو پٽ جي چادرن ۽ گديلن مٿان براجمان آهي؛ قسمين قسمين طعام پيو کائي؛ ڪچهري سندس ٻڻ بادشاهن وانگر لڳل هئي. چون ٿا ته مخدومن جي درگاهه جا ڪڪڙ به سونن ڪلن سان ٻڌا هئا! غريب کي دل ۾ گمان جاڳيو ته مونکي هي ڪهڙو ڏس پند الله

جو ڏيندو جيڪو پاڻ عيش ۾ غرق آهي! پر مخدوم صاحب هڪ ڪامل فقير هو ۽ هن کي انترگيان جي ڏات مليل هئي، سو هن غريب جي منهن مان سندس من جي حالت سموري سمجهي ويو. سچ لتي ڪانپوءِ هنکي سڏي چيائين: ابا تون ڪير آهين؛ ڪٿان آيو آهين؟ اَن ماڻهوءَ جواب ڏنو ته مان پندرهن يا ويهن ميلن جي مفاصلي کان پنڌ ڪري آيو آهيان، جنهن تي شاه صاحب چيو: تو پنهنجو گهر بار ڇو ڇڏيو؟ تنهنجا ته اڄ رات، عصر جي وقت دم پورا ٿيندا. هاڻي تون پنهنجي عزيزن کي هن پاريءَ ۾ ڏيهچي به ڪونه سگهندين! پوءِ پنهنجن فقيرن کي سڏي چيائين: هي ويچارو راتو ڪي، رات فقط هن جهان ۾ مهمان آهي. هنکي ڪاڏو سٺو ڏيو ۽ هر قسم جو عيش ڪرايو.

”ان شخص کي فقير مهمانن جي ڪمري ۾ وٺي ويا ۽ کيس ريشمي بسترو وڇائي ڏنائون ۽ سٺي ۾ سٺو طعام ڏنائون. عصر جي وقت جيئن شاه صاحب اٿيو ته ان ڪمري وٽان اچي لنگهيو. ڏٺائين ته اهو مهمان جاڳي رهيو آهي ۽ طعام رات وارا جيئن جو تيئن اڳيان ڍڪيا رکيا اٿس. شاه صاحب پڇيو: ماني ڇو نه ڪاڌي اٿيئي؟

”مهمان چيو: سائين مونکي ته نه آرام آيو آهي ۽ نه ماني ٿي مٺي لڳي. جڏهن جهٽ پل ۾ مرڻو ٿي آهي ته باقي ڪاٿي ڇا ڪريان؟

”تڏهن شاه صاحب کيس سندس شنڪا جو جواب ڏنو ته توکي من ۾ ڪو گمان هو: فقط هڪ رات موت جي سامهون ٿيو آهين ته ماني ۽ ننڊ مٺي نٿي لڳئي! اسانکي، موت هر وقت ياد آهي. هي طعام ۽ لٽا اسانجي دل نٿي ڪاڻي يا هنداڻي، نه اسان حقيقت ۾ هنن سڀجن تي سمهون ٿا؛ اسان ته پنهنجو پاڻ ۾ گم آهيون! فقير کي ان ريت اها سمجهه ڏنائين جنهن جي لاءِ هو پنڌ ڪري آيو هو.

”هيءُ ڳالهه پڻ نمونن ۾ به ڪندا آهن پر مطلب هي آهي ته جن مرڻ کان اڳ پاڻ ماريو آهي تن جيئڻ جي بازي کٽي آهي. انهن جي دلين ۾ سيج ۽ سک دنيا جا ڪو به فرق نٿا آڻي سگهن نه ڪم ڪار ۽ ڪشالا دنيا جا انهن کي پريشان ڪري ٿا سگهن.“

* * *

١٨-٦-١٩٥١ع- موڊ سام کي خوش مزاجيءَ ۾ ڇيو:
”توهان صوفين ۾ جو ايتري حسن پرستي آهي، پوءِ توهين آشرم ڪيئن اڏي سگهندا؟ عام طرح لوڪ حسن پرستيءَ کي خراب ٿا سمجهن.“

منهنجي سوال پڇڻ جو اهو مطلب نه هو ته صوفين جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾، اها اعليٰ جذبات موجود نه آهي جا انسان کي ڪشش ڪري سگهي مگر ان ڳالهه ڏانهن منهنجو خيال ڊوڙي ويو جو صوفين جي واتان سڄو ڏينهن ”حسن“ ”حسن“ پيو ٻڌجي؛ زلفن ۽ نگاهن وغيره تي پيا شعر ڳائن؛ دل ۾ خيال آيو ته انهن جي سنگ ۾ ڪا ڇوڪري يا ننڍي عورت ڪيئن رهي سگهندي؟

سام جواب ڏنو: ”آشرم جي اڏاوت خود انساني پريم تي مدار رکي ٿي. جنهن دل ۾ پريم جو واسو ڪونه آهي، سا مرده دل آهي. فقيرن ۽ سنتن جي دل صاف چادر مثل آهي. برائي، چڱائي، صفائي، گندگي، سچي سونهن ۽ بدزيبائيءَ جو هنن تي جلد اثر پوي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سندن آستان گهڻو ڪري سندر ڀهاڙن، ندين، باغن يا نويڪلن برن ۾ اڏيل هوندا آهن. جيڪڏهن هنن کي حسن جي ڄاڻ نه هجي ته جيڪر ائين به نه ٿئي. مگر اها سونهن روپ جي ڪارڻ يا اچاڻ تي مدار نٿي رکي. جنهن جو من سندر نه آهي تنهن جو چهرو سندر ڏسي نٿو سگهجي. جيئن هڪ شعر ۾ چيل آهي: سيرت کان سواءِ صورت ڪٿي؟ جتي صورت خلقي اٿس، اُتي سيرت به ضرور آهي. ڪي سندر ٻوٽا، سندر گل، سهڻا جانور، پکي ۽ ورڪشيم وغيره آهن

جن جي جوڙ پنهنجي ذات وارين پين شين کان نرالي نظر ايندي آهي؛ نہ ڪنهن اتفاق يا قدرت جي بي پرواهيءَ کان پرچاڪاڻ جو هوا، پاڻيءَ ۽ ڪاڏي جا جزا انهن ۾ سنا سمايل آهن؛ يعني انهن ۾ ڪي سناگڻ آهن؛ خيال انسان جي جوڙ ۾ هڪ خاص چيز آهي؛ تنهنڪري انسان جو روپونت آهي سو ضرور گڻونت بہ آهي. گڻ روپ جي روشني آهي؛ گڻ ۽ خيال جي خوبيءَ کان سواءِ حسن جتادار نہ آهي. برا خيال چڱن چهرن کي بدزيبو بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ سهڻي سنگت ۾ ڪروبا انسان بدلجي سهڻا ٿي پوندا آهن. سيني سندر شين مان، بي جان پهاڙن، ندين ۽ بين حسين نظارن مان فقير کي سا ڳي هڪ پريم جون پلڪاورن پيون ايندون آهن. سهڻيون شيون سڀ فقير جي من جو نڪاٽو آهن. سهڻن شين جي صحبت سندس روح جي سفر جو سامان ۽ زندگيءَ جو خزانو آهي؛ انهن کان سواءِ هن جو رهڻ مشڪل آهي.

”برائيءَ جو لڪل ڪارڻ آهي، ممتا، ڏپ ۽ لڪ؛ ممتا ڪوڙ ۽ برائي لاءِ گويا دروازا کولي ٿي ڇڏي جي اڇي سندرتا کي جلد هڙپ ڪيو وڃن. مگر حسن خود برائي جو ڪارڻ ٿي نٿو سگهي ۽ نہ سچو پريم. پياس جا ذاتي سياو مان پيدا ٿئي ٿي، سا خود بچڙي نہ آهي مگر ڪنهن حرص جي ملڻ سان آها بري بڻجيو پوي“.

سام وڏيڪ چيو: ”مان ڪڏهين ڪن ظاهري سهڻن انسانن کي چتائي ڏسندو آهيان سندن روش ڪيترا بہ چڱا هجن تڏهن بہ هو بدزيبا پيا لڳندا آهن؛ خاص ڪري جتي پئسي جي ممتا هوندي، آهي يا پريم وڪيو ويندو آهي، جڏهين وڻشائن ۾، اُتي سچي سندرتا ملڻ مشڪل آهي. بئي پاسي وري ڪيترا ڪارا ماڻهو جن جا روش هرو يرو خاص ناهوڪا نہ هوندا آهن، پنهنجي اکين ۽ خيال جي نزاڪت ڪري دل کي ڏاڍا مهڻا لڳندا آهن ڇا لاءِ

جو اکيون ۽ منهن انسان جي دل جي درسني آهي. تنهن ڪري صوفي جڏهن حسن کي سلام ڪن ٿا، تڏهن اُن آتي سندر، آتي سوپياوان، آديرش پڳوان يعني نج آتما کي خود تسليم ڪن ٿا جنهن مان هيءَ ساري سونهن اپجي ٿي؛ جڏهين ڪنهن وڻ وچڙي، ڪتي، گل يا انسان کي اسين پيار ڪريون ٿا، تڏهين اڻ سندر، سرو وياپڪ، سگنڌي آتما کي نمسڪار ڪريون ٿا، جنهن پاڻ مان هي سڀ روپ رچيا آهن. زلفن ۽ چشمن وارن شعرن ۾ بہ صوفين جون اونهيون معنائون رکيل آهن؛ انهن ۾ فاهش ارادا نہ ڏسڻ گهرجن."

* * *

متن وشيءَ تي وڌيڪ سمجهائي ڏيندي سام چيو: "هي جهان جيڪر حسن و عشق جي راند کان سواءِ ڪهڙو نہ سڃو لڳي! عاشق جن کي اسين مجاز جا روپ جا قائل سڏيون ٿا، سي حقيقت ۾ سچا سورهيہ ۽ انسان ذات جا خدمتگار آهن؛ ڇاڪاڻ جو اهي مايا جي ممتا کان ڇٽل آهن. هن سنسار ۾ جتي ڪروڙين انسان ڏينهن رات پيٽ پالنا جي فڪر ۾ قاتل آهن، جتي آسودا لوبي، اجان بہ وڌيڪ آسودا ٿيڻ چاهين ٿا ۽ هن فاني مٽيءَ جي پتلي کي عياش خوش رکڻ لاءِ ڪوڙ پاپ جي مايا گڏ ڪري ان سان من جي ليٽتا خريد ڪن ٿا- ڇا اُتي بي خود عشق جي توتاري ڪٽڻ يا نينهن جو نغارو وڄائڻ نفس جي مٿان جيت حاصل ڪرڻ نہ آهي؟ ان کان وڌيڪ بي سڄي شيوا ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ انهن غريب اگهاڙن، بي وس عاشقن جا روح انساني جيوت ۾ ڪيتري نہ سگنڌ ٿا آڻين! جيڪي مجنون ممتا کان منهن موڙي، پاڻ کي وساري، سادگيءَ جي وات وٺي هن دنيا جي مسافرخاني ۾ ڪڏهين شاعر ۽ ڪڏهين سيلاني ٿي رهن ٿا يا عشق جي باغ ۾ پونرا بڻجي روح جون

مزاجي ۽ حقيقي لاٽيون لنون ٿا، انهن جي ڀيٽ ۾ ٻنهي جا پوڄاري سچ پچ گپ جي، ڪيڙن مثل آهن؛ انهن جا دل مَن بند ٿبل ٻهرن مثل آهن؛ هو ڪيترو به اونچا اڏامن، سندن نظرون سڙيل ۽ ڳجهن وانگر هميشه هڏن جي ڍير مٿان رهن ٿيون. هوڏانهن انهن روپ جي پريمين کي اها خبر نه ٿي رهي ته هو پاڻ کي خدمت جو ڪم ڪن ٿا؛ تڏهن به هنن جي جيوت سچي قربانيءَ جي جيوت آهي، ڇاڪاڻ ته هو دنيا وارن جي نفرت ۾ رهندي به روح کي دنيوي بندنن کان آزاد رکن ٿا؛ پريم خاطر هو سڀ ڪجهه قربان ڪن ٿا. پريمي ڇنموئي انهيءَ کي آهي جيڪو پتنگ جيان پاڻ قربان ڪري. انهيءَ پريم جي پيدائش خود اسانجو ادب يعني ساهتيه آهي جنهن بنا پيون سڀ حاصلتون جيوت جون اهڙين آهن جهڙين سر بنا ڌڙ، گل بنا بوٽو، منار بنا مسجد يا مورتيءَ بنا مندر."

ٿوري دير بعد وري سام چيو: "مزاجي ۽ حقيقي پريم ۾ ڪو فرق ڪونه آهي. حسن هڪ آهي ۽ عشق به هڪ آهي. مگر روپ سويه هزارين آهن. هيءَ ڳالهه اندروني تجربي جي آهي، جنهن لاءِ عقل جون ثابتيون ڏنگي نٿيون سگهجن. مطلب ته ذات حسن جي هڪ آهي ۽ قانون پريم جو مجازي توڙي حقيقي دائري ۾ ساڳيوئي آهي. جيڪو ڪنهن چيز سان سچو پريم رکي ٿو، سو ضرور اول پنهنجي نفس کي نهوڙي ٿو. پاڻ مارڻ کانسواءِ ٻئي کي، پنهنجو ڪرڻ يا پنهنجي هستي ان ۾ سمائڻ مشڪل آهي. پريم نفس جو ويري آهي. آهستي آهستي دوئيءَ کي دور ڪري ٿو؛ وڃي ٿو خوديءَ کي ڪائيندو. عاشق پريم جي رستي تي وک کڻندي کڻندي آخر بيخود ٿي وڃي ٿو. پوءِ هر شيءِ ۾ حسن ڏسي ٿو. پاڻ کي ان سان هڪ سمجهي ٿو ۽ اناالحق جو نعرو هڻي ٿو. مگر اهڙين برابر آهي ته عام ماڻهو هي

ڳالهيون سمجهي ڪونہ سگهندا آهن. تنهن ڪري بعضي سنت لوڪ اهڙا خيال پاڻ سان ئي سانديي رکندا آهن ۽ عام جي آدرش کي ڪين ٿوڙيندا آهن. مگر هن ڳالهہ جو يقين آهي تہ سندر روپ ۽ سندر خيال جو انهن تي اثر گهڻو ٿيندو آهي. بعضي اهڙن شخصن لاءِ گهڻي غلط فهمي پڻ پيدا ٿئي ٿي. سري ڪرشڻ ۽ ڪرست ڀڳوان جهڙن اوتارن جي اتهاس ۾ نہ رڳو پر ٻين ويدانت ۽ صوفي مت جي بزرگن جي تواريخ مان پڻ تسلي ملي ٿي تہ هنن کي حسن جي ڄاڻ هئي. ڪيترين حديثون آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سردار محمد پيغمبر اسلام جو پڻ حسن جي ڀڄاڻ رکندو هو. مگر تمنا حسن کي قيد ڪرڻ جي هر حالت ۾ خراب آهي. اهڙي خواهش ۽ سچي پياس جي وچ وڏو فرق آهي. حسن جي پياس فقير ۽ ڪامي ٻنهي کي شايد هڪ جيتري رهي ٿي. مگر ان پياس پوري ڪرڻ لاءِ فقير اهي رستا اختيار ڪين ڪندو، جيڪي ڪامي پرش ڪندو. ڪنهن جي گهر ۾ يا دنيا ۾ وڳوڙ وجهڻ جي بدران فقير پسند ڪندو حسن جي پياس فقط ديدار يا دعا ڏيڻ سان پوري ڪري. مگر ڪامي پرش ديدار کي ڪجهہ حاصلات نٿو سمجهي. هو پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ نہ فقط عزت پنهنجي پريتم جي پر خود هنجي جان وڃي سگهي ٿو. سچو پريمي پنهنجي پريتم جي جان وڃڻ تہ ڇهيو پر سندس نالي تي ڪولبيءَ لڳائڻ بہ نہ ٿو سهي؛ انکي پاڻ قربان ڪرڻ ۾ ئي آنند ملي ٿو. سچو حسن پرست اهو آهي جو هر جا صاحب جي سونهن ڏسي ان تان ٻلهار ٿئي ٿو؛ ڪو سهڻو گل، ڪو سهڻو پکي يا خوبصورت انسان ڏسي محويت ۾ اچي خود ايشور کي ان روپ ۾ پسي ٿو. معشوق سندس ويجهو اچي يا نہ اچي، هو سندس حسن جو تجلو ڏسي آنند ۾ سمائجي وڃي ٿو. ڪامي پرش

حرص ۽ حيران ٿي ويلا سوچي ٿو ته ان ڳالهه يا ان انسان کي ڪيئن به پنهنجي وس ۾ آڻيان، پوءِ ڀلي ته اهو سندس مت ۾ نيسائجي وڃي، پر سنت فقير سيواءِ جا ديوان ٿين ٿا؛ هنن جي پسندي جي نگاهه مهر ۽ ديا جي درشٽي آهي جنهن ۾ اهو انسان جنهن تي آرو رکن سو سدائين پيو اسري. اهڙي مهر سوامي رام ڪرشن پرم هنس جي نريندر (وويڪانند) تي هئي مگر مطلبي انسان جي نظر ڪاري واءُ مثل آهي؛ جنهن تي پوي تنهنکي نيست ڪري ڇڏي. سنتن جي نظاري ڀا پيار مان ڪنهن کي نقصان ڪونه پهچڻو آهي. هو بد شڪل نبل ۽ نيچ انسان تي به ساڳي مهر جي نظر رکي سگهن ٿا. سندن نظر سان ستل آتمائون جاڳرت ٿين ٿيون.“

پوءِ سام مشڪي چيو: ”اسين به اها نگاهه رکندا سون، جنهن سان تنهنجي آشرم جا ڳالهه اسين ۽ نسائجي نه وڃن!“

* * *

۲۰-٦-۱۹۵۱ع مون سام کان پڇيو: ” اها آشرم ڪهڙي آهي، جنهن جو بار بار تون ذڪر ڪريو ٿا؟ انجي اڏاوت ڪهڙي ۽ ڪيئن ٿيندي؟“

سام جواب ڏنو: ”ڪابه آشرم يا آدرشي آستان فقط سرن ۽ پٿرن يا ٺوڻين ٺنين سان نهي ٺٺو سگهي. جئين انسان کي جسم ۽ روح آهي، تئين آشرم جي اڏاوت ظاهري ۽ پڻ آدرشي ٿيندي. نيم اهڙي آشرم جو روح يا آتما آهي. بيروني اڏاوت انجي سادي ۽ سادي هئڻ گهرجي. منهنجي خيال موجب آشرم ۾ رهندڙن جي واجبي گهرجن لاءِ هڪ گهر ۽ ان سان شامل هڪ کيت ضروري آهي.

اڳي هڪ سنستا ” اڪم آشرم“ نالي جاري ڪئي هئي سين. ان جو خاص مطلب هو ’هندو مسلم ايڪتا‘ ۽ مذهبي اتحاد وڌائڻ .

اهو تحرڪ ان وقت لاءِ ضروري هو ۽ ان آشرم قوم جي اڳيان پنهنجو آدرش ڪتابن ۽ اخبارن دوارا رکڻ جي ڪوشش ڪئي. آشرم جيڪا هينئر اسانکي هن گرهست آشرم جي معياد کان پوءِ کپي تنهنجو مقصد وشو وڪاسي ۽ سمپورڻ يعني انساني جيوت جي هر پهلوءَ سان واسطو رکندڙ ٿيندو. انجا نيم اهڙا ٿيڻ گهرجن جو اُها ڪنهن خاص هلچل جو مرڪز (Centre) نه پر سڄي سنسار جي مغز (Brain) بڻجي پوي. منجهس رهندڙ ميمبرن ۾ اهڙو ميل ميلاپ هئڻ گهرجي جو رواجي گهر جي ڀاتين کان به وڌيڪ پريم ۽ مترتا جو سنبند منجهن رهي. ان ڪري شايد ڪي لکيل قانون هوندائي ڪونه. پريم ئي هڪ قانون سمجهڻ گهرجي ڇا لاءِ جو گهڻا قانون خود پريم کي پنگلو ئي بڻائي ڇڏين. در حقيقت جڏهن اصول پريم آهي تيئن مقصد به پريم ئي سمجهڻ کپي. پر ڪرم جي کيتر ۾ آتما کي جسم جو سهارو وٺڻو آهي. تنهن ڪري

١- جسم يعني شرير جو ستارو

به ضروري آهي. هن سري هيٺ اسين اهڙا نيم ۽ ڪرم وچار ۾ آڻي سگهون ٿا جن مان جسماني صحت سڌري ۽ اهڙو نتيجو نڪري جو آشرم جي ضروري خرچن لاءِ ڪافي پيداوار پڻ ٿئي. مثال طور کيت ۾ آن ۽ باغات ۾ گل ميوات ۽ سبزيون پيدا ڪرڻ؛ آشرم جي روزاني ڪم جي وٿ وراهه ۽ جاين جي صفائي ۽ اڏاوت ۾ حصو وٺڻ؛ هنر ۽ گهرو ڪارخانا استاپن ڪرڻ؛ آشرم واسين جي صحت لاءِ علاج گهر کولڻ ۽ پسگردائي وارن گهوٺن ۾ دوائون وغيره ڏيڻ؛ رانديون ۽ ٻيا وندر جا نمونا موجود رکڻ. جسماني ورزش ۽ رياضت جا ٻيا پڻ کيترا نمونا ويچاري سگهجن ٿا. اهڙي طرح

٢- من جو انتظام ۽ واڌارو

ب ضروري آهي . ڇا لاءِ جو من جي ذريعي آتما جسم
کان ڪم وٺي ٿي . انسان فقط هڪ بت نہ آهي مگر جذباتي ۽
مانسڪ جيوُ آهي . سندس سکي جيوت لاءِ نہ رڳو شريرڪ
صحت جي ضرورت آهي مگر من جي واڌاري ۽ سنوار جي ب .
من جي سنوار لاءِ هڪ قسم جو تعليمي پربنڌ هئڻ گهرجي؛
جو وڏن ۽ ننڍن لاءِ جدا جدا قسمن ۽ درجن ۾ ورهائي ڏنو
سگهجي . ننڍي اوستا وارن لاءِ تعليم جي نون اصولن موجب
آزاد سڪولي وديا ضروري آهي ۽ وڏن جي لاءِ گفتگو، وياکياڻ
۽ ٻيا پروگرام ڪن خاص موقعن تي رٿي سگهجن ٿا، جن ۾
سندن گيان جو واڌارو ٿئي .

٣- آتمڪ شڪتيءَ جو واڌارو

انهن سڀني ڳالهين سان واسطو رکي ٿو . مگر اهو علائقو
خاص ڌرم ۽ گيان جي ويچار جو آهي . زندگي جي ڌارمڪ نيم
۾ ئي انسان جي سچي خوشيءَ جو راز رکيل آهي . هر هڪ
انسان جي اها گهرج پنهنجي ڀاو ڀسنديءَ يا آتڪ انتيءَ
(Evolution) آهر پوري ڪرڻي آهي . ڪن کي اهو
اندروني آنند شيوا يعني پراپڪار جي ڪمن مان ملي سگهي ٿو ،
جنهن جا گهڻا قسم آهن ؛ ڪن کي علم جي ابياس سان وڌيڪ
سهنجي طرح ملي ٿو ، جنهن جا ٻئي گهڻائي طريقا ٿي سگهن ٿا؛
ڪن کي وري ست سنگ ، ڀڳتي ۽ پريم جي ماحول ۾ اهو
مقصد حاصل ٿئي ٿو ، جنهن جا ٻڻ ڪي نيم ۽ نشان آهن .

” اهي ٽيئي رستا ڌارمڪ يعني روحاني هلچل جا اسانجي
آشرم ۾ موجود هئڻ گهرجن : (١) شيوا يا رياضت (٢) گيان
يا علم جو واڌارو (٣) صحبت يعني پريمين جو ست سنگ !

” هي وشيہ اهڙو آهي جو هن تي هڪ جدا ڪتاب رچي
سگهجي ٿو ۽ هڪ هڪ نيم جي فلاسافي جو جدا وستار ڪري

سگهجي ٿو . هن وقت فقط زباني طور مختصر تصوير (*OutLine*) تنهنجي سمجهاڻيءَ لاءِ ليکي اٿم . ان جي اندر جزو جزو ويچار سان رٿي رکئو آهي. وڏيڪ ايترو چوندس ته جيڪي نيم ۽ اصول رکجن انهن مان سم درشتيءَ جو آدرش ظاهر ٿيڻ گهرجي . نيم اهڙا وشو سنبنڌي يا عالمگير (*Universal*) اصول تي رکيا آهن جيڪي قدرت جي نيمن سان نهڪي اچن ۽ نه ڪنهن خاص سنستا يا ڌرم جي پوئواري ڪن ."

* * *

آشرم جـي مـتين رٿا سمجهائڻ بعد سام چيو : "مونکي ڪڏهين ڪڏهين اٿين خيال ۾ ايندو آهي تــه شايد اسان ڪان اهڙي اڏاوت يا جوڙ جڪ پڇي ٿي ڪونه; ڇا لاءِ جو هڪقسم جي مان تن ۽ من جي متان غالب پوندي ٿي وڃي ، جيتوڻيڪ اها بي ڇسپي يا شوق جي گهٽتائي يا آلس نه آهي. اڌين نه آهي ته اتپتيءَ جي راند ڪا بيهجي سگهي ٿي . سرشٽيءَ ۾ ڀلائي يا برائي جي ڪمن جو انت ڪو ٿيڻو نه آهي . مان ته چوندو آهيان ، هي پريو ! هن سرشٽيءَ جو ڪرتا پرتا تون پاڻ آهين ; تنهنجي لاءِ ڪا به سنستا يــا سڌارو ضروري نه آهي . هيءَ زندگي جي هلچل ۽ اسانجا حيلا وسيلا سڀ پاڻ گولڻ جا بهانا آهن ; آهي اسانجي نفس کي نهوڙڻ يــا آتما جي آنند پائڻ لاءِ بعضي سڌا پر گهڻو ڪري اڻ سڌا طريقا ثابت ٿين ٿا ; هي سوامي! اسانجي شيوا يا پراپڪار جي توکي ڪهڙي ضرورت آهي ؟"

سام وڏيڪ چيو : " شايد هي پاو وڌندو رهي ۽ اسين سڀ ڪجهه سندس پيٺ رکـي آخـر وڃي ڪنهن وڻ هيٺ ويهي رهون يا ڪنهن گفا ۾ گم ٿي وڃون ، جتي فقط هريءَ جي نام جو سچو سک هر پگهن جـي سنگـ ۾ پيا ماڻيون . هي ڪم به پيا ٿيندا ۽ شايد ڪن ست سنگين کي ڪو اهڙو اتساهه جاڳي جو هو هن آشرم جي اڏاوت

شروع ڪن ۽ ان ۾ اسان کي پڻ ڪا ڪند ناهي ڏين.
مگر پنهنجي طبيعت هاڻي جوڙجڪي ڪم جهڙي ڪانه رهي آهي؛ هن ڪم لاءِ گهڻي جفا ڪشي ۽ هڪ قسم جو اڻ ٽُٽ سياو کپي. پيو اِهو خيال پيو ٿئي ته جانفشاني ڪري ڪو خاص آستان ناهجي به ڪٿي ۽ اهو وري اسان لاءِ هڪ نئون قيد خانو بڻجي پوي ته پوءِ اهڙي ڪوشش ڪهڙي ڪم جي ٿيندي!

”منهنجو مطلب اهو نه آهي ته ڪو شيوا يا ادبم جو آدرش گهٽ آهي؛ مگر جڏهين سڀ ڪرم ۽ اُديم جو انت ايشور جي آنند پاڻ ۾ آهي، تڏهين سوال ٿو اٿي ته ڇو نه آنند پاڻ جو سڌو حيلو يعني پريم ڀڳتي جو مارگ اختيار ڪجي؟ تنهن ڪري گهڻي ڀاڱي اِها ڳالهه مدار رکندي، ان وقت جي ساٿين ۽ سندن گهرجن تي. چوندا آهن ته صوفيءَ جو سڀ ۾ سير آهي. ايشور پاڻ هيءَ ليلا رچي رکي آهي. هي سنستائون، سماجون ۽ خدمت يا سخاوت جا ڪم به پاڻ ايجاد ڪيا اٿس، تنهن ڪري سندس سچي ڀڳت کي ڪو انهن کان عار به هئڻ نه گهرجي.“

مون چيو: ”هڪ پاسي چئو ٿا ته گرهست آشرم کان پوءِ هن قسم جي آشرم کپي، ٻي پاسي چئو ٿا ته شايد اسان کان اهڙي اڏاوت ڪرڻ پڄيئي ڪونه ۽ آخر ڪنهن وڻ هيٺان وڃي شايد وِهون. خيال جي پڪائيءَ کان سواءِ ڪجهه به ڪيئن حاصل ٿي سگهندو؟“

سام وراڻيو: ”پڪ فقط پنهنجي اڏيتا جي اٿئون. اهو وقت اچا پري نظر اچيتو. ايترو اڳ ۾ ڪاٻه پڪ ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ اهڙي پڪ خيال جي ايمان کان سوا پيدا ٿي نه ٿي سگهي. ڪنهن به ڳالهه ۾ ضد ڪري يا حرصي نموني ڪاهي پوڻ چڱو نه آهي.“

نه وري هروپير منهن موڙڻ کنهن ڳالهه کان ضروري آهي .
مطلب ته ٻنهي ڳالهين لاءِ اسانکي تيار رهڻ گهرجي. پوءِ جيئن
سندس اشارو اچي تيئن ڪجي . 'جوتد پاوي ، سائي پاي ڪار' ،
ان پاونا سان سپ ڪجهه ڪجي ۽ نه خوديءَ واري خيال سان ."

* * *

۲۱-٦-۱۹۵۱ع مون سام کي چيو : " هي ڪتاب
جلدڇپاٻون ته چڱو؛ اِها هڪڙي اسانجي ڪم جي شروعات ٿي پوندي."
سام چيو : " ڇپائيءَ لاءِ گهٽي چاهنا نه رک.
گذريل سترهن ارڙهن سالن کان مون پنهنجو پاڻ ڇپائيءَ جو
ڪم بند ڪري ڇڏيو آهي جيتوڻيڪ ڪافي ليک ۽ ڪتاب تيار
آهن؛ هيئنر ته خاص ڪري ماڻهن جي لڏ پلاڻ پنهين ملڪن ۾
اسان سيني جي زندگيءَ ۾ گهبراهٽ پيدا ڪري ڇڏي آهي ؛
هن وقت ڪتابن جي ڇپائڻ ۾ ڪو خاص مقصد نظر نٿو اچي؛
جيڪي خيال يا اصول سنا سمجهين ٿي انهن کي عمل ۾ آڻ .
اها خود انهن لاءِ وڏي ۾ وڏي مشهوري آهي. عمل جي ذريعي
آهي ڇپائيءَ کان وڌيڪ سلامت رهي سگهن ٿا . "

* * *

ٿورا ڏينهن ٿيا ته مدراس جي گڻيش ڪمپني وارن سام
کي لکيو ته اوهان جي ڪتابن جون اڃان ڪجهه ڪاپيون
اسانوٽ آهن ، جن جي نيڪال ڪرڻ جي تجويز ٿي سگهي ته
ڏسيو . سام ان ڳالهه ڏانهن اِشارو ڪندي چيو ، ڪيترو ٻه
ڪٿي انهن ڪتابن جو انوقت جي اخبارن ۽ رسالن آدر ڪيو
تڏهين ٻه اٿين ظاهر آهي ته انهن جو ڇپجڻ ڪا خاص لايد ايڪ
ڳالهه ڪانه هئي . ڇپائي يا پيو ڪو ٻه ڪم تڏهين هٿ ۾
ڪٽجي جڏهين ان جي گهرج محسوس ڪجي ، نه فقط پنهنجي
حرص پوري ڪرڻ لاءِ؛ ڇپائي لاءِ وري جڏهين ڪو اِلاهي اعلان
ٿيو ته ڏٺو ويندو ."

پوءِ وڏيڪ هينئن چيائين: ”هيءَ تنهنجي ڊائري ڏيکاري ٿي ته تنهن جو هنن آدرشن ۾ ڪجهه قدر ويساهه آهي، پر تڏهين به تنهنجو ناتو اسان سان فقيري امنگ يا صدق تي اڃان ٻڌل نه آهي. جڏهين فقيريءَ جو شوق تو ۾ پيدا ٿيو، تڏهين هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جو توکي اڌڪار رهندو.“

* * *

مٿين ڳالهه مان ظاهر آهي ته سام جي خيال موجب مان اڃان فقيريءَ ۾ پورو عقيدو نٿي رکان. برابر مان ڪڏهين اهڙي هلت ڪندي هوندس جا گرو ۽ چيلي جي وچ ۾ سهائيندڙ نه آهي. اٿين به شايد هجي ته سنساري ڪمن سان گهٽي واهپي ڪري آهو آدرشي ناتو اسين اڃا قائم ڪري نه سگهيا آهيون. مگر جيڪڏهين وڏيڪ اونهو وڃبو، ته اٿين خود سام کي قبول ڪرڻو پوندو ته مونکي سندس مقصد کان نرالو ٻيو ڪو مقصد حياتيءَ ۾ ڪونه آهي؛ جو هن جو آدرش سوئي منهنجو آدرش آهي.

هن باري ۾ ڪڏهين سام چرچي طور هڪ آکاڻي ٻڌائيندو آهي، جنهن ۾ شايد پڙهندڙن کي ڪو گيان جو نڪتو نظر اچي؛ ان ڪري آءٌ هت ڏيان ٿي:- ”انگلنڊ جو بادشاهه آلفريڊ جڏهين هار کائي پنهنجو تخت ڇڏي، لڪي وڃي هڪ ريڍار جي گهر ۾ رهيو هو، تڏهين ريڍار جي زال هن کي گهر جو ڪم ڪار ڏسيندي هئي. هنکي اها خبر نه هئي ته هي ڪو بادشاهه آهي. هڪ لڳا جڏهين چلهه تي روٽين جي نگاهه لاءِ آلفريڊ کي ويهاري ويئي، تڏهين آلفريڊ پنهنجي ملڪي مسئلن جي خيال ۾ محو ٿي روٽين کي اٿلائڻ وساري ڇڏيو؛ روٽيون سڙي ويون ۽ ريڍار جي زال هنکي ڪيتريون ڇڙٻون ڏنيون.“

سام ڪلي چيو : ” اسان بہ پنهنجي ملڪ (آتمڪ سنگ) ڪان وڇڙيل اچي تو وٺ مهمان ٿيا آهيون ۽ تون ڪڏهين ڪڏهين ان ريڊارڻ وانگر هلت ڪرين ٿي .“

وري ان ڳالهہ کي دهرائيندي چيائين: ” اٿين چوڻ ۾ ذرا ڪجهہ ايمان نظر تو اچي ، پر ريڊارڻ جو لفظ مون کنهن خراب ارادي سان ڪم ڪو نہ آندو . منهنجو سچو مطلب آهي تہ هي دڪ دائي سنسار انهيءَ اڻجاڻ ريڊارڻ جي مثل آهي ; بادشاهہ آلفريڊ اسانجي آتما آهي ، جا هار ڪائي پنهنجي آنند روپي تخت تان لهي هت اچي لڪي آهي ۽ ويٺي ٿي سنسار جا روز طعنا ۽ مهٽا سهي . جيتر سندس اکيون کلن ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻي، تيتر پيو سنسار کيس ڏنيُ ڏيندو. هي سنها ٿلها غرض ۽ چنتائو انهن ڏنين مثل آهن . تون ڪڏهين ڪڏهين اسان بنهي جي ان ڳڏيل جيون جي آدرش کي وساري ڇڏيندي آهين ۽ فقط گهر جو پاتي يا پنهنجو ساٿي ڪري اسانکي سمجهندي آهين . برابر توکي حياتيءَ جي ضروري مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو . پر اسانکي پنهنجي اڳين زندگي ۽ ايندڙ وقت جون اميدون هر وقت ياد آهن ، تنهن ڪري پاڻکي هت ڪڏهن ڪڏهن آن جلا وطن بادشاهہ آلفريڊ وانگر پيا سمجهون. سچ پچ تون نہ، پر ريڊارڻ هيءَ سنساري زندگي آهي ، جنهن اسان کي هت روٽين پچائڻ ، يعني گذاري لهڻ لاءِ ويهاري ڇڏيو آهي !“

* * *

٢٢-٦-١٩٥١ع مون سام کي چيو : اج مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهہ ڪونہ لکيو آهي ۽ نہ توهان ٿي ڪجهہ ٻڌايو آهي . اٿين ٻئي سمجهان تہ جڻ وقت اجايو وڃايو اٿم .“

سام چيو : هر شوق حرص جـي صورت وٺي سگهي ٿو. ان ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي . جـا ڳالهه از خود ٿهي ايندي آهي ، سائي ٻڌڻ ٻڌائڻ جوڳـ آهي . خيالن جـو اچڻ وڃڻ ڪنهنجي وس ۾ نه آهي."

سون چيو: "توهين ڀاڻ چوندا آهيوته خيال جو خزانو اکٽ آهي."

سام چيو : " شايد ڪي نوان خزانا خيال جا اسانوت ٻه اچا لڪل هجن پر انهن جو منهن کولڻ منهنجي وس نه آهي. جيئن ڌرتيءَ اندر پاڻيءَ جون نهرون هميشه وهن پيون، مگر ڪنهن سونجهي کي ئي سڌ رهندي آهي تـه ڪٿان سهنجو تڙ ملندو ، تيئن انسان جي من ۾ گيان جو آب هميشه ميسر آهي ؛ سچا پياسي ائٽ گهڙي ڪنهن وقت بـه پهنجي پياس ٻجهائي سگهن ٿا . تنهجو پريم ۽ تنهجو شوق شايد ان ۾ ڪا مدد ڪري سگهي ۽ نوان چشما کولي وجهي."

سام چيو : " هيءَ کهڙي نه عجب جهڙي ڳالهه آهي جو اسانکي انهن املهه خزانن جي پوري خبر نه آهي ! عمر گهٽي ياڳي اجاين ڪمن ۾ گذري وڃي ٿي . اڄ ڪالهه جـي نموني رهڻي ڪهڻيءَ جي (Standard) قائم رکڻ لاءِ ماڻهو ڪيتري نه جانفشاني ڪن ٿا ! مگر جنهن انجڻ جـي طاقت گهٽي ياڳي پنهنجي بوج کڻڻ ۾ خرچ ٿي وڃي ٿي ، اها انجڻ بيڪار سمجهڻ گهرجي . مثال طور جيڪڏهين ڪا موٽر ڪار ٻارهن هارس پاور جي آهي ۽ انهيءَ مـان ڏهـه هارس پاور فقط انهيءَ جي باڊيءَ جي کڻڻ لاءِ گهربل آهن تـه اها ڪارائٽي ڪين چئبي . ساڳيءَ طرح جيڪڏهن انسان جـي روزاني پورهئي جو نتيجو اهو نڪري جـو هو فقط اڌو ۽ لٽو پنهنجي لاءِ ميسر ڪري سگهي ۽ باقي حياتيءَ جون گهڙيون ٻه

انھيءَ جي چنتا ۾ خرچ ڪري ته اُن انسان جي زندگي بيسود سمجھڻ گھرجي؛ ڪجھ به هٿ حاصل نه آهي جي لڪ آئي ۽ لڪ ٿي پاڻ تي لائي. بيو انسان چاهي ٿورو ڏي ڪمائي، پر پنھنجي ڪاڏ پيٽ ۽ ضروري ڪمن ڪان ڪجھ وقت بچائي، من جي خزانن کوٽڻ ۾ لڳائي يا ٻئي ڪنھن شيوا جي ڪم ۾ خرچ ڪري ته ان جي زندگي وڌيڪ سچي ۽ سڦلي سمجھڻ گھرجي.

”اڄ ڪالھه دنيا ۾ ڪاڌي لٽي ۽ ٻين شين جي تنگائيءَ ڪان وقت جي تنگائي وڌيڪ محسوس ڪجي ٿي. افسوس! اسين مورکائيءَ ۾ دنيوي اڊمبر خاطر ڪوڙي سک جون شيون ۽ مال گڏ ڪري، پنھنجون چنتائون وڌائي رهيا آهيون ۽ پنھنجي من جي اندر پوريل خزانن ڪان پاڻکي محروم ٿا رکون. اِن ڪري اسانجي آشرم جو خاص سنيھو، ’سادگي‘ ٿيڻ گھرجي، جنھن جو ٻيو نالو سچائي آهي؛ سادي جيون سچائيءَ واري جيون آهي ۽ سچائي سڀ ڪان سادي ۾ سادي شيءِ آهي. انساني جيوت جي مشين کي پنھنجي بوجي ڪان آجو ڪرڻ سو سندس سڀني مرضن جو هڪ علاج آهي.“

* * *

ائين مونکي هرگز خيال ۾ نٿو اچي ته، ڪو وڏيون جايون، وڏا ڪارخانا يا پيچيده ڪاروبار جا طريقا اسانجي آشرم لاءِ ضروري ٿيندا؛ مان ته ائين خيال ڪري رهيو آهيان ته جيڪو وڻ جي ڇانوَ مان ڪم نڪرندو؛ تنھن لاءِ جاءِ ڪانه اڏيندا سون؛ مونکي اُها انگريزي ڪتاب واري تصوير وري ياد ايندي آهي، جنھن ۾ هڪ ياتريءَ جي ڪلھن تي ست ماڙ عمارت بيٺل آهي جا سامان سان ستيل نظر اچي ٿي ۽ گھٽي بوجي سبب مسافر جو ڪنڌ جھڪيل نظر اچي ٿو؛ تصوير جي

هينيان ڪجهه اهڙا اکر لکيل آهن: ’بهشت جا يا تري! ذرا پنهنجو بوجه گهٽاءِ!‘ انهيءَ هدايت جي اڄ اسانکي ڪيڏي نه ضرورت آهي!“

* * *

٢٣-٦-١٩٥١ع- پنهنجي گذريل وقت جون ڪي ڳالهيون ياد پيون ڪچهريءَ ڏيئي پنهنجي طبيعت بابت ڳالهايون. شاديءَ کان اڳ سمورو وقت ڪتابن جي اڀياس ۽ دل گهرين ڪسرتن ۾ خرچ ٿيندو هو. ان وقت هڪ ڇوڪرين جو ڪلاس سنڌي ۽ انگريزيءَ جي پڙهائڻ لاءِ کوليو هيم ۽ ڳوٺ جي حويليءَ جون زالون گهڻيون ست سنگ ۾ ايندڀون هيون. پر شاديءَ کان پوءِ جلد اچڻ ئي ڇڏي ڏنائون. انهن کي اسانجي شادي ڪرڻ ۽ گرهست ۾ گهرڻ هڪ گهٽتائي ٿي لڳي، اگرچ اسانجي نيم ۽ ويچار ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آيو هو. آهي ست سنگ وارا جلد ٿهي ويا ۽ ڇوڪرين جو ڪلاس به بند ٿي ويو، مگر سنسار ۾ گهرڻ مون لاءِ فائدي وارو هيو؛ ڇا لاءِ جو سنسار جون نوڪرون ڪانئي انسان گهڻو ڪجهه سکي ٿو. حقيقت ڪري سنسار جو پهاڙ آهي ئي ان لاءِ ته انسان جو من ان کان ڇوٽون کائي وڌيڪ نهٺو ۽ نرم بڻجي. پهاڙ تان هڪ لڳا هڪ وڏو پٿر مون ڪرندو ڏٺو؛ جٿي ڪرندو، ڇوٽون کائيندو هيٺ لٿو تيئن ان جون نوڪدار ڪنڊون پڃي پيون. مونکي خيال آيو ته اهڙا ڏکن مٿان ڏک کائي آخر صاف، بي ڪنڊيارو، گول ۽ لسو ٿي پوندو. هي من انسان جو پڻ زندگيءَ جي دور ۾ گهرڻ کان اڳ بجر مثل آهي. زندگيءَ جا طوفان آٿي ٿا انکي حقيقت جي پهاڙ سان ٽڪرائن ۽ اُنجا پاسا اوسا پڃي، خوديءَ جا خيال ٽوڙي، منجهائنس شوخي ۽ شيخي ڪيڍي، ڪيس بي ڪنڊيارو يعني خوديءَ ۽ آڪڙ کان

آجو ، لسو يعني سادو ۽ سرل سڀاوَ وارو ، گول يعني سم درستيءَ وارو ۽ صاف يعني وڪارن کان آجو ٿا ٻڌائن . لباس سادوپڻي جو ننڍي عمر ۾ ڪٽي ڪن وڪارن کان ڪجهه بچاءُ ڏئي ٿو مگر آخر نقصان ڪار ثابت ٿئي ٿو ، ڇاڪاڻ ته هن ضروري گهَڙ گهَڙ جي دوَر (Process) کان دُور رکي سچي علم ۽ احساس کان محروم رکي ٿو .

گيان جي بجلي ٻن مختلف جزن (Negative & Positive) جي گسڻ سان نڪري ٿي ؛ زندگي ٻراٻن سان ٺوڪرون کائي سچ ثابت ڪري ٿي؛ سچ عمل ۾ اچڻ کان پوءِ ئي مڃتا جي لائق بڻي ٿو . جيستائين عمل ۾ نٿو اچي تيستائين گويا وجود ۾ نه آهي، يعني تيستائين 'سچ' سچ نه آهي پر هڪ وهم يا خيالي بد بدو آهي . گيان جي وڻ جي چوٽي جيتوڻيڪ آنند جي آسمان ۾ آهي ، پاڙون سندس دک ۽ ڪشالي جي زمين ۾ کتل آهن. انسان جو من دکن جوئي رس پي پاڻ ۾ ميناج سمائي ٿو .

"زندگي هڪ عجيب سڪول آهي. مان سمجهان ٿو ، جيتوڻيڪ اڳين نوڪلائي وندر ۽ سنن نيمن ۾ ظاهري مزو هو، تڏهن به هي ويهه يا پنجويهه سال سنساري زندگيءَ جا اجايا ڪين ويا آهن."

* * *

جرمنيءَ جي قيصر جي هڪ ڳالهه سام ٻڌائي، جا هن وشيه سان سنبند رکي ٿي. دنيا جي پهرئين (١٩١٤ واري) لڙائي کان پوءِ قيصر جڏهين پنهنجو تخت وڃائي پرديس ۾ وڃي رهيو، تڏهن هنکي ڪوبه سياسي يا شاهي گهراڻي جو درجو يا طاقت حاصل ڪونه هئي، مگر چون ٿا ته هو پڇاڙيءَ تائين گهر ۾ اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ ماڻهن سان ملڻ وغيره ۾ ساڳيوئي

ڏيکـــ ۾ شاهاڻو نمونو قائم رکندو آيو؛ جڏهين مانيءَ واري يا ملاقات واري ڪمري ۾ ايندو هيو تڏهين اڳئين دستور مـوجب اردلي سندس شاهي چوغي کي پنيان کڻي هلندا هئا؛ يعني هـن شاهي چڏي، مگر شاهاڻو خيال نه ڇڏيو؛ هن کي اميد هئي تـه هڪ ڏينهن تخت تي ضرور موٽي هلبو. هو ته پلـل نڪتو مگر جيوَ آتما کي پنهنجي سنتترتا جـــي تخت يعني پرماتما ڏانهن موٽڻ ڪان ڪير به روڪي نٿو سگهي.

”ڪي صوفي نيم ۾ ورتيءَ کي فقط ٻاهريون ڏيکــــ ويکـــ ڪري سمجهندا آهن پـــر بعضي ان ريت آتما پنهنجي اصليت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ڪيترا ماڻهو آهـن جيڪي پنهنجي گهراڻي جو شاهاڻو نمونو ڪنهن طرز طريقي رهڻ يا ڪپڙي جي پهرڻ جي سان ڪجهه قدر قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پنهنجي وڏن جي ريت ڪين وساريندا آهن، توڙي جــو هو مفلس ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح ڪي پسريل آتمائون آهن جيڪي پنهنجي آدرشي جيون جو نمونو نيمن ۾ ٻـــاهرين ڪريائن سان قائم رکڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. انهن سڀني کي ڏوهه ڏيڻ بدران شاباس ڏيڻ گهرجي، ڇا لاءِ جو روپ روح جو ماڻ آهي؛ قانون جي مجتا خود سڀني جيون جي مـراد پيدا ڪندڙ آهي؛ ساڌو پڻي جو ڏيکـــ سچ جي اپجڻ جي شروعات ٿي سگهي ٿو. انساني جيوت جا وڏي ۾ وڏا آدرش پهريائين لوڪن کي بناڪون سوداءَ يا چرچن مثل نظر ايندا آهـــن، پر اهي سوداءَ سچ جا سلا ٻڌجيو پون . مطلب ته روپ يا جسم روح کي پاڻ ڏانهن ڇڪ ڪري ٿو ؛ خالي نيم سچي آدرش من ۾ سماڻ جي گويا هڪ دعوت ڪـــري سمجهڻ گهرجي. ائين برابر آهي ته روح کي اها طاقت آهي جو پنهنجي لاءِ نوان روپ ۾ جسم بڻائي، مگر روپ يعني ماڻ به روح

جي پرتجهہ لاءِ هڪ موقع يا سبب تي سگهي ٿو ؛ نہ رکو ايترو پر مان سمجهندو آهيان تہ ڪاٻہ آتما جي اِڇا صفا وئرٿ نہ ٿي وڃي. تنهن ڪري هن زندگيءَ ۾ آتما جيڪي رنگ ڍنگ اختيار ڪري ٿي ، سي سندس اندروني اِڇائون ڪري سمجهڻ گهرجن، جي هڪ ڏينهن وڃي هن آلفريڊ کي پنهنجي منزل مقصود يعني ستنترتا جي تخت تي پهچائينديون. فقط آلفريڊ وانگر اسين پنهنجي تخت جي تمنا دل ۾ قائم رکون؛ تان پنهنجي آتما جي وطن جي ڪين وساريون.

”شري ڪرشن ۽ سکي راڌا جي هڪ ڳالھ آهي؛ شري ڪرشن جي وڇوڙي ۾ راڌا گهڻو وياڪل رهي ٿي؛ راڌا ڏينهن رات پيٺي ڪرشن لاءِ واتون واجهائي ؛ مگر سندس آس اجايا اگهائجي نٿي؛ نيٺ راڌا نراس ٿي دک مان آلاپ ڪريٿي ؛ سندس سهيليون هن وٽ مڙي اچن ٿيون ۽ چون ٿيون، هي راڌا! تون نراس نہ ٿيءُ؛ پنهنجي پريم جي جوت جاڳرت رک ؛ ياد جي وٽ ٻاريندي رھ تہ هڪ ڏينهن ڪرشن تو وٽ ضرور ايندو.“

سام وڏيڪ چيو: ”هن وڇوڙي جي بيابان ۾ آشا ئي آتما جو هڪ آڌار آهي.“

* * *

هن خيال تي وڌيڪ ويچار ڪندي سام چيو: ”اهنجيءَ سهنجيءَ ۾ پنهنجو آدرش نہ وسارڻ اها پاڻ سان وفاداري آهي. ڏير ڀڏي وارا اِنسان لوڪ جي نٺوليءَ جو ڪو خيال ڪونہ ڪندا آهن. پنهنجي آدرش کي وسارڻ ڪم طاقتيءَ جي نشاني آهي. جيوت اندر سڀ ڪجھ حاصل ٿي سگهي ٿو ، بشرطيڪ ان لاءِ پورڻ پريم ۽ اعتقاد رکون.“

سوال اٿيو ته جيوت اندر سڀ ڪجهه پلا ڪيئن ٿو حاصل ٿي سگهي؟ ڇا پورڻ اعتقاد رکي، ڪوئي ساري جهان‌جو مالڪ به بڻي سگهي ٿو ؟

سام چيو: ”پورڻ اعتقاد فقط چڱن آدرشن ۾ ئي ٻجهي سگهي ٿو. برائي حرص ۽ لالچ پورڻ چاهه پيدا ڪري نٿا سگهن.“

* * *

مون سام کان پڇيو ته مان جو ڪڏهين ڪڏهين باغي ٿي پوندي آهيان يا ائين چئجي ته پنهنجن آدرشن ۾ اندروني اعتقاد هوندي به ٻاهران نا اميديءَ جا خيال ڏيکاريندي آهيان ۽ سمجهندي آهيان ته اسانکي اُها آشرم واري زندگي مشڪل نصيب ٿيندي؛ ان جو ڪارڻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟“

سام چيو: ”اُن جو ڪارڻ اهو آهي جو تو اڃا پنهنجو آدرش پوريءَ طرح ڪين سمجهيو آهي. جڏهين پنهنجو مقصد چٽو ڏسبو تڏهين ئي منجهس ايمان پيدا ٿيندو؛ يقين ڏسڻ سان ئي پيدا ٿئي ٿو ۽ ان بعد وڌيڪ آزمائش جي ضرورت ڪانه ٿي رهي. في‌الحال تون پيئي ٿي واجهائين. ڪنهن ڪان به زوريءَ شنڪائون ڇڏائڻ ڪين گهرجن. وشواس پنهنجي آزمودن مان پيدا ٿيندو آهي. جيئن ننڍڙو سلو هوريان هوريان ڏانديءَ جي صورت وٺندو آهي ۽ نبلو وڻ هوائن جا لوڏا کائي کائي ان مان مضبوطي پرائيندو آهي، تيئن انسان جو آدرش به آزمائش کان پوءِ ثابت ٿيندو آهي؛ عمل ۽ خيال جا لوڏا کائي پوءِ پڪو ٿيندو آهي.“

سام وڌيڪ چيو: ”ان شنڪا جو ٻيو به هڪ پهلو آهي؛ ڪجهه وقت اڳ مون هڪ درشيه ڏٺو جنهن مان تون ڪو به مطلب ڪڍي سگهين ٿي: ڏٺم ته هڪ ڪاري ڪوئي آهي؛

انڌاريءَ ۾ ڪجهه چٽو نظر نه ٿي آيو پر تمام گهور ڪري نهارڻ سان ڪوئيءَ جي وچ ۾ هڪ پنڊي ڏٺم جنهن ۾ هڪ ڪارو زهري نانگ ويٺل هو: ڀوءَ خيال آيو ته اهو نفس آهي؛ اها پنڊي سڪ جي سا مگري آهي. ڪاري ڪوئي انسان جو من آهي ۽ اها طمع يا موهه جي اونده آهي جنهن جو اگياني من ۾ واسو آهي.

”نفس جو نانگ هميشه اسانجي من ۾ رهي ٿو. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار ان جون پنج منڍيون آهن. مگر ڇهون اوزار انجو شڪ آهي جو هن عقل جزوي جي پيداش آهي. آهو سندس ڏندن جو ڪم ڏي ٿو جنهن سان ڪاٽي پوءِ پنهنجو زهر سمائي ٿو. لوڀ يا شخصي مطلب انسان کي نه هوندي به منجهس ڪو لڪل موهه يا اهنڪار ٿي سگهي ٿو. شڪ روح جو وڏي ۾ وڏو ويري آهي؛ اهو ئي هر شڪست جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو؛ اهو خزان جي سڪائيندڙ هوا مثل آهي. ان ڪان هن آس جي ٻوٽن کي بچائڻ گهرجي. مونکي اميد آهي ته تنهنجي اها ’بغاوت‘ متاڃري آهي. پر جي سچ پچ آها پريم يا وشواس جي ڪوتاهيءَ مان پيدا ٿئي ٿي ته هي اميد جون مکڙيون اسرڻ کان رهجي وينديون. وشواس جي پاڻيءَ نه ملڻ سبب يا ترشنا جي تاوَ سبب آدرش اُباڻجي ويندا آهن. آدرش جا گل شرڌا روپي بهار ۾ ئي ڪلن ٿا. وشواس امنگ روپي گلن لاءِ پاڻيءَ مثل آهي. شڪ اها سڪائيندڙ هوا آهي، جا دل جي باغ ۾ ويراني آڻي ٿي ۽ اڪثر اها ڪنهن ارمان يا خوديءَ واري خيال مان پيدا ٿيندي آهي.“

* * *

سام جيڪي چيو سو سچ آهي. مونکي ڪي شخصي ارمان هئا جي منهنجي من کي لوڏي رهيا هئا. اهو طوفان

ٿوري وقت لاءِ ايندو آهي. سام چوندو آهي ته اهي ٻه ٽي ڏينهن تون جيتامڙي مان ڦري اُٿ ٻٽجي پوندي آهين! آشرم بابت سندس سمجهاڻيون ٻڌي مان پاڻيان ٿي ته هينئر منهنجو ايمان پيٺو تي پيو آهي. جيستائين رستو صاف نه ٿــي ڏئم، تيستائين اهڙي آدرش جي تڪميل اهنجي ٿي نظر آئي. مان جنهن کي باغيپڻو چوندي آهي سو حقيقت ۾ ڪو خيالــي مت پيد ثابت نٿو ڪري؛ مگر جيئن سام نندي پڻ ڪــان انهيءَ هڪ خيال کي پڪڙي بيٺو آهي ۽ آشرم جو برپا ٿيڻ بلڪل هڪ آسان ڳالهه سمجهندو آهي، تيئن مونکي اهڙو مقصد آسان نه لڳندو آهي. پهريائين ته مان کيس چونــدي هيس: ’ جڏهين نه گرهست آشرم جا ڏينهن پورا ٿين! ‘ مگر هينئر منهنجي شنڪا گهٽي پاڳي دور ٿي ويئي آهي ۽ هــن ٻن ڏينهن جي خيالي ڏي وٺ ڪانپوءِ مون ۾ نئون اتساهه پيدا ٿيو آهي؛ سمجهان ٿي ته ايشور اسانتي ضرور ديا ڪــندو ۽ اسان جو جيون سڦلو ٿائيندو.

* * *

٢٤-٦-١٩٥١ع مون سام کان پڇيو ته توهين هي عجيب غريب خيال ٻنا ڪنهن تياريءَ جي ڪنهن ٻه وشيه تي ڪٿان آڻي ٿا گڏ ڪريو؟ دل ۾ مان ائين سمجهندي آهيان ته جيئن ڪنهن دور چشمي يا ڪنهن دور دنيا مان امرت جا لوٽا ڀري ٿا اچو يا ته وري ڪو لڪل باغ ڪٽ لڌو اٿــوَ جــتان طرحين طرحين گل چونڊي ٿــا اچو! جڏهــين اهــڙيــون ڳالهيون مونکي ٻڌائيندا آهيو ته جڻ توهان سان گڏ ڪال ۽ ديس جي ٻندنن کان آجي ٿي مان ٻه هڪ نئين برج تي وڃي پهچندي آهيان، جت نج خيال کان سواءِ پيو ڪجهه نظر نه اچي! ۽ انهن خيالن سان منهنجي ڊائري کهڙي نه سهڻي پيئي لڳي!

سام چيو: ”مونوٽ پلا ڪهڙا لڪل خزانا يا علم هوندا؟ سچائي سڀ ڪان وڏو خزانو آهي. دل جي صفائيءَ ۾ خيالن جي اڄ وڄ آسان ٿئي ٿي. فقط دل کي صاف ڪري، من کي ميساري، ڪنهن به وشيه تي نظر ڦيريي تہ انجا سڀ پاسا ظاهر ٿي پوندا. خيال تي ڪا حد نہ وجهجي. نہ ڪنهن خاص طرز طريقي مذهب يا ٻين جي راين پٺاندر ان جي موڙ سوڙ ڪجي. ان کي ڇڏي ڏجي تہ آزاد هلي. پوءِ اهڙو ڪو مسئلو مشڪل رهندو جو حل ڪري نہ سگهجي.“

* * *

مون ڪن دوستن ۽ اديبن جي اڳيان وري ڊائريءَ جي ڳالھ ڇيڙي ۽ ”صوفي“ صاحب ڪان خاص ڪري پڇيم: ”ادا! منهنجي ڊائري سٺي آهي يا نہ؟“

سام ان ڳالھ تي ڪجھ رنج ٿيو ۽ پوءِ مساني ڪاڻ وقت مونکي چيائين: ”جڏهين ڪو نقاش (Artist) نقش چٽيندو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن خاص سهڻي روش يا رنگ تي حد ڪان وڌيڪ زور ڏيندو آهي تہ ان جي نزاڪت پاڻ وڃائي ڇڏيندو آهي؛ جيئن ڪا سهڻي عورت حد ڪان وڌيڪ سينگار ڪري، پاڻ زيورن سان جهنجهي ڇڏيندي آهي تہ بد زيبي پيئي لڳندي آهي. تيئن تون پنهنجي ڊائريءَ ڏانهن گهڻو خيال ڇڪائي ان کي هڪ سستي چيز بڻائي ٿي ڇڏين. حياتي خود هڪ هنر آهي، جنهن ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ، کلڻ کائڻ، اٿڻ ويهڻ، سڀ وزن اندر سهڻو لڳي ٿو. سچ تي وڌيڪ زور لائڻ سان بعضي سچ ٻڻ ڪوڙ بڻجي پوي ٿو. نمرتا ۽ حليمائي سچ جو خاص ڍنگ ۽ اصول آهي. تنهن ڪري پنهنجي ڊائريءَ جي وڏائي ڪرڻ يا ٻين اهڙين

ڳالهين جو بار بار ذڪر ڪرڻ مونکي جڙتو ۽ بي جاءِ لڳندو آهي."

سام وڏيڪ چيو: "ڪجهہ ڏينهن کان توکي ڊائري لکڻ جو گهڻو شوق ٿو ڏسان. شوق ۽ حرص جي وچ ۾ تفاوت سمجهڻ گهرجي. شوق الاهي آهي ۽ حرص شيطاني. شوق دل مان ۾ اجالو آڻي ٿو، حرص اندارو پيدا ڪري ٿو ۽ خود ذاتي مقصد کان دور رکيتو؛ تنهن ڪري ڪوشش ڪريون تہ اهو شوق حرص بڻجي نہ پوي يعني منجهس 'مانپڻو' نہ هجي. ڊائري لکڻ ۾ ڪا برائي ڪانہ آهي مگر هن مانپڻي کان هر حال ۾ پاسو ڪرڻ ضروري آهي. 'مان' اکر ۾ ڪيڏي نہ بدبوءِ آهي! ٻن ٽن ڏينهن کان جيئن گهر ۾ هي ڊائريءَ جو ذڪر هليو آهي تيئن مونکي لکڻ پڙهڻ کان ڏي ڪراهت اچي رهي آهي. اهو بہ سمجهان ٿو تہ تون فقط پنهنجي پريم ۽ شرڌا جي شاهدي ڏيئي رهي آهين پر ائين سمجهہ تہ جيڪي آهي سو ايشور جو آ؛ 'مين ڪڇھ ناهين، مين ڪڇھ ناهين!'

* * *

٢٦-٦-١٩٥١ع- مون سام کي چيو: "اڪيلائيءَ ۾ مان تمام تبل ٿي پوندي آهيان؛ سمجهندي آهيان تہ جلد بيمار ٿي پوندس. اڪيلائيءَ جو ڄڻ گويا خوف ٿي پيو اٿم. گذريل ١٣ سالن ۾ ان خوف کان آجي نہ رهي آهيان. ان ڪري مان انهيءَ وقت لاءِ واجهائي رهي آهيان جڏهن دنيا کان فارغ ٿي ڪنهن آشرم ۾ هميشہ گڏ رهنداسون."

سام چيو: "اڪيلائي ابتدائي ۽ آخري حقيقت آهي؛ سنگت يا سچو ساٿ هڪ آدرش آهي؛ تنهنڪري سنگ ۽ ساٿ چاهيندي بہ اڪيلائي ۽ وڇوڙي لاءِ تيار رهڻو آهي. هن وقت جون حالتون هندن جي لڏ پلاڻ کان پوءِ اڪيلائيءَ کي شايد خاص پيانڪ

ٻڌائيندئون هجن، مگر انسان اڃي ٻه اڪيلو ۽ وڃي ٻه اڪيلو ٿو، اگرچ جم کان آخر تائين ڪيس ساٿ جي ضرورت رهي ٿي. خياليءَ ۾ جيڪي ڏک يا سک اچن ٿا، سي سڀ ايشور جي پاسي کان موڪليل سمجهڻ گهرجن؛ ان ڪري سڀ مشڪلاتون اسانکي مٺيون لڳڻ گهرجن. سڀ شيءِ ۾ ۽ سڀ ڪم ۾ هٿ انهيءَ جو ڏسڻ گهرجي. ماڻهن ته ڪڏهين ڪڏهين اُديم ٻه اجايو سمجهندو آهيان ۽ چوندو آهيان ته پاڻ پريوءَ جي وس ڪرڻ، سوئي سڀ کان وڏو اديم آهي. ان کان وڌيڪ فائدي واري ڪوشش انسان پنهنجي لاءِ ٻي ڪاٻه ڪري نٿو سگهي. جڏهن ڪو ملاح حيلا ڪري ڪري آخر طوفان سان نه پڄي، ٻيڙيءَ مان هٿ ڪڍي، پاڻ قدرت جي حوالي ڪري ڇڏي، تڏهن سنسار جي آڻن سان نه پڄي اسانکي ٻه سڀ ڪجهه الله تي رکڻ گهرجي. پر جڏهين پاڻ ۾ ڪا توفيق اديم جي جاڳون تڏهين ٻه اُئين سمجهڻ گهرجي ته اهو اديم خود قدرت ٿي ڪرائي. اڪيلائي در اصل ڪا مشڪلات نه آهي. ضرور ڪو ٻيو خوف يا انديشو انکي ستائيندڙ ٻڌائيندو هوندو.“

مون پڇيو: ”اُئين شايد هجي ٻه؛ ڏک ۽ چنتائون مڙدوئي گڏجي پيا اچن. هڪ انديشو ٻئي کي اٿاري ٿو.“

سام چيو: ”مونوٽ جڏهين مشڪلاتون ميڙ ڪري ايندئون آهن، تڏهين، مان پاڻ کي چوندو آهيان ته هنن کي گڏي ايشور مونوٽ موڪليو آهي؛ پوءِ آڏو انهن جي ڇو اچان؟ پل اهي ٻه پنهنجو مقصد پورو ڪري وڃن!

”ظاهر ۾ اها چريائي پيئي لڳي يا ڪي انهيءَ کي اديم جي گهٽتائي سمجهندا هوندا؛ ماڻهو مونکي چوندا آهن ته توهين ڪمن جي ڪوشش نٿا ڪريو؛ اجائي سستي ڇڏي ڏيو، وغيره!

پر مون ڏٺو آهي ته چنتا جي گهيرڻ وقت پاڻ ايشور جي وس ڪرڻ ۾ ئي فائدو آهي."

مون چيو: "توهانجو شايد مطلب هي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن اديم نا ضروري آهي؛ سو وقت ڪيئن سڃاڻجي؟"

سام چيو: "انوقت کي پروڙڻ جي هڪڙي نشاني هيءَ آهي ته حيلو سڀ طرف کان اجايو پيو نظر ايندو؛ هٺرادو حيلو ڪبو ته جيڪو سو ڪالهه ويندي خراب ٿيندي. جيڪي ٿيڻو هوندو سو پاڻ ان حيلي سان رنڊجي پوندو، جنهن ڪري انت ۾ پاڻ وڏيڪ مشڪلات پيدا ٿيندي. هيءَ ڪرم جو تياڳ نه آهي، پر پاڻ ايشور جي وس ڪرڻ هڪ وڏي ۾ وڏو اديم آهي. البت جڏهين رستو صاف نظر اچي، تڏهين آپا و کان منهن موڙڻ نه گهرجي. سو اعلان به ايشور جي طرف کان سمجهڻ گهرجي.

"حقيقت ۾ مشڪلات کي ڪو وجود ڪونه آهي. اهو هڪ من جو ڀرم آهي يا چئجي ته خيال جي تنگ نظر آهي؛ ان جو محسوس ڪرڻ ڦٽ يا ڦرڙيءَ جي آزار محسوس ڪرڻ مثل آهي. من ۾ ڪا ٿوري گهٽي لڪل چاهنا سڪ جي يعني ڪا خود مطلبي رهيل آهي، جنهن ڪري مشڪلات محسوس ڪجي ٿي. جئن ڦٽ يا ڦرڙي جو درد ڪنهن روڳ مان پيدا ٿئي ٿو ۽ ڦٽ خود ڪا خرابت نه آهي مگر ان روڳ جي نيڪال ڪرڻ جو هڪ رستو آهي، تئن ظاهري مشڪلات پڻ مانسڪ نبلائيءَ جي پورت ڪرڻ جو هڪ موقعو آهي. نفس ئي دکي ٿيندو آهي. نج آتما تي دک ۽ سک جو ڪو اثر ڪونه آهي."

وڌيڪ سام چيو: "جئن ننڍي اوستا وارو بالڪ فقط کير يا مٺا کاڌا کائي سگهي ٿو ۽ وڏي اوستا ۾ ڪڙن کاڌن جهڙوڪ ڪريلن ۽ ڏونرن وغيره مان به مانهوءَ کي مزو اچي ٿو، تيئن تڪليفن کان ڊڄڻ، سا هڪ روحاني بالڪپڻ جي نشاني آهي.

عاشق 'زهر پياڪ' ان ڪري چئبا آهن جو حياتيءَ جا زهر يعني ڏک ۽ پيڙائون هضم ڪيو وڃن. جيتوڻيڪ سنگ ۾ گڏ رهڻ جو آدرش سٺو آهي ۽ سچو سنگ حياتيءَ جي سيني سکن ۾ اثر آهي، تڏهين به آءٌ چوندس ته ڏک ۽ مشڪلاتن کي پڻ حياتي اندر قدرت جي ترتيب موجب وڏي اهميت مليل آهي. سک حياتيءَ جو مقصد يا ائين ڪٿي چئجي ته ڦل آهي؛ ڏک انجو ذريعو ۽ طاقت رسائيندڙ پاڙ آهي.

"پلا جيڪڏهين خوشيءَ سان آهو قبول نٿو ڪجي ته زوريءَ به قبول ڪرڻو پوي ٿو. ڪنهن ته سبب ڪري قدرت کي ائين وڻيو آهي جو ڏک کي حياتيءَ ۾ ايڏو وڏو ڀاڱو ڏنو اٿس! هي شايد هڪ پيرم نظر اچي، مگر مان ائين سمجهندو آهيان ته جيڪڏهين تڪليف کان منهن موڙبو يا ڏک کي آڏو اچي انڪي ٽاري ڇڏبو ته هو موٽي پنهنجي ماڻهن وٽ ويندو ۽ انهن کي گڏ ڪري ورڻي وڏو ميڙ ٺاهي چڙهائي ڪندو! جي هڪ گهٽيءَ کان پڇون ته ٻئي رستي کان اچي منهن ڪيندو؛ جي هڪ روپ سندس اگرو لڳي ته پيا پلائيندڙ روپ اختيار ڪري ايندو! اهڙو ڪو انسان نه آهي جنهن ڏک نه ڏٺو آهي. اسانکي اُن پريوءَ جو هميشه شڪر گذار رهڻ گهرجي جنهن بار بار ڏکن جي لهرين ۽ ڪوڙن سکن جي ڪُنن، پنهي کان ٽپائي پار پيي ڪيو آهي. منهنجو ته هي اعتقاد آهي ته هنن ظاهر جي مشڪلاتن، ننڍڙن وڇوڙن ۽ تڪليفن ۾ به پلائي جو ٻج پوريل آهي. ڪوبه ٻج يا سلو تپش کان سواءِ نٿو اُسري. ڪيئن نه پاڻ ٻيٽو ٽيٽو ڪري، يعني سوڙهو ٿي، وڪوڙجي ڌرتيءَ جي ڏب مان سلو پڦريائين منهن ڪڍي ٿو! ان ريت ڪوبه پلائيءَ جو نتيجو تڪليفن کان سواءِ نٿو پيدا ٿئي ۽ اڄ جا ڏک سڀاڻي جا سک ٿي پون ٿا. اسانکي هر حالت ۾

خالق جي ڪئيءَ تي راضي رهڻ گهرجي. هي سڀ ڪشٽ اسان جي ڀلي لاءِ آهن؛ ائين به شايد هجي ته هو پنهنجي سنڌاريءَ سان اسانجو حصو ڏکنجو اهڙيءَ طرح ننڍڙين قسطين ۾ چڪائي رهيو آهي؛ ڇا لاءِ جو هر ڪنهن ڪي اهو قرض آخر ادا ڪرڻو آهي!"

* * *

هن بعد اسين ٿپي وچي ٻئي اهم وشيءَ ۾ پياسون؛ مون سام ڪان پڇيو: "ڪڏهين ڪڏهين انساني عقل جي اوٽ نه وٺي پاڻ کي قدرت جي حوالي ڪرڻ واري اصول جو توهان ذکر ڪيو؛ اهو شايد انهن لاءِ ممڪن هجي جن کي اڳوات حالتن جي ڪا خبر پوندي هجي. اسان اهي حالتون ڪيئن سمجهون؟"

سام چيو: " اهڙيون ڪي ظاهر نشانيون يا رول ڪونه آهن جن سان اهڙي معلوميت ڪجي. قدرت جي اشاري کي صحيح سمجهڻ لاءِ فقط دل جي صفائي ۽ سچائي ضروري آهي. ڪڏهين ڪڏهين اهم واقعا پنهنجا پاڇا اڳوات اڇلائيندا آهن. انوقت اڪثر عقل جزوي چپ ٿي ويندو آهي؛ خيال تي هڪ قسم جو پاڇو اچي پوندو آهي، يا ڇڄي ڪٽي ڪو اثر طاري ٿيندو آهي. گذريل وقت جي آزمودن جي ڪا آچل ڇڄي يا هڪ اندر جو اعلان ڇڄي سو ظاهري سبب ڪانسواءِ ڏسڻ ۾ ايندو آهي؛ مگر ان پاڇي پوڻ يا اعلان اچڻ وقت ٿي ائين سمجهبو آهي ۽ نه سوچ يا خيال جي طاقت سان اڳوات ڪجهه سمجهه ۾ ايندو آهي؛ خيال ۽ احساس ۾ هڪ قسم جي بيڪوجودي پيدا ٿيندي آهي؛ تن ۽ من سن ۾ اچي ويندا آهن؛ ائين پيو ڀانئبو آهي ته هي ڪم اوس ٿيندو يا ٿيڻ گهرجي يا ٿي ويو آهي؛ انوقت سبب اهنجا ليندا پر پوءِ ڏسبو ته برابر

ان لاءِ زوردار سبب پڻ هئا جي اسان جي سمجهه کان لڪل هئا. هيءَ هڪڙي اندروني تجربي جي ڳالهه آهي جنهن لاءِ ڪا به ثابتي ڏيڻ مشڪل آهي، مگر هيءَ ڪا ودوانن يا گياني پرشن سان خاص لاڳو ڳالهه نه آهي؛ ساڌارڻ منشن کي پڻ اهڙا تجربا ٿين ٿا؛ مثال: ١٩١٤ - ١٩١٨ واري لڙائيءَ کان پوءِ هڪڙو ڪتاب مون پڙهيو جنهن ۾ هڪ سولجر لڙائي جي وقت جا تجربا بيان ڪندي لکيو هو ته ڪيترا پيرا پيٽرولنگ ڪندي دشمن جي طرف کان گولي ڪنن وٽان آواز ڪندي لنگهي ويندي هئي؛ عين انهيءَ وقت جڏهن هو ڪنڌ هيٺ نوائيندو هيو! يعني اڳواٽ هن کي خطري جي موجودگي معلوم ٿيندي هئي. اهڙو آزمودو توکي اسان جي هڪ ڪمدار جي خون وقت به مليو هو. * * *

نوٽ:- ڪمدار جي خون واري ڳالهه هن ريت آهي ته هو سج لٿي مهل جڏهن بنگلي تي مون وٽ آيو، مون کيس ٻڌايو ته ماني تيار آهي. چيائين، "امان! مونکي ماني اڄ نه ٿي وڻي! پڇا ڪرڻ تي فقط ايترو چيائين ته بيمار ڪونه آهيان پر مون تي اڄ ڪو ڀوت سوار ٿيو ٿو ڏسجي؛ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي؛ نه ڪجهه مٺو ٿو لڳي؛ ڇڏيو ته وڃي سمهي پوان؛ سڀاڻي جيئرا هونداسي ته ماني کائينداسي."

انهيءَ رات هن کي ڪي بدمعاش خون ڪري ويا جنهن جو منصوبو اڳواٽ ڪو رٿيو هئائون؛ جنهن جي ڪمدار کي ڪا به خبر ڪانه هئي.

اهڙو ٻيو به هڪ ٻالڪ واقعو ياد ٿو اچيم: سام رات جو ماني کائيندي چيو ته اڄوڪي رات ڳوري ٿي نظر اچي! جلد هڪڙو معمولي آواز ڪجهه مفاصلي تان ٻڌو سين. اسانکي ڪا خاص ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي پر

٢٨-٦-١٩٥١ع- مان اسپتال کان بعضي پنڌ ڪري هڪڙي ڳهٽيءَ مان ايندي آهيان جتي دريءَ کان هڪڙي جاءِ ۾ چبرو ۽ ڪي پيا ڏاڙيل پکي ڏسندي آهيان. جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اتي هڪ تعويذ لکندڙ رهندو آهي، جيڪو ماڻهن کي دعائون وغيره لکي ڏيندو آهي ۽ چبرن کي ڪجهه پڙهائيندو آهي؛ ڪڏهن انهن جو سڪل ماس زالن کي ڏيندو آهي، جيئن هو پنهنجي مڙدن کي ڪارائي اثر هيٺ آڻي سگهن. اسانوٽ هڪ مهمان رهيل هو؛ جڏهين اِها ڳالهه نڪتي، تڏهين اُن رايو ڏنو ته اِهي ڳالهيون بلڪل سچيون آهن.

سام چيو: ”اهي نفرت جهڙيون ڳالهيون آهن.“

مگر مهمان چيو: ”ڪي جادو يا رمل آهن جيڪي انسانن تي اثر وجهن ٿا.“

مون سام کان پڇيو: ”آزمائش کان سوا ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته اهي ڳالهيون ڪوڙيون آهن؟“

سام چيو: ” انهن ڳالهين تي ويچار ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه آهي؛ ڪي ڳالهيون از خود ڪوڙيون يا خراب نظر اينديون آهن. انسان جو من هڪ فوٽو گرافيءَ جي

سام چيو: ڪو حادثو ٿيو ٿو ڏسجي؛ اهو آواز ڪنهن انساني عضوي جي ڀڄڻ جو ٿيو لڳي! هيو به ٻرابر ائين. سام بلڪل ماٺ ۾ اچي ويو ۽ مالي به اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين. آخر معلوم ٿيو ته هڪ وڏي سازش هلي رهي هئي؛ اسين ٻهر ڀائين ان خيال جا هئا سون ته سيٺجي وڃي انهن ماڻهن سان همدردي ڪريون ٻر ٻوه ظاهر ٿيو ته نه وڃڻ ئي ٺيڪ هيو، جئن سام ٿي چيو. انهن سيني ڳالهين جي تصديق سپاٽي تي ٿي.

پليٽ مثل آهي، جنهن تي ڪنهن ڳالهه جي تورڻ تڪڻ يا ڳوڙهي ويچار کان اڳهِ ئي چڱائيءَ، برائيءَ يا ڪوڙ سچ جو پاڇو پوي ٿو. عقل ۽ ويچار پوءِ ٿا جاڳن. اها ڳالهه پري کان ئي پيرمي ۽ ڪراهت جو ڳڀي لڳي ٿي.“

تڏهن اسان جي مهمان ڪي مثال وچورسان ڏنا جن ۾ هن جي خيال موجب، اهڙا جادو يا رمل ڪامياب ٿيا هئا. سام چيو: ”عقل ۽ آزمودو اها ڳالهه ڪو نه ٿو مڃي! اها سڀاجهڙي طاقت، جنهن هيءَ جهان خلقيو آهي، جنهن جو ڪاروبار ڪنهن قانون تي پڌل نظر اچي ٿو، ڪئن انسانن جي زندگيءَ جي ڏور اهڙن ذليل جادوگرن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيندي؟ اهي ڳالهيون فقط ايتري قدر سچيون ٿي سگهن ٿيون، جو وڏو خيال ننڍي خيال تي، وڏي طاقت ننڍي طاقت تي، چالاڪ انسان جي سمجهه جاهل ماڻهوءَ تي غالب پوي ٿي. مگر ڇپري جو ماس يا ڏاڳو يا پڙهيل رک، انهن ۾ ڪو به اثر ڪونه آهي جو سڌيءَ طرح، پنهنجي ڪيميائي (*Chemical*) عمل يا دوا جي نموني کان سوا ٻيءَ ڪنهن طرح ڪنهن شخص تي پئجي سگهي. اهو جادوگر شايد انساهه جاڳائڻ ۽ اعتقاد وڌائڻ سان پنهنجي گراهڪن ۾ اثر پيدا ڪري ٿو. اهي ڇپرا، رمل وغيره سڀ انهيءَ اعتقاد پيدا ڪرڻ جا نمونا آهن. وهمي ماڻهو ئي اهڙن جادوگرن جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ آهن. ايشور ۾ سچو اعتقاد رکندڙ کي رملن جي ڪا ضرورت يا پرواهه نه آهي. در اصل اهڙا ڊپ ڊاوَ ۽ ڀرم چور دلين ۾ ئي پيدا ٿي سگهن ٿا؛ جيڪي بنا محنت، ڪجهه ڳوهه ۾ ڪي فائدا وٺڻ گهرن ٿا آهي گويا قدرت کي ٺڳڻ ٿا چاهين، جا ڳالهه اسنڀوَ آهي.“

مٿين مضمون ۾ ذڪر ڪيل آهي تہ انسان جو من هڪ فوٽو گرافڪ پليٽ وانگر آهي جنهن تي سوچ ويچار ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي برائي ۽ چڱائيءَ جو پاڇو پوي ٿو. اڄ هڪڙو ماڻهو اسانجي نوڪر جو نالو وٺي در تي بيهي سڏڻ لڳو. اسانکي سندس ارادي ۾ شڪ جاڳيو جيتوڻيڪ هن فقط اسانجي هڪڙي ڇوڪري کي سڏيو ٿي. پوءِ ٿوري دير بعد معلوم ٿيو تہ اسانجو رسويو اسانجي نوڪرن ۽ مال واري جڳهہ جي هڪ ڪمري ۾ ڀڄن جي لالچ تي، ڪي بد پيشي واريون ڳالهيون رٿي رهيو هو. مون ڀريائين ڪجهہ انهيءَ هندو رسويي جي بچاءَ ۾ چيو، مگر شام جو وري ظاهر ٿيو تہ ان ڪمري ۾ جوئا بہ ٿيندي آهي. مون سام جي گهر اچڻ کان اڳ ۾ ئي ان رسويي کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. هن جي وڃڻ کان پوءِ اسان جي گهر جو ماحول صاف ٿي نظر آيو؛ ٻين نوڪرن تي، جيڪي هن سان جوئا وغيره ۾ شامل هئا، ايترو تہ چڱو اثر پيو جو مون کي چيائون تہ اسانکي "دادا" ڏانهن وٺي هلو؛ پوءِ ٻالڪن وانگر اچي چيائون تہ اسين اڳتي وڌيڪ چڱي هلڻ جي ڪوشش ڪنداسون!

مون انهي رسويي ۽ ٻاهرين بدمعاش ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪري سام کان پڇيو: "يلا اهڙا ماڻهو هتي بہ (لاڙڪاڻي ۾) طيب وانگر ڇو اسان جي پلئي ٿا پون؟ ايشور اهڙن ماڻهن کي ڇا لاءِ پيو اسان ڏانهن موڪلي؟"

سام چيو: "اهو قدرت جو قانون آهي تہ پاڻي هيٺاهينءَ ڏانهن وهندو آهي؛ بڇڙائي، چڱائيءَ ڏانهن وڌي ايندي آهي، ان لاءِ تہ اها اتي نوڪر ڪائي پنهنجو سياو مٽائي. ان ۾ رنج رهڻ نہ گهرجي مگر خوش ٿيڻ گهرجي تہ قدرت اسانکي

هن نندي پڻماني تي ئي ٻچڙائيءَ جي پچاڻ لاءِ هڪ ڪسوٽيءَ طور ڪم آڻي ٿي. جيڪڏهين اسين پنهنجي اصولن تي پورا رهنداسون ته انهن جو اثر ٻين لاءِ پارس پاهڻ جي مثل ٿيندو ۽ ٻچڙائي اسانکي ڪوبه جوکو نه پهچائي سگهندي. جنهن صورت ۾ اسين زندگي ساڳين اصولن تي هلائيندا اچون ٿا، تنهن صورت ۾ اهڙا ماڻهو ڇونه اسان ڏانهن ڇڪجي ايندا؟“

سام وڏيڪ چيو: ”برائي ۽ لمسمات آهي؛ ان کي سچو وجود ڪونه آهي. ٻچڙن ۽ چڱن ماڻهن جي وچ ۾ ڪو ذاتي فرق ڪونه آهي. مگر روحاني اوستا جي مطابق يا آتمڪ انتيءَ جي درجن پٽاندر سندن هلت ۾ فرق آهي. ذاتي طور ٻرو پاڻ کي ڪوبه ڪين ٿو سمجهي ۽ هر آتما جو لاڙو سچ ڏانهن آهي؛ نندڙيون پلاڻون وڏين پلاڻين سان ٺڪري پاڻ کي وڏائن ٿيون؛ نننديون هستيون وڏين هستين سان ملي پاڻ کي وڏيڪ وزندار ٻڻائن ٿيون. ذاتي اختلاف آتمائن ۾ آهي ئي ڪونه؛ اهي ساڳيا ماڻهو اسان جا ڪڏهن ساٿي ٻڻي سگهن ٿا.“

وڏيڪ اِن ڳالهه جي سمجهاڻي ڏيندي چيائين : ”مون زميداري عرصي ۾ ڪجهه چورن ۽ ڌاڙيلن جي حياتيءَ جو ابياس ڪيو هو؛ انهن سان لهه وچڙ ۾ اچي مون ڏٺو ته انهن مان ڪي ٻه ذاتي طور ذليل نه هئا. ڪيترن ته دوستيءَ ۽ مردانگيءَ جا اونچ ناتا نباهڻ چڱيءَ طرح ڄاتا ٿي. هو دوستن لاءِ وقت تي سر به سهائيندا هئا. غيرت جي ڪارڻ وقت تي پاڻ به قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا. چور گهڻو ڪري انجام تي مظبوط رهندا آهن. گهڻي ڀاڱي مون انهن ۾ جيڪا گهٽتائي ڏٺي، سا هئي عقل يا ويچار جي؛ هو پنهنجون طاقتون اگيان جي ڪري غلط پاسي خرچ ڪري رهيا هئا. سان مسخريءَ ۾ انهن کي چوندو هيس ته چور ۽ فقير پاڻ ۾ سچا ڀائر آهن؛

هم خيالي ۽ هڪ رستي جا راهي آهن. ڇا لاءِ جو چور به پنهنجي ڪرت رات جو ڪري ۽ فقير به پنهنجي ڪرت يعني عبادت رات جي پهرن ۾ ڪن ٿا؛ چور به ماڻهن کان ٿهندو وتي ۽ اڪيليون واٽون ڳوليندو وتي، سنت فقير به ماڻهن کان پاسو ڪري خلوت خيالي تي رهندا آهن؛ چور ڪي پئسا هٿ اچن ته هو جلد وندي وراهي دڦ ڪري ڇڏي؛ فقير به طبيعت جا سخي ۽ هٿن جي صفائيءَ تي هوندا آهن؛ ٿورو فرق صرف اهو آهي جو توهان ماڻهن جي گهرن کي ڪاٽ هڻو ٿا ۽ فقير الاهي پريم جي اکٽ خزاني کي لٽين ٿا!"

وڏيڪ سام چيو: "سچ پچ مان انهن ماڻهن کي زماني جي جڪڙيل ۽ ممتا موهه سان پريل ماڻهن کان الله کي ويجهو سمجهندو هيس؛ آهي مونکي زماني جي سياڻن ماڻهن کان وڏيڪ ابوجهه لڳندا هئا. ڪين پورهيو ڏيئي مان سٺي ڏڳي لائڻ جي ڪوشش ڪندو هيس. انهن جو سياو ڪجهه قدر ٻاراڻو ۽ ٻارن وانگر خطرناڪ به نظر ايندو هو. پري وڃن ته ڏڳي ڪان پلي ڪڏڳي ڪاهي پون. ڪجهه ٿوري رمز ۽ سمجهاڻيءَ سان هو ڏڳي متائي وري سڌين رستي تي هليا ايندا هئا. گهٽ ۾ گهٽ جو وقت مونسان، منهنجي نظر ۾، رهندا هئا ته انهن جي ڪا شڪايت ڪانه ٿيندي هئي. آهي گهڻو ڪري اول چوريون ڪري يا ٻيو ڪو ڏوهه ڪري پوءِ منهنجي اثر هيٺ ايندا هئا. انهن مان ڪيترا ڪمدار يا ڪاراوا ٿي بلڪل مانائتي زندگي گهارڻ لڳا. اعتبار ۽ پيار سان ڏي هو نهي سگهندا هئا. هڪ پيري ملڪ ۾ وڳوڙ هو؛ نوڪر منهنجا گهٽا ٻاهر ويل هئا؛ موکي هفتو ڪن ٻاهر وڃڻو پيو؛ بنگلو سامان سميت هڪ ڪاڙڪوءَ جي حوالي ڪرڻو پيو جنهن کي مون سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

پيو ڪوبہ ماڻهو واندو ٿي نہ سگهيو جو بنگلي ۾ چڙهيان؛ هفتي بعد موٽي اچڻ تي ڏٺم تہ سڀ سامان، مال، وهٽ وغيره سلامت هئا ۽ ڪک بہ ڪونہ زيان ٿيو هو. معلوم ٿيو تہ اسانجي پرپٽ اهو ماڻهو ماني بہ انين پهر کائڻ ويندو هو ۽ بنگلو خالي ڪين ڇڏيندو هو!"

سام وڏيڪ چيو: "رشي والميڪ چون ٿا تہ اصل هڪ چور هو! هڪ چور مان رشي ٿي پوڻ، سو ڏيکاري ٿو تہ آپاڏن جو نج آتما تي ڪوبہ اثر ڪونہ آهي؛ جئين هڪ تيلي پارڻ سان هزارن سالن جي اونده دور ٿي وڃي ٿي، گيان جي پرڪاش سان آتما هڪ ڪن ۾ پنهنجو سچو روپ پسي ٿي.

"اسين تہ ننيڙي هستيءَ وارا انسان آهيون مگر وڏن مهاتمائن جا مثال پڻ ثابت ڪن ٿا تہ هنن جي زندگي، برائيءَ کي هڪ قسم جي دعوت يا للڪار هئي تہ برائي ويجهو اچي، پاڻ ٽڪرائي، ناس ٿي وڃي! اسانکي بہ پنهنجي هتيءَ آهر اهو وٽج جاري رکڻ گهرجي. اهڙن ماڻهن کان ڊڄڻ نہ گهرجي مگر ائين سمجهڻ گهرجي تہ هو اسان جا سچا پڪا گراهڪ (Customers) آهن ۽ پنهنجي گراهڪن سان اسانکي گهٽي پريم ۽ آدر سان وهنوار ڪرڻ جڳائي! ڀلائي ۽ بچڙائي جو ميل ڀلائي جي واڌاري خاطر ٿيندو آهي."

* * *

٢٩-٦-١٩٥١ع - اڄ صبح جو درازن جي هڪ هندو فقير سان سندس مڪان ۾، گهاڙ پورتي، ملاقات ٿي؛ سام کيس چيو: "ڪجهہ ڀڄن وغيره ٻڌايو!"

فقير چيو: "جمع رات جو ٨ بجي ست سنگ ۾ ڳائيندا آهيون؛ ڪڏهين اتي اچو تہ ٻڌايانو."

سـام چيو : ”پريم جـو وهنوار هـر وقت پيو هلي.
اوهان جي مرشد وٽ ، درازن ۾ تـــه هميشه محفل لڳـي پيئي
هوندي هئي . مگر هت خاص جمع رات تي الله سـان ملاقات
ڪيئن رکي اٿو؟“

فقير چيو : ”مرشد بادشاه هئا؛ انهن جي ڪهڙي ڳالهه
آهي ؟“

انوقت فقير وٽ سندس هڪ چيلو ويٺل هو ، جنهن چيو :
” اسين ڪٿي سچو ڏينهن ڳايون يا رڙيون ڪريون تـه بـه ڪو
لاڀ ان مان حاصل ڪونـه ٿيندو . هـن شهر ۾ اهڙين ڳالهين
جو قدر ئي ڪونـه آهي . “

سام چيو : ” ڪو قدر ڪري يا نـه ڪري ، توهين
پنهنجي لاء ڇونـه ٿا ڳايو ؟ پنهنجي لاء رڙو ؛ پنهنجي لاء موج
مايو ! قدر وڌائڻ لاء ڳائڻ ۾ صوفيءَ جو مطلب ڪو نه آهي.
سارو مطلب محبت ۾ رکيل آهـي ۽ محبت هڪ اجهل چيز
آهي ؛ جنهن ڪـي سچي محبت هوندي اهـو جهلجي ڪو نـه
سگهندو ، ضرور ونڊ وراه ڪندو رهندو ؛ محبت پنهنجو مقصـد
پاڻ ۾ سمائي ٿي ؛ انکي طرز طريقي ۽ وقت نه وقت جي خبر
نه ٿي پوي . توهين اهو ويچار ڇو ٿا ڪريو تـه هرو ڀرو گهڻا
ماڻهو اچي ٻڌن تنهنڪري خاص وقت ۽ خاص جاء تي ڳايون ؟“

فقير جي چيلي چيو : ” ماڻهن ۾ ٻيي تـه اهوئي ٽـو
وسي ! “

سام چيو : ” فقير جو ٽڙ هميشه قائم آهي ، واٽهڙو
اچي ڪنهن بـه مهل ڇڪو پيي، مزو وٺي وڃي . ٽڙ بند ڪري
نه ڇڏيو ! “

فقير جي چيلي چيو : ” ڳالهائڻ ۾ بـه ساڳيوئي مزو
آهي . اچو تـه ويهي گيان گوشٽ ڪريون ! “

سام چيو : ” بس ؛ هينئر مان مان مزو ونيو!“

فقير جي چيلي چيو : ” مان مان ڇا حاصل ٿيندو ؟ جڏهين واد وواد ٿيندو ۽ سوال جواب اٿندا تڏهين ئي تہ گيان وڌندو! فقير مان مان ٻاهر نڪري پر اپڪار لاءِ سمجهاڻيون ڇو ڏيندا آهن؟ “

سام چيو : ” اهو توهان جو غلط خيال آهي تہ فقير سمجهاڻيون ڏيندا آهن . پرماتما ئي هڪ پر اپڪاري آهي. اسين سڀ سندس در تي بکاري آهيون. گيان ۽ گيالهائڻ محبت وچان ٿئي تہ ڀلو آهي ، جي نہ تہ ان مان ڪوئي اپڪار جو ڪم ٿي ڪو نہ ٿو سگهي . توهان کي مزو اچي تہ ڳايو ؛ توهان کي محبت جاڳي تہ ڳالهايو بہ ، پر ان مراد سان نہ تہ ڪنهن کي سکيا ڏيون. اهو هڪ قسم جو غرور آهي . محبت سڀ کان اتم گيان آهي . محبت کان سواءِ نہ گيان آهي نہ پر اپڪار آهي . “

فقير جي چيلي چيو : ” محبت ڪرڻ مان فقط ڪيئن گيان وڌندو ؟ گيان تہ ڪوجڻ سان ئي ملندو . “

سام چيو : ” گيان ايشور جي مهر سان ملي ٿو . مهر ديدار سان ٿئي ٿي ؛ اهو ديدار دل ۾ حاصل ٿئي ٿو . “

تنهن بعد فقير چيو : ”ڀلا توهان ڇو نہ تا ڳائي ٻڌايو؟“

تڏهن سام يڪتارو وني ۽ ڪلام پنهنجا ٻڌايا ؛ ڪلامن جون ڪجهہ ٽڪون هي آهن :

” ڪڻ هتيار ڪڻ هتيار ، چور آيا ٿي گهر ڪاهي . “

” ڪام ڪوڙو ۽ لوڀ ليائي ڪروڌ اچي ٿو ڪارو ڪاهي.“

راڳ بعد فقير چيو : ” چور ڪير آهي جڏهن سڀ پاڻ ئي آهي ؟ ڪام نہ هجي تہ سرشٽيءَ جو ڪم ڪيئن

هاي ؟ ڪام به ديوتا ليکبو آهي.“

سام چيو: ”هرو پرو اکرن تي ويڙهه نه ڪربو. اهي ڏي گڻ ڪنهن منزل ڪانپوءِ وڪار بڻجيو پون. جيئڪي شيون اتپتيءَ لاءِ اول ضروري آهن سي وري ڪنهن حد ڪانپوءِ ان جي اتيءَ لاءِ رنڊڪون بڻجيو پون.“

فقير چيو: صوفي ته ڪي چور يا وڪار ڪو نه ٿا مڃن.“

سام وراڻيو: ”صوفي نفس کي ننڊن ٿا ۽ نفس سمجهو ته سيني وڪارن جو گڏيل نالو آهي. ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه برابر انهن کي ڪونه ٿا ستائن، پر اها ڪا بي سمجهه آهي جنهن وچان ڪام کي ديوتا تسليم ڪيو ويو آهي. ڪام اتپتيءَ لاءِ ضروري آهي، تنهن ڪري ڇا انکي جيون جو مقصد ڪري ڇاڻجي؟ اهي ئي گڻ ڪنهن حد ڪان پوءِ اوگڻ بڻجيو پون. ڪام، ڪروڌ وغيره به ڪنهن حد تائين ضروري آهن، پوءِ هاڃيڪار بڻجيو پون. ڪام به برهم جو روپ آهي پر هن ’فيلوان‘ جي پڪار به ٻڌڻ گهرجي. فيلوان جي ڳالهه هن ريت آهي:

” هڪڙو فقير پنهنجي گروءَ وٽان ٿي موٽيو؛ گروءَ کيس اهو منتر ڏنو هو ته سڀ برهم آهي. ٿوري دير بعد فقير ڏٺو ته سامهون هڪڙو هاٿي ڊوڙندو پيو اچي ۽ فيلوان ’پوش‘ ’پوش‘ ڪندو ٿو اچي. مگر فقير دل ۾ خيال ڪيو ته هي هاٿي به برهم، آءٌ به برهم، پوءِ ڪانئس ڇو ڊڄان؟ ايتري ۾ هاٿيءَ کيس سونڍ هڻي ڪيرائي ڇڏيو. سندس گرو رڙيون ٻڌي اتي آيو. فقير سڄو حال بيان ڪري ٻڌايس. چيائين، سائين! توهان ته چيو هيو سڀ برهم ئي برهم آهي،

پر هن ' برهم ' تہ منهنجون پاسريون ئي ڀڃي وڌيون! سندس گروءَ وراڻيو: 'مون جيڪي چيو سو سچ آهي. مٿان بہ تہ برهم وينو هيو جنهن پوش پوش ئي ڪئي؛ انهيءَ جو آواز تو چو نہ ٻڌو؟ ' اهڙيءَ ريت اسان جيڪڏهين پنهنجي راڳ ۾ ' پوش ' ' پوش ' جو اشارو ڪيو آهي تہ اهو بہ ويچارڻ گهرجي. ' همہ اوست ' جي خيال کان اسان پاڻ انڪاري ناهيون، جيتوڻيڪ پرهيز ڪي بہ آتمڪ انتيءَ جي فلسفہ ۾ جاءِ آهي. گيان هڪ ئي آهي؛ ويچار ان جو بنياد آهي. صوفين جا ڪي مقرر اصول مذهب جا ڪونہ آهن جو چئجي تہ صوفي هينئن نتا مڃن يا هونئن ٿا مڃن. ڪنهن ڳالهہ کان عار نہ ڪريو جي سچي لڳي. جيڪا ڳالهہ ذاري لڳي ٿي سا پڻ ٻڌڻ سکو. عبوديت ۽ احديت جون واٽون وڃي ٿيون هڪ جاءِ ملن، توهين فقط سڏا سڏا هلندا هلو!"

* * *

سام اهو اشارو هن هندو فقير ڪي ان ڪري ڏنو جو اهو فقير ۽ ڪي ساٿي سندس، جن وٽ فقير جمع رات تي ڳائڻ ويندو آهي، خاص ڪري هندو جاتيءَ جي خيالات کان ڇرڪندا آهن. ٿورا ڏينهن اڳ جڏهين اسين پنهنجي ٽولي سان گڏجي هنن وٽ وياسين تڏهين اسان جي هڪڙي ڇوڪري پنهنجو ناهيل راڳ انهن جي محفل ۾ ڳاتو، جنهن ۾ سنسار ساگر پار ڪرڻ وغيره هندڪار جا لفظ ڪم آندل هئا، مگر هنن دوستن کي اهو راڳ نہ وڻيو ۽ ڪيس چوڻ لڳا: هتي ڪو رندي، صوفياڻو ڪلام ڳاءِ!

بعد ۾ سام چيو: " سندن گفتگوءَ مان مون ڪي شڪ پيو تہ هو نوان صوفي ٿيا آهن؛ پاڻ کي سچي صوفي ثابت ڪرڻلاءِ هندي خيالات سان واسطي ڏيکارڻ ۾ شايد عيب پيا سمجهن."

اسين جڏهين اهڙا راڳ هندي لفظن ۾ صوفي ڏني بخش ۽ ٻين مسلمان دوستن سان گڏ ڳائيندا آهيون ته هننکي ڪا هند ڪار جي بوءِ مڇهائڻ ڪانه ايندي آهي ۽ هيڏانهن هي هندو جامي ۾ نوان صوفي فقير اهڙي خالات ڪان نفرت پيا ڪن! مون اهو سوال "صوفي" صاحب کان پڇيو جنهن چيو: "اسان ۾ جيڪي نوان مسلمان ٿيندا آهن، سي گهڻو ڪري ٻاهرين لباس تي زور ڏيندا آهن ۽ عام مسلمانن کان ڏاڙهيون ڊگهيون ڇڏيندا آهن؛ يعني اصلي مسلمان نه هئڻ ڪري مذهب جي ٻاهرين ڏيک ويک تي وڏيڪ ڌيان ڏيندا آهن. هي نوان هندو صوفي به ائين آهن."

سام چيو: "ڪنهن حد اندر اڪي پوڻ صوفيءَ جو مذهب نه آهي. صوفي جيڪو صوفيپڻو رکي ٿو سو اڃا سچو صوفي نه آهي. جيڪو حق جي ڳولا ۾، اڪرن جي اوٽ وٺي هلي ٿو سو حقيقت کان دور رهجي وڃي ٿو. سڀ ڪنهن ڌرم يا مذهب جي شروعات آزاد خيال واري کوج منجهان ٿئي ٿي. مگر پوئلڳن جي تنگدلي سبب مذهب ۾ 'پڻو' پيدا ٿئي ٿو. اسان کي گهرجي ته هندو يا ملسمان هوندي به 'هندپڻو' يا 'مسلمانپڻو' نه رکون. صوفي ۽ سچا ويدا نني هر هنڌ ساڳيو برهم ڏسن ٿا!"

* * *

٣٠-٧-١٩٥١ع- گهاڙ پير واري فقير جي آستان تي ويهي، باغات ۽ وڻراهه جي اتساهه واري اثر هيٺ اچي، منشي اسان جي ڇوڪري (جو اڳ هڪ ٻاڏو هو) سام کي چيو: "سائين ڪنهن وڏي سفر تي هلو؛ هت جنجال ۾ پيا آهيون. هلي ڪا سنتن جي صحبت ڪريون."

سام ڪيس ڪلي چيو: "ضرور هلنداسين!"

وري جڏهين منشي ٻارائي نموني زور لائي چيو ته سائين جلد ڪيڏانهن هلو؛ تڏهين سام چيس: ” هي به ته هڪڙو سفر آهي! محبت جو ميوو هتي ئي کائي وٺ؛ ٻئي هنڌ هلڻ ۾ ڇا فائدو ٿيندو؟“

منشي ورائيو: ” سائين، هتي ڪجهه نه آهي. توهان چوندا آهيو ته بدرينات ۽ ٻين آستانن تي هلنداسون؛ مان به انڪري ٽڪائو ڇڏي اوهان جي ڪڍ لڳو آهيان ته ڪيڏانهن هلي جيون سڦلو ڪريون“.

تڏهين سام کيس هڪڙي ڳالهه ٻڌائي: ”هڪ ڀڳو فقير گهوڙي تي سوار ٿي، تڙ تي گهوڙي کي پاڻي پيئارڻ لاءِ آيو. ڪوهه تي نار چڙهيل هو جنهن جي رينگٽ ڪري گهوڙو ڇرڪيو ٿي ۽ نيسر ۾ منهن ئي نٿي وڌائين. فقير تڙ جي مالڪ کي چيو، ائٽ جهل ته رينگٽ بند ٿئي جو ائين گهوڙو پاڻي نٿو پيئي! هاڻي جي رينگٽ بند ٿيو ٿئي ته پاڻي به بند ٿيو ٿي وڃي؛ جي ائٽ گڙي ٿيو ته رينگٽ به ٿيو ٿئي! فقير ڪئين ڦيرا ڪوشش ڪئي پر گهوڙو پاڻي ئي نه پيئي؛ تڙ جي مالڪ تڏهين هڪل ڪري چيس: 'فقير! جي گهوڙي کي ڇڪو پيئارڻو اٿئي ته لڪڻ هڻي، انهيءَ رينگٽ وچان پيئاري وٺينس!' مطلب ته سنسار جو رينگٽ ٿيو هلندو پر نفس کي لڪڻ هڻي، اتيئي مزو وٺي سگهجي ٿو، نه ته بدرينات به شايد مشڪل ملندو. راز جو رس جي ٻي چائن، سي جتي ڪٿي پيا پئن!“

* * *

١-٨-١٩٥١ع- منشي ڪم ڪرڻ تي ڪر ڪر ٿي ڪئي ته هي ڪم ڪريان، هي نه ڪريان؛ اسان جي ٻئي ڇوڪري سان ريس ٿي ڪيائين ۽ چيائين: ” هو ٻگهار به وڏيڪ ٿو وٺي ۽ ڪم به ٿورو ٿو ڪري؛ اڌين ڀلا ڇو آهي؛

مون کان ڇا پر وڌيڪ آهي؟ اسان ٻاوا ماڻهو اڃا ڪمن
پر ڦاٿا آهيون!"

سام ڪيس چيو: "اهڙو سوال سلطان محمود غزنوي
کان سندس اميرن هڪ ڀيري پڇيو هو. چون ٿا ته بادشاه
محمود غزنوي پنهنجي ٻانهي اياز تي عاشق هو؛ اياز رنگ
جو ڪارو ۽ ڪوجهو هو؛ اميرن وزيرن گڏجي بادشاه کي
عرض ڪيو ته جيئندا قبلا! اياز هڪ ٻانهو آهي؛ اسين وزير ۽
امراءِ آهيون؛ تڏهين به اياز جي ڳالهه اسان کان مٿي سمجهي
وڃي ٿي؛ اسان ۾ ڪهڙا گهٽتائي آهي ته ان کان اسانکي واقف
ڪرڻ فرمايو! سلطان وراڻيو ته ان سوال جو جواب توهانکي
وقت سر ملندو.

"ڪجهه عرصي پڄاڻان، جڏهن سڀني کان اِها ڳالهه
وسري ويئي، بادشاه حڪم ڏنو ته عام ماڻهن جي وندر لاءِ هڪ
وڏي نمائش (Exhibition) شهر کان ٻاهر ڻهرائي وڃي، جنهن
۾ سڀ قسم جون بازاريون، هنر ۽ وندر جا گهر موجود هجن.
پوءِ هڪ ڏينهن بادشاه شڪار تي نڪتو؛ سندس امير امراءِ
به ساڻس گڏ هليا. انهن کي چيائين ته جڏهن ڪو جانور
جهنگل مان نڪري ۽ مان ان جي ڪڍ پوان تڏهين توهان
گهوڙا ڪٽي جهلجو؛ جئن گهٽي گوڙ ۾ شڪار ڀڄي نه وڃي؛
پر جي سچ لئي تاڏين مان نه موٽان ته پوءِ فڪر ڪجو.

"جئن هڪڙو جانور نڪتو تئن بادشاه گهوڙو سندس
پٺيان لاتو. امير ۽ نوڪر بيهجي ويا؛ سج لهي ويو پر بادشاه
واپس نه آيو. پوءِ سڀ پيرو ڪٽي بادشاه جي ڳولا لاءِ نڪتا
۽ اچي ان نمائش واري ميدان تان لانگهائو ٿيا. پرسان اچڻ تي
رنگين روشنيون ڏٺائون ۽ سريلا آواز ٻڌائون؛ صلاح ڪيائون ته
ڀاڻي هت آيا به آهيون ته هيءَ نمائش اڳو پوءِ ڏسندا هلون. آتي

هسر هڪ پنهنجي وندر ۾ لڳي ويو. ڪو ڪاٺ پٽڻ ۾ ته، ڪو ناچ ڳائي ۽ تماشي ڏسڻ ۾ وندرجي ويو؛ وقت گهڻو گذري ويو ۽ اچي صبح ٿيو؛ هوڏانهن اياز پنهنجي يار (بادشاه) جو پيرو ڪڻندو وڃي محلات ۾ پهتو؛ هن نمائش ڏي اک کڻي به نه ڏٺو! صبح جو جڏهين امير ۽ ٻيا نوڪر محلات ۾ آيا ته اياز کي بادشاه وٽ ڏسي ڏاڍو شڪي ٿيا. بادشاه کين چيو ته اوهان جيڪو سوال پڇيو هو تنهن جو جواب اوهان کي اڄ ملي ويو."

پوءِ سام مسٽي کي چيو: "هو ڇوڪرو ٻارهن سالن جي ڄمار کان سر جي سٽي ڪري بيٺو آهي؛ اهڙا سهڻا وقت گذاريا اٿس؛ ان سان اسين ڪم جا ڪهڙا ايڪا ڪريون؟ توکي به جيڪو ڪم نه وڻي سو نه ڪر؛ اسين پاڻ ڪنداسين."

سام وڌيڪ چيو: "هي اياز واريءَ ڳالهه مان فقير سٺو مطلب ڪيندا آهن. جنهن خالق جي ڳولا لاءِ هت آيا آهيون ان کي ڇڏي سنسار جي بازار ۾ گهڻا ڀلي وڃن ٿا. مگر اياز سچا اهي آهن، جي زندگيءَ جي هر ڳليءَ ۾ سندس پيرو جاچن ٿا ۽ آخر وڃي ان محلات کي پهچن ٿا، جتي محبوب جو واسو آهي."

ان ڳالهه کان پوءِ مون سام کي چيو: "اياز جو لقب ته منلوءَ کي (مونکي) مليل آهي؛ هاڻي وري هن ڇوڪري کي اياز بڻايو اٿو ڇا؟"

سام چيو: "اسين سڀ اياز ٿي وڃون ته چڱو نه! تو ته ايازيءَ جي ريت اڳ ۾ ئي سکي ڇڏي آهي!"

* * *

اسان جي پرارٿنا ۾ هڪ ڇوڪرو امر نالي ايندو آهي. ڪالهه هن پنهنجو ناهيل راڳ ڳائي ٻڌايو. سندس راڳ

۾ گهٽي اپتار هئي؛ سنا وڻندڙ خيال وراجي ۽ پرمي خياليءَ سان گڏيل هئا. راڳ گائي پڇيائين: ”سائين! توهان کي وڻيو؟“

سام چيو: ”پراڻن ۾ يم راجا جي سونهن جي پرشنسا ڏيل آهي. ’شيوم سندر‘ - انهن ٻن اکرن ۾ گهڻي معنيٰ رکيل آهي. اتپتيءَ جي اصول سان گڏوگڏ شوشڪتي يعني سنگهار ڪرڻ واري شڪتيءَ جي به ضرورت آهي. ان سنگهار ڪرڻ واريءَ شڪتيءَ کي ’سندرم‘ چئجي ٿو. سارا هيو وڃي؟ سبب هيءَ آهي ته ان کان سواءِ هيءَ اتپتي وڏي جيڪر ڪني ۽ ڪوڙهي ٿي پوي؛ منجهس نه صفائي، نه خلاصگي، نه آزادگي ۽ نڪا سونهن رهي؛ اهين سڀ جيو، پکي، حيوان ۽ انسان وغيره ڏيرا ۽ بد زيبا ٿي پئون. پر اتپتيءَ جي مددگار سنگهار ڪرڻ واري شوشڪتي آهي جا سرشتيءَ کي صاف ۽ سندر بڻائي ٿي. ليکڪ يا شاعر لاءِ پڻ اهو ضروري آهي ته پينسل ۽ پني سان گڏ پاڻ وٽ اها سنگهار ڪرڻ واري قئنچي پڻ رکي! اها سندس لکڻيءَ کي وڍيڪ سندر ۽ صاف بڻائيندي.“

* * *

٢-٨-١٩٥١ع- اسانجي ننيڙي منڊليءَ ۾ ڪيڏو نه مزو آهي. ’منڊلي‘ به ڪا خاص مقرر ڪانه آهي. پر ٿورا ماڻهو مڙيوئي اچي سنگ ۾ گڏبا آهن. مان جڏهين بيمارن کي پين گهرن ۾ ڏسڻ ويندي آهيان يا ڪن ساهيڙين، واقف ڪارن سان ملڻ ويندي آهيان، تڏهين اِهو خيال ايندو اٿم ته ماڻهو ڇو گهرن ۾ منجهيل ۽ بي مزي رهن ٿا؟ انهيءَ سوال جو جواب مان پين لاءِ ڏئي نٿي سگهان. مگر ايترو سمجهندي آهيان ته مونکي پنهنجي گهر ۾ سچو آنند آهي؛ هميشه ڇڪ رهندي

اُنهن ته ٻاهران ڪم جلد لاهي، گهر موٽي وڃان . اڄ وري اِهو خيال من ۾ پيدا ٿيو ۽ سام کان پڇيم: "مون کي ڇو پنهن جي ننڍڙي گهر ۾ ايترو آنند ملي ٿو؟"

سام چيو: "اهو آنند تنهنجي من ۾ سمايل آهي جو ٻاهر ارپن ڪرڻ مان پيدا ٿئي ٿو . جيئن خوشبو واري هرڻ کي اِها خبر نه پوندي آهي ته خوشبوء ڪٿان ٿي اچي جيتوڻيڪ اها سدس ناف ۾ لڪل رهندي آهي، تئن تو کي به سڌ نه آهي ته اِهو برهما نند تو ۾ ئي سمايل آهي."

مون چيو: "جي ائين هجي، تڏهن به جي آنند منهنجي من ۾ سمايل هجي ته اهو جيڪر جتي ڪٿي مونکي معلوم ٿئي؛ خاص جو منهنجي گهر ۾ مونکي معلوم ٿئي ٿو، تنهن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟"

سام مشڪي چيو: "تنهجو گهر هڪ ننڍڙي آشرم آهي . جتي ست سنگ جاري آهي اُتي آنند جو واسو آهي . هي گڏجي ڀڄڻ ۽ صبح و شام ڪٿا ڪرڻ تنهن مان پلا آنند ڪيئن نه پراپت ٿيندو! حقيقت ۾ اِهي نيم اسان جي آئينده واري آشرم جو بنياد آهن . آشرم ڪن پٿر جي ڀتين يا لوهه جي دروازن کي ڪين چئبو آهي، مگر انهيءَ آنند روپي روحاني زندگيءَ کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڀڳتي، گيان ۽ شيوا سمايل هجن."

* * *

٣-٨-١٩٠١ع - اڄ اسان جو دوست صوفي صاحب جڏهن مٿي آيو ته سام کي چيائين: "توهان جي ڏاڪڻ مان بدبوء ٿي اچي."

پوء اچي منشي تي مٿيو ته اِها غلاظت تو ڪئي آهي.

مان جڏهين اسپتال مان گهر موٽي آيس ته منشي مون کي روئي

دانهن ڏني. چيائين: ”ممي! ماسٽر صاحب (صوفي صاحب) پيو مونکي گهٽ وڌ ڳالهائي ۽ دادا (سام) ويٺو چپ ڪري ٻڌي؛ هنکي ڪجهه به نه چيائين! مون کي دادا جو ڏاڍو ڏک آهي!“

تڏهين مون منشي کي ٻڌايو ته اسين جڏهين طيب ۾ رهندا هئاسين تڏهن صوفي صاحب هڪ لڳا مون تي به اچي مٺيو؛ سام جي روبرو چوڻ لڳو ته توهان کي هن گهر ۾ رهڻ جو ڪوبه اڌڪار ڪونه آهي؛ هن مهل ئي ٽپڙ کڻي هليا وڃو ته چڱو! مون سام ڏانهن گهٽو نهاريو پر هن ڪجهه نه ڪڇيو؛ جڏهين صوفي صاحب پنهنجي گهر موٽي ويو، تڏهين مون کي سمجهايائين ته سندس چيو دل ۾ نه ڪر؛ پاڻ هل ته سندس گهر هلون ۽ سندس غلط فهمي دور ڪري اچون. پوءِ مون کي سندس گهر وٺي ويو. توکي به شايد ائين ئي چوندو ته صوفي صاحب کان معافي وٺ!.

منشي عجب ۾ پئجي سام کان پڇيو: ”سائين، ائين ڇلا چو؟ ڳالهائي به صوفي صاحب ۽ وري گهر به انجي توهان وڃو!“

سام وراڻيو: ”اهي وڏو روڌ زماني وارا رکندا آهن؛ اسان فقيرن لاءِ نه آهن. صوفي صاحب برابر انوقت غلط خيال هيٺ هيو، مگر هڪ ته هو منهنجو جهونو دوست هو، ٻيو وري منهنجي گهر ۾ آيو هو؛ پر وڏي ڳالهه سڀ کان اها هئي جو هو جوش ۾ هو ۽ جوش واري سان ليکو ڪرڻ نيڪ نه آهي. غصي ۾ آيل انسان سان همدردي ڪرڻ کپي. مونکي خاص طور صوفي صاحب سان اهو ورتاءُ رکڻ نه ٿي وڻيو؛ منهنجي پريم مون کي مجبور ڪيو ته مان ئي وڃي سندس سڀ ويڇا دور ڪري ڇڏيان ۽ ڪرائيسٽ جي لفظن ۾ 'سچ جهيڙي تي لهڻ ڪين ڏيان'.

ِن ڪري اسين ونس وياسون ۽ نتيجو به اهڙوئي سٺو نڪتو ۽
منجي دوست کي هميشه واري خوش خيال ۾ ڇڏيوسون ۽
جي دلين مان به غير نڪري ويو ۽ جلدئي هو پاڻ
ي پرچائڻ لڳو."

سام چيو: "اهڙو هڪ ٻيو مثال به ياد اچي ٿو جيتوڻيڪ
۽ مٿين واقعي جي وچ ۾ ڪا خاص پيٽ ڪانه آهي.
.. لڙائيءَ وقت ريلوي ٽرين ۾ به انگريز ۽ هڪ هندستاني
ملٽي آفيسر هڪ ٻيءَ گڏ ويٺا هئا. منهنجو سامان پورٽو
جنهن ۽ گاڏيءَ ۾ رکيو ته انگريز آفيسرن مان هڪڙو جوش
۾ ويو ۽ اڻ سڌي طرح مونکي گاريون ڏيڻ لڳو ۽
ديـ آفيسر چپ ۾ رهيو ۽ هن انگريز آفيسر ڪيترو وقت
ويا خراب اکر ڪديا. مون اکيون بند ڪري ويٺي سندس
ر بوليون ٻڌيون. جڏهن ڪراچيءَ پهتاسين، تڏهن مون
و وچي مونکي همٿ ڏنو ۽ سندس 'گارڊن' ۽ 'ڪرستاني هلت'
لا شڪر گذاري مڃي. هو اهڙو ته پشيمان ٿيو جو اکيون
ي هيٺ ڪيائين ۽ اهو ديسي آفيسر جڻ فخر وچان مون
ڏهن نهارڻ لڳو."

سام منشي کي چيو: "هن حالت ۾ شايد ڏوهه ٿوڏانهن
هجي ۽ گند ڏاڪڻ ۾ برابر توڻي رکيو هجي. ۾ جي تون
سچ پچ بي قصور آهين ته هيءَ ملامت مان ۾ سهڻ، هڪ روحاني
ورزش ڪري سمجھ!"

* * *

٤ - ٨ - ١٩٥١ع - منشو اڄ اوچتو اچي مٿيو ۽ ڪجهه
مخوليءَ ۾ ته ڪجهه مجهولي ۾، سام کي چوڻ لڳو: "سائين
واهه جو فقير بڻيا آهيو! وڃو ٿا ته ڪنجون به پاڻ سان کنيو
ٿا وڃو ۽ هيڏانهن هوڏانهن پئسا اچن ته ريڙهي کٽي ٿا تجوڙ ۾

وجهو ؛ توهان جو دوست صوفي صاحب به سچو ڏينهن پار
ٻچن ۽ مينهن جي سنڀال ۾ غرق آهي . باقي ٻاون ڪان گهڻ
ڪهڙي ڪٿي اٿو، جن تي نڪته چيني ڪندا آهيو ؟"
سام چيو : "...ئي سچ ٿو چوين ! اِها ڪا مخولي نه آ
ڪنجون ، ڪٿي انهن سان گڏ چنتائون رکڻ ، ـــ سو حقيقة
فقير جو ڪم نه آهي ، پر مجبوريءَ طور ائين ڪرڻو پوي
منشو اچا به ڪين مڙيو ۽ چيائين : "مجبوري ڪا ..
آهي ! توهان فقط مال و متاع جو موهه ڇڏيو ."
سام چيس : "تو وري وري پٽي انهيءَ ڳالهه ڪي دهر ...ي .
تنهن ڪري ويهه ته اڄ توسان ڳالهيون ڪريون . ڀهر ... ته
چوڻ واري ڪي پاڻ پنهنجي ڳالهه عمل ۾ آڻڻ گهرجي ، يا ..."
منشي چيو : "برابر !"
سام چيو : "چڱو هاڻي ٻڌاءِ ته تو وٽ قميصون ڪي ن
آهن ؟"
منشي چيو : "آن ، ڏهه آهن ."
سام چيو : "انهن مان هڪڙي هن غريب پخاليءَ کي
ڏيون !" ۽ ٻي ڇوڪريءَ کي چيائين ته منشي جي پيتي ڪٽي اچو
منشو ڀهرياڻين نه روئڻ جهڙو منهن ڪري پيو نهاري ؛ آخر
چئي ڏنائين : "پنهنجا به ڪپڙا ڏيو ته مان به قميص ڏيندس ."
مون اِتي کيس چيو : "سام ته تي پيرا پنهنجا ڪپڙا سڀ
ڏيئي ڇڏيا آهن . اهي ٿورا به مون زوريءَ بچايا هئا . ڏس
متان اتي به هارائي ويهين !"
پوءِ سام منشي کي چيو : "هاڻي ٻڌاءِ ته پئسا جيڪي اچن تا
سي ڇا ڪريون ؟ توکي ڏيون يا ٻين کي ونڊي وراهي ڏيون ؟"
منشي چيو : "آشرم جون ڳالهيون جو ڪندا آهيو ؛
انهيءَ تي چونه تا پئسا ڪتب آڻيو ؟"

مون کيس چيو : ” اها ڳالهه به تنهنجي منظور آهي ؛ اسين به ان لاءِ تاڪيد ڪريون ; باقي بدلو ته هي ڪنجون اڳتي ڪير رکي . “

منشي چيو : ” برابر مان يا پيو ڪو هٿ سنڀالي ڪونه سگهندو ; توهان به اسپتال جي ڪم ۾ قابو آهيو . “

سام کيس چيو : ” پوءِ باقي اسان تي ڪاوڙ ڇو ٿي ڪيءِ ؟ ڀلا پنهنجي وڏي ڀائي کي به ائين چئي سگهندو هئين ؟ “

ان بعد هو سام جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو : ” مان توهان سان پيار مان مخولي ڪندو آهيان . مونکي سچ پچ ڪا شڪا ڪانه آهي . “

سام کيس آخر ۾ چيو : ” هي ڪم ڪاريون جدا جدا وقتن تي ڪڏهن ننڍا ، ڪڏهن وڏا ، انسان کي مالڪ جي طرفان سپرد ٿين ٿا . انهن جي ننڍائي يا وڏائي جو خيال اسانکي رکڻو نه آهي . مگر هلڪا ۽ ڳرا ڪم سڀ ساڳئي پريم سان ڪرڻ جڳائن . شايد ننڍن ڪمن ۾ ايمانداري ۽ صفائي ڏيکارڻ وڏيڪ اهنجو ۽ اثرائتو ساڌن آهي ، ڇا لاءِ جو انهن ۾ پبلڪ جي طرفان ڪا پذيرائي يا خوشامند ڪانه ٿي ٿئي ۽ انهن ننڍن ڪمن ۾ ٿر ٿر جي سنڀال پاڻ کي ڪرڻي ٿي پوي . هڪ گهر هجي ، هڪ شهر هجي ، هڪ آشرم يا هڪ ملڪ جي سنڀال سپرد ٿيل هجي ، — فقير کي ان موهه تي هڪ ڏئي نموني پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ گهرجي . ڪنهن به ڪم سان ايترو سيهه نه رکڻو آهي جو ان جي قل جي ترشنا هڪ حرص بڻجي پوي . نفس بادشاهن ، قوم جي اڳوانن ، سنتن فقيرن يا گهرو زندگيءَ وارن جو ساڳيوئي دشمن آهي ; انجي لڙائي ۾ سوڀ پڻ ساڳي خوشي بخشي ٿي ، چاهي ڪهڙي به ميدان ۾ انسان لڙجي . راجا جنڪ جو مثال دنيا جي تواريخ

۾ پرسڌ آهي ؛ راڄ ۽ گدي هن امانت ڪري سمجهيا ؛ اسان کان هزار پيرا وڏا ڪاروبار تي هلايائين تڏهين به منجهس ممتا پيدا نه ٿي . مطلب ته انسان سان پنهنجوئي نفس وڙهي ٿو ۽ نه دنيا يا ڪپڙا يا ساز و سامان جي گهٽائي . انسان جي دل هڪ ٻيڙي مثل آهي ؛ جي ٻيڙيءَ کي تنگ ٿيندو ته ٻڏندي ، پر جي ممتا جو تنگ ٿيڻ ئي نه ڏبو ته درياهه جو پاڻي انکي ٻوڙي نه سگهندو . "

* * *

سام پنهنجي حياتي جا آزمودا ٻڌائيندي چيو : " جڏهن مان هت هوندو آهيان ، تڏهين گهرجي ڪم ۽ سيني جي اٿڻ ويهڻ تي پوري نظرداري هوندي اٿم . پر جڏهين ٻاهر نڪرندو آهيان تڏهين هتان جي ڳالهين کان ايترو پري ٿي ويندو آهيان جو ڪي ڳالهيون ته صفا وسري ويندون اٿم . هتان جي ڪمن جي چنتا اصل ڪونه رهندي آهي . توهان کي انهن جي باري ۾ جو ڪجهه لکندو آهيان سو به ڪوشش سان ياد ايندو اٿم . تازو بمبئي ۾ ڇا ٿيو جو اسانجي وچين ڇوڪري هيروءَ کي پوني اڪيلو موٽي وڃڻو پيو . انوقت ٻيا سڀ ياتي بمبئي ۾ رهيل هئا . مون زور لاتو ته سائس ڪو گڏجي وڃي ڇاڪاڻ جو هو ننڍو آهي ؛ اڪيلو گهر ۾ ڪيئن رهندو ! تڏهين ٻين کي عجب لڳو ۽ پڇيائون ته اِهو انتظار هتي ڏيکاريندا آهيو يا پرپٺ به ٻارن جي ايتري اون رکندا آهيو ؟ مون پاڻ ان ڳالهه تي ڪلي ڏنو ؛ منهنجي هلت برابر عجب جهڙي هئي ڇا لاءِ جو سال ۾ هڪ يا ٻه مهينا مس ٿو ٻارن وٽ رهان ؛ آن مهيني ڏيڍ ۾ ڪهڙي ٿو سندن ديکڀال ڪري سگهان ! عام طرح ماڻهو جيڪر ائين چوي نه جتي ڏهه يا يارهن مهينا پنهنجي مرضي تي ٿا گذارين آتي ڪڏ وارو عرصو به پيل ، جڏن وٽين پيا

هلن ۔ مگر اهو منهنجو سپاو آهي ته جيڪو ڪم، جنهن وقت، منهنجي سامهون هوندو آهي، انجي لاءِ مان سڀ اپاوَ وٺي پنهنجو فرض سمجهندو آهيان، چاهي جو اِها خاطري هجي ته ان سان منهنجو سپاٽي ڪان وٺي ڪوبه واسطو ڪونه رهڻو آهي ۔ "

ان باري ۾ هڪ انگريز آفيسر جو مثال پڻ سام ٻڌايو:
" هو ڪراچيءَ ۾ فقط ٽن هفتن لاءِ ٻئي مليٽري آفيسر جي جاءِ تي مقرر ٿي آيو؛ اها ڊيوٽي پوري ڪري، ٽن هفتن بعد اينڊڙ جهاز تي هو واپس ولايت وڃڻو هيو؛ اهي ٽي هفتا هو انهيءَ آفيسر جي بنگلي ۾ اچي رهيو جنهن جو شايد پورو واقف به نه هو ۔ اسان ڪيس بنگلي جي باغ ۾ ڪم ڪندو ڏٺو؛ حقيق پاڙان ڪڍي نئين سر پيو ويهاري ۔ منهنجي دوست ڪائنس پڇيو: 'گل ٿي ڪونه هيءَ تڪليف ڇا لاءِ پيا وٺو؟ توهان جي وقت ۾ ته هي ٻوٽا ڪندا!' هن آفيسر کلي چيو: 'منهنجي اِها وضع آهي ته مان جتي رهان ڪوشش ڪري انهيءَ جاءِ کي اڳي کان ڪجهه وڌيڪ سندر بڻايان!' "

سام وڌيڪ چيو: " هي سنسار پڻ مهمان خانو آهي؛ هتي جا ڪم ڪاريون پنهنجي سکن لاءِ فقط ضروري جاڻي نه ڪجن، پر خيال رکجي ته انهن دوارا اسين پنهنجي فرض ادائي ڪريون ٿا ۽ زندگيءَ ۾ جيڪا جاءِ اسانکي مليل آهي تنهن کي اسين وڌيڪ سهڻو ۽ وڌيڪ شاياں ٿا بڻايون ۔ "

* * *

٦ - ٨ - ١٩٥١ع — منشو ڪڏهين ڪڏهين پنهنجي مستاني هلت سان اسانجي خيال کي ڇڳيءَ پر جا ڳائيندو آهي ۔ ڪالهه چيائين ته مونکي پاڻي پريندي شرم ٿو اچي؛ مان ٻائو ٿي هن شهر ۾ رهيو آهيان؛ مون تي ماڻهو کلن ٿا ۔ ان ڪري مون

منشي کان ڏلو ونئي، نل تان پاڻي ڀري پاڻ گهر آندو. سام کي جڏهن هڪ پراڻو ساڃاڻو ياد اچي ويو؛ اهو به ڏلو کڻي، هيٺان پيري خوشيءَ مان مٿي تي کڻي آيو. اسانجو مطلب منشي کي شرمائڻ جو نه هو، مگر هي اسانجو نشچو آهي ته هٿ جي ڪم کان عار نه ڪجي. اِهي ڪم نه فقط صحت لاءِ پر اسانجي آتمڪ اڌار لاءِ ضروري آهن."

موهنکي ياد ڪندي فخر پيو ٿئي ته طبيب ۾ پنهنجي ۽ سام جي مهمان خاني جي ماني پاڻ ڪندي هيس. پريٽر روم جي صفائي ۽ خاص ڪري سام جي ڪمري جي ٻهاري ۽ چند ڦوڪ پاڻ ڪرڻ وٽندو هيم. سام اڃا به چرچي ۾ چوندو آهي ته ڪموڊن (Commodes) صفا ڪرڻ جي ڪم ۾ هندستان ۽ پاڪستان اندر تو جهڙو هوشيار ڪو ورلو هوندو! هو پاڻ به اهڙن ڪمن ۾ هٿ ڳنڍائيندو آهي. صوفي صاحب ڳالهيون ڪندو آهي ته سام سان گڏ شهر جو گند گار ميڙي رستن جا رستا صاف ڪري ڇڏيندا هئاسين. اڄ موهنکي اهو خيال ڪندي بيحد خوشي ٿي ٿئي ته اسين اڃا سا ڳيا آهيون ۽ وري هڪ ڏينهن پنهنجي نئين آشرم ۾، همن ڪمن کان آجا ٿي، اهڙا نيم تن ۽ من جي صفائي جا پوريءَ طرح اختيار ڪنداسين. منهنجي ته اهڙن ڪمن سان، جن کي ماڻهو نيچ سمجهن ٿا، خاص پريت ٿي ويئي آهي. اڄ منشي جا ڦريل خيال ڏسي مون سام جي جُتي به پاڻ صفا ڪئي."

سام چيو: " ائين به نيڪ ناهي؛ تون ڊاڪٽر آهين؛ جُتين ۾ ڪئين جيوڙا ٿي سگهن ٿا، تون انهن کي هٿ نه لاءِ؛ جي منشو اهو ڪم پسند نه ٿو ڪري ته مان پاڻ تي هموار ٿو ڪريان."

مون چيو: " موهنکي اها خاطري آهي ته هن مان ڪو به نقصان نه ٿيندو؛ بلڪ منهنجي دل کي گهڻي راحت ملي ٿي."

سام ڪجهه وقت ماٺ ۾ رهي چيو: ”عشق بادشاه آهي جو ڊاڪٽرن کان چمارن جا ڪم تو ڪرائي؛ پريم تي ڪوبه بندن ڪونه آهي!“

اتي منشو وڏي صدق ۾ اچي ويو ۽ خواه مخواه ڪتن ڪوشيون ڪرڻ لڳو. از خود ڳوڙها ڳاڙيندو ڪيتري دير تائين انهيءَ نموني سڪ جو ساڏن ڪندو رهيو!

* * *

٧-٨-١٩٥١ع — اڄ صبح جو گرڊاري جڳن رستي تان لنگهيو ته اتي هڪ ٽوڪرو ڏٺائين جو ڪنهن گاڏيءَ تان شايد ڪري پيو هو. آهو ڪٿي گهر آيو؛ چيائين مالڪ ڪوبه نظر ڪونه آيو تنهن ڪري ٽوڪرو کڻي آيس. ٽوڪري کي هڪ ننڍڙو سوراخ هو جنهن مان ڏٺم ته منجهس ڪارڪون پيئون هيون. اچا مون هڪڙي ڪارڪ کڻي کاڌي ٿي ته سام پري کان منع ڪئي؛ چيائين: ”پرائي شيءِ متان کائو! هيءَ پاڻ تي هڪ قسم جي جوابداري ڪنهين اٿو. هاڻي انهيءَ جو مالڪ ڳولهڻو پوندو. ٿوري ملهه واري شيءِ ڏسي ائين نه چوڻ گهرجي ته ڪير ويٺو ڳولا ڪري؛ تنهن ڪري پاڻ تا کائي ڇڏيون! پرائو لک هجي يا ڪک، ان جي تڳائڻ جو سا ڳيوئي پاپ آهي. پر جنهن صورت ۾ هيءَ شيءِ جلد ڪني تي سگهي ٿي، تنهن صورت ۾ شام تائين مالڪ کي ڏسو. پيدا نه ٿئي ته صبح جو ورو ڪري آهي پئسا ان مالڪ لاءِ رکي ڇڏيو يا ڪنهن ڌرمائو ڪم ۾ لايو.“

منشي چيو: ”ممي! جي هن ٽوڪري ۾ لک يا ڏيڍ جا نوٽ پيل هجن ها ته پوءِ به جيڪر موٽائي ڏيو ها؟“

مون کيس چيو: ”ڪنهن غريب جي ڪمائي تڳائڻ وٽنا ڪاٽڻ برابر آهي.“

ڳرڊاريءَ چيو: ”ڀلا جي ڪنهن غريب جي هڏ جي ڪمائي نه هجي ۽ ڪنهن لوڀي دنيادار جو مال هجي؟“

مون سام ڏانهن ڏٺو ۽ سندس رايو پڇيو؛ سام ڪلي چيو: ”اسان جي ملڪ ۾ اڃا ڪميونزم ڪونه آيو آهي! تنهنڪري ضرور مالڪ کي ٿي موٽائي ڏيڻ گهرجي. ان شاهوڪار کان ڪنهن ڏرمي ڪم لاءِ پئسا وٺي سگهجن ٿا؛ مگر پراوا پئسا هڙپ ڪرڻ هر حالت ۾ پاپ آهي.“

منشي چيو: ”سائين اهين پئسو موٽائي ڏيڻ اهنجو آهي! ڇنڇي ڏو پر جي سچ پچ پئسا هٿ اچن ته جيڪر توهين به ڇڏيو ته نهيو پنهنجي آشرم لاءِ رکي ٿا ڇڏيون!“

سام وراڻيو: ”پوءِ اها آشرم هڪ چورن جي پاتاري ٿي پوندي. آشرم ۾ جيڪي رهندا، اهي به ته ڏسندا ته اسانجو گرو ڪٿان پيو ڏن آڻي! جنهن جي بنياد ۾ ڪچ پيريل آهي، اها عمارت جتاءُ ڪيئن ڪندي؟“

تنهن بعد سام پنهنجي حياتيءَ جا ڪجهه تجربا ٻڌايا؛ چيائين: ”لک نه ته به هزارن جون رقمون پرائو حق سمجهي مون پاڻ در ڪڙڪائي وڃي بي گمان مالڪن کي پهچائي ڏنيون، جيتوڻيڪ انوقت مونکي پئسي جي گهرج هئي. مونکي اهڙي گهرج گهڻا دفعا پيئي آهي، پر مالڪ اهڙو مهربان آهي جو انت گهڙيءَ اوچتو ڪو دروازو کولي ڇڏيندو آهي؛ پنهنجي گهرجن لاءِ انهيءَ داتار جي در تي وڃو؛ ٻي جي مال مان ڇا ورندو؟“

* * *

اڄ سام منشي کي روزانه ڪم بنسبت ڪي هدايتون ڏنيون. مگر هن پنهنجو ڪم پورو نه ڪيو ۽ اٽڪل ڪري اهڙو لِڪ رکي ويو، جئن ڪنهن کي خبر ٿي نه پوي ته ڪهڙو ڪم

رهيل آهي. سام هن کي گهڻو چئنيمو ۽ چيائينس ته بابو ٿي ڪري تون اهڙا ڪوڙ ڪرين، سا خراب ڳالهه آهي. منشي انڪري ماني ڪونه کاڌي. پوءِ سام پاڻ آئي ڪيس ماني کارائي؛ ۽ ڪيس هن ريت سمجهايائين: ”هي چيني ڀڻ‌پيار جو هڪ نمونو ڪري سمجهه؛ قانون جي سختي نيم جي پڪائيءَ لاءِ آهي؛ گناه جو اندازو ننڍي يا وڏي ڪم سان لاڳاپو نه ٿو رکي، مگر خيال ۽ ارادي سان. ڪيتريون ڳالهيون جيڪي عام طرح خسيس سمجهيون وڃن ٿيون، انهن مان انسان جي اندر جي وڌيڪ خبر پوندي آهي. وڏيون ڳالهيون انسان ساوڌان ٿي ڪندو آهي مگر ننڍڙين ڳالهين مان سندس سچو پچو سڀاو ظاهر ٿيو پوي؛ هي ننڍڙا ڪم جيڪي اسين سوچ ويچار بنا ڪريون ٿا سي اسانجي ڀاونا جا گويا چغل آهن. گناه ڀاونا جي تارازيءَ ۾ توربو آهي. انڪري ڪڏهن ڪڏهن قانون خود وڏا گناه معاف ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن گناه جي پٺيان ڀاونا بري نه هوندي آهي. تو اِنهن سنهين ڳالهين لڪائڻ ۾ بري ڀاونا رکي، تنهن ڪري اِهو وڏو گناه آهي.“

* * *

طيب ۾، ڪارخاني جا نوڪر جيڪڏهن چوريون يا ڪي خطائون ڪندا هئا ته سام هرو ڀرو ايترو ناراض ڪونه ٿيندو هو. مگر جن کي هو ڪنهن نموني پنهنجو سمجهندو آهي انهن کان جيڪڏهين ٿوري به غلطي ٿي ويندي آهي ته هو گهڻو ڏکي ٿيندو آهي. ان ڪري منشي تي ڪاوڙ مڙيوئي پيئي ٿئيس جو منشي کي ٻارن وانگر ڀائيندو آهي. اڄ منشي هڪ ننڍڙي چوري ڪئي؛ پهريائين ته ڪونه ٻاسيائين پر مون آتر سان ڪانئس پڇيو، پوءِ ٻاسي ڏنائين؛ سام ڏک مان چيو: ”ڀائي! ڪوڙ زهر اٿو! ڪوڙ کي دل مان ڪڍو نه ته حياتي سڄي زهر ڪري

چڏيندو ! اهڙي نموني پلا آشرم ۾ ڪيئن هلنداسين ؟ "

مون سام جو ڏک سمجهيو ؛ مونکي ڪجهه انتظار ٿي پيو. ٿوري دير بعد جڏهين گهمڻ نڪتاسين تڏهين مون سندس ٻانهن پڪڙي چيو : هي " جيتامڙو " نه گهٽ ۾ گهٽ آشرم ۾ ضرور هلندو ! ڏک نه ڪريو !

سام کي اکين ۾ ان وقت ڳوڙها هئا ۽ چيائين : " ٻه اسان؛ تيون رام اچي اسانجي آشرم ۾ ويهندو ! "

* * *

٩ - ٨ - ١٩٥١ع — ڪن دوستن اسانوٽ ڳڏ ٽيڻ لاءِ ٻڌر جو ڏينهن مقرر رکيو آهي . ڳڏ ربل ٻڌر تي صوفي صاحب (مسٽر ڏني بخش) هڪ هندو ڊپوٽي ڪليڪٽر ۽ ٻيا ٻه ٽي آيا .

مون صوفي صاحب کان پڇيو : " هن نموني وقت مقرر ڪرڻ اوهانکي ٺيڪ لڳي ٿو ؟ "

صوفي صاحب ورائيو : " صوفيءَ جو سڀ ۾ سٺر آهي ؛ هي ٻه هڪڙو صحبت جو نمونو آهي . "

مون پڇيو : " جي صوفيءَ جو سڀ ۾ سٺر آهي ته روح رهاڻ لاءِ وقت ۽ وشيءِ مقرر ڪرڻ جي صوفيءَ کي ڪهڙي ضرورت آهي ؟ ڇو نه جڏهين وڻيس تڏهين خيال جي ملڪ ۾ سٺر ڪري ؛ جڏهين دل گهريس تڏهين ٻولي ؟ "

سام چيو : " هن ميٽنگين جو طريقو برابر مصنوعي پيو لڳي، پر سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ٻه وقت جهون اهڙيون ئي پابنديون آهن . هي ٻه هڪ ڪلاس ڪري سمجهو، پر سوال هي آهي ته اسانجي سپاهي وارن ماڻهن کي هن ڪلاس هلائڻ جي پابندي رکڻ جڳائي يا نه ؟ هينئر شروع ڪيو اٿو ته هلڻ ڏيوس جيستائين هلي سگهي ؛ جنهن کي ڇڪ ٿئي سو پيل هليو اچي ؛ ان ۾ هرويرو اسانجي خيال کي ڪا رنڊڪ ڪانه پوندي. خيال

بادشاه آهي ؛ جتي لهي اتي پنهنجو ڏيرو ڄمائي ؛ تنهن ڪري جي اسانجي دوستن کي هيئنئن سڻائو ٿو لڳي ته ائين ٿي سگهي ! روز نه ته هفتي ۾ من هڪ ڀيرو درشن پيا ڪريون ! هوڏانهن هو خيال به غلط نه آهي ؛ وقت ۽ وشيه مقرر ڪرڻ سان اڪثر گفتگو مان تازگي نڪريو وڃي . "

* * *

هن ڀيري واري ميٽنگ تي صوفي صاحب هڪ وشيه بحث لاءِ چونڊي آيو هو . چيائين ته اڄ ان تي ڳالهائينداسون ته ' همه اوست ' يا ' همه از اوست ' وارو خيال سچو آهي ؟ يعني سڀ الله آهي يا سڀ ڪجهه الله جي طرفان آهي ، - ٻنهي مان ڪهڙي ڳالهه پوري آهي ؟

ڊپٽي صاحب ۽ صوفي صاحب جلد انهيءَ بحث ۾ لڳي ويا . مان به پرسان ويٺي هيس ، مگر مونکي سچو بحث تمام خشڪ ٿي لڳو . سام پنهنجي خيال کي مڃائي انهن سان شامل ٿي ويٺو ۽ جيڪي عنن چيو سو ڌيان سان ٻڌندو رهيو . ڊپٽي صاحب تمام عالماڻي ڍنگ ۾ بحث جاري رکيو ۽ ڪيترا دلچسپ پرماڻ ڏنائين ، جيتوڻيڪ اهي خاص سندس خيال ڪونه هئا مگر ٻين فيلسوفن جي نظريه مطابق هئا . صوفي صاحب قرآن شريف جي ڪن آيتن جي اندروني معنيٰ ٻڌائي جا صوفيائي خيال مطابق هئي . ڪلمه جي اکرن " لا اله الا الله " جي ٻه معنيٰ ٻڌايائين : (١) الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو الله ڪونه آهي ؛ (٢) الله جو ڪو ضد ڪونه آهي ، يعني ان ڪانسواءِ ٻي ڪا شيءِ ڪانه آهي ؛ چيائين ته پوئين معنيٰ ويدانت ۽ صوفيائي ' همه اوست ' واري خيال مطابق آهي .

ڊپٽي صاحب چيو : " خود لا الله وارو خيال ٿي غلط آهي ڇا لاءِ جو الله ڪانسواءِ جڏهين ڪجهه آهي ٿي ڪونه ته

اها شيءِ خيال ۾ ڪيئن آئي سگهجي ؟

پوءِ هڪ دوست جو مثال ڏنائين. سنڌس ڇوڪري ڪي سڪول جي ماستر چيو ته ڪوڙ نه ڳالهائڻ گهرجي، جڏهين ڇوڪري اها ڳالهه پنهنجي مائٽن سان ڪئي ۽ پڇيو ته بابا ڪوڙ ڇا کي چئبو آهي، تڏهين اهي اچي ماستر تي مٺيا؛ ماستر کي چيائون ته ڪوڙ جو خيال ئي ٻارن کي ڇو ڏنو وڃهين؟ ڇو نه ٿو چوين ته سچ ڳالهايو ؟

تڏهين سام چيو: ”حقيقت ۾ اها به سا ڳي ڳالهه آهي؛ ماستر جي ڳالهه ڪان نرالي ڪونه آهي. ائين چوڻ ته فقط سچ ڳالهاءِ، سا ٻڻ هڪ قسم جي حد وجهڻي آهي، يعني نا سچ (اسنيم) جي هجڻ ڏانهن اڻ سڌي طرح اشارو ڪرڻو آهي. هن مثال مان ظاهر آهي ته اڪر ۽ خيال به ڪنهن حد تاءِ معنيٰ جي ملڪ اندر پهچي سگهن تا. جڏهين الله جي حقيقت سچي معلوم ڏئي ٿي تڏهين اڪرن ۾ بيان ڪرڻ جي طاقت ۽ نه ضرورت رهي ٿي. هن معلومات جي ثابتي فقط انهن عارفن جي خوشي ۽ موج منجهان ملي ٿي جيڪي اها حقيقت ڏسن پسن تا ۽ انهيءَ سان هڪ ٿي وڃن تا. اهڙي موج مائڻ واري کي ٻڌائڻ جي ضرورت ڪهڙي؟ جو سدائين آنند ۾ مگهن رهي ٿو، تنهن کي آن آنند بيان ڪرڻ جي فرصت ڪٿي آهي؟ بکئي جي بک کاڌي کائڻ سان لهي ٿي ۽ نه آن جي ويچار ڪرڻ سان. هيڏانهن هوڏانهن تيستاءِ پيو نهاريندو جيستائين محبوب جي ڪمري ۾ پير ڪونه پاتو اٿس. هن جو مطلب پنهنجي محبوب سان آهي. هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ سو ڏيکاري ٿو ته اڃان محبوب جو مشاهدو ڪونه ٿيو آهي. هيڪڙائي حاصل ڪرڻ جي هڪ نشاني اها آهي ته هو ميلاپ جي آنند ۾ محو رهي. پوءِ 'مان اهو آهيان' يا 'مان انهيءَ منجهان آهيان'، (هم اوست يا هم از اوست)، انهيءَ ڳالهه جو ڪو تفاوت ئي نظر ڪونه ٿو اچي.

ڇا لاءِ جو 'مان' خود رهي ئي ڪانه ٿي. وحدت جي ملڪ ۾ نه 'مان'، نه 'تون' ئي رهي ٿي."

* * *

ميٽنگ بعد، انهيءَ وقت صوفي صاحب چيو: "پيا به ڪي ماڻهو هت اچڻ لاءِ خواهان آهن؛ پئي پيري انهن کي به آڻبو ۽ اهڙيءَ طرح ٻوٽو ٻوٽو گڏ ڪري انشا الله هت هڪڙو باغ بڻائبو!"

سام چيو: "باغن کان جهنگ بهتر اٿو. فقير ۽ شينهن ٻيلائي ٿيندا آهن. گهٽي جوڙ جڪ باغ ۾ ٻاهرين سونهن وڌائيندي پر ٻيلي واري اڪٽ موج وڃائي ڇڏيندي. فقيرن کي ٻيلن کان وري ٻر بعضي وڏيڪ وڻندا آهن. ڏسجو متان گهڻن ماڻهن گڏ ڪرڻ سان هن تنهائيءَ جو مزو وڃائي ڇڏيو."

ڊپٽي صاحب ڪلي چيو: "توهين ته وري نيم ۽ ٻنڌن کان اصل ٻاهر آهيو!"

وڏيڪ چيائين: "جمع جمع ٿي اسانوٽ به ست سنگ ٿيندو اٿو! آتي به ڪڏهين هليا اچو!"

سام کيس چيو: "اڳئين دفعي جڏهين اسين آيا هئاسون تڏهين اسانجي چوڪري پنهنجو پڇن ڳايو هو، جنهن ۾ سنسار ساگر وغيره هندڪار جا لفظ هئا؛ پر آهو توهانکي ڪونه وڻيو ۽ توهان انکي ڳائڻ کان منع ڪئي هئي!"

ڊپٽي صاحب چيو: "ائين برابر آهي، ڇاڪاڻ جو اسين فقط صوفيانا يعني توحيد جا ڪلام ڳائيندا آهيون."

سام چيو: "ڀلا صوفين جو الله ڪو ٻيو آهي ڇا؟ ست سنگ ۾ ايتري پابندي رکڻ نه جڳائي. هندو، مسلمان ۽ صوفي سڀ الله جا آهن. ڀلي ڪير به اچن ۽ ڪيئن به ڀڪتي ڪن؛ انهن تي ڪا روڪ نه وجهو!"

ڊپٽي صاحب چيو : ” آهن سڀ الله جا پر اسين سڀني کي هڪ خاص دڳ سان وٺي هلڻ گهرون ٿا ؛ ائين نه ته ڪو هيڏانهن ڀڄندو ، ڪو هوڏانهن ڀڄندو . ان نموني سنگ ۾ هڪڙائي اچي ڪانه سگهندي . “

سام چيو : ” محبت ئي هڪڙو سنئون دڳ آهي . جيڏانهن محبت ڇڪي اوڏانهن ٻيا هليا وڃو .

” دل جو درياه پنهنجي موج سان وهيتو ۽ ڪا روڪ ٽوڪ نٿو سهي . جي انکي بند ڪري عقل جي درن مان لنگهائبو ته قرب جون ڪشتيون ان مان هلي ڪانه سگهنديون . “

* * *

١٠ - ٨ - ١٩٥١ع — اڄ سام ۽ مان گهاڙ پر واري هندو فقير جي آستان وٽان لنگهياسين . مڪان جي پرسان مونکي پنهنجي اسپتال ۾ ڪم هو . منهنجي موٽڻ تائين سام فقير جي آستان تي ترسي پيو ؛ منشو به سائس گڏ هيو . مان جڏهين موٽيس ته ڪانئن فقير بابت پڇا ڪيم . منشي چيو : ” فقير پاڻ ته مريضن سان اندر ويٺو هو ؛ باقي سندس هڪڙو چيلو ويٺو هو جنهن سان ڪجهه گفتگو ٿيو . ان جو تتسار مون هن ريت معلوم ڪيو :

سام چيو : ” واهه ڀائي ! فقير جو آستان ته ڪو آنند سان ڀريل آ ! فقير پاڻ به اهو آنند محسوس ڪندو آهي يا نه ؟ اسان ته ڪيس گهڻو ڪري دوائون وڪڻندو ڏسندا آهيون . “

چيلو : ” هرڪو پنهنجي ڪم ۾ آنند محسوس ڪري ٿو . “

سام : ” آنند محبت منجهان پيدا ٿئي ٿو ؛ جي دوائون دل سان ڏيو ٿا ته سو به نيڪ آهي ؛ ڀلا پيو هت ڇا ڇا ڪندا آهيو ؟ “

چيلو : ” واد وواد ۽ خيالن جي ڏي وٺ ! صحبت ڪرڻ به فقير جو فرض آهي . “

سام: ”فرض نہ پر فقير جي خود زندگي آهي؛ فرض ادائي ۽ سچي محبت جي وچ ۾ هي تفاوت آهي تہ فرض ادائي ۾ اجا ڪجهہ دوئيءَ جو ڀاو رهيتو ۽ محبت هيڪڙائي واري خيال مان پيدا ٿئي ٿي؛ فرض ۾ احساس حيلي ۽ ڪشالي جو رهيتو يعني فرض ادائي ڪوشش سان ٿئي ٿي ۽ محبت وارو ڪم از خود ٿئي ٿو. سچو آنند محبت منجهان حاصل ٿئي ٿو. جيڪي ڪريو سو محبت ڪارڻ ڪريو. محبت سچ آهي پهو سڀ ڪجهہ آهي!“

* * *

۱۱ - ۸ - ۱۹۵۱ع — منشي جو ذڪر هن ڊائريءَ ۾ مون وري وري ڪيو آهي. هن جو من استر نہ آهي. ڪڏهين چوي تہ مونکي ڀڳهار وغيره ڪانہ کپي؛ مونکي پنهنجو ٻالڪو ڪري سمجهو! ڪڏهين وري چوي تہ مونکي منشگيري جهڙو ڪم ڏيو پوءِ ڀڳهار ڏيو يا نہ ڏيو، جو نوڪراڻا ڪم مونکي نٿا وڻن.

اڄ وري چيائين تہ مان سڀ ڪم، ٻهاري، ٻاسڻ، رڌڻ، پچائڻ وغيره ڏيندس؛ ڀڳهار بہ پيري وٺندس.

اسانکي سندس ڳالهيون گهڻو وندرائينديون آهن. جڏهانڪر هو آيو آهي، تہ روزانو هنجي اِها ڪار هلي اچي. ڪڏهين سام ويهي پيار مان سمجهائي ڏيس تہ چوي: ”بس؛ مون هينئر ئي سڀ ڪجهہ تياڳ ڪيو؛ هاڻي ڪو دل ۾ شڪ شبهہ ڪونہ اٿم. اڳتي منهنجي ڪا گهٽ وڌائي ڪئي، پڌندو؛ مونکي بلڪل پنهنجو ڪري سمجهو.“

پر وري پور پوندس تہ ائين چوندو: ”حساب رکڻ ۾ ڪو هرج ڪونہ آهي؛ آخر ڀڳهار جو سرشتو سٺو آهي.“

اڄ جڏهن مان اسپتال کان موٽي آيس تہ ڏٺم هو گهرجو ڪم

ڪار ڇڏي، وهنجي سهنجي اڪيون ڀوني وراندي ۾ ويٺو آهي. چيائين: "ممي اڪثر ته پڳهار وٺبي نه ڪي مقرر ڪم ئي ڪبا! باقي ائين سڪ ۾ توهان سان رهيو پيو آهيان."

مون کيس چيو: "تون هڪ برج تي نه آهين، ڇا لاءِ جو تنهنجو صدق پورو نه آهي. مان تيرهن سال توکان اڳ سام سائين وٽ آئي آهيان. هڪ منٽ به اهو خيال ڪونه ڪيو هوندم ته ڪو مونکي وري جدا ٿيڻو آهي. اسانکي سام سائين جي پريم ۾ سڀ ڪجهه حاصل آهي. مان ته ائين ٿي سمجهان جڻڪ هڪ اٿاهه سمنڊ ۾ مزي سان تڙڳي رهي آهيان. ساءِ جو پريم اهو اٿاهه سمنڊ آهي! اسان لاءِ هت سدائين مزوئي مزو آهي. سڀ بار لاهي، مٿس رکون ته سنسار ساگر مان ضرور پار پونداسين. تون ڪنهن وقت خوش آهين ته ڪنهن وقت رنج. ڇو نه تو پاڻ سان ويهي هڪواري فيصلو ڪرين ته حياتيءَ ۾ ڇا ڪرڻو اٿئي! وري پاڻو ٿيڻو اٿيئي يا هن سنگ ۾ رهڻو اٿئي؟"

منشي چيو: "ممي! بس؛ وڌيڪ ڪجهه نه چئو؛ مون اڄ کان وٺي نئين سر پاڻ دادا کي ارپڻ ڪيو؛ وري ٻي ڪا ڳالهه ڪانه ڪندو."

* * *

١٢ - ٨ - ١٩٥١ع — عجب جي ڳالهه اها آهي جو منشي چوويهن ڪلاڪن اندر وري به پيرا ڦرتي ڪاڏي آهي؛ سندس حالتن تي ڪل به اچيتي ۽ ارمان به ٿئي ٿو. سام چيو: "سندس خيال کي زور سان نه موڙيو؛ سندس من کي ترتيب ۾ اچا وقت لڳندو؛ ڇڏي ڏيوس ته لوڏا لما کائي پاڻهي پڪو ٿيندو؛ حقيقت ۾ منشو انساني من جي جيئري صورت آهي. مايا ۾ من ائين ئي چنچل رهندو. جيستر نوڪرون نه تو ڪائي تيستر گيان نٿو پرائي. انهن نوڪرن کائڻ لاءِ ئي ته سنسار

جي رچنا رچيل آهي."

* * *

گذريل ڀيري ڏينهن سا ڳيو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ٻيا ڪي دوست آيا ، صوفي صاحب ڪونه آيو. اسانجي هڪ مهمان ڀاون جو ذڪر ڇيڙيو ۽ چيائين : "ڀاون ۽ ٽڪاڻن واري سنستا سڄي خراب آهي ؛ مونکي جيڪي ڀاون جون خبرون آهن انهن موجب ته جيڪر کين ملڪ نيڪالي ڏيڻي ڇڏجي . نه رڳو پرائي ملڪيت ۽ پرائي ڪاڏي تي گذارو ڪن ٿا پر ٻين جي نياڻين ۽ استرين ۾ پڻ بري نظر رکن ٿا ."

ڊپٽي صاحب جواب ڏنو : "پوءِ ڇو نه ٻي ڪا سٺي سنستا برپا ڪري ڏيکارجي؟ ٻئي جي ڪم تي ٺوڪبازي ڪرڻ جي بدران بهتر آهي ته پاڻ وڌيڪ سٺا ڪم ڪري ڏيکارجن . تنهن ڪري اهڙي سنستا جاري ڪريون جو اهي سنستائون ، جن کي خراب سمجهون ٿا ، سي پاڻهي ٻيهجي وڃن ."

سام چيو : "اڻين نيڪ آهي ، ڇاڪاڻ ته ڪا به سنستا ڪنهن ذاتي گهرج ڪانسواءِ پيدا ڪونه ٿي ٿئي . ڪابه جماعت يا هلچل جا هستيءَ ۾ اچيتي ، ان جي شروعات گهڻو ڪري سٺي هوندي آهي ۽ عوام جي پنيرائيءَ سان ٿيندي آهي . هر هڪ سنستا ڪا نه ڪا گهرج مذهبي ، سياسي يا پنگتي پوري ڪريتي ۽ جيستائين اها گهرج غلط يا برابر نموني ۾ پوري ڪندي رهندي تيستائين انکي ڊاهڻ اهنجو آهي . انهيءَ کي ڊاهي تڏهين سگهبو جڏهين انجي بجاءِ ڪا عيوضي سنستا ان کان بهتر برپا ڪبي ."

ڊپٽي صاحب چيو : "تنهن ڪان سواءِ ڏسجي تو ته اسانجو ڌرم ، جنهن کي اسين هندو ڌرم چئون ٿا ، سو ڀاون جي سنستا (Institution) کي وڏي ٽيڪ ڏئي تو ! ڀاوا پنهنجي

ڪنُڪرمن جي بچاءَ لاءِ ڪونه ڪو مثال شاسترن مان ڳولي ڏئي سگهن ٿا؛ هو اِئين چئي سگهن ٿا ته ڪرشن گوپين سان ناچ ڪندو هو؛ فلاڻي رشيءَ فلاڻي اپسرا سان ڀوڳ بلاس ڪيو؛ خود پانڊو، جي پنهنجي وقت ۾ هندو ڌرم جا اڳواڻ هئا، سي ئي جائز نموني ٻيءَ جي ٻج منجهان پيدا ٿيل ڪونه هئا؛ پوءِ انهن ٻاون ڪي اسين ڪهڙو ٿا ڏوهه ڏيئي سگهون؟"

سام وراڻيو: "اِها ڌرمي تواريخ جي توهين غلط سمجهاڻي ڏيو ٿا. ائين برابر آهي ته هندستان جي جدا جدا ڏڪرن ۾، جدا جدا وقتن تي، پانتين پانتين پنت يا مارڳ پڌرا ٿيا آهن، پر اهي جدا جدا حالتن ۽ آتما جي جدا جدا اوستائن سان واسطو رکن ٿا. ان ڪري مان سمجهندو آهيان ته هندن جي خيالات يا فلسفه ڪي ڪو خاص مذهب ڪري چئي نٿو سگهجي. ان ۾ مذهبپڻو (Ism) آهي ئي ڪونه. هنن مختلف قسمن جي خيالن ۽ رستن کي وقت آهر جوڳو ڏسي تسليم پئي ڪيو آهي؛ هندن جي مذهبي خيالات يا فسلفه به ٻين دنيا جي وڏن مذهبن جي ابتڙ نه آهي؛ باقي سمجهڻ ڪانسواءِ اوتارن يا رشين جي تواريخ مان ڪي مثال چونڊي، ان مان پنهنجو خيال ثابت ڪرڻ يا چوڻ ته سڀ ڪنهن کي اهڙي نيتي اختيار ڪرڻ جو حق آهي، سو نيڪ نه آهي. جدا جدا اوستا وارن انسانن لاءِ جدا جدا ڌرم جو رستو ٿي سگهي ٿو. مان ته انهيءَ خيال جو آهيان ته هر هڪ انسان کي پنهنجو پنهنجو ڌرم آهي؛ يعني جيترا انسان اوترا خيال يا مذهب ٿي سگهن ٿا؛ چڱائي اها آهي جا هر هڪ شخص کي پنهنجي نظر ۾ چڱي لڳي ٿي؛ برائي يا پاپ اهو آهي، جو مونکي برو نظر اچي ٿو. پانڊون جي پنجن ڀائرن گڏجي هڪ شادي ڪئي ۽ سندن ماتا پنهنجي مڙس مان اولاد نه پائڻ ڪري ٻئي مان اولاد پاتي، اِهو ٻيا ٻيا اهڙا مثال انوقت جي

رسمن جي خلاف نه هئا. شري ڪرشن کي مريادا جو وروڌي سمجهڻ، ڇاڪاڻ جو هن گوپين سان راس ليلائون تي ڪيون، سا پڻ اونهي خيال واري نڪته چيني نه آهي. پهريائين اهو سمجهڻ کپي ته اهي کيل سندس بال اوستا ۾ ڪيل هئا؛ ٻيو ته هن جي پدوي اوتارن جي هئي، جن ۾ نه رڳو پاپ جي اڇا نه هئي، پر بديءَ کي نتائڻ جي پڻ شڪتي هئي؛ ظاهري برائي هنن جي پاڇي پوڻ سان ڀلائي بڻجي ٿي پيئي. ان سواءِ انهن چرترن جون اندريون معنائون به آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته ٻوين وڌاءُ پڻ ڪيو هجي."

هڪ دوست سوال اٿاريو: "جدا جدا اوستا ۾ ڌرم جو رستو جدا جدا ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مريادا يا مذهب جا اصول سڀني لاءِ هڪ جهڙائي هئڻ گهرجن."

سام چيو: "شمس تبريز جي ڳالهه ڪندا آهن ته جڏهين هو ملتان شهر ۾ آيو، اتان جي پيرن کي اچي انتظار ٿيو ته هيڏو درويش هت رهندو ته اسان جي پيري مريدي چٽ ٿي ويندي؛ تنهنڪري هن کي بدنام ڪرڻ لاءِ پيرن صلاح ڪري شراب جي بوتل ۽ سوئر جو گوشت (جو اسلام ۾ حرام ٺهرايل آهي) کيس هڪ ڪچريءَ سان ڏياري موڪليو؛ هو مطلب سمجهي ويو ۽ پيرن ڏي نياپو موڪليائين ته فقير درياهه آهن؛ جئن درياهه ۾ گند گار پوڻ سان درياهه جو پاڻي ناپاڪ ٿي نٿو سگهي، تيئن فقيرن جا روح نيڪيءَ بديءَ جي اثر کان آجا رهن ٿا. مطلب ته ڪنهن اونچي آدرش لاءِ يا ڪنهن وڏي خيال وچان قانون ٽوڙڻ خود ثواب جي صورت وٺي سگهي ٿو. اسانجي تر جي هڪڙي فقير چون ٿا ته ڪتو، سوئر وغيره جو گوشت هڪ هنديءَ ۾ چاڙهائي پوءِ پنهنجي مريدن کي کائڻ جي دعوت ڏني. هو اِن نموني انساني روح جي آزادي ۽ بلندي ثابت ڪري رهيو هو؛ ته سچو مذهب

بورچي خاني تائين محدود نہ آهي ۽ ڪنهن بہ ريت رسم جو ڏوڙڻ انسان جي آتما کي ناپاڪ بڻائي نہ ٿو سگهي . پر اهڙا بہ انسان آهن جن لاءِ بصر ڪائڻ بہ وڏو پاپ آهي . هو بہ پنهنجي خيال تي بلڪل پڪا آهن . انهيءَ نموني جدا جدا انسانن لاءِ سندن خيال جي اوستا موجب جدا جدا ڌرم يا فرض ٿي سگهن ٿا.

ڊپٽي صاحب چيو : ” ائين برابر آهي ، مگر عام ماڻهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن قانون يا شريعت جي ضرورت آهي . “

سام چيو : ” جا ڳالهہ ضروري آهي سا اوس عمل ۾ اچي ٿي ۽ اوتري ئي قدر اُها ضروري سمجهڻ گهرجي ، جيتري قدر عمل ۾ اچيٽي ؛ يعني جيڪڏهين ڪو قانون عام طرح هلي ٿو تہ سمجهڻ گهرجي اسانجي خيال جي اوستا لاءِ اهو ضروري آهي ؛ پر جيڪڏهين ڪي باغي بڻي ان قانون جي آڏو اچن ٿا تہ سمجهڻ گهرجي ، اسانجي قانون ۾ ڪنهن تبديل جي گهرج آهي . جيڪڏهين اسانکي پنهنجي ضرورتن جي چڱيءَ طرح خبر هجي ۽ پنهنجي لڳائي چڱائي جي ڄاڻ پاڻ رکندڙ هجون ، تہ هوند شريعت ، سمرتيون وغيره ضروري ڪين ٿين ؛ جئين ان شخص کي ڦڪين جي گهرج ڪانہ ٿي پوي جنهن کي پنهنجي غذا ۽ پيٽ جي ضرورت جي پوري ڄاڻ ٿي رهي . “

هن باري ۾ سام کي پنهنجا آزمودا ٻڌايا ؛ چيائين : ” منهنجي پيٽ کي تہ ڪڏهين ڪوڙين شين جي بہ طلب ٿيندي آهي ؛ ڪڏهين ڪُنِّينائين (Quinine) جهڙي شيءِ بہ چٽڪ وٺي پيئي ؛ انوقت ، جي ڪنهن سبب ڪري ڪُنينائين نہ وٺان تہ مليريا ظاهر ٿيو پوي . جڏهين مٺي شيءِ ڏي گهڻو لاڙو ٿئيم تڏهين سمجهان تہ آنڊي ۾ شايد ڪا آنڊ مانڊ آهي . گهڻو تيز ۽ چهرين شين ڪائڻ ڪانپوءِ مٺاڻ ڪجهہ قدر آنڊي کي ٺاريندو آهي . هڪ لڳا ٻاهہ جي پرسان ويٺو هيس تہ پير تي هڪ ڏيڍ ۾ اچي

خارش ٿي ۽ سمجهان پيو ته انکي ساڙڻ سان جيڪر راحت ملي. از خود هڪ پرندڙ بنديءَ ڏانهن هٿ وڌي ويو، جنهنجي لڳائڻ سان خارش هٽندي ويئي. وري انهيءَ جاءِ تي ڏيڪانڻ تي اٿم. مونکي اڳي اها خبر ڪانه هئي ته ڊاڪٽر به ڏيڪي ائسڊ (Acid) وغيره سان ساڙيندا آهن.

” جانورن کي ڏسو جيڪي گهٽو ڪري قدرت جي قانون پٺاندڙ رهن ٿا؛ کين اها هڪ ذات مليل آهي ته هو فقط پنهنجي سياو سان نهڪندڙ کاڌو کائين؛ بيماريءَ جي وقت ۾ کهڙو به هر کائيندڙ کاڌو ۽ اڳيان رکون ته هرگز کين ورتائيندا جي نقصانڪار هوندو. مطلب هي آهي ته پنهنجي من جون ذاتي مرادون چڱيءَ طرح پوريون ڪيون ته گناه ڪرڻ جو ڪوبه انديشو ڪونه رهندو. ڇا لاءِ جو قدرت جي قانون موجب هلت ڪرڻ سڀ کان وڏيڪ سلامتيءَ جو رستو آهي؛ نه رڳو ايترو، پر قدرت جو قانون اٽٽر آهي! جو وقت اسين اُن کان ٽڙي يا منهن موڙي ٻئي پاسي لڙي وڃون ٿا، سو وقت، ۽ سا ڪوشش، ضايع آهي؛ آخر ڦري قدرت جي مارڳ تي اچڻو پوندو. تنهن ڪري گناه فقط قدرت جي قانون کان انڪاري ٿيڻ ۾ آهي ۽ ثواب سنئين دڳ يعني قدرت جي قانون مطابق هلڻ ۾ آهي."

ڊپٽي صاحب چيو: ” ان جي مطلب اهو آهي ڇا، ته ڪنهن جو خراب رستي ڏانهن لاڙو ٿئي يا ڪا خواهش جاڳي ته پڻ اوڏانهن هليو وڃي."

سام وراڻيو: ” جي اها ڇڪ اٽٽر هوندي ته اوس پوري ٿيندي ۽ هر خواهش واجبي نموني پوري ڪرڻ به گهرجي، توڙي جو ظاهر ۾ لوڪ انکي گناه چون. واجبي نموني پوري نه ڪبي ته ڊپجي هڪ وڏي زلزلي يا طوفان جي صورت وٺي ايندي.

حياتي جي ڏاکڻ جي مٿين چوٽيءَ کان ڏسو ته سڀ کان هيٺ ڀھريون ڏاڪو نظر ايندو. مگر ڏاکڻ جي هيٺان بيهي ڏسو ته اهو ڀھريون ڏاڪو به هڪ چڙهڻ جو وسيلو يعني هڪ ڏاڪو ٿي نظر ايندو. اهڙيءَ طرح ظاهري گناه ڪنھن نڪته نظر (View Point) کان هڪ ثواب به ٿي سگھيٿو. مثال طور، ڪو ڪنھن کي گار ڏئي ٿو ۽ پيو جوش ۾ اچي ڌڪ هڻي ٿو؛ اهو ڪم ڌڪ هڻڻ جو گناه چئجي ٿو مگر اهو ڪم گھٽ ۾ گھٽ ڌڪ هڻندڙ چڱو چائي ڪيو هوندو. جي چوٽيءَ واري سنتپڻي يا فلسفيانه خيال کان ڏسو ته اُهو هڪ وڏو جرم آهي. پر جي هيٺان بيهي بزدليءَ واري ڏاڪي کان ڏسو ته اهو ڌڪ هڻڻ بزدليءَ کان مٿي چڙهڻ جي هڪ ڪوشش ثابت ٿي سگھي ٿي، ۽ هڪ قسم جي بهادريءَ جو اظهار ٿي سگھي ٿو. سمجھو، اهو ڌڪ هڻڻ جو واقعو ڪنھن عورت جي بي حرمتي ٿيڻ مان پيدا ٿيو آهي يا ڪنھن نبلي انسان جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ ڌڪ هنيو ويو آهي ته بزدليءَ جي اظهار کان ڪم از ڪم وڌيڪ تحسين جوڳو قدم ليکبو. البت ڪڏهين بي سمجھائيءَ کان به اهڙا ڪم ٿي وڃن ٿا ۽ گھٽو ڪري ان کان وڌيڪ چڱا اپاو اهڙن موقعن لاءِ ممڪن هوندا آهن. پر جيڪڏهين پيو آپاءُ اهو آهي جو چپ ۾ بي عزتي سهڻي پوي ته پوءِ يقيناً اهڙا قدم بهادريءَ ۾ شمار ٿيڻ گھرجن. ان ڪري گناه يا ثواب جو فيصلو حالتن تي منحصر آهي ۽ اهڙو ڪو ڪم ڪونه آهي جو هر حالت ۾ چڱو ليکجي يا هر حالت ۾ برو چئجي."

ڊپٽي صاحب چيو: "تڏهين توهانجي خيال موجب نڪو مقرر گناه نه ان جي ڪا سزا آهي."

سام چيو: "گناه مقرر نه آهي مگر گناه تيستاءِ آهي جيستاءِ گناه جي پاونا آهي؛ ڪيترا ڪم چائي واٽي ساڙ وچان فقط پئي

کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڏيا وڃن ٿا؛ انهيءَ خواهش پوري ڪرڻ ۾ قدرت جي ڪا ذاتي گهرج پوري ڪانه ٿي ٿئي. تنهن ڪري اها پاونا بري آهي ۽ نه وري ڪا اٽتر چڪ انسان کي ان برائيءَ ڏانهن ٿي سگهندي. مگر انسان جو من پاڻ کي پلائي، بنا سچي چاهه جي به ڪڏهين اُگرا ڪم رٿي يا ڪري سگهيتو. اهي واقعا ظاهر ظهور گناه جا ڪم آهن. ان ڳالهه ۾ ملڪي قانون بڻ اسانجي خيال کي ٽيڪ ڏئي ٿو، جو رٿيل خون جي سزا وڏي ڏئي ٿو ۽ ساڳئي قسم جي اتفاقي خون جي سزا بعضي نالي ماتر ڏئي ٿو. چڱي ارادي سان چورن کي بندوق هڻي مارڻ واري کي سرڪار پڻ انعام بخشي ٿي؛ تنهن ڪري، جنّ هن حالت ۾، ڪنهنجو خون ڪرڻ به ثواب ٿي سگهيتو."

"پيو گناهه تڏهين ٿو پيدا ٿئي، جڏهين به قدرتي خواهشون پاڻ ۾ ڏڪرن ٿيون ۽ انهن مان هڪڙي ٻيءَ کي دباڻي انجي مٿان غالب پوي ٿي. مثال طور ڪاڏي لاءِ هڪ قل آهي؛ توهين به بکيا آهيو ۽ مونکي به بک آهي پر مان توهان جي بک جو خيال نه ڪري ڏاڍائيءَ سان قل کڻي کائي وڃان ٿو. ٻنهي جون خواهشون قدرت جي قانون موافق آهن پر تنهن هوندي به ان نموني خواهش جي پورائي ڪرڻ کي گناه چئي سگهجيتو؛ هونئن ته قل کائڻ ڪو گناه ڪونه آهي."

ڊپٽي صاحب پڇيو: "پلا سزا بابت توهان جو ڇا خيال آهي؟ جيڪڏهين توهانجي خيال موجب عام طور زندگيءَ ۾ ڪي مقرر گناه ڪونه آهن ته ڇئو سزا ۽ انعام يا خود بهشت دوزخ جو سرشتو به اجايو آهي."

سام چيو: "هائي ان سوال تي اچون! هيڏي ساري وڏيءَ سرشٽيءَ ۾، جنهن ۾ چت يعني خيال جي موجودگي ظاهر

نظر اچيٿي ۽ جنهن جو سڄو ڪاروبار از خود يعني پاڻمرادو هلي رهيو آهي، ڇا تنهن ۾ گناه جي عيوض ڇڪائڻ جو رستو به ڪو خود بخود هلندڙ اصول موجب، ڪنهن وگياني ۽ تيز بجا ايندڙ قانون موجب هوندو يا پوءِ بهشت ۽ دوزخ تاءِ مهمل ڪيل هوندو؟ بهشت ۽ دوزخ جو طريقو اهڙي شاهي ۽ خود بخود هلندڙ ڪارخاني ۾ ائين پيو لڳي جئن آمريڪا جهڙي سڌريل ملڪ ۾ ڪاٺ جي پير ڪڙين وارا جيل خانا هجن، جن ۾ اڳئين زماني وارا مجرمن جا پير بند ڪري ڇڏيندا هئا. اڄوڪي گناه جي سزا مرڻ کانپوءِ دوزخ ۾ ڇو ملي ۽ اڄوڪي ثواب جي ڪم جي موت مرڻ کان پوءِ بهشت ۾ ادا ڇو ڪئي وڃي؟ قدرت کي انوقت حساب ڏيڻ ۽ وٺڻ جي توفيق ڪانه آهي يا اهڙو سرشتو ڪو وڏيڪ سهوليت وارو آهي؟ اهما نتيجي مهمل ڪرڻ واري ترتيب انتظام لاءِ خراب ۽ نقصانڪار ٿيندي؛ ڇا لاءِ جو هڪ پاسي چڱائي جي وهنوار ۾ آلس پيدا ڪندي ۽ ٻئي پاسي برائيءَ وارن ۾ بي پرواهي پيدا ڪندي. مان اوهانکي اهو اشارو ڏيڻ گهران ٿو ته ڪرم جو قانون اهڙو پورو، وگياني طريقي موجب ۽ تيز هئڻ گهرجي جو ٻچڙن کي ڏوهه ڪرڻ سان نه فقط پر ارادي ڪرڻ واري وقت تي ئي سزا ملڻ کپي ۽ ڀلائي جو ڦل ساڳيءَ طرح اتي جو اتي ملڻ کپي. ائين ئي اهڙي طاقتور ايشور يا الله کي ڪرڻ جڳائي جو سرو شڪتيوان ۽ هرجا حاضر ناظر آهي، ۽ ائين ئي سچ پچ آهي!"

ڊپٽي صاحب چيو: "ڳالهه جو مطلب وڏيڪ کولي ٻڌايو."

سام چيو: "ڳالهه جو مطلب هي آهي ته ٻچڙائي وڏيڪ ٻچڙو ۽ ڪڌو بڻائي ٿي؛ من کي مونجهو ۽ ٻڏيءَ کي ناس ڪريٿي؛ آتما جو آنند گم ڪريٿي. انسان کي ٻچڙائيءَ جو ارادو خود اتي جو اتي ذليل ۽ بدزيب بڻائي ٿو.

اها بچڙائيءَ جي سزا آهي. چڱائيءَ جهڙو ڪم ورلي انسان جي روح ۾ هڪ قسم جو آنند، من ۾ طاقت ۽ جسم ۾ قرار پيدا ڪريٿو. اهو ان جو انعام آهي. انهن جا ٻيا ٻڙ نتيجا از خود نڪرن ٿا، جهڙوڪ بچڙائي مان ڇڪ ۾ ڳلا، ماڻهن ۾ بي اعتباري پيدا ٿيڻ يا همدرديءَ جو گهٽجي وڃڻ ۽ انهن سڀني ڪري ٻين تڪليفن جو پيدا ٿيڻ. چڱائيءَ جا ورلي ان جي ابڙ آثار اٿين ٿين ٿا، جهڙوڪ جڳ ۾ نيڪي، ڀلائيءَ وارن جي همدردي ۽ هٿ ڏکيءَ ۾ آخر ڪار سهوليت، سک ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ شانتيءَ جو واڌارو."

ڊپٽي صاحب چيو: "ڀلا سونا ۾ اعتبار ڪهڙي نموني جائز سمجهو ٿا؟"

سام چيو: "جوڻ ڪرم جي قانون جو ٻاهريون پاسو آهي؛ ڪرم ان زنجيريءَ جو اندريون پاسو آهي. جيئن ڪرم ٿئي ٿو تيئن جوڻ به اٿي جو اٿي مٽجي ٿي. منهنجي هن وقت جي اوستا صبح واريءَ اوستا کان البت ٿوري آهي. ٻٽريل سال واريءَ کان گهڻو ٿوري ۽ جوانيءَ جي وقت کان بلڪل نرالي آهي، ڄڻ منهنجي هن عرصي اندر ڪيترائي جنم ورتا آهن."

ڊپٽي صاحب چيو: "تنهن جي معنيٰ ته ٻاون ٻانيڻ واڪر، يعني جڏهن هندو ڌرم وارا چون ٿا ان نموني توهان جو جونين ۾ اعتبار ڪونه آهي."

سام چيو: "سڪول ۾ ظاهر ۾ ست درجا ليکجن ٿا مگر انهن ستن درجن اندر ڪئين ٻيا درجا به آهن. سڀني درجي وارن شاگردن ۾ ڪي ڏسو ته ڪي هوشيار آهن، ڪي موڳا آهن ۽ ڪي درميان طبقن جا شاگرد آهن. چوراسي لک جونيون مقرر ڪرڻ، سو به ائين آهي جيئن مئٽرڪ ڪلاس تائين ست درجا مقرر ڪجن ٿا. مگر در حقيقت سڪول ۾، جڏهن حياتيءَ جي

ودياليءَ ۾، هڪ گهڙيل ۽ لاڳيتو تحرڪ هلندڙ آهي. ساڳيءَ طرح آتما جي آڌار جو پڻ مارگ گهڙيل آهي ۽ سرشتو لڳاتار جاري رهي ٿو."

ڊپٽي صاحب چيو: "تڏهن اتي توهان جو خيال به اچي صوفين سان ملي ٿو. باقي هڪ ڳالهه آهي، سا هيءَ ته من جي هر خواهش پوري ڪرڻ بدران ان کي موڙي سگهجيتو ۽ ڪنٽرول ڪرجيون پوريون ڪرڻ بدران ٽاري يعني ڳم ڪري سگهجن ٿيون. مگر توهان چئو ٿا ته خواهشون واجبي نموني پوريون ڪرڻ گهرجن!"

سامي چيو: "من کي موڙي تڏهين سگهبو جڏهين اول ان کي ڪجهه عيوض ۾ ڏبو يعني ٻي ڪا اڳين کان زوردار خواهش پيدا ٿيندي ته ٿيڻي خواهش کان موڙي سگهندو. مثال طور شادي ڪرڻ ۽ زماني ۾ گهمڻ کان وڌيڪ زوردار جڏهين سڌو پئي ۽ سنياس جو شوق پيدا ٿيندو ته من اوڏانهن لڙي سگهندو. من جي چڙي هڪ وڻ تان اڏامندي ته ضرور ٻئي تي ويهندي؛ هوا ۾ هميشه ڪانه رهي سگهندي. بيشڪ خيال کي اها طاقت آهي جو پاڻ کي موڙي يا پاڻ کان وڏي خيال ۾ گم ٿي وڃي، پر سو سڀ پنهنجي مرضيءَ سان ڪندو، يعني جڏهين اها خود من جي خواهش ٿيندي. خواهشن کي ان ريت خيال سان موڙي سگهجيتو. حقيقت ۾ اهي مرن ٿيون مگر انهن جو رنگ روپ مٽائي سگهجيتو. انهن کي وڌيڪ سٺو يا لاڀدايڪ رستو ڏيکاري وڌيڪ اوچ پدويءَ واري زندگيءَ ڏانهن لاڙي سگهجيتو. تنهن لاءِ سڀني ۾ سٺو اپاءُ صحبت يعني ست سنگ آهي. ست سنگ يعني ڀلائيءَ وارن جي صحبت ۾ ئي ڀلائي پيدا ٿئي ٿي."

* * *

١٤ - ٨ - ١٩٥١ع — اسان جو گهر سچ پچ هڪ ننڍڙي آشرم بڻجي پيو آهي. پريوءَ جا شڪرانا آهن جو اهڙو سک اسانکي گهر ۾ موجود ڪري ڏنو اٿس، جنهن ۾ مان نه رڳو پر اسان جا نوڪر ۽ ٻيا پڻ پنهنجي پنهنجي جيون جو لاڀ پايون ٿا؛ ماڻهن جي وچ ۾ رهي به جڻڪ ٻاڻ کي سنسار کان سوين ميل پري سمجهون ٿا. هي مون لاءِ جڻڪ هڪ ٻر ۾ وڏي آسائش جو آستان آهي. جا ڳالهه اسانکي طب جي معان ۾ مشڪل ٿي ملي سگهي، (جيتوڻيڪ ڳوٺ ۾ قدرت جي نعمتن کي وڇڙيا هئاسون) سا ڳالهه هت شهري زندگيءَ هن گوڙ ۽ سوڙهه واري ماحول ۾ اسانکي سهنجائي سان حاصل ٿي آهي. مان ٻانيان ٿي سو ان ڪري آهي، جو سام هت نئو پلو اسانجو آهي، يعني ٻيون گهٽيون مشغوليون ڪونه اٿس؛ مان ۽ هي ڇوڪرا، سندس سعي هيٺ ٻالڪن وانگر زندگي گهاري رهيا آهيون. وٽي وٽي ڪڏهين اهڙي محبت ۽ موج جا گهڙي آهي جو عجيب ڳالهيون ڪري ڇڪندا آهيون. حقيقت ۾ اهي عجيب ڪونه آهن ڇا لاءِ جو اسان جي زندگي بلڪل سياوڪ آهي؛ سجهس ڪابه هرادو ڳالهه ڪانه آهي؛ مگر ٻين جي ڀيٽ ۾ اهي ڳالهيون ذرا نراليون ٿيون لڳن جنهن ڪري مون ”عجيب“ اکر مٿي ڪم آندو آهي.“

اڄ منشي کي اوچتوئي اوچتو اهڙو هڪ خيال آيو؛ هو جڻ ته حال ۾ اچي ويو! سام کي پيرن تي هٿ رکي چيائين، ”دادا ٻاهر هلو ته توهانکي هڪ تماشو ڏيکاريان.“

سام پڇيس: ”ڇا رٿيو اٿيئي؟“

منشي چيو: ”مان اڄ ميز تي مٿي چڙهي، عام سير واري پاسي کان بيهي، اٿ وٺي ۽ ڪن ڪوشي ڪندس؛ پل ته ماڻهو ڏسن!“

سام پڇيس : ” ائين ڀلا ڇو ٿو ڪرين ؟ تون ته پاڻ چوندو آهين ته مونکي منشيءَ جو گريڊ ڏيو ، جئن ماڻهو مونکي رواجي نوڪر نه سمجهن ! هاڻي ڇو ٿو ماڻهن اڳيان پاڻ کي اجايو خوار ڪرين ؟ تنهن ڪان ڪو سڄايو ڪم ڇو نه ٿو رکين ؟ “

منشي چيو : ” بس اڄ ڪان وٺي مون ڀڪو پرڻ ڪيو آهي ته مان توهانجو ٿي رهندس . هي ساڏن من جي مارڻ لاءِ ڪرڻ ڏيوم ; جي ڇڏيو تہ اصل منهن ڪارو ڪري شهر ڳهي اچان!“

پوءِ اسان سڀني کي ٻاهر وٺي هليو ۽ ميز تي چڙهي ، ڪنهن ۾ همت وجهي ، واڪا ڪري ، رستي وارن کي سڏ ڪندو ، اتويهه ڪرڻ لڳو . سندس واقفڪار دوست ٻين ماڻهن سان گڏ بيهي ڏسڻ لڳا . اسان سام کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي ڪونه ڏنو; نه هي ڪم سندس خيال موجب هيو ; پر منشي کي ايترو خوش ڏسي سڀ ڪل ۾ پئي وياسون . مون به اتساه ۾ اچي سام کان موڪل گهري ته پاڻ مارڻ لاءِ مان به ڪجهه ڪريان.

مگر سام چيو : ” زال ماڻهو ٿي ڪري تون هرو ڀرو ماڻهن جي وچ ۾ ائين نه ڪر ; منشي لاءِ به ان ڪان وڌيڪ سٺا ڀيا ساڏن ٿي سگهن ٿا . هي ڪو ضروري ساڏن ڪونه آهي جو سيڪو ڪري ، مگر مان ڪنهنجي خيال جي آڏو اچڻ نٿو گهران . “

منهنجي دل اتساه ۾ ٽپا ڏيندي رهي ; پوءِ سام جون جنبون وانديون ڏسي جهول ۾ ڪٽي اچي پٽر ۾ صفا ڪرڻ لڳس.

سام چيو : ” تنهنجي مرضن تي ڪهڙو اثر پوندو ؟ من کي مارڻ لاءِ هرو ڀرو ضروري نه آهي جو اهڙا ساڏن ڊاڪٽر ماڻهو ڪن ; ڇو نه ڪي اتم ساڏن شمرا جا اختيار ڪريو ؟ “

موں حجت وچان سام جي صلاح نه مڃي ۽ ٻيا ٻه ڪي اهڙا ساڌن شروع ڪيم ۽ منشو اچي مونسان شامل ٿيو ۽ گرڌاري به هيڪندو، هيڪندو اسان سان اچي گڏيو ۽ مونکي سري رام چندر جون چا ڪرڻون ياد اچي ويون جن کي مٽي تي رکي پوت گهليو آنند پراپت ڪيو هو.

سام چيو: "توهين سڀ مونکي شرمايو ٿا! ڏهن ڪان سوا جتين ۾ مرض جا جيوڙا ٿي سگهن ٿا."

مگر اسين ته جڻ راس ليلا ڪيڏي رهيا هئاسون. مان سمجهان ٿي ته سام لاءِ ائين چوڻ جوڳو هو. مگر ڪيس پنهنجي دل اندر خبر هئي ته پريم وچان اهڙي ڪم ڪرڻ ۾ ڪوبه نقصان نه آهي. پريم جي آڳ ۾ پيلا ڪيئن ٿا ڪي جيوڙا بچي سگهن! صدق جهڙي صفائي ٻي ڪانه آهي.

آخر اهي به سندس ٿي اکر آهن. وري جوش ۾ اچي منشي ياڻ تي چهاڻن جو وسڪارو ڪيو ۽ پوءِ ننڍڙي ٻالڪ وانگر روئڻ لڳو ۽ لولات ڪري چيائين ته مان وري اوهان کان ڇڇي ڪين ويندس ۽ هميشه توهان جو ٿي رهندس! تنهن بعد اسان سڀني گڏجي سام کي ڀاڪر اچي پاتا. هن چرچي طور چيو: "توهان جا هٿ ميرا آهن ۽ پراڻن جتين ها ٿا!"

پر اسين ڪيس رڪوڙي وياسون ۽ جڏهين سام به اسانکي پيار مان هٿ گهمايا، تڏهين دل کي راحت ملي ۽ اها پريم جي ليلا بند ڪئيسين. سچو ڏينهن اسان جي عيد ڪري ملهايو آهي.

* * *

١٥ - ٨ - ١٩٥١ع — ڳهمندي ڳهمندي ڳهاڙ پر واري فقير وٽ وري وياسين ۽ ولس هڪڙو ساڌو تڪيل هو، جو ذات جو مسلمان هو، مگر ويس جوڳيءَ جو پيل هيس ۽ هندو صوفين جي صحبت ۾ آيل هو. سام کي ڏاڍو وڻيو ۽ سڏي

پرسان ويهاريائينس ۽ پڇيائينس ته ڪهڙي درگاه جا فقير آهيو ۽ طلب ڪهڙي ورتي اٿو ؟

ان فقير ورائيو : " بابا ! مان ته اڇا ڪپولائو آهيان ، يقين ڪونه ٿو ٿئيم ؛ خاطري ٿيڻ کان سواءِ ڀلا ڪيئن چوان ته مان ڪنهن جو آهيان ! "

سام چيو : " اسان ته اهڙا ڪپولا واري شيءِ خود تو ۾ ئي ڏني تنهن ڪري توکي ويجهو سڏيوسي ، تون وري چوين ٿو ته مونکي خاطري ڪانه آهي ! "

فقير چيو : " بابا ! مونکي اوهان مان جن ڪا چڱي بوءِ آئي ، تنهن ڪري مان به ڇڪجي آيس ؛ توهان ئي ٻڌايو ته ڇا ڪريان ؟ "

سام چيو : " ڪپولا بنا ڏسڻ پسڻ مشڪل آهي ؛ ڏسڻ کانسواءِ يقين ڪونه ٿو ٿئي ۽ يقين کانسواءِ اعتقاد ڪونه ٿو ٻجهي ، پر اهڙا ڪپولا سڄي پاڻ ۾ رکيل آهي ؛ درگاهن تي وڃڻ به هڪڙو بهانو آهي ، "

فقير چيو : " بابا ! ڪپاله کولي ٻڌايوم ! "

سام چيو : " تو کانسواءِ ٻي شيءِ ڪٿ آهي ئي ڪانه . ساڳي بازي جيئن ٻاهر تيئن پاڻ اندر ٻڻ سمايل آهي ، جڏهن ان جي ڄاڻ ٿيندي تڏهين سڀ شيءِ ۾ اهوئي نظر ايندو . وچ ۾ فقط اکيان جو پڙدو آهي ؛ نظر جي ڪوتاهي آهي جو هي سڀ شيون جدا جدا نظر اچن ٿيون ؛ ڪنهن به ذره مان ساري شيءِ جي وصف معلوم ٿي سگهي ٿي ، صفات ۾ ئي ذات سمايل آهي . "

فقير چيو : " بابا ! ذات ۽ صفات جو فرق کولي ٻڌايوم . "

سام چيو : " ذات ۽ صفات ۾ فرق ڪونه آهي ، هي ساڳيءَ شيءِ جا نالا آهن ؛ ساڳئي سڪي جا ٻه پاسا آهن . هي سڀ شيون جدا جدا وصفن مان هڪ ذات جون ئي آهن ،

جا اهي سڀ روپ اختيار ڪري ٿي، ان لاءِ ته پنهنجو ظهور پورڻ ريت ڪري.»

فقير پڇيو: «بابا! انهن روپن مان سنڌس ڪهڙو روپ اتم آهي؟»

سام تذهين ڪيس رشي ڀجنوالڪيه جي هيءَ ڳالهه ٻڌائي:

«ان درويش جو پٽ وٽس برهم ودیا حاصل ڪرڻ لاءِ آيو؛ پڇس پڇيو، بابا تون پاڻ وچي ڏيان ڪر ته برهم يعني الله ڇا آهي؟ اهو پٽ، سنڌس چيلو ٿي هيو؛ ڪجهه وقت ڪان پوءِ وٽس موٽي آيو ۽ چيائين، بابا مون هاڻي سمجهيو ته برهم ڇا آهي؛ 'آنم' برهم آهي؛ يعني هيءُ جهان، هي سرشٽي سڄي عناصرن يعني تتن جي جڙيل آهي؛ ڪاٺي، آن، مٽيءَ وغيره سان سنڌس تعلق آهي. انهيءَ درويش پٽ کي چيو ته اها ڳالهه ٺيڪ آهي، پر تون اڃا وڌيڪ وچي ڌيان ڪر ته انجو اتم روپ ڇا آهي. ڪجهه عرصي بعد پٽس آيو ۽ 'پرانم برهم' جو واڪ ڏنائين، يعني برهم پران آهي؛ ڇا لاءِ جو انهيءَ جسم کي هلائڻ واري شيءِ ساس يعني پران يا دم آهي!

«اهڙي طرح وڌيڪ گهولا ڪيائين ۽ ڏنائين ته 'منم' برهم آهي؛ ڇا لاءِ جو پران يعني ساس تي قبضو وري من جو يا خيال جو آهي؛ اڃا به وڌيڪ ڌيان ڪان پوءِ انهيءَ چيلي ڏٺو ته من خود ٿر نه آهي يعني لڏندڙ ڦرندڙ آهي؛ جيستائين انهيءَ ۾ گيان جي روشني نه ٿي اچي تيستائين اهو پڪي سگهي ٿو. تنهن ڪري 'گيانم برهم' جو اعلان ڪيائين. آخر گهولا ڪندي هو انهيءَ خيال کي وچي پهتو ته برهم آنند روپي آهي يعني منجهس آنند يا موج سمايل آهي ۽ اهو اندروني آنند سچو برهم آهي. بيءَ کي چيائين: 'آنندم برهم' پٽس هن جي پٺي ٺپي چيو ته اهوئي برهم جو سچو روپ آهي.»

فقير چيو: ”تڏهين اسين پاڻکي نٿا اهو برهم ڪري ڄاڻون؟ پوءِ نفس ڇا آهي؟“

سام چيو: ”ها! ’پاڻ‘ کان سواءِ باقي جو آهي يعني نفس کان سواءِ باقي جيڪي آهي سوئي برهم آهي! در حقيقت نفس ڪا شيءِ ڪانهي آهي. اهو فقط اگيان جو پردو آهي.“

انوقت واهه ۾ نورو پري هڪڙي هندو فقير سنان ڪندي سريلي آواز سان زنده پير لعل اڏيري جا گيت ٿي ڳاتا. زنده پير جو اسنان درياهه ۾ لڪرين جي وچ ۾ آهي. راڳ جي تڪ ۾ اهڙا ڪي اکر ڪم آندل هئا: ”جاڳ زنده پير! تون اُن پهاڙن وچ ۾! تنهنجا نوڪر نند ۾ وغيره!“ مڪان واري هندو فقير سڏ ڪري چيس ته ”اهي ورِي ڪهڙا پيرن جا راڳ وٺي شروع ڪيا اٿيئي؟“

سام چيو: ”ويچاري جي ڳالهه پڻ ته سهي؛ هو به سچ ٿو چوي؛ پير پهاڙن يعني هڏي جي پڃري جي وچ ۾ آهي؛ هي آتما زنده پير آهي. نوڪر سندس، هي اندريون، سي برابر حرص جي ننڊ ۾ آهن؛ پير جا نوڪر ڇو ڪونه ٿا سڄين. هي پاڻي سچ ٿو چوي؛ پنهنجي پير کي ٿو جاڳائي!“

* * *

١٦ - ٨ - ١٩٥١ع — هي من ڪهڙو نه پلاٽيندڙ آهي. پهاڙ جي چوٽيءَ تان ڪيرائي ڪڏهين پٽ تي اڇلايو ڇڏي! سام موڪلي ڇوندو آهي ته ڪفر پاڻ تي وشواس نه رکڻ جو پيو نالو آهي. هي آشرم جو آدرش، هيءَ سندر خيال ستنتر زندگيءَ جو، — اُن مان منهنجو اعتبار ٽڪري وڃي؛ هڪ پل لاءِ به مان پنهنجي جيون جي آدرش کان باغي ٿيان؛ پنهنجي سائينءَ کان وِڇڪ ٿيان، سا ڳالهه هينئر اڻ ٿيڻي پيئي لڳي. پر گذريل مهيني ۾ جڏهن چاليهه ڏينهن جدا رهڻو پيو،

ڏاڍِن سام جي پريت مون پاڻ کي گهٽو ڏيل ٿي سمجهيو ۽ سندس خيالن ۽ سندس آشرم جي آدرش ۾ جڏهن اعتقاد ٿي ڪونه ٿي آيو ۽ سمجهيان پيئي ته هن جي ۽ منهنجي راه شايد نرالي هجي ؛ ڇا لاءِ جو هنڪي پنهنجي بارن سان به منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ مونکي اڪيلو هٿ رهڻو پوي ٿو . سندس موٽي اچڻ تي ٻئن ان باغيچي جو ڪجهه اثر اچا مون تي هيو . هينئر مان ڏسان ٿي ته اهو فقط دل جي ٻاهرين تهه تي هيو . پر جڏهن انهيءَ اثر هيٺ اچان ته آءٌ جوش ۾ ڪڏهن سام کي به ڪجهه چٽي ڇڪندي آهيان ، جنهن لاءِ پوءِ پڇتاءُ ڪندي آهيان ؛ هو ڪجهه جواب ۾ ٻهربائين چئي ، پوءِ مون ۾ ڪروڌ ڏسي چپ ڪري ويهندو آهي . هن پيري مون کيس چيو ته اهڙي وقت تي مونکي سزا ڏيندا ڪريو .

سام ورائيو : ” توهان ان وقت هڪ اُٺ جي مثل وڏي پٺي لڳندي آهيو ! هيڏي ساري اُٺ جيڏي انسان کي ڪيئن سزا ڏجي ! “

وڏيڪ چيائين : ” هي اڱيان جي ڪکر جون باقي ريکون آهن ؛ پريم جو چندرما آسمان ۾ ظاهر بيٺو آهي . سندس سيتلتا جو اثر وڌندڙ آهي ، تنهن ڪري انهيءَ پچاڙيءَ جي ڪڪرن جو پرو ڪونه آهي . “

وري خبردار ڪري چيائين : ” پر اڱيان يا نفس هڪ نانگ مثل آهي . هڪ ڪوناٺو پيرم آهي ته نانگ کي مٽي پڇاڙان به يورپ جي هوا اثاري سگهندي آهي . ساڳيءَ طرح نفس جي نانگ کي ڪروڌ روپي واءُ سندس پيدائي ۾ به اپتري طاقت وٺائي سگهي ٿي جو ڪو ڏنگ هڻي وني . تنهن ڪري انهيءَ بلا کان خبردار رهون ! سندس زهر ڪڍڻ واري شيءِ ۽ اسان جي دلين کي وڏيڪ ملائڻ واري شيءِ الله جو نالو آهي . گهر ۾ پهچن

ڀاو وڏيڪ ڪريو! رام نام اسانجي دلين کي ملائي ڇڏيندو. ايشور جي قدمن ۾ قابو رهي پوءِ اسين وڇڙي وري ڪونه سگهنداسين ۽ اهي طوفان اسانجي پريم جي جهوپڙيءَ کي ڊاهي ڪونه سگهندا!"

* * *

١٧-٨-١٩٥١ع — گهاڙ پر واري فقير وٽ وري اڄ صبح جو وياسين. سام کي سندس آستان وڻندو آهي، ڇاڪاڻ جو اتي پاڻي ۽ وڻراه جو سٺو نظارو آهي. وڻن جي ڇايا ٿڌي ۽ وڻندڙ آهي ۽ منهنجي اسپتال جو نمونو بيحد آهي. ان نموني هو اڄي منهنجي نرڊ ٿيندو آهي. "اڄ صوفي صاحب به سام سان گڏجي اتي آيو ۽ مان پنهنجي اسپتال مان نڪري اچي وياس. سام صوفي صاحب جي ڏيڻ فقير سان ڪرائي؛ اڪثين ڏينهن جي ڳالهه ڪري فقير چيو ته انهيءَ ڏينهن توهين اسانوٽ اهڙا ماڻهو وٺي آيا جو اسان سان حجت پيا هلن. فقير صوفي صاحب جو به پورو آدر نه ڪيو ۽ سام سان پڻ ڪجهه اڇاتري نموني ڳالهائڻ لڳو؛ چوڻ لڳو ته اڳتي اهڙا ردي ماڻهو اسانوٽ نه آڻيندا ڪريو! سام پنهنجي خيال ۾ وينو هو. جيئن ڪري فقير جي ڳالهائڻ جو ڍنگ نه سمجهيائين يا سمجهي ڪري به چپ ۾ رهيو. پر اوچتو صوفي صاحب فقير کي هڪل ڪري چيو: "خبر رک؛ تو ڪان وڏا فقير اسان جا طالب آهن. تڏهين به اسان خود ديوان "سام" جي صحبت مان گهڻو ڪي پرائيندا آهيون. هو تو وٽ لنگهي آيو آهي صحبت جي لاءِ؛ تون وري ٿو ڪرين ابتيون ڳالهيون!"

سام چيو: "انهيءَ ڳالهه کي وساري ڇڏيو ۽ فقير کي چيائين ته ڪو ڪلام يا ٻچن ٻڌايو."

فقير چيو هن وقت مونکان نه ٿو پڄي. پر انهيءَ ٿي گهڙيءَ

هڪڙو پيو فقير اتان اچي لانگهائو ٿيو. صوفي صاحب چيو: ”طلب هئو ته ملي هئو!“

فقير ڪافي وارو سنو هيو. سام جو خيال هو ته ان ٻيڙي جي ڪي راڳ سان لپيو ڏيئي ڇڏجي. ٿيو به ائين: فقير ويدانت جا ڪي ٻول ۽ ڪي سنڌي صوفين جا ڪلام ٻڌايا. انهن جي مطلب ۽ گوڙهي معني جي اثر هيٺ وٺان مان هڪڙي چيو ته هيءَ سڀ سمجهه جي ٻاري آهي. جڏهن ڪو اهي راڳ ۾ ڇطل ڳالهيون سمجهي، ته پتنگ ڇا آهي، آگ ڇا آهي وغيره، وغيره.

سام ڪيس چيو: ”سمجهي ۽ وري پوءِ اها سمجهه خود وساري ڇڏي، نه ته هيءَ پريم جي لاءِ عقل وڃائي ڇڏيندو.“

انهيءَ ماڻهو پڇيو: ”سو ڪيئن؟“

سام چيو: ”عقل يا سمجهه هڪ هٿيار آهي. ڪم پوري ٿئي پڇا ٿان هٿيار جي ڪهڙي گهرج آهي؟ ويچار خود من ني بار آهي. هن سوڙهي پيچري ۾ هٿين خالي هلڻو آهي. عقل جو بوجهه پڻ اڇائو آهي!“

سام ٿورو ماٺ ۾ ويهي جلد فقير کي نمسڪار ڪري ڪانئس موڪلايو. فقير وڃان هلي پوءِ صوفي صاحب کان سام پڇيو ته ڇا ڳالهه هئي. صوفي صاحب چيو: ”هو اوهان سان ’تون‘ ’تون‘ ڪري پيو ڳالهائي: اها ڳالهه مونکي نه وڻي. پاڻ کي وڏو ٿي ڄاتائين. ڪيس بسمي پڻ لاڻي هئي ته ڪيتري سنڌس منزل آهي. (بسمي لائڻ جي معني: آزمائش لاءِ غصو ڏيارڻ يا چيڙڻ).“

* * *

١٨-٨-١٩٥١ع — هن ٻڌر تي صوفي صاحب، ڏيئي صاحب ۽ ٻيا ڪي دوست آيا. صوفي صاحب چيو: ”اڄ مذهب جي وشيه

تي ڳالهائيندا هين.“ موٽ وري به اعتراض اٿاريو ته اٺين مقرر وشيه تي ڳالهائڻ پر مزو مليو ٿو وڃي؛ ڇو نه آزاد نموني ويٺا ڳالهايون!

سام چيو : ” اٺين برابر آهي ته ان نموني هيءَ ڳالهه پوليه روح رهاڻ جي بدران هڪ سڪولي ورزش ٿي پوندي ، من جي موج وچان جيڪي نڪري ٿو ، سو سچو خيال آهي؛ پر ڪوشش ڪري هيڏانهن هوڏانهن جون ثابتيون ڏيئي ، ڪنهن به ڳالهه کي ثابت ڪرڻ ، سو اهڙو لاڀدايڪ نه آهي . حقيقت ڪري محبت واري موج ۾ ئي گيان جي سمپورنتا آهي . تنهن ڪري مذهب تي پيل ڳالهايو پر ڪا حد وجهي نه ڇڏيو . “

صوفي صاحب سچي مذهب جي معنيٰ سمجهائيندي چيو :

” مذهب معنيٰ رستو ؛ ۽ مرشد لفظ جي معنيٰ رُشد مان آهي ؛ رُشد جي معنيٰ هدايت آهي . سڀ ڪان سئو رستو ، سڀ ڪان سٺي هدايت ، جنهن تي سڀ مذهب يڪراءِ آهن ، سا آهي ڀلائي ڪرڻ ، سچ ڳالهائڻ ، الله جي بندگي ڪرڻ وغيره . “

سام چيو : ” اهي اڇا به مذهب جا ٻاهريان پاسا آهن . اهي ڳالهيون ڪريو جن مان مذهب خود پيدا ٿئي ٿو يعني گيان ۽ پريم واريون ڳالهيون ، جيڪي مذهب جو بنياد آهن!“

ڊهٽي صاحب چيو : ” اهي توهين پڌايو ! “

سام صوفي صاحب کان پڇيو : ” رستو ڇو ضروري آهي ؟ ڪ' رستو ڇا آهي؟ ۽ رستي جو مقصد يا منزل ڪهڙي آهي؟ “

صوفي صاحب وراڻيو : ” رستو معنيٰ نيم ، طريقو ؛ مذهب ۾ نيم هئڻ کهرجي . “

سام چيو : ” مان ته سمجهان ٿو اهي ٽيئي اکر سچي مذهب جي ابتڙ آهن : ' نيم '، ' هئڻ '، ' کهرجي '. مذهب جڏهن ' نيم ' جي صورت وٺي ٿو تڏهن منجهانئس اصليت هلي وڃي ٿي ۽ ' هئڻ ' آهي بينل پاڻيءَ مثل ، جنهن مان بد بوءِ شخصيت جي هڪ پاسي ۽ مذهب جا جهيڙا ٻئي پاسي پيدا ٿين ٿا ،

• گهرجي • اگر وري ڏيکاري ته مجبوري ، جا وقتي ضرورت مان پيدا ٿئي ٿي ؛ اهي نيم وقتي ضرورت پوري ڪن ٿا ؛ اسانجي قومي يا پنگتي اوستا موجب اهي عارضي طور مقرر ٿيل آهن . مگر مذهب کا نيم کان وڌيڪ اونهي شيءِ آهي . انهيءَ جو اصلي بنياد پکتيءَ ۽ گيان جي کوج ۾ آهي ."

صوفي صاحب چيو : " اسين ٻاهرين ، سماجڪ مذهب جو ذکر ڪريون ٿا ."

پوءِ هن انهيءَ وشيہ تي گهڻو ڪجهہ ٻڌايو ، جنهن ۾ وڏن مذهبن جي بنيادي اصولن جو ذکر ڪيائين ۽ ڏيکاريائين تہ منجهن گهڻي ڀاڱي اتفاق آهي ، جنهن ڪري انهن ڳالهين تي لڙڻ بي سود آهي . اهو سڀني مذهبن جي مکيہ عقيدن جو فقط تتسار هو جنهن ڪري مان هت ڪونہ ٿي ڏيان ؛ سندس گفتگوءَ جي وچ ۾ ڪجهہ وڌيڪ سوال جواب هليو ، جو مان هيٺ مختصر نموني درج ڪيان ٿي ."

ڊپٽي صاحب چيو : " هندو ڌرم هڪ قسم جو جهنگل آهي جنهن ۾ ڪوبہ مقرر نيم يا رستو ٻڌايل نہ آهي ."

سام چيو : " مان انکي جهنگل نہ پر ٻيلي جي مثل ڪري سمجهندو آهيان . منجهس گهڻن قسمن جا ٻوٽا ۽ وڻ موجود آهن ۽ منجهس اٿاهہ پيچرا پڻ آهن ؛ اني خيال جي گهٽائيءَ سبب ، جڻ ٻيلي ۾ گهٽي وڻراهہ سبب ، ڪن کي مونجهارو نظر اچيٿو . مگر اها گهٽائي حقيقت ۾ خيال جي وسعت ۽ شاهوڪاري ڏيکاري ٿي . تاهم ايترو قبول ڪرڻو پوي ٿو تہ هن ٻيلي ۾ ريت رسم جون ڪيتريون 'بي ٻاڙيون' (وليون جيڪي وڻ کي وڪوڙي ناس ڪري ڇڏينديون آهن) پيدا ٿيون آهن جيڪي قيمتي وڻن کي نقصان پهچائي رهيون آهن."

ڊپٽي صاحب چيو: ” سوال آهي ته ان پهرين مان ٻاهر ڪيئن نڪرجي؟ ايترن رستن مان ڪهڙو رستو وٺجي؟ “

سام ڏاڍي چيو: ” نڪرجي ڇالا چئو؟ پهرين پاڻ ۾ ئي سمپورڻ آهي! منجهس ڪاٺ، ڦل ڦول، ماکيون، ميوا وغيره سڀ موجود آهن. “

ڊپٽي صاحب چيو: ” ته مهمن به ڪي هلڻ چلڻ لاءِ رستا ته کپن؛ اهڙو رستو هندو ڌرم ۾ لهڻ يا چونڊڻ مشڪل آهي. ايترو مان اسلام لاءِ چوندس ته اسلام هڪڙو مقرر ٿيل، سڌو ۽ صاف رستو آهي؛ ان ڪري اسلام جي پيغمبر کي آخرين پيغمبر چيو اٿن ڇا لاءِ جو اڳي جيڪي پيغمبر آيا آهن تن مان سمجهو ته هڪڙي چيو، پائي هن جهنگل جي ٿن پاسن ڏانهن نه وڃو، باقي چوٿون پاسو سلامتيءَ جو اٿو؛ ورڙي ٻيو نئون رهبر آيو، جنهن جهنگل گهمي اٿين ٺهرايو ته هي پاسا خوفناڪ اٿو ۽ هي پاسا بي خطر اٿو. پر اسلام جي پيغمبر يقين سان اچي چيو ته مان هيءُ هڪڙوئي سڌو رستو توهان کي ٻاهر نڪرڻ جو ڏسيان ٿو؛ انهيءَ رستي تي گهمو ۽ انهيءَ سان ئي ٻاهر نڪرو. “

سام چيو: ” هڪ هندو تي ڪري توهان اسلام چڱيءَ طرح اڀياس ڪيو آهي ۽ مان ڪنهن جي مذهبي خيال کي رد ڏيڻ ڪونه ٿو گهران. پر ڪنهن به مذهب جي سمجهاڻي فقط اکري تشريحن تي ختم نه آهي. اسلام جو بنياد به ٻين مذهبن وانگر ايشوري ڀڳتي ۽ گيان جي کوج آهي. جيئن صوفي ڏاڍي بخش صاحب چيو، تفاوت فقط ٻاهرين ڳالهاين ۾ آهن جي قومن جي پنگتي ۽ قومي اوستا سان واسطو رکن ٿيون؛ اوهان انهن ٻاهرين ڳالهين تي گهڻو زور ڏيو ٿا، مگر صوفي قرآن ۾ وڌيڪ اونهيون معنائون پڙهن ٿا. منهنجي سمجهه ۾ اٿين ڪين ٿو اچي

ته ڪي به نيم يا اصول سڀني ماڻهن لاءِ هميشه لاءِ مقرر ڪري سگهجن ٿا. جئن مون اڳئين پيري سمجهايو هو ته ڪرم ۽ ڪرم جو قل از خود هڪ ٻئي مان پيدا ٿين ٿا ۽ هيڏي ساري سرشٽيءَ ۾ قانون يا اصول اعزا هئڻ گهرجن، جي اتي جو انبي بجا اچن؛ تئن ڌرم جو سرشتو پڻ انسان لاءِ ڪليل ۽ خود بخود هلندڙ هئڻ گهرجي؛ در حقيقت ڌرم جو رستو هميشه ڪليل آهي ۽ گيان جي کوجنا هميشه جاري آهي. ڌرم يا مذهب به انسان جي ذاتي گهرجن مان آهي جهڙوڪ هوا، پاڻي، کاڌو وغيره. تنهن ڪري جئن انسان اُنتي ڪري ٿو تئن ڌرم جو مارڳ وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪشادو نظر اچي ٿو؛ يعني ڪي به مقرر عقيدا هميشه لاءِ رهي ڪونه ٿا سگهن. اونهي نظر سان ڏسبو ته زندگيءَ جو آدرش يا ڌرم جو امنگ پاڻ منجهان ئي پيدا ٿيندڙ آهي؛ جئن جئن جي رهڻي ڪهڻي ساڳي هر صورت ۾ ڪٿي به ڪانه آهي. پوءِ ڪئن اسين چئون ته اهي چار ئي مسلمان آهن يا هندو يا ڪرستان؟ منهنجو مطلب هيءُ آهي ته هر هڪ انسان کي پنهنجو ڌرم آهي. پوءِ ڪئن ٿا اسين چئي سگهون ته جيڪي هزارين سال اڳ چيو ويو آهي، تنهن تي سڀ انسان هلي سگهن ٿا؟ اسلام ۽ ٻيا ڌرم خود جدا جدا ملڪن ۾ جدا جدا رخ ورتو آهي. اهڙي طرح ساڳي پنٿ جي ڪرستانن ۾ پڻ جدا جدا ملڪن ۾ فرق نظر ايندا."

ڊپٽي صاحب چيو: "چڱو، اسين مڃون ٿا ته هر انسان کي پنهنجو خيال يا پنهنجو ڌرم آهي ۽ هر ڪنهن ۾ گيان جي کوج جو ٻج سمايل آهي، پر اهو خيال يا ٻج ڪئن کلي؟ هرڪو ماڻهو پنهنجو مالهي يا رهبر ٿي سگهندو ڇا؟"

سام ورائيو: "هن ريت ٿي سگهي ٿو: هر ڪنهن انسان کي پنهنجي اندروني ۽ بيروني حالات مان جيتري قدر ٿي سگهي

اوتري قدر واقف ٿين گهرجي ۽ جڏهين جڏهين ڪنهن قدم کڻڻ جي گهرج ٿئي، تڏهين پنهنجي دل جو پهريائين آواز پڇي، پوءِ ان موجب وک وڌائي؛ جيڪڏهين ڪيس ڪا صلاح مصلحت ڪنهن رهبر کان پڇڻي پوي ته اها ڀلي لهه به واقفيت وڌائڻ واري اصول ۾ اچي ٿي. پوءِ جي غلط قدم کڻندو ته ضرور کيس رڪاوٽون ڏسڻ ۾ اينديون، جن جي آزمودي کان پوءِ ئي سچ پچ هو انهن کان منهن موڙيندو؛ ۽ جيتري قدر حالات سان وڌيڪ واقف ٿيندو يعني وڌيڪ گيان پرائيندو اوتري قدر ان جو قدم ثابت ۽ صحيح ٿيندو ويندو. خيال کي چورڻ ۽ قدم وڌائڻ وارو جذبو به ڪنهن نه ڪنهن پريم مان پيدا ٿئي ٿو. حق سان وڌيڪ پريم رکڻ مان وڌيڪ گيان پيدا ٿئي ٿو. غلطيون کڻي ٿينديون به پر انهن کان موڙڻ لاءِ قدرتي رڪاوٽون جهڙوڪ لوڪ لڄا، ڪا فائدي وارو نتيجو ۽ مونجهارو پيدا ٿين، حياتيءَ ۾ ڪافي موجود آهن. اهي پاڻهي مڙ جهڙ سيکاري آخر نئين ڏکئي هلائين ٿيون. انسان کي ٻئي جي روحاني ڪمائي گهڻي ڪم نٿي اچي. رهبر به حق جي طرف اشارو ڪريندو. پر پنهنجي محنت ئي گهڻي ڀاڳي ڪم اچيتي. نه وري ڪو سيد يا ٻانهڻ ٿيڻ ۾ محنت جي گهرج گهٽ رهيتي. جيڪڏهين ڪو رهبر هجي ته ان ۾ حرڪت نه آهي. پر جيون جي بازي پاڻ کنتي آهي ۽ پاڻ اندر ئي ڪٽ هار جو فيصلو ٿيٺو آهي.

”جڏهن ڪرم ۽ ان جي ڦل جو سرشتو جيوسين ته خود بخود هلندڙ آهي، تڏهن ڌرم جو سرشتو به اندروني ۽ خود بخود ڪٺلندڙ آهي. هتي ۽ هاڻي، حاضر سمجهه کپي؛ آواز ڌرم جو اتي جو اتي اندر مان ملي ۽ نسـ ڪن ڌرم

جي ڊڪشنرين يا لٽل ڪتابن جي ڏسڻ کان پوءِ ملي؛ اهوئي سچو ۽ ڪارگر طريقو زندگيءَ جو آهي. پلا پين جون ڏسيل ڳالهيون ڪيترو ياد رهي سگهنديون! سمرتيون، شريعت يا علمِ اخلاق جا اصول هر ڪنهن مذهب جا خود پنڊت قاضي ۽ جج به بر زبان ياد نٿا رکي سگهن! نه وري انهن جي سمجهاڻين تي سڀ ودوان سهمت آهن. پوءِ عام ماڻهو ڪيئن وقت بوقت ڪنهن به مسئلي اٿڻ تي انهن جي پيروي ڪري سگهندا؟ جڏهن هڪ هڪ اکر جي سمجهاڻيءَ تي پادري، قاضي ۽ پنڊت ڪتابن جا مڏ لکي سگهن ٿا، تڏهين اهڙو ڌرم يا مذهب جو طريقو ڪيئن عام ماڻهن لاءِ آسان ٿي سگهندو؟ اهڙو وچار ڌرم بنسبت بلڪل پراڻو ۽ اڻ پورو ثابت ٿيندو؛ هن زماني ۾ قسمين قسمين ماڻهن جي گهرج پوري ڪري ڪين سگهندو. سچي ڌرم جي سمجهاڻي انسان کي پنهنجي اونهي وجود مان ئي ملي سگهي ٿي. اسلام خود، اسلام جي پيغمبر جي چوڻ موجب، هڪ قدرتي مذهب آهي! ٿيو به مذهب قدرتي تڏهين ٿي سگهيتو، جڏهين هن کان اڳ ذڪر ڪيل ريت موجب اهو انسان جي اندر جو آواز بڻجي اچيتو يعني ايترو وسيع ٿئي تو جو نه رڳو توهان جي چوڻ موجب هڪ باغ مثل گلن جو ميڙ بڻجي؛ نه فقط هڪ ٻيلي مثل خيال جي شاهوڪاري رکي، مگر ايترو ته وسيع ۽ وڏو ٿئي جو ان ۾ هر انسان جي زندگي سمائجي وڃي!"

ڊپٽي صاحب ڪجهه قدر شامل راءِ ٿيو ۽ چيائين: "ائين برابر آهي ته لکيل اکر يا اصول مذهب جو سارو راز ڪونه ٿا ٻڌائين؛ مثلاً ڪتابن ۾ چيل آهي ته خدا هي جهان خلقيو؛ پر سو ثابت ڪرڻ ايترو اهنجو آهي جيترو جاميٽريءَ ۾ سڌي ليڪ،

جنهن تي سڄي جاميٽري بيٺل آهي ! هاڻي سڌي ليڪ واري خيال کي جاچيون ؛ مان چوان ٿو ته سڌي ايڪ ڪا ٿي نٿي سگهي ! پهرياٺين ته ڪاٻه ليڪ جنهن کي سڌي چئون ٿا ، سا ڪنهن خرد بينيءَ سان ڏسبي تــه وڪڙ وڪڙ ۽ ڀڳل ڏسڻ ۾ ايندي . بيو ته سڌي ليڪ جي معنيٰ ڏسي تي وڃي 'ٿولهه کان سواءِ ڊيگهه' . هاڻي ، ٿولهه کان سواءِ ڊيگهه چئجي ٿي ، مگر خيال ۾ آڻي نٿي سگهجي ۽ نه ڪاپيءَ تي اڪاري سگهجيتي . پر تنهن هوندي به منجهس اعتبار رکون ٿا ! ساڳيءَ طرح هيءَ جهان خدا خلقيو ، سا ڳالهه نه ڪنهن ڏٺي ۽ نــه ڪو خاص وقت جهان خلقڻ جو خيال ۾ رکي سگهون ٿا ، جنهن کان اڳ ۾ هي جهان ڪونه هو؛ پر تهن هوندي به الله ۾ اعتبار رکون ٿا ۽ انهيءَ کي جهان جو خالق مڃون ٿا ."

سام چيو : " اڪرن سان الله ڪنهن نه لهي سگهيو آهي. اڪر جيترو راز کولن ٿا اوتروئي ڇپائن ٿا . جيڪو وري ڪا ڳالهه جاڻي ٿو ، سو پوريءَ طرح ٻڌائي نٿو سگهي؛ جي عقل جون ڳالهيون ڪن ٿا ، تن ۾ شڪ پويتو ته اهي پهنجي مطلوب سان شايد ملبائي ڪونه آهن . ڇا لاءِ جو ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ۾ ٻــه گهرجن ، بلڪ ٽي ؛ يعني ٻڌائڻ ۾ بيائي سمايل آهي ۽ اها خبر اڻ پوري آهي . جي سچو گيان پائن ٿا ، سي چپ ۾ ٿــا رهن جو ڪين نه ضرورت ٻڌائڻ جي رهي ٿي ۽ نه اها ضروري دوري پهنجي پريتم کان اٿن جنهن مان ٻڌائڻ جـــي ياونا پيدا ٿئي . جيڪي وڏا بياض پڙهي ٻـــڌائن ٿـــا انهن کي ڪا سچي جاڻ آهيئي ڪانه . ڇا لاءِ جو اڪري علم کان اندر جي جاڻ اتــم آهي. اها اڪرن ۾ پوريءَ ريت سمائجي نٿي سگهي. پر احساس هڪ 'چر يا چاپي مثل آهي ؛ سمجهو ته ڪنهن ماڻهوءَ جــي

صورت بيان ڪرڻي آهي ؛ اکرن رستي پٽيءَ تي لکجي مليٿو ته منهن جي ڏيگهه، ڏهه انچ اٿس، ڇوڙائي اٺ انچ اٿس، اکيون اونهيون اٿس، رنگ پورو اٿس وغيره وغيره. مگر اِهو اکري علم ان صورت جو فقط اڌورو بيان آهي ؛ فوٽي جي پيٽ ۾ بلڪل تڇ ۽ اڻ پورو آهي. احساس خيال جي فوٽي مثل آهي. احساس جي رستي ڪا به ڳالهه خيال جي مٿان ائين ڇپجي وڃي ٿي، جئن ڇر جو نپو ڪپڙي تي. اسين سمجهون ٿا ته فلاڻو ماڻهو هن رخ يا وڙ جو آهي، چڱو يا برو آهي ؛ ان جو اسانکي احساس چٽو آهي، مگر ڪيتري به ڪوشش ڪبي ته اها سچي صورت جيڪا اندر ۾ اسان جي اکيان صاف بيٺي آهي سا اکرن رستي پٽي تائين بلڪل پنهنجي اندازي موجب پڄائي نه سگهبي. وري جئن ڇاپي ۽ اکري تصوير ۾ فرق آهي، تئن وري احساس ۽ ڪوڙهي هيڪڙائيءَ واري گيان ۾ فرق آهي. ڇاپي ۾ اچا صورت جي سچي رنگ تولهه يا مائي، نرمائي وزن وغيره جي خبر نٿي پوي، تئن احساس جي رستي خيال تي هڪ ڇاپو پوي ٿو پر الله جي ذات جي اچا سموري خبر نٿي پوي ؛ عقلي بيان کان اندروني ديدار بهتر آهي. ديدار ڪرڻ کان وري محبت يعني ميل ڪرڻ يا مطلوب ۾ سمائجي وڃڻ وڌيڪ آهي ۽ اهوئي سڀ کان اتم گيان جو رستو آهي.

”اهو آهي پريم جو گيان يعني معرفت ؛ اهو گياني جنهن جي جان پريم منجهان پيدا ٿي آهي، سوئي سچي خبر رکيٿو. انهيءَ سڪ ۾ هو پنهنجي مطلوب جو رنگ ڍنگ خود پاڻ پائي ٿو ۽ انريت سچو بيد ڄاڻي ٿو ؛ ڄاڻي نٿو پر خود پاڻ اندر سمائي ٿو! پر پڌائڻ کان اها ڄاڻ ٻاهر آهي. جئن هڪڙو مهاتما چوندو هو، لوڻ جي گڏي هلي سمنڊ جي سٽر

تي ؛ جي موتي ته سمنڊ جو پيد ٿڏائي ؛ پر جي موتندي ٿي نه ته ٿڏائيندي ڇــا ؟ يعني لوڻ لـوڻ ۾ ملـي ويندو ! تئن جڏهين آتما پنهنجو پرم روپ سڃاڻي ٿي ، يعني پرماتما سان هڪ ٿي وڃي ٿي ، جڏهن بوند درياهه سان ملي وڃي ٿي ، تڏهين آنند ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪو رهي ؛ پريم ، گيان ۽ آنند هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃن ٿا!“

صوفي صاحب شامل راءِ ڏيو ۽ چيائين : ”مذهبي مسئلو اهڙو ڳوڙهو آهي ، جو ڪي هزارن ۾ ٿورا سمجهن ٿا . ان ڪري ٻاون ۽ ملن ڪي ته حق ڏي ڪونــه آهي جــو انهن ڳالهين بابت ڪجهه به چون ، جيڪي نه ڏنيون اٿاڏون ۽ نــه سمجهيون اٿئون !“

ڊپٽي صاحب چيو : ” اهين خيال ڪبو تـــه ڪيتريون شيون آهن ، جن بابت پوري ، خاطريءَ جهڙي ڄاڻ ڪانهي . تنهن هوندي به انهن جو ذڪر ڪريون ٿا ۽ انهن کي سچو ٿا سمجهون . “

سام چيو : ” هماليه جي چوٽي ايورسٽ تي ڪو پهچي ڪونه سگهيو آهي (هيءَ ڳالهه ايورسٽ جي فتح کان اڳ جي آهي) تڏهين به انجي هئڻ ۾ اعتبار رکون ٿا . پوءِ جي چئبو ته چوٽيءَ تي وڃڻ واري ڪي ڏي فقط اٽڪار آهي ته ان بنسبت ڳالهائي به سگهجي ، انساني گفتگو تي وڏي روڪ ٿي پوندي ؛ البت اڏين برابر آهي ته چوٽيءَ تي پهچڻ کان اڳ ۾ ان جـي سچي ڄاڻ ڪانه رهندي ۽ پري کان ڏسڻ واري جــو علم اڌورو ٿي سمجهڻ گهرجي . پر ساڳئي وقت تي اِهو به سمجهڻو آهي تــه چوٽيءَ کي پهتل جي چوٽيءَ تان ڳالهائيندو به ڪٿي ، ته انجي ڳالهه بلڪل پوري سمجهه ۾ نــه ايندي . مطلب تــه پنهنجي

تجربي کان سواءِ ٻيو سڀ علم فقط اشارن مثل آهي. پر تنهن هوندي به اسين ڪيترن ڳالهين ۾ اعتبار رکون ٿا. ٻارن کي ننڍيڙي رام رام يا الله الله چوايون ٿا. اهي سمجهو تہ اشارا اٿن تہ انهي پند تي پاڻ ڪولا ڪن. ڪنهن کي صفا انڌيري ۾ ڇڏي ڏيڻ کان پنهنجي سمجهہ موجب حق جي طرف اشارو ڏيڻ چڱو آهي. ٻاوا ۽ مولوي بہ پنهنجي جاءِ تي پنهنجو ڪم ڪن ٿا، جيتوڻيڪ هو فقط عقل جا اشارا ڏين ٿا."

انهن لفظن ۾ گويا ذڪر ڪيل نقطہ نگاهن جو سام ميل ڪري ڇڏيو!

١٩-٨-١٩٥١ع - هن ٻئي جي ميٽنگ تي گوشت کائڻ يا نہ کائڻ تي ٻيو بحث ڇڙيو. ڊپٽي صاحب چيو: "مان ننڍپڻ کان گوشت ڪونہ کاوان؛ مان ماس کائڻ هڪ گناه سمجهندو آهيان."

صوفي صاحب سام کان پڇيو: "توهان جو ان باري ۾ ڇا رايو آهي؟"

سام ورائيو: "ان سوال کي وڏي اهميت ڪانہ آهي. ڌرم گوگڙن ۽ ٻصرن تائين محدود نہ آهي ۽ نہ ان جو آخري فيصلو بورچي خاني جي ايوان ۾ ٿيڻو آهي."

تنهن کان پوءِ سام پنهنجو هڪ آزمودو هن ريت ٻڌايو: "مان ڪيترا سال گوشت ۽ مڇي ڪين کائيندو هئس. ان اصول تي ايترو پڪو هئس جو ولايت ۾ گهڻي مشڪلات محسوس ڪندي ۽ گهڻو وقت مسافريءَ ۾ رهندي بہ، سوَن ماس مڇي يا بيضو چربي وغيره اصل ڪونہ ورتابو؛ هڪ هڪ ريسٽارنٽ يا گهر ۾ اول ڪيترو وقت انهن جي مالڪن کي سمجهائڻو پوندو هو، جئن ٻِل ۾ چربي وغيره پاڇين ۾ ڪم

نہ آئين • پوءِ سر جگديش چندر بوس جي کوجنا بابت پڙهيم تہ ياڃين ۽ وڻن کي بہ جيءُ آهي ۽ انهن جا بنيادي اصول جيوت جا پڻ ساڳيا آهن جهڙا جانورن جا ؛ يعني ساهہ هڻڻ يا نہ هڻڻ جي اصول تي فقط ويشنو ٿئو بيهي کون تي سگهيو • تڏهين بہ فقط مڇي کائڻ شروع ڪيم ۽ گوشت کي اڻ سهائيندڙ ۽ غليظ کاڌو نهرائي ان جو بهشڪار تي ڪيم؛ ڪيترن سالن کان پوءِ جڏهين ڪراچي ۾ اڪبر آشرم جو ڪم ٻين کي سونپي پاڻ طيب ۾ زميداري ڏنڌي تي آيس تڏهين هڪ اڪبر آشرم جو ساٿي ڪراچيءَ مان مون سان طيب ملڻ آيو ؛ هو جائي جم کان ماس ڪونہ کائيندو هو • طيب ۾ جو مونکي نئين سر گوشت کائيندو ڏنائين، تہ مون کان پڇيائين : توهين هي راڪسي کاڌو ڪڏهن تا ورتايو ؟ مون کيس جواب ڏنو تہ هتي ياڃين ۽ ميون جي ايتري سهولت ڪانہ آهي جيتري ڪراچيءَ ۾ هئي ؛ تنهن کان سواءِ مون ڏنو آهي تہ مالي (Economic) نقطہ نگاهہ کان ڇيان ۽ گهٽن جو گوشت بهشڪار ڪري نٿو سگهجي • کيس ٻڌايم تہ بروهي اسانجي زمينن ۾ هر سال ڪجهہ وقت لاءِ اچي ويهندا آهن ؛ هنن کي وڏا ڌڻ رڍن ۽ ٻڪرين جا هوندا آهن ، جن جي چرائي (جنهن کي پن چري چوندا آهن) روڪ پئسن ۾ ڪين ڏيندا آهن پر ان جي عيوض ڇيلا وغيره ڏيندا آهن • منهنجي طيب اچڻ تي جلد ئي هڪ بروهي ٻهرين قسط چار ڇيلا پن چريءَ جي عيوض ڪاهي آيو • تن مان بہ ڏنم ڪمدار جي سنڀال ۾ ۽ بہ ڏنم اٺ واري کي تاتڻ لاءِ ؛ جيستائين مان خيال ڪريان تہ انهن سان ڇا ڪجي ، تيستائين هڪڙي کي آفري تي پيئي • ڪمدار اطلاع ڪيو تہ ڇيلو حلال ڪجي تہ واهہ نہ تہ اجايو مري ويندو ؛ جي توهان نہ کائو تہ اسين حلال ڪريونس ! لوڻ وغيره

هٿڻ سان آڻري ڪان لٿس ۽ جنهن ڪري اهو ڇيلو انهن کهي ڪاڏو ، جيتوڻيڪ موڻ کين ٻڌايو ته بيمار ڇيلي جي ڪاٺڻ مان نقصان ٿي سگهي ٿو . ٿورن ڏينهن بعد ٻيو ڇيلو پٽ تان ڪري پيو ، جنهن جي ڄنگهه ڀڄي پيئي . ڇيلي جي ڄنگهه ڳنڍڻ ۽ سنڀال ڪرڻ سو ڇيلي جي ٻها ڪان وڌيڪ ڪائي وڃي ها ۽ ڳنڍيل ڄنگهه سان هو نڪي ٻه نه سگهي ها؛ يعني انسان ذات تي بوجو ٿي پوي ها . تنهنڪري انکي ڪاٺڻ جي موں اجازت ڏني . ٽئين ڇيلي کي آٿ لت هنئين ۽ سندس پاسريون ڀڄي وڌائين ، سو ٻه اٿ واري ڪي مفت ڏيڻو پيو ؛ ٻي صورت ۾ جلد مري وڃي ها . اهو حال انهن جي موت ۽ زندگيءَ جو ڏسي منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ. آخر هي ڇيلا ڇا ڪندا ؟ نہ ڪري سگهن ماستري ، نہ ڏئي سگهن هُرَ ڏاندن وانگر ، نہ منجهانئن ٿئي کير پيدا ! باقي سوال رهيو واڌاري لاءِ کين سانُ ڪري ڪم آڻڻ جو ؛ پر اهڙي ڪم لاءِ ٽيهن يا چاليهن ٻڪرين جي ڌڻ ۾ فقط هڪ نَر ڪافي ٿيندو آهي . وڌيڪ ويچار ڪري ڏٺم تہ اهي ٻروهي جيستائين نَر ڇيلا وڌي ، سندن گوشت مان ڪجهه کين اپائيندا ، تيستائين نہ رڳو انهن نرن جو پالڻ پر خود ٻڪري ذات جو دنيا ۾ رهڻ مالي نقطہ نگاهہ کان آسان ٿي کين سگهندو . جنهن ڪري يا تہ ٻڪري ۽ رڍ ذات صفا گم ٿي وڃي يا تہ انسان ذات کي ڇيلن مان ٻہ ڪا اپت ٿئي ؛ هنن کي جيڪڏهين ڪنهن ڪتب نہ آڻبو تہ هنن جي ججي عمر جي ڪاڏي جو خرچ ڪير ڪندو؟ تنهن ڪان سوا انهن جو واڌارو ايترو ٿيندو جو انسان لاءِ هنن کوڻن ۾ نہ ڪاڏو بچندو، نہ جاءِ رهڻ جي ! پر جي توهين ڇٿو تہ کين ٻهنگلن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏجي تہ اها ڳالهہ وڌيڪ خراب آهي ، ڇاڪاڻ جو نہ فقط کير مهانگو ٿي ويندو پر انهن کي

پڻ ڪدڙ ۽ ٻگهڙ هڪ ڏينهن ۾ ئي ڪاٺي چٽ ڪري ڇڏيندا.
تنهنڪري چوٽون ڇيلو مون پاڻ ڪاڏو!

”اهي دليل مهجي ڪراچيءَ واري دوست کي اهڙا
نه دل سان لڳا، جو هن سچي عمر جو ويشنو پڻو ڇڏي
مون سان اتي جو اتي گوشت کاڌو. پر منهنجو اهو مطلب
نه آهي ته اسانکي لاهي پاهي گوشت تي آڌار رکڻ گهرجي؛
ڪيترين حالتن ۾ گوشت صحت لاءِ خراب ثي سگهي ٿو ۽
اهو ڌارمڪ اصول پڻ مان مڃان ٿو ته انسان کي گهٽ ۾
گهٽ هنسا جو رخ اختيار ڪرڻ گهرجي؛ خواه مخواه ڪنهن
به جيوَ کي مارڻ يا انجو ساهه وٺڻ نه گهرجي. مگر مٿين
سببن ڪري گوشت جو ڀڪشڪار سڄي آدم لاءِ ضروري
ٺهرائڻ سو ڪين ٿي سگهندو. شايد ان ڪري ئي دنيا جي
وڏن ڌرمن جي پيغمبرن ۽ اوتارن مان ڪنهن ماس مڇيءَ جي
ڀڪشڪار تي زور نه ڏنو آهي جو گيان جي درشٽيءَ سان هنن
شايد ڏٺو هجي ته سڀ ڪنهن انسان لاءِ گوشت واري ڇڏڻ
سو ڪو عملي قدم نه آهي. تنهن ڪري ماس جو ورتاءُ هڪ
ضروري پاپ (Necessary Evil) ڪري سمجهڻ گهرجي.“

ڊپٽي صاحب چيو: ”اهو خيال غلط آهي. مان ثابت
ڪندس ته انهن ماس مڇي جي برخلاف رستو ڏسيو آهي.“

سام ورائيو: ”سو توهين شايد انهيءَ مان ثابت ڪندا
ته انهن ديا ڀاوَ يعني گهٽ ۾ گهٽ هنسا وارو اصول ڏسيو
يا ماس مڇيءَ کي تمسي کاڌو ٺهرايو آهي. مگر ماس کي تمسي
کاڌو ٺهرائڻ تنهن جي معنيٰ اِها نه آهي ته سڄي انسان ذات
اهو ڇڏي سگهي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ هنسا وارو اصول ڪن
لاچاري حالتن ۾ حياتي وٺڻ جي برخلاف نه آهي؛ ديا ڀاوَ جا گهڻا
نمونا ٿي سگهن ٿا؛ ڪتابن ۾ لکيل آهي ته گوتم ٻڌ هڪ ڪڙميءَ

جو مهمان ٿيو. انهيءَ ڪڙميءَ گوتم جي لاءِ گھڻي پريم ۽ شرڌا سان پنهنجي دستور موجب مڇي ۽ ماني تيار ڪري آندي؛ گوتم پڻ ديا ڀاو وچان، هن جي دل نه دکائڻ جي خيال کان، چون ٿا ته اها مڇلي سويڪار ڪئي! ساڳئي ديا ڀاوَ وچان ڏسبو ته انسان ذات جو نه رڳو اڪثر چوٿون حصو ماس مڇي جي ورتاءَ بند ڪرڻ ڪري بيروزگار ٿي پوندو، پر گھڻو جانورن جي گھڻي ۽ اجائي واڌاري ڪري انسان جي رهڻ جو معيار (Standard) پڻ گھٽجي ويندو؛ ان ڪري ڪو به قوم جو سياڻو رهبر ان تحرڪ کي ٽيڪ ڏيئي نه سگھندو."

سام وڏيڪ چيو: ”ديا ڀاوَ سڀ کان اتم آهي پر هر حالت ۾ توهين انسان ذات لاءِ هنسا بند ڪري نه سگھندا. پالڻ ۽ سنگھار ڪرڻ حقيقت ۾ هڪ شڪتيءَ جا ٻه روپ آهن؛ جيون جي اصول جا ٻه پاسا آهن. هڪ کي اسين وشنو ٻئي کي مهيش چئون ٿا. هڪ ديا ڀاوَ واروآهي ٻيو ڏمرڪندڙ ديوتا آهي. پر اتپتيءَ لاءِ جيترو پالڻ ڪرڻ وارو اصول ضروري آهي، اوتري ئي اهميت سنگھار ڪرڻ واري شڪتي رکيتي. انهن ٻنهي اصولن مان فقط هڪڙي تي زندگيءَ کي بيهارڻ، سو ڪچن فيلسوفن جو ڪم آهي. ٻنهي کي ضرور تسليم ڪرڻو آهي."

ڊپٽي صاحب چيو: ”پر انسان ڪير آهي جو پاڻ کي ان اتپتيءَ جو ذمه وار سمجھي يا سنگھار ڪرڻ واري شڪتي ڪم آڻي؟"

سام چيو: ”انسان خود ان قدرت جو جزو ۽ وارث آهي جنهن قدرت هيءُ برهمنڊ بنايو آهي. انسان انهن اصولن کان ڌار رهي نٿو سگھي، جيڪي قدرت برپا ڪيا آهن. ويچار ڪريو ته ڇو شري ڪرشن پاڻ هنسڪ لڙايون ڪرايون؟ ڇو

سردار محمد (صلعم) جن لڙائي جائز فرمائي؟ ڇو ڀريو يسوع مسيح پنهنجي هٿن سان مڇيون ماڻهن کي کارايون ؟ توهان جيڪي ڳالهيون ڪريو ٿا سي عملي نه آهن."

ڊپٽي صاحب چيو: "پر توهين پاڻ ته گهٽ ۾ گهٽ هنسا واري اصول ۾ اعتبار رکندڙ آهيو - پوءِ ڇو نه ٿا ميوا ڀاڄيون، اناج وغيره کائي ان اصول تي هلو؟ قدرت کي جڳن وٽي تڳن کاڌي جي اٽاٽ پيدا ڪري يا مرض بيمارين ذريعي پاڻهي سنگهار ڪرڻ واري شڪتيءَ کي پيئي ڪم آئي؛ اهڙ قدرت جو ڪم آهي ۽ نه اسانجو. اسين پنهنجي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هنسا وارو اصول اختيار ڪريون ته پوءِ ڇا آهي؟ ڪا ضرورت ته ڪانه آهي جو هرو ڀرو هنسا ڪري پيٽ پاليون؟"

سام چيو: "گهٽ ۾ گهٽ هنسا وارو رستو سٺو آهي. مگر ماس، مڇي تڏهين بهشڪار ڪري سگهو، جڏهين ايتريون ڀاڄيون ۽ ميوا ڌرتيءَ تي پئدا ٿي سگهن جو سڀ ماڻهو آسانيءَ سان اُهي هٿ ڪري سگهن. توهين چوندا ته ڇو نه انهن جي وڌيڪ پئدا وار ڪجي؟ شايد پئداوار ۾ ڪجهه واڌارو تي به سگهي، مگر انسانِ ذات، اڳ ۾ ڇا نه ڪيو آهي؟ تڪر جي اتاهين چوٽين ۽ اونهي ۾ اونهي غارن ۾، برن ۽ ترن تي، سمنڊ جي مٿان ۽ سمنڊ جي تري ۾، گرم ملڪن ۾ ۽ ٿڌن آرڪٽڪ ريجنس ۾ به روزگار جي لاءِ انسان خوب گهولا ڪئي آهي ۽ ان جي هٿ ڪرڻ لاءِ حيلا هلايا آهن؛ ماڻهن آباديون ڪيون آهن، جانور نپايا آهن، ڌاتو ڪوٽيا آهن ۽ ٻيا سڀ نمونا جيڪي سائنس ۽ انساني هنر کي معلوم هئا سي پيٽ پالڻ لاءِ اختيار ڪيا آهن. تنهن هوندي به ذڪر

يعني ڪاڌي جي اڻاٺ ڪان انسان آجو ٿي ڪين سگهيو آهي. مثال طور اڄ هندستان ۾ ذڪر جون حالتون موجود آهن. هاڻي انهن حالتن هوندي، جي اسان مان ڪو به هڪڙو اٿي گورنمينٽ کي چوي ته گوشت ۽ مڇي کائڻ بند ڪرايو ۽ جانورن کي مفت کاڌو ڪارائيندا رهو ۽ ان لاءِ ڪافي ٻنيون سندن چراگاهه ڪري رکجايو ته اها هڪ چريائيءَ جي ڳالهه نظر ايندي؛ پر جي تو هين چئو ته هن وقت تائين انسان ذات کاڌي جي ڳولا پوري نه ڪئي آهي ۽ هن يا هن نموني زرعي پيدائش وڌائي انسان پنهنجو گذارو ڪري سگهي ٿو ته اها ڳالهه پڻ بي سود سمجهي ويندي ڇا لاءِ جو واڌارو ڪٿي ڪاڌي جو ڪجهه ٿيندو پر هوڏانهن انسان ذات به وڌندي رهي ٿي؛ ۽ جي اهو ويچار ڪريو ته ڪنهن به جانور کي هٿ نه لائڻ ڪري ۽ انهن جي ڪاڌي لاءِ گاه جي بندوبست رکڻ ڪري انسان جي ڪوشش جو ڪافي حصو خرچ ٿي ويندو ته مسئلو وڌيڪ اهنجو ٿي پوندو. دل ۾ ديا ڌاري به انسان پنهنجي جسماني بندنن کان آجو ٿي نٿو سگهي ۽ ڪجهه قدر هنسا ڪرڻ کانسواءِ سندس ٽڳاءُ ڪين ٿو ٿئي"

ڊپٽي صاحب چيو: "سيٺ جي ڳالهه ڇو ٿا ڪريو؟ توهان وٽ پنهنجي ڳالهه ڪيئي ته توهان جي گوشت نه کائڻ ڪري ڪيتري سوڙهه کاڌي جي وڌندي؟ توهين ته گهٽ ۾ گهٽ پاڇون، ميوو وغيره خريد ڪري کائي سگهو ٿا."

سيٺ چيو: "مان جيڪي به ڪريان، سو اهڙو هئڻ گهرجي جنهن تي ٻيا منهنجا ساٿي به هلي سگهن ۽ جيڪڏهن ٻيا ان رستي تي هلن ته انهيءَ مان ڪو مشڪل مسئلو پيدا نه ٿئي. سچو ۽ عملي ڌرم اهو آهي؛ باقي ٻئي جي زور سان ڀا ٻئي

ڪنهن ٻل سان جيڪڏهين مــــون ڪا خاص سهوليت ماڻي سگهي يا پاپ کان ڇڙادو ڇوٽڪارو پاتو، ته ســا ڪــو مهانگو لباس ڌرم جو اختيار ڪري سگهيو ته ان ۾ منهنجي ڪا به وڏائي ڪانه ٿيندي. مطلب هي آهي ته جو ماڻهو ڪنهن به اصول تي هلڻ جي هام هڻي ٿو، سو پنهنجو فرض، فرض جاڻي پنهنجي اصولن جي اهڙي چڪاس وٺي جـو سڀ ماڻهو ان جا پوئلڳ ٿي سگهن. اهو ڏسڻ ضروري آهي تـــه سندس اصول زندگيءَ ۾ ڪا رڪاوٽ ته پيدا نــه ٿـــو ڪري؛ اهڙي چڪاس وٺڻ کان پوءِ ئي ڪنهن کي اڌڪار آهي جو سڀن کي ان اصول تي هلڻ جي صلاح ڏي؛ باقي اسانجي جاتيءَ ۾ ته جيڪو چار اکر پاشا جا سکي ٿو، ســو هڪدم ساڌو ٿــي وڃي ٿو ۽ ماس مڇيءَ خلاف پرچار شروع ڪريٿو؛ جڻڪ اهو ڌرم جو آد ۽ انت ٿي چڪو! مگــر ائين نـــه آهي. هن سوال جو اقتصادي پاسو به ڏسڻو آهي. ٻين کــي صلاح ڏيڻ بدران توهين پاڻ به گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڇيلو بنا مطلب جي پالي ڏيکاريو؛ اُن جو خرچ سڄي عمر لاءِ برداشت ڪريو، يا نر ڇيلان مان ڪو ڪم وٺي ڏيکاريو، جئن ٻين کــي چڱي سگهو ته ڇيلو ڪهڻ ضروري نه آهي؛ جيستائين ڳالهه جا سڀ پاسا نه جاچيا اٿو تيستائين قوم يا پاڻ لاءِ فقط ڪا بـــه ڳالهه ضروري نهرائڻ بنا مقصـد ٿيندي."

سام وڏيڪ چيو: "مان جيڪڏهـــن گوشت ورتائيندو آهيان ته وڏي نمرتا ڀاوَ سان؛ دل ۾ ديا ڀاوَ رکي ڪري ئـــي ورتائيندو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ هنسا وارو اصول مـان نرالن طريقن سان عمل ۾ آڻيندو آهيان. ڪوشش ڪندو آهيان تـــه ڀاڄين جــا پـــن، ميوي جون ٻاهريون کلون وغيره ۽ ڪاڏي

جهڙيون ٻيون شيون اجايو زيان نه ٿين ؛ ڪاڏي جي هڪ ذري ٻـــه زيان ٿيڻ تي مونکي دلـي صدمو پهچندو آهي . تازو هينئر بمبئيءَ ۾ چار هفتا ڪـن هڪ دوست جو مهمان ٿيس . هندستان ۾ ڪاڏي جي شين جـي ڪجهه اٿاٿ آهي . مون هڪ ڏاڍو ٻه سندن آن جو ڀاڃت ۾ ڀا ٻي طرح زيان ڪين ٿي ڪيو . هن کي عجب لڳو تـــه پاڪستان ۾ ڪاڏي جي گهٽائي هوندي ٻه منهنجون عادتون اهڙيون گهٽ ۾ گهٽ زيان واريون ڪيئن ٿيون!

”جيترو ڪاڏي جـو زيان مون گهٽ ڪـيو اوترو ئي مان سمجهندو آهيان تـه ڏاڍن ڪاڏن يعني گـوشت وغيره جي ورتاءَ بند ڪرڻ ۾ مون مدد ڪئي ۽ اوتري قدر دنيا ۾ هنسا ۽ مهانگائي گهٽ ڪرڻي . گهر جـو ڪو ٻاتي ٻاڻيءَ لپ نلڪي مان يا ڏاڍو مـان اجايو وڃائي ته به مونکي ارمان ٿيندو آهـي . پيـــا چوندا آهن ته پاڻي مفت جو آهي ، تو هين ڇو ٿا چنتا ڪريو؟ مان ڪين چوندو آهـيان ته مفت جو نه آهي ؛ پر انهيءَ تي انسان ذات جي پورهئي ۽ پگهر جـي لڳت ٿي آهي؛ جيڪڏهن ذرو به ان پورهئي جو گهٽبو تـه انسان جي پالنا لاءِ ٻئي هنڌ ڪم ايندو ۽ اوتري قدر انسان گهٽ هنسڪ ٿيندو؛ پنهنجي پالنا لاءِ جنگـ ، چـوري وغيره پاپ جهڙا رستا پڻ گهٽ اختيار ڪندو . گهٽ ۾ گهٽ هنسا وارو اصول اختيار ڪرڻ سو اتم ڌرم جو مارگ آهي . هـي سڀ ڳالهيون پڻ ان ڀراڇي وچن ٿيون . اسان ته اڻين ئي پيا هلون . شايد ان هوندي به پاپ جا ڀاڳي ٿيون ٿا پر نمرتا ڀاوَ رکي ضروري هنسا ڪرڻ سواهنسا جـــي اصول جـي برخلاف نه ٿـــا سمجهون . سڀ ڪنهن چيز جو ادب ڪرڻ يا انجو پورو قـدر ڪرڻ ، سو آدرشي انسان جو ڪم آهي پر ان ادب ڪندي بـه بعضي وڏي آدرش لاءِ ڪنهن جي حياتي رکڻي

پوي ٿي . شايد اهڙي ڪنهن خيال وچان ئي مهاتما گانڌيءَ (جنهن کي اهنسا جو اوتار مڃيو وڃيٿو) ڀوڪ جي بچاءُ لاءِ نقصانڪار جانورن کي مارڻ جائز ٺهرايو هو !"

ڊپٽي صاحب آخر ۾ چيو ته اهي خيال ۽ وچار ڇهڙا آهن. وڌيڪ وري ڪنهن ٻئي موقعي تي ڳالهائينداسين .

* * *

هن ٻڌر تي قرآن شريف جي سمجهاڻيءَ بابت پڻ ٻين ڳالهين جي وچ ۾ گفتگو هلي، جنهن جو تتسار هي آهي :

صوفي صاحب چيو: "اهي مولوي جاهل آهن جيڪي قرآن شريف ۾ جهاد ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڏسن ئي ڪونه ٿا ڏسن. جهاد تي خاص زور ڏيئي فساد وڌائن ٿا; اهي جهاد واريون ڳالهيون جن خاص حالتن سان واسطو رکن ٿيون. قرآن جي اندروني معنيٰ ۾ هو وڃن ئي ڪو نه ٿا، باقي اهڙيون ڳالهيون جونديا ڪين ٿا جن مان سندن خيال کي ٽيڪ ملي."

ڊپٽي صاحب چيو: " ان ڪان سواءِ هي پڻ سوال آهي ته جيڪي ڳالهيون اسلام جي پيغمبر عرب ۾ ڏسيون، سي هرو ڀرو هت اسانکي ڏسي ها ڇا؟ مان ٿو چوان ته جي حضرت محمد ڪاشيءَ ۾ پيدا ٿئي ها ته چار زالون هڪ ماڻهوءَ لاءِ شايد جائز ڪين ٺهرايون وڃن ها; انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته اسلام ڪاشيءَ وارن لاءِ نه آهي پر مان اٿينٿو چوان ته ڪاشيءَ وارن جي حالتن آهر اسلام ۾ ئي خود ٻي وات ڏسيل هوندي ۽ جو نه انهن ئي ڳالهين تي زور ڏيون جي اسانجي حالتن سان ٺهڪندڙ هجن؟ قرآن يا ٻيو ڪو مذهبي ڪتاب بيشڪ الله جي هڪ سنيهي يا خط مثل سمجهڻ گهرجي ۽ جڏهين گهرج پوي ته اهو خط کولي چڱيءَ طرح پڙهي ڏسجي ; پر حالتن آهر ئي

منجهائُنس ڏنل سمجهاڻي ونجي."

سام چيو: مان ائين ٿو سمجهان ته اهو خط اصل ۾ انسان جي قلب تي ئي لکيل آهي؛ وري نئين سر اهو خط پڙهي ڏسڻ، سو آهي دل جي ڪتاب جو دور ڪرڻ. گهڙيءَ گهڙيءَ حق جي سنڌي جي درڪاري آهي. اڳين پيغمبرن جي وارتا پڙهڻ به چڱي آهي، ڇا لاءِ جو اهي به حق جي شاهدي ڏين ٿا؛ پر جيئن اڳي مون هي خيال پيش ڪيو آهي، ڪرم وانگر ڌرم جو سرشتو به از خود هلندڙ (Automatic) هئڻ گهرجي، جئن نئين سر پيدا ٿيندڙ حالتن ۾ انسان پنهنجي قلب جي ڪتاب ۾ جهاتي پائي الله جو تازي ۾ تازو اعلان پڙهي سگهي. انهيءَ جي سمجهڻ لاءِ قرآن، گيتا، ويد، انجيل ۽ ٻيا ڪتاب پڻ مدد ڪري سگهن ٿا."

وڌيڪ سمجهاڻي هن سوال تي جيڪا سام ڏني سا اڳ هن ڊائريءَ ۾ ڏنل آهي.

* * *

٢١-٨-١٩٥١ع ڪيترن ڏينهن کان منجهند جي آرام کانپوءِ ٻهريائين راماڻي هنديءَ ۾ پڙهندا آهيون. ان وقت هڪڙو ڇوڪرو امر ناني پڻ ايندو آهي. اڄ سام کانئس پڇيو: "تون ته هندي سمجهندو هوندين؟"

اهو سوال سام ان ڪري پڇيس جو منشو هميشه چوندو آهي ته راماڻي هنديءَ ۾ اسانکي سمجھ ۾ نٿو اچي؛ تنهن ڪري ڪٿا ڪري ٻڌايو. مگر سام پاڻ ڪٿا ڪرڻ پسند نه ڪندو آهي. اڄ جڏهين وري ڇوڪرن ڪٿا لاءِ گهر ڪئي ته چيائين: "اسانکي پيو ٿو ٿئي ته متان ڪٿائون ڪري ٻاوا ٻڌجي پئون! ۽ اسين ڪٿا ڪرڻ جي لائق به نه آهيون.

جهڙو آهه. راماڻ جو پڙهندڙ (ڊاڪٽر سرلا) تهڙا اسان (سام)! بيٺي آهيون روئنا . راماڻ ۾ ڪا ڳالهه بريم يا وئراڳ جي نڪري ته اسين ڳوڙها پيا ڳاڙيون؛ پوءِ بين ڪي ڇا ٻڌايون؟."

ڪتاب ٻڌڻ وقت سام گهڻو ڪري پنهنجي خيال ۾ محو ٿي ويندو آهي . منشي جي سناڻ تي ڪڏهين راماڻ جي پڙهائيءَ ڪانپوءِ هنکي ٿورو تنسار ٻڌائيندو آهي. مگر ائين پسند ڪندو آهي ته جيڪر اهو به ڪانئس ڪونه پڇيو وڃي .

امر چيو : " مون ته سائين ڪجهه سمجهيوئي ڪونه؛ خيال منهنجو ٻئي پاسي هليو ويو ."

سام چيو : " آڪائي جو پد پد ڪري اسين به ڪونه سمجهندا آهيون . هڪ ٿي اشاري سان ڪڏهين مطلب من جو راس ٿي ويندو آهي ۽ خيال خاص واقعن بيان ڪيلن کان ٿيي اندرين مطلب ۾ محو ٿي ويندو آهي . اهو اندريون پاسو ڳالهه جو حقيقت ۾ ڪو جدا پاسو نه آهي . پريم احساس جي ڏور جو هڪڙو ڇيڙو آهي؛ ٻيو ڇيڙو گيان آهي . پريم جي چوٽيءَ تي چڙهڻ سان خيال گيان ۽ سمجهه جي دائري مان صفا گم ٿي ڪونه ويندو آهي . من سماڌيءَ ۾ اچي ڪري به سڀ ڪجهه سمجهي سگهيٿو . اسين ته خص ڪري هن پڙهائيءَ کي خيال جي هڪ ڏاڪڻ ڪري ڪم آڻيندا آهيون . سر شبد جي ٽيڪ آهي . شبد خيال جي ٽيڪ آهي . جيئن سر سان راماڻ ٻڌبو آهي ، تيئن خيال جوڳيءَ جي نانگ مثل مٿي آلاپ ٻڌي، آيوئي آيو چوٽ چڙهي جهولي ٿو . مگر سندس پاڙ يعني هيٺيون ڏڙ احساس جي پنڊيءَ

اندر ٿي رهيتو. ڪڏهن ڪو پرير پريو اکر پڙجي ته تصور جي ٽيڪ ملي وڃي ٿي؛ اتان خيال کي جهٽ ڪا لفٽ ملي وڃي ٿي!"

امر چيو: "مون اڄان گروءِ کان شبد ڪونه ورتو آهي. تنهن ڪري منهنجو خيال پنهنجو پاڻ ڏانهن ٿڙي وڃي ٿو. شبد وٺڻ جي چاهنا اٿم پر ماتا پتا ان ڳالهه ۾ رنج ٿين ٿا."

سام چيو: "اها وڏي عجب جهڙي ڳالهه آهي! چڱي رستي تي هلڻ کان ماءُ پيءُ ڇو ٿا روڪين؟ اهو پڻ اٿن ٿا ته متان پٽسي جي ڪمائي بيهجي وڃي؟ پر ان بندش جو نتيجو اهو ٿيندو جو طلب پاڻ اڳي کان تيز ٿيندي ۽ هونئن ترڪ ۾ چار سال پون ته هينئن هڪ سال اندر اچي ويندو. جيئن جئين ٿا حهائين تيئن تيئن ٿو تاڪيد ٿئي."

٢٤-٨-١٩٥١ع- منشي اڄ سام کان پڇيو ته توهان جو گرو ڪير آهي؟ سام ڪِسِ کلي چيو: "ڇو ڪنهن پاڻي ڏانهن وٺي هلڻو اٿئي ڇا؟ پر تنهنجي ٽڪاڻي جا باوا ته آفيسرن جا ٽڪاڻا پيٺيندا ڏسبا آهن."

منشي چئي ڏنو: "سائين! ڪو ته مڙيوئي گرو هجي."

سام وري کلي چيو: "اهڙو ته ڪو تلاءُ هجي جنهن ۾ اسان جي من جي مڇلي ماڻي سگهي. تنهنجي پلا ڇا مرضي آهي؟"

منشو جواب ڏيئي ڪونه سگهيو، پر سام ٿوري وقت کان پوءِ پاڻهي چيو: "گرو پاڻ پرماتما آهي؛ سندس گرنٿ انسان جو قلب آهي جنهن جو آواز اسين هردم پڌون پيا! طريقت جو گرو ضروري آهي پر سو به فقط ڏس ڏيئي سگهيتو؛ پنڌ پاڻ کي ڪرڻو آهي. گهڻا ته وڏي نالي وارا گروڪري مات ڪيو ويٺا رهن. وڏي اهميت جو سوال اهو آهي ته مون ڪيترو پنڌ ڪيو آهي، نه اهو ته منهنجو گرو ڪهڙو آهي."

ٿوري دير بعد وري سام چيو: "قدرت هر ڪنهن کي

پيرِ پاڻ اندر جاڳائي ڏنو آهي. جيوت جي راهه ۾ هر ڪنهن ياتريءَ کي قدرت پنهنجي پنهنجي جوت، هٿ ۾ ڏئي ڇڏي آهي، جنهن کو قدرت کي ميار نه ڏئي نه روشنيءَ جي نه ملڻ ڪري رستو ڪونه مليو! فقط پريم گهرجي؛ دل جي تيز تمنا هجي، پوءِ ايشور پري نه آهي. الله ڪنهن آسمان جي گفا ۾ ڪونه وڃي لڪو آهي. هو پاڻ انسان لاءِ هر هنڌ ۽ هر وبل ڦري رهيو آهي. الله جي ڏسڻ لاءِ نه ڪي جادو يا رمل کپن، نه ڪي اٽڪلون ۽ حيلا گهرجن. فقط پريم جي گهرج آهي. اهو پريم سنگ يا صحبت مان اَچي ٿو ۽ گرو انهيءَ سنگ جو پيو نالو آهي. ڀلا جيڪو ماڻهو ٻوڙو هجي ۽ منتر گروءَ کان ٻڌي نه سگهي يا انڌو هجي ۽ ڪو شاستر پراڻ پڙهي يا سمجهي نه سگهي، ان لاءِ الله جي ملڻ جي اميد ٿي سگهي ٿي يا نه؟ جا شيءِ خلقي اٿس، سا پنهنجي پچ مان؛ پوءِ اها ڪيئن نه ڦرندي، ڪيئن نه وصلت جو ميوو پائيندي؟

”حضرت موسيٰ جي هڪڙي ڳالهه ڪندا آهن؛ هو رستي تان لنگهيو ٿي؛ ڏنائين ته هڪ شخص گهڻي محبت سان ذڪر الله جو ڪري رهيو آهي پر الله جو نالو هن غلط نموني هڪ چور جي واتان ٻڌو هو؛ هو ان ۾ ايترو ته مگهن هيو، جو جڏهين حضرت موسيٰ هنکي سڏ ڪري حق جي سمجهاڻي ڏني تڏهن هن کان چرڪ نڪري ويو ۽ هن جو ذڪر بند ٿي ويو؛ چون ٿا ته حضرت موسيٰ کي الاهي اعلان ٿيو ته اي موسيٰ! تو اسان جي دوست کي ڇو اسان کان جدا ڪري ڇڏيو؟ هو اسان سان مليل هو پر تو پنهنجي سمجهاڻيءَ سان هن جو ايمان ٽوڙي وڌو! هن ڳالهه جو هي مطلب آهي ته

گروهه يا مرشد جي وڏائي نه پر پنهنجي محبت ۽ پنهنجي ڪمائي ئي حق جي راه ۾ ڪم اچيتي. چور جي ڏس سان به هڪ شخص وڃي الله کي پاتو ، هوڏانهن پيغمبر موسيٰ جي ڏس هڪ کي گمراهه ڪري ڇڏيو .

”ٻي هڪ ڳالهه حضرت موسيٰ جي آهي ته هڪ ريڍار ويٺي الله سان حال اوريو ۽ چيو ، او الله ! اچ ته مان توکي پنهنجي رڍن جو کير پيئاريان ! حضرت موسيٰ انکي خبردار ڪري چيو ته الله کير ڪين پيئندو آهي؛ هو بي چون ۽ بيمثل آهي! اهو ٻڌندي ريڍار جي دل جي تار ٽٽي پيئي . تڏهين چون ٿا ته حضرت موسيٰ کي الاهي اعلان ٿيو ته اي موسيٰ ، تو هيءُ گناهه ڪيو آهي جو منهنجي هڪ ڀڳت کي گمراهه ڪري مون کان وڇوڙي ڇڏيءَ!

”هن ڳالهه ۾ اسانجو مطلب هيءُ آهي ته الله جي ڳولا لاءِ ڪو به سياڻپ وارو طرز طريقو ضروري نه آهي؛ فقط الله جي محبت من ۾ هجي . طرز طريقو به محبت کي وڌائڻ لاءِ آهي؛ پر جڏهن ڪنهن به طريقي تي خاص زور ڏجي ٿو ۽ انکي محبت کان اول رکجيتو، تڏهين اهو راه ۾ هڪ رنڊڪ بڻجي تو پوي؛ جڏهن عشق ڪمل ٿئي تو تڏهن سڀ طريقا ڪارگر نظر اچن ٿا . ڪي ستار جا سڪندڙ عمر سڄي سا - ري - گ - م وڄائيندا رهن ٿا يا لکيل گيتيون ڳائيندا رهن ٿا؛ جيڪي من جون مينديون سٽي هٿ کي ڇوٽ ڇڏن ٿا ، سيئي جوڙ وڃائين ٿا! جڻن شاه چيو آهي 'سڪ رسائي سوهڻي اصل عاشقن!' جيڪي منزل تي پڳا آهن انهن ائين ئي چيو آهي . پيون سڀ ٻڌل ڳالهيون آهن.“

۲۵-۸-۱۹۵۱ع- اڄ شام جو ڊپٽي صاحب، صوفي صاحب، هتان جو هڪ مشهور شاعر (جنهن کي هت اسين انجنيرصاحب ڪري سڏيندا سين) ۽ ٻيا ٻه ٽي ڄڻا گڏجي آيا.

صوفي صاحب پنهنجي تازي سفر جو احوال ڏنو ۽ چيائين: ”هڪ هندو فقير سان سکر ضلع ۾ ملڻ ٿيو. سندس آستان جي وچهو ننڍيون ننڍيون ٽڪريون هيون. فقير پاڻ ٻي پؤ ٿيو وينو هو ۽ چيائين ته هندو پاڪستان مان لڏي ويا آهن، مگر اسان کي ته ٻنهين ملڪن ۾ ڪو تفاوت نظر نٿو اچي. سندس زال تمام ڪروڙڻ هئي. ٿوري گهڻي ڳالهه تي پيئي ڪر ڪر ڪري. فقير جڏهن چوي ته هوءَ انجي ابتڙ پيئي ٻولي! منهنجي دل ۾ هڪ سوال اٿيو ۽ اهو مان اوهان کان پڇان ٿو: فقير لاءِ زمانو يا گرهست ڪيتري قدر چڱو ٿي سگهي ٿو؟“

مون ڪيس جواب ڏنو: ”جيڪو توهان فقير جو احوال ٻڌايو ٿا، ان موجب سندس گهر واريءَ جي ڪر ڪر فقير لاءِ هڪ ڪسوٽي ڪري سمجهڻ گهرجي. زمانو فقير لاءِ ڪيتري قدر چڱو ثابت ٿيو يا نه ٿيو، ان جو اندازو تڏهين لڳائي سگهبو جڏهن توهين ٻڌائيندا ته فقير ان ڪسوٽي تي ڪيترو سچو ثابت ٿيو.“

ڊپٽي صاحب چيو: ”اهوئي سچو جواب آهي ته فقير ڪر ڪر محسوس ٿي چو ڪري؟ هو ته انهيءَ ۾ ئي پنهنجو يار وينو ڏسي. گرهست خراب نه آهي پر گرهست سان موهه رکڻ خراب آهي. نرموهه ٿي رهڻ سوئي سچو علاج آهي.“

صوفي صاحب سام ڏانهن منهن ڪري چيو: ”اوهان جو ڇا رايو آهي!“

سام چيو: ”سنسار پٿر يا روهيءَ مثل آهي. فقير جو خيال ڪاتيءَ مثل آهي. جي اهڙو وهائو ته پٿر ڪاتيءَ کي مُنڊو ڪري ڇڏيندو، پر جي ڪنهن طرز طريقي سان ڪاتي سڌي رکي لايو ته سنسار خيال جي ڪاتيءَ کي وڌيڪ تيز بڻائيندو. طرز رکڻ جو مطلب هي آهي ته گرهست ۾ ساڌوءَ کي ڪي عمل ۽ رمل هڻڻ گهرجن. سنسار کي هڪ سانهر سمجهي مٿس پختو ٿي بيهي ته اهو خيال ۽ خوديءَ جا پٿر سڀ ڀڃي وجهندو.

”ٽڪرن تان برسات پوڻ سبب پٿر ڀڄي عيب ڪرن ٿا؛ ٽڪا ڪڏهن ڪئي پاڻيءَ ۾ لڙهي هلن ٿا؛ اهڙيءَ طرح ڪڇون ڪندون ڀڄي ڀون ٿيون ۽ باقي پڪا گول، لسا روهيءَ مثل صاف وڃي وڃن ٿا؛ ڪي پٿرن جا ٽڪرا وري پرزا پرزا ٿي پوءِ واريءَ جا داڻا بڻجي پون ٿا. انهن جو ته هيڪاري ٻڌو ملهه آهي. گيان جي سمت سان گڏ نمرتا ۽ نيم جي واريءَ خود پٿرن کان وڌيڪ مضبوط شيءِ بڻجيو پوي جا روحاني عمارت جي اڏاوت لاءِ ڪارگر ٿئي ٿي. هن نفس کي به سنسار جي ٽڪر تي ٽڪرائي، گرهست جي درياهه ۾ وهائي، داڻا داڻا ڪرڻو آهي. تنهن ڪري سنسار فقير لاءِ پار پوڻ جو ذريعو آهي، پر ڪچن لاءِ هڪ پور ٻيءَ کڻن مثل آهي، جنهن ۾ هيڪر هو ڪرن ته وري جنم پر پيا گوتا کائين. تنهن ڪري شايد ڪن لاءِ اڏن چڱو آهي ته اُن کوهه کان پاسو ڪري لنگهن پيا ڪو تختو مٿانئس رکي پار پون. پاسو ڪرڻ سمجهو ته آهي برهم چريه جو يا پيو ڪو اصول اختيار ڪرڻ؛ تختو مٿان رکڻ آهي نيم سان گرهست ۾ گذارڻ. نمرتا پورو رهڻ ۽ ڪي اصول سنسار ۾ قائم رکڻ ضروري آهن؛ پر سڀ ڪنهن لاءِ ساڳيو رستو ٿي نٿو سگهي. هن مسافريءَ ۾ همت، حوصلو، سوچ، ويچار ۽ سڀ عملي طرزون ڪم ڏين ٿيون. سڀ سنا ساڌن پڻ ڪم ڏين ٿا.

شاه جي لفظن ۾ چئون ته 'هتين پيرين مونڙين هل پريانڏي هل! ' سڀ سنا ساڏن اختيار ڪرڻا آهن. سنسار نانگ آهي؛ فقير جوڳي آهي؛ جوڳيءَ کي پنهنجا عمل رمل ضرور هئڻ گهرجن."

ڳالهائيندي ڳالهائيندي صوفي صاحب وري ٻيو سوال اٿاريو جو هي آهي: " فقير کي زماني ۾ ڪيئن هلڻ گهرجي؟ لوڪ جي مريادا رکجي يا نه؟ "

انجنير صاحب چيو: " ضرور رکڻ گهرجي."

صوفي صاحب ڳالهه کي چٽو ڪري پڇيو: "سمجهو ته فقير چڪلي ۾ وڃي ٿو ۽ چوي ٿو ته اتي به الله جو حسن ٿو ڏسان، ڇا لاءِ جو صوفيءَ جو سڀ ۾ سڄڻ آهي. انهيءَ کي توهان فقير ڪري سمجهندا يا نه؟ "

انجنير صاحب چيو: " فقير هوندو ته چڪلي ۾ ويندو ئي ڇو؟ "

صوفي صاحب سام کان پڇيو: " توهان پنهنجو رايو ٻڌايو."

سام چيو: " پهريون سوال آهي ته فقير ڪهڙي هستيءَ ۾ ڪيڏانهن وڃي ٿو؛ جي نفس جي چڪ ڪري وڃي ٿو ته هو فقير نه آهي؛ پر جي صرف سڄڻ جي خيال کان لنگهي ٿو يا نفس کي تيج سمجهي ٿو ۽ سم درشٽي واري نظر رکي پنهنجي آتما جو ڪو مطلب پورو ڪري ٿو؛ يا ديا ۽ محبت جي ڀاوَ وچان چڪلي وارن کي به انسان سمجهي هنن سان پنهنجي گيان جي ونڊ وراهه ڪري ٿو ته ان ۾ ڪو حرج ڪونه آهي. لوڪ مريادا جو سوال به اٿي ٿو ۽ فقير جي دل ۾ جيتري ديا چڪلي وارن لاءِ آهي، اوتري ديا لوڪن لاءِ پڻ هئڻ گهرجي؛ لوڪ جي ڀلائيءَ لاءِ جيڪي واجبي قانون اوڪ مريادا جا آهن، سي جيتري قدر ٿي سگهن، فقير کي بجا آڻڻ گهرجن؛ مگر ايتري پابندي ربت رسم

جي نه گهرجي جو سندس سٽر ۾ ڪا رنڊڪ پوي؛ اينري تنگدلي نه جڳائي جو خيال جا چشما ئي سڪي وڃن؛ انهن چشمن تي لت وجهي اسين فقيريءَ جا جر نه بند ڪري ڇڏيون، اهو به وڏو خطرو آهي. 'پسر اين مڪن' واري فلاسافي مناچري آهي. هر ڪنهن ڳالهه جو حالتن موجب فيصلو ڏيڻ گهرجي."

انجنيئر صاحب سام کي چيو: "توهان جي هڪڙي ڪتاب ۾ پڙهيو هئم، Spirit & Form يعني آتما ۽ روپ جو پاڻ ۾ گهرو سنبنڌ آهي؛ جي ڳالهين کي اسين ٻاهريون ڇڏيون ٿا، ۽ جيڪي ظاهر ۾ جسم سان لاڳو آهن، جهڙوڪ شراب پيئڻ، حرام کائڻ، چڪلي ۾ وڃڻ وغيره، تن جو به ڪو آتما تي اثر پوندو يا نه؟"

سام چيو: "اندروني ۽ ٻيروني جيون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. مگر هميشه ٻاهرين حالتن مان اندروني يعني سچي يا سچي جيون جو اندازو لڳائي نٿو سگهجي ۽ نه ڪن مقرر حالتن مان اندر جي حالتن جو انومان ڪري ٿو سگهجي، ڇا لاءِ جو خيال هڪ هميشه هلندڙ شيءِ آهي؛ يعني نوان رنگ ۽ روپ اختيار ڪري ٿو. ڪڏهن وري ڪي سادو ريت رسم ٽوڙي پنهنجي فقيريءَ جو لڪ رکندا آهن. چوندا آهن ته سنڌ جو هڪ مشهور بزرگ جمع ڏينهن خاص ڪري مسجد ۾ ويهي شراب وندپيندو هو! ڪڏهين پنهنجي وسيع خيال وچان فقير قانون کان ٻاهر لنگهي 'انا الحق يا اهم برهم اسمي' جو نعرو هڻندا آهن. هر حالت ۾ قانون جي پچڪڙي نفس خاطر ڇڏي نه سگهجي. ڪڏهين ماڻهن کي ريتين رسمن ۾ قيد ڏسي فقير حق جو هوڪو التي نموني ڏين ٿا. ڇا لاءِ جو آزادي آتما جو سڀ کان وڏو آدرش آهي. بعضي ظاهري زهد ۽ تقوي خطرناڪ

تي سگهن ٿا. فرض ڪريو هڪ جاءِ آهي ؛ ٻاهران رنگ روپ ۾ سرون پڪيون اٿس؛ مگر ان ماٺ ائين سمجهڻ ته اندر آسائش به اٿس سو بعضي غلط نڪري پوي ؛ اهو شايد هڪ جيل خانو هجي! هوڏانهن بي هڪ ڪچي جاءِ آهي، جنهن کي ٻاهران خاص ڪو رنگ روپ ڏنل ڪونه آهي ، مگر اندر هوا دار ٿڌي ۾ آسائش جوڳي آهي . اهڙيءَ طرح فقيريءَ جي پدويءَ جو اندازو به ڪنهن ٻاهرين نيم يا اٿڻ ويهڻ جي نموني مان لڳائڻ مشڪل آهي . تنهن ڪري فقير اهو آهي جنهن جي دل فقير آهي . وڌيڪ ان باري ۾ ڪجهه چئي ڪونه ٿو سگهجي. "

ڊپٽي صاحب چيو : " منهنجو خيال هيئن آهي ته جيڪڏهن فقير چڪاي ۾ چڪلو ڏي نه ڏسي ، پر جتي ڪٿي الله پيو ڏسي ته پوءِ ان لاءِ گناهه ڪونه آهي. "

سام چيو : " ملڪ جو بادشاه ، سڄي ملڪ جو سئر ڪري سگهي ٿو ، اگرچ اتي ڪي گناهه جون جايون به هجن. بادشاه جا آفيسر وغيره پڻ سڀ پاسي وڃي سگهن ٿا. انهن کي ڪا روڪ ٽوڪ ڪانه آهي. پر بادشاه جڪڏهن پنهنجا بادشاهي خيال ڇڏي پاڻ نفس جو پوڄاري ٿيڻي اچي روز چڪلي ۾ پنهنجي گاڏي بيهاري يا سندس مکيه نوڪر اهڙي هلت ڪن ، توڙي جو هو پنهنجي ملڪ جي حد اندر هجن ، تڏهين به اهي بادشاهي مريادا کان ڪِريل ڳڻبا . مطلب ته سڄي ڳالهه خيال ۾ ڀاونا تي مدار رکي ٿي. اهڙو ڪوبه قانون ڪونه آهي جو هر جڳهه ۾ هر حالت ۾ سچو ثابت ٿئي."

انجنير صاحب چيو : " مان انهيءَ خيال جو آهيان ته ڪرم جي شڌي هميشه ضروري آهي. گيتا ۾ پڻ ڪرم جي مهما پنهن سهڻي طريقن کان مٿي ڄاڻايل آهي."

سام چيو: ”گيتا ۾ ڪرم، گيان ۽ ڀڳتي ٽنهين جو سنو ميلاپ (*Synthesis*) ڄاڻايل آهي. حقيقت ۾ ٽيئي نہ فقط سڌا رستا آتمڪ اُنتيءَ جا آهن، پر ٽيئي هڪ ٻئي لاءِ ضروري آهن. ڪرم جي آزمودي ڪانسواءِ پورڻ گيان پيدا ٿئي ٿو ۽ گيان ڪانسواءِ ڪرم نشڦل رهي ٿو. پر ٻنهين جو انت آتمڪ آنند ۾ آهي، جتي ڀڳتي مارگ وارو سڌوئي سڌو پهچي وڃي ٿو. البت ان ڀڳتيءَ جو پيدا ٿيڻ ضرور اڳوڻي ڪرمن يا گيان جي ڪوچنا جوئي نتيجو هوندو! ساڳيءَ طرح ٻين جو ڀچرو پڻ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ڏيلين جو ٻڌل آهي. جي هڪ ٿئي تہ سڄو ڀچرو ٿئي پوي. هڪ چور جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪنهن بزرگ وٽ مريد ٿيڻ ويو پر چوري ۽ ٻيون خراب عادتون ڇڏڻ ڪيس اهنجون ٿي لڳيون؛ ان پهتل شخص ڪي پنهنجو حال ڪيائين؛ هو وڏو گياني هو؛ ان چور جي حالت سمجهي ڪيس چيو، تون فقط ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت ڇڏ؛ مان ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ ڇڏڻ لاءِ ڏرڪي ڪو نہ ٿو چوان.“ چور اها ڳالهہ خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ انکي مرشد ڪري، ڪوڙ نہ ڳالهائڻ جو وعدو ڪيائين؛ دل ۾ چيائين تہ هاڻي دوزخ کان بہ بچياسين ۽ هت بہ جيڪي وٺي سو ڪري پيا مزا مائيندا سين! باقي ڪوڙ ڪٿي نہ ڳالهائبو؛ سا وڏي ڳالهہ ڪا نہ آهي!

”رات ٿي تہ هليو پنهنجي يارن سان گڏ چوريءَ تي. صبح جو جڏهن ٻين سان گڏ هن کان پڇا ڪئي وئي تہ ڪيس پنهنجي مرشد سان ڪيل وعدو ياد پئجي ويو ۽ ڳالهہ سچي سلي ڏنائين. اهڙيءَ ريت پاڻ سان گڏ پنهنجي سنگتين کي بہ چوري موٽائي ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيائين؛ نہ هو هن کي چوريءَ تي وٺي هلن، نہ وري هو ڪي ڪو گناهہ ٿئي ٿي. جيڪر گنا ڪري

سو ڀاڻ کي ٻاسٽو تي پيس ؛ فقير کي چيائين ، سائين ! هيءَ ته ڳالهه ڏاڍي اهنجي ٿي پيئي آهي ؛ جي سچ ٿو ڳالهايان ته پيا سڀ گناه جا ڪم ٻه ڇڏڻا ٿا پون !

”مطلب هي آهي ته ڪوڙ ، جنهن جا ٻه پاسا آهن لڄ ۽ ڀَو ، سا هڪ قسم جي اونداهي غار آهي . ان ۾ ٻيا سڀ پاپ روپي چوُر اچهو وٺن ٿا . اول ڪوڙ ، لڄ ۽ ڀَو ڪيو ته پاپ روپي چوُرن جي لڪ واري ڏٺي ڊهي پوندي . سچ جي شڙن وٺو ته پوءِ پاپ پاڻهي ٻاهر نڪري ڀڄي ويندا . سچ جي روشنيءَ ۾ وڪارن جا جيوڙا سڀ سڙي ڀسم ٿي ويندا . چڪلو گهمڻ يا نه گهمڻ ، هي ڪم ڪرڻ يا نه ڪرڻ ، اهي سڀ خسيس ڳالهيون آهن . ستيه مارگ تي هلڻ ، سڻي سنگ ۾ رهڻ ، اهي آتمڪ اڌار لاءِ ضروري ساڌن آهن . ٻين ڳالهين جا وهم سڀ واري ڇڏڻ گهرجن . ڀڳتيءَ جي ٻيڙ ۾ سڀ پاپ جلي وڃن ٿا .“

* * *

٢٧-٨-١٩٥١ع - اڄ پريئر وقت جڏهن امر پنهنجو نئون ناهيل راڳ ڳاتو تڏهن سائر ’واه! واه!‘ ڪرڻ لڳو . هوڏانهن ويٺلن کي اهو شعر ٻاراڻو ۽ ڪچو ٿي لڳو . نه هيس تڪن ۾ ڪو وزن ، نه وري ڪو سُر سنو ٿي لڳو . امر سان گڏجي هڪڙو ٻاهريون ستسنگي به آيو هو . انهيءَ جي منهن ۾ خاص طور شنڪا ڏسي ، سائر چيو : ”هي ٻاراڻا ٻول آتما جون اونايون آهن . وچڙيل آتما پيئي ٿي پريتم لاءِ پڪاري . حقيقت ۾ پريم کي ڪنهن طرز طريقي جي گهرج ئي ڪانه آهي ؛ پريم پاڻ هڪ عجب طريقو آهي . پريم وارن جون ٻوليون اڪثر ٻاراڻيون ٿينديون آهن . اهڙي سمجهه شل نه سکون ، جنهن ۾ پريم جي ريت وسري وڃي!“

سنڌيا کان پوءِ اسين سام سان گڏجي وياسين ۽ منشي ۽ مون ششٽانگ پرڻام ڪيو يعني ڌرتيءَ تي سڄو پاڻ نوائي نمسڪار ڪيوسين. سام مشڪي اسان تي هٿ رکيو ۽ ٿوري دير بعد چيائين: "اسين ڪهڙا نه شاهوڪار آهيون! محبت هڪ عجيب خزانو آهي. مان به توهانکي ساڳئي پريم سان پرڻام ڪريان ٿو."

مونکي به پريئر وقت اهو خيال آيو ته هيءَ آتمڪ پريم جي زندگي جيڪا اسين گهاري رهيا آهيون، سا هڪ امولڪ چيز آهي؛ پريو اسانکي هن ننڍڙي آشرم ۾ سڀ ڪجهه ڏنو آهي؛ ڪتاب پيا ٿا لکجن؛ راڳ پيا ٿا ٺهن ۽ ڳائجن ۽ آتمڪ آنتيءَ جا ٻيا ساڌن پيا مانيٽي نموني پورا ڪجن؛ هيءَ سارو پريم جو ورتاءُ پريوءَ جي ديا سان ٿئي ٿو؛ ست سنگ جو نيم رکي آتما جو سچو خزانو پايون ٿا؛ باقي ٻيو اسانکي ڇا کپي؟

سام حضرت بهاالله جي هڪ ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين: "جڏهين مان مصر جي ڪيرو شهر ۾ گهمڻ ويس، تڏهين ڪيترا ڀهائي دوست مليا جي اسانکي پنهنجي جماعت واري جاءِ ڏانهن وٺي ويا؛ انهن مان ڪيترا حضرت بهاالله ۽ عبدالبها کي چڱيءَ طرح ڃاڻندا هئا. ڳالهين ڪندي چيائون ته هڪ ڏينهن حضرت کان پڇيو ويو ته اوهانکي هن زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڇا وڻندو آهي؛ تڏهين پاڻ فرمايائون ته ٻرُ هجي ۽ ٻر ۾ گهوڙي تي سوار هجون، ڪو وفادار ماڻهو ساڻ هجي، جنهن سان الله جون ڳالهيون پيون ڪجن.- ان کان وڌيڪ ٻي نعمت هن زندگيءَ ۾ ڪانه آهي.

"ٻر ۾ هجڻ جي معني سمجهڻ گهرجي ڪوجود ٽيڻ. وفادار ماڻهو جو ساڻ هجڻ، سو آهي ست سنگ ڪرڻ يا

سچو ڏينهن الله جي تات طلب رکڻ. اهڙو ئي سک، پريم ۽ ست سنگ ۾ اسين هت ماڻي رهيا آهيون. هيءَ زندگي اسانجي، مٿن مائٽن، جات وارن کان پري، هن نئينڙي شهر ۾، سا ڪجهه اُن بر مثل آهي؛ اسانکي هن نعمت لاءِ گهڻو شڪر گذار رهڻ گهرجي. اڄ کان وٺي پاڻ ۾ پيرن ڪريو ته ڪاٿ ڪير ڪير گهر ۾ ڪاٿ ڪندا سين؛ نه ڪا ڌوئي، شنڪا يا گمان رکندا سين. ان ريت زندگيءَ کي مٺو ۽ قردار بڻائيندا سين!"

* * *

٦-٩-١٩٥١ع – هن ڊائريءَ جي آخري مٿن لکڻي ڏهه يارهن ڏينهن ٿي ويا؛ جيترو انوقت پڪو پرن پريم وڌائڻ جو ڪيوسين، اوترو ئي جلد ڪروڌ اچي اسانوٽ واسو ڪيو. ان ڪري ڊائريءَ لاءِ مون ڪي به نوٽ پاڻوٽ ڪونه رکيا. اڳئين ٻڌر واري ميٽنگ جا نوٽ پڻ ڪچا رکيل آهن، جي درج ڪري نه سگهي آهيان.

ڪروڌ جو ڪارڻ ڇا؟ انت ڇا؟ اڄ ته اڌين پيو نظر اچي، ڄڻڪ هڪ قسم جو واچوڙو يا انڌاري اچي از غيبي ڪڙڪي! اهو مونجهارو وڃڻ جي ڪري ئي ڪونه پيو. انوقت هڪ هڪ خيال ڪروڌ جو ڪهڙو نه سچو ٿي لڳو! هينئر مان ڏسان ٿي ته انهن ۾ ڪو ست يا وجود هيوئي ڪونه. هيءَ هڪ خيالي ڪوهيڙو هو جو پوءِ جلد اڏامي ويو. ڪروڌ جو ڪارڻ ڪهڙو؟ سام جي سمجهه *(Diagnosis)* موجب منهنجو حد کان گهڻو ڪم اسپتال ۾ ڪرڻ ۽ سنگ ۾ گهٽ رهڻ ئي انجو ڪارڻ آهي. ڪارڻ ڪهڙو به هجي، آهي ڪروڌ جا ڏينهن سام جي لاءِ صبر جي هڪ آزمايش ٿي پوندا آهن.

سام هڪ ڳالهه ٻڌائي: ”والٽيئر“ (فرينچ ڪوي) جي پيڻ چون ٿا ته جڏهين هو مهيني زناني مجبوريءَ هيٺ ايندي هئي، تنهن ڪان اڳ پاڻ کي پنهنجي پاڻ جي سپرد ڪندي چوندي هئي، ته ادا مان هائي نيري سمنڊ ۾ گهرڻ تي ۽ پاڻ کي، اڄ ڪان وٺي، تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيان. چون ٿا ته پوءِ هوءَ ٻالڪ جيتي ۽ ڇري ٿي پوندي ئي ۽ جڏهين وري خوش ٿيندي هئي ته ساڳي اڳي جهڙي نظر ايندي هئي. اهي ڏينهن والٽيئر لاءِ به گويا صبر جي آزمايش جا ڏينهن ٿيندا هئا.“ سام وڌيڪ چيو: ”تون به جهڙي وقت خطرناڪ لڳندي آهين. موکي خوشي آهي ته اهو وقت مون صبر ۾ گذاريو.“

مون سام کي چيو: ”مون ته هميشه لاءِ پاڻ کي اوهان جي سپرد ڪيو آهي. ڪسا پڪا سڀ تنهنجا آهيون. والٽيئر مهيني مهيني سهندو هو، اوهانکي اسانجون گهتايون عمر ڀر سهڻيون آهن.“

سام چيو: ”هر آزمايش ڀلائيءَ خاطر آهي.“

هي احوال مان سام جي صلاح سان ڏيان ٿي. هن پاڻ به پنهنجي ڪتاب 'ايئا جا آواز' ۾ پنهنجي اندروني مجبورين جا احوال لکيا آهن. سندس چوڻ آهي ته جيستائين پنهنجون گهتايون اسين لڪايون ٿا، تيستائين چوٽڪاري ڪان پري ٿا رهون. سندس هڪ لکيل نثري نظم ياد اچي ٿو: 'پنهنجا پاپ جهلي پنهنجي هٿ ۾ جڏهين تو در اچان ٿو، تڏهين ميرابون منهنجون معاف ٿيو وڃن؛ جيستائين ميرابون پنهنجون هن صفيد جامي ۾ لڪايم ٿي، تيستائين روح منهنجو تنهنجي پاڪ ڪرڻ کان پري ٿي رهيو.'

مان به هي باب پنهنجي گهتاين جو هت درج ڪريان

تي ، انهيءَ آس ۾ تہ انهن ڪان شل ايشور جلد آجو ڪريم !

* * *

انهيءَ وقت جا ڪي ويچار ياد اچن ٿا ؛ انهن شخصي ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ ان لءِ واجب سمجهان ٿي جو انهن مان جيڪو نتيجو نڪتو ۽ ان مان جيڪا واد وواد ٿي سا شايد ٻين جي اهڙن مسئلن حل ڪرڻ ۾ ڪجهہ مدد ڪري. ان وقت مون کان ڪجهہ اکر نڪري ويا جن لاءِ پوءِ مون پڇتاءُ ڪيو ۽ ڪيترا ڏڻعا سام کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪيم ؛ پر هنڪي پرچندو ڏسي وري وڌيڪ ڪروڌ بہ ڪيم ٿي. اهو منهنجو نرالو سڀاءُ آهي. هوڏانهن سام جو سڀاو بہ ڪجهہ نرالو آهي. هونئن تہ خيال جو تمام پڪو آهي، پر ٿورو ابتو اکر ڪيس چئجي تہ ٻارن وانگر هفتن جا هفتا منهن موڙي رسي ويهي رهي. مون جڏهن چيو تہ هڪ اکر لاءِ ايڏي سزا گهٽ آهي، تڏهين سام منصور ۽ جنيد بغداديءَ جي هڪ ڳالهہ ٻڌائي؛ چيائين : ” ائين برابر آهي تہ توکي ڳاريون ڪونہ ڏنيون آهن پر جنهن ماڻهوءَ سان ويجهڙائي هوندي آهي يا جنهن مان شرڌا جي اميد هوندي آهي ، ان جو هڪ ابتو اکر بہ گهاوُ ڪري وجهندو آهي ؛ منصور کي جڏهين مُلن سنگسار ڪرڻ جو حڪم ڏنو تڏهين شهر جو هرهڪ ماڻهو هنڪي پٿر هڻي ٿي آيو ؛ منصور صبر ۾ رهيو ۽ سيني جا پٿر ماٺ ڪري ٿي سنائين ؛ پر جڏهين سندس دوست جنيد شرع پوري ڪرڻ جي بهاني ڪيس هڪ گل اڇي هنيو ، تڏهين منصور کان دانهن نڪري ويئي. جنيد چيس تہ منصور ! ٻين جا پٿر ڪائي بہ دانهن نہ ڪيَءِ ؛ مون تہ فقط توکي هڪ گل اڇي هنيو ! تڏهين منصور کيس هي جواب ڏنو : ' اي جنيد!

انهن جي پٽرن مونکي ايڏو زخم نه پهچايو، جيڏو تنهنجي ڳالهه ڪيو آهي! ۽ اها هڪ حقيقت هئي، ڇا لاءِ جو جنيد عشق جي راه جو چاڻندڙ هو ۽ ٻيا اڻڄاڻ هئا، جن مان منصور کي اهڙي ئي اميد هئي!"

وڏڪ پرچائڻ وقت سام هينئن چيو: "ظاهري پرچڻ کان اڳم خيال جي شدي ضروري آهي، ڇا لاءِ جو جيستائين انهيءَ مرض جا جيوڙا من مان ڪونه نڪتا آهن، تيستائين پرچڻ کي ڪا به معني ڪانه آهي. اٿين ته مان ئي جيڪر توهانکي پيرن تي هٿ رکي پرچايان. پر جيستائين غير اچا من ۾ آهي تيستائين وري وري ساڳي هلت پيئي ٿيندي."

دونئن ته سمجهان پيئي ته هن گهر کان ٻاهر منهنجو ڪجهه به نه آهي، پر تنهن هوندي به هيءَ هڪ قسم جو ڏکو يا ايتي اچل من کي ڏٿان پيئي اچي؟

سام چيو: "جيڪڏهين تو کي دک برداشت ڪرڻ جي وڏڪ طاقت ڏسان ته مان جيڪر اچا ڪجهه ڏينهن هيءَ جهيڙو هلايان. ان مان آخر خيال جي شدي پيدا ٿيندي ۽ نتيجو اهو نڪرندو جو اڳي کان وڏيڪ هڪ ٻئي کي ويجها ايندا سين. سنساري سنبنڌ مطلب جو رهندو آهي. ڪنهن کي سک جو ڪنهن کي ٻارن نپائڻ جو ته ڪن کي مان مرجات جو مطلب گڏ رکندو ايندو آهي. پر خيال جي هيڪڙائيءَ ئي سچي پريم جو بنياد آهي. هيءُ جهيڙو به ان هيڪڙائي حاصل ڪرڻ جو هڪڙو طريقو آهي."

سام منهنجي هيٺي طبيعت ڏسي، اوچتوئي خيال جي مت ڦيري ۽ چيائين: "ڇنو پنهنجو جيتامڙي ورو سبق ٻڌاءِ! مونکي پهرائين ايترو جلد رخ مٽائڻ اهنجو ٿي لڳو، پر همت ڪري اهو ٻارائو سبق شعر جي نموني شروع ڪيم جنهن ۾

پاڻکي 'واتيرو'، 'ڪنو' وغيره چئي وينديون آهيان. انهن سيني اکرن ۾ ڪهڙو نه جادو رکيل هو! هن نمرتا جي منتر خوديءَ جا خيال ختم ڪري ڇڏيا. هونئن ته پاڻ کي هيءُ سارو انسان ٿي سمجهيم، پر انهيءَ ڏي گهڙيءَ وري پاڻ کي ٻار مثل سمجهڻ لڳس. پنهنجي حق جو خيال رکي سام سان گويا سينو ٿي ساهيم؛ هنکي پنهنجو ساٿي سمجهي، ساڻس حجت ٿي رکيم؛ ائين ڏي پنهنجو دک پاڻ ٿي وڌايم ۽ خيال جي ڪشمڪشا جاري ٿي رکيم. پر اهي خيال هڪ ئي گهڙيءَ ۾ ڪافور ٿي ويا. آها من جي حالت هينئر ڪهڙي نه اهنجي ۽ اجائي پيئي لڳي! هيءَ راه 'جيتامڙي' ٿيڻ واري سڀ ڪان سني ۽ سونجهي آهي. سچ پچ، منهنجو چا آهي حقن يا ڪمن ڪارين سان؟ مون لاءِ سام جو هٿ ۽ پنهنجي 'پئيا' يعني رام جي ديا ڪافي آهي. هي پئيا! (مان 'سوامي' فقط سام کي ڪوٺيندي آهيان؛ ان ڪري رام، ڪرشن کي 'پئيا' چوندي آهيان) مونکي طاقت ڏي ته مان وري پنهنجي نمائي ريت نه وساريان ۽ تنهنجي جيتامڙن جو به جيتامڙو ٿي رهان!

* * *

سام چيو ٿي ته جنان پريم ۽ شرڌا جي اميد هجي، ان ماڻهوءَ جو هڪ ڪوسو اکر به گهاو ڪري ٿو سگهي. مگر سام مون مان انهيءَ اند شرڌا جي طلب ڪا نه ڪندو آهي، جا عام طرح چيلا، گروءَ لاءِ رکن ٿا. ان بابت ذڪر ڪندي سام پنهنجا خيال هن ريت ظاهر ڪيا: ”شرڌا دل جي هوا آهي، جا روح لاءِ بسنت رتوءَ مثل آهي. ان ۾ جيڪو ٻج پوي، سو ضرور ڦٽي. ڪروڌ ۽ ايمان جي ڪوتاهي ان جي پيٽ ۾ ٻريٽ جي لڪن مثل آهن.

جئن لڪن ۾ بيچاري جو لسرڻ اهنجو ٿيندو آهي، تئن
شرڌا ارهٽ هو ۾، جتي ڪڙوڙ جو ڪوسو واءُ ۽ ايمان
جي ڪونپليءَ جي خشڪي رهي، گيان جو ٻج اهنجو
لڳندو آهي ۽ هو رت هڪ شيءِ آهي، ٻج ٻي شيءِ آهي
۽ پالنا يا پرورش ڪرڻ ٻج ٻئي جا ٽهن ڳالهه آهي. جيڪڏهين
شرڌا بسنت رتو آهي ۽ گيان ٻج مثل آهي ته سنڀال ڪرڻ
وارو مالهي وچي ساوڌان ويچار آهي. ويچار يعني خيال ڪبي
ضرور خبردار رکڻو آهي. ان ڪلسواءِ شرڌا بيڪار آهي. اها
شرڌا ڪبي جنهن ۾ ويچار جي شڪتي وڌي ۽ نه گم ٿي
وڃي ۽ اهو ويچار ڪبي جنهن ۾ گيان ۽ شرڌ جو هجڻ
ممڪن ٿئي."

سار هرگز ائين نه چاهيندو آهي ته اسين سندس خيال
کي ڇڏي ڏيون؛ پاڻ انهيءَ ڪروڌ روپي طوفان جي وقت
۾ چيائين ٿي ته خيال جي شدي ضروري آهي؛ پهريائين مرض
خيال مان ڪيو، پوءِ پرچڻ سٺائو آهي؛ ان بنسبت وڌيڪ
ڳالهائيندي هيئن چيائين: "اها شرڌا نيڪ نه آهي، جنهن ۾
وويڪ ۽ ويچار وڃائجي وڃي؛ مگر اها شرڌا گهرجي جنهن ۾
دل ۽ من ٻئي گڏجي اڳتي هلن. جيڪو انسان پنهنجي خيال
کي زور سان موڙي مروڙي ٻئي جي ڳالهه پاڻ کي مڃائي ٿو
۽ ٻئي جو رستو اختيار ڪري ٿو، سو ڪنهن وقت اهڙي
موٽ کائي ٿو، جو سالن جي سفر وارو طيءِ ڪيل رستو
هڪ لحظي ۾ لتاڙي پٺ تي موٽي اچي ٿو. اڪثر گرو
پنهنجي چيلن کان انهيءَ انڌ شرڌا جي طلب ڪندا آهن پر
اها شرڌا هڪ ڪچي گهڙي مثل آهي، جا وچ درياهه ۾
ٻوڙي ماري ٿي؛ وويڪ ۽ ويچار جو ٺرهو هرگز ڇڏڻ نه
گهرجي؛ ۽ نه تفاوت ٻئي ٻڌڻ گهرجي. سچي پريم کي اها

طاقت هئڻ گهرجي جو خيال جي تفاوت کي نه فقط برداشت ڪري پر انهن کي هوند همٿائي ظاهر ڪري. ڇا لاءِ جو جاڳرت خيال سان ئي زندگي ۾ ڪوجنا ممڪن آهي. ڪهڙي خبر آهي، ڪيترا هيٺيان لڪل هجي؟ ڪهڙي خبر آهي ته چيلو پنهنجي خيال مان ڪو نئون اصول يا طريقو ايجاد ڪري وجهي، جنهن مان انسان جي آتما کي ڀلائي يا آنند رسي؟ گهڻا گرو تمام وندرائيندڙ نمونن ۾ استرين يا چيلن جي شرڌا جا مثال ڏيندا آهن، جهڙوڪ گروءَ جي پنيان ڏينهن کي ڦرات سچوڻ ۽ رات کي ڏينهن چوڻ، يا آسمان ۾ خيالي هاٿي اڏندا ڏسڻ! اهڙي اعتقاد رکڻ سان ٻه شايد ڪي سنا ڦل پراچين زماني ۾ چيلن کي حاصل ٿيا هجن، مگر سچي شرڌا جي ثابتي اهڙن انڌن اعتقادن ۾ نه آهي. اها شرڌا هن ۾ آهي ته چيلو يا شاگرد پنهنجي گروءَ کي اهڙي محبت جي نظر سان ڏسي، جئن هڪ ٻالڪ پنهنجي ماتا پتا کي ڏسي يا پياسي پنهنجي پريتم کي ڏسي؛ ۽ چيلو اها گرهڻ ڪرڻ واري ٻڌي (Receptive mind) رکي، جنهن ۾ گروءَ جو ڏنل اشارو يا خيال ٻج وانگر وڃي ويهي؛ پوءِ ٻج ضرور پنهنجي جنس ۽ وڻ آهر ڦل پيدا ڪندو. هٺ يا خوديءَ وارو خيال ان جي واڌاري جي آڏو اچي ٿو. جئن زمين ۾ پڪا ۽ وڏا پٿر ٻج کي ٻاهر نڪرڻ ڪونه ڏيندا آهن، تئن هٺ ۽ خوديءَ واري سخت تهه گيان جو واڌارو بند ڪري ڇڏيندي آهي. البت جيڪڏهين ٻج گرو سادو وجهندو ته ائين لازمي نه آهي، نه وري سنيهو آهي ته ان مان چيلو مٺا ڦل پيدا ڪندو. شرڌا جو مطلب اهو نه آهي ته گروءَ وٽ هجي ڪجهه ڪين تڏهين به چيلو انکي سڀ ڪجهه سمجهي ويهي ۽ اکيون ٻوٽي پيو سندس پٺيان هلي. شرڌا ٻهار جي مند مثل آهي

مگر ٻج کان سواءِ فقط مند جو اچڻ ٻرن ۾ باغ لائي ڪونه
ڇڏيندو . شرڌا فقط ان لاءِ ضروري آهي ته گيان جي ڏي وٺ
آسان ٿي سگهي . مگر گروءَ وٽ گيان جو ٻج ئي نه هوندو
ته شرڌا به بيڪار ويندي . ٻرن مٿان ڪئين بهارون ائين ئي
گذريو وڃن ؛ پائي ۽ ٻج بنا سلو نه اسري !"

* * *

٧-٩-١٩٥١ع- مون منشي کي چيو ته هينئر هي چولو
مٽائڻ گهرجي يعني شرير تياڳ ڪرڻ گهرجي جو حياتيءَ ۾
مزو ڪونه ٿو اچي. سائن تنهن تي چنبيو ۽ چيائين : "چرچي
۾ به ڪجهه خيال دهرائڻ چڱو نه آهي ، ڇا لاءِ جو انهيءَ
نموني اهڙا خيال گهر ڪري ويندا آهن ؛ مغز ۾ هڪ قسم
جو چڪر ٺاهي ڇڏيندا آهن ، جنهن کين ڪڍي ڇڏڻ تمام
اهنجو ٿي پوندو آهي . هينئر اهي ڳالهيون ڪجهه چرچي ۾
۽ ڪجهه سايا طور چئو ٿا ، مگر انهن جي گهٽي دهرائڻ
سان سچ پچ آداسائي ۽ نا اميدي ظاهر ٿي پوندي، جا هرگز
جائز نه آهي ؛ اسانکي هر رنگ ۾ راضي رهڻ کپي ۽ زماني
مان بيزار ٿيڻ جهڙا خيال يا پاڻ مارڻ جهڙا ويچار رکڻ نه
جڳائن . جيڪڏهن هن وقت کي ڳالهيون اسانجي من گهرڻي
مطلب موجب نه آهن ته شايد هن کان پوءِ ٿين . پر جي منجون
مرادون نه به پوريون ٿين تڏهين به انسان جو صبر ۽ سهن
شيلتا اجايو ڪونه ويندو آهي. ڪٿي نه ڪٿي وجهي سندس
سچائي اثر پيدا ڪندي آهي."

* * *

٨-٩-١٩٥١ع- اڄ وري مون کان ساڳيا لفظ چولي ڇڏڻ
بابت بنا ڪنهن گوڙهي ويچار جي ، عادت طور ، نڪري ويا.
سائن وري اهي ٻڌي ورتا ۽ ٿوري دير بعد چيائين: "هي اجو ڳ،

خيال ڇو تنهنجي من ۾ ويهندو ٿو وڃي؟ تون پاڻ کي 'جيتاڙو' ٿي سڏائين. ٻار ٻه ڪڏهن راند مان ڏکيا آهن ڇا؟ هي زندگي هڪ راند آهي. همت ڪنهن شئي کي ٻڌا نه آهي. هي فقط هڪ کيل آهي، جنهن جو ڪو ٻه نتيجو اسانجي آتما سان ڪونه ٿو وڃڙي. هيءَ پريوءَ جي ليلا آهي! انکي اها ليلا وٽي ٿي. ڇونه اسين ٻه ان راند ۾ خوشيءَ سان پنهنجو ڀاڱي وٺون؟ هن ڪان وڌيڪ اهنجا ۽ اڪيلائيءَ جا وقت اڳي گذاريا اٿئون. پوءِ هينئر هيءَ اداسائي ڇو پيدا ٿي آهي؟ اڄا اسان پنهنجي زندگيءَ جو سنيهو پهچايو ئي ڪونه آهي؛ هن راند ۾ ڏنل پارٽ پنهنجو اڄا ادائي ڪونه ڪيو اٿئون؛ پوءِ اڳ ۾ نراسائي ڇا جي؟ هي خيال، هي اڻ ڇپيل ڪتاب اسانجا، هي آدرش آشرم واري زندگيءَ جا، - سي فقط پنهنجي لاءِ نه سمجهه؛ مگر اهي سڀ امانت ڪري اسانکي پهچائي ڏيڻا آهن. جي هيءَ راند نه پر هڪ جنگ ڪري ڏسي سمجهين، تڏهين ٻه پنهنجو پارٽ ضرور ادا ڪرڻو آهي. ڪنهن سپاهيءَ کي جنگ جي وقت ۾ ڪو ڪم سونپيو ويندو آهي؛ ڪو سامان يا ڪو ڪاغذ ڪنهن ضروري رٿ جو مرڪز ۾ پهچائڻو هوندو آهي، ته پوءِ هو دشمن جي حدن ۾ ٻه ڪاهي وڃي پنهنجو مقصد پورو ڪري ايندو آهي؛ تيستائين فقط انتظاري رهندي اٿس ته جڙرو رهان، جيستائين اها امانت پهچائي. تيئن اسانکي ٻه پنهنجي سنيهي پهچائڻ لاءِ هن ڏاريئي شرير کي نيڪ رکڻ جي انتظاري رکڻ گهرجي. ڇا لاءِ جو هيءُ آتما جو اوزار آهي. جنگ جي وقت ۾ ڪنئين مثال ٻڌبا آهن؛ اهڙو سونپيل ڪم ڪو سپاهي پورو ڪري پوءِ مرندو آهي ته هو خوشيءَ سان پران تياڳيندو آهي. هنکي ان بعد مرڻ ڪان ڊپ ڪونه رهندو آهي؛ تيئن اسين ٻه خوشيءَسان پنهنجا پران

تڏهين تيا گهيندا سون جڏهن هي سونپيل ڪم پورو ڪري وجي ٻئي پار پهچندا سون . تيستائين هيءَ حياتي ملهائتي سمجهڻ گهرجي . تنهن ڪري دلگير نه ٿيءُ ! پنهنجو آدرش هرگز نه وسار ! اڄ ته ان خاطر جئون ۽ ان خاطر ئي مرڻ لاءِ تيار رهون !"

سام جي انهن اکرن مونکي گهڻي تسلي ڏني. جيتوڻيڪ اهي نا اميديءَ جا اکر مون کهن گنڀير خيال ڪانسواءِ ئي چيا هئا ، تڏهين به سمجهان ٿي ته اهي ڪچا خيال هئا . اسانکي برابر هڪڙو وڏو ڪم سونپيل آهي ؛ مونکي ته سام سان گڏ ڪو پارٽ ادا ڪرڻو آهي ؛ اها ڳالهه روز روز وڌيڪ چٽي ٿيندي پيئي وڃي .

* * *

اڄ ڀاڳوت ۾ ڪرشن جنم بابت پريئر وقت ٽڪرو پڙهيوسين . ان ۾ لکيل هو ته جڏهين شيام سندر جنم ورتو تڏهين پکي ، وڻ ٽڻ ، ٻوٽا سڀ خوش ٿي نظر آيا ؛ ميوه جا وڻ وڌيڪ قل ڏيڻ لڳا ، وغيره وغيره ! سام اهو ٽڪرو جڏهين ٻڌو تڏهين چيائين : " هيءَ ڪوڙي ڪٿا سمجهڻ نه گهرجي . اسين گهڻو وقت پنهنجو ٻيروني دنيا ۾ ويتيت ڪريون ٿا ؛ اندروني يعني خيال واري دنيا ٿوري ڪا ڏسون ٿا ، نه ته اها ڳالهه سمجهڻ جيڪر اهنجي نه ٿئي ته خيال جو اثر ٻيروني دنيا تي ڪيڏو پوي ٿو . هڪ صوفي فقير چيو آهي ، 'هان پيي اِڪ خيال ، ليسان پيي نال خيال دي'. تيئن هڪ ولايت جي فيلسوف اسپنوزا چيو آهي؛ *Cogito Ergo Sum* يعني مان خيال ڪريان ٿو تنهنڪري مان آهيان ! مطلب ته زندگيءَ جو مرڪز خيال آهي . خيال تي انساني جيوت جو دارو مدار آهي . جڏهين خيال جو مالڪ ، يعني ست چت

آنند سروپ پرم آتما جنم وٺي ٿو تڏهين ڌرتيءَ تي يا آس پاس جنم واري آستان حي ڪٿن نہ اُن آنند جو اثر پوندو؟ سڀ ڪنهن شيءِ جو رخ ڪنهن وڏيءَ آتما جي اثر هيٺ منجهي وڃيٿو. وڏن اوتارن جي تہ ڳالهہ ئي نرالي آهي."

پوءِ سام پنهنجو هڪ مثال ٻڌايو ۽ چيائين: "اسين سڀ ان هڪ شڪتيءَ جا روپ آهيون. ان ست چت آنند ساگر مان پيون ٿيون روپ جون لهريون اٿن ۽ جيوت جي ڪناري تي لڳن؛ روپ جي لهر ڪا ننڍي آهي، ڪا وڏي؛ مگر اصل نسل سيني جو هڪڙوئي آهي. ٿورا ڏينهن اڳ جڏهين ڊپٽي صاحب وٽ ڪي ڪلام ٻڌي رهيا هئاسين تڏهين سماڌيءَ ۾ اچي ڪري منهنجي من ڪسي گهڻو آنند مليو. پڇنيڪ اهي ماڪپائي هئا جن جو ڪٿين پيرا اڳ را ڳ ٻڌو هيوسين. مگر مان سمجهان پيو تہ منهنجي سماڌي وارو آنند فقط مون تائين محدود نہ هو پر چوڌطرف پکڙيل هو. جاڳڻ تي هي خيال دل تي آيو، تہ ڏسان تہ منهنجي آنند جو اثر ٻين تي بہ آهي جا؟ اڪ قيراڌي ڏٺم تہ انهيءَ آنند جو اثر سڄي سنگت تي نظر آيو. پوءِ منشي چيو تہ توهان بلڪل سماڌيءَ ۾ هيو؛ ويٺلن مان ڪيترا توهان ڏانهن نهاري رهيا هئا. هن جو مطلب اهو نہ آهي تہ اهو مزو هر ڪو پرو مون مان پيدا ٿيو هوندو؛ مگر ايترو ظاهر آهي تہ اهو آنند ڪٿان بہ پيدا ٿئي تہ انهيءَ جو اثر چوطرف ڇانئجي وڃيٿو. اها هڪ اندروني تجربي جي ڳالهہ آهي. مگر هي ڳالهہ علم موجودات (Physical Science) ۽ علم ڪيميا (Chemistry) جي اصولن موجب پڻ ممڪن آهي. چا لاءِ جو ڪنهن بہ مواد يا اصل ذاتوءَ جو اثر ضرور چوطرف وڃي ٿو ۽ سڀ

ڪي پنهنجو پنهنجو ڪيتر (Field) آهي؛ يعني انهن ڪي پنهنجي پنهنجي اثر جو دائريو آهي. پوءِ پورن خيال ۽ پورن پريم جو اثر ڪيترو نه دور دور پکڙبو هوندو!

” اهڙي طرح گهر ۾ پڻ سنڌيا ڪان پوءِ جڏهين من ۾ اهو مها آنند محسوس ڪريان، تڏهين توهان سڀني جو گڏجڻ ۽ سنڌيا ڪان پوءِ نمسڪار (جيڪو اسين هڪ ٻئي ڪي ڪندا آهيون) سو وڏيڪ پريم سان ڀريل هوندو آهي؛ مان ائين سمجهندو آهيان ته اهو اثر من جي ايڪاگر ٿيڻ مان پيدا ٿئي ٿو. ٻاهرين حالتن ۾ ان جي پيدا ٿيڻ جو خاص سبب نظر ڪونه ايندو آهي. جهڙيءَ طرح هڪ ڪروڙي ماڻهو ڪروڙ جو پاپ پيدا ڪري سڄي گهر جي وايو منڊل کي خراب ڪري سگهي ٿو، اهڙيءَ طرح ايڪاگر من پاڻ آنند پائي ٻين کي پڻ آنند روپي بڻائي سگهي ٿو. ڪڏهين ڪڏهين وڏيون آتمائون نه فقط آس پاس واريءَ زندگيءَ تي جهڙن ۾ وڻ، ٻوٽي، جانور وغيره اچي وڃن ٿا، پر دنيا سڄيءَ تي پنهنجو اثر ڦهلائن ٿيون؛ جئن ڀاڳوت ۾ هينئر اسان ڪرشن جنم بابت پڙهيو. ڪجهه قدر اهڙو اثر مون ٻه دفعا خاص طرح ويجهن سالن ۾ محسوس ڪيو آهي.“*

---

* هنن ڳالهين جو ذڪر ڪجهه شايد وهم خيز لڳندو هجي پر مونکي ياد آهي ته سام هٽلر ۽ گانڌيءَ جي مرڻ وارن ڏينهن تي اخبارن يا ريڊئي جي خبر کان اڳي ۾ ئي اهڙي اثر جو ذڪر موسان ڪيو هو؛ هٽلر جي هار ۽ گانڌيءَ جي مرتيو جو احوال پوءِ اسانکي مليو. هن فقط ائين ٿي چيو ته دنيا جي مٿان شانتي ڇانيل ڏسُ. ياد رهي ته هٽلر جي ختم ٿيڻ بعد جنگ جلد ختم ٿي ويئي هئي ۽ مهاتما گانڌيءَ جي شهيد ٿيڻ بعد فرقوار فساد ڪجهه عرصي لاءِ ختم ٿي ويا هئا.

اڄ برسات اوچتي اچي ڪڙڪي. سام منشي ڪي سامان سهيڙڻ وغيره سنها ٿلها ڪم ٿي ڏسيا، جئن برسات سبب ڪو نقصان نه ٿئي. گرڌاري، جو ويجهو رنڊ پڇاڙ جي ڄڻ ۾ وينو هو، تنهن منشي کي چئي ڏنو ته مان هت چڱو وينو آهيان؛ جيڪو ايڏنهين يعني (اسانجي اڱيان) ويهي ٿو سو چڱ جبل ۾ آهي؛ اسان هت سکيا وينا آهيون! اسان سيني اهي اکر ٻڌي ورتا. گرڌاري جيتوڻيڪ اهي لفظ کلندي چيا تڏهن ٻه مونکي سندس بيجاء ڳالهائڻ جو طريقو نه وڻيو. مون ڪيس چينيو، پر سام چيو: ”ويچارو سچ پيو چوي. اسان جي اڳيان جيڪو آهي تنهن کي آرام ڪرڻ جوئي وقت ڪونه ٿا ڏيون. پر ياڻي گرڌاريمل! حياتيءَ ۾ ڪجهه پيرائي ٻه اهو ٿو جيڪو پنهنجو سڪ ڦنائڻ سکي ٿو. اها ٻه هڪ زندگيءَ جي ترتيب اٿيئي. ڪڄ باه مان نڪري پوءِ ڏسي سچو سون ٻڻي ٿو. ائين ٿي پيڙيءَ ۾ بند واري ڳالهه ڪندا آهن: بند پڇيو پيڙيءَ کان، جهڙو ڪاٺ جو مان تهڙي آهين تون؛ پر تون ترين تي پاڻيءَ تي ۽ مان پيو ٿو غوطا کاوان! سو چو؟ پيڙيءَ وراڻي ڏني ته مان ٻه پهريائين تو وانگر بند هيس؛ پوءِ مونکي ڪٽي ويا ڪارتين وٽ؛ انهن اچي مون ۾ ڪرت وڌا ۽ چيري ڪيائون ڦاڪون؛ تنهن کان پوءِ ٻڪڻ واهولا وسايا؛ پوءِ رندو هٽي چمڙي چليائون؛ لوه جون ميخون هٽي ڪرندو سرندو ڪري اڄها هيءَ پيڙيءَ جي صورت ڏنائون. ايترا سور سهي، پوءِ ڏي مان ترڻ سکي آهيان! شاهه جو بيت آهي:

”سور سهنديون جي، پسنديون پرين سي هوت ڪي.“

* * *

٩-٩-١٩٥١ — ڪچا نوٽ جيڪي بڌر جي ميٽنگ جا

مونوت رکيل هئا، جن جو مون هن کان اڳ ذڪر ڪيو آهي، سي هن ريت آهي:

مون سام کان پڇيو: ”اڳئين ميٽنگ ۾ جو رشي پتنيءَ بابت هڪ ڳالهه ڊپٽي صاحب ڪتاب مان پڙهي ٻڌائي هئي ته رشيءَ جي سنياس وٺڻ بعد سندس استري پتنيءَ جي گيان آزمائڻ لاءِ نئون روپ ڌاري سندس آستان تي آئي ۽ پهريائين سائس پريم ڏيکاريائين جنهن تي رشيءَ چيو ’هري اڇا‘؛ پوءِ جڏهن ٻئي سان پريم رکيائين تڏهين به رشيءَ چيو، هري اِڇا؛ پر جڏهن انهيءَ ٻئي پريميءَ کي گڏ وٺي اچي رشيءَ وٽ رهايائين ته رشيءَ پنهنجي هري اِڇا، يعني سڀ سنڪار ڪرڻ وارو اصول ڇڏي، هنکي گڏ رهائڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ ڳالهه تي توهان ۽ ڊپٽي صاحب اهو رايو ڏنو هو ته اتي رشي پنهنجي آدرش کان ڪري پيو. ڇا لاءِ جو منڊ کان جيئن پاڻ پريم رکڻ وقت يا استريءَ جي ٻئي سان پريم ڪرڻ وقت، هري اڇا ڪئي هئائين، تيئن هن نه ڪيو، جو ڪيس ساڙ ٿيو. مان پڇڻ چاهيان ٿي ته توهان پاڻ جيڪر اهڙي حالت ۾ ڇا ڪريو.“

سام ورائيو: ”هن ماحول ۽ هن زندگيءَ ۾ اها ڳالهه اهنجي سمجهجي ٿي ڇا لاءِ جو لوڪ جي مريادا ناس ٿيڻ جو سوال اٿين ٿئي ٿو. جڏهين ڪُڏ تان اسانجو نوڪر ڪو سامان هيٺ لاهيندو آهي تڏهين انکي چوندا آهيون تہ ڏينهن ڏني جو مٿي نه چڙهه، ڇا لاءِ جو پر وارن گهرن ۾ پڙدي وارا مسلمان رهندڙ آهن؛ جئن مٿن ڪنهن جي نگاه نه پوي، مگر اسين پاڻ پڙدو ڪونه ٿا رکون ۽ ڏسڻ وائسڻ کي پاپ ڪونه ٿا سمجهون. اهڙيءَ طرح پيا ڪيترا ڪم پڻ اسين ڪريون ٿا جي اسانکي نا ضروري لڳن ٿا مگر لوڪ لڇا پيا

لوڪ جي مريادا قائم رکڻ جي لحاظ کان ضروري سمجهون ٿا. ان ۾ هي راز رکيل آهي ته سڌارڪ کي لوڪ جي اوستا موجب سڌاري جي رٿا رکڻ گهرجي ۽ نه وڏيڪ قدم کڻي سڌاري کان نفرت پيدا ڪرڻ گهرجي. سري رامچندر جن سيتا کي باهه مان گهمائي سندس پريکشا ورتي هئي، نه پنهنجي لاءِ پر لوڪ جي مريادا رکڻ جي ڪري. ڪين سيتا جي پوترتا جي دلي خاطري هئي. پر انوقت جي مريادا موجب وري هڪ خسيس ڌوٻيءَ جي نڪته چيني سڻڻ سان پنهنجي پتنيءَ کي نيڪالي ڏيئي ڇڏيائون، ڇا لاءِ جو سوريه ونسي راجائن جو اهو ڌرم هو ته ٻئي جي قبضي ۾ آيل استري پنهنجي رڻ واس ۾ نه رکن؛ سا گهيو سوال اڄ ڪلهه جي حالتن ۾ مريادا جو هت به اتي ٿو. جيڪڏهين ڪو به جوڙو اهڙي ڪليل آزادي وٺندو ۽ لوڪ جي مريادا جو خيال نه ڪندو ته هو ڏوهاري سمجهبا. برابر ست لوڪ، لوڪ لڄا جي پرواه نه ٿا رکن ۽ جڏهين ضروري سمجهن ٿا تڏهين پنگتي بندنن کان ٽپي پار پون ٿا؛ پر هرويرو لوڪن کي ڪنهن به قسم جو ڌڪڪو ڏيڻ سو هو فرض نه ٿا ڄاڻن. جيڪڏهين اسين هڪ آشرم ۾ هجون جتي فقط پنهنجي روحاني مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ لڳل هجون ۽ اتي اهڙو سوال ڪنهن به آشرم جي ميمبر جو اٿي، ته ان کان جيڪر نفرت نه ڪريون، بشرطيڪ هن اها آزادي ايمانداريءَ وچان يا اصولي مجبوريءَ وچان اختيار ڪئي هجي. اهڙو اونچ مثال اڄوڪي زماني جي هڪ دوست جي واتان مون ٻڌو. اهو هڪ انگريز ڊاڪٽر جو مثال هيو جو هڪ آدرشي انسان هو. هن ملڪ ۾ ڪجهه وقت اڳ هو رهندو هو ۽ منهجو به واقف هو. هو پنهنجي گهرواريءَ جي بي غيرتي هلت نه فقط

برداشت ڪندو هو ۽ سندس دوستن کي گهر ۾ اچڻ وڃڻ ڪان روڪ ڪانه ڪندو هو مگر ڪيس پنهنجو عمر جو ساٿي سمجهي، ساڳئي ئي پريم جي ڀاو سان هلائيندو رهندو هو ۽ خود انهن اعتراض جوڳن ناتن ۾ ڪيس ڪجهه مدد ڪندو هو. پنهنجي عورت جي اچڻ وقت هو پاڻ پري رهي ڪيس جاءِ نوڪلي ڪري ڏيندو هو. انهيءَ ڳالهه جي خبر جلد ان ڊاڪٽر جي دوستن کي پنجي ويئي، جن جي خيالن کي گهڻو ڌڪو رسيو، جيتوڻيڪ انهن سان ڪي ٿورا سندس اعليٰ خيال سمجهي، دل ۾ هن لاءِ عزت رکندا هئا.

”هڪ وڏي فرينچ عالم جي ڳالهه ياد اٿم، جنهن سان پنهنجو گهاٽو ناتو هو. هو پنهنجي استريءَ جي پچائيندڙ يا ريبندڙ کي پنهنجي وڏي ڀاءُ وانگر ڪري ڏسندو هو ۽ مونکي ائين چوندو هو ته هُو (سندس زال جو ريبندڙ) هڪڙو مهاتما آهي، جنهن کي ڪو پاپ لڳي نٿو سگهي؛ جيتوڻيڪ هنکي اها خاطري هئي ته سندن ناتو زال مرد جو ٿي چڪو هو.“

ڊپٽي صاحب چيو: ”جيڪڏهين ڪنهن آشرم ۾ اها ڳالهه روا ٿي سگهيئي، ان ڪري جو اهڙي آشرم شهر کان ڏهه يا ويهه ميل پري آهي يعني ان ڪري ته آشرم واسين جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو اثر شهر نواسين تي ڪونه ٿو پوي، ته پوءِ ان اصول موجب، پورو لڪ هجي ته، گهر ۾ بـه اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون، بشرطيڪ انهن جو اثر ٻين ماڻهن تي نه پوي!“

سام ورائيو: ”پهريائين سمجهڻ گهرجي ته هي گهڻي ڀاڱي هڪڙو سڪولي سوال آهي، جيتوڻيڪ اتفاقاً اهڙا مثال حياتيءَ اندر بہ پيدا ٿي سگهن ٿا. مگر جنهن صورت ۾ سوال اٿاربو اٿو ته پل انکي چڱيءَ طرح ويچار ۾ آڻيو. هت فقط

لڪ جو سوال نہ آ ھي ؛ ھن سان گڏ ماڻي ۽ ٻنگتي سوال ٻڻ آٿن ٿا . جيڪڏھين عام طرح لوڪن لاءِ ايتري آزادي شادي ۽ ڇم (sex) جي ڳالھين ۾ روا ڪجي تہ اھڙي آزادي وارن جي پئدائش ڪيڏانھن وڃي ؟ سندن ٻار ڪير پالي ؟ اُن حالت ۾ جيڪر سچو گھرو، ماڻي ۽ ٻنگتي سرشتو دنيا جو ڦيرڏو پوي ؛ تنھن ڪري وڏي پئماني تي ايتري آزادي نہ ڪو طلبيندو ۽ نہ ان مان چڱائي پيدا ٿيندي . ٻنگتي ٻوترتا جي قائم رکڻ واري خيال ڪان ٻڻ اھڙي روش خراب ليکجڻ ۾ ايندي ڇا لاءِ جو ان مان ڪتنب جي ٻوترتا، مريادا ۽ ريت رسمن تي اثر پوندو . ازانسوا ڪتنب جي آدرش، يا وڏن جي اختيار ڪيل اصولن ۾ فخر ڪو نہ رھندو . ان تھذيب جو قائم رکڻ ، جنھن ۾ ڪيترا ملھائتا آزمائش ۾ آندل گڻ سمايل رھن ٿا ، مشڪل ٿي پوندو . ”

ڊپٽي صاحب چيو : ” مگر برھم گيان واري لاءِ اِھي سڀ ڳالھيون تچ آھن . ھن لاءِ جھڙو ھي ورن تھڙو ھو ؛ جھڙو ھي ڪتنب تھڙو ھو . ”

سام وراٽيو : ” متين قسم جو ورن سنڪره ھڪ ٻنگتي پاپ ڪري سمجھڻ گھرجي . ڪن ولايتن ۾ ڪجھ وقت ٿيو تہ (Eugenic Marriage) يعني جسماني وصفن جي چونڊ واري اصول تي شاديءَ ڪي ھمتاڻڻ جو تحرڪ شروع ٿيو ھو ، ان لاءِ تہ قوم ۾ جيڪي سنا ٻج يا سنا گڻ ھجن ، سي قائم رھن ۽ بيماريءَ وارن انسانن يا ذليل انسانن تي شاديءَ جي بندش پوي؛ مان سمجھان ٿو تہ آري قوم بہ ورڻن جو گڏجي وڃڻ ان لاءِ روڪيو ھو تہ جيئن گھٽي مڪسچر ۾ اونچا قومي گڻ گم تي نہ وڃن، جن تي قوم جي سيپتا جو دارو مدار آھي .

اسين ورڻ بنسبت انهيءَ قسم جون پابنديون اچوڪي زمانــي
۾ قائم رکڻ نٿا گهرون ، پر ذکر ڪيل آزادي رشي پتني
واريءَ ۾ سنساري ماڻهن لاءِ ڪٽنب ۾ يڪوجودي قائم رکڻ
جو سوال اٿي ٿو ، - جيڪا يڪوجودي ڀاتين جي هڪ ٻئي
ڏانهن شرڌا ۽ سنيهه رکڻ لاءِ يا ڪٽنب جي مالي ، دماغي
۽ روحاني ڪماليت لاءِ ضروري آهي . اهـو رشي پتني وارو
مثال سڀ ڪنهن لاءِ آدرش ٿـي نٿو سگهي . خـاص ڪري
اسانجي آري قوم (جنهن ۾ ملـڪ جـون گهڻو ڪري سڀ
جاتيون اچـــي وڃـــن ٿيون) جـي جوڙ جڪ واري اصول
جي خلاف آهي . پـر آشرم معنيٰ هڪ خيال جي ليباريٽري ۽
اٿي خيال جي سيني عملي صورتن جي آزمائش ٿـي سگهيٿي .
جئن هڪ ليباريٽريءَ ۾ سائنس جـون نيون کوجنائون آزمائي
سگهجن ٿيون ۽ اهي جيوت جي جوڙ جڪ ۾ ، صحت ، تعليم ،
ڌنڌن ، ڪارخانن ، بچاءَ جي محڪمن وغيره ۾ ، آزمائش ڪان پوءِ ڪي
ڪم اچن ٿيون ، تئن آشرم ۾ نوان خيال اهڙي آزاديءَ جا
پيدا ٿين ته انهن جي ڇڪاس يـا انهن جي نتيجن جي پيٽ
آشرم اندر ئي ڪري سگهجيٿي . اُنهن ڪنهن کي به حق نـه
آهي ته اهي آشرم ۾ برداشت ڪيل يا خاص حالتن ۾ اجازت
ڏنل ڳالهيون ، عام پبلڪ ۾ اختيار ڪرڻ لاءِ پيش ڪري .
مثلاً اڄ ڪلهه ننگن جا ڪلب (Nudist Club) ولايت ۾
کليا آهن ، مگر عام طرح سرڪاريون لوڪن کـــي پبلڪ
جي اڄ وچ وارن هنڌن تي ننگي گهمڻ وغيره جـي اجازت
ڪونه ٿيون ڏين . هڪ آشرم يـا ڪلب جـــي نرالي ڳالهه
آهي . آشرم جي معنيٰ آهي اجهي جي جاءِ ، جتي ڪو بـه
جيءُ اجهو پائي سگهيٿو . اسپتال ۾ جئن وچڙندڙ بيمـــاريءَ
وارن لاءِ جدا بندوبست ٿي سگهي ٿو تئن آشرم ۾ پڻ اهڙن ماڻهن

لاءِ ، جن جي عام طرح هلت ابتي يا خطرناڪ نظر اچي ، جاءِ تي سگهيتي . اتي جيڪڏهن اهڙو ڪو روحاني ڏول جي ابتڙ دل ۽ دماغ وارو انسان (Freak) اچيتو ته انهيءَ کي ان محدود دائري اندر ، جئن وچڙندڙ مرض جي ٻيمار کي اسپتال ۾ ، منهن ڏيئي سگهجيتو . ائين برابر آهي ، ته جيڪڏهين اها آشرم شهري زندگيءَ کي تمام ويجهي آهي ، جتي عام ماڻهن جي اچ وڃ گهٽي آهي ته ، اتي اهڙا طريقا برداشت ڪرڻ اهنجا تي پوندا .“

ڊپٽي صاحب چيو : ” ائين ته وري هي سوال ٻه ڳجهي طرح ويچار ڪرڻ گهرجن .“

سام چيو : ليڪ اتپتيءُ جو هڪ اصول آهي . جيڪڏهين اهڙن خيالن ۾ ڪا آخري چڱائي آهي تڏهين ٻه آهي ضرور پهريائين لڪل ۽ نندي پشماني تي رهڻ گهرجن . قدرت پاڻ ڪيتريون نيون ڳالهيون آزمائي رهي آهي ، پر زندگيءَ ۾ عام طرح ايجاد انهن جو تڏهين ٿئي ٿو ، جڏهين عام جي لاءِ فائدي واريون ثابت ٿين ٿيون .“

انجنير صاحب چيو : ” اوهان اڳي لڪ کي پاپ ٺهرايو آهي . هينئر چئو ٿا ته لڪ پاپ نه آهي پر قدرت جو هڪ اصول آهي !“

سام چيو : ”مون لڄ کي پاپ چيو هوندو يا اهو ليڪ جو ڪوڙ جي بچاءَ خاطر رتيل آهي . رواجي طرح لڪ زندگيءَ جو هڪ اصول آهي . ٻج سلي جي صورت ۾ پهريائين ڪرنبڙو تيو ڌرتيءَ هينان لڪل رهيتو . جڏهين هوا ۽ اُس ڪانئڻ جي طاقت ٿئيس تي تڏهين ڌرتيءَ ڪان نڪري ٻاهر ٿئي ٿو . اهڙي طرح قدرت جا وڏا کيل ۽ انسان جا وڏا اورچائيءَ جا ڪم پهريائين لڪل رهن ٿا ۽ پوءِ جوڳي

وقت تي، دنيا ۾ ڦهلجي وڃن ٿا. انريٽ جيمس ڪرائيسٽ هڪ غريباڻي گهر جي اونداهي واڙي ۾ ڄائو؛ سري ڪرشن قيد خاني ۾ ڄائو ۽ محمد صلعم هڪ ڇورو ٻار ٿي رهيو! انهن جا هلايل مذهبي تحرڪ به رفته رفته زور ۾ آيا."

ڊپٽي صاحب پڇيو: "پلا اهو ٻڌايو ته جيڪا ڳالهه ٿئي، لوڪن ۾، عمل ۾ آڻڻ جوڳي نه آهي سا! ڇو نه هت بحث هيٺ پڻ نه اچڻ گهرجي؟ متان ڪو گمراه ٿي پوي!"

سندس اهو به خيال هو ته ڪي ڳالهيون مذهب جون اندروني آهن ۽ سڀ خيال عوام جي اڳيان رکي نٿا سگهجن.

سام چيو: "توهان جو خيال ڪجهه قدر صحيح آهي پر هيءَ منڊلي هڪ خيال جي ڇڪاس ڪرڻ جي جاءِ آهي. پارليامينٽ ۾ تقرير جي آزادي آهي. مگر ساڳيون ڳالهيون پارليامينٽ کان ٻاهر ڪرڻ ڪڏهن قانون شڪني بڻجي سگهن ٿيون. هيءَ به هڪ خيال جي ڇڪاس جو سڪول ڪري سمجهو. البت هترادو طرح ڇيڙيل بحث ۾ مونکي مزو ڪونه ايندو آهي. پر جيڪڏهين ڪو دلچسپيءَ جهڙو سوال پيدا ٿئي ته اُن کي چڱيءَ طرح ڇڪاسڻ ۾ ڪو گناهه نه آهي."

صوفي صاحب چيو: "گناهه جو سوال اٿاريو اٿو! ان بابت مان پڇڻ ٿو چاهيان ته گناهه ڇا آهي؟"

ڊپٽي صاحب چيو: "اهوئي ته مونجهارو آهي، هڪ جو گناهه ٻئي لاءِ ثواب آهي. چور ڪنهن جي ڇنگهه وڍي ٿو ته گنهگار ٿئي ٿو پر ڊاڪٽر ڪنهن مريض جي ڇنگهه وڍي ٿو ته پاڻ هن کي اجورو ملي ٿو!"

سام چيو: "گناهه ارادي سان شامل آهي. ملڪي قانون توڙي الاهي قانون اُئين مڃي ٿو، جئن ڇنگهه وڍڻ جي مثال مان ڏٺو. پر ڪي ڪم اهڙا آهن، جيڪي خراب ارادي

شامل نہ هوندي بہ گناه تي سگهن ٿا ۔ مثلاً جَهل وچان ڪو زبردست حاڪم شخصي آزادي ملڪ جي گم ڪري ڇڏي ٿو ؛ هو ان ۾ عوام جي ڀلائي سمجهي ٿو ، پر حقيقت ۾ اها برائي آهي ۔

” در حقيقت جهل گناه نہ پر هڪ مرض سمجهڻ گهرجي. البت مرض برداشت ڪرڻ يا پيدا ڪرڻ خود گناهن ۾ شمار ٿي سگهيٿو ۔“

انجنير صاحب چيو : ” گناه جي سزا ڇا آهي ۽ اها ڪٿي ملي ٿي ؟“

سام چيو : ” اها ڳالهہ اڳ بحث هيٺ آيل آهي ۔ ان بنسبت مون چيو هو تہ ڪرم جو ڦل از خود ۽ اتي جو اتي پيدا ٿئي ٿو ۔ سو هڪ ڳنڍيل زنجيرءَ مثل يا مس-ڇڻي تي ، مس جي وڏنڌڙ آلاڻ مثل، لاڳيتو ۽ ڳنڍيل سمجهڻ گهرجي. زنجيري بہ جدا جدا پرزن يعني ڪڙين جي ٺهيل آهي ، مگر ڪرم جو ڦل اهڙو تہ ڪرم سان ڳنڍيل آهي ، جو منجهن هڪ وار جي بہ وٿي نہ آهي ۔“

ڊپٽي صاحب چيو:” تڏهين سزا ڇا ڪي ٿو ڇئجي ۽ گناه کان سزا جدا آهي يا نہ ؟ “

سام چيو : ” سزا گناه منجهہ ۽ پوءِ وڏنڌڙ گناهن جي صورت ۾ اچيٿي. بڇڙائيءَ جي سزا آهي اتي جو اتي خوشيءَ جو هڻڻ ؛ زندگيءَ جي جرن جو گويا سڪي وڃڻ؛ تيج ۽ تاثير جو گهٽجي وڃڻ ؛ مطلب تہ زندگيءَ جو اڻپورو رهڻ ۽ ان جي سچيءَ خوشيءَ کان انسان جو محروم رهڻ ئي جرم جي سزا آهي ۔ ڇا اِها ڪنهن بہ گناه جو ڪائي عوض نہ آهي ؟“

انجنير صاحب چيو : ” ائين نہ آهي ڇا تہ اڄ جي

اگري ڪم مان ڪو اگرو نتيجو يا ڪا دردشا هن ڪان پوءِ پيدا ٿي سگھي ٿي؟"

سام چيو: "اها دردشا پِل پوءِ ئي ڏسڻ ۾ اچي، مگر شروعات انجي اتي ۽ هيئر ئي ٿئي ٿي؛ بيءَ صورت ۾ اسانکي اهو سمجهڻ مشڪل ٿي پوندو ته الله يا ٻي ڪا ايجنسي اهي ليکا چوڪا ڪيئن رکيتي ۽ ڪيئن لاهي ٿي. جڏهين فورڊ يا ٽاٽا ۽ ڊالميا جي ڪارخانن ۾ پاڻمرادو هلندڙ (Automatic) سرشتو ضروري سمجهيو وڃيٿو ۽ شخصي جزو (Factor) يعني انساني دخل جو ڀاڱو گهٽ ۾ گهٽ رکيو وڃيٿو ته ڇا الله سائين جي هيڏي ساري ڪارخاني ۾ اهڙو يا ان ڪان به وڌيڪ سهڻو هلندڙ ۽ خود بخود ڪم ڪندڙ قانون رکيل ڪونه هوندو؟ مان نٿو ڀانيان ته ڪو ڏرمراء سچ پچ مس قلم ۽ ڪتاب رکيو ويٺو آهي، نه وري ڪن فرشتن تي اسين ان ڪم لاءِ ڀاڙي سگهون ٿا، جي هر هڪ انسان جي ڪلهن تي ويهي گناه لکن! يا ته الله کي ايترا فرشتا رکڻا پوندا جيترا انسان! هر ڪنهن کي پنهنجو خيال آهي، پر منهنجي سمجهه موجب هي سڀ تمثيلي بيان آهن؛ انهن ۾ اندروني معنيٰ پڙهڻ گهرجي. در حقيقت قدرت جو سرشتو تار ۽ ٽيليفون يا ريڊيئي ڪان سئو ۽ تيز رفتار وارو آهي. اسان جي ججن ۽ ڪورٽن کي سزا مقرر ڪرڻ ۾ مهينا لڳيو وڃن؛ مگر الله جي ڪامل سرشتي ۾ ڪو به وقت ڪو نه ٿو وڃي؛ نڪ ڦڪ اتي جو اتي فيصلو به ٿي وڃي ته سزا به ملي ٿي وڃي! ڀلا اهو سرشتو توهان کي نٿو وڻي ڇا؟"

ڊپٽي صاحب چيو: "ڏوهيءَ کي سزا نه فقط ملڻ کپي، پر ان کي خبر پوڻ گهرجي ته مونکي سزا ملي."

سام چيو: "اها خبر انکي اندروني طرح احساس جي

ذريعي پوي ٿي ۽ اُن پٽاندر هن جي جوڻ يعني روحانيت جو درجو پڻ متبو رهي ٿو . جوڻ جو سلسلو ٻه ڪرم سان شامل آهي؛ ڪرم سان گڏ اسين پنهنجي جوڻ ٻه اتي جو اتي متاثينداا رهون ٿا . پر جئن شاگرد جو اپياس ستن درجن اندر لڳا تار روز بروز وڌندڙ آهي ، جيتوڻيڪ ٻاهر وارن کي خبر تڏهين پوئي جڏهن هو ماهرن جي سمجهه موجب مقرر ڪيل درجن واري حد ٽپي ٿو ، تئن ڪرم جو ڦل ۽ جوڻ جو متجڻ ٻه هڪ لڳا تار هاندڙ حقيقت آهي ؛ ٻاهرين طرح خبر تڏهن پوي ٿي ، جڏهن ڪو وڏو ڦيرو ظاهر ٿئي ٿو ، مگر اهو سمجهڻ گهرجي ته اهو وڏو ڦيرو از غئبي يا اوچتو پئدا ڪونه ٿو ٿئي ، پر دم دم حالتن ڦرڻ سان پيدا ٿيندو رهيتو . انڪري ٿي انساني زندگيءَ اندر خود حيوانيت يا انسانيت جا درجا گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ."

* * *

١٢-٩-١٩٥١ع- ان شام جو صوفي صاحب تمام منجهيل ٿي ڏيکاريو . سام کي پنهنجن گهرو معاملن ، ڪيسن تڪرارن وغيره جا احوال ڪيائين . هن جو من گهڻو وياڪل ٿي لڳو . صبح جو ڪي ڪچا پڪا اکر وڏي وزير جي هڪ عزيز کي پڻ ڳالهائي آيو هو ۽ انديشو ٿي رکيائين ته شايد هو ٻه سندس خلاف ڪو قدم کڻي . سام سندس احوال ٻڌي ۽ سندس گهڻيون انتظاريون خيال ۾ رکي، کيس چيو : " هن وقت تائين حيلا گهڻا هلايا اٿو ، جن مان ڪجهه ڪين وريو آهي ؛ ڏينهون ڏينهن زماني جي چار ۾ وڌيڪ قابو ٿيندا ويا آهيو . باقي هڪڙو دروازو کليل اٿو جو سڀني کان وڏو ۽ ڪشادو آهي . ظاهر ۾ اوهان جا مسئلا هينئر بيحد ڳوڙها ۽ پيچيدا ٿي چڪا آهن ۽ انهن مان جند ڇڏائڻ جو رستو عقل

ڪو به ٿئو ڏيکاري. هينئر الله کي آزمايو! جڏهين سڀ رستا بند ٿي وڃن ۽ چؤطرف انڌاري ٿي وڃي تڏهن به الله جو در کليل رهيتو. انهيءَ ڪـــي سچي محبت سان پڪاريو ۽ اهو ساڻس وعدو ڪريو ته هڪ پيرو هنن آفتن مان جند ڇٽي تـــه وري ٻيهر اهڙن ڪمن ۾ هٿ ڪين وجهندس ۽ باقي عرصو زندگيءَ جو تنهنجي شيوا جي ڪمن ۾ لائيندس. پـر جيڪو وعدو الله سان ڪريو سو پاڙجو ضرور! پوءِ انشاالله سڀ اهنجا مسئلا حل ٿي ويندا."

صوفي صاحب جي وڃڻ کان پوءِ مون سام کي چيو: "صوفي صاحب سان توهان ائين ٿي ڳالهايو ڄڻڪ الله وٽجهو وينو آهي ۽ سچ پچ انهيءَ سان وعده ڪري سگهجن ٿـا. انوقت توهان الله سان ويجهڙائي محسوس ٿي ڪئي جو اهڙي پڪ صوفي صاحب کي ڏئي ٿي سگهيوَ!"

سام چيو:" هو برابر ويجهڙو آهي. اسان جي اندر ۾ ئي وسي ٿو؛ پر اسين پاڻ هن کان پري هليا وڃون ٿا. هو هنن حاڪمن کان وڏيڪ ويجهو ۽ وڏيڪ جلد ٻڌندڙ، وڏيڪ ڇٽو ڏسندڙ پسندڙ آهي. هو هر جڳهه ۽ هر ويل حاضر آهي. ان ۾ مونکي ڪوبه شڪ نه آهي ته سندس اوٽ جيڪو وٺي ٿو سو من جي سچي مراد حاصل ڪريٿو."

تنهن کان پوءِ سنڌيا وقت سام چيو:"مون صوفي صاحب لاءِ دعا جڏهن گهري تڏهن هڪ خيالي درشيه ڏٺم*. خيال ۾ نظر آيو ته هڪ وڏو

* هن قسم جا ڪيترا درشيه اڳ سام جا ڏٺـل هڪ ڪتاب "آتم درسني" ۾ گڏ ٿيل آهن، جن جي ڇپائڻ جي اجازت اڄا ڪانه آهي. هن بنسبت، سندس ڇوڻ موجب، ڪو وهم ڌارڻ نه گهرجي مگر هيءَ هڪ خيالي تصوير ڪري سمجهڻ گهرجي. البت هر خيال ۾ ڪا معني ضرور آهي.

اڪٿ ساگر آهي، جنهن جو پاڻي اهڙو ته کارو آهي جو فقط ڏسڻ سان ئي من ڪچو ڪچو ٿيو ٿئي. منجهس تچڪڻ يعني گرمائش حد کان وڌيڪ هئي ۽ انڌاري پڻ محسوس پيئي ٿئي؛ پکي پشون ۽ جيو سڀ انجي زهري اثر کان دور ٿي ڀڳا؛ تڏهين ڏٺم ته هڪ شخص منجهس هڪ چيٽي اچي خاڪ جي وڌي؛ هڪ پل ۾ ساگر جي تچڪڻ گم ٿي ويئي؛ پاڻي تڏو ۽ مٺو ٿي پيو، جو پکي، پشون ۽ جيو سڀ ويجها اچــي پيئڻ لڳا. وري ڏٺم ته ان ساگر ۾ بي هڪ نيري چپٽي مٽيءَ جي وڌائين ته هيڏو سارو ساگر هڪ پـــل ۾ ٻاڦ ٿـــي ويو ۽ جهٽ کان پوءِ اهو سڄو سمنڊ ويڙهيل صورت ۾ ان شخص جي ڏوتيءَ جي هڪ چڻ ۾ سمائجي غائب ٿي ويو. بوءِ ڏوتيءَ جي صورت مان شيام سندر جي صورت جو خيال پيدا ٿيو ۽ انوقت اهو خيال آيو ته هي درشيہ صوفي صاحب لاءِ ڪيل پريئر جي جواب ۾ آهي؛ اها خاڪ جنهن ڪاري، کاري ساگر کي صاف ۽ مٺو ڪري ڇڏيو سو الله جو نالو آهي جنهن جو جادو پڻ سنساري ساگر کي اڏائي ٻاڦ ڪري ڇڏي ٿو؛ ۽ هيءَ سڄي ليلا ڪرشن جي مورتيءَ ۾ ڏوتيءَ جي هڪ چڻ ۾ سمائجي ويئي! جنهن مان سمجهيم ته هي جيوت اسانجي ۽ هي سنسار سڄو هڪ راند مثل آهي؛ آتمائي هڪڙي حقيقت آهي؛ ڏک سک کي ڪو وجود ڪو نه آهي."

سڀاڻي تي ڏٺيءَ جي مهر سان صوفي صاحب جـو ڪجهه ڪم سٺائو ٿيندو نظر آيو. اهو ماڻهو جنهن سان هو وزير بابت وري ساڳئي نوع ۾ ڳالهيون ڪري آيو هو، سو اوچتو مونوٽ پنهنجي زال جي علاج لاءِ آيو. مون ڪانئس پڇا ڪئي، چيائين ته مون سڄو احوال وزير صاحب لاءِ لکي رکيو آهي ته صوفي صاحب هيتري هلت ڪري چڪو آهي. ان ۾ اوهانجي صوفي صاحب جا

الفاظ ڪيس چاتاپيا اتم پر خط ٽپال ۾ اچا ڪونه وڌو اتم. هاڻي توهان چئو ٿا ته ڦاڙي ٿو چڏيان . ٿوري عرصي بعد اهو وزير پڻ گديءَ تان لهي ويو ۽ سام صوفي صاحب کي چيو ته اوهانجي رنج ۽ اسانجي دعائن وچي اثر ڪيو. پر اڳتي ائين نه ڪجو."

* * *

سائين ستار آهي. جئن صوفي صاحب لاءِ حالتون **اهنجون** ٿي پيون هيون، تئن پچاڙيءَ جي ڏينهن ۾ اسان لاءِ به **طبيب** ۾ مذهبي تنگدلي يا زميندارري فرقي جي حسد **ڪري گهڻي** دشمني پيدا ٿي پئي هئي ۽ حالتون اهنجون ٿي **پيون هيون.** انوقت ائين ٿي لڳو جڻڪ ان زندگيءَ **جي** چڪر مان ۽ مونجهاري جي ماحول مان نڪرڻ جو **ڪو** **چاروئي** ڪو نه آهي. تڏهين سام مونکي هڪ ڏينهن سنڌيا جي وقت ڪان پوءِ چيو ته پنهنجي هٿن سان گهڻي شرڌا ۽ پريم ڀاؤ **سان** روٽ پچائي روز غريبن کي ڪارائيندي رهه؛ پچن ڀاؤ پڻ **جاري رکو** ته پاڻهي مشڪل آسان ٿي ويندي. اسان سندس چوڻ **موجب** اِهو ساڌن چڱي عرصي تائين ڪندا رهياسين، جيستائين **طبيب** ۾ هئاسين . ڌٽيءَ جي مهر سان اسان جون حالتون سڌايون ٿينديون ويون جيتوڻيڪ سچي هندو جاتيءَ جي لاءِ **سڌايون** حالتون ڪونه هيون. هن جو مطلب هي ناهي ته ڪو اڻڪلن حيلن يا ساڌنن ڪرڻ سان قدرت جي رٿ روڪجي ٿي **وڃي** مگر ، جئن اڳ سمجهايل آهي، فقير جي لفظن ۾ : آهيان **پيي** خيال، ليسان پيي نال خيال دي! سرشت جي چت **شڪتيءَ ڪي** جاڳائڻ لءِ ساڌنن جي ضرورت ڪانه آهي مگر **پاڻ اندر چت** کي جاڳائڻ ۾ ساڌن مدد ڪن ٿا ۽ پوءِ ڳالهه **سڌائي آهي؛** چت وچي ٿو چت کي جاڳائي . ان **بنسبت** ذڪر ڪندي

سام چيو :” اندروني دنيا جا به کي قانون آهن ; دک هڪ اندروني مرض جي علامت آهي; آهو پاڻ مان پيدا ٿئي ٿو; خيال جي معاملي چٽڻ تي دک به پاڻهي هٽي وڃي ٿو ; در حقيقت دک طاسم آهي ۽ آتمڪ گيان اڳيان ائين اڏامي وڃي ٿو، جئن ڪافور گرميءَ ۽ هوا ۾ اڏامي وڃي. الله جي نالي آڻڻ سان ۽ سٺن ساڌن ڪرڻ سان نبلائي يا اگيان جن مان دک پيدا ٿئي ٿو، سي دور ٿي وڃن ٿا ; سندس انوقت جي لکيل هڪ پچن جون سٽون ياد اچن ٿيون:

تل- رام جي نام جي ڏن لڳاءِ - هردي کي اوجل تون بڻاءِ

(١) نام جو آهي عجب آکيرو - ڪال نہ جنهن ۾ پائي پيرو
تنهن ۾ ڪر تون پنهنجو ديرو - آوسر پنهنجو ڪين وڃاءِ

(٢) نام جپڻ جو اوکد - ساڌن - ڏيان هريءَ جو هر دک پنجن
نِس ڏِن جپ تون نام نرنجن - شام سوبري هرگن گاءِ

* * *

١٣ - ٩ - ١٩٥١ع - منشي سام کي حجت مان چيو:
”مان چو ويٺو هي ڊائريون اتاريان؟ پاڻ سمجهان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو; مونکي اج ڪي سٽون ضرور سمجهائڻيون پوندو !

سام کيس چيو:” اج نند مان جاڳيو آهين ڇا ؟ “

منشي تنهن تي چيو:” سائين ، مونکي ٿورو ڪجهہ ڏي هر روز سمجهايو.“

سام وراڻيو:” تون شايد رَونشي يا خوشامد وچان ائين چئين ٿو. اڃا شوق پورو ڪونہ جاڳيو اٿيئي . جي شوق هجي تہ پاڻهي جيڪر سمجهڻ لڳين. عشق عمر جا بند تيل دروازا ڪن ۾ کولي ٿو ڇڏي; بر مان واتون ٿو ناهي ۽ پهاڙن مان پيچرا ٿو ڪڍي. مطلب تہ عشق کي پنهنجا اوزار ۽ پنهنجا وسيلا آهن ۽ بيءَ ڪنهن سکيا جي گهرج ڏي ڪانہ اٿس.“

پوءِ سام اسانکي پنھنجو ھڪ آزمودو ٻڌايو: ”مان اڃان پنجون درجو انگريزيءَ پڙھندو ھيس. تڏھين دوستن جي واتان ڪئنٽ (Kant) ۽ ٻين پشچم جي فيلسوفن بابت ٻڌم. فلاسافيءَ جو اچي شوق چڙھيو: ڀريائين، ڀريائين ھڪ ڪتاب فلسفہ تي تيار جو (Taylor's Elements of Mataphysics) ھٿ آيم، جو پاڙھي پڙھي ويس. تنھن کانپوءِ ٽيھہ رپيا پنھنجي مھيني جي خرچيءَ مان بچائي ڪئنٽ جو مشھور ڪتاب (Critique of Pure Reason) گھرايم. عام طرح بي-اي (فلاسافي) وارا بہ اھو ڪتاب مشڪل سمجھي سگھندا آھن، مگر مونکي جو دل ۾ شوق ھو، ان وچان ھڪ ھڪ اکر آسان ٿي لڳو. مدد فقط ڊڪشنريءَ جي ورتم. باقي دل جي انومان سان سڀ سمجھي ويس. تنھن کانپوءِ ويس فلاسافيءَ جا ڪتاب گھرائيندو. آخر تہ سڪول ڇڏي گھر ۾ نويڪلو ٿي پڙھڻ ۽ لکڻ ويٺس. سمجھان پيو تہ جيڪڏھن سڪولن ۾ اجايو ٻين ڪيترن ڳالھين تي وقت ضايع ٿئي ٿو. جي منشي کي بہ اھڙو شوق پيدا ٿئي تہ ھيءَ ڊائري تہ ڇا پر وڏا وڏا گرنٿ پڙھي سگھيٿو.“

منشي جي وري ساڳيءَ ڳھڙ تي سام کيس چيو: ”جيترو چاھ ڇيلي کي سکڻ جو آھي، ان کان وڌيڪ گروءَ کي سکيا ڏيڻ جو آھي: علم ھڪ امانت آھي، جا ضرور ٻين کي ڏيڻي آھي. مگر سيڪا شيءِ پنھنجي مند تي وڌي ٿي. ھيءَ علم جي امانت بہ ٻج مثل آھي. جيئن مالھي مند ڏسي زمين ۾ ٻج ڳڏيندو آھي، تيئن گرو ذوق ڏسي گيان جو سار ڏيندو آھي. خيال ڪري ڏس: قدرت کي خود تمنا آھي پنھنجي اتپتيءَ وڌائڻ جي: وڻ، ٽڻ، ٻوٽا ڦلجن ٿا ۽ نوان ٻج ڪن ٿا. پکي، پشون ۽ انسان بہ پنھنجي اتپتي وڌائن ٿا. اھڙيءَ طرح گيان وارن کي بہ چاھ رھندو آھي پنھنجي ٻج پوکڻ جو: پنھنجي روحاني اولاد پيدا ڪرڻ

۾ ڪين بيحد خوشي ٿيندي آهي. پر سو سڀ مند سان ٿيندو آهي.
ڏهنجي سکڻ جي چڙهين منڊآئي ته سيڪارڻ وارا اڳ پرئي تيار هوندا."

وڏيڪ منشي ڪــــي سمجهائيندي چيــائين : " مـــن ۾
گيان سمائڻ ڪان اڳ من جي چنچلتا مارڻي آهي. چنچل مَن
هڪ تڪ تي نه سگهندو آهي. پهرياڻين خراب سنگ ڇڏجي ته
پوءِ وڪارن ڪان پاسو ڪري سگهبو ۽ هڪ خيال سان گروءَ
جي ڏنل ٻج جي پالنا ڪري سگهبي. تون پنهنجو من وٺيئي ته
انهيءَ ڊائريءَ ۾ ڏي لڳاءِ. ان مان ٻه سمجهه حاصل ٿي سگهندي.
جيئن اتارين تيئن هڪ هڪ اکر پاڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر.
پر اڃا تائين ته توکي زور سان ڇڙ ڇڙ ڪري هن اتارڻ جي
ڪم تي ويهارجي ٿو؛ تڏهين مس ٿو ٻه يا ٽي صفحا اتارين !
تنهجو من ٻين پاسن ڏي وڌيڪ مائل آهي. ايپاس لاءِ پڻ ڪهن
ساڌن يا تپسيا جي گهرج آهي. اسان پاڻ ڪيترا سالن جا سال
متي هڪ جاءِ ۾ گهٽي پاڳي بند گذاريندا هئاسون. چڱو هاڻي
هڪ ڳالهه ٻڌ : هڪ راڻي هئي جنهن کي سندس ٻانهن اچي
ٻڌايو ته هن شهر ۾ هڪ وڏو درويش رهي ٿو. راڻيءَ کي ڳالهيون
ٻڌي ٻڌي اچي شوق جاڳيو ته ساڻس ملاقات ڪجي. سو ڪيس
ملڻ لاءِ چوائي موڪليائين. سندس نوڪرن درويش کي گهڻو
ستايو ته راڻيءَ کي هلي درشن ڪرايو، پر درويش پنهنجي خيال
وارو هو؛ ها ڪري پر وري ڳالهه وساري ڇڏي. تڏهين راڻيءَ جي
نوڪرن کيس صلاح ڏني ته هڪ ترتيب ڪجي؛ چيائون، هي درويش
صبح جو سوير گهمڻ نڪرندو آهي. جيڪا واٽ منهن سامهون
اچيس تنهن سان هليو ويندو آهي. تنهن ڪري اهڙو ڪم ڪجي،
جو شهر جي گهٽين کي هِتان هُتان لوڙها ڏيئي بند ڪجي؛
باقي هي محلات وارو رستو کليل رکجي ته پوءِ هو پاڻهي هتان
لانگهائو ٿيندو ! راڻيءَ کي اها صلاح دل سان لڳي ۽ نوڪرن

لوڙها ڏيئي سڀ ڳليون بند ڪيون؛ سيني ٻچڙن جو منهن ڦيري آئي محلات واري رستي ۾ وڌائون. صبح جو رائي آئي دريءَ اکيان ويهي رهي ته فقير به اچي آئان لانگهائو ڏيو. ڏڏهين رائيءَ کيس ويهاري پنهنجي من جي ٻيلس پوري ڪئي ۽ ڪائنس الله جي ملڻ جي وات پڇيائين. فقير چيو ، جڏهن مون سان ملاقات ڪئي اٿو تڏهن الله سان به ميلوا يعني لوڙها ڏيئي حرص هوس جون ڳليون بند رکو؛ چٽ کي فقط الله جي چاري سان هلايو ته الله پري نه آهي. اهڙيءَ طرح توکي به من جي چنچلتا مارڻ کان پوءِ ئي گيان پراپت ٿي سگهندو."

* * *

١٤-٩-١٩٥١ع- اڄ ڊپٽي صاحب اوچتو اسانوٽ هليو آيو. چيائين ته خاص ڪم ڪونه هو؛ پر ائين ئي چيم ته وچي ڳالهه ٻولهه ڪريون. مان توري منجهيل وڃي هيس. منهنجي اداسائيءَ مان عام من جي مونجهاري جو ذڪر اچي چڙيو.

سام چيو: " اداسائي يا ڏک ڪنهن لڪل مرض مان پيدا ٿئي ٿو. من ۾ مڙيوئي ڪا دقت آهي جو من وياڪل رهيتو."

ڊپٽي صاحب چيو: " مان ته ائين سمجهندو آهيان ته دک فقط خيال آهي. دک جو خيال مٽائي ڇڏيو ته دک آهيئي ڪونه."

سام چيو: " دک جو خيال رکڻ، سوئي ته من جو مرض آهي؛ پاپ کي پاپ سمجهڻ سوئي پاپ آهي. پر جيستائين اهو خيال جو ڦيرو اچي تيستائين ائين ئي چئبو ته دک آهي؛ ان جي لاءِ ڪي ساڌن پڻ آهن. سڀ کان سٺو ساڌن اهو آهي ته لڪل ، ستائيندڙ خيال جيڪو هجي، سو کولي ظاهر ڪجي؛ پر جي ان جي لڪ واري جاءِ پاڻ کي نه سُجهندي هجي ته انکي ڳولي ڪيڻ واري مشين آتمڪ ايڪسري (X-Ray)

جي آهي، ست سنگ، يا ڪنهن شيوا ۾ رياضت جي وندر ۾ دک کي نوارڻ گهرجي. ست سنگ ۾ اهو لڪل مرض تري پاڙهي اچي من جي مٿان بيهندو، تنهن کان پوءِ ڪيس ڪيڏي چڱڻ سهنجو آهي، جو ڏسبو ته ڪيس پاڙ آهيئي ڪا نه."

ڊپٽي صاحب چيو: "صحبت ڪرڻ يا شيوا جو ساڌن به ٻاهربون علاج آهي. آهو اندروني علاج دک جو ڇٽي ڪونه سگهبو. آخري علاج گيان آهي، جنهن مان هي من برائيءَ کان پرهيز ڪرڻ ٿو سکي."

سام چيو: "پرهيز کي من سنوارڻ جي سائنس ۾ جاءِ مليل آهي، پر ائين به برابر آهي ته هي ساڌن ۽ پرهيزون بذات خود آخرين آدرش ٻڌي ڪونه تا سگهن. البت انهن جي ذريعي اهو آخري علاج پورڻ گيان جو هٿ اچي سگهيٿو. جيستائين اها شڪتي من ۾ جاڳي، جو دک ۽ پاپ ان جي اڳيان بيهي ڪونه سگهن، تيستائين وچينءَ منزل ۾ هي ساڌن چڱو ڪم ڏين ٿا. صحبت يا سنگ خود آڻ سڌيءَ طرح هڪ پرهيز به آهي، ڇا ڪاڻ جو اهو نئون شوق جاڳائي گهٽ درجي وارين ڳالهين کان منهن موڙ ڪرائي ڏ.و. پرهيز جو ساڌن عبوديت واري خيال مان پيدا ٿئي ٿو. اهو طريقو عام طرح سٺو آهي ڇو جو آن ۾ اهنڪار پيدا نٿو ٿئي. هميشه اها ڳالهه هٿڻ ته مـــان آتم روپ آهيان، مونکي پاپ ڇا ڪندو؟ – تنهن ۾ خوديءَ جي پئدا ٿيڻ جو امڪان آهي. پر ائين به سمجهڻ ضروري آهي ته ان هيڪڙائيءَ واري اتم گيان پائڻ جو ئي نمرتا وارو پاؤ خود رستو آهي ۽ نه آخري حاصلات جو درجو. عبوديت وارو خيال ۽ 'اهم برهم اسمي' وارو خيال پاڻ ۾ ظاهراً نهڪي ٿتا اچن، پر در حقيقت عبديءَ وچان ئي برهم پد حاصل ٿئي ٿو. جيستائين انئي پهر من انهيءَ 'همہ اوست' واري اوچي

پڻ تي رهي سگهي، تيستائين پرهيز جي ساڌن کي ڇڏي ڏيڻ، سو ٻئي هڪ قسم جو هٺ ڪرڻ يا پاپ سان خواه مخواه ڇڪري ڪائڻ. هوڙهيائي (Bravado) روحاني زندگيءَ جي وصفن ۾ شمار نه آهي. جيتر دک، سور يا ڪو ٻيو مرض آهي، تيتر نه فقط اهلي، بنيادي علاج سوچڻ ٿا، پر حالتن آهر عارضي علاج (Symptomatic Treatment) پڻ ڪجي ٿو. هوميوپٿيءَ جي اصول موجب، پاڻ مان طاقت جاڳائڻ، سو به گهڻن حالتن ۾ علاج جو ڪارگر طريقو آهي. ان جي پيٺ ۾ آهي روحاني سائنس ۾، آتم ڏان، ائين سمجهڻ ته مان نج آتما آهيان ۽ هنن ٻاهرين حالتن سان ڪو منهنجو ذاتي تعلق ڪونه آهي، جن مان دک پيدا ٿئي ٿو! اهو طريقو نرموهه تي رهڻ جو دک جو نوارڻ ڪري سگهيتو. پر سياڻي حڪيم جو ڪم آهي ته مرض کي هر طرف کان وڪوڙي وجهي ۽ ان تي ڪئين به فتح پائي. جيستائين مرض جا جيوڙا خون مان گم ٿي وڃن، تيستائين ٻاهريان علاج مالشون، آڌي ڏيڻ، لوڪل دوائون لڳائڻ وغيره ساڌنن مان پڻ بيمار کي گهڻي راحت ملي ٿي. تڏهين ئي شاه چيو آهي: 'هٿين پيرين مونڙئين هل پريان ڏي هل'."

سام وڏيڪ چيو: "ڪماليت ۾ به نمرتا ضروري آهي. هوڙهيائيءَ وچان قانون ٽوڙڻ، تنهن ۾ اهنڪار اڀجي ٿو. پرهيز نمرتا واري خيال مان پيدا ٿئي ٿي. شاه لطيف (رحه) کان هڪ عورت پڇيو هو ته تون پهتل آهين؟ چون ٿا ته هن چپ ڪئي ڪئي، جيتوڻيڪ هو پورڻ گيان وارو هو. هن پنهنجي وات سان پاڻکي پهتل چوڻ غلط سمجهيو. پوءِ جڏهين موت جي بستري تي ساڳيءَ عورت ڪانئس اهو سوال وري پڇيو، تڏهين چيائين ته هاڻي پهچي، وياسين پير کي! مطلب ته انسان جيستائين جيئرو آهي، تيستائين دم نه هڻي ۽ نه پاڻ کي سمرت سمجهي

بنا ضرورت جي لوڪ جا قانون ٽوڙيندو رهي. شاهه وانگر جيسس ڪرائيسٽ به اهڙا لفظ ئي ڪم آندا هئا. جڏهين هڪ سماريٽن عورت ڪيس چڱو ڪري ڪونه ڏٺو تڏهين هنکي چيائين، 'چڱو ڪنهن انسان کي نه چئو!' انهن اکرن ۾ سندس نمرتا ڀاؤ جو اظهار ٿيل آهي. مان ائين سمجهندو آهيان ته روحانيت ۽ نمرتا گڏو گڏ واڌارو ڪن ٿا; 'هم اوست' وارو خيال هڪ لاف زني نه آهي، مگر نفس جي مارڻ جي هڪ هرنڪار آهي. اها وجداني حالت من جي مچلائيءَ کي جائز نه ٿي ٺهرائي، جنهن مان پاپ کي نه ليکڻ وارو ڀرم پيدا ٿئي ٿو. 'هم اوست' جو خيال خود نمرتا جو نعرو آهي. 'هم اوست' جي معني ته سڀ هو آهي! يعني مان ڪجهه نه آهيان. ان ۾ مان جي بلڪل پڇاڙي آهي. ائين آهي ته برهم گيان واري ڪان به ڪڏهين اهڙا ڪم ويساري وڃان ٿي وڃن ٿا جن کي لوڪ قانون شڪني سمجهن، مگر درحقيقت اهي قانون پيڇ جي ارادي سان ٿيا ڪيا وڃن!"

* * *

١٥ - ٩ - ١٩٥١ع- گذريل ٻڌر تي ڊپٽي صاحب ويدانت تي لکيل هڪ سنڌي ڪتاب مان اڇي ڪجهه پڙهيو.*

* اسانکي جيئوٽيڪ ڪتابن پڙهڻ جو چاهه هن وقت گهٽ آهي، تڏهين به خاص اعتراض ڪٿا يا ڪتاب ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿيندو آهي. سام چوندو آهي ته هڪ ساڌوءَ جو ڪم آهي سڀ جو ستڪار ڪرڻ ۽ جيترو ٿي سگهي ته پاڻ بنا ڪهرج جي ٻڌرو نه ڪري; ائين چوڻ ته ڪتاب ۽ ڪٿائون اڇيا ترا ڪم آهن، سو به هڪ قسم جو ايمان آهي. جنهن سنگت ۾ ويهجي، انهيءَ سان هڪ جهڙو ٿي هلڻ جي ڪوشش ڪجي; سچي گيان جي نشاني نمرتا آهي ۽ سچي نمرتا اها آهي جو ٻي ڪنهن کي ٻنهنجي پسند يا نا پسند ڳالهين جي هر و ڀرو ڄاڻ نه ڏجي، جيئن ٻا عران جيڪو ڪهي

ڊپٽي صاحب جي ڪتاب پڙهندي صوفي صاحب سوال پڇيو ته ڪرم ڪيئن ٿو من جو ميل ڪڍي؟

سام چيو: ”جيئن ورزش بدن مان مرض يا روڳ ٿي ڪڍي! ڪرم من جي ورزش آهي؛ اڻ آزمايل خيال کي سنواري ٺيڪ ڪريٿو؛ خيال کي آزمائش جي ميدان ۾ آڻي صاف ڪريٿو ۽ ان ريت من جي صحت وڌائي ٿو.“

وڌيڪ خاص ڪو گفتگو ميٽنگ ۾ ڪونه هليو. مگر ڪلاس پوري ٿيڻ کان پوءِ سام پنهنجا ويچار مونکي هن ريت ٻڌايا: ”گيان ۽ ڌيان، ڀاڳ ۽ پوڄا، سڀ ساڌن آهن پر ڀڳتي مارڳ سڀ کان سولو آهي؛ ڀڳتيءَ جي تار آتما کي هڪدم پرماتما سان وڃي ٿي ڳنڍي، جيتوڻيڪ ائين برابر آهي ته گيان به ڀڳتيءَ کي وڌائي ٿو. جڏهن ڀڳت پنهنجي پريم جي چوٽيءَ تي پهچي ٿو، تڏهن گيان هن ۾ از خود سمائجي وڃيٿو، توڙي جو ڪٿي هن هڪ به اکر نه پڙهيو هجي؛ ڇالاءِ جو هُن جي ڀڳتيءَ پنيان به ڄڻن جي ڪوڇنا جو ٻل آهي.“

سام وڌيڪ چيو: ”اسان ته وڏي اهڙي ڀائبنديءَ سان ڪڏهن ڪي ڪتاب ڪونه پڙهيا؛ فلاسافيءَ جا ڪجهه ڪتاب ننڍپڻ ۾ پڙهياسين، مگر سي به هينئر وسري ويا آهن. ڪنهن

اڄي سو پنهنجي تڏي تان خوش ٿي وڃي. مونکي انهن ميٽنگين کان ڪجهه گرما ايندي هئي؛ مگر سام جي سمجهائڻ کان پوءِ مان به ڪوشش ڪري شريڪ ٿيندي آهيان. هي نوٽ فقط ان لاءِ ٿو ڪڍي جو مٿان غلط فهميءَ کان ائين سمجهيو وڃي ته سام جي يا منهنجي خيال موجب ڪو گيان جي ڀرائتي انهن ڪتابن جي اڀياس مان ٿيڻي آهي. البت هي به هڪڙو حيلو ڪري سمجهڻ گهرجي.

خاص فلسفہ يا مذهبي طريقي جي اوٽ وٺڻ سان خيال تي وڏي پابندي پئجي وڃي ٿي . سچ جي آزاد ڳولا پنهنجي خيال سان ڪرڻ ، سو سڀ کان سٺو آهي . نوان فلسفہ بہ ائين ئي پيدا ٿيندا آهن . پر جيڪڏهين فقط ويدانت ، صوفي فلاسافيءَ، يا ڪنهن مذهبي ڪتاب کي هفتن جا هفتا چهتي پونداسون تہ خيال جو واڌارو ڪونہ ٿيندو . پنهنجي آزمودي سان پيدا ٿيل گيان ئي سچو گيان آهي . باقي پيون سڀ ڳالهيون صرف واقفيت وڌائڻ لاءِ آهن . انهن فلسفہ جي ڪتابن سان ڪو بہ انتر گيان جو واڌارو ڪونہ ٿيٺو آهي .“

* * *

١٦-٩-١٩٥١ع - ڊپٽي صاحب مونکي چيو : ” توهان پنهنجي سام لاءِ ” جيتامڙا “ آهيو ، پڻ لاءِ ڇا آهيو ؟“

مون کيس جواب ڏنو : ” پڻ لاءِ ’ ماتا ‘ .“

ڊپٽي صاحب پڇيو : ” سو وري ڪيئن ؟ ’ جيتامڙو ‘ پڻ ي پار ، سو ’ ماتا ‘ ڪيئن ٿو بڻي سگهي؟ “

سام چيو : ” ماتا ٿيڻ جي فطرتي مراد (Instinct) ۽ ٻالڪ ٿيڻ جي بوجهہ بئي گڏو گڏ رهن ٿيون . ساڳيو انسان ڪٿ ، ٻالڪ ، ڪٿ ساٿي ، ڪٿ ماتا - پتا جو پارٽ ادا ڪريٿو .“

ڊپٽي صاحب چيو: ” ماتا پڻي جو احساس يا ڄاڻ پنهنجي ٻار ڄڻڻ کان سواء پيدا ٿي ڪين ٿو سگهي. اوهين ڪٿي ڇئو تہ ڊاڪٽر اوهان جي نوڪرن يا هنن ٻالڪن جي ماتا وانگر سنڀال ڪري ٿي، مگر ان سان ماتا ٿيڻ جي سچي خبر ڪيس ڪانہ پوندي ۽ نہ وري پنهنجي ڄڻ جيترو بڻي جي ٻالڪ سان مزو اچي ٿو .“

سام وراڻيو: ” دنيا ۾ سڀني ۾ سٺا ميوا پيوند ڪرڻ

مان پيدا ٿين ٿا. مثلاً انب جيڪي پيوند ٿين ٿا، سي قدرتي طرح ڦرتيءَ ۾ پوکيل ڪکڙين مان پيدا ٿيل انبن کان وڌيڪ مٺا ٿين ٿا؛ آهي ڪکڙين مان سڌيءَ طرح ڪڏهين ڪونه پيدا ٿين. هيءَ خيال جو وڻ به قدرتي آهي ان کي پيوند ڪرڻ سان منجهانئس وڏا ڳٽن جا ڦل پيدا ڪري سگهجن ٿا. ان ڪري ئي مهاتما گانڌيءَ ۽ ان کان اڳ به ٻين وڏن مهاتمائن برهمچريه جو رستو ٻڌايو، جو ظاهر ۾ قدرت جي قانون خلاف آهي، مگر در حقيقت اها ريت هڪ اتم، اندروني مراد (Instinct) مان پيدا ٿيل سمجهڻ گهرجي ۽ نه قدرت جي خلاف. ٽماٽن جي پوک ۾ مون پاڻ آزمائي ڏٺو ته ڏانڊيءَ کي نيسائي ڇڏڻ ڪري ٻوٽو ٻنهي تي زور ڏيڻ بدران ڦل تي زور ڀيو ڏئي. اهڙي ريت مان وڏا ۽ وڌيڪ رنگدار ٽماٽا پيدا ڪري سگهندو هيس. تيئن هيءَ جسماني ماتاپڻي جي فطرتي مراد کي نيسائي جڳ ـ ماتا جو روحاني پيار ڏارڻ، سو سچ پچ قدرت جي قانون خلاف نه آهي. هن برهمچريه جي طريقي سان جسم جي خواهشن بجاءِ خيال جو واڌارو ٿئي ٿو. مان سمجهان ٿو ته ان منجهان جيڪو ماتاپڻي جو سچو روح اسانجي ڊاڪٽر ۾ پيدا ٿيو آهي، سو رواجي سنساري ماتاپڻي کان هزار ڀيرا وڌيڪ ڦلدائڪ آهي. قدرت چاهي ٿي ته سندس مطلب، يا مقصد اتپتيءَ جو سمجهي ايتري قدر ڀل سندس ريت کي ڦيرايو وجي، (در حقيقت انکي ڦيرائي نه، پر آن ڏانهن سڌو ۽ سولو رستو وٺي رهيا آهيون) جو زندگيءَ ۾ مهٺا ڦل ۽ سٺا نتيجا پيدا ٿين. هينئر هندستان ۾ اناج جي اڻاٺ ڪانپوءِ آدم جي وڌڻ تي روڪ وجهڻ لاءِ تحرڪ هليو آهي، جيئن ڙالون ٻار گهٽ پيدا ڪن. مگر هيءَ ان کان وڌيڪ اونچ آدرش ڪري سمجهڻ گهرجي ته نه هترادو حيلن سان، نه دوائن وغيره

جي روڪ وجهڻ سان، پر قدرتي طرح ماناپڻي جي فطرتي مراد
قيرائي جڳ جي شيوا ۾ يا قوم جي ٻالڪن جي پالنا ۾ لڳائجي.
وڏي ڳالهه ته هي آدرش منهنجي جيون ساٿيءَ بنا ڪنهن ٻاهرين
زور جي حاصل ڪيو آهي؛ يعني برهم چرج ۽ برهم گيان جي
مارڳ تي هلڻ سان هيءَ من موڙ ڪئي اٿس. اهڙي زماني
۾ سندس جهڙا ٿورا مثال ملندا."

* * *

١٩-٩-١٩٥١ع - اڄ شام جو ڊپٽي صاحب جي گهر
وياسين. اتي پهريائين ٻين ڪتابن بنسبت ڳالهائيندي، سنڌي
ساهتيہ، خاص ڪري سنڌي قصن (Fiction) جو ذڪر
نڪتو. ڊپٽي صاحب کي سندس سوالن جو جواب ڏيندي
سام چيو: "مون سنڌيءَ ۾ نئون ڇپيل ساهتيہ تمام ٿورو
پڙهيو آهي پر جو ڪجهه پڙهيو اٿم، سو تمام معمولي نظر
ايندو آهي؛ مغربي ملڪن جي ساهتيہ گهڻي ترقي ڪئي آهي
۽ جيڪڏهن هو ڪٿي قصن ۾ بعضي عشق بازيءَ جي ڳالهين
بابت آزاد طور لکن ٿا ته به گهڻو ڪري انهن ۾ ڪو لڪل
آدرش يا زندگيءَ جي حقيقت ظاهر ڪرڻ جو نمونو رکيل هوندو
آهي. مگر عام طور اسانجي ليکڪن وٽ اهو هنر ۽ فن
ڪاريءَ جو نمونو ڪٿي؟ سنڌن وشيہ هلڪي نموني ۾ وندرائيندڙ
ٿين ٿا."

ڊپٽي صاحب هڪ ٻن قصن جي آکاڻي جو تت سار
ٻڌايو، جي مغربي ليکڪن جا هٿا ۽ ڇپيائين: "توهين ڇا ٿا
سمجهو ته اهڙن فاحش ڳالهين ۾ ڪا آدرشي مراد رکيل آهي؟"

سام چيو: "اهڙي قسم جا مغربي ليکڪ پيا به گهٽا
ليندا؛ مون ميٽرلنڪ ۽ اناٽول فرانس ۽ ٻين ليکڪن جا اهڙي
نموني جا ڪي ڪتاب پڙهيا آهن، جي مذهب جي پابندي يا

سوسائٽي جي ريتين رسمن جي حد کان ٻاھر لنگھي ويا آھن ۔ مگر تنھن ھوندي بہ انھن جي اھڙن ڪليل خيالن وارن لکيتن جو مطلب ڪو آدرش بنائڻ ئي بڻي رھيو آھــــي ۔ ڪرستاني مذھب جي ڪئٿالڪ پنٿ وارن ھنن جي گھڻي مخالفت ڪئي مگر، ڇا لاءِ جو منجھن فقط فاحشپڻو نہ ھو، پر ايمانداريءَ سان تسليم ڪيل نئين ھڪ آدرش جو اعلان ٿيل ھو، ان ڪري ھنن جي آخر ۾ سوڀ ٿي ۽ ھنن جي قصن جو پاڻ ٺھڻو وڪرو ٿيڻ لڳو ۔ ساڳيءَ طرح ائسا ڊورا ڊنڪن جــــي حياتيءَ جو بيان پڙھبو تہ ھن جنھن نموني اگھاڙو ۽ کليو ذڪر جنسي جذبات (Sex) جـــو ڪيو آھي، سـو اسانجي سوسائٽيءَ کي وڏو ڌڌڪو ڏئي ڇڏيندو ۔ مان پڻ ساڻس ايتري خيال جي اگھاڙائي ڪرڻ ۾ شامل راءِ نہ آھيان پر ايترو چوندس تہ ھن جي لکڻيءَ پٺيان عملي مثال جي طاقت آھــي ۽ ائين چئي ھرگز ڪين سگھبو تـہ ائسا ڊورا ڊنڪـن پنھنجي نموني ھڪ آدرشي عورت نہ ھئي ۔ پــر اسان جي نئين ساھتيہ ۾ سـو تي نوانوي ساديون سوديون عشق بازيءَ جون آکاڻيون آھن، جن ۾ ڪو بہ نئون رستو زندگيءَ جو بتايل نہ آھي۔"

ڊپٽي صاحب چيو: "مان سمجھان ٿو تـہ ڪي ٻنڊن ڪتاب ڇپيندڙ تي بہ ھئڻ کپن ۔ اسانجون ناريـون جيڪڏھين اھڙائي ڪتاب پڙھنديون رھنديون تہ ضرور انھن تي اثر خراب پوندو ۔"

سام چيو: "ڪي بہ ھڙادو ٻنڌن شايد ناممڪن ٿين ۽ نہ انھن مان ڪو فائدو رسي۔ ضروري ڳالھ ھـيءَ آھي تہ قصن پڙھڻ سان گڏ پنھنجي ٻارن کي فلسفہ، ڌرمي ڪتابن، سائنس ۽ ٻين علم جي شاخن مان پڻ واقف ٿيڻ لاءِ ھمٿائڻ گھرجي ۔ لاھي پاھي قصن پڙھڻ تي زور نہ رکجي، جيتوڻيڪ

ائين سمجهڻ گهرجي ته اهي قصا پڻ هڪ وڏي گهرج پوري
ڪن ٿا؛ اسان جي سوسائٽيءَ جي خيال جي اوستا اها ٿي
آهي؛ جيڪڏهين هتڙادو روڪ وجهي، نوجوانن کي قصن
پڙهڻ کان منع ڪبي ته هو وڏيڪ جوکائتي نموني پنهنجي
لڪل خواهش کي پورو ڪندا. لڪل تمنائون، جي انهن
جي من ۾ موجود آهن، سي وچي ابتي نموني پڙيون ڪندا.
جيستائين گهرو انتظام ۽ تعليم ۾ سڌارو نه ٿيو آهي، تيستائين
هتڙادو بندش نئڊي پوش وارن تي وجهڻ مان ڪو به فائدو
ڪونه ٿيندو. اسانجي گهر ۾ به بار قصا ۽ چرچي جون
آکاڻيون (Comics) گهٽيون پڙهندا آهن. جيتوڻيڪ پنهنجي دل
چاهيندي آهي ته هو ڪجهه وقت بچائي ٻي مٺي ساهتيہ
(Literature) مان واقف ٿين، تڏهن به هنن تي بندش وجهڻ
ٺيڪ نه لڳندو آهي."

ڊپٽي صاحب چيو: "ائين ٺيڪ آهي؛ ڪن حالتن ۾
مون ڏٺو آهي ته انهن فاحش ڪتابن پڙهڻ سان جوان ڇوڪرا
۽ ڇوڪريون اڳواٽ خبردار ٿي پاڻ بد راهيءَ جي ڦندن کان
بچي وڃن ٿا. ڇا لاءِ جو اهڙا موقعا حياتيءَ ۾ به پيدا ٿين
ٿا، جن بابت هو پڙهي خبردار ٿين ٿا."

گهڻي ياڳي گفتگو انگريزيءَ ۾ ٿي هلي، جنهن جو
مون فقط تتسار ڏنو آهي. ان کان پوءِ ميزبان ديوي صاحب
به صوفياڻا ڀڄن ڳاتا ۽ اسين به ڳائڻ ۾ شامل ٿيا سون؛ اهو
وقت وڏي وندر ۾ گذريو. موٽي اچڻ تي سام چيو: "پريم
ئي ست سنگ جو بنياد آهي ۽ پريم جو بنياد آدر ڀاو آهي.
ڊپٽي صاحب ۽ ديوي صاحب نه فقط ماني ڪارائي پر انهن
ڀڄنن ۽ روح رهاڻ سان قرب جو ڪفاف پڻ اسانجي آتما
کي ڏنائون."

مون سام کي موٽڻ وقت چيو: ”شايد اهــا ڳالهه سچي آهي، جيڪا اڳئين ٻڌر تي ڊپٽي صاحب چئي هئي ته جيڪو مزو پنهنجي ٻار مان اچي ٿو، سو پرائي ٻار مان نٿو اچــي ۽ جيڪا ڇڪ پنهنجي ٻــار کــي ٿئي ٿــي سا پرائيءَ ڇڻ کي ٻي ماڻهوءَ لاءِ نه ٿي ٿئي.“

سام چيو: ”شايد ڊپٽي صاحب جي ٻارن ڏسڻ کانپوءِ اهو خيال اٿڻ ٿيو هجي، جو سندس ننـڍي ڪڪيءَ کــي تون گهڻو ڪنڊي آهين، پــر هوءَ جلــد مــاءُ ڏانهن پڄي ويندي آهي.“

مون چيو: ”رت کي ضرور رت جي ڇڪ ٿئي ٿي. چوندا ڪين آهن ته رت پاڻيءَ کان گهاٽي ٿيندي آهي!“

سام چيو: ”اهو خيال غلط آ . هينئن درجي وارن انسانن ۾ ائين ڪٿي هجي پر ڪنهن به روحانيت واري انسان لاءِ ائين ڏيڻ نه کپي. دنيا جي تواريخ ۾ ڪيترا اهڙا مثال ليندا جي ڏيکارين ٿا ته رت کان خيال وڌيڪ گهاٽو آهي. تنهن ڪري هر حالت ۾ ائين سچ نه آهي تــه پنهنجو ڇٽيل سڀ کان وڌيڪ پيارو لڳي ٿو. گهڻي ڀاڳي پيار خيال جي هم رفيقي ۽ مطلب جي ساڳيائي مان پيدا ٿئي ٿو. ڏس! زال بلڪل ڌاري تي ٿئي، * تڏهين به ڀائرن ۽ ماءُ پيءُ جهڙي ۽ ڪڏهين ڀائرن کان به وڌ ڪن کي پياري لڳي ٿــي. ڪيترا مثال ٿيا آهن جو ماڻهن ٻار گهر مـــان ڪيڍي ڇڏيا آهــن، مگر زال مرد جدا ٿي نـــه سگهيا آهن. ڪيترا گرو تــي گذريا آهن جن پنهنجي اولاد کي پري رکي پنهنجو روحانيت جو راز ۽ پنهنجي گديءَ جو حق پيارن چيلن کي ڏنو آهي.

---

* هندو سوسائٽي ۾ سوٽ يا ويجهي ٻئي ٻن به عزيز ساڳ شاديءَ جي منع آهي.

اهڙو اتم مثال گرو نانڪ ۽ ٻائي لهڻي (گرو انگد ديو) جو ڏٺو ويو آهي. ائين ڇو؟ سک ڇا لاءِ گوتم ٻڌ جهڙو سنيه آنند سان رواجي ٻالڪ کان گهٽ هو؟ پنهنجو پاڻ ته هو گهر ۾ ڇڏي هليو ويو! اهو خيال غلط آهي ته رت جي رت ڪي ڇڪ ٿئي ٿي. اهوئي تفاوت انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ آهي، جو انسان جي زندگيءَ جو مرڪز خيال آهي ۽ حيوان جو جسماني خواهشون ۽ جنسي مرادون (Sex Instinct)."

* * *

٢٣-٩-١٩٥١ع هن ٻڌر ڏينهن ڊپٽي صاحب ويدانت فلاسافيءَ تي وري ساڳئي ڪتاب مان پڙهيو. ڪجهه دير مان ڪري ٻڌڻ بعد سار چيو: "سڀ ڪنهن پنٿ يا فلسفه ۾ ڪي ڳالهيون از خود ورتل يا نشچي ڪيل آهن؛ جن کي عربيءَ ۾ مفروضات ۽ سنڌيءَ ۾ فرضي ڳالهيون ڪري چئجي. انهن جي ثابتي ڏنل ڪانه آهي. پوءِ انهن اعتبار ڪيل ڳالهين مان خود ٻيون ثابتيون ڏنيون وينديون آهن. اهڙيءَ طرح ويدانت فلاسافيءَ ۾ جيوَ آتما ۽ پرماتما وغيره بنيادي ڏنل ڳالهيون ڪري سمجهڻ کپن، نه ته جيڪر ڪو پڇي ته ڪيئن ٿا چئو ته جيو آتما ۽ پرماتما اصل ۾ ساڳيا آهن، يا وري ڪو پڇي ته ڇو جدا ٿيا ۽ ڪڏهين جدا ٿيا؟ عقل کي جيئن گهڻو دوڙايو، تيئن گهڻو مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻين مذهبن ۾ پڻ ڪي ڳالهيون از خود ورتل آهن جن جي سمجهاڻي فقط ٻاڻ مان ملي سگهي ٿي؛ احساس يا انتر گيان ڪم ڪري ٿو مگر دليل ڪڏهين پورا ڪونه ٿا پون."

ڊپٽي صاحب چيو: "ائين شايد هجي پر ابتڙ انومان جڏهين ناممڪن يا اسنڀو هوندو آهي تڏهين جيڪو انومان ڪيو آهي سو ممڪن يا سنڀو هوندو آهي. پوءِ انهيءَ کي ڏي حقيقت ڪري مڃبو آهي."

ٿوري دير بعد ٻئي صاحب سام کان پڇيو : ” توهانکي ديوَلوڪ (Spirit-World) بابت ڪا سڌي ثابتي يا پنهنجو آزمودو آهي تہ ٻڌايو . “

سام چيو : ” نہ ! مگر مسز آليور لاج ۽ ٻين اهڙن اورواحيت جي حامين جي لکتن مان واقف آهيان . ڪيترين ڳالهيون اڳين جون پيل ظاهراً اهڙيون لڳنديون هيون ، جيتوڻيڪ اهي اندر جي انومان کي سچيون لڳنديون هيون . ويجهي سال ۾ سائنس اهڙين گهڻين ڳالهين جي ثابتي ڏني آهي ، جن ۾ اسانجي وڏن جو اعتقاد هيو . ظاهر ۾ اسپيڻو ڳالهيون آهستي آهستي دنيا جا سائنسدان ۽ من - وديا جا ماهر ثابت ڪندا پيا وڃن . مان يانيان ٿو تہ مونکي ڪو بہ لاڙو ڪنهن خاص ڌرم يا خاص ملڪ جي ماڻهن ڏانهن ڪو نہ آهي ، مگر ڪي تہ طريقو آريي قوم جي بزرگن کي معلومات ڪرڻ جو هو جو سندن نظريو چاليهن صدين کان مٿي وقت گذرڻ بعد بہ اڄ سچو نظر اچي ٿو ؛ سائنس جي ترقيءَ هوندي بہ بنيادي اصول انهن جي فلسفي جا نا ثابت ڪو نہ ٿيا آهن . نہ فقط منڪسمار جهڙا مغربي چاڻو پر ٿياسافيءَ وارن جون اندروني آزمائشون پڻ انهن ظاهرم اسپيڻو يا ناممڪن ڳالهين جي پُنيراڻي ڪن ٿيون . مسز آليو رلاج جا آزمودا اشراق (Telepathy) جي لائين ۽ غيب داني (Clairvoyance) بنسبت نہ فقط ، پر علم حياتيات (Biology) ۽ علم هئيت (Astronomy) ۽ ٻيون سائنسيون پڻ انهن انتر گيان مان معلوم ڪيل ڳالهين کي ٽيڪ ڏين ٿيون ؛ تارا منڊل يا نڪشتر بنسبت سندن خيال ، انوقت جا ٺهيل ڪئلينڊر ۽ جنتريون وغيره پڻ اجوڪي علم سان ٺهڪي اچن ٿيون . اهو عقيدو تہ جيءُ هر شيءِ ۾ موجود آهي ، تہ آتما ڪانسواءِ سڀ شيءِ جي صورت ڦرندڙ آهي ، تہ آتما هميشه حيات آهي يا چيت شڪتيءَ

جو هر شيء ۾ واسو آهي ، — اهي سڀ خيال اڄ ڪلهه جي سائنس ۽ فلاسافيءَ جي خلاف نه آهن ؛ مگر سائنس عام طور انهن کي ٽيڪ ڏني ٿي. تنهن ڪري ديو لوڪ(Spirit-World) جون خبرون به سراسر ڪوڙيون نه سمجهڻ گهرجن ."

صوفي صاحب چيو : " اسلام بابت اوهان جو ڇا رايو آهي ؟ "

سام چيو : " اسلام بنسبت مونکي خاص طرح ڪجهه چوڻ جي قابليت نه آهي ، نه وري مٿيون رايو مون هند و ڌرم جي تائيد ۾ ڏنو آهي ؛ مگر ملڪ جي علمي حاصلات جو ذڪر ٿي ڪيم. منهنجو اهو به مطلب نه آهي ته ڪو آريه قوم وارن جي فلاسافي يا مذهبي اعتقاد سڀ سائنس ثابت ڪيا آهن . هوڏانهن اسلام جو علمِ اخلاق (Ethics) به لاثاني آهي . جيڪي معنائون وري صوفي قرآن شريف ۾ پڙهن ٿا ۽ جن تي صوفي پنهنجي خيال جو دارو مدار رکن ٿا ، سي ته بلڪل ويدانت وغيره سان ملي اچن ٿيون . "

ڊپٽي صاحب چيو : " مونکي ته ائين ٿي سمجهي ٿو ته جن آيتن تي صوفي دارو مدار رکن ٿا ، انهن جي سچي پچي معنيٰ صوفين جي خيال مطابق ٿي آهي ؛ مگر انهن ڏينهن ۾ جهل سبب انهن تي هرو ڀرو خاص زور ڏنو نه ويو هو. بنيادي ڳالهيون ساڳيون آهن . "

سام چيو : " فقط زور ڏيڻ جو سوال نه آهي ؛ ڪي اختلاف به آهن. مثلاً مرڻ کان پوءِ اسلام موجب روح پنهنجي الڳ هستي اڃا قائم رکيٿو. مگر صوفي ۽ ويدانت وارا ائين مڃن ٿا ته جيءُ، آتما ، يا روح آخر پرماتما سان هڪ ٿي وڃي ٿو ؛ جيئن جوت جوت ۾ سمائجي وڃي يا حباب پاڻيءَ ۾ . اهڙا ٻيا پڻ گهڻا تفاوت ويدانت ، صوفي فلاسافيءَ ۽ اسلام

جي وچ ۾ ليندا، جن کان انڪاري ٿي نه سگهبو."

صوفي صاحب سوال اٿاريو ته صوفي مت اسلام جي پيدائش آهي يا ويدانت جي؟"

سام چيو: "هي سوال اسان لاءِ ڪا خاص اهميت ڪو نه ٿو رکي. مگر مونکي ائين لڳندو آهي ته صوفي ڪجهه قدر سيميٽڪ مذهبن کان يعني اسلامي، عيسائي ۽ يهودي خيالات کان الڳ آهن، - جن جو عرب جي تواريخ سان واسطو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ خيالات جو به ڪجهه قدر صوفين تي اثر آهي، سندن خيال ٻڌ ڌرم ۽ هندو ڌرم وارن سان به مطابق آهن. ان مان ظاهر آهي ته، صوفي مت جداجدا خيالات جي هڪ سنڌي يعني سٽي جوڙ آهي. هن وقت بر زبان مون وٽ ثابتيون موجود نه آهن پر گهڻا سال اڳ ڪراچيءَ ۾ مون هڪ ليڪچر ڪيو هو؛ جنهن ۾ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي هيم ته بغداد ۽ ايران سان اڳوڻي هندستان جا گهاٽا ناتا هئا ۽ ڪيترا هندو تجارت وارا ۽ ٻڌ ڌرم جا ڀڪشو، ٻڌ ڌرم جا خيال هندو ڌرم جي ملاوٽ سان، ٻاهر ڦهلائي رهيا هئا. مثلاً پاڻ کي ڪين ڪرڻ وارو يعني نفي ٿيڻ وارو خيال ٻڌ ڌرم جي نرواڻ ٻڌ سان ملي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪائونٽ نڪولس رورش پنهنجي هڪ ڪتاب 'التائي هماليه' ۾ ڪي اشارا ثابتين سان ڪيا آهن ته جيسس ڪرائيسٽ خود ٿبيٽ ۾ ڪنهن وقت آيو هو، جنهن مان انومان ڪيجي ٿو ته ٻڌ ڌرم جا خيال فلسطين ۾ به وڃي رهيا هئا. مگر هي اونهيون ڳالهيون انهو لاجي جي کوجنا وارن لاءِ آهن. اسان جو سنٻنڌ انهن سان فقط ايترو آهي جو ان خيال جي تصديق وٺون ته صوفي مت ۾ ملاوٽ ويدانت ۽ ٻڌ ڌرم ۽ اسلام جي وحدانيت جي آهي؛ ساڳيءَ طرح ڪرسٽ جي محبت جو پيغام ۽ ٻڌ ڌرم جو

اهنسا مارگ به هڪ ٻئي کان گهڻو جدا نه آهن.

" انهن خيالات جا ٻاڻ ۾ تواريخي لاڳاپا آهن. هي هڪڙو ۾ ڪائينڊز ۽ ونڊرائينڊز وشيه آهي پر اسين پنهنجي اصلوڪي وشيءَ کان پري نڪري ويا آهيون. هينئر توهين ٻيل ويدانت جي سمجهاڻي ڪتاب موجب ڏيو؛ هيءَ بحث اسين بند ٿا ڪريون."

ٿوري دير ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اڻ پوري گروهه جي ڳالهه تي آيا سون:

سام چيو: " ويدانت فلاسافي ۾ گيان گهڻو پر پريم يعني ڀڪتي مارگ جي ڪا سمجهاڻي ڏنل ڪا نه آهي. هن ڪلجگ جي زماني ۾ ڀڪتي مارگ سڀ ڪان وڌيڪ آسان آهي."

ٻيو هڪ متر ويٺو هو. جو آن ۾ شامل راءِ ٿيو. مگر ڊپٽي صاحب چيو: " گيان جي پر گهٽ ٿيڻ کان اڳ پريم پيدا ٿي ڪو نه سگهندو ۽ پوري گيان حاصل ٿيڻ کان پوءِ ٻيءَ ڪنهن ڪوجنا جي ضرورت پڻ نه رهندي."

سام چيو: " چوپڙ جي نموني هڪ راند خيال ۾ آئيو جنهن ۾ فقط ٽي چيلا آهن. هڪڙي مان گيان وارو پنهنجي منزل کي پهچي ٿو. هو منزل کي پهچي سمجهي ٿو ته گيان لاءِ ئــي ڪرم جي هٿ هٿ ضروري هئي؛ جنهن ڪري وڌيڪ ڪرم جي ڪا ضرورت ڪا نه آهي. هوڏانهن وري ڪرم مارگ وارو ٻاڻ پتوڙي اچي ساڳيءَ جاءِ تي پهچي ٿو. هو سمجهي ٿو ته گيان ڪرم مان ئي پيدا ٿيو آهي. تنهن ڪري ڪرم ئي سچو مارگ آهي. ڀڪتي مارگ وارو جڏهين پنهنجي منزل کي پهچي ٿو ته هو سمجهي ٿو ته جو ڦل يعني آنند ڪرم ۽ گيان وارو ٻڌي ٿو سو ڦل ازخود ڀڪتيءَ ۾ سمايل آهي، تنهن ڪري ڀڪتي ئي سچو مارگ

آهي . پر در حقيقت اهي ٻئي رستا ڪارگر آهن ۽ سا ڳيءَ منزل تي پهچائيندڙ آهن . مان ڀانيان ٿو ته ويدانت ۾ گيان اکر ٻن اونهي معنيٰ سان ڪم آندل آهي جو رواجي علم ۽ اڀياس کان وڌيڪ اونهو آهي . منجهس آها روشني جنهن کي ڇڏا ڀاس پڻجي ٿو ، سماڀل آهي . پر توهان جي ڪتاب ۾ ڀڳتيءَ جو رستو جدا تسليم ڪيل نه آهي . "

ڊپٽي صاحب چيو : " گيان آهي ته پوءِ ڀڳتيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي ؟ "

سام چيو : " اهو سوال هڪ ڀيري طبيب ۾ اسان جي صوفيائي سنگت ۾ اٿيو هو ؛ تڏهن مان زميمداري ڪم ۾ مشغول هيس . مون انوقت جواب ۾ چيو ته ڏسو ، واحدبخش منهنجو وڏو ڪمدار آهي جو سڄو ڪم ڪار زمين جو ڪري ٿو ؛ دانسنگهه منهنجو وڏو منشي آهي ، جنهنکي منهنجي سڄي ڪاروبار جي خبر چار آهي ؛ لعل منهنجو پٽ آهي ؛ جنهنکي اڃا نه ڪنهن ڪم ڪرڻ جي طاقت آهي ، نه ڪاروبار جي ڪا چاڻ رکي ٿو . واحدبخش ڪرم جي مارگ وارو سمجهو جو خاص طور پنهنجي جسماني طاقت منهنجي ڪمن ۾ خرچ ڪري ٿو ؛ دانسنگهه ٿيو ڪارخاني جو گياني ، جو پنهنجو عقل ڪارخاني جي حساب ڪتاب لکپڙهه وغيره جي ڪمن ۾ خرچ ڪريٿو ؛ اهي ٻئي جيڪڏهين پنهنجو ڪم ايمانداريءَ سان ڪن ٿا ته ضرور مونکي پيارا لڳن ٿا ؛ پر بنا ڪم ڪرڻ جي ۽ بنا ڪنهن گيان يا چاڻ رکڻ جي لعل مونکي ازخود پيارو لڳي ٿو ، ڇالاءِ جو منهنجو هن سان پيار آهي جو مونسان دل جو سڀ آهي ! اهڙيءَ طرح ڀڳت لوڪ ايشور کي هميشه پيارا آهن توڙي جو هو پوريءَ طرح سنڌس سرشتيءَ جي راز مان واقف نه هجن ۽ سنڌس سرشتيءَ ۾ ڪي وڏا ڪم ڪو نه ڪري

ڏيکارين. مطلب ته پريم روحانيت جـــو انس آهي؛ پريم خود مارگـــ ۽ منزل به آهي!"

ڊپٽي صاحب چيو: "پريميءَ کي به جڏهين ڪا چاڻ ٿيندي تڏهين ته منزل ڏانهن وڌندو. ان چاڻ کانسواءِ منزل تي پهچڻ وارو مزو پڻ هو ڪونه ماڻي سگهندو."

سام چيو: "آخر منزل ڪرم، گيان ۽ پريم جي هڪ آهي. در حقيقت رستو به هڪ آهي ۽ اهي ٽي فقط بيـان ڪرڻ جا الگـــ نمونا آهن. پريم شايد اهي ڪن ٽـا جن جڳان جڳـــ هن کان اڳي سڦلا ڪرم ڪري پنهنجي آتما شڌ ڪري ڇڏي آهي؛ جن کي هينئر وري ڪرم ڪرڻ جي لوڙ نه آهي. گيان به پريم سان مليل آهي. پريميءَ کـــي ميلاپ کانءِ پوءِ ئي صحيح سمجهه پرماتما جي اپر اپار شڪتيءَ جي حاصل ٿئي ٿي. گيانيءَ کي وري پورڻ گيان پائي دل ۾ محبت پيدا ٿئي ٿي. ڪرم مارگـــ وارو به آخر آزمودا ڪري يا نوڪرون کائي گيان وڏائي محبت کي پائي ٿو. اهي ٽيئي هڪ ٻئي سان وڌنڙ آهن. فقط ڪو شروع ۾ زور ڪرم تي، ڪو گيان تي ڏئي ٿو. آخر ته سيئي پريم ۽ پريم جي آنند ۾ سمائجي وڃن ٿا. جو رستو جنهنکي نهڪي اچي سو ان لاءِ سٺو آهي. سڀ شيءِ ۽ سڀ جيءَ کي، پـــاڻ اندر ئي پورنتا جا ڪي انگـــ رهن ٿا. سچي پورنتا جي حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ ۾ ڪيترا دروازا کان ٿـــا. ڪـــو ٻج نپائڻو هجي ته هڙرادو حيلي سان ۽ محنت سان، ڪونديءَ يا ننڍي ڏول ۾ به نپائي سگهجي ٿو؛ لئبارٽريءَ ۾ ڪيميڪل جزن جي رلڻ سان پڻ انهيءَ کي اگائي سگهجي ٿو ۽ قدرتي طرح کيت يا باغ ۾ سج ۽ روشنائي يا هوائن جي سٺي اثر سان پـــڻ انکي وڌائي سگهجي ٿو. اهو ٻج آهي پاڻ ست، چت، آنند، جو

سڀ جيءَ ۾ سڀ شيءِ ۾ وياپڪ آهي. هتي ۾ پيرن سان ڪرم جا حيلا ڪندو رهه، تڏهين ته انهيءَ کي پاڻي سگهجي ٿو. ڪنن سان ڪٿائون ٻڌندو رهه؛ اکين يا ٻين اندرين سان احساس وڌائيندو رهه تڏهين به اهو حاصل ٿئي ٿو؛ پريم ۽ پياس سان سنڀاليندو رهه تڏهين به، ڪيس پاڻي سگهجيٿو. ڇا لاءِ جو هو سڀ ڪنهن ۾ حاضر حقيقت آهي. اهي سڀ رستا چڱا آهن ۽ هر ڪنهن جي اوسنا آهي، انهن جو جدا اختيار ڪرڻ يا ميلاپ ڪرڻ، سو پاو پاو پتاندر ٿي سگهيٿو. انهن مان ڪوبه رستو آتما لاءِ ڏاريو نه آهي، ڇا لاءِ جو اهي ٽيئي، ڪرم گيان ۽ پريم، خود آتما جو انس آهن. انهن بنا آتما ڇا آهي؟ جڏهين مان چوان ٿو ته محبت جو رستو يا ڀڳتي مارگ سڀ کان سٺو آهي ته ان جي معنيٰ فقط اِها آهي ته جڏهين ڪرم ۽ گيان ڪمائي آتما آخر پريميءَ وارو پد پائي ٿي، تڏهين ميلاپ باقي پري نه آهي. حاصلات جا حيلا گهڻا آهن، مگر منزل هڪ آهي. جن اندروني اپياس ڪيو هوندو انهن لاءِ هي ڪو ڳوڙهو مسئلو ڪو نه آهي. فقط ظاهر ۾ ٽيئي مارگ نرالا نظر اچن ٿا؛ ورنه گڏ و گڏ هلن ٿا ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ٿي رهن ٿا."

ٿوري دير بعد سام وڏيڪ چيو: "اڳي پٿر گسائي ان مان روشنيءَ جي چڻنگ ڪڍندا هئا؛ تنهن کان پوءِ انسان جو جڏهين عقل وڌيو ته ماچيس نڪتا؛ هينئر سائنس جي ذريعي بجليءَ جي بٽڻ هيٺ ڪرڻ سان آگ يا روشني پيدا ٿئي ٿي. پٿر گسائڻ سو آهي ڪرم ولوڙڻ جي موافق، يعني آزمودا برائي ۽ حيلا هلائي پوءِ گيان جي چڻنگ پيدا ڪرڻ؛ ماچيس آهي علم ۽ عقل جي هٿين حيلن سان گيان جي روشني پيدا ڪرڻ جي برابر ۽ بجلي آهي اهـا محبت جنهن جي لڳڻ سان

من وڃي ٿو پرم آنند ۾ پاڻ سمائي ! البت ڀڄليءَ جو ٻئن هلائڻ يا گيان جي تيلي لڳائڻ ، سو ٻه هڪ قسم جو ڪرم چئي سگهجي ٿو ."

* * *

٢٦-٩-١٩٥١ع- مون سام جا ڪي شعر ٿي پڙهيا جن ۾ هڪڙي هيءَ ٽڪ ٻه هئي، 'منهڙو پسائي هيڪر ڇو پاڻ ٿو ڇپائين'؛ منجهن ملڻ جي آس ظاهر هئي ۽ منهنجي دل ۾ ڪي خيال اچڻ لڳا؛ آهي شايد هن نوع ۾ هئا: هڪڙن شعرن ۾ چيل آهي 'مون درشن پاتو' وغيره؛ درشن پائڻ کان پوءِ اڃا طلب ڇاجي ٿي رهي؟ سام انهن خيالن جو ڪو پاڇو مون تـــي ڏنو ۽ چيائين: " زندگي لڪ ڇپ راند آهي؛ نه رڳو روحاني زنـدگيءَ ۾ مندن وانگر ڦيرا اچن ٿا پر منجهس ڏينهن رات پڻ ٿين ٿا؛ شاعر ۽ فقير وڇوڙي جي رات ور ور محسوس ڪن ٿا؛ زماني جي بيوفائي ، ڪوڙ ، ڪپٽ ۽ ڪروڌ جـو ورتاءُ حياتيءَ جي ميدان ۾ ، سو سندن امنگن کي اٿاري ٿو؛ مگر ان حقيقت جو احساس اڪثر سالڪيءَ واري درجـــي نائين رهيٿو . مجذوبيءَ واري يا برهم گيان واري حد ۾ اهو احساس گم ٿي وڃي ٿو .

" ڪڏهن شاعر خود غم ۾ وڏي وندر پائي ٿو؛ رات پنهنجي نموني سهڻي آهي ۽ ڏينهن پنهنجي نموني . هجر ۽ وصال، حقيقت ۾ ساڳي پريم جا ٻه پاسا آهن . جئن روزاني بکـــ ۽ پيٽ جو پيرڻ ٻئي قدرتي طرح رڳن ۾ رت ۽ ست وڌائڻ جو ڪارڻ آهين ، تئن وصل وارا ڏينهن ۽ پياس پريل وڇوڙي جي راتين جو نتيجو آهي امنگـــ جو واڌارو . مان سمجهندو آهيان ته روحاني ترقي سڌي لائين ۾ نه آهي مگر هڪ گول ڦرندڙ ڏاڪڻ مثل يا هڪ اسپرنگـــ مثل چڙهندڙن و ڪڙن

(Spiral rungs) جي نموني ۾ هلي ٿي . لهه چڙهه جيوت جو قانون آهي . سڀ گهڙيون ۽ سڀ ڏينهن، جئن ماڻهو ننڊ ۾ رهي نٿو سگهي ، تئن من به هر هميشه وصال جي سماڌيءَ ۾ نه ٿو رهي . روحانيت جي ڪمائيءَ آنون ٻن مختلف پاون مان پيدا ٿئي ٿي، جن جو نالو عبوديت ۽ احديت ڪري چئجي، يا وڇوڙو ۽ وصال ڪري چئجي . پورڻ شانتي خالي، خيال رهت دل يا من جي نشاني نه آهي پر اها امنگن ۽ پاون سان ڀريل دل ۾ ئي پيدا ٿي سگهي ٿي . پورڻ (Absolute) شانتي يا پريم کي پڪي ڪرڻ لاءِ خود حالتن جي وهڪري ۾ اچڻ ضروري آهي . مطلب ته پورڻ گيان جي هوندي به طلب ۽ تاس جو رهڻ ضروري آهي . عبوديت ۾ ئي عشق جو مزو آهي ! ساڳيءَ طرح فقير ۽ ساڌو سماڌيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ به پڪتيءَ جي مزي چکڻ لاءِ 'مان' ڪجهه قدر قائم رکندا ايندا آهن . عبوديت روحاني تندرستيءَ جي نشاني آهي . پسيني جو وهڻ جسماني تندرستيءَ جي نشاني آهي . زنده دل ۾ پياس ۽ پريم جا سڀ پاو سمايل رهن ٿا . "

مجازي ۽ حقيقي پريم ڏانهن اشارو ڪندي سام چيو : " اِهو تفاوت فقط اگيان مان پيدا ٿئي ٿو ؛ پريم جي ڪا به وراهست ٿي ڪا نه ٿي سگهي ، نه وري سندس جدا جدا روپن ۾ ڪو ذاتي فرق آهي ؛ مقصد مجازي ۽ حقيقي عشق جو ساڳيو ئي آهي . "

مون پڇيو : " سو وري ڪيئن ٿي سگهندو ؟ مجازي پريم وارو ڪنهن خاص روپ جو قائل آهي . ان جي ڀيٽ حقيقي پريم سان ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ؟ "

سام چيو : " ٻنهي جو مقصد آهي نفس وڃائڻ، جيئن من حسن ۾ هيڪاندو ٿئي يا حق ڏانهن مائل ٿئي ! ٻنهي جو

انت آهي بيخود ٿيڻ ۔ تنهن ڪري هتي وڃي ساڳي منزل کي رسن ٿا ۔ "

* * *

٢٨- ٩- ١٩٥١ع – اڄ سام کي زڪام هيو ۔ ست سنگ ۾ رامائڻ يا ٻئي ڪنهن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ٻه يا ٽي ڀڄن ڳائيندا آهيون ۔ سام آمر کي چيو : ” اڄ ڳلو اسانجو زڪام سان ورتل آهي ، تنهن ڪري ڪجهه تون ڳاءِ ! "

امر عذر ڏنو ته ڪتاب ساڻ ڪونه آهي ؛ تنهن ڪري سام منشي کي چيو ته تون ڪجهه ڳائي ٻڌاءِ ؛ سام به تورو ڳڙجي چوايس ۽ ڪتاب ڳائڻ وارو منشي جي هٿ ۾ ڏنائين ته هو اڳ ۾ ڳائي ته پنيان اسان چئون ۔ منشو اهڙو اڇي گهبرايو جو ٻي سُرا آواز ڪيڻ لڳو ۽ راڳ ۾ ميناج ڪو به ڪو نه رهيو۔ ست سنگ کان پوءِ سام چيس : ” ڪيترا ماڻهو چڱن روشن هوندي به ڪُڪ روپا چو لڳندا آهن ؟ نڪ ، منهن ، چپ ، ڪن ، اکيون جدا جدا ڏسون ته ڏاڍا پورا پيا لڳن ، پر سڄي روپ جو تاثير اگرو پيو لڳي ؛ ڇا لاءِ جو خيال ۽ روشن ۾ ميلاپ ڪو نه آهي ! اهو ميلاپ روپ جو خيالات جي سُنائي مان پيدا ٿئي ٿو ۔ جنهن جي خيالات ۾ موزو نيت يعني ميلاپ آهي تنهن جي روشن ۾ پڻ تاثير نظر اچي ٿو ۔ اهڙيءَ طرح ڪيترا ڳائيندڙ ڳلي سٺي هوندي به ميل راڳ جو پورو نه رکندا آهن ، جنهن ڪري راڳ ٻي چسو ٿي پوندو آهي ؛ راڳ ۾ ميلاپ آڻڻ واري شيءِ آهي پريم يا محبت ۔ جئين روپ جو تاثير خيال تي مدار رکيتو ، تئين راڳ جو تاثير پريم ۽ امنگ تي مدار رکي ٿو ۔ "

وڏيڪ منشي کي چيائين : ” تون پورو پريم نٿو رکين! هونئن ته ٻاڌو ٿي رهيو آهين ، پر اڄ ڪاله راڳين پنهين گهٽو

ٿو. جنهن ڪري اڳي ڪان وڌيڪ ٻئي سُرو ٿي پيو آهين. تنهنجي من جو لاڙو ست سنگ ڪان وڌيڪ ٻين وشين ڏانهن آهي. سُر آواز ڪان اڳ ۾ دل منجهان نڪرندو آهي. پنهنجو پاڻ سريلو بڻاءِ." (روپ يا مهاندن ڏانهن اشارو شايد سام ان ڪري ڪيو جو منشو روش چڱا رکندي به، اڄ ڪلهه خواهش جي اثر هيٺ اچڻ سبب، سام کي ٻي ڊولو پيو لڳندو آهي. سام چوندو آهي ته سندس اکين مان چڙڪ خوفائتا خيال پيا بکندا آهن).

* * *

٣٠-٩-١٩٥١ع – اڄ منشي مون سان گڏجي ويهي ڊائري اُتاري ۽ چيائين ته ممي مون سان پيتا جو ڪم به ڪرايو؛ مون ڪيس چيو ته پوءِ ڪنداسين. پر هن گهڻو ضد ڪيو ته هينئر ئي ڪري ڇڏيون. چيائين، ٻين ڪمن ڪان هي وڌيڪ ضروري اٿو. تڏهين سام ڪيس هن ريت سمجهايو: "جيڪڏهين سچ پچ ڪا آشرم يا سنستا اڏي اٿو ته ڪي اصول ۽ نيم روزاني ڪم جا ضرور عمل ۾ آڻڻا پوندا. جيڪڏهين سڀ ڪو پاڻ کي قابل سمجهي پنهنجي ڳالهه سڀني کي مڃائيندو ته اهو گويا ٻئي جي آزاديءَ ۾ رنڊڪ وجهندو. جنهن جي جيتري گهر ۾ يا آشرم ۾ حيثيت آهي، اوتري حد اندر انهيءَ کي هلت ڪرڻ گهرجي ۽ نه وڌيڪ. وڏي جوابداريءَ واري جو ننڍي جوابداريءَ وارو چوڻ مڃي. جنگ ۾ اهڙا اتفاق ٿيندا آهن جو ڪڏهين وڏا آفيسر پائمال هوندا آهن ۽ ڪنهن ننڍي آفيسر کي وڌيڪ خاطريءَ جهڙي چاڙهه هوندي آهي. اُن وقت ننڍي جو فرض آهي ته وڏي جي اڳيان پنهنجا خيال آزاديءَ سان پيش ڪري، پر جي سندس ويچار مڃڻ ۾ نه اچن ته وڌيڪ ضد نه ڪري. جي هر ڪنهن سوالجر کي حق ڏبو

ته بيهي پنهنجي ڪمانڊر سان ٽيپي ٽيپي تي بحث ڪري، ته گهڻو مونجهارو پيدا ٿي پوندو. توهان هت ننڍي سائيءَ يا سولجر مثل آهين. ڳالهه شايد تنهنجي پوري آهي ته پيٽا جو ڪم بروقت ٿيڻ گهرجي. پر جي تنهنجي مميءَ ڪي مڃڻ ۾ نه ٿي اچي ته ضد نه ڪر!"

* * *

مون ڪجهه نوٽ لکي سام کي ڏيکاريا ته نظر مان ڪڍي ڏيو؛ ٺيڪ آهن يا نه؟ سام کي تبديلون ڪري مضمون لکڻ بابت مونکي هيئن سمجهائي ڏني: "مضمون ۾ ڪئميرا وانگر فوڪس جو خيال رکڻ گهرجي. اهو خيال فوٽو گرافر فوٽي ڪڍڻ وقت ۽ چترڪار (Artist) نقش چٽڻ وقت رکندو آهي. فرض ڪيو فوٽو گرافر هتي تنهنجو فوٽو ڪڍڻ چاهي ٿو. جيڪڏهين سندس مطلب آهي تنهنجي فوٽي ڪڍڻ جو ته هو تنهنجي شڪل کي هن سچيءَ ارد گرد ۾ خاص اهميت واري جاء ڏيندو. جيڪڏهين هو ائين نه ڪندو ۽ مڙئي ڪٺي تصوير ڇڪيندو، جنهن ۾ هي ڪانيون، ڪتون ابنا سبنا سامان سڀ اچي ويندا ته اها تصوير سچي ته هوندي پر اُن هوندي به اڻ پوري هوندي؛ ڇا لاء جو اُن ۾ مطلب واري شيء، يعني تنهنجي صورت، انهن اجاين سامانن وغيره جي وچ ۾ پنهنجو سچو تاثير نه ڏيکاريندي ۽ مزي جهڙي نه ٿيندي؛ پر جي نا ضروري شين کي ڇڏي ڪئميرا فقط شڪل تي فوڪس ڪبي ۽ پس منظر صاف رکبي يا مطلب جون شيون چونڊي شامل ڪبيون، ته اها شڪل وڌيڪ چٽي ۽ جاندار پئي لڳندي؛ روش ٻين شين کان وڌيڪ خيال کي ڇڪيندا. اهڙيءَ طرح مضمون ۾ جيڪڏهين اجاين ڳالهين جي اپٽار ڪبي جهڙوڪ فلاڻي هيئن چيو يا مون وري هيئن چيو

ته خيال وارو نڪتو گهٽي اپٽار ۾ اڪي ويندو . تنهن ڪري ڪوشش ڪري نوٽن ۾ نا ضروري ڳالهيون نه لکجن يا ٿورن ۽ سليس لفظن ۾ چٽي وڃجن ؛ فقط ايترو قدر آهي آئجن جو خاص ڳالهه جيڪا ڇوٽي هجي انهيءَ کي وڏيڪ چٽو ڪري ڏيکارين ؛ جئن اهو خاص خيال اثرائتو ۽ نوڪدار نظر اچي."

* * *

٥- ١٠- ١٩٥١ع - ڪالهه ڊپٽي صاحب اسانوٽ آيو . اسان ڪيس ٻارن سميت پاڻ وٽ ماني کائڻ لاءِ چيو . مگر هن ڪجهه سانيا ۾ ۽ ڪجهه چرچي طور چيو : " توهان جنهن صورت ۾ اسانجي هٿ لڳل شيءِ به نٿا کائو ، تنهن صورت ۾ اسين ڇو توهان وٽ کائون ؟ پرجي ماني کائڻ آيا سين ته سيني شين کي هٿ لڳائي ڇڏبا ، جيئن توهان لاءِ بنا هٿ لڳل شيءِ کائي کانه بچي ! پنهنجي گهر ۾ ته مان ائين نٿي ڪري سگهيس جڏهن توهين مونوٽ آيا هئا ! "

ڳالهه هيئن آهي ته ڊپٽي صاحب پنهنجي گهر ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ صوف چليو ، هٿ ۾ جهلي مونکي کائڻ لاءِ آڇيو ؛ مون ڪيس چيو تـه مان پنهنجو صوف پـاڻ چليندس ؛ تڏهين مام ڪيس ٻڌايو تـه اسين ڪچي شيءِ پنهنجي ئي هٿ سان چلي کائيندا آهيون ! ڪالهه جيئن ڊپٽي صاحب انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو ته مام ڪيس هن ريت جواب ڏنو : " انهيءَ ۾ نه ايمان جي ڪا ڳالهه آهي ۽ نه ڌاريائي جي ؛ پاڻ اسين توهانکي ايترو ته پنهنجو سمجهون ٿـا جو بـي حجاب پنهنجا خيال توهانکي ٻڌائي ٿا ڏيون ؛ اهو خيال ڪونه ٿـا ڪريون ته مـتـان تـوهـان ڪجهه دل ۾ ڪـريـو . جتي اڳلو تمام نـاراض ٿيندو آهي تـه اُتي ڪن حالتن ۾ ، هٿ جـي

ڇهيل شيءِ بہ ست ڪري ڪائي ويندا آهيون . عام طور اِهو اصول چڱو آهي تہ ٻئي ڪنهن جي هٿ جي ڇهيل شيءِ خاص ڪري ڪچي، ڏوڏڻ ڪانسواءِ نہ ڪائجي . ڇا لاءِ جو هٿ ۾ پگهر رهيتو ۽ عام طور ماڻهو هٿ اهڙو صاف ڪونہ ٿا رکن . اسانجي ملڪ ۾ تہ خاص اهڙي پرهيز جي ضرورت آهي . ڪيترن سڌريل ملڪن ۾ هٿ ڪاڌي لاءِ بالڪل ڪم آندو نٿو وڃي . مان انهيءَ خيال جو نہ آهيان تہ پنهنجي ڪائڻ لاءِ هرو ڀرو ڇمچا، ڪانٽا، ڇريون هر وقت ڪم آڻيون . مگر پنهنجي هٿ سان پاڻ ڪائڻ ۽ ٻئي جي هٿ سان وڌيل شيءِ ڪائڻ تنهن ۾ گهڻو فرق آهي . منهنجو هڪڙو دوست ٻڌرن هوون، هڪ روسي ڪرستان، دکن فرانس ۾ رهندو هو . آتي مان جڏهين وٽس هيس تڏهين مونکي ڏسي عجب لڳو تہ هو ۽ سندس گهر وارا ولايت جي تهذيب جي اٻتڙ ڪاڏو، جيتريقدر ٿي سگهي، هٿ سان پيا ڪائين ! نہ فقط ايترو پر انهيءَ ٻڌرن هوون جي استيشنري يعني لفافن پنن وغيره جي پٺ تي هٿ سان ڪائڻ جي فائدي ۾ پرچار جي نموني ڪي ٽڪرا ڇپيل هئا. مان پنهنجي دوستسان شامل راءِ ٿس تہ ڇمچي ڪانٽي جي پوري صفائي رکڻ کان پنهنجي هٿ جي وقت بوقت صفائي رکڻ وڌيڪ آسان آهي . ڪن حالتن ۾ ڪڙهي وغيره پترن ڪاڏن جي ڪائڻ لاءِ ڇمچو ڪانٽو سهنجو ٿئي ٿو، جو بہ صورت ۾ هٿ ۽ ٻوٽ وغيره ڦڦجيو پون. پر ٻئي جي هٿ جي پگهريل شيءِ کڏڻ، سا تہ هڪ نرالي ڳالهہ آهي . اها هر حالت ۾ نقصانڪار آهي. ڇو نہ توهين بہ ائين ڪريو جئن اسين ڪريون ٿا ؟ "

ڊپٽي صاحب چيو : " ٿورو وقت اڳ ، توهان قبول

ڪيو ته ٻئي ڪي ڏک له پهچائڻ جي خيال ڪان سندس هٿان شيءِ کن حالتن ۾ وڃي ڪائيندا آهيون . پوءِ هميشه ڇو نه ٿا ائين ڪريو ؟ جڏهين اهو فائدو توهان جو هٿ نه لائق وارو هميشه عمل ۾ به اچي ٿو سگهي ۽ سو تي هڪ ٻن پيرن پڇڻ سان منجهانئس ڪو نقصان ڪونه ٿو ٿئي ، ته پوءِ هميشه ڇو نه انهيءَ فائدي کي ٿوڙي ڇڏجي ۽ هن ملڪ جي عام ماڻهن وانگر رهجي ؟ ”

سام ورائيو : ” جيڪڏهين ڪو فائدو صحت واري يا ٻئي ڪنهن چڱي اصول تي ٻيڌل آهي پر سو تي پنج پيرا لاچار ٽوڙڻو پوندو ، ته ائين نه چئبو ته پنجانوي پيرا قانون بحال رکڻ ۾ منجهانئس فائدو ڪونه ٿيندو شايد انهن پنجانوي پيرن ۾ به ڪيتريون بيماريون ۽ غلاظتون ٽري وڃن. ”

ڊپٽي صاحب چيو : ” توهان ۽ اسان جي ڏيٺ فقيري خيال ڪان ٿي آهي ۽ نه زماني وارن وانگر . فقيرن کي جڳائي ته ايتريون پابنديون نه رکن ! ”

تڏهين منشي ڊپٽي صاحب کي ٻڌايو ته اسان جو دادا (سام) پابندي ڪا به ڪا نه رکندو آهي ۽ ڪيترا پيرا هريجن جي مندر ۾ خود سندن هٿان پرساد ني آتي جه آتي ڪائي ويندو آهي

ڊپٽي صاحب ڪلي چيو ” پوءِ باقي منهنجي هٿن ۾ ڪهڙي غلاظت آهي ؟ جي پنهنجو هٿ لڳل ڪاڌو ڪائي سگهو ٿا ته ڇا مان ڀنگين جهڙو صفا نه آهيان ؟ ”

سام چيو : ” هريجن مندر ۾ جيڪڏهين اسين انوفت پرشاد وٺي نه ڪاڌون ها ته اهو خيال شايد انهن کي ٿئي ها ته اسين ڀنگي يا گهٽ ذات وارا آهيون ، تڏهين اسانجو

پرشاد نہ ڪاڍائون . آتي سوال پيدا ٿـي پيو انسانيت جـو .
انسانيت جي اصول ڪـــي چـــڏي صحت جـو اصول مٿي
ڪرڻو نـــہ هو . صحت وارو اصول خــود انسانيت جـــي
اصول جي ورڌ ناهي، تڏهين بــہ انوقت جــي اها تقاضا هئي
تہ هن جي خيال ۾ ڪو وڳهن نہ وجهجي . پنهنجي جاء تي
انهن ڪي اسين سمجهائيندا آهيون تہ مندر ۾ صفائيءَ جا نيم
پورا رکو . اسانجون ڳالهيون پوءِ پاڻ چڱيءَ طرح سمجهي
سگهندا آهن ؛ انوقت انهن مان ڪي غلط فهميءَ هيٺ اچي
وڃن ها جي اسين پرشاد وٺڻ کان انڪار ڪريون ها . "

سام وري ڊپٽي صاحب ڪـــي چيو : " مونکي توهان
جي سنگيت پروگرام ڪانپوءِ ڇمڇي سان پرشاد ورهائڻ واري
ريت وڻندي آهي. جيئن اهـــو نمونو اختيار ڪيو اٿو تئين
اسان جا پيا خيال بہ هڪ وقت اختيار ڪندو . "

* * *

٦- ١٠- ١٩٥١ع - گرڌاري ڪيترن ڏينهن کـــان
ماني ڪرڻ ۽ ٻئي هٿ جي ڪم ڪرڻ کان ڪيٻائيندو آهي.
اڄ ڪيس سام چيو تہ توکي جلد ٻاهر زمين جي سنڀال لاءِ
موڪلو يا . وڃڻو پوندو . پوءِ شايد هميشہ لاءِ توکان رنڌڻي
جو ڪم ڇڏائجي .

سام کي انوقت خيال ... تہ هو تيرهن سال اسانوٽ
رهيو آهي ؛ ڪيس ڪجهہ اڳ ... ماي تہ چڱو ٿيندو ، جا لاءِ
جو هنکي تمنا آهي . پنهنجو گهر ٻار ناهيان . تڏهن ڪيس
چيائين: "اڄ توسان هڪ اڻ چيل ۽ اڻ ڪيل واعدو پاڙيون ٿا؛
جيتوڻيڪ اهڙو اقرار ڏنل ڪونہ هو ، تڏهن بـــہ اهـو خيال
ضرور تنهنجي ۽ اسانجي دل ۾ هيو تہ هميشہ تون کو سخت

پورهيا ڪونه ڪندو رهندين. هينئر جيڪڏهن سچائي ۽ وفائيءَ
سان ڪم ڏيکاريندين ته اسانجو خيال اهو آهي ته توکي پنهنجا
زميندار ۾ گهرو ڪم وغيره سڀ سونپي ڇڏون، ڇالاءِ جو
تون هاڻي وڏو ٿيو آهين ۽ اسانجي به دل گهري ٿي ته
سنساري ڪمن کان بلڪل فارغ ٿيون؛ توکي هي هڪ قسم
جو اضافو ڪري سمجهڻ گهرجي.

گرڌاري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مونکي چيائين: "ممي!
مان اڄ کان وني مئنيجر ٿيو آهيان."

سام ڪيس وڏيڪ چيو: "جيئن تون خوش ٿيو آهين
تيئن اسانکي به خوشي ٿئي ٿي هر ڪنهن کي حق ڪرڻ
۾ خوشي حاصل ٿيندي آهي. جيڪو ماڻهو جنهن جاءِ جو
حقدار ٿيندو آهي، اها انکي ملندي آهي ته مونکي ڏاڍي خوشي
ٿيندي آهي. جيئن ڪو ڏکڻ پورو سال ڪڍي ان ۾ ڇوڙ
فٽ ڪندو آهي ۽ انهيءَ جي نهڪي اچڻ تي خوش ٿيندو آهي
توڻي جو سندس روز مزوري ڪو پورن سلن ڪيڻ ڪري
تن مان چار روپيه ٿي ڪونه پوندي آهي، تئين اسانکي به
خوشي ٿئي ٿي جو تون پنهنجي حق ونڻ لاءِ تيار ٿيو آهين
۽ توکي هن نئين ڪم ۾ لڳايون ٿا، توڙي جو هن يا هن
حالت ۾ اڄ ڪالهه زميندار ڪم مان فائدو ٿيڻو ڪو نه
آهي."

گرڌاريءَ مونکي چيو ته ممي! توهين دعا ڪريو،
جيئن مان سچائيءَ جي رستي کان ڪڏهين ڦري نه وڃان!

مون کيس هيءَ هدايت ڏني: "سچائي ۽ صبر جو
رستو ڏسڻ ۾ ڏکو ٿيندو آهي، پر سچ پچ سڀ کان ويجهڙو
۽ سولو آهي. ڪنهن وقت سختي ڏسي انسان سمجهندو آهي

تہ منهنجي لاءِ شايد هميشه ائين ئي هوندو، پر اڄ رات کان پوءِ پره ڦٽڻ ۾ وڌيڪ دير ڪانہ پوندي آهي. توکي پنهنجي نئين ڪم تي چڙهي ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ تڪليفن جو وقت پورو ٿيو، هوند وڌيڪ ڪشالا ڪري، پاڻ کي ڪامياب بنائڻ گهرجئي."

ان ڳالهہ تان خيال ڪندي مون ڪجهہ مسخريءَ ۾ ۽ ڪجهہ سچ ۾ سام کي چيو: "پئن سيني سان وعده پاڙيو ٿا، باقي مون هڪڙي سان ڪو نہ پاڙيا اٿو!"

سام چيو: "توسان وعدو پاڙڻ، سو سڄي جيون جو سوال آهي. پيا ٿا هوريان هوريان پاڙيون! تنهنجو وعدو بہ تہ سيني کان وڏو ۽ ڏکيو عرصي لاءِ ورتل آهي؛ سو پلا هڪ گهڙيءَ ۾ ڪيئن پڙي سگهندو؟ ڪجهہ پڙيو آهي ۽ ڪجهہ پاڙڻ جي ڏٺي همت ڏيندو."

مون سام کي چيو: "تڏهان مونسان گڏ آهيو تہ مونکي سڀ ڪجهہ آهي. اسانجي گڏجڻ وقت جن برخلافيون ڪيون يا گلائون ڪيون، سي بہ پنهنجي برائن جو بدلو پيا پوڳن. سان ويني ٿي ايشور جا رنگ ڏسان تہ ڪيئن هو انصاف ڪري رهيو آهي."

سام چيو: "اهڙي مراد رکڻ ٺي چڱي نہ آهي تہ ٻيو ڪو لوڙي؛ هرڪنهن کي ايشور سان پاڻ منهن ڏيڻو آهي؛ اسانکي بدلي وٺڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي، نہ اسانکي ٻئي جي درد ۾ ڏسي خوش ٿيڻ گهرجي. مان انهن ماڻهن لاءِ اول دعا گهرندو آهيان، جن سان ڪڏهين بہ ڪا مخالفت ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح در آچار جي جزا جي

پوئتي . تون انهن سڀني کي دعائون ڪندي رهه ته شل ڏٺي سنڌن واٽ روشن ۽ سهڻي بڻائي . ايشور جو قانون ٻــرپا آهي ۽ سندس انصاف اٽل آهــي . پر اسانکي پنهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ سدائين مهر جي طلب ٿي ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ ته انسان خطا جو گهر آهي؛ اسين سڀ خطا کان آجا نه آهيون. هو شل اسان سڀني کي پنهنجون مدايون معاف ڪــري!"

* * *

٧-١٠-١٩٥١ع - صوفــي صاحب جون حالتون، جنجو هت اڳ ذڪر ڪيل آهــي ، ڪجهه سٺايون ٿيون آهــن . اڄ وري جيئن هو اسانوٽ ماني کائڻ آيو ته مون تــي پنهنجا احوال ورنن ڪيائين ۽ چيائين دعا ڪريو تــه اهڙين چنتائــن کــان هميشه لاءِ آزاد ٿجي .

سام چيو : " توهان فقط ڏڳ مت ڪريو، پوءِ انهيءَ ڏڳـــ واريون مڪيون ۽ مرض پائهي توهانکي ڇڏي وينداء ڪتن جي نرڊ ۾ ڪتي جي مک پيئي ستائيندي آهي . پر جي نڪري ٻري هليو ويندو آهي ته آخر اها ڇڏي ويندي آهي- جي توهين هوندا ته پهريائين هي مکيون ۽ مرض ڇڏي وڃن ته پوءِ ڪنهن ٻئي ڏڳ ۾ نڪري هلون ، تــه اهــا ڳالهه اهجي آهي ؛ اول انهيءَ احوال مان نڪربو ۽ من کي موڙي ٻئي پاسي لائبو ، ڪنهن شيوا جي ڪم ۾ يا ادبي ، اخلاقي مشغولين ۾ يا ڪٿي چنجي الله جي ڳولا ۾ خيال لڳائبو ته پوءِ چنتائن کان چنتو ٻه ستائو ٿي پوندو . اسانجو پنهنجو من ئي چنتائن جو گهر آهي . "

سام گفتگو ڪندي وڌيڪ چيو : " مونکي ٻــه طبيب ۾ گهڻا اهڙا زماني جا انتظار ڪــيد لڳل هئا ، وقت بوقت

الله کي پيو سوال ڪبو هو ته ڇوٽڪارو ملي. آخر جڏهين طبيب جي ڪم ڪارڻ مان هٿ ڪـــڍيوسين ته آهي مرض هٽي ويا. توهين به اڏين ڪريو؛ نيون ونـدرون پنهنجي لاءِ ڳوليو؛ ڇا لاءِ جو اسان جي چنتائن جـي جڙ اسان جـــي چاهنائن ۾ آهي."

صوفي صاحب وري شـام جـــو اسانوٽ آيو ۽ ڳهرو ڳالهين جو ذڪر ڪندي چيائين: "مان ته جيل وڃڻ لاءِ به تيار آهيان. سمجهان ٿو ته جيل ۾ مان جيڪر دکي نه ٿيان!"

سام چيو: "اهڙا ويچار ڪي نه ڪريو. ان جي بجاءِ باغن جا، گلن جا، ٽڪرين جـا ۽ فقيرن جـي صحبت جا سٺا ويچار رکو ته الله ڪندو آهي ڪي شيون توهانکي نصيب ٿينديون؛ جن تي خيال آرو ڪريٿو، اهي ڪي ڳالهيون اچـي زندگيءَ ۾ موجود ٿين! خيال ڪـــي هڪ عجب قسم جـي ڪشش آهي. نه فقط موجود شين کي پاڻ وٽ رکي ٿو پر پنهنجي طلب واريون شيون نيون پيدا ڪري سگهي ٿو؛ زهر مان امرت ۽ امرت کي زهر بڻائي سگهيٿو. جي جيلن ۽ تڪليفن جا خيال رکندو ته سچ پچ آهي ڪي حالتون اچي وينديون! خدا ڪري شل اڏن نه ٿئي!"

صوفي صاحب جـــي وڃڻ کـان پوءِ مون سام کان پڇيو: "امرت مان زهر يـــا زهر مان امرت ڪيئن ٿو خيال بڻائي؟"

سام چيو: "اها اندروني تجربي جـــي ڳالهہ آهـي. اهڙا گهڻا مثال خيال جي ڪرامت جا ڏيئي سگهبا. هڪڙو توکي هي ٻڌايان ٿو؛ هـڪ فرينچ ڊاڪٽر ڪئهن ڪيمسٽ جي دڪان تي ڪمپاؤنڊر هو. هڪ مريض کانئس دوا ٺهرائڻ

آبو جا هو هميشه ٺهرائي ويندو هو. ان ڏينهن هي ڪمپائونڊر ڪيس پل ۾ بي دوا ڏيئي ويٺو جا هن لاءِ بي حد نقصان ڪار هئي. سندس ايڊريس ٻن ڪان هيس جو هو ڪيس اطلاع ڪري سگهي. جيستائين وري اهو ماڻهو موٽي آيو تيستائين اهو ڪمپائونڊر ڏاڍو انتظار ۾ رهيو سيائي تي جڏهن هو دوا لاءِ آيو تہ ڪمپائونڊر ڪاڻس پڇيو، دوا مان ڪو نقصان تہ ڪونہ ٿيو؟ هن چيو، دوا اهو هڪ قابل ڊاڪٽر جو نسخو آهي ۽ مونکي گهڻو فائدو ڪيو اٿس؛ تڏهن هن ڪمپائونڊر خيال ڪيو تہ فائدو سندس اعتقاد مان ٿيو آهي؛ ورنہ اها مٿيل دوا سندس لاءِ زهر هئي! ڪوءِ هن دنيا ۾ مشهور آٽو سجيسشن (Auto Suggestion) جو طريقو ايجاد ڪيو. ان جو منتر رکيائين: ”هر پل ۽ هر روز مان اڳي کان بهتر پيو ٿيان ٿو.“ (Every day & every hour, I am getting better & better) اهو آهي هڪڙو ننڍڙو مثال زهر کي امرت بنائڻ جو. ان مان اهو بہ ثابت آهي تہ جهڙا ويچار رکبا اهڙائي نتيجا نڪرندا.“

* * *

٧ — ١٠ — ١٩٥١ع — منشي کي سام چيو تہ هي ماني ۽ چانور جيڪي بچايا اٿو سي اجايو زيان پيا ٿين. آهي ڪٿي اڄ تہ ڪانون کي وجهون. جڏهن هو ماني وغيره ڪٿي آيو، تڏهن سام اهو خيال ڪيو تہ پل ٻاڙ پکين کي ڏئي، جڻ اڳتي لاءِ چڱي عادت پوي. منشي کي چيائين تہ چڱيءَ طرح، شرڪا ۽ سان، جيئن مندر ۾ پوڄا جي لاءِ شيءِ ناهي ايندي، تيئن هي چانور وغيره ناهي وڃي ڇانو ۾ رک تہ پکوان پکين جي روپ ۾ اچي پاڻ کائي وڃي! ٿوري دير بعد وري چيائينس: ”ڏس، ڪانو ڪيئن مزي سان

پيا ڪـــائين!"

منشي کي اها ڳالهه رواجي لڳي، جنهن چيو: "سائين ڪائيندا نه تڏهين چڙي ڏيندا؟"

سام ڪيس چيو: "گيتا ۾ چيل آهي ته جو ڪڪ پڻ پيا ڳاهه ٿي مونکي شرڌا سان ڏني ٿو، سو مان سويڪار ڪريان ٿو ۽ ڪنهن به ديو جي پوڄا ۾ شرڌا سان جو ڪجهه آڻي ٿو، سو به مونوٽ ئي پهچي وڃي ٿو! مطلب ته شرڌا ئي شيءِ کي ملهائتو بڻائي ٿي. ايشور وٽ تارازي اسان جي دان وغيره چڱن ڪمن جي تورڻ لاءِ ڪا نرالي رکيل آهي؛ آڳهائي ته پاءُ نه ته مڻ ٻـ. موتيا وڃن! هن ڪرم جو ڦل ان ڪري مونکي نه ملندو جو اهو آن يا چانور منهنجا آهن؛ مگر جيڪو شرڌا سان ڏينده آهوئي ڦـل پائيندو. ايشور وٽ پيچ پاوناڻن يعني ارادن جي تارازي ۾ توريو وڃـي ٿو ۽ نه شيءِ جي تور يا ملهه وغيره جو اتي ڪو حساب آهي. هن آن ڏيڻ سان توکي به دان جو ڦل ملي سگهي ٿو ۽ موکي به، جيترو تڏهن شرڌا سان اهو ڪر سني طرح اسين پورو ڪرڊن ٿا. ائين سمجهه ته اهو آن ڪانون کي نه پر ڪانون جي معرفت خود ايشور کي پيتا ڪرڊون ٿا ۽ هن ساڳئي آن مان اسين ٻيئي شيوا جو ڦل وٺي سگهون ٿا. مون ارادو ڪيو ۽ تـو اهو عمل ۾ آندو؛ جنهن ڪري پرور ڪرم ۾ وجهـو اوتروئي ڪرم سڦلو ٿيندو ۽ ٻنهين کي پنهنجي پنهنجي شرڌا آهر ڦل ملندو."

* * *

ڪالهه صوفي صاحب جنهن اسانوٽ چانهه تي بيٺي ته پڇيائين: "پيالي ۾ کنڊ وڌي اٿو يـا نه؟"

سام ڪلي چيو: "سب ڪان سني ڳالهه آهي پـــي

ڏسڻ ۽ پوءِ خبر پوندي ته مٺي آهي يا ڦڪي."

ڊپٽي صاحب چيو: "ڪسيءَ يا ڪڙيءَ شيءِ جي فقيرن کي ڄاڻ ڪانهي نه گهرجي!"

سام ورائيو: "فقيرن کي ڄاڻ چڱائيءَ لڳائيءَ جي پاڻ وڌيڪ رکندي آهي، جيتوڻيڪ هو صبر سان پنهنجي برداشت ڪندا آهن. روحانيت جي سچي معنيٰ آهي ڪماليت، جنهن ۾ ڄاڻ جي به ڪماليت اچي وڃي ٿي."

ڊپٽي صاحب چيو: "مان سمجهندو آهيان ته فقير اهڙن تفاوتن جي ڄاڻ کان مٿي آهن."

سام چيو: "سو ان ڪري نه، ته ڪو احساس يا سمجهه منجهن گهٽ آهي؛ پر ان ڪري جو هنن هستيءَ جو مڪان اونچو آهي. جيئن ٽڪر جي چوٽيءَ تي بيٺل کي يا هوائي جهاز مان ڏسندڙ کي هيٺيان ماڻهو بندرا يا ڏگها ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن، تيئن فقير جي درشٽي ۾ سڪي ۽ ڏکي جي تفاوت تي ڪا نه ٿي رهي. روحاني انسان کي احساس آهي پر اهو وڌيڪ اونچين شين سان واسطو رکي ٿو. تنهن ڪري ڪٿي چکي ته ڦڪيءَ، مٺيءَ يا ڪسيءَ ڪڙيءَ جي فقيرن کي ڄاڻ ڪو نه ٿي رهي."

* * *

پوءِ ميٽنگ ۾ ٿورو ٻرهم ۽ گيان مارگ تي بحث هليو. اسانجي انجنير دوست چيو: "هن ڪتاب (پنهنجي ڪرڻ) ۾ گيان مارگ تي زور ڏنل آهي؛ پر مان چوان ٿو ته ڪرم کان سواءِ گيان ۾ هڪ قسم جو ڏس آهي؛ ان تي جڏهين عمل ڪبو تڏهين ئي انهيءَ مان فائدو ٿيندو."

ڊپٽي صاحب چيو: "گيان فقط ڏس نه آهي، مگر

مقصود منزل آهي. گيان جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن به ڪرم جي ضرورت نه ٿي رهي."

سام چيو: "مان سمجهان ٿو ته انسان جي آڌار لاءِ ٻئي ضروري آهن. ڪيڏو به گياني هجي ته به ڪي عمل يعني ڪرم ضرور ڪندو هوندو؛ جيئن جيئن پند ڪجي ٿو تيئن تيئن ڪرم يعني انهيءَ پند مان ازخود گيان پيدا ٿئي ٿو ۽ منزل مقصود جو نظارو چٽيرو پسجي ٿو؛ ڪرم سان گڏ چاهه جو واڌارو ٿئي ٿو ۽ جيئن چاهه وڌي ٿي، تيئن ڪرم سولو ۽ سوکيو ٿيندو وڃي ٿو. پر جي پريم ٻنهي ۾ سمائجي ته وري معاملو سٺائو ٿي پوي ٿو. ڪرم ۽ گيان کي پريم جي طاقت جلد وڌائي پورڻ بنائي ٿي! ڇو ته ڪري پريم خود هڪ عمل ٿي پوي ٿو ۽ گيان سندس پاڇي مثل رهي ٿو، جيو آتما پرم آتما کي ڪرم رستي پائي يا گيان جي رستي هڏائي، پر مطلب ٻنهي جو آهي آن سان هڪ ٿي وڃڻ؛ سا ڳالهه پريم ازخود حاصل ڪري ٿو. سچي پريميءَ کي سڀ گيان پاڻ اندر حاصل آهي. آن اتم شڪتيءَ يعني ست چد آنند سروپ سان ملي وڃڻ کان پوءِ گيان جي گهٽائي ڀلا ڪيئن رهندي؟ ملاپ ۾ هڪ جزي کي نه فقط ٻئي جزي جي چاهه رهندي، پر ان سان گهرائپ ۽ هڪڙائي ٿي وڃي ٿي."

* * *

١٦ - ١٠ - ١٩٥١ع - ڪالهه ڊپٽي صاحب جي واتان هڪ عجيب ڳالهه ذڪري ويئي، جنهن تي اسانکي هڪ قسم جو ڌڪڪو اچي ويو. هن صاحب گفتگو ڪندي چيو ته پيا

وڪار نه مون ڪٿي جيئيا آهن مگر ڪروڌ باني رهجي ويو اٿم."

سام ڪيس چيو: "اها ڳالهه ناشدني آهي ته سڀ وڪار جيتجي ويا آهن، بلڪي ڪروڌ هڪڙو وڃي بچيو آهي! جنهن ماڻهوءَ سچ جي شرن ورتي آهي، ڪام، لوڀ، موهه،اهنڪار يا ڪوڙ، دوئي، وير سڀ دل مان ڪيڏي ڇڏيا آهن ۽ نفس پنهنجو ماري ڇڏيو آهي، انهيءَ ڪي ڪروڌ ڪرڻ جو موقعو ئي ڪهڙو ملندو؟ ڪروڌ ڇا لاءِ ڪندو ۽ ڪنهنتي ڪندو؟ روحانيت جو واڌارو ڊگرين ۾ ڇڏو ڪٿي ته تي سگهي ٿو، باقي ائين نه آهي ته هڪ طرف ڪماليت حاصل ڪري ٿو ۽ ٻئي طرف روح اڻ پورو رهجي وڃي ٿو. جيتري قدر نفس اڃا جيئرو آهي، اوتري قدر انهن سڀني وڪارن جي جاڳڻ جو هڪ جيترو امڪان آهي. ڇا لاءِ جو نفس ئي آپو انهن سڀني وڪارن جي جڙ آهي."

ڊپٽي صاحب چيو: "اڌيپن پلانس، ٿو ٿي سگهي ڇا ته ماڻهو چوري ڇڏي ۽ ڪروڌ اڃا منجهس هجي يا ڪامي هجي پر چور نه هجي؟"

سام چيو: "جن وڪارن مان چوري پيدا ٿئي ٿي، سي آهن، لوڀ ۽ موهه؛ جيڪڏهن لوڀ ڪنهن ۾ آهي پر چوري نه ٿو ڪري ته سو شايد ان ڪري هجي، جو ڪيس پرائي مال جي ضرورت اڃا نه آهي، يا عزت وڃائڻ جي ڀو ڪان اها ضرورت محسوس ڪندي به ڪليءَ طرح چوري ڪرڻ ڪيس اهنجو لڳي ٿو. مگر جيستاءِ لوڀ، ممتا، موهه وغيره رهن تا تيستاءِ چوري ڪرڻ جو به امڪان پورو رهي ٿو. هائي جي ڪروڌ اوهان ۾ آهي ته ڪروڌ سان گڏ آپو به ضرور اوهان ۾ هوندو، جنهن مان ڪروڌ پيدا ٿئي ٿو؛ جيستائين آپو يعني مانپڻو آهي، تيستائين پنهنجي ۽ پرائي جي ڄاڻ به آهي؛

جي پنهنجي ۽ پرائي جي ڄاڻ آهي ته ڇنبو ممتا ۽ لوڀ به آهي، هوڏانهن ممتا ۽ لوڀ ڇيوسين ته چوريءَ جا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، تنهن ڪري ڇنبو ته امڪاني طور لوپي چور به آهي. ائين به شايد هجي ته ڪو چوري لڪل ڪندو هجي ۽ ڀاڻ ڪي به نگيندو هجي؛ مثلاً ڪم تي ڏيان نه ڏيڻ، ڪم پرائو ڪري سمجهڻ، آفيسريءَ واري پوزيشن مان خانگي فائدو وٺڻ وغيره؛ مونکي اوهانجي ته شخصي طرح خاطري آهي ته ائين ڪونه ڪندڙ آهيو، ۽ اوهانجو ڪروڌ ضدي نه آهي، جنهن ۾ ٻئي ڪنهن لاءِ حقارت هجي، پر هي سمجهڻ ضروري آهي ته جيتري قدر هڪ وڪار اسان ۾ زور دار آهي اوتري قدر ٻين جي پيدا ٿيڻ جو به امڪان آهي. حقيقت ۾ نفس يا پاپ يا وڪار فقط هڪ آهي، جيتوڻيڪ مندس روپ جدا جدا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪڏهين نفس جي راوڻ جو هڪ سر ڪٽبو ته ٻيو ان جي جاءِ تي پيدا ٿيندو. خستائين راوڻ ڪي جڙ يا مرڪز (ناڀ) ۾ ڀاڻ نه لڳو آهي، تيستائين فقط سرين ڪٽڻ مان مٿس جيت پائي نه سگهبي!"

* * *

۲٦—۱۰—۱۹۵۱ع هن بدرتي ويدانت واري ساڳي ئي ڪتاب مان پڙهندي، ڊپٽي صاحب سمجهائي ڏني ته ويدانت موجب مان هن بت جو ڏسندڙ، پسندڙ آهيان مگر هي بت مان نه آهيان؛ درشٽي، در شيه کان جدا آهي.

انجنير صاحب پڇيو: "هي ڪم بت جا، ڪاڻ، پيڻ، سمهڻ وغيره بت پاڻ ٿو ڪري يا آتما ٿي ڪري؟ جيڪڏهين بت مان لاڳو آهن ته ڇنبو بت ڪي آتما ڪانسواءِ انهن ڪمن ڪرڻ جي طاقت آهي، پر جي آتما جي اشاري ٿين ٿا ته پوءِ ڪيئن ڇنبو ته آتما انهن ڪمن کان الڳ آهي؟"

سام چيو : ” حقيقت ۾ بت روح کان خالي تہ آهي روح ڪنهن دُنت يا روپ کانسواءِ ڏيکاري نٿو سگهجي. ٻئي هڪ سڪي جا ٻہ پاسا آهن ؛ اسپرٽ (Spirit) ۽ مئٽر (Matter) يا پرش ۽ پرڪرتي ، هڪ ئي هستيءَ جا ٻہ پاسا يا طريقا آهن . جيئن گياني هڪ پرماتما کي ٽن وصفن ۾ سمائن ٿا (ست ، چت ۽ آنند) تيئن هي ٻہ هڪ هستيءَ جي ورونڻ جا ٻہ پاسا آهن . روح بنا بت اڻپورو آهي ۽ بنا بت جي روح خيال ۾ آڻڻ ئي اڻپورو آهي ! بت جي معنيٰ فقط انساني جسم نہ آهي ، مگر ڪل موجودات جا اکين سان ڏسي سگهجي ٿي سا بت ڪري سمجهو ۽ اها شڪتي جا منجهس سمايل آهي سا روح ڪري سمجهو . “

انجنير صاحب چيو : ” تڏهين نہ مان چوان ٿو تہ روح ۽ بت جي ڪرتوت ۾ سنڌا چو رکجن ، تہ هي آتما جو ڪرتوت آهي ۽ هي بت جو؛ تہ آتما بت کان الڳ آهي وغيره ؟ “

سام چيو : ” عقل اهي ڳالهيون برابر ثابت ڪري نٿو سگهي . مگر اها هڪ قسم جي خيالي وچور آهي . جيئن واٽ ۾ رستي تي هڪڙو گهوڙن گاڏين ، موٽرن وغيره جو لنگهہ هجي ۽ ٻيو پيدل ويندڙن لاءِ جدا پاسو هجي ، جنکي ورهائڻ لاءِ فقط هڪ ليڪ ڏنل هجي ، اهڙيءَ طرح سمجهو تہ هي کائڻ ، پيئڻ ، سمهڻ وغيره ڪرتوت بت جا آهن ۽ انهن کي ڏسڻ خيال ۾ رکڻ وغيره ڪرتوت من جا آهن ؛ جيتوڻيڪ ٻنهي پاسن جي وچ ۾ هڪ خيالي ليڪ آهي ۽ آتما ئي سڀ جو ڪارڻ آهي . “

ڊپٽي صاحب چيو : ” توهان چئو ٿا تہ عقل اهي ڳالهيون ثابت ڪري نٿو سگهي ، مگر عقل ئي تہ اهي راز

کولي ٿـــو . جيئن ڪنهن شيءِ ۾ اونهو ويچار ڪيو تيئن وڌيڪ چٽي ٿي اها نظر اچي ."

سادُ چيو : " عقل سان ته اونهو وڃي ئي ڪو نه ٿو سگهجي . عقل سان فقط ڳالهين جو مٿيون تهه کولي ٿو سگهجي ؛ وڌيڪ ڪوتائيءَ لاءِ ۽ اونهي وڃڻ لاءِ ٻيا تکا اوزار گهرجن جهڙوڪ احساس ۽ انترگيان ، جن جو رستو عقل جي دليل بازيءَ کان نرالو آهي . عقل پنهنجي دليل بازيءَ سان ڪڏهين سڌو رستو ڇڏائي ڪڏ دڳ به لائي ٿو . مگر اسانکي آهي وڌيڪ اعتبار جوڳا اوزار ڪـــم آڻڻ نٿا اچن ، ڇا لاءِ جو اسين گهڻو وقت بت جي ياگي ۾ رهون ٿا ۽ بت جـــي خواهش جي پورائي ۾ وقت وڃيت ڪريون ٿا. جيتوڻيڪ انجنير صاحب جي چوڻ موجب ذاتي تفاوت اندروني ۽ ٻهروني زندگيءَ ۾ ڪو نه آهي ، تڏهين به ايترو چئبو ته ساڳي هڪ زندگيءَ جو مرڪز ڇڏي ، مرڪز کان اسين ڪجهه ٻاهر رهون ٿا. ايترو فرق آهي جيئن درياه جي سير ۽ ٻاهرين پاسن جـــو، اگرچ درياه ساڳيو آهـــي؛ اج ڪلهه جي زندگي ائين ئـــي آهي . مرڪز کان گهڻو ٻاهر رهڻ ۾ جدائيءَ جو جوکو آهي . تنهن ڪري ئـــي ضرورت ٿئي ٿي ، انهن ڪرتوين ۽ ڪمن ڪارين ۾ ميلاپ آڻڻ جـــي . ڪين جسماني ۽ روحي سڌن جي بدران مرڪزي يا نا مرڪزي وڌيڪ سولائيءَ سان سڌي سگهجي ٿو . جيتوڻيڪ عقل اِتـي به ڦڏو وڃي سگهي ٿو ."

ڊپٽي صاحب چيو : " توهان اکيو چيو تـــه علم ۽ منطق ڪجهه ثابت ڪو ڪـــري سگهي ، مگر منهنجي خيال موجب ، علم يعني گيان کان سواءِ ڪنهن بـــه شـــيءِ جي ذاتي خبر پئجي نٿي سگهي ."

انجنيئر صاحب، جو هڪ شاعر به آهي، تنهن هڪ شاعرانه دليل پيش ڪيو؛ چيائين: "علم ۽ عقل نه رکو اُها ذاتي خبر ڪين تـا ڏين مگر سوچ ويچار پيدا ڪ ن سان حياتيءَ جو مزو گهٽائي ٿا ڇڏين!"

ڊپٽي صاحب ڏاڍهين موڙ ڪري چيو: "توهان انجنيئر آهيو؛ مثال هڪ پت جو وٺو؛ پت جي بنياد ۽ جوڙ جـڪ ڄاڻڻ کانسواءِ ڪيئن ٿي ان تي ڪا به اڏاوت ڪري سگهجي؟ ڪنهن به قدر ڪٽڻ يا اڏاوت ڪرڻ کان اڳ، بنياد جي ۽ آس پاس جي ڄاڻ ضروري آهي."

سام چيو: "اها تشبيهه پوري نه آهي. پرماتما جـي ڄاڻ جي ڀيٽ ڪريو هڪ نهايت نڪيل ماڳ يا محبوب جي بنگلي سان؛ اهو نهيو نڪيو آد جڳاد کان اتيئي بيٺو آهي. گهڻا پاڙي ته فقط ٻاهريان پاسا ڏسي اڱڻ ۾ پنهجي وڃن ٿا، پر آخرين درجي وارو پاڙي پنهن جي رنگن روپن يـا دروازن، ڪڙڪين، پٿين ڪٿڻ ۽ ٻين اڱڻ جهڙين شين ويچارڻ جـي حد ٽپي سڌو محبوب جي ڪمري ۾ گهڙي وڃيٿو. ٻاهرين ڄاڻ سان ۽ بنيادي جوڙ جڪ ڏسڻ سان يا ڪمرن جي ورڇ وغيره سان هو گهڻو واسطو ڪو نه ٿو رکي؛ هنجو مطلب آهي، پنهنجي محبوب جي ڪمري ۾ وڃي ان محـبوب سان ملڻ ۾."

ڊپٽي صاحب چيو: "مگر ان محبوب جـي ڪمري ڳولڻ لاءِ بـه گيان ۽ عقل جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ان جي نيمن، وقتن يـا حالتن جي اڳواٽ ڄاڻ هوندس تـه سهنجائيءَ سان وڃي هو انکي لهندي؛ ورنـه گهڻي مشڪلات پسندو."

سام چيو: "سا ڄاڻ به هيٺين درجي واري آهي، جن

ڪي شوق سبيل هوندو انهنڪي اندر ۾ ڏسي اهڙي ڪشش ٿيندي جو هڪهن خيال ۽ ڪوجنا بنا سڌو وڃي پنهنجي سڄڻ سان ملندا ؛ نـه ڪٿي ترسندا نه گهٽين ۾ گهمندا ۽ نـه منجهندا ٿي؛ دل جي چڪ سان ، بنا روڪ ۽ بنا دير وڃـي پرڀتر ڪي پهچندا. ممڪن آهي ته سڄڻ پاڻ اچي سونهو ٿئين ! "

ڊپٽي صاحب چيو : " جن ڪي ڪا ڄاڻ نـه هوندي انهن ڪي ڀلا مونجهارو ڪيئن نه ٿيندو؟ بنا ڏس واڻس جـي ڪڏهين ڪا شيء لڀندي آهي ڇـا ؟ "

سام وراڻيو : " لڀندي آهي ! ان لاءِ هـڪ از خـود ڇڪ پيدا ٿيندي آهي ! "

پوءِ سام پنهنجي آزمودي مان هي مثال ٻڌايو : " گهوٽ ۾ رهڻ وقت بئگـ دوائن وغيره ضروري شين جـي منهنجي ستري جي پرسان رکيل هوندي هئي ۽ رات جو سمهڻ کان اڳ بتي ٻارائڻ پسند ڪين ڪندو هيس. بئگـ ۾ ڪريم، پيسٽ ، لوڻ ، نارج ، ڪنگهي ، تيلين جو پڙو ، دوائون ۽ پيون ڪيتريون شيون گڏ پيل هونديون هيون ، جن جو اٽڪل تعداد ٽيهن يا چاليهن ڏڻن تي سگهي ٿو. جڏهن انهن مان ڪا شيء کپندي هئي ، تڏهين پاڻ اٿي نه ڏسڻ يـا گولڻ ـ ان اونده ۾ خبر نـه پوندي هئي ؛ انوقت اکيون بند ڪـري پنهنجا ٻاهريان خيال ڏڪي فقط طلب جي اشاري هٿ ڊگهيڙيندو هيس ته پهرئين دفعي ئي انهيءَ شيء ۾ وڃي پوندو هو يـا انکي تمام ويجهو وڃي رسندو هو. اٿين ڪيترائي دفعا ٿيو. اهڙيءَ طرح هڪ ڪتاب ۾ ١٩١٤ع واري لڙائيءَ ڪـان پوءِ هڪ سولجر جو احوال پڻ پڙهيم ، جنهن لکيو هو تـه جڏهن مورچي تي پهري يا پٽرولنگ تي نڪرندا هئاسـون تڏهن از خـود هڪـ‍ـ‍ـ‍ـ‍ـ‍ـ‍ـرا ‍ـ‍ـ‍ـرا انـ‍ـد ‍ـ‍ـ‍ـ‍ـ‍ـ‍ـ

ٿيندو هو ته هينئر دشمن جي طرف کان گوليون
اچي پيون ۽ ان اندهيءَ جي ڪري، جنهن مان ڪنهن
هٿ نوائيندو هوس ته گولي انهيءَ وقت اچي ڪري مٿان لنگهي
ويندي هئي!

"انهيءَ مان فقط ايترو ثابت ٿئي ٿو ته آئون
گهران ٿو ته دليل بازيءَ ۽ ڳالهين واري چال کان احساس
۽ اندر گيان وارو رستو وڌيڪ اونهو ۽ اعتبار جوڳو ٿي سگهي ٿو."

وري پرم مارگ جو ذڪر ڪندي سام چوي ٿو: "وڻ
۾ ڪيترا ڦل يا ڦاريون آهن، جيڪڏهن ڪنهن کي ڳڻڻ جو
شوق ٿئي ته ڳڻيندي عمر گذري ويندي پر ان مان وڻ
پيدا ڪرڻ جو رستو هٿ نه ايندو؛ جي انهيءَ سوچ ڪئي
گيان چئجي ٿو ته هڪ ڦل ۾ ڪيتريون ڪئلريون
(Calories) گرميءَ جون آهن، ڪيترا شڪر جا ڀاڱا
ڌرا آهن ته ان ڳڻپ جي برخلاف اسين نه آهيون؛ مگر
ان مان ڪو ڦل جو سواد ڪو نه ماڻيندو. رس جي لوڀيءَ
يا پريم جي پياسيءَ لاءِ اهڙي پروڙ رکڻ ڏي اجائي آهي.
هو چوندو، چوڻ وڃي ڦل کاوان ته وڻ
۽ ڦل جي ذات جي خبر پاڻهي پئجي ويندي! علم جي کوجنا
کي هن حياتيءَ ۾ پنهنجي جاءِ آهي، ڇالاءِ جو انسان
مان سڀني کي آها آتمڪ پياس پيدا ڪانه ٿي آهي جا هري
ڀڳتن کي رهيتي. گهڻن لاءِ فقط قدرت جي نيمن ۽ قانونن
جي ڄاڻ ۾ ئي ڪائي ونڊر آهي. پر انهيءَ پياس پيدا ٿيڻ
کان پوءِ ٻيو علم سڀ اجايو نظر اچڻو. هر علم انهيءَ
لذت اندر سمايل آهي؛ هر علم انهيءَ لذت حاصل ڪرڻ
لاءِ آهي."

* * *

٢٧-١٠-١٩٥١ع - منجهند کان پوءِ ڊپٽي صاحب شام جو اسانوٽ آيو ته مون کيس چيو: "اڄ ميٽنگ ڪري ماڻهو ڪي به ڪو نه آيا آهن."

ڊپٽي صاحب چيو: "ڏوهاريءَ جي مرضي هجي ته اسين پاڻ ۾ ٿي ويهي ڪتاب پڙهون."

مون چيو: "اهي ڪتاب ۽ بحث مونکي بلڪل خشڪ لڳندا آهن."

ڊپٽي صاحب چيو: "توهانکي جيڪا ڳالهه چڱي لڳي سا ڪريون، — پڙهون يا ڳالهيون ڪريون؟ فلسفي جا ڪتاب ڪن کي ته ڏاڍا سهڻا لڳن ٿا ۽ ڪن کي وري ناول يا قصا وڻن ٿا."

سام چيو: "اهين برابر آهي؛ مان ننڍي هوندي اوستا ۾ ٿي ڪنٽ (K·nt) ۽ ٻين مغربي فيلسوفن جا ڪتاب ازخود سمجهي ويندو هيس پر جي ڪو قصو ڪٿي پڙهان ته ٿوري وقت ۾ ئي خفي ٿي، ڦٽو ڪري ڇڏيندو هوس؛ فلسفه جا ڪتاب اگر به سمجهه ۾ اچي ويندا هئا، ڇا لاءِ جو منهنجي من جو لاڙو انهيءَ طرف هو."

ڊپٽي صاحب چيو: "اسانوٽ جهڙي ڪي ماڻهو اهڙا آهن، آهي سڀ هن ڪتاب جي ڳالهه پوريءَ طرح نٿا سمجهن، سوال اهڙا پڇندا آهن جو اڻانڊا پيا لڳن."

سام ڪاڪس پڇيو: "توهان ڇا ٿا سمجهو ته هنن جي ٻڌي گهٽ آهي يا انسان انسان جي ٻڌيءَ ۾ ڪي ذاتي فرق آهن؟"

ڊپٽي صاحب چيو: "سندن خيال جي منزل هيٺ آهي يا ته انهن کي هن قسم جون ڳالهيون ڪين ٿيون سمجهه ۾ اچن."

سام چيو: ”ڀڳتي ته هڪ آهي؛ منجهس قسم ڪو نه
ٿين . مگر هي هڪ ابياس يا من جي لاڙي جو سوال آهي.
ائين برابر آهي ته جدا جدا رستا وٺي ماڻهو ساڳي منزل کي
پهچي سگهي ٿو پر ڪنهن به رستي تي ڪاميابيءَ سان هلڻ
جي طاقت اسانجي منزل يا ابياس جي درجي تي مدار رکي
ٿي. ڪو شبوا جي رستي، ڪو گيان ۽ ڀڳتيءَ جي رستي
جيوت جو مقصد پائي ٿو. البت ائين چوڻ ته ڀيا اسان کان
گهٽ ڀڳتيءَ وارا آهن تنهن ۾ ايمان نظر اچيتو . ساڌوءَ ويا
قئير جو ڪم آهي ته سڀ ڪنهن سان پنهنجي پنهنجي جاءِ
تي ورتاءُ ڪري يعني جنهن جي جهڙي منزل هجي، ان
جي سان هلي اچي ۽ هر حالت ۾ سندس ستڪار ڪري.“
ڀڳتي صاحب چيو: ”مان سمجهان ٿو ته 'همه اوست'
وارو خيال ڀي هي سڀ اهو آهي، سو جيڪر اسان جو
دوست .... خاص ڪري ڪين سمجهي سگهي . هنڪي سڀ
ڪنهن ڳالهه لاءِ ثابتي گهرجي . جيتوڻيڪ ايترو مان قبول
ڪندس ته گيان جي کوجنا جو اهو به هڪ رستو آهي.“
سام چيو: ”مگر هڪ ٻيو رستو آهي ۽ ٻيو سڌوئي
سڌو آهي؛ هڪ گيان جي کوجنا لاءِ هلڪو اوزار آهي،
ٻيو وڏو . دليل بازي ننڍڙو اوزار آهي، جو فقط زندگيءَ جي
ظاهري حقيقتن کي جاچڻ ۾ مدد ڪريتو . حياتيءَ جي
ڳوڙهن مسئلن جو حل منطق (Logic) سان نڪري ڪو نه
ٿو سگهي . جيئن هڪ ڏنڊڻ مڇڻ لاءِ فقط ڪپ يا قئنچيءَ
ئي بس آهي مگر وڏي وڻ وڍڻ لاءِ ڪهاڙي يا ڪرت جي
ضرورت آهي، تيئن انهن ڳوڙهن مسئلن جو حل دليل بازيءَ
سان نه پر اندروني گيان جي درشتيءَ سان ملتو آهي. البت
سڀ ڪنهن کي سيني مسئلن مان ساڳيءَ طرح پار پوڻو ڪين

تو پوي؛ ڪي منزلون طيءِ ڪرڻ بدران ٽپي ٻــــ سگهجن ٿيون . ان ڪري ائين نــــ چئبو تہ سڀ ڪنهن کي هرويرو دليل بازي ڪرڻ جي ضرورت آهي ؛ نہ وري سڀ ڪنهن کي آهو اندروني فهم آهي ، جنهن ڪري هـــو دليل بازيءَ جــي گهرج نـہ رکن . "

ڊپٽي صاحب چيو : " جي ذات ۽ شيءِ ساڳي آهــي تہ پوءِ اهي تفاوت ڇو پيدا ٿيا آهن ؟ "

سام چيو : " خيال جي ذات خيال آهــي . پـــر دليل بازي وارو رستو سڌي واقفيت نہ هئڻ جــي حــالت ۾ ورتو وڃي ٿو ؛ اهو ڪنهن حد کان پوءِ بيڪار ۽ پلائينڊڙ ثابت ٿئي ٿو؛ احساس ۽ انتر گيان وارو رستو ــو خيال کي سڌو ، خيال جي منزل تي پهچائي ٿــو، پلهہ پلا ئي جو انديشو ڪونہ آهي . البت اهو عام طو رمايش هيٺ نہ ٿو اچي. شرڌا ــڪ ۽ پريم ، سي مطلو (Objet) جــي اندر سڌي جهاتي پارائين ٿـــا ! ٻاهريون ثبتيون ايتري پــروڙ ڪين ٿيون وڌائين. مثلاً جيڪا خبر زال کي پنهنجي مـــرد جي آهي ، سا پاڙي وارن يا ساڳئي ڌنڌي وارن کــي نـــہ آهي ، توڙي جو سڄو ڏينهن هو ٻاهر ڌنڌي ۾ گذاري ٿـو ۽ فقط ٿورو وقت گهر ۾ رهيٿو . اها ڄاڻ زال جي دليلبازي سان هٿ ڪيل نہ آهي. ٻئي طرح ڪنهن شيءِ يـا ماڻهوءَ جي جيڪا خبر پوندي، اهڙي ٻڌلن احوالن يـــا عقل جي انومانن وغيره سان ڪام پئجي سگهندي .

"جيڪا خبر ماءُ کي پنهنجي ٻار جي آهي ، اوتري خبر سندس سڪول جي ماستر کي نہ آهي، توڙي جــو ماءُ اڻپڙهيل ۽ استاد علم جو ماهر آهــي جنهن ٻارن جي سکيا ۽ تربيت بنسبت گهڻائي ڪتاب پڙهيا آهن . وري ڏسو، هـــڪ

مرد، پربهوءَ کي درر شهر ۾ چاول ۽ ٻوڙ سنڌس پريتما جي دل جي خبر، ملڻ بعد هڪ ڪن ۾ ٻڌجي وڃي ٿي ۽ هو ٻئي جادئي هم خيالي ٿي وڃن ٿا! منجهن اهڙي يڪوجودي اچي وڃي ٿي، جو ابانا گهر جتي پلبا، تنها آهن سي ڇڏي باڻ ۾ جيون ساٿي ٿي رهن ٿا! تنهن ڪري ٿي مان چوان ٿو ته دليلبازي بيڪار آهي؛ پريم پرماتما سان هڪ لحظي ۾ ملائي سگهي ٿو."

* * *

٢٨-١٠-١٩٥٠ع - ڪالهه سام ڪجهه اداس ٿي نظر آيو. مون هن کي ڪنهن ٿوريءَ ڳالهه تي رنج ڪيو هو. جيتوڻيڪ منهنجو وڏهڻ يا سندس رنج جتادار نه آهي، تڏهين به اُن گهڙيءَ ته اُنهن سمجهيو آهي ته خيالن ۾ ڪو وڏو تفاوت آهي. سام انوقت گهڻي اڪيلائي محسوس ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ ان جو ذڪر ڪندي چيائين: "مان اُنهن پيو سمجهان ته حياتيءَ جي هن وڏي، لمبي مسافريءَ ۾ هورهان، هوريان سڀ سنگتي ته پنهنجي وات وٺي ويندا رهيا؛ باقي رهيل هڪ ساٿي، سو به ڪجه پنڌ تائين گڏ هلي آخر ٻيو رستو وٺي رهيو آهي؛ پنهنجي حياتيءَ جا اُڻونجاهه سال گڏ هڪ درشيه ۾ گذرندا ڏٺم. حقيقت ڪري ڏٺو وڃي ته ڪان ٿي مان اڪيلو، اڪيلو آهيان ۽ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجا رستا ڳوليندو رهيو آهيان؛ پنهنجي گهر ۾ خود ٻالڪپڻ کان هڪ ڌاريو ٿي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ ماتا جو پيار بيحد گهڻو هوندو هو، تڏهين به هر خيالي ڪو انسان گهر ۾ يا ٻمسگرفائي ۾ ڪين هوندو هو. ڪڏهين ڪنهن نوڪر کي، ڪڏهن ڪنهن ٻئي دوست کي ٿوري ٿوري وقت لاءِ ٿا اهراز سمجهندو هيس پر هميشه جو ساٿي ڪو نه ٿيو. مڪول جي

وقت ۾ پڻ هڪ ٻن دوستن کانسواءِ ٻيا سڀ ناتا سچ پچ اڇاترا هئا. آخـر تون اچـي ساٿي ٿئين‌ءَ. ٻر وقت اها اميد ڪانه هير تـ هـرويرو تـون ڪو منهنجي خيال کي ٻين کان وڌيڪ سمجهندين‌ءَ پر تـو گهٽي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. هينئر ڏسان پيو تہ شايد تون بہ ٽڪجي پيئي آهين. دل ائين ٿي گهري تہ ڪنهن وڏي ياترا، جهڙوڪ بدرينات يا هماليہ پـربت جي اندرين ڀاڱن ۾، يا ڪنهن وڏي سير تـي وري نڪري وڃجي ۽ خيال جو ملڪ وڃي ڪجهہ وقت اڪيلو ڏورجي. توکي ڏسان ٿو تـہ ڪي اندروني ڀائنديون آهن ؛ جيتوڻيڪ ٻاهرين واسطن کان ٻاڻ گهٽو آجـو ڪيو اٿيئي. شايد اِها سير جي هڪ آس بہ رهجي وڃي. ڪڏهين ڪڏهن تہ دل صفا ڀڙ ڪيڏي ٻيهي ٿي تہ سنسار ۾ هـڪ وڪ بہ اڳتي نہ وڌجي. پر فرض ادائيءَ جي خيال کـان گهـڪير گهوڙي وانگر من کي موڙي سوڙي هن ڏگـ ۾ لائجي ٿـو. ظاهر آ هو چڱيون وکون کڻي ٿـو، جيتوڻيڪ اندر ۾ گهہ گهٽو اٿس. منهنجي دوستن کي هن اندرين جهيڙي جي خبر نہ آهي. هو ائين سمجهندا آهن تہ مان هـن سنساري جيوت ۾ ڪجهہ ڪامياب ٿيو آهيان ۽ بلڪل ترپت رهان ٿو. مگر ائين نہ آهي ؛ منهنجي اڪيلائي يا اُداسائي سنسار کان منهنجو هڪ بـچـاءُ آهـي.“

* * *

٢٩-١٠-١٩٥١ع — ساڳيو خيال سار تي وري غالب پوندو آهي ۽ اها عجيب اُداسائي نہ رڳو مندس من ۾ هڪ قسم جي بهار آڻيندي آهي يـا ٻڌهنجا جهڙ ڪڪر ناهيندي آهي، پر مونکي پڻ ڪجهہ ان بهار جي بوءِ ڏيندي آهـي ۽ مون ۾ آزاديءَ لاءِ پـيـاس پـيـدا ڪـنـدي آهـي.

منهنجي من جو پکي خود، هن هٿ هٿ جي ڄري کان منهن ڪيي، آڪاش ۾ نئين روشني ڏسندي آهي؛ اُڏامڻ جي ديهل آس وري دل اندر جاڳندي اٿم، جيتوڻيڪ اها خبر ڪانهي اٿم ته ڪيڏانهن اُڏامڻو آهي. اهو ڀار سڄو سام تي رکيو اٿم!

ساڳي خيال مان ڏسي هي سام جو خط ٿورا ڏينهن اڳ ڪراچيءَ مان لکيل ٿو ڏسجي؛ اُن ۾ هو لکي ٿو: "اميد ته تون بلڪل خوش هوندينءَ ۽ سام جي يادگيريءَ ۾ پڻ ساڳي ونڊر سمجهندي هوندينءَ جيڪا روبرو ڳالهائڻ يا وڙهڻ وغيره ۾ سمجهندي آهين! سچن پريمين لاءِ وڇوڙو آهي ڪونه! سام غريب کي ڀلا ڇا لاءِ هيڏانهن موڪليو اٿئي؟ پيو ويچارو اجايا سجايا ڪم ڪري، — 'الائي ڪهڙيءَ ڳالهه ڪاڻ' (شايد سچل سرمست جي تڪ آهي: 'رانجهن چاڪ تي آيو الائي ڪهڙي ڳالهه ڪاڻ')، جي ايشور وٽ ڪو ليکو ٿيو ته سرڪاري وڪيل اُتي پڪاريندو ته هي ڀڳوان! هن ماڻهوءَ (سام) تنهنجي قانونن مان واقف ٿي ۽ تنهنجي پريم جو مزو چکي ڪري پوءِ به سڄو سارو هڪ هفتو پهرينءَ کان وٺي ستين آڪٽوبر تائين ڪراچيءَ شهر ۾، جو ڌرتيءَ تي عربي سمنڊ جي ڪناري تي آهي، اجايو ضايع ڪيو، اهڙي زماني ۾ جڏهين اسانکي شيوادارن جي هر هنڌ ضرورت هئي؛ تڏهين هن مجرم پنجاه سالن کي ويجهو پهچي به، واجب ٿي سمجهيو ته پنهنجي فرض کان منهن موڙي، شاپنگ يعني سامان خريد ڪرڻ، ڪپڙن جي ڪچائڻ، سبائڻ، پنهنجي گهر ۾ سڪڻ جي سامگري وغيره ڏاهڻ ۽ ٻين شخصي ڪمن ۾ ويهي پنهنجو وقت وڃائي. اهڙي ماڻهوءَ تي، اي مالڪ! اسين ڪو به ڀروسو رکي

ڪونہ ٿا سگهون . ڪهڙي خبر آهي تہ وري سرڪاري (الاهي) ڪم ڪاريون ڇڏي ڪنهن وندر جي گهولا يا موھہ جي چار ۾ ڦاسي وڃي ۽ آشرم جا ڪم رولـــي الاهي آدرش ڪـــي جهان ۾ لچارو ڪري ڇڏي! تنهن ڪري هن ماڻهوءَ ڪـي خارج ڪيل ليبرن وانگر پـروڊا (Public Representative Officers Disqualification Act) هيٺ اوهان جي نوڪريءَ کان موقوف ڪرڻ جي آءٌ سفارش ٿو ڪريان.

” پوءِ جي تو اچي آتي ڪا شاهدي هن غريب جي فائدي . ڏني تہ شايد ڪجھ بچاءُ ٿـــي پوي. تون چئي سگهـن ءِ : ’ اي سائين! مونکي هن شخص جي باري ۾ هيءَ خبر آهي تہ ... خريدارين ، سامان وغيره ونـــڻ لاءِ شابق اصل ڪين هوندو هو، نہ ڀين ڪمن مان ڪـــا دل چسپي رکندو هو ـ مگر توهان پنهنجي مايا سان يـــا ڪنهن اڪل راز موجب جو هن غريب کي زماني جا ڪم بچي ڇڏيا هئا، سندس ورتاءَ اهڙن اٿهن سان رهندو هو جو هن کي پنهنجي خيال جي ابتڙ ٻاهريون زمـــانـــي جـــو لباس رکڻو پوندو هو ، — مان ڀانيان ٿي تہ انهيءَ لڪ ۾ هي شخص ڪـو اندروني مزو بہ پائيندو هو ، — تنهن ڪري هن جو ٻاهريون نمونو سندس اندروني خيال کان ڪجھ الڳ نظر ايندو هو . پر مان خاطري ڏيان ٿي تہ هيءُ غريب ايماندار هوندو هـو ۽ سندس سمرتي گهٽ هرندي بہ هو اوهان سان دلي پريم رکندو هو . “

پوءِ شايد الله معاف ڪري ۽ چوي تہ هنکي وري هڪ خدمت ڪرڻ جو وجھہ ملڻ گهرجي! “

* * *

٣٠ — ١٠ — ١٩٥١ ع — خاص احوال گذرين ٻـــن مهينن

جا هيءُ آهن: سام جي هڪ جهوني دوست ، مئڊم پولانڊ هربرٽ کي اڪ سون اتر آفريڪا ڏانهن هڪڙو خط لکيو هو ، جنهن سان ١٩٢٤ع ۾ سام جو مڱڻو ٿيو هو . مگر ڪن مشڪلاتن ڪري سندن شادي ٿي نہ سگهي . سام مونکي سندس پوٽر ، آدرشي ۽ پريم پريل زندگيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائيندو هو ، جنهن رکي سون ۾ اهو چاهہ پيدا ڪيو تہ مان سائس خط رستي ملاقات ڪرايان . مونکي هرويرو اهڙي اميد ڪا نہ هئي تہ خط جو ڪو جواب ايندو . سندن ڏيٺ ويٺ کي ٢٦ سال گذري ويا هئا . اها خبر ڪا نہ هئي تہ هوءَ پرڻي آهي يا اڪيلي آهي ۽ هينئر ڪٿي رهي ٿي . مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ، جڏهين سندس خط اچي هٿ ۾ مليو ; پر وڏي خوشي ان ڳالهہ جي هئي تہ سام ۽ پولانڊ ٻنهي کي ايتري عرصي جي مائٽ ڪان پوءِ بہ ۽ هڪ ٻئي کان بلڪل جدا ٿي وڃڻ سان بہ ، هڪ ٻئي سان ملڻ جي پياس هڪجهڙي هئي . جڏهين ڪو بہ انسان ڪنهن سان وفادار رهندو آهي تہ مونکي انهن جي وفائي ڏسي گهڻي خوشي ٿيندي آهي . سام ان باري ۾ هينئر چيو :

” وفائي ، دل ۽ جي صفتيءَ وارا رکي سگهندا آهن ; زندگيءَ جي سچي لذت نہ عيش، ۽ نہ جسماني خواهش جي پوري ڪرڻ ۾ آهي، مگر سچي پريم ۽ وفائيءَ ۾. تنهن ڪري اهڙي وفائي مان سڀ ڪنهن کي سگهہ ايندي آهي، توڙي جو رواجي طرح استري ٻئي جو پاڇو بہ ڪين سهندي آهي . اها وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو تنهنجي (مون منوءَ جي) دل ۾ ايشور انهيءَ قسم جو ساز ڪو نہ پيدا ڪيو آهي . گهٽ ۾ گهٽ ـــن جي سچيت پاسي ۾ تہ توکي دوئي ڀاو اصل ڪو نہ آهي . آشرم اڏڻ لاءِ اهڙي

ٿي پرين ۽ همدرديءَ جي ضرورت آهي. تنگدليءَ ۾ نه فقط زندگيءَ جو مزو گهٽ رهي ٿو، پر ڪا به اڏاوت ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿي."

* * *

١-١-١٩٥٢ع — هن عرصي ۾ ڊولاند سان ٻه ٽي دفعا منهنجي ۽ سام جي خطن جي اچ وڃ ٿي آهي. عجب اهو آهي ته هيتري وڏي عرصي گذرڻ بعد به فرينچ ٻولي سام کان صفا وسري ڪين ويئي آهي. هن فقط چار يا پنج مهينا ٿورا سبق ولايت ۾ ورتا هئا. هت شهر ۾ ٻيو ڪو فرينچ جو ڄاڻو ڪونه هو پر سام سولائيءَ سان ڊولاند جو خط پڙهي ٻڌايو. ان بنسبت هن هڪ عجيب آزمودو مونکي ٻڌايو: "جڏهين مان آلجيريا ۾ ڦهريائين ڊولاند جو واقف ٿيس، تڏهين هن کي هڪ اکر به انگريزيءَ جو ڪونه ايندو هو، نه وري مونکي ڪو فرينچ ٻوليءَ جو آزمودو هو. اسان ٻنهي جو هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان پرين ٿي ويو ۽ هڪ هفتو گڏ رهڻ بعد منگٿو ڊ ٿي ويو جيتوڻيڪ اسين بلڪل گونگا ٿي رهيا هئاسين. منهنجي رهبر دوست پالرچرڊ اسان ٻن گونگن جا خيال سمجهي اسانجا هٿ وٺي ملايا. پرين کي اهڙي شڪتي آهي، جو جلد ئي اسين هڪ ٻئي جي ٻولي سمجهڻ لڳاسين ۽ ٿورن سبقن وٺڻ بعد ٻنا ڪنهن رنڊڪ جي هڪ ٻئي سان خيال ونڊي ڏيڻ سکيا سين. هينئر به ٻئي ڪنهن جو لکيل خط يا ڪتاب مان جيڪر ايترو جلد فرينچ ۾ پڙهي ڪين سگهان، مگر ڊولاند جا خيال ازخود سمجهي وڃان ٿو. اکر خيال جا اوزار آهن. خيال انهن ۾ ڪڏهين رنڊجي نٿو پوي."

* * *

انهن خطن جا ٽڪرا جن ۾ ڪي سندس امنگ ۽

خيال اچي وڃن ٿا، وقت ملڻ تي مان جدا ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ درج ڪندس. هت فقط ايترو چوندس ته آهي هڪ سچي پريم جو داستان آهن. سندن لکپڙه ڏسي، مون ۾ اها چاهنا پيدا ٿي آهي ته آلجيريا هلي پولانڊ کي ڏسجي؛ سام کي چوندي آهيان ته توهانکي پورو پيار پولانڊ لاءِ نه آهي جو توهان هن کي ڏسڻ لاءِ ڪوشش ڪو نه ٿا ڪريو؛ سام هن باري ۾ هڪ ڀيري چيو ته اسانجو آفريقا هلڻ فقط پنهنجي دل کي راضي ڪرڻ لاءِ ٿيندو؛ هن وقت اسانکي ڀهريائين ٻين جوابدارين جو خيال رکڻو آهي ۽ جيڪا به طاقت بچت آهي، سا امانت سمجهي پنهنجي شخصي چاهنائن پورين ڪرڻ ۾ نه پر ڪنهن جوکي تحرڪ ۾ لائڻي آهي، جنهن مان عوام کي ڪو لاڀ ملي سگهي.

مون کيس چيو: ”مرد اڪثر ٿي بي وفا ٿيندا آهن. دل کان پيسو وڌيڪ پيارو ڪندا آهن.“

سام کلي چيو: ”سري ڪرشن جڏهن گوڪل جهڙو سک جو آستان ڇڏي، پنهنجي راڄنيتي فرض پوري ڪرڻ لاءِ متراڏانهن هليو ويو، تڏهين گوپيون به مٿس بيوفائيءَ جو الزام ڏرينديون هيون. آلجيريا گهمڻ تي ڪنهن جي نه دل ٿيندي؟ پولانڊ سان ملڻ ته مون لاءِ هڪ تيرٿ ياترا مثل ٿيندو. پر هڪ سپاهي پنهنجي ڊيوٽي ڇڏي دل وندرائڻ جي چاهنا رکي نٿو سگهي.“

* * *

٣ - ١ - ١٩٥٢ع — سام جيترو اُداسي آهي اوترو سندس دل وچڙنئي پئي آهي. چڱي شيءِ، چڱو ماڻهو، ڪو سنو جانور يا ڪو نئون وڻندڙ خيال هجي ته جهٽ کيس ان جي پروڙ پوندي آهي ۽ ان لاءِ کيس ازخود چاهه اٿين ٿيندو آهي.

ڪو سهڻو ميوو ڏسندو، پوءِ ڀلي گهرج نه هوندي ته به کڻندو، ڪو ڇيلو يا ڪتو يا ٻيو ڪو جانور سٺو پليل ڏسندو ته سندس دل ٿيندي ته ڏاريونس؛ نه ته به ٻيهي انکي ڪيتري دير ڏسندو ۽ پوءِ اڳتي هلندو. مان پنهنجي اندروني طبق ۾ ائين سمجهندي آهيان ۽ سام به مونکي بلڪل اثرائتن لفظن ۾ خاطري ڏيندو آهي ته ڪيس انهن ماڻهن، شين وغيره سان ڪو به موهه (Attachment) ڪو نه پيدا ٿيندو آهي؛ تنهن هوندي به هو انهن جي ويجهڙائيءَ ۾ خوش نظر ايندو آهي. جيتوڻيڪ تيا ڳڻ يا پري ٿي وڃڻ ۾ به مون ڪيس رنج ڪو نه ڏٺو آهي.

مان ڪڏهين پنهنجي شخصي خيال کي پري رکي اهو فرض ڄاڻندي آهيان ته ڪيس اهڙن ماڻهن سان ڳالهائڻ يا ملڻ ۾ مدد ڪريان. ان ڪري ٻولاند سان وري ستاويهن سالن جي عرصي بعد لکپڙه ڪانئس شروع ڪرايم. مون ته ٻولاند کي به لکيو ته توهان ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ملائڻ منهنجي حياتيءَ جو هڪ فرض ٿي رهندو. مان سمجهندي آهيان ته پريم کي ڏيڻ به هڪ پاپ آهي ۽ سام چوندو آهي ته پريم هر صورت ۾ پاڪ آهي.

هن بنسبت سام چوندو اٿم ته ايتري سخاوت ڪر، جا خوشيءَ سان ڪري سگهين! اهو خيال نه رک ته اسانکي ڪنهن خاص شيءِ يا ماڻهوءَ جي گهرج آهي، تون پنهنجي سڀاو کي مٿان موڙي هرو ڀرو منهنجي خيال تي هاندي هڄين! ائين جوڳ نه آهي. مان به ڏسندي آهيان ته چاه هوندي به سام کي ڪنهن شيءِ يا ماڻهوءَ جو تياڳ ڪندي، ڪا تڪليف ڪا نه ٿيندي آهي، هو ڏانهن پنهنجي پيار جي ڪماليت انهيءَ ۾ ڏسندي آهيان ته ٻل سام پنهنجي شاعري سڀاو موجب

پاڻ وندرائي ۽ اهڙن ماڻهن سان رهاڻ روبرو ... ن جي رستي ڪندو رهي، جيئن پنهنجي اڪيلائي جي گفا کان ٻاهر نڪري. هن جو سڀاو ڇنڇڻي ڪٿي ته بنو آهي. ڪڏهين ته پڙ ڪڏي ٻيهي ۽ چوي ته اهڙين ڳالهين جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي. مونکي سندس خيال ڦيرڻ ۾ دير ڏئي نه لڳندي آهي. مثلاً بيماريءَ ۾ سمجهو ته ڪنهن گوريءَ يا دوا جي مونکي ضرورت آهي، پر مان وٺڻ کان انڪار ڪريان ٿي. تڏهين هو سنهري مونوٽ دوا ڪٿي ايندو ۽ چوندو: توکي ضرور پيارينداس! مگر جهڙي پڪي ارادي سان آئي ايندو اهڙوئي جلد منهنجي ٻهاني ڏيڻ تي وري چپ ڪري ويهي رهندو. ظاهراً ائين پيو سمجهبو ته ڪيس ارادي جي طاقت گهٽ آهي، مگر حقيقت هيئن آهي ته سندس سڀاو ٻاراڻو ۽ مڙجهڻ وارو آهي. مون ڏٺو آهي ته پنهنجو خيال ڪهڙو به هجيس ته ٻئي تي مڙهڻ پسند نه ڪندو آهي؛ جيترو پنهنجي خيال تي پنهنجي طرف کان اڏول رهندو آهي اوترئي مولائيءَ سان ٻئي جي سڌي اپيل ڪرڻ سان اهو خيال مٽي ڇڏيندو آهي؛ ڪيس ڪو اٽڪاءُ ٻنهين پاسي ڪو نه رهندو آهي. هنکي ٻاراڻو سڀاو ڇنڇي يا ڪو گيان جو طريقو ڇنڇي، مگر مان انهيءَ ڪي ٻئي ڪنهن نظر سان ڏسي ڪو نه سگهندي آهيان.

* * *

ڪڏهين ته مونکي به سندس ڦرندڙ سڀاو ڏسي هڪ قسم جو وئراڳ اچي ويندو آهي ۽ سام ڪي وري موقع ملندو آهي جو ڪنهن الٽي رستي مونکي پريم جو هڪ وڏيڪ سبق پڙهائي! مان سمجهان ٿي ته هو به حياتيءَ کي هڪ راند ڪري سمجهي ٿو ۽ اهو خيال سندس ارادن کان ٻاهر ڪو نه هوندو آهي ته

التي ... بہ حياتيءَ جي وڪ گيان مارگ ۾ وڌائڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اسين خيال جي مت ست يا خيال جي قربانيءَ ڪرڻ سان سچ پچ زندگيءَ جا ڏاڪا مٿي چڙهي رهيا آهيون.

انهيءَ ڳالهہ جي سمجهاڻيءَ لاءِ مان هت ڪن شخصي ڳالهين جو ورنن ڪري سگهان ٿي پر ممڪن آهي تہ اسانجون نراليون واٽون ڪنهن پڙهندڙ جي دل ۾ ڪا غلط فهمي پيدا ڪري سگهن. هڪ وري سام جي سمجهاڻي مضمون نگاريءَ بابت ياد اچي ٿي تہ ڳالهيون ۽ واقعا فقط خيال جي تصوير چٽڻ لاءِ ضروري آهن. بعضي بعضي انهن جي گهٽائيءَ ۾ نڪتو خيال جو گم ٿي وڃي ٿو. هي اُپنشند جو سٽر پڻ ياد اچي ٿو: 'استوما مدگميہ.' ڳالهيون ۽ واقعا سڀ استہ آهن. سچ آهي پريم ۽ گيان جي روشني جنهن جو واڌارو ڪڏهن ماٺ مان ٿئي ٿو.

* * *

مجازي ۽ حقيقي پريم جو ذڪر ڪندي سام هڪ وقت هيءَ سمجهاڻي ڏني: "پريم هر شيءِ کي پاڪ بڻائي ٿو. انساني چولو ناسونت آهي. شرير رت ۽ ماس جو پڃرو آهي. اهو نہ پاڪ آهي، نہ ناپاڪ آهي. آتما هميشہ پوتر آهي. پريم جو جت واسو آهي اُتي ئي سچي پوڄا آهي! اسانکي ڪنهن خاص شيءِ يا ماڻهوءَ لاءِ تمنا ڪانہ رکڻ گهرجي. ڪو هن راند ۾ اچي اتفاق پاڻ شامل ٿئي تہ گهڙي پل جي ورونهہ ۾ ڪو پاپ ڪونہ آهي. مگر موهہ پاپن ۾ شمار آهي جو سچي سندرتا ۾ واسو سندر شيام جو آهي. هو ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ نہ اسين هو ڪجهہ ڪٿي ڏسي سگهون ٿا!"

* * *

گرڌاريءَ سام کان هڪ سوال پڇيو: ”توهان کي ڪنهن پريميءَ جي ملڻ ۾ خوشي ٿيي ۽ نه ملڻ ۾ ڏک ٿئي ٿو يا نه؟ مان سمجهان ٿو ته توهانکي ڪڏهن مٺڙم بولاند يا اهڙن دوستن جي نه ملڻ ڪري ڏک ضرور ٿيندو هوندو!“

مون گرڌاريءَ کي جواب ڏنو: ”سام کي ته ڪجهه ياد ئي ڪو نه آهي! انهيءَ مان ڏوکي سبق سکڻ گهر جي“

سام چيو: ”ڏک به خراب نه آهي؛ پر اسين پيار ۾ ڏکي ڪو نه ٿيندا آهيون. جڏهن ڪا ڪچي ڀاڄي يا گوشت جي شيءِ ٻاهر تي رکبي آهي ته پڇڻ کان اڳ ۾ پاڻي ڇڏيندي آهي، تيئن ڏک جي آگ انسان مان ڪجھ ڪڍي ڇڏي ٿي. مگر اسين ته اهو پاڻي اڳيئي ڳاڙي چڪا آهيون ۽ هاڻي پچي پختا ٿيا آهيون. هي تن من بيئي پنهنجا نه آهن. انهن جي خوشيءَ لاءِ ڏک ڪرڻ يا ڪشالو ڪرڻ اجايو آهي. ڪڏهين پراڻي وقت جي ياد اچي به سگهي ٿي. جيئن جانور کاڌو کائي پوءِ چانو ۾ ويهي اوڳاري، تيئن انسان به گذريل وقت جي آزمودن کي اوڳاري گيان جو رس منجهانئن ڪڍي سگهي ٿو. مگر ياد هڪ ڳالهه آهي ۽ پريشاني ٻي ڳالهه آهي. پريشان ٿيڻ هر حالت ۾ ڪچائيءَ جي نشاني آهي. وچڙ سانکي ته توهان ٿي ڪافي پيارا لڳو ٿا ۽ توهان مان ڪافي وندر پائيون ٿا.“

* * *

١٧-١-١٩٥٢ع — اڄ هڪ پدر جي ميٽنگ جا نوٽ مونوٽ رهجي ويا آهن. مان اهي خيال ڪجهه نوڙن مان ۽ ڪجهه سام ۽ پنهنجي يادگيريءَ مان هيٺڙ درج ڪريان ٿي.

ميٽنگ ۾ انجنير صاحب سوال اُٿاريو: ”توهين جو چوندا آهيو ته الله کان سواءِ ٻي ڪا به هستي ڪانه آهي ته ڇڏيو

گناھ به الله پاڻ ڪري ٿو!"

سام وراڻيو: "علم منطق ۾ ڪنهن ڳالهه کي ثابتيءَ بنا سچي ڄاڻائڻ کي چئبو آهي، 'Begging the Question' يا دعويٰ بلا ثبوت. اڄوڪي بحث ۾ توهان اجا گناھ جو هجڻ يا نه هجڻ ته ثابت ئي ڪونه ڪيو آهي. جنهن ڳالهه جو سوال هلي رهيو آهي اڳ ۾ ئي ڪٿي نشچئي ڪئي اٿو. پهريون سوال آهي ته گناھ آهي يا نه؟ انهيءَ جي سمجهڻ کان سواءِ ڪيئن چئبو ته گناھ اسين ٿا ڪريون يا الله ٿو ڪري. اسين ته چئون ٿا بذات خود (Objectively) نه گناھ آهي نه ثواب آهي، يعني اهو ڏسندڙ ۽ ڪندڙ جو فقط هڪ خيال آهي؛ انهيءَ کي ڪا هستي نه آهي."

انجنيئر صاحب پڇيو: "ڪرم آهي يا نه؟ ۽ ڪرم جو ڦل آهي يا نه؟"

سام وراڻيو: "ڪرم جيوت سان لاڳو آهي ۽ ڪرم جو ڦل ڪرم سان لاڳيتو آهي؛ جئن جيون ڪرم کان جدا ڪري نٿو سگهجي، تيئن ڦل به ڪرم کان جدا ڪري نٿو سگهجي. اهي ٽيئي هڪ ٻئي سان مليل آهن، جو هڪ ٻئي تي جدا آڌر رکي چوڻ ته هي ڪرم آهي ۽ هي انجو ڦل آهي، سو اهنجو آهي. ڇا لاءِ جو انهيءَ وٺڻ ۾ ٻين ڪرن يا ٻين سببن جي داخل ٿيڻ جو نه فقط امڪان آهي مگر هڪ ضروري ڳالهه آهي، جو ڪرم يا جيوت جي زنجيريءَ ۾ ڪو خال ڏيائي نه ٿو سگهجي. جي اهڙي وٺي وقت ۽ ديس جي وچهي ته اهو 'ڦل' يا نتيجو خاص آن 'ڪرم' جو ڪين چئي سگهبو ڇا لاءِ جو حياتي ۾ اندروني يا ٻيروني خال آهي ئي ڪونه؛ اٿي يعني فرض ڪيل وچين عرصي ۾ ٻيا ڪرم خيالي يا عملي ضرور پيدا ٿيا هوندا. اڳي مون چيو آهي ته، جيئن هڪ مس چٽي جو سيڪ وڌي يا واريءَ تي لاڳيتي طرح پاڻيءَ جو سيڪ

سيلاب وڏي پيا جيئن ٻاهه جي ڌپٽ ٻاهه کان وٺي، پسگردائيءَ ۾ ڪجهه حد تائين لاڳيتي ۽ ڳنڍيل رهي ٿي، تيئن ڪرم جو ڦل پڻ ڪرم سان لاڳيتو وڌندو رهندو. ان ڪري ائين چوڻ ته هي ڪرم آهي ۽ هي انهيءَ جو ڦل آهي يا هي گناه آهي ۽ هيءَ ان جي سزا آهي، سو ڪجهه غلط آهي."

انجنير صاحب چيو: "ان لاءِ وڌيڪ ڪوئي سمجهاڻي ڏيو جا ڪنهن خاص گناه سان واسطو رکي."

سام ورائيو: "مثلاً ڪو ماڻهو مونکي ڌڪ هڻي ٿو ۽ ان وجهه وٺي سيڙهي تي انکي ڌڪ هڻان ٿو. توهين چوندا ته اهو منهنجو ڌڪ ان ماڻهو جي ڪالهه ڪي ڌڪ جو ڦل آهي. مگر ڪهڙي خبر آهي ته منهنجي عيوض جو بنياد نه رکيو انهيءَ ڌڪ تي پر ٻين ڪن ارادن تي ٻڌل هجي؟ شايد ڪا نئين رت يا لالچ منهنجي ان سان شامل هجي! ٻيو مثال: اڄ منهن خراب ڪاڌو پيٽ ۾ ويو. صبح جو مونکي بدهاضمو ٿئي ٿو. شايد ڪاڌي ڪري نه پر خراب پاڻي پيئڻ ڪري يا شام واري چانهه جي وقت پيالي تي ڪنهن زهري مکڻ ويهڻ ڪري يا اوچتو مليريا جي جيوڙن وڏي وجهڻ ڪري پيٽ جي تڪليف ٿي هجي! تنهن ڪري ائين چئي نه سگهبو، ته فلاڻي ڪاڌي کائڻ ڪري بدهاضمو ٿئي ٿو."

انجنير صاحب چيو: "مونکي ائين ٻڌايو ته ڪنهن گناه واري ڪم ڪرڻ سان جنهنکي عام طرح گناه چئجي ٿو، ڪيئن ۽ ڪهڙو ڦل پيدا ٿئي ٿو."

سام چيو: "گناه جيڪڏهن ان ڳالهه کي چئو ته جا جيوت جي قانون جي ابتڙ آهي ته پوءِ سمجهو ڪٿي ته خون ڪرڻ هڪڙو گناه آهي جيتوڻيڪ مان اڳواٽ ڏيان تي آڻي گهران ٿو ته خون ڪرڻ هر حالت ۾ گناه ن

نٿو سگهي . فرض ڪريو توهان ڪنهن جو خون رٿي، سوچي ڪريو ٿا . ان ڪرم جو پهريون اثر انوقت اهو ئي ٿئي ٿو، جو خون ڪندڙ جي دل ۾ هراس ۽ ڊپ پيدا ٿئي ٿو ، چاهي اهو ڊپ انهي عيوض جو هجي يا قانون جي سزا جو هجي يا خدا جي ڏمر جو هجي . اهو ڊپ ۽ هراس خونيءَ جي خيال ۽ سڄي جيوت تي هڪ قسم جو پاڇو يا ڇاپو ٿي رهيٿو . اهڙو خوني ماڻهو اڪثر خيال ۾ هٺندڙ نظر ايندو آهي ۽ منڊس Nervous System يعني طبع اهڙي ڪنهن خوف جي ڪري گهبرايل رهندي آهي . ان جو نتيجو ڪڏهن اهو نڪري ٿو ، جو نه رڳو من يا ارادو پر بدن پڻ اهڙي خونيءَ جو ڏيرو رهي ٿو ۽ ان ڏيرائپ جو فائدو وٺي ، ڪا بيماري خونيءَ تي غالب پوي ٿي ; هو ان مان آجو ٿي نٿو سگهي . ان نموني جڏهن خونيءَ جو اهڙو موت ڇنجي ڪٽي ته سڌس ري ڪم مان پيدا ٿيو ته اهو ويچار ڪجهه قدر صحيح ٿي سگهي ٿو ، پر عام طور جيئن چئبو آهي ته خون جو نتيجو الاهي قهر يا موت آهي ته اهو غلط ٿي سگهي ٿو . ڪُڪرم يعني قدرت جي قانون خلاف ڪرم خيال جي غلاظت ، خوف ۽ انهيءَ وسيلي هيٺائي تن ۽ من جي ضرور وڌائي ٿو؛ جن جا ٻاهرين ظاهري ڦل ، بيماريون ، مالي نقصان وغيره يا خود موت ، پوءِ آهستي آهستي پيدا ٿي سگهن ٿا . هوڏانهن اندر ۾ من جو مونجهارو ٻڌيءَ جو ناس آهي ۽ آتما جي آخر هاڃيءَ جا ڪارڻ پيدا ٿين ٿا . پر ان وچ ۾ جڏهن سچائي ، ديا ، محبت يا ٻئي ڪنهن هي آپڪار جو خيال ان ڪُڪرميءَ جي دل ۾ اچي وڃي ٿو ته ٻچڙائيءَ جي وڌندڙ اثر تي روڪ پئجي سگهي ٿي ۽ وري جيوت کي ڦلائڻ وارا اثر پيدا ٿين ٿا .

اهي آهن ڪرم جي ڦل پيدا ٿيڻ جا طريقا. سمجهو ته ڪرم ڌاڳن جي ڪچيءَ تانيءَ مثل آهي؛ ڪي ڌاڳا ڊگها، ڪي ننڍا ته ڪي هيٺ يا هيٺ ٻين ڌاڳن سان ڳنڍيل آهن؛ سي سڀ ڳنڍجي ڪرم جي تاني ٺاهن ٿا. ڪي وچ تي، وري ٽٽي پون ٿا. انهن مان هڪ ڌاڳي جي شروع کان آخر تائين چاڻ رکڻ اڻنجي آهي. فقط اهو سمجهڻ گهرجي ته اهي سڀ ملي هڪ تاني ٺاهن ٿا. تانيءَ ۾ ٻه ڌاڳا ڪنهن حد اندر رهن ٿا مگر ڪرم يا جيوت جو دائرو محدود ناهي؛ ڪڏهن ٻه ۽ ڪڏهن ٻه نوان ڪرم ٻاڻ مان ۽ ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي مان پيدا ٿي پنهنجو اثر وجهي سگهن ٿا. ائين چئي نه سگهبو ته هي يا هي ڌاڳو ڪارڻ طور وڏي اهميت رکي ٿو. ڪڪرم جي سزا ڇٽيءَ طرح معلوم ٿڏهين ٿي سگهندي، جڏهين اندر جو راز سمورو معلوم هجي جو ممڪن نه آهي. ان ڪري ٿي ايشور ڪي بي انت چيو ائين. باقي ٿلهي ليکي ائين چوڻ ته خوني دوزخ ۾ وڃي ٿو ۽ پر اپڪار جي ڪم ۾ جهڪي لڳل آهن سي سڀ بهشت ۾ وڃن ٿا، سو فقط هڪ خيال ظاهر ڪرڻ جو نمونو (Figure of Speech) آهي مگر اڻکي گياني ڪا به اهميت ڪين ٿا ڏين. ٻج کان سواءِ برابر ميوو پيدا ڪو نه ٿو ٿئي، پر ٻج سان گڏ سج جي روشني مٽي، پاڻي، هوا، پوکڻ ۽ مکين جو اٿڻ ويهڻ گڏجي ٿي.- اهي سڀ شيون ۽ حرڪتون جدا جدا نمونن ۾ ۽ جدا جدا ڊگرين ۾ پنهنجي ڪيڏ ڪن ٿيون؛ انهن سڀني جو نتيجو ٿئي ٿو ڦل وڻ جو. تنهن ڪري، جيتوڻيڪ ڦل هميشه ٻج مان پيدا ٿئي ٿو ته به ٻج هميشه مقرر نموني جا ڦل، وڏا ننڍا يا هڪ جيترو مناس رکندڙ، پيدا نٿو ڪري سگهي. سڀن جي زنجيري

(Chain of Causation) اهڙي نہ ڳنڍيل ۽ ڳتيل آهي، جو منجهس ڪي ٻہ ڳـھر ۽ پد حقيقت ۾ جدا نہ آهن، پر آهي ڪو هڪ رستو ٻڌائن ٿا، ۽ هيءَ هڪ ڳنڍيل تـــار ۽ هڪ لڳاتار رفتار (Process) آهي."

سام وري چيو: "بن خزانن جي حياتيءَ جي مونکي ڪجھ قــدر خبر آهي. هـــو اسانجي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. ڪيئن انهن جـــي ڪڪرم منجهن اهڙو ڊپ ۽ هراس پيدا ڪيو، جـــو جلدئي هپندا، خوف ۾ ڳرندا، بيمارين ۾ آخر ونجي مري ويا، – اهو هڪ خيال کي آثاربندڙ آزمودو هيو.

انجنير صاحب چيو: "مونوٽ هــڪ بيلدار آهي جنهن ڇهن مائهن جو خون ڪيو آهي مگر هنکي ڪجھ ڪو نہ ٿيو آهي ۽ بلڪل خوش رهي ٿو."

سام چيو: "هو ڪـــو ڪو بند هوندو، جنهن جي ڳارڻ يا نرم ڪرڻ لاءِ شايد اڃا وڌيڪ دکـ پيدا ڪندڙ ڪرمن جي ضرورت آهي. جيترينئدر موکي خبر آهي تہ اهڙن مائهن جو اندر ڪاٺل هوندو آهي توڙي جو ٻاهران خوش نظر ايندا آهن. سمجھ ٻہ ڏات نــہ رهندي اٿن ۽ سندن ڪڪرمن سان گڏ ٿي سندن زندگيءَ ۾ بگاڙو شروع ٿئي ٿو."

انجنير صاحب چيو: "مان في الحال اِها ڳالھ قبول ڪريان ٿو، جيتوڻيڪ اڃا ٻئي دفعي وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ پيا ڪي سوال ٻہ پڇندس."

* * *

١–٥–١٦٥٢ع – هيءَ ڊائري وري ڪيترن مهينن بعد شروع ڪريان ٿي. حقيقت هيءَ آهي تہ ڪم جي گهڻائيءَ ۽ گرم آبهوا سبب مون کان لکڻ پڇي ڪو نہ سگهيو آهي.

سام چوڻو: "اصل ۾ اِها دل جي شوق يا اور چاڙي

جي گهٽتائي آهي، جنهن جا ڪارڻ ڪجهه جسماني ۽ ڪجهه روحاني ٿي سگهن ٿا. جسماني ڪارڻ هي آهي جو هن ننڍي شهر ۾ گهڻو وقت رهندي زندگيءَ ۾ هڪ قسم جي بي چسائي يا ساڳيائي (Monotony) پيدا ٿي آهي جا سستيءَ کي همٿائيندڙ آهي. روحاني سبب هي آهي، جو آدرشي زندگي يعني رٿيل آشرم واري زندگي اڄاپري نظر اچي ٿي؛ هاڻوڪي زندگي اسان کي ڪن ڪارڻن يعني ٻيروني، مالي يا گهرو خيالن ڪان اختيار ڪئي آهي ۽ نه دل جي چاه مان. پر هڪڙو تفاوت تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ هي آهي ته تون هن عارضي طور اختيار ڪيل زندگيءَ کي بالڪل بي سود ۽ بي سواد سمجهي، ٻاراڻي نموني آن کان رسي وڃهين ٿي ۽ مان ڪوشش ڪريان ٿو ته مجبوري وارين حالتن مان پڻ ڪجهه ڪڙ تيل ڪڍجي. انهيءَ عارضيءَ طور اختيار ڪيل زندگيءَ جي نموني کي پڻ آدرشي زندگي جي حاصلات لاءِ هڪ ذريعو يا ڏاڪو بڻائي سگهجي ٿو. ڪنهن به صورت ۾ بنا چاه جي ڪو به ڪم ڪرڻ نه گهرجي؛ خاص دلچسپي ڪان سواءِ هجي تڏهن به ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته من اتان به ڪجهه حاصل ٿئي. حياتيءَ جون واٽون گهڻيون ڏنگيون آهن؛ حقيقت ۾ آدرشي ۽ عارضي طور اختيار ڪيل زندگيءَ ۾ آتما لاءِ ڪو خاص فرق ڪونه آهي. جيڪا ڳالهه ته جا هستي ۽ جا وستو اسين آهيون، اها هميشه رهندا سون، يعني جنهن به دائري حياتيءَ جي ۾ گيڙ ڪبي، تڏهن جو ڦل اسانجي لياقت، پاڻونا ۽ سڀاءُ موجب ضرور ملندو. خسيس ماڻهن سان واهپو هجي، ۽ بلڪل معمولي ڪمن ۾ ڪٽبي رڌل هجون، تڏهين به جي اسان ۾ ڪا سچائي يا مٺ آهي ته اها لڪل نه رهندي. لکن ماڻهن تي ٻوڙي يا فقط هڪڙي ماڻهوءَ تي ان جو اثر

پوي، ان هڪ ماڻهوءَ مان به وري اهو اثر لکن ۾ ٿهلجي سگهي ٿو. ان ڪري ٻي ڇسو ٿيڻ نه گهرجي. سکن جو گرو تيڪ بهادر صاحب قيد پوڻ رهيو هو نڌهين به سندس وشواس ذرو گهٽ ڪو نه ٿيو؛ حضرت ٻهاوالاه جڏهن چاليهه سال بنديخاني ۾ رهيو، تڏهين به پنهنجي آدرش ۾ ايمان رکندو آيو. ٻين مذهبن جي اتهاس مان پڻ انيڪ مثال ساڳي قسم جا ڏيئي سگهبا. پسند يا اڻ پسند حالتن ۾ صبر ڌارڻ، پنهنجو نيم قائم رکڻ، پرارٿنا ۽ پريم جو ورتاءُ جاري رکڻ سوئي سچي ڌرم جو مارگ آهي. جيڪڏهين اسين هيءُ هڪ قيدخانو به ڪري سمجهون تڏهين به، چاه زندگيءَ جو گهٽ ڪرڻ نه گهرجي. سستي ۽ آلس پاپن ۾ شمار آهن. "

هيترا مهينا سمجهيم به، ٿي ته ڪيترئون لکڻ جهڙيون ڳالهيون هتان وڃائي رهي آهيان. ڪنهن نه ڪنهن سبب ڪري آهي درج ڪري نه سگهي آهيان. ان جو ذڪر سام سان ڪيم.

سام چيو: " جيئن هڪ ٻي ڇسو شڪاري شڪار جي علائقي مان هٿين خالي موٽي اچي يا جيئن پراڻو ڇڳل چار ڪٽي ٻهاڻو سمنڊ مان ڪجهه به حاصل ڪري نه اچي، تيئن تنهنجي سستيءَ به زندگيءَ جي وهندڙ درياه مان توکي فائدو وٺڻ ڪو نه ڏنو آهي. "

سچ پچ آهي به ائين. اسانجي نڪتن ۽ ٽوڪن سان پرپرو روزاني واڌ و اد هڪ سکيا واري وهندڙ درياه مثل آهي. ويچهو ويهي به مون ڪجهه قلم روپي گهڙي ۾ آڻي ڪين سگهي آهيان. پر اڄ وري نئون ارادو ڪيو اٿم ته جيتريقدر ٿي سگهندو اهڙا نوان خيال هتان ڪين وڃائيندس.

* * *

٢-٥-١٩٥٢ع- سام ڪيترن ڏينهن کان ان اينڊڙ سمي جو ذڪر ڪندو آهي، جڏهين سندس گرهست آشرم جو معياد پورو ٿيندو. اسان سيني کي پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي، تنهن لاءِ مون کان ۽ پنهنجي ويجهن دوستن کان بعضي بعضي صلاح پڇندو آهي. صوفي صاحب (مسٽر ڏني بخش) جي صلاح وٺڻ لاءِ هن سندس اڳيان هي خيال رکيا، هڪڙو هي، ته هڪ ننڍي ٽولي سان ٻه سال کن سڄي ديش جو پيدل چڪر هڻجي، جنهن سان گڏ ڪو شيوا جو ڪم به ٿيو ڪجي، جهڙوڪ بيمارن کي دوائون ڏيڻ، ڳوٺ ڳوٺ جي سوالن، اهنجن، گهرجن ۽ گهٽتاين وغيره مان واقف ٿيڻ ۽ انهن لاءِ مانيٽي نموني آواز اٿاري ڪو حل لهڻ؛ سگهڙ اسٽائيل يا ... ٿاڻ سان ڪٿي پنهنجي سير ۽ پروگرام بابت هڪ ننڍو بليٽن وقت بوقت ڪڍڻ وغيره؛ ٻيو هي، ته شانتي پوروڪ نموني ٻه سال کن سڀئي آستان ڏسندا، الله جو نالو وٺندا، ڳائيندا، ٻجائيندا، سير ڪندا رهون، تنهن بعد ڪو سٺو آستان چونڊي ان ۾ پڪو ديرو يعني آشرم استاپن ڪريون.

صوفي صاحب کي هي ٻيئي خيال وڻيا ۽ چيائين: ”رسالو ڇپڻ يا ڪو انتظامي ڪم هٿ ۾ کڻڻ سو هڪ قسم جو ٻنڌڻ ٿي پوندو!“

سام جڏهين مونکي صوفي صاحب جا خيال ٻڌايا، تڏهين مون کيس چيو: ”جيڪا انسان کي ڏات مليل آهي، سا وساري ڇڏڻ ۽ ان کي خاص اوزار ڪري ڪم نه آڻڻ سو به ته گناهه آهي.“

سام ورائيو: ”اهو خيال هڪ ٻيو ۽ ٻيو خيال هي به آهي ته اسين هن اوستا ۾ پڄڻ ته ... ڪٿي شانتيءَ واري زندگيءَ ۾ خوش رهون ۽ انکي خود هڪ قسم جو پرشرت

ڪري سمجهون، ـــ ان لاءِ جــو شانتيءَ ۾ رهڻ پــڻ هڪ پورڻ عمل آهي، ـــ پر ٻيا سنگتي جيڪي گڏ هلندا يا پوءِ آستان تي مڙي گڏ ٿيندا، انهن سڀني لاءِ ڪو ڪم يا ونڊر ضروري آهي ، جو متان ڪــو مان واريءَ زندگيءَ ۾ اتساهه وڃائي ڪرم ۽ گيان جي مارڳ کان ڏــي ٿڙي وڃي، ڇا لاءِ جــو ڪرم يعني عملي زندگي ۽ گيان جي کوجنا آتما جي وڌي ٽيڪ آهن، جنهن بنا زندگيءَ ۾ ديوانگي ۽ خبط هڪ پــاسي وڌي ٿــو ۽ ٻرڀون منشائون ٻئي پــاسي پيدا ٿين ٿيون. پنهنجو وقت پڻ بي خيالي واد وواد يا اجائي ڇڙ ٻول ۾ پيو ضايع ڪجي، تنهن کان بهتر آهي تہ ڪا ٽيڪ نيم ۽ ڪــرم جــي هجي ؛ ان ســوال تــي گهوڙهي خيال ڪرڻ جي ضرورت آهي . "

پرشارٿ جي اصول سمجهائيندي، سام وڌيڪ هيئن چيو:

" ڪرم ۽ ڪوشش جو تاڪيد آتما جي آڌار لاءِ شاسترن ۾ ڪيل آهي. ســو ٻاهرين نموني يعني اکري طرح سڀڪ پرشن سان لاڳو نــہ آهــي؛ جو پرش سڌي ۽ سڌيءَ وچان شانتي حاصل ڪريٿو، سو خود هڪ وڏو ڪم سر انجام ڪري ٿو، يعني اها شانتي خود پرشارٿ جو ڦل آهي. مطلب هي آهي تہ عام طرح جو ماڻهو ڪنهن ننڍي خيال وچان يا سستيءَ وچان ڪم ڪار ڦٽي ڪري ڇوندا آهن تہ جيڪي ڪندو سو ايشور پــاڻ ڪندو، انسان جــي هٿ ڪجهہ نــہ آهــي؛ سو خيال غلط آهي ، ڇــا لاءِ جو تمنا پنهنجي ڪارڻ پوري ڪرڻ جي هر انسان جي اندر ۾ رهي ٿي؛ فقط ڪي پنهنجو بار الله تي ڦٽو ڪن ٿا ۽ اها سهنجي وات پسند ڪن ٿا جنهن ۾ حياو گهٽ ڪرڻو پوي . انهيءَ قسم جــو ترڪ يا سنياس گهڻو ڪري آلس وچان پيدا ٿئي ٿو. پر سڌ

پرش جڏهن ظاهري ڪرم ترڪي ٿو تڏهن اندروني ڪيتر ۾ يعني امنگ ۽ آتمڪ خيال ۾ پاڻ وڌيڪ چست رهي ٿو، شانتيءَ دوارا هن جو اندروني عمل وڌيڪ سگهو ٿئي ٿو، هو فقط ڪرم جي ڦل جو تياڳ ڪري ٿو، ان ڪري شانت فطر اچي ٿو، مگر جوڳي ڪرم ڪان عار ڪرڻ سو هرگز جائز نہ آهي. اها شانتي حاصل ڪرڻ آتما جو وڏي ۾ وڏو ڪرم آهي. رواجي طرح ٿي ماٺ ۾ رهڻ ڪيڏو نہ اهنجو ڪم آهي! ياد اچي ٿو تہ جڏهن مان ولايت ٿي ويس تڏهن گهڻو وقت اڪيلو ويٺو ٿي يا جهاز ۾ پنهنجي ڪيبن اندر گذاريندو هيس. گڏ هلندڙ هڪ دوست چيو: 'چا يارا سچو ڏينهن چپ ۾ ويٺو آهين؛ نہ ڪم نہ ڪا وندر!' تڏهن فلسطين جي هڪ گڏ سفر ڪندڙ دوست انکي چيو: 'توهين تہ اٿين بہ ٿي ڪلاڪ چپ ۾ رهڻ ڏيکاريو!'

"من جي شانتي حاصل ڪرڻ ۽ رواجي طرح ماٺ ۾ رهڻ، انهن ٻنهي حالتن ۾ وڏو فرق آهي. رواجي ماٺ سمجهو ڪٿي تہ هڪ بي جان جسم آهي؛ پر جنهن کي سچي شانتي چئون ٿا سا ڪرم رهت يعني ڪرم کان خالي نہ آهي. فقط ٻنهي جو روپ هڪ جهڙو آهي، يعني ماٺ ۾ رهڻ ۽ سنتشٽ رهڻ ٻاهرين طرح هڪ جهڙيون حالتون لڳن ٿيون، پر ظاهري ماٺ ۾ چنتا ۽ جلن لڪل رهي سگهن ٿيون؛ هوڏانهن سچيءَ شانتيءَ ۾ چنتا ۽ جلن تمنا جي ڪا بہ ڪا نہ ٿي رهي. ظاهري ماٺ نشي جي حالت ۾ بہ ٿي سگهي ٿي ۽ منجهس غفلت جا آثار رهي سگهن ٿا، مگر سچي شانتي بي خبر نہ آهي. انهيءَ جي پيٺ رواجي ماٺ (Inactivity) سان ڪري نٿي سگهجي. پر رواجي طرح بي حرڪت رهڻ يا ماٺ ۾ رهڻ، سو بہ ڪيڏو نہ اهنجو سانڌن آهي! اٿ پهر تہ ڏهو ٻر اٿ

گهڙيون به ڪـو زماني جـــي ڪـن ۾ ورتل مائهو مشڪل مان ۾ رهي سگهي ٿو! حيراني ۽ پريشاني ڪرم جي ڪماليت جي ڪـا نشاني نـــہ آهـي. انهن ڪان آجو ٿيڻ ۽ من جي شانتي هٿ ڪرڻ سوئي ۰چي ڪماليت ڏيکاري ٿـو؛ سوئي سچو پرشارت جو مارگ آهي. ”

* * *

٥-٥- ١٩٥٢ع - هن ڊائريءَ مان ڪجهه ٽڪرا پڙهي صوفي صاحب ڏاڍو خوش ٿيو؛ چيائين ته هي سچ پچ هڪ وڏو گرنٿ اٿو ؛ مان هڪ هڪ لفظ ڇُگيءَ طرح سمجهان ٿو؛ هت هڪ هڪ اکر کي معني آهي ۽ ٻنهجي جاءِ تـي پورو آهـي. اِن بنسبت وڌيڪ ڳالهائيندي چيائين: ” سچ پچ هـن جهان ۾ ڪو ڪنهن جو ڪائي ڪو نہ ٿو وجي؛ ڪنهن نہ ڪنهن نموني، سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح، خدمت جو فائدو هر ڪنهن انسان کي ملي ٿو وجي. “

سـام سندس اشارو نہ سمجهيو ۽ چيائين: ” اٿين برابر آهي؛ پيو نہ، ته به ڪارائڻ يا خدمت ڪرڻ جي خوشي اڳلي کي ڏيڻ ۽ اهڙي ريت صحبت جـو مزو وڏائڻ سو بـــہ هڪ قسم جو عيوض يا موٽ ٿي آهي. “

تڏهين صوفي صاحب وري پنهنجي خيال کـــي وڌيڪ کولي ٻڌايو: ” منهنجو مطلب هي آهي ته توهان جو ڊاڪٽري ڌنڌو ڪري، سڀ ڪجهه سام صاحب اڳيان آڻي رکو ٿـــا ته هو به توهانکي موٽ ۾ ڪجهه ڏئي ٿو؛ يعني سائنس ڳالهه رهـــي سندس صحبت مان گيان جيڪو توهين حاصل ڪريو ٿا، سو هڪ آتم خزانو آهي . “

سام چيو: ” اسين اٿين به ڪو نہ سمجهندا آهيون ته ڪو هيءَ منهنجي لاءِ ڪمائي ٿي يا مان ٻئي ڪنهن جي لاءِ ڪم ڪريان ٿو .

جڏهين خيال سان ملي ٿو، تڏهين حياتي هڪ قسم جو ڳنڍيل پنڌ يا ياترا ٿي پوي ٿي. ويتر منوءَ کي ته پنهنجي جي ڳالهين ۾ چاهه نه ڏيڻ کان ڪونه آهي. جيئن منهنجي ماتا صاحب هڪ پئسو به پاڻ وٽ ڪونه رکندي هئي ۽ اسانجي وڏي ماتا کان گهري وٺندي هئي، جيتوڻيڪ بابي جن جو ڪافي پيار منش هو، تنهن هوندي به ڏڪي جا ٽڪرا گهرائيندي آهي ته مون کان ٿي وٺندي آهي؛ پنهنجي ماتا کي مدد ڪا موڪلڻي هونديس ته اول منهنجي خيال کي جاچي ڏسندي ۽ پوءِ منظوري ڏيندي آهي. حقيقت هيءَ آهي ته پريم جي زندگي هڪ وڏو خزانو آهي؛ پيو جيڪي انسان مال يا ڌن ڪٺو ڪري ٿو سو فقط دل کي دلاسو آهي يا جيئڻ جو هڪ بهانو آهي."

* * *

٧-٥-١٩٥٢ع- موٽر ۾ ڪڏهن رتيديري جي طرف زمين ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. مون سام کي چيو: "ايشور جي اڇا ڏسڻ ۽ اُن تي ئي آسرو رکڻ، سو ڪهڙو نه سٺو خيال آهي."

سام چيو: "حياتيءَ جي باري هڪ طرفي ڪيلي نٿي وڃي؛ هيءَ بازي آهي. چڱين برائين، اهنجاڻين سهنجاڻين ۽ ڏکن سکن سڀني کان مٿي چڙهڻو آهي. جڏهن لڳاتار چڱائيءَ ۾ ساڳيو رام ڏسجي ۽ سندس اڇا جي اها هٿي ڪيڏ ڪري سمجهجي، تڏهين ئي جيءَ کي مونجهاري کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. نه فقط حياتي جي مسئلن ڪٽڻ ۾ مگر هارائڻ ۾ پڻ ڀلائي سمجهجي! هر نتيجي لاءِ تيار ٿيڻ يعني ان تي راضي رهڻ، سو آهي پنهنجي من جو بوجو لاهي ايشور تي رکڻ ۽ آتما جو سچو اڌار ڪرڻ. ڪڏهن نه رڳو ڏيڻ ۾ خوشي

ٿئي ٿي پر بيڪاري ٿي بيڪ مڱڻ ۾ به. ڪڏهين تياڳ يعني موهه ڇڏڻ ۾ ته ڪڏهين محبت وچان پاڻ اڏڪائڻ ۽ ناتي نڀائڻ ۾ خوشي ٿئي ٿي. انجڻ ۾ هڪڙو وزن پوري ڪرڻ جو چڪرو (Balancing Wheel) ٿيندو آهي. سنتوش من جي انجڻ جو اهو چڪرو آهي؛ ان سنتوش بنا - سنتوش جيڪو هري اڇاء واري خيال ۾ سمايل هجي — جيون جي مڪني ٿيڻ مشڪل آهي."

* * *

اڳي هلي مون سام کي چيو ته ٻيو به ڪجهه ٻڌايو؛ اهڙو ڪو خيال هجي جو مان سمجهان ۽ پوءِ ڊائري ۾ لکان.

سام چيو: "اهڙيون ڳالهيون هزرادو نمونن ڪين ٿامهيون آهن؛ جڏهين دل تي چڙهي ايندڀون آهن، تڏهن ئي چئبيون آهن. ويتر اڄ طبيعت ٺيڪ نه آهي. دل جا امنگ خيال جي اونهائيءَ ۽ طاقت (Energy) جي گهٽائي مان پيدا ٿيندا آهن. اڄ گهٽو ٿڪ محسوس ڪريون ٿا. سمجهه ته حسن طاقت جو ٻيو روپ آهي. نبلائيءَ مان ڪو به سٺو خيال پيدا ٿي نه سگهندو آهي. سندرتا آتمڪ ۽ شريرڪ صحت ۽ احساس جي ڪماليت مان پيدا ٿئي ٿي."

مون ڪالي چيو: "خير ڪيئن نه هجي؛ مونکي ته پنهنجو گهربل ڪاڏو اڄ لاءِ ملي چڪو."

* * *

شام جو جيئن سج است ٿيندو ڏسي رهيا هئاسين تيئن سام سورج کي نمسڪار ڪري* ڪجهه دير بعد مونکي چيو: "قدرت جي زندگي سچي زندگي آهي. قدرت جا نماءَ

* هو قدرت جي سهڻي سهڻن نظارن کي ائين نمسڪار ڪندو آهي، نه ڪنهن وهم وچان پر فقط انهن ۾ ايشور جي سندرتا ڏسي ڪري.

۽ نظارا ڏسي انسان جو من ٺڪائي اچي ٿو. سنسار جي ستائيندڙ شڪاري خواهش کان بچي، گهڙي پل آتما چٽڪ قدرت جي شوڀا ۾ اجهو وٺي ٿي؛ انسان جو روح، سج، چنڊ، تارن، سمنڊ، پهاڙن ۽ برپٽن جا نظارا ڏسي پاڻان مٿي چڙهي وڃي ٿو. وڏي شيءِ جي ڀيٽ ۾ ننڍڙي شيءِ رکجي ته ٻنهين جو سچو وزن يا اهميت ۽ ٻنهين جو مقدار ظاهر ٿي پوندو. سنساري زندگيءَ جي چنتائن ۽ سچي ڏينهن جي ڪمن ڪارين وغيره کي هن قدرت جي درشن اڳيان رکجي ته انهن جي ملهه جي جلد خبر پئجي ويندي. قدرتي نمائن يا نيمن مان جيڪا دلي راحت ۽ شانتي حاصل ٿئي ٿي تنهن جي ڀيٽ ۾ هي ننڍڙيون ڪاميابيون خواهش جي ڪتر ۾ تچ ڀيون لڳن. آن ڪري قدرت سان وهنوار ۽ واهپو رکڻ سو به هڪڙو سچي تياڳ جو رستو آهي. ايشور جي سونهن کي سارهائڻ، قدرت جا نيم سمجهڻ ۽ انهن مطابق رهڻ سان بيڪار ترشنائون هٽي وڃن ٿيون ۽ انهن جي سنائڻ کان آتما آجي رهي ٿي."

* * *

١٢-٧-١٩٥٢ع- سار ڪيترن ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ ويل هو. جيتوڻيڪ وچ ۾ ٿورا ڏينهن هت موٽي آيو هو، تڏهين به سندس جدائيءَ ۾ اڪيلائيءَ جو اثر منهنجي صحت تي پيو جو مان اچا پاڻ کي نيڪ نٿي سمجهان؛ اهين هميشه ٿيندو آهي جڏهين هو مهينو کن سال ۾ ٻاهر ويندو آهي؛ منهنجو وزن گهٽو گهٽجي ويندو آهي ۽ ٻاهران موٽي تي کيس منهنجي صحت جي چنتا ڪرڻي پوندي آهي. ان جو خاص سبب شايد اهو هجي جو مان پنهنجي نيمن تي رهي ڪو نه سگهندي آهيان ۽ نه اڪيلائيءَ ۾ واجب سمجهندي

اڄمان ته ڪو ڪاڏي پيٽي جا خاص بندوبست رکهي پنهنجي لاءِ ڪريان. هينئر هو پرديس ڪٿي ويو هو، تڏهن به منهنجي صحت ۾ هميشه کان گهڻو بگاڙو آيو. اڄ هتان جي ڪليڪٽر صاحب کي موڪل لاءِ چيم ته صحت جي سڌاري ۽ عزيزن جي ملڻ لاءِ مونکي مهينو کن ڇڏيو ته مان هندستان مان گهمي اچان. هن ڊاڪٽرن جي تورائيءَ جو بهانو ڏيئي انڪار ڪيو. ان مان هڪ قسم جي نا اميدي ۽ گڏو گڏ هڪ خوشي به پيدا ٿي. خوشي ان ڪري ٿي جو چيم ته سام وري جلد ٻاهر ڪو نه ويندو ۽ اڪيلو رهڻو ڪو نه پوندو. سام چوندو آهي ته بندبخاني ۾ يا مجبوري واري حالت ۾ دل جي ويڇهڙائي پاڻ وڌندي آهي. سچو ڏينهن پيا پاڻ ۾ پڙهون ۽ پڇن ڳاڇون ۽ ڪٿاڏون ڪريون. ان کان وڌيڪ مون لاءِ ٻي ڪهڙي خوشي ٿي سگهي ٿي؟ هت ٻيو ڪو ماڻهو مٽ اسان جو ڪو نه آهي، تنهن ڪري هيءَ اڪيلائيءَ خود هڪ وندر آهي. هن وشيه جي سنبنڌ ۾ سام هڪ ڳالهه دهرائي جا هن ڊائريءَ جي ١٨٠ ۽ ١٨١ صفحي تي ڏنل آهي ۽ چيائين: ”ٻيون واٽون پنهنجي من جون بند رکي پنهنجي پريتم ڏانهن لاڙو رکڻ، سوئي ڪيس پائڻ جو ڪارگر رستو آهي.“

هت جيئن نه رهيو آهي ڪو ماڻهو، نه سوسائٽيءَ ۾ مزو، سڀ ڳالهه ڪان من موڙي پاڻ ۾ مزو وٺڻ ئي آداسائيءَ جو هڪ علاج آهي. هڪ پاسي سام ته ٻئي پاسي ڪان آهي رام. پوءِ هن ”جيتامڙي“ لاءِ مڙيوئي مزو نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ ڪم ڪار ڪري اچي ٿي سٽ سنگ جسي شرن وٺان. ٻي چنتا ڪاٻه ڪين ٿي رکان. پڙهندڙ! اڄ ته اڄ گڏجي سام سان هي سلوڪ اچاريون: ڀڳوانم شرنم گڇامي، ڌرم شرنم گڇامي،

سنگهم شرنم گڇامي ۰

[معني: ڀڳوان جي شرن مون ورتي آ، ڌرم جي شرن مون ورتي آ، ست سنگ جي شرن مون ورتي آ ۰]

* * *

٢٤-٧-١٩٥٢ع - مون سام کي چيو ته هاڻي سنساري جيوت ۾ گهڻو عرصو گذاريو اٿئون ۰ خبر نه آهي ڪڏهين اسانجي آشرم استاپن ٿيندي ۽ باقي وقت ڪنهن سٺي نموني ۾ گذاربو۰

سام چيو: " ڪڏهين آشرم جي آس ۽ دل جي سٽائيندڙ خواهشن مان هڪڙي ٻاجهي ٿئي ته اها چڱي نه ٿيندي۰ ڪل انسان هميشه آرام جون جايون ڳوليندو آهي؛ اڃيو پاڻيءَ جي ۽ بکيو کاڌي جي چاهنا رکندو آهي۰ سنساري جيوت ۾ گهڻو وقت رهي سنتر زندگيءَ جي پياس وڌندي آهي؛ پر اندر جاچي ڏٺو اٿيئي ته هيءَ آشرم جي پياس سستي ۽ آرام جي زندگيءَ جي پياس ته نه آهي؟ جيتري قدر مان سمجهان ٿو، اها آشرم جي زندگي به مسئلن ۽ مشڪلاتن کان خالي ڪانه رهندي! پر تو شايد ان کي هڪڙو مرڪ يا آرام گاهه ڪري سمجهيو آهي۰"

مون پڇيو: "ڇا سنتر زندگي مزي ۽ موج جي زندگي نه ٿيندي؟"

سام چيو: "ٿيندي؛ پر اهو مزو يا آنند اسانکي مشڪلاتن هوندي به ملڻ کپي؛ مشڪل مسئلن حل ڪرڻ سان پاڻ وٽيڪ جلد حاصل ٿئي ٿو۰"

ٿوري وقت بعد مڌيڪ چيائين: "سڀ ڪنهن سنستا کي هڪو خاص سنيهو ڏيڻ گهرجي۰ جيسنائين اهڙي سنستا دنيا اڳيان ڪو نئون سنيهو، ڪو گيان جو مارڳ يا ڄيوا جو اصول پيش نٿي ڪري، تيستائين انهيءَ کي وجود ۾ رهڻ

جو انڪار ڪو نہ آهي. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ اسان جي آشرم کي بہ ڪو خاص مقصد ۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو خاص اوزار هئڻ گهرجي. انهن ٻنهي لاءِ تو اڳواٽ ڪهڙو ويچار ڪيو آهي؟"

سام وري چيو: "جيڪڏهن اهو مقصد اسان جو خيال کي جاڳائڻ يا پلائيءَ جو ورثاءُ وڌائڻ يا قدرتي قانون واري زندگي برپا ڪرڻ ڪٿي چئجي تہ ان جي اوزارن مان قلم بہ هڪڙو ٿي سگهي ٿو. تنهنجي لکيل ڊائري ۽ اسان جا ٻيا ڪتاب سڀ اوزار ٿي سگهن ٿا. صحبت يا ست سنگ سو تہ برابر سڀ ڪان اڳ آهي، پر رهڻ پرديس جي زماني ۾ اٿين قبول ڪرڻو پوندو تہ جيڪڏهن آچاريل اکر کي ڪو ملهہ آهي تہ لکيل اکر ۾ ٻڻ ڪو تاثير آهي. گذريل زماني جي ساڌو سنتن جو خاص اوزار هو، واد وواد، وياکيان ۽ پڇڻ پاڻ وغيره. مگر اڄوڪي زماني جي ساڌوءَ لاءِ قلم ٻڻ هڪ اوزار آهي. ايترو مان قبول ڪندس تہ منهنجي من ۾ بہ خاموش رهڻ جي سخت تمنا آهي. ڪڏهين ڪڏهين اٿين چاهيندو آهيان تہ باقي عمر جو عرصو ڪٿهن دور ياترا ۾، ڪنهن سندر آستان تي، يا ڪنهن گفا ۾ گمنام ٿي گذارجي. مگر وڌيڪ خيال ڪرڻ تي وري ڏسندو آهيان تہ ساڌوءَ کي هڪ ايماندار سپاهيءَ وانگر پنهنجا هٿيار تيستائين ڦٽا ڪرڻ نہ گهرجن جيستائين سندس هٿ ۾ ڪيل ڪم پورو نہ ٿيو آهي يا ڪيس پنهنجي مالڪ جو اهڙو امر نہ مليو آهي. جڏهن اهڙو وقت ايندو، تڏهين سندس اوزار سندس هٿن مان ٻيا وٺي ويندا ۽ سندس سهاري هيٺ، سندس جيئري يا سندس موت بعد بہ، سندس ڪيل ڪم اڳتي وڌندو رهندو. ستہ رکڻ فقط بس نہ آهي. ستہ جاڳي تنهن بعد ويچار

يعني رت ڪرڻ ۽ ڪنهن قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. رت جڏهين ڪا سهڻي نهي اچي، تڏهين سمجهو ته اُديم جي شروعات آهي. پهرين ڳالهه آهي پاڻ ارپڻ ڪرڻ. پر اسين سڏ ڪري دل کي ٻهاري ڏئي وري مات ڪري ويهي رهون ٿا. مان به ٢٥ سالن کان وڏيڪ عرصي لاءِ ان نئين زندگيءَ جا روپ ۽ خيال ڏسي رهيو آهيان. ان جي اسٿاپن ڪرڻ لاءِ گهڻا پورا ڪوشش پڻ ڪئي اٿم. مگر ٻيا سڀ ڪم پوري رکي جيستائين خاص ڌيان ان ڏانهن نه ڏيو، تيستائين گهڻو ڪجهه حاصل ڪري نه ٿيندو. روز روز سهڻي وقت اها دعا پيو گهرندو آهيان ته ان نئين زندگي جي گرڌش ۾ اها ڳالهه ... جي وسري نه وڃي! نئدي وڏي ڪم ۾ پڻ اها آس رکندو ايندو آهيان ته انهيءَ ۾ ڪاميابي يا شڪست مي بيٺي ان سنتر زندگيءَ جي آدرش ڏانهن ٿلهو وڏيڪ قدم ثابت ٿين. اسانکي منساري ڪمن ۽ جوابدارين ۾ پڻ ڪاميابي اِنَ لاءِ چاهڻ گهرجي ته منجهانئن اسانجي آدرش وارو ڪم وڌي سگهي. تون ۽ تنهنجي زندگي پڻ مان سمجهندو آهيان ته ان آدرش جي حاصل ڪرڻ لاءِ مونکي ايشور جي طرفان هٿيار مليل آهن. اٿين نه آهي ته توکي حاصل ڪرڻ وقت مون ڪو اهو ارادو من ۾ رکيو هو، مگر جيئن جيئن ڏينهن گذرندا وڃن ٿا، تيئن تيئن ظاهر ٿيندو وڃي ٿو ته تنهنجو ۽ منهنجو ملڻ نه اسان جي شخصي سک لاءِ آهي مگر ڪنهن آدرشي ڪم لاءِ آهي. انسان جيڪي مرادون دل ۾ رکي ٿو، تن کان اڪثر قدرت جي رت نرالي آهي. مثلا انسان خواهش جي پوري ڪرڻ يا شخصي سک لاءِ يا پرڻو وڃان شادي ڪري ٿو، مگر قدرت جي وڏي رت ان ۾ انساني واڌاري جي آهي. اهڙيءَ طرح ملين جو سنبنڌ يا دوستي ظاهري پيار

يا ڪنهن غرض مان پيدا ٿئي ٿي، پر قدرت جو به اُن ۾ ڪو بهو مطلب رکيل هوندو، جو اسانجي شخصي چاهنائن کان نرالو هوندو. اهو سمجهڻ به آشرم جي گويا بنياد وجهڻ برابر آهي."

* * *

٢٦-٧-١٩٥٢ع - سئنيما ۾ وڃي وڃي سام ڏيان ۾ اچي ويو جنهن بعد مونکي ڪيترا دفعا هٿ گهماياٸين. مون ڪيس چيو: "ايترا هٿ گهمائي گويا پارس جئن مونکي سونو ٺاڪربو."

سام چيو: "مان خود پاڻ کي سونو ڪريان ٿو؛ اِها خود منهنجي عبادت ٿي چڪي."

مطلب سمجهائيندي وڌيڪ چيائين: "ڏيان ڪرڻ جو وقت هٿ ٿورو مليو. آها گهٽتائي توکي گهڻن هٿن گهمائڻ سان پوري ڪيم. ڪنهن پاڪ شيء کي هٿ لائي من آنند ۾ اچي ويندو آهي. ان محويت مان ساڳيو فائدو ملندو آهي جو عبادت سان ملي ٿو. تنهن ڪري سئنيما به پيو ڏسان ۽ پريئر به پنهنجي هن نموني جاري ٿو رکان."

* * *

١-٨-١٩٥٢ع - بئر ڏينهن جي هڪ ميٽنگ جا هي نوٽ آهن، جي ڪڄهه وقت کان، اسپتال ۾ گهٽي ڪم هئڻ سبب، مون رکي ڇڏيا هئا. اسين ٻاهران مسافري ڪري موٽيا هئا سين؛ ميٽنگ جي وقت هڪ مهمان آيو. بهو ڪو به ماڻهو سام ۽ مون کان سواء گهر ۾ ويٺل ڪونه هو. چيو سين ته، پاڻ ۾ وٺي ڏا ڳالهيون ڪريون؛ خاص ڪنهن ڪتاب پڙهڻ يا ڪلاس جاري رکڻ جي ضرورت نه آهي. انهن ڳالهائيندي، ڳالهائيندي اسانجي مهمان چيو: "مان جيڪر سچ پچ مسلمان ٿيان پر زال ۽ ٻارن جي خيال کان ائين نٿو ڪريان."

سام چيو: ”ان حالت ۾ نه رکو پاڻ مسلمان ٿيو ۽ پارن تي به اهڙو اثر وجهو اوهان جو فرض آهي؛ اهڙي سکيا ڏيڻ پنهنجي ٻارن کي ڏيو جيئن اهو من حق جي راه ڏانهن، جيڪا اوهان جي نظر ۾ اسلام جي راه آهي، مائل رهي؛ وڌن تي فرض آهي ته پنهنجي خيال پٽاندر ۽ پنهنجي سچي ڌرم موجب مضمون جي تعليم جي رٿ ڪن. توهانکي جيڪڏهن ... تي پورو ڀروسو آهي ته ٻوء ڳالهيون هن نموني رچ سي پڙهي ڏيڻ توهان لاء هڪ گناه آهي. مان پاڻيان ٿو ته جيڪڏهن توهان کي سچ پچ اهڙو يقين پنهنجي خيالن تي هجي ها ته اوهان جي ڌرم پٽني ۽ اوهان سان شامل راه ٿئي ها. مگر منهنجي خيال موجب اوهان کي خود پورو يقين نه آهي ۽ اهي ڳالهيون شايد اچا تري نموني ڪڏهن هجو، جيتوڻيڪ اهڙيون ڳالهيون هلڪي نموني ڪرڻ نه گهرجن.“

مون مهمان کان پڇيو: ”توهان اسلام ۾ خاص ڪهڙي ڳالهه پسند ڪريو ٿا ۽ هندو ڌرم ۾ رهي آهيا پڇو نه ٿا عمل ۾ آڻيو؟“

مهمان سام جي ڳالهه جو ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. مگر منهنجي سوال جي جواب ۾ ڪانڌي چيائين: ”هندو لفظ جي فارسي معني آهي ڪارو، چور، ڌاڪو يا غلام! انهن مان آءٌ ڪجهه به ڪين ٿو پسند ڪريان!“

سام ... سندس ڳالهائڻ جي هلڪي نوع مان وڌيڪ خاطري ٿي ته سندس خيال اجا ڪچا آهن ۽ سام ڪانئس پڇيو: ”اهي اکر توهين ڪرچي طور چئو ٿا يا سچ پچ ائين سمجهو ٿا.“

مهمان جوش ۾ اچي ويو ۽ چيائين: ”مون توهانکي

فقط هندو اکر جي فارسي ۽ عربيءَ ٻوليءَ ۾ معني ٿي ٻڌائي. پر هاڻي مان سچ پچ چوان ٿو ته هندو چوائڻ ۾ مونکي شرم ٿو اچي."

سام چيو: "مان اسلام جي خلاف ته آهيان مگر هندو لفظ جي جدا اصل معني آهي اها به سمجهڻ جي ڪريو. ان جي هڪڙي معني آهي اندُ يعني چنڊ جي روشن ديش جو ماڻهو: آن ۾ توهانکي ڇو شرم اچڻ گهرجي. پر عربي ۽ فارسي معنيٰ ڪنهن اکر جي گهولڻ يا مٿاڇرين معنائن مان اهڙا مذهبن بابت انومان ڪيڻ سو ڳيان جو رستو ته آهي. مونکي اسلام لاءِ ايتري ئي عزت آهي، جيتري هندو ڌرم لاءِ. مگر مان سمجهان ٿو ته اوهانکي نه اسلام جي نه هندو ڌرم جي پوري ڄاڻ آهي."

مهمان چيو: "ڪو ڇٽي ڪو ته ٿو سگهي ته هندو ڌرم ڇا کي ٿو چئجي. توهين پاڻهي ڏسو ته هندو ڌرم ۾ ڪيترا پنٿ ۽ ڪيترا فلسفا آهن، جن ۾ هندستان جي ماڻهن وقت بوقت اعتبار رکيو آهي. انهن مان هرڪو فرقو انهن ٿو سمجهي ته اسان جو پنٿ ئي سچو آهي. هوڏانهن اسلام جو فقط هڪ ئي منزل پڪو، پختو رستو آهي، جنهن تي ماڻهو بي خطري هلي، پنهنجي مقصد تي پهچي سگهي ٿو. هندو ڌرم ۾ جيستائين فيصلو ڪجي ته ڪهڙو پنٿ سچو آهي، تيستائين انسان جي عمر ئي ختم ٿيو وڃي."

سام چيو: "سڀني ڌرمن ۽ پنٿن ۾ پنهنجي پنهنجي سونهن ۽ چڱائي آهي، جيتوڻيڪ ڪنهن ڪنهن ڳالهيون مذهبن جون اڄوڪي علم ۽ سائنس سان مشڪل ٿيون ڏسڪن. سڀني مذهبن ۾ ڪيتريون ڳالهيون مجمل آهن جن جي خلاف ۽ جن جي فائدي ۾ اڄوڪي سائنس يا اڄوڪي علم جون شاهديون مان

ٿيون. هندو فلاسافيءَ جي مشابهت نه هڪ سڌي وات سان پر هڪ شاهي ٻيلي سان ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ گهڻيون ئي وندرائيندڙ ۽ لاڀدايڪ شيون ملي سگهن ٿيون. منجهس گهڻائي اوچن چوٽين وارا خيال جا درخت ۽ خوشبودار ٻوٽا ۽ گاهه، گل وغيره آهن. البت ٻيلي منجهان جيڪي واٽون نڪرن ٿيون سي گهڻائيءَ سبب ڪن لاءِ منجهائيندڙ ثابت ٿي سگهن ٿيون. مگر ٻيلائي ماڻهو انهن ۾ مُنجهن ٿي ڪو نه. ٻين ٿي انهن جي ڄاڻ ڪنهن گيان واري گروءَ يا گائيڊ جي معرفت ملي سگهي ٿي؛ مطلب ته شوق ۽ شرڌا وارو ڪڏهين به ڪٿي ڪو نه ٿو اٽڪي. هوڏانهن اسلام جي فلاسافي هڪ سندر، سينگاريل باغ ڪٿي چئجي. اسان لاءِ باغ به ايترائي ضروري آهن جيترا وڏا اوچن ورڪشن وارا ٻيلا. جا اونهائي يا اوچائي ٻيلي ۾ حاصل ٿئي ٿي سا ٻئي ڪنهن هنڌ ملي ڪانه ٿي سگهي. هوڏانهن باغ جي صفائي ۽ سهڻي ورڇ سا پڻ هڪ پياري چيز آهي. هيڏانهن ٻيلي جي واٽن ۾ ڪجهه مونجهارو پيدا ٿئي ٿو ته هوڏانهن وري صاف گهڙيل رستي واري زندگي ڪجهه محدود نظر اچي ٿي. فقير ۽ راجا لوڪ گهڻا ٻيلا پسند ڪندا آهن. هوڏانهن وري پروفيسر ۽ عاقل گهڻا باغ پسند ڪندا آهن. درحقيقت باغ ۽ ٻيلا ٻئي سچي بادشاهه جون حدون آهن. جهنگل ۽ ٻيلو به انهيءَ جي سلطنت جو هڪ دل لڀائيندڙ نظارو ڪري مڃڻ گهرجي.

”مذهب کي مان اهڙي شيءِ سمجهان ٿو، جنهن جو واسطو انسان جي سموري زندگيءَ سان آهي. مذهب نه فقط هڪ ڀلائيءَ جي وات آهي پر قدرتي زندگيءَ جو ٻيو نالو آهي. تاريخ ۾ اونهو وڃبو ته اٿين پڻ ڏسبو ته سڀني مذهبن مرڪزي خيال هڪ ٻئي سان ميل رکندڙ آهن. گهڻا ايڪ

چون ٿا ته ٻڌ ڌرم جڏهن هماليه ۽ ٻين لاڳيتن ملڪن ۾ زور سان ڦهليل هو، تڏهن وچ ايشيا جي قومن جا ماڻهو اُن طرف ايندا ويندا هئا. وچين زماني جي فلسوف سياحن مان ڪائونٽ نڪولائي رورش جي گواهي بلڪل معتبر نظر اچي ٿي. ڪيس روبرو ڏسڻ تي يقين ٿيو ته هماليه پهاڙ جهڙن ملڪن ۾ تواريخي ثابتيون آهن ته ڪرائيسٽ ڪنهن وقت اُتي آيل هو. هوڏانهن عيسائي اثر اسلامي تهذيب تي سڌيو وڃي ٿو. صوفي مت وارن جو وري ويدانت سان چڱو سنبنڌ ڏيکارجي ٿو. جيڪڏهن اڳوڻي هندستان جي تجارت، جنهن چوڻ ۾ اچي ٿو، ايران، عرب ۽ ٻين وچ ايشيائي ملڪن سان هلندڙ هئي ته خيال جي ڏي وٺ ڪيئن نه ٿي سگهي هوندي؟ هوڏانهن عربستان جي ڏي وٺ يهودي ۽ ڪرسٽان قومن سان گهاٽي ۾ گهاٽي هئي ۽ چون ٿا ته سردار محمد (ﷺ) عيسائي ۽ يهودين جي خيالن کان ننڍيءَ عمر ۾ ئي ڀلا ڀلي ڀانت نيندي چڱيءَ پر واقف ٿيو هو. تنهن ڪري 'نج آريه خيال' يا 'نج يهودي خيال' يا 'نج عربي' ۽ 'عيسائي خيال' جدا ڪري ڏيکارڻ مشڪل آهي. هيڏي ساري ٻاهه يا الو خيال جو جيڪو هن ملڪ ۾ پنج هزار سالن کان وڌيڪ اڳ پيدا ٿيو هو ۽ جنهن جا اثر آمريڪا جي ريڊ انڊين قومن تائين پهتل هئا؛ جنهن جو اثر سيام، انڊونيشيا، چين، جپان ۽ ٻين ڏور پورب جي ملڪن تائين به پهچي سگهيو ته، ڇا اُن جي جهلڪ لاڳيتي عرب، ايران يا ٻين وچ ايشيا جي ملڪن تائين ڪين پهتي هوندي؟ جيڪو خيال اسلام ۾ انساني برادري ۽ وحدانيت جو آهي، تنهن کان به ڪي پنڊت هندو ڌرم جا انڪاري نه آهن. ڪي فرقا هندو ڌرم جا ساڳي طرح ۽ ڪي اڻ ساڳي طرح انهن ٻن مرڪزي اسلامي خيالن کي تسليم ڪن ٿا. هندو ڌرم ۽ اسلام جي وچ ۾ ٻي به گهڻي ساڳيائي

خيال جي ملندي. اسين ٻنهي کي هڪ ئي سلطنت جا حصا ڪري مڃون ٿا."

مهمان پڇيو: "اهي وڏ اوچن چوٽين وارا خاص هندو فلاسافيءَ جي ٻلي ۾ ڪهڙا آهن؟"

سام ورائيو: "اهي منهنجي سمجهه موجب آهن ويدانت، ڀڳتي مارگ، دبا ڀاو جو اصول، گيان جي کوجنا لاءِ يوگ جا طريقا، تپسيا، ۽ وئراڳ جا اصول وغيره ، اگرچه مان قبول ڪندس ته اهي ساڳيون شيون صوفي مت ۾ ۽ ٻين مذهبن ۾ پڻ جدا جدا ڍنگرن ۾ ملن ٿيون ۽ ڪو به سچو مذهب انهن کان غيرواقف نه آهي."

ٿوري دير بعد سام چيو: "مذهب هڪ خيال جي وڏي لهر ڪري سمجهڻ گهرجي جا گنڀيل آهي ۽ سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهــــي ، پـــوءِ 'ڌرتيءَ' يا 'وايو منڊل' (هن سمنڊ ۾ انساني من) جي حالتن آهر پاڻي لهر جو ڪٽ لڙائيو ، ڪٿي صاف، ڪٿي سيٽل، ڪٿي تيز، ڪٿي کارو ۽ چهرو ته ڪٿي مٺو ٿي پيو آهي. لهر ساڳي هڪ درياه جي آهي. جا لاءِ جو خيال تي ڪي به پابنديون اثرائتيون ڪو نه ٿيون آهن: خيال جي رل مل ٻين سيني ناتن کان جدا جدا قومن جي وچ ۾ گهٽي ٿي آهي: واپار، سياسي ناتن يا ٻين ٻاهرين ڏي وٺ جي نمونن کان خيال جي ڏي وٺ تاريخ ۾ وڌيڪ اثرائتي ۽ آزاد نمونى ۾ ٿي آهي. نه فقط ايترو پر ٻيا سڀ ناتا ۽ رشتا خود ذريعا بڻيا آهن هن خيالي ڏي وٺ جا . اها خيالي ڏي وٺ سيني ناتن کان جٽادار پڻ آهي. تنهن ڪري سچي هندوءَ، سچي مسلمان، سچي ڪرستان ۽ سچي ٻڌ جي وچ ۾ سچ پچ گهڻو فرق ڪو نه آهي: بلڪ گهڻي هڪ جهڙائي آهي. چوٽيءَ وارا ماڻهو سيني ڌرمن جا انسانيت،

ديا ڀاو، ديانت داري، صفائي ۽ سچائي جي انگن ۾ هڪ جهڙا نظر اچن ٿا. انهن ڳالهين کان سواء مذهب باقي ڇا آهي ؟"

تنهن بعد سام مهمان کان اوچتو ٻه سوال پڇيا جن جو انوقت جي گفتگوء سان ظاهر ۾ ڪو به لاڳاپو ڪو نه هو، مگر اها هڪ قسم جي پاسري جاچ مهمان جي اسلامي شوق جي هئي. اهي سوال هي آهن :

(١) اوهان اصول جي ڳالهه تي ڪڏهين حياتيءَ ۾ سخت لڙائي ڪئي آهي؟

ان جي جواب ۾ مهمان چيو :" مان لڙائي ٽاريندو آهيان ."

(٢) توهان ڪڏهين دل جي شوق يا شرڌا سان ڪو وڏو دان ڏنو آهي، يا وڏي زڪوات مال اسباب جي ڪڍي آهي؟ جواب ۾ مهمان چيو: " نه ! "

سام چيو :" تڏهين سمجهو ته توهان جو لاڙو اسلام ڏانهن ڪن ٻاهرين سببن ڪري آهي ۽ نه اندروني خيال جي ڦيري ڪري. اسلام جي راڄنيتي، سماجڪ يا قومي زور ۽ گهٽائيءَ هن ملڪ ۾ شايد توهان جي دل ۾ سرخرو ٿيڻ جي خواهش پيدا ڪئي هجي. روحاني طرح توهان اڃا ڳولائو آهيو. اوهان جو پڪو يقين اسلام تي نه آهي. اهڙي پڇا ڳڇا ۽ ظاهري شوق ڪڏهين عقيدي جي گهٽتائي ثابت ڪندا آهن. ورنه توهان جيڪر گهر وارن جي مجنا لاءِ ڪين ترسو ها ."

مهمان ڪلي چيو :" شايد ائين هجي ."

وري پڇيائين :" توهان جيڪر مون کان نفرت ڪريو ڇا جي مان مسلمان ٿيان !"

سام چيو: " اسين توهان جو ساڳيوئي آدر ڪنداسون.

ڇا لاءِ جو اسين پاڻ سچن مسلمانن ۾ مسلمان ۽ ڪرستانن ۾ سچا ڪرستان ۽ هندن ۾ سچا هندو آهيون. تنهن ڪانسواءِ ناليءَ متاثر ڪري انساني لياقت ڪنهن جي گهٽ يا وڌ ڪا نه ٿي ٿئي."

* * *

٢-٨-١٩٥٢ع- مون سام کي چيو: "توهان اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهيو، جي ازخود مڃيون پونديون آهن. مان سمجهندي آهيان ته ڏهانجي خيال جو ڪو رد ٿي ڪو نه ٿو سگهي."

سام ورائيو: "ائين هميشه نه آهي پر جيڪڏهن هجي به ڪٿي ته اهو ان ڪري ٿي سگهي ٿو، جو مان ٻئي جي خيال ۾ ساڳيءَ طرح گهرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جيئن پنهنجي خيال سمجهڻ جي. جيڪي ٻيو چوي انجي اکر ڪي نه رڳو پر پاو ۽ مراد کي به جاچڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان؛ جيڪي ٻيو چوي تنهن ۾ ڀروواسن اعتقاد رکي ان جي خيال موافق سائس گڏ هلندو آهيان؛ پوءِ سندس حدون ۽ منزل خيال جي جلد معلوم ٿي وينديون آهن. گهڻو ڪري بحث مباحثه ڪندڙ ٻي جي نظريه کي جاچي نه ڏسندا آهن. پنهنجي خيال کي ٿي ورتيو بيٺا هوندا آهن. ساري حقيقت تڏهين معلوم ٿئي ٿي جڏهين خيال جو دائريو ڪليل رکجي ٿو. خاص ڪري جوش ۽ ضد ان معلومات ۾ رنڊڪ وجهن ٿا. ڏيرج ۽ ٿڌائيءَ سان، پاڻان خود الڳ ٿي ڳالهه جا سڀ پهلو جاچڻ سان ئي سچ جي خبر پوي ٿي. پاڻ فقط بحث وقت ٿڌي رهڻ جي ڪوشش ڪجي، پوءِ جيڪا بحث ۾ مرڪزي ڳالهه هوندي سا پاڻهي ظاهر ٿي پوندي."

* * *

٢٤-١١-١٩٥٢ع — مون سائين سان احوال ڪيو ته ملتان جي هڪڙي جج جي زال مونکي بي واجبي طرح خسيس ڳالهين لاءِ پيئي گهرائي، جيتوڻيڪ اهي ڪم منهنجون نرسون يا دايون به ڪري سگهن ٿيون، تنهن ڪري مون کيس اڄ ڪجهه ڏنايو آهي.

سائين چيو: ”ائين ٺيڪ آهي؛ اسان جي ڪن آفيسرن ۾ اڃا برٽش راڄ وارو نوڪر شاهيءَ جو روح زنده آهي. آفيسر ۽ انهن جون زالون پاڻ کي ملڪ جا شيوڪ نه پر خاوند سمجهيو ويٺا آهن. سندن بي واجبي هلت جو ڪارڻ اسانجي نبلائي آهي. ٻيو ۽ خوشامد ڪرڻ سان اسين هنن جي شيوا نه پر هاجي ڪري رهيا آهيون. تنهن ڪري ننڍي ۾ ننڍي انسان سان جيئن ورتاءُ ڪجي اهڙوئي وڏي ۾ وڏي انسان سان ڪرڻ گهرجي. خاص خوشامد ڪرڻ ۾ پنهنجو ضمير خراب ٿيندو. جيڪا عزت وڏي ۾ وڏي انسان کي ڏجي سا ننڍي ۾ ننڍي انسان کي ٻڻ ڏجي. جيڪڏهين ڪنهن ۾ ڪي اوڻايون هجن ته اهي جوڳي نموني ضرور انهن کي ٻڌائڻ گهرجن. پيو پاڻ ۾ شمار آهي. سنسار ڪئي جي مثل آهي؛ جيئن ڪانئس ڏبو تيئن ڏاڙهيندو. انکي ڪڏهين هڪل ڏيڻ سان ٿي مات ڪرائي سگهجي آهي.“

* * *

٤-١٢-١٩٥٢ع — اڄ هڪڙو صوفي فقير اسانوٽ آيو جنهن سائين سان به ٿي ڀيرا ملڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. آخر سائين جو متي گهر ۾ چڙهي آيو. سائين کي اهو خيال دل ۾ پيدا ٿيو ته ڪنهن سان روح رهاڻ ڪرڻ سو به هڪڙو ڪم آهي؛ اهو به احساس آهي؛ صوفيءَ جو سڀ ۾ سڀ آهي. تنهن ڪري خوشيءَ سان به ڪم پري رکي نوڪلوٽي هن صوفي فقير سان ويٺي رهيو.

پنهنجا شعر وغيره ڪيس نه رکيو پڙهي ٻڌاياڻين پر ڳائي به ٻڌاياڻين . مونکي ان تي عجب لڳو، ڇا لاءِ جو اسين لکپڙه جي ڪم ۾ وڳهن وجهندا آهيونس ته هو رنج ٿيندو آهي. فقير به ڏاڍو خوش هيو ۽ سام به خوش تي نظر آيو. مون سام کان ان ڳالهه جو راز پڇيو .

سام وراڻيو: ”مونکي هنن فقيرن مان گهڻو آنند پراپت ٿيندو آهي، جيتوڻيڪ هو اڻ پڙهيل ۽ سادا سودا ماڻهو آهن. هو جڏهين مونوٽ ايندا آهن ته مان سمجهندو آهيان ڇڻڪ منهنجي ملڪ جا ڪي قاصد مونوٽ آيا آهن. هڪ ٻر ۾ جيئن درخت جو ملي وڃڻ وڏي اهميت ٿو رکي، تيئن هن سنساري جيوت ۾ درويشن جو اچڻ ۽ انهن سان صحبت ڪرڻ خود جنت جي آسائش مثل آهي .“

فقير سام کي چيو : ” ڪجهه وقت اچا لاڙڪاڻي ۾ آهيان. مان وري هڪ ڀيرو توهان وٽ اچان؟“

سام کيس چيو ته توهين ڀلي جڏهين وڻيو تڏهين اچو. پوءِ مونکي چياڻين: ”دنيا وارن جي نظر ۾ ڪيتريون ناضروري ۽ گهٽ ملهه واريون ڳالهيون ضروري ٿين ٿيون، جهڙوڪ دنيا هٿ ڪرڻ، پوزيشن ناهڻ ، طاقت وڌائڻ ، وڏن ماڻهن سان سرخرو ٿيڻ يا نالو ڪيڻ ! پر آخر انهن مان خوشي حاصل ڪا نه ٿيڻي آهي. ان کان هڪ سچي سادي آدميءَ سان روح رهاڻ ڪرڻ ، سو پنهنجي آتما لاءِ وڌيڪ لاڀدايڪ آهي .“

* * *

٦-١٢-١٩٥٢ ع - اڄ اسانوٽ ڪراچي ۽ راڌڻ جي پاسي کان ڪي مهمان اچڻا هئا. انهن جي ماني وغيره جو بندوبست ٿيڻو هو ۽ ٻيا به گهرو ڪم هئا. مان پنهنجي اسپتال ۾ قابو

هيس جو پرانت جو گورنر اسپتال ۾ اچڻو هو، ڪم سمورا سٺي نموني سماپت ٿي ويا.

سام چيو:” اهو سٺي انتظام جو نتيجو آهي. انتظام سچي سک ۽ سچيءَ سوڀيا جو ڪارڻ آهي. اهو اصول نه رکو وڏن ڪمن سان لاڳو آهي، مگر گهرو، ننڍڙن ڪمن سان پڻ.“

گهرجي اسٽور يعني سامان وغيره ۾ پڻ، جو منهنجي نوڪريءَ ڪان پوءِ سام جي نظر هيٺ رهندو آهي، صفائي ۽ ناهم نوهه ڏسي سام ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين:” حياتيءَ ۾ اسين ڪيترو جس ۽ خوشي پوري انتظام نه رکڻ ڪري وڃائي ٿا ڇڏيون. جيئن صفائي صحت جو مول آهي، تيئن سادگي سونهن جو بنياد آهي ۽ انتظام، سادگي ۽ صفائيءَ جو مول آهي. ڇا من جي ڊائري ۾، ڇا جسم جي ڊائري ۾، ڇا شعر ۾ يا ملڪ جي ڪاروبار ۾، انتظام هڪ تمام ضروري چيز آهي. ڪا به اڏاوت انتظام ڪان سواءِ پوري ٿي نٿي سگهي. مگر سچو انتظام اهو آهي جو بوجهو ٿي نه پوي؛ ڪڏهين اهو ايترو سادو ۽ صاف طريقي جو هوندو آهي جو منجهانئس انتظام يعني هٽرادو جوڙ جڪ جي بوءِ ٿي ڪانه ايندي آهي. انتظام جي ڪماليت انهيءَ ۾ آهي جو قدرتي رت جيان پيو لڳي ۽ ان ني عمل آسانيءَ سان ٿيندو رهي.“

سام مونکي هميشه چيمپيندو آهي ته انتظام لاءِ تو ۾ چاهه ڪو نه آهي، مگر پاڻ کي زوريءَ ڪنهن رٿيل قانون ني هلائڻ سو به مونکي نيڪ نه لڳندو آهي، يعني پابندي قبول ڪرڻ شايد منهنجي فطرت ۾ نه آهي. ان بنسبت مون سام ڪان پڇيو ته ڇا ڪرڻ کپي؟

سام چيو:” انتظام ذاتي يعني سياويڪ هئڻ گهرجي ۽ نه زور جو مڙهيل. تنهن ڪري ڏون آهي قانون قائم رک

جيڪي تنهنجي ميلاو سان نهڪي اچن. قدرت جو نظام ڏسو، ان ۾ ڪا هٿرادو يا مصنوعي طرز ڪانه رکيل آهي؛ اهو سڄو گهرجن يعني ضرورتن مان پيدا ٿئي ٿو. سج، چنڊ ۽ ڌرتيءَ جون حرڪتون ڏسو؛ هوا، ڪڪر وغيره قدرت جي طاقتن جي خود ڪيڏ به آهن ته قدرت جي نظام لاءِ ضروري به آهن. سي سڀ ائين پيا هلن، جيئن منجهن ڪو اٽڪاءُ نه اچي؛ جيئن پاڻي مٿانهين کان هيٺائينءَ ڏانهن قدرتي طرح پاڻهي وهي ٿو تيئن درست من ۽ درست آتما پنهنجو پاڻهي ڪنهن نه ڪنهن انتظام ڏانهن مائل رهن ٿا. انتظام رکڻ لاءِ گهڻي ڪوشش جي ضرورت ڪا نه ٿي پوي. البت هٿئي جو مڙهيل انتظام پنهنجي من لاءِ خود بي انتظامي يا مونجهاري جو ڪارڻ ٿيو پوي. تنهن ڪري جن ڳالهين لاءِ پاڻ ۾ چاهه پورو نه سمجهو انهن جي ڪرڻ لاءِ ڪو حيلو به نه ڪريو. ان حالت ۾ اول پاڻ کان ڪوشش ڪري پڇڻ گهرجي ته جيڪڏهين هي پرائو مڙهيل انتظام نه ٿو وٺي ته ان کان وڌ ڪهڙو طريقو زندگيءَ جو سنو ٿيندو؟ پنهنجي زندگيءَ جي ترتيب يا مقصد لاءِ سهنجي ۾ سهنجو ۽ سادي ۾ سادو رستو ڪهڙو ٿيندو؟ ان سمجهه جي اچڻ سان خود سئي طريقي لاءِ پاڻهي چاهه پيدا ٿيندو ۽ گهربل انتظام پاڻهي پيدا ٿيندو."

* * *

هت مان سام جي هڪ سئي عادت جو ذڪر ڪرڻ گهران ٿي. جن ڳالهين لاءِ هو مون ۾ پورو چاهه نه ڏسندو آهي، تن جي بجا آڻڻ لاءِ مون تي زور ڪونه رکندو آهي. مگر مان ائين پٺي پانئيندي آهيان ته چڪ مون تي بيحد زور اچي رهيو آهي. سندس اشاري ۾ يا منهن موڙ ۾ ايڏي طاقت

آهي؛ مثلا مونکي ڪا رنگدار ساڙهي يا ڪاري عينڪ وغيره وٺي ته هو مونکي منع ڪو نه ڪري، مگر ايترو چوندو آهي ته ملڪ جا ماڻهو اهڙن نمونن تي هريل ڪين آهن . انهن جي وچ ۾ سادي ڊريس ڪري گهمڻ عورتن لاءِ وڌ ۾ وڌ شان وارو ۽ سلامتيءَ جو رستو آهي. ايتري چوڻ تي وري سالن جا سال آها عينڪ يا ساڙهي پيئي خراب ٿيندي مگر مون کان پائڻ نه پڄندي .

ان بنسبت سام کان پڇيم ته هيءُ زوريءَ مڙهيل اصول آهي يا خوشيءَ سان اختيار ڪيل . هن چيو :" انهيءَ طريقي پنهنجي چاه کي روڪڻ سو مجبوريءَ يا دٻاو وچان نه آهي، مگر ٻئي جي خيال جي احترام وچان ٿي سگهي ٿو . زوريءَ ڪنهن کان ڪا به ڳالهه ڪرائڻ آن مان ڀرپائڻ مونجهارو ۽ پوءِ الٽو ضد پيدا ٿئي ٿو ."

اهڙيءَ طرح، مان ڪيترا مهينا ڊائري لکڻ خود ڇڏي ڏيندي آهيان. ان وچ ۾ ڪيتريون ڳالهيون لکڻ جهڙيون ڪيترين وشين تي سام پيو چوندو آهي. مون کان ڪنهن سبب ڪري آهي وسري وڃن ته هو مونکي ياد ڏيارڻ کان به نٿائيندو آهي، ان لاءِ ته متان سندس اشاري ڪري مان ڪجهه هڙادو نموني لکڻ شروع ڪريان. البت ڪڏهين ڪڏهين ائين چوندو آهي ته توکي ننڍي ڪتابڙي ساڻ رکڻ گهرجي. هن وشيه تي ڳالهائيندي سام وڌيڪ هينئن چيو:" چاه، انتظام جي ڳمرنتي آهي. چاه ڪنسواءِ ڪو به انتظام ڪارگر ٿي نٿو سگهي. ڀرپائين پنهنجي من ۾ اِڇا اهڙي انتظام جي پر گهٽ ٿئي، پوءِ ڏسي ان جو سچو واڌارو ٿي سگهندو . ڪنهن آدرش يا زندگيءَ جي طريقي لاءِ چاه پيدا ڪرڻ تنهن لاءِ بهترين نمونو هيءُ آهي ته آن آدرش جو سنو مثال چپ چاپ ۾ ٻئي جي اڳيان رکجي. خاموشي ان

لاءِ ضروري آهي، جو اسان جي سچيت من ۾ پورا ۽ اڻ پورا خيال موجود آهن ، جنکي زندگيءَ جي هر چيز وانگر، پنهنجي پاڻ قائم رکڻ جي تمنا آهي؛ سنئون سڌو وچي انهن اڻپورن خيالن کي ڌوڏو ڏبو ته اهي ککر جي ميڙ مثل لڙڻ شروع ڪندا ؛ لڙائيءَ جو ياؤ پيدا ٿيندو ۽ ان ۾ سکيا جو ڏيڻ ڪارگر نه ٿيندو. ازانسواءِ اهي اڻپورا خيال چڱن خيالن سان گڏ رهندڙ آهن . تنهن ڪري انهن کي جدا ڪرڻ لاءِ وقت گهرجي. هرڏانهن چپ چاپ ۾ ڪنهن جي اکيان وڏيڪ سنو مثال رکڻ، سو آهي برائيءَ کي درسني ڏيکارڻ، جنهن ۾ پنهنجي يا انهن خيالن جي نيچتا ڏسي از خود چاهه پيدا ٿيندو پلائيءَ لاءِ. ڏنڊي سان يا حڪم سان زندگيءَ جي انتظام کي وڌائي نه ٿو سگهجي؛ انريت انقلاب پيدا ٿين ٿا. سڀ ڪان بهتر طريقو آهي، گيان وارن سنتن جو، جي سٺي خيال کي مانيٽي ۽ سچي نموني آسرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اٿين برابر آهي نه اسين سڀ اڻ پورڻ آهيون ۽ اڻ پورڻتا کي آديم جڳائي. مگر اهو اديم پنهنجي اندران جاڳي. جيتوڻيڪ Absolute يعني آخري ڪاميابي نئيڙي حيلي ڪرڻ سان نه به حاصل ٿئي ، تڏهين به حيلي ۽ صبر وارو انسان پورڻتا کي وچي ذري گهٽ پهچي ٿو؛ ساڌن ڪندي ڪندي هو آخر ڏسي ٿو ته باقي گهٽو ڪجهه حياتيءَ ۾ چڏيل نه آهي، يعني حياتيءَ جو وڏي ۾ وڏو خزانو ڪانئس گهٽو پري نه آهي."

سام وڏيڪ چيو:" انتظام سوئي سچو آهي جو ذاتي خيال يعني پنهنجي سڀاءَ سان پيدا ٿئي ٿو. ڪجهه وقت اڳي آمريڪا جي هڪ ڊاڪٽر اٿين لکيو هو ته جيتريون اسپتالون وڌايون ويون آهن ۽ جيتريقدر جيوڙن مارڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويا آهن اوترويئي نيون بيماريون منهن ڪڍي رهيون آهن. هن

وڏيڪ ائين چيو آهي ته بيماريءَ کي روڪڻ جو سٺي ۾ سٺو طريقو آهي بدن جي طاقت وڌائڻ ۽ نه فقط زهري جيوڙن کي مارڻ. ساڳيو اصول خيال جي دنيا سان به لاڳو آهي. طاقت وڌائڻ جو رستو تنهن کي ڪٺي چئجي سڌو (Positive) رستو ۽ 'جيوڙن مارڻ وارو' اصول ڪٺي چئجي اڻ سڌو (Negative) رستو. 'پسراين م ڪن' واري فلاسافيءَ (Negative Principal) تي ٻڌل انتظام صرف بيروني ريت رسم جي مجبورين مان پيدا ٿيندڙ آهي، جو من کي پاڻ وڏيڪ نبلو بڻائي ٿو. مان انهيءَ انتظام جو خواهان آهيان جو تن ۽ من جي پورڻتا منجهان پيدا ٿئي ٿو. ان مان ڪوئي نبلائي پيدا ٿيڻ جو پڙ ڪونه آهي. من وديا جا ماهر چون ٿا ته ڌرم يا مذهب جو جذبو اڪثر انهن انسانن ۾ گهڻو رهندو آهي، جن جي ويرتا (Sex Instinct) پورن هوندي آهي. ساڳيءَ طرح پاڻ تي ضابطو به انهن جو پڪو ۽ پورڻ ٿي سگهي ٿو، جن جون جسماني ۽ جذباتي طاقتون پوريون آهن ۽ جن ۾ آزاديءَ جو روح پربل آهي. ٻئي جو مڙهيل قانون انسان جي ترقي تي روڪ وجهي ٿو. هوڏانهن پنهنجي چاه يا ضرورت وچان اختيار ڪيل نيم سداري جي راه ۾ مدد ڪريٿو."

* * *

۱۶-۱۲-۱۹۵۲ع - گرڌاري جنهن جو ذڪر اڳ آيل آهي، ۱۵ سالن جي عرصي کان اسانوٽ آهي؛ وچ ۾ فقط ٿورن ٿورن مهينن لاءِ به ٿي ڀيرا نڪري ويو آهي؛ هو مونسان گڏجي هت آيو؛ مون ڪيس ماتا جي پيار سان ۽ سام پنهنجي ڪڏهن پيار سان ۽ ڪڏهن سختيءَ جي نمونن سان مدد ڪري سٺي راه تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گهڻا ڀيرا اسانجي گرڌاريءَ بهاديءَ جهڙا ڪم ڪري ڏيکاريا آهن پر ٻين

ڪن ڳالهين ۾ ڪوشش جو ڪو سٺو نتيجو نہ ڏسي اسين ڪجهہ نااميد بہ ٿيندا آهيون. سام هن ڪي سڌي ۽ اڻ سڌي طرح گهڻا موقعا خيال ڪي جاڳائڻ جا ڏيندو آهي. سام جا رستا نرالا آهن. ڪڏهين مان بہ سندس اندروني مطلب نہ سمجهي سگهندي آهيان. ڪڏهين اضافو ڏيئي ڪيس منشي بڻائي خوش ڪري تہ ڪڏهين ڪڏهين هٿ گهمائي ڪيس دعا ڪري؛ ڪڏهين پاڪر پائي ڪيس پنهنجو بڻائي تہ ڪڏهين ڪيس خرچ ڪرائي سندس کيسا خالي ڪري گرڌاريءَ جي صداقت وڌائي.

گرڌاري هڪ ڀيري ١٢٥ روپين جي واچ پنهنجي لاءِ وٺي آيو. سام جي چوڻ تي اها رڳي ڪيس سوڪڙي ڏنائين. سام گهڻو ڪري واچ ڪو نہ ڪٽندو آهي پر هن ڪان تنهن هوندي بہ اها واچ وٺي رکيائين. سام جي اها مرضي هئي تہ مان هنکي ان جو عيوض ڪجهہ بہ نہ ڏيان، مگر منهنجو خيال ائين هو تہ هن پنهنجي پگهارن مان واچ ورتي آهي، سا سام مفت ۾ نہ وٺي. سام ڪسي وري ان سبب ڪري پاڻ اها وڌيڪ وٺڻ جوڳي نظر آئي ۽ چيائين تہ شيءِ اها ملهائتي چڱجي جا تڪليف سان هٿ اچي.

گهڻي عرصي ڪانپوءِ تہ سام بہ ڪيس ڪي سوڪڙيون ڏيندو آهي پر انوقت جڪر پيو ڪو ائين سمجهي ها تہ سام هڪ لوڀي ماڻهو آهي جو غريب نوڪرن ڪان بہ سوڪڙيون وٺي قبائي ٿو وڃي! مان ائين ڪو نہ سمجهندي آهيان مگر تنهن هوندي بہ سام کي چوندي آهيان تہ چو ٿا اهڙن ماڻهن جون سوڪڙيون قبول ڪريو؟ مونکي اج انهيءَ ڳالهہ جو جواب هڪ اثرائتي نموني ۾ مليو. اج منهنجي خيال تي هي اثر چڱو ويٺو آهي تہ ٻئي جي دل نہ رکڻو سوڪڙين ڏيڻ

سان ڪٿي سگهي آهي مگر ڪڏهين وڻ يعني سڀ ڪجهه سويڪار ڪرڻ سان به ڪنهن جي دل کي ڇڪي سگهيو آهي. ڪڏهن ڏکي ڏرم ڪرائڻ سان به ٿئي جو اڌار ڪري سگهيو آهي. ڇو نه ته مهاتما گانڌي به شاهوڪارن جا گهه ۽ زيور ريجي يا شرمائي کڻي ايهرائي ونندو هو! هي ٻڙ ساڳيوئي نمونو صدق سيڪارڻ جو اڄ سون ڏنو. سام به شايد ڪا اهڙي توڪل ڪئي آهي ۽ پاڻ ارپڻ ڪرڻ جو ڪو ارادو رکيو آهي. ظاهر ۾ منجهائيندڙ زماني جو لباس ڌاريندي به هنڪي اهڙيون سو ڪڙيون وٺڻ ۾ ڪو انڪاءُ يا گلا جو پو ڪو نه ٿئي! اڃا اهڙي ڪنهن وڏي ڪاري ۾ اسانجو هٿ ڪو نه آهي، جو مان ٻين کي ثابتي ڏيئي سگهان ته اسانجي ميڙي خود پنهنجي شخصي سک لاءِ ڪين آهي، مگر اسانکي اندر ۾ هڪ آس آهي جا اميد اٿم ته ايشور هڪ ڏينهن پوري ڪندو. اها هيءَ آهي ته هي سڀ شيون، مال، اسباب اسان جا، منهنجي نوڪريءَ جي ميڙي چوندي يا سام جي قناعت ۽ ونڊ ورڇ جو نتيجو، سو سڀ ان آدرش جي شيوا ۾ ڪتب آندو ويندو. اميد اٿم ته اهو وقت جلد ايندو جو اسانجو دنيوي ڪمن ۾ هٿ گهٽڻ ۽ ڏنڌي ۾ مشغول رهڻ سو سڀ ٻيءَ روشنيءَ ۾ نظر ايندو. منهنجا گمان جنهن جو اڳي ذڪر ڪيل آهي سي سڀ اُڃا تــرا هئا، سام چوندو آهي ته جي توکي دلي طرح يقين نه هجي ها ته تون ٻڙ ايتريقدر پاڻ ارپڻ ڪري نه سگهين ها.

هاڻي ونون گرڌاريءَ جي ڳالهه ڪيو. ٽيون ڏينهن وري جڏهين گرڌاريءَ شوق سان پنهنجي سوني منڊي صفا ڪــري پائي گهمڻ لاءِ نڪتو، سام آگر پنهنجي ڏکي ڪري اوچتوئي اوچتو اشارو ڪيس ته ان آگر ۾ پاءِ! گرڌاري دل جو اشارو جلد سمجهندو آهي. 'ها دادا' ڪري جيئن منڊي لاهڻ ني

هيو، تنهن مون کيس هٿ کل ڪئي. اڳئين منڊي ۾ واچ به سندس سامر وٽ اچي ويئي، تنهن جو ڪي سو ڪئڙيون سام به کيس ڏينڊو آهي تڏهين به منهنجي دل نه گهربو ته هو پنهنجي شوق مان نهرايل شيءِ ڏيئي پوءِ سگهندو وٺي .

گرڌاريءَ چيو :” ممي ! منڊي مان دادا کي پائيندس.“

مون کيس وري به منع ڪئي پر هو هرگز ڪين مڙيو ۽ منڊي سام کي پاتائين. سام مونکي چيو:” اسان ته هنکي هڪ قسم جو حق ... ڪرايون؛ تون کيس ڇو ٿي منع ڪرين؟“

گرڌاريءَ جـي اکين ۾ صدق جـي روشني هئي ۽ چيائين :” ممي اڳتي مان تنهنجي چوڻ تي اصل نه مڙندس . جيڪي به دادا گهرندو سو ڏيندس .“

سندس صدق ڏسي مان به گهڻو خوش ٿيس ۽ گرڌاريءَ کي چيم :” سام کي سون جي منڊي پاتءِ ۽ پاڻ کي صدق جو هڪ جٽيو پاتءِ ، جنهن جو ملهه هيرن جي هار کان به وڌيڪ آهي !“

گرڌاريءَ جي وڃڻ کان پوءِ سام هيئن چيو :” نه رکو سندس صدق ۽ قربانيءَ جو انگ وڏاڙو هيو پر مون ڏٺو هو ته انهيءَ منڊيءَ ۾ هن جو گهڻو موهه هيو. فقيري ٽولي وارن لاءِ موهه ڪنهن به وستوءَ سان رکڻ چڱو نه آهي.“

* * *

١٩-١٢-١٩٥٢ ع - لاڙڪاڻي ۾ ڪيترن ڏينهن کان چونڊن جي ڌوم ڌام لڳي پيئي هئي . ميونسپل چونڊن لاءِ اهڙي ڪشمڪشا ورلي ڪنهن ننڍي شهر ۾ ٿـــي هوندي، جنهن جو سبب اهو آهي جو هن شهر ۾ به وڏيون هستيون موجود آهن جي هڪ ٻئي جي خلاف ڪم ڪن ٿيون. انهيءَ اليڪشن جي بخار ۾ عام ماڻهن جا مغز گويا پوري ٽڪاڻي

نه آهن. ڪجهه قدر انهيءَ گوڙ شور جا پڙاڏا اسان تائين به پيا پهچن. اسانکي به انهيءَ اثر هيٺ اهو هڪ خيال اچي پيدا ٿيو ته سام کي چونڊ لاءِ بهارجي. هڪڙي ڏر جي اڳوان خود ڪيس چوائي موڪليو. سام کي ڪن دوستن به چيو ته ائين جلد ئي وڏين چونڊن لاءِ پڻ لڙي سگهندا، پر سام جواب ڏنو: ”اسان جي لاءِ اها نه آهي. ائين برابر آهي ته سياست ۾ به ڪيترن اعليٰ شڪتين ڀرو ورتو آهي جهڙوڪ شري ڪرشن، سردار محمد (صلعم) ۽ اسانجي وقت ۾ مهاتما گانڌيءَ. آدرشي ماڻهو حياتيءَ جي سڀ ڪنهن ڪيتر ۾ گهري سگهن ٿا. ڪرم يوگيءَ جي به هڪ وڏي پدوي آهي. مگر چونڊڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ ميڻي ڪي سياست ۾ گهرڻ ضروري نه آهي. هاڻوڪي جوڙجڪ ۾ عام طور گياني پرش ورلي چونڊجي سگهجن ٿا ۽ اهڙين اسيمبلين ۾ رهي ڪري تمام ٿورو ڪم ڪري سگهن ٿا. رواجي سياستدانن جو ڪڙڪو گهڻو آهي، مگر سندن ڪم جو نتيجو ٿورو آهي. اهو گهڻو ڪري ناپائدار ڳالهين ۽ عارضي سوالن سان واسطو رکي ٿو. گيانيءَ ۽ فيلسوف جي ڪم جو اثر وڏيڪ اڻ لکو، پر وڌيڪ اونهو ٿيندو آهي. جيئن سمنڊ جون لهرون زمين جي ويجهڙائيءَ ۾ يعني ترا ڪڙي پاڻيءَ ۾ گوڙ شور ۽ گجي ڪنديون آهن يا خالي مٿ پاڻ پاڻ گهٽي ڪندو آهي، تيئن هي سياستدان ميمبر ۽ وزير به هل هنگامو گهڻو ٿا مچائين، مگر انهن جو حياتيءَ جي ذاتي سوالن سان واسطو بلڪل ٿورو آهي. سندن اثر مٿاڇرو آهي. هڪڙو گياني جو ڪو نئون خيال يا نئون نمونو زندگيءَ جو پنهنجي مثال سان دنيا جي اڳيان پيش ڪري ٿو يا هڪڙو ساڌو ۽ شيوڪ جو ڪنهن ننڍڙي آشرم ۾ ڏسي چئن دلين

ٿي ڪو اونهو اثر وجهي ٿو، يا هڪڙو پروفيسر جو مان ميٽ ۾ پنهنجو ڪوجنا جو ڪم ڪري ٿو يا وگياني جو سائنس جو ڪو نئون راز ٻڌائي ٿو، ان جو اثر هن حياتيءَ ڏي وڏيڪ گهرو رهي ٿو بنسبت هڪ طاقتور وزير جي جنهن جي وڏي هستي يا ظاهري ڪم ۾ ڪو به اثرائتو خيال سمايل ڪونه آهي. وقت جي تقاضا محسوس ڪري ساڌوءَ گياني به پنهنجا ويس مٽائي ڪڏهن سياست ۾ گهري پون ٿا. مگر اسان غريبن جي لاءِ اهڙو ڪو اشارو ڪو نه آيو آهي. تنهن ڪان سواءِ پاڻ چونڊائڻ جو هي رستو ڪهڙو نه نفرت جوڳو آهي! پاڻ چونڊائڻ جو خيال ئي خود اهنڪاري خيال آهي. خبر نه آهي ماڻهن کي شرم ڇو نه ٿو اچي جو پنهنجي تعريف پبلڪ پليٽ فارم تان يا ڇپائيءَ رستي هن واهيات نموني پيا ڪن! مونکي ته انهن جا اشتهار پڙهي خود پاڻ ڪان لڄ ايندي آهي جيئن ڪا گهر وٺي زال وئشاڻن جي ننگائپ جو احوال ٻڌي لڄائجي وڃي. هي به هڪ روحاني وئشاپڻو آهي. وڏي ارمان جي ڳالهه اها آهي جو اڄ ڪلهه انهيءَ طريقي ڪان سواءِ عام طرح ڪو اميدوار پاڻ کي چونڊائي نٿو سگهي! ووٽرن کي ته ازخود خيال ٿيڻ گهرجي ته هي ماڻهو جو پنهنجي هڏن جي ڪمائيءَ مان هزارين روپيا خرچي، ڏن رات در بدر ٿي اسان جي پٺيان ڦري رهيو آهي ۽ ووٽن لاءِ منٿون ڪري رهيو آهي، سو يا ته پاڳل يا نه بي ايمان هوندو. ڀلا سچي شيوڪ کي ڪهڙي پيئي آهي جو منٿون ڪري ته مونکي چونڊيو ۽ پنهنجا ڳڻ پاڻ پيو وستار ڪري؟ ڪنهن آدرشي پارٽيءَ يا جماعت جو ميمبر ٿي اميدوار بيهڻ، جنهن ۾ ايتري پئسي خرچ ڪرڻ يا ماڻهن کي لالچائڻ جي ضرورت نه ٿئي، سا البت

بي ڳالهه آهي. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ آدرشي طريقي کان سواءِ آدرش کي پهچڻ بہ مشڪل آهي. پر اڄ سڄي ملڪ ۾ اهڙي ڪا جماعت مان نٿو ڏسان. گهڻو ڪري ساڌو جماعتن جو سهارو وٺي پنهنجي شخصيت وڌائڻ يا مالي حالت سڌارڻ لاءِ ٽي چونڊن ۾ بيهن ٿا. هاڻي ويچار ڪري ڏسو تہ اسان فقير ساڌن جي انهن جي وچ ۾ ڪهڙي جاءِ ٿي سگهي ٿي؟"

* * *

مٿيون خيال سائر جو مان چڱيءَ طرح سمجهندي آهيان؛ خود منهنجو بہ اصل کان اهوئي خيال آهي، پر هن وقت ڏائين سائر جي آشرم وارين رتن جو واڌارو نہ ڏسي مون اها رٿ ڏني تہ سائر سياست ۾ گهري؛ سمجهيم تہ هن طريقي شايد سندس ادبي ڪم جو بہ واڌارو ٿئي. پر سائر پنهنجي ارادي تي اڳي کان بہ وڌيڪ پڪو نظر آيو. سندس خيال جي پڪائي ڏسي منهنجو وشواس بہ وري پڪو ٿيو تہ اسان جي ڪم جو ميدان نرالو آهي. سائر هن باري ۾ وڌيڪ هيئن چيو:" آئينده واري لاءِ اسانجي ڪم جي ڪهڙي بہ ٿئي مگر ٽن ڳالهين جي مونکي آس هميشه رهندي آهي: (١) تہ اها آئينده واري زندگي اسان جي سنتنتر ٿئي. (٢) تہ اها سندر هجي (٣) تہ ساتوڪ رهي. ڪهڙا اپاو يا قدم وقت بوقت اختيار ڪبا تنهن لاءِ ايترو اڳ ۾ پڪا ويچار ڪرڻ سو بہ هڪ قسم جو اهنڪار آهي. ڪهڙي خبر آهي تہ زندگيءَ جي ڦرندڙ حالتن سان اڇوڪا ويچار اسان جا ڪي سال هن کان پوءِ ٺهڪي ايندا يا نہ. نمرتا ۽ نهٺائيءَ سان سڀ رٿون ايشور کي ارپن ڪجن؛ گهڻا پور نہ پچائجن تہ هيئن ڪبو يا هيئن ٿيڻ گهرجي، ڇا لاءِ جو ٿيندو اهوئي جو ايشور کي وڻندو. فقط اٿين چئجي تہ مان شيوا لاءِ تيار رهندس ۽ جو اشارو مالڪ جي طرف کان مليو، ان موجب قدم

وڌائيندو رهندس. وڌيڪ ڪجهه به نور ڀڄائڻ اهم ڀاو جي هڪ نشاني آهي. سچي شيوڪ کي هميشه اهڙن چوڻ کپي : 'جو نه ڀاوي سائي ڀلي ڪار'. انهن چئي سام هٿ جوڙي نمسڪار ڪيو ۽ تنهن بعد مونکي پنهنجو دعا جو هٿ گهمايو. مونکي وڌيڪ پڇا جي ضرورت پڻ ڪا نه رهي.

* * *

٢٢ - ١٢ - ١٩٥٢ع - اسان جي مٽان اڄ ڪيترين سنساري جوابداريون مڙهيل آهن؛ اهو خيال ڪندي منهنجي دل ٽورو 'گانُون ماڻون' ٿيڻ لڳي. مان ته اڄ ڪلهه هلندي ڏي انهيءَ آس تي آهيان ته آشرم جي استاپن ڪرڻ جو ۽ سنتنتر جيون جي شروعات جو وقت ويجهو اچي رهيو آهي؛ جيئن جيئن شام جو سورج است ٿيڻ جو نظارو ڏسون يا پرڀاٽ جي وقت ڪان پوءِ ڪا گيان جهڙي ڳالهه چيڙي ته دل جي اڳيان هڪ قسم جو تصور ايندڙ وقت جو نهي ايندو آهي. انهيءَ هڪ اميد سان اسانجو هي سفر زندگيءَ جو ڏکن ڏاکڙن ۽ آزمائشن سان ڀريل پيو هلندو آهي. مگر ڪالهه جڏهين نئين سر مٿيون خيال دل تي آيو ته اڄا ڪيترن سالن لاءِ اسانکي هٿ گهٽو آهي، تڏهين وري ائين سمجهيم ته شايد اهو وقت آزاديءَ سان تيرٿ ياترائن ڪرڻ جو يا سچي ست سنگ جو اڃا پريرو آهي. سام منهنجي نراسائي ڏسي چيو: " ائين هرگز نه آهي! اسان جي آشرم اڳيم ٿي اڏجي رهي آهي. باقي ٿوريون منجهس ڪي هاجون رهيل آهن! جتي به دليون گڏجي ڪا به سچي آس رکن ٿيون ۽ هڪ ٿي هلن ٿيون ته آهي سمجهو ته ٿيا آشرم جي عمارت جا آهن. پيا به ٿنيا آهن محنت ۽ سچائي ۽ چت آهي الله جي اوٽ. باقي ٻيون سڀ ڳالهيون ۽

رٿون ٻيروني اوزارن جون يا اندروني انتظام ۽ جوڙجڪ جون سڀ ٿورو حصو وٺڻ وارن ٿيون. تنهنجي آشرم جا ٿنيا تيار آهن، ڇت سائين ثابت رکندو. منهنجي مراد پوري ٿي آهي جو تنهنجي دل اندر اهو خيال ساڳيءَ طرح واسو ڪري ويو آهي، جيئن منهنجي دل اندر. پوءِ نراسائيءَ جو ڪهڙو سبب آهي؟ سائينءَ جا شڪرانا مڃڻ گهرجن جو ڏکيون منزلون لنگهائي ۽ سنسار جا مڙهيل بوجها گهڻا ڪلهن تان لاهي ان آدرشي زندگيءَ جي ويجهو آڻي اسانکي ڪيو اٿس. مان ته ڏسان ٿو باقي هڪ ٽپي ڏيڻ جي دير آهي. آها آشرم تون ۽ مان پاڻ اندر ڪنيو ٿا وتون. ياد قائم رکڻ خود آها جادوءَ جي لڪڙي آهي جا دور منزل کي ڇڪي ويجهو آڻي ٿي. جيئن ڪا شيءِ پهريائين ڦڪي ۽ پوءِ وڌيڪ نظر ڪرڻ سان آڪاش ۾ چٽي چٽي ٿيندي وڃي تيئن اسانجي آس ۽ محنت ان آشرم جي اوزارن کي هر روز چٽو ۽ سچو (Tangible) روپ ڏيئي رهي آهي. آس جي پينگهي ۾ ٿي ته سڀ آدرش نپجن ٿا. خيال ۾ ٿي هر اوزار جو آرنڀ ٿئي ٿو. ايشور جي آسيس پري نه آهي. فقط تون ڏس ۽ انجي وٺڻ لاءِ تيار ٿيءُ!"

* * *

٢ - ٩ - ١٩٥٣ع - هن ڊائريءَ ۾ اڳئين داخلا کي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. هيترا مهينا دنيوي ڪمن جي پيڙ ۾ ٽڪڙا ٽڪڙا گذري ويا آهن، جيتوڻيڪ انهن جو ڏينهن ڏينهن اسڪاريءَ کان خالي نه هو. سام چيو: "انتظاري هڪ مٺو ڏاڍو آهي جنهن سان وڃڻ ۾ ڇيڇلائڻ گهڻو ٿئي ٿو. زماني ۾ وڃڻ وقت ماڻهو ائين پيو سمجهي ته پل پل اهنجو گذري رهيو آهي، جيتوڻيڪ هيئر ائين پيو ڀانئجي ته جڻ

وقت سمورو هڪ خواب مثل گذري ويو. سو ان ڪري آهي جو هڪ ته انتظاريءَ واري پاسي من موٽڻ نه گهرندو آهي يعني انتظاريءَ وارين ڳالهين جي ياد خود اُگري لڳندي آهي ۽ ٻيو ان ڪري جو اهو سمو گهڻي جفا ڪشيءَ هوندي به سچي حاصلات کان خالي رهي ٿو. جي دل جي تارازيءَ ۾ توربو ته بيڪار ۽ اجايو ثابت ٿيندو. ان ڪري به خواب وانگر خالي خالي پيو نظر اچي. حرص ۾ يا انتظارين ۾ کيل ڪم اڌ ڇپاڙيل ڪاٺي مثل آهن جي پيٽ تي تنگي يا پراءِ گهٽو ڪن ٿا، مگر رت ست يا هميشه واري طاقت منجهانئن بلڪل ٿوري ٻئي ٿي. جيڪا شيءِ وري ڇپاڙي ڪاٺي آهي، تنهن مان نه رڳو سواد ۽ نيت جو پيرجڻ يا ڏيو چڱو ٿئي ٿو، مگر منجهانئس تن کي پڻ گهڻي طراوت رسي ٿي. ساڳيءَ طرح دنيوي ڪمن ۾، انتظاريءَ واري تڪڙي حياتي گذاريل انسان جي من کي آزمودي يا اپياس جي صورت ۾ گهٽ فائدو پهچائي ٿي، پيٽ ۾ ان زندگيءَ جي جيڪا سنتتر ۽ آدرشي آهي ۽ تن من جي سچي فائدي لاءِ ڪٽي ڳوتي، سڻن نيمن تي بيهاريل آهي. البت حياتيءَ جو ڪو به ڪم اجايو ڪو نه ٿو وڃي؛ ڪو به ڪارڻ جنهن ۾ انسان ٿورو يا گهڻو چاه رکي ٿو، يا وقت جو ڪشمڪشا ۾ گذري ٿو، سو به گيان پراڻڻ کان خالي نه آهي. انهن ۾ اسانجي نون مهينن جي در بدر ٿيڻ ۾ پڻ پلاڻيءَ ۽ وندر جا گهڻا آزمودا هئا. مالڪ جي مهر سبب ڪنهن رت ۾ هئي؛ سندس هٿ هر ڪارڻ ۾ هيو ۽ انهيءَ عقيدي جي هيءَ هڪ لنيڙي آزمائش هئي، جنهن مان پار پئي اسانکي شڪر گذار رهڻ گهرجي."

مام جو وڪيل جيڪو مفلس معاملن کي ...

ڏيندو آهي، انهيءَ اوچتو اچڻ جي اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ قسم جو ٽاڪوڙو وڌو هو. چوائين ته سام هتان ڪجهه وقت لاءِ هليو وڃي جو اُن ۾ سندس فائدو آهي؛ سندس انهن لفظن ۾ ڏنل صلاح مونکي ويچار ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مون زوريءَ سام جو سامان تيار ڪري کيس اڪيلو روانو ڪري ڇڏيو، جيتوڻيڪ آخر ۾ هي سڀ اجايو ثابت ٿيو. سام به هنن معاملن کان بيزار هيو تنهن ڪري گهڻو ضد هن به ڪين ڪيو. جنهن ڪري پلا رهلوي جي ٽائيم تي گاڏي پڪڙڻ يا مقرر وقت تي ڪنهن ڪم لاءِ ملڻ يا ڪا به پابندي پروگرام وغيره جي اڳواٽ پاڻ تي وجهڻ هڪ آزار پيو لڳندو آهي، سو وڪيلن ۽ ڪورٽن جي حاضرين ڪاٺ وغيره مان ڇا ڇاٽي؟ مونکي اهو پڻ خيال هيو ته ملڪ جي پارٽيشن ڪانپوءِ هو پنهنجي زندگي پنهنجي خيال موجب گهاري نه رهيو آهي. خاص ڪري گذريل ٻارنهن مهينن ۾ مقرر وقتن تي ڪمن جو انتظار رکڻ، سو هن جي دل جي مٿان هڪ قسم جو بوجو ٿي رهيو آهي. ان ڪري سام به آخر منهنجي ڳالهه مڃي. ايترا مهينا اڳ اسان ڪڏهين به هڪ ٻئي کان جدا ڪين رهيا آهيون. سندس وڃڻ ڪانپوءِ مون لاءِ نيون انتظاريون پيدا ٿيون؛ منهنجي موڪل ملڻ جون ۽ سندس پنيان وڃڻ جون. هندستان ۾ مائٽن مٿن ۽ دوستن جا هيٺا حال ٻڌي پاڻ کي به وڃڻ ۾ خاص مزو ڪو نه پيو اچي مگر سام پيو لکي ته يا تون جلد اچ يا مان هڪدم موٽي اچان.

جيتوڻيڪ سام جي گرهست آشرم جو عرصو اچي پورو ٿيو هو، تڏهن به حالتون سندس پورن آزاديءَ لاءِ سهنجون نظر نه ٿي آيون. هن چيو ٿي ته ڇهه مهينا مدي کان اڳ ۾ ڪمن مان هٿ ڪڍڻ جو نتيجو اهو ٿيندو جو ڇهه سال وري پروگرامن پورن ڪرڻ ۾ وڌيڪ لڳي ويندا. هيٺئر

ڏـان ٿي ته برابرا اُئين ٿي رهيو آهـــي ۽ جـي ڇهه مهينا وڏيڪ صبر سان هٿ ڳذرن ها ته هن وقت ڪيس هنن سنساري ڪمن ڪان وڏيڪ آزادي ملي سگهي هــا . اسان جي وڪيل جي صلاح بيڪار هئي. ڪي چون ٿـــا حسد وچان اهـــا صلاح ڏني هئائين ته هي پيل لڏي وڃن . خير جـو ڪجهه ٿيو تنهن ۾ قدرت جو هٿ سمجهڻ گهرجي .

هاڻي ڏسان ٿي ته نه سام ۽ نه مان ڏـــي ساڳيا رهيا آهيون . سام ته هندستان ڪان موٽي اچـي ڪمهن آفيسر جا سنساري سنبنڌ واري سان ملڻ ني ڇڏي ڏنو آهي . اِن بنسبت سام چيو : ” جيئن ڪو پڪو ڦل وڻ مـــان هوا لڳڻ تي پاڻهي ڪري پوندو آهـي تيئن سنساري ڪمن ڪـــان هينئر اسانجو خيال الڳـه ٿي ويو آهـــي . اهـي پاڻهي خيال مان ڪري پيا آهن يا ڇڏجي ته خيال پڪا ٿي انهن بندڻن جي ڌاريءَ ڪان ڇڄي رهيا آهن.“

مان ڏسان ٿي ته سام هينئر ڇڏڪ وڃي رهي ٿي پهاڙن ندين ۽ خيالي ميدانن ۾ ٿو . منهنجي دل به اوڏانهن ازخود ڇڪجيو وڃي ٿـي. ظاهر طور ٻئي ساڳئي شهر ۾ ، ساڳيءَ جاء ۾ رهيا پيا آهيون ؛ ساڳئي ڏنڌي ۾ پڻ لڳا پيا آهيون ۽ پر آشا جي هڪ نئين ڪڙڪي کلي آهي . اميد آهي ته اها وڏي هڪ دروازو ٿي پوندي، يعني اسان جي ڇوٽڪاري جو دروازو ! اِن آس ۾ ٻئي هٿ اڪيلو جيون ڪـــاٽــي رهيا آهيون !

وچ ۾ هي طوفان ڇو آيو ؟ هي سڀ ڇا هيو ۽ هيءَ انتظاري يا در بدر ٿيڻ ڇا لاء هئي؟ ان بنسبت سام چوي ٿـو : ”اِهي انهيءَ برسات جـــون اڳـوات گجگارون هيون جنهن جي وسڻ جا ڏينهن ويجها پوندا ٿـــا وڃ ن . شايد ڪا

اسانجي اندر ۾ سنساري ڪمن لاءِ چاهنا ٻــي رهيل هئي. انهن کــان ويتر دل کڻي کـــرڻ لاءِ سنســار وري هڪ ڏهڪاري ڏني. گهٽ ۾ گهٽ اسانکي اها اميد رکڻ گهرجي ته سنسار روپي باهه جا هي آخرين اُلا هئا. حاضرين پڻ ۽ دنيا جي حضورن کان خـود دل هميشه لاءِ کڻي ني ويٺي آهي. هن آتل پٽل اسان جـــي ارادي کي ويتر پڪو بڻايو آهي ۽ پيٽ ۾ نئين زندگيءَ جي رت کي وڌيڪ موهيندڙ ۽ منوهر ڪري ڇڏيو آهي."

سام وڌيڪ چيو: "اس ڳالهه جي مثل آهــي، جيئن ڳل مان ڦل پيدا ٿئي ٿو، تيئن سچي آشا به ضرور هــڪ ڏينهن ڦل پائي ٿي. فقط ان کي سچائيءَ جـــو پاڻي ڏيندا اچڻ ته وڌندي رهندي ۽ هــڪ ڏينهن ڦردار ٿيندي، سچائي مالڪ سرشتيءَ جي ڪا شيءِ اجائي نه بڻائي آهي. انڪــ ڪ ۽ پڪتيءَ مان نڀايل آس ڦل رهت ٿي نٿي سگهي!"

* * *

١٣ - ٩ - ١٩٥٣ع — هيءَ اچوڪي داخلا مان اڳين نوٽن مان ڪريان ٿي جي هندستان وڃڻ کـان اڳــ لکيل هئا مگر ڊائريءَ ۾ آندل ڪو نه هئا:

مون سام سان ذڪر ڇيڙيو تــه آهــا زندگي آشرم واري ڪهڙي قسم جي ٿيندي؟

سام چيو: "جيئن مون اڳــ چيو آهي، آهــا آشرم ڪو آرام گاهه تنهنجي ۽ منهنجي آسائش لاءِ ڪو نه ٿيندو مگر هڪ ڪم جو مرڪز ٿيندو. ان جـــو پهريون آرنيپ سڀ شيءِ ٻا سڀ جيءَ جي ڄم وانگر تڪليفن ۽ سورن سان ٿيڻو آهي. پوءِ ٻـــ اورچائي هميشه ڪرڻي پوندي. پريشانيون ۽ چنتائون پـــڻ پيدا ٿينديون رهنديون جـهڙوڪ

آشرم جي سلامتيءَ لاءِ آپاءَ وٺن جون، ڪاروبار جاري رکڻ جون، نيم جي بجا آڻڻ جون، خرچ لاءِ پيدائش ۽ چندن وغيره جو پربنڌ ڪرڻ جون، وغيره، وغيره. اهين سچ آهي ته آدرشي زندگي وڌ ۾ وڌ مزي جي ۽ راحت ڀري زندگي ٿيڻ گهرجي پر اها راحت ڪنهن طعام يا آرام يا ٿڌين هوائن وغيره، سان پيدا نٿي ٿئي ۽ نه، تڪليفن، ڪوجنائن، مسئلن حل ڪرڻ ۾ هجي وجهي ٿي. اها راحت وسيع زندگيءَ جي راحت آهي جنهن ۾ پهريائين آتما ۽ دل من راضي رهن ٿا. تن جو ويچار به واجبي آهي مگر سڀني ڪان اڳسير رکيو نه ويندو. هيءَ سڪيا شايد اڄ ڪلهه جسي ساموادن ڪان ابتڙ هجي جيڪي تن جي پرورش جو اول خيال ڪن ٿا".

مون سام کان پڇيو: "جيڪڏهن تڪليفن ۽ مسئلن حل ڪرڻ يا جفا ڪشي گهٽي ڪرڻ سان به اها خوشي قائم رکي سگهجي ٿي ته هيئنر هنن دنيوي مسئلن جي وچ ۾ چو نه ٿي اهڙي نظر اچي؟"

سام چيو: "جيتري قدر اها نظر نٿي اچي، اوتري قدر اسين روحانيت ۾ اڻپورا آهيون. روحانيت جسو مسئلو سڀ مسئلن جو بنياد آهي ۽ انهن سان گڏو گڏ حل ٿي سگهي ٿو. اهو آنند هتي ۽ هيئنر حاصل ڪرڻو آهي ۽ هيءَ زندگي ان ايندڙ پورڻ زندگيءَ لاءِ هڪ تياري سمجهڻ گهرجي، نه ته بي سود آهي.

"جڏهن ڪو بار ڪنهن وڏي نماءَ ڏسڻ لاءِ ڪنهن شهر ڏانهن ويندو آهي ته تياريءَ ۾ ڪيس ڪيڏي نه خوشي معلوم ٿيندي آهي! اها ٻارائپ ۽ معصوم دل اهڙي هن زندگيءَ جي مسئلن وچ ۾ زندهه رکڻ گهرجي ۽ ساڳي خوشي اهان کي هن تياريءَ ۾ پڻ ملڻ گهرجي. منهنجو مطلب هي

آهي ته اها آشرم يا آئينده واري آدرشي زندگي هئڻ ڪري زندگيءَ ڪان ڇڳل يا الڳ ڪو نه ٿيندي. پاڻ کي مٿان لڳيندا هجون، تنهن ڪري اهو چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته اها زندگي اوچتي ڪٿان پيدا ڪو نه ٿيندي، نه ان جي برپا ٿيڻ تائين اسين پنهنجي اندروني خوشي يا پنهنجي من جو صلح وڃائي سگهون ٿا. اهي اسان جي جيوت جي سچي دولت آهن، جنهن کي هڪ پل لاءِ به ڇنڻ رکي نٿو سگهجي. پنهنجي روح جي راحت جا دروازا آشرم کلڻ تائين بند ڪو نه رکي سگهبا. جيتري راحت هينئر پاڻ ۾ پاتي اٿئون، اوتري راحت پوءِ به اسانجي رهندي. هينئر ان کان خالي آهيون ته ممڪن آهي پوءِ به خالي رهجي وڃون. اها آشرم ظاهري روپ ٿيندي ان خيال جو جيڪو اڳ ۾ ئي من اندر موجود آهي؛ ان مال ۽ سامان تن من جي مان جو اڳ ۾ ئي گڏ ڪري رهيا آهيون ۽ پوءِ گڏ ڪيو ويندو آها جڙندي. ڪنهن خاص وقت يا حالتن جو خيال رکي انهن جي اچڻ لاءِ ترسي ويهڻ ۽ ڪم نه ڪرڻ يا اها اميد رکڻ ته هندستان يا فلاڻي هنڌ يا فلاڻي شهر ۾ پهچي پوءِ هي ڪم شروع ڪبو سو خيال بيڪار آهي. اها آشرم جيڪڏهين اسٿاپن ٿيڻي آهي ته هاڻي ۽ هتي ٿيڻي آهي. پوءِ ڪٿان آپ مان اوچتي هيٺ ڪِرِي لهي ايندي!

اسانکي آشرم جي مقصد، نيم ۽ ابتدائي اڏاوت بابت چٽا خيال هئڻ گهرجن. چٽن خيالن جي معنيٰ بند خيال نه آهي جن ۾ ٻي ڪا نئين روشني پوءِ نه اچي سگهي. مگر جيڪي قدم پهرياڻ کڻڻا آهن انهن جي گهٽ ۾ گهٽ صورت صاف هئڻ گهرجي. اڳ تنهنجي ڊائريءَ ۾ شايد اهڙا ويچار ڇاڻايل آهن. سونکي هي خيال پڪي طرح من تي ويٺل آهي ته پهرياڻ ضرور تڪليف وٺڻ

سان آشرم جو آرنڀ ٿيندو . فقط سڌ ڪري ويهي رهڻ سو بس نہ ٿيندو . تمنا جاڳي تنهن ڪانپوءِ رت ۽ اپاءَ جي ضرورت آهي ؛ اُن اپاءَ لاءِ وري پاڻ ارپڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي. فقط دل کي بهاري ڏيڻ تہ هيئڻ اسان جي آشرم ٿيندي ، تنهن مان ڪجهہ حاصل ڪو نہ ٿيڻو آهي. منهنجي لاءِ اها آشرم هڪ خيال جي پورنتا ، ڪرم جي آزادي ۽ اندروني خوشيءَ جو بهانو آهي . مون پنجويهن سالن ڪان وٺي ان بنسبت ڪي ويچار ڪيا آهن ۽ روز ان لاءِ دعا گهرندو آهيان تہ ان آدرشي، ستنتر ۽ سمپورڻ جيون کي شل هر قدم سان وڌيڪ ۽ وڌيڪ ويجهو ٿيان؛ گويا هي پنجويهہ سال بہ ان جي استاپن ڪرڻ ۾ لڳايا اٿم . تون ۽ تنهنجي ساري زندگي پڻ ان آشرم جي اڏاوت جو منهنجي نظر ۾ هڪ پاڳو آهيو ۽ پنهجي هاڻوڪي حياتي بہ تون ان ڪان الڳ نہ سمجهہ !"

١٥ – ٩ – ١٩٥٣ع — سام پنهنجي انگريزي ڊائريءَ ۾ هڪ ٽڪرو لکيو هو جنهن جي مون ڪانئس سمجهاڻي پڇي تہ اهي خيال خاص ڪري فلاڻي موقعي جي ڪري توهان جي دل ۾ آيا يا نہ؟ سام تنهن تي جواب ڏنو : "خيال هڪ پکيءَ مثل آهي؛ ڪنهن خاص ٻوڙي مان نڪري جڏهن آسمان ۾ وڃي ٻين پکين سان ملي ٿو ، تڏهين ڪيس سڃاڻي ڪين ٿو سگهجي تہ هو ڪهڙي ٻوڙي جو پکي آهي. خيال جو دائرو وڏو آهي . اهو پيدا ڪٿي ڪنهن خاص موقع يا زندگيءَ جي وهنوار مان ٿئي مگر هڪ ڀيرو جڏهين آزاديءَ جي وسيع آسمان ۾ اڏامي چڙهي ٿو ، تڏهين مٿس معنيٰ جي حد وجهڻ مشڪل ٿيو پوي . جڏهين پنهنجا شخصي نانا ڇڏي ، اصليت واري روپ ۾ اچي ٿو، تڏهين

ڪنهن خاص انسان يا موقعي سان يا ڪنهن جاء، مقصد وغيره سان لاڳاپو نه رکي، مگر وشو روپ ڌاري پاڻ هڪ درسني بڻجيو پوي، جنهن ۾ هرڪو پنهنجو پاڻ پيو ڏسي ۽ پنهنجي پنهنجي معني پيو پڙهي. تنهن ڪري شاعرن يا فقيرن جا قول ڪنهن خاص مطلب وچان سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪجي ۽ نه مقرر معنيٰ جي سوڙهي پيچري ۾ انهن کي قيد ڪجي، مگر جا معنيٰ دل سان لڳي اچي سا هرڪو پنهنجي لاء انهن مان ڪڍي سگهي ٿو."

* * *

١٦ – ٩ – ١٩٥٣ع — سام کان مون مسافريء جي وقت ۾ گڏ ڪيل آزمودن بابت پڇيو. هن هيٺينء ريت ٻڌايو: "هڪ لڳا گهمندي گهمندي سنڌيا جو وقت ٿي ويو ۽ مونکي ڏيان ۾ ويهڻ جي ڏاڍي خواهش ٿي. من جي مٿان مايا غالب ٿيندي پئي وڃي. پڪي رستي تي ناليء جي مٿان پوني شهر ۾ هڪ ننڍڙي ديوار مٿل ٺهيو بيٺل هو. مونسان هڪ ٻيو به سائي ان وقت گڏ هيو. ويٺي وڃي ڪجهه وقتيء سان ان ٻني تي ويناسون. منهنجي سائيء چيو: هت آمدرفت (Traffic) گهٽي آهي. مون ڪيس چيو: پاڻهي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

" مون اهي لفظ بي خيالا چيا. حقيقت ۾ منهنجو خيال اهڙو پاڻ ۾ گم هو جو نه مون ٽرئفڪ تي ڏٺو ۽ نه پنهنجي سائيء جا لفظ ويچار هيٺ آندم. اتي ئي چپ ڪري ويهي رهيس جيئن ڪو عرصي کان بکيو ماڻهو جتي ڪاڏو هٿ لڳيس اتيئي کٽي کائي ۽ ڪنهن قسم جو عار نه ڪري. ڌيان جي وقت کان پوء معلوم ٿيو ته اهو وقت انهيء چو واٽي تي، جتان هميشه سوين موٽرون، گاڏيون

۽ سائيڪليون پيون اچن وڃن، بلڪل صاف ۾ گذريو ۽ هڪ به موٽر يا گاڏي اسان جي رستي تان ڪا نه لنگهي!"

سام وڌيڪ چيو: "هيءَ ڪا ڪرامت نه آهي. مگر خيال جي تاثير جي هڪ شاهدي آهي. ڪڏهن ايشور، جنهن کي چت يا خيال جي ساري موجودات سمجهڻ گهرجي، ننڍڙن انسانن تي به وڏا احسان ڪندو آهي. هڪ خسيس ماڻهوءَ جي سهوليت لاءِ ٽرئفڪ جهلائڻ جهڙي ڳالهه انسان کي جيڪر اهنجي سمجهه ۾ اچي، پر اهو خيال جو پرڪيندڙ جنهن کي ست چت آنند چئون ٿا سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. ان کي هڪ ڀڳت جي شرڌا جي گهڙي سون هزارن جوشيلن ڪمن ڪارين کان وڌيڪ ملهائتي نظر اچي سگهي ٿي! ان وقت مونکي شانتيءَ ۾ ويهڻ جي بيحد پياس هئي؛ خيال پرجي آيو ته اتيئي ويهي رهان. پرمل خيال جي ڪير ٿو آڏو اچي سگهي؟ ائين ڀانيم ته موٽرون مونکي ڪا ڪپت يا رنڊڪ ڪو نه ڪندو. هڪ ننڍڙي انسان جي سنڌيا وهاي کي شايد ڪو گهڻو ملهه ڪو نه هجي، مگر هڪ دل جي سچي آرزوءَ کي خود هن سرشٽيءَ جي اپائيندڙ ۽ سنڌس سرشٽيءَ جي پنيرائي هئي!"

اهڙيءَ ريت هڪ ڀيري پارٽيشن وقت جڏهين ڪراچيءَ ۾ سخت فسادن جو امڪان هو ۽ اهي افواهه هئا ته ڪراچيءَ ۾ جيڪو هندو رات بچيو، سو ڇٽڪ نٿون جاڻو، تڏهين، انهيءَ ئي ڏينهن، سام کي منهنجي سلامتيءَ جي خيال ڪري ۽ ڪن زماني جي ڪمن خاطر رڪيڊيڪي موٽڻو پيو. سيڪو پيو چوندس ته هن اهنجي وقت ۾ ننڍين ٻارن کي ڏوهيڙ ڇڏي موٽي نه وڃو.

سام ٻڌايو: "مون ان وقت ٻاڻ کي هي دلاسو ڏنو

ته جيڪي مان ڪري نه سگهيو آهيان، تنهن جو بار ايشور کڻندو ۽ مان برابر هڪ ننڍڙو انسان آهيان ۽ ڪراچيءَ جو شهر هڪ وڏو شهر آهي پر سائينءَ جي ديا جا ڀنڊار ڀرپور آهن ؛ هو هڪ ننڍڙي انسان جي مجبوري ڏسي ساري شهر جي مٿان ڪشت دور ڪري سگهي ٿو. لڙائين ۾ ڪيترا مثال ٿيندا آهن جو ڪنهن پياري انسان خاطر ڪو لشڪر جو سپهه‌سالار ڪنهن خاص شهر کي بمبارڊمينٽ کان بچائي ڇڏي. پر انسان کان الله ڪيڏو نه وڏو ۽ غفور آهي! جي وٽس ته هو پاڻهي شهر سڄي جي رکيا ڪندو. ائين پاڻ کي چئي مان طيب مـرتي آيس . تڏهين روزانو اها دعا گهرندو رهندو هيس : ڏٽي تون ڪراچيءَ کـي بچائج ! منهنجي پت رکج ! ڏٽيءَ جـي مهر ٿـي جو ڪراچي ان وقت بچي وئي ۽ پوءِ جلدئي اسان جا ٻار ڪراچيءَ مـان نڪري ويا ."

ان بـابت سمجهاڻي ڏيندي سام چيو :" ڪراچي بچائڻ جي شاباس اتهان جـي حڪام لهڻي . اهـا هـڪ ڪـيل جهڙي ڳالهه ٿيندي جي مان دعوي رکان ته منهنجي پريئر جـو اهـو نتيجو هوندو . مون جهڙن ٻين هزارن به دعائون گهريون هونديون. اهي دعائون به بي اثر ڪو نـه هونديون . خيال هـڪ بندوق آهي. ناهي هڻ ته نشان کـي ضرور ڇهيندي . مگر اهو ياد رکڻ کپي ته خيال جي بندوق پوري تڏهين پـربي ، جڏهين ان جو نشانو جوڳو هوندو ، جنهن کي تن مـن دل ۽ ضمير سـپ جزا جيءَ جا نظر ۾ رکندا هوندا . جڏهين اسان جـي پريئر يا خيال جي بندوق جو مقصد ساتوڪ قسم جو هوندو ۽ اها طلب سياويڪ دل جي ُدور مان يا خيال جي يـڪ وجوديءَ مان پيدا ٿي هوندي، يعني زندگيءَ يا خيال جي تيزيءَ تي روڪ پيل نه هوندي ، تڏهين اهو خيال يـا اهـا آرزو وڃي

خود ڪلي خيال تي اثر وجهندي. اڻ پرريون ڳالهيون ۽ بريون ڀاونا سان پيدا ٿيل مطلب پڻ خيال نشان ڪري سگهي ٿو، مگر انهن سان خيال جي بندوق اهڙي زوردار نه ٿيندي، جهڙي ساتوڪ، سياويڪ ۽ پريم وچان پيدا ٿيندڙ مطلبن واري بارود سان ٿيندي. ان ڪري اڻ پوري خيال واري طلب ايتري نه اڳهاڙي، جيتري پوري ۽ پوتر خيال واري."

وڌيڪ ان بنسبت سام هيئن چيو: "خيال خود روشني آهي. ان کي پنهنجي چاڻ پاڻ اندر آهي. اڳهاڙيل پريڙر جي دل کي انهن خبر پئجي وڃي ٿي، جيئن شڪاريءَ جي سڌي تير يا بندوق جي نتيجي جي اڳواٽ خبر شڪاريءَ کي پئي ٿي. آزمودگار شڪاري جڏهن پاڻ يا بندوق ڇوڙيندو آهي ته پکيءَ جي ڪرڻ کان اڳ ئي ان کي معلوم ٿيندو آهي ته منهنجو ڪان وڃي لڳو. ان وقت شڪاري چوندا آهن ته 'هٿ ٺريو.' اهڙيءَ طرح پورن چاهه ۽ پورن ڀاوَ سان ڪيل پريڙر هٿي هنڌ ڪري ٿي ۽ مقصد جي حاصل ٿيڻ کان اڳ ئي حاصل ٿيل سنتوش مان من کي پروسو ٿيندو آهي ته 'آها وڃي سائينءَ جي در اڳهاڙي.'

* * *

۱۷-۹-۱۹۵۳ع — آشرم بابت وري ذڪر نڪتو، سام چيو: "آها آشرم ضروري هن ڪري آهي جو منجهس ايڪانت اندر ڪنهن خيال جي پالنا ٿي سگهندي. جيئن آفيس جي ڪم لاءِ ميز، فائيل، مس، قلم وغيره ضروري آهي، يا جيئن لوهارڪي ڪم لاءِ هٿوڙا، سنداڻ، ڦوڪڻيون وغيره ضروري آهن، تيئن آدرشي زندگي يا آتما جي پالنا لاءِ هڪ سادو، سندر آستان، جنهن ۾ ايڪانت هجي، جتي

جنتائن کان اهو ڻ [illegible] قدرت سان سڌو سنبنڌ رکي سگهجي، جو خيال کي ڪرڻ ۽ وسيع ڪرڻ ۾ مدد ڪري، بالڪل ضروري آهي. ائين برابر آهي ته هڪ هوشيار ماستر سڪول کي ڪتاب، ميزن وغيره کان سواءِ به هلائي سگهي ٿو ۽ بنا بورڊ جي سبق ڏيئي سگهي ٿو، هڪ هوشيار ليکڪ يا ڪلارڪ لکپڙه جي لاءِ سٺي فرنيچر وغيره جي پرواه نه ٿو رکي ۽ ائين به سٺا ليک يا خط لکي سگهي ٿو. پر پورنتا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتاب، سامان، فائيل به مدد ڪري سگهن ٿا، جيتوڻيڪ انهن کان وڌيڪ اهميت وارو ڀاڱو پيون اندر جون لياقتون وارن ٿيون. اهڙيءَ طرح هڪ ساڌو پنهنجي چئن ساٿين سان ڪٿي به رهي، چاهي گوڙ شور گهڻو هجي يا آس پاس ۾ گندگي هجي، پنهنجي خيال کي قابو رکي اندر جي شانتي حاصل ڪري سگهي ٿو. مگر اهو سندس لاءِ هڪ آدرشي وايو منڊل چئي نه سگهبو. اهو سندس آزمائش لاءِ هڪ لڙائيءَ جو ميدان ٿي سگهي ٿو، جتي خيال کي قابو رکڻ لاءِ خود جفاڪشي ڪرڻي پوي ٿي. ان کي خيال جي پالنا يا سندس ساٿين جي پالنا جو هندورو ڪڏهن به چئي نه سگهبو. ڪنهن به پالنا جي ڪم لاءِ سٺتر صاف ۽ نويڪلو آستان ضروري آهي.“

* * *

۱۸-۹-۱۹۵۳ع — ڪام، ڪروڌ ۽ ٻين وڪارن جي هڪالي ڪڍڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان سوال جي جواب ۾ گفتگو هلندي سام هينئن چيو: ”وڪارن جي مارڻ لاءِ گهڻا فيلسوف گهڻن قسمن جون سکيائون ڏين ٿا. وڪارن جي مارڻ جو رستو آهي زهد ۽ تپسيا يعني هڪ رواجي قانوني علاج وارو رستو، جيئن ائلوپيٿي جو انساني بيمارين لاءِ هڪ

طريقو آهي جنهن قانوني علاج جي جاءِ ورتي آهي. مگر جيتوڻيڪ ائلوپٿي اڄ ڪلهه وڌيڪ استعمال ۾ اچي ٿي، تڏهين به منجهس ڪيتريون خاميون آهن. هوميوپٿيءَ جو اصول پڻ هڪ بنيادي سچ تي بيٺل آهي، جنهن موجب جيوڙن کي دٻڻ يا مارڻ کان بهتر اهي، انهن کي للڪاري ٻاهر ڪيڻ ۽ ظاهر ڪرڻ. اهڙيءَ ريت انهن کي هميشه لاءِ يا گهٽي عرصي لاءِ ختم ڪري سگهبو. اڄ ڪلهه اهو جسم جي بيمارين جي بنياد پڻ جو سنو رستو سمجهيو وڃي ٿو. من جي وڪارن ڪيڻ لاءِ به مان جيڪر چوان ته ڪا 'روحاني هوميوپٿي' هجڻ گهرجي. وڪارن ۽ خواهشن کي دٻڻ کان بهتر آهي، انهن کي سڏارڻ ۽ سنوارڻ. ڪو وڏو دل کسيندڙ خيال، ڪو شاهي شوق يا عشق پيدا ٿئي، جيڪو دل من کي هڪدم ليپائي وٺي ته وڪارن کان من جلد مڙي پوندو. جيئن پتنگ يا روشنيءَ جا جيت، ننڍڙا ڏيئا ۽ ننڍڙيون جوتيون ڇڏي وڏي روشنيءَ جي مرڪز ڏانهن ڊوڙندا آهن، تيئن وڏي پريم جي اڳيان ننڍڙا شوق حرص و هوس جا، يعني وڪار، ازخود گم ٿي ويندا. انسان جي من جي عادت آهي ته ان کي ڪا ويهڪ يا ٽِڪڻ جي جاءِ کپي. من جي چڙي خالي هوا ۾ رهي نٿي سگهي. جي وڪارن جي لڙن لاٿين تان کيس اڏارڻو آهي ته عشق جو وڏو درخت ڪو سندس اڳيان هجي جنهن ۾ آها پنهنجو آکيرو اڏي.

"هن جو مطلب هي آهي ته "پسر اين ۾ ڪن!" واري فلاسافي ڪتجي ۽ ڪسي آهي. آها آهي وڪارن جي وڏي وڻ جي هڪ هڪ ٽاري ڪري وڍڻ مثل، مگر جي وڻ پاڙ کان وڍڻو آهي ته ان جو بنياد دل مان پٽي ڪيجي. سو تڏهين ٿيندو جڏهن دل ۾ پيو وڻ ان جي جاءِ تي ويهاربو، ته ته

ڀرالن وڻارن جون ڀاڙون وري ٿني شاعر ٿيديون. آها سڀ
ڪان وڌيڪ دل کي لپائيندڙ شيء آهي درويشن ۽ فقيرن جو
سنگ، جنهن ۾ وڪار بنا لڙائي ڪرڻ جي ڀاڻهي هنيو وڃن،
جيڪن روشنيءَ ۾ زهري جيوڙا اونده جا نپايل ڀاڻهي ڳر ٿي وڃن!

* * *

اڄ هڪ غريب لنگڙو شاگرد اسان وٽ آيو. سام کي
چيائين ته مونکي ڊاڪٽرياڻي جي (منهنجي) دوا مان فائدو ٿيو
آهي. مونکي الله ڪارڻ وري اها دوا ڏيو. پر منهنجي ڪيس
پارت ڪجو. مونکي پئسو ڪجهه به ڪو نه آهي، مان فقط الله
جو نانو وٺي آيو آهيان.

هو هر هر سام جي پيرن تي پيو هٿ رکي ان لاءِ ته جيئن
سام دل سان ڪوشش سندس ٻاري ۾ ڪري. سام ڪيس پيرن
ڀون ڪان منع ڪئي ۽ چيو: "تون ائين نه سمجهه ته غريب
آهين تنهن ڪري تنهنجو خيال گهٽ رکندا سين. تنهنجو خيال
پاڻ سيني ڪان وڌيڪ رکبو، ڇا لاءِ جو شاهوڪار جو پئسو
اسانکي وڏ ۾ وڏ گهوڙي، موٽر يا محلات تائين پڄائيندو، مگر
تو غريب جي دعا الله تائين پهچائي سگهي ٿي. تنهن ڪري
تون يقين ڪر ۽ وڌيڪ پيرين نه پؤ."

اهي ٿورا لفظ سام جا مونکي ڏاڍا وڻيا جنهن ڪري مان هت
درج ڪريان ٿي.

* * *

۱۹ - ۹ - ۱۹۵۳ع - هيٺيون گفتگو اڄين نوٽن مان اتاري
ڪان ٿي: هڪڙو پروچ قوم جو ماڻهو جنهن گذريل وقت ۾ اسان
جي مخالفت ڪئي آهي ۽ ڪجهه نقصان به پهچايو آهي، جيتوڻيڪ
جنهن وقت اسانجو مٿس گهڻو اعتبار رهندو هيو، سو پنهنجي خيال ۾
منجهيل گهمندو نظر آيو. شام جي وقت جيڪن اسان گهمڻ نڪتاسين.

اهو ساڌو اسان جي پرسان لانگهائو ٿيو. سام کي اڳ ۾ ٿوري خبر ملي هئي ته هنجي پاڻ جي ستان ڪا گوري فرياد ٿيل آهي ۽ هو ڪنهن مصيبت هيٺ آهن. هن ساڌوءَ ڪا اميد اسان ۾ نه سمجهي يا اڳوڻي ضد جي ڪري پاسو ڪري رهيو هو ۽ ڪا ڪيڪر به ڪانه ڪيائين. مگر سام سائس ڳالهائڻ جي ارادي سان ڏانهس نهاريو. هو بيهي رهيو؛ سام کيس پاڪر پائي چيو ته هن وقت اسين ڪابه مدد ڪري سگهون ته اسانکي ٻڌائجو. ان پروچ اکين ۾ ڳوڙها آڻي چيو: "سنهنجو ڪم آهيئي توهان ۾، پر سان حجاب ڪان ڪونه ٿي توهان وٽ آيس."

سام کيس چيو: "تون هليو اچ ۽ ڪوبه حجاب نه ڪر؛ جيڪي اسانجي وس ۾ هوندو، سو ڪنداسين."

سون سام کان پڇيو: "هيءَ اوچتي تبديل خيال جي ڪيئن آئي؟"

سام وراڻيو: "زماني جا ساڌو هڪ ٻئي سان وڙهندا آهن ڪنهن مطلب ڪري، مگر فقير وڙهندا به محبت جي ڪري آهن. فقير جو ڪنهن سان دلي جهيڙو آهيئي ڪونه. هو مهل ڏسي مدد ڪان ڪين هٽندا آهن. جتي ڪو سود يا مطلب نه هجي، اتي ڊڪي وچي پاڻمرادو مدد آچڻ، انهيءَ جهڙو فقير لاءِ ٻيو ڪهڙو سٺو موقعو ٿي سگهي ٿو؟" *

١-١٠-١٩٥٣ع- سئنيما ۾ ويٺي ويٺي سام کان سون پڇيو: "سونکي پنهنجي ماتا جي گهٽي سڪ لڳي آهي؛ توهان کي به انهيءَ جي سڪ لڳي آهي يا نه؟"

* ڏٺيءَ جي مهربانيءَ سان اَن منجهيل ساڌوءَ جو ڪم راس ٿي ويو. هو وري اسان سان ڪونه مليو آهي. هو شايد وري ڪڏهن اچي به ڪونه، پر اسانکي پنهنجي تڪليف جو ڪجهه پاڙو هن اندروني خوشيءَ ۾ ڏئي ويو.

سام مرڪي چيو: ”تون ۽ مان پلا جدا آهيون ڇا؟ سڀڪون سڀ گڏجي هڪ نهر تي دل ۾ وهن ٿيون: يارن جون، عزيزن جون، مٽن مائٽن، سنتن فقيرن جون، پهڙن پکين، برن ۽ برساتين جون، راڳن ۽ رس ڀريل ڳالهين جون! انهن سڀني جو هڪ نالو آهي: پريم! پريم ۾ پياس آهي پر اُن ۾ تاڻ ۽ تاس نه آهي. اُنجو مزو ماٺ ۾ آهي. اهو پريم جي پورنتا جو هڪ شرط آهي. جا شيءِ پُورن ۽ موج ۾ آهي، سا ظاهر ۾ مانيٺي ٿيندي آهي. درياه جو اُونهو پاڻي گونگو وهندو آهي. ڪڙڪو ڪونه ڪندو آهي. ان ريت سڀڪون اسانجون سڀ جيڙيون آهن پر آچاريندا ڪونه آهيون ۽ انهن ۾ سڀ عزيزو خويش، دوست، واقفڪار ۽ خود اڻ واقف به سمايل آهن!“

* * *

٥-١٠-١٩٥٣ع- سام جو هڪ عزيز پوني ۾ رهندو آهي. سندس باري ۾ هڪ خط آيو ته هو ناخوش ٿو رهي ۽ گهڻو ڪجهه ڪمائي نٿو سگهي. سام خط پڙهي چيو ته هو سمجهندو هوندو ته ڪاڪو مونکان اڳين ضدن جي ڪري پاسو ڪريٿو، تنهنڪري مدد نه ڪندو. مگر حقيقت هيئن آهي ته مان روز سندس لاءِ دعا گهرندو آهيان. هي مثال به مٿي ذڪر ڪيل پروچ جي مثال جهڙو آهي جنهنڪري مان هت آٿيان ٿي. انجو وڌيڪ ذڪر شايد هن ڪان پوءِ ڪجي.

* * *

٦-١٠-١٩٥٣ع- مون سام کي چيو: ”مان ته پنهنجا مائٽ مٽ سڀ وساري ويٺي آهيان. توهان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن سان ڪو موه ڪونه اٿم. هتي ئي موه ۾ ڦاسي ويٺي آهيان.“

سام وراڻيو: ”جيڪو ماڻهو هڪ شيءِ ۾ موه رکي ٿو، سو اسڪانا ٻين ۾ به رکي سگهي ٿو. تنهنجي معنيٰ ته تون به

موهه کان آجي ڪونه آهين. جيئن چيل آهي ته زنجير جي ڳنڍ يل طاقت انجي ضعيف ۾ ضعيف ڪڙيءَ کان وڌيڪ نه آهي، تيئن انسان جي من جو آڌار به هڪ ئي لڪل عيب رنڊائي يا ناس ڪري سگهي ٿو. جيترو موهه مونسان رکين ٿي اوترينقدر تون پين ڦندن ۾ به ڦاسي سگهين ٿي. ان هڪ موهه مان ئي تنهن جي من جي ڦاٽل يا ڇڙل حالت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. روڳ جيستائين اندر ۾ آهي، تيستائين تن کي سکهو ڇڏي نٿو سگهجي، پوءِ اهو روڳ، هڪ منهن ڪڍي يا پنج منهن ڪڍي. جيڪڏهين تون هن اوسٽا يا هن زندگيءَ کي هڪ چار يا ڇهه-و ڏينهن سمجهين پر چار جي بجاءِ انکي اجهو ۽ جهاڪي جي بجاءِ هڪ ڏاڪو ڪري سمجهين ته پوءِ هيءَ زندگي خود اسانجي آخرين منزل مقصود تي پهچڻ جو هڪ ذريعو ٿي پوي. هي موهه خود هڪ پريم بڻجي پوندو ۽ اسانجي سٽنترتا ۾ ڪا رنڊڪ ڪين وجهندو."

*　　*　　*

سام وڌيڪ ويچار ڪندي چيو: "ايشور ڪهڙي نه عجيب رچنا رچي آهي! چنڊ، تارا، ڌرتيون، سج ۽ اسانجي ننڍڙي پرٿويءَ تي نانا پرڪارن جون چيزون، زندگيءَ جون اندروني ۽ بيروني شيون، اسان مان هرڪ جي دل ۾ عجيب ۽ نراليون آسون ۽ اميدون، هي خيال موهه ۽ آکيرون، سي سڀ ڇو خلقيا اٿس؟ ڪير آهي خلقڻ وارو ۽ اهو ڪٿي رهي ٿو؟ ڇا آهي مطلب زندگيءَ جو؟

"اهي سوال ورور انسان جي من تي اچن ٿا. مگر گهڻا انهن جي جواب جي ڳولا اڌ ۾ ڇڏي ڏين ٿا. تو کي تمنا هجي ته گهر ٻار ٿا-يان، ٻئي ڪنهن کي آس هوندي ته ڪا ماڙي اڏايان يا زمين وٺان، ڪو عهدي يا طاقت هٿ ڪرڻ جي اميد رکي ٿو،

کو ڪنهن ڪارج پوري ڪرڻ لاءِ دعائون گهري ٿو، مگر اهڙن اميدن يا ڪمن پوري ٿيڻ تي انسان جي ترشنا پوري ڪانہ ٿئي ٿي، ۽ هو ڏسي ٿو تہ مونکي آها خوشي يا آنند حاصل ڪونہ ٿيو. جنهن ڪري وري نون مقصدن جي ڪڍ پوي ٿو. ڪي ٿورا ڄاڻن ٿا تہ زندگيءَ جو مطلب ڪو ٻيو آهي."

مون سام کان پڇيو: "اِها خبر پلا ڪيئن پوي تہ زندگيءَ جو سچو مطلب ڇا آهي؟"

سام چيو: "ٻڪري جڏهن ڦُرَ ڄڻي ٿي يا عورت ويم ڪري ٿي تہ ٻچو ازخود کير ڌائڻ شروع ڪري ٿو. کير ڌو انهيءَ کي سيکاري تہ کير ڪيئن ڌائجي؟ ٻڪريءَ جا ٻچا وري ٿورو هٽي سندس اوه مان وڏيڪ کير لاهڻ جي تجويز ڪن ٿا، جيتوڻيڪ اڳي ڪڏهين انهن ائين ڪين ڪيو آهي. مطلب تہ جا شيءِ يا جو جيءُ پيدا ٿيو آهي، تنهنکي پنهنجي زندگيءَ جي قانون جي ڪجهہ قدر ڄاڻ يا سُرت اندر ۾ آهي. انسان کي خيال يا چت جي شڪتي جيتري سندس زندگيءَ لاءِ ضروري آهي، اوتري ئي کيس مليل آهي ۽ جيڪا ڄاڻ کيس رکڻي آهي، انهيءَ جا اوزار کيس پاڻ ۾ ئي موجود آهن. کيس پاڻ منجهان ئي سڀ خبر پوڻي آهي!"

مون پڇيو: "ڪنهن کي ڪهڙي خبر آهي، ڪنهن کي ڪهڙي؛ پوءِ آهي جدا جدا ڄاڻ جا طريقا سچا ڪيئن سمجهجن؟"

سام چيو: "اهي سڀ ڄاڻون هڪ چت شڪتيءَ منجهان پيدا ٿيل آهن. ايشور چت جو پندار آهي. ان چت جي پندار ۾ ڀنائي ڪانہ آهي، تنهن ڪري انهن منجهان ڪابہ ڄاڻ سراسر غلط نہ آهي؛ فقط ڪا سچي ڪا سُني ڪا اڌ پڪي آهي. مثلاً ڪولي جي ڄاڻ لاءِ اهو ڪافي آهي تہ هيءَ ديوار هڪ رستو آهي، جا مانئيءَ واري جاري تي پهچائي ٿي؛ سنهنجي ڄاڻ لاءِ اهو ڪافي

آهي ته سڀ ديوار منهنجي گهر جو هڪ ڀاڱو آهي؛ آها ديوار
هنن ڪاٺن جي لاءِ ڪاڏي گهولڻ لاءِ ڏيهڻ جو هڪ اڏو آهي.
هن چيلي ۽ ٻڪريءَ لاءِ اها ديوار هڪ ڀاڃي لاءِ سج کان آڙ
آهي. منهنجي نوڪر لاءِ اها ديوار يا گهر هڪ ٿوري وقت لاءِ
اجهو آهي. سڀ سروي ڪاتي لاءِ اها فقط هڪ نشان يا حد
آهي! اهڙيءَ طرح انهيءَ پٽ بابت پيون به ڄاڻون ۽ خبرون
جيڪي آهن سي سڀ غلط نه آهن. ايشور يا سندس اتپتيءَ لاءِ
جيئن جيئن انسان وڌيڪ اونهو يا وڌيڪ شڌ ڀاونا سان ڪوجنا
ڪري ٿو تيئن تيئن انکي نوان جواب پنهنجي سوال جا ملن ٿا
۽ جيتري وڌيڪ سچائي رکندو، اوترا وڌيڪ پورا جواب
پائيندو."

هاٿي مونهي موه ۽ ٻين وڪارن جي وشيه تي اچون: "ڪام،
ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار، پنجئي وڪار آهن. جي اوچي
پدويءَ وارو ماڻهو انهن وڪارن تي پنهنجي خيال جي آتما هين
چوٽيءَ تان نظر وجهندو ته اهي تحقيق زندگيءَ جي هيٺين ڏاڪن
۾ نظر ايندا ۽ آتما کي هيٺ ڪيرڻ جا ڪارڻ ٿيءَ سمجهه ۾
ايندا. مگر جيڪڏهن هُئي پاسي کان نظر وجهبي، يعني حيواني
پيد کان ڏسبو ته سا ڳيائي وڪار ڏاڪا يا آتما جي مٿي چڙهڻ
جا وسيلا ٿي نظر ايندا، جي انسان کي حيواني ۽ سوڙهي شخصي
زندگيءَ جي دائري مان ڪڍي ڪجهه قدر وسيع زندگيءَ ڏانهن
آڻين ٿا."

سون سام کي چيو: "اهو مان ته سمجهي سگهان ته وڪار
ڪيئن چڱائيءَ جو ڪارڻ ٿي سگهندا. وڪار آخر وڪار آهن؛
انهن مان زندگيءَ ۾ نيڪي يا اخلاق جو واڌارو ڪيئن ٿيندو؟"

سام وڏي نشچيه ۽ اثر وارن لفظن ۾ چيو: "اهڙيءَ طرح
خيال تي ڪابه روڪ يا پابندي اڳوات وجهڻ نه گهرجي. اهي

... (Reality) ... [illegible] جزا آهي ...

موج، شڪتي ۽ ڪنسواءِ نہ آهي. سا شڪتي جنهن کي ست-چت-آنند چئون ٿا، سا هرهنڌ سمايل آهي ۽ ان ڪنسواءِ ڪا شيءِ وجود ۾ نہ آهي. ڪا جاءِ، ڪو خيال، ڪا چرپر اندروني يا بيروني زندگيءَ جي، ڪو ڀاوُ، جوش يا حقارت، ڪا محبت خوشي يا خيال ان کان خالي نہ آهي. سڀڪنهن چيز، ڀاوَ ۽ خيال جي چرپر وغيره ۾ سندس هٿ آهي. سڀڪجهہ پاڻ ئي رچيو اٿس ۽ پاڻ منجهان رچيو اٿس. پوءِ وڪار ڪٿي ۽ برائي ڪٿي؟ ائين سمجهڻ گهرجي تہ آهي وڪار گڻن جا ابتا پاسا آهن يا ساڳين شين جا ٻيا ٽالا آهن. ڪنهن بہ هڪ وڪار تي خيال ڪريو: هتي موه جو سوال آئيو آهي. تنهنڪري موه جو مثال اول وٺو، جنهنکي گهڻن مهاپرشن ننديو آهي، مگر ڏسبو تہ جيون ياترا ۾ ڀورين يعني هيٺين منزلن تي ڦرندڙ آتمائن کي منجهائنس ڪيڏي نہ استقامت ملي ٿي. هڪ طرف ڏسو نہ موه آتما جي لاءِ هڪ قسم جو پڃرو يا قيد آهي. مگر بنا موه جي ڪنهن حيوان جي هڪ موه واري انسان سان ڀيٽ تہ ڪريو. بنا لاڳاپي ۽ بنا موه جي انسان سچ پچ حيوان مثل آهي. جن کي پاڻ ۽ پنهنجي اوجهري پرڻ، ننڊ آرام ۽ سک کان وڌيڪ ٻي ڪا ڳالهہ حياتيءَ ۾ ... نٿي سجهي، اهڙي انسان جي ڀيٽ ۾ تون ڪيتري نہ اوچي درجي تي پهتل آهين، جو تنهنجي موه (مونسان لاڳاپي) توکي پاڻ مان ڪڍي پنهنجي زندگي (منهنجي معرفت ئي) هڪ وڏي آدرش کي ارپڻ ڪرائي ڇڏي آهي! هاڻي زماني وارن، موه ۾ ڦاٿل انسانن جو ويچار ڪريون. هڪ ماڻهو جيڪو پنهن جي سک جي سامگري موجود ڪرڻ ۾ پنهنجي سڄي جيون گذاري ٿو، ان کان اهو صدبار بهتر آهي جو ٻارن يا زال جي موه ۾ پنهنجي سک جي چاهنا وساري، پاڻ پنهنجي پيارن ڪارڻ قربان

... ڙي ٿو ۽ پنهنجي ... سوڙهي دائري مان نڪري ترقيءَ جو پهريون قدم ... ٿو. حقيقت ڪري اهڙو موه الاهي عشق جي خود شروعات آهي جو پنهنجي اڪيلي زندگيءَ مان ڇڪي اسانکي گهر ٻار جي ذريعي سچي پريم جي واٽ ڏيکاري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪام به پريم جو ٻئي طرف کان پهريون ڏاڪو ڪري سمجهڻ گهرجي. ماڻ انساني حيوت جي هڪ تصوير خيال ۾ رکندو آهيان جا هيءَ آهي، ته گيان جي رٿ کي ڪام جا گهوڙا ڇڪي رهيا آهن ۽ آتما مٿس سوار آهي. ڪام يعني ٻئي جي سنگ جي ترشنا سا نفس جي سوڙهي، شخصي دائري (Individual Existence) واري زندگيءَ کان ٻاهر نڪرڻ جو هڪ اپاءُ آهي. جيئن بند ٿيل ٻهري مان ڪو جيءُ ٻاهر نهاري آزاديءَ جي تمنا وڌائي تيئن اڪيلو، اگياني من جسماني سنگ جي ترشنا رکي ٿو. اها ترشنا به هن سرشٽيءَ جي مالڪ پاڻ رچي آهي. اهي موه ڪام وغيره ان لاءِ آهن ته اسين شخصيت جي دائري مان نڪري ٻاهر وڏيڪ خلاصي ميدان ۾ اچون. جيئن ننڍو ٻار ڏڙندو ڏڙندو، آخر پورا قدم کڻي سگهي ٿو، تيئن هيءُ من انهن ترشنائن دوارا پريم جو سچو چاڻ وڌائي ٿو.

اهڙيءَ طرح ڪروڌ ٽئين ٻاجهي کان آنند پريم- آنند جي چوٿيءَ تي پهچڻ لاءِ پهريون قدم ڪري سمجهڻ گهرجي. منجهس ڪيڏي نه طاقت ۽ نفرت يا خرابت لاءِ حقارت سمايل آهي! جنهن ۾ ڪو غصو پيدا ڪونه ٿيو آهي، سو نادان ڪري سمجهڻ گهرجي. غصو به ارادي جي طاقت وڌائي ٿو. البت نهوريءَ کان وڏيڪ طاقت وارا خرابت جي دور ڪرڻ لاءِ پيا اپاءُ آهن.

لوڀ وري چوٿين ٻاجهي کان آن پريم- آنند واري چوٽيءَ کي پهچڻ جو پهريون قدم آهي. وچ لوڀ کي وڌائيندو ته وڃي اصل شيءِ ڏي هو اسانکي ڇڪيندو. پنهنجي شخصيت مان گهڻو جي

تمنا پيدا ڪري ٿو، گهر مان نڪري وري گهر ڪان ٻاهر دائرين ۾ طاقت رکڻ جي تمنا پيدا ڪري ٿو، آخر جڏهين انسان پورو آزمودو پائي ٿو ته دنيا سڄيءَ کي پنهنجو ڪرڻ چاهي ٿو. فقط پنهنجي لوپ ۾ سچائي رکو. خوديءَ کي بلند ڪريو ته بي خوديءَ جي آسمان تي وڃي پهچندا. بيشڪ وڏيڪ ۽ وڏيڪ حاصلات ڪريو. آخر اها ترشنا پاڻ وڏائڻ جي، ايمانداريءَ سان ڪتب آڻبي ته وڃي الاهي محبت کي پهچائيندي، ڇا لاءِ جو سڀ ڪان وڏي حاصلات اها ئي آهي. لوڀي من نا اميد ٿي آخر ڏسي ٿو ته هن شيءِ مان به سک نه مليو، هن شيءِ سان ترپت نه ٿيس، تڏهين اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جا من کي ترپت ڪري ٿي؟ سڱتل، سمت انسان ڪان اورچ، ڏيئي آتمڪ اڻتيءَ جي رستي تي گهڻو وڌيل آهي. اهنڪار وري ٻئي ٻاسي ڪان ان پرم هستيءَ کي پائڻ جو هڪ سڌو رستو آهي. اهنڪار (خودي) ڪيترن وڏين حاصلات جي شروعات ٿي سگهي ٿو. اهو خودياوريءَ ۽ آزاديءَ جو پيو روپ آهي، جرئت جو هڪ ٿنيو آهي اگرچه ڪچي ڪاٺ جو ٺهيل آهي. شخصيت وڏائڻ يا جيون جي دائري وڏائڻ لاءِ هڪ قدرتي اپاءُ آهي. 'مان' کي مار يا 'مان' کي سڃاڻ. سا ساڳي ڳالهه آهي. سڀ ڪان هنيلا وڏيڪ آهي آهن، جي ڪنهن آصول تي همٿ ڪندڙ آهن؛ سي ذاتي طور سڀ ڪان وڏيڪ نهٺا انسان ٿين ٿا."

مون سام کي چيو ته انهن وڪارن جي درجي بدرجي ڪم يا اهميت بابت ڪجهه وڏيڪ کولي ٻڌايو. آن وقت سام چيو ته اڄ گهڻا نوٽ ورتا اٿيئي، وري ٻئي وقت اهو وشيه ڪٽنداسون.

* * *

٧-١٠-١٩٥٣ع - سڻين وشيه بنسبت، اڄ شام جو جيڻن واند ملي تيڻن سام ڪان وري پڇا ڪيم، ٿورو وقت ويچار ۾ اچي ويو

۽ پوءِ چيائين: ”ڪروڌ اصل ۾ نفرت جو ٻيو روپ آهي. ڪنهن ناحق، بديءَ يا بي واجبي هلت جي خلاف پيدا ٿئي ٿو. اگرچ اهي ڪڏهن غلط طور سمجهيا وڃن ٿا. ڪروڌ ڪنهن انسان پاڪي ڪنهن نموني برابر سمجهي ٿو. جيتوڻيڪ حياتيءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ هي ڪو اُتم طريقو نه آهي، تڏهن به اهڙيءَ سمجهڻ گهرجي ته خرابت يا ناحق لاءِ حقارت سا ذاتي طور بري شيءِ نه آهي. چوندا آهن ته جنگ جي وقت ۾ يا جنگ جي دوارا قومن جي پاڻ ۾ سڄي پڇي خيالات جي ڏي وٺ ٿئي ٿي ۽ ٻه ٿهذيبون پاڻ ۾ ٽڪري هڪ ٿي وڃن ٿيون. ٻي عام چوڻي آهي ته وڙهي دوست ٿيو آهي! ان ڪري جنگ نه رڳو حڪومتن جي سرحدن ۾ ڦيرو آڻي ٿي مگر من جون حدون ۽ خيال جون پابنديون به ڪيتريون ٽوڙي ٿي ۽ هيڪڙائي وڌائي ٿي. مطلب ته ڪروڌ خيال جي ميلاپ ۽ غير جي گنوائڻ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. بزدل ۽ ڊڄڻي انسان جي پيٽ ۾ ڪاوڙ ڀلي مڙس ڪيڏو نه وڏيڪ شانائتو آهي. اهو هڪ ٻيو پهلو آهي جو ٻڌ ويچار ۾ وٺڻ جهڙو آهي.

ان ريت اڇو ته ڪام کي جاچي ڏسون، ته هن زندگيءَ جي سرشتي ۾ ڪهڙو ڪاريه ادا ڪري ٿو. من وديا جا ماهر چون ٿا ته ڌرمي ڀاوُ يا مذهب ۽ شهواني طاقت جو واڌارو گڏوگڏ نظر اچي ٿو. اهي ٻئي طاقتون اڪثر ساڳين ماڻهن ۾ ڏسبيون آهن. چون ٿا ته جنهن ۾ ڌرم جو ڀاوُ مضبوط آهي، ان ۾ شهواني طاقت به گهڻي ٿئي ٿي، ٽوڙي جو اهسا قسمي ڪيل هجي. جمون جو واڌارو ۽ پورڻتا در حقيقت سيني طاقتن منجهان حاصل ٿين ٿا. ڏبري ۽ بيمار ماڻهوءَ جي نه رڳو جسماني طاقت گهٽ آهي مگر منجهس ڪا روحاني گهٽتائي به ضرور وهي ٿي. پنهنجو آزمودو آهي ته ڌرمي منشتائن ۽ ڌرم چرچ

آشرمن جي انـدر اڪثر ڪاميڊيو پنهنجا پاڻ وڌيڪ تيزيءَ ۽ [illegible]يءَ سان اُڇليندو آهي. مان اُنهن سمجهندو آهيان ته ڪام (Sex) انساني جيوت جي بنيادي ڌاتـن مان آهي، جنهن جي ڪيميا (Transmutation) سان ڏيان، گيان ۽ پڪتي وڌن ٿا؛ جيئن ڪيميا سان ٽامي مان سون ٺهجي سگهي ٿو، ٻوگي پنهن جي شهواني طاقت تي بندش وجهي آهـا ڏارا ابتي، مغر جـي طرف، وهائن ٿا ۽ انريت گيان جي ٿين اک کولن ٿا. تنهن ڪرى ڪام کي گهٽ سمجهڻ نه گهرجي. ڪام جي شڪتي ۾ هڪ اتم خزانو آهي، جنهن کي خالق ٻنا مطلب جي هرگز ڪين خلقيو آهي. هن جيون جي سرشٽي ۾ ڪيس وڏي ۾ وڏو پاڪ ملبل آهي. سندس رواجي ڪيڏ ۾ پڻ ڪي ڀلايون نظر اچن ٿيون. ڪن وڏن ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته ڪام کي دٻائڻ (Sex Repression) مان ڪيتريون بيماريون پيدا ٿين ٿيون.

” اسانکي ڪام واري طاقت ڦيري ڪتب آڻڻ (Diversion) ۽ صفا دٻي ڇڏڻ (Repression) جي وچ ۾ فرق سمجهڻ گهرجي. دٻائڻ اهو آهي جو پنهنجي خيال جي خلاف حجابن، روڪن يا مجبورين ڪري پنهنجي ڪامنا کي دٻائي ڇڏجي. ڦيري اهـا شڪتي ڪم ۾ لڳائڻ، سا ڪوشش جائز ۽ قلدايڪ آهي، جنهن مان ڏيان، گيان ۽ پڪتيءَ جو واڌارو ٿئي ٿو. اهي ٿيئي ڌرم جا سول ٿنيا آهن جن جي پڪائي ڪام جي طاقت منجهان اُتپن ٿئي ٿي؛ اهو من وديا (Psychology) وارن جو رازو آهي. [illegible]، نه هٿ ۽ ايمان وچان ۾ حياتيءَ جي تجربن [illegible] جي ذريعي، ڪيس اوچي ڪاريه ۾ لڳائڻ، سو اُنهن [illegible] جيئن هڪ انب جي جهاڙ ۾ اوچي ذات واري اک پيوند ڪري ان سان مٺا ۽ وڌيڪ اتم ڦل پيدا ڪرڻ. تيئن ئي آهي

هي جوڳ - اڀياس ، جو مغز ۾ گيان جي اک کولي ٿو. ڪام کي وس ڪرڻ بعد يوڳ - اڀياس ڪامياب ٿئي ٿو . تنهنڪري اٿين چوڻ نه ڪام هر صورت ۾ هڪ وڪار آهي ، سو هڪ اڌوري سمجهه وارو خيـال آهي . سڀ ڪنهن بنيادي ڏاتوءَ کي پنهنجي اهميت آهي . پنهنجي هيٺين روپ ۾ به ڪامنا وشو سان ملائڻ ۾ مدد ڪري ٿي ؛ نه رڳو زندگيءَ جو دائرو وڌائي ٿي پر خيال جي خوبي ۽ حسن جي چـاڻ ، جا رواجي ٻرنم سـان شامل رهي ٿي ، سا ان جي پيداش ٿي سگهي ٿي . اها جيوت ۾ سندرتا ۽ وندر وڌائي ٿي . شهواني طاقت جنهن جيءَ ۾ ڪنهن بيماريءَ يا جسماني گهٽتائيءَ سبب پوري نٿي آهري ، ان جيءَ جو بدن ۾ ڪرڙي ٿيو پوي ۽ اهو مغز جي ڪم ۾ يـا همٿ جي پورهئي ۾ گهٽ چالاڪي رکندڙ ٿئي ٿـو . محويت يعني يڪتيءَ جي پاسي ڪام هميشه لاڳو رکي ٿو . ان ڪري ڪي آرٽسٽ يا اداڪار ۽ شاعر گهڻو ڪري سندس ڦند ۾ ڦاٿل نظر ايندا آهن . اها محويت جيڪا ڪام پيدا ڪري ٿـو ، سـا يڪتيءَ جو هڪ سادو روپ آهي .

هاڻي وري لوڀ جي وڪار کـي جاچي ڏسـون . لوڀ حاصلات جـو ڪارڻ آهـي . ميڙڻ ۽ گـڏ ڪرڻ جـو (Preservation and Conservation of resources) جو اصول قدرت پاڻ چڱيءَ طرح ڪتب آڻي رهي آهي . طاقت ۽ مال قناعت سان خرچ ڪرڻ ، سو قدرت جي اقتصاديات (Economy) جو اصول آهي . اها قناعت ۽ شين جو موجود رکڻ جي عادت سڀ هر ڪاروبار لاءِ ضروري آهي . گهڻيون شيون ۽ مال گڏ ڪرڻ سو برابر سخاوت ۽ سڻي وند وراء جي آدرش ڪان گهٽ درجي جو طريقو آهي مگر اهي ، جيڪي ڪا بچت ڪري نٿا سگهن ۽ پنهنجا وسائل بافائدي سنڀالڻ ۾ گسن ٿا ، سي حياتيءَ

۾ ڪا ڏاڍت ڪري نٿا سگهن. اهي پنهنجا خيال، طاقتون ۽ مال ڪمبيري وڃرت وڃائين ٿا. هوڏانهن دنيا جا وڏي ۾ وڏا ڪارخانا، موٽرن، مشينن، ڪپڙن ۽ ٻين ضروري شين جا انهن ماڻهن جي هٿان اڏيل آهن جن کي مڙئي چوندي ۽ جمع ڪرڻ جي عادت هوندي آهي، ۽ چڱيءَ ڪثي پئسي گڏ ڪرڻ جو لوڀ رهندو آهي. هڪ وڏي، گڏيل هندستان جي صنعتڪار (Industrialist) جي ڳالهه آهي، جنهن ڪاڻ منهنجي هڪ دوست هيءُ سوال پڇيو: 'توهان جو وڏيءَ اوستا ۾ ايترو پنهنجي ڪارخانن جي ديکڀال ڪريو ٿا، تنهن جو مطلب ڪهڙو آهي؟ دنيا ته توهانوت اچيئي آهي، جا توهانجي کپائڻ ۽ شايد ڳڻڻ کان پڻ ٻاهر آهي. ڇا! وڌيڪ پئسي گڏ ڪرڻ ۾ اهان توهانکي مزو اچيٿو؟

" ان سيٺ کلي چيو: 'ائين برابر آهي ته ٻهرائين نفعي جي لاءِ هي ڪارخانا کوليا سين، پر هاڻي انهن کي سٺي نموني هلائڻ، سو هڪ جدا مقصد ۽ هڪ فرض نظر اچيٿو. جيئن اجايو ڪجهه ضايع نه ٿئي ۽ ڪارخانو پنهنجي پنهنجي ته وڃي ۽ انتظام سٺو رهي، — اهو اسانجي ڪوشش جو هينئر خاص مطلب آهي ۽ نه دنيا گڏ ڪرڻ جو.' هن ڳالهه مان مطلب هي نڪري ٿو ته انسان جو ذاتي لوڀ هڪ قدرتي طاقت آهي. ٻين وڪارن وانگر ٻهرائين غلط نموني ۾، شخصي سک لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو، پر آخر ڪثين رستي تي پهچي دنيوي ڪاروبار جي انتظام ۽ ڪفايت جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو، جنهن مان اندروني جس پڻ گهڻو پيدا ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري ان کي هڪ اڪثر ماڻهو وڪار سڏي ۽ دنيا وارن کي بيڪار چئي ڌڪارڻ، سو بلڪل غلط آهي."

هاڻي اچون اهنڪار جي سوال تي ؛ ماڻهو يا اهنڪار هڪ نموني پاڻ کي ڦندائي هڪ خطرناڪ ياڱ ۾ وجهي ٿو ، پر ٻئي طرف شان ۽ اهڙا پوزيشن اڳواٽ رکڻ سيکاري ٿو جا درحقيقت اڃان حاصل نه آهي ، مگر جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ اسين گهڻو خواهان آهيون ؛ يعني اهو خيال جو نمونو يا زندگيءَ جو روپ اسانجي من اڳيان رکي ٿو ، جنهن جي اسان کي طلب آهي ۽ جنهن ۾ اسانجو آتمڪ اُڌار آهي ! ان نموني (Pattern) تي هلندي هلندي اسين آخر ان کي سچيءَ طرح پايون ٿا .

ٻئاڪ هٺ ٻه هڪ قسم جو جڏڪ قسم ڪٽٽو آهي ؛ ان ٻئاڪ واريءَ ڳالهه پوري ڪرڻ لاءِ هڪ وعدي ۾ گويا پاڻکي ٻڌو آهي . البت تنهن کان پوءِ اها ڳالهه حاصل ڪرڻ ، جنهن جي لاءِ ٻئاڪ هٺجي ٿي يا اها پوزيشن پنهنجي ڪرڻ جنهن جي ڏيکاءُ لاءِ اهنڪار ڪجي ٿو سو جفاڪشيءَ ۽ ڪوشش سان ٿي سگهي ٿو . مگر هڪ پهرو پاڻ کي ڪنهن وعدي ۾ ٻڌي يا اهنڪار مان ڪنهن شان يا ڳالهه وارو ڏيک يا مدبريءَ وارو نمونو ماڻهو اختيار ڪري ته پوءِ اُن ڏانهن وڌڻ لاءِ اهو مجبور ٿئي ٿو ؛ يعني اهنڪار هڪ قسم جي نوڙي ٻڌجي ڪيس وڏيڪ اُتيءَ واري رستي ڏانهن ڇڪي ٿو . اٿين برابر آهي ته مغروريءَ کان حليمائيءَ وارو رستو ڪنهن به مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر آهي . پر پاڻ کي نيچ ڄاڻڻ ۽ پنهنجي سچي هستيءَ کان بي خبر رهڻ سو اهنڪار کان به وڌيڪ خراب آهي .

هڪ ڳالهه آهي ته ڪنهن ربدار هڪڙي شينهن جو ٻچو لڌو جو هو پنهنجي رڍن سان گڏ گهمائيندو رهندو هو ؛ ... جي هلت ڏسي ۽ ستدن ’ٻي‘ ’ٻي‘ جا آواز ٻڌي ، هو به ساڳيا آواز ۽ نمونا سکي پيو ؛ هڪ لڳا هڪ شينهن هنکي ’ٻي‘ ’ٻي‘ ڪندي ڏٺو ، ان شينهن کيس هڪل ڪئي ته تون شينهن جو ٻچو

ٿي رڍن وانگر 'ٻي' 'ٻي' ڇو ٿو ڪرين؟ پوءِ ان کي کهلي ٻاٽيءَ جي هڪ تلاءَ ۾ ليڙو پارايائين. چيائينس، 'ڏس! ڇهڙو تون آهين تهڙو مان آهيان؛ هينئر مون وانگر گــاج ڪر!' تڏهــن ان شينهن جي ٻچي، پنهنجو سچو روپ سڃاڻي، شينهن جهڙي گاج ڪئي ۽ شينهن وانگر شڪار ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ طرح جيڪو انسان پنهنجو سچو روپ نہ سڃاڻي غلاميءَ جي ٻاڙ ۾، ڪوڙي حليمائي جي وات وٺي، ذليل زندگي ڪاٽي ٿو، ان ۾ غلامي گهر ڪري وڃي ٿـي. اهو همت رکـي حياتيءَ انـدر ڪجهہ حاصل ڪرڻ بدران پاڻکي وڏيڪ ۽ وڏيڪ ناڪار ٻڻائي ٿو. تنهن کان تہ اهنڪار واري انسان جو رستو صد بـار سٺو آهي. البت اهنڪار گيـان جو آخرين پد نہ آهي ۽ نہ گهڻي تائين جٽاءُ ڪري ٿو؛ اگياني انسان جـو من هڪ ڪنڊياري پٿر مثل آهي، جو پهاڙ کان ڇڄي، ڏڪا کائيندو هيٺ ڪري ٿو؛ آخـر جيئن وڏيڪ ڏڪ کائي ٿـو ۽ وڏيڪ گسي ٿو، تيئن سندس ڪنڊون ڀڄنديون وڃن ٿيون ۽ اهو لسو ٿي پوي ٿو. تهان پوءِ برساتن جا پاڻي هڪي گهلي وڃي درياءَ ۾ ھٽن ٿا، هو وڏيڪ مهڻجو کان پـــوءِ آخر واريءَ جي داڻي مثل ٿي پوي ٿو، جنهن بعد کيس وڏيڪ ڏڪا کائڻا نٿا پون. پوءِ اها واري پاڻيءَ سان گڏ وهي، مٽيءَ سان گڏ ملي، کيتن، باغن ۽ ٻين گهڻن هنڌن تي ڪارگر ٿئي ٿي.

اها واري سچيءَ حليمائيءَ جي مثل آهي، جـا گيان جي سيمينٽ سان گڏجي اصلوڪي پٿرن کان وڏيڪ ڪارائتا شهتير، ٿنڀا ۽ ٻيا سامان ناهي ٿي؛ جن مان جيوت جـي عمارت اڏجي سگهي. ان ريت ھڻ اگياني انسان، اهنڪار وارو، حياتيءَ ۾ ڏڪ کائي، کائي آخر نرم ٿئي ٿو ۽ حليمائيءَ جي درجي کي رسي ٿو جنهن مان کيس پورڻ گيان حاصل ٿئي ٿو.

هن مان مونکي فقط هي ثابت ڪرڻو آهي ته اهنڪار به من جي اوستا جو هڪڙو درجو آهي. قدرت جو اهو هڪ قانون آهي ته ليڪي مان تصوير، ڪوڙ مان سچ، خواب مان خيال ۽ خيال مان جسم، بهاني مان سچو ارادو ۽ خيالي ڏيک مان سچي حاصلات جي شروعات ٿئي ٿي. اهنڪار وارو انسان، جسماني يا روحاني دائري ۾ پاڻ ڏيکاري ڪا هام هڻي ٿو؛ سا حجت سندس آخرين انتيءَ لاءِ هڪ ليڪو يا اشارو ٿيو پوي؛ هر حالت ۾ نه پر گهڻو ڪري؛ جلد نه پر آهستي آهستي. پاڻ تي اعتقاد رکڻ هڪ روحاني واڌاري جو ڪارڻ آهي. جڏهن اهو حد کان وڌيڪ ٿئي ٿو، تڏهن اهنڪار جي صورت ۾ نظر اچي ٿو، مگر ذاتي طور اهنڪار خود پاڙريءَ جو هڪڙو روپ آهي.

هنن سمجهاڻين مان اِهين مطلب نه ڪيڻ گهرجي ته اسين ڪو وڪارن کي ساراهيون ٿا يا انهن جي عام طور تائيد ڪريون ٿا، مگر اسين ان صاحب کي ساراهيون ٿا، جنهن هر شيءِ ۾ سٺو مطلب رکي ڇڏيو آهي، جنهن جي ليلا اڪٿ ۽ اپار آهي. ان جي هيءَ سڄي سرشٽي رچيل آهي؛ گڏن جيسي هڪ راند رچيل آهي. ذاتي طور هن جيون جي راند ۾ ڪا خرابي ڪانه آهي. ان ڪري ٿي سنت فقير چوندا آهن ته ايشور سڀ پاپ ڪميا ڪري سگهي ٿو؛ پاپيءَ تي به ان ڪري فقير ديا جي درشٽي رکن ٿا. ڪنهن کي مجال آهي چوڻ جي ته هيءَ شيءِ يا هيءُ انسان يا هي طريقو زندگيءَ جو خرابت لاءِ خلقيو اٿس؟ نه وري ڪا شيءِ هت بي سود آهي. درحقيقت نه ٻچڙائي آهي، نه چڱائي. هڪ سندس ليلا يا راند آهي. هڪ پريم جو پسارو آهي! جيوت سارو پريم جو ڪيتر آهي. جنهن ۾ سڀ پاڻ، سڀ روپ، سڀ طريقا ۽ سڀ پد سمائجي وڃن ٿا. ٻچڙائي فقط

ڇڳائيءَ جي پيٽ ۾ ٻيڙي نظر اچي ٿي يعني اها ننڍڙي ڇڳائي آهي. ڪيس ڪو سچو وجود ڪو نه آهي. نه ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي سچو وجود آهي. هو آهي، فقط هو آهي ۽ ٻيو ڪجهه به نه آهي!"

* * *

٨ - ١٠ - ١٩٥٣ع - ڪجهه ڏينهن اڳ سام مونکي هڪڙو خواب پنهنجو ٻڌايو، جنهن ۾ ڏٺائين ته هڪڙو ماڻهو ڪاري سوٽ سان پهرو، پهرو آسمان جي مارگ ۾ دکن دشا ۾ وڃندو ٿي ويو. پنهنجي هن کين نهاريو، جنهن ڪري سندس روشن چتا ڏسڻ ۾ ڪين آيا مگر سندس پهري ٻهڪ مان ائين پيو سمجهجي ته هو خود سام جي مشابهت پيو رکي.

ڪيترا ڏينهن اسان اها ڳالهه وساري ڇڏي؛ سام گهڻن ڏينهن کان گهر ۾ اهڙو پيو هلي جو هر ڳالهه ڏانهن سندس رخ ٿڌو، ٿڌو ۽ گهٽ چاهه وارو پيو نظر اچي. ڪالهه جڏهن مون سائس پاڻ وندرائڻ لاءِ ۽ کيس ڪجهه وندرائڻ لاءِ ٿوري هلڪي قسم جي بات چيت ڪئي، تڏهن هن چيو: "گهڻن ڏينهن کان منهنجو چاهه نڪري ويو آهي؛ زمينداري ڪم ته ڪستوردين صاحب چڱي وقت تي، الله جي مرضيءَ سان، ڇڏائي ڇڏيو آهي. باقي ٿورو ابياس ڪرڻ ۽ گهرو ڪم سنڀالڻ، تن کان سواءِ ٻي ڪا مشغولي خاص ڪا نه آهي. اها اڏاوت آشرم جي پيا پيا ننڍي هوندي جا سپنا پورا ڪرڻ، جنهن جو وقت بوقت ذڪر ايندو رهي ٿو، تن لاءِ پڻ رستو ڪليل ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. مان ائين پيو ڀانيان ته جڻ توهان سڀني کان، ۽ هنن ڪمن ڪارين کان جدا ٿي، پري ڪنهن غيب جي عالم ڏانهن وڃي رهيو آهيان. اڳي ائين سمجهندو هيس ته سڀ ڪنهن ڪم ۾ تنهنجو مون سان ساٿ

رهندو؛ مگر ميمڻ ڏمان پيو ته گهڻي قرباني ڪندي به تنهنجي وات مون کان نرالي آهي. هن ٿوريءَ مايوسيءَ جو شايد اهو سبب آهي جو تو کان به ڪجهه پري وڃي رهيو آهيان. اهو اڳيون خواب آسمان مارگ تي اڪيلي پنڌيءَ جو ياد پيو اچي؛ ان جو مطلب هينئر چٽيرو نظر اچي ٿو."

مون چيو: "پوءِ انهيءَ ڳالهه جو ڪهڙو علاج آهي؟"

سام ورائيو: "يا ته ڪو نئون ڪيتر خيال ۽ زندگي جو ڪلي يا وري نئون جسم وٺي زندگي نئين سر شروع ڪرڻي پوندي، هي اکر نراسائيءَ مان ڪونه ٿو چوان. مگر زندگي، زندگي تي رهندي، يعني بيشل پـاڻيءَ وانگر چپ ۾ ڪين گذرندي. جي ان ڪي ڪو اتڪاءُ پيش ايندو ته آتما خود وس مٿائي پيو آڏو اتڪاءُ دور ڪرڻ جو اختيار ڪندي. هيءَ آتما جنم پنهنجي اڇا سان وٺي ٿي؛ جڏهن پاڻ ۾ گهٽائڻ جي چاهنا پيدا ٿئيس ٿي تڏهن جسم ڌارڻ ڪري ٿي ۽ انهيءَ اڇا جو هتيءَ يا چاءِ، صفا گهٽ ٿي وڃڻ سو هن چولي ڇڏڻ جو ڪارڻ ٿي پوي ٿو. جنهن جيءَ ۾ ڪا چاهنا ڪا نه ٿي رهي يا جنهن جو آديم گهٽجي وڃي ٿو، ان کان گويا حياتي خود پاسو ڪري وڃي ٿي؛ جيئن هڪ وڻ جنهن جي زمين کان دريـاهه مٽ ڪري پـري هليو وڃي ٿـو، آخر سڪي وڃي ٿـو، تيئن چاهنا رهت آتما، ديهه روپي پاڙون سڪائي وڃي ٿي؛ چاهنا رهت آتما پنهنجي لاءِ نه پر ڪنهن پر اپڪار جي ڪم لاءِ لالچي هت رهي سگهي ٿي. اهڙو ڪو در ڪلي، چاهه وڏي يـا عشق آتين ٿي ته واه نه ته جيئڻ خود بيڪار ٿي پوي ٿو."

مونکي دل ۾ ذرا خوف ٿيو، ڇا لاءِ جو سام گذريل ٻارهن مهينن کان وڏيڪ ۽ وڏيڪ بيمـار رهي ٿو. مون ڪسي ڪلي چيو: "ڇو نه توهانکي نئين ڪا شادي ڪرائجي ته توهان

۾ چاهنا زندگي جي وڏي؟"

سام ڪلي وراڻيو: "اها هيئنر هڪ ٻئي ڳالهه ٻڌي لڳي. پهرين شاديءَ سان ڪيئن زندگيءَ جي چاهنا وڌندي؟ ويچار ڪريو ته زال پاڻ کان نندي ملي؛ هن جون طلبون نراليون ۽ اسانجي اوستا جون طلبون نراليون؛ ويتر جي پيدا ٿئي پونگ ته پوءِ انهيءَ ڪشمڪشا ۾ اندر جو آرام ڦٽي يا وڌي؟ مان ته ڀانيان ٿو ته اهڙي گهري سزا ٻي جيڪر ڪانه ملي سگهي ۽ پاڻ حياتيءَ مان وڏيڪ بيزار ٿي پئجي. باقي انهيءَ کان وڌيڪ ڪارگر تجويز ٻي آهي؛ جي تون انهيءَ ڏور اڪيلائيءَ واري مارگ تي گڏ قدم رکندي هلين ۽ هر خيال ۽ هر ڪم ۾ اسين انهيءَ آدرشي زندگيءَ جي اڏاوت ڏسندا، شيوا واريءَ زندگيءَ جي اميد رکندا اچون، جيتوڻيڪ گهڻو عرصو گذري ويو آهي، ته پوءِ چاهنا جو گهوڙو اڃا ان به هن زندگيءَ جي گهوري رٿ کي اڳيرو ڇڪي سگهي ٿو. پر خيال کي موڙي؛ زوريءَ توکي ڪنهن راه تي هلائي نٿو سگهجي. انسان پنهنجي خيال جون حدون پاڻ ئي ٽوڙي سگهي ٿو. البت اهو اهڙو آسان ڪم نه آهي جو هڪ واري ارادي ڪرڻ سان حاصل ٿي پوي. هردم ان لاءِ حيلو ضروري آهي. پريم اهڙو ماحول پيدا ڪري سگهي ٿو جو حيلو خود سڀاويڪ عادت بڻجي پوي ۽ ٻئي جي ريت پنهنجي ريت ٿي پوي. اهڙو جادو پريم بيشڪ ڪري سگهي ٿو. مگر پوءِ به شخصيت يا شخصي پڻو ڪجهه قدر سر ڪڍي ظاهر ٿئي ٿي. ان ڪري ٻن دوستن لاءِ عام طرح گڏ جيئڻ ۽ گڏ هلڻ سو هڪ ٻئي لاءِ مرڻ يا پاڻ قربان ڪرڻ کان اعلى رستو ۽ وڌيڪ اونچو آدرش آهي. تو قربان گهڻو ڪجهه ڪيو آهي، پر گڏ هلڻ جي ريت اڃان توکي سکڻي آهي.

* * *

١٥ - ١٠ - ١٩٥٣ع - هڪ وڏي ناولسٽ جو ذڪر هلي رهيو هو؛ صوفي صاحب سام کان پڇيو: "انهيءَ جا ڪتاب واقعي ئي اهڙا تعجب جهڙا آهن؟"

سام کيس وراڻي ڏني: "مون ننڍپڻ کان سندس ٿورا ڪتاب پڙهيا آهن، وڏن ليکڪن جي ڪتابن ۾ هرو ڀرو وڏن ڦتاڪن يا ٻم بکيڙي وارين ڳالهين لاءِ ڪو نه نهاربو آهي، ڇا لاءِ جو سچي وڏائي، خيال جي سادگيءَ ۽ صفائيءَ ۾ آهي. انهن جا ويچار ۽ احساس به ساڳيا ئي انساني دل جا جذبا آهن جي سادارڻ ماڻهو رکن ٿا مگر انهن کي ذرا انهن جي ملهه جي ڄاڻ وڌيڪ آهي. آهي سڀ هڪ انساني زندگيءَ جا تجربا آهن، جيڪي اسين عام ماڻهو روز ڏسون ۽ پسون ٿا. ڇنجي ڪٽي ته اهي خيال جون ساڳيون سرون يا پٿر آهن، جن مان گهٽ هنر وارو ڪاريگر فقط ڦڏيون، سڌيون جڳهون ناهي سگهي ٿو ۽ وڏي هنر وارو عاليشان عمارتون اڏي سگهي ٿو. تنهن ڪري جيتن وڏو شاعر يا وڏو ليکڪ، تيتن ان جي لکيت ۾ سادگيءَ جو ۽ خيال جي صفائيءَ جو مزو پيو اچي؛ ولايت جي ليکڪن ۾ ڪا خاص تعجب جهڙي ڳالهه ڪا نه آهي."

* * *

١٧ - ١٠ - ١٩٥٣ع - ڪالهه اسان وٽ هڪ دوست آيو. جڏهين سام ان کي چانهي وغيره پيري ڏنو تڏهين هن پڇيو: "ڇو؛ نوڪر ڪيڏانهن ويا اٿو؟"

سام چيو: "منجهند جي ماني مان ناهيندو آهيان ۽ رات جي ڊاڪٽر مرلا ڪندي آهي، ڇا لاءِ جو نوڪر هن وقت ڪو به ڪو نه آهي. پر هونئن به گهڻو ڪري اسين ڪجهه نه ڪجهه پنهنجي هٿ سان روزانو ناهيندا آهيون."

انهيءَ دوست جي وچڻ ڪانپوءِ مون سام کي چيو: "اهڙيون

ڳالهيون ماڻهن کي ڇو پيا چئو؟ ان ۾ منهنجي گهٽتائي ٿئي ٿي، ڇالاءِ جو پيا چوندا ته تنهنجي ويلي مرد ماڻهو پيو ماني ڪري!"

سام کلي چيو: "انهيءَ ۾ گهٽتائيءَ جو ڪو به سوال ڪو نه آهي؛ ماني هر ڪو انسان کائي ٿو؛ هر ڪنهن کي رڌڻ پچائڻ جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. اها ڪوڙي لڄ يا شرم انهن لاءِ آهي، جيڪي زناني ڪان ڊڄن. تنهنجي ۽ منهنجي لاءِ صاف وات اها آهي ته جا شيءِ يا جو ڪم چڱو هجي، سو پنهنجي هٿ سان ڪجي ڇاهي لوڪ ان کي ڪيترو به گهٽ ڇو نه سمجهن."

شام جو وري ڪم ڪندي مون ٿڪ محسوس ڪيو ۽ ان بسبت سام کي ڪجهه چيم. سام چيو: "آخر اهو ڪم به گذري ويو ۽ ٿڪ به گذري ويندو! اهو فقط من جو خيال آهي، جو تون چوين ٿي ته مان ٿڪجي پيئي آهيان؛ ڏهه پندرهن منٽ آرام ڪرڻ سان بت جو ٿڪ لهي ويندو ۽ بت اهڙي جو اهڙو تازو ٿيو پوي؛ پاڻ ڪم ڪان پوءِ وڌيڪ فرحت محسوس ڪبي آهي. ڪنهن نه ڪنهن ڪاريه ۾ مشغول رهڻ سو هن بت جي صحت لاءِ ضروري آهي. هي ٿڪ شايد روزاني عادت ۾ مٽ سٽ پوڻ ڪري ٿيو آهي، جو گهرو ڪم ۾ ايترو خفي تنجي ٿو. ڇو نه پاڻ کي سمجهائجي ته جيئن پڙهڻ، لکڻ هڪ ڪم آهي، جيئن بيمار سان ڳالهائڻ يا ڪيس دوا ڏيڻ يا ڪنهن ماڻهوءَ جو احوال ٻڌڻ هڪ ڪم آهي؛ تيئن گهرجي آٽي وٽي ڪرڻ به هڪ ضروري ڪم آهي."

درحقيقت مغزي يا خيالي ڪم وڌيڪ ٿڪائيندڙ آهي ۽ رڳن يا نسن (Nervous System) ۾ ٿڪ وڌيڪ جلد اچي ٿو. گهرو ڪم جز ۾ من کان بت جي ورزش وڌيڪ ٿئي ٿي ۽ خيال

ڪرڻ جي گھٽي گھرج نه ٿي ٿئي ، سي حقيقت ۾ گھٽ ٽڪا ٿيندڙ آهن . واجبي حد اندر جسماني ڪم بت ڪي تراوت بخشيندڙ آهي . جيڪو عضوو گھڻو هلاءِ ته انهيءَ تي قدرت جي پاڻ گھٽي مهر ٿئي ٿي . رت جو دورو ان ۾ وڌي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت اهو عضوو ٻين کان وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو ، جهڙيءَ سڄو هٿ اڪثر ڪٻي کان وڌيڪ طاقت وارو ٿئي ٿو . البت حد کان وڌيڪ ڪو بہ ڪم چڱو نہ آهي. تنهنجي حالت ۾ مون ڏٺو آهي تہ مونوٽ اچي ڪري تو ٻهرهائين تہ جسماني پورهيا گھٽا ڪيا ، جن تي اڳي شايد تون ايترو هريل ڪونہ هئينءَ . تون ڪڏهين شڪايت بہ ڪندي آهين . عام طرح هن ملڪ جي ماڻهن ۾ اهو خيال ويٺل آهي تہ جسماني پورهيو گھٽ درجي وارا ماڻهو ڪندا آهن . اهڙي پورهئي لاءِ اسان ۾ ننڍپڻ کان هڪ قسم جي حقارت رهي ٿي . پورهئي لاءِ ڪاموري ڪلاس ۾ خاص ڪري نفرت گھٽي آهي . ان جهوني وهم جي ڪري پڻ اسين پورهيو ڪندي جلد ٿڪجي پئون ٿا . حقيقت ڪري خود ڪم مان ايترو ٿڪ پيدا ڪونہ ٿو ٿئي ، پر اها هڪ خيال جي ٿڪاوٽ آهي . آخر بہ گھر ۾ ڪوڏريون ڪو نہ وهنا هڻون ، نڪو وڏا بوجا ٿي کڻون ٿا . پنهنجي لاءِ پاڻي ڀرڻ يا ماني رڌڻ ساوڏي ڳالهہ نہ آهي . نوڪرن تي ڀاڙڻ جي عادت هڪ قسم جي غلامي آهي . اهو پڻ ياد رکڻ گھرجي تہ شرڌا سان ڪيل ڪم نہ فقط وڌيڪ سهنجو ۽ سڦلو ٿئي ٿو ، پر ڪندڙ کي ان مان وڌيڪ فائدو رسي ٿو . شرڌا سان ڪم ڪرڻ سو آهي پوري آزاديءَ ۽ چاهنا سان ڪم ڪرڻ . شرڌا آزاديءَ جي پورڻتا ۾ پيدا ٿئي ٿي . غلام جو ، ٻئي جي ڏسيل ڪم واري قلل تي حق نہ ٿو رهي.

هڪ حاڪم پنهنجي نوڪر کي چوي ٿو ته وڃي هي پئسا خيرات ۾ ڏي. پئسن جي خير ڪرڻ جو جس ان حاڪم جو آهي ۽ نه ڏيندڙ جو. البت سنئين رستي وڃڻ ورا ڪرڻ جو جس نوڪر کي به ملي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح مجبوري طور انسان، جيڪو پاڻ کي لاچار سمجهي ٿو جيڪي ڪم ڪري ٿو، سو شيوا ڌاري سڏجي نه سگهندو ۽ نه ان ڪم جو ڪو به ڦل انکي پلءِ پوندو. شرڌا نه رکڻ ۽ ڪرڪي ڪم ڪرڻ سا مجبوريءَ جي نشاني آهي. تنهڪري شرڌا کان سواءِ اڌ دليو ڪم ڪرڻ نه جڳائي. خاص ڪري جڏهين اهو ٿاري سگهجي ته هرويرو اُن لاءِ يتن به نه ڪجي. ڪم جي اندر سادگي آڻي اهو گهٽي ياگي گهٽائي سگهجي ٿو. جيڪي گهرو ڪم تون ڪرڻ پئي سي اهين گهٽي ياگي ٽاري به سگهون ٿا، يا بدل سدل ڪري انهن جو بوجو گهٽائي سگهون ٿا. ڪم خود هڪ مقصد نه آهي، پر ڪم مان جو ڦل پيا گيان ... ۽ شرڌا اُپجي، سوئي هڪ مقصد سمجهڻ گهرجي."

مون سام کان پڇيو: "گهڙي ريت مٽ سٽ ڪري ڪم کان سُهڻن موڙ ڪري سگهجي ٿي؟"

سام وراڻيو: "مثلاً مون روزاني پنڌ جي ورزش جي بدران اڄ اهو ڪلاڪ گهر جي چند ڦوڪ ۽ صفائيءَ کي ڏنو؛ مونکي ورزش به ساڳي ملي ۽ ڪم به صفائيءَ جو نوڪرن کان سنو ٿي ويو. ورزش جي مٽ سٽ ۾ دل پڻ گهڻو خوش ٿئي. ٻرجي ساڳيوئي ڪم روئندي ڪريان ها ته ٿڪيم به وڌيڪ لڳي ها، ڪم به سنو نه ٿئي ها ۽ خوشيءَ جو ڦل به ڪونه حاصل ٿئي ها. اهو ٿيو بدل سدل جو مثال. ...ائيءَ جي سوال تي اچون: ايترو رڌڻ پچائڻ بلڪل ضروري

نه آهي. ميهڻن جا مهينا انسان اڻ رڌل، اڻ پڪل کاڌيءَ تي رهي سگهي ٿو. ميوو، کير، ڪارڪون، ڪچيون ڀاڄيون، ماکي، گُڙ وغيره پاڻ ۾ هڪڙو لذيذ ۽ صحت بخش خوراڪ جو ميل ٺاهين ٿا. جي ڪنهن انسان کي وڌيڪ طاقت وارو کاڌو کپي ته مٿين کاڌن سان سان اپريل ڪڻڪ، مڱ، چڻا، جوئر، وغيره ملائي سگهي ٿو، جن ۾ ليمو، ساڌو مصالح، لوڻ وغيره گڏي ٿوري تڪليف سان سٺو طعام تيار ڪري سگهجي ٿو. آهي سلا اڳوات پسائل اناج کي ڪپڙن ۾ بند ڪري رکڻ سان آپاري سگهبا آهن. اڃا به ٻيا ڪي طاقت وارا کاڌا کپن ته سڄيءَ ڪڻڪ جي تيار ٿيل ڊبل روٽي، ٻوهي مڱ ۽ ٻيون ڪيتريون شيون ان کاڌي جي لسٽ ۾ آڻي سگهجن ٿيون. تنهنڪري جي ڪم جي گهٽائي آهي ته گهڻي رڌ پچاءَ جي ڪا ضرورت ڪانه آهي، انگور، ڏڌ، گُڙ ۽ ڪارڪن سان ڏي روٽي کائي سگهجي ٿي. مطلب ته اهي ڳالهيون وڏي اهميت واريون نه آهن جو انهن لاءِ پاڻ کي ڏکائي اندر جي شانتي وڃائي ڇڏجي. پنهنجي من جو ٻئلنس يعني وزن هر حالت ۾ قائم رکڻ گهرجي. جنهن ڪم ۾ من اشانت ٿئي، اهو ڪم ئي سگهي نه ٽاري ڇڏجي. مونکي ته پنهنجي لاءِ آها اوسٿا من جي پري نظر ٿئي اچي جو سڄو ڏينهن انهن خسيس ڪمن ۾ منهنجو گذري ته به شانتي من جي مان نه وڃايان. حقيقت ڪري ٻهرئين ٻاراڻي ۽ جوانيءَ جي اوسٿا واري زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ هي پويان ويهه سال، جن مان پندرهن سال توسان گڏ گذريا آهن، سي زماني جي خسيس يعني ظاهري طور گهٽ اهميت وارن ڪمن ۾ گذاريا اٿم. مگر انهن کي گهٽ سمجهي پاڻ کي خفي ڪرڻ ۽ من جي شانتي وڃائڻ سا هڪ مورکائيءَ واري ۽ آتما لاءِ هڪ هاڃيڪار ريت ثابت ٿئي ها.

آن مان بلڊپريشر ۽ ٻين ڪيترين بيمارين جي وڌڻ جو ڪارڻ
پيدا ٿئي ٿو، جن ڪان هن وقت تائين بچاءُ ٿيو آهي. خفي
ٿي يا نا اميد ٿي تن ۽ من جي بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ يا پنهنجي
حياتي ڪوڙي ڪري ڇڏڻ جي بدران ڇونہ انهن نديڙن ڪمن
۾ خود پنهنجي حياتيءَ جو مطلب ڳولهيندو رهجي ۽ آهي
ڪم ايمانداريءَ سان پورا ڪري وجي ڀار پئجي؟ پاڻ وجي
ٻرپوءِ ڪي ارپن ڪجي ۽ چئجي تہ هي سائين، تنهنجي آهي
هيءَ سڄي ليلا ۽ تنهنجا ئي آهن سڀ نندا ۽ وڏا ڪم ڪاربون!
توُن پاڻ آهين ڪرتا پرتا انهن جو؛ اسين شڪرگذار آهيون
آن لاءِ جو تو پنهنجي مهر وچان، اسان جي فائدي لاءِ جيڪو
ياڳ سٿو سمجهيو سو اسانکي سونپيو آهي! پوءِ انهيءَ شردا
سان آهي گهٽ اهميت وارا ڪم پڻ وڏن ڪمن جيترو فائدو
رسائيندا ۽ وڏن ۾ وڏن ڪمن جيترو ميناج ۽ سمپورنتا ۽ ستنترتا
اسانجي زندگيءَ ۾ پيدا ڪندا جن جي حاصل ڪرڻ ۾ ئي
آخر سڦل زندگيءَ جو راز رکيل آهي ۽ جن جي وسيلي ئي
اسانجي زندگيءَ جي سچي تورنڪ ٿي سگهي ٿي."

* * *

٢٠-١٠-١٩٥٣ع - ڪيترا سال اڳي سام جڏهين سنڌيا
جي وقت پنهنجي ڌيان مان اٿندو هو، تڏهن مان ڪانئس روز
پڇندي هيس تہ خيال ۾ ڇا ڏٺو. لاڙڪاڻي ۾ اچڻ ڪانپوءِ
گهٽو ڪري نہ هو ئي ڪجهہ ٻڌائي نہ مان ئي ڪانئس پڇندي
آهيان. طيب ڇڏڻ ڪانپوءِ اسان ٻنهي ڪان اها عادت گويا
وسري ويئي آهي. ان وچ ۾ اتفاقاً جڏهين سام ڪان مٿيون سوال
پڇيو اٿم تہ هو هن نموني ڪجهہ چوندو آهي: پرڀم جا نوان
نوان روپ آهن؛ ساڳي ڳالهہ يا ساڳئي طريقي کي جهٻڙي
ٻوڻ ضروري نہ آهي!

اهڙيءَ طرح سنڌس سنڌيا جي وقت کان پوءِ رسالي، سکمني يا ٻئي ڪنهن پستڪ جي پڙهڻ جي عادت پڻ ڇڏي ڏني اٿم. زندگي ڏينهون ڏينهن نوان روپ وٺي ٿي اختيار ڪندي. پر انهن جي وچان ڏسان ٿي ته اسان جون آشائون يا آدرش گهڻو ڪري ساڳيائي آهن، پاڻ اڳي ڪن وڏيڪ چِٽا ۽ رنگدار نظر اچن ٿا. جيتوڻيڪ ٽيپ جي پيٽ ۾ هت مان گهڻو مشغول رهان ٿي، تڏهين به آهي مشغوليون چٽڪ ٻاهريون سمجهان ٿي؛ اندر ۾ انهن جي ڪري ڪو ڦيرو ڪونه پيدا ٿيو آهي. ڪالهه سنڌيا وقت وري چاهه ٿيم ته سام کان پڇان، ته ڪو درشيه ڏٺو؟ سنڌس خيالي درشين جو ڪتاب جدا، مختصر نموني لکيل، اسان وٽ آهي، جنهن ۾ اهڙا درشيه گهڻا درج ٿيل آهن. مگر مونکي خيال ٿيو ته نئون ڪجهه ٻڌان.

سام جواب ڏنو: "گهڻو ڪري هيٺئر مان ڪي درشيه يا روپ ۾ درشن نه ڏسندو آهيان. آهي شايد اڳي تنهنجي چاهنا جي ڪري وڌيڪ خيال ۾ ايندا هئا. تاهم اڄ هڪ ننڍڙو درشيه ڏٺم جو توکي پوءِ ٻڌائيندس."

پوءِ ٻڌائڻ جو سبب شايد اِهو هيو جو ميڊيٽيشن کان پوءِ يڪدم خيال جي ڪٽ ڪوٽ اٿ وڃڻ ٿيندي آهي. سام اُن بنسبت هيٺئن چيو: "توري ڪوشش کان سوا، جيڪي ڏسبو آهي، سو ياد نه رهندو آهي. جيئن خواب ڪوشش ڪري ياد ڪبو آهي ته من تي تري ايندو آهي، پرجي ڇڏي ڏبو اٿس ته من جي پوري جاڳڻ کان پوءِ وري مشڪل هٿ ايندو آهي، تيئن هي درشيه به سمجهڻ گهرجن؛ هي من ساڳيوئي آهي؛ منجهس ڪي جدا جدا طبق ڪونه آهن، مگر سنڌس اوستائن جون هي نشانيون آهن، جو هڪ ڪري

جاڳــــــ ننڊ کي بڻي، ياهڪ کـي سچيتائي واري ۽ ٻيءَ
کي من جي اچيت اوستا ڪري سڏجي ٿو. ننڊ واري حالت
چئجي يا پورڻ شانتي ۽ ويساري جي آها حالت چئجي.- ان ڪانپوءِ
جيئن جاڳ ۾ اچڻ ٿي ماڻهو پاڻ کي ٿورو اشانت پيو پائيندو
آهــــي، تيئــــن واد وواد ۾ اچـــڻ يڪـــدم ذرا آڻ
وڻندڙ لڳندو آهي؛ ڇا لاءِ جو انهيءَ وقت من پورو سجاڳ
نه رهندو آهي."

هينئر اڳي وانگر هر روز درشن اهڙا نه ڏسڻ بنسبت
سام وڌيڪ سمجهايو :"روپ خيال جو سهارو يا سمجهو ڏاڪڻ آهي.
اُن ڏاڪڻ جي خيال کي ڪڏهين ڪڏهين گهرج ٿيندي آهي،
خاص ڪري جڏهين من وشين جي سنگ ۾ گهڻو رهندو آهي
۽ جڏهين سنسار جي آميدن يا انتظارن جو منجهس واسو هوندو
آهي. طيب ۾ زميداري وقت واري حياتي اهڙي هوندي هئي
جو ڪمن جي ڪشمڪشا ۽ ڏيان جي وقت ۾ رات ۽ ڏينهن
جو تفاوت محسوس ڪبو هو. روزاني ڪشمڪشا کان پوءِ خيال هڪ
قسم جي آزاديءَ ۾ اچي ڦولاربو هو. ايڪانت ۾، خاص ڪري
سنڌيا وقت، پنهنجا گل ڦل باغ بهاريون اندر ۾ ڏاهيندو هو.
انهن جي سهاري جي پڻ ڪيس ڪي ڪي ٿيڻ لاءِ ضرورت
هئي. مگر جڏهين انسان گهڻو وقت پنهنجي خيال موافق چونڊيل
مشغولين ۾ رهي ٿو، ته هن جي خيال کي هن وجود مان
نڪري لاوجود ٿيڻ ۾ دير ڪانه ٿي پوي. اڪين بوٽڻ سان
خيال هڪدم آڏامي وڃي ٿو پنهنجي آکيري ۾ ويهي. سندس
رفتار تير وانگر تيز ٿئي ٿي. آهو وڃون رستو هڪدم لتاڙي وڃي
ٿو سڏي وات وڻي!

" اڄ ميروخان تعلقه جا ڪي ٻروچ هڪ پراڻو معملو
طيءِ ڪرڻ لاءِ آيا ۽ سچ لئي تائين ويٺا هئا. سندن پڪايون

۽ ٻي واڄبي ڳالھيون جون ڳالهيون خيال لاءِ ڪپت جو باعث هيون، يعني خيال کي ڪوجوديءَ ۾ اچڻ کان ڪجھ قدر روڪي رهيون هيون. تنهنڪري ڏي شايد مون اڄ هي ننڍڙو درشيہ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڏٺو، جيڪو توکي هيٺ ڦڏاڻي ٿو: ڏٺم ته مان هڪ ننڍڙي ٻار جي صورت ۾ ڪو ميوو لڪندڙ ڏسي پئي رهيو آهيان، مگر مونکي انهيءَ کان ڪو چڪي، چني، پري پري ڪري رهيو آهي؛ دل گهري پئي ته مان انهيءَ مٺي ميوي کائڻ ۾ لڳي وڃان ۽ ٻيو ڪجھ نه ڏسان، نه ٻڌان؛ مگر وچ وچ ۾ ياد ڪيرو هئن ٻروچن جي گفتگوء جو چٽڪ پلاند کان وٺي مونکي آن ميوي کان پري ڇڪي رهيو هوا پوءِ ڪرشن جي صورت ياد آئي؛ آن کي ڇهه مدد لاءِ سڏيائيم ٿي. جلد ڏٺم ته هو هڪ چوڪيدار ٻلجي پنهنجو شيام رنگي ويس ڌاري منهنجي چوڌاري پهرو ڏيئي، هئن خفي ڪندڙ خيالن کي ۽ دنيا جي وشين کي ۽ انهن سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي، جن ۾ آهي ٻروچ به هئا، مونکان پري ٻري ٻيو هڪاليندو ٻجي ي؛ مان آن وڌندڙ ميدان جي وچ ۾ آن شيام روپ-ي نيلي وڻ جي ڌاريءَ ۾ لڪيو پيو آهيان، جنهن جا ميوا به شيام رنگي ٿيندا ويا! ڪاري انگور وانگر پيا نظر اچن، انهن جي کائڻ ۾ محو ٿي ويس! فقط ڪڏهين ڪڏهين هٿ ڏسان پيو ته آهي وشيہ ۽ آهي ماڻهو ڪرشن چوڪيدار مونکان گهڻو پري پري تڙيندو پيو وڃي، جيئن ون ڏي نظر ڪيم تيئن، ڏٺم ته ڪنئين ننڍڙا ننڍڙا ڪرشن ٻالڪ مون وانگر انهيءَ وڻ مان ميوا کائي رهيا آهن! ميون تي وري نظر ڪيم ته ڏٺم انهن ۾ ٻڻ، يعني انهيءَ انگور جي داڻي ۾، وڏيڪ ۽ وڏيڪ چٽيريون شڪليون شيام جون ڏٺم؛ تنهن کان پوءِ، جڏهن ڪا جاءِ شيام ڪلا

سواءِ باقي نظر نہ آئي، تڏهين خيال ڪوجوديءَ ۾ گم ٿي ويو. من وڃي آنند پون ۾ سمايو؛ خيال سڀ غائب ٿي ويا. *

* * *

٢١-١٠-١٩٠٣ع — اسان وٽ رهندڙ هڪ ڇوڪري جو پيار هڪڙيءَ ڇوڪريءَ سان ٿي ويو آهي. هو هنڪي ماءُ يا پيءُ يا نياڻي ڪري سڏيندو آهي، مگر پاڻ ۾ هڪ بيحد اٿن. جيستائين هڪ ٻئي سان نہ ملن يا ويجها ويهي ڳالهيون نہ ڪن تيستائين بي چين پيا لڳن. مون ڇوڪري کي سمجهايو تہ پاڻ کي ڇو بيحال ٿو ڪرين؟ جتي ڪٿي وتين نيون نياڻيون ۽ دين جون پينر ناهيندو ۽ پاڻ ڦرائيندو. خاص ڪري ان ڏينهن جو منهنجو ڏنل هنداٺو پاڻ نہ ڪاڏائين ۽ بہ اڏ ڪري هڪڙو ان ٺٿنءَ ڇوڪريءَ کي ۽ پيو اڏ هڪ اگين ڏرم جي پينٺ کي ڏئي آدو، تہ مونکي دک ٿيو. ڇيو مانس تہ منهنجي هٿ جي شيءِ ڏنل مان گهٽ ۾ گهٽ پاڻ بہ ڪو ذرو ڪٿين ها! سام جڏهين اها خبر پڏي تڏهين ڇيائين :” مون سمجهيو تہ فقط هڪ ٽڪرو هنداٺي جو ڏنائين؛ پر مان هينئر خوش آهيان جو ٻئي ياڳا ڏيئي ڇڏيائين. البت ائين بہ سچ آهي تہ تنهنجي ڏنل شيءِ مان گهٽ ۾ گهٽ پاڻ بہ ڪو ذرو ڪٿي ها.

---

* هن تصور کي ٽوڙي پين کي اندروني معنيٰ آهي. آتم پد کي پهچڻ جو هيءُ هڪ طريقو ڏيکاري ٿو تہ ڪيئن من تصور دواران (جو هٿ ڪرشن جي صورت جو آهي پر پيو بہ ڪو ٿي سگهي ٿو) پنهنجي واسطن ۽ اڇائن يا انتظارين جي ڀري مان رفتہ رفتہ نڪري وڃي آنند جي چوٽيءَ کي رسي ٿو ۽ باقي آن ڪانسواءِ پيو ڪجهہ نہ ٿو ڏسي؛ هم اوست جي خيال ۾ غرق ٿي وڃي ٿو.هي هڪ خودبخود طريقو خيال جي واڌاري جو اظهار ڪري ٿو جو هترادو ڏيان ڪان وڌيڪ ڪارائتو آهي.

حقيقت هيئن آهي ته پريم هر حالت ۾ پاڪ آهي، چاهي ڪنهن سان به ٻڌي ۽ ڪهڙي نموني جو به هجي؛ فقط سچو يعني قرباني ڪان نه هٽندڙ هجي. پريم جو سچو مطلب ئي اهو آهي ته پنهنجي شخصيت يعني آپي ڪان نڪري وڌيڪ ڪشادي ميدان زندگيءَ جي ۾ اچجي. جو انسان پنهنجي اولاد زال، متر، دوست، يا ساٿيءَ سان سچو پريم رکي ٿو، اهو ازخود پنهنجون گهرجون گهٽائي انهن جون اڳي ڪري ٿو ۽ انهن جي ڀرجڻ ڪٿي لاءِ ساڳي چنتا رکي ٿو جا اڳ فقط پنهنجي پيٽ پالڻا يا سک لاءِ هيس. هاڻي، انهيءَ ۾ ڇڏو ته ڪهڙي برائي آهي؟ سنساري انسان جي پٿر جهڙي من کي پريم ڳاري نرم ڪري ٿو؛ شخصيت جي سوڙهي دائري سان ڪڍي خيال کي وسيع ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح پريم شخصيت ڪان وڏي ايشور سان خود ميلاپ ڪرائي ٿو. تنهن ڪري ئي چيو اٿن ته مجازي عشق حقيقي عشق جو هڪ ڏاڪو آهي. حقيقت ۾ فقط ڏاڪو نه آهي پر ڏاڪڻ جي چوٽي به آهي. اها ساڳي شيءِ خود آهي؛ راهه به ته مقصد پڻ آهي. سڀ شيءِ ۽ سڀ جيءَ کي هڪ آتما ڪري ڏسڻ ۽ انهن کي سمان سمجهي؛ انهن سڀني سان پريم رکڻ، سو سڀ ڪان اونچ درجو آهي. تنهن ڪان ٻيو درجو انهن جو آهي جيڪي ماڻهو انسان ذات سان يا فقط پنهنجي وطن سان محبت رکن ٿا ۽ انهن جي سي شيوا ڪن ٿا؛ جيڪي ماڻهو وري فقط پنهنجي گهر ٻار يا سا مترن سان فقط گهاٽو پريم رکن ٿا، سي به ٻئي پريمي آهن ۽ انهيءَ انسان جي پيٽ ۾، جو فقط پنهنجي پيٽ پالڻا يا نفس جي خواهشن لاءِ جيئي ٿو، ۽ اولاد، دوست وغيره ڪي نٿو ليکي، سندن درجو اونچو آهي. آخر محبت جي لهر وڃڙ سان ئي انسان پاڻ مان يعني پنهنجي خود مطلبيءَ جي ڪوهه

مان ٻاهر نڪري ٿو، پوءِ اها محبت ڪٿهن مان ٻ ڪٿي هجي."

* * *

مون وري ٻيو دفعو ڇوڪري کي سمجهايو ته جنهن صورت ۾ ٻيءَ ذات واريءَ ڇوڪريءَ سان تنهنجو حياتيءَ لاءِ ناتو ٻ ڪونه ٻڌي سگهندو ۽ جڏهن نوڪي اها تمنا ٻ ڪانه آهي ته مان ڪيس پنهنجو ڪرهان ته پوءِ ڇا لاءِ ٿو پاڻ کي ۽ هن کي رولين: ڇا لئي ٿو اهڙي راند ڇيڙين جنهن مان آخر ارمان ڪانسواءِ ڪجهه ٻ حاصل نہ ٿئي؟ ڇوڪرو فقط ٿڌا ساهه کڻي لڳو ۽ منهنجي ڳالهه جو ڪوبہ خاطر خواهه جواب ڪو نہ ڏنائين.

سام چيو: "هن حالتن ۾ منهنجي ٻ ڪيس اها صلاح آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ڇوڪريءَ جي بهبوديءَ لاءِ انهيءَ ناتي کي ٽوڙي ڇڏي: سندس سچي محبت خود اهڙي تقاضا ڪري ٿي. مگر حقيقت ۾ ڏوهه وچارن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو ڪونه آهي، جن ملڪ وچان ڪي رسمون انسان ذات پاڻ تي مڙهيون آهن، جي الاهي قانون جي برخلاف آهن. پريم هڪ آتميءَ سان واسطو رکندڙ چيز آهي جا تن من ۽ آتما جي خود خوراڪ آهي. پريم هڪ الاهي سوغات آهي ۽ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي وچ ۾ ذات پات، يا ملڪ جي حدن کان ٻاهر ٻ پيدا ٿي سگهي ٿو. اسان جي سماج کي اهي بندن ذات جا يا ريت رسم جا ٽوڙڻ ئي وڻن جيتوڻيڪ آهي گهٽي پاڳي ته فقط بيڪار ثابت ٿيا آهن پر انسانيت جي خلاف آهن. انهن شايد هجي ته هن حالت جي جهل ۽ گمراهيءَ واري ماحول ۾ انهن مان ڪي بندن اڻ آزمودگار، نـون مامانن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ چڱا آهن: پر جن جو من جاڳرت آهي، جن جي دل زنده آهي، انهن جي لاءِ هيءَ حياتي، ريت

رسم سان جڪڙيل، ڪهڙي نه اهنجي ٿيو پوي، اگرچ سچي پريميءَ لاءِ هر حالت ۾ خوشي ۽ آنند آهي! جيڪڏهين سچو پريمي انهن ٻنڌنن کي بيڪار سمجهي تڏهين به سندس مزو پريم جو ٽٽڻ نه کپي. هو قربانيءَ ۾ اهو مزو من جو وڏائي سگهي ٿو؛ هر حالت ۾ پنهنجي فرض ادائيءَ ڀيو ڪري، چاهي اهو ناتو پريم جو ما پري ڪان ڏسڻ پسڻ جو ٻـه قربان ڪرڻو پوئس. عشق وارن کي هر هميشه دل اندر آنند سمايل آهي. البت دنيا وارن جي حال تي ارمان آهي جو انهن هـــن ڌرتيءَ کي خود انسان لاءِ هڪ قيد خانو بڻائي ڇڏيو آهي."

* * *

٨ - ١١ - ١٩٥٣ع - ريل گاڏيءَ ۾ هٿامونءَ؛ وڻ ٽڻ ۽ ٻنـن جا نظارا سهڻا ڏسي، سام آن ڇوڪري کي سندس پيار واريءَ ڇوڪريءَ جو نالو وٺي چيو: " اڄ ته اها ڏيکاريونءَ! گاڏيءَ جي دريءَ ڪان وڻن جي قطارن وغيره ڏانهن اشارو ڪري هڪي چيائين: " انهن سڀني شين ۾ اهـــا سونهن سمايل ڏس. بلڪل ساڳي اتيئي!"

ڇوڪري تڏا سام کٽي چيو: " پوتار، چرچا ٿا ڪريو!"

تنهن تي سام چيس: " مان قسم کٽي ٿو چوان تــــه هي چرچو نه آهي؛ اها خود آني ٿي آهي جا سونهن، جيڪو تجلو تون ڏسي موهت ٿيو آهين؛ اها الاهي نور جو هڪ جزو آهي! هي قدرت جو نماءُ به ساڳي نـــور جو ظهورو آهي. آهو هت، هتن سڀني شين ۾ سمايل سمجهه! اهـو ڪنهن خاص روپ تائين محدود نه آهي مگر هر روپ ۽ هر شيءِ ۾ سندس واسو آهـي! محبوب کي هٿ ڪرڻ جي تمنا سا پڻ قدرت سان سليل انسان جي هڪ ذاتي خواهش آهي. مگر ان کي هٿ ڪرڻ سو حقيقت ۾ آهي آن ۾ پاڻ سمائڻ. جڏهين ڪيس هر صورت ۾ ۽ هر شيءِ

۾ سچائيءَ ۽ پاڻ هر صورت سندس ۾ سمائبو، تڏهن ئي پوريءَ طرح هن کي پائي سگهبو. هيءَ سڀ سونهن آها ساڳي تمنا پيدا ڪري ٿي. ان ۾ ڪا خيال جي ڪچائي ڪانه آهي، مگر اِها خيال جي وڏائي آهيا دک تڏهين ٿو پيدا ٿئي، جڏهين سوهه وچان اسين آن پريتم جي ذات کي سچائيءَ نتا سگهون؛ نه ته حقيقت ۾ اهــا توسان سدائي ساڻ آهي. عشق کي وصل جي ڇا پرواهه آهي؟"

سون انهيءَ ڳالهه تي اعتراض آندو ۽ چيم: "اِهو وري ڪهڙو پريم ڇيبو جو ڪڏهين هن ڇوڪريءَ سان ته، ڪڏهين هن ڇوڪريءَ سان پيو لڳائي؟ وري ڪيتري ۾ اکين کي وساري ۽ نين جي ڪڍ پيو ڦري؟ هي ته نفس ٿو انسان کي رلائي."

سام چيو: "عشق هڪ پوتر آگ آهي، جتي ٻري آڻي نفس کي جلائبو ڇڏي. هر حالت ۾ سندس ستڪار ڪجي. ڪنهن به صورت ۾ ان مان برائي پيدا ڪانه ٿي ٿئي. اهو حسن يا الاهي نور ڪڏهين هت ڪڏهين هت پيو وسي، مگر ذات ان جي ساڳي آهي توڙي جو روپ انيڪ ٿو ڌاري. عشق جي ذات به هڪ آهي. ڪٿي اونهو ڪٿي پترو، مگر آهــي ساڳيوئي عشق. پريم تن ۽ من جي اُچا ترن خواهشن کي نٿو ڇڏجي. مگر آن اندروني اڪير کي اسان ڇڏيون ٿا، جنهن ۾ پاڻ پنهنجو اول پاپي وڃي ٿو ۽ نفس صفا مري وڃي ٿو. عاشق پنهنجي محبوب تي سر به صدقي ٿا ڪن. پريم جــي پريکشا آهي قرباني؛ تنهنڪري عاشق هــرو پرو ڪنهن خواهش پوري ڪرڻ جي تمنا نٿا رکن نه معشوق کي ان لاءِ ستائن ٿــا. پين جي خوشي کي هو لتاڙڻ نه ٿا گهرن، پر جي معشوق جي خود ڏسڻ پسڻ کان به ڪين روڪيو وڃي ته هو ان ۾ الله جو امر سمجهن ٿا، پاڻ کي ڪاڻ سان به هو گويا

جڳهه ۾ صورت هڪ جي سمائي نٿا ۽ آخر مڪي پنهنجي نفس کي نابود ڪن ٿا. هر جڳهه ۽ هر صورت ۾ هو يار کي ڇاڻي اُن کي ئي سجدو ڪن ٿا. اها ظاهر ۾ ڪهڙي روپ جي خود ديدگرائي حسن جي مان پيدا ٿئي ٿي، جو هر جڳهه سا ڳيو حسن سمايل آهي.

”هڪ ڪڙميءَ جي ڳالهه آهي جو هڪ بزرگ وٽ آيو ۽ کيس اچي چيائين ته مونکي طالب ڪريو ۽ الله سان ملايو. اُن بزرگ اهڙو سادو سوال ٻڌي کيس چيو: تون ڇا ڪندو آهين؟ هن ورنيو ته مان ڪڙمي آهيان ۽ کيتيءَ جو ڪم ڪندو آهيان. کانئس مرشد پڇيو ته تنهنجي ڪهڙي شيءِ سان محبت آهي؟ ڪڙميءَ چيو ته مونکي ڏاندن جو هڪ جوڙو آهي جن سان منهنجي سڀ کان گهڻي محبت آهي. تڏهن ان بزرگ چيس: ”الله جي صورت به بلڪل ڏاند وانگر آهي؛ تون سڌي رستي تي آهين؛ فقط پنهنجي عشق کي پڪو ڪر!“ پوءِ کيس هڪ سوڙهي درواري واري جاءِ ڏيکاري چيائين، هت ويهي تون الله جو ڌيان ڪر ۽ اُن جي صورت پاڻ اندر سماءِ.

ٿورن ڏينهن بعد اُن بزرگ وٽ اچي کانئس پڇيو ته ڇا حال آهي؛ هن کي ٻاهر اچڻ لاءِ سڏيائين ته هو جلد اُٿي نڪري آيو. تڏهين مرشد کيس چيو اڃا تنهنجو خيال پڪو نه آهي! وري وڃي الله جي صورت پاڻ ۾ سماءِ! ڪجهه عرصي بعد ان بزرگ سمجهيو ته هاڻي هي پڪو ٿيو ٿو ڏيکارجي. سندس آزمودي وٺڻ لاءِ کيس سڏ ڪيائين ته ٻاهر نڪري اچ. تڏهين طالب چيو: ’مرشد سائين، در سوڙهو آهي. ٻاهر ڪيئن اچان؟‘ هو پاڻ کي هڪ ڏاند مثل وڏو ۽ سڱيارو سمجهڻ لڳو! تڏهين هن کي الله جي ذات جو سچو گيان ڏنائين ۽ چيائين:

’پاڻ کي پنهنجي پريتم سان هڪ بنائڻ سوئي رستو کيس هٿ ڪرڻ جو آهي،‘ پلا پنهنجو پاڻ ان ۾ گم ڪرڻ يعني نفس کي مارڻ سو ڪيئن ٿو خراب ٿي سگهي؟ ڏاند يا ڪنهن انسان جي صورت دل ۾ سمائي يا نرگڻ روپ الله جو ڌيائي، سامڙيوئي ساڳي ڳالهه آهي. جنهن کي مجازي عشق چئجي ٿو، سو به نفس کي مارڻ لاءِ ساڳيءَ ريت ڪارگر ٿئي ٿو؛ تنهنڪري ئي مون چيو ته عشق هر صورت ۾ پاڪ آهي.“

مون چيو: ”مونکي اها ڳالهه پوري سمجهه ۾ نه آئي ۽ نه اهو نيڪ ٿو لڳي ته اهو اسان جو ڇوڪرو ڏيا کو پيو پريم جي بهاني هن ٻن ڇوڪريءَ جي ڪڍ رلندو رهي. منهنجي اعتراض جو سبب اِهو آهي جو هن ڇوڪري جي هلت ڪچائيءَ واري آهي؛ اهو قربانيءَ جو انگ منجهس ڪونه ٿي ڏسان، جنهن جو توهان ذڪر ڪريو ٿا. پريم لاءِ قرباني ته خوشي پيدا ڪندي آهي. مگر هن جي منهن ۾ اها خوشي ڪٿي آهي؟“

سام چيو: ”اِهي ڪامل عاشقن جون منزلون آهن. جيڪڏهين نڌيڙن انسانن ۾ اهي نشانيون اڃا ظاهر نه آهن ته ائين به نه سمجهڻ گهرجي ته اهي اصل پيدا نه ٿينديون. ائين چائڻ کپي ته ٻڪ اهو هتوڙو آهي جو هن من جي پهاڙ کي هوريان هوريان ڳاري، آخر واريءَ جا داڻا ڪري ڇڏي ٿو. اسان جو سڪ وارن کي سلام آهي!“

جڏهين گهر موٽي آيا سين ته انهيءَ ڏي رات جو اتفاقاً هڪ ڪتاب منهنجي هٿ آيو. مون ساڳي قسم جون ڳالهيون ان مشهور ڪتاب لوس جون پڙهي سام کي ڏيکاريون. سام کلي چيو: ”چئبو ته توکي پڇاڻ پوري نه آهي؛ جڏهين ٻئي هنڌان توکي تصديق ملي ٿي، تڏهين تون سچ کي سڃاڻين

ٿي، مگر مهربانين امان جي ڳالهين جو ملهه ڪٿي نه ٿي سگهيس!"

* * *

٣-١٢-١٩٥٣ع - مٿي ڄاڻايل ڇوڪري جو پيار جو ذڪر وري به ڪريان ٿي. هو چوندو آهي ته اها ڇوڪري منهنجي نماڻي آهي ۽ ڪيس 'امان' 'امان' ڪري پڻ سڏيندو آهي. مگر سندس انتظاريءَ ۾ جسماني جوش ۽ طلب جي تاس ڏسي ماڻهو ان ڳالهه جي هسي ڪندا آهن ۽ سام پڻ چوندو آهي تہ منجهس ڪا لڪل ڪچائي خيال جي ضرور آهي، جنهن ڪري هن جا هاڻوڪا واسطا هن ڇوڪريءَ سان خراب نه آهن. ان ڇوڪريءَ جي نانءَ ڪنهن وقت ڇوڪرو سندس نالي پٺيان 'بادشاهه' اکر شامل ڪندو آهي. تازو سندس ٿوري وقت لاءِ جدا ٿي وڃڻ تي ڇوڪري جي منهن ۾ گهڻو ناراضپو ۽ ڪروڌ نظر آيو: جڏهن گهر دوستن ۽ خود پاڻ سان بيزار آهي. پنهنجي غم ٽارڻ لاءِ صبح ۽ شام نشو ڪري پاڻ کي ويساري جي حالت ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو: ڪاڏو پيتو به گهڻ ڪري ڇڏيو اٿس. سام کيس گذريل رات چيو: "ذرا غور ڪر: تون پنهنجي پياريءَ کي بادشاهه ڪوٺين ٿو: بادشاهن سان جن جا ناتا ٻڌندا آهن سي تہ سدائين پاڻ کي شاهوڪار سمجهندا آهن. عشق جي بادشاهيءَ ۾ هميشه خوشي ڏسي خوشي آهي. پنهنجي خيال جي چڪاس ڪري ڏس، متان عشق جي بادشاهيءَ ۾ نه پر نفس جي ملڪ ۾ وڃي واسو ڪيو هجيئي! عشق جا پوڄاري تہ سدا مست رهندا آهن ۽ نه تہ وانگر ڦريا ماريا نظر ايندا آهن. پريم تنهنجي ته گهڻ ۾ گهٽ تو وٽ آهي. اهو ڪنهن تو کان جدا ڪونه ڪيو آهي. جي سچو هجي ته اڄ

مان سڳنڌ سچ جي ڇونه ٿي اچي؟ هي ڪروڌ ۽ رنج جي بدبوءِ ڪٿان ٿي اچي؟ پيڙا جيڪا تنهنجي منهن ۾ ظاهر آهي سا ڏيکاري ٿي ته تنهنجي پريم ۾ ڪا گهٽتائي آهي."

سام وڏيڪ چيو: "مان ائين نٿو چوان ته غم ڪو عاشقن کي ڪونه ٿيندو آهي. مگر اهو غم نرالو آهي. اهو پورن آنند جو فقط ٻيو نالو آهي، جنهن ۾ نه خفقان هجي ۽ نه ماڻهو چتو ٿي پوي. اهو الاهي غم صبر ۽ دل جو صلح وڌائيندڙ آهي. منجهس ٻين شين جو ترڪ هن ڪري آهي جو من ٻين ڳالهين کان ٻاسو ڪري هڪ محبوب جي خيال ۾ گم ٿيڻ گهري ٿو. حقيقت هيئن آهي ته سڪ ڪوڙ ۽ ڪچ کي ڪوري ٻاهر ڪڍي ٿي، جنهن ڪري سڪ وارن جو چهرو سدائين صاف ۽ نرمل رهندو آهي. پر تون ته پاڻي اهڙو منهن بڻائي ٿو گهمين، جيئن چوندا آهن ته ڪا ٻلي ماري ويٺو آهين. اُٿ! جاڳ! جي سچو عاشق آهين ته ڪيئن چڙ! تنهنجي پياري توسان ٿي آهي. هي بت ناسونت آهي جو عمر وڌڻ ٿي ڪروپي بڻجي ٿو پوي. ان بت جي چاهنا رکڻ سچو عشق نه آهي!" * * *

٢٤-١٢-١٩٥٣ع — مان سام سان گڏجي صوفي صاحب جي گهر ويس. سام ڪي اچ ڪالهه ٻين پوزيشن رکندڙ دوستن جي سنگت کان صوفي صاحب سان ملڻ وڌيڪ وڻندو آهي. خاص ڪري هن جي سادگيءَ جو نمونو ۽ سندس نياڻي، جنهنکي سام پنهنجي نياڻي ڪري سمجهندو آهي، تنهنجو چاهه ڏسي هن کي صوفي صاحب وٽ وڃڻ وڌيڪ وڻندو آهي. ٿورا ڏينهن اڳ سندن چلهه ٿي، ٻاهر جي اکيان، هيٺ ويهي جڏهن چانهه پي آياسين (ان وقت خاص ڪو گيان جو گفتگو به ڪو نه ڇڙيو هو) تڏهين گهر اچڻ تي مون سام کي چيو: "دير ٿي وئي

اٿو! هن وقت توهين سنڌيا تي ويهندا يا موکان سکمني صاحب پڙهندا؟

سام جواب ڏنو: ”پريئر ته اڄ تي چڪي آهي.“

سندس مطلب اهو هو ته صحبت ۾ سانت جون گهڙيون جيکي صوفي صاحب جي تڏي تي گذاريونسين سي خود پريئر جون گهڙيون هيون.

صوفي صاحب جي گهر پهريائين وڃڻ وقت ڏٺوسون ته صوفي صاحب پاڻ گهر ۾ ڪونه هو. ان ڪري سام مونکي چيو ته تون ٿوري دير سندس گهر جي ماڻهن سان ويهه ته مان ڪجهه پنڌ ۾ پنڌ ڪري اچان. سام البت دير ڪري موٽيو. مون ڪارڻس سبب پڇيو ته چيائين: پراڻو هڪ دوست مليو جنهن چيو ته مان به توهان سان گڏ جي هلڻ ٿو گهران ۾ جي توهان کي اعتراض نه هجي ته مان کي سوال به اوهان کان پڇان؛ پوء هن کي گيان جون ڳالهيون ڇيڙيون. واهه جي پرتي، هڪ سهڻو آستان ڏسي ڪجهه دير ويهي رهياسين. مون تڏهن سام کان پڇيو ڪهڙيون ڳالهيون ڇڙيون ۽ ڇا ڇا ڳالهايؤ، سو مونکي ٻڌايو. اهي ڳالهيون وري ياد ڪري سام مونکي ٻڌايون: سام کان ان دوست پڇيو توهين هت ڪيئن آيا آهيو؟ سام کيس چيو ته صوفي صاحب اسان جو جهونو دوست آهي، ان سان گهڙي کن رهاڻ ڪندا آهيون. پر هو هن وقت گهر ۾ ڪونه آهي؛ جنهنڪري ٿورو پنڌ ڪرڻ وڃون ٿا.

تڏهن ان پريميءَ پڇيو: ”رهاڻ توهان کي ڪهڙي وڻندي آهي؟ ۽ پهريائين رهاڻ ڇئو ڇاڪي ٿا؟ جنهنکي اسين عام طرح روح رهاڻ چئون ٿا؟ اهو سچ پچ ته من جو پتڪڻ آهي ۽ خيال کي اجايو دوڙائڻو آهي. ڪتاب پڙهڻ، گيان جا نڪتا ڳولي ٻڌائڻ، هن هن ڳالهه تي رايو ڏيڻ سو خيال جو پتڪڻ ئي آهي. ان کي توهين رهاڻ ٿا چئو ڇا؟“ سام چيو: ”اسين پيو ته ڪجهه ڪو نه

ڪندا آهيون؛ چپ چاپ ۾ ڪڏهين چانهه پيئندا آهيون يا ڪا اتفاقي ڳالهه نڪري ته انجو جواب ڏبو آهي نه ته ڪو گيان گوشٽ سعيو ڪري ڪون ڇيڙيندا آهيون. هاڻي توهين اسانکي ٻڌايو ته سچي رهاڻ ڇا آهي؟"

هن وراڻيو : " هيءَ آتما ديهه کان نياري آهي؛ جيتر پاڻ کي ايڪانت ۾ ويهي ديهه کان جدا نه سمجهبو ۽ سڀ کان پري ٿي ڌيان پرماتما جو نه ڪبو، تيستائين نه من ڏڪاڻي ايندو نڪو سنگ يا سچي رهاڻ ٿيندي؛ نه آنند ٿي من کي ملندو."

سام کيس چيو : جدا ٿيڻ جي هروڀرو ضرورت نه آهي. جڏهين گيان پورن ٿئي ٿو، تڏهين جسم ٿي نظر نٿو اچي؛ هي سڀ ان کي آتما جو پسارو نظر اچي ٿو؛ تڏهين سڀ پاڻ ٿي پاڻ پيو نظر ايندو. پوءِ ان کي اڪيلائيءَ جي يا جسم کان جدا ٿيڻ جي ڪا گهرج ڪانه آهي. گهمندي، کائيندي، پيئندي، ڳالهائيندي يعني هر حالت ۾ آتما پرماتما جي سنگ ۾ رهي ٿي."

ان دوست چيو : " اهو تڏهين ٿيندو جڏهين ڪو ڪامل گرو هٿ ايندو ۽ اهڙا ساڌن ڪرائيندو؛ ساڌن کانپوءِ گيان جي اک کلندي. تڏهين پيو ڪجهه برابر نظر ٿي نه ايندو."

سام کيس چيو : "گرو به هڪ ذريعو يا ٻهانو بڻجي ٿو؛ ڪامل گروءَ جو سنگ پريم ۽ شرڌا وڌائي ٿو. تنهنڪري پريم ۽ شرڌا خود گرو ٿي سگهن ٿا. گيان جي اک پريم کولي ٿو جيئن شاه صاحب چيو آهي : ' سڪ رسائي سهڻي اصل عاشقن.' سڪ يا شرڌا خود گرو آهي!"

ان پرديميءَ چيو : " گروءَ جي ڏس کان سواءِ ڪيئن ٿو ماڻهو گيان پائي سگهي؟ شرڌا ۽ پريم گيان کان سواءِ اندا آهن."

سام کيس چيو : " مگر اهي گيان رهت نه آهن. پريم ۽ شرڌا خود گيان پاڻ ۾ سمائن ٿا. ڀائي ڪبير جو گرو سنت رامداس هو.

اهو هڪ برهمڻ هو ۽ ظاهر ۾ ڌرم جي پابندي رکندو هو. ڪنهن مسلمان يا اڇوت کي نه ڇهندو هو. اهو سندس ٻاهريون طريقو يا هڪ قسم جو لڪ هيو. ڪبير کي موقعو نه ٿي مليو جو ان وٽ وڃي گر منتر وٺي. آخر جنهن وات سان اهو سنت اسر جو روز اشنان ڪرڻ لڳهندو هو، ان وات ۾ وڃي ڪبير ڪپڙو پائي سمهي پيو ته اڪيلائيءَ ۾ اسر جو سائس ملندس. جيئن ڪبير کي اونداهه ۾ سنت رامداس جي پير جو ٺڏو لڳو ۽ سنت کيس هي اکر چيا، 'اونو ڀائي رام بولو!' تيئن ڪبير کي گيان اچي ويو. هنکي انهن اکرن ۾ گر منتر ملي ويو ۽ هن جو ڀڃيس ٿي ويو. سندس پير جو ڇهڻ سو گويا کيس آسيس برابر لڳو. هو ان کانپوءِ سوامي رامداس کي گرو ڪري سمجهڻ لڳو. سندس گروءَ کيس پيو ته ڪجهه ڪو نه سيکاريو. تنهنڪري گروءَ کي فقط پريم جاڳائڻ جو ڀانو ڪري سمجهو. اهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ جي هڪ ڳالهه آهي؛ چون ٿا ته هو هڪ رستي تان لنگهيو ٿي، جڏهين هڪ ريڍار ڏنائين جو الله کي غلط نموني پڪاري رهيو هو ۽ سڪ سان الله کي چيائين ٿي ته اي دوست تون مون وٽ اچ ته مان توکي پنهنجن رڍن جا کير پياريان، ڏڌ مکڻ ۽ ماني کارايان! حضرت موسيٰ سمجهيو ته هي ڪفر پيو ڪري، ڇالاءِ جو الله بي چون ۽ بي مثل آهي. تڏهين هن کي پنهنجي غلط راه تان موڙڻ لاءِ کيس صحيح وصفون خدا جون ٻڌايائين. هن ريڍار جي دل کي صدمو پهچي ويو ۽ هن الله سان رهاڻ ئي بند ڪري ڇڏي. چون ٿا ته حضرت موسيٰ کي انهيءَ وقت الاهي اعلان ٿيو ته 'اي دوست منهنجا! تو هي ڇا ڪيو، منهنجي هڪ عاشق کي مونکان جدا ڪري ڇڏيءِ!' هنن مثالن جو مطلب هي آهي ته ان ريڍار کي يا ڪبير ڀڳت کي وڏي گيان يا لڪل علم ۽ فيلسوفيءَ جو ڪو راز ڪو نه ٻڌايو ويو هو. مگر هنن جي شرڌا ۽ پريم سندن لاءِ سچي گيان جو خزانو کولي ڇڏيو ۽

ان پريم دوارا وڃي آتما پرماتما سان ملي. تنهنڪري پريم کي خود گيان سمجهو ۽ پريم کي ئي گرو ڪري سمجهو."

ٻيو سوال جيڪو هن دوست اٿاريو، سو هي هيو: " آتما اصل ڇا آهي؟ پڇاڙيءَ جو چون ٿا ته آدپرش الڳ، نيارو يعني واحد هيو، تنهن پوءِ پنهنجي خوشيءَ لاءِ هيءَ مايا يعني ڪثرت ڪيئن رچي؟ اهو الڳ روپ ڪهڙو هو؟"

سام ڪيس چيو: " پاڻي هي ڳالهيون شايد توهان ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيون آهن. گيتائي ڪتاب ۽ گيتائي فلسفو دنيا ۾ آهن. پر اٿين سمجهڻ ته پڇاڙيءَ پرماتما هن مايا کان الڳ هو ۽ ڪنهن سمي ڪانپوءِ هي روپ رچيائين، سا ڪنهن گيان جي تجربي جي ڳالهه نه آهي. ڀلا توهان ٻي ٻڌايو ته ڪهڙي صديءَ يا سمي ۾ هو الڳ هو ۽ ڪڏهن کان وٺي هي جهان جوڙيائين؟ انهيءَ 'پڇاڙيءَ' يا 'پوءِ' جو مطلب فقط اهو ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ پاڻان ٻاهر اچي ٿو يا قول مثل پنهنجي مکڙيءَ مان تڙي ظاهر ٿئي ٿو ۽ وري قول مثل ٻج ڪري يعني پنهنجي هستي سميٽي سوڙهي ڪري اصلوڪو روپ وٺي ٿو؛ مطلب ته وحدت مان ڪثرت ۾ ڪثرت مان وحدت ۾ اچي ٿو. مگر مايا سچي سنڌس ئي آهي. جو ڪجهه آهي سو آد کان موجود آهي. جيئن تون ٻاهر کان جدا ڪري نٿو سگهجي، تيئن هيءَ مايا ايشور کان الڳ ڏيکائي نٿي سگهجي. اها 'پڇاڙيءَ' يا 'پوءِ' ڪال ۽ ديس جي ويچار تي ٻڌل هڪ ٻار ڌڙ خيال آهي؛ اٿين چوڻ غلط آهي ته پڇاڙيءَ ايشور الڪ ۽ نرگڻ هو ۽ پوءِ هي گڻ ڌارڻ ڪيا اٿس! جيئن پاڻي آلاڻ کانسواءِ ۽ سورج روشني بن ڏيکائي نٿو سگهجي، تيئن پرماتما هن مايا کان الڳ ويچاري نٿو سگهجي. ايشور پنهنجي انهيءَ کان الڳ نه آهي. جيو جسم سان گڏيل آهي. هن پڙدي مڃهارون ئي جهاتي پائي آهي. الڪ انهيءَ سچيءَ مايا جي پٺيان آهي. پر پٺيان اکر فقط هڪ خيال ظاهر ڪرڻ جو

نمونو آهي ۽ ائين نہ تہ ڪا وٽي يا مفاصلو تصور ڪري سگهجي ٿو.
ايشور جي نرگن ۽ سرگن روپ ۾ ڪو ذاتي فرق ڪو نہ آهي.
اوهان کي پهريائين پاڻ کان پڇڻ گهرجي تہ مان ڇا آهيان ۽ منهن
جو مقصد ڇا آهي ۽ انهيءَ مقصد تي پهچڻ لاءِ مان ڇا ڪريان؟
ان ۾ سچي ڪرم ۽ گيان وارو فلسفو سمايل آهي.

” پيون ڳالهيون هتان هتان چونديءَ انهن مان انومان ڪيڻ سو
آهي خيالي بوتا گهڙڻ. هٽ هٽ هتوراڙن هٽڻ بدران سٽيءَ جي
ڳولا ڏاڍي جي ڇيڙي مان ڪريو ۽ ڏاڍو هٽ آيو تہ سٽي پاڻهي
هٽ اچي ويندي. توهين جيڪي سوال پڇو ٿا تن مان ظاهر آهي تہ
توهان ڳالهين پڙهڻ يا ٻڌڻ ۾ مشغول رهيا آهيو ۽ پنهنجي ڪوجنا
خيال جي ڪا نہ ڪئي اٿو.“

روح رهاڻ بنسبت سام ڪيس وڌيڪ هيئن چيو: ” روح رهاڻ
جي معني اها نہ آهي تہ عقل جا ويهي آڏا سوال پڇجن يا دليل‌بازي
ڪجي. دليل بازي ڪنهن حد تائين ڪارگر ٿئي ٿي، تنهن کانپوءِ
خيال انجي بندن کان آزاد ٿي وڃي ٿو ۽ بنا دليلبازيءَ جي ڳالهه
ظاهر ڪري سگهي ٿو، فقط ٿورن اشارن سان. جيڪڏهن پريم ۽
شرڌا موجود نہ آهن تہ ٻڌائيندڙ ۽ ٻڌندڙ کي اهڙن دليلن مان ڪو بہ
فائدو ڪو نہ ٿو رسي. پريم، جنهنجي هڪڙي صورت اعتقاد يا شرڌا
بہ آهي، سو گيان جو سچو ماڻ آهي. تنهنڪري گيان جي ڏي
وٺ لاءِ محبت يعني سڪ واري سنگ جو ذريعو ضروري آهي. روح
رهاڻ ان کي چئبو آهي.“

★ ★ ★

٣٠-١٢-١٩٥٣ع - اڄ صوفي صاحب اسان وٽ آيو. اڳئين رات
ناٽڪ تي ويو هو، جنهن جا احوال ڏيندي چيائين: ” مونکي خاص
ڪري اها سين وڻي جنهن ۾ مورتيءَ اڳيان پريئر ۽ التجا ڪري
ڪري ڪيل وارن انڪترن الله کي زور سان ٿي ٻاڏايو! پريئر ڪٿي
مورتيءَ اڳيان ڪجي يا الله کي ٻئي ڪنهن نموني سان ٻاڏائجي،

هو اسانجي اندر جي سچي آهہ ضرور اگھائي ٿو.“

سام تڏهين پنهنجو هڪ ٻہ آزمودو ٻڌايو؛ چيائين: ”ان ٻاڏائڻ ۾ جيڪا ڏک وجودي پيدا ٿئي ٿي سا ئي آس پڄائي ٿي. الله کي ست چت آنند ڪري ڪوٺيو اٿن. چت بہ انهيءَ کي ضرور آهي. جڏهين چت چت کي جاڳائي ٿو، تڏهين اهو اڇي ٿو انسان جي مدد ڪري. اها چت شڪتي هن سڄيءَ سرشٽيءَ ۾ موجود آهي ۽ نہ انسان تائين محدود آهي. البت سندس روپ گهڻا آهن. اسين انهيءَ کان ناحق وڇڙيل رهون ٿا. پاڻ کي اجاين خفقانن ۾ وجهي من کي منجهائي گويا پاڻ کي ڇورو ڇنو بنايون ٿا. اڄ ڪالھ جي ريت رهڻ جي ۽ انسان جي وڌيل طلب سک ۽ عيش جي، دل جي مٿان گهڻو بوجو وجهن ٿا ۽ من تي اڳيان جو پڙدو ڏرن ٿا. ان اندروني خيال جي ڏارا مان اسين ڪو بہ فائدو ڪو نہ ٿا وٺون، جا اسانکي سڀ کان اعليٰ طاقت سان يعني پرماتما سان ملائي سگهي ٿي. فقط تڏهين ئو خيال انسان جو سجاڳ ٿئي، جڏهين ڪيس ڪو وڏو ڏک اچي ستائي ٿو. ان ڪري ئي شايد گهڻا ڏک انسان جي زندگيءَ ۾ ڪاهي پون ٿا جو الله انکي سجاڳ ڪرڻ چاهي ٿو. الله انسان جو دشمن نہ آهي. ڏک ان لاءِ انسان پسي ٿو تہ انهن جي معرفت انسان پنهنجو وڃايل پاڻ وري هٿ ڪري سگهي. الله اسان کان پري اصل نہ آهي. فقط اسين ڏسڻ واريون اکيون ۽ ٻڌڻ وارا ڪن ڪين ٿا رکون.“

١٩٥٣-١٢-٣١ع - رسويو اسانجو هتڙي ڪو نہ آهي. صوفي صاحب جڏهين شام جو آيو تڏهين ڪيس ٻڌايوسون تہ اڄ اسان وٽ هنڌي ڪا نہ چڙهندي. ٻڇيائين، ڇو؟ مون ڪيس چيو تہ هونئن بہ اسين رات جو گهڻو ڪري ڪا ڪچي ڀاڄي ۽ ٿورو ميوو، کير وغيره کائي سمهي پوندا آهيون؛ پر اڄ تہ مجبوري طور ائين ڪبو صوفي صاحب چيو: ”مان پاڻ انهيءَ خيال ۾ آهيان تہ ماني فقط

هڪ وقت کائجي .

سام چيو : ”انسان خاص ڪري پنهنجون ٽي طـاقتون بي جاء ۽ حد کان وڌيڪ ڪم آڻي ٿـو . اڄ ڪلهه جي انسانن ۾ حيـــاتي گهٽي پـاڳي قدرت جـي قانون کان ابتو رستو وٺـي رهيو آهـي . مگر ٽن ڳالهين ۾ انسان خاص ڪري پـاڻ کي وڏي هاڃي رسـائي ٿو . پهريون ته ٻيا سڀ جانور مند تي پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ ٻچا ڄڻن ٿا . مگر انسان کي نه ڪا آهي مند نه ڪو اصول يا روڪ ٽوڪ؛ هو پنهنجي ويريه شڪتي حرص انـدر حرام ڪري ڇــڏي ٿـو . ٻيو ته اکيون سندس ان ڪم لاء ٺهيل نه آهن جو ڪم ڪائنـن اڄ ڪلهه ورتو وڃي ٿو . گهڻو پڙهڻ ۽ لکڻ ، ننڍين جاين ۽ ديوارين ۾ نظر کي روڪڻ ، سئنيمائون ۽ ناٽڪ گهڻا ڏسڻ ۽ شهر جي تکين روشنين هيٺ ڄڳو پاڳو رات جو گذارڻ سو اسانجي اکين کي گهٽي هاڃي رسائي ٿو ، جنهن ڪري هتراڏو شيشا پائجن ٿا ۽ اکين جون بيماريون وڌن ٿيون . ٽيون عضوو جنهن سان انسان اڄ ڪلهه گويا ڪيـــڏي رهيو آهي ، سو آهي سندس پيٽ . ڪيترا پيرا ڏينهن ۾ کائون ٿا ۽ ڇا ڇا کائون ٿا ، تنهن جو جيڪڏهن پنهنجي گهـرجن جي پيٽ ۾ ويچار ڪجي ته انسان سڀني ، جـانورن ۽ حيوانـن کان وڌيڪ بيوقوف نظر ايندو . هو اهي شيون کائن ٿا ، جيڪي سندن صحت ۽ طاقت وڌائن ٿيون ؛ جيڪي شيون سندن کاڌي جون نه آهن يا کائڻ وقت پيٽ جي حالتن موجب خراب آهن ، تن ڏانهن منهن ڦيري بـه ڪين ٿا ڏسن . مگر انسان جي کاڌي ۾ اهڙيون شيون شامل آهن ، جن مان ڪو به فائدو ڪو نه ٿو رسي ۽ مورڳو بيماريون يا ٿـولهه وڌي ٿي ؛ هن عضوي سان جيتري انسان بي هـــودگي ڪئي آهي ، اوتري پنهنجي ٻئي ڪنهن به عضوي سان ڪا نه ڪئي اٿس . ٻيـا جانور گهرج پوري ڪرڻ ڪانپوء کاڌي کان منهن موڙي ٻيهنـــدا آهن . مگر حرصي انسان کي پيٽ ڀرڻ کان بعد ڪا لذيذ شيء

سامهون ايندي تہ ڪٽي اها بہ پيٽ ۾ داخل ڪندو. پنهنجي بک وڌائڻ لاءِ ڪهڙا نہ هو هٿراڌو طريقا اختيار ڪري ٿو، جهڙوڪ بک پيدا ڪرڻ جون دوائون (appetizer) پيئڻ ۽ چاٽا وغيره کائڻ! نتيجو اهو نڪتو آهي جو سون قسمن جون بيماريون اسان جو هڪ ورثو بڻجي پيون آهن ۽ اڃا بہ نيون بيماريون روز وڃن وڌنديون! جيترا مرض يا ڊاڪٽر اڄڪلهہ جي زماني ۾ موجود آهن، اوترا انسان جي حياتيءَ ۾ اڳي ڪڏهين بہ ضروري ڪين ٿيا هئا!"

★ ★ ★

١٥-١-١٩٥٣ع - گهڻي ڪم سبب يا بدن جي ٿڪاوت سبب ڪجهہ وقت کان وني کائڻ وقت يا پريئر جي وقت تي مان سام سان فقط ٿوريون گهڙيون گڏ ويهي سگهندي آهيان؛ ڏينهن جو پروگرام بہ هر ڪنهن جو جُدا جُدا ٿي پيو آهي. سام پنهنجي دستور موجب سوير جاڳي تہ مان وري رات جو پوري ننڊ نہ ملڻ ڪري دير سان اٿان ٿي. مان اسپتال ۾ گهڻو پاڻو ڏينهن جو گذاريان تہ سام اڪيلو پنهنجي لڪيل نسخن جي سڌاري ۽ جوڙ جڪ ۾ گذاري. هڪ بہ پيرو اڳ مونکي اشارو ڏنو هئائين تہ اسان جون واٽون وڃن ٿيون جدا ٿينديون؛ ڪي وقت گڏ ٿيڻ جهڙا آهن؛ جي ڪوشش ڪنديئي تہ پروگرام حياتيءَ جو وڏيڪ مطابق ٿي سگهندو.

اڳي جو هر روز ٻہ وقت رسالو ياڳوت يا رامائڻ پڙهندا هئاسين ۽ وري پاڻ ۾ گڏجي ڀڄن وغيره چوندا هئاسون، سو هينئر گهڻي عرصي کان ٿي ڪونہ ٿو سگهي؛ نہ وري سنڌيا کان پوءِ سام جي اڳيان ڪنهن ڪتاب پڙهڻ جو نيم پورو ڪري سگهندي آهيان، جيتوڻيڪ مان پنهنجي وقت تي ۽ پنهنجي سهوليت تي جدا پرهئر اڪيلي ڪندي رهندي آهيان؛ ان بنسبت ڳالهائيندي سام هڪ ريت چيو: "روحاني حاصلات لاءِ يا دل جي آنند وڌائڻ

لاءِ ۽ ايشور جي درشن پائڻ لاءِ ڪو به نيم، اپاءُ وغيره خاص طرح ڳهربل نه آهي. دل ۾ من جو ڪانٽو هر وقت اوڏانهن ڦريل هجي ۽ سڀ ڪم ۾ مراد انهيءَ جي ملڻ جي رکجي ته پوءِ جنهن شيءِ يا جنهن ڪم ۾ هٿ وجهبو ان مان آنند ئي آنند پراپت ٿيندو. کائڻ، پيئڻ، گهمڻ، سمهڻ سو سڀ پريئر جي مثل ٿي پوندو ۽ هر جا هو ئي هو پيو نظر ايندو. عام طرح ائين صحيح آهي ته نيم هڪ قسم جي ٽيڪ ٿي سگهي ٿو، جنهنڪي پڪڙي انسان پاڻکي ڏرڻ يا بگڙڻ کان روڪي سگهي ٿو. انڪري نيم جي پيچڪڙي هتراڏو نموني ڪرڻ نه گهرجي. فقط جڏهين انهيءَ جي بجا آڻڻ ۾ ڪي رنڊڪون پيدا ٿين تڏهين انهيءَ کان منهن موڙڻ ۾ فائدو ٿئي ٿو. ڪنهن به صورت ۾ ڏسجي ته نيم جي ڏاڪڻ، ڏاڪڻ ٿي رهي ٿي ۽ نه روح جي واڌاري ۾ هڪ رنڊڪ بڻي ٿي."

★ ★ ★

۱۸-۱-۱۹۵۴ع — اسان جي روزاني پروگرام بگڙي وڃڻ ڪري مان ڪجهه ناراض ٿي سام سان ڪڏهن کهرو ڳالهائي چوندي آهيان ته جڏهين مان اچان تڏهين توهان کي ڪو نه ڪو ڪتاب يا ڊائري هٿ ۾ آهي ئي آهي؛ باقي سويري اٿڻ لاءِ چو چئجي؛ سوير اٿي به ڇا ڪجي!

ان ريت رسي ڪري مان ڪڏهين اسپتال جي وقت کان اڳ ۾ ئي گهران نڪري ويندي آهيان، ڇا لاءِ جو مونکان سويل اٿي سام اڳ ۾ ئي ڪو نه ڪو ڪم هٿ ۾ ڪئي ويهندو آهي. منهنجو ناراضپو وڌندڙ ڏسي سام هيئن سمجهائي ڏني:-

"ڪتاب لکڻ يا پڙهڻ برابر ڪو وڏو ڪم نه آهي. ان کان سنگ ۽ صحبت وڌيڪ اتم آهن. پر عصر جي ويل راتي پاڻ ۾ فقط هيڏانهن هوڏانهن جون اجايون ڳالهيون ڪرڻ سو به ٺيڪ نه آهي. عصر جو ان لاءِ نه اٿبو آهي ته باهر ٿي ويهي پاڻ ۾ اجايو چوبول

شروع ڪريون. جي پيڄن ڪيرتن ٿي نٿو سگهي ته، پوءِ ڪو سٺو ڪتاب پڙهڻ يا آتمڪ واد وواد ڪرڻ بهتر آهي يا ورڻي هرڪو پنهن جي نموني ۾ ويهي ڪو ڪم ڪري. اجائي ڳالهائڻ کان اهو بهتر آهي. عصر جو وقت برڪت جو وقت آهي، جنهن ۾ من پوريءَ طرح هڪ تڪ ٿي سگهي ٿو ۽ ڪم جو آرنڀ سٺو ٿي سگهي ٿو؛ هن وقت گهڻو گوڙ شور منهنجي طبيعت کي نه وڻندو آهي. سنگ انهيءَ کي نه چئبو آهي ته چار چٽا گڏجي ويهي اجايون سجايون ڳالهيون ڪن؛ سچو سنگ اهو آهي جنهن ۾ پريم ۽ گيان جو واڌارو ٿئي ٿو."

ان وقت خبر نه آهي ته ڇو سام جون مٿيون ڳالهيون منهنجي دل سان نه آوڙيون. مونکي خاص طرح اهو خيال ستائڻ لڳو ته شايد سام نرالو ۽ وڏيڪ پري پري رستو وٺي رهيو آهي. ائين برابر آهي ته پيڄن ڳائڻ يا پڙهڻ جا نيم ڪجهه مجبوريءَ جي حالت ڪري ۽ ڪجهه منهنجي آلس ڪري وسري ويا آهن. پر مونکي اها خبر ڪانه هئي ته اهي سام جي روزاني پروگرام ۾ ڪو ايتري اهميت رکن ٿا. مون سمجهو ته شايد سندس پيار مون ڏانهن گهٽ ۽ پنهنجن ليکن ۽ ڪتابن ڏانهن وڌندڙ آهي. ائين پاڻ کي بيمار سمجهڻ لڳس. ان بنسبت سام هيئن چيو: "تنهنجو پريم پلا ائين ڇو ٿو گهري ته اسين پنهنجا نيم رهٽيءَ ڪهٽيءَ جا ۽ فرضي ڪم ڇڏي ڏيون؟ ان تي ايترو خيال ڇو اچي رکيو اٿئي جو اها به هڪ پريم جي پريکشيا سمجهڻ لڳي آهين؟ نه هي ڪتاب، نه هي ڪم ته وڏيڪ آهن، مگر اهي سڀ ان پريم ۾ سمايل آهن. سچو پريم اهو ٿي ڪري سگهي ٿو جنهنکي فرض پالڻ جي طاقت آهي. اها تنهنجي مورکائي آهي جو تون سمجهين ٿي ته تنهنجو فائدو هڪ ڳالهه ۾ آهي ۽ منهنجو ٻيءَ ڳالهه ۾. ڇو نه هي ڪتاب ۽ ڪم تون به پنهنجا ڪري سمجهين؟ اهي فرض، نيم ۽ ڪم اسان جي حياتيءَ جا

ٽوٽيون ٽنيا ۽ دروازا دريـون ٽي سگهن ٿا؛ سي جيترو تنهنجي لاءِ اوترو منهنجي لاءِ فائدي وارا ٿي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن منهنجا نرالا رستا هجن تـڏهن به انهن طلب ڪرڻ نه گهرجي ته اڳلو پنهنجون فـرض ادايون وساري سگهي واد وادو وينو مونسان ڪري. پنهنجي سونپيـل ڪم نه ڪرڻ سبب انسـان دکـي ٿئي ٿو ۽ چٽڪ 'چو چو' پيو لڳي. منهنجي عمر جي اڌ صدي گذري وئي آهي. توکي پاڻ خيال ڪرڻ گهرجي ته هي ڪم متان اڌ ۾ رهجي وڃن، تنهنڪري هن واندڪائيءَ جي وقت ۾ پورا ڪرڻ گهرجن. اهو هڪ قسم جو خـزانو مون گهٽي وقت ڪان سنڀالي رکيو آهي. شايد اهي ڪتاب منهنجا ڪنهن وقت قـدر پـائن. تنهنڪري حياتيءَ جون وانـديون گهڙيون ڪين ڏيئي سنواري ڇڏڻ، سو مونکي جوڳو ڪم نظر اچي ٿو."

مون سام کي چيو: "اهڙيءَ ريت توهين سڀ ڪنهن ڳالهه جو ڪو نه ڪو سبب ڏيئي پاڻ کي بي ڏوهه نهرائيندا آهيو ۽ هميشه ڏوهه منهنجو ئي ثابت ٿيندو آهي!"

سام کلي چيو: "تڏهين اڳتي 'ڪميونـزم' جي نون اصولـن موجب چڱيـن شين سان گڏ ڏوهه ۽ ملامت جي پڻ وراست ڪئي ويندي يعني ڏوهه ڪير به ڪري پر معافي هڪ ٻئي کان واري تي وٺنداسين! هن مـوجب توکي هر هر معافي گهرڻي نه پـوندي. جي ڏوهه گـرذاري ڪري ته معـافي هرو ڀرو اهو نه وٺي؛ جي نقصـان توکان ٿي پوي ته ڏنـڊ به هرويـرو توتي نه پوي. جنهن جو وارو معافي وٺڻ جو هجي اهو ئي وٺي!"

اهڙيءَ طرح ٻن ڏينهن جي رسامي ۽ جهيڙي کي هڪ چرچي جي ڳـالهه تي ختم ڪيوسين ۽ اڄ کان وٺي وري نئيـن سـر ڪوشش ڪئي اٿم ته عصر جا نيم گڏ پڙهڻ وغيره جا پورا ڪريان."

★ ★ ★

٢٠-١-١٩٥٤ع - ٿورا ڏينهن اڳ هڪ گفتگو صوفي صاحب سان ٿيو هو، جنهن جا نوٽ مون وٽ داخلا لاءِ رکيل آهن. صوفي صاحب سنڌ جي هڪ وڏي ليڊر جو ذڪر ڪيو، چيائين: ”هن ڪي پنهنجو ٻار ڪونه آهي؛ جنهن ڪري ٻئي هڪ دوست جو ٻار گود ۾ ورتو اٿس ۽ ان تي ڪيترو اجايو خرچ پيو ڪري؛ ليڊرن کي اهڙي هلت نه ڪرڻ گهرجي جو عوام ۾ ناراضپو پيدا ٿئي؛ خاص ڪري هن حالت ۾ جنهن ماڻهوءَ جو ٻار ان گود ۾ ورتو آهي، سو ڪو چڱو ماڻهو ڪونه آهي.“

سام چيو: ”ليڊر هجي يا ڪير به هجي، آخر هن کي به انسان جي دل آهي. هن کي اها هلت ڪرڻ گهرجي جا هن جي دل ۽ ضمير کي اول وڻي. عوام جي رايي پٺيان ڊڄڻ به ڪڏهن بزدليءَ جي نشاني ٿي سگهي ٿي؛ ڪنهن به چڱي يا خراب ماڻهوءَ جو ٻار گود ۾ وٺڻ ڪو خراب ڪم نه آهي.“

صوفي صاحب چيو: ”هن حالت ۾ ماڻهن کي اهو خيال آهي ته خاص ڪري اهڙن ماڻهن سان ايڏي ليڊر جو واسطو ڇو ٿو رهي؟ ٻي ڪهن جو ٻار گود ۾ وٺي ها ته شايد ايتري چئو پچو ڪا نه ٿئي ها. جيئونٽيڪ مان سمجهان ٿو ته ماڻهن جو خيال غلط آهي تڏهين به انهن جي دلين تي اهڙو اثر ڇو پوي؟ اهو سنو ڪم نه آهي.“

سام چيو: ”اهڙين ڳالهين ۾ ليڊرن کي ماڻهن جي راءِ تي هرويرو ڇو هلڻ گهرجي؟ مان ته ائين سمجهندو آهيان ته اسانجي سياسي يا ڌرمي ليڊرن کي عوام جي خوشامد ڪرڻ ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ جي وچ ۾ تفاوت سمجهڻ گهرجي. پاڻ کي جيڪو ٻئي جي مرضيءَ موافق هلائي ٿو، سو حقيقت ۾ پاڪنڊي آهي. اسانکي شخصي طرح بي ڊپ رهڻ کپي. ائين هلت ڪريون جيئن سمجهو ته ڪهن پيٽ ۾ اڪيلا رهندڙ آهيون. ’خداء جي خوف‘، يا ضمير جي

آواز ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن جو به ڊپ نه رکون. لوڪ لڇا جو آدرش جنهن کي چئجي ٿو، سو هڪ ننڍڙو آدرش آهي؛ ان ڪان وڏو اصول آهي ستنترتا جو. البت ٻين جو احترام ڪرڻ ضروري آهي؛ حقيقت ۾ ليڊر ٿيڻ جي لائق ئي اهو آهي جنهن کي پنهنجن اصولن ۾ ڀروسو هجي. پر جيڪو ماڻهو عوام جي ڦرندڙ گهرندڙ رايـن موجب پنهنجي شخصي يا سياسي زندگي ڦيرائيندو رهي ٿو، سو ڪنهن وڏي درجي کي ڪين رسندو. خرچ جا انگ اکر جيڪي توهان ڏسيو ٿا سي برابر ڳرا آهن. ڪنهن به هڪ ٻار تي ايڏو وڏو خرچ ڪرڻ، جڏهن قوم جا ٻار ڏتڙيل، ڏڪايل، بکايل آهن، سو جائز نه آهي. اتي اهڙي ڪا رٿ ڪرڻ گهرجي جو پنهنجي ٻار سان گڏ ٻين کي ٻڻ تعليم جي سهولت ملي ۽ ساڳي خرچ مان گهڻن کي فائدو رسي."

★ ★ ★

مٿين ذڪر بعد صوفي صاحب سان گڏ هڪ نوڪريءَ تان لٿل انجنير گڏجي آيو، جنهن سام کي چيو ته مونکي اوهان سان ملڻ جو گهڻو شوق هيو. جلد ئي پوءِ هن سام ڪان ڪي سوال پڇيا. گفتگو جيڪو هليو سو مان هيٺ ڏيان ٿي.

انجنير صاحب: "نوشتہ تقدير، بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟"

سام جي جواب درج ڪرڻ کان اڳ مان هي نوٽ ڪرڻ ضروري سمجهان ٿي ته جيتوڻيڪ هنن سڪولي يعني خيالي سوالن ۾ اسان جو گهڻو چاهه نه رهندو آهي، تڏهين به اهڙو ڪو سوال اٿي ته انهيءَ تي ويچار ضرور ڪرڻو پوي ٿو. ڪي ٿورا نڪتا اهڙي گفتگو ۾ به ٿين ٿا جي سڪولي بحث مباحثي جي حد کان ٻاهر عملي زندگيءَ سان واسطو رکن ٿا. تنهنڪري اهي ملهائتا آهن. ازانسواءِ، اٿين جو ڪو نئون ماڻهو ملڻ اچي ۽ انهيءَ سان اجايون سجايون رسمي خوشامد جون ڳالهيون ڪجن، تنهن کان وري به بهتر آهي ته ڪنهن خيالي بحث مباحثي ۾ وقت گذارجي.

سام جواب ۾ چيو: ”نوشته تقدير جي معنيٰ فقط اها ٿي سگهي ٿي ته ڪنهن به شيءِ يا نتيجي جي اڳئين جوڙ انڪي مقرر يا ذري گهٽ مقرر رستي ڏانهن موڙي ٿي، جنهن جو اندازو ڪجهه قدر اڳ ۾ لڳائي سگهجي ٿو. سوسم، ٻج، ڌرتيءَ، پاڻيءَ وغيره جي ڄاڻ هوندي ته چئي سگهبو ول يا وڻ جو سلو هن يا هن نموني اسرندو ۽ هي قل پيدا ڪندو؛ چڱيءَ پر سمجهڻ گهرجي ته انهيءَ ڄاڻ هئڻ ڪانپوءِ به نوان ڪرم پيدا ٿي سگهن ٿا، جي پنهنجو تاثير ڄاڻائيندا؛ تنهن ڪري پوري اڳڪٿي سورنهن آنا ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه جي ٿي نٿي سگهي؛ انب جي ڪڪڙيءَ مان جيتوڻيڪ انب جو وڻ پيدا ٿيندو، نڏهين به اها خبر اڳ ۾ ڪا نه پوندي ته ڪيڏو وڏو يا ڪيترو قلدار ٿيندو. اهي اثر ۽ ڪرم جيڪي 'تقدير' ۾ سببن جي ڦير گهير آڻي سگهن ٿا، سي ٻن نمونن ۾ اسانجي حياتيءَ ۾ پيدا ٿين ٿا. هڪڙو پنهنجي اڇا سان ۽ ٻيو ٻين جي اڇا سان؛ انهن ڪي پوريءَ طرح نه سمجهي، اسين 'اتفاقي' سڏيون ٿا. جيستائين اهڙن اثرن جي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي، تيستائين ڪو به نتيجو اڳواٽ مقرر ٿيل نه سمجهڻ گهرجي. مگر تجربي ۽ عملي ڄاڻ مان اهو گيان پيدا ٿئي ٿو، جو اهڙن ڏنل جزن ۽ پوءِ گڏيل اثرن جي مڪمل نتيجي ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿو. شوپين هار جرمن فيلسوف تقدير کي ان ڪري ڪاٺ جو لوهه (Wooden Iron) ڪري ڪوٺيو آهي. مطلب ته ان کي شڪل لوهه جي آهي يعني تقدير ڏسڻ ۾ اڻ گس آهي؛ مگر حقيقت ۾ ڪاٺ وانگر ڪچي آهي. منجهس ڦير گهير ٿي سگهي ٿي.“

صوفي صاحب چيو: ”ان جو مطلب اهو آهي ته روح آزاد آهي. قرآن شريف ۾ خود ان خيال کي تيڪ مليل آهي.“

پوءِ هن قرآن شريف جي هڪ آيت ٻڌائي جنهن جو مطلب هو ته ادبم حياتيءَ ۾ ضروري آهي؛ ڇاڪاڻ جيڪڏهين روح آزاد نه هجي

ها ته حيلي يا اديم ڪرڻ جي ڇو هدايت ملي ها؟"

سام چيو: "ائين نيڪ آهي پر پنهنجي خيال جي ڇڪاس لاءِ ڪنهن به مذهب جي شاهدي ضروري نه آهي. پنهنجو خيال خاص ڪري پنهنجي آزمودي تي ٻيهارڻ گهرجي. ان ڪانپوءِ ٻين جي آزمودن مان واقف ٿي وري به فيصلو پاڻ ڪي ڪرڻو آهي. مون جيڪي خيال پيش ڪيا، سي پنهنجي آزمودي منجهان هئا."

ان مهمان انجنير ايتري قدر ڳالهه قبول ڪئي ۽ چيائين ته وري ڪنهن ٻئي وقت ان سوال تي وڏيڪ بحث ڪنداسون.

★ ★ ★

٢٤-٢-١٩٥٤ع - ڪجهه ڏينهن کان ونئي مانيءَ واري ڇوڪري جي گهٽ وڌ هلڻ ڪري سام جي ڪاوڙ اسان سڀني تي گهٽي پئي ٿي. سام جو خيال هي آهي ته جنهن صورت ۾ اهو ڇوڪرو هميشه لاءِ اسان سان رهڻ چاهي ٿو، تنهن صورت ۾ سندس هلت گهر جي قانون مطابق ٿيڻ گهرجي؛ ائين نه ته جنهن وقت وڻيس تنهن وقت پيو ڪم ڪري يا جيئن وڻيس تيئن زيان ڪري. جيڪي لازمي ڪم جنهن جي حوالي آهن، سي مقرر نموني ٿيڻ گهرجن ۽ انهن جي جوابداري محسوس ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهين بت جو هر هڪ عضوو چوندو ته مان پنهنجي مرضيءَ تي ڪم ڪريان ته پوءِ مغز جي سوچ ويچار جي ڪهڙي گهرج رهندي؟ ڪم ۾ يڪ وجوديءَ جو ڪو هڪ مقصد يا سهڻو ميل ميلاپ پڻ پيدا ڪو نه ٿي سگهندو. البت نيم يا قانون ناهڻ ۾ سڀني جي اچائن ۽ گهرجن جو ويچار ڪرڻ گهرجي. پر هڪ ڀيرو اهو قانون مقرر ٿي وڃي ته پوءِ ان کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي."

مٿيان خيال سام جا صحيح ڄاڻندي به مان ڪڏهين ڪڏهين ڪتراڳ تارڻ لاءِ يا ڇوڪري تي قياس ڪري، وچ ۾ پيئي، ڪيس چوندي آهيان ته هاڻي ڇڏيو انهيءَ ڳالهه کي! اهو پڻ خيال رهندو اٿم ته سام

پنهنجو امولڪ وقت گهرو گڏالهين ۾ کپن وڃائي. هو ان تي رنج ٿيندو آهي ۽ چوندو آهي ته هي سنها معاملا روح جي لاءِ ساڳي اهميت رکن ٿا جيڪا اهميت ڪنهن وڏي اسٽيٽ جي ڪاروبار کي آهي. ڇا لاءِ جو ساڳيءَ طرح هن ننڍي دائري ۾ بڻ اسين پنهنجي ايمانداري ثابت ڪري سگهون ٿا. پر جي تنهنجو وچ ۾ اچڻ موهه يا ڏپ وچان آهي ته سو بڻ بي جاءِ آهي، ڇا لاءِ جو هڪ ڪاريءَ ۾ پاندن کي نهڪي نهڪي نيت ڪا جاءِ لهڻي آهي؛ پر جيڪو پاندو ڪاريءَ ۾ نٿو ماپي سگهي، سو جيترو جلد ٻاهر هجي اوترو چڱو آهي. واجبي جهيڙي ڪان ڏڇڻ نه گهرجي. خيال جي ٽڪرڻ يا اصولي جهيڙي مان خيال خود چٽو ٿيندو آهي. ان وشيءَ کي وڏيڪ کوليندي، سام چيو: ”جڏهين تکين ڇهنبن وارو ڪوڪو ڪان سان ٽڪرندو آهي، تڏهين ڇا ٿيندو آهي؟“

مون جواب ڏنو: ”ڪوڪو ڪان ۾ تنگ ڪري وڃندو آهي!“

سام چيو: ”ڪان ان کي گويا جاءِ ڏيئي پاڻ اندر سمائي ڇڏيندو آهي. ڪوڪو اندر گهري ويندو آهي؛ تڏهن ڪوڪو ۽ ڪان پاڻ ۾ گڏجي هڪ وڏيڪ مضبوط جوڙ ناهيندا آهن. ان ريت جتي خيالن جا تفاوت آهن، اتي پورو خيال اڏپوري تي غالب پوندو آهي ۽ انهن جي ٽڪرڻ ڪري منجهائڻ وڏيڪ پريم جو جوڙ پيدا ٿيندو آهي؛ اتي جهيڙي ٽارڻ ڪري اگيان کي وڏيڪ مدو ملي ويندو آهي، پر سڌن ٽڪرڻ سان اگيان جي اوندهه گم ٿي ويندي آهي. جتي هڪ هند پريم ۽ ٻئي طرف شرڌا هوندي آهي اتي ٽڪرڻ سان دلي هيڪڙائي پيدا ٿيندي آهي. تنهن ڪري تون نه پاڻ جهيڙي ۾ ٻئي ڏج، نه ڇوڪري جي جهيڙي ۾ ٻئي ڏجڻ جي ضرورت آهي. هي، سنها جهيڙا ڏينهون ڏينهن اسان جا تفاوت ڪڍي وڏيڪ هيڪڙائي آڻين ٿا.“

وري ٿوريءَ دير بعد چيائين: ”لاهي پاهي جهيڙي تي به ڪو نه

سندرو پڌبو. اسان کي جهيڙي کان مان وڌيڪ پسند آهي، بشرطيڪ جهيڙي جي ضرورت نه پيدا ٿئي!"

★ ★ ★

٣٠-٢-١٩٥٤ع- اسان جا پائر جيڪي سنڌ مان لڏي ويا آهن، انهن جو ذڪر نڪتو. سام چيو: "ڪليان ڪيمپ (بمبئي) ۾ هڪڙو رتيديري جو ماڻهو مليو، جنهن اهو عجيب سوال پڇيو ته توهين سنڌ ۾ ڇا کائيندا پيئندا آهيو: لسي وغيره پيئندا آهيو؟ مون جڏهين کيس چيو ته تون پاڻ سنڌي آهين: توکي خبر آهي ته لسي، ڏڌ وغيره سنڌ جو روزانو کاڌو آهي، تڏهين سندس اکين مان ڳوڙها ڪري پيا: کيس سک وطن جا ياد اچي ويا! اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن لڏي ويلن جو حال ڏسي مونکي اهو خيال ٿيو ته سچ پچ پاڇا آهي: ڪٿي اس ته ڪٿي ڇانو. انسان کي دنيا جي شين، جڳهن ۽ مال متاع تي آسرو ڪرڻ نه گهرجي، بلڪ پنهنجي خوشي پاڻ اندر ڳولهڻ گهرجي: ٻين شين سان ايترو واسطو رکجي جيترو هڪ مسافر مسافرخاني جي شين ۽ سامانن سان رکي ٿو."

مون چيو: "شايد نئين زندگي بسر ڪرڻ وقت، جڏهين آشرم شروع ڪئيسين، اسانکي به اهڙيون تڪليفون ڏسڻيون پون، ڇا لاءِ جو ان وقت جون حالتون هن کان گهڻو نراليون هونديون ۽ خاص ڪمائي وغيره پنهنجي ڪانه ٿيندي."

سام چيو: "ان جو مونکي ڪو خرف ڪونه آهي. انسان جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رنڊڪ سندس چنتا آهي. اها ڪڙهڪي دل ته مال و متاع ۽ سک جي سامگري سڀ اکين اڳيان هجي، ترقيءَ جي راهه ۾ رنڊڪ آهي. سنياس يا شيوا جي مارگ جو پهريون پڌ آهي، چنتا جو ترڪ. بگليون ڪٿي جڏهين شيواجي ڪم لاءِ نڪرنداسين ۽ سير سفر پيا ڪنداسين، ايشور جو نالو وٺندا، گانا بجانا ڪندا رهنداسين، پوءِ خوف خطرا ڇا جا رکبا؟ ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي

خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي؟ جيڪڏهين توهان غريبن جي شيوا ڪندؤ ۽ دوائــــون يا پيون شيون سندن ڪتب لائيندؤ ته ڇا توهان جي دوائــــن جون شيشيون يا بگليون خالي رهنديون؟ ڳهٽا ڏياوان اڇي اڳي اڳي ڪندا ته اهي توهان کي وري پــري ڏيون؛ فقـــط آپو ۽ پنهنجي سک جي چنتا ترڪ ڪريون. اهي سنسار جا سک ٿي آهن، جيڪي منکي هميشه مايوس ۽ ڊيڄي ۾ رکن ٿا. گويا اهي دک ٻڄي پون ٿا! نانگا جڏهين ناهه ۾ گهـــرن ٿا، تڏهين ڊپ ڊاو خود انهن کان پري پڃي وڃن ٿا. دک سک سريـــر جا، تڪليفون ۽ ڪشالا، سي نه انسان جي حياتي گهٽائن ٿا ۽ نه سچ پچ آتما کي دکي ڪن ٿا؛ دکي ڪري ٿي چنتا ۽ موهه سک جو! انهن شين سان موهه رکڻ بيڪار آهي جي آتما لاءِ ڏاريون آهن؛ اِهي دک هت به اچـــن ٿا، اتي به ايندا. سنسار جي سمنڊ ۾ لهريون پيون لڳــن؛ جيئن سمنــڊ ۾ سنان ڪرڻ وقت لهر اچڻ تي ٽپو ڏئي ڪنڌ مٿي ڪبو آهي، تيئـن دک سک جي اچڻ وقت پاڻ کي انهن کان الڳــــ سمجهــڻ آهي زندگيءَ جي بازي کٽڻ.“

★ ★ ★

١٥-٤-١٩٥٤ع- ڪجهه ڏينهن ٿيا ته اسين شهدادڪوٽ گهمڻ وياسين. اتي اسانجو ڇوڪرو مانيءَ وارو پنهنجي دوستــن کي ڏسڻ، ڪجهه ڦوٽو ۾ پرچي ويو. نه رڳو اٺڻ ويهڻ سام جي اڳيان بي ادبيءَ جو ٿي ڪيائين، پر ڪائــڻ پيئــڻ ۾ ٻڻ گهٽ وڌ ٿي ڳالهايائين. ڪيس نشو چــڙهي ويو. سام ڪيس نشي نه ڪرڻ لاءِ اڳوات هدايت ڪئي هئي؛ مـــوٽ تي موٽـر ڪار ۾ سيني ويٺلن کي بي خبريءَ ۾ لٽون هڻندو ۽ گهٽ وڌ اکر ڳالهائيندو ٿي آيو. آخر هت اچي ننڊ ۾ پئجي رهيو. سياڻي تي سام سندس سڌاري لاءِ رياضت طور ڏورن جي لاءِ ڪتر ڪرڻ جو روزانو ڪم رکيو. ٿورن ڏينهـــن بعد اهو ڪم هو بي دليو ڪرڻ لڳو ۽ جيئن ڪو چـور هڪ پيرو هري ته

پوءِ چوريءَ جي ڪڏ ڪاهي پوي، تيئن هيءَ به لچ لاهي، برائيءَ جي ريت اختيار ڪرڻ لڳو؛ سنهي ٿلهي ڳالهه لاءِ وڏا وڏا ڀاري قسم پيو کڻي پر مڙئي اصلي ڪين. سام کي نه سندس ڪوڙي سڀاءَ جي اڳيئي خبر هئي، پر جڏهين هي لٽو ڦٽو ٿي بيٺو، تڏهين کيس چيائين ته تون پنهنجا ٽپڙ کڻي ٻاهر ڪر ۽ اڳتي ٿورو اسان کان جدا ٿي رهه؛ ٽوال، سامان، هنڌ وغيره وچي هيٺ ڪنهن الماڙيءَ ۾ رک؛ فقط ڪم ڪرڻ وقت مٿي اچ.

مونکي اهو قدم ذرا بي واجبي نظر آيو، ڇا لاءِ جو سام پاڻ انهن خيالن جو آهي ته نوڪرن سان گهر جي ڀاتين وانگر پنهنجائي رکجي. هن نموني ڇوڪري کي هڪ نوڪر وانگر ڪري هلائڻ، سو قدم مونکي حد کان وڌيڪ سخت نظر آيو. سام کي چيم ته انهيءَ ۾ ڪهڙو سندس سڌارو ٿيندو يا ڪهڙو اسان کي فائدو پهچندو!

سام هيئن سمجهائي ڏني: ”ڀرپائين سمجهڻ گهرجي ته سڀڪنهن شيءِ کي پنهنجو پنهنجو تاثير آهي. نه رڳو انسان پر انسانن جون ڪم آندل شيون، پنهنجا اثر يا سنسڪار پيدا ڪن ٿيون. اِن ڇاڻ تي ئي سڄو پرهيز جو اصول بيٺل آهي. هو به هڪ انسان جو ٻچڙو آهي؛ اسين هن کان نفرت ڪونه ٿا ڪريون، پر هن ريت وٺيءَ سان رهڻ، تنهن ۾ اسانجو ۽ خود سندس فائدو آهي.“

پوءِ سام هڪ آمريڪن ليڊيءَ جي ڳالهه ٻڌائي: ”هڪ آمريڪن ليڊيءَ کي ٻه ٻار هوا؛ سندس گهر جي اڳيان پاڙي اوڙي جا غريب ۽ گدلا ٻار اچي هيٺ ميدان ۾ راند ڪندا هوا. سندس ٻارن جي مرضي ٿي ته اسين به وڃي هنن سان رانـد روند ڪريون. مگر سندن ماءُ چيو ته انهن گدلن ٻارن سان راند ڪرڻ نه گهرجي. ٻارن ماءُ کان پڇيو ته ممي تون جو چوندي آهين ته انسان سڀ هڪجهڙا آهن ۽ سڀني سان محبت ڪرڻ کپي، پوءِ هن ٻارن کان نفرت ڇو

ٿي ڪرين؟ تڏهن ان عورت پنهنجي ٻارن کي سمجهايو ته مونکي انهن لاءِ نفرت ڪانه آهي؛ مگر سندن حالت قياس جوڳي آهي؛ ڇا لاءِ جو انهن جي حالت اهڙي قياس جوڳي بڻي آهي تنهن ڪري توهان جي حالت به اهڙي بڻي ڇا؟ هڪ جهڙائيءَ جي معنيٰ اها نه آهي ته گندگيءَ کان پرهيز نه ڪجي. توهان پاڻ کي وڏيڪ سٺو بڻائي پوءِ انهن جي شيوا ڪري سگهندا."

سام وڏيڪ چيو: "منهنجي دل ۾ ٻه شنڪا هئي ته اهو قدم متان ضروري نه هجي. ائين برابر آهي ته اسين کو بار ڪونه آهيون جو ڇوڪرن جي سنگ کان ڊڄون؛ پر ساڳئي وقت تي اهو پڻ محسوس ڪرڻ گهرجي ته بڇڙائيءَ سان گهٽو گڏ رهي، بعضي بعضي بڇڙائي لاءِ نفرت مري ويندي آهي؛ انسان ڪوڙ ۽ بڇڙائيءَ کي پنهنجي چوڌاري هر جاءِ ڏسي، انهن کي ساڌارڻ ۽ ضروري سمجهڻ لڳندو آهي. تنهن ڪري هوشياري ڪري سڀ پرهيزون ڦٽي ڪرڻ سو آهي هروڀرو شيطان کي للڪارڻ. جتي ڪوڙ ۽ چوريءَ جو ورتاءُ گهڻو آهي، اتي نه رڳو پاڻ نڳجي وڃڻ جو امڪان آهي پر اڳلي کي اسانجي سنگت يا ويجهڙائي ڪري دنيا اندر هڪ قسم جو اهڪ حاصل ٿئي ٿو، جنهن ۾ هن جي خرابين کي هٿي ملي ٿي. هن حالت ۾ ٿي ڏس؛ ڇوڪرو جتي ڪٿي پاڻ کي اسانجو ٻچو سڏائيندو رهي ٿو ۽ خراب عادتن هوندي به اسان جي لاڳاپي ڪري ايترو معتبر ٿي رهي ٿو. ان نموني ٻين کي نڳي ٿو. معتبرائي جي کسجي وڃڻ کان پوءِ اهو ويچار ڪندو ته برائيءَ ۾ آخر عزت ڪانه آهي. ازانسواءِ مونکي هڪڙو جهونو وهم ويٺل آهي جو سمجهندو آهيان ته هي شيون ۽ ستر، هنڌ، ٿيڙ اهڙا مثل يا بي جان نه آهن جو انهن مان ڪو تاثير پيدا نه ٿئي. مٽيءَ کي پڻ تاثير آهي؛ ڪا مٽي ٿڌي آهي، جنهن مان آسائش جو اثر پيدا ٿئي ٿو؛ ڪا اهڙي آهي جو ويجهو وڃ ته منجهائنس اوبر پيو نڪري. ڪن وٽن

جي چانو سٺي ۽ صحت بخش ٿئي ٿي، مگر ٻين ۽ ٻين کن وڏن جي ... و چون ٿا تہ ... پيدا ڪري ٿي ۽ هڏ سڪائي ڇڏي ٿي. هن ... ڪي البت خوف ٿيندو آهي. جنهن پر ... جي شيءِ هڪ سوڪڙي يا سوغات ٿي اندر ڪي آڻنڌ ... ٿئن هي نشين جا سامان، تماڪ، سلفيون ۽ ٻيون گنديون شيون جن ۾ هڪ قسم جي خارش پيدا ڪن ٿيون. هن ڇوڪري جو پري رهڻ هن لاءِ پڻ فائدي وارو ٿيندو؛ ڇا لاءِ جو هنن ڪوڙن مان ٻيو ڪين تڏهين بہ ڪتائي طبيعت جي پيدا ٿئي ٿي؛ گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ تون بہ قبول ڪندينءَ تہ انهن ڏانهن هر هر ڏيان ڇڪجي ٿو، جنهن ۾ وقت ضايع ٿئي ٿو؛ هن کي بہ گهڻن ڪوڙن ڳالهائڻ جي ضرورت نہ ٿيندي. سياڻا چوندا آهن تہ فقيرن جي ويجهو گهڻو نہ رهجي؛ ان چوڻيءَ جو مطلب هيءُ آهي تہ جي ڪڏهن ڪنهن جي من جي اوستا اچا پوري جاڳرت نہ آهي تہ ڪنهن بہ ساڌوءَ يا درڙهہ اصول واري ماڻهوءَ جي ويجهو رهڻ هن، تي اڻ وقتائتو ۽ بي حد گهڻو بار پاڻ کي موڙڻ يا نوائڻ لاءِ وجهندو جو هو سهي ڪين سگهندو. يعني هن جي لاءِ هر وقت لازمي ٿيندو تہ سچ تي هلي، ۽ شيءِ پاوناڻون رکي؛ مگر هن ۾ جو اچا ڪچايون گهڻيون آهن تہ ايترو يڪدم پاڻ کي موڙي هلائڻ ڄهنجو لڳندس. گهوڙو جنهن اڃان گام ۽ دوگام نہ سکي آهي سو يڪدم رلو يا مٺيون پنڌ ڪيئن سکندو؟ اڻين گهڻا گهوڙا هميشہ لاءِ ڪري پوندا آهن. ڪوبہ سياڻو سوار ائين ڪونہ ڪندو آهي. اسين ڪٿي ساڌو يا فقير چوائڻ جي لائق نہ بہ هجون مگر ايترو تو نوٽ ڪيو هوندو تہ اسان جي گهڻي ڇوڙ ڇوڙ ڪرڻ ڪري يا سندس ڪوڙن کي ظاهر ڪرڻ ڪري هو پاڻ همت هاري پيو آهي ۽ سچ جي هام هڻڻ ئي ڇڏي ڏني اٿس؛ اهو وڏو نقصان آهي. اسان جي اڳيان رهي، اهو ڪٿي سگهندو، جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ ارادو

سچ تي هلڻ جو هوندو ۽ سچ ڏانهن لاڙو هوندس. هن چوڪري تي سندس بري سنگ جا اثر ايترا ته غالب پئجي ويا آهن جو هو ڪڏهن به صحيح نظر سان ڏسي نه سگهندو؛ جيئن بيمار ماڻهو آهي اگرچ اس صحت واري لاءِ سٺي نورو پاسيرو رهڻ گهرجي؛ منهنجي مختصر زندگيءَ جي پڄاڻيءَ تائين هو ڪڏهن به ٺيڪ ڪري نه پوي."

مونکي اهي سڀ ڳالهيون در سان لڳيون تنهن ڪري مون سندس جدا رهڻ تي اعتراض ڪونه آندو ۽ جيتوڻيڪ سندس سڌارو جلد ٿيڻ اهنجو آهي، تنهن هوندي به مان سمجهان ٿي ته اهي اپاءَ آخر سندس لاءِ چڱا ٿيندا.

★ ★ ★

٢-٤-١٩٥٤ع- اڄ اهو ذڪر نڪتو ته آشرم جي ڀرين اڏاوت ڪيئن ڪجي؛ سام چيو: "اهو خيال دل تي اصل نه آڻج ته ڪو جلد وڏي پيماني تي ڪاميابي حاصل ٿيندي يا هڪدم ڪو سک جو ساگر ڪلي پوندو، سٽسنگ ڪيرتن وغيره مچي ويندا، ڪتاب ڇپجي ويندا ۽ اخبارون واهه واهه ڪرڻ لڳنديون. نوڪري ڇڏڻ يا زماني جي ڪمن ڇڏڻ سان يا 'آشرم' 'آشرم' چوڻ سان ڪو بجليءَ جي بٽڻ تي هٿ لائڻ جهڙو اثر يا شعاع اوچتو ڪونه پيدا ٿيندو. اهڙو خيال من جي اڳيان رکڻ يا انهيءَ جي تِرت حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان ٿيڻ سو خود هڪ رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي پوندو. اسانجي سچي آس ضرور پوري ٿيندي پر سچي آس اها آهي جيڪا حرص يا پريشاني پيدا نه ٿي ڪري. هيءَ ديهي ناسونت آهي؛ ان جي سک جي چاهنا وچان وڻن جي چانو يا ندين جي ڪنارن تي ويهي آسائش وٺڻ جا خواب لهڻ سو آشرم جي مقصد سان ڪو واسطو ڪونه ٿو رکي. آشرم استاپن ڪرڻ کان اڳ جيڪو خيال ملڪ سڄي ۾ رٿن ڪرڻ جو آهي، تنهن ۾ خود ايتريون تڪليفون

درپيش اينديون جو سک جي طالب کي ڏکائي ڇڏينديون. ڪچي خيال واري کي هيءَ جيوت جاين، جڳهن، پکن بجلين، ريڊين وغيره واري، جنهن ۾ اسين هينئر پاڻ کي بيزار سمجهون ٿا. ساوري هڪ سورڳ مثل پيشي نظر ايندي. ائين ڪيترائي ڪچا تياڳي سنياس مان موٽي گرهست ۾ آيا آهن ۽ زمـــاني کي بلڪل ڇهـتـي پيا آهن. تنهـن ڪري اندر مان سک ۽ آسائش جو يا من مانين ڳالهين پوري ڪرڻ جو، جهڙوڪ ليڪچرن، سنسنگ وغيره دوران مشهورائيءَ جي حاصل ڪرڻ جو، خيال ڪوري ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. پنهنجي خوشي پاڻ اندر حاصل ڪرڻي آهي ورنه ڪيتريون تڪليفون يا ڏک ڏاکڙا اسان کي ان وانپرستيءَ جي حياتيءَ کان خود بيــــزار ڪري ڇڏينـــدا. ڪڏهن ڪٿي بيمار به ٿبو جتي شايـد پوري علاج جو بندوبست نه هوندو. ڪڏهن کاڌ پيت جو سامــــان نه ملندو، ته ڪڏهـــن وري پيرين پنڌ هلڻو پوندو؛ نه ڪو اتي زور ڏيندو نه ڪو مالــش ڪرڻ وارو ليندو. مطلب ته اهڙيون عادتــون جيڪي اسان جي رهڻ ڪهڻ جون آهن، تنکي هميشه لاءِ ڇهڻي پئبو ته بيحد دکي ٿبو."

مون سام کان پڇيو: "هنن شين، کاڌن يا ڪپڙن ورتائـڻ ۾ ڪو ذاتي پـــاپ آهي ڇا؟"

سام چيو: "گهڻائي شين جي من کي پلائيندڙ آهي ۽ ميـــڙڻ واري عادت سنياسيءَ لاءِ پاپ آهي. ازانسواءِ آشرم يا فقيـــرن جو ٽڪاڻو ضرور شهرن کان ۽ گـــوڙ شـــور کان پـري ٿئي ٿو. اتي جيڪڏهن اهڙيون شيون رکبيون ته ممڪن آهي اتي چوريـــون ٿيـــن ۽ ڪي ماڻهو اسان جا دشمن بڻجن؛ اسان کي انهن شين بچائڻ لاءِ وري چڻناٽون ڪرڻيون پون ۽ پهرا رکڻا پون! مطلب ته هي شيـون سڀ سنسار ڏانهن ڇڪ رکـن ٿيون. فقير جي لانگوٽيءَ واري ڳالهه نه ٻڌي اٿيئي؟ اها ڳالهه هيئن آهي ته هڪ فقير جي لانگـوٽي ڪئا ٽڪي وينـــدا هئا؛ ٻيءَ لانگـوٽيءَ لاءِ وري ســوال شهر وارن

ماڻهن کي ڪرڻو پوندو هيس. هڪ ڀيري ڪنهن شهر واري چيس ته فقير هڪڙي ٻلڙي ڪٺي رکو ته ٻوءِ ڪئا لانگوٽي کونه ٽڪيندا! فقير ٻلي ڏاري جنهن جي لاءِ روز ٻاءُ ڪير جو ٻئي وني ايندو هو. ياڳين چيس سائين تون جو روز ٻلڙيءَ ڪاڻ وتين ڪير ڀنندو تنهن کان هڪڙي ٻڪري ڪٺي وٺ ته پاڻ به پيو ڪير پيئين ۽ ٻليءَ جو به گذارو پيو ٿئي. ٻوءِ ٻڪريءَ لاءِ ڪيس گاهه آڻو تي پيو، سو ڪري ۽ ڏاتو ڪٺي فقير گاهه هڪندو وتي. ٻڪري به جلد وياڻجي پئي. ڦر پئدا ڪندي ڪندي آخر ڌڻ تي ويس. هڪ دفعي سندس مرشد اچي ڪيس هن حالت ۾ ڏٺو، جڏهن هو ڌڻ چاريندو ٻڪرين جي ٻنيان پريشانيءَ ۾ ٻڪي رهيو هو. مرشد پڇيس ته توکي مون ڇا ڏسيو ۽ هي تون ڇا پيو ڪرين؟ فقير کي تڏهن گيان اچي ويو ۽ چيائين سائين رولو سڄو هن لانگوٽيءَ مان پئدا ٿيو آهي! ٻوءِ اها لانگوٽي به ڪٺي ڦتي ڪيائين، جنهن مان ايترو مهاچار پئدا ٿيو.

”خواهش يا ترشنا اها لانگوٽي آهي، جيستائين اها ترڪ نه ڪبي، تيستائين هٿ هجون يا ڪنهن آشرم ۾ هجون، سڄو سک حاصل ٿيڻو نه آهي. هن ديهه جو سک سو سچو سک آتما جو نه آهي. هن سان ڪو وير به ڪونه اٿئون، مگر تن جي سک کي گهٽ اهميت ڏئي اندر جي سک کي وڏي اهميت ڏيڻي آهي. ان لاءِ ضروري نه آهي ته تن کي ڳاريندا رهون يا سندس صحت جا قانون ٽوڙيندا رهون، مگر انهن کي گهڻو ڇهڻي پوڻ، سو خيال کي هڪ محدود دائري تائين بند رکي ٿو. خيال کي هن تن جي خواهشن کان آزاد ڪرڻو آهي، ڪڏهن انهن خواهشن کي پوري ڪرڻ سان ۽ ڪڏهن انهن کي وساري ڇڏڻ سان. مطلب ته جا ڳالهه سوچ سڀاءُ ٻڻي اچي، تهنتي راضي رهڻ سو ئي مول ڪارڻ سک ۽ سنتوش جو آهي، چاهي ان مان ڪابه مراد حاصل ڪين ٿئي.

سوکي خيال ۾ اٿين اچي ٿو ته ٻهريائين جئن سير ڪرڻ لاءِ نڪرون،

تئين ٿورن ٻين سائيــن کي ٻڌ چڪيندا هئين. ٻوءِ سچيءَ ٿـوليءَ جي انداز ۽ خيال جي هم رفيقيءَ تي رهندو مدار ڪمن جي رٿڻ جو. آخر جيڪڏهن ٻيو ڪو ساڻ نہ هليو تہ ائين سمجهو تہ اسانجو ڪم پنهنجو پاڻ سان ئي شروع ٿيڻو آهي. پريم جو آنند پورڻ آهي. انکي ڪا ضرورت ڪنهن ٻاهرينءَ ڳالهہ جي ڪانہ آهي. ايشور جا گـــڻ ڳائڻ، ڌرتيءَ جا سندر آستان يا تيرت ڏسڻ، پلـــن ماڻهـن سان جتي ڪٿي ملڻ سو ڪافي آنـنـــد آهي ۽ اهڙي سنترجيون جو مثال پين اڳيان رکڻ سو ڪافي شيـوا جو ڪم آهي. منهنجو خيال هيءُ آهي تہ جتي خيـال جي پڪائي ۽ اورچـــائي آهي، اُتي پورهيـو نشفـل ڪڏهـــن ڪونہ ٿيندو آهي؛ خيال پنهنجي طـقت، ليـاقت ۽ اهميت موجب جيئن چؤطرف ڦري ٿو، تيئن وزن وڌائي ٿو يعني ڳر پائي ٿو. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ پٿر جيڪو ڊڪندو رهيٿو، سو ڳـر نہ ٿو وڌائـي (Rolling stone gathers no mass) • پـــر مان چوان ٿو، انسانجو ارادو ۽ خيال جئن آزمائش ۾ اچي ٿو، تئن وڌيڪ وزندار ٿئي ٿو. جيڪڏهن اسانجي خيالات ۾ ڪابہ خوبـــي آهي تہ آها خيـالات اجائي هرگز نہ ويندي. دنيا ۾ خيال سڀ شيءِ کان ڏير سان مـري ٿو، ڇا لاءِ جو آهو سوڪيم جوڙ جو آهي. تنهنڪري مونکـي يقيـن آهي تہ هي خيال اسانجا نشڦل هرگز نہ رهندا. مگـر ڪڏهــن ڪٿي نہ ڪٿي ضـرور وڃي ڪو نتيجو ڏيکاريندا. انڪري مون صبـر سان سالن کان ويٺي واجهايو آهي.

” هن وقت هي پنهنجو غـــريبي حال ڏسي يا روحاني اڪيلائي محسوس ڪري هـن ٻيروني دنيا جي ٻر ۾ همٿ نہ هـارڻ گهرجي؛ مگر اِهو اعتقاد رکـڻ گهرجي تہ ايشور دانا بينا آهي؛ هو اسانجون سچيون گهرجون ۽ من جون مـرادون ڄاڻي ٿو؛ هو سڀ شيءِ کان پنهنجي ليـاقت آهر پورو پورو ڪم وٺي ٿو. اسان کان بہ اهو ڪم وٺندو جنهن جي لائق اسين هونداسين؛ جنجو اهو اعتقـــاد آهي سي

مونجهه ۾ يا گمراهيءَ ۾ هرگز نٿا رهن. البت ايشور جا راز اونها آهن؛ ورهين ۽ صديون سندس سچو سار نه ٿيون کولين. سندس گهرا راز بعضي هزارن سالن کانپوءِ کلن ٿا. تنهنڪري نه بي چين ٿيڻ گهرجي ۽ نه قدرتي رٿا يا پنهنجي خيال جي اسرڻ کي پنهنجي چنتائن سان رنڊائي ڇڏڻ گهرجي. اسانجون انتظاريون ئي آهن جي ڪاميابين کي پٺتي وجهي ڇڏن ٿيون؛ جي اسانجي خيال ۽ عمل جا رستا بند ڪري ڇڏن ٿيون.

”قدرتي ڦل انهن جو ازلي انجام ڪري سمجهڻ گهرجي. نه وري مشهورائي يا ناماچار ڪيڻ ۾ اُن انجام جي پورائي سمجهڻ گهرجي. اچو ته اِهي ڪچا خيال من مان ٻنهه ڪوري ڪيون؛ فقط سچ ۽ سنائيءَ جي چاهنا رکون؛ نه ڏکن ڏاڪڙن پٺي ڊڇون؛ نه گهڻن ماڻهن گڏ ڪرڻ جي تمنا رکون؛ خام ارادن کي من ۾ جاءِ نه ڏيون؛ نفس جون ليائيندڙ تصويرون پنهنجي اکين کان دور رکون؛ نفس ڏانهن صفا مري وڃون؛ آتما جو ڌيان ڌريون! اهائي سچي زندگي آهي! اهائي سچي آشرم جي اڏاوت آهي.“

★ ★ ★ ★

٢٦-٤-١٩٥٤ع - اڄ صوفي صاحب سنڌ جي هڪ مشهور هندو سامبوادي کي سام سان ملائڻ لاءِ وٺي آيو. سام ڇيو اسانجي اڄ ڪالهه واري اوستا اهڙي آهي جو مذهبي تنگدليءَ جو مادو خود گوٺن ۾ ڦهلجي رهيو آهي. سڀ ماڻهو ڪنهن به لائين ۾ خاص ترقي ڪري ڪنهن وڏي پوزيشن کي پهچي نٿا سگهن. ”مگر سنڌ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ ايترو چئي سگهبو ته هو مذهب کان دور آهن ۽ آزاد خيال آهن، جا هڪ وڏي ڳالهه آهي؛ انهيءَ پارٽيءَ ۾ مٿي ذڪر ڪيل ماڻهوءَ پنهنجي پر ۾ چڱي ترقي ڪئي آهي. جيتوڻيڪ هو هڪ هندو آهي. سام سائس ملي خوش ٿيو ڇاڪاڻ جو هو هڪ

سچو ماڻهو ٿي ڏيکاريو. ٻيو هڪ دوست به ان وقت ويٺو هو؛ ڪجهه دير تائين سندن وچ ۾ گفتگو هلي مگر مون سڄو گفتگو ڪونه ٻڌو. سام جي مدد سان هي احوال مختصر درج ڪريان ٿي:-

گفتگو هلندي هلندي سام چيو: "هڪ جهڙائيءَ جو خيال سٺو آهي؛ ڌرم ۽ جمهوريت واري اصول موجب آهي؛ هيءَ هوا، پاڻي، کاڌو ۽ دنيا جون ٻيون نعمتون ايشور برابر سڀني لاءِ جوڙيون آهن ۽ نه ڪن ٿورن لاءِ. البت انسان انسان جي وچ ۾ تفاوت آهي. هر هڪ جون گهرجون سندس جوڙ جنس تهذيب ۽ تربيت پٽاندر نراليون آهن؛ خيال نرالا آهن تنهنڪري عمل ۽ خواهشون نراليون آهن؛ پورن هڪ جهڙائي (uniformity) ڪنهن به طبقي ۾ آڻڻ اهنجي آهي. ٻي ڳالهه جنهن ۾ اسين ساميوادين جي تائيد نه ٿا ڪريون سا اها آهي جو هو شخصي آزاديءَ کي نڪرائي ڇڏن ٿا. Regimentation يا قواعد اندر هلائڻ زندگيءَ جو جيڪو ڪميونسٽ ملڪن ۾ روا آهي سو اسانکي انساني فطرت جي خلاف ٿو لڳي."

ساميوادي دوست چيو: "اهو ڇاجي ڪري خراب آهي؟ ڪنهن به شخص (Individual) جي ترقي سوسائٽيءَ يا سماج جي سڌاري سان ٻڌل آهي؛ سوسائٽيءَ کي ڪنهن چڱي سٺي، مقرر رستي تي هلائڻ ۽ رٿا مؤجب قدم وڌائڻ، تنهن کي شايد توهين قواعد اندر هلائڻ چئو ٿا. اسانجي سوسائٽيءَ لاءِ خاص ڪري رٿا موجب قدم کڻڻ ضروري آهي. انتظام ان لاءِ آهي ته جئن سٺي رستي کان ڪو ٿڙي نه وڃي."

سام چيو: "جيڪڏهن توهان کي پنهنجي فلسفه جو پورو ڀروسو آهي ته پوءِ ڇونه سڀ ڪنهنکي آزاد ڇڏيو وڃي ته پنهنجي مرضيءَ سان ڪميونسٽ راهه تي اچي يا نه اچي؟ جيستائين انسان پاڻ ڪا ڳالهه نه ٿو سمجهي، تيستائين ٻئي جو سمجهائڻ اثرائتو

نٿو ٿئي. زوريءَ ڪنهنکي، ڪنهن راهه تي آڻڻ تنهن ۾ سدارو بنهه تي نٿو سگهي. ٻئي ڪي انڪار نه آهي جو جيستائين ماڻهن کي گالهه فائديمند سمجهان، تيستائين زبردستيءَ سان ان ’فائدي‘ واري راه تي موڪلي هلائي. تنهنڪري توهين بيشڪ پرچار ڪريو ۽ جڏهين قوم جا گهڻا ماڻهو اوهانجي خيالن جا ٿين پوءِ ڀل انهن جي ووٽ سان گورنمينٽ جون واڳون هٿ ڪريو؛ پر هنوقت تائين ڪميونزم جمهوريت جي طريقي سان ڪٿي به برپا ٿي ڪونه سگهيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته سڀ اصول ساميوادين جا نيڪ نه آهن.“

ٻئي هڪ نئين دوست چيو: ”اسلام خود ڪميونزم آهي؛ ڇو نه اسلامي ملڪن ۾ اسلام جي معرفت ڪميونزم آڻجي؟“

ساميوادي دوست چيو: ”ائين ڪٿي هجي ها، پر هن وقت اهو اسلام گهڻن ماڻهن وٽ رهيو آهي، سو توهان ٿي ڏٺو. اهو تمام ٿورا ماڻهو عمل ۾ آڻيندا هوندا. مولوين ۽ ملن انهيءَ اصلوڪي اسلام جو رنگ روپ ئي مٽائي ڇڏيو آهي. هن وقت اسلامي ملڪن جا ليڊر سڀ خود مطلبي ۽ سرمائيدار فرقي مان پيدا ٿيل ڏسجن ٿا. اسلامي ملڪن ۾ سچي پچي جمهوريت اچي وڃي ته اسانجو ڪم جيڪر سولو ٿي پوي. انڪري جمهوريت خود اسين سمجهون ٿا ته ساميواد جو پهريون ڏاڪو آهي پر اها جمهوريت ڪٿي آهي؟“

سام چيو: ”جمهوريت پهريون ڏاڪو فقط نه آهي، پر آخري منزل به سمجهڻ گهرجي. انساني آزادي هر حالت ۾ بحال رکڻ گهرجي. پهريون ڳالهيون پهريائين رکو ۽ پويون ڳالهيون پوءِ رکو. اقتصادي يا ٻئي ڪنهن به واڌاري لاءِ جمهوريت جو اصول ترڪ ڪري نٿو سگهجي. توهين جمهوريت فقط انڪري فائدي واري سمجهو ٿا جو انجي ’هل هلاچي ۾ ساميواد جو تحرڪ زور سان هلائڻ

آسان لڳي ٿو. مگر اها سچي جمهوريت نه آهي. سچي جمهوريت ۾ شايد اوهان جا هاڻوڪا اصول سڀ بحال ٿي نه سگهن. ان ڪري ئي ڪميونزم ۽ جمهوريت جو پاڻ ۾ جهيڙو آهي."

ساميوادي دوست چيو: "پهرئين ڳالهه آهي اَن ۽ لٽو سڀني لاءِ موجود ڪرڻ. آزادي يا جمهوريت يا مذهب وغيره سڀ پوءِ اچن ٿا. ان ۽ لٽو پورو نه هوندو ته ٻي ڪا به ترقي ڪري نه سگهبي."

سام چيو: "اَن ۽ لٽو وغيره جسماني گهرجن جون شيون، سي انسان جي سک جو فقط هڪ پاسو آهن. انسان جي ترقيءَ جي عمارت چورس آهي، منجهس چار وڏيون ديواريون آهن. اَن ۽ لٽو وغيره فقط هڪ پاسو آهي، ٻيو پاسو آهي انسان جون جذباتي ضرورتون جنهن ۾ سونهن جي واڌاري لاءِ هنر ۽ شعر، ٻيون تجويزون ۽ طرزون حياتيءَ جون اچي وڃن ٿيون، جن مان انسان جي دل کي لطف حاصل ٿئي ٿو. ٽيون پاسو آهي من جي سکيا ۽ گيان جو واڌارو، جنهن ۾ تعليم، سائنس، فلاسافي وغيره اچي وڃن ٿا. چوٿون پاسو آهي [redacted] آتما جو آڌار جنهن ۾ يوگ ڪريائون وغيره اچي وڃن ٿيون، جي شانتي ۽ آنند آتما جو پيدا ڪن ٿيون. جيئن ڪنهن جانور جي خوش رهڻ لاءِ نه رڳو کاڌو پاڻي يا واڙي جو سک پر گهمڻ، ڦرڻ، هوا جهٽڻ وغيره سڀ ضروري آهن، تيئن انسان کي خوش رکڻ لاءِ مٿيون چار ڳالهيون سڀ گڏ ويچار ۾ آڻڻ ضروري آهن.

"جيڪڏهن انسان کي اَنُو لٽو ڪافي موجود ڪري ڏبو ۽ ٻيون زندگيءَ جون تمنائون سندس پوريون نه ڪبيون ته هو خوش رهي نه سگهندو. حضرت عيسيٰ جي اکرن جي اونهي معنيٰ آهي، جو چيو اٿس ته انسان فقط اَنُو کائي نٿو جيئي (Man liveth not by bread alone) ڪميونسٽ ملڪن ۾ روس سڀ کان وڏيڪ اقتصادي ترقي ڪئي آهي پر ڪٿي آهن اني ٽئگور ۽ اقبال جهڙا شاعر ۽ خيال جا

رهبر جيڪي روح کي پنهنجي خيال يا امنگ جي پرن سان آڪاش جا سير ڪرائن؛ ڪٿي آهن گانڌي جهڙا ڌرم جا پرڪاشڪ ۽ سياست جا اڳــــواڻ جي انسان جي اونهي ۾ اونهي گهرجــن کي سمجهي ان جي هر مسئلي کي منهن ڏيئي سگهن؛ ڪٿي آهــن آهي گذشته زماني واري يورپ جهڙا ڪلاڪار جن جي تصويرن، چٽساليـن يا آڪار جي ڪمن ۾ امنگ روپي ساگر جون لهرون پيون لڳن؟"

سامِيوادي دوست چيو: "آتي به گهڻائي شاعـــر ۽ هنرمند پيـدا ٿيا آهـــن ."

سام چيو: "ضرور هوندا ڇا لاءِ جو انسان جي سڀاو کي ڪيترو به دٻايو وڃي ته ڪٿان ۽ ڪنهن نه ڪنهن بهاني مڙيوئي ڦاٽ ڪائي اهو ظاهر ٿئي ٿو. انهن جا شعـــر وغيره ٿورا مون پڙهيا آهن. رشيا جيڪي سائنس يا پين دائرين ۾ ڪيو آهي، تنهن لاءِ مونکي عــزت آهي، مگر مونکي سندن شعرن مان ڪوبه لطف ڪونه ايندو آهي. انهن منجهان روس جي سخت انتظام ۽ ريجيمينٽيشن جي بوءِ پيئي اچي."

پوءِ آن سامِيوادي دوست ٻڌايو ته ڪميونـــزم جـ، فلاسافي پڻ اونهي آهي. چيائين: "جي توهان چڱيءَ طرح پڙهي ڏسندو ته آها اوهان کي بلڪل پورڻ نظر ايندي ڇا لاءِ جو آن ۾ جسماني ياڳو نظـر انداز ٿيل نه آهي؛ بنيادي ڳالهه جسم آهي، جنهن مان سچي زندگي جي راند مچي ٿي. زنـــدگيءَ جو مقصد زنـدگي آهي؛ پيـون سڀ ڳالهيون انهن ڪانپوءِ اچن ٿيون."

سام چيو: "اهو اوهان جو نظريو اڌ پورو آهي. حيـــاتيءَ جو مقصد نه جيئاپو آهي پر پورڻ جياپو جو پورڻ گيان ڪانسواءِ حاصل ٿي نه سگهندو. جيو آتما جو مقصد پورڻ آنند يا پرمـــاتما ٿي آهي. توهيـن پهريون ڳالهيون پوءِ رکو ٿا ۽ پويون اڳ ۾. جسم گاڏي آهي. آتما سندس گهـــوڙو آهي. توهين گهوڙي کي اڳ ۾ ڪرڻ بـــدران گاڏيءَ کي اڳ ۾ ڪريو ٿا. ان نموني گاڏي ۽ گهوڙي

پنهي کي -کهلي کنهن اوڙاهه ۾ وجي، هنندا آزادي خيال جي ۽ زبان جي، کنهن به حالت ۾ وڃائڻ نه گهرجي. اوهان سان جيڪي شامل راءِ نه هجن، انهن کي به حق ملڻ گهرجي ته هو پنهنجا خيال ظاهر کن يا پنهنجو پرچار کن. هاڻي اِها کسوٽي اوهين لائي پوءِ پاڻ ان پڇي سگهو ٿا ته هيءُ کميونزم اها آزادي ڪيتريقدر ڏيئي سگهي ٿو. هن ملڪ ۾ به ساميواد جو ڪو زمانو هيو پر اهو آزاديءَ جو گهاتڪ ڪونه هو ۽ منجهس ڏرمي امنگ سمايل هو. جنهنڪري کنهن به هڪ ورن يا ڪلاس لاءِ اهنجو ثابت ڪونه ٿيو. البت تنگدليءَ سبب پوءِ اهو سرشتو لٿي پيو."

ساميوادي دوست چيو: "رشيا ۾ شخصي آزادي هر کنهن کي آهي، بشرطيڪ هو سوسائٽيءَ جو دشمن بڻجي نه پوي."

سام چيو: "مان پانيان ٿو ته اسان جهڙن ماڻهن جي لاءِ جيڪر کميونسٽ سرشتي ۾ جاءِ ئي ڪانه ٿي سگهي، توڙي جو اسان جو اعتراض کميونزم جي اصول خلاف نه آهي، مگر انهن جي هنسا واري رستي خلاف آهي. مان رشيا جي عظيم رهبرن جي ننڍا نتو کريان، اڄڪله روسي کميونزم ايشيا جي قوميت (Asian Nationalism) جي وڏي ٽيڪ تي رهيو آهي؛ ڇا لاءِ جو جيئوٽيڪ رشيا جو چڱو ڀاڱو يورپ ۾ آهي تڏهين به رشيا جو روح ايشيائي آهي ۽ رشيا مثال تي ڏيکاريو آهي ته هن پر واراً به کي ڪجهه کري سگهن ٿا. پر ايترو ضرور قبول کرڻو پوندو ته آتي شخصي آزادي پورڻ نه آهي. ساڳئي وقت تي اڻين به چئي سگهجي ٿو ته دنيا جي ڪيترن ٻين جمهوريت پسند ملڪن ۾ پڻ شخصي آزادي گهٽ آهي؟"

ساميوادي دوست چيو: "ڪهڙين ڳالهين ۾ روس اندر شخصي آزادي توهين سمجهو ٿا ته گهٽ آهي."

سام وراڻيو: "مثلا جي مان آتي کميونزم جي برخلاف آتي

پرچار ڪريان ته مون جهڙي انسان کي جيڪر آتي رهڻ ڏنو ڪين وڃي ۽ مان آتي پنهنجو آئيندو جيڪر اڏي نه سگهان. جيستائينڪ آنان جي گورمينٽ جي مقرر ڪيل لائين تي پير نه ڪڍان. ويجهي تاريخ ڏسي تي ته روسي انقلاب ڪانپوء خلاف ڏر وارن جي ڪيڏ ڪيڻ نه ڪات ڪهاڙا ڪنيا ويا ۽ 'صفائي' (Purge) جي بهاني اڃا تاء آتي ڇا نٿو ڪيو وڃي؟"

ساميوادي دوست چيو: "مان شخصي آزاديءَ جي فائدي ۾ آهيان ۽ محسوس ڪريان ٿو ته اسان جي ملڪ ۾ پڻ انهيءَ پرچار جي وڏيڪ ضرورت آهي."

تنهن ڪانپوء گفتگو سام جي ادبي ڪم وغيره ڏانهن ڦريو.

ساميوادي دوست چيو: " توهان انهن خوش نصيب انسانن منجهان آهيو، جن کي روشني حاصل آهي ۽ جيڪي دنيا جي خدمت ڪري سگهن ٿا. پوء ڇو نه پنهنجي خيالات مان ٻين کي به واقف ڪندا رهو ته ٻين جو به ڀلو ٿئي؟"

سام چيو: " اسين ٻين جو ڀلو هميشه چاهيون ٿا مگر پنهنجو دهل پاڻ وڄائڻ سو نه فقط پاڻ کي خراب لڳي ٿو پر ان مان نتيجو گهڻو ڪونه ٿو نڪري. خيال جو اثر به انهن تي پوندو آهي جن کي اڳ ۾ ڪجهه شوق پنهنجو هوندو آهي. تنهن ڪري اسانجو آدرش اِهو آهي ته پاڻ کي هڪ سنڌر سيتل پاڻيءَ جي چشمي وانگر بڻائجي پوء ڪنهنکي سڏ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه آهي. پکي، پشون ۽ ٻيا جيءَ جيڪي پياسا هوندا، سي پاڻهي اچي چشمي تي پاڻي پيئندا. گهڻو گوڙ شور سچن پياسن کي پاڻ وڏيڪ پري رکي ٿو."

ساميوادي دوست چيو: " اهو خيال نيڪ نه آهي. دنيا هڪ باه ۾ ٻري رهي آهي. انکي اهڙي حالت ۾ ڏسي گهر ۾ چپ ڪري ويهي رهڻ سو توهان جو فرض نه آهي. اهو ايڪانت جو رستو

اج ڪلهه جي زندگيءَ ۾ ڪارگر نه آهي. اوهان جا خيال اوهان لاءِ فقط نه آهن، مگر انهن جو فائدو ٻين کي به ملڻ گهرجي. اهي خيال اتي ئي دٻ ٿي وڃڻ نه گهرجن."

سام چيو: "اسان جو ڪنهن به هلچل يا تحرڪ هلائڻ جو ويچار نه آهي. ايشور کي پائڻ يا پنهنجي جيون سڦلي ڪرڻ سوئي هڪ سچو آدرش شيوا جو آهي ۽ ان جي پائڻ جا پيا بہ گهڻا ئي رستا آهن. ڪرم يوگ جو بہ هڪڙو مارگ آهي، جو توهان پڪڙيو آهي. اها تمنا هر ڪنهن کي رهي ٿي تہ مان جسماني يا روحاني اولاد پيدا ڪريان. پر جي سهج سڀاءُ ڪنهنکي اولاد حاصل نہ ٿئي تہ پوءِ ائين آهي چا تہ آها زال مڙيوئي ڪتان بہ وڃي اولاد پائي اچي؟ غلط رستي ڪم ڪرڻ ۽ هنسا جو مارگ وٺڻ يا اعتراض جوڳي نموني اهو مطلب پورو ڪرڻ سو ان ويچارڻ زال جي مثل ٿيندو. مطلب تہ جيڪڏهن ايشور پنهنجي مهر سان ڪو وڏو مارگ جيوت ۾ نہ کولي تہ مشهورائيءَ لاءِ نفس جي سينگا يل سهڻن رستن تي ڪاهي نہ پئجي!"

ساميوادي دوست چيو: "مان تہ جيڪر چوان تہ آها زال ڀل ڪتان بہ ٻار پائي اچي، اهو آرين سماج وارن جو بہ اصول آهي. مطلب تہ پنهنجو آدرش ڪيئن بہ پورو ڪرڻ گهرجي."

سام چيو: "خراب نموني سٺي شيءِ حاصل هرگز ٿي نٿي سگهي؛ جي ٿيندي تہ ان مان سک يا مزو پراپت ڪونہ ٿيندو. سچي آدرش لاءِ سچا رستا اختيار ڪرڻا آهن. مشهورائيءَ جو خيال يا حاصلات جي لالچ، سي سچ پچ پورڻتا جي راهه ۾ رڪاوٽون آهن. ايشور جي لبلا اهڙي آهي جو جيتري لياقت جنهن شيءِ ۾ آهي، اوترو ڪم ان کان ضرور ورتو وڃي ٿو. البت اُن جو اثر بعضي بعضي گهڻي وقت کانپوءِ ظاهر ٿئي ٿو. مثلاً سري رام ڪرشن پرم هنس جي حياتي ڏسو؛ سندس ديهانت جي وقت ٿائين ڪي مٺ ڀر انسان هن

جا پوئلڳ هئا. پر سنڌس خيال جي خوشبوءِ اڃا وچي ٿي دنيا ۾ ڦهلبي؛ سنڌس ٻول چٽڪ هڪ نئين پنٿ جو بنياد ۽ مرڪز سمجهيا وڃن ٿا. اسانکي يقين هئڻ گهرجي ته قدرت اسانجي لياقت آهر پاڻهي اسانکي ڪتب آڻيندي. ڪهڙي خبر آهي اوهان دوستن مان ئي ڪنهن جي من ۾ ائين اچي ته هنن خيالن کي وڌائڻ گهرجي؟ پوءِ اسين به اُن واڌاري جي آڌو ڪونه ايندا سين. مگر هڙادو حيلا هلائي 'ڪم کي اڳتي ڪرڻ' سا حقيقت ۾ وڪ پٺتي وجهڻي آهي."

★ ★ ★

١٠-٥-١٩٥٤ع- آرتوار ڏينهن مون خوشي ٿي ڪئي ته آرتوار سٺي نموني ۾ گذاريندا سين پر سام چيو، آرتوار ڏينهن ته هميشه اسين پاڻ ۾ ٽڪرندا آهيون! مون ڪائنس ان جو ڪارڻ پڇيو:

سام چيو: "گهڻي چڪ (Attraction) ڪانپوءِ هڪ آبتو اثر (Repulsion) پيدا ٿيندو آهي. اهو هڪ قدرت جو قانون آهي. پريم انهن ٻنهي حالتن ۾ قائم رهي سگهي ٿو ۽ انهن ٻنهي سمجهان ٻاهر نڪري سگهي ٿو يعني انهن جي اثر کان بچي سگهي ٿو. اسان جي ٿوري لڙائي ڏيکاري ٿي ته دل زنده آهي. اِها لڙائي تفاوتن گم ڪرڻ جو هڪ حيلو ڪري سمجهو. البت ائين ظاهر آهي ته تفاوت ڪجهه مڙبوئي رهيا آهن. ان ريت هڪ ٻئي ڏانهن وڌڪ ويجهي اچڻ ۾ ڪامِيابي نه پائي پوءِ دل نا اميد ٿي، ٿوري وقت لاءِ پري ٿيڻ گهري ٿي. ان نموني ئي تنهنجي طبيعت ڪئي ٿي پوي ٿي. اِهو خاص ڪري توسان لاڳو آهي. منهنجي حالت ۾ ائين آهي ته مان هڪ قسم جي ماٺ ۾ اچي ويندو آهيان؛ تنهنجو ۽ منهنجو پريم تن جي طلب کان آجو آهي، پر اڃا من جي جذباتي تفاوتن کان آجو نه آهي. اُهما ايڪتا جنهن ۾ سڀ تفاوت سمائجي وڃن ٿا، فقط يڳتي ياڱ ۾ ۽ آتمڪ اورچائيءَ ۾ پورن ٿي سگهي ٿي. جڏهين ان ۾ ڪمي بيشي ڪانه رهندي تڏهين پيار ۽ حقارت يا ڪشش ۽

نفرت واري قدرتي قانون جي دائري کان نڪري سچي سک ۽ سئنترتا جي حدن اندر واسو ڪبو."

اڳواٽ اهڙي اطلاع ملندي به جيئن آرتوار جو سج چڙهندو ويو ۽ جيئن مان واندي ٿي گهر ۾ اچي ويٺس ته ڳالهه مٿان ڳالهه ويئي نڪرندي ۽ مون سام کي چيو ته پنهنجي ٻارن جي پاس ٿيڻ جي ۽ ڪڪيءَ جي شاديءَ ٿيڻ جي سوکڙي مونکي اڃا ڪانه ڏني اٿوَ!

سام چرچي طور چيو: "چونه تون سال بسال ملندڙ اضافن جون سوکڙيون مونکي به ڏين!"

مون چيو: "مونکي ته انهن اضافن ۾ ڪابه خوشي حاصل ڪانه ٿي ٿئي."

سام چيو: "ائين ته سنساري حاصلات ۾ اسانکي به دلي خوشي ڪانه ٿيندي آهي. مگر جو ڪم جنهن جي هٿ ۾ آهي، اُن جي پوري ٿيڻ تي هڪ وفادار سپاهي ۽ ايماندار انسان کي ضرور خوشي حاصل ٿئي ٿي. سا خوشي فرض جي ادائيءَ سنجهان آهي ۽ نه ڪنهن شيءِ يا درجي حاصل ڪرڻ جي آهي."

مون چيو: "مونکي ته اها به حاصل ڪانه آهي."

سام اتي ٿوري ويچار ۾ پئجي ويو ۽ چيائين: "اها خراب نشاني آهي؛ يا ته تون پنهنجا ڪم پريم ۽ فرض ادائيءَ جي خيال وچان نٿي ڪرين پر ڪنهن خاص نڍڙي مطلب يا ارادي سان اهڙا چڱا ڪم ڪرين ٿي؛ يا ته چئبو تون اهڙي نرموهه ٿي ويئي آهين، جو خود پنهنجي ڪم جي چڱي يا نه چڱي ٿيڻ جو توکي احساس ڪونه ٿو رهي؛ پر اها حد اڃا پري آهي."

مون چيو: "مونکي موهه فقط توسان آهي پر تنهنجو موهه گهڻن سان آهي؛ ٻارن ٻچن، گهر ٻار وغيره سان."

سام کلي چيو: اها ڳالهه به عجب جهڙي آهي؛ جيڪڏهين موهه هڪ سان آهي، تڏهين به اوتري ڳالهه آهي جي گهڻن سان آهي

تڏهين به اوتري ڳالهه آهي. موهه هڪڙو مرض آهي؛ ان جي هلڪائي يا گهرائي هرويرو گهٽ ڦٽن ظاهر ٿيڻ مان نه پر ڦٽن جي اونهائيءَ مان ڏسڻ سگهجي ٿي؛ ٻانهن ۾ ڦرڙي هجي يا ڇنگهه ۾ ڦرڙي هجي يا ٻين عضون تي، اها ڳالهه مرض جي گهاٽائيءَ ۾ فرق نه ٿي آڻي. مرض هڪ منهن ڪڍي يا گهڻا منهن ڪڍي، اهو هر حالت ۾ خطرناڪ آهي."

تنهن ڪانپوءِ سام شڪارپور جي هڪ مشهور وڪيل جي ڳالهه ٻڌائي: "ان وڪيل وٽ ڪو ٻروچ قوم جو ماڻهو پاءُ جي ڪيس ۾ اپيل ڪرائڻ لاءِ آيو. سندس پاءُ کي ٻن قلمن هيٺ ڦاسيءَ جي سزا آيل هئي. پاڻ ۾ فيصلو ڪيائون ته جي موت جي سزا لهرائي وئي ته ٻروچ وڪيل کي ٻه هزار ڏيندو. ڪجهه پئسا هن بياني ۾ ڏنا. اپيل ڪارگر نه ٿيڻ جي حالت ۾ فقط بياني وارا پئسا وڪيل کي ملڻا هئا ۽ ٻيو ڪجهه به نه. پر اپيل ۾ انهن ٻنهي قلمن مان هڪ قلم هيٺ ڏوهه ناثابت ٿيو؛ باقي هڪ قلم هيٺ ساڳي موت جي سزا ثابت رهي. وڪيل تڏهين اصيل کان باقي پئسن جي گهر ڪئي، جي منڍائيءَ طور ڪيس ملڻا هئا. چيائين ته. مون هڪ موت تنهنجي پاءُ تان ٽاري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري تون مونکي اڌ پئسا گهٽ ۾ گهٽ ڏي. ٻروچ چيو ته سائين ڦاسي ته آهي منهنجي پاءُ کي ايندي باقي پئسا ڇا جا ڏيان؟ تڏهين وڪيل ڪيس وري سمجهايو ته چريا! اڳي ٻن ڦاسين جي سزا هيس؛ هاڻ فقط هڪ ڦاسيءَ جي سزا آهي!"

سام وڌيڪ چيو: "تنهنجي ڳالهه به آن وڪيل جهڙي پيئي لڳي ته تنهنجي موهه کي فقط هڪ منهن آهي ۽ منهنجو تيرهن منهون آهي!"

مون اها ڳالهه قبول نه ڪئي پر ٿوري دير بعد ويون ثابتيون ملنديون. جيئڻ مان سام جي اڳيان وچي ٿڌي تي ويٺس ته هن چيو

شايد پير پورا صفا نه اٿيئي. مونکي انهن لفظن تي ڏک ٿيو ۽ آئي پنهنجي جاء تي وڃي ويٺس. تڏهين سام چيو: ”تنهنجو سوھ ھاڻي به منهون نه گهٽ ۾ گهٽ ثابت ٿيو. پنهنجي ’سوَمان‘ سان ايتري نه سک اٿيئي جو ٿوري چوڻ تي ’رسي هلي وڃين!“

تنهن کان پوء وري کي اکر منهنجي مائٽن بابت سام کم آندا جنهن مان مون انوسان ڪيو ته انهن لاء سام کي پوري عزت نه آهي. مونکي ان تي وري رنج پيدا ٿيو.

سام چيو: ”در حقيقت مون تنهنجي کنهن مائٽ لاء ڪجهه به ڪونه چيو، پر تنهنجو موھ هاڻي نه ’منهون ثابت ٿيو؛ يعني توکي مون سان نه رڳو پر پنهنجي سوَمان‘ سان ۽ پنهنجي گهراڻي جي عزت سان به گهاڻو سنيهه آهي.“

سام مسخريء ۾ مونکي ائين چيڙائيندو رهيو مگر مان چرچو نه سمجهي گهر مان آئي هلڻ لڳس ۽ چيم: ”هن گهر ۾ مونکي سک ملڻو ئي ڪونه آهي. آرتوار ڏينهن گهڻو اچي ويهان تي تڏهين ته ڪر ڪر ٿئي تي.“

سام تڏهن چيو: ”اهو چوڻون موھ پنهنجي سک جو وري اهڙو آهي جو خود منهنجي موھ کي لتي چڏئين. مون سان ايتري موھ هوندي به مونکي ڇڏي هلي وڃڻ تي چاهين! هت دک پراپت ٿئي تو ۽ پئي هنڌ سک ملڻ جي وڏيڪ اميد ڏسجي تي! آن مان سمجهي، اي مورک! موھ هڪ قسم جي انڌاري آهي. انڌاري انڌاري آهي، چاهي ڪنهن به طرف کان اچي.“

پوء مونکي تاڪيد ڪيائين: ”اچوڪو گفتگو پنهنجي ڊائريء ۾ ويهي لک توڙي جو توکي پنهنجي موڪائي درج ڪرڻ چڱو نه لڳي.“

★ ★ ★

٢٤-٥-١٩٥٤ع - ڀن ڏينهن کان اسانجي گهر ۾ هڪ قسم جو ڦيٿهڙو اچي پيو آهي. اسين پاڻ ۽ اسانوت رهندڙ ڇوڪرا (جن کي اسين نوڪر ڪونہ چوندا آهيون) سڀ ڇڙڪ ڀي ٌسرا پيا هلن. هرڪو سڄيو مڄيو ويٺو آهي !

سام چيو: ” اها ٌشڌيءَ جي آگ اٿو. بروقت ٿي، انجي آيرندي مونکي اهو احســـاس ٿيو تہ منجهس ڪجهہ وڏيڪ ڪچ ڪوڙ يا دوئي پاوَ جيڪو هوندو سو سڙي ويندو. مونکي اها اميد ڪانہ هئي تہ ڀن ڏينهن ۾ اهو ڪم پورو ٿي ويندو. مون سمجهيو ٿي تہ ڏهہ يا پنـــدرهن ڏينهن اهو نمونو گهٽ ۾ گهٽ هلندو، جيستائينڪ ڏوهہ ڪندڙ ڪافي پڇتاءُ ڪري. “

.. ٻري ڦيٿهــڙي جو ڪارڻ اسانجو رسويو هيو. مگر مون هن جي پڇتاءُ ڪرڻ تائين ڳالهہ کي ڪونہ ڇڏيو. مون ٻهنجو سولو رستو ڳولي لڌو. ان ڇوڪري پو ڪري يا ڪنهن دلي ناراضپي ۽ نا اميديءَ ڪري ڪم سٺو نٿي ڪيو ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ بعضي بعضي اوچو اوچو نظر ٿي آيو. مٿس ڪي الزام چال چلگت جا هئا. سام جو خيال هو تہ اهڙي سزا پوڳي جنهن ۾ سندس سڌار ٿئي. مون سام کي چيو تہ ڪيس موڪل چونہ تا ڏيو. سام کي ازخـــود اها ڳالهہ وٺي آئي ۽ چيائين تہ سندس پري رهڻ ٿوري وقت لاءِ چڱو ٿيندو.

اهي ٻہ ڏينهن گهر جو سڀ ڪم سام ۽ مون پاڻ ۾ ورهائي ٿي ڪيو. سام پاڻ کلهي تي دلا رکي پاڻي ڀري آيو. مون ڪيس چيو تہ هرويرو ائين نہ ڪريو. ان تي سام هي جواب ڏنو: ” هيئر اهــو زمانو اچي ويو آهي جو نوڪرن کان ڪم وٺڻ، پاڻ کي ئي خراب پيو لڳي. جيڪڏهين نوڪر گهر جي ڀاتيءَ وانگــر ٿي وڃي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي يا جنهن ماڻهوءَ کي وڏا ڌنـــڌا ۽ ڪاروبار هٿ ۾ هجن تہ ان جي لاچاري ٻہ محسوس ڪري سگهجي ٿي. مگر عام طرح فقط شخصي سک لاءِ نـــوڪر رکڻ جو رواج بالڪل خراب آهي.

اسان کي ائين زماني جي خيالات موجب هڪ بنا نوڪرن جي سوسائٽي اڏڻ کپي. ’ڪميونزم‘ پوءِ پيدا ٿيو، مان ننڍيءَ عمر ۾ ئي اهي خيال رکندو هيس ۽ اڃا تاءِ ڪڏهين ڪڏهين هٿ جو ڪم ڪري، انهن خيالن تي ڪجهه عمل ڪندو رهندو آهيان. هن ڇوڪري کي اسان سان گڏ رهي اٽڪل سترهن سال اچي ٿيا. جيڪو ماڻهو ايتري عرصي لاءِ گڏ هجي، پوءِ توڙي جو هو پگهاردار هجي تڏهين به انکي گهر مان تڙي ڪڍڻ هڪ سخت قدم پيو لڳي. پر ڪن حالتن ۾ اهڙا سخت قدم کڻڻ ضروري ٿين ٿا. هن کي اهو شايد خيال هو ته اسين ڪم جي لحاظ ڪري سندس ڳالهيون سڀ برداشت ڪنداسين. مگر جيڪڏهين انن پهرين ۾ فقط هڪ دفعو ئي ڪانٽو پوي ۽ سڀ ڪم پاڻ ڪرڻو پوي، تڏهين به سنتنر تي رهڻ سٺو آهي. هن رستي گهٽ ۾ گهٽ اسين پنهنجي من کي خاطري ڏيون ٿا ته بيلي اسين هرو ڀرو اهڙا عاجز ۽ محتاج نه آهيون. جيڪو ماڻهو پنهنجي روٽي پاڻ ڪمائي ۽ پاڻ پچائي نٿو سگهي، اهو ڪنهن به عزت جي لائق نه آهي ۽ حياتيءَ مٿان هڪ بوجهه آهي.“

مون پهريائين ڪجهه ناراضپو ڏيکاريو جو سمجهيم ته سام کي پاڻ ڪم ڪرڻ ۾ تڪليف ٿيندي ۽ ٿڪجي پوندو، مگر ڏٺم ته سام کي اڪيلي رهڻ جي طاقت ۽ پنهنجي ڪم پاڻ ڪرڻ جي سمر تي آهي. اهي به ڏينهن جيئن اسپتال مان موٽندي هيس ته هو ماني بلڪل صاف، سٺي ٺاهي رکندو هو. رات جو وري مان پاڻ ڪندي هيس. عجب اهو اٿم جو پڙهڻ، لکڻ ۽ ابياس ڪرڻ لاءِ پڻ اسان ٻنهي کي اڳي کان وڌيڪ وقت بچت ٿيندو هو!

سام چيو: ”ڪروڌ“ وقت مان نه فقط پر هر ڳالهه مان برڪت ڪڍيو ڇڏي. زندگيءَ جي توڙي پڻ ڪتري ننڍي ڪري ٿو ڇڏي. سنتوش ۾ رهڻ سان ئي سڀ فائدا حاصل ٿين ٿا.“

نه وري مونکي ڪا اسپتال جي ڪم ۾ گهٽتائي معلوم ٿي.

مونکي بہ اندروني طرح شايد اِهو آزمودو وڻيو ٿي ته ته سام کي پرڇائي ڇڏڻ کا اهنجي ڳالهہ کانہ هئي. سام جي سڀاو جي خبر اٿم. وڃي هٿ وجهوس ته هڪ نه ٻئي پيري سان پڇرچي ويندو؛ جيتوڻيڪ اصول جو سوال هوندو ته اُن تان هرگز ڪين هٽندو. ٻن ڏينهن بعد ان ڇوڪري کي مون سمجهايو ته جنهن جي ڪارڻ مون دنيا ۾ سڀ ڪجهہ ڇڏيو آهي، تنهن کي جيڪڏهين تون اٿين پيو نـاراض ڪندين ته ڪيئن گڏ رهي سگهبو؟ تنهن ڪري هل ته هلي پيش پئونس ۽ سندس ڳالهيون سڀ مڃيون. پوءِ اسين ٻئي اچي سام جي پيرن ۾ ويهي رهياسين. مون سندس پيرن کي ڇنبڙي روئي ڏنو ۽ کيس چيم ته ڪاوڙ ۾ جيڪي لفـظ مون کان نڪتا هجن، سي مونکي بہ معاف ڪيو. اهي لفظ مون سڏڪا ڀري چيا. سام هڪدم مونکي ياکر پائي آٿاريو ۽ ڇوڪري کي بہ چيائين ته وري ڪوشش ڪر وڌيڪ سٺي هلڻ جي.

اهي ٻہ ڏينهن سام گهڻو ڪري فرصت جو وقت اسان کان جدا پنهنجي ڪمري اندر گذاريندو هو. عجب اٿم ته انهيءَ وقت ۾ خيال پاڻ وڌيڪ هڪ ٻئي ڏانهن مائل هو، جيئن هيٺين مثال مان ظاهر آهي.

مونکي هڪ وقت اُئين لڳو ته سام چٽڪ مونکي اهي اکر چيا ته 'هيءَ ڇري وهي وهي تکي ٿي پيئي آهي!' پوءِ مون سام کان پڇيو: "اهي اکر رنڌڻي واريءَ ڇريءَ بنسبت توهان مونکي کهڙي خيال سان چيا هئا؟"

سام کلي چيو: "مون تنهنجي پر ٻنڻ اڄ اهو خيال ٿي ڪيو ته هيءَ ڇري، جيڪا صبح مون وهائي ٿي، سا پاڇين تي وهي وهي تمام تکي ٿي پيئي آهي؛ متان توکي، ڪم آئيندي، ڪنهن مهل چير ڏيئي وجهي! مون اها ڳالهہ نہ توکي چئي نہ ٻئي ڪنهن کي، ڇالاءِ جو تون اِني ڪونہ هئينءَ ۽ ماني مون تنهنجي پر ٻنڻ ڪئي

هئي. اٿين تو ڏسجي ته منهنجي خيال جو اثر تو تي پيو آهي. اها ڳالهه خيال جي هم رفيقيءَ (Telepathy) جو هـڪ مثال آهـــي. تنهنجي ذهن تي خيال اهڙو چٽو ويهجي ويو آهي جو تـون سمجهين ٿي ته سام مونکي اهي اکر زبان سان چيا هئا. ظـاهري جهيڙي جي وقت ۾ شايد اسانجو من هڪ ٻي جي ويچارن ڏانهن وڌيڪ مـــائل رهيو آهي!“

وڌيڪ هن وشيه تي ڳالهائيندي سام چيو: ’ٽيليپٿي‘(Telepathy) خيال جي ميلاپ جي فقط هڪ ٿورڙي شـــاهدي ڏئـــي ٿـــي. خيال جو ميلاپ وڌيڪ اونهو ۽ جٽادار ٿـي سگهيٿو. مگر ڊپ، شڪ ۽ نفس جون گهرجون سي هڪ ديوار بڻجي پـون ٿيون. بعضي بعضي انهن اوٽاڻن نه هوندي به خيال جي هڪجهڙائي حاصل ٿي نه سگهندي آهي، ڇا لاءِ جو مٺ چنچل هوندو آهي. اجاين سڄاين ڪمن ۾ هٿ وجهڻ، اجايو گهڻو ڳالهائڻ، دنيا جي شين يا جيئڻ سان نا ضروري واهپو وڌائڻ سو پڻ من کي يڪ ٽڪ ڪرڻ ۾ رڪـــاوٽ وجهي ٿو. تنهن جي حالت ۾ گهڻو ڪري تنهنجا ڊپ ۽ تنهنجي چنچلتا تنهنجي ايڪا گر نه ٿيڻ جو ڪارڻ آهن؛ ٻي ضروري شئي شرڌا يا اعتقاد آهي. اعتقاد پريم جي پورنتا جو پيو ٺالو آهي. جڏهن صفا لاڳـــاپا لاهي يڪوجود ٿي، دل دل کي پائي ٿي، من من کي سمجهي ٿو، تڏهين گويا اسين پريم جي چوٽـــيءَ ’ايورسٽ‘ تي پهچي وڃون ٿا. اتي آنند ۽ سمورو گيان حاصل ٿئي ٿو جنهن گيان جـــو ٽيليپٿي (Telepathy) فقط هـڪ ترورر آهي. مگر جيستاءِ ڪي خواهشون، لحاظ، ڊپ وغيره دل کي روڪن ٿا، تيستائين ان چوٽيءَ تـي پهچي نٿو سگهجي. هيڪڙائي فقط ان پورنتا منجهان پيدا ٿئي ٿي؛ نـه تـه جدائي ضرور رهي ٿي. هنن ٻن ڏينهن ۾ ٿورو مـــونکي الڳ سمجهي تو پنهنجا پيا لاڳاپا گهٽا گهٽائي، خيال کـي منهنجي طرف موڙي

ڇڏيو آهي. انهيءَ نموني ئي اهو ڇريءَ وارو خيال ته وٽ پهچي سگهيو. هن ڇوڪري کي تو ٻالڪ ڪري پاليو آهي. منجهس موهه وڌو اٿيئي. اهو موهه، تو کي بعضي بعضي پنهنجي اصلوڪي پريم ۾ رنڊڪ ٿو وجهي، ڇا لاءِ جو منهنجو هن سان گهڻو ڏڪراءُ ٿئي ٿو. اسان جي شعر جي هڪ تڪ آهي: 'سوڍل ڪين سهي شراڪت شريعت جي.' مطلب ته جيڪڏهن پاءُ، پڻ يا ٻالڪ جو موهه. خود استريءَ کي، پنهنجي پرش کان پري ڪري ته اهو جائز نموني وارو پريم خود آتمڪ پريم جي واڌاري ۾ اٽڪاءُ ٿي سگهي ٿو. پريم گهڻا نه آهن؛ پريم هڪ آهي؛ تنهن ڪري اهو خيال ڪرڻ ته متان سام فلاڻي نه فلاڻي ڳالهه تي ڪاوڙجي، متان ڇوڪري سان سخت هلت ڪري ۽ ان خيال ڪري انهيءَ جي ڏال ٿي بيهڻ، سو هڪ قسم جي ڏاريائي وڌائي ٿو. جڏهن من وچن ڪرم ۾ ڪابه دوئي نه رکبي ۽ ڪو به ٻيو انديشو هڪ ٻئي کان نه ڪبو، نه چنچلتا جي ڪري ٻين وشين يا ماڻهن جو خيال گهڻو پاڻ تي غالب ٿيڻ ڏبو، تڏهين ئي سچي هڪڙائي حاصل ٿيندي. پوءِ اهڙا خيال، جيئن ڇريءَ جي تصور جو ننڍڙو مثال آهي، گهٽائي ويا پسبا؛ پوءِ جيون سڄو هڪ سنگ ۽ هڪ رنگ ۾ رتل رهندو؛ خيال هڪ ڳنڍيل وهڪرو ٿي پوندو، جنهن ۾ 'تون' ۽ 'مان' يا 'ٻئي' ڪنهن جي جدا هستي ڪا نظر نه ايندي ۽ هر جاءِ هڪ آتما ٻئي نظر ايندي. پوءِ انهيءَ هڪڙائي حاصل ڪرڻ بعد جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ يا جيءَ سان پريم جو ورتاءُ ڪبو ته اهو موهه ٿي نه پوندو يعني ڪا رنڊڪ ڪانه وجهندو. جيئن زهر، مارڻ کان پوءِ، ڪشتو ٿي پوي ٿو، تيئن ان هيڪڙائيءَ جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ هي سڀ وشيه ۽ سڀ ننڍڙا سنگ، سڀ خواهشون ۽ مرادون خود

هڪ آتما جي پسڻ جا دروازا ٿي پون ٿا.“

❖ ❖ ❖

٢٩-٥-١٩٥٤ع - سري ڪرشن جي جيون چرتر ۾ پڙهيو آهي ته گائين ۽ وڇڙن جو ساٿس ايترو ته پريم هو، جو هن جي بنسريءَ جي آواز تي سڀ ڦرندا رهندا هئا، ۽ جڏهين هو کين چارڻ نه ويندو هو ته ڳايون کير گهٽ ڪري ڇڏينديون هيون. ڪيترا اڄ ڪلهه جا پڙهيل ماڻهو انهيءَ ڪي هڪ قسم جو وڌاءُ ڪري سمجهندا آهن ۽ چوندا آهن ته مذهبي پوئلڳن جون اهي من گهڙت ڳالهيون آهن، جن جي وسيلي پيغمبرن ۽ اوتارن جي ڪرامتن بابت ويساهه ٿا ڄمائن. مگر پريم جي ليلا سچ پچ اهڙي ئي آهي. پريم جي طاقت جو ڪو انت ڪو نه آهي.

اسان ڪجهه وقت ٿيو ته هڪ ٻڪري هٿ خريد ڪئي، جنهن جي مالڪ وڪري ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو ته ٻڪري وڪڻڻ جهڙي ڪانه هئي پر هن آزار ڪري وڪيم جو ٻارن سان ۽ ايندڙ ويندڙ سان ڏاڍو وڙهندي آهي. ڇيائين خوف رهندو هيم ته متان ڪنهن ننڍي ٻار کي زخمي وجهي. اها ٻڪري تمام مضبوط، ڇهنبدار سڱن سان ڪارو مهين آهي، جنهن کي ڏسي زالن ۽ ٻارن کي ويجهو ويندي ڊپ ٿيندو آهي. مان ان جي پرسان ويندي به ڊڄندي آهيان. پهرين ڦرن تڪرن سان به سنڌس ويڙهه هلي اچي. سام کي خيال ٿيو ته ٻڪريءَ کي شايد ڊپ ڪري ڪنهن پورو پيار ڪونه ڏنو آهي ۽ نه ڪنهن شروع کان هٿ گهمايو اٿس. هو ڪيس ڳاهه به ڪارائيندو رهيو ۽ هٿ گهمائي پيار به ڪندو رهيو. هينئر ڪيترن ڏينهن کان ڏسندي آهيان ته جڏهين هو پرسان وڃي بيهي ٿو ۽ ڳالهيون ڪريس ته ٻڪري ڇڙڪ ڏئي ڪن ڏيئي ماٺ ۾ پٺي پئي.

سام ان جي پاران اهڙا اهڙا اکر پيو چوي، جهڙوڪ :- ’پلا مـــاڻهو منهنجي چوتا ڳلا ڪن! نه مونکي ڪيو آهي پيار ڪنهن، نه مونکي پاڻو ڪنهن پاڪر ڪڏهن، پوءِ مان به ڇونه وڙهندس؟ توهـان جو پاڻي مون ڳان ڊڄو تا تنهن ۾ منهنجو ڏوهه نه ڪونه آهي گهر گهر ڏڪا ڏيئي پوءِ وڪٽي تا ڇڏنم. مون سان ڪو چڱو هلي پوءِ وڙهان نه ڏوهه ڏيو!‘

اهڙيون اهڙيون ڳالهيون سام جون اکرن دوارا نه پـر آتما سان ڇٽڪ پڪري ڪن لائي پيئي پڌي ۽ منهن ڪٽي پنهنجو سـام جي ٻانهن تي ليٽائي رکي. سام پنهنجو هٿ پري ڪـــري نه وري وچي منهن ملائيس پروڙي عجب جي ڳالهه نه اها آهي جو جڏهين هو پرسان بيهيس نه کير به چپ ڪري ڏهائي ۽ گهٽو لاهــي. پيو ڪو ڏهيس نه کير لتل به ڪٽي وچي. هيءُ پريم جي هڪ ڪرامت آهي!

* * *

ڪانءُ تمام شڪي ۽ چور پکي ڪري سڏبو آهـــي. مگر پيار جي ورتاءَ ۾ ڪانءُ به ڪيترا اسان جا دوست ٿي وبـــا آهن. هڪڙو منبو ڪانءُ سام سان اهڙو نهي وبو آهي جـــو پيه تي پيرا ڏينهن ۾ سندس هٿ مان ڳاڏو وٺي ۽ ڇمڇي مـــان کير وغيره پي وڃي. پرسان ويهي ملڙيون پولڙيون به پيو ڪري ٠مونکي عجب لڳندو آهي نه ڪانءُ تي ڪري ڪيئن پيو ذري گهٽ طــوطن جهڙيون پوليون ڪري. پيو هڪڙو ڪانءُ وري سندس مٿي يا ڪلــهي تي ويهي هٿ مان ڳاڏو وٺي ۽ سام جو خيال پٺي پاسي هجي نه پوليون ڪري يا آخر ڪيس هلڪو ٺونگو هڻي پنهنجي پاسي خيال ڇڪائي.

اچا پيو هڪڙو ڪانءُ آهي جيڪو ڪرسيءَ جي پنيان ويهي قميس جي ڪنڌي کي اچي ڇڪي ۽ ڳاڏو وٺـي پوءِ هليو وڃي. هڪ ڪٻر به ڏينهون ڏينهن وڃي ٿي هرندي. شام جو سـام جڏهين ڪرسيءَ تي نڪري ٻاهر ويهندو آهي تڏهين ٺوڙي چـو نوڪرن ۽

ماڻهن جي اڄ وچ هوندي آهي، تہ بہ اهڙن پڪين جا نمونا ميڙ اسان جي چوڌاري اڃيو مڙن ۽ مان اُنهن چوندي آهيان تہ سينٽ فرئنسز ۽ ٻين مهاپرشن جون ڳالهيون ضرور سچيون هونديون. اهڙي هڪ ڳالهہ سوامي راما تيرٿ جي بہ پڙهي آهي تہ هو هڪ شينهن جي غار ڀرسان جهنگل ۾ رهندو هو؛ سوامي راما تيرٿ کي شينهن کان ڪو ڊپ ڪونہ ٿيندو هو. چون ٿا تہ پاڻ ۾ دوستاڻو ناتو ٿي ويو هين! اهي ڳالهيون مونکي اسنيو ڪونہ ٿيون لڳن، مگر هي نيڙي پڻماني تي، گهر جو گهر ۾، پريم جي طاقت جو هڪ تجربو (Experiment) ڏسي مونکي اهي وڏيڪ اهنجون ڳالهيون بہ هينئر اعتبار جوڳيون نظر اچنيون.

سام چوندو آهي "جڏهين هر جاءِ هڪ آتما وسي ٿي تہ پوءِ دشمن ڪير آهي ۽ سڄڻ ڪير آهي؟ سڀ هڪ ذات آهي! ڏاريو هت ڪوبہ ڪونہ آهي. جيترو پريم جو ورتاءُ وڌايو، اوترونئي رفقت ۽ راضپو حياتيءَ ۾ وڌندو. سمدرشتيءَ ڪانسواءِ آتمڪ اپياس يا گيان جي پراپتي بہ حاصل ٿي نٿي سگهي."

* * *

٣٠-٥-١٩٥٤ع- پريم ڇا آهي؟ ڪهڙن گڻن تي ٻڌل رهي ٿو؟ ان وشيءِ تي سام پنهنجي حياتيءَ جي آزمودن مان اڄ هينئن ٻڌايو: "سڀ جيءَ هڪ جهڙا نہ آهن ۽ سڀ انسان هڪ ريت پريم نٿا ڪن. تنهن ڪري جيڪي اسانجي آزمودي ۾ آيو آهي سو شايد سڀني جي سمجهہ ۾ نہ اچي. مگر جيتري هڪ جهڙائي اسان جي وچم آهي اوتري ساڳيائي پڻ تجربات ۾ ٿي سگهي ٿي. پريم انسان جي ذاتي، يعني پيدائش وارن اصولن مان آهي. جيئن هوا ۽ پاڻي سڀ جيءَ کهرن ٿا، تيئن پريم ۽ همدردي بہ انسان چاڏي ٿو کان گهري ٿو ۽ انهيءَ بنا هن جي من يا هردي جو واڌارو ٿي ڪو نہ

ٿو سگهي. تنهن ڪري هر انسان کي پريم جا ڪي مڙيوئي آزمودا ٿين ٿا، جن مان سندس زندگيءَ جو رستو نهي ٿو. انسان جي دل تي سنهن ٿلهن موقعن جون ڪي ڳالهيون چٽيون ويهن ٿيون جيڪي سندس دل جو اتم خزانو بڻجي پون ٿيون. اهڙيءَ طرح ياد ڪريان ٿو ته پنهنجي ماتا يا ٻين عزيزن دوستن جي لهه وچڙ ۾ ننڍي هوندي کان ڏي وٺ پريم جي مون پڻ ڪئي آهي. عام طرح ماڻهو پريمي عاشق معشوق يا زال مرد کي چون ٿا. مگر پريم ۽ انساني همدرديءَ جي چڻ نفسياتي ڇاڻ ڪان گهڻو اڳي ظاهر ٿين ٿا. خود ٻالڪپڻ جي اوستا ۾ اها ڇاڻ نظر اچي ٿي. جيئن هڪ ول اسرندي ٿي تاندورا ڪڍي ۽ انهن جي دوران ٻين سخت شين کي پڪڙي، انهن کي ٽيڪ بڻائي وڃي اڳتي وڌندي، تيئن انسان جو من پڻ محبت جي ڌاڳن سان وچڙ وچڙ ڪندو، ميلاپ وڌيندو ۽ گيان پائيندو رهي ٿو. جن شين يا ماڻهن يا ساهدارن سان هو دل رکي ٿو، اهي ئي سندس گيان جي پراپتيءَ جو ڪارڻ بڻن ٿا. دنيا ۾ ڪيئي جيءَ ۽ شيون موجود آهن، مگر اسان کي روشني فقط انهن مان ملي ٿي جن سان ڪنهن نه ڪنهن قسم جو چاهه ٿئي ٿو. تنهنڪري اهو چاهه، جنهن جي ڪماليت عشق يعني محبت ۾ آهي، سچي گيان جو دروازو سمجهڻ گهرجي. نه وري پريم ڪو مال، ڌن، روپ، ڪل، ديس وغيره جو قائل آهي. درباهه ۽ سمنڊ وچ ۾ اچي وڃن ٿا، موت جا ويچا پنجي وڃن ٿا، تڏهن به ديوانه پريم جا وفا جي راهه تي پڪا رهن ٿا. ماڻهو اڪثر چوندا آهن ته پريم جوانيءَ جي مستي (Infatuation) آهي جا پوءِ گم ٿي وڃي ٿي. مگر مون ائين ڏٺو آهي ته جسم يا جوانيءَ جو پريم تي بلڪل ٿورو اثر آهي. جسماني سنبنڌ گهٽ ٿيڻ سان يا

بلڪل گم ٿي وڃڻ سان اها پريم جي مستي پاڻ وڏي سگهي ٿي، بشرطيڪ پريم بنا مطلب شروع ڪيو آهي پيون سڀ شيون حياتيءَ جون يا خيال جون حالتن سان واسطو رکندڙ آهن: منجهن ڪو ڀاڱو جسماني ۽ ڪو ڀاڱو ذاتي يا اصلي ٿي سگهي ٿو. مگر پيار خود اصلي چيز آهي جا سورنهن ئي آنا سچ آهي. انهيءَ جي پيدا ٿيڻ ۾ئي جيون جو سچو لاڀ حاصل ٿئي ٿو. پيار جو ڪوبه مطلب ڪونه ٿيندو آهي. ان جو مزو ان جي اندر ئي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ وقت يا زر ۽ ملڪيت ۽ خود سلطنتون ڪجهه به ڪونه آهن. بادشاهه ايڊورڊ انهن جو مثال اڄ ڪلهه پرسڌ آهي. مگر اسان پنهنجي زماني ۾ پيا به اهڙا مثال لهي سگهنداسين، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته پريم کان وڌ ٻي ڪابه طاقت نه آهي. پريم جي ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ئي زندگيءَ جو سچو مقصد حاصل ٿئي ٿو.“

* * *

٢٧-١٠-١٩٥٤ع- ڪيترن مهينن کان ڊائري ڪانه لکي اٿم. ان جو خاص سبب هي هو جو سام کي مدي جو تپ ٿي پيو، جنهن بعد مون هن کي هوا مٽائڻ لاءِ هندوستان روانو ڪري ڇڏيو. مونکي پڻ انهيءَ عرصي ۾ ڪونه ڪو دک پئي رهيو آهي. سام صلاح ڏني ته پيشاب جي تپاس ضرور ڪراءِ. تپاس ٿيڻ تي ڏٺو ويو ته مونکي ذيابيطس (Diabetes) ٿي آهي، جنهن ڪري پڻ شايد ڪم ۾ چاهه گهٽجي ويو آهي. ٿورا ڏينهن ٿيا ته سام به مون کي اشارو ڏنو ته ڊائري هميشه لکڻي ڪانه پوندي، ڇا لاءِ جو حالتون زندگيءَ جون وڃن ٿيون مٽبيون ۽ اصلوڪن بنيادي خيالن جو ورنن گهڻو ڪري ٿي چڪو آهي. اڳتي فقط نئيا نئيا خيال متفرق ڳالهين بنسبت نوٽ ڪجانءِ ۽ اهو ڀاڱو ڊائريءَ

جي پڇاڙيءَ ۾ متفرق خيالات يا ٻئي ڪنهن سري هيٺ آڻڻو پوندو.''

ان وقت سام کي هڪ نئون خيال دل تي تري آيو، جي جنهن پڌائڻ کان اڳ ۾ هن مٿيون ذڪر ديباچي طور ڪيو هو، مگر جيستائين اهو مٿيون ذڪر ڪيائين، تيستائين اهو اصلوڪو خيال سندس دل تان لهي ويو، جنهن مان متفرق خيالات جي شروعات ٿئي ها. سو وري ياد ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيائين، مگر ڪيس ڪجهه به ياد نه آيو؛ تنهن تي چيائين: "انسان جو من هڪ اٿاهه سمنڊ مثل آهي جنهن ۾ خيال هڪ سئيءَ مثل ڪري پوي ٿو ته وري مشڪل ٿو لهي سگهجي. پاڻيءَ ۾ ڪريل شيءِ جيترو گهڻو ڦولهه اوترو وڌيڪ پاڻي لڙاتيو ٿيندو ۽ شيءِ جو لهڻ وڌيڪ مشڪل ٿيندو. مطلب ته سچيتائي يا هوش من جي درياهه ۾ گوڙ يا اٿل پٿل پيدا ڪري ٿو ۽ هن جو مٿاڇرو لڙاتيو ڪري وجهي ٿو، جنهن ڪري خيال جي صفائي (Clarity of Vision) وڃائي ڇڏي ٿو. جي پاڻيءَ کي وري آرڻ ڏجي ته پوءِ شايد گم ٿيل خيال اصلوڪي صورت ۾ يا ٿورو مٽيل روپ وٺي ٻاهر نڪري اچي. صبر جي ڦٽڪڙي من جي پاڻيءَ کي صاف ڪري ٿي."

* * *

ٻيو هڪ ننڍو خيال اڄ صوفي صاحب سان ڳالهائيندي سام حضرت ظاهر ڪيو:- "جي لغڙيءَ جي ڪاڻ پوري آهي ته پڇ جو بوجو به کڻندي نه ته پڇ ڪيس گوهيون ڪرائي پاڻ هيٺ گهلي ايندو."

هي خيال هن طرح ظاهر ٿيو جو صوفي صاحب هڪ دوست جي ڳالهه ٿي ڪئي ته عياش آهي، ڇ.ت. هو ننڍن خيالي دنيا جو هڪ ماڻهو آهي.

سام ورائيو: "تنهن هوندي به، هن جو سڀاءُ وڌندڙ آهي! ڇا لاءِ جو هن جو خيال وسيع ۽ وڌندڙ آهي؛ ڪيترن ڳالهين جهڙي انڌيڙي خيال وارن ماڻهن ۾ عيب ٿي نظر اچن ٿيون، وسيع خيال وارن ماڻهن ۾ ڪا بد زيبائي پيدا ڪو نه ٿيون ڪن. اگر انهن جي خيال جي ڪاڻ پوري پڌل آهي. هو زندگيءَ جي پيچ جو بوجو ٻين کان وڌيڪ آسانيءَ سان کڻي سگهن ٿا ۽ اهو انهن لاءِ پرن مثل ٿي پوي ٿو."

* * *

جيئن اڳتي ذڪر ڪيل آهي، ڪيترن ڏينهن کان سون ڀاڻ کي ضعيف ٿي سمجهيو. سام ٻن سالن کان ڇوندو ٿي آيو ته پيشاب جي تڪليف ڪراهه. آخر جڏهن سندس زور لاڳي نيپاس ڪرائيم ۽ ڪجهه ڏسڻ ۾ آئي، تڏهن غمگين ٿيس ۽ بيهوش ٿي هڪدم ڪري پيس. عمر لاءِ ڪاڏي جا پنڌن ۽ دوائون ونڻ، سا هڪ وڏي مصيبت سمجهڻ لڳس. سام سون کي دلاسو ڏئي چيو: "هي شرير ناسوت آهي، انهيءَ جي دک سک سان آتما جي سچي سک جو ڪهڙو سبنڌ نه آهي، سڀني ماڻهن کي ڪي نه ڪي مرض ٿين ٿا ۽ پنهنجي طبيعت موجب ڪي ٿوڙوڊي پابنديون ڪاڻ خوراڪ جون سڀ رکن ٿا. آخر ڪاڏي کاڻ جو مطلب ته اهو آهي جيئن بدن کي خوراڪ ملي؛ چسڪو ڪاڏي جو ته فقط ذرا منٽ هلي ٿو، ان جي چاهنا ڇو رکڻ گهرجي؟ البت اهڙو قبول ڪيو ته اهو چسڪو خود پيٽ جي هاضمي يا دل کي چهري رکڻ لاءِ ڪجهه قدر ضروري آهي، مگر چسڪن جي چنتا ۾ خود زندگيءَ جو چاهه وڃائڻ سو ٻئو نقصان آهي، تنهنڪري اسين نه ٿوڙا انهن پابندين ۾ شريڪ ٿينداسين، جيئن تون ڏسي سگهين ته انهن پابندين ۾ ڪا وڏي تڪليف ڪا نه آهي، پنهنجا

چانور يا نشاستي واريون شيون هونديون به انسان لاءِ هروڀرو چڱيون نه آهن.“

ان ڏينهن کان سام پٽاٽا آني سڀ بند ڪري ڇڏيا. چانور، مٺايون ۽ اهڙيون ٻيون شيون پڻ بند ٿي ويون. منهن جي دل ڪو نه ٿي گهري ته سام به اهي شيون ڇڏي ڏئي. مگر هن آن وقت انهن ڏٺو ته اهڙيءَ ريت مون سان سات ڏيڻ ۾ منهنجي دل جي مايوسي گهٽ ٿيندي. کير، پدنگ وغيره جن جي کائڻ جي مون کي منع ٿـــي، سي سام به ڇڏي ڏنا. انهن زندگيءَ جون نعمتون ڦيري تي سڄهه قدر نهي وڃاسين. پر تازو ڪراچيءَ وڃڻ تي هڪ نئين ڊاڪٽر سان صلاح ڪير. جنهن ٻن ڪيترن شين کائڻ جي ٻـــه منع ڪئي. سڪرين نه وٺون نه چپاتين کنڊ بجاءِ لوڻ چانهه ۾ وجهي پيءُ. اهڙيءَ طرح چانهه جڏهن منهنجي پيڻ لاءِ نهي آئي ته منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. از خود سام جي اکين ۾ به منهنجو غم سمائجي ويو. مگر هن کلي چيو ته اها به هڪڙي خسيس ڳالهه آهي؛ اڳتي مان ٻـه لوڻ جي چانهه پيئندس. ان وقت کان وٺي هو ٻـــه چانهه لوڻ سان وٺندو رهيو. مون انهن کو نه ٿي گهريو ته سام به ٻاڻ کي ڪيترن شين کان سڪائي پر ساڳئي وقت انهن قبول ڪندس ته سندس اهڙي رخ وٺڻ سان منهنجي دل کي وڏو آٿت مليو ۽ سام ان باري ۾ سمجهائيندي هونئن چيو: ”هـــي سڀ لذتون قدرتي آهن. لوڻ ۾ به هڪ لذت آهي. پر انهن لذتن کان وڌيڪ سٺي آهي همشريڪي خيال جي. جن سنگ جي لذت پاتي آهي تن کان ٻيون لذتون جلد وسري وڃن ٿيون. جيڪي سهج سڀاءُ ملي، سو هو سٺيڪارڪن ۽ نه ملڻ تي ڪروڌ يا غم نه ڪن. هي پڻ برهم گيان جي مارگ تـــي هڪ قدم ڪري سمجهه ۽

هڪ ٻوقعو آتما جي آزاديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ .“

*　*　*　*

٨-١١-١٩٥٤ع - سام ٻن ڏينهن کان اسان جي رسوئي تي سنڌس ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت ڪري رنج هو . پر انهيءَ وچ ۾ جڏهين جڏهين انهيءَ رسوئي کي چڱو ڪم ڪيو ٿي ته ان وقت لاءِ سام جو رخ وري ڦري ٿي ويو؛ جٽڪ غصو سنڌس ڳهٽ ٿي پــي ويو. مثال طور گهر واريءَ واڙيءَ ۾ جيڪو وقت گڏجي ٻوک جو ڪم ٿي ڪيائون، اهو وقت سام ـ ڏس گهڻو راضي ٿــي نظر آيو. ان بنسبت ان ڇوڪري کي جيڪا سمجهاڻي ڏنائين تنهنجو ان مون سان ذڪر ڪيو. سا هن ريت آهي: ”ڏس، جي اسانکي ڪو وير ٻاڻ هجي ته جيڪر هت به توسان ڪين ڳالهايون . پر هت هن ڪم ۾ نون تمام سريلو ٿو هلين، جنهن ڪري اڳين ڳالهين جو رنج ٻن ٿوري وقت لاءِ وسري ٿو وڃي .“

ڇوڪري پنهنجي اپوجهائيءَ وچان چيو: ”ان جـو سبب هي آهي جو ٻوک جي ڪم جي مون کي ڪا ڄاڻ ڪا نه آهي ۽ اوهان کي وڏيڪ خبر آهي؛ جيئن چئو ٿا نيئن ٻان ڪريان ٿو .“

سام چيو:” تنهن جي معني اها آهي ڇا ته ٻين ڪمن جي نوکي وڌيڪ ڄاڻ آهي جو انهن ۾ تون تڪراڻپ ڪرين ٿو؟ تڪراڻپ علم پرائڻ يا ڪنهن به خوشي جــي حاصل ڪرڻ واري رستي ۾ هڪ رنڊڪ آهي. ماڻهو تڏهن ئي ڪجهه سکي سگهي ٿو جڏهن پاڻ کي نهٺو بڻائي ٿـو. ٻاڻي ٻالهي ڏانو ۾ ئي اوتي سگهبو آهي. جنهن جو من غرور ۽ خوديءَ سان ڀريل آهي، اهو هرگز پرائي ڪجهه ڪين سگهندو .“

*　*　*

١٢-١٢-١٩٥٤ع - ڊائري لکڻ جو ڪم مون ڪان اڄ ڪالهہ گهٽ ٿئي ٿو. هڪڙو تہ منهنجي صحت خراب ٿي پوڻ ڪري سونکي واند گهٽ ملي ٿي؛ ٻيو تہ، اسانجي زندگيءَ ۾ گهٽي ساڳائي ۽ اڪيلائيءَ جي ڪري منهنجو چاهہ بہ شايد گهٽ ٿي ويو آهي. سام ڪي ڳالهيون اهڙيون ڪندو آهي، جيڪي سمجهندي آهيان تہ درج ڪرڻ جهڙيون آهن، مگر ارادي جي گهٽتائيءَ سبب لکڻ ۾ دير ٿي ويئي ۽ آخر اهي ڳالهيون خيال مان نڪري ٿيون وڃن. تازو سونکي اهو خيال ٿيو تہ هيئنر وڃي ٿيون بيماريون لڳنديون؛ انسان جي عمر ٿي ڪو ڀروسو نہ آهي، تنهن ڪري ڇو نہ ڪجهہ ڪري وٺان! گهٽ ۾ گهٽ هن ڊائري هڪ نشاني پنهنجي ڀيڻ جي لاءِ ڇڏي وڃان. جيتوڻيڪ ان ۾ درج ڪيل خيالن جي لاءِ سموري شاباس مون نہ لهڻي. اهو خيال سام ڪي پڌائي ڏنو. سام پڻ هت هڪ قسم جي وچڙيل حياتي گذاري رهيو آهي ۽ جيتوڻيڪ هن جي چاهہ ۾ ڪا گهٽتائي ڪا نہ آهي، تڏهن بہ اهو ظاهر آهي تہ پنهنجي سچي ماحول واري امنگي حياتيءَ ڪان هو وڇڙيل آهي. ڪا واد وواد، ست سنگ يا ڪو ڪتابي ڪم هوندو اٿس تہ ان ۾ وڏو خوش ڏيکاربو آهي، جيتوڻيڪ روزانا نيم ورزشون، رانديون، رٿون گهرو انتظام جون ۽ کاڌي، (Diet) وغيره جا آزمودا ڪرڻ ۽ ٻيون سندس وندرون هلنديون اچن. مان ڏسندي آهيان تہ، خيال جي ڏي وٺ واري وندر يعني سنگ ڪيس سڀ ڪان وڌيڪ وڻندڙ آهي. اُن هوندي بہ مٿرادو طرح خيال جي ڏي وٺ شروع ڪرڻ يا ڊائري جي لاءِ خاص ڪنهن وشيءَ تي ڪجهہ ٻڌائڻ سو هو ڪڏهن پسند نہ ڪندو آهي. تنهنڪري ايترو وقت هو بہ گويا چپ ۾ هو. هيئنر مون ۾ هي نئون چاهہ ڏٺين سر ايندو ڏسي هو خوش ٿيو ۽ چيائين: "مون

سمجهيو هو ته اسان جي ڊائري گهٽي يا گهٽي لکجي چڪي آهي؛ نه وڏيڪ نران خيال ايندا ۽ نه، تو ۾ لکڻ جو ايڏو چاهه پيدا ٿيندو، پر خيال خود زندگي آهي. زندگي خيال کي سدائين چوري ٿي ۽ خيال زندگي جوڙي ٿو . جيئن ايمرسن چيو آهي ، وڌوان جي لاءِ ڪرم ضروري آهي. اهڙيءَ طرح 'دوک وشنت' ۾ پڻ سمجهائي ڏنل آهي تـه هر ڪنهن منشيہ لاءِ پرشارت ضروري آهي . ان ڳالهه ۾ زندگي خـود اسان جي رهبري ڪري ٿي؛ سان پنيان سال جيڪي اسين زمينداري ڌنڌي بـا گهرو ڪمن ۽ ديهاتي ماحول ۾ گهاري آياسين سي ڀ اجايا ڪو نه ويا آهن ۽ نه هت اجايا ويندا. خيال ۽ زندگيءَ جي نون، نون ورقن اٿلڻ سان پڻا نئين تهزي پرائيندا. خيال هڪ ڪاٺ آهي، جنهن ۾ جيترو اونهو وڃبو اوترو وڌيڪ حاصلات جي اميد رهندي؛ تنهنجو نئون چاهه مون ۾ به نئين آشا پيدا ڪري ٿو . "

* * *

۷-۱۲-۱۹۵۴ع - سام چيو : " استوڊرٽ (هڪ بيمار ۽ بي گهر ڪرستان جيڪو اسان وٽ رهندو آهي) جيئن نئون گرم' سوٽ پائي اڄ مٽي آيو، تيئن دل تي اهو خيال آيو تـه جيڪر تون به سندس سوٽ ڏسين؛ ڇا لاءِ جو تنهنجي ڪمائيءَ جي پئسن مان ئي اهو سوٽ نهرايل هو. وري دل جو دل ۾ پيو خيال آيو تـه توڪان جيڪر پڇي پوءِ اهو سوٽ خريد ڪري ڏيانس ها. ترت مٿان تيون خيال آيو تـه تون ڪو اعتراض نه ڪو نه آڻيندي آهين؛ جنهن صورت ۾ مان ئي پيو تو گهر جو خرچ هلايان ، تنهن صورت ۾ اهو پڻ آهي جـي مون فقط ڏنو. وڌيڪ پڇڻ ڊا جوڙ ني ڇـا ضرورت آهي؟ تنهن بعد سنجها جي وقت جڏئن ڏيان ۾ هيس ته، اوچتو هي خيال هڪ

اعلاني صورت وٺي آيو، ته ڪنهن به اڏين جو، پلو ڪرڻ يا ان جي پرداخت ڪرڻ سا پنهنجي خاص جوابداري ڪري سمجهه ۽ آن تي پيو ڪا مهرباني ڪري، ته آها پاڻ تي مهرباني ٿيل سمجهه. تنهن ڪري تون بن جا شڪرا ا مج. ڇا لاء جو اهو هڪ توتي احسان ٿيل آهي." هي مان ان ڪري درج ڪرڻ تي جو سام جي لفظن ۾ سچو امنگ انساني محبت جو سمايل آهي ۽ اهو بتايل آهي ته شبوا جو آدرش ڪيڏو نه اونچو آهي.

* * *

١٨-١٢-١٩٥٤ع - سنڌيا ڪان پوء جيئن مان نيم موجب سام ساڻ ملڻ ايندي آهيان ۽ دعا وٺڻ جي چاهنا رکندي آهيان، تيئن اڄ به ڪيم. سندس ڪمري جو در کولي جهاتي پاتم ته ڏٺم آن وقت هو پنهنجي خيال ۾ مگهن هو. مونکي ڏنائين مگر پنهنجي آنند روپي تار شايد ٽوڙي نه سگهيو ۽ مون سان ڪجهه ڪو نه ڳالهايائين؛ تنهن ڪان پوء جڏهن ليٽو پاتم تڏهين چيائين ته تنهنجي مولي وڃڻ ڪان پوء منهنجي دل تي هي خيال آيو: " شل اڻ ڳولهيو پريتم ڪنهن کي نه ملي. ڇا لاء جو اڻ ڳوليو ملندو ته متان سڃاڻي نه سگهولس! پوء متان رسي وڃي يا گهڻي دير ڪري تي وڃي! تنهن ڪري شل طلب سندس هميشه قائم رهي!"

سام وڌيڪ چيو: " اهو خيال ان ڪري آيو جو تو مونکي هڪ وقت چيو هو ته سنڌيا جي ڏيان پوري ٿيڻ ڪان پوء مون کي مڏ ڪندو ڪر يا تازي وڃائيندو ڪر ته مان هلي اچان؛ نه ته به تي پيرا ڏسڻو پوندو اٿم! اهو خيال به من تي آيو، پر چيم ته پل هوء ڏسندي رهي ۽ ڳولهڻ سگهي؛ جيڪا شيء اڻ گهري يا منڊ جي اچڻ ڪان اڳ ملي ٿي تنهن ۾ مپتاج گهڻو رهي ٿو. تنهن ڪري اهتي توکي مڏ

ڪو نه ڪبو. تون پاڻ ان وقت جو انتظار رکندي ڪر. ان ريت مزو وڌيڪ ملندءِ!"

* * *

۲۴-۱۲-۱۹۵۴ع - مون سام کي چيو: "اڪبر آشرم جو تحرڪ ڪراچيءَ وارو هلائيندا اچو ها ته جيڪر ڪيترو نه سٺو ٿئي ها! آن کي ڇڏي ڏيڻ ڪري هي ڪم پنهنجي پنجي ويو آهي. هونئن جيڪر گهڻو ڪم ٿي سگهي ها."

سام کلي چيو: "اسان ڪجهه به ڪونه وڃايو آهي. زندگي پيئي ٿـي هلي. جيترقدر سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان زندگي گهاريون ٿـا، اوتري قدر ضرور اها ڦلدائڪ ٿيندي. ڪو به ڪرم چڱو چاهي برو نشڦل نٿو وڃي. جيڪڏهن ڪن گهرو يا پنهنجي حالتن جي ڦيرن اچڻ ڪري اسانجي آشرم جو ڪم بند ٿي وڃي ته ان ڪري اسان جي زندگي ۾ ڪو حچ پيچ خال پيدا ٿيڻ ئي گهرجي. بعضي بعضي پنهنجن ڪرمن ۽ ويچارن جو ڦل ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندو آهي مگر اهـو دير سان ڪنهي نـه ڪنهي ضرور وڃي ظاهر ٿيندو آهي. نه رڳو ضروري فرض زندگيءَ جا هن عرصي ۾ ڪي پـورا ڪري ورتاسين، پر سنساري زندگيءَ ۾ گهري پوڻ سان پنهنجي خيالن جي چڱي چڪاس ورتيسين. جيڪي خيال آزمائش ۾ نٿا اچن سي واڻي آهن يعني انهن ۾ ست ڪو نه آهي. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هيترين مشڪلاتن ڏسندي به پنهنجي خيال کي ڇهنيا پيا آهيون ۽ اها خيال جي دونهين دکندي رهي ٿي. سچي شيوا جا ڦل لڪل پر سدا ٿين، ٿا مثال طور تنهنجي زندگي سچي ۽ هيءَ ڊائري تنهنجي سڀ پيئي هن عرصي ۾ گهڙجي راس ٿيون آهن. ائين نه آهي ته ڪو مان پاڻ کي خوش ڪري وڌيڪ قدم کڻڻ جي ضرورت کي ٽاري ڏيـو ڇڏيان . مگر اهو منهنجو وشواس آهي ته چڱن ڪمن جي شروعات هميشه ماڻهن

۽ بنا ڏيک ويک جي ٿيندي آهي. چوڏاري وڏن وزيرن، ملڪ جي مدبرن يا جنگي جوڌن جا ڪارناما ڏسي ۽ ٻڌي شايد اهو توکي خيال ايندو هجي ته اسين انهن جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه ڪري سگهيا آهيون؛ مگر اهو خيال سراسر غلط آهي. اٿن برابر آهي ته تنهنجي ۽ منهنجي زندگي غريبائي لباس ۾ آهي. پر غريب ٿيڻ به چڱو آهي؛ نه رڳو ايترو پر اهو لڪ خرد خيال جي خوراڪ آهي. انهيءَ وقت ۾ پنهنجي خيال کي نباڌي وڌو ۽ مضبوط بڻايو اٿئون. جيترو وڌيڪ عرصو ان جي پالنا ڪرڻ تي خرچ ڪيو اٿئون اوترو وڌيڪ سندس بالغپڻو جٽادار رهندو. اڄ ڪرائيسٽ جي جنم جي رات آهي؛ جنهن جو چوڻ هو ته بهشت جي حڪومت غريبن ۽ مسڪينن لاءِ آهي. اڄ ته انهيءَ آدرش ۾ پنهجو اعتقاد وڌايون ۽ دنيا جي هل هلاچي ۾ پنهنجي خيال کي بلڪل ٽڙڻ يا گم ٿيڻ نه ڏيون ۽ مان مين ۾ سچي زندگي گهاريندا رهون. جيڪي سچائي ۽ صدق رکن ٿا انهن جي زندگي نشقل هرگز نه ٿي ٿئي. ايشور هر طرح انهن جو حامي ٿئي ٿو. لڪ انهن جي اندروني واڌاري لاءِ ضروري آهي. ڏس ڪرائيسٽ خود هڪ واڙيءَ ۾ ڄائو هو. ايڏي وڏي پريم جي تحريڪ جي شروعات اهڙي غريب ۽ مانيٽي نموني ۾ ٿي! نه رڳو ايترو پر گهڻو ڪري دنيا جا وڏا مذهبي ۽ خيالي اڳوان بندي خانن ۽ غريبي حال ۾ پيدا ٿيل ٻڌجن ٿا. جي ٻيءَ طرح ڄاوا ۽ نپيا، تن ڪجهه وقت لاءِ غريبي اختيار ڪئي هئي. ڇا پوءِ به اسين هن مانيٽي ۽ گمنام طريقي زندگيءَ جي تي رنج رهي سگهون ٿا؟"

* * *

٢٩-١-١٩٥٥ع - اڄ ڊپٽي صاحب گهڻن ڏينهن کان پوءِ اسان وٽ آيو، سندس خيال اسان جي گهر سامهون هڪ نئون

ٿهيل گرجا ڏانهن ڇڪجي وڃو. مون کان پڇيائين ته توهين
اتي وڃڻدا آهيو؟ سام کيس چيو ته ”نه، تي آمريڪن فئمليون
اتي ڪم ڪرڻ لاءِ آيل آهن؛ اهي اسان کي اچي ڪوٺ
ڏئي ويا هئا، تڏهن اسين هڪ ڀيرو انهيءَ گرجا ۾ وياسون.
هو سڀئي سياڻا وارا نوجوان آهن، جن جي سنگت ۾ ڪڏهن ڪڏهن
اچي، ورنه تبليغ وارن مرڪزن کان اسين پاسو ڪندا آهيون.“
ڊپٽي صاحب چيو: ”تبليغ ۾ ڪهڙو اعتراض آهي؟
خاص ڪري ڪرستان مشنري ته سٺي سيوا جو ڪم ڪري
رهيا آهن.“
سام چيو: ”ڪنهن به ڪم جي چڱائي يا ڪسائي
سندس ظاهري مشهور ڪيل مقصد تي نه پر اندروني سچي مراد تي
مدار رکي ٿي. ان جي سٺائيءَ جو اندازو ٻاهرين ڏيک ويک
مان لڳائي نٿو سگهجي. ڪي مشنري اها مراد رکندا
آهن ته ماڻهن کي ريجهائي پنهنجي مذهب ۾ آڻيون. انهن برابر
آهي ته اسين سڀئي پنهنجي پنهنجي خيالن جو پرچار ڪريون
پيا ۽ چاهيون ٿا ته اهي خيال ٻين کي به وڻن، پر خاص
مقصد پنهنجي مذهب وڌائڻ جو، سو دنيا ۾ جهيڙي وڌائڻ
جو باعث ٿي پيو آهي. ان ڪري جن فرقن ۾ تبليغ ڪرڻ
جو رواج آهي اسين عام طور انهن کان پري رهندا آهيون.“
ڊپٽي صاحب چيو: ”ڇا، جي ڪرستان ڪجهه وڌي ويا ته ڪو
جهيڙو پيدا ٿيندو؟“ سام چيو: ”جيڪڏهن ڪرستان هڪ پاسي
ڇڪيندا، هندو ٻئي پاسي ڇڪيندا ۽ مسلمان ٽئين پاسي ڇڪيندا
۽ پنهنجي پنهنجي مطلب لاءِ هو ماڻهن کي لالچائڻ شروع
ڪندا ته ضرور جوش ۽ خروش وڌندو ۽ بدامني پيدا ٿيندي.
گڏيل پئليسٽائين ۾ ڏسو ها ته يهودي ڪرستان ۽ مسلمان
ڇڱي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ اتي هنن جي سر گرمين ڪري

ايتري خيال جي ڪري وڌندي رهي جو صدين ۾ پئليسٽائين ڪڏهن اندروني صلح يا شانتي ڪا نه ماڻي. اهڙيءَ طرح جي ڪڏهن ٻين ملڪن ۾ به اهڙيون سرگرميون بنا روڪ ٽوڪ جاري رهنديون ۽ جيڪڏهن هاٿوڪي صورت ڦري ويئي يا انهن فرقن وارا وڏي تعداد ۾ اچي ويندا ته وڏيڪ بدامني پيدا ٿيندي. تنهن ڪري مان انهيءَ خيال جو آهيان ته تبليغ وارن تي ڪي بندشون پون گهرجن، جيئن تعليم ۽ دواخانن جي سهولت بنا ڪنهن مذهبي پرچارجي ميسر ڪن ته ڀلي ڪن ورنه اجازتاهڙن مرڪزن کولڻ لاءِ ڪين نه ڏني وڃي. خيال جي سچي ڏي وٺ ۾ ڪو اعتراض ڪو نه آهي، مگر پنهنجي مذهب جــي واڌاري لاءِ سڪول ۽ اسپتالون کولي* پرچار ڪرڻ سو هڪ ناجائز رستو آهي. جيئن سياسي چونڊن ۾ جيڪو اميدوار ووٽن لاءِ پئسا يا ڪا به لالچ ڏئي ٿو، يا حد کان وڌيڪ خرچ ڪري ٿو ته اهو ڏوهي ٺهرايو وڃي ٿو، تيئن مذهبي تبليغ ۾ پڻ پئسي ۽ ٻين سهولتن جو ڏيڻ يا ڪنهن جي غربت جـــو فائدو وٺـــڻ قانوني گناهه ٺهرائڻ گهرجي."

ڊپٽي صاحب چيو: "انهيءَ ۾ ڇا آهي؟ جيڪڏهن ڪو گهرجائو هجي ۽ تبليغ وارا ڪيس پئسا لٽايا تعليم ڏئي سڌارن ته پوءِ ڇو نه هو پنهنجو مذهب مٽائي؟"

سام چيو: "مون کي هڪڙو مثال ياد آيو آهي. هڪڙي

* ٽيو به ائين ٿو ڏسجي ته ... ڪرستانن لاڏوڊ اسپيڪر هئي ۽ ساليءَ جو بندوبست ڪري ڪن غريب ڇوڪرن کي پاڻ وٽ آندو. ڀاهران ديول جي هڪ مولوي به اچي وعظ ڪرڻ بيٺو. ٿوري وقت لاءِ چڱو جوش پيدا ٿي ويو ۽ ان مان اسان ظاهر ڏٺو ته اهڙيون حالتون جهيڙو پيدا ڪري سگهن ٿيون. جيتوڻيڪ جهيڙو هن حالت ۾ ٽري ويـــو جو ڪرستان تمام ٿورا هئا.

ڇوڪري کي ڪراچيءَ جي هڪ ڪرستاني سڪول ۾ تعليم ڏني وئي. هن جي خيال تي ڪهڙو اثر ڪو نه پيو. مگر ڏٺائين ته جيڪڏهن ڪرستان ٿيندس ته مون کي بمبئي جي ڪنهن وڏي ڪاليج ۾ ڪرستان پادري موڪلي ڏيندا. تنهن ڪري هن ٿوري وقت لاءِ پنهنجو ڌرم مٽايو. تعليم وٺي جڏهين پوري ڪيائين تڏهن وري هو هندو ٿي رهڻ لڳو. اهڙا هرڪائڻ وارا مثال اڻ سڌيءَ طرح لالچ آڇڻ جا پيا ٻه گهڻائي ملي سگهندا. انهن تي ٻنڌش پوڻ گهرجي جو اها سچي تبليغ نه آهي."

ڊپٽي صاحب چيو: "مون کي ته انهيءَ ۾ ڪو اعتراض ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي؛ جي ڪنهن کي پڙهائي ۽ وڌيڪ ڪارائتو ڪجي، پوءِ چاهي جي هو ڌرم مٽائي ڇڏي؟"

سامي چيو: "هي ڳالهيون ٻن سببن ڪري اجوڳيون نظر اچن ٿيون. هڪڙو ته ڪو ماڻهو پنهنجو مذهب ٻيا نيت ڪن شخصي فائدن لاءِ ڦيرائي ڇڏي ته انهيءَ ۾ سندس چال (Character) جي گهٽتائي آهي. ٻيو هي سمجهڻ کپي ته جن شين جو واسطو بدن سان آهي، انهن جي بدلي ۾ اسان کي ڪنهن جي عقيدن مٽائڻ جو حق ڪو نه آهي. انهن جي ڏيڻ ۽ وٺڻ سان جيڪڏهن ڪو اسان جو ضمير ڦيرائڻ گهري ٿو ته اهو هڪ قسم جي چوري ڪري ٿو. مذهب ڦيرائڻ لاءِ خيال جي تبديل کپي ۽ نه خيال کي گمراهه ڪرڻ کپي. انهيءَ سچي تبديل لاءِ پهرين ڇو ڪنهن کي ايترو انتظار ڪرڻ کپي جيترو تبليغ وارا ڏيکارن ٿا؟ جيڪڏهين دنيا مان ڪرستان مت يا ٻيو ڌرم مان گم ٿيندو ڏسان ته جيڪر مون کي بيحد ڏک پهچي، جيئن هڪ وڏي باغ مان هڪ سهڻو پارو گلن جو ٻوڏ هيٺ اچي گم ٿي وڃي ته انهيءَ جو ارمان ٿي پوي. هي سڀ ڌرم ۽ فلسفا انسان جي خيال جي پيدائش آهن؛ دنيا جي باغ ۾ گلن مثل آهن، سڀ ٻنهن جي

پنهنجي جاءِ والارين ڏسا. جن کي جتي خالق خلقيو آهي، اتي انهن کي رهڻ ڏجي. انهن جي ڌاهن يا ڦيرائڻ جي ڪا به ڪوشش ڪرڻ نه کپي. انهن جي ڏاهيندڙ کي ڪي خبر آهي نه اهي ڪيستائين ضروري آهن. پنهجو پاڻهي علم و عقل جي آزمودن جي واڌاري سان اندروني طرح اسان جي ريتن ۽ متن ۾ تبديل اچي ٿي. اها ڦير گهير ڪافي آهي. پر جيڪا ڪوشش ان باري ۾ تبليغ وارا ڪن ٿا انهيءَ ۾ مان ڪا چڱائي ڪا نه ٿو ڏسان. مان جيڪر انهن کي چوان ته قدرت جي ڪم ۾ هڪ قسم جي اپهرائي ڪري رهيا آهن. ڪنهن به صورت ۾ لالچ سان مذهب ڦيرڻ يا ڦيرائڻ سو هڪڙي ليچ ۾ نيچ اوزار کان ڪم ونٿو آهي. هڪ پاسي تمام وڏي بندوبست يا ڌن وارا، زوردار ملڪن جي اڻ سڌيءَ مدد سان، سڄي دنيا اندر تبليغ ۾ مشغول هجن ۽ ٻئي پاسي نامنظم (Unorganised) مجموع هجن سو انصاف جي خلاف آهي. ان رهت اُنيا گروه بي سمر ۽ بسي مهاري، مگر سنا سنا خيال ۽ مت رکندڙ ڪم ٿيندا وڃن، ان ۾ مان انسان ذات جي هاڃيءَ کانسواءِ بيو ڪجهه ڏسي نٿو سگهان. البت اهين برابر آهي ته پنهنجي راه ظاهر ڪرڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي.

"هي سڄي دنيا ۾ ڪن وڏن فرقن جو چار وڇايل اڻ سڌيءَ طرح گذريل وقت ۾ جنگين جو ڪارڻ بڻيو آهي. ڏاڍي ۽ هٺي کي گڏ ميدان ۾ انهيءَ نموني ڇڏي ڏيڻ ٺيڪ نه آهي. پر ايشور کي به شايد ڪو طوفان ڪڙو ڪرڻو آهي جنهن ۾ اهي ڏاڍا، هيٺا، 'سچا' ۽ ڪوڙا مذهب سڀ پهاري پاهر ڦٽي ڪرڻا اٿس!"

١٣-٢-١٩٥٥ع - اڄ ڊيتي صاحب، صوفي صاحب ۽ هڪ مسلمان انجنيئر دوست جنهن جو اڳي ذڪر ڪيل آهي،

اسان وٽ آيا. ڊپٽي صاحب شنڊوگيه آپنشد مان ڪجهه پڙهيو. جڏهين بحث ڪرم ۽ ڪرم جي ڦل تي هليو تڏهين سام ان انجنيئر دوست کي سمجهائيندي چيو: "منهنجي خيال موجب ڪرم ۽ ڪرم جي ڦل ۾ ڪا وڏي ڪال ۽ ديس جي ڪا نه ٿي پوي."

ڊپٽي صاحب چيو: "اسلام ائين نه ٿو مڃي. اسلام موجب ڪتان جي ڪرمن جو ڦل قيامت ڏينهن ملڻو آهي. ان لاءِ تو هان ڪهڙي ٿا سمجهائي ڏيو؟"

صوفي صاحب چيو: "اها ڳالهه هڪ بزرگ اسان کي هيئن سمجهائي هئي. سنئيما ۾ کيل ڏسجي ٿو؛ کيل وارن ته اهي ڪم ڪي مهينا يا سال اڳ ڪان اڳي ڪري ڇڏيا هئا. مگر تنهن هوندي به پڙدي تي اهي ڪم اڄ اسين ڏسي سگهون ٿا. اهڙيءَ طرح هن جسماني پتلي گم ٿيڻ تي اهي ڪم ڪم ٿا ٿين. روح جي پڙدي تي سئنيما جي پڙدي وانگر اهي چٽيل رهن ٿا ۽ وري ڏسڻ وقت يعني قيامت جي ڏينهن ظاهر نظر اچن ٿا."

ڊپٽي صاحب چيو: "ناٽڪ جي پڙدي تي سزا طور نيز ڪجي هٿو نه ڪنهن ائڪٽر کي سچ پچ سندس ڪيل گناهه جي سزا ڪا نه ملي ويندي، ڇا لاءِ جو اهو سچو ائڪٽر نه آهي. مگر روح کي قيامت جي ڏينهن سزا يا ثواب جو ڀاڱو ملڻو آهي. تنهن ڪري ناٽڪ جي پڙدي وارو مثال هت لاڳو نه آهي."

سام چيو: "اسان کي ڪرم جي اصول يا (Theory) سمجهڻ لاءِ ڪنهن مذهب جي عقيدن ڏانهن نهارڻ نه گهرجي. پنهنجي خيال ۽ آزمودي سان ڳنهڻو ڪجهه اسين ڇڏي سگهون ٿا. جيئن سون اڳي ڪيترا ڀيرا چيو آهي، هيئن ساري

وگيانڪ اصولن تي ٻڌل ۽ اڻ ٽر قانونن سان هلندڙ سرشتيءَ جو ڪاروبار، جو خود بخود هلندڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو ڪيئن اهڙو سست يا ڍنڍي پهلو ٿيندو جو ان ۾ ڪرم جو ڦل هن ڪان پوءِ ڪي سال يا صديون ملي؟ اها ڳالهه مڃڻ ۾ ڏي ڀارائي ڀڏيءَ جي شاهدي ڏيندي. منهنجو خيال آهي ته برائيءَ جو نتيجو برائي ڪرڻ سان ئي ملي وڃي ٿو ۽ ڀلائي جو نتيجو ڀلائي ڪرڻ سان گڏيو اچي ٿو. اهو الله ڀا اها چٽ شڪتي جا دنيا کي هلائي رهي آهي، سا پورڻ نه چئبي جيڪڏهين ڪرم جي نتيجي ڏيڻ ۾ ايتري دير وجهي ٿي."

ٽئين انجنير دوست چيو: "مثال وٺو هڪ بليڪ مارڪيٽ ڪندڙ ڏوهي ماڻهوءَ جو. هو پئسا هٿ ڪري پنهنجي حياتي مزي ۾ گذاري ٿو. اسين چئون ٿا ته هن کي برائيءَ جو نتيجو نيٺ ڪنهن وقت ملندو، پر جي توهان چئو ٿا ته اتي جو اتي ڪيس نتيجو ملي ويو ته ٻڌايو هن کي ڪهڙو نتيجو مليو؟"

سام چيو: "نتيجا ڪرم جا يا انعام ۽ سزائون، اسان کي دنيوي عيش يا غريبيءَ ۾ هرو ڀرو ڪو نه ٿيون ملن. گهڻو مال گڏ ڪرڻ خود هڪ سزا ٿي سگهي ٿي، ڇا لاءِ جو اهو چنتا ۽ بيقراري پيدا ڪري سگهي ٿو. گرو نانڪ جي ڳالهه ڪندا آهن ته پنهنجي بن چيلن بالي ۽ مرداني سان گڏ وڃي هڪ سکر ماڻهوءَ وٽ مهمان ٿيو؛ هو پنهنجي ڌن دولت جي غرور ۾ هيو؛ هنن فقيرن جي ڪا به خدمت ڪا نه ڪيائين. صبح جو موڪلائيندي کيس آسيس ڪيائون ته: بابا شل اجان وڌندين ويجهندين! ٻئي هنڌ وري رات پيا، جتي سندن گهڻي خدمت ڪئي وئي. اهو گهر وارو هڪ غريب ماڻهو هو ۽ ڀڳتيءَ جي مارگ تي هلندڙ هو. کيس هڪ ٻڪري هئي، جنهن جي چنتا سندس ڀڳتيءَ ۾ رڪاوٽ ٿي وڌي. صبح جو موڪلائڻ

وقت بابا نانڪ هن کي دعا ڪري چيو ته شال ايها ٻڪري ٻه ملي ويندءِ! گرو نانڪ جي چيلن ڪانئس انهيءَ ڳالهه جي سمجهاڻي پڇي، ته جنهن هيترو غرور ٿي رکيو تنهن کي جهجهيون دعائون ڏنوَ، ۽ هن غريب شيواڌاريءَ کي ٻڪريءَ جي ڪسجڻ جو پاراتو ڏنوَ، سو ڇو؟ گرو نانڪ اهو راز کولي ٻڌايو ته هيءَ ٻڪري سندس ڀڳتيءَ ۾ ڦڳ پئي وجهي، هن مثال مان اڏين سمجهڻ گهرجي ته شايد ان مغرور دولت مند کي اجا دک پسڻ جي ضرورت هئي، جنهنڪري سندس آتمڪ انتيءَ لاءِ دک جو باعث هيءَ دولت وڌڻ جي دعا کيس ملي."

ڊپٽي صاحب چيو: "چئبو ته انهيءَ کي پٽيائين!"

سام چيو: "انسان کي دک سک جو مسئلو ان ريت سمجهڻ نه گهرجي ته ڪو ايشور انسان جو دشمن آهي، يا هوڪو قهاري حاڪم آهي جو ساڙ کان انسان کي دک پيو پلئي وجهي. مگر دک ۽ سک ٻئي جيوت جي واڌاري لاءِ جيوت جا ضروري جزا سمجهڻ گهرجن. جيئن نيگيٽو ۽ پازيٽو جزا بجليءَ جا پاڻ ۾ ملي پرڪاش پيدا ڪن ٿا، جيئن رات ۽ ڏينهن هن ڌرتيءَ جي انتظام لاءِ فائدي مند ٿين ٿا، تيئن دک سک خود من جي جاڳرتا لاءِ ضروري ٿين ٿا. دک خود سچي سک جي چاهنا پيدا ڪري ٿو. مثال طور جيئن گهڻي ٻڪ ٻوڙ ۽ جانفشانيءَ کان پوءِ گهر هڪ بهشت ٿي نظر ايندو آهي، تيئن دکي انسان جو من سچي سرگ جي چاهنا رکندو آهي. رواجي سک خود ان علاجي دک ڏانهن ڇڪجي وڃن ٿا. آهو سچو سک يعني آنند هن سنساري دکن ۽ سکن کان مٿي آهي. دک ۽ سک حقيقت ڪري ڪجهه ڪين آهن. اهي فقط اثر آهن جي پنهنجي ڀاوناڻن ۽ مرادن تي مدار رکن

ٿا. تنهن ڪري انهن کي سزا يا انعام ڪري ڪين نه گهرجي. جڏهين سچو آنند حاصل ٿيندو، تڏهين ڏک، سک، ڪرم، مرادون ۽ سڀ ڀاونائون ڪم ٿي وينديون. اهي سڀ نالي ماتر محسوس ڪيا ويندا."

* * *

٢٠-٤-١٩٥٥ع - هتان جي هڪ نئين آفيسر سان اسان جي ڏيٺ ويٺ ٿي. سندس عورت جو رنڊو ملڻو سياڻ آهي. ان جي بيمار ٿي پوڻ ڪري هينئر خاص ڪري مون کي وٽس گهڻو وڃڻو پوندو آهي. ساڻن ڪافي پنهنجائي ٿي وئي آهي. هڪ ڀيرو ان آفيسر پنهنجي پتا کي ياد ڪندي چيو ته منهنجي ساڻس سڀ کان وڌيڪ محبت هئي ۽ هو مونکي سڀني ٻارن کان گهڻو پيار ڪندو هو. سام جنهن کي هن جوڙي جون ڳالهيون ٻڌائي طور وندرائيندڙ لڳنديون آهن، تنهن ڪيس رد ڏيئي چيو ته اها ڳالهه پوري نه آهي، ڇا لاءِ جو محبت ۾ ڪي فرق ڪونه ٿيندا آهن.

اسانجي آفيسر دوست چيو: " فرق ضرور ٿئي ٿو. محبت ڪنهن سان ٿوري ڪنهن سان گهڻي ڪجي ٿي."

سام چيو: " ائين ڪٿي چئجي ته واهپو يا لاڳاپو ڪنهن سان گهٽ ڪنهن سان وڌ ٿئي ٿو؛ مگر محبت آتما جو انس آهي، ۽ جيئن آتما ۾ ڪو فرق ڪونه آهي تيئن سچي محبت ۾ به ڪو فرق ڪونه ٿو رهي. عام طرح محبت اکر اسين ڦلهڙي نموني ڪم آڻيون ٿا. مگر مان اشارو ان محبت ڏانهن ڪريان ٿو جا آتما مان آتما جي لاءِ پيدا ٿئي ٿي. ان جا ٻيا نالا انسانيت ڌرم يا فرض ادائي ڪٿي چئجن. ان ريت مان چئي سگهان ٿو ته مونکي پنهنجي ٻارن لاءِ يا ٻين عزيزن لاءِ ۽ اوهان دوستن لاءِ جن سان دلي واهپو اٿم، ساڳي محبت آهي، توڙي جو انهن سان ٻاهران ناتا ساڳيا نه ٿا رهن."

اسانجي دوست ان ڳالهه تي بحث ڪونه ڪيو، مگر مون ۾ ذرا رنج پيدا ٿيو جو سام منهنجي ٻه ٻين سان مشابهت ڪئي ۽ ڇهائين ته ٻين کي ٻڌ، مان اوترو ئي پاڻيان ٿو. مون ڪجهه ڇرڇي ۾ ۽ ڪجهه ساڀيا ۾ کيس چيو: ”توهان جو پيار يا ته اڇاترو هوندو يا ته زميداري نموني ٻنئي ٿيل ڇٻو، جو منجهس سڀ هڪ جيترا حصيدار آهن!“

سام چيو: ”راڌا ڪنهن وقت ايترو ته ڪرشن سان پاڻ کي هڪ سمجهندي هئي جو هر جاءِ سندس صورت پئي پسندي هئي. اهڙي طرح اسان جو هڪ نثري نظم آهي جنهن ۾ راڌا چوي ٿي ته مان پاڻيءَ جي ڇولين ۾ ڪرشن جي مورت ڏسان ٿي؛ وڻ جي ٻين مٿان ڇٽيل ليڪن ۾ سندس پوتر نام جا اکر پڙهان ٿي؛ ڪڪرن جي قطارن ۾ ڪرشن جي ڳائين جون صورتون سجائان ٿي؛ منجهن گوڪل جا چراگاهه ۽ چارا ڏسان ٿي. هيءَ ٻئي ساڳي ڳالهه ڪري سمجهه. جڏهن انسان آتم درشي ٿئي ٿو ته ان کي هر جڳهه ساڳيو سروپ نظر اچي ٿو.“

مون چيو: ”مگر راڌا ائين ته ڪٿي ڪونه چيو آهي ته مان ڪرشن جيترو پيار ٻين کي ڪريان ٿي!“

سام وراڻيو: ”جڏهن ٻيو ڏسي ئي ڪو نه ٿي تہ پوءِ ٻين جي ... جو سوال ئي ڪهڙو ٿو اٿي؟ جڏهن هوءَ ڪڪرن، پڊيءَ ۽ هوائن ۾ خود ڪرشن تي ڏسي ته پوءِ سندس پيار جو مقصد ضرور هڪڙو ئي ڇٻو. ان ريت تون سمجهه ته اسين هڪ ئي آتما انهن پيارين شين ۾ ڏسون ٿا، يعني پيار آتما ڪارڻ ڪريون ٿا. پيار ۾ ڪا حصيداري يا ونڊ پڻ ٿي ڪا نه ٿي سگهي؛ پيار آتما جي آتما ڏانهن ذاتي ڇڪ آهي. اپنشد جي رشين جي اها ڳالهه اسان اڳ به ٻڌائي آهي ته پٽ، زال، پاءُ وغيره پيارا آهن آتما ڪارڻ. باقي نانا زمانن جا جوڪي آهن تن ۾ ڏي

وٺ ٿي سگهي ٿي ۽ انهن کي ٻار جو نالو ٿئو ڏئي سگهجي.
جدا جدا ماڻهن سان انساني فرض‌ادائي جدا جدا نموني نڀائي
وڃي ٿي ؛ برابر اسين ڪمايون پنهجي گهر ٻار لاءِ ٿا مگر
پيار آتما ڪارڻ سڀني کي ڪري سگهون ٿا. خيال ۾ ڪو
اهڙو موقعو اچي جو ٻئي جو سونپيل ٻار (مثال طور ياءَ جو)
۽ پنهنجو ڄڻيل ٻار هڪ آبدا ۾ هجن. سمجهه ڪٿي اهي تو ڪي
ٻئي سونپيل هجن . ان وقت ٻئي جي ڄڻل ٻار کي ٻڏو
سمجهي ٿو ڪري ڇڏڻ وٺ ۾ وڃي نڇپنا جهڙو ڪم ٿيندو.
بلڪ اهڙا گهڻا مثال زندگيءَ ۾ ٿيا آهن جو پنهنجي ڄڻيل
اولاد کي وساري انسانن، ڪجهه وقت لاءِ پاڻ کي به وساري،
پين سان فرض پاليو آهي. اهوئي آهي پيار آتما ڪارڻ. اِها
فرض ادائي يا سڀني جو پلو ڇاهڻ يعني انسانيت جو قائم
رکڻ سڀ کان اتم ڌرم آهي. ان ۾ ڪو به فرق ٿي ڪو نه
ٿو سگهي . "

تنهن کان پوءِ مورتي پوڄا جو ذڪر نڪتو . ان
آفيسر چيو اسلام ۾ مورتي پوڄا هر حالت ۾ گناهه آهي .
ازانسواءِ هي سمجهڻ گهرجي نه سچي تصوير ڪرشن جي يا
ٻئي ڪنهن پيغمبر جي ملي ڪا نه سگهندي. تنهن ڪري مندر
۾ يا گهر ۾ اهڙين تصويرن رکڻ ۾ ڪو فائدو ڪونه آهي.
پنهنجي خيال مان الله جون صورتون چٽڻ سو ناجائز آهي .
ڇاڪاڻ جو الله بي چون، بيمثل آهي."

سام چيو: " تڏهين جهان ۾ هي صورتون سڀ ڇا جون
ٿا ڏسون؟ انهن ۾ ڪير سمايل آهي ؟ "

ان آفيسر چيو: " اسلام جي ٿيالاجي (Theology)
موجب الله انهن جو پيدا ڪندڙ آهي ؛ مگر اهي الله جون
صورتون نه آهن . "

سام چيو: ”هو مذهب ۽ فلاسافيءَ جو هڪ جهونو سوال آهي. پڇي سگهجي ٿو ته الله چا مان اهي سڀ شيون پيدا ڪيون؟ صوفي ڪلمي جي منڍ جي اها معنيٰ ڪن ٿا ته الله کان سواءِ ٻيو الله يعني الله جو ضد ڪو ڪو نه آهي. پر جيڪڏهن اها ڳالهه مڃجي ته الله هر جاءِ حاضر آهي ۽ هر شيءِ ۾ سمايل آهي يا فقط اپٽرو ٿي ڪٽي مڃجي ته سڀ جوڙ انهيءَ جي آهي ته پوءِ انهيءَ جوڙ ۾ ضرور انهيءَ جا ڪي آڪار، ڪي وصفون يا شاهديون سندس ذات جون خود موجود هونديون. ان نموني سان رکو پوچا واري مورتي پر سڀ صورتن ۾ الله جي شاهدي ملي ٿي. مان ته پوچا لاءِ ڪنهن مورتيءَ تائين به ڪو نه ترسندو آهيان. ارادو ٿيندو ته ڪنهن پٽ يا مبز جي سامهون ڪٽي متو ٽيڪيان! جيتوڻيڪ قبول ڪريان ٿو ته متو ٽيڪڻ به هڪ ٻاهريون نمونو آهي جنهن ۾ اندر جو ڀاءُ ظاهر ٿئي ٿو. عبادت جا پيا به گهڻا نمونا آهن. ڪڏهن بنا متي ٽيڪڻ ۽ ٻيا پريئر ڪرڻ جي، فقط خيال جي هيڪڙائي حاصل ڪرڻ سان، هن سرشتيءَ جي سرجڻهار سان وجودي هيڪڙائي حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان ريت اولهه طرف منهن ڪري نماز پڙهڻ سو به مورتي پوچا وانگر خيال جي هيڪڙائي آڻڻ جو هڪ ذريعو ڪري سمجهڻ گهرجي. حج ڪرڻ وقت پلا چو ٿو ڪاري پٿر ڪي چمجي يا ڪعبت‌الله کي طواف ڪجي؟ چا ان ۾ خود اهو هيڪڙائي حاصل ڪرڻ وارو اصول يا ڀاو سمايل ڪين آهي؟

ان آفيسر چيو: ” اهو پٿر تاريخي آهي. حضرت ابراهيم جي وقت کان هليو پيو اچي. مگر ان جي پوچا ڪا نه ٿيندي آهي. انهيءَ مان ڪي يادگيريون ڳنڍيل آهن؛ جن جو خيال ڪري دل خوش ٿئي ٿي.“

سام چيو: ” وري ڏسو! جڏهن حضرت ابراهيم جو خيال دل تي اچي ٿو ته ان جي چٽي صورت نه ڇٽندي به ڪي خيال سندس صورت بابت دل تي چڙهي اچن ٿا. مثال طور انهن جا پهاڙ ريون، ڏاچيون وغيره ۽ ان وقت جا ڍنگ پوشاڪ وغيره جا، جن ۾ اسين ان جو تصور ڪري سگهون ٿا. خاص چٽي تصوير نه پر ڪا مڙيوئي تصوير خيال ۾ ان وقت جي اچي ٿي. تنهن جي معني نه تصوير سان خيال ڳنڍيل آهي. تصوير خيال جي ٽيڪ آهي. حقيقت ڪري خيال روپ رهت يعني تصور ڪان آجو ڪڏهين به ڪو نه آهي. من جي ايڪاگر ٿيڻ وقت روپ گم ٿي وڃن ٿا، ته خيال به پاڻ سان ملي پاڻ ان ۾ جذب ٿي وڃي ٿو. پر هيءَ هڪ اندروني تجربي جي ڳالهه آهي جا عام طور مشڪل سمجهي ويندي. جڏهن وقت ڪو خيال ڪبو ته جيتري قدر اهو چٽو هوندو اوتري قدر ڪي روپ يا ڪي ليڪا نشان، مڙيوئي ان جا ٿيي ايند. مثال طور ڪاٺ جڏهن خيال ۾ آڻيون ٿا ته ڪاٺ جو بنڊ يا وڻ يا ڏنڊو ڪرسي وغيره ٺهيل شيءِ ڪاٺ جي ڪا نه ڪا خيال ۾ ڏسون ٿا. هاڻي جيتوڻيڪ ڪاٺ، ڏنڊي، ڪرسيءَ ميز يا وڻ ڪان نيارو آهي، ڇا لاءِ جو اهي سندس لازمي طور مقرر صورتون نه آهن، تڏهين به اسان ڪي انهن جي خيال ۾ آڻڻ سان ئي ڪاٺ جو خيال اچي سگهي ٿو. ان رهت الله يا زندگي يا آتما يا روح هنن شين، تصويرن، ڪمن، ڪاروبارن ڪان ٻاهر چٽيءَ طرح يا صحيح طرح خيال ۾ آڻي نه سگهبو. خالق جي صورت يا خيال ضرور مخلوقات جي پٺ ۾ يا ان جي پيٽ ۾ يا ان جي موجودگيءَ ۾ ئي من تي اچي

سگهي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ پهرين درجي واري سادڪ لاءِ تصور ضروري سمجهيو وڃي ٿو. ائين چوڻ ته ڪنهن پيغمبر يا ڪنهن ديوتا جي تصوير سچي ملي ڪا نه ٿي سگهي سو تصور واري اصول جو ڪائي رد ٿي نه ٿو سگهي. پيلا تصوير ڪٿي ٿوري غلط هوندي يا هر ڪنهن جي خيال ۾ نياري هوندي ته ان ۾ ڇا آهي! تڏهين به اها پنهنجو ڪم ڪري ٿي، يعني احساس کي ۽ سمجهه کي مدد ڪري ٿي. جيئن حضرت ابراهيم جي تصوير اسان جي خيال ۾ جدا جدا نموني اچي ٿي، تنهن هوندي به اهي سڀ خيال ۽ تصور جي ان سان شامل آهن، سي حضرت ابراهيم جا ٿي چئبا، جيتوڻيڪ حضرت ابراهيم انهن سان پڌل يا انهن اندر سمايل ڪين چئبو: تڏهين به ائين نه مڃبو ته اهي سڀ خيالي تصويرون سندس خيال کي ڏي چٽو ڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح الله يا ايشور جون اڻ پوريون تصويرون پڻ الله جو ڪو نه ڪو آڪار پيش ڪن ٿيون. مان سمجهان ٿو هن خيال جي تصوف ۽ ويدانت وارا بيئي پٽ پرائي ڪندا ته حقيقت روپ جي وسيلي ئي ڌياني سگهجي ٿي، جيتوڻيڪ ڪنهن خاص روپ تائين محدود نه آهي.

٢٢-٤-١٩٥٥ ع - اڳي هڪ آفيسر جو ذڪر ڪيل آهي. ان اڄ پنهنجي عقيدن جو ذڪر ڪيو ۽ چيائين ته قرآن شريف ۾ سڀ ڪجهه قطعي طور الله جي خود لفظن ۾ صاف چيل آهي؛ ان ڪان وڌيڪ بيون معنائون ڪيڻ سا اجائي اپٽار آهي. صوفي جيڪي اندروني معنائون ڪين ٿا، سي پنهنجي مغز مان ٿا ڪين. قرآن شريف ۾ جيڪي به چيل آهي سو صاف لفظن ۾ آهي. ان ۾ ڪا اندروني يا بيروني معني ڳولڻ نه گهرجي.

سام چيو : ” مگر سو سڀ اسين پنهنجي سمجهه سان سمجهي سگهون ٿا. اوهان جن اصولن تي هلو ٿا، انهن جي پاڻ ۾ ڪا ڪوجهنا ضرور ڪٿي هوندو. علم هٿ ڪرڻ جا گهڻا طريقا آهن. هڪ اهو علم آهي جو ٻئي کان ٻڌي پرائجي ٿو ۽ ان تي اعتبار ڪجي ٿو. ٻيو گيان پرائڻ جو رستو آهي پنهنجي اندرين جـــي معرفت ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇهڻ سنگهڻ وغيره جو. ٽيون رستو علم پرائڻ جو آهي انومان يعني ويچار جي ذريعي سمجهي پوءِ ان تي اعتقاد ٻڌڻ. مثلا ڪو ماڻهو مون کي دڙڪا ڏئي ٿو؛ ساڳيو ماڻهو وري ڪاتيون ٻه نکيون ڪري ٿو، ان مان ان انومان ڪيان ٿو ته هو مون سان وڙهندو. اهو آهي منطق جي اصولن موجب ڏنل حقيقتن ۽ آزمودن مان ويچار ڪري ٽيندڙ ڳالهين جو انومان ڪيڻ. مگر انهن ٽنهي علمن يعني ٻڌل؛ ۽ اندرين جـــي معرفت ڏنل ۽ پروڙيل ۽ انوماني ويچار سان هٿ ڪيل ۾ اسان جي سمجهه جو ڪو حصو ضرور آهي. تنهن ڪري ان کان وڌيڪ يقين ڏياريندڙ اهو علم آهي جو احساس جي رستي معلوم ڪجي ٿو. ان جي ڪماليت آخر انتر گيان ۾ آهي جتي اهو از خود پاڻ مان پيدا ٿيندڙ نظر اچي ٿو. ان کي صوفي معرفت جو درجو يا مڪان چون ٿا. اها ترنت پاسنا جي شڪتي حقيقت ۾ سڀ ڪنهن انسان جي اندر سمايل آهي. مگر اسين اڄ ڪلهه ان کان ڪم ڪو نه ٿا وٺون. احساس جي واڌاري لاءِ ڀرپائين قلب جـــي صفائي يعني شڌ ڀاونا کپي. ان طرح دل ۽ دماغ جي واڌاري ۾ جيڪي خواهشون ۽ خود مطلبيءَ جا خيال رڪاوٽون آهن، تن کي ڀرپائين دور ڪرڻو آهي؛ سچن سنتن ۽ صوفين جي گيان پرائڻ جو اهو رستو هو. هـــو نفس کي ماري منزل معرفت کي پهچندا هئا. اهـــو گيان يقين ڏياريندڙ آهي تنهن ڪري توهان انهن جي گيان کي مختصر طور موقوف ڪري ٿا

سکهو، فقط انهن چوڻ سان ته اهي خيال سندن مغز جي پيداش آهن. اسان جي خيال موجب شريعت پڻ چڱو دڳ ڏسي ٿي. اهي ان جي برخلاف نه آهيون. مگر جيئن شاعر چيو آهي،

ساري سڪ سبق ، شريعت سندو سهڻي
طريقتان تکو وهي ٿو حقيقت جـــو حق
آ معرفت مرڪ اصـــل عـــاشقن کـــي

ان 'ساري سڪ' جو مطلب ڇا آهي! مطلب ضرور اهو آهي ته اکري معني نه ڳولهه پر انهن جي پنيان جيڪي ارادا يا مطلب آهن انهن جي جاچ رک. هن لفظن ۾ ته، آهي اندروني معنائون آهن جيڪي سچيون آهن ۽ صوفي قرآن شريف جي اندرين معني جا ڳولائو آهن."

سام کس منهنجي بهت جي معنيٰ اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌائي ۽ مٿيون گفتگو ڪجهه اردوءَ ۾ ڪجهه انگريزيءَ ۾ هلندو هو.

٢٧ - ٤ - ١٩٥٥ع سام جي اڳيئن ڳالهه ته پيار هڪ آهي ۽ سيني کي هڪ جيترو پيار ڪريان ٿو، تنهن منهنجي دل ۾ وڏي شنڪا پيدا ڪري ڇڏي. مون کي اها ڳالهه هرگز سمجهه ۾ نه آئي ته ڪيئن ماڻهو سيني سان هڪ جهڙو ناتو نڀائي ٿو سگهي. تنهنڪري چيم ته دعا ڪو منهنجي سمجهه ۾ ڦيرو آهي، يا اهڙي دعويٰ رکڻ پاکنڊ آهي. مون ور ور ڪري سام کي ان ڳالهه تي ٽوڪيو ٿي ته مون جهڙو ٻيا ٻارن جهڙو پيار تون ڪين کي به ڪرين ٿو! سام ڪلي ڳالهه ٽاري ٿي ڇڏي يا ائين ٿي چوائين ته "انهيءَ ڀاو ۾ ڪا به ڳالهه سمجهي نه سگهبي؛ گيان جي پراپتيءَ لاءِ يا خيال جي صفائيءَ لاءِ من جي ٽڪائي نه رکو پر تياڳ پنهنجي شخصيت جو بلڪل ضروري آهي؛ بحث مباحثي مان شخصيت يا پاڻ

پنهنجو صفا ڪڍي ڇڏڻو آهي؛ اها ڳالهه ڪري ته مون ٻوٽي کي وار ڪيو ۽ نه، توکي ان ۾ ڪا پنهنجي گهٽتائي سمجهڻ گهرجي."

آخر ڪالهه وري جيئن مون ان ڳالهه کي ڇيڙيو ته سام چيو: "چڱو تون ٻڌاءِ ته سمدرشي ڇا کي چئجي ۽ اهو آدرش سمدرشي ٿيڻ جو چڱو آهي يا برو؟"

مون چيو ته اها ڳالهه ٻي آهي جيستوڻيڪ مون ائين سمجهائي ته سگهيو ته ڇا تفاوت آهي.

سام چيو: "ايترو تون به ضرور قبول ڪندين ته، جيڪو ماڻهو هڪ دوست يا عزيز سان ڪوڙو ٿئي ٿو، سو ٻئي سان به ڪوڙو ٿي سگهي ٿو. يعني ڪوٽو هميشه پاڻ سان ڪوٽ جو مادو کنيو ٿو اچي ۽ سچو هر جاءِ سچو آهي؛ ائين نه ته هڪ هنڌ ماڻهو چڱو ته ٻئي هنڌ ماڻهو برو پنهنجي مرضيءَ تي ٿي ٿو سگهي."

مون اها ڳالهه قبولي مگر پڇيم ته انهيءَ جو هڪ جهڙي پيار ڪرڻ سان ڪهڙو واسطو آهي؟

سام چيو: "سچائي، سندرتا، پريم، آتمڪ شڪتي رکڻ يا گڏونت ٿيڻ سا هڪڙي ڳالهه آهي. اهي سڀ هڪ وستوءَ جا جدا جدا نالا آهن. جيترو پريم يا سچائي يا سندرتا مون ۾ هوندي اوتري ضرور مان زندگيءَ ۾ ظاهر ڪندو رهندس. جيڪڏهن هڪ هنڌ سچائي ڏيکاريم ۽ ٻئي هنڌ ڪوڙ ڪيم ته چئبو ته، مون ۾ سچائيءَ جو ڪڻ حقيقت ۾ ڪو نه آهي ۽ اهو لباس فقط ملمعي طور اختيار ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح جيترو علم يا روشني مون ۾ هت آهي، اوترو ساڳين حالتن هيٺ ٻيءَ جاءِ ۽ ٻئي موقعي تي به مون ۾ پيو ٻڪندو. ساڳيءَ طرح پريم جو مادو يا طاقت جا مون ۾ هوندي سا هر هنڌ ۽ هر ناتي ۾ ظاهر ٿيندي. ۽ جيترو سچو

بـــر ۾ مان سيکڻهن مـــان رکان ٿو اوترونئي ايشور کي مـــان اوڏو ٿيان ٿو. ٻين اکرن ۾ هيئن کڻي چئجي تہ جيڪو منهنجو سچو رنگ روپ آهي سوئي مان آئيني ۾ پيو ڏسندس. ايـشور يا آتما آهو آئينو آهي. جيڪي ڀاوَ، گڻ وغيره مان زندگيءَ ۾ پرگهٽ ڪريـان ٿو، آهيئي پنهنجي آتما اندر پايان ٿو. جيڪي اهڙي هيڪڙائي خيال جي رکن ٿا ۽ زندگيءَ جـــا مقصد ان ريت هڪ سمجهن ٿا، سي دوئي ڀـاوَ کان دور رهـــن ٿـــا. جيڪڏهن تون ۽ مان ان عقيدي کان ٻيءَ طرح عقيدو رکندڙ هجون تہ پوءِ چئبو تہ گويا پنهنجي فقيري يا آتمڪ اصول جي خلاف هلون ٿا ۽ خود ايشور کان انڪاري ٿيون ٿا. سدرسيي ٿيڻ کـــان سواءِ ٻيو ڪو بہ رستو آتـمڪ انتيءَ جو ڪو نـــہ آهـــي."

مگر مان اڃان ان ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ڪو نہ ٿيس تـــہ پيار سڀ مان هڪ جهڙو ٿي سگهي ٿو. مان ائين سمجهان ٿي تہ آهو جدا جدا ڏکرين ۾ جدا جدا ماڻهن سان ظاهر ٿئي ٿو.

* * *

۲۹-۴-۱۹۵۵ع - مونکي سام جون ڳالهيون جيئن مون مٿي نوٽ ڪيون آهن اڃان پوريءَ طرح سمجهہ ۾ ڪو نہ آيـــون ۽ سام کي وري ڪجهہ چرچي ۾ ڪجهہ ساڀيا ۾ چيم تہ مونکي بہ فقط ٻين وانگر هڪ ماڻي ڪري ڀيا سمجهو!

سام وراڻيو :- "تون اِها ڳالهہ غلط سمجهي رهي آهـــن ڇالاءِ جو پنهنجي شخصيت ۽ پنهنجو آپو دور ڪري اِها ڳـالهہ هڪ وڏياڙيءَ جي نموني ڪا نـــہ سوچي اٿـئي، مـــگر هڪ وڪيل جي نموني ويچاري اٿيئي جـو فقط ڪيس ۾ پنـــهنجو فائدو ڇهي ٿو."

مون ٻـــاراڻي نموني ڪيس ڇڏي ڏنو :" 'منلو' تہ سام جي جيءَ جو جزو ٿي ويو آهي؛ ٻين کي ايترو پيار اصل نـــہ ملندو آهي!" تڏهين سام کلي چيو : " ائين برابر آهي تـــہ تون ٻين کان پيار جو گهڻو حصو ڇڪي وڃين ٿي."

تڏهن مون کين اِهي ڳالهيون ياد ڏياريندي چيو: "ته پوءِ اها ڳالهه ڪيئن ٿي سچ ٿي سگهي ته مان پنهنجي کي ماڳهين پيار ڪريان ٿو؟"

سائين چيو: "مان جيڪي پيئي ڳالهيون چوان ٿو سي سڀ پاڻ جي وڏي آهن. اها ڳالهه هيئن ڪري سمجهه ته انسان جي دل هڪ درياهه يا وڏي تلاءُ مثل آهي، منجهس پيار جي تلاءُ ۾ ته ويچارو اچي، پاڻ جي آڪيرو ٺاهي آهي. جنهن ڪري توکي پڻ جان گهڻا سڀ مان پاڻ نفس جا ملول ٿا. پر پوءِ جيڪي انساني اڏ اڏ پيڪر پيارو ڪري اچي ٿو. سو اهو پڻ چئبو ته ماڳهين پاڻيءَ پيار جي مان ئي وچي ٿو پاڻ ماڳهين آهي. دل جو تلاءُ هڪ آهي. انهيءَ شڪتي پيار ڪرڻ جي يعني نفس قربان ڪرڻ جي ماڳهين ئي آهي؛ فرق انهن شين ۾ ڪونه آهي. پاڻيءَ ۾ مٺاڻ ۽ ميراڻ جي برابر دوڙڻ جو زهر آهي جنهن جي گڏجڻ مان تلاءَ جو سچو پاڻي زهري ٿي وڃي ٿو. پڻ ڪر ته جيڪڏهن اها دوئي مان دل ۾ ڌاريان ته توکي خود آن تلاءُ جي پاڻيءَ مان مزو نه ايندو. سچ پچ راهه تي هلندڙ کي ۽ ادويت برهم جي مڃيندڙ کي ڪو پيدا پاو عزيز دوست يا ڌارئين جي وچ ۾ رکڻ نه گهرجي. ان لاءِ توکي ماڻ جي بدران خوشي ٿيڻ گهرجي، ته مان پنهنجي وت آهر انهيءَ ڪوشش ۾ آهيان ته آئنده طور سڀ کي سمان ڪري سمجهان جيئن پيار ۽ انساني همدرديءَ ۾ فرق نه رکان ۽ جدا جدا جاين تي جيڪو منهنجو ذرو آهي سو پالي ڪريان."

مون کين اهو مثال ڪري وڌيڪ سمجهه ۾ آيو ۽ چيم "ته اها ڳالهه آخر قبولڻي پئي ته ڪيئن ماڳهين پاڻيءَ مان ٿي وڌيڪ ۽ گهٽ حصو پئي ٿو!"

* * *

٣-٥-١٩٥٥ ع- اڄ ماڻ جڙڪن کي اٺون روز ... ڪڻ لاءِ جيو ۽ هنن جيئن سامان سمورو ٻاهر ڪڍيو ... صحيح خالي بوتلون سودا جيئن نظر آيون. ماڻيءَ واري چڙڪري جهڙي ڪن ويهه سان گڏ رهيو آهي، تنهن ۾ بوتلون وڌيڪ

ڏسي جيئن ته اهي پيئي منهنجون آهن، مام کي سندس ڪوڙ ۽ حرص جدا جدا ٿيڻ وڳڻ جو نه وڻندو آهي، تنهن جوش ۾ اچي ڪيس چيو: ”اهي سڀ بوتلون تون ڪٿي وڃ! بوتلون نه گهرجن، اهي ڪا به شيءِ توکي گهرجي ته پهرين اول تون ڪٿي پنهنجي ضرورت ڪر، پوءِ اسان لاءِ جيڪي بچي پيا نه بچي!“

اهو ڇوڪري هوءَ ڪانهم شايد ڪجهه ڇڙو ڪري سمجهي تنهن ڪري مام ڏوري ڪيس چيو: ”تون هي ڇڙو نه سمجهه، اڄ ڏاڍو منهنجي اڳيان، مان خدا پاڪ جو قسم کڻي چوان ٿو ته جيڪا شيءِ تون اهي وٺي، هڪڙو ٿوال، اُٽو يا ٻي ڪا به قيمتي شيءِ، زيور وغيره مون لاءِ هجا، هُتڪڙا يا سڀئي، تون کڻي سگهين ٿو.“ اُهي چئي سيف کولي ڪيس دوڪان اندر ڪري ٻاڻ ٻاهران ليڪن چيائين: ”مان سڄي ڏو ڏيان ته آهي سڀ مان خوشيءَ مان توکي ڏيندس ۽ هميشه لاءِ تنهنجون ٿينديون. توکي جيڪي وڻي سو ٻڌائي کڻ.“

ڇوڪري انڪار ڪيو ۽ چيائين ته مونکي فقط توهان جي دعا گهرجي. تنهن بعد ڪجهه دير وڃي مام ٻاهر نڪري آيو ۽ وري ڪيس چيائين: ”عقل کان ڪم وٺ، اهي سڀ شيون اڄ تون پنهنجون ڪري سگهين ٿو ۽ مونکي حيف آهي جي مان ڏيڻ کان ڊرمايان.“

ڇوڪري وري به ڪجهه کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ جلدئي لهي مونوٽ هيٺ اسپتال ۾ آيو ۽ خوشيءَ وچان مون کي سڄون احوال ڏنائين ۽ چيائين ته دادا وڃڻ ڏنو ته جيڪي وٺڻي مون کي ٻه ٻيون فقط سندس دعا گهرجي. پوءِ دادا ٻڌي چيو ته ڪجهه نه سندر توکي ملڻ گهرجي، تنهنڪري اڳيون قرض مونکي سڀ معاف ڪري ڇڏيائين!“

مان هڏهن گهر آيس ته مام مونکي چيو: ”اڄ اهڙي آئي تنهنجي ڇوڪري کي ڪئي هيم جو چاهي ها ته سڀ سامان ۽ تنهنجي پڻ زر، زيور پنهنجي ابضي ڪري سگهي ها. ڇا لاءِ جو مان سڄو ٻڏل هوس، پوءِ تون ۽ ڪرين ها؟ رنج ٿين ها ڇا؟“

مون کيس چيو: ”نه ! اسين جيڪر تارا ۽ هرشچندر وانگر گهر کان ٻاهر نڪري، خوشيءَ سان سڀ ڪجهه ڏيئي ڇڏيون ها. تنهنجي ڪٿيءَ تي رنج ڇو ٿيندس ؟“

پوءِ وري دل ۾ خيال آيو ته سام کي اهڙا امنگ وري وري پيا اچن ۽ ! مون اڳيئي ذڪر ڪيو آهي ته هن به پيرا پنهنجا ڪپڙا لٽا سمورا انهن ڏئي ڇڏيا آهن ! ۽ تنهنڪري مون کيس چيو: ” هن ڇوڪري جي حالت ٻي آهي ؛ ڇالاءِ جو هو گڏ رهي پنهنجو ٿي ويو آهي، مگر ٻئي ڪنهن پنهنجي يا منهنجي مائٽ کي متان اهڙي آچ ڪئي آٿو؛ آهي سڀ ڪجهه ڪٿي ويندو ! مان ته هر حال ۾ توهانجي ڪٿيءَ تي خوش رهندس.“

سام چيو : ” سڀ ڪجهه ڏئي به هڪ انسان جي دل کٽڻ سو وڏي فائدي جو ڪم آهي.“

مون ڇوڪري کان پڇيو: ”تو اهڙو وارو ڇو وڃايو ؟ ڇا اعتبار ڪين آيو ته ڇا ته تو کي سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏيندو ؟“

هن چيو : ” مونکي دادا جي سخن تي پورو وشواس رهندو آهي. هو وچن ڏئي ڪڏهن نه ڦيريندو آهي. پر مون سوچيو ته ڪجهه وٺي پوءِ ان سان مان ڇا ڪريان ! ڪجهه سمجهي ڪو نه آيو ۽ تنهنڪري ڪو نه گهريم.“

مون سام کي چيو ته هي ڇوڪرو امتحان ۾ پاس ٿيو آهي ۽ تڏهن سام چيو : ” هن ايترا سال اسان وٽ اجايا ڪونه گذاريا آهن. مون کي پاڻ شرم ايندو آهي ۽ چوندو آهيان ته مان ڪهڙي آشرم يا منمتا اذي سکهندس، جي هن کي پاڻ سان ملائي نه سگهيو آهيان ۽ هن مان دوئي پاو نه ڪڍي سگهيو آهيان! پر اج هن گهڻا قدم اڳتي وڌي ڏيکاريو آهي. جيڪڏهن هو ڪا به شيءِ يا سڀ شيون تنهنجي زيورن سميت کڻي وڃي ها تڏهن به مونکي جيڪر خوشي حاصل ٿئي ها. ڇالاءِ جو عوض ۾

[illegible] آهي [illegible] به [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] سڀ [illegible] حساب ڪتاب جا طريقا هڪ

هڪ ٻئي سان سڀ عارضي آهن. انهن جو اسان جي پريم تي ڪو به اثر پوڻ نه گهرجي، بلڪ ائين سمجهڻ گهرجي ته هي آشرم جي ٻاتين جي وچ ۾ فقط ونڊ وراهه جا طريقا آهن. هي سڀ دنيا جون شيون انساني پريم ۽ سچائيءَ جي اڳيان تمام خسيس آهن. انهن ڪنهن به وقت تي ترڪ ڪرڻ سان اسين پنهنجي پريم ۽ سچائيءَ جو ثبوت ڏئي سگهون ٿا.

۴-۵-۱۹۵۵ع - مون ٿورو چنچل نمونو هلت ٿي ڪئي، ان وقت سام هيئن چيو: "من جو واهپو جن ڳالهين سان وڌيڪ رکبو انهن جو واسو نه فقط من جي جاڳرت اوستا ۾ پر وڌيڪ اونهن تهن (Sub-conscious Self) ۾ پڻ ٿي وڃي ٿو. جيئن ڪو رستو روڪيل هوندو آهي ته آتان وهڪرو گهٽ ٿيندو آهي، تيئن چنچل من ۾ يا اجاين مشغولين جي حالت ۾ گيان جو واڌارو گهٽ ٿيندو آهي. شانتي اهو ماحول يا چنجي ته مارڳ، آهي جنهن سان آتم ويچار اندر لنگهي پون ٿا. تنهنڪري جيترو اجاين ڳالهين ۾ پاڻ وندرائبو اوترو ڌيان ۽ گيان گهٽ پراپت ٿيندو. شانتيءَ جي ڪيت ۾ ئي گيان جا سهڻا ڦل ڦول اُپجي سگهن ٿا."

۱۴-۵-۱۹۵۵ع - مان سام سان گڏ گهوڙي گاڏيءَ تي ڪيڏانهن وڃي رهي هيس، رستي تي هڪ واقف دڪاندار تي نظر پيئي جو ميل سوا جي مفاصلي تي پنڌ ڪري، ويجهو آستان چڙهي، خاص هڪ مندر ۾ پوڄا واسطي ايندو آهي. مون سام جو خيال ان ڏانهن ڇڪايو ۽ چيم: "مائين ته هر هنڌ وسي ٿو، پوءِ هي خبر نه آهي ڇو خاص هن مندر ۾ سيوڄي اچي ٿو، پر وري به چڱو آهي جو اها اورچائي ڪنهن سٺي ڪم لاءِ ڪري ٿو، توهان جي چوڻ موجب شايد جپ تپ ۽ زهد وارن جا اهي ئي طريقا آهن."

سام چيو: "هو پنڌ ڪري اچي ٿو، تنهن ۾ خود انهيءَ جي ڀلائي آهي: هڪ ته روزانو چڱي ورزش ملي ٿي، پيو ته ان ريت پنڌ ڪري اچڻ سان هن جو خيال شايد وڌيڪ پڪو ٿئي ٿو. فقير رياضت يا ڪشالو پڻ ان ڪري ڏسيندا آهن جو ان ۾ طالب جو من وڌيڪ مرلائي سان اسٿر ٿئي ٿو ۽ خيال ڪٺاي

ٿو. من جو جاڳائڻ به انجڻين جي مثل آهي. ڪي انجڻ ٿڌي ٿي، جنهن کي صبح جو گرم ڪجي، تڏهن چالو ڪري سگهجي. ٻي انجڻ ٿڌي ٿي، جا ڪولڊ اسٽارٽر (Cold Starter) جهڙي ٿي يعني اهڙي رهنديءَ چالو ٿي سگهي ٿي. ان کي فقط هينڊل هڻڻ يا ڦيرائڻ سان اسٽارٽ ڪري سگهجي ٿو. ٽين انجڻ ٿئي ٿي جا فقط اليڪٽرڪ بٽڻ تي ٿوري زور ڏيڻ سان چالو ٿي وڃي ٿي. ان کي سيلف اسٽارٽر يعني خود بخود چالو ٿيندڙ چئبو آهي. اهي ماڻهن جي ٽن درجن مثل آهن ۽ هڪڙا آهي جيڪي من جي انجڻ کي رياضت ۽ ڪشالي سان ٿي چالو ڪن. (مون ڪيترا طالب ڏٺا آهن، جي ڏينهن تتي ۾ مٿ پر بندي يا لوڙها ڏيندي پاڻ کي ڏاڍو خوش سمجهندا آهن. ان طرح جسم کي مشغول رکي خيال کي هيڪاندو ڪندا آهن ۽ اهو رستو انهن لاءِ لاڀدائڪ آهي) ٻيا جڳيا سو آهن، جي گيان جي نڪتي يا ڪنهن فلسفه يا وديا رستي پنهنجي من کي روشن ڪن ٿا؛ انهن جي ٻڌي ڪليل ٿئي ٿي، جنهن ڪري ڪين هرو ڀرو ڪشالي ڪرڻ جي ضرورت نه ٿي ٿئي. اهي آهن ڪولڊ اسٽارٽر (Cold Starter) انجڻين وانگر ۽ انهن لاءِ گيان جي تيليءَ سان سندن من جي انجڻ چالو ٿئي ٿي. ٽيان آهي آهن جنکي نه آهي ضرورت ڪشالن جي ۽ نه ان کي شڪ گمان دل ۾ جن جي دور ڪرڻ لاءِ وديا جي روشني ضروري ٿئي. انهن سمجهڻ گهرجي ته گيان ۽ تپ سندن اڳين جنمن ۾ ٿي ڪيل آهن. اهي آهن سيلف اسٽارٽنگ انجڻين وانگر ۽ سندن من هڪ پريم جي ٽڪ سان، هڪ راڳ جي ٽڪ سان، مطلب ته صحبت جي هوا ۽ ٽڪ سان ڀاڙهي وڃي ٿو نڪاٽي لڳي. اهي ٽيئي رستا جدا جدا ڪرم، گيان ۽ ڀڳتيءَ جا رستا ڪري چئجن ۽ انهن سمجهڻ گهرجي ته جيتري قدر جيڪو طالب انهن مان ڪنهن به رستي لاءِ چاهه رکندڙ آهي، اوتري قدر اهو رستو هن لاءِ ضروري آهي نه ڪي ڪنهن کي غلط نه سمجهون ۽ نه ڪنهن تي ٽوڪ ڪرڻ گهرجي؛ انهن رستن تان ڪنهن کي زوريءَ هٽائڻ نه، ان سان خيال ۾ گهٻراهٽ پيدا ٿيندي. جيئن ڪچي ڦل مان رس ڪا نه نڪرندي آهي ۽ جي نڪرندي

آهي ته ملي ڪا نه ٿيندي آهي، تيئن طالب کي ڪچي نئي هڪ رستي تان ٿيڙي پٺي تي آڻيو ته سندس من جي واڌاري ۾ وڌيڪ ھوندو ۽ مقصد حاصل ڪو نه ٿيندو."

*   *   *

١٠-٥-١٩٥٥ع — ڪالهه صوفي صاحب چيو، "بهتر ٿيندو ته جنهن ڪتاب مان ٽڪرا ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيا ويا هئا، اهو ڪتاب توهان جو آهستي آهستي ڪري اخبارن جي ذريعي شايع ڪجي. پوري پوري پنج يا ڇهه ٽڪرا نثري نظم جا حيدرآباد جي ڪنهن مئگزن کي موڪليا."

سام ڪيس چيو: "اڳي اهي ٽڪرا 'نيو ايج' اخبار ۾ ترجمو ڪري ڇپيندا هئاسين، پر اسين ته فقط هڪ ٽڪرو واري تي شايع ڪندا هئاسين، مونکي جيڪر گهڻا ٽڪرا گڏ هڪ وقت هڪ پٺي ٻئي ڪنهن رسالي ۾ ڏيڻ نه وڻن. ان ۾ هڪ نفيس خيال رکيل آهي، برابر، مضمون وڏا وڏا رسالن ۾ ڏئي سگهجن ٿا، پر هنن ٽڪرن لاءِ مان جيڪر ائين چاهيان ته هڪ وقت هڪڙو فقط ڏنو وڃي."

صوفي صاحب پڇيو، "ائين ڇو؟"

انجو سبب سمجهائيندي سام هيئن چيو: "جپان جي هڪ امير جي ڳالهه آهي، جنهن وٽ شاهي گهراڻي جو شهزادو مهمان ٿي اچڻو هو. امير کي خبر هئي ته شهزادي کي خاص طور آهي گل وڻندا هئا. جيڪي سندس باغ ۾ تمام گهڻا ڦلاريا هئا. هن منڊ ۽ موقعو گلن جي ڦلارجڻ جو ملو ڏسي، شهزادي کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڪئي هئي، پر جنهن ڏينهن شهزادو اچڻ وارو هو، ان ڏينهن امير اهي گل سڀ لٽائي باغ مان ڪڍي ڇڏيا ۽ انهن مان فقط هڪڙو گل جو سڀني ۾ سٺو ۽ وڏي ۾ وڏو هو، چونڊي ڪٺي ميز تي گلدستي ۾ رکيائين جت شهزادو ويهڻو هو. ان بنسبت امير کان جڏهين سبب پڇيو ويو، تڏهين هن چيو ته هن گل جي نزاڪت هيڪڙائيءَ ۾ چڱي ٿي ظاهر ٿئي، گهڻن گلن ۾ سندس خوبي ايتري ظاهر نه ٿئي ها! اهو هڪ نفيس خيال آهي جو اديب ۽ فنڪار چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا."

۱۶-۶-۱۹۵۵ع — منهنجو ننڍو ڀاءُ اٽڪل اڍائي مهينن کان هت آيل آهي، سنڌ ۾ هندستان کان اچڻ لاءِ اسان ڪيترن ڏينهن کان انتظاري ۾ ٿي ڪئي، خاص ڪري گرڌاري ته ڇڻ هن لاءِ تڙڦي رهيو هو • ڀهريائين جنهن وقت هو در تي گاڏيءَ ۾ اچي لٿو ته، ان وقت گاڏيءَ جو ڪڙڪو ٻڌي گرڌاري خوشيءَ مان ٽپ ڏئي اٿيو . چيائين ته ضرور اهو هوندو ۽ هو ڊڪ پائي وڃي ساڻس گڏيو ؛ تنهن کانپوءِ قريباً سمورو وقت هن سنڌ ۾ خوب گهمندو ڪٽي آهي، نه فقط زور زور ڪري ڪارائي ۽ سڀڪا سهولت ميسر ڪري، مگر وقت تي ڪيترا خرچ سنڌ ۾ گرڌاري پاڻ تي هموار ڪندو آهي. سام جيتوڻيڪ منهنجي ڀاءُ جي اچڻ ڪري خوش ٿيو ، تڏهن به سنڌس اِهو خيال هو ته هو هِت چالت ۾ آتا مرو آهي ، جنهنڪري ڪيس جدا ڪمرو ڏنو ويو جيئن سنڌس گوٺي سنگت ۽ اٿڻ ويهڻ ڪري سام ڪي پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڪا ڦير گهير ڪرڻي نه پوي

منهنجي ڀاءُ جي ڪمري ۾ الماڙي وغيره ڪا نه آهي . جنهن ڪري الماڙي گرڌاريءَ سان گڏ ڪتب آڻيندو آهي ۽ سامان سڙو پنهنجو حفاظت سان رکڻ جهڙو به اُتي رکندو آهي؛ وقت تي ڪپڙا لٽا به گرڌاريءَ جا ڪڍي پائيندو آهي ۽ پاڻ ڪپڙا جو هندستان کان ٿورا آندا اٿائين ته گرڌاري پنهنجا سڀئي وڳا هن جي اڳيان حاضر ڪندو آهي. منهنجو ڀاءُ پنهنجا ڪپڙا چڙي به گرڌاريءَ جا پيو چوڙي، اها ڳالهه مونکي بلڪل ڪين ٿي وڻي ته گرڌاري پنهنجي پگهارن مان ايترو هن جي لاءِ خرچ ڪري ۽ ڪپڙن وغيره جي به مٽس چٽي پوي، تنهنڪري مون ڪي ڪپڙا گرڌاريءَ جا ڪٽي پاڻوٽ لڪائي رکيا، پر گرڌاريءَ کي ايترو ته چاهه هو جو مونسان وڙهه وڙهه پيو ڪري ته اِهي ڪپڙا ڀاءُ لاءِ ڏي! واچ به گرڌاريءَ جي سڀئي ڏسي هن ڪڍي پاتي • چالاءِ جو پنهنجي دوستن اڳيان [illegible] ڏيکارڻ ته سي [illegible] ننڍي کان گڏ رهيا هئا ، ته اِها ڳالهه بلڪل ٺيڪ ۽ سهائيندڙ ٿي لڳي، وڌيڪ اسانجي زندگيءَ جي هاڻوڪي نموني ڀراتريءَ ڀاءُ

واري موجب اهو ڀائيءَ جو ناتو هنن جي وچ ۾ سهڻو ٿي لڳو. هندستان ۾ سنڌي لاءِ ويلن جي وچ ۾ پڻ گهڻا فرق نڪري ويا آهن، ڇاڪاڻ ته جو هنن مان ڪيترا غريب شاهوڪار ۽ شاهوڪار غريب ٿي ويا آهن. اڳي جڏهن حيدرآبادي 'اڏراڊين' کي پنهنجون ڇوڪريون ڪين ڏيندا هئا، سي به هينئر عام جام نه رڳو آڏراڊين سنڌين سان پر هندستان جي ٻين ذاتين سان پڻ شاديون ڪيون ڪن. منهنجو ڀاءُ به اتي ڪنهن پوزيشن کي ڪو نه پهتو آهي، باڪ بي روزگار يعني ڪنهن خاص ڪم ڪار ڪانسواءِ پيو وقت گذاري. مون کي هن ۽ گرڌاريءَ جي وچ ۾ هي نئون سنگت جو نمونو ڏسي گهڻي خوشي ٿي. مگر گرڌاريءَ جي چڱائيءَ جو هن کي پورو احساس ڪو نه آهي. اڄ منهنجي ڀاءُ شڪايت ڪئي ته گرڌاري هڪ درزيءَ وٽ ۽ ٻين واقفڪارن جي اڳيان ڪيئن ڀاءُ ڀاءُ ڪري پيو ڪوٺي! سا ڳالهه کيس پسند نه آئي! هو گرڌاريءَ سان گهڻو تنگ ٿي پيو ۽ ان ڳالهه تي کيس گهٽ وڌ ڳالهايائين. گرڌاريءَ کي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. منهنجي ڀاءُ کي اهو وڏائيءَ جو خيال اوچتو ان ڪري پيدا ٿيو جو سنڌس پراڻن دوستن مان گنربل ڏورن سان ۾ ڪي چڱي پوزيشن کي وڃي پهتا آهن ۽ هو کيس ڪارائن پيارين ۽ دعوتون ڏيندا ڏين؛ ان نموني هو پنهنجي دوستيءَ جو پارٽ ادا پيا ڪن. مگر وڏماڻهپ جي ماحول، شراب خوريءَ ۽ عيش سندس من ۾ ڪجهه ايمان پيدا ڪيو تو ڏسجي؛ جنهنڪري هن هڪ غريب جي ڀاءُ چوائڻ ۾ عيب سمجهيو. گرڌاريءَ کي انهيءَ ڳالهه جو گهڻو ڏک ٿيو. آخرڪار اهڙا ڪي ڏک مان لفظ چيائين جو سام هن کي ٻاڻ وٽ سڌي چيو: "توکي شايد ان ڳالهه جو ڏک آهي ته تون هڪ غريب نوڪر آهين، مگر تون به هڪ اهڙي شئي حاصل ڪري سگهين ٿو، جو سڀني سان ڪنڌ کڻي هڪ جيڏو ٿي هلين. جي هن کي وڏن ماڻهن جي سنگت آهي ته تون وري فقيرن جي سنگت ڪر! جنهن کي علم يا پڙهو نه هجي، سو به فقيري پدوي پائي سگهي ٿو. فقيرن جي اڳيان خود شاهه امير پيا نمن؛ تنهنڪري نا اميد نه ٿيءُ ۽ نه ان ڳالهه جو

غم ڪر. خيال ڪي ڇاڳاءِ ۽ فقيري طريقو اختيار ڪر! آخر زماني وارن جو حال ته اهو پاڻ ڏسين ٿو! تنهن ڪري انهن سان ريس ڪري پاڻ کي به انهن جهڙو ذليل نه بڻائجي، مگر انهن کان بهتر ٿي ڏيکارجي. دل ۾ انهن تي پاڻ قياس ڪر ته ويچارا ڪيترو نه نيچ آهن!"

انهن لفظن گرڌاريءَ جي دل تي چٽيو وڌو ۽ مونکي به خوشي ڏني جو گرڌاريءَ سان بي انصافي ٿيندڙ ڏسي، مونکي رنج ٿيو.

* * *

١٥-٦-١٩٥٥ع — اسان وٽ هڪڙو دوست ٻن ڏينهن کان شڪار جي ايندو آهي. هو نه رڳو ٻنا ڪوٽ جي پيو اچي مگر ڏهين يا يارهين بجي رات تائين ويٺو رهي! ماڻي ته اسين سنڌس ويٺي ساڍي ستين گهڙيءَ تائين کائيندا آهيون پر نند پيئي اچي تڏهن به هن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. پيا به ڪي دوست ٻن ڏينهن کان ايندا آهن. انهن مان هڪڙو منهنجي پاڙي جو سنگتي آهي جنهن جي گهڻي شراب پيئڻ ڪري سار خني ٿيو پوي. ويتر مٿئين ماڻهوءَ، جنهنجو پهريائين ذڪر ڪيل آهي، چا ڪيو، جو سام جو سنان جو نوال ڪٽي پورَ هاڻان هٿ آنسان اڳهي هليو ويو. سنڌن گهر ۾ ٻين ڪيترن گهرن وانگر اهڙوئي رواج آهي جو سڀ ڀاتي هڪ نوال سان هٿ منهن اگهن ڪنهن سمجهو ماڻهوءَ کي اهو به خيال ٿيڻ کپي ته مان جو پنج فوٽ لنبو نوال هڪ نئپڪن وانگر ڪم آڻي خراب ڪري رهيو آهيان، سو ٺيڪ نه آهي. سام مٿين سينڌي دوستن ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "افسوس جو اسانجي ڪيترن ماڻهن کي اجا رهڻ جو طريقو هٿ نه آيو آهي. انسان جي ڀيٽ ۾ گهڻا جانور ۽ پکي، جيت وغيره زندگيءَ جي قانون تي وڌيڪ پختا آهن. گهڻو ڪري انهن جي آزمودن ڪين زندگيءَ جي قانون جي اهڙي واقفيت ڪرائي آهي، جو سڀ آن کي عمل ۾ پيا آڻن ۽ پر انسان اجا اهو قانون نه سمجهيو آهي! اسانجا 'سڌريل' ماڻهو ته 'اڻ سڌريل' ايسڪيمو قوم جي ڀيٽ ۾ به اِن ڏس ۾ وڌيڪ پٺتي پيل نظر اچن ٿا. هڪ پاسي وحشاڻي

هلت عيش ۽ شراب خوريءَ جي ڏسو ته ٻئي پاسي هُن سخت نمازيءَ ماڻهوءَ جو ڏير ڏير تائين ويهي رهڻ ۽ اسان جو ڏکيو سوال ان ريت ڪم آڻڻ ڏيکاري ٿو ته اسان جي ملڪ وارن اڃا اهو قانون زندگيءَ جو پوري طرح ڪونه سمجهيو آهي جيتوڻيڪ ظاهري طور مذهب جا پابند آهن. گهڻو ڪري زماني وارن جو اهڙو حال آهي جو هو فقط پنهنجي مطلب ۽ مهنج لاءِ پيا جيئن. جاگرت انسان ته ٻين جي خيالن جو احترام ڪندا آهن. سچو مذهب سو ائين سيکاري ٿو ۽ ڏسو ته منع هوندي به پيا ماڻهو سئنيما ڏسن ۽ ريڊيو گاڏين ۾ ٻڌيون چڪين ! هو ٻين جي تڪليف جو ڪو خيال ڪونه ڪن ! جهنگي رلڻ ملڻ چڱي ٿو، ان ۾ به ڪيتري اڄائي وارتا پيئي هلي ! ڪيترا ماڻهو اسان جي دوست وانگر سنگتين سان ويهي ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائڻ پنهنجو فرض پيا سمجهن ۽ پيا وري ڪو نه ڪو جواب موٽائي ڏين، توڙي جو هنن کي ڳالهائيندي دل به نه ٿئي! شايد ائين به هجي ته هي ماڻهو اسان وٽ ايترو ويهي ائين سمجهندو هجي ته هو ڀلائيءَ جو پيرو ڪري رهيو آهي يا اسان تي احسان ڪري رهيو آهي. مگر حقيقت ۾ هو پنهنجو ۽ اسانجو وقت اجايو وڃائي رهيو آهي. اسين به دوستن کان ڪنڌ نه ڪڍائي اهڙا ناتا قائم رکندا اچون ٿا، اِها اسانجي ڪوتاهي آهي. جانور اِن باري ۾ وڌيڪ سمجهه واري هلت ڪن ٿا جو جڏهن وٽين تڏهين پوٺ ڦيرايو هليا وڃن. حياتيءَ جي هر طبقي ۾ اهڙيون بي سود رسمون ڏسي فقير دنيا کان پري رهن ٿا. هو پنهنجي خيال جا بادشاه آهن. اڪيلائي اِن ڪري پسند ڪن ٿا ته جيئن هو پنهنجي ريت قائم رکي سگهن ۽ ان طرح ٻين کي ڪجهه سيکاري سگهن. اسين بي سمجهائيءَ ڪري اُن کي ترڪ يا انسان ذات لاءِ نفرت سمجهون ٿا، مگر حقيقت ۾ اها سچي زندگي آهي، جنهن ۾ ڳالهائڻ دلئون ٿئي ۽ آڻڻ ويهڻ مرضيءَ سان ٿئي؛ کائڻ پيئڻ بک دور ڪرڻ ۽ ضرورت وچان ٿئي ۽ نه ڪنهن رسم ادا ڪرڻ لاءِ! زندگي جيڪا اسين پنهنجي خيال پٽاندر نه ٿا گهاريون، جا ستون حجابن ۽ ڪوڙن

لحاظ سان جڪڙيل آهي، سا زندگي نه آهي مگر اسانجي قومي زواليت جي نشاني آهي. ڪيترو نه ٺيڪ ٿئي ها جي پنهنجي خيال کي موڙڻ لاءِ تيار رهون ها! ورنه هر ڪنهن انسان کي پنهنجي اندر ۾ ادا روشني خيال جي موجود آهي، جنهنجي پٺيان سڌو سڌو هلندو وڃي ۽ سچي خوشي حاصل ڪري سگهي. اسين پنهنجي خيال کي بار بار موڙي گويا مُڙدو ڪري رهيا آهيون تان جو آخر ڪار اهو بيڪار ۽ بي طاقتو ٿي پوي ۽ رهبري زندگيءَ جي ڪري نه سگهي. پوءِ پُٺين مُڙدين ڳالهين يا رسمن رواجن تي فقط پيا هلون. افسوس جو جيئڻ زندگي گذارڻ گهرجي تنهن نه ٿا گذاريون!"

* * *

١٦-٦-١٩٥٥ع — منهنجي پاڻ جي موڪلائڻ وقت سام جي اکين ۾ به ٿي ڳوڙها پاڻي ڀرجي آيو. مونکي ذرا عجب لڳو، ڇالاءِ جو جيترو وقت دو اُتي دو اهو ٿورو عرصو سام ۽ سوهڻ جي وچ ۾ اڻبڻت هئي. منهنجي پاڻ جي اٿڻ ويهڻ جو طريقو نه رڳو اٺاسرو هو، پر ڪيترا دفعا هن بي ادبيءَ جي نموني سام سان ڳالهايو. مون جڏهين سام کي چيو ته مون ڪڏهن اڳ ڳوڙها تنهنجي اکين ۾ پيا ڏٺا. تڏهين هن چيو: "هو آخر به تنهنجو پاڻ آهي! پيو ته فقير کي ڪنهن سان ضد رکڻ نه جڳائي؛ نه فقط ايترو پر فقيريءَ جي ادا تان آهي ته ٻئي جو ڏک يا غم پنهنجو ڪري سمجهي ۽ اسانجو احساس ڏک ۽ غم جو نه صرف پنهنجن عزيزن تائين محدود هجي، مگر جيءُ جنتر ۽ خرد بيجان شين تائين پهتل هجي، ڇالاءِ جو حقيقت ۾ 'بي جان' ڪا به چيز نه آهي."

پوءِ سام هڪ فقير جي ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين: "ڪن ماڻهن جو هڪ ويجهو عزيز گذاري ويو. هو ويٺي ان لاءِ رُنا. فقير جو آنهان لانگهائو ٿيو. تنهنتي ايترو نه اثر ٿيو جو هو به سُڏڪي وڃي ساڻن ويٺو ۽ اوچنگارون ڏيئي رُنو جنهن پر وارن ماڻهن پڇيو ته توهان جو ڪنهن سان ڪهڙو واسطو آهي جو پيا رُئو ٿا. تڏهن چيائين ته سوڙ ٽڙيوڙي سرڙ آهي، مان به پنهنجي حال تي ٿي رُنس!"

" هن جو مطلب هي آهي ته فقير جي دل هڪ گل جي مثل نرم ٿي ٿي. آها هميشه پگهل رهي ٿي. فقير پرائي پيڙا نه نقط پنهنجي ڪري سمجهي ٿو، پر آن مان هن ڪي پنهنجون هيٺايون ياد اچڻ ٿيون. سندس احساس واري پڙدي تي پين ڪان ڇانيرا پاڇا پون ٿا. هن جي رسڻ ۽ پرچڻ ۾ دير ٿي ڪانه پوي. هن جي غم ۽ خوشيءَ وچ ۾ تفاوت ڪو اورو ئو رهي ٿو ۽ هن جي نه ڪنهن سان سچ پچ ميٽري ۽ نه ڪنهن سان دشمني آهي. "

* * *

۲۵-۸-۱۹۰۰ع - اڄ اسانوت ڇڏڪ هڪ ننڍڙو ڪيل ڪيلچي ويو جنهن جا ڪي وندرائيندڙ پاسا هيٺ درج ڪريان ٿي :-

ڪيترن مهينن ڪان اسان وٽ بادل نالي هڪ نئون نوڪر بيٺل آهي جنهن ڪي سندس مائٽ اسان وٽ ڇڏي ويا آهن. ائين چئي ته پنهنجي ٻچي وانگر هلائجوس. هو ننڍي جمار جو آهي، مگر ڪيس گهڻيون خراب عادتون پيل آهن. هڪ ته هو تمام عجيب قسم جا ڪوڙ مطلب سان يا بنا مطلب هر هر پيو ڳالهائي؛ پيو نه نشو جهڙوڪ پنگ، چرس و غيره به استعمال ڪندو آهي، جنهن ڪري ڪم ۾ پورو ٿي نه پوندو آهي. اسين پنهنجي نوڪرن کي عام طور ٻين جي نوڪرن کان گهٽو وڌيڪ سٺو هلائيندا آهيون، تڏهين به سام چوندو آهي ته هي نوڪرن وارو سرشتو بلڪل قدرتي قانون جي برخلاف ۽ اجوڪي حالتن سان اڻ ٺهڪندڙ آهي، ڇالاءِ جو اڄ ڪالهه اثر سڀني تي اهڙا پون ٿا جو نوڪر مالڪ کي پتا يا وڏي سمان ڪري نٿو سمجهي؛ مالڪ وري عام طور نوڪر کي هڪ ڪم ڪندڙ مشين ڪري ٿو سمجهي. هن ڪري ڪم جي وقت ۽ ٻئي طرف پگهار جي ملڻ کان سواءِ پيو ڪو مطلب هن ناتي ۾ ٻنهي ڌرين ڪي [illegible] آشرم ۾ يا [illegible] ڪول ۾ يا گهر ۾ جت [illegible] [illegible] سان مداري، سواري سنهڻي نو. مگر نوڪر دي مدارڻ ان غير انساني

نالي جي پيدا ٿيڻ ڪري اهنجو ٿيو پوي."

سام وڌيڪ چيو: "سـ ڌاري جي ڪم لاءِ پريم ۽ شرڌا جو هجڻ ضروري آهي پر اڄ ڪلهه جي نوڪرن ۽ مالڪن ۾، هن نئين ساميوادي دور ۾، خاص طور اهي ٻه شيون يعني پريم ۽ شرڌا، باقي نالي ڪاڻ وڃي رهيون آهن. ان ڪري جيتوڻيڪ مون ڪڏهين ڪنهن ٻار يا شاگرد کي پنهنجي عمر ۾ ڪونه ماريو آهي ۽ ماسترن جي مار ڪٽ تي هميشه اعتراض اٿاريندو آهيان، تڏهين به ڪن نوڪرن کي ڪا سزا ڏيڻ ڪجهه قدر ضروري سمجهي اٿم. جيڪڏهن ڪم جو لحاظ نه هجي، نه زماني جي پيڙ ۽ وقت جي تنگيءَ جو سوال پيدا ٿئي ۽ نوڪر فقط ڪنهن اڪيلي آستان تي پاڻ سان گڏ هجي، ته جيڪر انکي ڪنهن به سزا ڏيڻ جي ضرورت نه پوي. مگر هنن حالتن ۾ يعني پاڻ ڪري زندگيءَ جي هڪ غلط رستي ۾ وڃهي پوءِ آدرشي ريت انسان ۽ انسان وچ قائم ڪرڻ ذرا اهنجو ڪم آهي. جيتوڻيڪ ان لاءِ به هر وقت ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ هر حال ۾ انساني پريم قائم رکڻ گهرجي؛ جا سزا ڏجي، سا پريم وچان ۽ سڌاري ڪارڻ ڏجي!"

اهو آهي سام جو عذر بادل کي وقتاً ڦوري جسماني سزا ڏيڻ لاءِ ۽ سمجهائي اجوڪي، مٿي ذڪر ڪيل ڪيل جي، جنهن ۾ هو چوي ٿو ته ان انسانيت جي سبق سکڻ لاءِ مون هي هڪ آزمودو ٿي ڪيو، سو آزمودو هي آهي:-

مان جيئن اسپتال کان گهر مونيس ته بادل جا هٿ پٽيءَ سان ٻڌل ڏٺم. ڪانئس پڇيم ته هي ڇا آهي؟ سام ڪو ڏڪ ته ڪو نه هنيو اٿئي؟ سام جو اتي ويٺو هو. تنهن مونکي ڀرپائين چئي ڏنو ته بادل کي اهو ڏڪ دروازو ڏيندي پنهنجو پاڻ لڳي ويو. مون بادل کي چيو ته سچي ڳالهه ڪر ته ڏڪ ڪيئن لڳئ؟ سام آتي جو اتي ڏوهيءَ جو منهن ٺاهي اهڙي نموني ڳالهيون ڪيون جو ڄڻڪ هن پاڻ اهو ڏڪ بادل کي هنيو هو ۽ فقط مون کان لڪائڻ لاءِ بادل کي سيکاري ڇڏيو هئائين ته، پاڻئي ڦهور مڙهه! بادل کي به اک جو اشارو ڏيئي ڇڏيائين

جنهن ڪري هو ٻه ائين چوڻ لڳو. پوءِ سام اهڙو ڏوهيءَ وانگر پيو هلي ۽ ڳالهائي جو سچ پچ مون ائين سمجهيو ته نه رڳو ڏک ڇوڪري کي هنيو اٿائين، پر مون کان ڊڄي اها ڳالهه لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين! اِن خيال منهنجي دل کي گهڻو صدمو پهچايو جيتوڻيڪ هاڻي سمجهان ٿي ته اِهو سام جو نه پر منهنجو امتحان هو. ٻالاءِ جو هن مونسان ڪڏهين ڪوڙ ڪين ڳالهايو آهي. مون سام کي خوب ڇنڊيو ۽ چيم ته هڙو لعل ڪڏي ماتا توکي ڏنو آهي، ان لاءِ ته تون ان کي مارين يا ڦٽي ويهارين! مان اڄ ماني ڪونه کائيندس ۽ گهرجي ائين ته تون ٻه ماني نه کاءُ يا مونکي ۽ پاڻ کي ڪا ٻي سزا ڏي! سام موکي ٻلائڻ جا نمونا وٺڻ لڳو ته ماني تيل آهي؛ زبان ڪرڻ نه گهرجي؛ ڇوڪرو پاڻ ڏنگو آهي ۽ چپاٽ گسائڻ جي ڪيائين تڏهين ڪيس ڏک ٻي جاءِ تي لڳي ويو، وغيره! ان وچ ۾ مون کان انجام پڻ ورتائين ته اڳتي گهرو ڪمن کان ڪيس فارغ ڪريون جن مان هيءُ نتيجا نڪرن ٿا! مون هي سڄو قصو سچو سمجهي اهو انجام پڻ ڏنو ۽ سام قبول ڪيو ته مان پاڻ کي سزا ڏيندس؛ چيائين، تون هاڻي اٿي ماني کاءُ! آخر ماني کائڻ وقت اِها ڳالهه پڌري ٿي ته نه رڳو سام ڪو ٻه ڏک ڇوڪري کي ڪونه هنيو هو مگر ڪيس اتفاقي ضرب اچڻ تي سندس ملم پٽي چڱيءَ طرح ڪئي ڏٺائين. سام چيو: "مونکي مزو ٿي آيو جو پاڻ کي ڏوهيءَ جي صورت ۾ پيو ڏسان. آن مان اِهو احساس پيو پيدا ٿئي ته ڪنهن ٻار يا نوڪر سان ظلم ڪرڻ ڪهڙو نه خراب آهي! پيو وري تنهنجي ڪاوڙ ۽ جذبو حق جي طرف ڳالهائڻ ۽ مونکي ٻي ريا نموني ننڊڻ جو، سو بس ڏاڍو ٿي وڻيو. ادو تو ۾ شوڙ ادايڪ ٿي لڳو. مگر اهو ارمان ٿيو ته مون مان سچ ڳالهائڻ جي اميد ايترو جلد تو ڇو لاهي ڇڏي ۽ ڇو ائين نه سوچيءَ ته سام ڪيئن مون کان ڪا ڳالهه لڪائيندو!"

مونکي پڻ انهيءَ ڳالهه تي ارمان ٿيو. پر تنهن بعد وري ماني کائيندي اسان کي گمراه ڪرڻ لاءِ سام اهڙي قسرتي

ڳالهه جو ٻيو پهلو دل ۾ شڪ پيدا ٿيو ته شايد سچ پچ ٻاڏل کي ماريو اٿس. ٻيا ڇوڪرا پڻ چوڻ لڳا ته دادا جو ارمان آهي جو اسان کان ڳالهه الي ويو. تڏهين سام اسان کي ٻيو پهلو شڪ ۾ وجهڻ بعد ڪرائيسٽ ۽ پيٽر جي ڳالهه ٻڌائي ته مقدس هلڻ کان اڳ ۾ ڪرائيسٽ پنهنجي چيلي پيٽر کي چيو هو ته ڪڪڙ ٽي دفعو ٻي نه هڻندا جو تون مون کان اڳ ۾ ٽي ڀيرا منافق ٿي ڦري ويندين! پيٽر کان پيري پيري اها ڳالهه وسري ٿي ويئي ۽ جڏهن کانئس سرڪاري ماڻهو پڇڻ پيا، تون ڪير آهين؟ تڏهين هو چرڪ پري چوي پيو ته منهنجو هن (ڪرائيسٽ) سان ڪو به واسطو ڪونهي! تڏهين ڪڪڙن جا دس ٻڌي وري کيس ڪرائيسٽ جي لفظن جي ياد اچي ٿي ويئي! مون به ڳويا پيٽر وارو ڪم ڪري ڏيکاريو: آئيئي به پيرا سام جي لفظن ۾ شڪ آندم!

* * *

٢٧-٨-١٩٥٥ع - هيٺيان نوٽ ٿورا ڏينهن اڳ جا اڪيل آهن:- منهنجي جيون جو مطلب سام سان گڏيل آهي؛ پيو ڪو مطلب مراد زندگيءَ اندر نه هوندي به خبر نه آهي ڇو بعضي بعضي خود سام سان جهڳڙو ٿيو پوي! جيتو ٽيڪ هي پاسڻ خود هن وقت اهنجو پيو لڳي پر ان وقت اسين اٿين پيا سمجهون ڄڻ ڪ هڪ ٻئي کان ڇڄي رهيا آهيون! هي آخري جهڳڙو ته خاص ڪري اِن خيال کان بلڪل خطرناڪ هو، ايتري قدر جو رات جو سمهڻ وقت، مونکي اِهو خيال ٿي بيٺو ته سام متان بيزار ٿي يا غصي وچان راتوواهه نڪري ڪيڏانهن هليو وڃي! سو دڙن کي چپ چپ ۾ وڃي ڦاڪ هنيم ۽ ننڊ به چنتا ۾ ڪا نه ڪيم. هر هر منهن ڪري ڏسان پئي ته هو ڪٿي آهي. سياٽي تي سنڌيا جي ڏمان کان پوءِ مان وڃي سام جي اڳيان ويٺس. هن ٿورو هٿ گهمايو مگر اسانجي وچ ۾ اڃان ڄڻ ڪ حجاب جو پڙدو هو. مون جيڻ ماٺس وڌيڪ ڳالهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته هو چرڪيو ٿي آخر اسپتال ڪان موٽي منجهند جو جڏهين ساٿس اچي ڳالهايم ته چيائين: "ڪاهه ڪبو، پر ڪي ڳالهيون اڳ ۾ ڪبيون."

مون سمجهيو ته ڪي شرط هوندا جي هو وجهندو، سو ڪيس چيم ته پل هينئر ئي آهي ڇڏي ڏيو.

سام چيو: ”منجهند جي ننڍ کان پوءِ آهي ڳالهيون ڪبيون. تڪ ۾ ٿاهم جون ڳالهيون ڪين ڪرڻ گهرجن. جسم آرام ۾ ۽ من سيتل رهي پوءِ ڳالهيون ڪجن.“

ننڊ کان پوءِ چيائين: ”هينئر آهي ڳالهيون ٻڌين ته ”ٻڌا!“

مون چيو: ”پل اتڻي ٻڌايو.“

سام چيو: ”ٽڪ برابر هوندءِ پورهيو ڪري اچين ٿي، مگر ان سان گڏ زندگيءَ ۾ چاهه جي پڻ گهٽتائي آهي جا تو ۾ ٿڪاوٽ پيدا ڪري ٿي. زندگي چاهه بنا لاچار هلي رهي آهي ان ڪري ڪٽ پٽ پڻ وڌي آهي. گيان ۽ ويچار جيوت جا اتم ڦل آهن سي تڏهين پيدا ٿيندا، جڏهين جيوت جا سڀ جزا پورا پيائل هوندا. نه رڳو سڀ جزا موجود هجن، پر ڪنهن انتظام هيٺ هجن. تنهن لاءِ ساڌن ڪپي. اسان جي جلد جلد وڙهڻ جو ڪارڻ اهو آهي، جو انهيءَ جيوت جي انتظام ۾ ڪا مڙيوئي گهٽتائي آهي. ائين نه آهي ته هن اچوڪي سمجهاڻيءَ کان پوءِ يا ٿاهم ڪرڻ کان پوءِ وري ڪو اسان جي وچ ۾ تفاوت پيدا ئي ڪو نه ٿيندو، مگر وري ڪوشش ڪري انهن تفاوتن هوندي به ڪا هيڪڙائي حاصل ڪرڻي آهي. ڪيتريون ڳالهيون اسين الڳ الڳ نموني سمجهون ٿا. انهن سان گهڻيون وقت اندر پاڻهي صاف ٿي وڃن ٿيون، تنهنڪري جيڪي ڪنهن ڏر ڪي سمجهه ۾ نه اچن، تن لاءِ ڪشاده دليءَ جو رخ اختيار ڪرڻ کپي. ٻه جڻا ڪي به هڪ جهڙا نه ٿيندا آهن، نه ته جيڪر الڳ الڳ ڇو پيدا ٿين؟ پر پريم يا شرڌا، اها ڳنڍڻ واري لئي يا ڪونر آهي جا ٻن ٻڙن ڪي به پاڻ سان ملائي سگهي ٿي. هڪ طرف ڪو ٻڙ دل انسان هجي ۽ ٻئي طرف نرم ۾ نرم دل وارو هجي، هڪ طرف ڪو گياني هجي ۽ ٻئي طرف مون جهڙو جهڙ ٻڌيءَ وارو انسان هجي، ته به انهن کي پريم ملائي سگهي ٿو. آها ايڪتا جيڪا تفاوتن جو ڪم ٿيڻ گهري ٿي، سا ڪوڙي ۽ اڻ لپ آهي. انهن تفاوتن جي هوندي به پيار قائم رکڻ سو

زندگي جو سچو مقصد آهي. حقيقت ۾ پيار آتما ڪارڻ ئي آهي. ان ڳالهه جو اپنشدن ۾ ورنن ڪيل آهي. آها هن ملڪ جي رشين جي سمجهاڻي آهي ته پت پيارو آهي آتما ڪارڻ ۽ زال پياري آهي ته به آتما ڪارڻ وغيره. اهو نه ڪو خيالي آدرش آهي. مگر زندگيءَ جي هڪ حقيقت پڻ آهي. ڪيئين مثال تو پاڻ ڏٺا هوندا آهن. جو پيءُ ۽ پٽ هڪ ٻئي جي آڏو ايندڙ آخر هڪ ٻئي مان بيزار ٿيو پون ۽ جدا ٿي وڃن. اها ڳالهه تنهنجي ۽ منهنجي حالت ۾ اجا به وڌيڪ لاڳو آهي. مون ننڍي کان پنهنجي دل اندر جيڪو جيون جو آدرش رکيو آهي ۽ جنهن جي حاصل ڪرڻ جي اجا به آس ڳڻهي اٿم، ان جي آڏو هي گهرو ڪير ڪير اچي رهي آهي. تنهن ڪري جيتوڻيڪ هي خيال ڪندي به دل کي ايذاءُ پهچندو آهي، تڏهين به اها ڳالهه اسيتو نه آهي ته ڪير ڪير اسان کي ٿوري وقت لاءِ ٿي جدا ڪري وجهي.

وڌيڪ اهڙيون ڳالهيون مان ٻڌڻ لاءِ تيار نه هيس تنهن ڪري سام کي چيم: "بس، اهو ڪافي آهي! وري جهڳڙو ڪو نه ٿيندو."

۲۸-۸-۱۹۰۵ع - اڄ ويٺي ويٺي مون گرداريءَ کي چيو ته تون سياڳو آهين جو ڪتاب "آتم باغ" جيڪو سام توکي ارپن ڪري ٿو، سا هڪ آتم چيز آهي. ان وقت سام کان مون پڻ پڇيو ته ٻيا ڪهڙا ليک يا ڪتاب اسان وٽ ڇپائڻ لاءِ آهن. سام مشڪي چيو: "جرمنيءَ جي هن گذريل لڙائيءَ وقت جڏهين جرمن قوم ڪجهه شڪستون کائڻ شروع ڪيون، تڏهين هٽلر جي هڪ وزير ربن تروپ ائين چيو هو ته مان جڏهين پنهنجا نوان ٺهندڙ اوزارءِ هٿيار ڏسان ٿو، ته منهنجي دل وڏي ٿئي ٿي ۽ مونکي پنهنجي آخرين سوڀ ۾ ڪو به شڪ ڪو نه ٿو نظر اچي. ان وقت وٽن "وي ون" (V.1)، "وي ٽو" (V.2) ۽ شايد ائٽم بم جو به ڪو نمونو تيار ٿي رهيو هو. پر تنهن هوندي به جرمنيءَ هار کائي ۽ اهي اوزار ۽ انهن سان گڏ [illegible] جرمن قوم حاصل ڪئي هئي، سا هٽلر دنيا ۾ ورثو ڇڏي ويو. سا ٻيءَ [illegible] سبب اسانجا به آشرم جي

مرڪز يا شيوا جي ڪنهن هلچل آڏڻ لاءِ هٿيار ٿي سگهن ٿا. مگر اها آشرم اها برپا ٿيندڙ نه ٿي ڏسجي. اسان جي زندگيءَ جي هار ظاهر آهي. پر تنهن هوندي به هي پريم جا اوزار ”آتم باغ“ ۽ ٻيا سڀ ڪتاب دنيا کي هڪ نمائي سوغات ورثو ڏيئي ويندا سين.“

*　　*　　*

سام جي انهن لفظن مونکي ڪجهه غمگين ڪيو ۽ مون ڪيس دلداري ڏيڻ جي نموني پڇيو ته هار ڇو ٿيندي؟ تنهنجو هن سال ڏکڙو ٻيو به ڪتاب ڇپيو آهي ۽ وڌيڪ ڪتابن ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. سام تنهن تي ورائيو: ”آن هار جو اسان کي ارمان ڪو نه آهي نه وري زندگيءَ جي ظاهري هار آتما جي هار آهي. ڪتابن ڇپائڻ سان به اسان جو ڪو خاص پريوجن ڪو نه آهي آها سوڀ اچا ڪنهن ٻيءَ ڳالهه ۾ آهي، جنهن سان جيون سڦلو ٿئي ٿو. ايشور کي خبر آهي ته هت ڇا سڄايو ۽ ڇا آهي اڄايو. ڪنهن به هٿرادو ڪوشش ڪرڻ ۾ دلي خوشي يا آتمڪ آنند پيدا ڪو نه ٿيندو، جيئن اشارو ايندو، تيئن تيئن پيو ڪبو ۽ ڪنهن خاص ڦل جي چاهنا ڪا نه رکبي.“

مونکي اِن ڳالهه مان پورو دلاسو ڪو نه مليو تنهنڪري اڄ ڪن دوستن کي چيم ته ڪو سنڌي خواندو حال في الحال سام جي ليکن آڻاڻ لاءِ وٺي ڏيو ته پريس کي آتاري موڪلجن. اڄ وري نئين سر ارادو ڪيو اٿم ته هن ماحول ۾ به ڪجهه نه ڪجهه ڪم پيو ڪبو، ڏسان ڪيتري قدر ڪامياب ٿيون ٿا. باقي سام ته اٿين ٻيو هلي چڙڪ کيس ڪي صديون هت رهڻو آهي، يعني ڇپائي يا ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ ڪو خاص آديم ڪو نه ڪري ۽ جيئن اڪل ويهن سالن کان انهن ڪمن کي ناضروري سمجهي ڇڏي ڏنو اٿس. اهو خيال ٿو رکي ته ٻيو ڪو پيدا ٿيندو جيڪو سنڌس زندگيءَ جو ڪتابي يا خيالي ڀاڱو اچي سنڀاليندو؛ اجا هو چڙڪ ڏڌو ڏانهريو ويٺو آهي. شل ايشور مونکي ٿي اها همت ڏي جو مان هيءَ آس سندس پنهنجي دل جي پوري ڪري سگهان!

٣٠-٨-١٩٠٥ع - ٽي هفتا ڪن ٿيا ته سام پوني کان موٽي آيو هو ۽ خبر ڪئي هئائين ته آتي اسان جي وچين چوڪري کي نوڪري چڱي ملي هئي پر رهڻ جو بندوبست سٺو ڪو نه هيس. ڪم به تمام گهڻو هيس؛ سندس نوڪري ۾ تي چڙهڻ وقت سام پڌايو ته آتي خيرات ۾ ڪجهه ڪو نه ڏنائون ۽ نه ڪنهن شيءِ ڪرم يا پربئر سان شروعات ڪيائون.

سام جي موٽڻ بعد پوني کان خط اچڻ لڳا جن مان معلوم ٿيو ته چوڪرو اچا ڏکيو آهي؛ بمبئي ۾ ڪا رهڻ لاءِ جڳهه ڪا نه ملي اٿس، وغيره. سام چيو: "جيتوڻيڪ ماڻهوءَ جي سڄي حياتيءَ جا ڪرم جن ۾ ڏيان پربئر وغيره پڻ اچي وڃن ٿا ۽ پيون شيءِ اڇائون انهن سان گڏجي هلندڙ ۽ ايندڙ وقت جي نتيجن پيدا ڪرڻ ۾ اثرائتيون ٿين ٿيون، تنهن هوندي به هر هڪ نئين ڪم جو آرنڀ پربئر سان، انهيءَ نئين قدم کڻڻ لاءِ چڱو آهي. شيءِ آس پيدا ڪجي ۽ سٺي جيون شيءِ اِڇائون وٺي بوءِ ڪم جي شروعات ڪجي ته سٺو آهي. ان ڪري هاڻي توهان غريبن جا بار رهتي گهرائي انهن کي هٿ سان پاڻ ڪارايو ۽ ٿورا ٿورا پئسا پڻ انهن کي ڏيئي، سندن آسيس وٺو ته اِها گهٽتائي پوري ٿي وڃي!"

سام هڪ پاسي نئين زماني جي خيالات رکندڙ آهي ۽ ٻئي پاسي سندس وشواس انهن ڪرمن ۾ ۽ پرارٿنائن ۾ اٽل آهي. چيائين: "خود اِها نئين خيالات ان طرف موڙکي چڪي تي يعني آتمڪ آپاسنا لاءِ اشارو ڪري ٿي. جيئن جسماني قوتن جون سائنسون پنهنجي اصولن ۾ اڻ ٽر آهن يعني وگيانڪ تصديق ٿيل اصولن تي ٻيٺل آهن، تيئن هڪ آتما جي سائنس پڻ آهي. پربئر ڪرڻ ڪو وهم نه آهي؛ پربئر جي اصلي معنيٰ آهي ان پرم آتما کي جاڳائڻ يا سڏ ڪرڻ جا ست چت - آنند روپ آهي، اُن کي سڏڻ ۽ اُن جي پرگهٽ ٿيڻ لاءِ رستو صاف ڪرڻ، سي هيٺيان يعني ڪسا خيال من مان تڙي ڪڍڻ ۽ شيءِ وايو منڊل پيدا ڪرڻ، سو آهي سچو مطلب پربئر جو. من مان

ٻيون ميريون مدايون ڪڍي ۽ ان پرماتما کي آراڌنا ڪرڻ سوچڻ آهي ان شڪتيءَ جي پرگهٽ ٿيڻ لاءِ گلم غاليچا وڇائڻ."

سام جي چوڻ موجب انڪل چاليهه يا پنجاهه ننڍا غريب ٻار گهراياسون. سام ۽ مون ٻيهي انهن کي کارايو.

مان ائين ايمان ڪري نٿي چوان تہ اسان جي آن ڪرم ڪري ڪا ڪرامت ٿي، پر اڄ جيڪو پوني کان خط آيو آهي، ان ۾ لکيائون تہ اسان جي ڇوڪري کي تمام سٺي جڳهه رهڻ لاءِ ملي آهي ۽ هو پاڻ کي آئي، خوش سمجهي ٿو. جڳهه ملڻ جو وقت وري لڳ ڀڳ اُن ساڳي ڪارائڻ ۽ پريٽر واري ڏينهن جو ويجهو ڏيکارجي ٿو. سائين انسان جي شڀ ارادن ۾ ضرور مدد ڪري ٿو!

*   *   *

۴-۹-۱۹۵۰ع – صوفي صاحب جڏهين آيو تہ مون کيس سام جي نئين ڇپيل ڪتاب "پينوءَ جي سوغات" مان ڪي ڇپيل ٽڪرا هندواسي هفتيوار مخزن ۾ ڏيکاريا. ماستر صاحب کي خيال آيو تہ سنڌ جي ڪن مشهور رسالن ۾ انهيءَ ڪتاب مان ٽڪرا پوڻ گهرجن. اسان کي چيائين: "هن ڪتاب مان ٻيءَ ڪنهن مان ڪجهہ ٽڪرا ڪڍي ڏيو تہ مان انهن رسالن کي درج ڪرڻ لاءِ موڪليان. ديوان صاحب جي ليکيتن جي پڌرائي ڪرڻ گهرجي. مان هڪ نئين روزاني اخبار کي پڻ لکندس تہ هو بہ آهي ٽڪرا وجهندا رهندا."

سام چيو: "جڏهين انهن کي بہ سڪ پيدا ٿئي تہ پوءِ موڪلجن. جڏهين ڪو ڪم سڪ ڀا چاهہ منجهان ٿيندو آهي تہ ان جو لاڀ بہ چڱو حاصل ٿيندو آهي. هتان جي رسالن ۽ اخبارن کي اهڙن ليکن يا شعرن جي گهرج ڪا نہ ٿي ڏيکارجي. بمبئيءَ جي هندواسيءَ کي پڻ مون ڪو نہ لکيو هو مگر انهن پنهنجو پاڻهي آهي ٽڪرا واڌ ۽ انهن بابت ڪي چڱا اکر پڻ لکيا ٿون. هت بہ جنهن کي وڻندا هوندا سي پاڻهي وجهندا."

صوفي صاحب چيو: "هت تہ اخبارن وارن جي ڪڍ پئجي ٿو تڏهين تہ ليک قبول ڪن؛ ٻيا اديب کين منٿون ڪندا

آهن. اسان کي به خط نه لکڻ گهرجي. نه ته رکي رکي هي ڪتاب ۽ ليک، اتبئي رهجي ويندا. جيتوڻيڪ ائين سچ آهي ته ڪا به سچي شيءِ گهڻو لڪل نٿي رهي."

سام چيو: موتي ۽ جواهر جيڪڏهن ڪي سال يا صديون ڌرتيءَ ۾ پاڻيءَ اندر دٻيل رهن ته انهن جو چمڪو ذرو به گهٽ نه ٿيندو. تنهنڪري جيڪڏهين ڪا خوبي اسانجي ڪنهن به ڪم ۾ آهي ته آها ڪم اصل ڪو نه ٿيندي."

تنهن بعد صوفي صاحب جي گهُر ڪرڻ تي اپنا جا آواز، هڪ ننڍڙو ڪتاب جو صوفي صاحب سام سان گڏ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، سو سام کيس آڻي ڏنو. سندس خيال هو ته شايد ان مان ڪي ياڳا چوندي سگهجن. هن ڪتاب جي ڇپجڻ کانپوءِ جلدئي اسان کي طبع ڇڏڻو پيو ۽ بچيل ڪاپيون اڻ پڙهيل ماڻهون قدرلت جي وقت ۾ بورا پري وڃي پڪوڙائن وٽ وڪڻي آيا. سام تنهنڪري صوفي صاحب کي چيو ته هيءَ ڪاپي هٿيڪي رکجو؛ پر پنهنجي ڇوڪريءَ کي پڙهڻ لاءِ ضرور ڏجو.

ان تي صوفي صاحب چيو: "مان هن کي ڪيترو پڙهڻ لاءِ چوندو آهيان پر ننڍيءَ وهيءَ وارن جا خيال نرالا آهن."

سام چيو: "جيئن ڪو ڳابو يا ڍور گهڻن ڪيتن ۾ چڪ هڻي رهنان، هتان جدا قسمن جا گاهه کائي ٻين ڏڻ وارن جانورن کان وڌيڪ سگهارو ۽ مضبوط ٿيندو آهي، تيئن اهو ماڻهو جيڪو عام علم جي ڪوجنا ۾ چاهه رکي ٿو ۽ سيني خيالن مان واقف ٿيڻ جي ڪري ٿو، سو پنهنجي خيال ۾ وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو. تنهن ڪري پنهنجي ڪڪيءَ کي چئجو ته پنهنجي سڪولي ڪمن تي فقط ڌيان نه ڏئي پر ٻين مذهبن يا تاريخ ۽ سائنس وغيره مان پڻ واقف ٿيڻ جي ڪري."

* * *

٨-٩-١٩٥٥ع - سام موهنکان پڇيو: "توکي سچ پچ نندي هوندي آشرم جي زندگي گهارڻ جي تمنا هئي يا منهنجي اِها خوشامد ڪندي هئينءَ، جڏهين پهريائين مليا سون؟"

مون کيس چيو: "منهنجي اها تمنا اصل کان هئي؛ ان جي منهنجي واقف ڪار ڇوڪرين کي چڱيءَ طرح خبر هئي؛ آهي جڏهين پوءِ چونديون هيون ته ڪٿي آهي آها آشرم، تڏهين مونکي ارمان ٿيندو هو ته منهنجي زندگيءَ جي لاءِ ٿين شايد منجي وٺي آهي!"

سام چيو: "مونکي ياد آهي ته جڏهين اٺن يا نون سالن جو هجان، تڏهين پاڻ جهڙي هڪ ننڍڙي سنگتيءَ سان هڪ ڀري ويٺي ٻڙاڪون هنيم ته وڏي هوندي سان شاعر ٿيندس! پوءِ ڪجهه عرصو گذريو ته شاعرن يا فقيرن جي صحبت ڪرڻ جو موقعو مليو. وري تنهن بعد ٿين دنيا جي مزي ۽ وندر ۾ اچي آن خيال کان ڄڻ ڇڏي ويس. پر انسان جڏهين هڪ سچي آس دل ۾ ڌري ٿو تڏهن ان جي آها آس چٽڪ ايشور جي ڪنهن لڪل 'ڪتاب' ۾ داخل ٿي وڃي ٿي. گهڻن سڌريل ڪرستانن جي گهرن ۾ اهو رواج آهي ته وڏن ڏينهن ٿي ننڍا ٻار پنهنجون گهرجون ۽ مرادون هڪ ڪتاب ۾ درج ڪندا آهن، جن مان سندن مائٽ واقف ٿي ڪوشش ڪندا آهن انهن مرادن پوري ڪرڻ جي. تيئن تنهنجون ۽ منهنجون مرادون ننڍي پڻ جون ايشور جي ڳجهي ڪتاب ۾ درج ٿيل آهن. جڏهين تون ۽ مان پاڻ ۾ گڏيا سين، تڏهين ماڻهو اسان جي گلا ڪندا هئا ۽ ڍنڍورو گهمائي بدنام ڪندا هئا؛ شايد تو به مونکي فقط هڪ زميندار، جهنگ جو رهواسي ڪري ٿي سمجهيو ۽ توکي ايتري اميد نه هئي ته منهنجو ادبي يا ڌرمي پاسي لاڙو پڻ هوندو. پر ڏسُ اهڙي ڄاڻ نه هوندي به، تون ۽ مان ساڳئي خيال ۾ يڪمشت ٿيا آهيون ۽ هينئر ائين پيو لڳي ته ڄڻ آن آدرشي زندگي برپا ڪرڻ يا آشرم کولڻ لاءِ ٿي تون ۽ مان گڏ ٿيا آهيون! جي ڪو سچي آس رکي ٿو، پوءِ ڀلي ڪوڙي جو پنهنجي تمنا ٿوري وقت لاءِ ظاهراً وساري ڇڏي ٿو تڏهين به آها آس سندس آن ويساري جي وقت ۾ خود وڌندي ۽ ٽڙندي رهي ٿي؛ جيئن نه رڳو سج جي روشنائيءَ ۾ پر رات جي اونده ۾ خود وڻ ۽ وليون وڌندا رهن ٿا تيئن غفلت واري زماني ۾ پڻ

سچا خيال ڪجهه نه ڪجهه پرورش پائن ٿا. منهنجو مطلب هو ته آهي ته ڪا چت-شڪتي اهڙي آهي جو اسانجون سچيون، سوچيل مرادون سنڀاليون وٺي ٿي ۽ پوءِ جڏهين منزل کي ويجهو اچي، پٺ تي نگاهه ڪجي ٿي ته اُنهن ڏسڻ ۾ پيو اچي جڻڪ خود اُن ظاهري ويساري جي وقت ۾ آها شڪتي رهبري ڪندي ٿي رهي. جيڪو وقت اسان سمجهيو ٿي ته اسين اُن آدرش کان پري ڇڪبا پيا وڃون، اهو وقت پڻ ضايع ٿيل ڪين هو. مگر پٺتي نهارڻ سان هميشه اُنهن پيو لڳي ته خود اهي ور وڪڙ ۽ ڏنگايون رستي طئي ڪرڻ لاءِ ضروري هيون، جڻڪ سڌو ئي سڌو مالڪ اسان جو آها آس قبولي، اسان کي پنهنجي منزل ڏانهن وٺي ٿي هليو! سچي صدق رکندڙ جي مٿان سندس اهڙي ئي مهر آهي.

*　　*　　*

١٤-٩-١٩٥٥ع - صوفي صاحب شام جو اسان وٽ ويٺو هو. ڳالهيون ڪندي ڪندي اِهي اکر چيائين ته، حياتيءَ ۾ ڪا وندر يا وڙاڳ نه هجي ته هيئنئن ته زندگي بي مزي ٿي پيئي آهي! وڌيڪ چيائين ته مونکي خيال ۾ هڪ قسم جو پروگرام آهي پر حال في الحال اهڙي ڪا ڳالهه هجي جيڪا دل کي تازو ڪري!

سام چيو: ”ٻي شيون منهنجي سمجهه ۾ خاص طور دل کي تازو ڪندڙ آهن. اُنهن سان خيال جو واڌارو پڻ ٿئي ٿو. هڪ راڳ، جنهن سان ماڻهو آنند ۾ سمائجي وڃي ٿو ۽ ٻيو ڪو وڏو عشق جنهن مان ماڻهو ٻي خود ٿي وڃي ٿو ۽ ٽيون ڪو سفر هجي جو انسان کي روزاني زندگيءَ جي ڪوهه مان ٻاهر ڪڍي دل چسپي وڌائي. اِهي ٽيئي شيون خود حسن جي پڇاڻ مان پيدا ٿين ٿيون. سفر به الاهي حسن لاءِ تلاش آهي. باغ پهاڙ، نديون ۽ پيا اهڙا آستان ڏسي مان ته اُنهن پائيندو آهيان ته خود اُن ماڻهنءَ جي حسن جو ديدار ٿو ڪريان پر سفر ۽ سفر جي وچ ۾ فرق آهي. سفر روا جي طرح هڪ [illegible]و آهي ۽ سفر من جي موج وچان ٿئي ٿو.“

*　　*　　*

٢٣-٩-١٩٥٥ع - صوفي صاحب اڄ وڌيڪ ويهي چيو:

"مان خيال ڪندو آھيان ته ڪا به چڱي شيءِ آخر گم نٿي ٿئي. پنھنجي گھر وارن کي به ٻڌائيندو آھيان ته ٺيسب شھر ۾ پيا به سام صاحب جا عزيز وڏا زميندار ھئا، اھي مٿس ٽوڪون ڪندا ھئا ۽ چالاءِ جو ھو ڪسي خيال جي پٺيان ھئا، يعني فقط دنيا گڏ ڪرڻ جي ڪڍ ھئا. اڄ انھن تو ڏسجي جن سندن نام نشان ئي ڪونه رھيو آھي ۽ ڏيڏانھن (سام ڏانھن منھن ڪري چيائين) توھان ھڪ سٺي خيال تي پڪا ٿي بيٺؤ ۽ پنھنجي گھر ٻار سان ٻه چڱي ھاڃ جي ڪوشش ڪيو ۽ پنھنجو آدرش به سٻا ليندا رھيؤ ته آھي سڀ ڪوششون توھانجون اجايون ڪو نه ويون آھن. ڏکئي وقت ۾ جيڪا ٻارن کي تعليم ڏنئو، اُن جو نتيجو اڄ اھو ٿيو آھي جو ھو پنھنجو پاڻ تي پاڙي سگھن ٿا ۽ اوھان گھر جي چنتائن کان گھڻي قدر آزاد آھيو ۽ ادبي ڪم ۾ پيا اڪبر آشرم جي ڪم ۾ توھان جيڪو پاڻ پتوڙيو ۽ محنت ڪئي، اُن جو ڦل به ھينئر ظاھر ٿيندو ٿو وڃي ۽ وڌيڪ ظاھر ٿيندو. جيئن ڪو ڪوھ پڪ مان ڦاٽي ۽ تنھنجا ُجر ڪڏھين ڪين سڪندا آھن، تيئن انسان جيڪو سچ تي محڪم رھي ٿو ۽ پنھنجي آدرش کي چنبڙيو اچي ٿو، ان جي زندگيءَ جا ُجر ٻج ھميشه قائم آھن. اوھان جيڪا ٻنارھن پيا ويھم سال صبر سان پنھنجي خيال ۽ آدرش جي پالنا ڪئي آھي تنھن جو لاڀ ضرور ملڻو آھي."

* * *

٢٩-٩-١٩٥٥ع - گذريل مھيني سام جو نئون ھڪ ڪتاب "پنوءَ جي سوغات" ڇپيو آھي. آھي نثري نظم جا ٽڪرا گھڻي وقت جا لکيل ھئا، مگر انھن بنسبت ۽ پنھنجي ٻين اڻ ڇپيل ڪتابن جي نسبت ۾ سام ائين چوندو ھو ته سوڻ کي اچا الاھي اعلان ڇپائڻ لاءِ ڪو نه ٿو اچي ــــ سندس خيال اِھو رھندو ھو ته انھن ڪتابن لاءِ ڪا طاب سنڌي ساھتيه جي دنيا ۾ ڪا نه ٿي ڏيکارجي. مان سمجھان ٿي ته سام جو اِھو به سياءُ آھي ته جنھن شيءِ جي ڪڍ گھڻا پون، تنھن کان پاڻ بنھه منھن موڙي وڃي ۽ اھڙيءَ ريت پنھنجي زندگيءَ جا به واقعا ھو ٻڌائيندو

آهي. پهريون ڀيرو اهو ته گهڻا گهڻا سال اڳ، هو جڏهين ولايت وڃي، تڏهين اٽلي ۾ ڏينهن جي سانده اوٽ موٽ ريلوي جي مسافري ڪرڻي پيس؛ جڏهين ڪيس بُک لڳي ته ماني جي وقت ريسٽارنٽ ڪار ۾ ماني کائڻ ويو. پر ڏٺائين ته اُن جي لنگهه واري ڪمري ۾ اٽڪل ٽيهه يا چاليهه ڄڻا هڪ ٻئي جي پُٺيان گهاٽ ڪري بيٺا هئا، جن وجهه ٿي جاچيو ته ميز ڪا خالي ٿئي ته وڃي ماني کائون. هر ڪو انهن مان انتظاري ۾ هو ته جيئن پيو ڪو اڳ ۾ نه هليو وڃي. سام چيو: "مونکي پاڻ تي نفرت اچي وئي جو هيئن پيٽ جي خاطر انسان حيوان وانگر ماني ۾ اکيون وجهي بيهي رهي! ٿوري جو ڏاڍي بک هيم، تڏهين به چپ ڪري پنهنجي گاڏي ڏانهن موٽي آيس؛ جينيوا ۾ اڌ رات جو پهتس، جتي فقط چانهه نصيب ٿي؛ تنهن ڪان پوءِ وري گاڏيءَ ۾ مسافري ساڳيءَ ريت ڪيم."

اهڙي طرح سام ٻي هڪ ڳالهه پڻ ٻڌائيندو آهي:

"ڪوي ٽئگور جڏهين ڪراچيءَ ۾ اچڻو هو تڏهين سندس ڏسڻ لاءِ گهڻا ماڻهو منتظر هئا. سام چيو: جنهن اميد سان اسين آيا هئاسون، يعني ساڻس ڪنهن خلاصي ملاقات لاءِ، سا اميد پوري ٿيڻ واري ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. ماڻهن وٺي ٽئگور جي هوائي جهاز ڏانهن ڊوڙ پاتي. انهن ۾ ڪي اديب ۽ ٻيا چڱا ماڻهو به هئا. مون اٽي گهڙي ڏسي موٽ کاڌي، جيتوڻيڪ پوءِ هڪ دوست وات تان موٽائي پنهنجي جاءِ ۾ نيئي اسان جي آس پوري ڪئي. آٽ ٽئگور جي مانيءَ جو بندوبست ٿيل هو. انهيءَ ئي وقت پيو هڪ دوست مونسان گڏ هيو. ان جيئن ڊوڙ ٿي پاتي تيئن مون هن جي ڪوٽ کي ڇڪيو ۽ کيس چيم هي نمونو ڇانانڻو نه آهي، جنهن تي هو به پاڻ سنڀالي ويو ۽ پڇڻ محسوس [illegible] انساني شان وڃائي اهڙي هڪڙائي ڏيکارجي."

[illegible]

نمبر [illegible] پيٽائي، پيڻ سام کي اِها به هڪ قسم جي گهڻي يا پيهه پيٺي نظر اچي. ٿورا ڏينهن ٿيا ته هڪ وڏي مئگزين ڏسي

ڇپائين ته مان جيڪر نه پسند ڪريان ته ايترن شاعرن جي وچ ۾ منهنجو به ڪو نڪرو ڇپجي. ان ڪري ئي پنهنجي خيال موجب، سام هيترا سال ماٺ ۾ رهيو آهي ۽ ڪجهه ڇپائڻ جي ڪوشش ڪا نه ڪئي اٿس!

* * * *

"پيمونءَ جي سوغات" جي مرحبا تمام سٺي ٿي. هڪ قسم جي هاچل گويا سنڌي لٽريچر جي دائري ۾ هن ننڍڙي ڪتاب پيدا ڪري ڇڏي! ڪيترن واقف ۽ اڻ واقف دوستن جا خط اچڻ لڳا. سام چيو: "جيستائين ڪنهن به ڪم مان آپو نه ڪڍبو، تيستائين آن مان خوشي نه پاڻ ڪي نه ٻين ڪي ڪا حاصل ٿيندي. ڪتاب آهي ئي ساگيا آهن، مگر هينئر هڪ نئين مراد سان پيش ڪيا وڃن ٿا، يعني منهنجي دل ۾ هڪ سچي آس پيدا ٿي آهي ته مان به ڪجهه ماڻهن جي ونڊر يا خيال جي واڌاري لاءِ ڪيان. مونکي اهو ڏسي خوشي ٿي، ته ٿورڙئي قرض سنڌي مادري ٻوليءَ جو هن ريت ادا ڪري سگهون ٿا. مان نفس کي شاباس ڪرڻ نٿو گهران پر دل سان ائين چاهيان ٿو ته شل هي ڪتاب ۽ قلم اسان جي سموري زندگيءَ سان گڏ پريم جا پَر ٿي پون. هي هڪ ننڍڙو ڪتاب فقط هڪ سئو صفحن جو آهي. جيئن سمنڊ پر ٿي سير ڪندي هڪ يا ٻه سٺا ڪوڏ هٿ ايندا آهن ته اهي به سوکڙي طور پنهنجي گهر کڻي اچبا آهن، تئين ان اڪٺ پريم ۽ گيان جي ساگر مان هيءُ هڪڙو ننڍڙو ڪوڏ ڪري سمجهڻ کپي. مونکي خوشي ٿي آهي جو اهو قبول پيو آهي. ايشور جي شل اسان سڀني جي ڪوشش تي آسيس ٿئي!"

۱۱-۱۰-۱۹۵۵ع - سام چيو: "ويئي ويئي مونکي اهو خيال آيو ته هي جو ڪن ماڻهن لکيو آهي، ته اسان جو نئون ڪتاب پيمو جي سوغات ڳوڙهن خيالن سان ڀريل آهي، سو وري پڙهي ڏسان ته واقع ئي ڳوڙهو آهي ڪيئن! آتي وري پيو خيال آيو ته اڙي هي ته نفس کي ٿو شاباس ڪرين؛ ڪتاب کي هڪڙي پنهنجي شئي سمجهي ٿو پيار ڪرين! تنهنڪري ڪتاب پڙهي ڏسڻ واري خيال کي روڪيم، پر آئيتي ٿيون خيال پيدا

ٿيو ته حقيقت ۾ نه ڪو آهي نفس نه ڪا آهي ڪا شئي پنهنجي يا پرائي؛ هي ڪتاب به آتما جا اوزار ڪري سمجهه! پر جي انهن کي رانديڪا به ڪري سمجهين ته ان ۾ حرج نه آهي. مگر انهن سان فقط ايتري دل رک، جيتري ڪو ٻار پنهنجي رانديڪي سان رکي؛ يعني فقط ان لحظي لاءِ ۽ ٻار وانگر وري ٻئي گهڙيءَ ان کي وساري ڇڏ!"

سام چيو: "هي آخري خيال سيني ڪان آتم آهي: ٻالڪ کي ايترو وسارڻو آهي، جو سچ پچ پنهنجي ۽ پرائي شيءِ جي وچ ۾ ڪو فرق نظر نه اچي. ان بعد پنهنجي شيءِ کي ڪنهن ماڻهو ساراهڻ ته ان ۾ غرور يا گيرب جو احساس ڪو نه هوندو سڀ پدارٿ نا سوڌت سمجهي انهن کي ڌڪاري ٻه سگهجي ٿو پر وري تمام اونچ خيال وچان انهن کي ڪتب ٻه آڻي سگهجي ٿو، يعني تسليم ڪري سگهجي ٿو. حقيقت هيءَ آهي ته هي سڀ شيون اوزار ۽ وسيلا يا چئجي ڪٿي رانديڪا آهن. جنهنجي درشتي آتما ۾ کتل آهي، ان جي لاءِ ڀلا ڪهڙو تفاوت ڪن به پن ناسونت شين جي وچ ۾ ٿي سگهي ٿو يا پنهنجيءَ ۽ پرائيءَ جي وچ ۾؟ ڪجهه به نه! مطلب ته جن کي آتما ياد آهي تن کي ٻالڪ ياد رهي ٿو سگهي. ڪوڙو لڄڪو به اڪثر اندر جي ايمان مان پيدا ٿيندو آهي يا پنهنجي ٻالڪ نگرڻ جو هڪ نمونو آهي. تنهن ڪري خود نفس ڪان به لڄڪو ڪرڻ نه جڳائي. ان جي ساڌن وچڻ جي همت ڌارڻ گهرجي."

* * *

ٿوريءَ دير بعد مون چيو ته خبر نه آهي ڪڏهن اسانجي آشرم پورا ٿيندا؛ الا جي ٿيستائين مان هجان يا نه هجان!

سام چيو: "اهڙي انتظاري اسانکي ڇو هئڻ گهرجي؟ پر مان ته ڏسي رهيو آهيان ته توهان آشرم جي ماتا پيٺي تي سڏجين! وڌيڪ ڏسان ٿو ته هي ڪتاب وغيره سڀ پريم جا اوزار ڪري [illegible] ... گڏيل آهي، جيتوڻيڪ [illegible] ... آهي، اهي سڀئي آن آشرم جو هڪ ڀاڱو آهن."

سام وڏيڪ چيو: ” پلا مون جو هي خيال سالن جا سال دل ۾ سانڍيو آهي، مونکي ڪيتري نه انتظاري ڏيڻ گهرجي؟ پر مان سچ ٿو ٻڌايانءِ ته جيتوڻيڪ حالتون لڳي پيون، ها پيون مايوس ڪن رهن ٿيون تڏهين به ڪو شڪ يا انتظاري آن آدرش بنسبت منهنجي دل ۾ ڪا نه آهي. ظاهر ۾ ته ڪو آديم به ڪو نه ٿو ڪجي، مگر سال ٿيا آهن چپ ۾ اِن خيال جي پالنا ڪندي. نه رڳو ڪنهن شعر يا ليک، لکڻ وقت پر سنساري ڏنڌن جي وچ ۾ به اهو احساس رهندو اٿم ته مان چڙڪ آها آشرم اڏي رهيو آهيان! خاص ڪري جڏهن ڪنهن ڪم ۾ ڪاميابي نظر ايندي آهي ته چوندو آهيان ان آدرش جي طرف هڪ وک وڌائي رهيو آهيان.

” اصلي يعني سچو روپ هر شيءِ جو پهريائين خيال اندر پيدا ٿئي ٿو. جيڪو ماڻهو اندروني دنيا ۾ گهڻو رهي، ٿو يعني خيالي دنيا جو رهواسي آهي ان کي اهڙين ڳالهين جو يقين پئي رهي ٿو: جيڪو پاڻي هماليه جبل جي چوٽيءَ کان پنڌ پيو آهي سو ضرور ڪنهن وقت ساگر ۾ پاڻ سمائيندو؛ جا خيال جي لهر آتما جي اندروني دور مان هلي آهي؛ ايترو فاصلو طئي ڪري اڳتي رڙهي آهي، سا ضرور ڪنهن وقت اچي ڪناري لڳندي، پر جي نه به لڳي ته ان جي اندروني موج ۾ ذرو به فرق نه پوندو؛ آخر ان اندروني موج منجهه ئي ته زندگيءَ جو سچو سار سمايل آهي. جنهن کي ڪنهن خاص روپ مان رغبت نه آهي، ۽ خاص نتيجي جي هرو ڀرو ستائيندڙ ڇهبا ڪا نه آهي، تنهن لاءِ اهو دلاسو به ڪافي آهي ته آها لهر جي اڪيلي نه ته ٻين لهرين ۾ سمائجي، پيا روپ ڌاري، ضرور سمنڊ ۾ پنهنجو انت پائيندي! مطلب ته چڱو خيال سچ جي گرميءَ وانگر ڪم هرگز نٿو ٿئي؛ ڪرڻو دلي مٽيءَ ۾ سمائجي ٿو، مٽيءَ مان ٻوءِ ڪنهن زرعي پيدائش جي صورت وٺي ٿو، آخر ڪانيءَ، اناج يا سبزيءَ جي صورت وٺي سچ جي شڪتيءَ جو اظهار ڪري ٿو.

* * *

٢٦-١٠-١٩٥٥ع - ڪالهه هڪ فقير اسان وٽ آيو جو

ڦهريا ٿين انڪل ۱۴-۱۵ سال اڳ، طبيب ۾ آيو هو. آڻي هڪ صوفي سماگم ڪرايل هو جنهن ۾ ڪيترا پيا فقير ٻاهرين پاسن کان آيل هئا. انهن کان موڪلائڻ وقت سام جڏهين ڪين ڪجهه ڪپڙا وغيره سوغاتون ٿي ڏنيون، تڏهين هي فقير به حاضر هو. هو انهن ڏينهن ۾ بلڪل مست هو؛ جڏهين ڪو ڊاڪٽر ايندو هو ته آڻي پنهنجو پاڻ وچندڙ سائين سان هٿن پيرن ۾ منهن جا اشارا ملائي ناچ ڪندو هو. ۽ اُئين چوندو هو ته هي عشق ٿو ٿئي! سام جڏهين کيس ميلي پوري ٿيڻ تي هڪ قميص جو ڪپڙو آڇيو، تڏهين هن بي پرواهيءَ مان انڪار ڪري چيو ته وڃي ڪنهن ٻئي فقير جي پورت ڪر؛ اسان کي ڪجهه نه گهرجي."

فقير ان وقت بلڪل لا طمع هو ۽ سام کيس گهڻو ياد ڪندو هو. ڪجهه وقت کان هو اسانوٽ وري اچڻ لڳو آهي، پر پيري پيري ڪو مڙهوئي سوال ڪٿي اچي! ڪڏهين روپيو گهري، ڪڏهين ڪو ڪپڙو يا ٻي شيءِ گهري، ڪڏهين اهڙا ذڪر ڪري ته مان هيٺر فلاڻي آفيسر ڏانهن وڃان ٿو، اهو منهنجو مريد آهي؛ پاڻ تي پنج رپيا مهينو پنڌاڻ مقرر ڪيو اٿس وغيره، وغيره! ڪالهه وري چيائين ته مسان ڪراچيءَ وينديس، آئي ته چڱو خير ماندو اٿم. سام هن فقير ۾ وڏو ڦيرو آيل ڏسي کيس چيو: "جي رنج نه ڪيو ته، اسان توهان کي هڪڙي صلاح ڏيون؛ اڳي جڏهين اسان توهان کي قميصڙي آڇي هئي، تڏهين توهان وٺڻ کان انڪار ڪيو هو، تڏهين توهان جي جان واري قميص پراڻي هئي. تڏهن الله ۾ ايترو اعتماد هيو ته جڏهين آها ڦاٽندي ته ٻي پاڻهي ڏيندو! هاڻي وري سعيو ڪري دنيا دارن جي ڪلي ڦرندا ٿا رهو ۽ وتو ٿا شيون مال ۽ زر ڪٺا ڪندا! آئيءَ اڳين حالت جي ڪري اهي وڏا ماڻهو توهان جا مريد ٿيا پر هاڻي جيڪا ڏن جي وصولي ڪريو ٿا، ادا سڪوارن کي پڇائي ڇڏيندي."

فقير چيو: "اسان ته اِيتر پاڻ رولڻ ترو هري ويا آهيون؛ توکي ڪنا بس آهي، جو هڪ جاءِ تي ويٺو آهين. پر ماڻهو بس

اچڻ لاءِ زور رکن ٿا تڏهن ٿا وڃن وڃون. "

سام چيو: " بيشڪ گهمو، سير ڪريو پر سعيو ڪري انهن وٽ نه وڃو جيڪي ڏن پڙ پنڌ آهن. فقير جو ڪم آهي ته چڱي شيءِ به ضرو پرو ڪنهن کي زور سان نه آڇي. فقير جو وکر آهي محبت ۽ گيان، پر هن کي گهرجي ته آهي ٻي ٻيا شمون در در پهچائي انهن مان پيسو پيدا نه ڪري، مگر تنهن لاءِ واڳر محبت جو باڳي موجود رکي ويٺو رهي، جنهن مان مٺو ٻسون ۽ چکي، پل ٻيا پيئن؛ جنهن کي آڃ لڳي، سو پل تڙ تي هلمو اچي پر فقير پنهنجا هوڪا پاڻ نه ڏي!

" عقيدي وارن وٽ فقير برابر پاڻ به کهي ويندا آهن، پر صرف ڪاسڪ جي امانت ڏيڻ. پئسي سان اهو وکر وڪڻڻ سو آهي فقيريءَ ۾ ڪسب ڪمائڻ. توهان سير بيشڪ ڪريو؛ پارٽي وغيره لاءِ به ڪٿان خوشيءَ سان ملي ته پئسو وٺو، پر هيئنڻ پورين تاريخن تي اچي ڏن آگاڙڻ ــ ڳالهه توهان لاءِ ٺيڪ نه آهي. "

فقير جي وڃڻ بعد سام مون کي چيو: " هي مثال ڏيکاري ٿو ته اونچ چاڙهيءَ تي چڙهي ڪري به انهان وري ڪري سگهجي ٿو؛ پوءِ به ڪيڏو نه خطرو رهي ٿو ڪري پوڻ جو! تنهنڪري وک وک سان پاڻ سنڀالڻو آهي؛ دم دم سان پنهنجو آدرش ياد رکي هي جيون گهارڻو آهي. هي فقير مون مجذوبي حالت ۾ ڏٺو هو. اڄ وري هي گداگر بڻجي پيو آهي! "

* * *

٣-١٠-١٩٥٥ع سام اڌ رات جي ننڊ مان جاڳي پرواري هوٽل تي رات جي ماني ۾ چوبول هلندو پڌو جو آن وقت جي لحاظ کان اڻ سها ٿيندڙ ٿي لڳو. سام چيو: " انساني جيوت هڪ اهڙي شئي آهي، جا اسين آن سچي جيوت کان ڪيڏو نه دور رهون ٿا! انسان پاڻ سان ڇا ڪري رهيو آهي! هيءَ هڪ عجيب جهڙي ڳالهه آهي، جو سچو ڏينهن ته اسان جو مال دنيا يا ڪوڙن سکن جي تلاش ۾ وڃي ٿو پر اڌ رات جي وقت به ڪيترن کي اهو خفقان لڳل رهي ٿو! حيوان پنهنجون وقتي گهرجون سڀ کان وڌيڪ اهم سمجهي ٿو پر انسان انهن

ڪي وساري سگهي ٿو، ان لاءِ ته جيوت جو سچو مقصد نظر کان غائب ٿي نه وڃي. سچو انسان اهو آهي جو ڄاڻي ٿو ته ڪو قانون زندگيءَ جو آهي، جنهن سان اسين جوابدار ۽ ٻڌل آهيون. ٻلا جنهن قانون سان خود ڏينهن رات جڙيا آهن، جنهن طاقت ڌرتيون پهاڙ نديون ٺاهيون آهن، انسان ۽ ٻي هر شيءِ جي جوڙ جڪ هڪ ٻئي سان مطابق رکي آهي ۽ سرشٽيءَ ۾ هيڏا اچرج ڀريا ۽ اڪث نظارا سمايا آهن؛ جنهن انسان جي حياتيءَ کي، ڌرم ۽ گيان جي هڪ کوجنا ٻڌائي آهي، انهيءَ اپار شڪتيءَ کي ڪيئن وساري، سندس اصولن کي ريٽي، اسين پنهنجي شخصي يعني ننڍڙي جسماني دائري ۾ غرق ٿيا پيا آهيون! ائين برابر آهي ته هيءَ رچنا ۽ قدرت رچي آهي؛ سا ضرور اسان جي خامين مان به ڪو چڱو نتيجو ڪڍي ٿي، پر ائين چوڻ غلط ٿيندو ته اسان جي گمراهي يا اسان جون خاميون ڪيس وڻيل آهن؛ ان ڪري ائين سمجهڻ نه گهرجي ته ڇا لاءِ جو هي سڀ قدرت برداشت ڪري ٿي تنهنڪري اسين به ائين ٿي ڪندا رهون! هي ماڻهو جيڪي هر وقت ائين پنهنجا فڪر ۽ خفت ساڻ کنيو وتن ٿا سي گويا حياتيءَ ۾ ائين هلن ٿا جيئن بي مهار اٺ يا ٻنا رسيءَ ڏڳو هجي."

* * *

٧-٢-١٩٥٦ع — گذريل ٽورن مهينن ۾ سام جا ٻه ڪتاب ڇپجي آيا آهن ۽ ٻيا هن وقت پريس ۾ آهن. ڪڏهين پروفن جو ڪم ته ڪڏهين نسخي جي سڌار جو ڪم، — سام راجا ٿڙيوئي ڪجهه نه ڪجهه پيو ڪندو آهي! مون ڪجهه چرچي ۾ ۽ ڪجهه سا پيا ۾ ڪيس چيو ته اڄ ڪلهه تنهنجو پهريائين پيار ڪتابن سان آهي، تنهن ڪانپوءِ ماڻهن عزيزن سان ۽ تنهن کان پوءِ ٽئين نمبر ۾، مونسان آهي!

سام چيو: "اها ڳالهه سرا سر غلط آهي."

مون چيو: "تڏهين تنهنجو پهريون پيار مون سان آهي؟"

سام چيو: "غلط!"

وري مون چيو: تڏهين پهريون پيار پنهنجي ٻارن سان ائيئي؟"

سام چيو: ”اِها ڳالهه به غلط آهي ۽ پيار هڪڙي پوتر چيز آهي جنهن ۾ ڪو به ٻيو پاڇو يا دوئيءَ جو فرق ٿي نٿو سگهي. آهو شمع يا روشنيءَ مثل آهي؛ جنهن جي روشني هڪ جهڙي سڀني شين تي ڪري ٿي. البت جيڪي شيون ويجهو آهن، سي وڌيڪ روشني پائن ٿيون ۽ جيڪي دور رهن ٿيون ۽ سي گهٽ حصو مائن ٿيون. تون ته سڀ ڪان ويجهو رهين ٿي، پوءِ اُئين ڇو ٿي محسوس ڪرين؟ ڏسج مستان ڪو خيال تي پردو چڙهيل هجي!“

* * *

١١-٢-١٩٥٦ع – مون سام کي هڪ رسالي مان هڪڙي ساڌوءَ جي ليک مان نڪرو پڙهي ٻڌايو جنهن ۾ چيل هو ته اِندرين تي روڪ وجهو. آهو ٻڌندي سام چيو: ”وهندڙ درياهه تي ڪيتري روڪ وجهي سگهبي؟ زندگيءَ جو قانون وهندڙ درياهه مثل آهي ۽ اهي هٿرادو روڪون آهن ٻنڌن ۽ ڊيڻ مثل، جن سان پاڻي جهلي هرگز ڪين سگهبو. اها روڪ ٻي آهي جيڪا پاڻ منجهان پيدا ٿئي ٿي ۽ هن پاڻيءَ جو منهن ڦيري سگهي ٿي، يعني ڪا وڏي عشق جي اَتل اچي جا ننڍڙن شوقن يا حرصن کي جذب ڪري وجهي؛ يا الاهي محبت جاڳي جا نفس جي محبت کي کائي وڃي؛ ڪا پريم جي ڪشش پيدا ٿئي جنهن ۾ ننڍڙيون تانگهون پاڻهي ڇڏي وڃن! مگر اِها ڳالهه سمجهڻ کپي ته خواهه مخواهه زندگيءَ جي قانون تي روڪ وجهڻ سان اُن ۾ ويتر جوش جاڳندو. اِندرين جا جيڪي ڪم قدرت رٿيا آهن سي انهن کي اوس پورا ڪرڻا آهن. انهن تي روڪ وجهڻ مان اندرين کي خاص اهميت ڏني ٿي وڃي. انهن جي پورائي ڪرڻ سان خود من ۽ جسم جي چڪتاڻ ۾ ڍرائي ٿئي ٿي. اهو آهي وچون رستو (Middle Path) جو هر ڪنهن انسان کي پنهنجيءَ سياڻ ۽ مقصد موجب ڳولي لهڻ کپي. اجاين پرتگيائن ڪرڻ مان بعضي بعضي انهن هيٺين شڪتين کي اندران ئي اندران وڌڻ جو وجهه ملي ٿو. جسم جي طبق مان لهي آهي خواهشون من جي اونهي طبق ۾

پکو واس ڪن ٿيون ۽ وڌيڪ زور پڪڙي ڪنهن وقت آها
آئل پيدا ڪري سگهن ٿيون. جنهن ۾ زندگيءَ جي سڄي
عمارت ڊهي پٽ ٿي ڪري پوڻ جو امڪان آهي؛ جيئن درياهه
تي بوڪ وجهڻ سان وڏي آئل جو انديشو پيدا ٿئي ٿو ۽ ڪنهن
خاص مقصد سان يا فقط ڄاڻو انجنيرن جي صلاح سان اهڙي روڪ
يا براج فائدي مند ٿي سگهي ٿي، تئين انسان جي زندگيءَ تي
ڪنهن اونهي خيال ڪانسواءِ جيڪڏهن اڻ گهربل روڪون
وجهبيون ته آئين مان انقلاب پيدا ٿيندو. ڄاڻو يعني گيانسي
مرشد جي سايہ ۽ رهبريءَ هيٺ رهندي ڪن حالتن ۾ ڪو پنهنجي
خوشيءَ سان ڪنهن خواهش کي موڙي ان سان ٻي شڪتي پيدا
ڪري ته اهو ٿي سگهي ٿو. مثال طور قلدار پوکن جي ڏانڊين
کي ڏورو نيساڻي منهن ڦر جو واڌارو ڪري سگهبو آهي. پر
اهو ڪم ڄاڻو مالهيءَ جو آهي، جو مند ۽ اوستا ول جي
واڌاري جي ڏسي اڏوا طريقا ڪتب آڻي سگهندو آهي. عام
طرح سڀني کي صلاح ڏيڻ ته اِندريُن تي روڪ وجهو يا
شادي نه ڪريو سو من جي گهبراهٽ جو ڪارڻ آهي.

* * *

١٤-٣-١٩٥٦ع - هيٺين احوال لکڻ ۾ جيڪر ڪجهه
عار ٿئي ڇا لاءِ جو اڄ ڪلهه ماڻهن کي اهي ڳالهيون وشواس
جوڳيون نظر ڪو نه اينديون آهن ۽ نه وري اهڙين ڳالهين
لاءِ ڪا عقلي ثابتي پيش ڪري سگهبي آهي. مگر جيڪي
زندگيءَ جي قانون سان من جو ميل رکن ٿا ۽ جنهن کي پريم يا
روحاني ماحول ڇنجي آن ۾ وسن ٿا، انهن لاءِ هي ڳالهيون
اڏڙيون ظاهر آهن جهڙي سج جي روشني. اسان جو ته انهن ۾
پورو وشواس آهي؛ ممڪن آهي ته ٻڌندڙ هنڪي هڪ وهم يا
سنهنجي من جي پورزائي ڪري سمجهن، تاهم مان ان جو ذڪر
[illegible]

[illegible] سان ۾ گرجنا ٻڌڻ ۾ آئي.
سام [illegible] هڪ ٻئي [illegible] آيا ٻندا آهن [illegible] آسمان ۾
گرجنا سان سُر ملائي آواز وڌائيندو، ملائيندو رهيو، پر

آڪيئي ڇپائين ته آسمان کي آيــارڻ نه گهرجي ؟ اُنين ڪندي هڪ ڀيري گرجنا ٿي ۽ ڳڙو پوڻ لڳو ۽ سام جـي وات مـان وري از خود هي لفظ نڪتا : 'ڀائي، اسان بس ڪئي!' چونـدا آهن ميگهه ملهار ڳائبو آهي ته برسات ٿيڻي ايندي آهي . مونکي ياد آيو ته جڏهن ڇيب ۾ اسان ڇيئي و يهي ڪو نئون راڳ ـ سر سارنگ ـ مان ڳائيندا هئاسين تڏهن پڻ اهڙيون ڳالهيون ٿينديون هيون.

وري جيئـــن اســـانـــجو چـوڪـرو منهنجي خـاص ڪم لاءِ سيرو خان ويو تڏهن ڪجهه ڪر ڪر ڪيائـــين ۽ مان منجهند جي وقت جڏهين اسپتال کان گهر آيس تــه سام چيو : " ڇوڪرو ڪم لاءِ ويو ته آهي پر اڄ شايد اڻين ڏـي موٽي اچي . سڀ ڪم شڀ اچا سان، آشير واد وٺي پوءِ شروع ڪرڻ گهرجي . ان نموني ڪاميابي آسان ٿيندي آهي . پـر جـــي شروعات ئي سهڻي نموني نه ڪبي ته ڪاميابي مشڪل حاصل ٿيندي."

آخر ڇوڪرو ڪم نه ڪري سگهيو ۽ اُئين ئي موٽي آيو.

هن جو مطلب اهو نه آهي ته هر لفظ جو ڪو به روحاني راهه تي هلندڙ آچاري ٿو ، سو هرويـرو پورو نڪري ٿو . مگر ڪي اکر مان ڏسندي آهيان ته ماڻهن کان اهڙا نڪرندا آهـن جو از خود وڃي ڪو نشان ڪندا آهـــن . سمجهائي ڏيندي سام چيو : " جيئن ڪي شڪاريءَ کي تـير يا بندوق هٿ سان سُجهي ايندو آهي ته اهو وڃي نشان کـــي لڳو . تيئن ڪـي اکر جيڪي اندر جي امنگ، مان نڪرن ٿا وڃي پنهنجو نشان ڪن ٿا . انهن جي سچــائيءَ جي گويا پـــاڻ کي اڳواٽ خبر پئجي وڃي ٿي ؛ جا چت ـ شڪتي جڳت کي هلائي رهي آهي اها اسانجي چت کان جداري نه آهي ! "

* * *

۲-۴-۱۹۵۶ع – سام اسانجي مانيءَ واري ڇوڪري کي آڻڻ و يهڻ بنسبت سمجهائي ڏيندي چيو : "هيءَ جو تون داڙ ڦاڙ ڪرين ٿو ، ڪڏهين گل ٿو مروٽين ، ڪڏهين گاهه ٿو پيرن هيٺان لتاڙين ، سمجهه ته اها پنهنجي زنـدگيءَ کي ٿـــو هاڃي رسائين . بي جان ڪا به شيءِ نه آهي ؛ سڀ شيءِ ۾ ڪو " حس"

(Feeling) ڪجهه تہ سمايل آهي . جيڪڏهين ڪنهن شيءِ کي، ڪنهن ڪتاب کي يا ڪنهن ميز کي ڌڪو ڏين يا ڪهرو هٿ ٿو لائين تہ اثين سمجهہ جڻ آن جي مالڪ کي يعني پيدا ڪندڙ کي خود آهي ڌڪ ٿو هڻين ۽ ان کي دک ٿو پهچائين. مان اڳي تو کي اثين چوندو هيس تہ سڀ ڪنهن شيءِ جو ادب ۽ عزت هئڻ گهرجي، توڙي جو آها بي جان هجي؛ مگر هيئنر مان اثين سمجهندو آهيان تہ سڀ ڪنهن شيءِ لاءِ عزت نہ فقط پر محبت بہ هجي. جنهن کي مالڪ سرشٽيءَ جي ٺاهيو آهي، انهيءَ شيءِ کي ڪيئن ٿو ڪهرو هٿ لائي سگهجي؟ هو تہ اسانکي سڀ شيءِ ۾ نظر اچڻ گهرجي.

" هڪڙا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي سائينءَ کي هر جاءِ ۽ هر ڪال ۾ موجود ڏسن ٿا. تنهن کان پوءِ آهي آهن، جن جي نظر ڪجهہ گهٽ آهي ۽ ان کي فقط مندرن ۽ مسجدين وغيره ۾ يا مقبرن، درگاهن، درياهن وغيره ۾ ڏسن ٿا ۽ فقط انهن شين جو ادب رکن ٿا. آهي بہ آهن جنکي فقط ڪنهن خاص مقام مندر، آستان يا ماڻهوءَ مان انجي نور جو دهو پوي ٿو، پر آهي سڀ سوڙهي دائري ۾ رهن ٿا. فقيرن جي صحبت گيان جي آما اک کولي ٿي، جنهن سان هر شيءِ ۽ هر حال ۾ آهو پيار پيو پسجي. سچي صحبت وڏاءَ تہ پوءِ اِهي ڳالهيون توکي سمجهہ ۾ ايندي يون."

*　　　*　　　*

٢٣-٤-١٩٥٦ع - اڳي ذڪر ڪيل اسانجي دوست ڊپوٽي ڪليڪٽر سان پيو هڪ دوست اڄ گڏجي آيو. هو تازو آمريڪن پادرين سان ملي آيا هئا. روح ۽ انجي شخصيت يعني (Soul and its Individuality) ... بحث [illegible] ... صاحب [illegible] محز تہ [illegible] پچا [illegible] [illegible] ۾ [illegible] شخصيت قائم رکندا اچن ۽ سام کان پڇيائين: توهان جو ڇا خيال آهي؟
سام چيو: " ان جي مشابهت ۾ صوفين جو منزل معرفت

کي رسڻ ۽ ويدانت وارن جي مت موجب آتما جو پرماتما ۾ سمائجي وڃڻ يا ٻڌ ڌرم موجب نروان پد پائڻ، اهي نيئي خيال اسان کي وڏيڪ ويجها لڳن ٿا. بهشت و دوزخ يا سرڳ ۽ نرڪ وارو خيال فقط مثالي يا تمثيلي نموني (Allegorically) سمجهي سگهجي ٿو.“

تنهن ڪانپوءِ انهيءَ تي ويچار هليو ته آهو آخرين پد ڪيئن پائجي، چاهي ڇا به ان جو نالو هجي.

سام چيو: ” اصل کان ني وڏا رستا ان لاءِ ڏسياويا آهن جي جدا جدا قومن ۽ جدا جدا مذهب وارن پنهنجي پر اندر عمل ۾ آندا آهن. هڪڙو آهي ڪرم ۽ اورچائي يعني عمل جو رستو، ٻيو آهي گيان يعني علم و عقل جو رستو ۽ ٽيون آهي ڀڳتي يعني محويت ۽ محبت جو رستو. انهن جو اڳي به اسان هنن ميٽنگين ۾ ذڪر ڪيو آهي. انهن ٽنهي مارڳن جو مقصد ساڳيو آهي. حقيقت ڪري ٽيئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ هڪ ٻئي لاءِ ضروري آهن. ان مان ڪنهن به هڪ رستي تي واڌارو ڪبو ته از خود ٻين تي به آتما جو واڌارو ٿي ويندو. ڪرم يوگيءَ کي پنهنجي آزمودن مان گيان پراپت ٿئي ٿو؛ گيان مارڳ تي هلندڙ جي جڏهين چاڻ وڌي ٿي ته چاڻ سان گڏ ڀڳتي يا محبت جو ڀاؤ وڌي ٿو، اهڙيءَ طرح محبت وچان ڪرم آپجي ٿو ۽ گيان وچان ٻيڻ ڪرم سڦلو ٿئي ٿو. مان ته ڪڏهين اٿين به چوندو آهيان ته ڪرم پاڙ آهي، چاڻ جنهنکي گيان چئجي ٿو سو ول يا وڻ جو وچون ڀاڱو آهي، جا سائي رهي ٿي جو سندس طاقت پاڙن ۽ چوٽيءَ وارن ٻنن جي ذريعي گڏ ٿئي ٿي. ڀڳتي انهيءَ ول يا وڻ جو خود گل يا ڦل آهي؛ جنهن جي ميٺاج ۽ سوڀيا ۾ محبت ۽ چاڻ ٻئي سمايل آهن. پاڙ کان سواءِ ول گل نه ٿي ڪري ۽ ٻنن جي ساوڪ کان سواءِ پاڙ زنده نه ٿي رهي؛ ونن جو مٿيون ڀاڱو جڏهين ناس ٿي ويندو آهي ۽ سج جي ڪرڻن مان طاقت ملي نه سگهندي اٿن تڏهين ول جي پاڙ به از خود سڙي سڪي ويندي آهي. وڻن جي به ساڳي حالت ٿيندي. آهي مطلب نه گيان ۽ ڀڳتيءَ کان سواءِ ڪرم نشڦل رهندو آهي

تنهنڪري جيتوڻيڪ شخصي طور مان شايق گل (ڀڪتي يا محبت) جو آهيان تڏهين به اهو سمجهڻ ضروري آهي ته گل (ڀڪتي) ساوا پن (گيان يا علم) ۽ پاڙ (ڪرم يا عمل) ٽيئي وڻ لاءِ ضروري آهن. روحاني زندگيءَ جو اهي ٽيئي يعني ڪرم، گيان ۽ ڀڪتي گويا ٿنڀا آهن."

* * *

۲۳-۲-۱۹۵۸ع - جڏهين جڏهين سام ڪو نئون شعر ڏيندو آهي، تڏهين اهو اول مون کي پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ پوءِ پڇندو آهي ته مون کي ڪهڙو شعر وڻيو. اهو ئي سام جو نئون شعر آهي جنهن ۾ ڪوبه لفظ اڃان ڪنهن به ماڻهوءَ جي وات مان نه نڪتو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪي شعر ٻڌائي پوءِ پڇندو آهي ته ڪهڙي شعر تي اصلاح جي ضرورت آهي. اهو پڻ ٻڌائيندو آهي ته فلاڻو شعر ڪهڙي حالت ۾ لکيو اٿم.

ٻڌايائين مان ٿي ڪنجو ڀڪو آڌاري ڇڏيندي آهيان، جهن گانوءِ سام وري سڌاريندو آهي. اهو نيم اسان جو ڪيترن سالن کان هلندو ايندو آهي. ٿورا ڏينهن ٿيا ته سام چيو: جنهن صورت ۾ تو کي ڀيا ڪم به گهڻا هت ۾ آهن ۽ واند تو کي ڪانه ٿي ٿئي، تنهن صورت ۾ تنهنجي مرضي هجي ته اهي ڊائريون شعرن واريون ڪنهن منشيءَ کان آتارائي ڇڏيون. مون لاچار اها ڳالهه مڃي، مگر ائين سمجهيم ته فقط پراڻن شعرن جو سوال آهي جيڪي مون اڳ ٻڌا آهن. جڏهين سام منشيءَ کي آهي شعر چوندو ٿي ويو ۽ هو لکندو ٿي ويو، تڏهين اسان جي هڪ چوڪري ٻڌي ورتو ته هڪ نئون شعر جو سام اڄ ڪلهه اڳ ۾ وڌي ناهيو، سو پڻ ائين لکجي ويو. آن ڪري چوڪري سام کان خاطري ڪرڻ لاءِ پڇيو: شايد اهو اڄ ناهيو اٿو؟

سام ڪِس چيو: "مون ڊاڪٽر کان (يعني مون کان) ڊائرين جي آتاري بابت پڇيو آهي."

پوءِ سام چيو، آن وقت مون کي به اهو خيال آيو ته اهو نئون شعر پوريائين توکي پڙهي ٻڌايان ها پر جنهن صورت ۾ تو اها ڳالهه مڃي هئي تنهن صورت ۾ نڪرائي ڇڏيم.

اِن خبر ٻڌڻ تي مون کي بيحد ڏک ٿيو، جو مان جي روت سام ٿوڙي ڇڏيو! ڏک ۾ سڄو وقت ڪجهه به ... ڳالهه ۽ اڄ چوڻي رهي ... ڪو ... اقرار ... ڪري ڏو رهي ۽ اڄ ڪانپوءِ مون جو ڪنهن تي به اعتبار ڪو نه ايندو!

سام سجو وقت چپ ڪري ويٺو هئي. مون کي ڪجهه سمجهايائين مگر منهنجو غصو گهٽ ڪو نه ٿيو. آخر رات جو ماني جي وقت هو اچي منهنجي پرسان ويٺو ۽ چيائين: ”ڇو پلاڪڙو ڏند پريون؟ جي چوين ته پليءَ تي چاڙهي گهمائي اچان!“ مون کان کل نڪري ويئي. مگر دل مان سمورو رنج ڪو نه نڪتو. جو پاڻ ٿي ته ڀريائين سندس شعر پڙهڻ جو مون کي حق هو؛ اهو خزانو ڇڏڪ ڪنهن لٽي ورتو. شايد اندر ۾ اهو به خيال هيو ته متان آهستي آهستي سام وڃي پنهنجون ريتيون مٽائيندو! آخر صبح جو به مون وري شعر وغيره آڻڻ کان انڪار ڪيو. جنهن بعد سام گهڻي پيار مان چيو: ”ايترو خيال ڪرڻ نه جڳائي، ڇا لاءِ جو ڇوڪ انسان کان ٿي ويندي آهي.“

انهن لفظن تي مون روئي ڏنو ۽ سام جي اکين ۾ به ڳوڙها اچي ويا؛ انهن مان هڪڙو پنهنجي آڱر تي لائي منهنجي مٿڪ تي تلڪ مثل لڳايائين ۽ چيائين: ”ڇگو! هي ڏند سمجهين يا ڳوڙهن جي سوغات سمجهين، ساوت! مگر ايترو سمجهه گهرجي ته اهي سنهيون ٿلهيون ڇوڪون يا ويسارا پيا حياتيءَ ۾ ٿين؛ انهن ڳالهين ۾ منجهي پوڻ نه گهرجي. ڪچايون پڪايون مون ۾ به آهن، پر پنهنجي برهم تي اعتقاد رکڻ سان اها نقطہ نگاهه خود ڦري ويندي ۽ آهي ڪچايون اهڙيون اهم نظر نه ايندڙيون. وڏي پڙي کي ڪهڙي پرواهه آهي ننڍڙن ڪنن يا درياهه جي لهرين جي؟ پنهنجو پيار اُن وڏي پڙي وانگر سچي ڏيڻو هئا!“

* * *

٦-١٢-١٩٠٥ع - سورج اڀري ۽ لهي وقت سام گهڻو ... ري اڪيلو ڪنهن ڪنڌ پاسي ويهي شانتيءَ سان سج جو نظارو ... آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مونکي به اُن وقت سڏ ڪري چوندو آهي ته اچي هي نظارو ڏس؛ ڇڏڪ روح اسانجا اُن وقت هنن ماڙين، بزارين ۽ مونجهارن کان مٿي چڙهي، نيلو آڪاش پار ڪري وڃي سورج جي سونهري ڪرڻن سان ملندا آهن. اُن وقت

طرحين، طرحين امنگ پيدا ٿيندا آهن. سام جونئدو آهي تہ اهو وقت بہ سماڌيءَ جي مثل آهي، جو خيال ڪي وجود ٿئي ٿو ۽ دل ۽ من جا سچا امنگ، مٿي چڙهي اچن ٿا.

اڄ سچ لهڻ وقت سام هن خيال [illegible]

"سورج پنهنجي شڪتيءَ ۽ روشنيءَ جو ظهور ڏيکاري شانتيءَ سان غائب ٿي وڃي ٿو! تيئن شل اسين بہ پنهنجي زندگيءَ جو ڪرتب پورو ڪري پنهنجو سڀهو پهچائي، زندگيءَ کي شانتيءَ سان نمسڪار ڪري موت جي مندر وڃي پاڻ سمايون!"

اوچتو امنگ ۾ اچي ڪري سام وڏيڪ هيئن چيو:

"هي جو ڪتاب ٿهندا وڃن ٿا، هي امنگ ۽ هي راڳ، هن دل جي ساز مان جيڪي آلاپجن ٿا، انهن جي مدرتا يا مذاج جا پنهنجي من ۾ هر وقت سمايل نہ هوندو؟ ڇا مان پاڻ کي انهيءَ مدرتا جي آٿاهم ساگر ۾ ٽٻيون هڻندو ڪين ڏسندو هوندس؟ جيڪو نوروني چمتڪار ان روشنيءَ جو ڏسي ٿو، سو عمر لاءِ هڪ ديوانو ۽ پروانو ٿي وڃي ٿو. ظاهر ۾ چپ ۽ صبر آهي، پر جي نظرن ۾ ناڪاميابيءَ جو هڪ نظارو آهيون، مگر اندر ۾ امنگن جا گجگوڙ ۽ خيال جون وسڪارون آهن! اهو آس اٿم تہ ڪڏهن پنهنجي زندگيءَ جو ڪاربہ پورو ڪري هن سورج وانگر ڪنهن سهڻي نموني سمايت ٿي وڃون!"

* * *

٦-١-١٩٥٧ع - اڄ مانيءَ واري ڇوڪري ڪـي گهڻن ڏينهن کان پوءِ مس مس سئنيما تي وڃڻ مڃايم. هنڪي سئنيما تي وڃي ڪي مهينا ٿيا هئا. گهڻو ڪري يا گهر ۾ دبا پرواري شوالي ۾ پيو هوندو آهي، جتي نشو وڃي ڪندو آهي. سندس جـو شيلو سڀاءُ اڳي کان ڪجهہ قدر گهٽ آهـي. هـو گهرڀٽڙو ٿي پيو آهي، جنهن ڪري اڄ سندس سئنيما تي وڃڻ اسانڪـي پڻ هڪ نئين ڪالهہ تي لڳي. انهن پڻ [illegible] ۽ بہ ڪيس ڪيترا دفعا ياد ڪئي آهي [illegible] هو [illegible] اٿيو ۽ مان ملڻ ويئسانس، اهي موڪلي [illegible] نہ پنهنجي ڇوڪري کي بہ اڄ مڏ ڪري [illegible] ڇوڪري [illegible] اڳ ۾ ٿي مونکي چيو هو تہ دادا آئي تہ مان وڃي ٿو پاڪر پاياڻس.

جڏهين سامي سان مليو، تڏهين سامي هنکي هٿ ۾ کڻي ورتو ۽ وري ڪجهه خيال ڪري پير پنهنجا ڪيڏي ڏنائينس ۽ چيائينس ته: "پاڪر ۾ انهن کي پاڻ ۾ ڳنڍي نه سگهندين. ڏس ته، پيرن پوڻ ۾ ڪيترو نه مزو آهي، ڇاڪاڻ ته پنهنجا پيرَ ئي انهن سان گڏ ڪمائي ڏسي، جيئن سولا ڪندي آهي!"

سامي اهي لفظ ڄڻڪ سڌو دل سان ٿي ڳالهايا ۽ سندس پيار سان ڀائي ٿي نڪتا ۽ ڇوڪري کي به ڄڻ هڪ قسم جي هدايت ملي ويئي ۽ هن دل سان ائين ڪيو.

سامي ان بنسبت پوءِ هيئن چيو: "هو جو ڪڏهين ڪڏهين منهنجي سامهون ٿيندو آهي يا خلاف ويندو آهي، تڏهين پاڻ منهنجي پيار کي هڪ قسم جو تاڪيد ٿيندو آهي. آهو ڪڏهين ڪڏهين پڙهي مٿي چڙهندو آهي! اڄ ڏينهن وقت اهو خيال آيو ته ڇو نه تنهنجو پيار، اي دل، ايڏو وڏو ٿئي جو سڀ برخلافيون ۽ رنج پنهنجا هضم ڪري وڃي!" هي ان لاحد پيار جو هڪ ورق ڇاٽي مان هٿ درج ڪريان ٿو.

۲۱-۱-۱۹۵۷ع - هڪ وڏي واهه جي ڪپر تي ويٺا هئاسون: شام جو وقت هو، سورج چمڪي رهيو هو ۽ پکي پرندا آس پاس ٻوڪن ۾ چوڪو ڪري رهيا هئا؛ پر سامهون مٿن جي ٻوڪ ڇهڇ سامهون ٿي نظر آئي، جنهن ۾ هڪ اڇو ڪنڪ، ڏيهي موج سان گهمي رهيو هو. سامي جو خيال وري وري انهيءَ سفيد ڪنڪ، ڏانهن ڇڪجي ٿي ويو جو ڇهڇ ساوڪ جي وچ ۾ تمام سندر ٿي لڳو. ڪجهه وقت ڏانهس نهاري پوءِ سامي چيو: "حسن ۽ ناز ڪنهن هٺرادو ڪوشش سان نٿو وڌي، نڪا وري اها شيءِ انسان ذات تائين محدود آهي؛ هر ناز جو نمونو قدرت پاڻ اندر رکي ٿي؛ حسن هر شيءِ ۾ مايل آهي؛ ڏس هو ڪنڪ، ڪيئن نه ناز سان وک وک کڻي رهيو آهي! روپ کي بقا نه آهي پر هي ناز ۽ حسن فنا ٿيندڙ شيون نه آهن. اهي انهيءَ مالڪ جا ٿي آهن!"

جيئن اڳي مون ڪيترا ڀيرا لکيو آهي، سامي حسن کي هڪ واحد شيءِ سمجهندو آهي ۽ چوندو آهي ته اهو وني سڀ

روپ ۾ سمايل آهي. انهن سوالن تي منهنجا سائنس کي تفاوت ۾ رهندا آهن. مونکي اتي پڻ ۾ وري اهو خيال آيو ته محبت جنهن ۾ سچائي ۽ وفاداري هجي، اهائي هڪ لهائتي شيءِ آهي؛ باقي حسن جي تانگهه ساهڪ تر شما آهي، ڇا لاءِ جو روپ سڀ ناسونت آهن جي سان پريم رکڻ بيڪار آهي؛ اِها ڳالهه عام طور سام به قبول ڪندو آهي، پر جيئن مان ڄاڻيندي آهيان ته پن دلين جو فقط ملڻ ۾ لڳاءُ هجي ۽ ٻئي ڪنهن روپ مان آهو سڙو وڻڻ نه گهرجي؛ نه ٻئي ڪنهن روپ مان آهو سڙو ملڻ گهرجي؛ نه وري ٻيءَ ڪنهن عورت يا آدميءَ ڏانهن محبت واري جو خيال ڇڪجي وڃڻ گهرجي؛ انهن سام قبول ڪين ڪندو آهي. مون جڏهين وري اِهو سوال اٿاريو ۽ چيو ته "اها محبت ٿي ڪهڙي جو هڪ سان به لڳي، هن سان به لڳي، توڙي جو اهو ٻڪي هجي يا انسان هجي؛ ماڻهو سڙو پنهنجي دل واري ڪانسواءِ ٻي ڪنهن مان ڪيئن ٿو اچي سگهي؟"

تڏهين سام هيءُ جواب ڏنو: "روپن يا شڪلين ۾ ضرور تفاوت آهي؛ مگر حسن يا محبت ته هڪ شيءِ آهي، ڇا لاءِ جو انهن جو احساس سڀ شيءِ مان اچي ٿو. پريم ۾ وفائي اِها نه آهي جو اکيون بوتي ماڻهو هڪ ناسونت روپ ۾ غرق ٿي وڃي، مگر جي منهن روپ سان اڏرو سنبنڌ هجي ته ان ۾ وري ذات جو پسارو ڏسي! آخر ڳالهه وچي هڪ ثابت ٿئي ٿي، ته سلام ذات ڪي آهي. ذات ۾ ڪو ڀيد ڪو نه آهي، مگر صفت ۾ ظاهري ڀيد آهي."

مون چيو: "جڏهين حسن هڪ آهي، جيئن توهان چئو ٿا ته پوءِ ان حسن يا ايشور جو درشن به هڪ دل مان ملي سگهي ٿو. ان حالت ۾ پڻ ٻئي ڏانهن نهارڻ ٿي ڪچا ٿئي يا ٻي سمجهائي آهي."

سام چيو: "جدا جدا سڀ آهن ۽ انهن پٽاندر جدا جدا مارڳ آهن. اِهو تو واري به هڪ وڏو آدرش آهي مگر هو پڻ ڏکيو اصول به ڪ تدل طريقو آهي. ٻه شيون هڪ ٻئي جدايون نه آن ۽ ٻيترڪ ذاتي تفاوت ڪو نه آهي.

تہ بہ ڳڻ ۽ ويچار جو فرق آهي. ورنہ وحدت مان ڪثرت ڪيئن ٿئي؟ جنهن کي تون ڪچائي چوين ٿي سا حقيقت ڪري وحدت مان ڪثرت ۾ اچڻ جي وات آهي. هڪ يا گهڻا؟ انهيءَ سوال ۾ ڪيترا منجهيل پيا آهن. اسان ٻنهين کان انڪاري نہ آهيون؛ هڪ ۾ گهڻا آهن ۽ گهڻن ۾ هڪ ٿا ڏسون!"

مون تڏهين بہ چيو: "اهو تفاوت ڪچائيءَ مان پيدا ٿئي ٿو. جڏهين محبت ڪچي آهي، تڏهين ئي نظر ٻئي ڏانهن وڃي ٿي. ڇو نہ سڀڪو ٻالهہ تي اچي؟ جي ذات هڪ آهي تہ ٻوءِ گهڻي ٿي يا تفاوت ڪٿان پيدا ٿيا ۽ ڇو هي ڪچايون پيدا ٿيون؟ مان چوان ٿي، خيال جي ڪچائيءَ مان ئي هي سڀ واسطا پيدا ٿين ٿا."

سام چيو: "پهرين ڀيد پيدا ٿيا يا پهريائين ڪچ پيدا ٿي؟ هي بہ ساڳيو ئي سوال آهي تہ پهريائين تفاوت وحدت جي ڪثرت ۾ اچڻ ڪري پيدا ٿيا يا پهريائين بہ تفاوت هيا، جن کي تون ڪچايون چوين ٿي، سي پيدا ٿيون ۽ پوءِ ڪثرت جو وهنوار هليو؟ حقيقت هيئن آهي تہ ڪچايون چئون يا تفاوت چئون سي سڀ هن مايا جو ڀاڱو آهن. مايا پرماتما سان گڏ آهي ۽ ان کان جدا نہ آهي. هي تفاوت خود زندگيءَ جو بنياد آهن. جيڪڏهين اها هيڪڙائي آتما کي وٺي ها تہ وحدت مان ڪثرت ۾ نہ اچي ها. پر وحدت ۽ ڪثرت جو معملو ڪنهن خاص وقت تي ڪو نہ شروع ٿيو آهي، جنهن ڪري چئجي تہ اول تفاوت پيدا ٿيا ۽ پوءِ پيون ڪچايون. ڪثرت خود وحدت جي هڪ ڪسرت ڪري سمجهو. وحدت ۽ ڪثرت ساڳي شيءِ جا ٻہ پاسا آهن ۽ ائين پڻ سمجهڻ کپي تہ هن گهڻائيءَ جي چاهنا ان هڪ کي اصل کان هئي ۽ آهي ۽ هميشہ ... تنهن جي معنيٰ تہ ڪثرت وحدت کان ... نہ آ... جيئن چئون ٿا هيءَ وحدت جي خود ... نہ آهي. جڏهين ائين وٺبس ٿو تڏهين تہ هن جدا جدا ... ۽ ... ۾، نون نون نمونن ۽ نازن سان ... وحدت، يا هيڪڙائي پيار جي پڻ پريمين جي وچ ۾، جنهن جو تو ذڪر ڪيو، سو هڪ آدرش ئي

رهيو آهي ۽ ان معنيٰ ۾ هيڪڙائي ايعني يڪسان ٿيڻ) خود موت واري هيڪڙائي ٿي پوي ٿي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ يونيفارمٽي (Uniformity) چئجي ٿو. سچي ايڪتا تفاوتن جي هوندي به حاصل ٿي سگهي ٿي؛ انهن جي تسليم ڪرڻ سان مفاهمت وڌي سگهي ٿي. ٻاهرين نموني جي هڪڙائي هڪ جهڙائيءَ کان اندرين ايڪتا، جنهن ۾ تفاوت تصوير ۾ جدا جدا رنگن مثل ٿي رهن ٿا، سا وڌيڪ ملهائتي آهي. آنهيءَ کي ٿي سچي ايڪتا چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ سڀ تفاوت سمائجي رهن، يعني نه گم ٿي وڃن پر پنهنجي پنهنجي جاءِ وچي وٺن؛ اهڙيءَ طرح ارجن ڪرشن نه ٿيو، آنند ٻڌ نه ٿيو؛ ضرور ڪي تفاوت اچسا انهن جي وچ ۾ هئا، تڏهن به آنند آنند ٿي رهيو ۽ ٻڌ ٻڌ ٿي رهيو؟ آها هيڪڙائي تفاوتن کي تسليم ڪندڙ سچي وجودي هيڪڙائي آهي جا هميشه وڌندڙ آهي ۽ نه روين يا طريقن يا انساني اصولن جي هڪجهڙائيءَ لائين محدود آهي. جيڪڏهين آها سچائي پريم واري جنهن ڏانهن تو اشارو ڪيو ۽ آها روائي هن ڳالهه ۾ آهي ته هڪ پريميءَ لاءِ فقط چاهه هجي ۽ نه ٻي صورت ۾ ڪو ڏيان لڳي، ته پوءِ اها ڳالهه جيڪر تون ڪيئن سمجهائي سگهين ته شري ڪرشن کي گهڻيون استريون هيون؟ ازانسواءِ ميٺي گوپين ۽ پريمي ڀڳتن کي هو خاص پنهنجو نظر ايندو هو!

هاڻي جيڪڏهن خيال کي اسين وڌيڪ ڪشادو ڪريون ۽ هن سوال مان آپو ڪيڏي ٿڌي ويچار مان انگي هڪ انگي حساب نه پر هڪ دل جو حساب ڪري حل ڪريون ته پوءِ منهنجو خيال سمجهه ۾ ايندو ته پريم يا حسن ڪنهن شيءِ ۽ روپ يا واسطي لائين محدود نه آهي. گهڻن سان پريم جو ناتو رکڻ ڪري پريم جي پورڻتا ۾ ۽ پريم ڀاو جي ايڪتا ۾ ڪو فرق ڪو نه ٿو پوي. سا جڪ اصول جي خلاف ڪو ڪم ڪرڻ سو سماجي ڏوهه آهي، مگر ان جو هت اسين ... ذڪر ڪو نه ٿا ڪريون؛ هت اسان ڏاڍي ... ته سا اها آهي ته هر شيءِ ۽ هر روپ ... آهي اهال دل وٺ ٿي پکي پسون يا انسان سان، سچ جي زندگي چئبو چاهيان. رات جي

ڪارڻ ۽ روشنيءَ سان ساڳيو پريم رکن ٿا، نيڪيءَ ۽ بديءَ کي خود ان الاهي حسن جي وهڪري جو ناٽڪو ڄاڻن ٿا ۽ انهن ٻنهي روپن ۾ نه پاپ نه ڪا ڪني شئي پر خود جيوت وهي رهي آهي. هي جيڪو مان توکي ٻڌايان ٿو سو ڪنهن خاص فلسفه جو خيال نه سمجهه مگر هي منهنجو هڪ آزمودو آهي. مان فقط چوان نه ٿو مگر انهن ڏسان ٿو ۽ ڏسڻ کان به وڌيڪ ويجهو انکي محسوس ڪريان ٿو. اهو خيال منهنجي جيوت آهي. اهو خيال خود مان آهيان! وڌيڪ پنهنجي ابياس يا ڪوشش سان پراپتي ٿي سگهي ٿي. اکرن ۾ فقط ايترو ئي ٻڌائي سگهجي ٿو."

مون سام کي چيو: "مان وجودي هيڪڙائي يا ڪنهن گيان وئراڳ جون ڳالهيون ڪو نه ٿي ڪريان، مان ته رڳو محبت جي ڳالهه ڪريان ٿي. جي ٻه پريمي، هڪ ٻئي ۾ ايترو مخمور هجن، جو هڪ ٻئي کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڏسن ئي ڪين ۽ ڪا وٿي رهي ئي ڪا نه ته پوءِ فرقن جي خبر ئي ڇو پوي؟ توهان چئو ٿا ته سري ڪرشن کي گهڻيون استريون هيون ۽ انهن مان هر هڪ سان پنهنجي پنهنجي ريت پورڻ پريم رکندو هيو. پر شري ڪرشن اوتار هو. ان سان ڪنهن جي ڀيٽ ڪرڻ اجائي آهي. ا زانسواءِ گيتا ۾ چيل آهي ته، ايشور ڪنهن سان موهه نٿو رکي، پر انسان سڀ مايا موهه ۾ ڦاٿل رهن ٿا. جيترا دنيا ۾ واسطا وڌائن ٿا، اوتري قدر ئي پنهنجو ممتا موهه وڌائن ٿا."

سام چيو: "اهو غلط خيال آهي. آتما ۽ پرماتما ۾ ڪو ذاتي فرق ڪو نه آهي. اهو من - وديا (Psychology) جو هڪ ويچار آهي ته واسطن وڌائڻ سان نه موهه وڌي ٿو پر من ڊايل ٿي موهه کان پاڻ آجو ٿئي ٿو. بند ٻهري ۾ رهڻ کي سلامتي نه چئبو آهي، مگر آزاد ميدان ۾ همت سان رهڻ کي ٿي سلامتيءَ جي حالت چئي سگهجي ٿو. واسطن وڌائڻ کان نه ڏڄو مگر انهن مان هرهڪ ۾ وشواس رکي محبت جو واسطو قائم رکو."

مون چيو: "منهنجو ان آدرش سان ڪو واسطو ڪونه

آهي ۽ نه مان چنڊ تارن ٻوٽن وغيره کي هڪ جهڙي محبت ڪرڻ واري ڳالهه سمجهي سگهان ٿي. سو ته انهن لاءِ آهي، جنکي چنڊ، تارا يا ٻوٽن کي شيون ڏسڻ ۾ اچن ۽ جنکي پنهنجي پريتم کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ مان مزو اچي. مونکي ته رستي ويندي به ڪا خبر ڪا نه پوندي آهي ته ڪو وات سان لنگهي ٿو يا ڪي وڻ ٽڻ باغ گذرن ٿا. مان گهڻو ڪري ٻي ڪنهن ماڻهوءَ جو چهرو به مشڪل چتائي ڏسندي آهيان. اها به خبر ڪا نه اٿم ته گيان وڌرا گهڻا، يا نيڪي بدي ڇا آهن. فقط هڪ آس رکندي آهيان ته هر حالت ۾ توهان سان هجان ۽ توهان کان پري ڪجهه به نه ڏسان. ايشور ڪري ته مان هميشه اهڙي ٿي اندي رهان جو ٻيو ڪجهه نه ڏسان!"

سام چيو: "اسان جي فلاسافي تنهنجي پريم کي سلام ڪري ٿي، اگرچ مون جيڪي چيو آهي سو به ساڳيو مطلب رکي ٿو. شاه لطيف چيو آهي:

'اکين ۾ ٿي ويهه، آءُ ورائي ڍڪيان،
تون نه ڏسين ڏيهه، آءُ نه ڏسان کي ٻيو'."

* * *

٢٦-٢-١٩٥٧ع – سام جو هڪڙو عزيز ڪجهه وقت کان وٺي بيمار هو ۽ پوءِ گذاري ويو. اسين جڏهين وٺس ويندا هئا سون ۽ سندس شيوا ڪندا هئاسون ته بيمار جي ڳوري حالت ڏسي، سام مونکي چوندو هو: مان ته ڏسان ٿو ڇڪ موت اکين ۾ ٿي اچي هت واسو ڪيو آهي!

اها ڳالهه هڪ ٻن پيرن ٻڌڻ کان پوءِ، آن گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت مون سام کان پڇيو: "شاسترن ۾ چيل آهي ته يمراج سندر آهي ۽ سندرتا جو پيدا ڪندڙ آهي؛ سا ڳالهه ڪيئن سمجهي سگهجي؟ هت ته بيماريءَ سبب گهر ۾ گندگي ۽ بيمار جي شرير ۾ ڏٻرائي ۽ چوڌاري ڪجهه بدبوءِ به نظر اچي ٿي. توهان جو چيو ته موت جو هت واسو آهي [illegible]
[illegible]

سام چيو: "تون صحيح موني ۾ ڪيس نٿي ڏسين ۽ دس

تہ ڪيئن نہ يمراج جي پاڇي پوڻ سان هيءُ گهر ڇڻ هڪ منـدر ٿي پيو آهي، جتي سڀڪو ان جيون داتـا کي نمسڪار ڪرڻ ٿو اچي. بيمار جا جن ماڻهن سان اختلاف هئا، جنکي هـو دشمن سمجهندو هو، سي بہ موت کي ويجهو ڏسي ڪيئن نہ پريم مان ڇڻ اچن ٿا ۽ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ حاضر ٿين ٿا! هو ڏانهن گهر جا سڀ ڀاتي ۽ بيمار پاڻ ايتري ضد ڪانپوءِ بہ انهن ماڻهن کي ڏسي شانتيءَ واري ساٽ ۾ اچي وڃن ٿا. ضد جي بجاءِ انساني همدرديءَ جو واسو ٿيو آهي ۽ ايشور جي ڀـڻ يـاد سڀني ۾ وڌي آهي. پوءِ ڪيئن نہ چئجي تہ هيءُ سڄي يمراج جـي سوڀيا آهي؟ هو ڏانهن وري ڏسو تہ موت ماري يا ڏاهي فقط ان کـي ٿو جو نبلائي ۽ بيماريءَ جو ڪارڻ ٿيو پوي، - يعني هـن اگهي سريتر کي؛ ان ڪري پڻ يمراج جڳـہ ۾ سندرتا وڌائڻ جو ڪارڻ آهي."

* * *

۲۷-۲-۱۹۵۷ع - اسان جي هڪ چوڪري گـرڌاريءَ سان گڏ گهمندي گهمندي ڀنين ۽ ٻين قدرتي نظارن جي وچ ۾ سام سائنس کي ڳالهيون ڪيون، جي مان هتڙي درج ڪريان ٿي:

گرڌاريءَ چيو: "دل ائين پئي چوي تہ جيڪر سنسار کي ترڪ ڪجي ۽ ڳولا ڪري ڪو گرو هٿ ڪجي، جنهن ۾ وشواس رکي جيون سڦلو ڪجي."

سام چيو: "'ڳولا' ڪري، پريشانيءَ کان پوءِ، عقل جي ذريعي جيڪڏهين ڪو گرو ڪبو، تہ ان ناتي ۾ ضرور پنهنجي عقل جو پاڇو رهندو؛ يعني ان ۾ سچي شرڌا مشڪل قـائـم ٿيندي. ڇا لاءِ جو عقل هڪ ڦرندڙ گهرندڙ شيءِ آهي؛ حالتن ۽ سببن سان بدل رهي ٿو، جن جو محسوس ڪرڻ عـقـل جـي ذريعي [illegible] ٿي ٿـو. مگر سچي شرڌا [illegible] ٿي. آتي عقل جي ڳولا يا کيڏ جي ڪا ضرورت ڪانہ ٿي رهي؛ محبت ڳجهي ڳوڙهي نہ ڪبي آهي- پر ٿي ويندي آهي. تنهن ڪري جتي ۽ جڏهن دل کي ڪشش ٿئي ٿيئي سر نماڻي ۽ نہ گرو ڳولڻ لاءِ ڪي حيلا ڪشالا ڪجن.

" تو شوالي ۾ هڪ رهندڙ ساڌوءَ لاءِ پريم ٿي رکيو ۽ ڪنهن وقت اُن جو چيلو ٿيڻ چاهيو ٿي. هو اگرچ گياني نه هو تہ بہ مون ڏٺو تہ تنهنجو خيال ان ڏانهن گهڻو مائل هو. اهڙيءَ طرح پنهنجي قبول ڪيل ماتا ڏانهن پڻ ڪنهن ڏانهن پريم تنهنجو ٿورڪي چڪي تہ آن مان سڀ فيض پائڻ سگهندين. حقيقت ڪري شرڌا ٿي هڪ گرو آهي ۽ شرڌا جو مطلب اِهو آهي تہ عقل جي اجاين ڦڏن ۽ رنڊڪن کان ڇڏي آتما اعتقاد سان قدم اڳتي وڌائي. گهڙي ڪي ڏڏڪي ميڪارڻ لاءِ ڀوريائين سندس اکيون ڪيترو قدر بند ڪري ڇڪر هٽائيندا آهن، ڇا لاءِ جو پي صورت ۾ ڇرندو ٿي نہ ۽ گول ڦرڻ ۾ ڊانوانڊول ٿي ايندس، تيئن ڪنهن اوستا ۾ انسان کي بريءَ ۾ وچان پيدا ٿيل شرڌا سندس رواجي عقل کي چپ ڪرائڻ سان مدد ڪري سگهي ٿي. مگر سچي گيان جي وڌڻ سان انهيءَ شرڌا جو دائريو پڻ وڌي ٿو ۽ ايشور جي ڄاڻ حاصل ٿيڻ سان اهو پريم سڀ شيءِ ۾ سمائجي وڃي ٿو، جنهن کان پوءِ گروءَ جي مدد جي ڪا ضرورت ڪا نہ ٿي رهي. اهڙي چيلي کي گرو پاڻ چوندا آهن تہ بابا هاڻي تون وڃي پنهنجو آستان وساءِ! آن اوستا ۾ سڀ شيون آن پريم جا روپ ٿي نظر اچن ٿيون ۽ سڀ ناتا پريم وڌائن ٿا، جيئن برسات مان پيدا ٿيندڙ سڀ نالا درياهہ جي پرسان ڦري اچي درياهہ ۾ پون ٿا، تيئن پريم جي سرسائيءَ سان سڀ انساني واسطا ست - چت - آنند جي پريم کي وڌائن ٿا."

*　　　　*　　　　*

٨-٣-١٩٠٧ع - ٻہ ڏينهن ٿيا تہ اسانجي گهر اسانجي رسويءَ گرڌاريءَ هڪ نئون ڦڏو اچي وڌو :- چيائين تہ مان چانهہ جا باسڻ " نوڪرن " ۽ ڀنگين وغيره جا جوٺا ڪيل صاف ڪو نہ ڪندس. اسين چانهہ صبح و شام سڀني 'نوڪرن' وغيره آڏي وٺي کي پاڻ سان گڏ پياريندا آهيون ۽ ذات پات جي ڪري ڪو برتڻن ۾ فرق ڪو نہ رکندا آهيون. هي ڇوڪرو ٻہ سالن کان آهي برتن گڏ صفا ڪندو ايندو [illegible]
[illegible] ڪجهہ جو [illegible] سي مقرر طور

صبح و شام هاڻي چانهه ملندي آهي. ڇوڪري اها ڦڏي جي ڳالهه مونسان جدا ڪئي ۽ سام سان جدا، مان جڏهين اسپتال کان گهر موٽي آيس ته سام آن جي شڪايت جو ذڪر ڪيو ۽ چيائين ته مون اهو خيال ڪيو آهي ته ڪجهه عرصي لاءِ برتن چانهه جا سيٺي مان ملينداس. مون سام جي ٻيپرائي ڪئي ۽ چيو ته مان آهي برتن ملينداس.

سام چيو، مون اڳ ۾ ئي اهو خيال ڪيو آهي! مون چيو ته اهو ٺيڪ نه ٿيندو جو توهين مليو ۽ مان ويٺي رهان. ڪنهن نوڪرياڻي کان ماڻ ملائبا.

سام چيو: "اهو پڻ وڏيڪ اعتراض جو ڳو ڪم ٿيندو. اها ڳالهه قبول ڪرڻ ته ٻين مذهبن وارن يا ڀنگين جا ماڻ ملڻ اسان جي لائق نه آهي ۽ ٻئي ڪنهن جي لائق آهي سو ڪلاسي پيدا ڪي قائم رکڻ جو طريقو آهي. اڳي اهڙو ڪراچي ۾ موقعو بيٺو هو، جڏهين مون هڪ ڀنگيءَ کي پاڻ سان گڏ رهايو هو، سا ڳيءَ ميز تي اسان سان گڏ کائيندو هو. نوڪرن اعتراض آندو ته اسين ڀنگيءَ جا برتن ڪو نه ملينداسون. تڏهين مون پاڻ تي ڪجهه عرصي لاءِ اهو ڪم هموار ڪيو هو ۽ نوڪرن کي اها وات به ڏني هيم ته جيڪڏهين توهان پنهنجا برتن جدا رکو ته وس وارا آهيو."

سام هن باري ۾ وڏيڪ چيو: "هيءَ تنگ خيالي هندو قوم جي ضعف جو ڪارڻ آهي. ارمان آهي جو هڪ طرف 'اونچ' ذات وارن ۾ خودي ۽ ٻئي طرف 'نيچ' ذات وارن ۾ هڪ قسم جو ڪم تريءَ جو احساس (Inferiority Complex) يعني پاڻ تي گهٽ وشواس آهي. اڄ ڏينهن تائين اهي ٻئي مرض اسانجي سماج ۾ قائم رهندا پيا اچن. تنهن ڪري اهو بلڪل ضروري آهي ته مان هيءَ ڪم پاڻ تي هموار ڪريان، پوءِ پل ٿون به ان ۾ شامل ٿيءَ."

اهڙيءَ طرح ان ڏينهن جا برتن اسان ٻنهي گڏجي صاف ڪيا. اسانجو رهڻو ته اڳ ئي گهٽو پشيمان ٿيو هيو، پر سام کيس منع ڪئي ته تون برتن نه ملج. آخر ٻئي پيري ان ڇوڪري ٻنا اطلاع ڏيڻ جي برتن وقت کان اڳ ۾ ئي صفا ڪري ڇڏيا ۽ سندس گهڻي زور پرڻ سبب اسان پاڻ ملڻ بند ڪيا.

٩-٣-١٩٥٧ع اڄ مان سام کي منجهند جو پنهنجي حجري ۾ سمهاري ٻاهران وراڻدي ۾ سندس ڪم ڪار لاءِ در اڳيان هڪڙو ماڻهو ويهاري، پاڻ هڪ ساهيڙيءَ جي گهر پنهنجا ڪجهه ڪپڙا سبڻ لاءِ ڪٿي ويس. ٿوري دير بعد اهو ماڻهو مون ڏانهن آيو ۽ چيائين ته دادا اوهان کي سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته ضروري ڪم آهي، تنهن ڪري جلد اچو! مان

انتظار ۾ تڪڙي تڪڙي موني آيس، ڇا لاءِ جو منجهند جي وقت ڪم ڪرڻ تہ ٺهيو پر سام گهر ۾ ڪو آواز بہ پسند نہ ڪندو آهي. مان جيئن ونس آيس تہ ڏٺم تہ هو ليٽيو پيو آهي پر ننڊ ڪا نہ ڪئي اٿس؛ ڳالهائيندي پڇيم: "خوش تہ آهيو،" تہ پاڻ چيائين: "تون ڏس؛ مون کي تہ خبر ڪا نہ ٿي پوي."

مان ڪجهہ ڏکي ويس، پر سام جلد چيو: "پيو ڪجهہ ڪونہ آهي، فقط اهڙا اهڙا خيال پيا اچن جو پاڻيان پڻ و تہ پوري سمجهہ ۾ آهيان الاجي نہ! اڄ اهو مون وٽ آيو جنهن کي گذريل دفعي موٽائي ڪڍيو هيوسون؛ جيڪو اڳي ۾ ڪئين پيرا مونوٽ آيو آهي، پر گذريل ٽورن سالن ۾ سڄهن ڪو نہ ڏيکاريو اٿس."

مون کي ڳالهہ پوري سمجهہ ۾ نہ آئي؛ ڳالهائيندي پڇيم: "ڪير آيو هو؟"

سام چيو: "جڏهين ۱۹۰۳ع ۾ ٻاهر گهمڻ نڪتا هئاسون، تڏهين توکي ياد هوندو تہ اوچتو هڪ خيال پيدا ٿيو هو؛ توهان کي چيو هيم تہ پيا ڪم ڪاريون ڦٽا ڪري ان آواز جي ڪري وڃجي؛ ديسان ديس رڻن ڪري ڪٿي هڪ آشرم يا ڪو مرڪز ڪم جو استاپن ڪجي. سا ڳي زور شور سان اڄ وري اٿيءَ نموني جو آواز آيو، جنهن کي پنهنجي هڪڙي ۾ "ايشا جا آواز" ڪري سڏيو اٿم؛ اهو هڪ جڏهو سمجهہ يا جنون يا ڪتاب سمجهہ يا جيئن هڪ خيال صورت ڌاري چئو ٿي اچي!"

ڪي پنگين جا ڇوڪرا روز اسان وٽ ايندا آهن. سام انهن جي تعليم لاءِ سندن وڏن کي سمجهائيندو ايندو آهي. اهي ڇوڪرا گهڻو ڪري بيگانا؛ ميرن ڪپڙن ۾ نظر ايندا آهن. اسان کي سندن حال تي ارمان ٿيندو آهي. هو يا ننڊيئي ٻهاري وغيره صفائيءَ جي ڪم ۾ لڳي ويندا آهن يا تہ جوئابازي ۽ ٻين خراب ڳالهين ۾ مشغول هوندا آهن. اسين انهن کي وڏن ڏينهن تي پاڻ وٽ گهرائي ڪجهہ ڪارائي ۽ خرچ ڏيندا آهيون. هينئر تہ ايترو [illegible]

يا [illegible] دادي [illegible]

اچن. اڄ جيئن سام وٽي سمهيو تيئن هنن منهنجي پر پٺ "دادا" "دادا" ڪري رڙيون ماري زور سان پيهي سڏ ڪيا.

وڏيڪ سام هن باري ۾ پنهنجو احوال هن طرح مونکي ٻڌايو:

"ڇوڪرن جڏهين سڏ ڪيا، تڏهين ڀرڀرائين ته مون تنهنجي ٻنهوالي ڪي ڇيو ته هن مهل مونکي ڇڏيون ۽ ڇڏيون ته شام جو اچن. پر تنهن اچڻ بدران اهي خيال اٿندا ويا ته هي ويچارا ڇو پيا هيئن نڏڪا ڏين؟ جي سندن وڏا ڪجهه ڪو نه ٿا ڪن ۽ نڪو شهر ۾ سندن سڪيا جي لاءِ بندوبست آهي، ته ڇو نه اسين ڪجهه انهن لاءِ ڪريون؟ اهو خيال ڪري وري ٻاڻ ڪي ڇيم ته ڇڱو: آرام جو وقت گذري ته پوءِ مون سان رٽ ڪجي! پر آرام اڄ ڪيئن ٿي مليو؟ خيال ويو زور وٺندو ۽ آخر ٻاڻ کي چوڻ لڳس: توکي شرم نٿو اچي؟ آرام ڇا جو ٿو ڪرين؟ ڇو نه انهيءَ سٺي خيال کي هينئر ئي عملي جامو پهرائجي؟ جو ڪم ڪرڻو آهي، سو هتي ۽ هينئر ئي شروع ڪر! ڇا اڳيان ڪافي وقت ڪو نه گذريو آهي ۽ هن اوسنا ڪان پوءِ باقي ڇا طاقت تو ۾ رهندي ڪنهن ڪم ڪرڻ جي؟ اهي عذر به ڪوڙا آهن ته هت اسان جو ڪم هلي نه سگهندو يا جيستائين پنهنجي ٻين سنساري ڪمن ۾ همٿ آهي تيستائين ٻڌ نن ٽان آجو ٿي ڪجهه ڪري نه سگهبو. اي سام! تنهنجي لاءِ هيءَ ڳالهه مشڪل ڪا نه آهي، تو وٽ ذات پات يا مذهب جو ڀيد نه آهي، اهو تنهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي، جو تون هيوا جي ڪم ۾ ڪتب آڻي سگهين ٿو. ملڪ جي سياست سان پڻ واسطو نه رک! اهو عذر به پورو نه آهي ته پيا ساٿي ڪو نه آهن. اکيون پٽ ۽ ڏس ته چوطرف تنهنجي لاءِ اڳ ۾ ئي ساٿي ڪٺا ڪيا ويا آهن. "چمنو" (موهن) جيڪو اسان وٽ رهندو آهي (جيتوڻيڪ سندس پتاڪي هت جدا گهر آهي)، صوفي صاحب، مسٽر اسٽوئرٽ (جو پڻ ڏهن سالن کان تو وٽ آهي) ۽ تنهنجو پڙهيل ٻنهوالو ۽ سڀ ڪان اڳ ۾ ساٿي [illegible] سڀني جا سمجهه، ته ماستر آهن.

تون ڪم شروع ڪر، وڏيڪ انهيءَ مان ڇا نتيجو نڪري، تنهن جي چنتا تون نه رک!"

سام چيو: "اِهي آواز ويا وڌندا ۽ ڪئين صورتون منهنجي اکين اڳيان ڦرنديون رهيون. اسڪول جي شروعات ڪيئن رٿون، رانديون، ڪم، پروگرام وغيره خيال ۾ ويا ليکبا ۽ هڪ ننڍو پرتگيا منتر اڄ جي ڀرئين سبق طور هريجن ٻارن کي سيکارڻ لاءِ خيال ۾ ٺهي آيو جو هي آهي:- پڙهينگي، لکينگي ستنتر رهينگي، اور شيوا ڪرينگي."

تنهن ڪانپوءِ سام ڇوڪرن کي ماڻهو موڪليو ته ٻاپي اچو. پوءِ مون ڪي هڪ اڳي پڇي ويل ننڍي نوڪر جا ڪپڙا ڪڍي ڏنائين جن مان ٿوري ڦير گهير سان مون پنج ڪڇا ۽ ڪجهه گنجيون وغيره ڪلاڪ ڪن ۾ ناڪا هٽي تيار ڪري ڏنا. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اڳ ۾ ئي اچي ويا هئا، سي ڀريائين ته "ٻئسا" "شيءِ" ڪندا رهيا، سام کين چيو ته پئسا ۽ شيون ٻه ونڊدا سون، رانديون به کيڏندا سون، ناچ به ڪندا سون پر حال اچو ته سڀئي هڪ پرتگيا ڪريون! پوءِ جلدئي اسان جو گهر آن پرتگيا منتر سان گونجڻ لڳو. "چمنوءَ" کي به سام نند مان آڏاريو ۽ چيائينس ته تون به هڪ ڪلاس وٺ.

ڀرئين ڏينهن خاص ڪم اهو هو ته ڇوڪرن کي ڪنهن انتظام ۾ آڻجي ۽ صفن ۾ ويهارجي. آن منتر ياد ڪرڻ جي کين مشغولي ڏيئي، گوڙ شور بند ڪري. ٿوريءَ دير بعد ان ڪم ۾ ڪامياب ٿياسون، پوءِ سام کين سڪول جي آرنڀ بابت ٻڌايو. تنهن کان پوءِ جن جا ڪپڙا ميرا هئا، انهنکي مٽائي تڪڙ ۾ ناهيل پيا ڏنا سين ۽ سندن اصلوڪا ڪپڙا سام ۽ مون پاڻ ڌوتا. ٿوري دير بعد انهن ۾ هڪ ڇوڪري کي اهڙو احساس ٿيو جو چيائين ته اوهان ايتري تڪليف نه ڪريو، مان تو پاڻي ڏيندو وڃان ۽ ڪپڙا ڌوئاريان. کين ٻيڪ، ڏيڻ ادران ڪپڙن سڻن ڌوئڻ تي انعام جا انجام ڏنا ويا ۽ جن پرتگيا منتر چڱيءَ طرح ياد ڪيو تنکي به انعام طور ڪجهه خرچي ۽ ٻير ڏيئي ڀرئين ڏينهن ڪلاس بند ڪياسين. سام مونکي چيو:

"هي، اڄ پنهنجي آشرم جي هڪ شروعات سمجهه ۽ اڄ ڪانپوءِ عملي ڳالهين تي وڌيڪ وقت خرچ ڪيو. تنهنجي ڊائريءَ جو پڻ هاڻي نئون باب شروع ٿيندو، جنهن ۾ عملي ڳالهين جو ذڪر وڌيڪ پيو ايندو."

١٢-٣-١٩٥٧ اڄ اساجي ننڍڙي اسڪول جي شروعات کي ٽيهن ڏينهن ٿيو. هنن ٽن ڏينهن ۾ ڪي ٿورا آزمودا ٿيا آهن جي هت درج ڪرڻ جي قابل آهن:-

هي رولو ڇوڪرا، جي شهر ۾ بيگانن ديون وانگر ڦرندا وتندا هئا، تنکي اهڙو آساهڪ پاڻ جي امان کي امڊ ڪا نه هئي. سام انهن جي ڪن ڳالهين کان متاثر ٿي مون کي اهڙن احوالن نوٽ ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي جي هن ريت آهن:

(١) هڪڙي غريب ڇوڪري پنهنجي خرچيءَ جي ڪُنڊ ڪيل پئسن مان ڪالهه ٥-٦ آنا خرچ ڪري امان وٽ ڳلن جهڙون ڪنديون آنديون. سام ڪيس چيو ته اڳتي اهڙو خرچ نه ڪجانءِ، باقي پهريون دفعو تنهنجون آندل ڪنديون ڪين ٿا موٽايون. انهن مان هڪڙي ان مون کي پنهنجي "ماتا" چئي ڀاتي ۽ پڻ پنهنجي ماستر موهن کي ۽ باقي ڳل ويجهي مندر ۾ وهي چاڙهيائين. مان جڏهن منجهند جو موٽي آيس ته پيا ٻه ڪي ڇوڪرا ڪنديون جهليو بيٺا هئا. مون کين چيو ته اول پنهنجي "دادا" کي يعني سام کي وڃي ڏيو. هو اهڙو ته خوش ٿي نظر آيا جو سڄو وقت شام جو گهرڻي ڪونه ويا ۽ انتظار ۾ هئا ته اسڪول جو وقت ٿئي ته باقي ڪنديون به پڙهائيندڙن کي ڏاني ڪم آئيون.

(٢) انهن مان هڪڙي ڇوڪري کي خاص طور امان جي تڪليف جو ايترو ته احساس ٿيو جو مون جڏهن ٽيهن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي وهنجاري سهنجاري تيل مکي ۽ ڦڻي وغيره ڏني تڏهن انهن مان هڪڙي پرسان اچي چيو: "ماتاجي، مون ٿڪي

هوندين؟ سيٺي کي پاڻ وهنجاريو اٿئي! مان سڀاڻي اڄ کان به وڏي ڪنڌي ڪلن جي وٺي ايندس!"

(٣) ڪلاس پوري ٿيڻ کانپوءِ به هنن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي چپ ٿي ڪانه ٿي آئي. ٿوري دير بعد سڀالجي گهر ڏي هيٺان ٽولا ٺاهي نعرا هيا هڻن، جهڙوڪ: "دادا ڪي جئي!" "ماتا ڪي جئي!" "هريجن اسڪول ڪي جئي!"

شام جو سام جيئن باغ ڏانهن گهمڻ ويو ته خبر پوندي ٿي هو وري باغ ۾ ونس ويا ۽ اتي سڀن ماڻهن جي پرواهه نه ڪري هي رواجي طرح هيسايل ۽ ڏهڻا اڇوت ڇوڪرا گلن وانگر ٽڙي، بي پروا ٿي وڏي آواز ۾ باغ جي اندر سڀهي پرنگها منتر اچارڻ لڳا!

(٤) اڄ سنجهه جو جيئن در کڙڪائي ڇوڪرا اندر اچي گهڙيا، تيئن ڪين سمجهيوسون ته ٣ بجي کان پوءِ ڪلاس شروع ٿيندو، توهان ڏن وقت ڇو آيا آهيو؟ مگر هو وٺي ماٺ تي سڀ اندر ڪاهي پيا ۽ سام جي ڪمري جي ٻاهران اچي ويٺا. تڏهن سام کين ٻاهر نڪري چيو ته ڀائي! جي اڄين ڪندا ته شايد هي ڪلاس ئي بند ڪرڻو پوي. توهان انتظام ۾ رهو ٿي ڪو نه ٿا ۽ هر هر اچي اجايو گوڙ ڪيو ٿا. تڏهن انهن مان ڪي ڇوڪرا پنهنجي ۾ ڪي چوڻ لڳا: "هون، دادا آرام ٿو ڪري، اسڪول ۾ اڄان اڌ ڪلاڪ دير آهي!" پوءِ انهن اڪرن جو اهڙو اثر پيو جو هڪ منٽ ۾ چپ ڪري غائب ٿي ويا!

* * *

اسڪول جي ڪم جو هي احوال آهي:

هي ڪو وڏو اسڪول نه آهي؛ مگر جنهن صورت ۾ اسان جي عملي ڪم جي هيءَ هڪ ننڍڙي شروعات آهي، تنهن صورت ۾ هي ڏاڍا آزمودا هٿ نرت ڪرڻ بجاءِ ڪم نه ٿيندا:

پهرئين ڏينهن تي انتظام ٿي مشڪل سان ٿي رکيوسين. مگر ٽن ڏينهن بعد اڄ اهي آڏر ڏسون ٿا، جن مان سمجهجي ٿو ته هن اسڪول ذريعي ٿورو گهڻو شيوا جو ڪم ٿي سگهندو.

مان ٻارن جون خاڪي ڊريسيون سبي رهي آهيان ۽ آهستي آهستي سليٽن، ڪتابن وغيره جو بندوبست پيو ٿئي. توسان ٿيون ڪانه ڪا مشغولي ڪلاسن ۾ ضروري آهي. في الحال ٢ ڪلاس ڪيا اٿئون. هڪڙو وڏن ٻارن جو ۽ هڪ ننڍن جو. کين مشغول رکڻ لاءِ ڪي ڪهاڻيون، کوڙا، حساب، زباني طرح سيکارڻ ۽ ڪجهه اکرن لکڻ يا پڙهڻ جي شروعات ڪئي اٿسين. ٻن آزمودگار رٽائرڊ استادن آڇ ڪئي آهي ته اسين ٻه ڪلاڪ روز ڏيندا سون.

هي ڇوڪرا ڪيتري قدر پڙهي صالح ٿيندا يا هن ڪوشش جو آخر ڪهڙو ڦل نڪرندو، سو هن وقت چئي نٿو سگهجي. پر ايترو صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن هنن ودياٿين ڪجهه ڪن پرايو ته ان لاءِ نه اهي پر اسين وڏا يعني اسانجي سوسائٽي جوابدار آهي. هن باري ۾ سام جو: "انساني فطرت نيڪيءَ جي ڪم ۾ اتساهه رکڻ جي آهي. انسان جي دل ڪيترو به جهل ۽ برائيءَ جي دز هوندي وچي تڏهن به ٿوري ڏي پيار جي صابڻ لڳڻ سان صاف ٿيو پوي".

هي رولو ٻار تربيت ۽ تهذيب کان ايترو پري نه آهن، جيترو اسين کين سمجهون ٿا. منجهن پيار ۽ فرض جو احساس آهي. هو جلد ئي سمجهي سگهيا آهن ته اسين انهن جو ڀلو چاهيون ٿا. مان اميد رکان ٿي ته جي سنڌ وڏن ڪا رنڊڪ نه وڌي تم سگهيا جي مارگ تي هو چڱو ئي واڌارو ڪندا.

حال في الحال ته رهتن، گهٽين ۽ اسانجي گهر ۾ ٻڙ ٻرتگيا منتر جي ڌوم لڳائي ڏني اٿن:

" پڙهينگي لکينگي، سنتر رهينگي؛ اور شيوا ڪرينگي! "

* * *

١٧-٣-١٩٥٧— اسانجي انيڙي اسڪول جو ڪم ڏينهون ڏينهن سڌرندو پيو وڃي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تعداد وڌندڙ آهي، کين سنان ڪرائڻ جو ڪم واند نه ملڻ سبب مان روزانو

ڪري ڪو نہ ٿي سگهان مگر منهنجي پرهڻ هو سام وٽ ايندا آهن ۽ سندن گهر ڪرڻ تي ڪين ڇاهڻ ۽ ٽوال وغيره ملندا آهن! هو گهٽو ڪري سڀ صاف ٿي اچن ٿا. ان بنسبت سام هيءَ ڳالهہ ٻڌائي: "ڪيترا سال اڳ اڪبر آشرم جي هڪ دوست ڪراچيءَ ۾ اسان کي پنهنجي آزمودن مان واقف ڪيو. هو پنجاب جي هڪ ماڊل ڳوٺ ۾ ڪم ڪندو هو. هن چيو تہ ڪنهن بہ ڳوٺ واري کي جاءِ ۾ اڳ دري ڪا نہ هوندي هئي، پر هن وقت ان ڳوٺ ۾ هر هڪ گهر ۾ هڪ نہ پر ڪيتريون دريون آهن! پهريائين اسين انهن کي گهٽو سمجهائيندا هئاسون تہ دريون هوا ۽ روشنائيءَ لاءِ تمام ضروري آهن پر هو ان ڳالهہ تي ڌيان ڪو نہ ڏيندا هئا پوءِ ڇا ڪيوسون جو ڪجهہ دريون ٺاهي ڪاٺ ٺهرائي مفت ڏورن سمجهو گهر وارن کي هڪ هڪ ڪري ورهائي ڏنيوسين. پوءِ تہ هي کي اچي رس جاڳي ۽ چوڻ لڳا تہ اهڙن بہ پنهنجي گهر ۾ دريون وجهندا سين، جنهن بعد هنن کي سستين درين ٺهرائي ڏيڻ جو بندوبست ڪري ڏنوسون ۽ هو خوشيءَ سان ٿورو خرچ ڪري دريون وجهائڻ لڳا."

سام وڌيڪ چيو: "مٿين مثال مان ظاهر آهي تہ ڪنهن بہ عملي ڪم لاءِ فقط ليڪچر ڏيڻ بس نہ آهي پر قرباني ڪري، تحمل، ڌاري ڪي قدم کڻجن ۽ جلد تڪجي نہ پنجي."

پي وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ اها ڏٺسون جو اڄ ڪيترا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجي گهران پڻ وهنجي آيا هئا ۽ ڪپڙا اڇا پيا هئن جي خوشيءَ سان اسان کي ڏيکاريائون ٿي ۽ جڏهن اسڪول بند ٿيڻ وقت اڳ ڪهن پيڙا، ڦلا وغيره ملندا هئا، تڏهن هو ڏاڍو گوڙ سچائيندا هئا، اڄ سام ڪين پرسان وبهاري منجهن سومان جو خيال ڦوڪيو ۽ ڪين چيائين تہ توهين ڪو بيڪاري ڪو نہ آهيو، توهين وڌيارٿي آهيو ۽ وديارٿيءَ کي سومان سڀ شئي کان پيارو ٿيندو آهي. تنهن ڪري اهڙي هلت ڪئي ربو

جيئن توهان کي ڪو گهٽ ڪو نہ سمجهي ۽ اهو ثابت ڪريو تہ هريجن شاگرد بہ صاف ۽ ستٿرا ٿي سگهن ٿا. تنهن بعد اهي ننڍا ڇوڪرا بلڪل منتظم ڍنگ ۾ آيا ۽ شڪي وٺي تمام سٺي نموني گڏجي سڪول جو پرتگيا منتر اچاريندا هليا ويا.

*　　　*　　　*

سام کي ڪيترن ڏينهن کان هڪڙي ڏند ۾ ڪجهہ سور رهندو آهي. هن ڇيو تہ گهڻو وقت غافل رهڻ ڪري ڊاڪٽرن جو ھينگر راهو آهي تہ سوراخ رگن تائون پهچي ويو آهي. تنهن ڪري جيتوڻيڪ ڏند ڍنگ ۾ مضبوط آهي تڏهن بہ ڪڍائڻ گهرجي. اهي ڳالهيون ڪندي شرير جي ناسونت هئڻ تي ڪجهہ گفتگو هليو ۽ سام چيو: "ڏسو آتما ڪيترو نہ شرير جي ڏک وٺي ٿي ۽ شرير تي آتما جو وري ڪيڏو نہ اثر رهي ٿو! ڪنهن سور يا آزار پيدا ٿيڻ تي ڪيڏانهن ٿا وڃون ڏيڻ ۽ اهڙيءَ خيال جي ڀيڪ نڪتاڻيءَ جا؟ ۽ فقيري اها نہ آهي تہ فقير جي شرير ۾ ڏک پيدا ٿي نہ سگهي، جا ڳالهہ بالڪل اسنڀو آهي؛ مگر فقيري اِن ۾ آهي تہ ڏک سک اندر آتما کي اڻ اثر ڪجي؛ پر ڏک ۾ ڏانهون بہ ڪريون ۽ سور جا حيلا علاج بہ ڪريون، پر جسم ۽ هن ٻروني زندگيءَ جي فائدي جو ويچار ڪم ڪريون.

اساجي هڪ ڇوڪري چيو: "جيڪڏهن هي شرير سچ سچ ناسونت آهي تہ پوءِ هڪڙي ڏند جو ڇا لاءِ ايترو اوهان خيال ڪريو ٿا ۽ ان تي ايترو خرچ ڪريو ٿا؟"

سام چيو: "شرير جي ناسونت هجڻ جي معني اها نہ آهي تہ ان کي غفلت ڪري يا ڇاٽي واٽي پاڻ ناس ڪجي. اهو خيال ڪوڙي سنياس جو آهي جو آپ گهاتڪ لڳي ٿو. شرير کي شرير سمجهو يا آتما جو هڪ اوزار سمجهو يا مالڪ جو هڪ مندر سمجهو، يعني پاڻ کان الڳ سمجهو، پر تڏهن بہ ان جي صفائي اُهين ضروري آهي جيئن ڪنهن مندر جي صفائي؛ اهو آتما جو

سنڌر آهي. اهو اوزار آهي جنهن جي تيزي ۽ تڪائيءَ تي اسانجي آتمڪ اڀياس جو مدار آهي. شرير جي پرداخت جو به هڪ ڀوڳ آهي، جنهنکي هٺ يوگ چون ٿا. جنهن کي ان جي ڄاڻ نه آهي تنهن کي ڪرم ڀوڳ يا راج ڀوڳ جي ڄاڻ پڻ مشڪل ٿيندي."

وري ڪجهه عرصي بعد سام چيو: "ارمان آهي جو ڪيترو ڀاڱو انسان جي زندگيءَ جو اڻڄاڻائيءَ ۽ غفلت ۾ گذري ٿو. جيتر انسان جي سمجهه سالم ٿئي ٿي تيتر سندس جسماني طاقت گهٽي ڀاڱي گهٽجي وڃي ٿي. هن ڏند جي ڪئونيءَ وانگر سمجهو ته ڀيا به ڪي ڪاٺ شرير کي گهڻو وقت اڳ لڳا هوندا. انسان کي انهن جي سڌ بروقت نٿي پوي، ڇا لاءِ جو انسان جو عقل سندس حياتيءَ ۾ ٿورو ڀاڱو والاري ٿو. گهڻو ڀاڱو سندس زندگيءَ جو بنا سوچ ويچار جي گذري ٿو. پر اها خالق جي جوڙ اهڙين آهي. ان تي اسين ڪهڙو نڪته چيني ڪريون؟ شايد اڏين نه هجي ته انسان پنهنجي خالق کي ئي وساري ڇاڻ کي امر ٿاڻت ڪرڻ جي ڪري تنهن ڪري سندس سمجهه تي حدون پيل آهن.

ڇوڪري پڇيو: "سائين ڪڏهن تو ماڻهوءَ جو عقل سالم ٿئي ۽ ڪهڙي عمر تائين انسان چنچل ٿو رهي؟"

سام چيو: "انهيءَ سوال جو جواب سڀ ڪنهن لاءِ هڪجهڙو نه آهي پر گهڻو ڪري چاليهن سالن تائين انسان اڻٿرو يا عقل ۾ اڻ پورو رهي ٿو ۽ چاليهن سالن کانپوءِ جڏهن شريرڪ ٻل، جوش يا جذبو ڪجهه گهٽ ٿئي ٿو تڏهن ئي عقل سالم ٿيندو نظر اچي ٿو. اٿين نه سمجهڻ کپي ته اها قدرت جي ڪا چوڪ آهي، ڇا لاءِ جو انهن اڻٿراين ۽ ننڍ پڻ جي آزمودن مجهان ئي ته عقل جو واڌارو ٿئي ٿو. جيڪڏهن ماڻهو بر وقت ئي اهڙي سالم سيائپ ڏاري ته شايد اهي ضروري آزمودا زندگيءَ جا هن جي نصيب نه ٿين، جن مان احساس سڪتي يا انتر گيان ۽ پرم پيدا ٿين ٿا. اهي ٻالڪپڻ جون اڻٿرايون ئي آهن، ۽ اهي توڪل ۽ هوڙيائيءَ

وچان مشڪلاتن ۾ ڪاهي پوڻ جا آزمودا ٿي آهن، جن مان آخر گيان ۽ پريم پيدا ٿئي ٿو. هينئر ڪيترين ڳالهيون جيڪي ننڍ پڻ ۾ ڪوون معنيٰ سي غلط ۽ ناضروري نظر اچن ٿيون مگر انهن جي ڪرڻ کانسواء ڪيئن ايترو ماڻهو سمجهو ٿي سگهي ها؟ حقيقت هيئن آهي ته جا شيء قادر جوڙي آهي سا پنهنجي جاه تي پوري ۽ ضروري آهي. انسان پنهنجي تنگدليء مان پنهنجي زندگي ٻيءَ خلقت کان الڳ سمجهي ٿو. مگر ائين نه آهي؛ هو هن سموري اتپتيءَ جو هڪ ڀاڱو آهي ۽ اهو انسان جو نقط ايمان آهي جو پاڻ کي ٻيءَ مخلوقات جو مالڪ سمجهي. نه، ائين هرگز نه آهي ته انسان لاء نقط هي جڳ ٺهيو آهي!

” پلا ڏس، انسان چوي ٿو ته مڇر ماريون جنهن لاء فلٽ (Flit) ۽ ڊيٽال (Dettol) جوڙي اٿس! ان نموني مڇرن کي يا جيوڙن کي ڇو نه گهٽايان؟ پر قدرت انهن مڇرن ۽ جيوڙن کان به ساڳي نموني انسان کي مارائي ڪنهن حد اندر رکي ٿي، نه ته جيڪر هي ”اشرف المخلوقات“ ٻيءَ ڪنهن ساهواري شيءَ کي مشڪل رهڻ ڏئي. تنهن مان سمجهڻ کپي ته انسان به ان اتپتيءَ جي راند لاء نقط ايترو ئي ضروري آهن جيترو ٻيا جانور، جا ڳالهه قدرت کي وڻي آهي سائي ٿئي آهي. هيءَ ايشور جي ليلا آهي جنهن ۾ پاڻ کي نا چيز يا ناسونت سمجهي به ان ۾ ڀاڱ ونڻو آهي؛ ڏک سک به ان ليلا جو خود ڀاڱو آهن. “

موں چيو: ” ائين چوڻ سهنجو آهي، مگر ڏک سک ۾ سمان رهڻ اهنجو آهي. “

سام چيو: ” سا ڳالهه برابر آهي پر سمان رهڻ توڙي مشڪل هجي، ته به اهو هڪ اونچ آدرش سمجهه. اهو هڪ ئي مارڳ سچي آنند پائڻ جو آهي؛ ڪيتري قدر ان ۾ ڪامياب ٿيون ٿا، اهو پنهنجي ڪوشش يا ڀاڳ جي ڳالهه آهي. “

ڇوڪري وري ڪي ٻيا سوال ٿي پڇيا جڏهن سام چيو:

"گهڻي ڀيرا ۽ گهڻو بحث مباحثو ضروري ئي نه آهي. ڪڇ ٻڇجي ڪڇ نه به ٻڇجي، جو اهو ڀاڳو ماڻ مان معلوم ٿي سگهي ٿو. گهڻو عقل ۽ وچار کي دوڙائڻ بيڪار آهي؛ ايترو کائجي جيترو هضم ٿي سگهي ۽ بحث ۾ جڏهن زور وجهي اکرن تي لڳندو آهي ته روح ڳالهه جو هٿان ڇڏي ويندو آهي. تنهن ڪري ماڻ جو ساڌن به ضروري آهي.

*　　　*　　　*

هريجن اسڪول جو اڳ ذڪر ڪيل آهي. ڪجهه ڏينهن ٻارن کي ايترو چاهه هو جو سڄو ڏينهن پيا اسان جي جاءِ جي طرف ڦيرا ڏيندا هئا. پر هينئر ٻن يا ٽن ڏينهن کان شاگردن جو تعداد گهٽجي اڌ ٿيو آهي يعني ويهه کن ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مس ٿا اچن، تن ۾ به ڪجهه ڀاڱو هريجن کانسواءِ ٻين هندن جي ڇوڪرن جو آهي.

مسٽر ڀالاجراءِ جيڪو شيوا جي ڀاو وچان مفت اچي اسان سان ڪم ڪندو آهي، ان کي سام آئت ڏٺ جي نموني ۾ چيو ته جيتوڻيڪ شيوا جو ڦل ضرور ملندو آهي ته به اسان کي ان جي چاهنا رکڻ نه گهرجي. ڪاميابي ايشور جي وس آهي.

مسٽر ڀالاجراءِ چيو ته منهنجو به اهوئي وشواس آهي. اڄ سام جي ڪلاس ۾ فقط ست ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا هئا. سام چيو: "مون تڏهن به ساڳئي چاهه سان ڪلاس ورتو ۽ جيڪڏهن انهن ستن مان ڇهه پيا به هليا وڃن ۽ باقي هڪ کي ڪجهه فائدو رسائي سگهان ته اهو سموري محنت جو ڪافي اجر ٿي سگهي ٿو. حقيقت ۾ اهي لاها چاڙها هر هڪ ڪارج ۾ پيش اچن ٿا ۽ توڙي جو هتان جا هريجن ڀائي اهڙا ڀڳتي ڀيل آهن جو سمجهن چاهه پيدا ڪرڻ ئي اهنجو ڪم آهي تڏهن به اسان کي پنهنجي ڪوشش هلائڻ گهرجي جيستائين ڪو هڪ به انهن مان ايندو رهي. ڪنهن کي خبر آهي، ته ڏا اسڪول ۽ ڪاليج اسان جي وڏاري يا زندگيءَ

جي ترقيءَ لاءِ ڪيترو ضروري آهن؟ ڪهڙي خبر آهي ته ڪتان کي اڻ سلهائتو لال لڀي پوي! تنهن ڪري ڳولهائوءَ جو ڪم آهي پنهنجي تلاش بنا ٿڪاوٽ ۽ بنا ارمان جي ڪندو رهي".

سام وڏيڪ چيو: "مون کي ته ٻارن جي وچ ۾ ويهڻ، خاص ڪري متفرقه ڪلاس وارن معصوم آتمائن سان گڏ گذارڻ هڪ دعا نظر ايندي آهي ۽ جڏهن حيلا ڪري سندن مغز ۾ اکرن جون صورتون وهاريندو آهيان، جو ڪم رولو هريجن ٻالڪن جي حالت ۾ تمام اهنجو آهي، تڏهن آئون سمجهندو آهيان ته پنهنجي سموري زندگيءَ جي آزمودي، هنر ۽ عقل جي خود اتي گهرج آهي ۽ پرک پڻ آهي. دنيا جي وڏي ۾ وڏي انجنيئر جي هنر يا ڪاريگريءَ واري رمز جي هت ضرورت آهي اهڙوئي پرائيمري ماسترن جو سچ پچ اتم ڪاريه آهي.

* * *

نئي دهري کان ڪار ۾ ٿي موٽياسون ته ڪار جي مالڪ جو ذڪر نڪتو. ڪنهن ٻڌايو ته پنهنجي وزيريءَ جي وقت ۾ ۽ پوءِ عهدن تي رهي ڪري انهيءَ ماڻهوءَ ٣ يا ٤ ڪروڙن جي ملڪيت ٺاهي آهي. مون سام کي ٻڌايو ته هو ويچارو بيمار ٿي پيو آهي ۽ هر سال ولايت دوا ڪرائڻ لاءِ ويندو آهي. مون وڌيڪ چيو ته پئسو جنهنکي آهي اهي علاج ڪرائن ٿا مگر غريب ويچارا ڏڙدي رهن ٿا.

سام چيو: "ڏٺيءَ رت الاجي ڪهڙو حساب آهي؛ شخصي طرح انهيءَ مدبر لاءِ مون کي گهڻي عزت آهي. مگر هي بيماريون زندگيءَ جي طريقي مان ٿي شايد پيدا ٿيون ٿيون؛ ڇنجي ڪٿي ته اهي انهيءَ بي پرواهيءَ جون پيدا ڪيل آهن جنهن ۾ گهڻو عيش يا ڪچت وغيره ڪرڻي پوي ٿي. اهي ڳالهيون هڪٻئي کان الڳ ته آهن ۽ آئون به سمجهڻ کپي ته گهڻو ڏين دنيا کي ڏيڻ يا ڪنهن به شئي جي ڪيڏ گهڻو ڪاهي پوڻ سو قدرت جي قانون

جي برخلاف آهي. دنيا داري ۽ طاقت به ڪنهن حد اندر فائدي واريون ٿي سگهن ٿيون. ڪنهن به شئي جي گهٽائي زهر مثل آهي. پئسي مان سچي خوشي حاصل ڪا نه ٿي ٿئي، نه ولايت وڃڻ مان. خوشي اها سچي آهي جا هر حالت ۾ ساڳهو قائم رکي سگهي يعني من جو صبر ۽ خيال جي صفائي سڀ ڪان اول ضروري آهن" رام وري چيو: "حيانيءَ سان يا ايشور سان رنل نه رهجي، جيڪڏهين ڪي شيون گهٽ نصيب ٿين ٿيون ته ٻيون ڪيتريون شيون اسان کي چڱيون ڏنيون اٿس جنهن لاءِ اسان کي شڪرگذار رهڻ گهرجي گهڻي عرصي کان تنهنجي رک رکڻ ڪري مون به توسان گڏ رک ٿي رکي ۽ اڄ توسان گڏ هي هندائي جو ذڪر ڪائي مان اٿمِ ٿو سمجهان ته اسين عبادت ڪري رهيا آهيون ۽ هيءَ شڪر جو پڙگهو ڪئي رهيا آهيون. اهڙيءَ طرح هر ڪنهن انسان کي ڪيتريون الاهي نعمتون روز عطا ٿين ٿيون. مگر جيڪي خواهشون پوريون نه ٿيون ٿين انهن جي ارمان ۾ اسين مليل نعمتن جو سڙو نه ٿا ماڻي سگهون.

*   *   *

اسان جي نيڊڙي سڪول جا ڪي ڇوڪرا، جيڪي پڇي وياآهن يا روز ايندڙ نه آهن سي ڪن گهڻين ڏي رنج ٿي ٻاهر وڃي اسان کي، مونکي ۽ ٻين پڙهائيندڙن کي ڪجهون گاريون ڏيڻ لڳا.

مون رام کي چيو ته هو گاريون ته ڪٿي اسين سهنداسين پر هنن ڇوڪرن جو سڌرڻ هر حال ۾ مشڪل آهي. رام چيو: "ان تي مون کي هڪ ڳالهه ياد اچي ٿي: گهڻا سال اڳ جڏهن ٻهوبانس مان زمين جي ڪم تي طيب آهس تڏهين شهر جي هڪ غريب ماڻهوءَ جنهن مان منهجو ڪو به واسطو ڪو نه هو، مونکي اچي ستايو ته سندس جاءِ گهر جي قرض ۾ نيلام ٿي ٿئي سا هلي مهرباني ڪري مون کي واڪ ڏيئي ڪئي ڏيو، نه ته مون کي ابڙ شهر ڇڏي وڃڻو پوندو! هن جي رڙڻ تي مون کي قياس اچي ويو ۽ مون وڃي سندس جاءِ تي واڪ ڏنو. سندس شرط اهو هو ته واڪ جو

بيانو جو انڪل سچي رقم جو ٽيون يا چوٿون حصو ٿيندو آهي حال اوهان پيري ڏيو، پر باقي پئسا سان پاڻهي مدي تي ادا ڪندس. مون ائين ڪيو. ٿوري عرصي کان پوءِ خبر پيئي ته هو پنهنجا باقي پئسا ادا ڪري نه سگهيو جنهن ڪري بروقت بياني جا ڏنل پئسا سرڪار ضبط ڪري ڇڏيا ۽ جڳهه جو وري نيلام ٿيڻو آهي. ان ماڻهوءَ جي ستائڻ تي مون حد جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي ان باري ۾ ڏٺو؛ هن چيو ته قانون موجب اهي پئسا ضبط ٿي چڪا ۽ نيلام به وري ضرور ٿيندو.

مون کيس چيو: ” توهانکي خبر آهي ته مون فقط هڪ غريب ماڻهوءَ جي مدد ڪئي آهي، جو وري اهي پئسا پوري ڪو نه سگهندو وچ ۾ اهي پئسا مون کي هرج پوندا. “

هن وراڻيو: ” اها توهانکي خبر نه آهي ڇا ته خير ڪندي هٿ ساڙائي اڇيا آهن؟ “

سندس لفظ منهنجي لاءِ هڪ تلقين مثل هئا. تڏهن مون کيس چيو، ائين ٺيڪ آهي. اهو مون حياتيءَ جو هڪ سبق ڪري سمجهيو جو توکي پڻ ياد رکڻ گهرجي. اڄان انهن رولو پالڪن جي ڪم مان شايد پيا به ڪي گهڻا گل نڪرن جي اسانکي صبر سان برسر ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهين انهن مان ڪو هڪڙوئي سڌي پيو ته اهو اسانجي سڄي پورهين جو ڪافي اجر ٿيندو پر جيڪڏهين اهو مطلب به حاصل نه ٿيو ته به دنيا ۾ چڱائيءَ جو احساس گهٽ ۾ گهٽ وڌندو. مٿين ڳالهه تي ويچار ڪندي سام هڪ ٻي به ڳالهه ياد آئي. چيائين، ته بزار ۾ هڪ واڻيو آهي جو تمام پڪو ۽ بي مروتي آهي، ايتري قدر جو ڪيترا پيرا پنهنجي هٽ تي وڻهاريل چوڪري جو ڏنل سودو به ڦيرائي ڇڏي. مون سان جيڪو گڏ هلندو آهي اهو هن کان ڪجهه خريد ڪرڻ پسند ڪو نه ڪندو آهي . پر اهو واڻيو پنهنجي ڪم لاءِ روز ڪو نه ڪو سوال ڪندو آهي، ڪڏهين ڪا دوا ڏيکاري صلاح

وڌندو آهي، ڪڏهن ڇوندو آهي ته منهنجو تون علاج ڪر! ٻه دفعا هو سون وٽ اچي دوا به منت وٺي ويو آهي. جڏهن هو سوال ڪندو آهي ۽ اتي جو اتي ڳالهه وساري سودي ۾ وري شوخ ۽ بي مروتي ٿيندو آهي، تڏهن مان ائين چوندو آهيان ته ٻلائي ڪرڻ ٿي اهڙي ساٿهوءَ سان جڳائي. ڇا لاءِ جو هن کي ڪجهه سکڻ جي گهڻي ضرورت آهي. انڪري مان کيس خوشيءَ سان دوا وغيره جو ڏس ڏيندو آهيان ۽ دعوت ڏيندو آهيانس ته گهر اچ ته سڀ ڳالهه سمجهائي توکي مان پنهنجي دوا ڏيان."

*　　　*　　　*

١٣-٧-١٩٥٧ع اڄ کان هفتيوار پرارٿنا ڪلاس شروع ڪيل آهي جنهن ۾ خاص ڪري اسان جي هندي سڪول جي شاگردن ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي نينڍ ڏنل آهي. پرارٿنا گيت کان پوءِ جدا جدا مذهبن جي ڪتابن مان مختصر ٽڪرا ڪن شامل ٿيندڙ دوستن پڙهيا، جنهن بعد صوفي صاحب ڇوڪرن کي مختصر وياکياڻ "سچو شاگرد" جي وشيه تي ڏنو ۽ سچو شاگرد جي وصفن جو ذڪر ڪندي چيائون: "سچو شاگرد کي ول صفائي تن من جي رکڻ گهرجي؛ انسان جي حياتيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ ملهائتي چيز سندس دل من آهن؛ اول انهن کي صاف رکڻ گهرجي؛ صاف رکڻ جي معني اها به آهي ته دوئي يا بغض ڪيڏي ڇڏ ڏيئي؛ ڪو به پيڊ هندو مسلمان، اڇوت يا ڪرستان جو نه رکڻ گهرجي؛ جيڪڏهن ڪو اڇوت ڇوڪرو تڪليف ۾ هجي ته انهيءَ کي مدد ڪرڻ اول پنهنجو فرض ڄاڻو ڇا لاءِ جو هن کي سڀ کان وڏيڪ گهرج آهي اسان جي مدد جي."

تنهن بعد سام پنهنجي وياکياڻ ۾ هنئن چيو:" توهان جي اڳيان جدا جدا ڌرمن جي خيالات مان ٽڪرا پڙهيا ويا آهن، تنهن مان سمجهي سگهندا ته اهي سڀ چڱي سکيا ڏين ٿا؛ سڀني ڌرم ۾ وڏا سنت ۽ درويش ملي سگهندا جي چڱا عمل سيکارين ٿا ۽ پريم يا

ڏکيائيءَ جو مارڳ ٻڌائين ٿا. انهن مان ڪنهن ڪان به نفرت ڪرڻ سو آهي پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ، ڇا لاءِ جو اهي سڀئي اسان جي دولت آهن. گهر ۾ جيڪڏهن فرنيچر هوندو ۽ رڌ پچاءَ جو سامان يا ٻيو ڪجهه نه هوندو ته اهو گهر به پورو نه ليکبو. تنهن ڪري گهر ۾ سڀني سک جي لاءِ گهڻن قسمن جا سامان گڏ ڪجن ٿا. اهڙيءَ طرح من ۾ سک جي واڌاري لاءِ ضروري آهي ته سڀ قسم جي خيالات مان واقف ٿي انهن مان چڱائي حاصل ڪجي. تنهن ڪري مان توهان کي چوان ٿو ته هي سڀ درويش ۽ سنت جدا جدا ڌرمن جا اوهان جا آهن ۽ انهن جي خيالات اوهان جي ملڪيت آهي؛ ان مان جوڳو فائدو وٺو."

سام وڏيڪ چيو: "توهين سمجهندا هوندا ته اسين ٻنا ڪنهن مطلب جي وٺا هي ڪم سڪول جو هلايون. مگر اسين سڀ ڪان وڏا لالچي آهيون؛ هيءَ اسان جي ڪنتي ٻا ٻوڪ آهي ۽ توهين ان جا اسرندڙ ٻلا آهيو. اسان اها اميد رکي آهي ته انهن ٻلن کي پاڻي ڏيئي سنجهان ڦل ۽ سٺي قول پيدا ڪريون. اهي قول جي سنسار ۾ سگنڌ ڦهلائن ۽ اهي ڦل جي ڪن ٻڌاين حو راحت پري سگهن. يعني اسان جا ڇوڪرا سگنڌ عملن جي پيدا ڪن ۽ سيوا ڪري پين کي سکي ڪن! تنهن ڪري دوستو، توهان سڀني تي به فرض آهي ته هن ٻوڪ اسان جيءَ جي پالنا ڪريو ۽ توهر پالڪ جوڪي ان ٻوڪ جا ٻلا آهيو، توهين پڻ هوشيار ۽ خبردار رهو، جيئن ڪو به ڪوسو واءُ يا طوفان توهان کي هرج رسائي نه سگهي ۽ پاڻ کي اهڙو مضبوط ارادي جو ٻڌايو جو ڪو به توهان کي پنهنجي راهه تان ٿيڙي نه سگهي."

٢١-٧-١٩٥٤ اڄ هفتيوار پرارٿنا ڪلاس صبح جو ٿيو اسان جي سنڌي سڪول جا گهڻا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ۽ پيا ڪي دوست آيا هن ۾ بلڪل گهڻو اتساهه نظر ٿي آيو. اڳين ٻيو لڳي جيڪي گهڻن سالن جي خراب ٿيل فضا ڪان پوءِ هن هريجن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڦهريون پيرو ٻهار جي هير گهلي رهي آهي. پرارٿنا

ڪلاس ۾ پيا ننڍڙا ٻالڪ ٻه چڱي تعداد ۾ پڙهڻ آيا. ٻه اچرت ڪنيائون پڙهيل ۽ سڌريل ٻالڪن جي ڊريس ۾ بلڪل اتساهڪ نظر ٿي آيون. دستوري پڄڻ، ڪاڻين ۽ جدا جدا ڌرمن جي پستڪن منجهان پڙهائيءَ ڪان سواءِ اسان جي صوفي صاحب ۽ سام ڪيچ اکر ڳالهايا.

صوفي صاحب مسٽر ڊڏيبخش پنهنجي وياکياڻ ۾ چيو ته جيئن مثال طور منهنجي گهر وچڻ لاءِ پنج يا ست رستا هن جاءِ ڪان ملن ٿا تيئن الله کي حاصل ڪرڻ جا ٻه ڪئين رستا آهن؛ گرجا، مندر، مسجدون سڀ ان طرف پهچائي سگهن ٿيون اهو وقت آيو آهي جو اسين پنهنجي عملي ڪمن ۾ ڏيکاريون ته اسان ۾ ڪو ٻه دوئي ڀاءُ ڪو نه آهي. هن سنستا ۽ هن سڪول جي شاگردن کي خاص انهن جڳائي ته هڪ ٻئي ڏانهن ۽ ٻين ڏانهن اهڙو رخ رکن جو سڀ کي پنهنجو ڀاءُ ڪري ڄاڻن. مان جيڪر چاهيان ته توهين جيڪي ٻه اهڙا چڱا ڪم ڪريو يا ٻين ڌرمن وارن چوڪرن يا محتاجن کي جيڪا مدد ڪريو ته اها اسان کي هفتي هفتي هت اچي هن ڪلاس ۾ چڱيءَ طرح ورڻ ڪري ٻڌايو.

تنهن بعد سام چيو: "ٻالڪو، توهان وديارٿي آهيو. وديا جي تلاش ۾ آهيو. هيءُ پرارٿنا ڪلاس ٻه هڪ وديا جو ذريعو ڪري ڄاڻو ۽ پنهنجو سڪول وري هڪ پرارٿنا ڪلاس ڪري ڄاڻو منهنجو مطلب هي آهي ته وديا جي ڳالهه ۾ وڌ ۾ وڌ شرڌا رکي ڪلاس ۾ اچو. وديا هڪ انمول چيز آهي جنهن جي ڳولها توهين نه رکو پر اسين وڏي عمر وارا پڻ ڪريون پيا! وديا هڪ روشني آهي جا روشني اسين سڀ ڪٿي زندگيءَ جي سمجهڻ رستن مان پار پيئي سگهون ٿا؛ اها روشني سڪول ۾ علم رستي پرايون ٿا ۽ هــن پريئر ڪلاس ۾ سنگ ۽ صحبت رستي وڌيون ٿا.

"وديا يا علم ۾ ڪهڙي مراد هئڻ گهرجي ان بنسبت پڻ مان

اوهان کي ڪجهه چوڻ ٿو چاهيان علم فقط ان مراد سان هٿ نه ڪريو ته ان سان پئسو يا پوزيشن ناهيون. برٽش گورنمينٽ جي ڏينهن ۾ اسان جي حڪومت جيڪا وديا ڏيندي هئي ان ۾ پهرياڻين شايد اهو مطلب رکيل هيو ته گورنمينٽ جي ڪمن لاءِ ڪافي انداز ۾ ڪلارڪ يا آفيسر پيدا ڪجن، ورنه اهڙي متا وديا جي نه رکي وڃي ها. اسان جي ملڪ جي سڪولن ۾ هت اڄا به اکري علم تي گهڻو زور آهي. ٻوليون سيکارڻ، حساب ڪتاب سيکارڻ يا هنر وغيره ڪجهه سيکارڻ به چڱو ڪم آهي. مگر اها پوري وديا نه آهي؛ پوري وديا ڇا آهي؟ ان جي لاءِ اسان کي سمجهڻ گهرجي ته انسان ڇا آهي. انسان جو شرير يا جسم سنڀال ۽ پالنا گهري ٿو جنهن جي لاءِ هنر يا ڪارائتا علم سيکارڻ بلڪل ضروري آهن. اهڙي طرح انسان جو من عقل جي روشني گهري ٿو جنهن جي لاءِ پڻ ڪتابي علم ضروري آهي. ان ڪري هي درسي ۽ ٻيا ڪتاب پڙهائڻا پون ٿا ۽ ڪجهه قدر اسان جا سڪول اهو پرت ادا ڪندا رهن ٿا. پر انسان سڀ کان اول روح يا آتما آهي. توهان سڀني ۾ جيڪا آتما آهي انهيءَ جي پالنا هنن سڪولن ۾ ڪا نه ٿي ٿئي، گهڻو اڳ هن ملڪ ۾ استاد کي گرو چوندا هئا، ۽ گروڪلن يا آشرمن ۾ استاد پنهنجي ٻالڪن جي چوطرف نظر رکندا هئا. هو ڪتاب جا سبق پورا ڪرائڻ فقط پنهنجو فرض ڪين سمجهندا هئا. مگر اهڙين ڪوشش ڪندا هئا ته اسانجا وديارٿي قابل، ڪارائتا، ٻڌيوان ۽ لائق انسان بڻن. اڄ ڪالهه سڪول جي ٽائيم کانپوءِ ماسترن کي ڪهڙي ڳڻتي پنهنجي شاگردن جي رهي ٿي؟ هو سڪول ۾ هڪ مشين وانگر ڪم ڪري هليا ٿا وڃن، ڪلاڪن پوري ڪرڻ بعد هو ٻارن ۾ ڪو به چاهه ڪو نه ٿا رکن جئن اڳي گروڪلن ۾ هيو. اسان ڪلاس کانپوءِ شام جو وڏن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي لاءِ ساڻ جا موقعا ۽ هيءُ پرارٿنا ڪلاس ان ڪري رکيا آهن ته توهين انهن مان ڪجهه لاڀ

ونئي پنهنجي وديا پورڻ ڪئي. هڪ پاسي ڪن هنديءَ جو اڀياس توهان لاءِ هندي ساهتيہ ۽ پراچين خيالات جا دروازا کوليندو، ٻئي پاسي ڪان هي سنگت جو نمونو صوفي صاحب ۽ ٻين استادن سان صحبت جي ذريعي مذهبي ايڪتا ۽ فراخ دلي وڌائيندو. اسين جو سڪول جي قائم ڪرڻ پوءِ هن نموني سنگ ڪري رهيا آهيون سو سان اميد ٿو رکان تہ توهان جي دل ۽ من هي اسرندڙ سان لاءِ ٻاڻيءَ جي مثل ٿيندو. توهين شل ان مان پورو لاڀ پرايو، اها آهي اسان جي آشا ۽ پرارٿنا."

* * *

٢٦-٧-١٩٥٧ع - ڪالهہ ڊپٽي صاحب اسان وٽ آيو ۽ ڳالهين ڪندي هڪ آمريڪن ڪرستان جي ڳالهہ ٻڌايائين جو ميٽنگ ۾ عام ماڻهن کي دعوت ڏيندو هو تہ جي ڪو ٻڌڻ چاهي، تہ سان سندس وقت تي ونس ڀانئي وهي عيسائي مذهب بنسبت سمجهائي ڏيان - مون کي فقط پنهنجي گهر جو پتو ڏئي ڇڏيو! هو پاڻ پاڙو خرچ ڪري اچي گهر سمجهائي ڏيندو هو. ڊپٽي صاحب چيو مون ڪائنس پڇيو تہ هن ۾ توهان کي ڪهڙو فائدو ٿئي ٿو جنهن تي هن ورائيو تہ مون کي خدمت ڪرڻ يا ڪجهہ ڏيڻ ۾ خوشي ٿيندي آهي!

ڊپٽي صاحب وڌيڪ چيو: ڏسو، توڙي جو اسان کي هن جي ڪمن لاءِ چاهہ ڪو نہ آهي هو ڪيئن نہ پنهنجو ديس ۽ ان جا سک ڇڏي ڪيتري مفاصلي تي اچي هنن ڏکن ۽ ڪشالن سان هن نموني دل جي خوشي پرائن ٿا! اسان کي خوشي پرائڻ لاءِ گهڻائي عجيب رستا اختيار ڪرڻا پون ٿا، اهڙو من چوندس تہ توڙي جو پادرين جي ڪم تي ڪنهن کي اعتراض هجي تڏهين بہ انهن تہ هر ڪو چوندو تہ هو پنهنجو فرض ڄاڻي اهو ڪم سچ ئي سان ڪن ٿا.

سام چيو: ”گهڻو ڪري جو به ڪم انسان ڪري ٿو سو چڱو ڀانئي ڪري ٿو، ٿورڙي جو ٻين لاءِ ان مان نتيجو چڱو نه نڪري، مثال طور اسان جي ڳوٺ ۾ ٿورن سالن اندر ٧ يا ٨ خون ٿيا؛ مون کي انهن مان هڪ هڪ جي تواريخ ياد آهي ۽ ٻيا به ڪيئي واقعا ٿيا. انهن مان ظاهر ٿيو ته اهي خوني خون ڪرڻ وقت خود ائين پيا سمجهن ته هو هڪ سٺو ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪن ته وڏي قرباني ڪري اهڙي خون ڪرڻ جو ڪم پاڻ تي گويا ٻين جي خاطر هموار ڪيو هو. اڪثر مراد انهن خونن جي اها هئي ته عزت پنهنجي ذات ۽ گهراڻي جي قائم رکجي يا برائيءَ کي سزا ڏجي ۽ پنهنجي پاڙي يا ذات تان بزدليءَ جو ڪلنڪ لاهجي يا ڪنهن بري رنڊيباز ماڻهوءَ جي برن ڪمن کي ان ريت بند ڪجي. البت اسان جي نظر ۾ اهي خوني خود برو ڪم ڪري رهيا هئا، مگر اهو خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته هنن کي ان وقت خون ڪرڻ پنهنجو ضروري فرض ٿي لڳو؛ تنهن ڪري قرباني ڪري ۽ تڪليف وٺي ڪو ڪم سرانجام ڪرڻ، جيئن هڪ پادريءَ لاءِ توهان چيو، سو هروڀرو ساراهه جوڳو ڪم نه آهي ۽ نه وري ڪشالي اٿائڻ سان فقط سچي خوشي پيدا ٿي ٿئي. مان گهڻن پادرين لاءِ شخصي طور عزت رکان ٿو، مگر تڏهين به ائين چوندس ته اهڙو تبليغ جو ڪم گهڻو ڪري چڱائيءَ جو باعث ڪو نه ٿو بڻجي.“

ڊپٽي صاحب چيو ”هت سوال آهي پنهنجي خوشي ڳولهڻ جو ۽ نه ٻين کي خوش ڪرڻ جو. مان ته ائين سمجهندو آهيان ته اها خوشي جيڪا گهڻو جتنءُ ڪري ٿي سا جوڳي سمجهڻ گهرجي ۽ جيڪا ٿورو جتنءُ ڪري ٿي سا گهٽ درجي واري يا اعتراض جوڳي سمجهڻ گهرجي.“

سام چيو: ”اهو اصول هميشه لاءِ ڪارگر نه ٿيندو پر انهيءَ جو مطلب ائين سمجهڻ گهرجي ته سچي آنند واري خوشي هميشه جتندار آهي؛ سا ئي حاصل ڪرڻ گهرجي.“

مون چيو: ”فرض پوري ڪرڻ ۾ خوشي ڇا لاءِ ٿا ڳولهيو؟ فرض ڪندا رهو! جيڪو ڪم ضروري آهي، تنهن کي هلائيندو رهجي پوءِ خوشي انهيءَ ۾ پيدا ٿئي يا ڏک.“

سام چيو: ”اهو اصول ٺيڪ آهي، جيتوڻيڪ اها به ڳالهه وري آهي ته فرض ڪرڻ سان ضرور ڪا خوشي من کي ملي ٿي.“

ڊپٽي صاحب چيو: ”هميشه واري آنند جو سوال پري رکي باقي ننڍي نموني وڏيڪ جتنا ڪندڙ خوشي وڏيڪ چڱي، باڪشالي لوگ سمجهڻ گهرجي.“

سام چيو: ”سائين اها ڳالهه ٺيڪ سمجهي سگهان. حقي خوشيءَ جو سوال آهي اتي گهٽ ۾ گهٽ ايترو ڏسڻ ضروري آهي ته اسان جي خوشي جيترو ٿي سگهي، ٻين جي خوشيءَ کي نه روڪي روز مره جي زندگيءَ جي لاءِ هڪ ڪارگر اصول هيءُ به آهي ته خاص پنهنجي شخصي خوشيءَ لاءِ ڪوبه حد ٺاهڻ ضروري نه آهي، ٿوري جو من جي خوشي چڱي ڪم سان ضرور ملي ٿي.“

* * * * *

٢٨-٧-١٩٥٥ اڄ صبح جو پرارٿنا ميٽنگ ۾ سام شام جي ماڻ وغيره تي ڳالهيون ڪيون جن جو تتسار هيٺ ڏجي ٿو:

شاگردن ڪان سام پرشنن پر ٿي سوال پڇيا جيڙوڪ ڪن جي ماڻ ڇا آهي، پاڻيءَ جو ماڻ ڇا آهي وغيره. پوءِ چيائين: ”جڏهن اس ٿئي يا ڇانوءَ ۾ ڳوڻ ۾ وڌهجي ۽ پاڻي ڪٿان ڳڙڪ ۾ وهجي، ڪاڏو ڏاڍهيءَ ۾ پاڻ جي، تيئن شام يعني ودبا لاءِ پڻ ڏاڍو ضروري آهي! ودبا جو ماڻ شرڌا آهي. شرڌا جي پل ۾ ودبا پابو يعني حڪيم ٿوري کي توهان جا سڪريا ڏيندڙ چون تهن کي عزت سان وٺو ۽ پوءِ پل جچي ڏسو ته ڇا آهي. ماڻ اوهان کي اندر شرڌا رکڻ لاءِ نه ٿو چوان جنهن سوجهه گرو يا استاد جو هرهڪ اکر بنا سوچ وچار جي عمل ۾ آڻيو آهي، مگر اها سچي شرڌا رکو، جاڳيان جي پراپتيءَ لاءِ ضروري آهي. جو ڪجهه

هو توهان کي ڇون سو پيار ۽ عزت مان ونو ۽ اعتقاد رکي ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. پوءِ پل وڏيڪ جاچ ڪريو ته اهو سڀ سچ آهي يا نه.“

وديارٿين کي فهمائش ڪندي وڏيڪ چوايون ته توهان جيڪا چٽچلتا ڪيو ٿا، ان مان ظاهر آهي ته اوهان جي دل ۾ وديا لاءِ پورو شوق نه آهي. ارمان آهي جو اڄ ڪلهه سڪولن ۾ مقرر ڪمن جي پوري ڪرڻ بعد ماستر پاڻ تي ڪا به جوابداري ڪانه ٿا سمجهن هن زماني جي پڙهيارهٽيءَ ڪهٽيءَ جي مثول نمونن ڪري ماڻن کي ڪو وقت ئي پارن جي سنڀال لاءِ ڪونه آهي. نه وري سکيا ڏيڻ جي ڪا لياقت منجهن رهي آهي. ان باري ۾ خاص طور هرٻچن ۽ پون هندن جا پار مان ڏتڙيل ڏسان ٿو، چالاءِ جو اهي خيال جا اڳواڻ، ادي گرو ۽ استاد، اهي پنڪتي ۽ ڏرم ي جيون جا رهبر توهان جا ڏي ويا آهن، جن جو فرض ٿئي ها اوهان جي نگراني ڪرڻ سان توهان کي پڪ ڏياريان ٿو ته توهان جا پالنا ڪندڙ نه فقط توهان جا ماتا ۽ پتا آهن، پر اهي سوسائٽي ۽ قوم جا رهبر پڻ آهن، جن جا اونچ عمل ڏسي توهين جيڪر پنهنجي زندگيءَ جي راهه روشن ڪري سگهو، مگر هن وقت توهان جي روشنائيءَ جا فانوس وسامي ويا آهن هيءَ نديڙي منسٽا اسان ان لاءِ سرپا ڪئي آهي ته هن اهڙي وقت ۾ ڪجهه قدر ان اونائي جي پرتي ڪري سگهون ۽ اسڪولي وديا ڪان سواءِ پوءِ سڀ جيڪي پڻ اوهان لاءِ ميسر ڪريون جنهن سان توهين پنهنجي آئينده جيون اڏي سگهو. مگر هي پورهيا تڏهن سڦلا ٿيندا جڏهين توهان پوريءَ شرڌا ۽ پوري عزت مان وديا جي ڦل پائڻ لاءِ هن نديڙي وديا مندر ۾ هن پرارٿنا ڪلاس ۾ ايندا، سنگتين يا ساٿڙين کي به وٺي ايندا ۽ خود پنهنجي دلين ۾ اتساهه وڌائيندا جنهن کان سواءِ ڪو به ڪارج سڦلو ٿي ڪونه ٿو سگهي.

* * *

١-٨-١٩٥٧ اسان جي گهر ۾ هڪ عجيب قسم جو نولو اچي گڏ ٿيو آهي! جيئن صوفي صاحب چوندو آهي، هيءُ هڪ فقير ٿو نولو آهي! توڙي جو انهن مان ڪي نوڪريءَ جي بهاني ۽ ڪي ٻين بهانن سان اچي گڏ ٿيا آهيون. اڳي ذڪر ڪيل هڪڙو ڇمڻو (موهن) جو پيءُ جي موڪل سان گهر ڇڏي اسان سان اچي رهيو آهي ۽ هت اڀياس ڪندو آهي؛ ٻيو گرڌاري آهي جو ظاهرا پگهار تي مگر حقيقت ۾ ڪنهن آتما جي غرض کان ٿي ويو" ٢٠ سالن کان گهر ۽ مائٽ ڇڏي هت اچي رهيو آهي؛ ٽيون اسان وٽ رهندڙ مسٽر اسٽوئرٽ آهي جو هڪ برميز نيشنل آهي ۽ ٻارهن سالن کان اسان جو مهمان آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا به اسان وٽ قسم قسم جا ماڻهو آهن ۽ تازو ٽين هڪ مسلم مهاجر ڇوڪري ٽوريءَ پگهار تي اچي رهي آهي. سندس چوڻ موجب ٻن سالن کان هوءَ منجهرندي هئي ته مان ڪنهن نه بهاني هنن ماڻهن وٽ (يعني اسان وٽ) وڃان. انهن مان هرهڪ پنهنجي پنهنجي نموني پيار گهري ٿو. مثال طور ڇمڻو هڪ ٻالڪ جو پيار گهري ٿو، گرڌاري ٻالڪ جو پيار به چڪي ٿو ۽ جهوني نوڪر جو لحاظ به گهري ٿو. جيتوڻيڪ ڇمڻو پڙهي ٿو ۽ گرڌاريءَ کي پڙهڻ جو شوق ڪونهي؛ انهن جي وچ ۾ ٿوري ايرشا ٻن ڪجهه قدر ذهن ۾ هئي اچي؛ هڪ مسٽر اسٽوئرٽ کان سواءِ جو بلڪل ٻاڻ ۾ پورو آهي، ٻن ۾ مڙيو ٿي ايرشا رهي ٿي. سام انهن ڳالهين جو وچار ڪندي اج مون کي چيو: "تنهنجو ۽ منهنجو پيار هڪ وهندڙ واهه مثل آهي. ان سان ڪي ست سنگي ٿي ۽ پريمي ٿي، ڪاچڪ پي وهن ٿا. انسان جي دل جي درياهه ۾ ڪا لڪ ڪانه ٿي پوي ڪير به انهان پيس سنائي. مان ته ائين سمجهندو آهيان ته پريم هر صورت ۾ پاڪ آهي.

اهو هڪ اکٽ درياهه مثل آهي جنهن مان پاڻي پيئڻ سان ڪڏهين
کوٽ ڪانه ٿي پوي نه سندس پاڻي ميرو ٿئي ٿو، ان جي وهڪري
جو مطلب ٿي اهو آهي ته پل پهاسي پيا پاڻي پيئن، انسان هجن
يا پيا ساسي هجن؛ وهندڙ پاڻي هميشه پاڪ ٿيندو آهي بيٺل پاڻي
جو هڪ جاءِ رهي ٿو سو ناپاڪ ٿي سگهي ٿو.
پوءِ وهندڙ پاڻيءَ مثل هجي؛ سنجهس ڪادوئي رڪڻ نه جڳائي.

*　　　*　　　*

٤-٨-١٩٥٧ع- اڄ پرارٿنا ڪلاس ۾ پڇڻ ڪرڻ ۽ قرآن، گيتا،
سکمني وغيره جي پڙهائيءَ کان پوءِ سام چوڪرن سان گفتگو
ڪندي چيو: ”اوهان جي ماستر صاحبن کان سواءِ گهڻو ڪري
سڀ هت ننڍا ٻالڪ آهيو جي شايد هنن ڪتابن مان پڙهيل ٽڪرا
يا هن کان پوءِ جيڪو گفتگو ٿئي سو پوريءَ طرح سمجهي نه
سگهو. مگر تنهن هوندي به مان توهان کي چوندس ته ڌيان ڏيئي
ٻڌو ڇا لاءِ جو ڪي اکر ۽ ڪي خيال جيڪي توهان جي اڳيان پيش
ٿين ٿا ضرور توهين سمجهندا هوندؤ؛ اڄ به سڀائي چار پيا اکر ٻڌي
توهين به پنهنجو خيال وڌائي سگهو ٿا. مان جڏهين اتر آفريڪا ۾
هڪ گهر ۾ مهمان طور ڪي ڏينهن وڃي رهيو هيس، تڏهين ان
گهر ۾ ڪو به ماڻهو انگريزي ڪونه سمجهندو هو ۽ مون کي فرينچ
جو هڪ اکر به ڪونه ايندو هو. تنهن هوندي به شام جي وقت
جڏهين سڀ پاڻ ۾ گڏيا هئا تڏهين مان جدا پري ٿي ويهڻ خراب
سمجهندو هيس ۽ انهن دوستن جي وچ ۾ ٿي وڃي ويهندو هيس. سندن
گفتگو ٻڌندي ٻڌندي، آهستي آهستي ڪيترا اکر پڪڙڻ لڳس ۽ آخر ۾
گهڻو ڪري مطلب سندن گفتگوءَ جو ڪڍي ويندو هيس. اهڙيءَ
طرح مون ڏٺو آهي ته اسان جي گهر ۾ گرڌاري انگريزي نه ڄاڻندي
به ڪيترا لفظ انگريزيءَ جا سمجهي ويو آهي. حقيقت هيءَ آهي
ته اسانجي سڀني ٻولين ۾ ڪيترا ڌري گهٽ هڪ جهڙا اکر آهن،
ڇا لاءِ جو چون ٿا ته انسان ذات ٻهريائين جڏهين وچ ايشيا ۾

يا ڪن ٻين جي چوڻ موجب هماليه پهاڙ ۾ پيدا ٿي، تڏهين انهن جي جيڪا ٻيون ٻولي هئي تنهن جو اثر جدا جدا ملڪن ڏانهن پکڙجي وڃڻ ڪان پوءِ به ڪجهه قدر سڀني ٻولين ۾ رهيو آهي. ازانسواءِ انسان ڪي ساڳي دل آهي ۽ خيال جي ڏي وڃڻ لاءِ لفظن کان وڌيڪ احساس جي ضرورت آهي جنهن وسيلي ٻولي ڪتابن جي نه ڄاڻندي به اسين ڪي خيال يا اثر انهن مان وٺي سگهون ٿا. ايتري چوڻ کان پوءِ مان اڄ وڌيڪ ڪجهه توهان سان "وديارٿي ۽ نئين دنيا" جي وشيه تي ٿورا اکر ڳالهائڻ چاهيان ٿو. هت هن شهر ۾ وديارٿين جي زندگي سڪول تائين ۽ سڪول کان گهڻن يا سينيمائن تائين محدود آهي. مگر وديارٿي ٻين ملڪن ۾ ٻين ڳالهين ۾ بهرو وٺن ٿا. مثال طور جتي هتي اڳي هڪ ٻالڪن جي ٻاري هوندي هئي تنهن گهڻو ڪري سڀني مهذب ملڪن ۾ وديارٿين جون پارٽيون ۽ ڪلبون وغيره آهن جي خاص پنگتي ۽ ٻين پروگرامن دواران ۽ خاص رسالن ۽ مهينائن ۾ ٻارن جي کيلن وغيره دواران ٻارن جي تعليم جو دائرو وڌائن ٿيون. لاڳيتي ملڪ هندستان ۾ به اهڙيون ڪيتريون منصتائون برپا ٿيون آهن ۽ اتي جيڪي ڪميونٽي پراجيڪٽس (Communitg Projects) آهن يعني ڳوٺن جي بهبوديءَ لاءِ ڪم چالو ڪيل آهن انهن ۾ به شاگرد بهرو وٺن ٿا.

اهڙي طرح ۱۹۱۸ جي جنگ کان پوءِ تباه ٿيل جرمنيءَ ۾ شاگردن نه رڳو پنهنجن مرادو سڪولن، ڪاليجن ۽ لئبريرين جي اڏاوت ۾ بهرو ورتو پر پنهنجي ماڻهن کي پڻ چاهه ڏياري اهڙن تعميري ڪمن ۾ شريڪ ڪيو. هن جنگ ۱۹۳۹ واريءَ کان پوءِ به ملڪ جي اڏاوت ۾ انهن چڱو پارٽ ادا ڪيو آهي ۽ اسان لاءِ هيءَ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هن ننڍڙي سڪول جي جوڙ جڪ واري ڪم ۾ لڇمڻ، موهن، تولو، ۽ ٻيا شاگرد گهڻو بهرو وٺن ٿا. مان اميد ٿو ڪريان ته انهيءَ رستي توهين وڌيڪ ۽ وڌيڪ چاهه

رکي پاڻ کي ۽ پنهنجي مائٽن کي به ان ۾ شريڪ ڪندا. مون کي افسوس آهي جو اوهان جا مائٽ هن وقت اوهان کي اتي لڳي ۽ اجهي ڏيڻ بعد يا سڪول ۾ موڪلڻ بعد وڌيڪ ڪو دخل توهان جي زندگيءَ ۾ ڪونه ٿا ڏين. توهين اهي آهيو جي ڏهن يا پندرهن سالن کان پوءِ هن دنيا ۾ گهڻن ڪم ڪارين جا مالڪ بڻندا"

اتي سام کن ڇوڪرن کان پڇيو ته توهان جي عمر گهڻي آهي؟ ڪن چوڏهن، ڪن پندرهن، ڪن سترهن ۽ ڪن گهٽ ٻڌائي. تنهن بعد کين چيائين: "ڏهن سالن بعد توهين پنجويهن يا ستاويهن سالن جا بڻندا؛ تنهن جي معنيٰ ته توهين جوان ٿي دنيا جي سڀني ڪمن ڪارين کي سنڀاليندا؛ ڪو ولي عهد يا ڪنهن راجا جو پٽ جيڪو گاديءَ تي ويهڻو هوندو آهي، ان جي سنڀال ۽ تعليم لاءِ ڪيڏي نه اڳواٽ رٿ ۽ تياري ٿيندي آهي. ڇا لاءِ جو ان کي ملڪ جون واڳون سنڀالڻيون پونديون آهن! سان اوهان کي يقين سان چوان ٿو ته توهين ٻالڪ ۽ نوجوان اهي ولي عهد آهيو جي هڪ وقت دنيا جون واڳون هٿ ۾ ڪٺندا. تنهن ڪري توهان جي تعليم ۽ واڌاري لاءِ پورو بندوبست هئڻ گهرجي. پر ان ڳالهه جو ويچار اوهان جي وڏن کي اهان ڪونه آهي. توهان کي نه رڳو وديا يا اکري علم پرائڻو آهي پر پنگتي سماجي يا ملڪ جي ڳالهين مان پڻ ڪجهه قدر واقف ٿيڻو آهي. توهان جي تعليم جو دائرو نه رڳو سڪول تائين محدود هئڻ گهرجي مگر ٻيا پڻ گهڻا نمونا اوهان جي واڌاري جي لاءِ اختيار ڪرڻ گهرجن. هي ننڍڙو سڪول ۽ هي پرارٿنا ڪلاس مان اميد ٿو رکان ته ان اوڻائي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍڙو وسيلو ٿيو. ارمان آهي جو هت فقط هندو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اچن ٿا. سان جيڪر چاهيان ته ٻين مذهبن جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڻ گڏجي اسان سان هت ملائي اها علم جي عمارت کڙي ڪن جنهنجي اسان کي وڏي گهرج آهي. ايشور اهڙي اميدون اسانجون

ڪهن وقت ضرور پڇندو.

* * *

١١-٨-١٩٥٧ع اڄ پرينر ڪلاس ۾ گيتا جي ناڻين اڌياءَ مان پڙهندي ”سام“ ”سڪم ڪرتوم“ اکر تي آيو؛ ان تي وچار ڪندي سام چيو: سري ڪرشن ارجن کي چوي ٿو ته مان توکي اها وديا، اهو گيان ڏسيان ٿو جيڪو ”سڪم ڪرتوم“ آهي، يعني آسانيءَ سان عمل ۾ آڻي سگهجي ۽ جنهن جو ڌٽ ڪرڻ سان سک ملي؛ نه اهو گيان جو ڪنهن خاص حيلي يا مارگ سان ملي؛ ٿو مگر اهو علم، اها وديا هرڪو حاصل ڪري سگهي ٿو، ٻالڪ هجي يا وڏو، انڌو هجي يا منڊو، گونگو هجي يا ٻوڙو، شاهوڪار هجي يا غريب، مطلب ته هر ڪو اهو علم پائي سگهي ٿو؛ ان لاءِ بي - اي يا مئٽرڪ پاس ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. نه اهو فقط خيال جي يا ماڪ جي ليڊرن کي نصيب ٿئي ٿو. ان گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا کپي؟ اهو گيان ڪهڙو آهي؟

سام چيو، ”گيتا جو گيان گوڙهو آهي؛ ناڻين اڌياءَ جي سکيا وستار سان ڏنل آهي جنهنجو مان هت تسمار ڏيان ٿو ۽ نه ترجمو ڪريان ٿو؛ مگر اهو وچار ڪندي ته ”سڪم ڪرتوم“ ڪهڙي وديا آهي، ڪي خيال من تي اچن ٿا جي مان توهان جي سامهون رکان ٿو. گيان اندر جي روشني آهي جو نه ڪنهن ڊگريءَ جي پراپتيءَ سان مگر پريم ۽ شرڌا سان وڌي ٿو؛ مان جيڪر ٻن لفظن ۾ ان گيان جو بيان هن ريت ڪريان: اهو گيان آهي سچ جو گيان؛ اها روشني آهي سچ جي سورج جي روشني؛ سچ جو ابياس ڪريون ۽ سچ لاءِ چاهنا رکون؛ سچ آهي سڀني گڻن جي عمارت جو بنياد؛ جي سچا ٿياسون، سچ حاصل ڪيو سون ته سمجهو سڀ گڻ پاتاسون. هڪ سنت جي ڳالهه آهي جنهن پنهنجي شش کان فقط هي وچن ورتو ته سچ ڳالهائيندس! هو هڪ چور ۽ ڌاڪو هو ۽ ان سنت جي سنتر وٽ ڪان ڊڄو ٿي؛ ڪيس

ڀائين تہ سائين مان پيو سڀ ڪجهہ ڪري سگهندس مگر چوريءَ جو وڪار ڇڏي ڪونہ سگهندس، ڇا لاءِ جو منهنجي سنگت چورن سان آهي تڏهين ان سنت کيس چيو، تو کي جيڪي وڻي سو ڪر پر فقط هڪ پرتگيا ڪر تہ مان هميشه سچ ڳالهائيندس! ان چور اها پرتگيا ڪئي؛ جلد ئي بري سنگت ۾ هوري چوري ڪري ٿو ۽ چوريءَ جو ڏن ڪٺي خوش ٿئي ٿو. هن پنهنجي گروءَ سان اهو شرط ڪيو هو تہ مان چوري ڪندس پر ڪوڙ ڪو نہ ڳالهائيندس. جڏهن ڪانئس پڇا ٿي تہ چوري ڪنهن ڪئي آهي تہ هڪر گهڙي ويو، پر آخر قبول ڪرڻو پيس تہ اها چوري مون ۽ فلاڻن فلاڻن ڪئي آهي؛ جيئن جو سندس ساٿين کي اها خبر پئي تيئن انهن کي بہ اها چوري موٽائي ڏيڻي پيئي؛ آخر ان ريت ڏٺائين تہ ڪا بہ چوري يا دغا يا ٻيو برو ڪم ڪيس ڦٻي نٿي سگهيو. سندس سنگتي بہ ڪانئس پاسو ڪرڻ لڳا؛ جو سچ ڳالهائي انهن کي بہ هو ڦاسائي پيو ڇڏي، ان ريت سچ سڀني وڪارن کي ناس ڪري ٿو ڇڏي ۽ سچ لاءِ پريم رکڻ بہ سڀ ڪنهن انسان لاءِ آسان آهي؛ انڌو يا منڊو هجي؛ ڪو غريب يا شاهوڪار هجي؛ ڪو ودوان يا اڻ‌ڄاڻ هجي تہ بہ هو سچ سان پريم رکي سگهي ٿو؛ ان لاءِ ڪو گيان يا علم يا ڪا پرسجاوت ضروري نہ آهي. اها سچ هي روشني اسان سڀني جو ورثو آهي."

*　　　*　　　*

٢٢-٩-١٩٥٧ع- اڄ لاءِ پريٽر ڪلاس رکيل هو تعداد ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تمام ٿورو هو ساڻن ويهي ويهي سام گفتگو ڪئي؛ انهن مان هڪڙي ڇوڪري ڪن ڇوڪرين جي پيرن صفا نہ هئڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو جو انهن اسڪول جي گلم تي مٽي ٿڦي ڇڏي هئي. سام ارمان ظاهر ڪندي چيو: "افسوس آهي جو پريٽر ڪلاس جهڙي پوتر موقعي تي بہ صفائي رکي نہ ٿي وڃي.

"مان مذهب جي وچ ۾ پيٺ نہ ٿو ڪريان، پر ڏٺو اٿم

۽ خاص ڪري سنڌ ۾ اسانجا هندو ڀائر پنهنجن ٽڪاڻن ۾ پورو انتظام ڪو نه رکندا آهن؛ (اڇوڪي ميٽنگ ۾ سڀ هندو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هيون). هندو ذاتيءَ وارن جو پراڻين طريقو ڪو ڀيو هوءِ هينئر ته ٽڪاڻن ۾ ۽ مندرن ۾ جڏهين ڪي سڙ ٽين ٿا تڏهين نه ويهڻ جو پورو انتظام ڏسجي ٿو ۽ نه پرشاد جي ونڊڻ ورهائڻ جو. نه رڳو پرشاد صفائيءَ سان ورهايو ٿو، ٿو وڃي پر ان جي وراهست ۾ ڪي ماڻهو ٻڪين وانگر هٿ ڊگهيڙي گهرندا آهن ۽ پروگرام جي وچ ۾ ساوا پاڻيڻ ٻڌڻ جي وصولي ڪري ارداسون پڙهن ڏيڻ حون يا منوڪامنائن پوري ڪرڻ لاءِ ڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن انهن حي پيٽ ۾ ڪرسچانن جي ديولين ۾ ڪيڏو نه سٺو انتظام ۽ صفائي نظر اچي ٿي ۽ اسلامي جماعتن ۾ پڻ گهڻي قدر قانون نظر ايندو اٿم. مثال طور نماز پڙهڻ لاءِ صفون ڏاهيندا آهن ۽ نماز تي اچڻ کان اڳ سڀ هرڪنهنکي هٿ منهن وغيره ڌوئي يعني وضو ڪري صفائيءَ سان اچڻو پوندو آهي؛ توهان خاص طور وديارٿي ٿي ڪري هي ڳالهه ڪيو نه ارمان جهڙي ڳالهه آهي. در اصل هي پريئر ڪلاس نه فقط پر هڪ ڪلچر (Culture) ڪلاس ڪري رٿيل هيو، جنهن ۾ سون آشا رکي هئي ته هاڻوڪي جهل جي حالت ۾ خاص ڪري اسان جي حاتيءَ وارا ۽ ڀيا به شريڪ ٿي ان سان اهو ڪجهه پرائيندا جو فقط سڪولي ڪتابن جي پڙهائڻ سان ملي نٿو سگهي، مگر گهڻو وقت ڏاڍيل حالت ۾ رهڻ ڪري ۽ جاتيءَ جي رهبرن جي الڏي وڃڻ ڪري اسانجي شاگردن جا من ستل رهن ٿا؛ سندن وڏن کي اڄ ڪالهه پيٽ گذاري جي معاملن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪو نه ٿو سجهي ۽ ٻنگتي يا آدرشي جذبات جنجي ڪٽي ديل رهي ٿي؛ توهان جي دل ۽ من جي مکڙين کي کولڻ لاءِ ڪو به خاص اپاءُ ورتو ڪو نه ٿو وڃي. جيئن بهار جي هوا ۽ سج جا ڪرڻا گلن جي مکڙين کولڻ لاءِ ضروري آهن تيئن سچو سنگ يا صحبت دل

سن جي مکڙيءَ کولڻ لاءِ ضروري آهي؛ ۽ هي ڪلاس انهيءَ آشا سان کوليو اٿئون ته هت سهڻن ويچارن ۽ سهڻن خيالن جو سنگ ڪري، پرارٿنائون ڪري ۽ گيان ويچار ڪري، اسين اهو ڪجھ حاصل ڪريون جو اسان کي انهي لئي ۽ پيٽ گذاري کان به وڌيڪ گهربل آهي.“

تنهن کان پوءِ سام هڪ پريئر ڪئي جنهن ۾ خاص خيال هي هيو: ”هي پربو، اسان کي ته اها به خبر نه آهي ته ڇا اسان لاءِ ضروري آهي. تو وٽ بکاري ٿي دان وٺڻ اچون ٿا پر اها خبر نه اٿئون ته ڇا توکان گهرون!

تون اهو ڪجھه ڏي اسانکي جنهن ۾ ڀلو هجي اسانجو؛ جو پرائي اسين هيءَ جيون ياترا سڦلي ڪري سگهون؛ جو اِٿي لئي کان به وڌ هن مسافري زندگي جيءَ ۾ اسانجو زاد راهه ٿي رهي!“

*　　　*　　　*

٣-١١-١٩٥٧ع- آرتوار تي پريئر ڪلاس ۾ اسان جي سڪول ۾ جيئن سام پستڪن مان پڙهيو ٿي ته سکمني صاحب پڙهندي آهي ڏکون نڪتيون: ”برهم گياني سدانرليپ جيسے جل ۾ ڪمل اليپ.“ انهن تڪن تي ويچار ڪندي سام هن ريت ڳالهايو: ”هي سنسار هڪ سهاساگر جي مثل آهي جنهن ۾ اميدن ۽ ارمانن جون ڇوليون لڳن ٿيون؛ جنهن ۾ طمع جا طوفان لڳن ٿا؛ انهيءَ ۾ انهڙي ريت رهڻو آهي جيئن منجهس پڏي نه وجهون يعني اهي چنتائون اميدون ۽ ارمان اسان جي آتما ۾ گهري نه وجن، مگر سنساري زندگي هڪ ياترا سمجهي انهيءَ جي دک سک جا ويچار اٿي ٿي ڇڏي، پاڻ کي يعني پنهنجي آتما کي هر حالت ۾ ثابت سلامت رکون؛ ڪمل گل جو ويچار ڪريو: ڪمل گل ڪيئن ڏکهي ڏاڍي ٿيندي آهي جا پاڻيءَ جي تر کان ٿي نڪرندي آهي؛ تلاءُ ۾ پاڻي ڪيترو به وڌي پر گل ان ۾ ڪڏهين ڪين ٻڏي؛ هر هڪ ڇوليءَ سان هو مٿي چڙهندو اچي؛ رهي ٿو

پاڻيءَ ۾ ۽ رهي به نرليپ! اها آهي ريت جنهن سان اسان سڀني کي پنهنجي آتما جي رکيا ڪرڻ کپي؛ هن جسم جي رکيا لاءِ ڪيڏا نه اپاو ڪريون ٿا ۽ ڪوشش ڪريون ٿا ته جيئن ان کي بک ڏک نه ستائي؛ مگر سڀ ڪان اتم شيءِ جا اسين پاڻ سان کڻيو وتون ٿا سا آهي اسانجي آتما؛ افسوس جو انهيءَ جي سنڀال جي اسين ڪا چنتا ڪونه ٿا رکون! مثال طور ڪو اعتراض جوڳو ڪم آهي جنهن ۾ ڪوڙ جي ضرورت آهي؛ ڪو اعتراض جوڳو ڪمائيءَ جو ذريعو آهي جنهن ۾ آتما کي هاڃي رسي ٿي؛ اهڙا ڪيترا ڪم ۽ ارادا اسين روز ڪريون ٿا ۽ جيڪڏهن انهن تي ٻئي ڪنهنجي نظر نه ٿي پوي ته پاڻ انهن کي ڍڪي ڇڏيون ٿا؛ مگر تنهن هوندي به انهن سان اسان کي هاڃو رسي ٿو، ڇا لاءِ جو برائي ڇپي ڍڪيل يا اگهاڙي هجي اها ساڳيءَ ريت هاڃيڪار آهي؛ اچان به لڪ ۾ اها پنهنجو اثر وڌيڪ زهري ڪري ڇڏي ٿي؛ انريت گويا کيس خلاصو ميدان ملي ٿو. تنهن ڪري هي ويچار مان اڄ توهان جي اڳيان رکان ٿو ته سڀ ڪم ۾ پهريائين اهو خيال ڪريون ته انهيءَ جي ڪرڻ سان اسين ڪو آتما جو قانون ته نه ٿا اولنگهن ڪريون؟ نفعي نقصان جا خيال، سک يا دک جا خيال پوءِ رکون ۽ اول اها چنتا رکون ته جيئن آتما اسان جي نرليپ رهي.“

* * *

٢٣-٢-١٩٥٨ع- هتان جو سول سرجن سام جو دوست ٿي ويو آهي؛ سام کيس پنهنجو هڪ ڪتاب سوکڙي ڏيندي انگريزيءَ ۾ اڏين لکيو ته منهنجي ١٩٥٧ جي ٽون هڪ حاصل ڪيل چمز آهين! هو ڪڏهن ڪڏهن اسان وٽ ايندو آهي تو ڙي جو اسين ايترو هن وٽ وڃي ڪو نه سگهندا آهيون. اڄ جنهن وقت هو آيو ته سام سنڌيا جي وقت ڪنڊ ۾ هڪ ٽلڊي تي ويٺو هو؛ ملڻ وقت سول سرجن کانئس پڇيو ته پربهر توهان جي ڪهڙي دستور ٿيندي آهي،

سو مونکي سمجهايو. سام کيس چيو: ”اسين فقط ٻاڻ کي گڏ ڪرڻ يا جاڳائڻ يا سمجهڻ ۽ ڪوجوديءَ ۾ آڻڻ جو ساڌن ڪندا آهيون“

سول سرجن چيو: ”اهو ڇا آهي؟ مون کي وڌيڪ چٽو ڪري ٻڌايو.“

سام چيو: ”گهڻن ڪمن سودائن ۽ حرصن ۾ انسان جو خيال ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو ٿو؛ انهيءَ کي وري گڏ ڪري يا ڏڪوجوديءَ ۾ آڻڻ لاءِ ايڪانت يا شانتيءَ جي ماحول ۾ ويهي ڌيان ڪرڻ هڪ سٺو اپاءُ آهي.“

سول سرجن چيو: ”مون ته ڏٺو آهي، ڪيتري به ڪوشش ڪريو ته انسان جو من ڀيو ڀٽڪي ضرور؛ ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا خيال پيا اچن؛ انهن کي ڪيئن ٿو ٽاري سگهجي؟“

سام چيو: ”اسين انهن کي ٽارڻ جو ساڌن ڪو نه ڪندا آهيون. اهي خيال ۽ خواهشون خود اوهان جي من (Mind) جو ڀاڱو آهن؛ انهن کي تڙي ڪڍڻ ضروري نه آهي. انهن کي ڇڏيو ته پيا اچن، ڪٿان به اچن ۽ ڪيتري انداز ۾ به اچن؛ پر هڪ وڏو ماڻ يا وڏو شوق يا وڏو خيال هجي جنهن ۾ اهي سڀ سمائجي وڃن؛ انهن ۾ خود ايڪتا آڻي آهي. مثال طور ڪجهه سال ٿيا جڏهن مان هڪ آدرشي صورت کي اهو ماڻ ڪري رکندو هيس؛ اها صورت ٻڌ، ڪرشن، ڪرائيسٽ، محمد يا ٻي ڪنهن به آدرشي انسان جي ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ سڀ خيال حرص، صورتون، ماڻهو، زمينون، آڪاش ڌرتيءَ وغيره جا نظارا سمائجي وڃن، يعني ان سان ايتري لڳن هجي. اهو هڪ طريقو ڏڪوجوديءَ يا خيال جي هيڪڙائي حاصل ڪرڻ جو آهي. پر جيڪڏهين اڙو ڪو نقش يا تصور نه به رکجي ۽ فقط پنهنجي خيالن جو ٻاڻ ٿي تماشبين ٿي ويهي ڏسجي؛ يعني انهن کان الڳ ٿي ڏسجي يا انهن کي وساري ڇڏجي يا انهن کي به پيل پنهنجي پنهنجي صورت وٺڻ ڏجي ۽ خاص لڳن ڪنهن سان نه رکجي، يعني تماشبين ٿي انهن کي ڏسجي

ته پوءِ اهي حرص يا خيال پريشان ڪين ڪندا مگر روح جي وڏيءَ هستيءَ ۾ پنهنجي پنهنجي ننڍڙي جاءِ وٺي گم ٿي ويندا."

سام وڌيڪ چيو: "جي توهان کي وڌيڪ چاهه هوندو ته ڪنهن وقت سرلا کي پڙايل اهڙا آزمودا يا درشن جي هن درج ڪيا آهن، سي توهان کي پڙهي ٻڌائيندي."

سون چيو: "ادا، توهان اهي ضرور پڙجو ۽ مان توهان کي ٻڌائيندس ته ڪيئن، ڪيترين ڳالهيون اڳواٽ ان وقت سام جيڪي چيون هيون سي پوءِ پوريون نڪتيون. پر سون پاڻ به ڏٺو آهي ته ايڪانت ۾ ويهڻ سان ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪنهن منجهيل بيمار لاءِ ڪو نئون علاج سجهي ايندو آهي ۽ اهو گهڻو ڪري ڪارگر ٿيندو آهي."

سام چيو: "ان ۾ ڪا ڪرامت جي ڳالهه ڪانه آهي، فقط خيال کي نج ۽ صاف ڪرڻ سان ٿي اهو هڪ تکو اوزار ٿي پوي ٿو. هوندءَ پريشانيءَ ۾ اچي ڪري اهو بيڪار ٿي پوي ٿو ۽ ان جي ڏکائي يا اثر گهٽجي وڃي ٿو."

* * *

۱۸-۲-۱۹۵۸ع- اسين نئين سال يعني ۱ جنوري ۱۹۵۸ تي اڳين پراڻي جاءِ ڇڏي هڪ نئينءَ جاءِ ۾ اچي ويٺا آهيون جا شهر جي هڪ طرف آهي ۽ چوڌاري باغات ۽ هڪ نهر جو نظارو اٿس. سام هت اچڻ کان اڳ ۾ چوندو هو ته نئين جاءِ ۾ ويهڻ به هڪ آسيس آهي، توڙي جو اها ننڍڙي هجي مگر هيءَ جاءِ ته بلڪل ڪشادي، ڏري گيٽ اسان جي طيب واري بنگلي جهتري آهي ۽ جي شهر کان ڪجهه دور آهي ته ان ڳالهه جو پڻ ارمان ڪونه اٿئون ڇا لاءِ جو هت ڪافي ايڪانت ۽ آرام آهن. سون جو ڪيترا سال ڪا هوا جي تبديل ڪا نه ڪئي آهي ته سون کي هت اچڻ سان ڄڻ اها سٺ سٺ هوا جي وٺي وئي آهي، ۽ صحت ۾ سڌارو محسوس ڪيو اٿم هن مٺا سٺا ۽ نئين بهار جي اچڻ ڪري سام پڻ هت اچي ڪيترا نوان شعر لکيا آهن. ازانسواءِ

سندس شعر جو اتارو ۽ سڌارو جو گهٽي ڀاڱي رهيل هو سو هت اچي هٿ ۾ ڪنيو اٿئون؛ هن وڏي جاءِ ۾ گهٽيون تصويرون گهربل هيون ڪجهه تصويرون سري ڪرشن ۽ ٻين ديوتائن جون مليون آهن؛ مونکي پنهنجي نيم انوسار انهن سڀني وٽ وڃي آسيس وٺڻي پوندي آهي؛ منهنجن مديني منور جي مسجد جي تصوير به آهي. منهنجو هڪ اهو به نيم آهي ته انهن مورتين کي نمسڪار ڪري اهو دعا جو هٿ سڀني کان ڦورائي سام کي اچي گهمائيندي آهيان، جيترڪ سام جي سڪيا موجب ايترو به سمجهندي آهيان ته هرجاءِ اهو هڪ ڀڳوان آهي جو هڪ ئي تصوير مان يا ٻئا تصوير جي به ڏيائي سگهجي ٿو؛ مگر هيءَ هڪ منهنجي دل جي وٽندڙ وندر يا ورزش ٿي وئي آهي جا هت تصويرن جي تعداد وڌيل هوندي به پوري ڪندي آهيان. اڄ جيئن اهو هٿ سڀني مورتين وٽان دعا جو ڏيئي سام کي گهمايم تيئن هن چيو:-

”منوا! جيئن تون هڪ هڪ مورتيءَ وٽان دعا ٻني اچين ٿي تيئن مون پنهنجي ڏيان ڪرڻ وقت ڏٺو ته هرهنت رنوءَ جي اثر هيٺ اچي ڪري اڄ توکي هڪ نرالي قسم جي دعا ڪئي آهي. هي وڻ ٽڻ، گل ڦل، زمين، هوا، آڪاش، پکي پسون ۽ ٻيون سڀ صورتون ايشور جون ڏسي انهن کان دعا وٺي ميڙي سيڙي توکي خيالي رستي اچي هت گهمايم ۽ اڄ پاڻ ته جيڪي شيون توکي پياريون آهن سي مون کي به پياريون آهن ۽ جيڪي شيون يا ماڻهو مون کي پيارا آهن سي توکي به پيارا آهن. اهو خيال ڪندي پنهنجي سڀني عزيزن، تنهنجي ڀائرن ڀينرن ۽ پنهنجي ٻارن ٻائرن، دوستن وغيره کي ٻن سڳيون عائون ڏنم.“

*   *   *

٢٥-٤-١٩٥٨ مونکي رات بخار هو جنهن جي اثر هيٺ اچي ڪري ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائڻ لڳس. سام چيو ته اهڙن وقتن ۾ جو ڪجهه ڳالهائجي ٿو سو به گهٽو ڪري بي سود نه آهي؛ پڻ ڪڏهين ڪڏهين حجاب جي پردي يا عقل جي رواجي روڪ

لهڻ ڪري انسان اهي ڳالهيون انهن وقتن تي چئي ٿو ڇڏي جي سندس اندر جو پورو پورو راز ٻڌائن ٿيون. مون جيڪي لفظ ان وقت چيا سي سام چيو ته درج ڪرڻ جهڙا آهن. اهي هن ريت هئا:

مون سام کي سڏي چيو: "خبر ناهي مري وڃان؛ پر اهو توکي ٻڌائڻ ٿي گهران ته منهنجي دل ۾ هڪ اٿاهه ساگر پيار جو آهي جو فقط تنهنجي لاءِ آهي؛ توڙي جو ان ۾ ڪي نانگ بلائون به هجن، ان ۾ ماڻهن سڀن جو ڪو به حصو ڪونه آهي!"

سام چيو: "ائين برابر آهي ته اهي ڪروڙ روپي نانگ بلائون، ننڍيون ننڍيون نفس جون ڇوڙون جي اسين پاڻ اندر ڏاريون ٿا، سي ڪڏهن به ان اونهي ساگر جي مهما گهٽائي ڪونه ٿيون سگهن! انهن هوندي به پريم پاڪ آهي، جيئن دريا جو پاڻي هميشه پاڪ آهي توڙي جو منجهس سڀ پاپ رهن ٿا، توڙي جو منجهس خود مڙدا لڙهندا اچن ٿا. هي هٺ وير پا ساڙ روپي جيوڙا پريم پنهنجي وهڪري ۾ صاف ڪري ڇڏي ٿو. جيئن گنگا جل پوتر آهي توڙي منجهس هزارها ماڻهو هاڻيون ميڙي وجهن ٿا؛ سندس تيز وهڪري ۾ سپ زهري جيوڙا مري وڃن ٿا، اهڙي طرح جي اسان جي دل جو درياهه وهندڙ آهي يعني منجهس جي ڪا عقل جي روڪ ٽوڪ يا ڪو نفس جو وڏو موڙهارو يا دونيءَ جو بند ڪونه آهي ته ان کي مهاڻي ٻن جو ڪو ڊپ ڪونه آهي. اسانجا ننڍڙا تفاوت اسان جي پريم جي پاڪائي ۾ ڪو به تفاوت آڻي ڪين ٿا سگهن."

* * *

سام کي مون ڪالهه چيو: "سام لفظ وارا محبت، حب، حق، وغيره اکرن تي شد ڇو ٿا ڏين؟ مان ته سمجهان ٿي ته ڪا منهنجي حب يا سچائيءَ جي پڪ ٿي ڪا نه ائين، نه ته شد ڏئي زور لائڻ جي جيڪر ڪهڙي ضرورت ٿئي؟ اهڙي طرح 'اول' اکر تي شد مان سمجهندي آهيان ته ڇڙڪ هڪ وهم جو شڪ ٿي پوندا ڪري ان جي اول پٽي ۾!"

سام چيو: "اهو خيال ڏاڍو سڻي دار آهي، وڌيڪ انهيءَ جي سمجهائڻ جي ڪائي ضرورت نه آهي. تون اهو به ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏ، تنهنجي لفظن ۾ حق ۽ پريم جي سچي چاشني سمايل آهي!"

*　　　*　　　*

۲-۸-۱۹۵۸ع- ڪيترن ڏينهن کان اسانوٽ هڪڙو هوميوپيٿيءَ جو حڪيم ايندو آهي. هو راڌاسوامي پنٿ جو آهي، مگر اسان جي ڪيرتن ۽ ستسنگ ۾ اچي ويهندو آهي. رات سندس گفتگو ڪجهه سام سان ٿيو جو هن ريت آهي:

حڪيم: "مون کي مهرباني ڪري پنهنجي ماضيءَ بابت ڪجهه ٻڌايو جو مون ٻڌو آهي ته توهان ولايت به ويا هئا ۽ ٻيون ڪي مشغوليون به اڳي توهان کي هيون."

سام: "ماضي، حال ۽ مستقبل اهي سڀ مٿيا آهن. اسان ته ڪال کي خود مٿيا ڪري سمجهون ٿا."

حڪيم: "ڪال ۾ ماضي مستقبل ۽ حال جا سنڌا ته ضرور رهنا آهن؛ ان کي توهين ڪيئن مٿيا چئو ٿا؟"

سام: "ماضيءَ ۾ مستقبل به شامل هو، ايندڙ وقت جون اميدون ۽ گذريل وقت جا آزمودا سي ٻئي ان وقت واري حال تي اپترو ٿي اثر وجهندا هئا جيترو ڇنجي ڪٽي ته حال جون گهرجون اڄ وهڻ ٿيون آئينده جي رٿن تي. وقت جو وهڪرو به درياه مثل آهي؛ مٿيون ڍڳو ۽ هيٺيون پاڳو سي سڀ وچين ڀاڱي يعني دوڙ سان ڳنڍوڳنڍ هلن ٿا، مگر جيئن درياه خود هڪ وهڪري يعني مٿيا جو نالو آهي ۽ ڪا بمقل مقرر هستي ڪا نه آهي، تيئن ڪال به هڪ مٿيا آهي؛ وهندڙ شيءِ آهي جنهن ڪري انکي سچ پچ ڪا شيءِ نه ٿو چئي سگهجي. منجهس سنڌا رکڻ، سا ته هڪ ڳالهه ٿي عبث آهي."

اهو حڪيم تڏهين لاڳيار ٿي جدا جدا سوال پڇڻ لڳو، انهن واقعن بنسبت جن جي ڪنهن ڪا خبر هئي، مگر انهن ۾ ڪا خاص

ڳالهه درج ڪرڻ جهڙي ڪانه هئي.

*　　　*　　　*

٣-٨-١٩٥٨ع- هي اونهارو اسان وٽ سخت ٿيو آهي. ايتري قدر جو اسپتال جي ڪم ڪان پوءِ مشڪل پيو ڪو ڪم هٿ سان نڪري ٿو. سام هميشه وانگر قريبا ٻه مهينا لاڙڪاڻي ڪان ٻاهر يعني هندستان ويو هو. انهن سڀن ڪري گهڻو ڪجهه لکي ڪونه سگهي آهيان؛ ورنه اسان وٽ ته هميشه نيون، نيون، ڳالهيون سام ۽ ٻين جي گفتگوءَ سان ۽ نوان نوان خيال ۽ راڳ يا شعر پيا روز پيدا ٿين. هڪ نئين ۽ سٺي دل کي وڻندڙ ڳالهه هن اونهاري جي اها هئي جو ڪيرتن وغيره وڏي اوج کي رسي ويو ۽ ڪيترا هريجن ڀائر، سريلا ڳائيندڙ ۽ ساز وڄائيندڙ اچي شامل ٿيا. پيا ساڌو به آواز ٻڌي ڊڪندا متي هليا پيا اچن؛ ان نموني وقت گهڻي وندر ۾ ٻي گذريو ۽ اڃا پيو گذري. هوڏانهن جيتوڻيڪ اسانجي نئين جاءِ هريجن ڪالونيءَ ڪان پري هئي، سبب، هريجن سڪول وارو ڪم پٺتي پئجي ويو آهي تڏهن به انهن ڀائرن جي شيوا لاءِ ٿوري گهڻي ڪوشش جيڪا اسان ڪان پڄي آهي سا ڪئي اٿئون. هڪ هريجن ڇوڪرو سلهه جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو ۽ مرڻ جي ڪنڌيءَ کي ويجهو ٿي ڏيکاريو. سام سندس گهر وارن کي اتساهه ڏياري علاج لاءِ تيار ڪيو ۽ مهيني ڏيڍ جي عرصي لاءِ اسان سڀني جي ڪوشش جو نتيجو اهو ٿيو جو ڇوڪرو خوش ٿي پيو ۽ ڏورن مهينن ۾ وري پنهنجي ڪم تي وڃي چڙهيو. سندس ماءُ ته چوندي هئي ته هن تي سنهنجو ڪوبه حق ڪونه آهي؛ هي ڌرهان جوڻي ٿي رهندو. سام جو به مٿس گهڻو پيار آهي ۽ اسين سمجهندا آهيون ته جي هريجن ڀائرن جي ٻي ڪا شيوا مڪمل طرح ٿي ڪانه سگهي يعني جيڪڏهن ان سان پيو ڪو قدم ڪونه کڻي تڏهن به گهٽ ۾ گهٽ اهڙيون ڪي چونڊ آتمائون ضرور اڀي پونديون دوا ۽ ٻارن کي پڙهائڻ جو ڪم ته جاري آهي مگر پڇن ۽ سڀ سمجهي

جي واڌاري ۾، هنن پاڙن جو پڙهڻ ڪان وڌيڪ اتساهه نظر اچي ٿو.

*　　　　*　　　　*

۴-۸-۱۹۵۸ع- هريجن ڪالونيءَ ۾ آتمارام ناالي هڪ ڪم ڪندڙ آهي، جو ٻين ڪان وڌيڪ سمجهو ۽ اتساهڪ نظر ايندو آهي، ڪيتري عرصي ڪان هو پنهنجي دڪانداريءَ وسيلي سنتر نموني گذران لهڻ سان گڏوگڏ اها به ڪوشش ڪندو آهي ته ڪجهه هريجن پاڙن جي شيوا ڪريان، ڇرڪي ٻيا هريجن ڪيس ڪونه سهندا آهن. سام جو به ٻين ڪان وڌيڪ مٿس اعتبار آهي؛ تازو سام ڪيس اها سمجهاڻي ڏني ته نمرتا ڀاءُ ڌارن ڪري، پنهنجي برخلاف جاتيءَ وارن ڪي وچي پرچاءِ ۽ انهن جو ساٿ حاصل ڪر! هن ائين ڪيو، جيتوڻيڪ سندس ڪو قسور ڪونه هو. سام به ساڻس گڏجي سندس برخلاف ڌر وارن وٽ ويو ۽ وچي سندن ڏاهه ڪرايائون مگر تنهن بعد به هو آتمارام سان حسد رکندا آيا. ٻه ڏينهن ٿيا ته آتمارام اچي ان ڳالهه جو ارمان ظاهر ڪيو ۽ چيائين ته مان ڪوبه قدم ڪيتري به شڌ ڀاونا سان کڻان ٿو ته هو ان جي اڏو اچن ٿا؛ ٻيو ته ڏهيو پرهي ننڍڙا ٻار گڏ ڪري اچي ڪين اکر سيکاريان ٿو ته به هو سمجهن ٿا چٽڪ هيءَ ڪا مڻائي آهي جا مان ڪائي ٿو وڃان، ۽ ٻارن کي چون ٿا ته آتما رام وٽ نه پڙهو؛ نه وري پاڻ انهن جي پڙهائڻ جو ڪو تدارڪ ڪن ٿا.

سام کيس مشڪي چيو: "غمگين نه ٿي؛ اهڙو توسان ڪيڏي رهيو آهي؛ هو پنهنجن پيارن کي ٿي ائين آزمائيندو آهي. هيڏانهن دڪان ۾ نقصان ۽ هوڏانهن تنهنجي اڏو اچڻ تنهنجي پاڙن جو، اهي سڀ نشانيون آهن ته هو توکي آزمائي رهيو آهي. اسين پاڻ اهڙي دور مان لنگهيا آهيون. ڪنهن وقت به ڪم ڏڏي جا يا شيوا جا هٽ ۾ ڪٽندا هئاسين ته انهن تي پنهنجي

ٻرادريءَ ۾ ڳوٺ وارا ٺوڪبازي ڪندا هئا، ڪيترا وڇڙا عزيز اسان جي آڏو ايندا هئا پر آخر انهن جو آڏو اچڻ ايشور بند ڪري ڇڏيو. توکي اسان جي هيءَ صلاح آهي ته تون پنهنجي آدرش ۾ اعتقاد رکندو اچ ۽ اکين اڳيان اندريءَ هوندي به ايشور جي طاقت ۾ ۽ سندس پريم جي روشنيءَ ۾ اٽل وشواس ڌار. جڏهن تنهنجو وشواس پورڻ ٿيو تڏهين تنهنجا ڏک پاڻهي دور ٿي ويندا.“

*　　　　　*　　　　　*

۷-۸-۱۹۵۸ع. گرڌاري روز صبح جو سام سان گهمڻ ويندو آهي، ۽ هن کي ائين گهمندي ڪيترا سال ٿي ويا آهن. ڪيس سام سان گڏ گهمڻ جو اهڙو ته مزو اچي ويو آهي جو گهر ۾ ڪم ڪار توڙي جو ڪيترو به ڪرڻو هويس يا گهر کان ٻاهر ڪمن لاءِ وري پوءِ سوين اچڻ تي ڏکڙو ڏوڙڻو هويس، تڏهن به هو سام کي انهيءَ مزي جي ڪري هر ڪائي پري پري وٺي ويندو آهي. سام کيس چوندو آهي ته سـ ـ وري گهر ڪم ڪرڻو اٿئي، ٿڪجي پوندين! پر هو خوشيءَ سان ڪڏهن چوي ته هنن گهمڻ سان منهنجي دل جو گل ٽڙي پوي ٿو يا چوي ته ڪم ڪار سڀ فاني آهن؛ گهر هلي ڇا ڪندا سين؟ ڪڏهن چوي ته ”توهان جيڪي مون سان ڳالهيون ڪريو ٿا انهن سڀني کي سان سمجهان ٿو ۽ جيتوڻيڪ سمجهائي نٿو سگهان؛ جيئن هي ساڪ جا ڦڙا پنن تي ڏسو ٿا ۽ جيئن هي ڪوئڙو پنهنجي ماءُ سان خوش ٿيل ڏسو ٿا ۽ جيئن هو ڪلر ڪتي جي ڪنڌ تي چڙهيل ليٽيل ڏسو ٿا ۽ اهڙي ڪاشيءَ محسوس ڪريان ٿو، پر وڌيڪ سمجهائي نٿو سگهان!“

سام ان بنسبت چيو: ”قدرت جي وچ ۾ رهڻ سان وڏي ۾ وڏو گيان پراپت ٿي سگهي ٿو ۽ اسان ويچهڙ ٿي سنسار جي چڪر

ڪان دور ٿي وڃڻ بعد ازخود آتما کي پنهنجي پرماتما سان معلوم ٿئي ٿي؛ هيئن ٻاهر نڪري اجاين سجاين خيالن کان فارغ ٿيڻ ٿا، هڪ قسم جو پڙدو اسان جي ۽ قدرت جي وچ مان دور ٿي وڃي ٿو.“

اهڙن اثرن جي ڪري اگرچ رات جو ٻه ٿي ڪلاڪ چوڪيءَ جو وارو گرڌاريءَ تي مقرر ٿيل آهي تڏهن به سوير اُٿي گهمڻ ويندو آهي؛ ڪٿي ڪيس سنهو ٿلهو بخار به هوندو آهي ته به هو هميشه گهمڻ لاءِ تيار رهندو آهي. اڄ جو گفتگو سندن وچ ۾ جيڪو ٿيو تنهنجو احوال سام هنريت ٻڌايو:

سام: ”تون اڄ منجهيل چو ٿو لڳين؟“

گرڌاري: ”بس مڙيوئي خيالن ۾ گم آهيان.“

سام: ”خيال کي جهاڪو ٿيڻ نه ڏي؛ ڪا به گهٽ وڌائي سنسار جي يا ٻي نا اميدي جيڪا هجي انهيءَ ۾ اٽڪي ٻيهي نه رهه. خيال بيٺل پاڻيءَ مثل نه آهي پر وهندڙ درياهه مثل آهي. بيٺل پاڻي بدبوءِ ڪڏي ٿو توڙي جو ڪيتري به ان جي سنڀال ڪريون؛ وهندڙ درياهه هميشه پاڪ آهي، توڙي جو ان ۾ ڪيترا ماڻهو وهنجن ٿا، ڪي ديوتيون به لڙهي اچن ٿا يا ڪي بلائون به ان اندر رهن ٿيون. انسان جي اندر ۾ به گهڻيون ئي بلائون آهن؛ پر جي درياهه مثل وهڪرو جاري رکبو، منجهي ڪنهن ڳالهه ۾ اٽڪي ٻيهي نه رهبو، ته اسان جي دل جو درياهه هميشه پاڪ رهندو؛ چنتا جهڙو ٻيو ڳنڍو يا ڳنڍ ڪا نه آهي؛ جئين پاڻيءَ کي چاٻ يا ڳنڍو ڏئي پڻ آهي ڪاٺيءَ جي ڳنڍ. ڪاٺ ۾ ڳنڍ ڪاٺ کي ضعيف بڻائي ٿي، تئين پڻ ڳنڍ وارا به چيڙا رسيءَ جا تنق جي امڪان هيٺ رهن ٿا ۽ اهڙيءَ ريت چنتا جي ڳنڍ به انسان جي جيوت کي بي رنگ ۽ بي طاقت بڻائي ٿي.“

گرڌاريءَ چيو: ”ڪهن چنتا ۾ منجهيل آهيان. مگر ڪو

خيال جو ٽيو ڳوليان ٿو جنهن کي چنبڙي پئجي ۽ پاڻ کي آن سان پڌل رکجي.“

سام چيو: ”خيال انهيءَ جي پيٽ ۾ آتم آهي. اهو هوا جي مثل آهي آن تي اڏندو سئر ڪندو رهي؛ ۽ نه قيد ڪري ان کي پوءِ پاڻ کي ئي عمر لاءِ قيدي بڻائي ڇڏ!“

گرڌاريءَ جو مطلب شايد گرو ڳولڻ جو هيو. پر هن وقت سام جي خيال موجب هو اڃا ڪچي اوستا جو آهي. سندس لاءِ آزاد رهڻ سڀ کان سٺو آهي.

۸-۸-۱۹۵۸ع- ڪجهه ڏينهن کان صبح جي وقت وري اسين سري ڀاڳوت ۾ ’ڪرشن ڪانڊ‘ پڙهندا آهيون. ڪالهه ڪرشن جو جنم شروع ڪيوسين. جڏهن اهو پڙهيو سين ته واسديو ڪرشن ٻالڪ کي کڻي گوڪل ڏانهن روانو ٿيو ۽ درن جا قلف ڪيئن ڪليل نظر آيا ۽ جمنا ندي پڻ ڪيئن رستو ڏنو جو پنڌل وڃي هو ٻار کي گوڪل ۾ پهچائي آيو، تڏهن اها ڳالهه اسان کي سام سمجهائيندي چيو: ”مان توهان جا وهم وڌائڻ نٿو گهران، پر هي ڳالهيون اسيو يعني اڻ ٿيڻ جوڳيون به نه آهن. سرشٽيءَ ۾ سڀ شيون، سڀ جانور، پهاڙ، نديون، تارا، هوائون ۽ اسين گڏجي رهون ٿا. هڪ ئي شڪتي انهن کي هلائي ۽ سنڀالي ٿي. ان ڪري نجومن جي وديا موجب ستارن جو انساني جيوت تي اثر آهي. پر مان ته ائين به چوندس ته هر شيءِ جو هڪ ٻئي تي اثر آهي. ڊپ ۾ رهندڙ ڪوئو اڪثر ڊپ جي رنگ جو يعني سفيد ٿئي ٿو. ساول ۾ رهندڙ ڪيڙو ساوو ٿئي ٿو. اڇي پاڻيءَ ۾ رهندڙ مڇي اڇي ٿئي ٿي، ڪاري پاڻيءَ واري ڪاري. اهو سڀ پسگرداڻيءَ جي اثر ڪري آهي. اهي اهڙا اثر آهن جيڪي اکين کان غائب آهن. اهڙيءَ طرح وڏيون شيون درياهه، پربت، هوائون پڻ وڏن اثرن هيٺ اچي سگهن

ٽيون جي گهڻو دور تي سگهن ٿا ۽ اسان کي ڏسڻ ۾ ڪو نه اچن ٿا. حضرت موسيٰ کي سمنڊ رستو ڏنو جو هو پنهنجا قوم وارا ٽپائي مصر مان وٺي ويو. سا ڳالهه به ناممڪن ڪو نه آهي. تازو هٽلر جي سمي ۾ ڇا ڏٺو؟ لشڪر، هٿيار، مشينري وغيره جي گهڻائي هوندي به هڪ سخت سياري جي نازل ٿيڻ سان هن اها شڪست روس ۾ کاڌي، جنهن جي اثر ڪري وري اٿي نه سگهيو! انهيءَ ٿڌ جي هڪ ڏڪ ان وقت جي وڏي ۾ وڏي مليٽري طاقت کي وري اسرڻ يا ساهه پٽڻ نه ڏنو. هڪ مغل بادشاهه جي ڳالهه ڪندا آهن ته ڪيس هڪ راجپوت ملازم مارڻ جو ارادو ڪري رهيو هو؛ جيئن جو هو مارڻ لاءِ خنجر ڪڍي آيو ته بادشاهه کي جاڳند و ڏٺائين؛ بادشاهه ڪيس چيو، ته جمنا جي گجگوڙ ڪري ننڊ نه ٿي اچي؛ ڪيس وڃي چؤ ته ڪجهه ڌيري ڌيري هلي ته مان ننڊ ڪريان! اهڙيءَ طرح ٽي ڀيرا مارڻ جو ارادو ڪري آيو پر ٽيئي ڀيرا بادشاهه کي جاڳندو ڏٺائين. هن کي ان ۾ ڪو اندروني راز نظر آيو. پوءِ آزمائش خاطر وڃي جمنا کي نياپو ڏنائين. چوندا آهن ته هڪ پاڪ ارادي ۽ انصاف پسند بادشاهه کي ستن ولين جي طاقت ٿيندي آهي. جمنا جل مانيٺو ٿي ويو ۽ بادشاهه کي پوءِ ننڊ آئي. هن قاتل جي دل جو ارادو اهو ڏسي مٽجي ويو. پڙهيو اٿئون ته جڏهن حضرت محمد صلعم ابوبڪر صديق سان وڃي هڪ غار ۾ لڪو تڏهن مڪي وارن جو لشڪر ڪيس ڳولها جي ارادي سان آن غار جي منهن وٽ پهچي به موٽي ويو، جو هڪ ڪوربٽڙي هڪ لحظو اڳ ۾ غار جي منهن تي پنهنجو ڄار اڏي ڇڏيو هو ۽ ويجهو هڪ ڪبوتريءَ اچي آنا لاٿا هئا. اها واردات ڏسي ڪافرن جا سپاهي اٿين ڇني موٽي ويا ته

هن چار سان ڊيکل ۽ ٻکين جي ٻچن واريءَ غار ۾ ڪنهن انسان جو هجڻ ئي ناممڪن آهي. مان توهان جو اجاين سچاين ڏند ڪٿائن يا ڪرامتن ۾ وشواس وڌائڻ لاءِ هي نه ٿو ٻڌايان. پر مون کي پنهنجو به هڪ آزمودو ياد اچي ٿو: جڏهين مهاتما گانڌي شهيد ڪيو ويو تڏهين مان پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ ۾ هيس جتي مون وٽ ڪو ريڊيو به ڪو نه هو. برابر سندس موت جي وقت مون اکين ڏٺو ته دنيا مان هڪ نيلي ڪرشن رنگي روشني نڪري غائب ٿي وئي. ساڳئي وقت ٻئي پاسي گوڙ شور گهٽ ٿي ويو. انهيءَ درشيه جي تصديق سڀاڻي ٿي اخبارن مان ملي. هٽلر جي مرڻ وارن ڏينهن ۾ پڻ دنيا جي مٿان صلح جو پاڇو پيل محسوس ڪيو هيم. اوهان مان ڪن کي ته خبر آهي جو اهي ڳالهيون مون بروقت توهان کي ٻڌائي ڇڏيون هيون. انهن سڀني ڳالهين جو مطلب هي آهي ته قدرت خود دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ وڏين هستين جي اثر کان آجي نه آهي ۽ ايشور انهن جي پاڪ روحن يا آتمائن جي گهرجن کان بي خبر نه آهي. ڇا اها طاقت جا سڄي سرشٽيءَ کي هلائي ٿي، سا چت کان رهت ٿي سگهي ٿي؟ پر جي انهيءَ ۾ چت شڪتي آهي ته ڇا اها ڪنهن به طريقي حالتن جي ڦيرڦار جو خود موقعي تي گهربل انتظام ڪري نه ٿي سگهي؟ اهي ڪرامتون نه آهن مگر قدرت جي ڪمن ۾ وڏن اثرن پوڻ جون علامتون آهن، جو درياهه جهڪا ٿي وڃن، سمنڊ رستا ڏين، ڳڙا عين موقعي تي اچي ڪڙڪن يا ويسر کان چوڪيدار جيل جي دروازن جا قلف ئي کين ڏين!“

* * *

۹-۸-۵۸ع- اڄ صبح جي پريئر کان پوءِ جيئن سام

گرڊاريءَ سان گڏجي گهمڻ ويو تئن گرڊاريءَ کي وري منجهيل خيال ۾ ڏسي کيس خبردار ڪيائين. مون ان گفتگوءَ جو احوال ڪانئس هن ريت حاصل ڪيو: سام چيو: "فقير جو ڪم آهي، پنهنجي ۽ زماني يا ٻين جي وچ ۾ امين ٿي هلي ۽ حق يا ڏوهه جي ونڊ ورهاهه ۾ ڪو ٻه رايو نه رکي؛ اول پنهنجون اوڻايون پاڻ محسوس ڪري پر جي سمجهي ته مون ۾ ڪا اوڻائي ڪا نه آهي ته ائين چوي، متان مان ڀلو هجان! ڪنهن ٻئي ڳالهه ۾ ٻين کي ڏوهه نه ڏي. مطلب ته اِها پڪ نه سمجهي ته عيب منجهس ڪو نه آهن؛ آن ريت سچي چاڻ يا حق ناحق جي چاڻ وڏيڪ سولي حاصل ٿيندي.

تنهن بعد گرڊاريءَ کي ڏک پنهنجا ظاهر ڪيا ۽ سام کي چيو: "هائي حد ٿي چڪي آهي؛ دل چوي ٿي ته ڪيڏانهن هليو وڃان!"

سام کيس چيو: "اهي ڏک جيڪڏهين سچا آهن ته اهي ٻه الاهي قاصد ڪري سمجهڻ گهرجن."

ٻوءِ سمورو وقت جيڪو هو گڏ ٿي گهميا، يادگيري مان سام کيس پنهنجي نئين انگريزي ڪتاب "Temple of joy" جو تت سار زباني طور ٻڌايو جنهن ۾ ائين چاڻايل آهي ته، ٽي قاصد جي پاڻ کي 'ٽي وڏا ڏک' ڪري چاڻائن ٿا، ڪيئن آتمڪ ياتريءَ کي جدا جدا رستن کان 'آنند ديويءَ' جي مندر ڏانهن وٺي وڃن ٿا. انهيءَ ڏکن جي رهبريءَ جي تتسار ٻڌڻ جو اثر گرڊاريءَ تي ايترو ٿيو جو سام کي چيائين: سائين مون کي اڄ ڪا وڏي سمجهه ڏني اٿو، جنهن سان دل ۽ دماغ پر ٿي ويا آهن!

مون کي ان ڳالهه تي عجب لڳو ته ڪيئن سام ايتري تڪليف ڪري يادگيري مان هن هڪ چٽي کي پنهنجي ڪتاب جو تتسار سمجهايو هوندو! مگر سام چيو:

”هڪ دل ڪنڻ يا ان کي ڪنهن درجي تي رسائڻ لاءِ جيڪڏهين ڪيتري به ڪوشش يا تڪليف ڪرڻي پوي ته اجائي نه آهي.“

* * *

۱۰-۸-۱۹۵۸ع- مٺيءَ سيني تاثيرن جو نتيجو پلا ڪيترو روڪي سگهجي ٿو؟ اڄ اٿين ٿو سمجهه ۾ اچي ته هوريان هوريان هي اثر جيڪي گرڊاريءَ تي پوندا اچن ٿا تن آخر هن جي دل ۽ دماغ کي موڙي ڪجهه قدر آڻيا ڪاري بنائڻ جون نشانيون پيدا ڪيون آهن. ٿورا ڏينهن اڳ سام هڪ جوڳيا رنگ جو ٽاڪيو آندو ان لاءِ ته اُن مان منهنجي ۽ پنهنجي هڪ هڪ ڊريس ٺهرائي. گرڊاريءَ سڌ ڪئي ته مان به جيڪر پريئر جي وقت اهڙي ڊريس پائي اوهان سان گڏ اچي ويهان. سام اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ کيس چيائين ته تون آن جي پهرڻ لاءِ هينئر تيار نظر اچين ٿو. هوڏانهن گهر ۾ ٻين چوڪرن لاءِ اها ڳالهه سام قبول نه ڪئي ته ڪو انهن کي ڪجيءَ وهيءَ ۾ اهڙي پوشاڪ پهرڻ گهرجي. اڄ جڏهين آهي ويس تيار ٿيا تڏهين سام کيس چيو: هيءَ پوشاڪ پهرڻ ڪو سٿرو ڪم نه آهي. ڪنهن بزرگ يا پنهنجي گروءَ هٿان ئي اها پوشاڪ وٺي پهرڻي آهي. تڏهين گرڊاري پنج آنا ڪٽي اچي نذر طور رکيا ۽ چيائين: توهان مونکي اها پوشاڪ پهرايو! سام وري به کيس هدايت ڪئي ته اهو فيصلو تڪڙ ۾ نه ڪرڻ گهرجي. پنهنجو دل مان حاچي ڏس. جنهن شخص لاءِ توکي پوري شرڌا هجي، آن کان ئي هيءَ پوشاڪ پاڻ کي پاراءِ. تڏهين گرڊاريءَ صاف لفظن ۾ چيو ته گرو به توهان آهيو، سڀ ڪجهه توهان آهيو! مان توهان جي هٿ سان اها وٺندس. تڏهين سام هن نموني کيس سمجهائي ڏني: ”هيءَ پوشاڪ جوڳين ۽ تارڪن جو ويس

آهي. هن رنگ ۾ انهن جي من جو امنگ سمايل آهي.
هيءَ پوشاڪ هن جسم تي رکي ڪو ڪجهه ڪم ڪري نه
ٿو سگهجي. هن پوشاڪ کي ادب ۽ صفائيءَ سان رکڻو
آهي. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته هيءَ ٥ يا ٦ روپين جي
ملهه جي شيءِ آهي، مگر ائين سمجهڻ گهرجي ته هيءَ ان
گيان ۽ ويچار جي مارگ تي هلڻ جي لاءِ هڪ قسم جي
زره آهي؛ مشڪلاتن ۾ آتما کي بچائڻ لاءِ هڪ قسم جي
ڍال آهي؛ حرص جي هوائن کان روح رکيا لاءِ هڪ ڪوٽ
آهي؛ شيخ شبليءَ جي هڪ ڳالهه آهي، جڏهين هو بغداد
جي حاڪم وٽ ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو، تڏهين ڪنهن بادشاهه
جي ڏنل خلعت پيل هئي، جنهن سان هن پنهنجو هٿ اگهي
ورتو. مٿس الزام ڏريو ويو ته تو بادشاهه جي خلعت جي
بي ادبي ڪئي آهي ۽ ڪانئس سبب گهريو ويو ته ڇو تو
اهڙي بي ادبي ڪئي. شيخ شبلي هڪ وڏو سالڪ صوفي
هو. هن کي ان وقت گيان اچي ويو ۽ آها پوشاڪ لاهي
ادب سان حاڪم جي اڳيان پيش ڪيائين ۽ ان وقت
سرڪاري ملازمت تان استيفا ڏيڻ جي موڪل گهريائين؛
ڪانئس اهڙي ابهري قدم کڻڻ جو سبب پڇيو ويو جنهن
تي چيائين، ته سائين زماني جي بادشاه جي طرف کان عطا
ٿيل هيءَ پٽ جي پوشاڪ جيڪڏهين منهنجي هٿ اگهڻ
ڪري خراب ٿي سگهي ٿي ته هي جسم جو روح کي الله
جي طرفان عطا ڪيو ويو آهي، ان جي ڪيڏي نه مون
بي ادبي ڪئي آهي جو هنن هٿن، پيرن، اکين ۽ ٻين
عضون کان پنهنجي لوڀ لالچ يا نفس ڪارڻ ابتا ڪم ورتا
اٿم! نه رڳو هن جسم کي پر پنهنجي دل ۽ دماغ کي الاهي
عبادت جي طرف کان موڙي زماني جي بادشاه جي خدمت
۾ لاتو اٿم. مون اوهان جي مليل پوشاڪ جي برابر بي
ادبي ڪئي آهي پر ان کان وڌيڪ هن الاهي عطا ٿيل

پوشاڪ جي بي ادبي ڪئي اٿم. اڄ ڪان وٽي فقط ان ڪان آهي ڪم وٺندس جي انهيءَ ڪي ڪرڻ جڳائن.

ان ڳالهه ٻڌائڻ ڪان پوءِ سام چولو هٿ ۾ ڪٿي گرداريءَ کي چيو: ”هي تنهنجي آتما جي لڄا آهي.“ پتلون هٿ ۾ ڪٿي ڪيس چيائين: ”هيءَ تنهنجي انساني شرم ۽ حيا جو ڍڪ آهي؛ جو دم هيءَ پوشاڪ جان تي آهي بلڪ ان ڪان پوءِ به ڪو برو ڪم پنهنجي هٿان نه ٿئي.“ تنهن ڪان پوءِ اسان سيني جي صلاح سان سندس نالو ”آنند“ رکيائين جنهن ۾ گرداري بي خوش ٿي نظر آيو. جيڪي پئسا گرداريءَ پنهنجي پوشاڪ ٺهرائڻ تي خرچ ڪيا هئا سي سام ڪيس ڏيا ريا، چالاءِ جو پوشاڪ پنهنجي هٿ سان آن کي ڏنائين. مگر گرداريءَ پنهنجي نئين جنم جي خوشيءَ ۾ چيو ته اهي پئسا خرچ ڪري ڪجهه گهرائي پاڻ، ۽ سنسنگ وارن ۾، پرشاد ڪري وراهيو.“

* * *

۱۴-۸-۱۹۵۸ع. ڪالهه ڪان مون ۾ ڪجهه رنجيدگي ڏسي سام چيو: ”جيتري قرباني ڪئي اٿئي اوتري خوشي تو ۾ چو نه ٿي ڏيکارجي؟ مٿان اٿين هجي ته جو ڪجهه ڪيو اٿئي انهيءَ ۾ ڪو ايمان جو ڪيڙو هجي!“

اڄ وري ساڳي ڳالهه دهرائي حضرت سليمان جي قصي مان هڪڙو نقطو ٻڌايائين: چون ٿا ته حضرت سليمان کي اهڙا ڏات مليل هئي جو پکين ۽ سيني جانورن جون ٻوليون سمجهندو هو ۽ ڌرتي، پهاڙ، نديون ۽ هوائون سڀ ان جي مطيع هئا. هڪ دفعي هوا الٽي گهلندي ڏٺائين ۽ هوا کي چيائين ته، اي هوا! تون تيزي چو ٿي هلين؟ تڏهن هوا چيس ته تو هين تيڙا هلو ٿا جنهن ڪري مان تيزي هلان ٿي. ڪيس چيائين ته سڌي ٿي هل! هوا چيس ته جيئن توهان هلو ٿا مان به تيئن

هــلان تي. چِٽ سندس سو بہ ٽيڙو ٽيڙو ٿيندو پيو وڃي. ان کي چپائين تہ ٽون سڌو ٿي ٻيهي، ۽ ست پيرا ان کي پاڻ سڌو ڪيائين؛ تہ بہ اهو ٽيڙو ٿيو پوي. چِٽ بہ چيو تہ سائين جيئن ٽوهان پاڻ آهيو تيئن مان بہ رهان ٿو. اتي حضرت سليمان کي اندر جو اشارو آيو جنهن بعد هــن پــاڻ مان هڪ لڪل ٽيڙائي ۽ جو خيال دور ڪري ڇڏيو؛ ان بعد ايترو تفاوت ڏنائين جو چِٽ کي ست پيرا پاڻ هرو پرو ٽيڙو ڪيائين تڏهن بہ هر دفــعو آهو پــاڻ سڌو سندس سر تــي لهي پيو بيهي. جڏهن کانئس پڇيائين تہ هيئر مــان ٽوکي پاڻ تو ٽيڙو ڪريان تڏهين بہ ٽون وري ورين سـڌو ٿيو پوين، سو ڇو؟ تڏهين چِٽ جواب ڏنو تہ جڏهن اوهان ۾ ٽي ٽيڙائي ڪانهي تہ مان ڪيئن تو ٽيڙو رهي سگهـان! انهي ۽ قصي مان فقط اهو سبق ڪيڏو آهي تہ ٻئي کي ڏوهہ ڏيڻ جي بدران اول پاڻ کي جاچڻ گهرجي؛ اول پنهنجي نفس کي ڏوهہ ڏجي ۽ ٻاهرين شين، مثـــال طور هوا چِٽ وغيره، تي يا ٻين حالتن تي ڪو الزام لائڻ نہ گهرجي."

سام اهو سبق سڻائيندي چيو: "اسان مان هر هڪ جو فرض آهي تــہ جو ڪي ڪريون سو ٺڏ ياونا ســان ڪريون؛ ٽيـڙائي ۽ ڇتائي اندرين جي سڻي ڪرم جو ڦل بہ ڪوڙو ڪريـ چــڏي. هيتري گــڏ رهڻ ۽ هيتري مطابق خيال هئڻ ڪان پوء بہ چـو ڪڏهين ڪڏهين ايترو ناراضپو اسان ۾ پيدا ٿئي ٿو؟ انهي ۽ لاء هڪ ٻئي کي يا ٻين حــالتن کي ڏوهہ ڏيڻ بـــدران بهتر آهي تہ اول پاڻ جاچي ڏسون!"

* * *

سام ڪڏهين ڪڏهين ٺڏينهن ڏٺي جو 'خواب' لهندو آهي يــا ڇنجي ڪٿي تہ درشيہ ڏسندو آهي. سندس ڇوڻ موجب آهي فــقط خيـــال جون صورتون آهن ۽ انهن کي

ڪا بي اهميت ڏيڻ نه گهرجي، جيتوڻيڪ مان انهن کي وڏيڪ اهميت ڏيان ٿي ۽ سمجهان ٿي ته انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه پاڱو ته ضرور الهامي آهي. آن بنسبت سام جو چوڻ هيئن آهي: ”مان هڪ شاعر آهيان؛ خيال بعضي بعضي تصويرن ۾ سهنجا ڏسندو آهيان، پر آهي تصويرون پنهنجون تمنائون ۽ اميدون يا خواهشون به ڏيکاري سگهن ٿيون ۽ من جي حالات جون تصويرون به ٿي سگهن ٿيون؛ جيڪڏهين نج خيال ٿيڻ جي انهن ۾ اهميت هجي ته هجي نه ته وڌيڪ اهميت انهن کي مان نه ٿو ڏيان.“

پر مان چوان ٿي ته نج خيال ۽ الهامي خيال جي وچ ۾ فرق ئي ڇا آهي؟

اڇوڪو ڏنل خيال سندس هي آهي: منجهند جو وقت هو؛ سام اشنان ٿي ڪيو؛ ڇيائين ته آن وقت ڏنم ته هڪ پاسي کان هڪ وڏو ڪنڊڪ آهي؛ ٻئي پاسي کان مان اڪيلو آهيان. آهو ڪنڊڪ منهنجي زندگيءَ جي رستي ۾ ڪا رڪاوٽ وجهيو بيٺو هو. مون تڏهين ٿيام سندر کي چيو، ’اِتي مان هڪڙو پلا ڇا ٿو ڪري سگهان؟‘ تڏهين هن هڪ چمڪندڙ تلوار ڪڍي ڏني! مون وري ٻئي پاسي ڏسي چيو، ’تڏهين به مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟‘ هن چيو ته تون اها تلوار هلائي ته ڏس؟ پوءِ تلوار ڇتائي ڏٺم ۽ آن وقت پانيم ته آها تلوار تون (سرلا) آهين! پوءِ شيام سندر چيو ته تون رڳو چڱيءَ طرح اها تلوار استعمال ڪر، ته سڀ مطلب سڌ ٿيندا.

سام چيو: ”هن سڄي درشيه جي معنيٰ ڇتي ٿي جڏهين ياد آيو ته تو (سرلا) مون کي چيو هو ته هتان هلي ڪري جڏهن ڪا آشرم استاپن ڪئي سون ته آتي مان توکي چڱي ’اِتپتي‘ ڪري ڏيندس؛ گرڌاريءَ ۽ موهن (ڇمنو) جهڙا ٻيا به گهڻا ئي ٻار روحاني توکي ڳولهي ڏيندس؛ اِستري

لفظ جي معنيٰ آهي اِستر. جيڪڏهين ٿامو مري ته چوندا آهن ته مان ڪيمياگر سون يا چاندي ٺاهڻ سکهي ٿو؛ جيڪڏهين استري استر ٿئي ته انهيءَ کي هڪ ڇيي يا تلوار ڪري سمجهڻ کپي؛ آها ڪتڪن کي جيتي پار پئي سگهي ٿي! ڪو به مقصد حاصل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪري سگهي ٿي." سام وڌيڪ چيو: "هي خيال جيتو ٽيڪ ڪن شاسترن جي سمجهاڻيءَ جي ابتڙ آهي، تڏهن به مون آزمودي مان ڏٺو آهي ته استري نه رڳو شيڪسپيئر جي چوڻ موجب بي وفائيءَ ۾ پر وفائيءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي!"

* * *

٩-٩-١٩٥٨ع- مون چرچي ۾ ڪالهه سام کي چيو: "جي پنهنجي ڪمائيءَ وارن پئسن مان پنج روپيا روز تو ڪان لڪايان ها ته به شاه ٿي پوان ها!"

سام چيو: "شاه وري پئسا رکندا آهن ڇا؟ شاه نه ڪنجوس رکن خزاني جون ۽ نه پئسا سانڍي رکن سيف ۾؛ شاهي سچي اها آهي جو بنا پئسي فقط چوڻ سان پيو ڪم هلي."

مون تڏهين سام کي چيو: "چئبو ته مان اڳي ۾ ئي شاه آهيان جو امان نندي (سام جي ماتا) وانگي نه پئسو رکان نه چنتا رکان!"

اڄ وري جيئن ڪجهه پئسا مليا تيئن کيس چيم: "هين مان ته پنج روپيا سهنجائيءَ سان چورائي سگهان ها!"

سام چيو: "نيڪ آهي، مان به جيڪر چوري سگهان جي آن مان سچ پچ ڪو فائدو ٿئي. ارمان آهي جو چوري ڪنهن کي ڦٻي ڪو نه ٿي؛ اهڙي ڪا رت ڪجي جيئن پرائو ڏن ۽ دل جو سرمايو پيئي ساڻ هلن."

مون کيس چيو: "تو مان ته سنهنجائيءَ سان پنهنجي

ڪپڙن ۾ يا ٻئي ڪنهن ۾ ڏن رکي سگهوٿا يا ڪيڏانهن نٿا موڪلي سگهوٿا."

سام چيو: "آهي ڪيئن ته اتي رهڻي وينداسين؛ اهڙي ڪا تجويز ڪرڻو اهي مال متاع هن دنيا مان ساڻ ڪري هلون!"

مون اڳ ۾ ئي سام جو مطلب سمجهيو هو: هن انهن ٿورن لفظن ۾ ڳالهه جو تت سار گويا ظاهر ڪري ڇڏيو ته جو ڪي هت ڪجي ٿو تنهن ڪري فقط ايترو ملهه آهي جيترو ان مان آتما جو سک حاصل ٿئي. پيو سڀ ڪجهه اتي ئي پيو آهي؛ مال ۽ پئسي گڏ ڪرڻ جو مقصد به سيوا رکجي. پر سيوا يا ڪرم جو مقصد گيان ۾ سمايل آهي ۽ گيان جو مقصد پريم ۽ ان جي آنند ۾ سمايل آهي؛ ٻيو سڀ وسنو مٽيا آهي.

* * *

۱۰-۹-۱۹۵۸ - ٻهاڪو آهي ته هڪ ڪرو درياهه به نه ٿو هلي. اسان جي گهر ۾ بس ڪڏهن ڪڏهن ڪرو ڏسجي يا ڪوڙي بهاني اچيو منهن ڪڍي. سام ته سنڌس ججان ۾ هڪ گيت به ڳاتيو آهي جنهن جي پهرين ٽڪ آهي: "ٿيو چيڙ ڪرام، ٻلي ڪري آيو". حقيقت ڪري آهو گيت ڪيس تڙي ڪيڻ لاءِ ٺهي آهي. سو ڳالهه 'چيڙ ڪرام' ڪجهه عرصي لاءِ هن ريت اچي پڌاريو جو مون سام کي ننڍ مان اٿي سان شڪايت ڪئي ته منهنجي لاءِ ڪو ٽوال ئي نه ٿو اچي! ڌوٻي ۽ ڪان جڏهين ٽوال، گنجيون، رومال وغيره اچن ٿا ته سڀ وڃي تنهنجي ڪمري ۾ ڪٿا ٿين ٿا! سام رنج مان چيو ته اڳتي ٻل ڌوٻي ۽ کي پنهنجا ڪپڙا ڌار ڌار لکي ڏيو ۽ پاڻ وٺو. شام جو ڌوٻي به اچي نڪتو. مون سچ پچ ڪپڙا جدا جدا لکي ڏنا ۽ سام به پنهنجا جدا لکي ڏنا. دل ۾ ته ٻنهين کي جدائي ڪا نه ٿي وڻي. سام تڏهين پنهنجي ننڍپڻ جي هڪ ڳالهه ٻڌائي ته سيٺ ۽ ياڙر پهريائين هڪ جاءِ ۾ رهندا هئا سون؛ پوءِ

جيئن وڏيرا ٿيندا ويا سين تہ پوءِ ريا ئين هڪ هڪ روم ساڳيءَ جاءِ ۾ پنهنجي بيڊ لاءِ جدا ورتيسين؛ آخر جدائي ايترو وڌي ويئي جو ڪمرن کان پوءِ گهر ۽ چلهيون بہ جدا ٿي ويون ۽ هر هڪ پنهنجا جدا جدا ڪم وڃي ڪيا. هينئر تہ ڳولهيا نہ ٿا ليون! ڪنهن جو گهر بئنگلور، ڪنهن جو ڪراچيءَ تہ ڪنهن جو پوني ۾ آهي!" ٿوري دير کان پوءِ وري مون کي چيائين: "سچي استريءَ کي جهڪڙ هين مرد اهڙي جدائيءَ جي ڳالهہ ڏسي بہ ڪٿي تہ انهيءَ کي ائين ٿي چوڻ گهرجي تہ چو مان ڪپڙا لٽا پنهنجا توکان جدا ڪريان! هي ڪپڙا تہ نهيو پر ڪفن بہ توکي پنهنجي هٿ سان ڏيڻو آهي! اسان تہ اهو آسرو ڪري ويٺا آهيون تہ موت کان پوءِ بہ جدا ڪين ٿبو."

مون کي بہ ان وقت اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ۽ آءٌ جدا ڪپڙن واري ڊائري کڻي ان مان آهو پني جو ٽڪرو ڦاڙي ڪنور سان اچي ساڳي سام واري ڊائريءَ جي اکرن هيٺان چنبڙايم. پنو ڪجهہ پيچ جي ڏڳهائيءَ کان وڌي ٿي ويو؛ سام ان کي پورو ڪري جيئن سڌو ڪري هنيو تہ سندس ڏنل ڪپڙن جو ٽوٽل ان جي هيٺان لنبجي ويو. تڏهن مشڪي چيائين تہ حياتيءَ جا جدا ٽوٽل گم ٿي ويا! تنهنجي ۽ اسان جي ڪمن ڪارين جو ٽوٽل بہ هڪ ٿيڻو آهي جيئن هي ڪپڙن جو ٽوٽل وري هڪ ٿي ويو آهي!"

* * *

١٥-١-١٩٥٩ - اڄ اسان وٽ هتان جي ٽريننگ سڪول جو هڪ ٽيچر آيو جنهن کي سام سان ملڻ جو گهڻو شوق هو. سام بہ کيس ڏسي بيحد خوش ٿيو ۽ چيائين تہ هيءُ نئين روشنيءَ وارن نوجوانن مان هڪڙو آهي.

پنهنجي باغ جي پير ۾ نهر ۽ ٻوٽن جي وچها هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا هئاسون؛ قدرت جي نظارن جي اثر هيٺ اچي گفتگو به اهڙوئي چڙيو: اتي ماسٽر صاحب سان گڏ آيل دوست چيو: "هتي چڱا وڻن ۽ نهر جي نظاري ۾ ويٺا آهيون."

سام چيو: "انهن کان دور ٿي ته انسان پنهنجا دک وڌايا آهن؛ جيستائين انهن سان گڏ هئاسون تيستائين مسئلا حياتيءَ جا هلڪا هئا ۽ زندگيءَ ۾ ڪي روڳ ڪين هئا؛ هاڻوڪي شهري زندگي هڪ قدرت جي وڇوڙي جي زندگي آهي. هي پکي، هي وڻ، هي آواز جهنگل جا ۽ خود جهنگ جا نانگ بلائون وغيره سڀ انساني زندگيءَ لاءِ صحت بخش آهن. حقيقت هيئن آهي ته اسين سڀ زندگيءَ جا مليل جهليل جزا آهيون. هترادو نموني چني ٻاڻ ڪي انهن جيا پي وارن جزن کان پري رکي ٿي دک پرايو اٿئون. تازو هتي، هوائي جهازن رستي سارين جي ٻوڪ جي جيوڙن لاءِ زهري پائوڊر ڇڻڪايا ٿي ويا. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي جو نانگ، ڏيڏر، مڇيون ۽ انهن کي کائيندڙ ڪانءَ، سرٿيون ۽ ٻيا جانور به مرندا ڏسندو آهيان؛ اهي سڀ ٻوڪ لاءِ ضروري آهن ۽ جيوڙنجي پيدائش بند ڪرڻ جي اپاءَ سوچڻ بدران هيئن ٿين ڪيترن ساهوارن جي ناسي ڪرڻ سو مون کي هڪ اعتراض جو ڳوڪم ٿو لڳي. نه رڳو آخر زرعي پيدائش جو گهاٽو ۽ مڇي وغيره جو نقصان آهي پر اسين سڀ هڪ آتما جا جزا آهيون؛ انهن سڀني شين سان هيڪڙائي محسوس ڪرڻ ۾ خود انسان جو فائدو آهي.

انهن جيئن جو پڻ هن جيوت جي ڪاروبار ۾ حصو آهي ۽ اناج تي حق آهي. ڇا لاءِ جو هو به انهيءَ جي واڌاري ۾ مدد ڪن ٿا. پهلا ئي سائنس وارن جو چوڻ آهي ته ساسين ۽ ساوڪ جو واڌارو گڏو گڏ ٿئي ٿو. جتي ساسي گهٽ آهن اُتي ساوڪ به گهٽ آهي. هنن سڀني جو هئڻ ئي هڪ نعمت آهي. جيترو قدر ٿي سگهي

انهن سڀني جو پلو گهر جي."

تڏهن ان ماستر صاحب چيو: "ڪراچي شهر ۾ هڪ فقير گڏيو جو شهر جي وچ ۾ رهندو هيو. مون کانئس پڇيو ته دنيا جي ڦرندڙ گهرندڙ حالتن تي توهان جو ڇا ويچار آهي؟ هن آسمان ڏانهن ڏسي چيو ڪتي آهن ڪي پکي، ڏسو ته انهن کي آسمان ۾؟"

تڏهين مون پڇيو: "پکين جو هن سوال سان ڪهڙو واسطو آهي؟"

هن فرمايو: "مان ننڍي هوندي کان ئي هت رهندو آهيان؛ هتي جهرڪيون، طوطا، ڪبوتر، سڀ پکي ايندا هئا؛ هاڻي ته ڪو ڪانءُ به ڪونه ٿو ڏيکارجي. انهيءَ مان ائين سمجهو ته الله جي ڪمهري آهي؟"

ٻي ڳالهه ان ماستر صاحب هيءَ ٻڌائي: چيائين ته "منهنجي گهر ۾ هڪ ڪپٽ جي مٿان آچي جهرڪين پنهنجا آکيرا ٺاهيا. مون کي ڏاڍو خفي ڪيائون؛ ڪک پن پيا هر هر ڪمري ۾ ڪيرين؛ مون هڪ وقت ڪاوڙ جي ڏک مان هڪ جهرڪ کي چيو ته هوءَ جو ڪنڊ خالي پئي آهي، اتي نه ٿا وڃي آکيرا اڏيو؛ شرم نه ٿو اچيو جو مون کي اجايو تڪليف ڏيو ٿا؟ عجب اهو اثر ته سپائي تي انهيءَ ڏيکاريل هنڌ تي وڃي آکيرو اڏڻ شروع ڪيائون ۽ ڪپٽ واري جاءِ ڇڏي ويا."

... اهڙي طرح مون کي به هڪ ڳالهه پنهن جي جهوني ڪني (پوپيءَ) جي ياد اچي ٿي. جڏهين هو پڊو ۽ بيمار ٿي پيو ۽ هر هنڌ غلاظت ڪرڻ لڳو تڏهين هڪ ڏينهن مون کان ڪاوڙ ۾ هي اکر نڪري ويا: "پوپي! هينئر ڪڪ ڏاڍو ڪيو ٿئي؛ ڪيڏانهن هليو به نٿو وڃين!"

صبح جو جيئن ننڊ مان اٿيس ته مون ڪيس ڪونه ڏٺو ۽ سمجهيم ته رسي ويو آهي. پوءِ ته مون سڄو شهر ڳولهايو پر

ان جو پتو ڪٿي به ڪو نه پيو.

هن نئين دوست ٻي پڻ هڪ ڳالهه ڪئي: جيئن ته اسان جي سنڌيت گهري ٿي ته اسين راجا ڏاهر ۽ چچ جو به قدر ڪريون، جنهن ريت مصر ۾ ڪيترن ماڻهن کي فرعون جو قدر آهي. اها ڳالهه هڪ مسلم جي واتان آسان کي بيحد آزاد خياليءَ جو ثبوت نظر آئي!

*　　*　　*

21-3-1959ع- هن ڪان اڳ ذڪر ڪيل دوست هاڻي اسان وٽ جلد جلد ايندو آهي. هو هڪ آزاد خيال ۽ احساس وارو انسان آهي. سام سان سندس ناتو پهرينءَ ملاقات تي ئي چڱو ٿي ويو ۽ سام ائين چوندو آهي ته هي هڪ روشن دل نوجوان آهي جنهن جهڙا اسان جي سوسائٽيءَ ۾ ڪي ٿورا پيدا ٿيا آهن. سام کيس هڪ ڳالهه ٻڌائي ته ڪيئن هڪ دوست اعتراض ٿي آندو ته ساڌو واسوانيءَ جن جي سڪولن ۾ ٻارن کي ائين چيو ويندو آهي ته هفتي هفتي هڪ اپ ان جي پڪين جي لاءِ ڪٽي اچو. انهيءَ دوست اهو رايو ڏنو ته اهو هڪ ناجائز زيان (Criminal Waste) ۽ گناهه جهڙو ڪم آهي، خاص هن حالت ۾ جڏهين چوڌاري ماڻهن ۾ بڪ آهي. سام اُن کي جيڪو جواب ڏنو سو به کيس ٻڌايائين جو هي آهي: ته توهين اهو ڪين ٿا محسوس ڪريو ته انهيءَ ان جي لپ ڏيڻ سان اسين وشو آتما سان هيڪڙائي حاصل ڪريون ٿا ۽ سڀني جيئن سان پاڻپيءَ جو ناتو قائم رکون ٿا! هنن ڳالهين جو ٻارن جي تعليم تي ڪيڏو نه سٺو اثر پوي ٿو! تنهن ڪان سواءِ ڪنهن کي خبر آهي ته اهو ان زيان ٿئي ٿو؟ قدرت انهن پکين ۽ جيئن کان خود انسان جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم وٺي ٿي. جهڙوڪ ڪيڙا پوک جا کائڻ

وغيره. انهيءَ کان سواءِ هڪ شاعر جي خيال کان جيڪر هيءَ دنيا اسان جي بلڪل بهشت لڳي. انسان اڪيلو جيڪر ڏاڍو برو پيو لڳي!" اها ڳالهه پڙهندي ئي اسان جي نئين دوست تي ان جو گهاٽو اثر ٿيو ۽ هن پنهنجي آزمودي مان هڪ ڳالهه ٻڌائي جا پڻ هتي درج ڪرڻ جهڙي آهي. هن چيو ته: "اسان جي گهر ۾، منهن جي ڪمري ۾ جهرڪيون اچي ايتري گندگي ڪئي جو مان بيزار ٿي پيس. منهنجي ميز تي گندگار پيون ڦٽو ڪن. مون ويچار ڪيو ته ڇا ڪجي؛ انهن نندڙن جيئن کي مارڻ يا ستائڻ به نيڪ نه هو. آخر هڪ ڏينهن خفي ٿي هڪ جهرڪ ڏانهن منهن ڪري (جو سندن مدبر ٿي لڳو) مون چيو: پنهنجو شرم ڪو نه ٿو اچيو، جو مونکي هرو پرو تنگ ڪيو ٿا؟ هن بيءَ ڪنڊ ۾ ڇو نه ٿا وڃي پنهنجا آکيرا اڏيو؟ تنهن کان پوءِ ڏٺم ته انهيءَ وقت ئي هنن وڃي اها ڪنڊ وسائي ۽ مون سمجهو ته هنن کي به ڪو احساس آهي."

*　　　*　　　*

٣٠-٣-١٩٥٩ع- ڪالهه اسان وٽ به مسلمان دوست آيا جن مان هڪ سنڌ جو مشهور اديب آهي. مان ني ڪائيندي ڪجهه گفتگو هليو جنهنجو تت سار مختصر نموني مان ڏيان ٿي: انوقت ريڊئي مان هڪ راڳ آيو جنهن جو ٽل هي آهي، "شاهي مدينه امت کي والي، ساري نبي تيري در پہ سوالي."

اسانجي اديب دوست چيو: "مونکي اهڙا راڳ ٻڌي عجب لڳندو آهي ته انهن مان ڪهڙو مطلب حاصل ٿي سگهي ٿو؛ نه ڪنهنجي سهارا هم ڪرڻ سان پر ڪن عملن سان ئي انسان پاڻ کي سڌاري سگهي ٿو." اسانجي ٻئي مهمان به ان جي تائيد ڪئي مگر سام چيو: "اسين به پنهنجي

ست سنگ ۾ چونڊيل راڳ سنتن ۽ نبين جي ثنا جا اسين ٻه چوندا آهيون؛ هڪڙو مطلب انهن ۾ هي ٿي سگهي ٿو ته سچ کي انساني صورت ۾ جڏهن ڏسجي ٿو تڏهن ئي آهو سچ ٿي نظر اچي ٿو. ٻي ۽ صورت ۾ آهـا فلسفہ جي هڪ راند آهي يا هڪ وهم آهي. انسان ذات جي پيغمبرن ۽ پين اڳوانن کي مان ائين ڏسان ٿو جيئن سچ جي عمارتن جا دروازا. اسلامي تهذيب جي عمارت ۾ گهرڻ لاءِ حضرت محمد جو در کشادو آهي. اهڙي طرح هندو ڌرم کي سمجهڻ لاءِ ۽ عيسائي تهذيب مان واقف ٿيڻ لاءِ سري ڪرشن ۽ حضرت عيسيٰ لاءِ پريم هڪ قسم جا دروازا آهن. پنهنجي نيتائن جي پوڄا (Hero worship) ۾ اهو ئي مطلب آهي ته انهن جي خيال ۽ خوبيءَ واري زندگيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهي عمل ۾ آڻي سگهجي، مگر انهن جي پيٺ ڪندي ڪنهن کي گهٽ يا ڪنهن کي سڀ کان وڏو ٺهرائڻ سو ضروري نہ آهي ۽ نہ اخلاقي قانون موجب صحيح آهي.“

* * *

گفتگو هلندي اسانجي هڪ اديب دوست رابو ڏنو:

” مذهب خود هڪ قسم جو ڀوت آهي پر ائين برابر آهي ته ڏر ڏيڻ سان ماڻهن کي ڪجهه سڌي رستي تي هلائي سگهجي ٿو. تعليم جا ۳ اصول آهن: ۱- ڀيانڪ ۲- روچڪ ۳- سوچڪ. انهن مان مذهب، جو گهٽو ڪري ڀيانڪ ڀاڱي ۾ اچي ٿو، سو ٻه هڪڙو ٿي سگهي ٿو.“

سام وراڻيو: ” اهي ٽيئي معلومات ڪرڻ جا رستا آهن، جن وسيلي اسان جي دل ۾ ٻاهرين شين جو احساس پيدا ٿئي ٿو؛ مگر منهنجي خيال موجب تعليم جو دائرو اچا ٻہ وڏو آهي ۽ احساس جنهن ۾ آهي ٽيئي، ’ڀيانڪ‘، ’روچڪ‘ ۽ ’سوچڪ‘ رستا اچي وڃن ٿا، سو تعليم جو فقط هڪ ڀاڱو آهي؛ احساس کان سواءِ ٻين رستن سان پڻ

معلومات ني سگهي ٿي. مگر اڄ هتي اسين خاص پيانڪ ذريعي تعليم يعني خوف جي ذريعي مذهب جي مراد حاصل ڪرڻ جو ويچار ڪري رهيا آهيون. آن بنسبت ذرا ڪجهه ٻي نموني ۾ بحث مباحثو ڪرشنا مورتيءَ جي هڪ ميٽنگ ۾ تازو دهليءَ ۾ ٿيو هو؛ هنن جو وشيه هو 'Complete response' يعني پوري احساس جو پيدا ٿيڻ. بحث ڪندي ڪندي ڪرشنا مورتيءَ اهڙا رايا ڏنا ته جيئن ڪنهن نانگ جي سامهون اچڻ سان خوف وچان Complete response ٿئي ٿو، تيئن پورڻ پريم دوارا ٻڻ ٿئي ٿو. توهان هي لفظن ۾ چئجي ڪٿي ته هڪ احساس پيانڪ ۽ ٻيو پريم دوارا يعني 'روچڪ' آهي. ٿين يعني 'سوچڪ' بنسبت ٻه گهٽن ودوانن جو رايو هي آهي ته عقل ۽ ويچار سان ٻه انهيءَ احساس جي چوٽيءَ تي اڪثر نه ٿو پهچي سگهجي، جيئن خوف ۽ پريم ذريعي پهچي سگهجي ٿو، مگر منهنجو ان بنسبت هي خيال آهي ته خوف يا ڀؤ جي ذريعي جيڪو response ٿئي ٿو، سو پريم جي ذريعي پئدا ڪيل احساس سان ڀيٽ بلڪل نه ٿو رکي. ڀؤ ۾ برابر اسين گهڻو ڌيان ڏيون ٿا مگر آن وقت خوف پئدا ڪندڙ شيءَ کان پاڻ کي بلڪل علحدو پائيون ٿا يعني آن سان هڪ جهڙائي نه پر خلاف جاءِ (Position) ۾ پاڻ کي پائيون ٿا. هوڏانهن پريم واري احساس سان اسين احساس پيدا ڪندڙ سان سچ پچ هڪ ٿي وڃون ٿا. جنهن شيءَ کان ڀؤ ڪردون ٿا، انهيءَ کي فقط پنهنجي وجود قائم رکندي ڪنهن خاص نقطهٔ نگاه کان (Subjectively) ڏسون ٿا، پر جنهن شيءَ سان پريم رکون ٿا، انهيءَ ۾ وجود وڃائي ان کي ڪنهن خاص نقطهٔ نگاه کان نه پر 'جيئن جو تيئن' (Objectively) ڏسون ٿا. ان ڪري مان چوندس ته پريم ئي هڪ پورن نمونو سچي علم حاصل ڪرڻ جو آهي؛ سوچڪ يا ويچارڪ نمونو

ٻئي درجي جو آهي؛ مگر خوف پيدا ڪرڻ يا پيانڪ نمونو تعليم جو اختيار ڪرڻ سو سچي علم جو رستو نه آهي پر هڪ دٻاءُ يا زور سان خيال مڙهڻ جو رستو آهي جو جائز نه آهي. اهو چائي وائي اختيار ڪجي يا ناگهان پيش اچي ڀيئن نانگ جي مثال ۾، ان مان جيڪو response پيدا ٿئي ٿو سو پورڻ هرگز نه ٿو رهي. ڇالاءِ جو من ڀؤ ۾ منجهيل رهي ٿو. تنهن ڪري اهو response فقط تن ۽ من جو ڇني سگهجي ٿو ۽ نه سچي وجود جو."

* * *

٣٠-٣-١٩٥٩ع- هن جاءِ ۾ اسانجي هريجن سڪول بند ٿي وڃڻ بعد سـام ڇمو ته هريجن جاتيءَ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪم ڪرڻ اهنجو ٿي پيو آهي ڇالاءِ جو انهن ۾ چاهه پورو ڪو نه آهي. گهڻي عرصي کان ستل رهي رهي هنن کي آلس ۾ سک نظر اچي ٿو ۽ ڪنهن به قسم جي ڪوشش ڪرڻ اهنجي لڳي ٿي، تنهن ڪري پهريون علاج اُنهيءَ مرض جو هي آهي ته منجهن چاهه پيدا ڪجي؛ سائن ڪنهن نه ڪنهن قسم جي لهر وچڙ ۾ رهجي پيو. سڪول بند ڪرڻ کان اڳ ۾ به هو ڪڏهن ڪڏهن ست سنگ ۽ ڪيرتن وغيره اچي ڪندا هئا. انهن مان ڪي اهڙا سڌا پڇنيڪ آهن جو ست سنگ جو رس سندن اچڻ ڪري وڌندو آهي. سام موقعو وني ان وقت به سائن ٻارن جي تعليم ۽ ٻن حالتن سڌارڻ جو ذڪر ڪندو رهندو آهي. جڏهن ڀهن وٽ ٻاهران کي ساڌو مهمان اچن ته هو اسان کي به نينڊ ڏيندا آهن. اسين انهن جي نينڊ خوشيءَ سان قبول ڪري وٺي ويندا آهيون. مگر هن وقت تائين لاڙڪاڻي کان ٻاهر رهندڙ هريجن وٽ وڃي ڪو نه سگهيا آهيون جيتوڻيڪ اهي به اچڻ جي ڪوٺ ڏيئي ويندا آهن. ڪجهه ٻاڻ کي فرصت نه ملڻ ڪري ۽ ڪجهه ڪن اوچتن

مشڪلاتن پوڻ ڪري اها آس پوري ٿي ڪا نه سگهي آهي. ڪالهه پهريون دفعو موقعو مليو جو سندن نيئڊ تي شڪارپور پنهنجي ڇوڪرن ۽ هتان جي هريجن پائرن سان گڏجي ست سنگ ڪرڻ وياسون. سام جي مرضيءَ موجب اسين انهن جا يعني هريجن پائرن جا ئي وچي مهمان ٿياسون. هو ٻه ڏيا ڏني دفعا غلط نياپي ملڻ ڪري سوا گت ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تان ٿي موٽي ويا هئا. تنهن ڪري پاڻ او چتو ايندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. اهڙو سندن اتساهه ڏسي لاڙڪاڻي ڪان گڏ هلمل ٽولي تي پڻ وڏو اثر ٿيو ۽ اسان کي اڳين ڏسڻ ۾ آيو ته هيئنر جو هنن ٻين شهرن ۾ پڻ اسان جي ست سنگ لاءِ پريم رکيو آهي، ته شايد اهو وقت پري نه آهي جو وري لاڙڪاڻي ۾ به ڪو عملي ڪم شروع ڪري سگهجي.

شڪارپور ۾ سندن سيني حويلين ۾ چڱيءَ طرح گهمي اسين سندن حالتن مان واقف ٿياسون ۽ هنن جي پريم ۽ اتساهه جو پڻ اندازو لڳائي سگهياسون. هي ءَ سندن جاڳرتا جي شروعات نظر اچي ٿي. وڏيڪ عملي ڪم ڪرڻ سان ئي اهڙي اتساهه جي پريڪشا ٿيندي.

ڪيرتن جي وچ ۾ سام موقعو وٺي هنن کي هڪ ويا کياڻ ۾ هيئنن چيو: "اسين توهان وٽ نه ڪنهن سياست يا ڌرمي پرچار جي ارادي سان آيا آهيون، مگر خاص پريم خاطر ڇڪجي آيا آهيون؛ اوهان جي پريم اسانکي ڇڪيو؛ اسان کي ٻه گهڻي چاهنا هئي ته توهان جو درشن ڪريون. نه وري اسين شيوادارن جي ڪا حيثيت رکون ٿا. ڀاءُ ڀاءُ کي جڏهين ڪا ڳالهه چوندو آهي يا ڪنهن ڳالهه ۾ مدد ڪري سگهندو آهي ته اها ان جي شيوا ڪري نه ڳڻبي آهي. اهو ان کي هڪ فرض پالڻو آهي يا قرض لاهڻو آهي. اسين اهو پريم جو قرض لاهڻ

آيا آهيون.

”اوهان جون بستيون ڏسي منهنجي دل ۾ ڪي ويچار آيا جيڪي اوهان جي اڳيان پيش ڪرڻ گهرانٿو. پهرياڻين ته جڏهن هن هريجن بستين ۾ تيڏهن هت به مون ٻالڪ توهان جا رلندا پنندا ڏٺا ۽ هريجن اسڪول جي عمارت جنهن ۾ هينئر سڀ جاتين جا شاگرد پڙهن ٿا، تنهن ۾ فقط توهان جا ڪي چند شاگرد تعليم وٺن ٿا. سڌارو ڪنهن به جاتي ۾ اول بنياد ڪان يعني ٻالڪن ڪان شروع ٿئي ٿو؛ توهين چئو ٿا ته ڪانگريس جي زماني ۾ اسين چوٽيءَ تي پهچي ويا هئاسون، پر هينئر حالتون خراب ٿيون آهن. مگر جي ائين هو ته پوءِ اُن چوٽيءَ تان توهين ڇو ڪري پيا؟ ڪرڻ جو سبب هي آهي ته توهين انهيءَ چوٽيءَ يا چٽ تي پنهنجي ڪشالي يا محنت سان ڪونه پهتا هئا، مگر ٻئي ڪنهن هٿ سان گهلي اوهان کي اُتي پهچايو هو؛ پين هتراڏو طرح هي توهان کي پڻچاتي هال، بئنڪ ۽ اسڪول وغيره جون جڳهون نهرائي ڏنيون هيون، جن ۾ توهان جو سچو پچو چاهه ڪو نه هو؛ ايترن خرچن ڪرڻ جي بدران توهين پنهنجي ڪوشش سان ڪجهه به جوڙيو ها ۽ توهان جا ٻالڪ توهان جي ئي ڪوشش سان پڙهي پون ها ته آهو توهان جي ترقيءَ جو پڪو بنياد ٿئي ها. پوءِ ڪو به توهان کي ’هيٺ ڪيرائي‘ ڪو نه سگهي ها.

”اڄها هيءَ اوهان جي سامهون هڪ بتي رکي آهي؛ ڪهڙو نه انهيءَ کي سنڀال سان ڏاهي رکيو اٿو! شيشو اُن جو صاف رکيو اٿو؛ منجهس وٽ ۽ تيل وڌو اٿو ته آها روشني ڏئي. اهڙيءَ طرح توهان جي گهر ۾ پيون ڪيتريون شيون آهن جن تي توهان خرچ ڪيو آهي ۽ توهين، مون ڏٺو ته انهن جي سٺي نموني ۾ پرداخت ڪريو ٿا. مگر افسوس! جو توهان جي جيڪا وڏي ۾

وڏي ملڪيت آھي، يعني توھان جا ٻار، انھن جي پرداخت ٿي ڪو نہ ٿا ڪريو. انھن جي ڪايا جو شيشو صاف رکو؛ ھنن کي تندرست رکو؛ انھن جي من جي ٻتيءَ ۾ گيان جو تيل اوتيو؛ ھنن جي ھرديہ ۾ احساس جي وٽ وجھو تہ جيئن انھن مان ھر ھڪ اوھان جي گھر ۾ ھن ٻتيءَ مثل روشن دان ٿي پوي؛ نہ رڳو گھر ۾ پر پنھنجي جھلڪ اوھان جي جاتيءَ ۾ ۽ سڄي قوم ۾ ڏئي سگھي! اھا جھلڪ جا ھرگز وسامي نہ سگھي!

”ٻي ڳالھہ جيڪا مون نوٽ ڪئي سا ھيءَ ھئي تہ اوھان جي ھيترين حويلين ۾ فقط ھڪڙي معمولي پڙي دڪان جي ھئي جنھن ۾ ٻڻ ڪي مختصر سودا رکيل ھئا. مان قبول ڪريان ٿو تہ توھان جيڪو ڪم ڪريو ٿا سو سڀ ڪان اتم آھي؛ اتپتي جي پالنا لاءِ صفائي ضروري آھي. ائين ڪري چئجي تہ شو شڪتي يا سنگھار ڪرڻ واري شڪتي سرشٽيءَ ۾ صفائي ۽ سندرتا برقرار رکڻ لاءِ آھي؛ اوھين پڻ اھو ئي صفائيءَ جو ڪم ڪريو ٿا. زندگيءَ جو مرض، ڪچرو وغيره ميڙي ٻاھر ڪڍو ٿا؛ ان کان وڌيڪ اُتم ڪم ٻيو ڪو نہ آھي؛ مگر انساني دماغ تہ سو ڪيترن ۾ پنھنجي ڪيڏ ڪري سگھي ٿو. ڪيترا توھان ۾ اھڙا سياڻا ۽ سمجھو آھن جو ڪاميابيءَ سان دڪانداري، ماستري، مالداري وغيره ڪم ڪري سگھن ٿا؛ ڪھڙو نہ سٺو ٿئي جي توھان مان ڪيترا ڀائر جدا جدا حويلين ۾، گھٽ ۾ گھٽ پنھنجي ضرورتن جھڙيون شيون آڻي، ننڍا دڪان ڪڍن! مان ائين نٿو چوان تہ ٻين دڪانن جي شين کي ٻھشڪار ڪريو. ڪنھن بہ ٻھشڪار جي ضرورت نہ آھي، مگر جيئن آھي پنھنجن ڀائرن کي ڪيترين ڳالھين ۾ ھمٿائين ٿا، تيئن توھين بہ ھڪ ٻئي کي ننڍڻ بدران ھڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ جي ڪوشش

ڪريو. مون پنهنجي آزمودي مان ڏٺو آهي تہ لاڙڪاڻي ۾ اسان جا هريجن ڀائر پنهنجي هريجن دڪاندارن تي پيا ڏنو ليون ڪن ۽ انهن کي همٿائڻ بدران جيڪو سو هنن جي برخلاف پيا ڪم ڪن. اها هڪ ڏک جهڙي ڳالهہ آهي ۽ هڪ مرض جي علامت آهي، جو مرض هن اوستا ۾ هڻ ڄاتي ءَ ليءِ بلڪل خطرناڪ آهي. تنهن ڪري مان توهان کي وينتي ڪندس تہ ڪشاده دلي ۽ ڀراتري ڀاءُ ڌارڻ ڪريو ۽ هڪ ٻئي ڏانهن مدد جو هٿ ڍگهيڙيو.

”تين ڳالهہ جا مان هنوقت چوڻ گهران ٿو سا هي ءَ آهي تہ اوهان ڳئون، مينهون يا ٻڪريون خاص ڪري کير جي وڪري لاءِ نہ ته ڌهن بہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي گهرجن لاءِ ڌارڻ شروع ڪيو. مان زميندار ٿي رهيو آهيان ۽ مونکي پنهنجي آزمودي مان خاطري آهي تہ هڪ ڳئون يا مينهن پنهنجي در تي رکندا ۽ انهيءَ جي چڱيءَ طرح شيوا ڪندا تہ ان مان نہ رڳو پنهنجي گهر لاءِ کير ۽ مکڻ ميسر ڪري سگهندا پر ڪجهہ کير نيڪال ڪري اُن مان ٿوري بچت پڻ ڪري سگهندا ۽ جيترو توهان مان هر هڪ صفائيءَ جي ڪم مان ڪمائي ٿو اوتري پيدائش هڪ مينهن يا هڪ ٻن ڳاين مان پڻ ڪڍي سگهي ٿو. پنهنجي کير ۽ سٺي ڪاڻ سواءِ توهين ڀلا ڪيئن ٿا پنهنجي صحت قائم رکي سگهو؟ ۽ هي جي ڪرشن روپي ٻالڪ آهن انهن جي کير ۽ مکڻ ڪان سواءِ ڪيئن ٿي پالنا ٿي سگهي؟ اِن ڪري مان توهان کي وينتي ڪندس تہ جيئن اوهان ۾ ٿن يا چئن ڀائرن مالداريءَ مان فائدو ورتو آهي، تيئن ٻيا بہ گهڻا انهيءَ نموني پنهنجي صحت ۽ پنهنجي مالي حالت سڌارڻ لاءِ ڳئون، مينهون يا ٻڪريون رکو.“

تنهن بعد سام پرارٿنا ڪندي هيءَ وينتي ڪئي تہ

”هي پريو! هن حال ۾ جڏهن اسان جي هريجن ڀائرن جي

رهبريءَ لاءِ ڪي بہ سنڌ ن اڳواڻ هتي ڪو نہ رهيا آهن، تڏهن تون پاڻ اچي سنڌن مهندار ٿيءُ ۽ سنڌن جيوت جي راهہ کي روشن بڻاءِ. فقط تنهنجي نام ڏيائڻ سان هو پنهن جو ڌرم ڪرم قائم رکي سگهيا آهن. نہ آهي هنن غريب ڀائرن وٽ ڪو ٻل وديا جو ۽ نہ ڌن دولت يا ٻي ڪا طاقت. تنهنجي ديا سان ئي هنن جي جيوت جي ٻاري سرسبز ٿي سگهي ٿي. تون مهر ڪر انهن تي؛ ديا ڪر اسان سڀني تي، تہ تنهنجي شيوا جي راهہ ۾ گڏجي پنهنجي جيوت سڦلي ڪريون ۽ ٻين جي پڻ شيوا ڪريون!"

*   *   *

بعد ۾ سام مندر وارن کان موڪلائي حضرت محمد صلعم جي ثنا جا گيت پڻ ڳارايا ۽ سمجهائي ڏنائين تہ سڀ سنت ۽ رهبر اسان جي راهہ روشن ڪرڻ اچن ٿا؛ انهن کان عار ڪرڻ نہ گهرجي؛ ۽ وري جڏهن ڪرشن ڀڳتيءَ جا گيت ڳائجي رهيا هئا تڏهين لاڙڪاڻہ جي هڪڙي هريجن سازن سان تار ملائي اٿي ناچ ڪيو؛ ڪن مندر وارن اعتراض آندو تہ مندر ۾ ناچ نہ ٿو ٺهي! سام چيو جي ڇهانجهہ ۾ هٿن سان گهنگهرو وڄايو تہ بہ ساڳي ڳالهہ آهي، جي ڇير پيرن ۾ پائي وڄايو تہ بہ ساڳي ڳالهہ آهي. پل هٿ پير اندريون ۽ دل من اسان جا سڀ رقص ۾ اچي وڃن! ڀڳتيءَ جو مقصد ئي وجود وڃائڻ آهي. ازانسواءِ هت ڪرشن جا گيت ڳايو ٿا جو پاڻ بہ گوپين سان ناچ ڪندو هو."

مندر جي هڪ ماڻهوءَ چيو تہ هو مندرن ۾ تہ ناچ ڪونہ ڪندو هو پر ڪيتن ۽ پٽن ۾ جمنا ڪناري تي ناچ ڪندو هو.

سام کلي چيو: "اهي ٿاڪ ۽ جايون خود هيٺر مندر ٿي پيا آهن جتي ياتري وڃي متو ٽيڪين ٿا؛ جتي سندس ناٿو اچار جي ٿو؛ تڏهن ئي انهن کي مندر

ڇڏيو ن تا. جتي سندس پير گهميا ڇا اهو آستان کو هن مندر کان گهٽ آهي؟"

پوءِ سيني چيو ته جي تون چاهيو ته، بيشڪ ناچ ڪرايو مگر سام چيو ته مان هرو ڀرو انهيءَ ڳالهه تي زور نه لائيندس. هت جي هڪ پاءِ ڪي ٿي اعتراض هجي ته ناچ نه ڪيو. تنهن کان پوءِ وري ٻچڻ جي موج وڌندي رهي، تان جو رات جا ٻه اچي لڳا، جنهن بعد ست سنگ سماپت ٿيو.

* * *

٥-٤-١٩٥٩ع - پڙهندا آهيون ته ورڊ سورٿ (Wordsworth) انگريزي شاعر ڪنهن ڪنهن وقت موج ۾ اچي وڻن کي ياڪر پائيندو هو. مگر مان ته سمجهان ٿي ته اها ڳالهه فقط هڪ شاعر سان لاڳو نه آهي ٻالڪ شاعري خود انهيءَ احساس جو نالو آهي. ڪالهه ڪو سام جو حال اسان جي گهر ۾ ڏسي ها ته انهيءَ ڳالهه جو ڪيس پتو پوي ها.

اسان پنهنجي ٿلهي تي هڪ قسم جو باغ (Terrace garden) ٺاهيو آهي، جنهن ۾ خاص هت سام جو آهي. هو پاڻ هڪ هڪ ٻوٽي جي پالنا ائين ڪندو آهي جيئن ڪا ماتا پنهنجي هڪ هڪ ٻالڪ جون جدا جدا گهرجون محسوس ڪري. ڏينهن جي تپت وڌندڙ ڏسي سام هڪڙي ٻوٽي جي مٿي ڪو ٿي ڏني ته اهو سڪل ۽ ڪيس گرم پڻ لڳي. پاڻي ڏيڻ جو ڪم اسان ٻن جدا مائهن کي ورهائي ڏنو آهي. سام کي ائين محسوس ٿيو ته ٻوٽن کي پاڻي پورو نه ٿو ملي. بس پوءِ ته ڪيس اها انتظاري ۽ پريشاني هئي جا ڪنهن ماتا کي پنهنجي اچايل ۽ بڪايل ٻار لاءِ هجي. جيستائين شام ٿئي ٿي ٿئي تيستائين ڪئين وار اهڙا اهڙا اکر ٿي ڪڍيائين ته "مان سمجهان ٿو هي

اسانجا ٻوٽا ڪوسي دل ڪري رهيا آهن؛ ويچارا دانهون پيا ڪن ۽ پڻ پيا! شام ٿيڻ کان اڳ ـ ۾ ئي اسان سڀني کان انجام ورتو هيائين تـه سڀئي ڇوڪرا ۽ اسين پـاڻ ڳـڏجي هيٺان حوض مان پاڻي پري هنن ٻوٽـن جي پياس ٻجهائيندا سون . سچ هتندي ئـي سڀني کي تڪــو ڪري مفاصلو ورهائي ڏنائين. ڪنهن حوض کـان ڏاڪڻ تائين ڪنهن ڏاڪڻ کان دروازي تائين، ٻين دروازي کـان ڪوئي سڄي تي پاڻيءَ جي وندر وراهه تي ڪٽي . سام ۽ مون به انهيءَ ڪم ۾ هٿ ڳنڍيو ۽ ڄيئن جيئن ٻوٽن کي پاڻي ملندو ٿـي ويو تيئن تيئن سام چڙڪ سرهـو ٿيندو ٿي ويو . برابر ڪلاڪ ڪن پاڻي ڏنوسون . جهجهو پاڻـي ڏسي سمجهون پيا تـه سام موج ۾ ايندو ٿي ويو ۽ مونکي سڏي چيائين تـه ڏس اِتي جـو اِتي ٻوٽا ڪيئن نـه سرها ٿيندا پيا وڃن! مون پاڻ کان پڇيو تـه ڇـا شاعر ٻوٽن جو غـم ۽ خوشي به اهڙو ئي محسوس ڪـا ڪن جيئن ڪنهن جي دل جو؟

* * *

٧-٤-١٩٥٩ع - ڪيترن ڏينهن کان مان اها ڪوشش ڪندي رهندي آهيان تـه ”چمٽو“، اسان جـو ڇوڪرو، ڪجهه انگريزي سکي پوي . هـو ڇهون درجو هتان جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهي مگـر سايس اکرن جهڙوڪ Chap. ass, mad وغيـره جي معنيٰ به ڪيس ڪانه اچي . سندس سنڌيءَ مان انگريزي ترجمو وري اهڙو مزيدار آهي جـو ’ڪٽ متا‘ ۽ ’ايٽ برهمڻ‘ واري ڳالهه يـاد پيئي اچي .(١)

(١) اها ڳالهه هيئن آهي تـه هڪ سنڌيءَ جو پيءُ مري ويو . سندس پاءُ اڳ ۾ ئي هردوار طرف ويـل هو . ان پنهنجي ڏرمي رسم موجب پاءُ کي اطلاع ڪرڻ

(ڏسو صفحي ٥١٦ جي هيٺان)

سام پڻ ٻه ٽي ڏينهن ڪوشش ڪئي ته هن ڇوڪري کي ڪجهه مدد ڪجي. رت ڪيائين ته سانس گفتگو سڀ انگريزيءَ ۾ شروع ڪيو. سام ته اها ڳالهه جلدئي بس ڪري ڇڏي ڇا لاءِ جو ڇوڪرو هڪ ته سوالن جا جواب نه پيو ڏي پيو ته ڪڏهين ڪا چوڪ ڪريءَ مدار جيس ته ڦري سيکاريندڙ کي پيو ڏوهه ڏي ته مون هيئن ڪو نه چيو وغيره. سام سندس رخ ڏسي چيو ته هن جي سکڻ ۾ اڃا گهڻي دير آهي. پر مون ائين ٿي چيو ته ٻار هن مهينن اندر ڪيس ڏکو ڳالهائڻ ٻولهائڻ انگريزي زبان ۾ سيکاري سگهندس.

اڄ مون سان سکڻ جي ڳالهين تي اهڙو ٻرو منهن ڏاهي پيش آيو جو سام پڻ کلي ويٺو ۽ چيائين: "اهـا ڳالهه مان توکي ڪيئن سمجهايان ته سيکو ماڻهو ساڳيءَ رفتار سان سکي نه سگهندو آهي. ادب ۽ شرڌا استاد جي لاءِ ضروري آهن. انهن ڪانسواءِ ڪو به شاگرد ڪجهه پرائي نه ٿو سگهي. تون سمجهندي هوندينءَ ته مون ناحق ڪيس سيکارڻ ڇڏي ڏنو. مگر انهيءَ ادب ۽ شرڌا جي طلب ڪرڻ ۾ شخصي مطلب ڪو منهنجو ڪو نه هو. ادب ۽ شرڌا ڪو عوض يا انعام نه آهي جو شاگرد پنهنجي استاد کي سکيا جي موٽ ۾ ڏي ٿو. پر شرڌا ۽ ادب اهـو واڌو منڊل پيدا ڪن ٿا جنهن جي وسيلي شاگرد سکيا پرائي سگهي ٿو؛ تنهن ڪري ئي اسانجا صوفي ۽ سنت ماڻهي وات

(آندل صفحي ٥١٥ تان)

ٿي چاهيو ته بابو مري ويو آهي؛ تون اڳو پوءِ مٿو ڪوڙائي ۽ برهمڻ جي ڪارائڻ جي رسم هردوار ۾ پوري ڪري ڇڏج؛ پر تار ۾ اکر (Wording) لکيائين: Kill father, Cut Matha, Eat Brahman جنهن ڪري C.I.D پوليس اچي پاڻس کي گرفتار ڪيو ته شايد ڪو خون رٿيو اٿن!

وٺي وقت گذاريندا هئا. ڪين اگرچ گهڻو ڪجهه سيکارڻو يا چوڻو هوندو هو تڏهين به پاڻمرادو بنا گهرج جي ڪجهه ڪين چوندا هئا؛ نه وري پنهنجي سکيا جو پاڻ ڍهل وڄائيندا هئا. جڏهين وٽن ڪو سچو طلبگار ايندو هو، تڏهين ئي سائنس روحي راز سليندا هئا. آنهيءَ اعتقاد جي يا اند شرڌا جي پٺ پرائي مان نه ٿو ڪريان جا عام طور 'گرو' پنهنجي چيلن کان طلب ڪندا آهن، مگر عقل ۽ احساس ٻئي ان طرف اشارو ڪن ٿا ته گرو هڻ ڪرڻ ڪنهن ڳالهه جو تڏهين ئي سگهندو آهي جڏهن انهيءَ رستي ۾ ڪي رڪاوٽون يا ضد ڪو نه هوندا آهن. تنهن ڪري اثين سمجهڻ گهرجي ته شرڌا ۽ ادب اهو ماحول يا Milieu آهي جنهن جي رستي ڪا به سکيا ڏيئي سگهجي. علم جي لاءِ شرڌا هڪ سڙ ڪا آهي؛ چاهه يا طلب آهي تار آهي جنهن وسيلي هڪ آتما ٻيءَ سان ڳالهيون ڪري ٿي. شرڌا آهو تلاءُ آهي جنهن ۾ هر ديه جا ڪمل پرڦلت ٿين ٿا؛ آتمڪ راز جي اُپجڻ لاءِ شرڌا نوبهار آهي؛ ان ڪانسواءِ ڪا به من جي قلوازي قلبي نه ٿي سگهي ۽ جڳت ڪي سگهند ڏيئي نه ٿي سگهي. باقي جي ڪو چار اکر انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ سکيو ته چا ٿي پوندو؟ ڪوئي ڪي Rat چوڻ سان ۽ ٻليءَ کي Cat چوڻ سان ڪو انسان جي مغز ۾ اُجالو ٿورو ئي ايندو؟"

* * *

ڪجهه ڏينهن ٿيا جو مون سام کي اڳواٽ اطلاع ڪري ڇڏيو هو ته هن جنم ڏن تي نه گل سوکڙي وٺندس ۽ نه توهان جي ٻي ڪا شيءِ قبول ڪندس؛ يا ته پنهنجي ڊائريءَ جي لاءِ لکڻ جوڳي ڪا چيز ڏيو يا ڪو راڳ يا ٻي اهڙي شيءِ جهڙو ڪ نئون شعر وغيره.

سام چيو: "اهڙيون ڳالهيون يا شعر وغيره

هتراڏو ڏورو ٿي نهي ايندا آهن. ڏينهن ٻہ گذريو تہ ڪانشس پڇيم: ڇا خيال ڪيو مون ڪي جنم ڏن جي سوکڙيءَ ڏيڻ لاءِ؟

سام چيو: "ٻيو تہ ڪجھ ڪو نہ، فقط اهو ويچار ڪندي هڪ ٿالهيءَ جو تصور ڏنم! خبر نہ آهہ اِن جو مطلب ڇا آهي."

مون اڳيءِ ٿي ڪٿي چيو آهي تہ سام بعضي بعضي خيال تصويرن ۾ ڏسندو آهي جي سچا ثابت ٿيندا آهن پوءِ چاهي ڪنهن مرض جو علاج هجي، چاهي ڪا ايندڙ زماني جي صورت هجي. سندس سمجهائي ان بنسبت هيءَ آهي تہ ظاهري دنيا ۾ شيءِ اتپن ٿيڻ کان اڳ خيال جي دنيا ۾ اتپن ٿئي ٿي.

ٿوري وقت بعد وري مون کيس چيو تہ باقي ڏينهن وچ ۾ ٻہ رهيا آهن! ۹ اپريل منهنجي جنم دن تي مون کي ڪهڙي نرالي سوغات ڏيندين؟

سام سنڌيا تي ويهڻ وقت هيءَ پرارٿنا ڪئي جا مان سندس اکرن ۾ ورنن ڪريان ٿي:- "هي ٻہ ريو! هي پرم آتما! تنهنجا ڀنڊار ڀرپور آهن؛ تو منجهان ٿي سڀ خيال ۽ سڀ چيزون دنيا جون اتپن ٿيون ٿيون. هي پارٿي نموني جو سوال منهنجي ساٿيءَ ڪيو آهي؛ سو ٻہ تون ٿي پورو ڪري سگهين ٿو!"

سام چيو، اجان اهو خيال ڪيم ٿي ٿي تہ ساگيءَ ٿالهيءَ جو تصور ڏنم ۽ پاڻ کان پڇيم تہ ٿالهي ڇا آهي؟ پوءِ آمالڪ، زور سان آن جو جواب مليو: ٿالهي اگربتين سان ڀربي ڏنم منجهس ۴۵ جوتيون هيون جي تنهنجي ۴۵ سالن جون جوتيون هيون؛ جيوت سموري هڪ ٿالهہ پانيم؛ سڪ جو منجهس هڪ ديپ جڳايم؛ آس ۽ امنگ جو ڌوپ جلايم جنهن سان گڏ دل جي چمن جا چاهہ روپي گل ۽ من جا

اڪا ملايم ؛ اڻين آرتي سجايم !

سام چيو اها ٿالهي اٿيئي دعوت توکي پاڻ ارپڻ ڪرڻ لاءِ ! آتما تنهنجي ۽ منهنجي گهري ٿي ته پنهنجي جيوت ارپڻ ڪرڻ جو هن تنهنجي جنم ڏينهن تي نئون اقرار ڪريون . تنهن ڪري تنهنجي جنم ڏينهن لاءِ هي رٿون آهن :

(١) مان ٤٥ ڏيپ جڳائيندس . (٢) تون ٤٥ ٻڪ چانورن جا پنهنجي هٿ سان پري ست سنگ وارن ٻارن لاءِ سيسا رڌي تيار ڪجانءِ .

اِتي گهر ۾ چوڪرن ۽ ٻين ويلن سيني چيو ته دادا اسان کي به چئو ته اسين سڀ چا چا ڪريون . سام هڪ کي ڏسيو ته تون ٤٥ اگربتيون جلائجانءِ . ٻئي کي چيائين ته ٤٥ گلن سان هڪ مالها ٺاهي اچجانءِ . هڪ چوڪريءَ کي چيائين ته ٤٥ قول پرت ۾ پري هڪ سادي ڪپڙي تي ، اهي پيش ڪجانءِ . چوٿين کي چيائين ته ٤٥ وٺيون ڪپھ جون ڏيئن لاءِ ٺاهي ڪٺي اچجانءِ . پنجين کي چيائين ته ٤٥ سادن مٽين جو هڪ هار پيش ڪجانءِ ، ۽ ٻين کي ڪجھ نه ڪجھ ٻيو ڏسيائين .

سام وڌيڪ پنهنجا ويچار هن ريت ظاهر ڪيا:
”سيائي سڀ ست سنگي ڪنا ٿيندا ۽ توکي هن ننڍڙي آشرم جي ’ ماتا ‘ جو لقب پڻ انهن سوڪڙين سان گڏ ڏيندا سين.

”هيءَ آشرم آئينده ڪهڙي صورت وٺندي يا اُن جي اڏاوت ڪهڙي ٿيندي سو مان هن وقت چوڻ نه ٿو گهران مگر هيءَ آشرم هڪ آس آهي جنهن جي ڇايا ۾ اسان ٻنهي ڄڻن جي زندگي گذر ڪئي آهي . سنسار جي لاهن چاڙهن ۽ وقت جي تبديل ۽ آزمائش ۾ اِها هڪ آس قائم رکي اٿئون ته هي ننڍڙو گهر اسان جو ۽ هيءَ زندگي اسان جي خود هڪ آشرم جي صورت وٺندا . ٻن سالن کان هت صوفي ست سنگ ۾ اينڊڙ پريمين کي وڌيڪ چاهه رکندو

ڏسي هي هڪ نئون آرنيب آن آشرم جو رٿيو اٿم جنهن جي اڄ ڪان وٺي تون ماتا آهين؛ 'ماتا' جو ڪم آهي، پالنا ڪرڻ. هي ڇوڪرا ۽ ست سنگ جا پيا ڏسي سمجهه ته هڪڙا آس پريا بوتا آهن، جن جي پريم جي پاڻيءَ ۽ گيان روپي پاڻ ساڻ لڳاتار پالنا ڪرڻي آهي. تو اهو پارٽ هن وقت تائين چڱيءَ طرح ادا ڪيو آهي ۽ آشرم جي ماتا سڏائڻ جي حقدار آهين. تنهن ڪري مان سڀني ستسنگين کي وينتي ڪندس ته اڄ ڪان پوءِ سڀئي توکي انهيءَ نالي سان ڪوٺين ۽ تون پڻ پنهنجي جيوت جنو خاص ڪاريہ اهو ئي ڪري سمجهه.

"هن جنم ڏڻ تنهنجي تي توکي هن ريت هڪ عجيب سوکڙي ڏيان ٿو. شيوا جي جوابداري، پريمين جي چنتا ۽ ايشور جي آسيس!"

١٠-٤-١٩٥٩ع- ڪالهه منهن جو جنم ڏڻ ملهايو ويو، جيتو ٺيڪ مون سمجهيو ٿي ته هميشه ڪان هيءُ ڏينهن نرالو ٿيندو ۽ ٿڌهين به. اڳين هر ويرو ڪو نه ڏي پانمر ته مان سڀني گهر وارن جي خيالن جو اينتريڪدر مرڪز بڻجي پوندس جو ٩ تاريخ سڄو ڏينهن هنن جو ڳريا منهنجي بابي ڏي خرچ ٿيندو. ڪيترن نه پيار ۽ اتساهه سان هنن سڀني منهنجي لاءِ نذيون نذيون سوکڙيون تيار ڪري ورتيون! وڏي خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي جو ڪي مسلمان ۽ هڪ عيسائي دوست پڻ شريڪ ٿيا. پروگرام ديپن وغيره جو جيئن سام رٿيو هيو تيئن ئي ٿيو ۽ اسان جي پياري پاءُ ماستر "صوفي صاحب" جي چوڻ تي تقريرون پڻ ٿيون. سام سڀني جا شڪرانا مڃيندي چيو ته هي جيڪي گلن جون ڪنڊيون وغيره آنديون اٿو انهن ۾ نه فقط هنن گلن ۽ تانگر جي خوشبوءِ آهي مگر

اوهان جي نازڪ خيالي ۽ پريم جي خوشبو پڻ رليل آهي. وڏيڪ پنهنجي تقرير ۾ هيئن چيائين ته هي اسان جي لاءِ هڪ خاص خوشي ۽ جو ڏينهن آهي. حقيقت ۾ ڏينهن ڏينهن جهڙا آهن مگر ڪنهن ڏينهن جي ياد انسان جي دل ۾ ڪو دور آڻي سگهي ٿي؛ ڪنهن ڏينهن جو اقرار جيوت جو هڪ نئون آرنڀ ٿي سگهي ٿو؛ اسان لاءِ هي ڏينهن هڪ پاڻ ارپڻ ڪرڻ جو ۽ هڪ نئين پرتگيا ڪرڻ جو ڏينهن آهي ڇالاءِ جو اڄ منهنجي ساٿڻ هن ننڍڙي آشرم جي 'ماتا' جو لقب وٺي ٿي؛ هوءَ پاڻ ائين سمجهي ٿي ته مان هڪ قسم جو سنياس وٺي رهي آهيان يعني اڄ کانپوءِ ٻيو ڪجهه به آهيان يا نه آهيان مگر اول هن آشرم جي هنن ننڍڙن ٻوٽن يعني ٻالڪن جي ۽ هن آشرم وارن خيالن ۽ آدرشن جي مالهڻ ۽ ماتا آهيان. انهيءَ پرتگيا جي نشاني اسان اڄ هن کي هي ويس يعني هڪ خلعت جوڳيا رنگ جي پهرائي آهي؛ مان هڪ گنهگار انسان آهيان؛ مون کي ٻيو ڪو حق هن تارڪ ويس پهرائڻ جو ڪو نه هو، مگر منهنجو پريم مون کي اها طاقت يا Authority ڏئي ٿو جو مان پنهنجي جيون ساٿيءَ کي هي ويس وٺراڳ ۽ شيوا جو پهرايان! توهان سڀئي آسيس ڪريو ته اهي اقرار ۽ اهي مرادون اسان جون پوريون ٿين!

صوفي صاحب سام بنسبت ڪيتريون ڳالهيون چيون جي سڀني جي دل وٺان هيون. سندس تقرير جو تت سار هن ريت آهي: ”مان سام صاحب کي چڱيءَ طرح سڃاڻان؛ ننڍي هوندي کان اسين ننڍي ڳوٺ ۾ گڏ پليا ۽ وڏا ٿيا آهيون؛ گڏ تعليم ورتي اٿسين ۽ گهڻو وقت گڏ رهيا ۽ گهميا ڦريا آهيون. مون کان وڌ شايد

سام صاحب کي ڪو به نه سڃاڻي. انهيءَ ڪري مان چئي سگهان ٿو ته هو هڪ اعليٰ هستي آهي؛ هن جي جاءِ ملڪ ۽ مذهب جي وڏن ليڊرن ۾ هئڻ گهرجي؛ سندس جيون ساٿي ته هڪ قربانيءَ جو پتلو آهي جنهن جي بي مثال قرباني ئي ان ڳالهه جو ڪارڻ آهي جو هي گهر ڦري هڪ آشرم ٿي پيو آهي؛ مان الله جي در دعا گهران ٿو ته هنن ٻنهي جي جيوت سڦلي ٿئي ۽ مائي صاحب جنهن جو نالو اڄ کان وٺي ”ماتا جي“ آهي تنهن جا جنم ڏينهن شل وري وري پيا ورن!“

تنهن کانپوءِ هڪ حيدرآباد جي اديب دوست پڻ ٿورا لفظ چيا جن ۾ هن اهو ويچار ظاهر ڪيو ته سنياس وٺڻ جي معنيٰ آهي پاڻ کان الڳ ٿي ٻين جي شيوا ۾ وقت گذارڻ؛ اڄ کانپوءِ اسين ائين سمجهون ٿا ته اسان جي ڀيڻ نه فقط اسان جي دادا سام جي جيون ساٿي، پر هن آشرم جي سچي پچي ماتا به آهي ۽ مان دعا ڪريان ٿو ته سندن من جون مرادون پوريون ٿين! تنهن کان پوءِ ڪجهه ڀڄن ڳايا ويا ۽ مهمانن کي رسوئي ڏني وئي.

* * *

٢٩-٨-١٩٥٩ع- سام مون کان مهينو کن اڳ ١٥ جون ڌاري، هندستان ويو ۽ مان سندس پنيان دهليءَ وچي ساڻس ٢١ جولاءِ تي مليس. انهيءَ عرصي جا ڪي عجيب و غريب احوال هيٺ ڏجن ٿا:

سام پر پڻ جا آزمودا ٻڌائي چيو: ”هڪ ڀيري مون کي ڏاڍو اچي انتظار ٿيو ته توهان سيني کي هندستان اچڻ جي موڪل ملي الا جي نه؛ اهي پڻ احوال ٻڌان پيو ته سکر ۾ درياءَ کي زور آهي؛ جي اڳي وانگر زور وٺي يا ايئن نڪري ها بي ڪا آفت اچي ته هڪ ٻئي کي

پهچڻ ۾ اهنجو ٿي پوي! تڏهن هميشه جي دستور موجب پيو چارو نه ڏسي آن سروشڪتيوان وٽ پرارٿنا ڪيم جنهن جي هيءَ سچي رچنا رچيل آهي؛ يعني چنتائون ڇڏي پرارٿنا ڪري ان آتمڪ شڪتيءَ کي جاڳائڻ جو ارادو ڪيم؛ اهو خيال آيو ته منهن توهان جي طرف ڪري توهان سڀني کي دعا موڪليان. ان نموني دل کي سڪون ٿي مليو؛ پر خيال ۾ اڳي ئي سچيتائي ڪا نه هئي جو فيصلو ڪريان ته ڪهڙي پاسي اٿريا اولهه ٿيندو؛ پوءِ اُئين ڪٿي اڪيون بوتيم، پر ٻيئر بعد ڏٺم ته منهن از خود لاڙڪاڻي جي طرف ٿي ويو هو."

* * *

دهليءَ ۾ منجهند جي ماني هڪ هند ته رات جي ٻي هند هئي. مان پنهنجي پيڻ وٽ ٽڪيل هيس ۽ سام پنهنجي پٽ وٽ. دهليءَ جا فاصلا ٻه وڏا آهن. منهنجي پيڻ جي جاءِ پراڻي شهر ۾ هئي. جيتوڻيڪ جاءِ سوڙهي نه هئي تڏهن ٻه اتهان جو ماحول دل کي خوش ڪندڙ نه هو. ڪجهه وقت سام کي منجهند جو ۽ شام جو اچ وڃ ٿي پيو لڳي. انهيءَ هوندي پڻ موڪي مزو ڏاڍو پيو اچي پر منهنجي پيڻ سڄو ڏينهن گهر ۽ ٻارن جي ڪمن ۾ خفي خفي ٿي نظر آئي؛ هو ڏانهن منهنجي باري ۾ اجايون چنتائون ٿي رکيائين ۽ سام کي پنهنجو سڄڻ نه ٿي سمجهيائين. آخر اهڙي ماحول ۾ رهي رهي هڪ ڏينهن هڪ ٿوري ڳالهه تي سام ناراض ٿي هليو ويو؛ چڻڪ ڳنڍيل اٿر هيٺرن ڏينهن جي چڪتاڻ جو مٿس اوچتو اچي پيو. هن وري اتي اچڻ کان انڪار ڪيو جنهنڪري مون کي ڪيتري مفاصاي تي سائنس وڃي پراڻي قلعي ۾ ڪن دوستن وٽ ملڻو پيو.

اُتي هڪ غريب ڇوڪري رهندي هئي جنهن کي

نندي هوندي کڏهن ٿوري خرچي ڏيندا هئاسون ۽ ٿوري مدد ڪندا هئاسون. انهيءَ سام کي هن مونجهاري ۽ گرميءَ جي وقت ۾ ڪوٽ ڏني ته مون وٽ قلمي جي مٿان هلي ويهو. آتي هڪ کهرن پٿرن سان اڏيل هڪ دريءَ ۽ هڪ دروازي نندي ڪوٺڙي هئي جا هڪ جابلو غفا وانگر پيئي لڳي. ڀئي پاسي ڪان جمنا جو نظارو هيو. سام مٿي چڙهڻ سان انهيءَ ڀونگيءَ ۾ ايترو ته خوش ٿي ويو جو ڪو محلاتن ۾ گهرڻ سان به مشڪل ٿئي. چيائين: "قدرت جا نظارا ڪيترا نه راحت بخش آهن! تن ۽ من جا مرض چٽابو چڏين. انسان پاڻ کي ڪوڙن سکن جي گولها ۾ قدرت کان پاڻ چني ڪيترو نه غريب بڻايو آهي! جو سک عيش ميسر ڪري نه ٿو سگهي سو هي قدرت جا نظارا اڻ ميو ڏين ٿا ۽ هيءَ غريباڻي جهوپڙي نه هڪ سچو پڇو مندر ثابت ٿي آهي. اسان ٻنهي جي وچ ۾ جيڪا بند ماحول جي پيدا ڪيل مايوسي هئي سا هڪدم ڪافور ٿي اڏامي ويئي."

*　　　*　　　*

پوءِ هڪ ڏينهن هردوار گهمڻ وياسون. هردوار ته هر ڪو پيو وڃي ۽ گنگا ۾ به هر ڪو پيو اشنان ڪري، مگر اسين سمجهون ٿا ته اسان هردوار ۽ لڪشمڻ جهولو سچي روپ ۾ ڏسي آياسون. سام کي هردوار ڏٺي گهڻا سال ٿي ويا هئا ۽ مون کي ڏيکارڻ جو ارادو به هيس. انهن ڏينهن ۾ هڪ ميلو هردوار ۾ هيو جنهن ڪري ياتري به گهڻي پاسن کان اچي رهيا هئا. سام گنگا ۾ اشنان به نه ڪيو ڇا لاءِ جو ڪيس بخار ۽ زڪام جو اثر هيو پر هونئن گويا ياتري ياوجي درياهه ۾ هر وقت ٽبيون ڏيئي رهيو هو. فيصلو ڪيوسون ته لڇمڻ جهولي ڏانهن پين ياترين سان گڏجي وڃون. ڪار ۾ نو پڪلائي ٿي

ها پر ھي جو گنگا ماتا ۽ ھري ڀڳتي ۾ جا گيت ياتري ڳائيندا پيا ھلن سي انھي ۾ وڏ ماڻهپ جي نموني ھلڻ سان ڪو نہ نصيب ٿين ھا. ويتر جو لڇمڻ جھولي پھتاسون تہ سام بي حد خوش نظر آيو؛ جسماني طور زڪام ۽ بخار جي ڪري نبل ٿي لڳو پر چيائين تہ ھيءَ شريڪ نبلائي خود اچوڪي ياتري ياؤ ڪي، وڏائي ٿي ۽ مان پاڻ کي پورن ريت ھڪ مسافر ٿو سمجھان. جيئن جيئن وڪ ڪري ۾ ياد ميلن جو فاصلو اوٽ موٽ طئي ٿي ڪيوسون تيئن اندروني طرح ھڪ نرالي ياڦ ۾ وڌندا ٿي وياسون. منھنجو شرير پڻ ٿڪل ھو. ان ٽڪ ۾ مون سام جو خيال چٽيءَ طرح جھپي ورتو؛ تہ ڪيئن نہ اُن ڏينھن جي شريڪ نبلائي اسان کي ويچارو ويچارو سمجھڻ ۾ ۽ پاڻ ڪي ھڪ لاڏو مسافر ڪري ڏسڻ ۾ مدد پڻ ڪري.

سام لڇمڻ جھولو اڳي ڪو نہ ڏٺو ھو. وٽ راھ ۾ پنھين پاسن کان 'سورگ آشرم' جي رستي تي ساڏن جون ڪتياڻون نھيل ھيون؛ سام ڏسي آتي اچرج ۾ اچي ويو. چيائين تہ ھي رستو يا ھن جھڙو مون وري وري پنھنجي خوابن ۾ نندي ھوندي ڪان ڏٺو آھي ۽ ائين پائيندو آھيان تہ مون پنھنجي اڳين جيون ۾ تي يا اھڙي ڪنھن ڪتيا ۾ ختم ڪئي آھي؛ ھن رستي جي انھيءَ خواب واري رستي سان ۽ ھنن ڪتياڻن جي منھنجي خيال وارين ڪتياڻن سان گھڻي مشابھت آھي. پر مان سمجھان ٿو تہ بدري ناراڻ ڏسڻ کان اڳ سورھن آنا خاطريءَ سان مان چئي نہ سگھندس تہ اھو ھي آھي يا بدري ناراڻ ۽ ڪيدارنات واري رستي سان ملي ٿو. ڇا لاءِ جو انھيءَ ۾ اگھاڙي پھاڙ مان ويندڙ رستو پڻ مان خواب ۾ ڏسندو آھيان مگر ھنن پاسن جا ساڌو ۽ ڪتياڻون شايد سڀ ھڪ جھڙائي

هجن. بدري نارائڻ وارو رستو پڻ ڏسڻ کپي. ٿي سگهي ٿو ته انهن پاڳن ۾ اسان کي ڪو نرالو تجربو حاصل ٿئي!

تنهن بعد جيئن اڳتي وڌياسون ته هڪ ساڌوءَ جي ڪٽيا نظر آئي؛ هڪڙو ماڻهو آن وقت به انب هڪ ساڌوءَ کي انهيءَ ڪٽيا ۾ ڏيئي رهيو هو. اهو ساڌو هڪ مجذوب ٿي ڏيکاريو. ساڌوءَ آهي پئي انب ڦٽا ڪٽي ڪيا ۽ چپائينس ته ڪٽي وڃ؛ مان ڇا ڪندس؟ عين انهيءَ وقت تي سام به ساڌوءَ ڏانهن نظر ڪئي ۽ مان به دروازي جي سامهون بيٺي هيس. ساڌوءَ امالڪ خيال ڦيرائي اسان کي سڏ ڪيو ۽ چيائين اچو؛ هي انب ڪٽي وڃو! سام مون کي چيو تون وڃي ڪٽي اچ ۽ پڇينس ته توکي ڪجهه کپي. انهيءَ وچ ۾ سام جي دل ۾ هڪ شنڪا پيدا ٿي ته جيڪڏهين ڪجهه گهريائين ته سمجهبو ته هڪ لالچي ساڌو آهي. انهيءَ مهل پهريائين منهنجي آڇ ڪرڻ تي مون کي چيو پل جيڪي وٺڻي سو ڏي! پر چٽڪ سام جي اندرئين خيال مان واقف ٿي وري چيائين: ”لي جاؤ، مجهي ڪڇه بهي نهين چاهيئي.“ تنهن کان پوءِ سام چيو ته هي خيال مان توکي سبب ۽ ثابتي سان سمجهائي ڪو نه ٿو سگهان. مگر مون کي اندروني يقين آهي ته هن ساڌن ۽ هن پسگردائين سان منهنجو اڳوڻي جنم جو گهاٽو سنبنڌ آهي. هن توکان پهريائين ڪجهه وٺڻ قبول ڪيو ڇالاءِ جو سمجهيائين ته تون پنهنجي دل سان اها آڇ ڪئي. هو ڏانهن هن مائيءَ جا انب نه ٿي قبول ڪيائين جو هن شايد ڪو اولاد جو يا ٻيو ڪو ٻاهريون مطلب من ۾ رکيو هوندو.

* * *

٦-٩-١٩٥٩ع- مون سام کي چيو: ”منهنجي دل هئي

تہ هردوار ۾ ڪجھہ ڌرم ڪجي مگر توکي ان باري ۾ ڪجھہ ڪو نہ چيم؛ ڇاڪاڻ تہ اها ڳالھہ مٿان تنهنجي خيالن جي برخلاف هجي."

سام چيو: "ڌرم ۾ ڏيڻ ڪو برو ڪم نہ آهي مگر ڇا ڏجي ۽ ڪنهن کي ڏجي، اهو هڪ منجهائيندڙ سوال آهي؛ منهنجو برابر اهو خيال آهي تہ ٻاوا، ٻانيڻ ڪارائڻ، يا ڳئوءَ جي ٻچ کي هٿ لائي ۽ ڳئو دان جا ٥٠ روپيہ ٻانيڻ کي ڏيڻ سو پئسو اجايو وڃائڻو آهي. هردوار ۾ ٻيون بہ ڪيتريون سنسٿائون آهن جيڪي دان گهرنديون آهن، مگر انهن مان گهڻن جا مقصد ننڍڙا آهن يعني ڪي ڪنهن خاص پنٿ لاءِ آهن ۽ ڪي ڪنهن خاص جاتيءَ جي آڌار لاءِ آهن. انهن جا شيوا جا آدرش پنهنجي جاتيءَ پنهنجي مذهب يا ڌرم تائين محدود آهن. انهن جي پيٽ ۾ تون جيڪو پئسو اسان جي اڪبر آشرم ۽ ٻين ڪتابن جي ڪم ۾ خرچ ڪرين ٿي يا ٿورو گهڻو هريجن شيوا ۾ ۽ صوفي ست سنگ ۾ لائين ٿي، سو وڌيڪ جوڳي نموني ۾ خرچ ٿئي ٿو. ادب يا ساهتيہ جي شيوا ڪرڻ بہ هڪ آتمڪ ڪاريہ آهي. ادب وڌائڻ معنيٰ انسانيت وڌائڻ آهي. ساهتيہ جو انسانيت ۽ ادب وڌائي ٿو تنهن جي اڄ سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي؛ انسان جون سڀ ڪوششون فقط پيٽ پوجا ۽ لٽي ڪپڙي يا ٻين ٻاهرين ڳالهين لاءِ هجن تہ انسان جيڪر حيوان کان بهتر نہ هجي. ادب ئي انساني تهذيب جو بنياد آهي. ادب ڇنجي ڪٽي تہ جيوت جو پوشڻ ۽ ننگي انسان جو ديک آهي. تنهن ڪري جيڪي ادب جي راهہ ۾ عمر خرچ ڪن ٿا تن جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي. توکي يا مون کي ننگي ٻانيڻ ڪارائڻ يا پيا اهڙا ڪم ڪرڻ نہ گهرجن ۽ اهو خيال غلط آهي تہ

هر ڏوار اچي هر ويرو اهڙا دان جا ڪم ڪرڻ ضروري آهن."

* * *

١-١٠-١٩٥٩ع- سام پهريائين منهنجا ڪپڙا سامان وغيره پنهنجي ڪمري ۾ رکائيندو هيو. تنهن ڪان پوءِ هرهر ڪلف ڪولڻ هڪ تڪليف پائيندي مون پنهنجو ڪمرو الڳ رکيو جو گهٽو ڪري 'لال جي ليکي' پيو هوندو آهي؛ يعني مان ڪلف وغيره ڪو نه هڻندي آهيان. نه رڳو ايترو پر آهستي آهستي 'چمڙوءَ' جا ڪتاب، ٽپڙ وغيره سرندا منهنجي تائين پهتا آهن ۽ گرڊاري جنهن کي الڳ ڪمرو مليل آهي تنهن کي به مون چيو ته منهنجو ڪمرو وڏيڪ ڏسندو اٿيئي؛ تون وچي اُتي سمهندو ڪر. گرڊاري ڪجهه ڏينهن کان منجهند جو اتي سمهندو آهي. سام جڏهن اها خبر پڌي تڏهن ڪيس منيان لڳي ۽ چيائين ته نه رڳو تنهنجي ڪمري ۾ ٻئي جو سامان پيا رهڻ مون کي نه ٿو وڻي پر هن نمونسي تنهنجو رهڻ صفائيءَ سان ٿي نه سگهندو."

مون چيو: "آنهيءَ ۾ ڇا آهي، جيڪڏهين ڪو غريب وچي اونهاري جي وقت ۾ پکي هيٺان آسايش وٺي؟"

سام چيو: "تڏهن جڳائي ته تون ۽ مان فقط جاءِ ۾ جدا هڪ ڪمرو به نه رکون ۽ ڪمرا سيني کي ورهائي ڏيون ته پلي آسايش وٺن. ان ڳالهه ۾ به جيڪر مون کي ايترو اعتراض ڪو نه ٿئي، جيترو شايد تنهنجي ميونسپالٽيءَ جي ايڊمنسٽريٽر کي ٿئي. ملازم، دايون، پٽيوالا وغيره ڊاڪٽر سان گڏجي رهن ته جيڪر هنن کي به سٺو نه لڳي، ۽ انهيءَ حالت ۾ نه فقط گرڊاري يا چمڙو پر اسٽوئرٽ جو هيڊ رهيل آهي ۽ اسپتال جاچوڪيدار يا پيا ڪم ڪندڙ پنگي وغيره پڻ گڏ رهڻ جا حقدار آهن."

ازانسواءِ ٻيا ٻہ سوال هن ڳالهہ سان شامل آهن.
تنهنجي رسوئي کي الڳ ڪمرو پڪي سان مليل آهي ۽
تو کي خبر آهي تہ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هن وٽ
چرسي ۽ ٻيا گهڻا نشئي اچڻ لڳا. آهي اهڙيون شيون
ورتائيندا ٿا رهن جن جو گهر ۾ رکڻ ٺيڪ نہ آهي.
اڄ تائين بہ سندس ڪمرو بدبوءِ سان ڀريل رهي ٿو،
ڇالاءِ جو هو چرس ۽ تماڪ وڏي انداز ۾ ڇڪن ٿا ۽
ٻيا صفائي جا قانون پورا نٿا رکن. ٻيو تہ هڪ ڪمرو
هڪ انسان لاءِ ڪافي آهي ۽ اها ونڊ ورڇ سٺي آهي تہ
هرڪو پنهنجي حد اندر رهي. اهو سوال بہ اٿي ٿو تہ
ڪيتري قدر ڪي بہ تعليم يافتہ ماڻهو بنا تهذيب وارن ماڻهن
جي وچ ۾ روحاني سلامتيءَ سان رهي سگهن ٿا؟ مان ڀانيان
ٿو تہ تعليم يافتہ انسان جو فرض آهي تہ تهذيب جا نمونا
يعني صاف ۽ سٿرا رهڻ جا طريقا قائم رکيندو اچي،
صفائي ۽ گندگي جي وچ ۾ يا سڌريل ۽ اڻ سڌريل
ماڻهوءَ جي وچ ۾ جيڪي حدون آهن سي بنا ويچار
ٽوڙڻ نہ گهرجن.

"انساني همدرديءَ اها تقاضا نہ ٿي ڪري تہ اسين
بہ انهن جهڙا گدلا ٿيون جن جو گڏ رهڻ ضروري هجي،
هڪ جهڙائي ڪن ٻن شين جي وچ ۾ بہ مشڪل ليندي.
هي تفاوت اٿڻ ويهڻ ۽ عادتن، ريتين رسمن جا قدرت پاڻ
پٽايا آهن. مان تہ ڏسان ٿو تہ انسان جي ملڪ ۾ ايتري تہ
پرهيز جي گهرج آهي جو چڱيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو
تہ 'ورن' ۽ ذاتين جي وچ ۾ تفاوت ڪيئن پيدا ٿيا.
سي سڀ هن برصغير جي تهذيب جو هڪ وڏيري واريءَ
جي بيابان جو مثال آهن. ڪنا طريقا ۽ ڪنيون شيون
انسان جي آلس ۽ اگهور ننڊ جي ڪري ايترو تہ گهٽائيءَ
۾ اچي ويون آهن جو زندگيءَ جي سٺن سڌريل روايتن

کي قائم رکڻ ئي مشڪل ٿيو پوي. تهذيب يا سڀيتا (Culture) هڪ باغ مثل آهي جنهن کي چوطرف، وڏندڙ گندگي جي واريءَ کان بچائڻ خود هڪ انساني فرض آهي. تنهنجا ڇوڪرا مون کي ايترو ئي پيارا آهن جيترو تو کي هوندا. ٻين غريبن لاءِ پڻ دل گهڻو گهرندي آهي، مگر هن نموني حدون تــوڙي ڇڏڻ تنهن ۾ مان ڇڱائي ڪا نه ٿو ڏسان. مثال طور جي سندس ڪوٺيءَ ۾ هينئر ئي وڃي ڏسندينءَ ته ٻهڙين جا اڏ اڏ ميرن ڪپڙن جي بدبوءِ ۽ سامان هي ڊانءُ نظر ايندي. اهي حالتون آهستي آهستي تنهنجي ڪمري جون به ٿي وينديون، جي تنهنجا در سڀني لاءِ کليل رهندا. ٻهڙين جا سڙيل اڏ ته اڳ ئي ٿي ڏيکارجن پيا."

نون چيو: "اهو سڀ سچ آهي پر ڪڏهن ڪڏهن مان ائين سمجهندي آهيان ته ساڳي ڳالهه جيڪڏهين مان ڪيان ته نيڪ نــه آهي جي تون ڪرين تــه اُها نيڪ سمجهندو آهين! مثال طور ڇوڪرن ڪــي ڪڏهن ڪڏهن تون پاڻ اسان جــي ڪمري ۾ منجهند جــو سمهاريندو آهين، مگر جي هو منهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهن ته توکي نيڪ نه ٿو لــڳي!"

سام کلي چيو: "اها تنهنجي سمجهڻ جي گهٽتائي آهي. مان جيڪڏهن پنهنجي روبرو هنن کي گــڏ ساڳي ڪمري ۾ سمهاريان ٿو ته انهيءَ ۾ ڪمرو ته صاف رهندو پر هو خود ڪيترو بون ڳالهيون گڏ رهڻ مان سکندا؛ ســاڳي وقت تي ڪين جدا ڪمري ۾ ڇوٽ ڇڏي ڏيڻ شايــد اڙو ئي ثابت ٿئي جيئن ڪنهن ٻڪريءَ کي ڳڱن جي واڙيءَ ۾ ڇڏڻ يا ڪنهن ڏاند کي ڪانچ گهر ۾ ڇــڏي ڏيڻ. مان هيءَ ٻيٽ نفرت مان نه ٿو ڪريان. انسان الاهي نور جو هڪ تجلــو آهي ۽ انسان جي ٻچــڙي لاءِ پيار ۽ عزت

منهنجو مول ڌرم آهي. پر اهو منهنجو عقيدو آهي ته انسان جي ٻچڙي کي پالڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ٻين سڀني جانورن جي Training کان اهنجو ۽ ساڳي وقت تي وڌيڪ لاپرواهي آهي. انسان جيترو آزاديءَ جو طالب آهي اوترو تربيت ڏي گهٽ مائل آهي ۽ نندي وهيءَ ۾ خاص ڪري جيڪڏهن مٿس نظر نه آهي ته هو حيوانن کان بدتر آهي. تون مٿن نظر رکي نه ٿي سگهين جو تون سڄو ڏينهن هيٺ اسپتال جي ڪم ۾ رڌل آهين. پر منهنجي روبرو جي ۽ منهنجي ڪمري ۾ رهندا ته ان ۾ ڪو به هرج ڪو نه رهندو."

* * *

٢٥-١١-١٩٥٩ع- اڳين نوٽ لکڻ کي ٻه مهينا ٿي ويا. اهڙن نه آهي ته اڄ ۽ انهيءَ نوٽ جي وچ ۾ ڪو اهڙو گفتگو ڪو نه ٿيو آهي جنهن ۾ گيان جي چرچا هجي، مگر ڪيترا يون ڳالهيون اڳ لکيل آهن جي وري وري لکڻ مون اجايو ٿي سمجهيو، جيتوڻيڪ انهن جو ورنن نئين ماحول ۽ نئين طريقي سان پيش ٿيو آهي. ازانسواءِ گذريل وقت ۾ صوفي ست سنگ جو وڏڻ ۽ ڳان وغيره پوڪڻ جي موسم چالو ٿيڻ سبب وقت انهن وندرن ۾ گهڻو گذري ويو. ڪتاب "تون ۽ مان" جي ڇپڻ ڪري پڻ ڪيتري لکپڙهه ۽ ڪتاب جي ڪاپين پوسٽ ڪرڻ جو ڪم وڌيل آهي جنهن ڪري نيون لکيتون سام کان يا مون کان ٻچي ڪو نه سگهيون آهن. تان پي سام روزانو پنهنجي ڪمن کان وقت ڪلاڪ ٻه "تون ۽ مان" جي ترجمي کي ڏيندو آهي. اهو انگريزيءَ ۾ ڇپائڻ جو ارادو ڪيو اٿئون. شڪرانا ايشور جا مڄڻ گهرجن جو ڪا به چڱي شيءِ يا چڱو ڪم اجايو ڪو نه ٿو وڃي. جيتوڻيڪ اسانجو رهڻ ڪرڻ مانيٺو ۽ گوشي نشينيءَ جي

ماحول ۾ آهي تڏهن به "تون ۽ مان" ڪتاب جي چرچا سنڌي ادبي مرڪزن ۾ چڱي قدر ٿي آهي ۽ ڪيترن اديبن دوستن چاهه ڏيکاري اسان جي ڪم ۾ حوصلہ افزائي ڪئي آهي.

اڄ مٿين ڪتاب بنسبت هڪ دوست هلڪي نموني چيو ته اسين ڇا لاءِ هي ڪتاب خريد ڪريون؟ اهڙو ڪجهه هن ڪتاب ۾ آهي ڇا جو اڳ پڙهيل نه هجي ۽ جنهن مان ڪا نئين ڳالهه سکي سگهون؟ مون هن کي ساڳي ڪتاب مان فقط هڪ ٽڪرو پڙهي ٻڌايو جنهن جو تتسار هيئن آهي: "مون پنهنجي مالڪ کان پڇيو ته جو ڪجهه ڪرڻو هئم سو ڪري آيو آهيان؛ جو ڪجهه چوڻو هيم سو چئي آيو آهيان؛ جو ڪجهه سگهيو هيم سو سکي آيو آهيان؛ جو سک ماڻڻو هيو سو پڻ ماڻي آيو آهيان؛ هينئر وڌيڪ مان ڇا ڪريان؟ جواب مليو ته جو ڪجهه نه ڪرڻ سان ڪيو آهي سو ته ڪري ئي نه آيو آهين؛ جو ڪجهه نه چوڻ سان چيو آهي سو ته چئي ئي ڪو نه آيو آهين؛ جو سچ اکرن ۾ اچڻ ۽ عقل جي سمجهڻ کان ٻاهر آهي سو ته اڃان سمجهي ئي ڪو نه آيو آهين ۽ جنهن جي ماڻڻ ۾ سک سپ ٻڌڻ ۾ نه ڪون، سو ته اڃان تو ماڻيو ئي نه آهي"

* * *

ان دوست چيو ته بي هڪ ڳالهه به مون ڪتاب ۾ پڙهي جيڪا دل سان نهڪي آئي سا اها آهي ته اسان جي مالڪ کي ئي خبر آهي ته اسان جون گهرجون ڪهڙيون آهن. پوءِ ان لاءِ ڇو پيا اچاريون منتون ڪريونس؟ تڏهن به ته ڪتاب ۾ چيو آهي: "اهي بخشيشون ڏي جن ۾ هجي منهنجي ڀلائي!"

وڌيڪ ائين چيائين ته حيدرآباد ۾ جيئي مٿان رهندڙ

آهيان انهيءَ جاءِ تي پيا ڪي آفيسر ۽ دوست روز گڏجي Prayer ڪندا آهن. ايشور کي ويهي گهڻو ٻاڏائيندا آهن ۽ منٿون ڪري ڪري روئندا آهن. مان کين چوندو آهيان ته روئو ڇاجي لاءِ ٿا، جڏهين هن کي سڀ خبر آهي توهان جي گهرجن جي؟ چڱو پيءُ ته جا شيءِ ٻار کي گهرجي سا پاڻهي ڏيندو آهي!"

سام کيس چيو: "توهان جو خيال به ٺيڪ آهي. روئڻ انهيءَ لاءِ نه جڳائي ته ڪي سک يا انعام وٺون؛ مگر رئندي آهي ڦٽيل دل ۽ وڇڙيل آتما پنهنجي پريتم کي ياد ڪري، ان لاءِ ته ان سان وري هيڪڙائي حاصل ٿئي. پاڻي گهڙي ۾ پوڻ وقت گڙ گڙ ڪري ٿو. شاعرانه طريقي ۾ چئجي ڪٿي ته روئي ٿو جو گهڙي جي آپاڻي درياهه کان کيس جدا ڪري ٿي؛ بوند ساگر سان ملڻ ۾ خوش ٿئي ٿي ان ڪري شاعرائي نوع ۾ چئجي ڪٿي ته برسات جو نظارو ساگر ۾ سڀ کان وڏيڪ دل لڀائيندڙ رهي ٿو! هي به پريئر وقت تن من يا دل جو گويا پنهنجي ذات آتما سان سنبنڌ وڌائڻ جو طريقو ٿي سگهي ٿو."

گرناڻي صاحب چيو: "پر جيڪي ملي اڳ ۾ ئي هڪ ٿي ويا آهن سي ڇا لاءِ رئن يا ٻاڏائن؟"

سام چيو: "آهه هيڪڙائي حاصل ڪرڻ جنمن جو ليکو آهي. پريتم کي هٿ ڪرڻ کان جي هڪ ٿيپ وانگر ناهي جو جاءِ ۾ ويهاري کيس ڇڏي ڏجي، مگر سو هڪ آلي، ساڳي وڻ مثل آهي جنهن کي نيڻن جو آب پيئاربو پيو ته وڻ ساڳو ۽ خوش نما رهندو. البت ٻاهرين ڏيک کان مات ۾ پريم رکڻ وڌيڪ مٺو آهي ۽ ظاهري ڳوڙهن کان مات جا موتي يعني اندر جا ارمان وڌيڪ ملهائتا آهن!"

اتي ٻي ويٺل هڪ دوست چيو : "مهرباني ڪري ڏسيو ته قسمت انسان کي ڪيترو پابند رکي ٿي ۽ نجومين جون اڳ ڪتيون ڪيتري قدر سچيون ثابت ٿين ٿيون ؟"

سام ڪيس ويجهو ويٺلن گلن ڏانهن اشارو ڪري چيو : "اجهو هي سلا گل اشرفيءَ جا آهن ؛ هنن جي قسمت ٻج جي داڻي ۾ فيصل ٿيل آهي ، ايتري قدر ته هن جو ٻوٽو اٽڪل فوٽ يا منو اُپو ٿيندو ۽ گل جو رنگ سونهري ٿيندو وغيره وغيره ؛ مگر انهيءَ وچ ۾ انهيءَ نتيجي لاءِ ڪيترا ڪرم ڪرڻا آهن جن جو اثر انهيءَ قسمت کي ايترو ڦيري سگهي ٿو جو يا ته گل صفا نڪرن ئي ڪو نه يا تمام سنا ۽ رنگدار ٿين ؛ جيئن هوا ، پاڻي ۽ ڀاڻ وغيره ۾ ڪي نقص يا خاصيتون موجود هجن . اهڙي طرح انسان جي زندگيءَ ۾ ڪي ڳالهيون اڳڪٿيءَ جهڙيون آهن ۽ ڪي نه به آهن !

* * *

٢٨-١-١٩٦٠ع- گذريل مهيني جا خاص واقعا اسان جي زندگيءَ ۾ هي آهن:

(١) ڪتاب "تون ۽ مان" جو ڇپجڻ ۽ (٢) صوفي ست سنگ جو واڌارو . انهن کان سوا سام جون ڪي چيل ڳالهيون پڻ درج ڪرڻ جوڳيون سمجهان ٿي .

ڪتاب "تون ۽ مان" کي جيڪا آجيان ملي آهي تنهن لاءِ هرو ڀرو اسان کي ايتري اميد ڪا نه هئي . سام پنهنجا نثري نظم جا باقي ٽڪرا ميڙي سيڙي ۽ ڪي نوان انهن سان گڏي هن ڪتاب ۾ آندا هئا ؛ ائين ٿي لڳو ڄڻ سڀ ٽڪرا هم لباس ڪو نه ٿي سگهندا ، مگر عجب جي ڳالهه اها آهي جو ڪيترن سنڌ جي شاعرن ۽ ڪاليجن جي پرنسپالن ، اديبن وغيره نه رڳو هي ڪتاب

هم لباس ڪري ورتو آهي پر ان ڪي سام جي تصنيفن ۾ هڪ خاص جاءِ ڏني اٿن. ڪيترن سنڌ جي نامور اديبن هن ڪتاب جي بلڪل سٺي آجيان ڪئي آهي. ريڊيئي حيدرآباد تان ڳالهائيندي ڊاڪٽر محمد ابراهيم (خليل) خاص طور ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته توڙي جو هن ڪتاب ۾ ننڍا وڏا ١٣٧ جدا شعر آهن تڏهين به هي سارو هڪ ئي مضمون پيو لڳي. ان مان ڇٽيءَ طرح سمجهجي ٿو ته لکندڙ جي خيالات چو نه ڪهڙن به اکرن ۾ جدا جدا وشين تي هجي تڏهن به هن جي شخصيت جو نيو هرهڪ مضمون تي اڳي وجي ٿو. مگر ائين شايد تڏهن ئي ٿئي ٿو جڏهن لکندڙ پنهنجي شخصيت سچ پچ ناهي هجي يعني جدا جدا دورن مان لنگهندي ۽ جدا جدا تجربن مان هن ائين گيان نچوڙيو هجي جيئن جدا جدا ڪاٺن مان انسان يا حيوان جو جسم ساڳئي قسم جو خون يا طاقت ناهي سگهي ٿو.

مگر حيتوڻيڪ هي ڪتاب به پين وانگر سام جي خيالات پيش ڪري ٿو تڏهن به مان سمجهان ٿي، هڪ متر جي لکڻ موجب، منجهس 'اصلي' سام پين ڪتابن جي پيٽ ۾ وڌيڪ چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو ۽ هي ڪتاب سندس خيالات جو اظهار وڌيڪ صاف نموني ڪري ٿو. پر سام ته اڳيئي هن ڪتاب کي "پراڻو" سمجهي رهيو آهي ۽ سندس خيال وري ڪنهن ٻئي ميدان ۾ ڊوڙي رهيو آهي. اها ڳالهه شايد سڀني شاعرن سان لاڳو هجي ته ڪنهن به نئين شعر يا ڪتاب کان پوءِ جلد ئي ان مان چاهه ڪڍي وري ٻئي طرف واجهائيندا رهن ٿا. سام چوي ٿو ته هي ۽ ڪتاب "تون ۽ مان" فقط منهنجي گذريل سالن ۽ خيالن جي هڪ قبر آهي؛ انهيءَ ۾ هاڻي سندس ڪو به چاهه ڪونه ٿو ڏيکارجي. نئين بهار جي اچڻ جي مستي اڳيئي سندس من تي غالب ڏسان ٿي.

ڪجهه نوان شعر جيڪي بهار جا نهي رهيا آهن، وڏيڪ نهن يا نه مگر امنگ ورشا رتوءَ جي بادلن وانگر پربا ۾ ڀڙڪندا اچن ٿا.

* * *

صوفي ست سنگ گذريل ڀڻ مهنن ۾ خاص طور وڌي رهيو آهي. جدا جدا طبقن جا ماڻهو اسان جي گهر ۾ گڏ ٿيندڙ نه رڳو اچي موسيقيءَ جي وندر وڏائن ٿا مگر سچ پچ اسان جو گهر هڪ آشرم بڻبو پيو وڃي. سام جو هڪ قول ياد اچي ٿو ته سنگ صحبت ۾ سڪ جو ڀڻو ٿو سائو رهي ٿو؛ بنا سنگ صحبت اهو بر جي هڪ بوٽي وانگر سڙي سڪي وڃي ٿو. هن صحبت جو اثر خاص طور اسان سان گڏ رهندڙ ڇوڪرن تي گهڻو نظر اچي ٿو.

انهي مان هڪ ڇوڪري بنسبت هڪ ڳالهه خاص طور هيءُ نسوت ڪرڻ جوڳي آهي: ٻه ڏينهن ٿيا ته هن سام کان ٻه رپيا خرچيءَ طور گهريا. سام کيس چيو ته جي سچ ڳالهائڻ جي پرتگيا ڪرين ته ٻن روپين جي بجاءِ جيڪي گهرين سو ڏيانءِ. هي ڇوڪرو جو اهڙي پرن ڪرڻ کان نتائيندو هو، تنهن امالڪ وچن ڏنو ته مون اج کان وٺي ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏيو. سام کيس پنجاهه روپيا خرچيءَ طور ڏنا ۽ ائين چيو ته سچار جو ملهه هزارن ۾ ڪٿي نٿو سگهجي. اج کان وٺي تون پاڻ هڪڙو هيرو آهين. ڇوڪري پنجاهه روپين وٺڻ کان انڪار گهڻو ڪيو مگر سام کيس زوريءَ ڏنا ۽ هونءَ جو کيس دل تان لاهي ڇڏيو هٺائين ۽ کيس (سام کي) پنهنجو گرو ڇوڻ جي منع ڪئي هٺائين. کيس چوندو هيو ته تنهنجي ڪوڙن اسان جي وچ ۾ وڏا ڪوٽ ديواريون کڙا ڪري ڇڏيا آهن. پر اج سندس سڀ خطائون معاف ڪري ساڻس وري پنهنجائيءَ جي هلت ڪرڻ شروع ڪيائين. هن

موقعي کي خاص ڪري خوشيءَ جو موقعو سمجهي انهيءَ وقت اسان وٽ آيل مهمانن پروفيسر جهامنداس ياتيم ۽ ٻين کي سڏي ايشور جي مورتيءَ اڳيان ڇوڪري کان سيس نوارائي منائي ورهايائين. ڇوڪري هي اکر چيا: ”هي پريو! اڄ مون نئون جنم ورتو آهي؛ مون کي همت ڏي ۽ آسيس ڪر، مون تي ته مان سچ جي راهه تي سدائين قائم رهان!“

هن باري ۾ وڌيڪ هي اکر درج ڪرڻ اتم ته مون جو هن پرارٿنا وقت اچڻ ۾ دير ٿي ڪئي ته سام چيو: ”هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪم اهم ٿي سگهي ٿو؟ اڄ سمجهه ته هن ڇوڪري نئون جنم ورتو آهي ۽ هوڏانهن سندس جونو روپ مري چڪو آهي، يعني ٻه گنڀير موقعا اسان جي گهر ۾ ٿيا آهن، جنهن کان وڌيڪ ٻيو ڪو به ڪم اڳڀرائي نه ٿو رکي.“

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته اسان جي ٻين ڇوڪرن تي به هن ست سنگ جو اثر پيو آهي. اُن وقت جيئن پرارٿنا ڪئي وئي ۽ پرشاد ورهايو ويو مون هن ڇوڪري کي، جنهن جي ننڍي عمر ۾ ماتا مري وڃڻ بعد مون پالنا ڪئي آهي، پاڪر وجهي هي دلاسو ڏنو ته توکي پنهن جي ست سنگ جو ويس پهرائبو، يعني توکي به پڪيءَ طرح پنهنجو ميمبر ڪنداسين!

سام کي ”چيلو“ اکر ڪو نه وڻندو آهي ۽ سندس اهو خيال آهي ته ”گرو چيلي“ جي ناتي ۾ جيتو ٽيڪ پريم ۽ شرڌا وڌ ۾ وڌ هجن تڏهن به ننڍي ٻالڪ جي من تي ايڏو هن ناتي جو ڳورو ۽ ناضروري ادب جو بوجهه مڙهڻ نه گهرجي، جو ان جي خيال جو واڌاروئي بند ٿي وڃي. انهن پڻ ٺيڪ ناهي ته هو سڀ ڳالهه گروءَ يا استاد جي ڪاپي ڪندا رهن؛ تنهن ڪري هن ناتي کي ڪجهه

آزاد بڻائڻ گھرجي ۽ اهڙيءَ طرح جيئن ماءُ ۽ ٻي ڪا جي پيار هيٺ ٻار جو جسماني ۽ مانسڪ واڌارو ٿئي ٿو. سچي استاد جي نظر هيٺ ٻالڪن جي دل ۾ آتما جو پڻ واڌارو ٿيڻ گھرجي، ۽ نه دٻاءُ هيٺ انهن کي نچوڙي يا نيسائي پاڻ سان هم لباس ڪرڻ گھرجي.

پر ان چوڪري ڪيتري وقت کان انهيءَ ناتي پڪي ڪرڻ لاءِ خاص طور ويس جي گھر ٻئي ڪئي آهي. سندس ننڍي عمر ڪري سام انا ڳالهه ٻڌي وجهندو ايندو آهي. آخر ڳالهه اهو فيصلو ڪيو ويو ته سندس ۱۸ سال پوري ٿيڻ تي يا اينده هوليءَ تي ڪيس ويس ڏنو ويندو ۽ انهيءَ لاءِ جوڳي نموني ست سنگ ڪري پريتي ڀوڄن ڪرائي آهي ڏينهن سندس روحاني جنم جو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو.

* * *

۲۹-۱-۱۹۶۰ع- ٽيون ڏينهن جڏهن هتان هڪ متر جي دعوت تي ڀڄن ڪيرتن جي موقعي تي ڳوٺ نصيرآباد وياسون ته اُتي هڪ منهنجي اڳين بيمار جي گھر وارن مون کي گھر هلڻ جي دعوت ڏني ۽ مهماني طور مون کي خرچي به ڏنائون. اُتي جنهن پريميءَ وٽ اسين ٽڪيل هئاسون سو پاڻ هڪ هوميوپٿيءَ جو ڊاڪٽر آهي مگر ڪيس Practice گهڻي ڪانه آهي. انهن ماڻهن نه فقط مون کي مهماني ڏني مگر سام کي پڻ شڪار جي دعوت ڏنائون جنهن ۾ هنن جو جيڪو گهڻو ئي خرچ اچي ويندو هو ۽ هنن کي ٻيڙيءَ وغيره جو بندوبست ڪرڻو پوي ها. ايتري آجيان اسان جي ٿيندي ڏسي اسان جي پريميءَ هوميوپٿي واري ڊاڪٽر کان وات مان اهي لفظ رشڪ جي ڀاو ۾ نڪري ويا ته سائين مون کي به اها ترتيب ڏسيو جئن مان

به ڪجهه وڌيڪ ڪمائي سگهان ؟

سام ان جو دلــــي مطلب سمجهي ڪيس هيئن چيو :
” ڏسو هاري ستيا ڪري ڪيئن ٿو وڃي مٽيءَ ۾ ٻج وجهي؛ پوک کي پاڻي ٿو ڏئي ۽ ان جي لڳاتار شيوا ٿو ڪري. ظاهر ۾ چئجي ڪٿي نه هيءَ هڪ چريائي آهي جو کائڻ جي شيءِ ، مٺا داڻا ان جا وڃي ڪو بر ۾ اُڇلائي؛ مگر ان نموني ستيا ڪرڻ سان ئي هڪ داڻي مان سو داڻا اپجن ٿا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهين اوهان پنهنجي بيمارن جي چڱي شيوا ڪندءُ ۽ وقت تي پنهنجي گهران به ڏيئي انهن جي تندرستيءَ جو خيال رکندءُ ۽ عام طور پنهنجن دوستن ۽ ٻين ڏهوارين سان وڌيڪ ڪشاد دل ٿي هلندءُ ته گويا اهو ڀلائيءَ جو ٻج پوکيندءُ جنهن مان جهجهوئي آن مراد جي صورت ۾ حاصل ٿيندو. اهو سمجهڻ کپي ته هن سرشٽيءَ جو رچيندڙ هڪ وڏو ڏاتار آهي جو ڪنهن جو به لايو اجايو نه ٿو گنوائي. جيترو سندس مخلوقات سان وهجي ٿو آن کان هزار دفعا وڌيڪ ڀاڙا هو اسان کي بخشي ٿو. رشي دوارسا ۽ دروپديءَ جــي ڳالهه ياد ڪريو جا هن ريت چوڻ ۾ اچي ٿي : هڪ دفعي دوارسا رشي درياهه ۾ اشنان ڪري رهيو هــو؛ اشنان ڪنـدي سندس لنگوٽي ترڪي درياهه ۾ لڙهي ويئي جنهن ڪري هو بلڪل ننگو رهيو ۽ ٻاهر نه پيو نڪري سگهي؛ تـڏ به آن وقت چڱي ٿي پيئي؛ ماڙيءَ مان راڻي دروپـدي سندس هي حال ڏسي پنهنجي ساڙهيءَ مان تڪــڙ ۾ هڪڙو ٽڪر ڦاڙي کيس آڇلائي ڏنو، مگر ائين ٿيو جو اهو ٽڪرو به درياهه ۾ لڙهندو هليو؛ تڏهين راڻيءَ پنهنجي ساڙهيءَ مان ٻيو ٽڪر ڦاڙي ڦٽو ڪيو جنهن جو پـڻ ساڳيو حال ٿيو؛ ٿيو ن ٽڪرو ساڙهيءَ جو به ائين لڙهندو هليو ويو ۽ رشيءَ جي هٿ اچي نه سگهيو. تڏهين راڻيءَ پنهنجي ريشمي

سانڍي ۽ جو باقي بچيل حصو اڇلائي ڏنو ۽ ائين چوڻ ۾ اچي ٿو ته رائي ۽ جي انهيءَ پچ ڪري ڏرتشراشٽر جي سپاهه ۾ ڀڳوان سنڌس لڄا رکي ۽ ڪيس پنهنجي پچ جو قل ڍهوڻ بلڪ سئوڻ ڪري ڏنو جو جيئن سنڌس ڪپڙا لاهيندا وڃن تيئن اندران وڌيڪ نڪرندا وڃن. اها ڳالهه اگر سچي نه به هجي ته به هن جي لڄا ته ضرور رکجي ويئي."

سام ان ڊاڪٽر کي چيو: "جيڪو فراخ دليءَ سان ٻئي جي سيوا ڪري ٿو ۽ پنهنجو هٿ لائي ٿو اهو ضرور انهيءَ جو قل ڪنهن نموني پائي ٿو. سر ٿنٿيءَ جي مالڪ وٽ ڪا ڪوتي ڪانه آهي. جيڪڏهين سنڌس راهه ۾ خرچ ڪيل پئسو يا طاقت سڌيءَ طرح ساڳي روپ ۾ نه ٿي موٽي ملي ته به وڪڙ سان ٻئي ڪنهن نموني آن جو قل ضرور ملي ٿو. تنهن ڪري خود غرضيءَ جي خيال کان به ڪشاد دل ٿيڻ جو رستو وڌيڪ لاڀدائڪ آهي. توهان به اهڙي نيتي اختيار ڪريو جهڙي اسان جي منوءَ (يعني موڻ) اختيار ڪئي آهي. ڪيترن ڳالهين ۾ هوءَ موڻ کان به وڌيڪ ڪشاد دلي ڏيکاريندي آهي؛ توڙي جو مان کيس ڳالهه جو پيو پاسو به ڏسيندو آهيان تڏهن به ائين سمجهندو آهيان ته سنڌس فراخدليءَ واري نيتي نيڪ آهي. پنهنجي گهران پئسو لائي به بيمار جو تدارڪ ڪندي آهي. توهين ايشور سان ليکو نه ڪريو ته هو به توهان سان ليکو نه ڪندو. دنيا توهان کي آرسيءَ وانگر اهڙي نظر ايندي جهڙو منجهس منهن پائيندا."

* * *

٢٨-٢-١٩٦٠ع مٿين مضمون ۾ جنهن ڊاڪٽر جو ذڪر ڪيل آهي آهو اسان وٽ ڪجهه وقت کان ايندڙ آهي ۽ گهڻو هري مري ويو آهي، ايتري قدر جو کيس

پنهنجي ڳوٺ ۾ اترو آرام نه ايندو آهي جيترو هت لاڙڪاڻي ۾. گهڻو ڀاڱو پنهنجي وقت جو لاڙڪاڻي ۾ اسان وٽ هوندو آهي. سنڌس من ساڌ سنگ ڏي مائل آهي. سچو ڏينهن ٻاٻا ٻاٻي ءَ جي پڙهڻ جا موقعا پيو ڳولهيندو يا گيان چرچا پيو ڇيڙيندو آهي. هن سام کان هڪ سوال ٻاٻي پڙهندي پڇيو جو هي آهي: ”مانڪ جوڻ ڦري سگهي ٿي يا نه؟ يعني مانڪ جوڻ ڇڏائي قدرت آتما کي پيو جنم ڏئي سگهي ٿي يا نه؟“

سام جواب ڏنو ته ”ڌرمي سکيا ڏيندڙن جو اهو خيال آهي ته آتما پنهنجي اڳيان جنم وٺي ٿي ۽ قدرت جو منس پيو ڪو زور ڪو نه ٿو هلي، سواءِ سندس ڪرمن مان پيدا ٿيل سوڀاءَ جي، جيڪي ان کي ڇڪي ڪنهن خاص ريت ڏي مائل ڪن ٿا. انهن ڳالهين بابت ڪا اکين ڏٺي ثابتي ڏيئي نه ٿي سگهجي پر عام طرح ائين ڪٿي چئجي ته انسان جي پدوي ڇڏي آتما حيوان جي پدوي ڇو پسند ڪندي؟ پر اسان ۾ ڪيترا انسان فقط نالي طور انسان آهن؛ هنن جا ڪرم ۽ وحشاڻي تمنائون کين حيواني درجي جي ويجهو رکن ٿيون. جنهن ماحول ۾ ماڻهو رهي ٿو انهيءَ جا اثر ضرور منس پون ٿا ۽ انهن اثرن پوڻ ڪري جيڪي هو ڪرم ڪري ٿو سي نه رڳو سندس من جو لاڙو ڏيکارين ٿا پر سندس اڳيان کي پڻ جوڙن ٿا. ڪرم انهيءَ ڪري هڪ پاڻيءَ جي ڳڻ مثل آهي جو وهندڙ پاڻيءَ کي ڪنهن خاص نشيب ڏانهن مائل رکي ٿو، ۽ جهڙو ٿانو اهڙي پاڻيءَ جي صورت! انهيءَ نمو ني پنهنجي اڳيان ۽ ڪرمن جي پنيان آتما پنهنجي فطرت آهستہ آهستہ ڦيرائي سگهي ٿي. مثال طور اسين شڪار تي ويندا آهيون؛ جيڪڏهين اسين شڪار هڪ راند سمجهي نہ ڪريون ۽ پاڻ کي پنهنجي خيال جي ٻل

سان هيٺ گهرڪڻ کان نه روڪيون ته بگهڙ يا ڪتي وانگر ذاتي طور شڪاري روح ٿي پئون ۽ اهڙيءَ طرح رهندي رهندي ٿي سگهي ٿو ته اسان جي آتما ۾ شڪاري ڀاو جو واسو پڪو ٿي وڃي. پوءِ جي آتما پنهنجي اڳيا سان جنم وٺي ٿي ته ڪهڙي مشڪل ڳالهه آهي جي ٻئي جنم ۾ مانک ديهي ڇڏڻ بعد شينهن بگهڙ يا ٻئي جانور جي روپ ۾ واسو ڪري! پر انهن ڳالهين بابت يقين سان ڪجهه به چئي نه ٿو سگهجي.

”وڏين آتمائن کي پاپ جي وچ ۾ يا ظاهري هنسڪ ماحول جي وچ ۾ رهندي به من جي ورتيءَ ۾ فيرو ڪو نه ٿو اچي؛ پر اهو سمجهڻ کپي ته هوريان هوريان سالن يا جنمن جا ڪرم نوان ڀاو پيدا ڪن ٿا. ڪرم ماٽ يا گهڙي، گهگهيءَ ۽ گهاگهر مثل سمجهو. هيڏانهن ڀاءُ (جو پاڻيءَ مثل آهي) خالي ڪرم جي برتڻ کي معنيٰ دار بڻائي ٿو ته هوڏانهن خالي برتڻ (ڪرم) ڀاو جي پاڻيءَ اندر روپ ۽ رنگ سمائي ٿو. جئن پاڻيءَ ۾ ٻانس يا فقط واس پٿر جي مٽيءَ جو يا لوهيءَ گهاگهر جو يا ٺڪر جي مٽيءَ جو رهجي ٿو وڃي تيئن ڀاو تي به اثر ڪرم جو پئجي ٿو وڃي. مطلب ته ٻنهين جو يعني ڀاو ۽ ڪرم جو هڪ ٻئي تي اثر پوي ٿو. وڌيڪ جوڻ مٽائڻ بابت ڪجهه به خاطريءَ سان چئي نه ٿو سگهجي.“

ڪتاب اڳتي پڙهندي ڊاڪٽر صاحب هن پائنٽ تي اچي بيهو ته آتما جو آخري اونچي ۾ اونچو مقصد آنند ۾ سمائجڻ آهي.

شام چيو: ”آتما هميشه آنند جي ڀڃ قابل نه آهي. ڀلا ويچار ڪريو ته سرڳ يا آنند ۾ ڪيترو رهي سگهبو! جو نه ڏينهن رات اُنهيءَ آنند ۾ آتما ٻڏل رهي تڏهن به اها حالت هميشه لاءِ جڳان جڳ ڪنهن کي قبول

ٿو ندي ۽ ڪيئن حاصل ٿيندي؟ ان ڪري ٻڌ ڌرم وارن نروان پد ۽ صوفين ورتي نيستيءَ يـا ڪين جو مڪان آخري منزل سمجهي آهي. مگر آنند يا نرواڻ کان پوءِ به ڪجهه آهي، جي آتما امر آهي. آتما کي يا ٻيءَ ڪنهن هستيءَ کي ڪا ٻيهڪ ڪا نه آهي ته هي هڪڙو وهڪرو آهي جنهن کي اسين زندگيءَ جو درياهه ڪوٺيون ٿا، يا سمجهو ته هڪ تيـز رفتار سان هلندڙ مشين آهي جنهن جا پارت به فقط نالا آهن، ڇا لاءِ جو پارٽن جا خود جزا به رفتار ۾ آهن؛ هن مٽيءَ جي ذري کي خردبينيءَ سان ڏسو يا هن مغز کي ته انهن جي ائٽمن جـي رفتار هڪ لـک ڇهاسي هزار ميل هڪ سيڪنڊ ۾ آهي. تـڏهين ڪهڙي شيءِ کي اهـڙي ٻيهڪ آهي جنهن کي ڪو نالو ڏيئي سگهجي؟ ان ڪري ئي ويدانت وارا، رشي وشسٽ جي ڪم آنـندل اکرن ۾ چوـندا آهن: 'رام جي يه جڳ ٻڻيا ئي نهين!'

"اهي خيال ڪندي ته آتما ڇا آهي، انت ڇا آهي، جيوت ڇا آهي ۽ سرشٽي ڇو پيدا ٿي آهي وغيره، ماڻهوءَ جو مغز چڪر ۾ اچي وڃي ٿو. عقل اتي ٿڪجي پوي ٿو ۽ ڪو تسلي بخش ڏس ڏيئي ڪو نه ٿـو سگهي. جتي عقل ٿڪجي پوي ٿو پريم پرگهٽ ٿئي ٿو. پريم جي لوڙ محسوس ڪجي ٿي ڇا لاءِ جو اُن پريم جي وسيلي ئي آها هيڪڙائي هن آد پرش سان (قدرت ڇئوس يا زندگي ڇئوس آنهي سان) حاصل ڪري سگهجي ٿي. پريم ئي اهاهاچ پوري ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري آنند، نرواڻ نيستي وغيره مقصدن کان وڌ اسين پريم جي پورنتا چاهيون ٿا؛ پريم وشو سان هيڪڙائيءَ جي وات ڏسي ٿو. وڏيڪ ڳالهين سان اسان جو ڪهڙو مطلب ته ڇا انت آهي يا ڇو هي سڀ پيدا ٿيو آهي؟"

ڪتاب ۾ آيل هو. پڙهندي پنجن وڪارن يا پنجن دشمنن جو ذڪر آيو: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار. سام چيو: ”اهي پنجئي وڪار هڪ ئي نفس جا نالا آهن.“

ڊاڪٽر چيو: ”سڀ هڪ ڪيئن آهي؟ ان جا ڇا جدا جدا روپ پيلا چو ڏسون ٿا؟“

سام چيو: ”نه فقط اهي پر سڀ روپ هڪ ئي چيز جا آهن.“

ڊاڪٽر صاحب چيو: ”بديءَ ۽ نيڪيءَ جي جدا اصولن ۾ توهانجو اعتقاد آهي يا نه؟“

سام چيو: ”جي ٻه شيون هجن ها ته ڏهن ٻه جڳان جڳ گڏ رهندي جيڪر هڪ ٿي وڃن ها. ويتر هت ته اڳين چيو ته وڃي ته تت سڀني ۾ سمايل آهن. پوءِ آئي ٻهائيءَ جو سوال ئي ڪو نه ٿو رهي. هڪ شيطان ٻيو الله يا پنج دشمن ۽ ٻيو مقام سرڳ ۽ نرڪ وغيره جا ويچار سڀ محدود خيال جو دائرو ڏيکارين ٿا ۽ اڻ پوري ڄاڻ مان پيدا ٿين ٿا. مگر آهي نظر جيڪا سڀ کي هڪ ڪري ڏسي ٿي آهي ڪا ... ت خيال ۾ رکي ٿي، جنهن ۾ هي سڀ ننڍيون رتون ۽ انهن جون شڪليون، روپ وغيره سمائجي وڃن ٿا؛ انهيءَ لاءِ نه ڪي پاپ ۽ وڪار آهن نه دشمن. فقط اکنڊ پريم ئي انهن لاءِ ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇهڻ، هنڊائڻ وغيره جو هڪ رستو آهي.“

* * *

٨-٣-١٩٦٠ع هن کان اڳ هوميوپٿي جي ڊاڪٽر جو ذڪر ڪيل آهي، جو گهڻو وقت اسان وٽ اچي ٽڪندو آ... هو ٻه ڇنڇر ڪٽي ته هڪ گهولهاڙو آهي، ڇا لاءِ جو ... ڪو ساڌو يا فقير ايندو ٻڌي يا ڪو پڇڻ پاڻ ٿئي ته اُت مڙيوئي حاضر هوندو آهي. اسان جي ست سنگ مان شايد ڪيس گهڻو مزو ڪو نه ايندو آهي، پر تنهن

هوندي به هن نموني جي رهڻي ڪهڻي، کليل گهر ۽ باغ ۽ خيالن جي ڏي وٺ جي وندر، هن کي شايد وڻندي آهي. هو ايترو هري مري ويو آهي جو ڪا به اڻ وڻندڙ ڳالهه ڪندو آهي ته سام کيس بنا حجاب چٽي ڏيندو آهي ۽ سڌن لفظن ۾ کيس پنهنجي قانون تي آڻيندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪالهه سام کيس چيو ته "سائين! توهان پنهنجي ڪمري جي حد ۾ پرهيز ڪندا ڪريو ڇالاءِ جو لاڳيتو ٻيو ڪمرو مهمانن جي لاءِ آهي؛ اتي دخل گهٽ ڪريو جيئن هو ڪا تڪليف نه محسوس ڪن." ڊاڪٽر صاحب چيو: "اتي ديديءَ جي به اچ وڃ آهي، تنهن ڪري ڪمرو خالي نه هوندو آهي ته مون کي ايڪانت لاءِ ٻئي ڪمري ڏانهن وڃڻو پوندو آهي."

سام چيو: "تڏهن سڀ ڪان سٺو، توهين مهنجي ننڍڙي جهوپڙيءَ ۾، ڪوٺي جي مٿان، وڃي ويهندا ڪريو!"

ڊاڪٽر صاحب چيو: "اتي من ايڪاگر نه ٿو ٿئي ڇالاءِ جو کليل هوائون ۽ پکين جون ٻوليون وغيره آهن، جنهن ۾ منهنجو خيال ٽڙي وڃي ٿو."

سام عجب ۾ پئجي چيو: "اها ڪهڙي ايڪاگرتي ڳولهيو ٿا ۽ انهيءَ جو مله ڇا آهي؟ ڇا توهان جو من ٻاهرين هوائن لڳڻ سان اڏي وڃي ٿو؟ تڏهن ته توهان کي چوندو آهيان ته توهان اڃان آهه واٽ ٿي ڪا نه ورتي آهي جت ٻاهريون هوائون ته ڇا پر خود اندر جا طوفان، جيڪي اسان جون خواهشون ۽ تراسون گڏجي پيدا ڪن ٿا، من جي دکن جا بادل ۽ انهن جا گوڙ گهمسان، سي پڻ خيال کي لوڏي نه ٿا سگهن؛ آن کي ٿي چئبو آهي ايڪاگر ٿيڻ. هي ٻاهريان

طوفان نه ڪجهه به ڪو نه آهن. پر توهان کي نه مي بهارن جون هيرون، پکين جون مٺڙيون ٻوليون ڏي ڪو نه ٿيون وڻن جن سان اسان جي رشين جون پيان ۾ آشرمن ۾ روح رهائيون هونديون هيون ۽ جي سچ پچ نيومن کي انهيءَ موج جي ويجهو پهچائين، جا خود ايڪاگر ٿيڻ جو مقصد آهي.

”توهان کي مدد ڪرڻ جي بدران اهي توهانجي من کي تيزي ٿيون وجهن! گهڻو ۾ ويهي ڪهڙي ايڪاگرت ڪولهيو ٿا؟ گهرجي ته اها ايڪاگرتي حاصل ڪريون حو زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ صبح کان شام تائين، گوڙ ۾ هلچل جي وچ ۾، ڪمن ڪارين ۾ زماني جي چنتائن هوندي ۾ خود نند ۾ به پنهنجي پريم ۾ پر رهون ۽ اهو آنند هر هميشه پيا ماڻيون!“

ڊاڪٽر صاحب پڇيو: ”معاف ڪجو جيڪڏهن اڄ ... توهان کان هڪ ٻدو سوال پڇان. توهان به سنت ته آهيو ئي پر مان پڇڻ گهران ٿو ته اوهان اها شيءِ حاصل ڪئي آهي؟ آها جوت ڏٺي آٿو؟“

سام زور سان چيو: ”مان قسم کڻي چوان ٿو ته اها شيءِ ڏسڻ ته ٻي ڳالهه آهي پر اسان اصل اها شيءِ پاڻ آهيون. توهان به اها ئي ذات آهيو پر توهان پاڻکي سڃاڻو ڪونه ٿا.“

ڊاڪٽر صاحب چيو: ”اها ته ڳالهه سچي آهي پر ڪيئن سڃاڻجي؟“

سام چيو: ”اهو ڪم هڪ گهڙيءَ جو نه آهي؛ شايد اتي جنمن جو ليکو آهي.“

ڊاڪٽر صاحب چيو: ”ائين هرو ڀرو نه آهي. چوندا آهن ته گروءَ جي درشنيءَ سان گيان ڪڻ ۾ حاصل ٿي ويندو آهي.“

سام چيو: ”جيڪي جنمان جنم پريم يا گيان جا پيالا

ھي پر ٿيا ڏنا اچن، انهن کي برابر هڪ سرڪي ملڻ سان ٿي نشو ٿي ٿو وڃي. پر ان سرڪيءَ جو ملڻ خود جنمن جي ڪرم جو نتيجو آهي يعني پورن گرو به ان کي ملندو جنهن جو دل ۽ من گروءَ جي سچائيءَ لاءِ تيار هوندو، جنهن جي ڪرمن جي ڪمائي ڪيس انهيءَ پچاڙيءَ جي منزل طيءِ ڪرڻ لاءِ طاقت ۽ سمجهه ڏني هوندي."

ڊاڪٽر صاحب چيو: "گرو پنهنجي شڪتيءَ سان ۽ پنهن جي گيان سان سنواري سڌاري جلد ئي منزل تي رسائي نٿو سگهي ڇا؟"

سام چيو: "پنڌ پنهنجي پيرن سان ڪٽندو آهي؛ نه وري گرو ڪو ماستر آهي جو ويٺو ٻار کي سچو ڏيئي سگهيا ڏي؛ تو هان چوندا آهيو ته منهنجي گروءَ مون کان هي وچن ورتا آهن پر اها ته ڳالهه ئي ان منزل تي ڪانه آهي."

ڊاڪٽر صاحب چيو: "ڇا، گرو سيکاري ۽ سنواري نٿو سگهي؟"

سام وراڻيو: "انهيءَ نموني نه؛ پريم سان سڀ ڪي حاصل ٿي سگهي ٿو. جئن سلو، هوا، اس، پاڻي، مٽيءَ جي ميلاپ سان نپجي ٿو، تيئن هي دل من جو ٻوٽو پريم جي ماحول ۾ پختو ٿئي ٿو. اهو گرو ڪهڙو جيڪو وچنن ۽ پنڌن تي اعتبار ڪري ويهي رهي ۽ پنهنجيءَ پريم جي طاقت تي ڀروسو نه رکي! گرو هڪ همراه آهي؛ سنگتي آهي؛ يا سمجهو روحاني ماتاپتا آهي ۽ جئن ماتاپتا پنهنجي اڪٽ پيار سان ٻار کي ننڍي اوستا ۾ نپائن ٿا تيئن گرو هتراڏو حيان بنا، پنهنجي پريم دوران، دل ۽ من کي پرقلت ڪري ٿو. در حقيقت توهان اڃان گرو ڪيو ئي ڪونه آهي! اڃا ڪرڻو اٿو."

ڊاڪٽر صاحب چيو: "مان جو وچن ڏيئي شبد ورتي

آيو آهيان، اهو گرو نه ڪيو اٿم ته ڇا ڪيو اٿم؟"

سام چيو: "انهيءَ کي گرو ڪرڻ نه چئبو آهي. جڏهين توهان جو من وچي پنهنجي گروءَ ۾ سمائجي، انهيءَ جو اثر ويهي رهڻي ڪهڻي توهان کي از خود اونچي ڏسڻ ۾ اچي ۽ پنهنجو پاڻهي دل پنهنجي ئي طلب سان ان جا نمونا، طريقا، اپنائي ۽ سندس عادتون عام طور توهان جا خود پنهنجا طريقا ٿي وڃن، تڏهين سمجهو ته توهان گرو لڌو آهي. پر هن حالت ۾ ته وچن ڏئي ٿا اچو تڏهين به مڇيون، گوشت اسان وٽ کائي وڃڻ پينگ ڪري ٿا ڇڏيو! پوءِ ڪيئن چئجي ته اوهان گرو لڌو آهي؟ وچن جو ٿا ڏجن ونجن ۽ پڪيءَ طرح انجامن ڪرڻ کان پوءِ به اهي چوٿا پينگ ٿين؟ جي سچي شرڌا هجي ته ائين نه ٿئي. فقط شبد وٺي گرو ڪو نه ڪبو آهي پر شرڌا ۽ پريم سان ملندو آهي."

ڊاڪٽر صاحب چيو: "آهستي آهستي ئي ته من نهندو آهي. تنهن ڪري ئي هي ساڌن پڻ من کي ايڪاگر ڪرڻ جا ڪجن ٿا."

سام چيو: "پاڻ ڊاڪٽر آهيو ته ڳالهيون ئي پريم جي مارگ ۾ ڪو نه آهن؛ خبر نه آهي ڪتان ٻڌيون ۽ پڙهيون اٿو. ڌ انهن قسمن ۽ ڪوشش سان من نهندو نه ايڪاگر ٿيندو. من جي چڙي هوا ۾ ته ڪو نه ويهي رهندي؛ ڪنهن وڻ تي ضرور ويهي. ڪنهن جو من دنيا جي سکن تي ته ڪنهن جو نالي ناموس جي وڻ تي ته ڪنهن جو ڪنهن ٻئي آشا جي درخت تي آشيانو اڏي ٿو. هڪ شوق يا هڪ مقصد تڏهين قئي ڪري يا ترڪي سگهجي ٿو جڏهن ٻيو ڪو ان کان وڏو شوق يا عشق پيدا ٿئي ٿو. تنهن ڪري هي سڀ پريم يا عشق جو معاملو آهي ۽ نه حيلن بهانن جو. جي توهان جي من جي چڙي پنهن جي گروءَ جي پريم جي وڻ تي سچ پچ ويٺل آهي ته پوءِ من ڇلاڳمان ڇو

ٿو ٺئي ۽ پکين جي چر ڀر تي يا گوشت مڇيءَ جي سوادن تي ٿوءانجو فسر چڙ تو پاڄي ڊڄي؟ تنهن ڪري وڃي انهن ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان ڪريو.“

* * *

١١-٣-١٩٦١ع- باغ ۾ پراڻا گل موسم جا ڪيڏي، ٻاريون صاف ڪري جڏهين سام ۽ گرڌاري وراندي ۾ آيا تڏهين سام پنهنجي نظر ورائي ٻارين ڏانهن ڏسي چيو: ”هينئن خالي ٻاريون ڀاڻ سنيون ٿيون لڳن! آهي ڏي ٻاريون جتي نوان گل بهار جا آسرندا ڏسي خوش ٿيندا هئاسون اج پنهنجي هٿن سان گل ڪيڏي خالي پڌر ڪري آيا آهيون ۽ ائين ڪھڙيون نہ صاف ۽ سنيون لڳن ٿيون. ڪڏهن بر ۾، ڪڏهن باغ ۾، ڪڏهن ڊاٽ ۾، ڪڏهن اڏاوت ۾. ڪڏهن غم ۾ ڪڏهن خوشيءَ ۾ ساڳي موج پيا ماڻيون! وڌيڪ گرڌاريءَ ڏانهن منهن ڦيري چيائين ”انهيءَ موج کي هر حال ۾ بحال ڪرڻو آهي!“

* * *

٢٦-٣-١٩٦٠ع ڪالهہ هوموپٿيءَ واري ڊاڪٽر سام کان مانيءَ وقت هڪ سوال پڇيو: ”توهان (سام) جو منهنجي ڪلهن تي هٿ رکيا سي ڪھڙي خيال سان رکيا هيو؟“

سام چيو: ”توهين پاڻ ڇاتا سمجهو؟“

ڊاڪٽر صاحب چيو: ”شايد آسيس ڪرڻ جي ارادي سان ۽ پيار جي نموني!“

سام چيو: ”پيار تہ برابر هيو پر آسيس شايد مون پاڻ توهان کان ورتي هجي!“

ڊاڪٽر صاحب پڇيو: ”سو ڪيئن؟“

سام چيو: ”آسيس آهو واهہ يا نانڪو آهي جو ٻہ طرفو وهندو آهي. پاڻيءَ جو وهڪرو هڪ پاسي ٿيندو

آهي مگر دل جي درياهه جو وهڪرو پنهنجي پاسي تيندو آهي؛ آسيس ڏيڻ سان آسيس ملي ويندي آهي ۽ انهيءَ جو ڏيڻ وٺڻ هڪ ئي ڳالهه آهي.“

* * *

٢٨-٣-١٩٦٠ع ڪالهه اسان وٽ صوفي ست سنگ هيو. صوفي فقير ن ۾، اگرچ انهن مان ڪيترا اڻ پڙهيل هوندا آهن، خيال ’همه اوست‘ جو ايترو ته ڦهليل آهي جو انهن مان سادا سودا ماڻهو به، وڏيون گيان جهڙيون ڳالهيون چٽي سگهندا آهن. ڪالهه هڪڙي فقير اٿي چيو ته هاٿي ۽ ڪول ۾ هڪ جيترو الله اٿو! مٿان سمجهو ته هاٿي وڏو آهي تنهن ڪري اُن ۾ الله گهڻو آهي! ٻئي فقير وري اٿي چيو ته سڀ الله اٿو! اهو خيال ڪر ڊاريءَ ۽ چمٽوءَ کي گهڻي وقت سمجهائيندي سام چيو: ”صوفي جڏهن اناالحق جو نعرو هڻندا هئا تڏهن حقيقت ۾ هو ويچارا پاڻ کي الله نه ٿا سڏائن پر چون ٿا ته اسين پاڻ آهيون ئي ڪو نه؛ فقط الله آهي! هاڻي جي سڀ ڪجهه الله آهي ته تون ڇا آهين ۽ مان ڇا آهيان؟ انهيءَ خيال ۾ حقيقت ڪري وڏ ۾ وڏ نمرتا جو اظهار ڪن ٿا ته هي مان نه آهيان؛ مان ڪجهه به نه آهيان؛ الله فقط آهي؛ يعني هڪ هستي فقط هت رهي ٿي ۽ ٻيون سڀ هستيون انهيءَ جا روپ ئي آهن. انهيءَ خيال پٽاندڙ مٽي (Matter) به الله آهي، ته روح به الله آهي. در اصل سڀ هڪ شيءِ آهي؛ انهيءَ کي فقط سمجهڻ خاطر ٻن ڀاڱن ۾، روح ۽ جسم ۾، ورهايون ٿا. ته مورتيءَ جي خيال وارا ٽن ڀاڱن ۾ ورهائين ٿا؛ ويدانت وارا پنجن ئي تتن ۾ ان کي ڏسن ٿا. هي تت به هڪ ٻئي مان گنڍيل رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي کان صفا جدا جدا خيال ۾ آڻڻ مشڪل آهن. آلهه جو احساس هوا مان يا ڪنهن جسي

مان ئي معلوم ٿئي ٿو ته اگني خود Matter نه آهي ته ڇا آهي، جيتوڻيڪ اها گرم آهي ۽ مٽي ٿڌي آهي؟ مٽيءَ ۾ خود اگني سمايل آهي. ڏسو سائنس جي اوزارن سان ته مٽيءَ جي جوڙ ائٽمن وغيره جي سلسلي سان ٺهيل آهي جنهن جا جزا چوڻ ٿا ته هڪ لک ڇهاسي هزار ميل هڪ سيڪنڊ ۾ گول ڦرن ٿا، يعني هيءَ مٽي سمجهو ته اليڪٽرسٽي آهي. جدا جدا شين ۾ ساڳي ئي بجلي آهي فقط ان جي جزن جي بيهڪ نرالي آهي. اهڙي طرح جزن جو هڪ ٻئي سان واسطو آهي ۽ سڀ جزا گڏجي هڪ ئي وستو بڻائن ٿا جنهن جا روپ ۽ ديدار انيڪ آهن. انهيءَ خيال کان رشي ياگيولڪ جي ڳالهه جيڪا توهان کي اڳ ٻڌايل آهي سا وري ويچاريو: سندس پٽ برهم جي ڳولها تي ڪئي؛ هن پنهنجي پتا کان پڇيو جنهن چيس ته تون وچي پاڻ ڌيان ڪر. تڏهن هن پهريائين ڏٺو ته 'انم' برهم آهي. انم (Matter) سڀ شيءِ جو بنياد آهي. رشيءَ چيس ته برابر، پر وڃي وڌيڪ ويچار ڪر. وري وڌيڪ ويچار ڪندي سمجهيائين ته 'پرانم' (Life force) برهم آهي؛ وڌيڪ ويچار ڪندي ڏٺائين ته پران ته هڪ گهوڙي مثل آهي جنهن جي رڳن من آهي، تنهن ڪري چيائين 'منم' (Mind) برهم آهي؛ تڏهن به رشيءَ چيس ته وڃي وڌيڪ ويچار ڪر؛ پوءِ هن ڏٺو ته من جي گهوڙي جو ڪو هلائيندڙ گهرجي نه ته وڃي کڏ ۾ هڻندو؛ تنهن ڪري ائين نظر آيس ته 'گيانم' (Knowledge) برهم آهي؛ پر اهو گيان جو عقل جي دليلن تي ٻڌل نه آهي، سو ئي من کي سڌو هلائي سگهي ٿو. گيان جو بنياد وگيان (Science) آهي يا ان کي آزمايل گيان ڪري چئجي. تنهن ڪري وري چيائين 'وگيانم برهم'؛ پر آخر ڏٺائين ته اها اڃا ٻي ڪا

شيءِ آهي جا پڻي هن سرشٽيءَ سڄيءَ کي هلائي ٿي؛ ان جو نالو آهي آنند، يعني آتما جي موج، ان منجهان ئي هي ڪارخانو هليل آهي. تڏهن آخرين واڪ ڏنائين: بابا ’آنندم برهم‘ يعني برهم آنند آهي!

هاڻي اهي سيئي ساڳيئي برهم جا روپ آهن. منم برهم يا آنندم برهم سو به سڀ انم برهم ۾ سمايل آهي ۽ اتي پيو ٿو پنهنجا کيل ۽ رنگ رچائي. ساڳي طرح صوفي چون ٿا ته سڀ ڪان اتم روپ الله جو عشق آهي. عشق انهيءَ موج يا آنند جو پيو نالو آهي. عشق مان سڄو اسرار بڻيو آهي.

”ٻي ڳالهه جا توهان ٻنهين کي مشڪل سمجهه ۾ آئي هوندي سا هيءَ آهي ته مرشد يا گروءَ کي هو الله ڇو ڪري ٿا مڃين؟ ڀريائين ته چئن اسان اڳ ۾ چيو آهي ته جت ڪٿ الله ئي آهي. پر ان جو خاص روپ مرشد ئي ٻڌي سگهي ٿو. ڀلا الله نيٺ ڪٿي ڏسڻو آهي؟ سڀ کان سندس وڏي سهڻو نظارو ڪٿي ملندو؟ وڻ ٽڻ، جيو، جنت، پهاڙ، پاڻي ۽ هوا وغيره ۾ به ان جو ٻرا ٻر واسو آهي پر هن سڄي سرشٽيءَ ۾ اتم جوڙ انسان جي آهي؛ يعني انسان ۾ ئي هن سڀ کان وڏ پاڻ پڌرو ڪيو آهي. گرو يا مرشد اهو انسان آهي جو چيلي يا مريد کي سڀ کان وڌ پورڻ نظر اچي ٿو؛ تڏهين ته انهيءَ کي مرشد يا رهبر ڪجي ٿو؛ پوءِ جي اهو سيني پسند آيل گڻن جو سروپ آهي ته مريد لءِ الله جو روپ نه ٿيو ته ٻيو ڇا ٿيو؟ ڀلا الله ڪنهن عرش ۾ لڪو ته ڪو نه ويٺو آهي؟ ضرور هن کي سندس ڪنهن ظاهر ڪيل روپ دوارا ڏسڻو آهي، ورنه اهو هڪ خيالي يا سودائي چيز آهي. مرشد جي صورت جنهن ۾ طالب جي دل جا سڀ آدرش سمايل آهن، انهيءَ پرم هستيءَ جي ڏسڻ لاءِ سٺي ۾ سٺي آرسي آهي.

هونءَ به ويچار ڪيو ته ڪرشن جي ۽ ٻُڌ جي يا ٻين
ڪنهن اوتار جي سچي تصوير ته ڪنهن کي ڪا نه ملي آهي؛
هڪ تصوير ٻئي کان نرالي آهي؛ اُهي شرڌالو ڀڳتن
پنهنجي پنهنجي خيال موجب ڪينچيون آهن. اُهي به الله
جا ئي روپ هئا پر چونه جيترن روپن ۾ ڪيئن
ڳولهيون؟ ٻئي ڪنهن هنر واري آرٽسٽ جي پسند
ڪيل يا جوڙيل تصويرن کان بهتر اُها تصوير آهي جا اسان
سچ پچ ڏٺي هجي!"

ڇمٽوءَ ڏانهن منهن ڪري چيائين: "ان ڪري
پڻ توکي چوان ٿو ته تڪڙ ڪري ڪنهن ۾ به گرو ڇيلي
واري شرڌا نه رک؛ اُهو ماڻهو ڳولهه جيڪو تو لاءِ
انهيءَ پرم هستيءَ جي صورت جو آئينو ٿي سگهي؛
جنهن ۾ تنهجو وشواس ٻڌجهي. عام طور سڀ ڪنهن لاءِ
گرو ڪرڻ به ضروري نه آهي، مگر ڪنهن خاص مارگ تي،
هلندڙ لاءِ، مرشد جي معرفت يعني سرگڻ روپ دوارا، پرماتما
جو ڏيائڻ آسان ٿئي ٿو. تون پنهنجي لائين خيال جي اول
مقرر ڪر ته ڪهڙو مارگ توکي وڌيڪ وڻي ٿو. ۽ ان
مارگ تي هلندڙ ڪير توکي وڌيڪ پاڻ ڏي ڇڪي ٿو."

ڇمٽوءَ چيو: "مون خيال ڪري ڇڏيو آهي." سندس
اشارو شايد سام ڏانهن هيو.

* * *

٢٩-٣-١٩٦٠ع- هوموپٿيءَ جي ڊاڪٽر سان، رات
جو سمهڻ وقت، ڪجهه نه ڪجهه گفتگو پيو هلندو آهي.
گفتگو ڪندي هن هڪ عجيب سوال سام کان پڇيو، جو
هي هو: "توهان جو شعرن ۾ يا ٻيءَ طرح همه اوست
واريون ڳالهيون ڪريو ٿا يا 'اهم برهم' جو نعرو هڻو
ٿا، ان بنسبت مون کي هي پڇڻو آهي ته اُهو مڪان يا
اها اوستا جنهن ۾ برهم جو درشن ٿئي ٿو سا اوهان کي

سچ پچ معلوم آهي؟"

سام ڪيس چيو: "ائين چوڻ بناڪ نہ هجي تہ مان جيڪر توهان کي ٻڌايان تہ نہ رڳو آءُ مڪان مون کي معلوم آهي پر آهو مڪان يا آها شيءِ ڀاڻ ۾ آهي. توهين فقط ڀاڻ کي پوريءَ طرح ڏسو ڪين ٿا ۽ ڀاڻ کي اجاين ٻولن ۾ ڀلايو ٿا. ڀلا ذات جي پيدائش ذات کان الڳ ڪيئن ٿي سگهندي؟"

ڊاڪٽر صاحب چيو: "جيڪڏهين ائين هجي تہ پوءِ انهيءَ شيءِ ڏسڻ لاءِ ۽ انهيءَ رس چکڻ لاءِ توهان وٽ سائين جا وڏا ميڙ ڇو نہ ٿا اچن؟"

مون چيو: "فقير جيڪي غفائن ۾ رهن ٿا ۽ جيڪي ايڪانت پسند ڪن ٿا، ڇا آهي ان مارگ تي پهتل ڪين چئبا، ان ڪري جو وٽن گهڻا ماڻهو ڪين ٿا اچن؟ توهان تہ گفائن وارن جا هميشہ پياسي هوندا آهيو!"

سام چيو: "ڊاڪٽر صاحب، اسان تہ ٻائي ئي هيءُ ماڻهو بہ گهڻا ٿا سمجهون؛ گهڻن ماڻهن جو اچڻ ڀاڻ کي جيڪر وڻي بہ نہ. اها ڪا ساڌپڻي يا ڪماليت جي نشاني هجي تہ اهي نشانيون ڀاڻون ڀانئڻ ۽ ملڻ وٽ وڌيڪ ملندو."

اتي سام ڪجهہ نمرتا ڀاو ۾ چيو: "ڀائي اسان جا تہ اٺو رڳا بہ ۽ بناڪون؛ توهان ڀل پنهنجي خيال تي پڪا رهو."

ڊاڪٽر مون ڏانهن منهن ڪري چيو: "دادي اوهان جي بہ ورتي ٺيڪ نہ آهي؛ دوئي ڀاو اڃا توهان ۾ بہ آهي. ان ڏينهن رتمديري مان توهان کي هڪ ساڌوءَ وٽ وٺي هليو هيس؛ آن هڪ گيان گوشٽ شروع ڪيو تہ توهان ڇڙڪ نفرت مان اٿي هليا ويا."

منهنجي پاران سام کيس جواب ڏنو: ”اها ڳالهه هينئن آهي ته انهيءَ ساڌ پنهنجي دل جي ديد سان اسان کي کو نه ٿي ڏنو ۽ يڪدم ليڪچر بازي شروع ڪيائين.
تڏهن به مون کي اهڙن حالتن ۾ مات وٺندي آهي ۽ منوءَ کي مون آتي به چيو هو ته چپ ڪري ٻڌ؛ مگر هوءَ جيڪڏهين چپ ۾ نه رهي ته ان لاءِ به هن کي ڏوهه ڏيئي ڪو نه ٿو سگهجي، ڇا لاءِ جو سندس حالت ساڳي هئي جا جنيد بغداديءَ جي اوهان کي ٻڌائي هئيسين؛ جڏهين جنيد پنهنجي سواميءَ سري سڪتيءَ جي چوڻ تي ساڻس گڏ جي ملڪ جي امير وٽ ويو، تڏهين اهو امير پنهنجي ڪمن ۾ مشغول هيو ۽ پورو ڌيان ڪو نه ڏنائين؛ اتي جنيد کي اهڙي چڙ آئي جو چون ٿا ته هن هڪ شينهن جي صورت اختيار ڪئي ۽ پيريءَ سيا ۾ گجڻ لڳو؛ آخر سندس مرشد اها ڳالهه امير کي سمجهائيندي چيو ته توهان دنيوي حاڪم آهيو؛ توهان جيڪڏهين پاڻ اسان فقيرن وٽ ڪهي اچو ها ته توهان کي روحاني لاڀ حاصل ٿئي ها؛ مگر اسان درويشن جو حاڪمن جي سڏ تي اچڻ انين تو لڳي چڙ تيهن سالن جي عبادت اسان جي ڳم ٿي ويئي! تڏهن سام ڊاڪٽر صاحب کي چيو ته اوهان به پنهن جي دل تي هٿ رکي ڏسو ته سرلا جا سيني جي هيتري شيوا ڪري رهي آهي ۽ گيان ۾ به ڪنهن کان گهٽ نه آهي، تنهن کي جو ڪو ويهي پرمارٿ جا ڏس ڏئي ۽ ليڪچر ڪري ٻڌائي ته هن کي جنيد وانگر چڙ نه لڳندي ته ڇا ٿيندو؟ مان ته چپ ڪري اهي ليڪچر ٻڌڻ ويهي رهيس پر جئن جنيد کي سري سڪتيءَ جي نرادر تي ڪاوڙ آئي تيئن سرلا کي به ڪاوڙ جو سبب هو، ڇا لاءِ جو فقير جو ڪم آهي ته فقير کي سڃاڻي ۽ ائين نه سمجهي ته جيڪا خلق وٽن اچي ٿي سا رڳو پيرين پوڻ يا پٽ وٺڻ.

يا ٻئي ڪنهن سوال ڪرڻ لاءِ اچي ٿي. هو جيڪڏهين ڪنهن رُوحانيت وارو هجي ها ته اسان جي سڄي ٽولي جو فقيري نموني سان آدر ڪري ها؛ خاص ڪري ان حالت ۾ جو پنهنجي ترجا ماڻهو هئاسون ۽ هڪٻئي جا پڌل سڌل هئاسون."

ڊاڪٽر صاحب تي انهيءَ ڳالهه جو ڪافي اثر پيو. پوءِ صبح جو وري سام ڪيس پنهن جون ڪي شخصي ڳالهيون ٻڌايون؛ ڪيس چيائين: "گهڻن ماڻهن جو اچڻ ڪن حالتن ۾ رنڊڪ اٿو. لاپ فقط آهي ونسي سگهون ٿا جن کي سچي پياس ۽ سمجهه آهي، باقي گهڻا ماڻهو رونشي ڪوڏيا ڀا وهمي ايندا ته اهي رڳو پنهنجو ۽ ٻين جو وقت زيان ڪندا. اسان جي لاءِ ته هي ست سنگ ٿورن ماڻهن جو ۽ هيءَ وندر ڳاني ٻجاني، شعر و شاعري ۽ باغ باني جي ڪافي آهي. ياد اچي ٿو ته ننڍپڻ جي وقت ۾ جڏهن منهنجي اوسٽا ٢٠ سال مس هئي تڏهن پنهنجي اپياس خاطر گهڻو ڪري سڄو ڏينهن هڪ ڪوني تي ويهي گذاربو هيس؛ فقط سويل صبح جو ضروري جهنگل وڃڻ جي ڪم لاءِ ۽ سٿر لاءِ نڪربو هو؛ وري پينيراڪي ۾ ٿي گهر موٽي اچبو هو؛ ماڻهن سان گهڻي ڏي وٺ ڪانه هئي، پر انهيءَ گوشي نشيني جي ڪري ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ ۾ اڻين هلجي ويو ته هيءَ هڪ ساڌو پرش آهي؛ جنهن بعد ماڻهن جي، خاص ڪري زالن ۽ ننڍن ڇوڪرين جي، اچ وڃ گهڻي ٿيڻ لڳي. اسان انهيءَ مان به پنهنجو مطلب سڌو ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ انهن کي اکري سکيا ڏيڻ شروع ڪئيسين؛ پر اڻين گهڻن مائين جا وهم وڌندا رهيا ۽ آخر انهيءَ حد تي ڳالهه پهتي جو جڏهن گهٽيون مايون اچن ته مان ڪوني تي وڃي اڪان، هڪ ڇوڪريءَ ته شادي ڪرڻ کان ئي انڪار

ڪري رهي هئي ائين چئي ته مان ”پاڻڙا“ جي موڪلائڻ بنا ٻئي شهر ڏانهن ڪونه ويندس. تڏهين ٻڍيون ۽ ننڍيون زالون حويليءَ جون مون کي ”پاڻڙا“ ڪري سڏينديون هيون. ڪي ٻڍيون زالون ته پاڻ به نالين جي صفائيءَ وقت اچي مدد ڪنديون هيون؛ ويتر جو ڳوٺ جي نالين وغيره صفا ڪرڻ جو ڪم يا سودېشي ڪپڙي جي فئڪٽريءَ جو ڪم ۽ ڇوڪرين جي تعليم جو ڪلاس شروع ڪيوسين ته ماڻهو مون کي پورو پورو ”ساڌ“ ڪري سمجهڻ لڳا. پر جڏهن منهنجي شادي ٿي تڏهن ته گهڻن جا وهم ٽٽي پيا. هاڻي ائين چئبو هو ته جنهن وقت اسان وٽ گهڻا ماڻهو ايندا هئا تنهن وقت سچا ساڌ هئاسين ۽ شاديءَ کان پوءِ نه؟ اهي ته سڀ اڃاڻڙا خيال آهن. پيا ٻيڪ بسم اسان گهڻا ڏاريا آهن، جهڙوڪ پهاڙن جون درگاهون ڏسڻ، ساڌن فقيرن سان سنگ ڪرڻ، قومي هلچل ۾ ڀرو وٺڻ ۽ سو ديشيءَ جو پرچار ڪرڻ، ڳوٺ سڌار سڀا ٺاهڻ يا اڪبر اشرم کولڻ ۽ ادين جي ماحول ۾ اٿڻ ويهڻ؛ مگر انهن سڀني ڳالهين جو تت سار وڃي ٿو انسان جي آتما اندر گڏ ٿئي جنهنجي درسني دل ۾ ان جا ويچار يا ڀاونائون آهن ۽ نه ماڻهن جا ميڙ؛ انسان جو واڌارو اندروني ۽ نه ٻاهرين ڪمن جي ڪاميابيءَ يا پکڙ مان معلوم ڪري ٿو سگهجي؛ نه ظاهري ورتيءَ مان جنهنجو توهان کي گهڻو شوق آهي؛ يعني کاڌي پيتي جي ترڪ ڪرڻ وغيره، يا ان جي ڪنهن خاص طريقي اٿڻ ۽ ويهڻ پوڄا پاٺ وغيره مان ان جو اندازو لڳائي نه ٿو سگهجي. ڪهڙا اکر ڳالهائيندي، اٿندو هلندي، اڪيلائپ هوندي به اسين انهيءَ آتما کي اثبات ڪري سگهون ٿا. اها ڪا ٻي رمز آهي جنهن مان هن ڳالهه جو انت پائي سگهجي ٿو. ويتر جيئن موت هو ياد گهرو وڌي ٿو تيئن هي سڀ شيون، ڳالهيون،

’پلوپون‘، ’ورتون‘ وغيره بي ڪار نظر اچن ٿيون. محبت يا پريم ئي هڪ ماڻ انسان جي روحانيت جو ٿي سگهي ٿو؛ ان کان سواءِ ٻيو سڀ آپگهار اجائي آهي.“

* * *

٣-٤-١٩٦٠ع – ڪالهه گرڌاريءَ چيو ته ”مان اڄ ڏاڍو اداس ٿي پيو آهيان ڪجهه مزو ئي ڪونه ٿو اچي.“ مون کيس چيو: ”اسان جو هڪ جو گهر ويٺا آهي انهيءَ سان جيءُ نه ٿو حال ڪريو ته تو ڪي نيڪ ڪري ڇڏي؟“ هو اشارو سمجهي ويو ۽ جهٽ سان وٽ آيو ته سام کيس چيو: ”اهي گهڙيون اداسائيءَ جون ڏاڍيون مانائتيون آهن؛ ٻيا ڪم ڇڏي ٻه وچي انهن جو مزو ماڻ؛ انهن ۾ ئي ته حياتيءَ جو وڏ ۾ وڏ مزو ۽ موج آهي! وڃي ڪنهن واريءَ جي پڙيءَ تي ويهي قدرت جا نظارا ڏس! جيڏانهن سنسار جي اجاين حرص کان منهن موڙي تو ڏانهن گهڙيءَ لاءِ ماڻهوءَ کي هڪ قسم جي اداسائي ٿئي ٿي، پر ان طريقي سان ئي من کي موڙي وڏيڪ مينتاج وارن ڳالهين ڏانهن مائل ڪري سگهجي ٿو.“

گرڌاريءَ کي اهو ڏس چڱڪ علاج طور لڳو؛ چيائين ته ٿورو ڪم ٻه پاڻ سان ڪٺي ٿو وڃان! ٻوءِ مٿي وڃي ڪترا ڪلاڪ ويهندو آهي ۽ شوق مان هڪ ٻيراڳڻ ٻه نهرائي اٿس. اهو شوق ڏسجي ڪترا ڏينهن هلي ٿو.

* * *

٥-اپريل-١٩٦٠ع – ٣ اپريل تي چيتوءَ جي عمر ١٨ سال ٿي، کيس ڏاڍو شوق هو ته مان ڳرو ڪريان ۽ ان جي دعوتن ويس وٺان، ٻن سالن کان کيس اها خواهش هئي. اڳ سام ائين قبول ڪيو هو ته ارڙهن سالن جي عمر جو

ٿئي ته ٻوءِ سندس مراد پوري ٿي سگهندي؛ اڄ ڪلهه
جي آزاد خياليءَ ۾ هن قسم جي طلب هڪ سڪول جي
ڇوڪري لاءِ ڇڙڪ نرالي ڳالهه پيئي لڳي، مگر
ڇمنوءَ جو لاڙو فقيريءَ ڏانهن وڌندڙ ڏسي سام ڇيو
ته ڪنهن جو واڌارو ڪنهن نموني ۽ ڪنهن جو ڪنهن
نموني ٿي سگهي ٿو. استاد يا گروءَ کي ننڍن جي رهبري
خود انهن جي ڀاوجي لاڙي پٽاندر ڪرڻ گهرجي. تنهن
ڪري ٣ تاريخ ڇمنوءَ جي سڪولي امتحان پاس ڪرڻ
جو موقعو ۽ ٤ تاريخ سندس ١٩ سالگره جو
ڏينهن گڏجي ملهايوسين. ٻاڻ ۾ ٿورا رهوا هي،
اسان جي گهر جا جن کي آشرم جا ميمبر ڪٺي ڇئجي، سڀ گڏجي
ويٺاسين. ٻوءِ سام ڇمنوءَ کي هن نموني هدايت ڪئي:
”پنهنجي آتمڪ اڌار لاءِ ڪي قسم يا پرڻ يا منتر وغيره
ضروري نه آهن؛ هڪ شيءِ فقط ضروري آهي سا آهي
سچ جي پالنا ۽ پريم جي ڀاوناءِ جوڳ ابياس ۽ ٻيا حيلا پڻ
اپاو ٿي سگهن ٿا. مگر مول ڳالهه آهي سچ جي پالنا.
پريم يا محبت ۽ گيان به ان مان وڌي ٿو. جوڳيا ويس
جيڪو اڄ تو پاڻ پسند ڪيو آهي ۽ جو اسين سڀ گڏجي
توکي پهرايون ٿا سو هڪ انهيءَ نئين جيون جي
شروعات ڪري سمجهه. اصل ۾ اهو ويس سنياسي پائيندا
هئا. هي سچ جو مارگ جيڪو اسان توکي ڏسيو آهي سو هڪ
سچي سنياس جو مارگ آهي؛ سچ تڏهن قائم ٿي سگهندو
جڏهن ڪوڙ کي ترڪ ڪبو. هيءَ نئين ويس هڪ نشاني
اڄ کان وٺي پنهنجي نئين شروع ڪيل سچي جيون جي
ڪري سمجهه ۽ انهيءَ جو ادب رک. مثال طور انهيءَ
جوڳيا ويشاڪ ۾ جڏهن ڪو ڪچو يا برو خيال اچي ته
پنهنجي پرتگيا ياد ڪري انهيءَ کي هٽائڻ گهرجي ۽
ڇئجي ته اهو خيال يا اها حالت منهنجي هن فقيري لباس

پتاندر نه آهي؛ هي شرير پڻ آتما جو هڪ وستر آهي ۽
هن وستر يعني شرير جو پڻ ادب ۽ عزت ڪرڻ جڳائي.
سو ادب ان ۾ آهي ته ان کان اجوڳ ڪم نه وٺون.
اکين کان، زبان کان، نڪ کان، ڪن کان، هٿن
کان ۽ ٻين اندرين کان آهي ڪم وٺون جي قدرتي
اصولن جي ڀڃڪڙي نه ڪن؛ مطلب ته تن ۽ من سان
پنهنجي آتمڪ اڀياس جي چنتا ڪريون. يوگ جا رستا،
پران اپان وغيره يا رياضتون، ڪشالا، تيرٿ وغيره
اهي به ڪجهه فائدو رسائن ٿا ۽ انهن جي لاءِ ته ڪي خاص
چاهنا ٿيندي ته اهي به حاصل ٿي سگهندا، مگر هن وقت فقط
هي ضروري آهي ته پنهنجي دل ۽ من سان، نه ڪنهن
ٻئي جي چوڻ سان، پر پنهنجي آتما سان خود اها پرتگيا
ڪر ته پنهنجي جيون عمر نموني سڦلي بڻائيندس. تو تي
شل آسيس رهي!"

*　*　*

١٧-٤-١٩٦٠ع اڄ صبح جو اسان جي ٻئي ڇوڪري
مون کي هٿ کان وٺي چيو ته ممي، پيار ڪر! مون کي انهيءَ
وقت هٿ ۾ چانهه جو پيالو هو. هن جي ننڍڙي هٿ
جهلڻ ڪري هٿ کي ڇيٻٽ آئي تنهن ڪري مون خفي ٿي
کيس چيو ته هينئر ته ... وڏو ٿيو آهين، اڃا ڇا لاءِ گهرج
اٿيئي پيار جي؟ پر پوءِ مون کي پاڻ مان نفرت آئي ته
ڇو مون هن ٻار سان کهرو ڳالهايو! ٿوريءَ دير کان
پوءِ مون سام کي ڪلي چيو، مان ڪيئن تنهنجي ٻالڪن
مان ڦاسي وبس! هيڏا وڏا ٿيا آهن ته به ڪين پيار ٿو
گهرجي! سام چيو: "تون ٻار ڏانهن ڏس؛ انهن کان ته تون
گهڻو وڏي آهين؛ تڏهن به پيار جي يا هٿ گهمائڻ جي
طلب ڇو ڪندي آهين؟"

تنهن کان پوءِ گڏ ڇوڪري کي مون ۽ سام پنهين

متي تي هٿ رکيا جنهن بعد هو ڏاڍو خوش ڏسڻ ۾ آيو.

وري جو صبح جو سير ڪري هڪ صوفي فقير جي مڪان تان موٽياسين ته چمنوءَ بہ چيو: ”امڙ، پيار ته ڪر!“

مون چيو: ”هينئر ته توهان ٻنهين کي چڱي سام هشي ڏني ڇڏي آهي.“

تڏهن سام کين چيو: ”اها بہ خبر هجيو ته پيار جو هڪڙو روپ مار بہ آهي.“

چمنوءَ چيو: ”دادا، پيار ٻي ڳالهہ آهي، مار ٻي ڳالهہ آهي.“

سام ورائيو: ”نہ! پيار جو ضد نفرت يا ڌڪار آهي، مگر مار يا سنوار پيار ۾ ڪڏهن سمائجي سگهن ٿا. سنوار ۽ سختي، پيار جو خود انس آهن.“

* * *

٣٠-٤-١٩٦٠ع - هوميوپيٿيءَ وارو ڊاڪٽر جنهن جو ذڪر اڳ ڪيل آهي، سام جي چوڻ موجب، ڇڪجي بہ اچي تو پر کيس وري هڪ ابتي ڇڪ بہ ٿئي تي جا هن کي اسان کان دور وني وڃي ٿي. اسان جون ڳالهيون ۽ رهڻي ڪهڻي سام چوندو آهي ته هن کي اندروني طرح وڻيل آهن، مگر ڇا لاءِ جو هن وقت تائين هو نرالي ماحول ۾ رهيو ۽ نپنيو آهي ۽ سندس گروءَ ۽ سنگ وارن جون ريتيون اسان کان نراليون آهن، تنهن ڪري هو هڪ مونجهاري ۾ اچي ويو آهي؛ ڪڏهن ڪڏهن سوال جواب ڪندي هو سام کان جدا جدا لفظن ۾ وري ساڳي ڳالهہ پڇندو آهي تہ اوهان خود انهيءَ طاقت يا پرم هستيءَ جو ديدار ڪيو آهي يا نہ! سام بہ کيس اهو ئي جواب ڏيندو آهي تہ نہ رڳو ديدار ڪيو اٿئون پر آها شيءِ اسين خود آهيون! تون بہ

اهائي شيءِ آهين، مگر درشتي مٿن جي ضرورت آهي.

تازو وري سام کان هن پڇيو ته ڪهڙي رستي توهان جي خيال موجب آها پدوي پائي سگهجي ٿي؟ سام جواب ڏنو: "توهان جو اعتبار رهت يا ورتي قيرائڻ ۾ آهي ۽ وري وري چوندا آهيو ته، سوڪيم ورتي رکجي، جنهن جو مطلب توهان جي خيال موجب هي آهي ته ڪرم وچن خيال وغيره سڀ اهڙن ۽ ماس مڇي نه کائجي؛ عصر جو آئي پڳتي ڪجي وغيره. مگر اسان توهان کي چئون ٿا ته فقط درشتي مٿائن جي ضرورت آهي. ورتيون وڻ جي پن ۽ شاخن مثل آهن مگر درشتي ٿڙ ۽ پاڙ ڪري سمجهو؛ مطلب ته درشتي قرڻ سان ورتيون پاڻهي ڦري وينديون؛ مگر ورتين قيرائڻ سان درشتيءَ جو ڦرڻ مشڪل آهي. سو ائين آهي جيئن پنن کي پائي ڏيڻ سان پاڙ کي ساڙو ڪرڻ جي ڪوشش! البت ائين آهي ته درشتيءَ جو ڦرڻ حيلي يا ڪوشش سان به ڪڏهن ٿيندو آهي پر ڪنهن سنگ جي اثر يا پريم جي چوٽ لڳڻ سان جلد ٿيندو آهي. ڪرم ۽ حيلي جو مارڳ ته جنمن جو ڪشالو آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن توهان کي اسان جي سنگ صحبت مان ڪو اشارو ملي سگهي ته بي ڳالهه آهي نه ته اڪرن ۾ مان ڪيئن هدايان توهان کي ته چا ڪرڻو آهي يا درشتي ڪيئن ڦيرجي؟ آهي هتراڌو حيلا ايتري مدد ڪين ڪندا."

* * *

٢-٥-١٩٦٠ع- اڄ بيگم نون، جا هڪ يورپين ليڊي آهي، منهنجي اسپتال ڏسڻ آئي؛ آن جي لاءِ ميونسپالٽيءَ جا آفيسر ۽ اسپتال جو سڄو عملو انتظار ۾ هئاسون؛ جو هوءَ ريڊڪراس سوسائٽي ۽ اپوا Pakistan women's Association جي وڏي عهديدار آهي. سندس انتظار ڪندي ميونسپالٽيءَ

جي آفيسرن کي موقعو مليو جن ڏينهن جو چڱو پاڱو
ويهي منهنجو ڪم ڏٺو ۽ اڳلا ريمارڪ پڙهيا. هو ۽
بيگم نون منهنجي ڪم مان گهڻو خوش ٿي ويا ۽ مونکي
سيني طرفن کان شاباس ملي. مون اها ڳالهه خوشيءَ
مان هڪ واقفڪار سان ٿي ڪئي جڏهن سام هي اکر
چيا: ”گهڻي سارا هر خوش ٿي نه وڃجي; نه گهڻي
گلا ۾ نا اميد ٿي پئجي. زماني جون خوشيون اڇيون
وڇيون آهن; آفيسرن يا طاقت وارن جو هٿ بعضي
بعضي ڪوڙو پروسو پيدا ڪندو آهي، جنهن بعد پنهنجي
ڪوشش گهٽجي ويندي آهي. فقيرن جو دارومدار سچائي ۽
پنهنجي سائينءَ تي آهي. خوشيون ۽ غم سڀ انهيءَ کي
ارپڻ ڪري ڇڏجن، تنهڪري وڏيڪ اهي ڳالهيون نه
ڪريو; آهي سڀ من کي مات ڏانهن مائل ڪن ٿيون.“

* * *

٨-٥-١٩٦٠ع - اڄ شام جو هوميو پٿيءَ واري
ڊاڪٽر جيئن موڪلايو ۽ چيائين: ”مان اڄ شهر ۾ ٻئي
ڪنهن وٽ وڃي رهندس ڇا لاءِ جو آئي ڪي ڪم ڪرڻا
آهن; هيڏانهن اچي ڪو نه سگهندس. سام کيس موڪل
ڏني پر مونکي چيائين: ”ڊاڪٽر اڄين ڇٽي وڃندو آهي
پر ساڳي موٽي ايندو آهي.“ ڊاڪٽر جڏهن رات جو
ساڍي ٩ بجي ڏاري موٽي آيو تڏهن چيائين ته الاجي
ڇو ٻي هند سهولت هوندي ء وري هيڏانهن گهلجي ايندو
آهيان. توهان وٽ الاجي ڪهڙي ڪشش آهي!“

سام کيس چيو: ”پيو ته اسان وٽ ڪجهه ڪو نه
آهي پر رهڻ ڪهڻ يا خيال ۾ صفائي رکندا آهيون. هڪ
ته ڪشادگي جاءِ جي سڀ ڪنهن کي وڻندي آهي، پيو
وري حجاب ۽ لڪ اسان وٽ ڪين آهن. جيڪي خيال
۾ اچي ٿو سو چئي ڏيون ٿا ۽ هر ڪنهن کي آزاد ڇڏيون

تا ته پنهنجي ريت سان رهي. انهيءَ ڪري ٿي شايد اوهان کي هت رهڻ ۾ مزو اچي ٿو. مگر جتي مهمان ۽ گهر جي مالڪ جي وچ ۾ حجاب آهن، رتين رسمن جي ڳڻ‌ڳوت آهي يا ڪلي ڏي وٺ خيال ۾ ٿي نه آهي، اتي ڪنهن کي مزو ڪو نه اچڻو آهي. بهوهت جيڪو صوفي ست سنگ ٿيندو آهي. آن ۾ ته توهان شريڪ گهٽو ڪري ٿيو ٿي ڪو نه ٿا، جو سمجهجي ته توهان آن ڪري چڪجي اچو ٿا. پر هيءَ ڪليل ريت رهڻ جي خود هڪ قسم جو ست سنگ آهي. ست سنگ معنيٰ سچو سنگ. هي ڪشادو رهڻ اسان جو سچو رنڊ اِن ڪري چئي سگهجي ٿو جو هت هر ذات ۽ هر طبقي جي ماڻهن لاءِ ساڳي آجيان آهي. تنهن کان سواءِ هنن وڏن، ولين جو ۽ هيئان وهندڙ نهر جو سنگ به گهٽ لاڀدايڪ ڪين آهي. سنتن ۽ فقيرن جي پڻ هميشه اها ريت رهندي آهي ته ڪوڙي سنگ کان پاڻ ڪڍي سچي سنگ ڏي منهن ڪجي، جئن هي تلسي ڪوي چوي ٿو: ”استو ما سد گميه، تمسو ما جيوتير گميه، مرتيور ما امرتم گميه.“* تو هين به سنت آهيو توهان جي آتما کي ان سنگ جي ضرورت آهي.

* * *

ڊاڪٽر ٿوري دير بعد چيو: ”توهين جو پوڄائن ورتين وغيره جي منع ڪندا آهيو، پوءِ دادي چو ٿي مورتين کي نمسڪار ڪري؟“

سام چيو: ”مان ته ڪڏهن خالي پٽ کي يا ڪنهن گل ٻوٽي کي به ڪٿي متو ٽيڪيندو آهيان! سڀلا کي به اها ڳالهه سنجهه ۾ ايندي آهي.“

---

* معنيٰ: ڪوڙ کان اسان کي سچ ڏانهن چڪي هل، اونداهه کان اسان کي جوتيءَ ڏانهن وٺي هل ۽ مريوءَ کان اسان کي سرمديءَ ڏانهن وٺي هل!

مون چيو: ”مون کي ڪوڙن ساڌن وغيره کان ته مورتيءَ جي پوڄا وڌيڪ وڻندي آهي جيتوڻيڪ سام جو نمونو به مان سمجهي سگهندي آهيان ته هر شيءِ ۾ انهيءَ هڪ جو نظارو آهي.“

سام چيو: ”پر اهي ساڌ به ته ان جون ئي مورتيون آهن.“

ڊاڪٽر صاحب پڇيو: ”تڏهين توهين به مورتي پوڄا جي فائدي ۾ آهيو!“

سام وراڻيو: ”اسان جي ته ڳالهه ئي نه ڪريو. اسين هر نموني هڪ ئي پوڄا پيا ڪريون. جڏهن درياهه مان ليٽ نڪرندي آهي تڏهن اها فقط واهه ۽ واهيون وٺي نه هلندي آهي پر جهنگ، جهر، سڙڪون، کيت وغيره سڀ ان جي لاءِ اڳتي وڌڻ جون واٽون ٿيو پون. ڪنهن جهنگ جهر يا بند ۾ ٻني ڪي ڇا طاقت آهي جو درياهه جي اٿل کي جهلي سگهي؟ اهڙيءَ طرح پريم جڏهن دل مان اٿل کائي ليٽ جي صورت وٺي ٿو تڏهن سڀ روپ ۽ مورتيون جيڙيون يا پيون ڪي ۽ سڀ خيال جا طريقا جائز ٿيو پون. ڪنهن شيءِ کي ڀلا ڪهڙي طاقت آهي جو پيار جي اڳيان ديوار ٿي پوي ۽ دل جو سنيهو پريتم وٽ نه پهچائي؟ ان نموني هي پٿيون، وڻ، پپل، تاسيون، ڪنڌڙيون، گل، پکي وغيره ۽ انساني صورتون سڀ هڪ جي خيال جون سواريون ٿيو پون. مورت کي يا بت کي ڪهڙي مجال آهي جو اسان جي پوڄا نه وڃي منزل تي پهچائي؟ اسين ته نفس جي پوڄاريءَ کي به ڪڏهن اڻين ئي سمجهندا آهيون! سچي پوڄا نفس جي به پريتم جي پوڄا ٿي سگهي ٿي بشرطيڪ ان کي پوڄاري پريتم جي پوڄا سمجهي!“

٣-٦-١٩٦٠ع- اڄ سام جو جنم ڏن آهي؛ ڪجهه

سالن کان وٺي آءٌ هو ڏينهن مانيٽي نموني ملهائيندا اينــدا آهيون، جيتوڻيڪ ســام چونــدو آهي ته ”ملهائڻي ته پنهنجي موت جو ڏينهن ملهائجي“. يعني اهــو ڏينهن جنهن ڏينهن انسان پاڻ تي فتح پائي، پنهنجي نفس کي نــابود ڪري اڳتي وڌي هلي!

صبح جو جڏهن مـــون پنهنجي ٻـوٽن مان ٥٨ مکڙيون رابيل جون گڏ ڪري هڪ هار ٺاهيو ته ســام عجب ۾ پڇجي ويو ۽ چيائين: ”هي من ڪيترو نـــه غافل ٿـــو رهي: ڏوريندي ڏوريندي ٥٧ سال گذري ويـــا آهن! اها ته چڻ مون لاءِ هڪ سمرٽي ٺاهي اٿئي!“ جڏهن انونجاهين مکڙي ٿي پويم تڏهن اهو هـار پنهنجي هٿ ۾ وٺـي ٻگهو ڪري جهليائين ۽ چيائين: ”ٻالڪپڻ کي ڪيترو پٺتي ڇڏي آيا آهيون: تنهن کان پوءِ هي جوانيءَ جي حد جون مکڙيون به اڄ دور ڏسجن ٿيون: گهڻي گذري آهـي ۽ باقي ٿوري عمر پٺتي بچي آهي! هـيءَ منهنجي لاءِ هڪ خيال کي اٿارڻ جي نشاني آهي: باقي ٿورو وقت آهي جو سچن ۽ سٺن ڪمن ۾ سڦلي ڪرڻ جــو ارادو ڪرڻ گهرجي! اگرچ وقت کي روح لاءِ ڪا اهميت ڪا نـــه آهي، هـــن ياترا جي سڦلي ڪرڻ لاءِ ئي سالن جي ڳڻ ڳوت ڪرڻ جڳائي. مسافريءَ جو جهاز منزل جي ويجهو ايندو ڏسي سامان اسباب ساڻ کڻڻ جهڙا وري وري سنڀالڻ گهرجن.“

تنهن بعد مون هار سندس ڳلي ۾ وڌو پـــر ٻـن منٽن کان پوءِ ڏٺم ته اهو هـار لاهي ڪرشن جي مورتيءَ تي وجهي وڌائين، جو سام کي هار پائڻ ڪين وڻندو آهي.

مون چيو: ”اهو منهنجي هٿ جو ٺاهيل هار به ڏيئي ڇـــڏيءَ؟“

سام کلي چيو: ”نه، مون فقط امانت طور ڪيس

ڏنو آهي؛ هو ڪنهن جي امانت ڪو نه ڪائيندو آهي؛
جڏهن وٺندو تڏهن ڪائنس موٽائي وٺندس ۽ وري ڪٿي پاڻ
پائيندس! انهي ۾ ڇا آهي؟ در حقيقت جو ڪي ايشور
کي ڏيون ٿا سو اسان جو ڪم ڪو نه ٿو ٿئي مگر اسان لاءِ ئي
وٽس حفاظت ۾ رهي ٿو. هو ويچارو ڪنهنجي شيءِ نه کائي نه
ٽڳائي؛ ويتر ٻيڻ ڪري ٿو موٽائي."

* * *

14-6-1960ع- ڪالهه هڪڙو ننڍڙو واقعو ٿيو
جنهن مان اسان کي هڪ وڏو سبق مليو. اسان وٽ مٺل
نالي هڪ فقير ڪجهه وقت کان رهيل آهي جنهن کي
سام نوڪري جو دلاسو ڏنو آهي ته ڪنهن بئنڪ وغيره
۾ سفارش ڪرائي نوڪري ٻيهاربو. هو انهي آسري تي
رهيو پيو آهي ۽ جيتوڻيڪ اسان وٽ ڪو ڪمڪار ڪو نه
اٿس، ماني هٿ ڪائيندو آهي. ڪو ڪنهن وٽ ضرورت
کان سواءِ ڪونه ٿو اچي؛ هن فقير کي هي آستان ئي سڄهي
آيو آهي؛ سام ڇيو سندس سنڀال ڪاڏي پيتي جي ڇڳي
طرح لهڻ گهرجي. هن فقير رات جو انب جون ڪلون
ڪائي پنهنجي کٽ جي آس پاس ڦٽي ڪيون. صبح جو
جڏهين گرڌاري اها حالت ڏني تڏهين ڪيس شوخي ۾ سان
سڏي چيائين ته اڄ نهيو، باقي جي اڳتي ائين ڦٽي ڪندين
ته توکان ڏي ميڙائيندس. سام اهي اکر ٻڌي ورتا ۽
گرڌاريءَ کي گهرائي فهمائش ڪيائين ته ساڌن فقيرن سان
ايترو تکو ڳالهائڻ نه گهرجي؛ جيڪي اڳ ۾ ڏيي ڪٺل آهن
انهن کي ڪيئن وري ڪهجي؟ هو فقير نه ڪو واسطيدار
آهي نه هميشه لاءِ هت ٽڪائو اٿس. مهيني کن کان اچي
مهمان ٿيو آهي، انهي ۾ سان ائين شوخ نه ڳالهائين ها. پوءِ
سام وچي پاڻ فقير کان بخشايو، جيتوڻيڪ فقير کي ڪو
ان ڳالهه جو ويچار ڪو نه هو ۽ جڏهين مان اسپتال جي

ڪم ڪان پوءِ موتي متي (گهر) آيس تڏهين اهو سڄي ڏينهن ڪم ڪري بڻائيندي. منهنجي اکين مان ازخود ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ مون روئي ڇيو ته اسان جا ڀاڳ سٺا آهن جو فقير هميشه اسان وٽ آهن. انهن سان سختي ڇو ڪيائين؟ تنهن تي سام ڪي پڻ اکين ۾ پاڻي اچي ويو جنهن جو سٺو اثر گرڏاريءَ ۽ پڻ فقيرن تي نظر آيو. سام مون ڏانهن منهن ڪري چيو ته ’پلائيءَ جي خيال جهڙو ٻيو ڪو وڇڙندڙ جيوڙو ڪو نه آهي؛ سيني جو من ڪيئن نه تنهنجي ڳوڙهن ڀڄائي ڇڏيو آهي!

* * *

موهن مون کي سام جي ”آتم درسنيءَ“ مان ڪجهه اتارو ڪرائيندو آهي ۽ ڪتاب مان پڙهندي پڙهندي اهڙا ابتا آچار سنسڪرت ۽ هنديءَ وارن لفظن جا ڪيندو آهي جو ڪنهن کي جيڪر ڪل اچي يا منيان لڳي. مان ڪوشش ڪري ڪانئس انهن اکرن جي معنيٰ پڇندي آهيان انهيءَ ارادي سان ته هن کي ڪجهه انهن اکرن جي ڄاڻ پوي. مگر ڪڏهين ڪڏهين هن کي انهيءَ پڇڻ تي چڙ لڳندي آهي. سام اها حالت ڏسي هيئن چيو: ”ارمان آهي جو عام طور مائر ۽ پيئر ٻار ڄڻي هن سنسار ۾ ڦٽو ڪري ڇڏين ٿا ۽ وڏيڪ انهن جي ڪا چنتا ڪا نه ٿا رکن. هي شرير پيدا ڪرڻ يعني جسماني طور ٻار ڄڻڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪا نه آهي پر سچا ماءُ پيءُ اهي آهن جيڪي ٻار جي من کي گهڙي تيار ڪن ٿا ۽ منجهس ڪا سرت سمائن ٿا. تنهنجي ’مهي‘ (سرلا) اهو فرض ادا ڪري رهي آهي جيڪو تنهنجي ماءُ ۽ پيءُ، جن توکي ڄڻيو آهي، پورو ڪري نه سگهيو؛ جيڪا سمجهاڻي ڏيئي سا ڏيان سان ٻڌ ۽ انهيءَ مان پورو لاڀ پراءِ.“

* * *

٣-١٠-١٩٦٠ع- منجهند جي وقت ننڊ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن سام اٿندو آهي ته ڀرياڻين رام جو نالو وٺي رواجي طرح نمسڪار ڪري وري ڏينهن جو ڪم شروع ڪندو آهي. اڄ انهيءَ مهل وري ٻيو پيرو هٿ جوڙي نمسڪار ڪيائين؛ سندس سامهون وڻن جو نظارو هو. اهڙي نموني هو ڪئين وار ڏينهن ۾ هن يا هن شيءِ کي پيو نمسڪار ڪندو آهي. ڪا خاص نئين ڳالهه ڪا نه هئي تنهن هوندي به مون ڏانهس سمجهاڻيءَ لاءِ ڏٺو. هن منهنجي منشا ۾ ڏسڻ جو مطلب سمجهي ورتو ۽ چيائين: ”هنن وڻن، هوائن ۽ آسمان وغيره جي آسپاس ٿي ورتم. اهي سڀ مون کي مهر جو هٿ گهمائيندا آهن.“ لحظي بعد وري چيائين: ”اڳي اهڙا خيال تون ڪو نه سمجهندي هئينءَ، پر هينئر سمجهي ويندي آهين؛ اٿين اڄ تنهنجي ڊائريءَ جي هڪڙي ليک مان معلوم ٿيو جنهن ۾ تو اهڙا شڪ اٿاريا آهن ته ڪيئن ٿو پرماتما هنن سهڻن روپن ۾ خاص طور پرگهٽ ٿئي! حقيقت ۾ هي سڀ روپ هن جي ڏسڻ لاءِ دريون آهن پر جيئن محل جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڪيءَ منجهان ڪو خاص دل لڀائيندڙ نظارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي تيئن هنن سهڻن وڻن جي وٽين مان سندس خوبصورتي خاص طور تي پسجي. مان ته اٿين پيو پائيندو آهيان ته اهي سڀ پنهنجي جيءَ جا جزا آهن ۽ هو ٻئي مون تي پنهنجي آسيس جو ڇاڇو وجهندا آهن.“

* * *

١٣-١١-١٩٦٠ع- ڪجهه ڏينهن ٿيا ته گرداريءَ سام کان ڪجهه پئسا اڌارا گهريا. سام کيس چيو: ”هينئر اسان کان اهڙا حساب رکڻ نه ٿا پڄن. ويتر تون حساب ڪتاب ۾ ڏاڍو اهنجو آهين، ڇا لاءِ جو اڻ پڙهيل ٿي ڪري توکي رکڻو پنهنجي يادگيريءَ تي مدار رکڻو پوي ٿو. توکي ڪجهه کپي ته ٻئي ڪنهن کان توکي اڌارا ڏيار يون.“

گر ڏاريءَ کي انهيءَ ڳالهه جو ڏک ٿيو، جنهن ڪري پنهنجن لٽن، ڪپڙن، بوٽ وغيره خريد ڪرڻ کان به انڪار ڪيائين؛ کيس گهڻو چيوسون ته ڪپڙا لٽا پل وٺ مگر هو ڏک ڪري ويهي رهيو. اڄ خوشيءَ مان پڌايائين ته، ممي، مون خيال ڪيو آهي ته سياڻي بوٽ وغيره خريد ڪندس.

مون کيس چيو: ”اهو ضد پلا ڪنهن سان ٿي ڪيءِ؟ پنهنجي سائينءَ سان، جنهن بنا اسان جو هڪ پل به نه ٿو سري سگهي؟ اهو ضد تڏهن آهي جو تو اڃان پنهنجو تن من کو نه ارپيو آهي؛ جن پنهنجو تن من ارپيو هوندو تن کي پلا ڏن ڇا نظر ايندو؟ تنهنجو رسڻ پرچڻ پي ته انهن حسابن کان آهي يا ڏن گڏ ڪرڻ لاءِ هوندو جو آخر ڏوڙ آهي.“

سام کي هي خيال منهنجو ڏاڍو وڻيو ۽ چيائين: ”بلڪل ٺيڪ چيو اٿئي؛ جيڪي تن من ارپن ڪن ٿا تن کان ڏن اول ئي وسري وڃي ٿو.“

مون کي چيائين ته اهو خيال پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري ڇڏ.

* * *

١٤-١٢-١٩٦٠ع- صبح جي وقت جيئن ڇانهه ٿي پيتيسين ته ان هو ميوپتيءَ جي ڊاڪٽر هڪ سنڌي ساڌوءَ جي رچيل ٻانيءَ مان اڇي سلوڪ پڙهيا. هڪ سلوڪ جو تات پرج هيو ته ڪن کي نيڪيءَ ۾ ۽ ڪن کي بديءَ ۾ ورڙهتا آهي.

سام ڇرڪ پري چيو: ”اها ڳالهه غلط آهي؛ ڇا لاءِ جو ورڙهتا برائي يا اگيان کي حاصل نه آهي، مگر آتمڪ اپياسن جي هڪ وصف آهي. اها گڻ ۽ گيان کي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ نه اگيان کي.“

”. ڊاڪٽر پڇيو: ”تڏهين ڪيئن ڪي ماڻهو پنهنجي برن

اصولن تي قائم رهن ٿا؟“

سام چيو: ”حقيقت ڪري برائي يا پاپ خيالي وصفون آهن؛ انهن کي سچو پچو وجود آهي ئي ڪونه؛ برائي هيئين پد واري حالت کي چئجي ٿو جا خود متجندڙ آهي؛ جنهنکي بيهڪ نه آهي. جن کي اسين برو چئون ٿا سي پڻ آتمڪ اپياس واري مارگ جا راهي آهن. برائي چائي وائي ڪو به ڪونه ٿو ڪري. مثال طور ڪو هنسا يا چوري ڪري ٿو؛ ان وقت انهيءَ جي دماغ ۾ جيڪا مراد هوندي سا پاڻ کي اڳي کان چڱي يا وڏيڪ دنيادار وغيره بڻائڻ جي هوندي. هيٺائيءَ، مفلسيءَ ۽ محتاجيءَ کان طاقتور، دنيا دار يا آزاد ٿيڻ بهتر آهي. چور هنسڪ يا خوني خود اهڙي چڱي مراد رکي آهي ڪرتوت ڪري ٿو مگر آزمودي مان ئي کيس معلوم ٿئي ٿو ته هو غلط رستا پڪڙي رهيو آهي؛ تنهن ڪري ائين چوڻ غلط آهي، ته برائيءَ ۾ ڪنهن کي به درڙهنا رهي ٿي.“

پڻي سلوڪ ۾ وري من کي وس ڪرڻ بابت اشارا هئا. ائين چيل هو ته ڪوِرتيءَ ۾ من وڌيڪ چنچل ٿئي ٿو؛ تنهن ڪري ورتي ساڌن ڪريو. سام ان ڳالهه تي پڻ ڪلي وينو ۽ چيائين: ”جا قدرت يا خالق اسان جو ڪو دشمن آهي جو هي سڀ هرڪنائڻ لاءِ شيون ناهيون اتس ۽ هي چار مثل مشغوليون ناهيون اتس جن کان من کي پلجي ته متان ڦاسي پوي؟ هو ته هر جاءِ پاڻ پسائي رهيو آهي. هيءَ هر شئي سڄي هڪ کيل مثل آهي. جڏهين هو پاڻ هن پساري ۾ پرگهٽائي ٿو ۽ جڏهن هي کيل مايا جو کيس منظور آهي پوءِ ڪيئن ٿا من کي انهيءَ کيل کان موڙڻ جون صلاحون ڏيو؟ هي سڀ ڳالهيون بيڪار آهن.“

ڊاڪٽر صاحب چيو: ”تڏهن توهان جدو خيال چيا

آهي، ته من کي ڇيڪ ڇڏي ڏجي، پوءِ جيڪي چاهي سو ڪري؟"

سام چيو: "ڇو ڪين؟ پلا جي ڪتي تا پو ڪاڏا ئين ته آن مان آزمودو پرائي تاپي ڪائڻ واري راهه پاڻهي مٽي ويندو؛ ورنه راوڻ کي ڏههَ متا هئا پر هن من کي سهس هزار متا آهن؛ هڪ خواهش کان منهن موڙيو سون ته ٻي اتپن ٿيندي. در حقيقت خواهش ئي هن جي هلائڻ ۽ اپياس لاءِ هڪ پاور آهي. آن جي مارڻ مان مطلب حاصل ٿيڻو ڪونه آهي، مگر خواهش جي سنوارڻ مان ئي ڪرم گيان جي سڌي پراپت ٿيندي. پل ڪجهه به ڪو ڪرم ڪري؛ پل انهيءَ جي وسيلي 'گيان' يا 'اگيان' پراپت ٿئي! پر پنهنجو آزمودو ئي سهنجي ۾ سهنجو رستو آهي خواهش جي شڌيءَ جو، ورنه ٻي جي سکيا سان من هرگز ڪين مڙندو."

ڊاڪٽر صاحب چيو: "خواهش کي موڙڻ ۽ مروٽڻ کان سواءِ من جي چنچلتا ڪيئن هٽندي؟ ائين ته مشڪل ٿو لڳي."

سام چيو: "ڪنهن وڏي عشق يا شوق جو سهارو وٺو جنهن ۾ خواهشون سڀ سمائجي وڃن. جيئن سج اڀرڻ وقت ڏيئا ۽ ٻتيون ڏک ڏئي نه ٿيون ڏين تيئن ڪنهن وڏي پريم پيدا ٿيڻ سان ننڍيڙيون خواهشون پاڻهي گم ٿيو وڃن. اهوئي هڪ علاج آهي من جي سنوارڻ جو؛ نه ته عمر گذري ويندي ته به حاصل ڪجهه نه ٿيندو. پر مکيه سوال هي آهي ته اهو وڏو شوق ڪيئن پيدا ٿئي!

" هي جنمن جو سوال آهي. سنگ يا گروءَ جي ڪرپا ڀيٽيءَ ٿيڻ سان وڏو پريم اتپن ٿئي ٿو. پر دنيا ۾ جيئن ڪيتريون امولڪ چيزون لڪل رهن ٿيون تيئن اگياني پرش آهي روز پسندي به اهڙن پندارن کان دور رهي ٿو.

جڏهن جنمن جا ڪرم ڪيس ڪنهن روحاني مقام يا آتمڪ پد تي پهچائن ٿا تڏهين منجهس ست سنگ جي چاهنا يا گرو ۽ جي پهچاڻ پيدا ٿئي ٿي. ڏسو ڪيترا انسان هن رستي ڏانهن لانگهائو ٿين ٿا مگر ڪو ڪو لڙي اچي ست سنگ ۾ ويهي ٿو! تنهن ڪري جيڪڏهين ڪو ساڌن اسان جي وس آهي ته اهو هيءُ آهي جو پاڻ کي ڪنهن سريشٽ پرش يا ڪنهن سٺي سنگ ۾ چاهه ڏياريون. اهو پرٿم پد آهي آتمڪ اڀياس جو. باقي ٻيا سڀ هٺراڌو ساڌن آهن."

مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو: "مان ته ڪو به ڪتاب نه پڙهندي آهيان جو سچو گيان ۽ وائراڳ اسان کي اتي ويٺي ٿي ملي ٿو؛ روز ٿا سرڪيون پيئون، چئو ته گيان جي هڪ کاڻ آهي اسان وٽ؛ ڪتاب کولڻ جي ضرورت ئي ڪو نه پوي."

* * *

٩-٥-١٩٦١ع- منهنجي سستي هڪ پاسي ۽ گذريل پنجن مهينن ۾ جيڪي واقعا ٿي گذريا آهن سي ٻئي پاسي ڪارڻ آهن منهنجي غفلت جو. "بابا"، يعني سام جي وڏي ڀاءُ جو پرديس (بنگلور) ۾ پرلوڪ پڌارڻ، سام جي سرڪل يعني دوستيءَ جي دائري ۾ هڪ نئين جوان جو اچڻ جو هڪ آفيسر آهي، سام جي اردو شاعريءَ جو نئين سر آغاز ۽ اسان جو آشرم دن جو ٩ اپريل تي ملهايوسون، اهي خاص واقعا آهن هن گذريل عرصي جا؛ انهن کان سواءِ راڳ ۽ ست سنگ جو واڌارو پڻ هڪ نوٽ ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي.

سام پنهنجي وڏي ڀاءُ کي "طيب جو راجا" ڪري سڏيندو هو، ڇالاءِ جو هن تمام وڏي شان و شوڪت سان وقت پنهنجو گذاريو. سندس اوچتو ديهانت اسان جي لاءِ هڪ قسم جو ڌڪو هو. سام جي

زندگيءَ تي سنڌس وڏي ڀاءُ جو ڪافي اثر رهندو آهي؛ ”صوفي صاحب“ اسان جي ننڍڙي ڪتاب ”سام سان گڏ ٻه ٽي گهڙيون“ ۾ چيو آهي، ته سام پنهنجي گهراڻي ۾ ۽ پنهنجي پسگردائيءَ ۾ سڀ کان نرالو هيو؛ سنڌس وڏو ڀاءُ گهر جو ڪرتا پرتا هيو؛ جيتوڻيڪ سام ۽ سنڌس ڀاءُ جي وچ ۾ ظاهر مطابقت ڪانه هئي، تنهن هوندي به، خود سام جي چوڻ موجب ٻالڪ اوستا ۾ روحاني طور مٿس گهڻو اثر سنڌس وڏي ڀاءُ جو هيو. ”بابا“ هڪ صوفي هيو. وٽس صوفين جي اچ وڃ گهڻي هئي. سام انهن جون ڳالهيون دل سان ٻڌائيندو هو؛ زميندارانه زندگيءَ ۾ سام ڪيتريون ڳالهيون ڪانه سکيون. بابا جو سڀاءُ به سچ ڏانهن مائل هو ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين ۾ پڻ سام ۽ سنڌس وڏي ڀاءُ جي وچ ۾ گهڻي مشابهت هئي. ازان سواءِ پتا جي غير حاضريءَ ۾ هو سام جي پتا سمان وڏو ٿي رهيو. سنڌس مرتيوءَ جي تار اچڻ کان پوءِ سام، جو هميشه ننڍي ڀاءُ جي حيثيت ۾ پاڻ کي اڃان جوان سمجهندو هيو، سو وروور ڳالهائيندي ٻولهائيندي ائين پيو چوي ته هاڻي اچي سٺ سال کي پهتا آهيون؛ اهي پڻ سنڌس واتان اڪر ٻڌا آهن ته ”ابا، ڏاڏا، ڀاڏر، ماءُ پيءُ ۽ چاچا ماما سڀ هليا ويا؛ هاڻي اسان جو وارو آهي؛ ڪي ڪجهه ڪرڻ جڳائي!“ سنڌس اهو خيال آهي ته سنساري ڪمن کان وقت بچائي ست سنگ ۽ سيوا جو ڪم وڌيڪ ڪجي. سنڌس تازي سنڌي شعر ۽ لکيتن ۾ موت جو ذڪر گهڻو اچي ٿو. سنڌس اردو غزلن ۾ جدا جدا رنگن ۾ ٻ، ساڳين ئي وشين جي اپٽار آهي.

اسان اڄ ڪالهه سنڌس اردو شعر سڀ کان وڌيڪ ڳايون بجايون ٿا. ان جو مطلب اهو نه آهي ته سنڌيءَ کان سنڌس يا اسان جو رخ مٽيل آهي مگر هي هڪ

ڇڙڪ نئون روحاني سفر ڪري رهيا آهيون. نيون نيون طرزون ۽ نوان نوان سر آلاپي دل روز بهلائيندا آهيون ۽ ماڻهن جي اچ وڃ پڻ سٽ سنگ ۾ وڌيل ڏيکارجي ٿي ۽ ٻاهريان گهڻا راڳيندڙ، فقير وغيره اسان وٽ پير گهمائي وندر وڌائي ويندا آهن.

٩ اپريل وارو آتسؤ به چڱي ڌوم ڌام سان ملهايو ويو. ياد رهي ته اهو منهنجو جنم ڏينهن پڻ آهي. سام ان ڏينهن وڏي ديگ چاڙهائي غريبن کي کارائي. جاء وغيره انهن سجائي ويئي جو سچ پچ اسان جو ٻارهن ماهيانو ميلو ته ئي لڳو. ڪي ٻاهريان اديب ۽ دوست پڻ آيل هئا، جن چڱيون تقريرون ڪيون ۽ راڳيندڙن حاضرينن جي وندر وڌائي. سڀ کان وڏي ڳالهه اها ته ئي نظر آئي ته انهي ۽ سنگت ۾ ڪيترا مهاجر دوست، زاهد ۽ اهل - طريقت پڻ مست صوفين سان گڏ ويٺا هئا! انهن پڻ ياڳ ورتو ۽ پنهنجون پنهنجون دعائون ڏنيون.

مٿي مون هڪ سام جي نئين دوست جو ذڪر ڪيو آهي جو هڪ آفيسر آهي. سندس ناتي جو اظهار مان سندس لفظن ۾ ٿي سڀ کان چڱي ۽ طرح ڪري سگهان ٿي، جي هن اسان جي "Ashram day" تي مهمانن جي خدمت ڪندي ڪتب آندا. سي لفظ هي آهن: "مون کي وڏو عجب ته پاڻ تي لڳي ٿو جو انهي ۽ فرقي جو ماڻهو ٿي ڪري جنهن کان عام طور ماڻهو دور رهندا آهن، مان هن نموني مهمانن جي خدمت ڪرڻ ۾ فخر سمجهان ٿو!" هن نوجوان کي مان هڪ ٻالڪ جي نظر سان ڏسان ٿي ۽ هوَ به اسان ٻنهين ڏانهن اهڙي ئي شردا ۽ صدق رکندڙ آهي. اسان کي سفر ۾ هوا متائڻ اڳي ئي وٺندڙ آهن ويتر هن نئين دوست سان سندس نينهن ته ئي گهڻن نون پاسن ڏانهن گهٽو پٽي ويا آهيون. سام سان گڏ جيلن جا پنڌ ڪندي مون کي ته سڀئي جي صورت اکين اڳيان ٿي آئي.

* * *

اڃهو هينئر وري گرميون شروع ٿيون آهن ۽ شيل شڪار ۽ صوفي سنگت جا موقعا ڪجهه عرصي لاءِ بند ٿيا آهن جو اسان جو سام سائين وري ٻاهر هندستان ويٺو آهي. مان پنهنجا خيال سندس شعر جي اکرن ۾ ظاهر ڪري سگهان ٿي:—

”ڪهان ڇوڙ ڪي جائون محفل پراني –
ڪهان ڀول جائون مين دل ڪي ڪهاني
نه جنت ۾ جائون در ديرسي اب –
رهيگا هميشه يهين دل ٺهلتا.“

* * *

١٠-٥-١٩٦١ع گذريل آرتوار واري ست سنگ ۾ ڪن صوفين ۽ اردو شاعرن کان پوءِ ڳائڻ جو وارو هڪ لال اڏيري جي پوڄاريءَ کي ڏنو ويو. آهو هڪ سادو سودو هندو فقير آهي؛ لال اڏيري جا پنڄڙا اهڙا ته پريم سان ڳاتائين جو ٻڌندڙ سڀ ماٺ ۾ اچي ويا، اگرچ انهن ۾ ڪي شريعت جا پابند مسلمان پڻ هئا جيڪي پيرن وغيره ۾ اعتبار ڪو نه رکندا آهن. سام پنجڙن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ سامهون ويٺلن کان هي سوال پڇيو: ”بادشاهه جي لاءِ شيءِ يا سوکڙي ڪا دربان يا ماليءَ کي ملي ته ان کي طاقت ٿيندي جو اندر محلات ۾ وڃي نه پچائي؟ بادشاهه جي شيءِ کو روڪي سگهندو؟“

حاضرين جواب ڏنو ته، ”آها ضرور کيس پهچندي.“

سام چيو: ”اهڙي ريت ڪنهن شيءِ يا پٿر يا انسان وغيره کي طاقت نه آهي جو الله ۽ انسان جي وچ ۾ رنڊڪ بڻي. پٿر ۾ شرڌا رکو يا پنڊ پوڄيو، پوڄا جو حقدار جيڪو آهي انهيءَ کي ضرور وڃي آها پهچندي.

هن ڀائيءَ پريم سان جيڪي لال اڏيري جا گيت ڳاتا توڙي جو ظاهر ۾ درياهه شاهه جي پوڄا جا آهن، تڏهن

۽ اها شرڌا ۽ پريم ڪتي رنبڇي رو ڪجي نه ٿو سگهي.
سچائي ۽ سان جيڪڏهين ڪو ڪهڙي به رستي تي هلي ٿو
ته ان جي رهبري خود الله پاڻ اچي ڪري ٿو ۽ شرڌا
جا قل سويڪار ڪري ٿو."

* * *

١٨-٩-١٩٦١ ع- اسان وٽ هڪڙو هندو چوڪرو
ڪجهه عرصي ڪان ست سنگ ۾ ايندو آهي. هن ويهي
ويهي سام ڪان پڇيو ته لوڙهي ۾ رهڻ، ڪوني ۾
ويهي سچي عمر گذارڻ يا فاقه وغيره ڪيڻ، انهن جو
ڪهڙو مطلب آهي؟ سام ڪيس چيو: "اسان جي سنگت ۾
اهڙا گهڻا ماڻهو ايندا آهن جي روزا نمازون، جپ تپ
پوڄا ۽ ٻيا اهڙا ساڌن پڻ ڪندا آهن. اسين انهن سيني
جو آدر ڪندا آهيون؛ جيتوڻيڪ ڪي ڪم روحاني
ابياس جي هيٺين درجن جا هجن، تڏهن به ائين چئي نه
سگهبو ته هي ٻرا ڪم آهن. هي گويا انسان جي دل
جون سڌون يا اڌامڻ لاء پرن چنبڻ جون نشانيون
آهن، ڪنهن چڱي ماڻهوءَ جي چڱي ريت ڏسي ڪو دل
تي اثر پئجي وڃي ٿو ته انهيءَ وانگر دل من تيئن چاهي
ٿو ۽ انهن سان موافقت رکڻ چاهي ٿو. اهي سڀ ڳالهيون
پڻ فقيري ۾ شمار آهن ۽ ڪرم ڪانڊ جو هڪ ڀاڱو
آهن. پر جڏهن سچي گيان جي درشٽي حاصل ٿئي ٿي تڏهن
ڪرم، ساڌن وغيره ناضروري ٿيو پون."

انهيءَ چوڪري پڇيو: "سائين ڪرم وڏيڪ يا
گيان ۽ ڀڳتي وڏيڪ آهن؟"

سام وراڻيو: "اتم درجو ڀڳتيءَ جو مڃيو وڃي
ٿو؛ مگر ڀڳتي گيان ڪان سواء ڪيئن حاصل ٿي
سگهندي؟ گيان جي پراپتي وري ڪرم مان ڏسي ٿئي
ٿي. در حقيقت ٽنهين جو واڌارو گڏوگڏ ٿئي ٿو.
هاڻي ڪيئن چئجي ته هنن مان ڪهڙو وڏيڪ چڱو آهي

وڻ جي پاڙ يا وڻ جا پتا يا ٽاريون ۽ ڦل، انهن ۾ ڪيئن چئجي تہ ڪهڙو اتم آهي؟"

بنا ڪرم، جيئن پاڙ کان سواءِ وڻ، آتما پر ڦلت نہ ٿي ٿئي ۽ نہ گيان حاصل ٿو ٿئي؛ جيستائين ڪرم جي پاڙ مضبوط نہ آهي تيستائين وڻ ڪي يا ميوو نٿو پائي؛ يعني ڀڳتيءَ جو امنگ ڇاڻ يا گيان کان سواءِ نہ ٿو پيدا ٿئي."

ڇوڪري وري پڇيو: "وڪارن بابت توهان جو ڇا رايو آهي."

سام ڪيس چيو: "جيڪي پنج وڪار مڃيا وڃن ٿا يعني ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار، سي گويا توهان جي من مندر جو فرنيچر يا سامان ٿي سگهن ٿا. هڪ ڪٿا آهي تہ ديون جي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ ڪامديو شو شنڪر کي ڪام جا باڻ ٻڇيا؛ ۽ ان جي سماڌي ڀنگ ڪري ڇڏي. اها خود ديون جي گهر هئي! مطلب تہ ڪام کي بہ هن سرشٽيءَ ۾ گيان جي آتپتيءَ ۾ خاص جاءِ مليل آهي؛ اهڙيءَ طرح موهہ ايتري قدر ضروري آهي جو توهين پنهنجي ٻالڪن، گهر وارن يا سونپيل ڪمن جي پالنا ڪري سگهو، ورنہ انهن جي پالنا پوري نہ ٿيندي. ساڳيءَ ريت سمجهڻ گهرجي تہ ڪروڌ ايتري قدر ضروري آهي جو غيرت يعني برائيءَ لاءِ نفرت ڪجهہ رهي ورنہ زندگي ڦلهڙي ٿي پوندي؛ لوڀ ايتري قدر ضروري آهي جو جسماني ڪارخانو ان ذريعي جاري رهي، ورنہ قدري لوڀ بنا انهن سهولتن جو ميسر ٿيڻ مشڪل آهي جن جي وسيلي خود آتمڪ يعني روحاني زندگيءَ جو واڌارو ٿئي ٿو. مثلاً دولت جي ذريعي اسپتالون؛ هنر ۽ ٻين خير جي ڪمن يا شيوا جي پورائي ٿي سگهي ٿي. اهنڪار بہ ايتري قدر ضروري آهي جو پنهنجي اصليت يا ذات جي

چاڻ پيدا ڪري ۽ آن تي قائم رکي. هڪ شينهن جو ٻچو رڍن سان 'ٻي ٻي' ڪندو تي رهيو ; جڏهن هڪ وڏي شينهن کيس ڪنڌ کان وٺي پاڻي ۾ سندس منهن ڏيکاريو ۽ گجڪار ڪيائين تڏهين انهي ۾ سمجهيو ته مان رڍ نه آهيان مگر شينهن جهڙو شينهن آهيان. ايتري قدر اهنڪار ضروري آهي جو آتما پاڻ کي ڪرڻ کان بچائي ۽ پنهنجي ذات کي سڃاڻي.

"حقيقت ۾ سڀ 'وڪار' غلط سمجهه مان پيدا ٿين ٿا. ڪين سچو وجود ڪونه آهي. اهي گڻن جو ابتو پاسو آهن يا غلط استعمال آهن. جيئن شيطان پڻ الله جي ارادي کان سواءِ ڪم نه ٿو ڪري تيئن هي وڪار به هن اتپتي ۽ جي سڌاري ۽ واڌاري ۾ ڪم ڏين ٿا. مگر هر شيءِ پنهنجي حد اندر سهڻي آهي. سنو ڪاڏو جي گهڻي انداز ۾ کائجي ٿو ته زهر ٿي پوي ٿو."

* * *

٢٧-٥-١٩٦٢ع - اڄ سام پنهنجو ڪتابي ڪم ويٺي ڪيو جڏهين ويجهڙائي جو هڪ مشهور صوفي فقير وٽس آيو. سندس ميز تي آن وقت گهڻيئي ڪتاب، لغتون وغيره رکيل هيون. سام پنهنجو فارسي شعر ٽائيپ تي ڪرايو. ان فقير گهڻا ڪتاب ڏسي چيو: "ٻڌو سين ته عشق ڪتابن کان بيزار ٿي پڇي ويو ; پر توهان ته اڃان ڪتاب رکيو ويٺا آهيو!"

سام چيو: "عشق هر حال ۾ بحال آهي ; هر ڪوچي ۾ سندس سٿر آهي. عشق کي ڪنهن شيءِ کان عار ڪونهي ; بلڪ هي سڀ آن جا حيلا وسيلا آهن."

فقير چيو: "چوندا آهن ته عشق جو ڪنهن به شيءِ سان واسطو ڪونه آهي؟"

سام چيو: "آن جو مطلب اهو آهي ته عشق ڪنهن خاص طرز طريقي سان ٻڌل ڪونه آهي، يعني ائين نه ته

کو فقط ڪتابن ۾ وسي ٿو يا چئون ته فقط ڳڙو ويس ونڻ يا روزن، نمازن تائين محدود رهي ٿو؛ مگر اهي سڀ پڻ ان جا ئي طريقا آهن جيتوڻيڪ هو انهن کان ٻاهر به آهي."

ٿوري دير بعد وري سام چيو: "جهنگل ماڻ ياچيون جنهن حالت ۾ اچن ٿيون انهيءَ حالت ۾ سڀ کنهن لاءِ ڪائڻ محال آهن؛ البت فقير چار سنگ اپونءَ جا کائي ڏي گذارو ڪري سگهن ٿا؛ مگر جيڪڏهين فقيرياڻي کا انهيءَ اناج کي پيهي، کوهي روٽ پچائي ۽ پاڇي رڌي مصالح وغيره وجهي اڳي پيش ڪري ته کا نا ماڻز ڳالهه نه آهي؛ جا لاءِ جو هي سڀ لذتون ۽ مزا پنهنجي بنهنجي انداز ۾ انسان لاءِ روا نهرايل آهن؛ اهڙيءَ طرح شاعري اسان جي امنگن ۽ خيالن جا نڪتا ناهي جوڙي سدا ڪري پيش ڪرڻ جو ذريعو ٿي سگهي ٿي؛ انهيءَ حد تائين اها عشق جي ڪيڏ آهي، جا لاءِ جو ذوق ۽ شوق کان سواءِ اها ڳهڙ ڪرڻ به مشڪل آهي."

"سڀئا ڳل جهنگلن ۾ پاڻهي ڪو نه اسرندا آهن ٻوٽا پوکي فقير خود انهن جي رياضت ڪندا آهن؛ ڳڏ ۽ پاڻيءَ جي پرداخت ڪندا آهن؛ تڏهين باغ ٻڻي سگهندا آهن. در حقيقت عشق وڏي رياضت آهي؛ جيلي کان ڪنس انڪار ڪونهي. جي عشق سچو آهي ته ڪتابن کان چو ٿو ڊڄي؟ جي اهو پڪو پختو آهي ته جريت ڪي انهن کي پڻ پنهنجو جيلو وسيلو بڻائي سگهي ٿو. عشق جي درياهه جا ڪي مقرر سنڌ نه آهن؛ عشق وهندڙ هجي؛ بيٺل نه هجي ته سنڌس پاڻيءَ ۾ کا بوءِ ٿيڻي نه آهي."

سام جي اٿي وڃڻ کان پوءِ فقير بين وينان دوستن کي چيو ته اهو سوال مون ڳهڻن هنڌن تي اٿاريو

آهي، مگر اڄ تائين اهڙي سمجهاڻي ڪنهن کان نه ڏني آهي.

* * *

١١-١٠-١٩٦٢ع - منهنجي ننڍي ڀيڻ جيڪا دهليءَ رهندي آهي اٺ هفتي ڪن لاءِ هتڙي گهمڻ آئي هئي. سام به ڪيس منهنجي دادلي سمجهي خوشيءَ سان لاهور ماڻهو وٺڻ لاءِ موڪليو. ساڻس گڏ چار ٻار هئا جن مان وڏي جي عمر ١٣ سال ٿيندي ۽ ننڍڙي هيلن اڍائي سالن جي ٿيندي. سندس اچڻ بعد سام بيمار ٿي پيو: ڪيس مدي چو تپ سڄو وقت هيو. هڪ ته سندس بيماريءَ جو خيال ٻيو مند گرم، ٿيون مهمانن جو گهر ۾ اچڻ، - انهن ٿنهين حالتن گڏجي گهر جو ماحول ئي ڦيري ڇڏيو. منهنجي ڀيڻ جي به نرالي جوشيلي ۽ موهه سان ڀريل طبيعت آهي: ڪڏهن ٻارن جي لاءِ اجايو سجايو پيئي پاڻ پريشان ڪري ته ڪڏهن ڏک ڏوراپا پئي ڪڍي ۽ منهنجا ارمان پئي ڪري: سام ان بنسبت جيڪي به ٿي اڪر چپا هئا انهن ۾ انن ڏينهن جي ماحول جو پورو نقشو کينچجي وجي ٿو: سي اکر سام جا هي آهن: ”هڪ ننڍي سهڻي عورت، چار من موهيندڙ ٻار ۽ انهن سان گڏ هي جوش ۽ دنيوي خيال، ڇئجي ڪٺي ته مايا جو خود واسو اچي ٿيو آهي.“

سچ پچ ته هيو به ائين: ڳايون يا ڪو شاستر پڙهون ته سو به ڇڻ ڦڪو ڦڪو پيو لڳي. هينئر جڏهن منهنجي ڀيڻ ڪراچيءَ هلي ويئي آهي ته سام جا اکر وڏيڪ معنيٰ دار لڳن ٿا.

* * *

ڳالهيون ڪندي ڪندي منهن جي ڀيڻ ٻڌايو ته منهن جي ماتا سيني کان موڪلائي ٿي ڪئي: تڏهن ڪنهن ڪي چولو ۽ ڪنهن کي ڪا ٻي سوکڙي پنهنجي ميڙي

چوندي ۽ مان ڏيئي ويئي ۽ مون (سرلا) کان سواءِ سيني ويجهن عزيزن کي اهڙي ۽ طرح ياد ڪيائين. مونکي ۽ منهن جي پيٽ کي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ؛ ڇا ٿئي ها جيڪڏهين منهن جي لاءِ ٻه ڪا هڪ ننڍڙي سوکڙي ڏيئي وڃي ها ! مون دکي دل سان اهـا ڳالهہ سام کي اچـي ٻڌائي ؛ سام جي اکين ۾ ٻڻ پاڻي اچي ويو مگر چيائين تہ خود اها هڪ ايشور جي طرف کان مليل نشاني ڪري سمجهہ ؛ جيئن هميشہ ٿيندو آهي ، سندس پيارن جو قدر هن سنسار ۾ پهريائين گهٽ ٿيندو آهـي ؛ تو پنهنجي ماتا جي سيني کان گهڻي شبوا ڪئي آهي ؛ اها خوشي ئي تو لاءِ ڪافي آهي ؛ ويتر مان تہ ائين ٿو سمجهان تہ هي ۽ ڳالهہ تو لاءِ هڪ نئون سبق ٿيڻ گهرجي . تـہ ن انهي ۽ سنساري وڳ مان ناهين ؛ اسان جو وڳ ۽ اسان جون ڳالهيون نراليون آهن . اسان جي جـاءِ انهي ۽ ارمانن جـي دنيا ۾ نـہ آهي ، ۽ اتي وڏيڪ واسو خيال جو ٿيڻ نہ گهرجي .

* * *

منهن جي پيٽ جئن پنهنجي بارن کي وقت تـي گهڻو پيار پيئي ڪري ۽ ٿوري گهڻي تي سندن چنتا ۾ اٿي سندن ڪيڏ پيئي پوي ، تيئن چمتوءَ مونکي چيو :” امان تون اسانکي ايترو پيار ڪٿي ڪندي آهين ؟“

مون سام کي اچي چمتوءَ جي ان ريت پڇڻ جو ٻڌايو تڏهين سام کيس هن نموني سمجهايو : ” جسم جي ماتا تن پرور آهي ، مگر توهان جي ماتا من پرور آهي ؛ جيتوڻيڪ تـن پرور ماتا بہ من جـي ٿوري سنڀـال ڪندي آهي ؛ مگر هتي تون آيو آهين نہ هن تن کي خاص طور پالڻ ، بناڻ لاءِ پر آهي ساڻ نائون سکڻ لاءِ جيڪي من جي سنوار ڪن ٿيون ؛ ڇا تـوهان جو خيال آهي تہ توهان جي ماتا ، ڊاڪٽر سرلا ديوي ، توهان

جي پنيان ڊ ڪندي رهي ۽ سچو ڏينهن اوهان جي ڪاڻ ۽ پيارڻ جا اپاءَ سوچيندي رهي ته انهيءَ ڪي توهان پيار سمجهو؟ مان جيڪر چوان ته اجا نرمائش گهٽ ڪري ۽ توهان سان مون ڪي وڏيڪ سختي ڪرڻ ڏئي جيئن ڪي مڙسيءَ جا انگ به سکو ۽ نه رڳو سچو ڏينهن سک جون سهنجون واتون ڳوليندا رهو، جڏن هينئر ڏسان ٿو ته گهر ۾ وڏيڪ ڪم ۽ ڪوشش جي ضرورت هوندي به تون ساڳئي نموني ۾ اجائي چوڏول ۾ وقت وڃائيندو رهين ٿو. آهو پيار جيڪو اسين ڏيون ونون ٿا سو هن ڪان نرالو آهي."

* * *

٢-١-١٩٦٣ع - ساڳيو ڏي فقير جيڪو اڳ آيو هو، اڄ وري اوچتو اسان وٽ آيو ۽ سام به ساڳيءَ طرح پنهنجي ڪتابي ڪم ۾ ويٺو هو. فقير ٿوري دير بعد چيو ته ڪجهه مهينا ٿيا ته توهان مون ڪي انهن ڪتابن بابت ڪجهه چيو هيو ۽ آها ساڳي ڳالهه وري هڪ ڪتابڙيءَ ۾ به ڇپيل پڙهيم، مگر مان وري ڦري پنهنجي خيال تي آيو آهيان ته عشق ڪتابن ۾ ڪين ٿو اڙجي سگهي. توهان جي ڳالهه مان سمجهي نه ٿو سگهان! پوءِ ڪي سنڌي صوفين جا انهيءَ خيال پٺاندر بيت پڙهيا سائين. سام کيس چيو:" اسان جو ديوان سمورو ڇپجي رهيو آهي جو پريس ۾ آهي. هي ڪم آهو ويٺا ڪريون؛ نا هي سينگاري مالڪ جي اڳيان پيش ڪرڻ سنو آهي. ڀلا فرض ڪريو جڏن هينئر ميز تي ويٺا آهيون، انئون ڪو نوڪر اچي ڪاڻ جي شيءِ اڳيان اڇلي ته جيڪر ان کي بي ادبي ڪين سمجهجي؟ جي ڪو دوست هجي ۽ ڳلن جو ڀڪ پري اچي ائين ڦتو ڪري ۽ چوي وٺ فلاڻا هي ڳل اٿئي، ته جيڪر ايتري خوشي نه ٿئي، جيتري آهي ڳل با ادب سينگاري سنواري پيش ڪرڻ سان ٿئي

ڏي. تنهن ڪري اسان کي جڳائي ته ملڪ جي اڳيان جيڪي پيش ڪريون سو ناهي سينگاريي سهڻي نموني ۾ پيش ڪريون."

فقير چيو: "صوفي ته مست رهندا آهن. ڪتابي علم جي يا ناماه نوهه جي پرواه نه ڪندا آهن."

سام چيو: "مون وٽ ويجهو ٻه ڪتاب دوستن کان آيا آهن هڪڙو مچل سرمست جو "گداز نامه" فارسيءَ ۾ ٻيو "ديوان قلندر مست." اهي پڙهي ڏسو ته اها فارسي مچل بادشاه ڪتابن مان سکي يا ڇائي چم کان سکي آيو هو. اهڙيءَ طرح "ديوان قلندر" عالماڻي ۽ عشاقي طرزن جي ثابتي ڏئي ٿو، جنهن مان ثابت آهي ته قلندر شهباز علم و ادب مان به واقف هيو.

"حقيقت هيئن آهي ته هي سڀ صورتون عشق جون آهن. صوفي جيڪڏهين عشق کي الله ڪري مڃن ٿا ته پوءِ هو ڪٿ ڏسن ٿي ڪونه ٿا؛ هر صورت، هر حيلي يا هر ڪم ڪار ۾ هو هٿ يار جو ڏسن ٿا. هو مست برابر آهن پر ان مستيءَ ۾ پاڻ گنوائن ٿا ۽ نه پنهنجا فرض. هي علم و ادب جا فرض اسان جي زندگيءَ مان خود اسان تي رائج ٿيا آهن."

* * *

١١-٢-١٩٦٣ع - مان نئين هوندي کان وٺي مهاديو جي سڳڙي جي چوڙڻ جو نيم رکندي آهيان، جيتوڻيڪ هن اسان جي سنگ ۾ خاص ڪهن مان سڳن يا پوڇا جي ڪنهن خاص طريقي جي ڪا ضرورت نه آهي؛ تڏهين به بطور عادت اڳوڻو نيم پورو ڪندي آهيان. انهيءَ سڳڙي جي سان سڳن ۾ اڪ جي ڦلي ڪتب ايندي آهي جو چوڻ ۾ اچي ٿو ته مهاديو اڪ کائيندو هو. اڪ جون ڦليون ڏسي سام اڄ چيو: "مهاديو جيڪي اڪ کائيندو

هو سڀ ڪي ٻيا اڪ هئا. اهي ڪؤڙا اڪ جيوت جي ڏکن
جا ٻاسنيم مارڳ تي جيڪي ڪشالا اچن ٿا انهن جا ڪري
سمجهڻ گهرجن. هنن اڪن ڪائــڻ انسان الله ملي ها ته
بڪرين ۽ اٺن کي ملي ها." سام وڏيڪ چيو: "هي نيم
وڌن ڏينهن جـــا جيڪڏهين پورا ڪجن ته انهـــن جي
اندروني معنيٰ ٻـ سمجهڻ ضروري آهي؛ خالي ساٿ
سڀن بي معنيٰ آهن!"

* * *

١٢-٢-١٩٦٣ع – اسان جو "رهاڻ" رسالـو جو
تازو شايع ٿيو آهي، انهيءَ جا جدا جدا پرت پريس مان
ڪٽائي گهر آياسين ۽ انهن کي گڏي ٽاهـي ٽاڃني هڻڻ
جـو ڪم فقيرن ۽ اسان جـي ڇوڪرن پـــاڻ ۾ ورهي
گڏجي ڪيو. ٻن ڏينهن ۾ ٿورا ٿورا ڪلاڪ ڪم ڪري
ٻه ٽي سو ڪاپيون تيار ڪري ورتائون، مگر سام کي
سندن ڪم نـه وڻيو، جيتوڻيڪ هنن خوشيءَ سان پنهنجي
سمجهه آهر تکو ڪم ڪري ڏنو. سام پوءِ ويهي ڪجهه
ڪاپيون سڌيون ڪرڻ لڳو ۽ چيائين: "رياضت جـي
ڪم مان ڪيڏي نـه راحت ٿي ملي! جيڪڏهين انسان
سچيءَ دل سان ڪو به ڪم ڪري ته نتيجي جو مالڪ پاڻ
الله آهي ۽ اهو اجايو نه ويندو. اڄين ڏسڻ نه گهرجي
ته پئسن جي لحاظ سان گهٽي جـو ڪم گهٽي وقت ۾ ٿيو؛
مگر جو ڪم ڪٿجي سو سٺيءَ طرح نباهجي. انهيءَ مان
ئي پوري راحت پيدا ٿئي ٿي. هنن ڪاغـــذن جو هڪ
هڪ گهنج لاهڻ، جي پوريءَ شرڌا سان ڪيو وڃي، ته
اهو برابر آهي پنهنجي من جي گهنجن ڪڍڻ جـي. منهنجو
ته هن ڪم ڪندي ڇڻ من ايڪاگر ٿئي ٿو. اڄين پيو سمجهان
ته هيءَ به هڪ عبادت جو طريقو آهي. ڪاش! سڀ ڪم
زندگيءَ جا عبادت سمجهي پورا ڪريون!"

* * *

١٣-٢-١٩٦٣ع - اسان وٽ هڪ ڪنڌڙن چوڪرن مان هڪڙي کي نئين سر شوق جاڳيو ته موٽر مڪئنيڪل جو ڪم سکان ۽ ڪو ڪارخانو وغيره کولان ۽ پنهنجي حياتيءَ جي اڏاوت شروع ڪريان. سندس عمر ٤٠ سالن جي ويجهي آهي. سندس پيءُ ماءُ واقف ٿي ڪري سام پيو پائين اهو رايو ڏنو ته هي شوق جٽا نه ڪندو. ٿيو به ائين: ٻه ٽي ڏينهن ته هن پاڻ صفا ڳاري ڇڏيو ۽ ڪارخاني مان موٽڻ وقت سندس ڪپڙا ۽ چهڙي تيل جي چٽن سان ڀريل هجن. گهر ۾ اچي ته ٿڪو ٿڪو پيو نظر اچي. ظاهر هيو ته هن پاڻ تن ۽ من جي ٿڪاوت محسوس پئي ڪئي مگر ضد ڪري يا حرص وچان پنهنجي ڳالهه کي ڇهتيو رهيو. سندس حالت جو ويچار ڪندي سام چيو ته چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ ڪو ڪو انسان حرص کان بچيو رهي ٿو. اهي آني سخت لفظ آهن پر اها هڪ حقيقت آهي ته انهيءَ عمر ۾ انسان جي ذهن ۾ نئين سر نوان حرص اڀرن ٿا ۽ جيڪي ڳالهيون اڳ پوريون نه ڪري سگهيو آهي انهن جا ارمان پوري ڪوشش ڪرڻ لاءِ اڳلان ڪن ٿا. نوجواني ۽ ٻالڪ اوستا ۾ انسان سچلوت جي پاور ۾ رهي ٿو. ڪيتريون شخصي سک جون ڳالهيون يا لوڀ لالچ جا طريقا سچو شوق لڳي ڇڏي ٿو ۽ قدرت جي نقطه نگاهه کان جيڪي سچ پچ سندس لنڌ روشني آڻيءَ يا اپياس لاءِ ضروري ڳالهيون آهن جهڙوڪ هنر، علم، ڏرشي ڪيا، فلسفه، نقاشي يا شاعري وغيره وسازي، انهن ڳالهين ڏانهن لاڙو رکي ٿو جن مان پنهنجي فائدو ٿئي ٿيا ڪا پوزيشن هٿ اچي. زماني جي گردش ۾ جوانيءَ جي هٺ بعد پڻ هو ۽ ڪوڙا هٺ گهڻن انسانن کي وڏيڪ اهميت وارا نظر اچن ٿا. جيڪڏهين قدرت ٻالڪپڻ جا ذوق شوق يا نوجوانيءَ ۾ فراخدلي نه آڻي ته انسان جي سچي حياتي جيڪر

سوڙهي ڊائري ۾ بسر ٿئي. اسان جي چوڪري کي به آهو ٤٠ سالن بعد جواني ۽ جي پڇاڙيءَ جو نئون حرص جاڳيو آهي ۽ ڪيس فقيري يا آشرم جو جيون پوري ڪشش نه ٿو ڪري. تنهن ڪري ڪيس اهڃا ڪجهه ڏينهن لڳندا؛ ڪجهه وڏيڪ ٿڪاوٽ بعد وري پوري تڪ تور ڪري سگهندو.

ٽيو به ائين پڇو ٿورن ڏينهن بعد هن ڪارخاني وچ ڪان ئي بس ڪري ڇڏي ۽ وري نئين سر ويچار ڪرڻ لڳو ته ڇا ڪجي.

* * *

١٨-٢-١٩٦٣ع — لاڙڪاڻي ڪان ٻاهر هڪ دوست جي دعوت ملڻ بعد ڏانهن ويا هئاسون. مون کي اها آس هئي ته اتي وچي ڪا راڳ جي محفل لائيندا سين. ان ڪري پنهنجي ٽولي مان ٻن ڳائيندڙن کي به پاڻ سان ڪنيو سين مگر اتي ڏنوسين ته جن دوستن وٽ اسين ويا سون انهن کي راڳ ويراڳ جو ڪو شوق ڪو نه هو. جيتوڻيڪ اسان جي قوال ڪسي چڱي خرچي ڏنائون ۽ اسان جي ڪاڌ پيت تي چڱو خرچ ڪيائون، تڏهين به هنن جو بندوبست دل پسند نظر نه آيو. مانيءَ وغيره بازاري گهرايائون ۽ خاص تڪليف وٺي ڪو رهائش جي لاءِ يندوبست به ڪو نه ڪيائون. ايتري قدر جو ڪانيون ڪليون به. اسان جي چوڪرن هيڏانهن هوڏانهن جون هٿ ڪري گهٽين ۾ ويهي پاڻ گذر ڪيو. اسان جي دوست کي ٻه گهر هئا مگر ائين ٿي لڳو ڄڻڪ هو هڪ بي گهر انسان هيو. پاڻ به چيائين ٿي ته 'منهنجي زندگي سچي بي بندوبستيءَ جو مثال آهي.' هو پاڻ هڪ وڏو اديب ۽ پيسي وارو شخص آهي، مگر جيترو سندس ڪم ۽ آفيس ۾ اچڻ وڃڻ يا پنهنجو ڏندو هلائڻ بي انتظام هو اوترو ئي سندس رهائش جو نمونو بي انتظام نظر آيو.

هو سام جو هڪ پيارو دوست آهي جنهن ڪري هن کي ڪا
لڪا پنهنجي تڪليف جي اسان کو نه ڏني. مگر موٽندي
ڪار ۾ اسان جي پارٽي ان سڄي معاملي تي ويچار
ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ کان باز نه آئي. سام انهن سان
ٻڪراهه تي چيو: "اڄ ڪلهه اسان جي شهري حياتي
مصنوعي ٿي پيئي آهي. اهو ڪجهه قدر پڇم جي سڀيتا
جو اثر آهي. انهن جون به اسان گهڻيون بريون ڳالهيون
ڪاپي ڪيون آهن ۽ چڱيون تمام ٿوريون. اتي
جيڪڏهين ماڻهن جي گهرو حياتي شخصي پڻي
(Individualism) جي ڪري ٿي پئي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ
انهن جون سماجڪ حالتون تمام سٺيون آهن. ريسٽارنٽ،
هوٽل ۽ ڪلبن جو رواج اتي گهڻو آهي ته وري انهن ۾
جيڪي ڪاڌي پيتي وغيره جا بندوبست آهن سي به صحت
جي اصول پٽاندڙ آهن. اسان وٽ مان نه ڏٺو پاپان ته
ڪنهن به ڊسٽرڪٽ ٿاڻن ۾ ڪو رهڻ جهڙو هوٽل
هوندو جنهن ۾ ماڻهو صحت بگيڙڻ کان سواءِ گهڻو عرصو
رهي سگهي. مون کي ياد آهي ته منهن جا ڪيترا حيدرآبادي
دوست، ملڪ جي پارٽيشن کان اڳ رات جي ماني
گهر کندا ئي ڪو نه هئا ۽ سئنيما يا گهمڻ کان پوءِ بزار
مان چاپون، ڪباب ڊبل روٽي وغيره وٺي ايندا هئا.
ننڍن ٻارن کي به اهو ئي کاڌو ڏيندا هئا. اهڙي طرح
خفي کان چٽڻ جي لاءِ اڄ ڪلهه سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به
اهڙا ماڻهو پيدا ٿيا آهن جيڪي بازاري کاڌا کائي وقت
ٽپائي ڇڏين. ان ۾ هو آزادي سمجهن ٿا. هوڏانهن گهر ۾
زالون هار سينگار ڪرڻ يا پراين پچارن ڪرڻ ۾ پيون
اجايو وقت وڃائين."

سام وڌيڪ چيو: "مون کي ائين لڳندو آهي ته
جيڪا عورت گهر هلائڻ تي چاڙهي ۽ پنهنجي مرد يا ٻارن
کي سڀ سهولتون ميسر ڪرڻ ۾ ناڪامياب رهي ٿي، سا

سچي عورت نہ آهي. اڄ ڪلهہ ڪي عورتون فقط پنهنجي سونهن جي ڪٽي ڪائن ٿيون يعني مرد انهن تي موهت ٿي انهن لاءِ وڏا وڏا بنگلا رکن ٿا ۽ پيا خرچ ڪن ٿا. اها پنهنجي طرفين عزت پري ڳالهہ نہ آهي. جيڪا عورت پنهنجي مرد کي سات ڏئي ان جا ۽ پنهنجي حياتيءَ جا مسئلا حل ڪري ٿي، آها سچو سک حاصل ڪري ٿي. مگر جيڪا پاڻ خود هڪ مسئلو بڻجي پوي ٿي سا پاڻ کي ۽ پنهنجي مرد کي نرڳ ۾ گهلي هٿي ٿي. گهڻو ڪري دنيادارن جي گهرن ۾ سون جهڳڙا ئي جهڳڙا ڏنا آهن. اسان جي پراڻين ريتن رسمن پٺيان وڏو فلسفو رکيل هو. جنهن پينهي، ان صفا ڪري ۽ پيا گهرو ڪم پورا ڪري سنڌ ۽ يارت جون عورتون نہ فقط گهر جي صحت برقرار رکنديون هيون مگر ڪم ۾ پاڻ وندرائي سان پاڻ کي خطرناڪ عادتن ۽ بيڪار شوقن کان بچائي سگهنديون هيون. اڄ اهي ريتيون رسمون فقط ڪنهن ڪنهن گهر ۾ نظر اچن ٿيون."

* * *

٢٧-٣-١٩٦٣ع - درازن جي هڪڙي پير سان گڏ ڪچي مهاجرن جي طرفان اسان کي بہ دعوت ملي ۽ سندن پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسان کي ۽ درازي فقير کي اهو خيال هو تہ شايد آتي ڪو راڳ ويراڳ بہ ٿيندو. پر اتي وڃڻ سان معلوم ٿيو تہ هو ميلاد وغيره جو پروگرام پورو ڪري نماز پڙهي پوءِ شايد راڳ ڪندا. نماز هڪ نئين طريقي پڙهيائون ۽ وچ ۾ بہ پيرا بانگ بہ ڏنائون ۽ تنهن بعد حلقو ٺاهي ٽيهہ يا چاليهہ ڄڻا گڏجي ذڪر ڪرڻ جي لاءِ ويٺا. اسان کي هنن بروقت چيو تہ توهان پيءَ ڪنهن جاءِ تي مٿي چڙهي وڃي ويهو تہ اوهان جي مرضي. مگر سام ڪمن چيو تہ اسين بہ اوهان سان هر حال ۾ شريڪ ٿينداسون؛ تہ هنن پلي

پنهنجو پروگرام پورو ڪريو. پوءِ ته اهڙو جوشيلو ذڪر شروع ڪيائون جنهن ۾ نه رڳو آواز چوٽ چڙهيل هيو پر ڪنڌ ڌوڻڻ به سخت نموني هلي، ايتري قدر جو انهن مان جن جون ڏگهيون ڏاڙهيون هيون سي ذڪر ڪندي اچي هڪ ٻئي سان پيون ٽڪرن. ان ڳالهه ڪرڻ جو سبب هي آهي جو اسان کي پڻ اچي لڳو ته پهتان ايمان جا چوڪرا کلن يا ڪنهن نموني بي ادبي ڪن. شام کي وجهه مليو جو پير صاحب سان پڻ منٿ ڳالهايائون ۽ کيس چيائون: ”صوفيءَ جي هر مظهر ۾ سُر آهي. هي سڀ خيال ۽ طريقا انهيءَ يار جا ئي ايجاد ڪيل آهن؛ سالڪ جي منزل ان ڪري سڀ کان مٿي آهي جو سالڪ هر رنگ ۾ راضي رهي ٿو. تنهن ڪري توهان اسان جي ڪو فڪر ڪو نه ڪريو. اسين هن مان پڻ مزو وٺي رهيا آهيون.“

تڏهن به پير صاحب جا ڪجهه مريد آهستي چوڻ لڳا: ”هن ته اسان جي محفل ئي خراب ڪري ڇڏي!“ سام چوڪرن کي اشارن ۾ فهمائش ڪئي ته سٺي نموني ۾ هلو. پوءِ گهر اچي هن بنسابت هينءَ چيائين: ”اسين پنهنجي لاءِ يڪدم فيصلو ڪري سگهون ٿا ته ڇا ڪريون ۽ ڇا نه ڪريون. مگر ٻين جي لاءِ ڪهڙو حق اٿئون جو چئون ته هو هيئن ٿا ڪن! دنيا ۾ هزارين طريقا، مذهب جا هن. ڪنهن کي خبر آهي ته خدا ڪهڙي نموني سان ٿو ريجهي؟ حضرت موسيٰ جي هڪ آکاڻي آهي جنهن ۾ هن هڪ ريڍار دو ڌڻي تنبوري نوڙو جنهن ذڪر ٿي ڪيو، سندس اکرن جي معنيٰ هئي ”ڏيغا چوري!“ تڏهين کيس هدايت ڪيائين ته ائين چوڻ يا چور چوڻ جي بدران چؤ يا ڪريم! يا ڪريم! ان تي چون ٿا ته الله جي طرف کان حضرت موسيٰ کي هدايت ٿي ته تو منهنجي پريميءَ جو پريم ڇو ٽوڙي وڌو؟

مطابق، تہ ھي سڀ ڀيڪارون پنھنجي آتما کي آھن؛
من کي، ڪنھن بہ حيلي جاڳائڻو آھي ۽ اھڙا ساڌن تہ
ھندو پنٿن ۾ بہ ٿيندا آھن؛ تنھن ڪري اسان لاءِ ضروري
آھي تہ انھن جي عزت ڪريون، اگرچ خيال جي
چڪاس مان ڏسبو تہ اھي سڀ ھيٺين درجي جا طريقا آھن.
جي روح فقط اک جي اشاري سان جاڳي پوي يا ڪنھن
رنداني رمز سان. ڪيس گيان جي پراپتي ٿئي تہ پوءِ ھيءَ
ڪنڊ ڏونڻ برابر اجائي آھي. پر آتما جي جدا جدا
اوستائن لاءِ جدا جدا طريقا فائدي وارا آھن ۽ انھن سڀني
جو ادر ڪرڻو آھي."

* * *

١٠-٤-١٩٦٣ع — آتمارام ھريجن پنھنجي جاتيءَ
وارن ۾ ھڪ سمجھو ماڻھو ڏيکاربو آھي جنھن ڪيترا
ڀيرا ڪوشش ڪئي آھي تہ پنھنجو ڌنڌو مٽائي ڪو ٻيو
سٺو ڪم ڪجي. اسان بہ ڪيس دڪان کولڻ يا
ٻارن جو اسڪول کولڻ وغيره جي ڪم ۾ ڪيترا ڀيرا
مدد ڪئي آھي؛ سندس گھر واري بہ انھن ۾ شامل
ٿيندي ھئي. سندن ڪوشش آخر ناڪام ٿيڻ بعد ويچارن
کي ڀنگيءَ جي نوڪريءَ لاءِ درخواست ڪرڻي پئي.
ھينئر زال مڙس ٻئي وري صفائيءَ جو ڪم ڪرڻ لڳا
آھن. سندن دڪان جي ناڪاميءَ جو سبب اھو آھي
جو سندن جاتيءَ وارا خود حسد کان سندن دڪان
تان شيون وٺڻ کان عار ڀيا ڪن. ٻيا ماڻھو ڀنگيءَ
کان ڪا شيءِ خريد ڪن سو تہ اسان جي سماج جي ھن
اوستا ۾ مشڪل پيو لڳي. سام آتمارام کان اھي
احوال ڏئي پڇيا، تہ ھن ھن چيو: "اسان جي جاتيءَ
جي زندگي ھڪڙي پڃري مثل آھي جنھن مان نڪري
ڪو نہ ٿا سگھون؛ وري وري ڦري اھو ئي ڀنگين
وارو ڪم ڪرڻو پوي ٿو. ڪجھ سمجھ ۾ نہ ٿو

اڇي ته ڇا ڪجي؟"

سام ڪيس چيو: "مٽ نه هارڻ گهرجي. درحقيقت هي سنسار جا سڀ ڏنڌا ڀڃڙن مثل آهن؛ جيئن تون پاڻ ڪي ڀڃڙي ۾ سمجهين ٿو تيئن اسين به زميناري لائين ۾ گوبه اهڪ ڀڃڙي ۾ اڇي ڦاٿا هئاسون، جنهن مان نڪرڻ اهنجو ٿي لڳو. نه رڳو گهر بار لاءِ ڪمائڻ جي ضرورت هئي پر زميناري حياتيءَ ۾ پيا ڦڏا به اهڙو گهيري ويا جو سمجهجي پيو ته هن چڪر مان جلد نڪري نه سگهبو. اگهه اناج جا گهٽجي رهيا هئا؛ ڪيس فساد ۽ دشمنيون وڌنديون رهيون ته هوڏانهن سياست به اهڙو روپ اختيار ڪيو جو انگريزن جي هوندي هندن جي لاءِ زميناري ڏنڌو اهنجو ٿي پيو. پر انهيءَ آشا جي ول ڪي هميشه پاڻي پيو ڏبو هو ته ڪنهن ڏينهن سڀتر جيون هلي ڪنهن آشرم ۾ گهاربنداسون. اڄ به اڇا اها آشا پوريءَ طرح حاصل ڪو نه ٿي آهي. اهڙيءَ طرح ٻين ڏنڌن ۾ به ويچار ڪري ڏسندءِ ته مشڪلاتون گهڻيون آهن؛ درحقيقت اسان ڪي ڇوٽڪارو پاڻ منجهان ئي پائڻو آهي ۽ نه ڪن ٻاهرين حالتن مان. تون ڪوشش ڪندو ره وڏيڪ رام تي ڇڏي ڏي."

آتما رام چيو: "جيڪا رت پنهنجي پنچات ڪي ڪنهن سڌاري جي لاءِ ڏيان تو ته آهي قبول ڪو نه ٿا ڪن. تو هان ئي ٻڌايو ته جڪي مان ڪرڻ چاهيان ٿو سو غلط آهي ڇا، جو سڀ ڳالهه ۾ مان اڪيلو ئي رهجي ٿو وڃان؟"

سام ڪيس چيو: "پنهنجا سچا ساٿي ڳولهه. آهو سنگ ڳولهه جنهن ۾ تون اڪيلو نه سمجهين پاڻ ڪي. بر ۾ سلو پيدا ٿيندو تڏهن به امرندو مشڪل پر باغ ۾ ٻين سلن جي صحبت ۾، يعني آلهه ۽ چانو ۾، سندس واڌارو چڱو ٿيندو. تنهن ڪري تون به نئين سر پنهنجا ساٿي وچي ڳولهه.

هت اچ يا پئي هند جتي دل جو مزو پائين آتي وڃي انهن
سان ڪم ۾ شريڪ ٿيءُ؛ سچي سنگ ۾ وڏي طاقت پائيندين
۽ اڪيلائي محسوس نه ڪندين."

* * *

٦-١٢-١٩٦٣ع - لاڙڪاڻي ۾ هڪڙو ساڌو رهندو
آهي جو ڪيترا سال پنهنجي گهر کان ٻاهر ڪو نه
نڪتو آهي. ڪجهه عرصي لاءِ ته پنهنجي گهر جي ڪڏ تان
به هيٺ ڪو نه لهندو هو. سندس رهڻي ڪهڻي جا نيم
چڱا نظر ايندا هئا، مگر سام جڏهن ڪيس پهرين پيري
ڏٺو هو تڏهن سندس ٻاهرين لباس ۽ رهڻي مان هوندي
به اهي اکر چيا هئائين ته هي حدون پاڻ تي ڇو وڌيون
اٿس؟ سالڪ پوري سمجهه وارا ته نه ڪي اهڙيون
حدون پاڻ تي وجهندا آهن ۽ نڪي قسم عمر لاءِ ڪٺي
ڇڏيندا آهن؛ زنده دلي وارن جو نيم به زنده تيندو
آهي. گويا سندن نيم شوق مان پيدا ٿيندو آهي ۽ نه
ڪنهن ٻاهرين مجبوريءَ مان.

ڪجهه عرصي بعد ائين پڻ معلوم ٿيو ته اهو ساڌو
ڇوٽ وغيره جا خيال رکندو آهي. تنهن بعد ڪي سندس
خط اسان ڏانهن اچڻ لڳا جن ۾ پين ڳالهين کان علاوه
هو سام کي ائين به لکڻ لڳو ته توهين مشهوري پسند
ڪريو ٿا؛ پنهنجا ڪلام ڇپايو ٿا ۽ ان ۾ خوش به ٿيو
ٿا. اڳين فقيرن جي اها ريت ڪانه هئي ۽ نه توهان وانگر
بحر - وزن ۾ ڪلام لکندا هئا!

سام پهرياتين ته چوندو هو ته هيءَ فقير جي هڪ
محبت جي ويڙهه آهي؛ پل پيو ڪري؛ کيس ڪو جواب
ڪو نه ڏيندا هئاسون. پر هي ساڌو جلد جلد وڏيڪ اهڙا
خط لکندو رهيو؛ وڌيڪ چيڙ چاڙ ڪرڻ لڳو ۽
پنهنجن سوالن جا جواب گهرڻ لڳو. تڏهن
سام کيس خط آڻيندڙ سان هنءَ زباني نياپو

ڏھاري موڪليو:

”نئين گھوڙي جڏھين پھريائين وھو نڪرندي آھي تہ گاھ کان، ہوڙي کان، سڀ شئي کان پيئي ڇرڪندي آھي؛ اھڙيءَ طرح نوان فقير بہ ورت ۽ ڇوت وغيره جا ڇرڪ رکندا آھن. مگر جڏھن گھوڙا يا عشق جا راھي منزلن تي چڙھندا آھن تڏھن ڪائنن ڇرڪ سڀ ڇڏائي ويندا آھن. اھي ڦڏا تيستائين آھن جيستائين منزلن تي نہ چڙھيا آھيو. ڀلا پنھنجن راڳن ڳاڻ يا اخبارن ۾ ليکن وجھڻ ۾ ڪھڙو ھرج آھي؟“

سام وڏيڪ چيو: ”اسين تہ ھرجاءِ ھر ڪم ۾ اھو ھڪ يار ڏسون ٿا. اوھان جا حجاب اوھان جي دوئيءَ مان پيدا ٿين ٿا. جيستائين پاڻ پوريءَ طرح آرپن نہ ڪيو آھي تيستائين آھي لڄڪا رھندا آھن. مگر جن پاڻ ۾ خود يار وھاريو آھي سي گويا پاڻ کي راضي ڪرڻ سان ان کي ئي راضي ڪن ٿا.“

* * *

ھڪ ڀيري ان ساڌوءَ وٽ ھڪڙو ماڻھو شرڌا سان گل کڻي آيو. مگر ھن جي گھڻي ڪوشش بعد بہ ساڌوءَ گل ڳچيءَ ۾ نہ وڌا. آخر گلن آئيندڙ کي کڻي اھي گل ڳچيءَ ۾ وڌائين. سام چيو: ”مون انھيءَ مھل ئي سمجھيو تہ فقير ۾ اجان ”مان پڻو“ آھي. ظاھر ۾ نمرتا جو اظھار ڪيائين مگر ان گلن آئيندڙ جي محبت کو نہ ڏنائين. درحقيقت ان جو ڪو ئي تي ويھڻ ۽ در کان ٻاھر نہ نڪرڻ سو بہ من جي ايمان ۽ ڪنھن لڪل خواھش نالي ڪيڻ جي مان پيدا ٿئي ٿو. اسان کي انھن ٻاھرين ڳالھين تي ڪو بہ ڌيان ڏيڻ نہ گھرجي مگر ساڌوءَ يا فقير جي محبت مان ئي سندس وڏائي معلوم ڪرڻ گھرجي. جيتري محبت ھو دل ۾ رکي ٿو ۽ جيترو پريم

جو آنند پاڻ ماڻي ٿو اوترو ئي ٻين کي ڏيئي سگهندو. باقي اهڙا نيم وغيره سڀ الله سان اتڪلون آهن جن مان ڪجهه به نه ورڻو آهي."

اهو فقير خطن ۾ پاڻ کي هڪ وڏي صوفي درويش جو "ڪتڙو" ڪري سڏائيندو آهي؛ دستخط به ائين ڪندو آهي، جيتوڻيڪ پاڻ اصل هندو گروءَ جو چيلو آهي. پنهنجي نئين مرشد جو منهن به ڪو نه ڏٺو اٿائين. اهو ڏيکاري ٿو ته هو نالي لاءِ خواهان آهي. خطن آئيندڙ فقير ائين پڻ ٻڌايو ته جنهن داتا جو "ڪتڙو" سڏائيندو آهي، تنهن جي پوٽي جي هٿ لڳل پيالي ۾ وري پاڻي به ڪونه پيئي، اگرچ هو آن کي به مرشد ڪري سڏيندو آهي! مسلمانن جي گلاس کي سندس هٿ لڳندو ته پنهنجو هٿ ڌوئندو آهي! سام وڏيڪ چيو ته اها ڳالهه سنڌ جي هڪڙي چڱي گهراڻي واري هندو استريءَ جي ياد ڏياري ٿي، جنهن هڪ مسلمان آفيسر سان شادي ڪئي هئي. ان مان ٻار به ڄڻيائين، مگر ڪاڏو هندوءَ جي هٿ جو رڌل ڪائيندي هئي! ان ڪري هو لاڙڪاڻي اچن ته ڪاڏؤ اسان وٽان گهرائيندا هئا.

"مرشد ڇا آهي ۽ ڇو ڪجي ٿو؟" ان سوال جي سمجهاڻي ڏيندي سام چيو: "الله ڪنهن عرش تي ڪو نه وڃي لڪي ويٺو آهي؛ هو اتي ئي پنهنجو پاڻ پرگهٽ ڪري ٿو. ڪيس اتي ئي تسليم ڪجي. جيڪو سندس روپ سڀ ڪان سهڻو ۽ سچو ڏسڻ ۾ اچي، يعني جنهن انسان ۾ ان جي جيوتيءَ جو پرڪاش نظر اچي انهيءَ کي ئي پيل سجدو ڪرڻ گهرجي. انهيءَ کي ئي گرو يا مرشد ڪري مڃڻ گهرجي، جنهن ۾ اسان جا سڀ آدرش سمايل نظر اچن. انهيءَ ڪري ئي گروءَ ۾ ايشور جي مورتي نظر اچي ٿي جو ان جي مثال ڪان وڌ ٻيو ڪو مثال پاڻ کي ان جي پورنتا جو معلوم

ڪو نه آهي؛ تنهن ڪري چيلو پنهنجي گروءَ تان ٻاهار وڃي ٿو. انهيءَ محبت منجهان ئي ادب پيدا ٿئي ٿو ۽ گروءَ يا مرشد جي هر شيءِ پاڪ نظر اچي ٿي. مگر جتي اها سچي محبت ڪا نه آهي ۽ ٻاهرين مطلب ڪري ڪو گرو ڪيل آهي ته اتي اهو ادب به رهي ڪين سگهندو! نه ته مرشد جو پيالو ڪيس پاڪ نظر اچڻ گهرجي. ڪا عجب جهڙي ڳالهه ڪا نه آهي جو مرشد جو هٿ لڳل پيالو به مانجي پوءِ هي ساڌو پاڻي پيئي ٿو!"

* * *

انهيءَ ساڌوءَ جي هن يا هن ڳالهه تي اعتراض واري رخ بنسبت سام چيو: "جانور هڪڙا سچر ٿيندا آهن ۽ هڪڙا ڏچر. سچر آهي آهن جيڪي گهٽڻ گاهه مان مزو وٺي سگهن ۽ جهنگ ۾ پن ٻوٽو ڊپ ڊاڙي ڪائي پيٽ ڀري اچن. ڏچر آهي ڇڙا آهن جيڪي ڪي گاهه دل سان ڪاڏن ئي ڪو نه. اهڙيءَ طرح سالڪ آهي آهن جيڪي حياتيءَ جي هر پهلوءَ مان مزو وٺن ۽ هر ڳالهه کي ويچاري ان مان چڱو طلب ڪڍن ۽ ان ريت پنهنجي زندگي وڏيڪ مالا مال ڪن. سندن عشق و ذوق هميشه قائم آهي. جيڪي هنن 'ويشنو' فقيرن وانگر پيا وڪون سڀ مان ڪڍن، نيم ۽ نيتيءَ جي بندن ۾ نهوڙجي وڃن ۽ ٻانتي يا نتي انسانن مان مزو وٺي نه سگهن، آهي هميشه خيال ۾ ڏبرا رهجي ٿا وڃن."

* * *

تورا ڏينهن ٿيا ته دادا جهامنداس هڪ ڪارڊ لکيو جنهن ۾ ظاهر ڪيائين ته اوهان جي ڊائري سنڌي ادب ۾ هڪ نرالي چيز آهي. سام ان ڳالهه تي چيو: "مون کي خوشي آهي جو تنهنجي ڊائري سنڌي ادب ۾ جاءِ والاريندي."

موهن چيو: ”ان ۾ ته منهنجو ڪجهه به ڪونه آهي؛ خيال ته سڀ توهان جا ۽ ٻين جا پيش ڪيل آهن؛ آن ۾ منهنجي ڪهڙي وڏائي آهي؟“

سام چيو: ”ڏاند جي مٿان جهڙي پري ڪاٺين جي اهڙي پري ناتار جي مشڪ جي! ڇا تون هڪ اخباري رپورٽر ٿي اهي ڳالهيون لکيون آهن يا پاڻ به آن مشڪ مان ڪو مزو ورتو اٿيئي؟ جي تو پرائو بوجه سمجهي آهو بار ڪنيو آهي ته برابر تنهنجي حالت قياس جوڳي آهي، پر جيئن انهن ڳالهين ۾ تنهنجو ذاتي چاهه آهي ته آها هڪ وڏي خوش نصيبيءَ جي ڳالهه آهي، جو اهڙي واپار ۾ انسان جو وقت گذر ٿئي. هيرا موتي پراوا ڇو نه هجن يعني تنهنجا پيدا ڪيل نه هجن تڏهن به انهن کي هڪ سهڻي هار جي صورت ۾ پوئڻ سان ڪا گهٽ ڪاريگريءَ ۽ گهٽ خوشيءَ جي ڳالهه نه آهي!“

* * *

۸-۱۲-۱۹۶۳ع - ڪجهه وقت کان هڪڙو نئون ڇوڪرو نرمل نالي اسان وٽ ايندو آهي. سندس ڇوڻ تي سام ٿورا مهينا اڳ کيس ڪو اتاري جو ڪم ڏنو هو مگر هو چڱيءَ طرح ڪري نه سگهيو. سام چيو: ”هن جي دل ڪم سان نٿي لڳي. جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته هو ڪن گهرو حالتن ڪري خوش نه رهندو آهي. ڪالهه جڏهين وري اسان وٽ آيو تڏهين سندس آتاري جي ڪم جو ذڪر نڪتو. سام چيو: ”کيس ڪم ڪجهه ڪونه ڏيو ڇا لاءِ جو هن جي دل انهيءَ ڪم ۾ ڪانه آهي ۽ ڏانهس منهن ڪري ڇپائيندين.“ تو کي ڪو اهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ سچ پچ تنهنجي دل لڳي؛ پر شارت ضروري آهي پر هر ڪنهن انسان کي پنهنجي ڪم جو دائره پاڻ چونڊڻو آهي. هر آتما کو نئون ارادو

يا اڇا ڏاري هٿ اچي ٿي ۽ ان کي ڪو نه ڪو ڪم ڪري ڏيکارڻو آهي. اسان کي ائين پيو لڳي ڄڻ تون ننڊ ۾ گهمي رهيو آهين ۽ جهوٽ ۾ پورو اتساهه ڪو نه ٿو رکين! ڄاڻي ۽ جو مطلب ڪاڏڻ پيهڻ يا وقت گذارڻ ۾ نه آهي مگر ڪنهن ڪم ڪري ڏيکارڻ ۾ آهي."

سوال اٿيو ته نرمل ڪهڙو ڪم ڪري، تڏهن سام هڪ فقير جي ڳالهه ٻڌائي جو پنهنجي مرشد وٽ ويو ۽ چيائين ته ذڪر فڪر جيڪي ڏسيو سي ڪيا سين، پر الله ته اسان کي ڏسڻ ۾ ڪو نه آيو! هاڻي اهڙو ڪو ڏس ڏيو جو الله جو پاڻ ۾ ديدار حاصل ٿئي. مرشد سندس ويچار ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ ڪانئس پڇيائين ته جهان ۾ تو کي سڀ کان وڌيڪ ڇا وڻندو آهي؟ فقير وراڻيو مون کي سڀ کان وڌيڪ ڏاند وڻندا آهن. تڏهين مرشد کيس چيو: "پوءِ ته ڳالهه سهنجي آهي. ڇالاءِ جو الله جي صورت به سچ پچ ڏاند وانگر آهي. تون وڃي ڏاند جي صورت تي ڌيان ڌر ۽ انهيءَ سان وڃي هيڪڙائي حاصل ڪر." فقير چاليهه ڏينهن وڃي هڪ سوڙهيءَ گفا ۾ ويٺو ۽ ڏاند جي صورت ۾ الله جو ڌيان ڪرڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن بعد سندس مرشد کيس ٻاهر سڏ ڪيو، اهو خيال ڪري ته ڏسان ته هو ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهي. فقير سڏ تي ٻاهر نڪري آيو. مرشد وڌيڪ پڇا ڳاڇا کان سواءِ کيس چيو: "ڇا پورو تصور ڪو نه پڄايو اٿئي. وري ڌيان وڃي ڪر." ڪجهه ڏينهن بعد جڏهين کيس ساڳيءَ گفا مان سڏ ڪيائين ته فقير چوڻ لڳو "مان ٻاهر ڪيئن اچان؟ منهنجا سڱ هن سوڙهي در مان نڪري ڪو نه سگهندا." مطلب ته هن الله جي اهڙي صورت من ۾ ويهاري جو پاڻ کي گويا ڏاند جي صورت ۾ ڏسڻ لڳو. هو ذڪر فڪر ڪجهه

ڪو نه ٿي ڪري سگهيو پر هن اتي پنهنجي عشق واري شيءِ مان آن سان هيڪڙائي حاصل ڪئي. اهڙيءَ طرح هي دنيا جون شيون سڀ بهانا آهن. انهن جي معرفت به اها هڪ شيءِ حاصل ٿي سگهي ٿي جنهن جي اسان جي آتما کي لوڙ آهي. هاڻي نرمل کي به پاڻ کان اهو سوال پڇڻو آهي ته ڪهڙي شيءِ يا ڪهڙو ڪم ڪيس سڀ کان پيارو لڳي ٿو. پوءِ آن کي چهٽي وڃي ۽ آن سان پنهنجي آتما جو مقصد حاصل ڪري!

* * *

١٢-٣-١٩٦٤ع- ٻه ٽي ڏينهن ٿيا ته اسين ڪراچيءَ کان موٽي رهيا هئاسون. سام، مان ۽ هڪ اسان جو چڱو ڪرو گڏ هوا سين. سا گڏيءَ گاڏيءَ ۾ ڪوٽڙيءَ کان گرامي صاحب اچي ويٺو. اڳ هڪ ڀيرو سان ڏٺو هئا نه ٿي هئي جيتوڻيڪ هڪ ٻئي جي ادب کي ڪم مان ڪجهه قدر واقف هئاسين. گرامي صاحب سنڌ جي مشهور رسالي ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر آهي.. اسان کي هرو ڀرو اها اميد ڪا نه هئي ته هو ايتري قدر اسان جي ڪم مان واقف هوندو! پر هن صاحب اسان کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو جو نه فقط سام جي غزلن جو بيان ڪرڻ لڳو مگر منهنجي ڊائريءَ ۾ ڪيترين ڳالهيون بيان ڪيائين جيءَ طرح ياد هيس. چيائين ته مون پنهنجي آفيس واري پٽيوالي کي چئي ڇڏيو آهي ته ٻي ڪابه شيءِ ميز تان هيڏي هوڏي ٿي وڃي ته حرڪت نه آهي پر ڪنهن به صورت ۾ ”رهاڻ“ رسالو جنهن ۾ اسان جي ڊائري ۽ ”ديوان سام“ شايع ٿيندا آهن، هميشه ميز تي منهنجي سامهون رهي.“

حال احوال پڇندي جڏهن معلوم ڪيائين ته اسين ڪراچيءَ زمين جي ڪم سان ويل هئاسين تڏهين هو

تعجب ۾ اچي چوڻ لڳو "توهين سام صاحب کي زماني جا ڪم ڏسي وڏو جرم ڪريو ٿا. هن کي ڇڏي ڏيو ته ويٺو اسان لاءِ غزل لکي ونڊر پيدا ڪري؛ دعائون گهري. زماني جي ڪمن کان کيس بلڪل فارغ ڪري ڇڏيو!" مون کي سندس اکر ٻڌي بيحد خوشي ٿي، خاص ان ڪري جو ڏٺم ته اسان جو ڇوڪرو جيڪو اسان سان هيو؛ جنهن جو من آشرم جي مشغولين سان پوريءَ طرح ڪين لڳندو هو؛ ڪڏهن ڪڏهن وڃان، وڃان پيو ڪندو آهي، سو پڻ صدق ۾ اچي ويو. آن ڳالهه ۾ فخر ونڻ لڳو ته اسان جي دادا سائينءَ جو ٻاهر ڪيترو قدر آهي. سچ چيو اٿن ته گهر جو پير چلهه جو مارنگ. جيتري قدر منهنجو واسطو آهي، مون ته گويا پنهنجا ئي خيال گرامي صاحب جي واتان ٻڌا!

* * *

١٣-٦-١٩٦٦ع - گذريل رات هڪ هندو فقير سيوهڻ جو سام سائينءَ سان ملڻ آيو. سائين ڳالهائيندي جهوڪ جي مشهور فقير نصير جو ذڪر نڪتو. سام چيو: "فقير نصير وڏو گياني هو. اڻپڙهيل هو مگر اهڙو سندس اکرن ۾ تاثير هو جو وڏا پروفيسر ۽ پرنسپال، ڪامورا ڪراچيءَ ۾ اچي سندس اڳيان ويهندا هئا ۽ سندس گيان جا نڪتا ٻڌندا هئا."

ان هندو فقير ٻڌايو ته هينئر سندس مقبري تي ڪم هلي رهيو آهي؛ سام کان پڇيائين ته اوهان ڪڏهن جهوڪ شريف جي ميلي تي آيا آهيو؟

سام چيو: "اسين گهڻو ڪري ميلن تي ڪونه ويندا آهيون، نه درگاهن ڏسڻ جو خاص شوق آهي، جيتوڻيڪ آتي ٻه صوفيءَ جو سفر آهي. ڪڏهن موج پوي ته سفر تي نڪربو آهي. درحقيقت سفر سڄو پاڻ ۾ سمايل آهي؛

پنهنجي صورت ڏي ڏسڻ هرجاءِ پسون. جيئن آرسيءَ ۾ منهن ڏسڻ سان پاڻ کي خوشي ٿيندي آهي، تيئن وحدانيت وارو به ڪثرت جي آرسيءَ ۾ پنهنجو ئي منهن ڏسي خوش ٿئي ٿو. هيءَ هڪ ٿي ليلا آهي؛ ڪڏهن سيوهڻ شريف ڪڏهن ڪنڊڙي شريف ڪڏهن درازين ڪڏهن گنگا ۽ ڪاشي ته ڪڏهن مڪي مديني وڃي ٿو پاڻ پسي؛ اهڙا سندس خوشي آهي. ورنه ضرورت ڪجهه ڪانه اٿس جو ڪيڏانهن وڃي؛ پنهنجي سيني ۾ سڀ ڪجهه سمايل آهي."

* * *

١١-٥-١٩٦٤ع - گذريل رات اسان جي گهر جي اڳيان اڱوا ئي محرم جو ماتم ٿي رهيو هو. سام اوڏانهن ڏيان ڇڪائي چيو: "هي به عبادت جو نمونو اٿوَ. اهڙيءَ طرح ٻين مذهبن ۾ به اهڙا نمونا عبادت جا آهن جن ۾ هٿ پير هلائڻا پون ۽ جوش جنون هجي؛ مثال طور هندو فرقي ۾ نانڪ جي پوڄا ڪندڙ مون ڏٺا آهن جي جوش مان هڪلون ڏيئي ۽ هٿن جا اشارا ڪري نانڪ جي مورتيءَ کي گويا جاڳائيندا آهن! اهڙيءَ طرح يهودي جيرو سلم ۾ رودن واري پٽ wailing wall تي وڃي روئڻ جا مظاهرا ڪندا آهن. پر جڏهن گيان جي درشٽي وڌي ٿي تڏهن هٿ پير هلائڻ يا عبادت ۾ ڪُندڻ ۽ جوش ڀريا جنون جا مظاهرا ڪرڻ ضروري نه ٿو سمجهجي؛ تنهن ڪان پوءِ آهن جپ تپ ذڪر وغيره. اڇا اڳيرو هلي عابد ڏسي ٿو ته ڪنهن زباني ذڪر يا جپ تپ وغيره جي به ضرورت نه آهي ۽ پوءِ ماٺ ميٺ ۾ اندر جو اندر ۾ خيال يا نقش جي ٽيڪ وٺي 'عبادت' ڪري ٿو. مگر اڃا به اڳتي هلي آخر تصور جي ٽيڪ به ڇڏي ٿو ڏي. 'اوهم' 'سوهم' يا ذڪرِ ذاتيءَ جا طريقا اختيار

ڪري ٿو. آخر ائين ٿو سمجهجي ته الله سان ڪا به اٽڪل ملي ڪا نه ٿي سگهي. محبت واري هيڪڙائي ۾ مان اها وجداني حاصل ٿئي ٿي، جنهن ۾ اٺ ويهڻ، ڪانڍ، جا طريقا خود عبادت ٿي پون ٿا، يعني هر ڪار ۾ هر خيال ۾ الله کي اثبات ڪري ٿو. هن منزل جا ماڻهو به سڀني مذهبن ۾ ملن ٿا."

* * *

٢٨-٥-١٩٦٤ع - ڪالهه (؟) جواهرلال جو مرتيو هندستاني وقت موجب ٢ بجي ڌاري ٿيو. صبح جو چانهه پيئڻ کان پوءِ سام پنهنجي ليکي گهر ۾ ۽ مان پنهنجي ليکي اسپتال ۾ ڪو اثر محسوس ڪري رهيا هئاسين، جيتوڻيڪ اهڙي خبر اڃا ڪو نه ملي هئي. گهڻي وقت کان پوءِ ريڊين تي خبر پئي ته پنڊت نهرو بيمار آهي. هميشه ڪنهن جي بيماريءَ جو ايترو اثر ڪو نه ٿيندو آهي ڇالاءِ جو بيماري پيئي انسان کي ٿئي پر هن پيري الاجي ڇو اندر ۾ اهو خيال هيو ته ڪا ڳوري ڳالهه آهي. ١ بجي ڌاري مٿي چڙهيس ۽ پاڻ به دعا گهريم ۽ سام کي به چيم ته دعا ڪر ته هي انساني آزاديءَ جو نيتا زنده رهي. پر سام جي واتان اڪر دعا جو ڪو نه نڪتو. مون کيس چيو ته هن پيري شايد حالت ڳري آهي جو ٿوهان کان دعا جو اکر به ڪو نه ٿو نڪري. سام چيو برابر اهڙو ڪو اثر صبح کان وٺي دل من تي رهي ٿو. ڪجهه دير بعد ريڊين تي سندس مرتيوءَ جي خبر آئي، مگر اسين ته ڇهه اڳ ۾ ئي اهو خيال ڪري رهيا هئاسين. سام چيو ته وڏن آتمائن جي اڇڻ ۽ وڃڻ جو اثر ڪڏهن ائين پڄي ويندو آهي تولي جو اسين انهن سان هم خيالي نه هجون.

تنهن کان پوءِ ارٿيءَ سان جيڪو سرگس نڪتو

ان جي ڪارروائي ۽ جو احوال ريڊيو تي ٻڌو ويسين ۽ هو ڏانهن ڏڪرائڪ ورتيو، هو ڏانهن شاهانو شان شوڪت جو نظارو! ان جو ويچار ڪندي سام چيو: ”ڏسو هي موت ۽ حياتيءَ جي گويا پاڻ ۾ لڙائي آهي. موت ڏڪ هڻي هڪ وڏو ڪونڌر ڪيرائي وڌو پر حياتيءَ ان مان زندگيءَ ۽ روحانيت جو مصالح ٺاهيو! هي هڪ حياتيءَ جو عجيب نظارو چئجي يا موت جي مٿان فتح چئجي!“

مون چيو: ”اها ڳالهه ڪولي ٻڌايو.“ سام چيو: هڪ پاسي جيئن ريڊيو تي ٻڌءِ، غم جا بادل ڇانئجي ويا آهن، پر ٻئي پاسي نظر ڪر ته حياتي انهن مان پريم ۽ گيان جون بوندون برسائي رهي آهي؛ لکين ڪروڙين دليون پريم سان آباد ڪري رهي آهي! ماڻهو جيڪي ارٿيءَ سان گڏ وڃن ٿا انهن جي دلين ۾ سچ ۽ شيوا جي آدرش لاءِ ڏس ته اڄ ڪيڏي نه محبت وڌيل آهي. ڪن ارادا ڪيا هوندا ته اسين ٻه جواهر ٺاهيا سين، يا ان جي راهه وٺنداسين. وري هي عجيب ڳالهه ڏس ته اسان جي پاڪستان گورنمينٽ ۽ ٻين ڪيترين مخالف راين وارين پارٽين، ادارن، جماعتن ڪيڏي نه فراخ دليءَ سان همدردي ظاهر ڪئي آهي! هو ڏانهن وري ملڪ مٿان سندس خاڪ جي ڇٽڻ جو اعلان يعني ان جو ذرو ذرو پنهنجي ملڪ ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ ڪم اچي سو به ڏيکاري ٿو ته نه فقط جيئري انسان ذات جي خدمت بعد پر مئي پڄاڻان خود ان جي مٽيءَ سان موت روحانيت جو اتساه جاڳائي سگهي ٿو.“

* * *

٢٩-٨-١٩٦٤ع - اڄ ٿڌڙي آهي. پهريون خيال ڪرشن جي جنم جو ٿي من ۾ اچي ٿو. سام جي اچوڪي

هڪ مترڪ ڏانهن لکيل خط مان هيٺيون به ٽي سٽون ترجمو ڪريان ٿي: "سچ پچ ته زندگيءَ جو مزو پوري ريت تڏهن حاصل ٿئي ٿو جڏهن حياتي ايشور جي هڪ ليلا سمجهي انهيءَ ۾ پنهنجو پارٽ پوريءَ طرح ادا ڪجي ٿو. ڪرشن اسان جي دلين ۾ وري وري نئين سر جنم وٺي ٿو، جتي سندس مرلي اچان پيي پريم پريون لاتيون مٺائي ٿي: چوي ٿي اي انسان اٿ! سندس پريم جي آلاپ ٻڌ! منجهس ئي سارو مٺاس جيون جو سمايل آهي."

اچو ڪي ڏينهن مون به وري ٺئون ارادو ڪيو آهي ته مان به ان ليلا ۾ پنهنجو پارٽ دل وجان سان ادا ڪندس. پنهنجي پڻ آدرش ۾ هي به هڪ ڪم مون پاڻ تي هموار ڪيو آهي ته هن "جيتامڙي جي ڊائريءَ" وسيلي سام جو ۽ هن صوفي ست سنگ جو سنيهو جيترو ٿي سگهندو دور دور پهچائيندي رهندس. ڏي مهينا سچا سارا هن ڊائريءَ کي ڇڏي ٿي ويا جو ڏيکاري ٿو ته مان ڪيتري قدر وري سست ٿي پوان ٿي؛ پر انهن ٽن مهينن مان ڏيڍ مهينو ته سام خود ٻاهر رهيو هو. انهيءَ موقع بنسبت به ٿورو احوال هت ڏيڻ واجب نظر اچي ٿو. وڃڻ کان اڳ سام چيو هو ته تون پيسي ڪمائڻ يا بچائڻ جي ڪنهن ڳالهه جو خيال نه ڪر؛ جيڪڏهن ٽوڪي به پنهنجن مائٽن وٽ هندستان هلڻو آهي ته ڪجهه ڏينهن لاءِ هل. مون سان گڏجي مسافري ڪر، جو اڪيلائيءَ ۾ پنهي ڌرين کي گهڻيون دشواريون پيش اچن ٿيون؛ حالتن ڦرندي ويرم ئي ڪانه ٿي ٿئي؛ وري وري ڏنو اٿئون ته جڻ وچ ۾ درياهه وهي ٿا وڃن؛ ڪڏهين ڪٿي پوسٽل اسٽرائيڪ آهي ته ڪڏهين خطن جي اچ وڃ ئي بند آهي؛ ڪڏهن ليٽوائي ٿيون نڪرن ۽ ڪڏهن ٻيا سبب ٿا بڻجن. جنهن ڪري

هڪ ڀئي جو احوال ڪو نه ٿو ملي. نه ئي وري هڪ ڀئي کي اهنجي سهنجيءَ ۾ جيڪر پهچي سگهجي. مون کي هي انديشا سام سا هروڀرو اهڙا نظر نه آيا جو انهن جي ڪري تڪڙي تياري ڪري ساڻس گڏ گهمڻ هلان، مگر جلد ئي حالتون اهڙيون بڻيون جو ڪراچيءَ ۾ پوسٽل اسٽرائيڪ (Strike) ٿيو، هوڏانهن سام ڪي بمبيءَ ۾ ٽپال ملڻ جي پوري سهولت ڪا نه هئي، جنهنڪري ٻنهي طرفان ڪيتري انتظاري پيدا ٿي وئي. منهنجو لکيل خط ٻارنهن يا تيرهن ڏينهن بعد مس پيو سام کي پهچي. نه مان هن جي پروگرام مان واقف، نه هن کي خاطري پيئي ٿئي ته ڪو مان دهليءَ انجام تي پهچي سگهندس. سام چيو ته دل چوي پئي اجايو ٿو دهليءَ وڃين؛ اول سرلا پهچي وڃي ته پوءِ هتان نڪر هي. پر ٽڪيٽ جو ريزرويشن اٺ ڏينهن اڳ ۾ ڪرڻو ٿي پيو. چاليهن ڏينهن جي ڪوشش بعد مس مس دهليءَ جو ويزا وٺي هو منهنجي پروگرام واري ڏينهن دهليءَ پهتو. اتي پهچڻ کان اڳ، سندس چوڻ موجب، ڪيس هڪڙو درشيه ڏسڻ ۾ آيو جنهن ۾ ڏٺائين ته گاڏي دهليءَ پهتي ۽ دهليءَ ۾ گول چڪر هڻي وري اڳتي رواني ٿي ويئي! هتي نوٽ ڪرڻ جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته جنهن گاڏيءَ ۾ سام پهتو اها ئي ساڳي گاڏي دليءَ مان نڪري سر امرتسر کان لاهور ايندي آهي. مون کي لاهور کان پوليس ۽ پاسپورٽ وارن واپس ڪري ڇڏيو جو نئون قانون نڪتل هو ته پاڪستان مان No Objection جو سرٽيفڪيٽ وٺي پوءِ نڪرڻ گهرجي. آهي پئي ڏينهن مان هن طرف پريشانيءَ ۾ ته سام هن طرف انتظاريءَ ۾ هيو. چڻ ته سچ پچ سندس خيال وارو درياهه اسان جي وچ مان وهي ويو. آخر تارون، ٽيليفون Trunk Call وغيره ڪري هڪ ٻئي سان ڳالهايوسين ۽ سام انهيءَ گاڏيءَ

۾ Reservation ونـي پئي ڏينهن لاهور طرف کان موٽيو. پوءِ سندس ڏنل درشيه جي ڳس ياد آئي جو دهليءَ ۾ پهچڻ کان اڳ ڏنو هئائين؛ هيڏانهن مون کي سندس اڳ چيل لفظن جي ياد آئي. ان ڪري مون ارادو ڪري ڇڏيو آهي ته اڳتي اهڙي چوڪ کان نه ڪندس ۽ پنهنجي عقل تي نه ياڙيندس!

* * *

٣٠-٨-١٩٦٤ع - اڄ ڪالهه چون ٿا ته ڪوجنا هلي رهي آهي ته انترگيان Telepathy جي ذريعي ڪنهن دور ديس ڪيئن يقيني طور سنيها پهچائجن. اهو سوال به ويچار ۾ آهي ته چنڊ تي چڙهڻ کان پوءِ انترگيان جي شڪتي (Telepathy) ڪارگر ٿيندي يا نه. اهڙن سنيهن پهچائڻ لاءِ اڳي مون هن ڊائريءَ ۾ سر آليور لاج جي آزمودن جو ذڪر ڪيو آهي. سام ان بابت هيئن چيو: ”ٽيليپيٿي Telepathy ۽ ڪلئيرو اينس Clairvoyance جهڙيون طاقتون روحاني طاقتون آهن جن جو علم ۽ عقل سان ڪو واسطو ڪو نه آهي. اهي به هرو ڀرو نه آهي ته ڪو آهي پرماتما سان پهتل شخص کي ئي حاصل ٿي سگهن ٿيون؛ مگر اهين ضرور آهي ته جن ۾ ستوگڻ وڌيڪ رهي ٿو انهن ۾ اهي طاقتون سهنجائيءَ سان ظاهر ٿين ٿيون. خيال جو گهوڙو (اڄڪلهه ان کي خيال جي بجلي چوڻ گهرجي) سڀ کان تيز آهي. انسان ان طرف توجهه گهٽ ڏئي ٿو ورنه ستي گڻ وارا اڳ ۾ گهڻو ڏسي ٻسي سگهن ٿا. ستي گڻ وارن جي هڪ نشاني اها آهي جو هو دک سک کي هڪ ڪري سمجهن ٿا ۽ ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي خيال کان ٿڙن نه ٿا.“

انهن جي آزمودن پڏندي مون کي به تازا مثال ياد آيا جي مون سام کي ٻڌايا ۽ انهن بابت وڌيڪ

سمجهائي ڪانئس طلب ڪيم.

سام چيو: ”جڏهن توجه ڪنهن خاص ڳالهه ڏانهن گهڻو ٿيندو آهي تڏهن ڄڻ ته ڄڻ گويا هي وجود سارو خيال ۽ احساس سميت، سوچ ويچار جي صورت وٺي انهيءَ شيءِ جي ڳولها ۾ چٽڪ پاڻ کان ٻاهر نڪري ويندو آهي ۽ انهيءَ رڪن ۾ ائين سمجهندو آهي ته اهي شيون ئي فقط ضروري آهن جنهن ڪري ٻين حقيقتن کان پري ٿي وڃي ٿو. خيال ان وقت گهبرايل رهي ٿو، پر جڏهن من وري شانت ٿئي ٿو تڏهن آهي سڀ شيون پوري انداز ۾ نظر اچن ٿيون ۽ خاص طلب واري ڳالهه پڻ سچي روپ ۾ اکين اڳيان ايري اچي ٿي.“

اڄ ڇا ٿيو جو سام جي ٻن جوڙن چمپلن مان هڪ جوڙو ٿئي پيو. ٻئي جوڙي جي ڳولها ڪئي وئي پر ڏسڻ ۾ ڪو نه آيو. اسان جي پٽيوالي جنهن جي هٿان اها گم ٿي، ان به ڳولا ڪئي. مگر جلد ئي سام ڳولها بند ڪئي ۽ ان پٽيوالي کي به چيائين ته مان سمجهان ٿو اها شيءِ هت ڪا نه آهي؛ تو ڪنهن موچيءَ کي ته ڪا نه ڏني آهي؟ وڃي پڇا ڪر! پٽيوالو چوڻ لڳو ته مون کي ڪو نه ٿو سجهي ته ڪنهن موچيءَ کي ڏني اٿم. اهو موچي اسان جي رستي تي ويٺو هو جتان هر روز اهو پٽيوالو گهڻائي پيرا ڏينهن ۾ ايندو ويندو آهي. سام جڏهن ڪيس گهر مان ان موچيءَ ڏانهن روانو ڪيو تڏهن موچيءَ به پري کان هن ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين ته چمپل اچا نه کڻندين ڇا؟ هاڻي انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪريو ته ڇو اوچتو انهيءَ موچيءَ پٽيوالي کي سڏ ڪري چمپل لاءِ چيو، عين انهيءَ وقت جڏهن هو پاڻ چمپل جي پڇا ڪرڻ ٿي ويو؟ سام چيو: ”ان مان اِنو مان ڪجي ٿو ته اسان جي خيال وڃي ان موچيءَ جي خيال کي جاڳايو، نه ته ان جي بي ايماني هجي ها

ويسر هجي ته اُها حالت بلڪل ساڳيءَ گهڙيءَ ايڏيءَ مدت کان پوءِ ڪيئن ٿي اوچتو ختم ٿئي!"

هيو مثال ڪجهه عرصو اڳ جو آهي جڏهن هڪ نوڪرياڻي سام جي رلهي ناهيندي، ڪي ڪپڙي جا ٽڪر گم ڪيا هئا. مون ضد گهڻو ڪيو ته آهي ٽڪرا انهيءَ رلهيءَ ۾ ئي وڌل هوندا ۽ ان نوڪرياڻيءَ پڻ يقين ڏياريو ته سندس ڏيءَ ئي اهو ڪم ڪندي آهي؛ ڪنهن ڪجهه ٽڳايو ڪو نه آهي. انهيءَ نوڪرياڻيءَ جي جاءِ جي سام يا مون کي ڪا خبر ڪا نه هئي. پر سام جو خيال سنجها جي پريئر کان پوءِ وري اوچتو انهيءَ ڳالهه ڏي وريو ۽ ان نوڪرياڻيءَ کي چيائين ته مائي نون ڪوڙ ٿي ڳالهائين! تنهنجي گهر ۾ اوپر واري پٽ کان جيڪو جارو آهي انهيءَ لڳ قرآن شريف جي هيٺان ٿي هيٺان آهي ٽڪرا پيا آهن جي ڌيٺي پارن لاءِ ڪڍي رکيا آهن!

انهيءَ مائيءَ کي گويا ڏڪڻي وٺي ويئي ۽ وڃي ڪپڙي جا ٽڪر ڪڍي آئي. تصديق ڏنائين ته برابر ساڳيءَ جاءِ تي رکيل هئا. سام نه جارو اڳ ڏٺو هو، نه وري اسين ان جاءِ ۾ اندر ڪڏهين ويا هئاسين.

انهيءَ واقعي جي سام سمجهاڻي ڏيندي چيو: "ان وقت، عقل ويچار يا دليل بازي ڪم ڪو نه ڏيندا آهن. جيڪڏهن ڪو خيال ڪنهن شيءِ ۾ وڃي اٽڪي ٿو ته ان سان هڪ قسم جي وجودي هيڪڙائي پيدا ٿئي ٿي؛ ٻين لفظن ۾ چئجي ته پنهنجو وجود خود انهيءَ شيءِ ۾ يا ماڻهوءَ ۾ وڃي واسو ڪندو آهي ۽ اها شيءِ يا ماڻهو اکين آڏو ٿي بيهندو آهي. هي تجربا Clairvoyance ۽ Telepathy جي حد اندر اچن ٿا پر انهن جو آتمڪ اڀياس سان ڪو واسطو ڪو نه آهي."

پهرين هيءَ ڳالهه جا مان هيٺ بيان ڪريان ٿي، سا

يڪوجوديءَ مجهان پيدا ٿيندڙ ڪنهن طاقت جي هڪ ڪرامت چئجي يا انهيءَ يڪوجوديءَ واري احساس مان فقط اڳواٽ ايندڙ هڪ اعلان چئجي، سو فيصلو مان پڙهندڙن تي رکان ٿي.

ٿورا ڏينهن اڳ سخت گرميءَ سبب مون کي مونجهه ٿيڻ لڳي؛ مان پريشان ٿي سام کي چوڻ لڳس ته هوا ڪول! هن چيو پنهنجي وقت تي پاڻهي ڪلندي. مگر منهنجي بيقراري وڌندي رهي ۽ مان سام کي ساڳيائي اڪر چوندي رهيس: هوا ڪول نه ته بچڻ مشڪل آهي! ان وقت اسان جو دوست پير رانجهن ۽ پنهنجي ٽولي وارا فقير پڻ ويٺل هئا. پير رانجهن چيو اڄ هوا جو ڪلڻ مشڪل آهي جو آسمان ۾ ڪڪر آهن؛ ٻه راتيون ۽ ٻه ڏينهن ساڳئي حالت رهي آهي، مگر هوا جو هڪ جهلڪو به ڪٿان ڪو نه ٿو اچي! هو ڏانهن مچر به خوب پٽڻ لڳا. مون بلڪل ٻاڏائي طلب ڪئي ته هي رام! هوا ڪول نه ته ماڻهو مري ويندا! منهنجي پريشاني ڏسي سام جو سارو وجود جنبش ۾ اچي ويو؛ منهنجو هٿ وٺي چيائين: ڇگو دلجاءِ ڪر؛ پريشان نه ٿيءُ، هوا کلي ٿي! مان چپ رهيس. تڏهن ٻيو دفعو چيائين ڌيرج ڪر، هوا ضرور ڪلندي! انهيءَ ٻي منٽ اندر وڻ چرڻ لڳا ۽ تڏي هير ذري گهٽ طوفاني صورت وٺي اچي ڏکڻ اوڀر کان لٿي. اسان سڀ ويسوريءَ ۾ پئجي وياسون. سام چيو: ”سڀ تت آتما ۾ سمايل آهن ۽ آتما پرماتما ۾ سمايل آهي. در حقيقت ڪا شيءِ ڪنهن کان جدا نه آهي؛ انسان جيڪڏهن يڪوجوديءَ سان طلب ڪري ته آها ضرور پوري ٿئي ٿي. مگر اها يڪوجودي خيال جي پنهنجي غرض وارين طلبن ۾ پيدا ٿي ڪو نه ٿي سگهي؛ پر اُپڪار لاءِ يا پريم وچان جيڪڏهن اها يڪوجودي خيال جي پيدا ٿئي ٿي ته انهيءَ

جي اکيان کان به رنڊڪ نه ٿي اچي. هيءَ ڪا ڪرامت ڪانه آهي، مگر سمجهو ته خيال کي، چٽ چٽ کي وچي ڇا ڳايو، جنهن جي حڪم ۾ سڀ عناصر رهن ٿا."

مان به ڪي ڪرامتون هت بيان ڪري ڪو نه رهي آهيان، مگر اسان جو گهر هڪ خيال جي ليبارٽري آهي؛ اڄ ڪالهه جڏهن وڏن سرڪارن جا جنگي ڪاٽا به اهڙين ڪوڙنائن ۾ لڳل آهن تڏهن هي ماجرائون بيان ڪيل ڪنهن وهم، پوچا جي خيال يا اند شرڌا مان پيدا ٿيندڙ ڳالهيون ڪري سمجهه نه گهرجن؛ پر صاف سچا واقعا انسان جي خيالي جي طاقت جا ڪري سمجهڻ گهرجن. مون آهي هت پيش ڪيا آهن ان لاءِ جه اهڙيون ڳالهين کان اڄ ڪلهه انسان جو خيال ڦري ويل آهي؛ پيٽ جي پوچا ۾ انسان پنهنجي سچين طاقتن کان وڇڙيل آهي. اڄ ڪالهه اسين حرص جي حيرانيءَ ۾ آهي طاقتون پنهنجون وڃائي ويٺا آهيون. هنن تازن مثالن پيش اچڻ ڪري ٿي منهنجو خيال آن ڳالهه ڏانهن وڃي رهيو آهي ته ڪجهه وقت ڪنن ڊائري ڇڏي ڏيڻ ڪري مان ڪيترا خزانا خيال جا وڃائي رهي آهيان!

* * *

سوامي رام ڪرشن پرمهنس جي حياتيءَ مان ٿورڙيون سٽون مون سام کي پڙهي ٻڌايون. سام چيو: "سري رام ڪرشن جي ڪهڙي نه سندر حياتي هئي! هو جو ڏينهن ايشور جي وارتا ۽ رام نام جي ڌن پيئي هلندي هئي؛ هن سنسار ۾ سڀ ڪجهه موجود آهي؛ جيڪو جيڪا شيءِ دل سان چاهي ته پائي آخر گولهي لهي ٿو. ڪو پيٽ پالنا ڪو ڏنڌي جي انتظاريءَ ۾ ڪو شعر و شاعريءَ ۾ ته ڪو رام نام جي گان ۾ وقت گذاري ٿو." تنهنجي هڪ ڳالهه ياد ايندي آهي جا تو گرن جي

ڪتابن مان پڙهي پڌائي هئي، ته پرشاد جو ٿالهه جڏهن کليو تڏهين صدق وارن کي پرشاد ٿي نظر آيو ۽ پاڪندي جيڪي دربار ۾ وينا هئا، انهن کي ساڳيو ئي پرشاد اپوتر ماس ٿي نظر آيو. اهڙيءَ طرح هي سنسار ۽ هي جيوت سچو ايشور جو پرشاد آهي؛ هر ڪو پنهنجي چاهنا موجب ان جو مٺاس ماڻي ٿو!"

ڪالهه اسان جو پٽيوالو ڪجهه اڍنگي نموني هلت ڪرڻ لڳو جنهن ڪري کيس ڪڍي ڇڏيوسين. هو سام کي پنهنجو مرشد ساٿين ڪري سڏيندو آهي ۽ سام کيس چڱيون سمجهاڻيون ڏيندو آهي. گهڻو حالتن مان ناراض ٿي هڪ ڀيري سمهيو هو ته ٻار ٻاڻ ماريندس، ٻالڪو گهر موٽي ته ماري ٻارسن. کيس اولاد ڪانه آهي؛ سام جي سمجهاڻيءَ تي ٻاز آيو ۽ انجام ڪيائين ته فقيرن سان ورونهن ڪري پاڻ وندرائيندس ۽ وري اهڙا خون خواريءَ جهڙا خيال دل تي نه آڻيندس. ڪالهه کيس اڍنگي هلت ڪرڻ کان پوءِ وري پڇتاءُ ٿيو جنهن ڪري پاڻهي موٽي آيو. سام کي ڀاڪر پائي سندس پيرن ۾ ڪري ڪجهه دير تائين روئڻ لڳو.

سام کيس هيءَ سمجهاڻي ڏني: "اهو پڇتاءُ ۽ اهي خيال پڪا ڪر. جڏهن پارو ٻاهن ۾ ساڙي پڪو ڪبو آهي تڏهن آن سان ڪيميا ڪندا آهن ۽ پڻ ٻئي دوا ۾ ڪم ايندو آهي. سٺا خيال گويا روح جي ڪيميا آهن. اسان جو من ڦرڻو گهرڻو آهي. وري وري ڏڏي لڏي ٿو وڃي ۽ ڏڳ مان ڪپ هليو ٿو وڃي. هر جرم جو داغ پڇتاءُ سان ڌوپي وڃي ٿو. مگر ائين چئي دل کي دلاسو ڏيئي ويهي رهڻ نه گهرجي. ڪلو شش ڪجي ته اهو سٺو ڀاو هميشه قائم رهي. اتي ئي خيالن جي جيت هار جو فيصلو آهي."

٣-١٠-١٩٦٤ع - سام جڏهن دهليءَ کان واپس آيو تڏهن دهليءَ ۾ پنهنجي ٻارن ۽ منهنجي ڀيڻ کي اٿين ڇڏي آيو ته مان سمجهان ٿو ڪجهه مڙيو ٿي لاڙ ڪائي ۾ ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري مون کي ترت واپس وڃڻو آهي. ان وقت شايد سبب اسان جي هالوڪن تڪليفن جا جڙي رهيا هئا. هڪ طوفان آسمان ۾ چڙهڪ وڌي رهيو هو، جو نظر کان اڃا اڪل هو. هڪ ضدي ۽ تعصب سان ڀريل ڪاموري جي اڳواڻ رتيل ٻرن ارادن جو اهو هڪ طوفان هيو. ڏسجي ٿو ته اهو پنهنجي ساٿين سنگتين جي صلاح سان پڪو ارادو ڪري ويٺو هو ته پنهنجي هڪ عزيز ڇوڪري، جا ڊاڪٽريءَ جو امتحان ڏاڍو پاس ڪري آئي آهي، سا ڪيئن به ڪري منهنجي جاءِ تي آئي. ان لاءِ هن عجيب و غريب طريقن سان ويهي گهاٽ گهڙيا ۽ گهڻيون مشڪلاتون منهنجي راهه ۾ وڌائين، ڪجهڙوڪ مونسان وفادار ملازمن جي بدلي ڪرائڻ، ڪن کي نوڪريءَ مان ٿي ڪڍائي ڇڏڻ ۽ انهن جي جاءِ تي ٻيا لچا ماڻهو رکائڻ جن کي ڏاهه مليل هئي ته منهنجي چوڻ ۾ ڪين هلن، مگر جاسوس ٿي رهن؛ ۽ گهر ۾ عام طور مڙدن جو اچڻ ان لاءِ بند ڪرڻ ته جيئن خود سام جي اچ وڃ تي بندش پوي ٿوٽي جو مڙدن لاءِ جدا لنگهه ٻئي پاسي کان هيو. سندس مطلب اهو هو ته اسين جاءِ خالي ڪري وڃون. انهن قدمن جو نتيجو اهو نڪتو جو پند رهن ڏينهن گرڌاري ۽ سام گهر ۾ ويهي رهيا ۽ ٻاهرين ماڻهن سان ملاقات گهڻو ڪري ڪڙڪين تان بيهي ڪندا هئاسين؛ پاڇي پٽي ٿوڪريءَ ۾ وجهي رسي ٻڌي انهيءَ سان مٿي ڇڪي وٺندا هئاسون. اسان جو هڪ غريب ڪرستان ساٿي J. W. Stewart جو پنج-ويهن سالن کان سام جو مهمان ٿي رهيو آهي آهو بيماريءَ وقت پڻ بنا علاج جي بند رهيو، آخر جڏهن در کولڻ جي بدران زوريءَ هن

کي گهر مان ڪڍائي سول اسپتال ۾ موڪليو ويو، تڏهن ويچارو ٻن ٽن ڏينهن اندر ئي آتي مري ويو. پر برائي سندن انهيءَ تائين محدود ڪو نه هئي؛ هنن جون اهي ٻه رتون هيون ته اسان جو سامان سڙو اوچتو جاءِ مان ڪڍرايو وڃي. پيون پڻ اهڙيون غندا گرديءَ جون خبرون پيون ملن. مان انهيءَ وقت ٻن سببن جي ڪري گهٻرايل هيس:

پهريون خيال اهو هيم ته سام جي صحت تي متان ڪو اثر پوي، جيتوڻيڪ هن ائين ٿي چيو ته هي سٺو موقعو مليو آهي جو اسين 'چاليهو' رکنداسين، يعني چاليهه ٤٠ ڏينهن گوشي نشين ٿي رهنداسين! سام ائين به چيو ته هن وقت ٻاڻ کي ٻاهر نڪرڻ جو خيال به ڪو نه ٿو رهي، ڇالاءِ جو هن نموني دل جي تار پنهنجي سائينءَ سان ڳنڍجي رهي ٿي؛ ڪنهن ۾ سندس پريم جو نرالو مزو ملي ٿو. ٻيو مون کي اهو خيال هيو ته اسين هت ٿورائيءَ ۾ آهيون؛ هو ضدي ماڻهو ڪنهن به حد تائين وڃي سگهي ٿو. سندس ملازم جنهن هين مسٽر استوئرٽ کي زوريءَ ڪڍڻ آيا تڏهن سندن رخ سٺو نظر نه آيو. پر سام جي خيال کي ڪو به لوڏو ڪو نه هو؛ چوائين ته نوڪريءَ جي پرواهه نه آهي، پر هن نموني بزدل ٿي پيڇي وڃڻ ٺيڪ نه آهي. اڃا تائين اهو طوفان هلي رهيو آهي ۽ دوست ۽ دشمن جي پريکشيا ٿي رهي آهي. جن ملازمن ۽ ٻين کي اسان سان ڳنڍ تڪليف آئي آهي سي به ائين پيا چون ته هي الله جي آزمائش نه آهي مگر اسان جي صدق جي آزمائش آهي؛ هو پنهنجن ڀڳتن کي يعني سچ جي راهه وارن کي ضرور مدد ڪندو آهي، ۽ ضرور ڪا واهه ڪوليندو، پر اسان جي صدق جي اڄ پريکشيا آهي ته آپدا جي وقت اسين منجهس ڪيترو اعتقاد رکون ٿا.

اسان جو ڇوڪرو جيڪو گھڻو ڪري پنهنجي پيءُ يا ڪاڪي جي پيتي جي ڳالهه تان پيو رنج ٿيندو آهي، تنهن هيءَ سچو مهينو گهٽيءَ پاڻيءَ صبر ۾ گذاريو آهي، نه فقط ايترو پر ڪم اڳي کان پڻ ڏاڍو اچي مٿس پيو آهي، جو هو خوشيءَ سان پيو ڪري. اسان جي ملازمن جي بدلجڻ ڪري ۽ نئين ڪنهن ماڻهوءَ نه ملڻ ڪري ۽ موهن جي پنهنجي ڊنڊي لاءِ تياريءَ ۾ مشغول رهڻ سبب هيءُ ڇوڪري کي گهر ۽ باغ جي ڪمن وغيره ۾ ڪو به مدد ڪري نه سگهيو آهي. هڪ ڀيرو شاديءَ نه ڪرائڻ جي ڳالهه تي به رنج ظاهر ڪيائين پر آن وقت سام چيو: "هن آزمائش جي وقت اهي ڳالهيون ڪيتريون نه هلڪيون ۽ بي سود پيون لڳن!"

ائين ان ڳالهه جو گفتگو ٿي بند تي ويو. سام چيو: "ڏسو دک ڪيڏو نه حسين آهي، جو ڪچا خيال سڀني کان پلائي ٿو ڇڏي. هي ڇوڪرا نه فقط پر اسين سڀ پنهنجي اصلي روپ ۾ آيا آهيون؛ ۽ هن ڪاموري جي سختيءَ ڪري پيدا ٿيل ڪشش ۾ سچي ايڪتا حاصل ڪري پريم جو نرالو مزو ماڻي رهيا آهيون."

* * *

٢٥-١٠-١٩٦٤ع - گذريل مهيني ڪن جي تڪليفن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيل آهي. انهيءَ عرصي ۾ سام به پسند نه ڪندو هو ته ٻاهر نڪران جيستوڻيڪ موهن کي سندس صحت جي انتظاري رهندي هئي ۽ ڪيس چوندي هيس ته هن نوڪريءَ کان استيفا ڪڍي ڏجي؛ ائين ڏو مان جي صحت متان خراب ٿي پوي؛ ٻاهر نڪرڻ ضروري آهي! مگر سام چوندو هيو ته هن ڪشش واري وقت هڪ جاءِ ويهڻ سان نرالي يڪوجودي حاصل ٿئي ٿي. آتما جي تار گويا پرماتما سان ڳنڍيل رهي ٿي؛ ٻاهر نڪرڻ ۾ پاڻ کي به مزو ڪو نه ٿو اچي. انهيءَ وقت ۾ اسان جو

ٿيو. دوست ڊپٽي صاحب جنهن جو ذڪر اڳ هن ڊائريءَ ۾ آيل آهي، سو خاص موڪل وٺي اسان وٽ اچڻ وڃڻ لڳو. هڪ ڀيري مون کي چيائين ته، هيءَ توهان جي پريکشيا آهي؛ جي سچ تي آهيو ته ڪڪر پاڻهي هٽي ويندا. سام چيو ته اها ڳالهه بلڪل سچي آهي.

* * *

٢٥-١١-١٩٦٤ع - اڄ اهي طوفان گهٽي پاڳي دور ٿي ويا آهن. اسان جي پريکشيا پوري ٿي، مگر اهو ساڳيو ڪامورو اڃا اتي آهي. ٻڌجي ٿو ته ڪانئس پنهنجي هلت بنسبت ڪا ڇپا ڳاڇا ٿي رهي آهي؛ حال في الحال ته پنهنجي ابتن ارادن ۾ فتحيابيءَ جي اميد ڪانه اٿس. بند ڪرايل در وغيره وزير جي تار تي کولايا ويا؛ هينئر اسان جي اچ وڃ تي ڪا روڪ ڪانهي. تڪليف ٿي، مگر ٻيو اسان جو ڪجهه بہ ڪين ويو. گهر ۾ ايڪتا جو ڀاو وڌيل آهي؛ دوستن واقفڪارن ۾ يا عام ماڻهن ۾ جيڪو ذڪر اسان جي باري ۾ هليو تنهن مان ظاهر آهي ته هنن جي همدردي اسان سان آهي. اهو ڪافي فائدو آهي! شل هي آزمودا اسان ۾ سچ جي راهه ۾ اعتماد وڌائن!

* * *

٥-١٢-١٩٦٤ع - سام هندستان جي پاسپورٽ لاءِ درخواست ڏني آهي؛ انهيءَ ۾ ڪي مشڪلاتون ٿي پيون آهن. گرڌاريءَ سام جو اُن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو؛ چيائين شايد اوهان کي پاسپورٽ جو ملڻ اڻنجو ٿي پوي؛ فلاڻي ديوان وانگر آخر هي ملڪ ڇڏڻو پيو پوَ.

سام چيو: "ائين ڇو ٿيندو؟ اسان کهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

گرڌاريءَ چيو: "ڏوهه ثواب جو ته سوال ئي

ڪونه آهي. پر ڪا دشمني ٿي سگهي ٿي."

سام ڪلي چيو: "اسانجو ڪو به دشمن ڪونه آهي. پر جي اهڙو ناحق ڪنهن ڪيو ته ضرور حق جي ذات کي غصو ايندو. ان ريت فقير کي بند ڪرڻ ۾ ڪنهن کي به چڱائي ڪا نه رسندي. زمانا ڦري وڃن، نظام ڦري وڃن پر حق جا قانون هميشه اڻ ٽر آهن. فقير بند ٿيندا آهن ته به پنهنجي پلائيءَ لاءِ، ورنه انهن کي ڪير به بند ڪري نه سگهندو آهي."

گرڏاريءَ پنهنجي ڪنڌ ڌوڻ سان گويا شڪ ظاهر ڪيو، ڇو ته هن جو اعتقاد اهڙيءَ ڳالهه ۾ پڪو نه ٿيو ته هڪ حق پرست ماڻهوءَ جي ڪري ڪو قدرت جوش ۾ اچي سگهي ٿي. تڏهين سام ڪيس بادشاه غلام محمد ڪلهوڙي جي آڪاٽي ٻڌائي جا هيئن آهي: ڇو ته سنڌ پڙوسي دوست هڪ راجا جي ملڪ ۾ هميشه ڏڪر رهندو هو، تو ڙي جو ان راجا جي ملڪ ۾ پاڻي گهڻو هوندو هو. راجا هڪ درويش کي قاصد ڪري موڪليو ته تون منهنجي دوست کان هن ڳالهه جو سبب پڇي اچ ته توهان جي ملڪ ۾ هميشه سڪر آهي ۽ اسان وٽ هميشه ڏڪر آهي، ان جو راز ڪهڙو آهي؟ بادشاهه غلام محمد نياپو ٻڌنديئي حڪم ڏنو ته هن گستاخ فقير کي وڻ سان ٻڌي ڇڏيو. ڇو ته ان فقير جي رنج پا ڪمهريءَ ڪري ان باغ جو اهو وڻ سڪي ويو؛ جڏهن اها خبر بادشاهه کي پهتي، تڏهن هن فقير کي گهرايو ۽ کيس چيائين ته راجا صاحب کي وڃي چئو ته هڪ انسان جي بد دعا ۽ رنج ڪري ساڻو وڻ سڪي سگهي ٿو ته لکين ڪروڙين آدم جي آه و زاريءَ ۽ فريادن ڪرڻ جو اثر ڪهڙو ٿي سگهندو؟

سام چيو: هيءَ ڳالهه ڪٿي هڪ ڏند ڪٿا سمجهي وڃي پر ان ڳالهه ۾ ذرو به شڪ ڪونه آهي ته ناحق

ڏسي ذات حق هنبش ۾ اچي ٿي، خاص ڪري اهو ناحق جڏهن ڪنهن حق پرست سان ٿئي ٿو. اسان کي اميد آهي ته اهڙو ناحق هرگز ڪين ڪيو ويندو."

پاسپورٽ آخر ۾ سام کي ملي ويئي. اها ڳالهه مون کي ٻڌائيندي هن چيو ته گرڌاريءَ جو الله ۾ اعتقاد اچا ڪو نه آهي. جڏهن اسان روسي پٽڪ جي ڏس جي چاهنا رکي هئي ۽ ويٺي ويٺي اها سڌ ڪئي هئيسين ته سائين اسان کي به اهو لقاءَ ڏيکار، پوءِ سوير عصر جو پٽڪ اکين سان ويجهو اڳهندو ڏٺوسين؛ تڏهن به گرڌاري انهيءَ ڳالهه تي ڪليو هو ۽ اعتقاد ڪو نه ٿي ٻڌس ته ڪو اسان جي پرارٿنا ايشور ٻڌي هوندي؛ اڄ به هن کي اعتبار ئي ڪو نه پيو اچي جڏهن مون کيس چيو ته فقيرن کي ستائڻ ڏسي حق جي ذات جوش ۾ ايندي آهي؛ ان ڳالهه تي هو چند ڏينهن پهو ڪري."

گرڌاري مون کي چيو: "ممي، منهنجو دادا جي ڳالهين ۾ اعتبار گهٽ آهي؟"

سام کيس چيو: "تو اسان کي گرو ڪونيو هو مگر سچو گرو شرڌا آهي. هي وچن، هي ڳالهيون هن صوفيائي صحبت جون، جي دل سان هنڊائين ته امولڪ لعل آهن ورنه اعتقاد جي بنا هي ڪجهه به نه آهن. هڪ درويش جي ڳالهه آهي ته هڪ ان چاڻ وٽ وڃي مهمان ٿيو؛ ان ماڻهوءَ سندس ڏاڍي خدمت ڪئي؛ درويش راضي ٿي وٽس هڪ لعلن جي ڳوٿري ڇڏي ويو. هن غريب کي اها خبر نه هئي ته لعل ڇا ٿيندا آهن. هن اهي چلڪنا ڳلا سمجهي ٻهار هڪليندي ٻڪين کي هئي ڇڏيا؛ جڏهن آخر هڪ لعل وٽس وڃي بچيو ۽ اهو پنهنجي ڪانيائيءَ ۾ وڌائين ته هڪ لانگهائو جواهريءَ ڏسي ورتو ۽ چيائينس ته اهو مون کي ڏي ته توکي آءٌ جهجهي دنيا ڏيندس. ان غريب ڪڙميءَ پڇيو تہ ڇا ڏيندين؟ تڏهن جواهريءَ

وراڻيو ته صبح کان وٺي شام تائين جيڪا دنيا ڏي وڃي سگهين سا تنهنجي آهي! ارمان آهي جو آءٌ تو کي ڪجهه وڌيڪ ڏيئي نه ٿو سگهان! پوءِ غريب ڏاڏا هٿ هنيا ته هيءَ ڳوٿري لعلن جي لٽي ڇڏيم؛ باقي وڃي هڪڙو بچايم!

” فقيراڻي صحبت به انهيءَ لعلن جي ڳوٿريءَ مثل آهي. هيءَ عمر وڃي ٿي گذرندي. جيڪو انهن اعلانن ۽ گيان جي نڪتن جو قدر ڄاڻي ٿو، تنهن جي لاءِ آهي لعل ثابت ٿين ٿا ورنه اهي مٽيءَ جا ڳوڙها ٿي آهن ۽ تو وانگر انهن تي هسي ڪرڻ ٿي جوڳ آهي.“

*　　*　　*

١٨-١٢-١٩٦٤ع - هت ڪن ماڻهن کان اسان مهمانن وغيره لاءِ چاءِ مسواڙ تي ورتي هئي. اڄ اوچتو پڙوسين ته اسان جي ڪلف جي مٿان هو پيو پنهنجو ڪلف هٽي ويا آهن ۽ اها مراد اٿن ته چاءِ پاڻ والاريون، جيتوڻيڪ اسان سان شرط ٻيءَ طرح اٿن. هنن ڪجهه اسان جي ماڻهوءَ کي گهٽ وڌ پڻ ڳالهايو. هيءَ ڦڏي جي ڳالهه ٻڌي منهنجي دل ڪجهه خراب ٿي پيئي ۽ چيم ته الا جي ڪڏهن هن سنسار کان آجو ٿيو! جلد ئي سام پوءِ سنڌيا جي وقت پنهنجي ڏيان ۾ وڃي ويٺو. ڪيس انهيءَ وقت پنهنجي زندگيءَ جي هلندڙ سوالن وغيره جو ڪڏهن پنهنجو پاڻ مان جواب ملندو آهي. سنڌيا کان پوءِ منهنجي پڇڻ تي انهيءَ بنسبت هيٺين طرح احوال ٻڌايائين: ” پهرياڻين ڏيان ۾ ويهڻ وقت، پاڻ پيدا ٿيڻ کان اڳ روزاني زندگيءَ جا ڪم ڪاريون وغيره ۽ ڪڏهن ٻيا ويچار درشٽيءَ جي اڳيان گذرندا آهن. اڄ تنهنجي (مٿي ذڪر ڪيل) لفظن جو ويچار ٿي ڪيم؛ پوءِ وري هڪ آدرشي زندگي

هڪ وڻ مثل نظر آئي. اشارو مليو ته انهيءَ کي لوڙهو ڏيو! تڪڙو ئي خيال آيو ته لوڙهو آهي صدق سچائيءَ، پريم جو ئي سگهي ٿو. تڏهن سمجهيم ته جيئن پنهنجي باغ ۾ جهار جهرڪين ۽ نوريئڙن کان ملن جي حفاظت ڪريون ٿا، تيئن آتمڪ کيت ۾ پڻ خفن ۽ خطرن جي وچ ۾ رهي ڪري پنهنجي پوک جي حفاظت ڪرڻي آهي.

”جتي انسان جو پير، آتي دوئي ۽ ويرڀاءُ ضرور رهڻو آهي. جيترو سچ ۽ پريم جو پسارو آهي اوترو ئي زندگيءَ ۾ ڪوڙ ۽ ڪپٽ جو واڌارو پڻ آهي. رشي وشوامتر به آشرم ۾ چين سان رهي ڪو نه سگهيو هو ۽ راجا دشرٿ کان رام جي ٻانهن! اچي گهر ياڱين ته هلي دشمنن کي ناس ڪري. ڪٿي به رهبو، پهاڙن تي، درياهه جي ڪناري تي يا ڪنهن بر ۾ ته نيٺ ماڻهن سان ورتاءُ ضرور ڪرڻو پوندو؛ آشرم به ٿيندي ته انسان جي شيوا جي لاءِ؛ آتي به آشرم جي رهواسين جا پاڻ ۾ ڪي تڪرار پيا ٿيندا. مطلب ته ڪهڙي به گفا ۾ گهري وڃو ته سنسار جي هوا کان ڪين بچندؤ. تنهن ڪري آتمڪ انتيءَ لاءِ هڪڙو ئي اپاءُ آهي ته جتي رهجي ساوڌان ٿي رهجي؛ سچ ۾ ويساهه رکجي ۽ پريم جو ورتاءُ هر حالت ۾ قائم رکجي؛ پوءِ به جيڪڏهن ڪو مسئلو پيدا ٿئي ته انهيءَ جو همت سان حل ڳولجي؛ نه ڊڄجي، نه نراس ٿجي. اها ئي سنسار سان پڄڻ جي هڪڙي ريت آهي.“

* * *

١٢-٥-١٩٦٥ع - اڄ عاشوري جو ڏينهن آهي. سام چيو ته اڄ ريڊئي تي امامن جا مرثيه ۽ قصيدا هلندا هوندا، آهي ٻڌبا. ائين چئي سام ڏيسان سان ٻڌڻ لاءِ اکيون ٻوٽي ويهي رهيو. ڪجهه وقت اسين سڀيئي مات ۾ ٻڌندا

رهيا سين، جنهن بعد سام چيو: ”ڪهڙي نه سٺي ڳالهه ٿئي جيڪڏهن سيني قومن جا اهڙا دل آپار يندڙ واقعا غم ۽ خوشيءَ جا ساڳيءَ عزت ۽ يڳتي ڀاوَ سان سيني جاتين جا ماڻهو پڙهن ۽ انهن مان لاڀ پرائن! مجهؤ مسلمان ڪرشن ليلا پڙهن يا ڪرائيسٽ جا واڪيان ۽ جبل تي ڏنل وعظ ويهي پڙهن ۽ هڪرستان اسلامي واقعن مان مزو وٺن، ته دنيا جيڪر جنگ جي ميدان بجاءِ هڪ گلستان بڻجي پوي. سچ پچ اسين اهڙن روحاني خزانن کان پاڻ کي ناحق محروم رکون ٿا.“

* * *

١٨-٥-١٩٦٥ع - موهن ڳالهه ڪئي ته هڪڙي ڇوڪري رائيس ڪئنال جي دروازن وٽ جت پاڻي ۾ هو گهڻو زور هوندو آهي، ٽپو ڏنو؛ شايد پنهنجي بهادري تي ڏيکاريائين؛ پر اُتهان نڪري نه سگهيو ۽ ٻڏي مري ويو. سام ڏانهن منهن ڪري پڇيائين ته دادا هي سندس قصور چئجي يا سندس قسمت جو قصور؟

سام ورائيو: ”قسمت ڇا آهي؟ اول اهو سمجهڻ گهرجي ته قسمت ڪا اهڙي ڪنهن جي تحرير لکيل ڪا نه آهي، مگر پنهنجي ڪرمن جي هڪ آڇل ڪري سمجهڻ گهرجي؛ هوڏانهن اسان کي پنهنجي فيصلي ڪرڻ جي شڪتي آهي. جيترو گذريل وقت جي ڪرمن جي آڇل يا زور ڇڪي ڪو ڪم ڪرائي ٿو، اوترو پنهنجي مرضيءَ موجب ان کان لاڙو بدڪري سگهجي ٿو. تنهن ڪري سڀ ڪرمن جو قل ٿي ڪري سمجهڻ کپي، اگرچ جيئن اسان اڳي سمجهايو آهي ته اهو ڦل يا اثر لاڳيتو هر ڪرم مان پيدا ٿيندو رهي ٿو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪنهن قسم جي وٿي نه ٿي رهي. هن حالت ۾ ائين سمجهڻ گهرجي ته سندس گذريل ڪرمن جي آڇل، جنهن مان سندس ڀاو يا Nature جڙيو ۽ ان وقت جو غلط ارادو

سي ٻئي گڏ هلي ڇوڪريءَ جي موت جو ڪارڻ ٿيا. هي واقعو دکدائڪ آهي پر ڪو ڳوڙهو مسئلو خيال جو منجهائس پيدا ڪو نه ٿو ٿئي، جو توهان جو خاص خيال اوڏانهن ڇڪجي وڃي."

اتي پيو ڇوڪرو نرمل نالي ويٺو هو جنهن چيو ته "انسان جي حياتي سمجهه ۾ ئي نه ٿي اچي ته ڇا آهي!"

سام چيو: "اهو سمجهڻ ئي حياتيءَ جو مقصد آهي ۽ ان جي لاءِ سڄي عمر لڳاتار کوجنا جي ضرورت آهي. آتما کوجنا هر ڪنهن کي پاڻ ڪرڻي آهي؛ پنهنجي حياتيءَ جو مقصد سمجهي ان پتاندر قدم کڻڻو آهي. هر ڪنهن جيوَ آتما کي پنهنجي ڀاوَ ۽ پنهنجي شڪتيءَ آهر ڪو نه ڪو خاص ڪم ڪرڻو آهي."

آتي سام ٿورو وقت خيال ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ چيائين ته انسان جي عمر ته گهڻي گذري وئي آهي. افسوس جو ڪو به ڪم سر انجام ٿي نه سگهيو آهي.

ڇوڪرن ڪجهه تعجب مان ڏٺو ته هن ڪري سام پاڻهي کين ٻڌايو: "انسان جي حياتيءَ جو خاص ڪم آهي ايڪتا جو سنيهو پهچائڻ ۽ ٻين جو مارگ ٻڌائڻ. ايڪتا ڌرمن، جاتين ۽ قومن جي وچ ۾، جدا جدا انسانن (Individuals)، سماجن ۽ فرقن جي وچ ۾؛ اهو ڪم ايڪتا جا اوتار، نانڪ، ڪبير، اڪبر بادشاهه ۽ ٻيا سنت ۽ سياست جا رهبر ڪندا آيا آهن. اسان به انهن جي قدمن تي هلي ڪري هي آواز ننڍي ڪنان اٿاريو آهي. 'اڪبر آشرم' اُن آدرش جو هڪ روپ ڪري سمجهڻ گهرجي. اهو ساڳيو ئي ڪم انهن شعرن، ادبي مشغولين ۽ ست سنگ مان نمائي نموني ڪريون ٿا. نتيجو ايشور جي وس آهي؛ انهيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ اسان جو فرض

آهي، مگر جيئن مالڪ کي وڻي اٿين ٿي ٿيندو. ان ڪم
جي نتيجي جو حرص پاڻ کي رکڻو ناهي ۽ هي سمجهڻ
گهرجي ته ايشور کي ڪا هروڀرو اسان جي شيوا جي
يا مدد جي ضرورت ڪا نه آهي؛ اهو فقط اسان کي
پنهنجي جيون مقاي ڪرڻ لاءِ آهي. نه وري پاڻ کي ڪو
نوڙ وڏهي زور سان مڃائڻو آهي، مگر جو ڪجهه ڪرڻو
آهي سو شوق سان ڪرڻو آهي. فرض سچو آهو آهي جو
شوق مان اٿين ٿئي ٿو. سچي فرض ۽ سچي ڪرم يا ڌرم
جي وچ ۾ ڪو به فرق نه آهي. البت اهنجايون سڀ
ڪنهن کي برداشت ڪرڻيون پيون ٿيون. پر شوق ۾
اهي به مشڪل نظر نه ٿيون اچن. پنهنجي حالت ۾ اهو
ڏسون ٿا ته اهو شوق لڳاتار ننڍي کان گذريل ٤٥
سالن کان وڏيڪ عرصي لاءِ قائم رهيو آهي.
وڏيڪ چاڻ ايشور کي آهي ته نتيجو نڪتو آهي،
نڪرڻو آهي يا اصل نه. اسان جو وس وکون کڻڻ،
ماڻ وس انهيءَ جي!"

* * *

٣١-٥-١٩٦٥ع - نرمل ڊائريءَ جو آتارو ڪري
رهيو هو. هو ڪرسيءَ تي ڪجهه آهلي ڪتاب اصلوڪن
نوٽن جو پنهنجن گوڏن تي ڪوملي رکي ويٺو هو ۽ هٿ
۾ ڪاغذ اکٿي آتارو ٿي ڪيائين. سام کي هي نمونو
ڪتاب جهلڻ جو نه وڻيو جنهن ڪري کيس هدايت ڪيائين:
ادب ايمان جو منڍ اٿوَ- انهن ڳالهين ۾ ايمان ته ڏهن
وجهڻيءَ و ۽ گيان ته ڏهن، حاصل ٿيندو جڏهن انهن
لاءِ ادب ڌار بو؛ توهان ڪتابن جو ادب رکو ته
ڪتابن توهان کي ڇڀون ڳالهيون سيکاريندا؛ ور نه
آهي سچو راز پنهنجو ڪو نه سليندا!

* * *

٤-٦-١٩٦٥ع - ڪالهه سام سائينءَ جو جنم دن

ملهايوسين. سنڌس اهو شرط هيو تہ هر ٻچن ٻاڏرن کي ضرور گهرايو وڃي. ڪجهہ وقت لاءِ اسين انهن لاءِ واجهائيندا رهياسين ۽ منهنجي دل ۾ شڪ جاڳيو تہ هو شايد اچن ئي ڪو نہ. مان هميشہ هن کي سٺل خيال جا ڪري سمجهندي آهيان، تنهن هوندي بہ سام جو منجهن گهڻو وشواس رهندو آهي. ٿوريءَ دير ۾ هو سڀ نچندا ٽپندا اسان جي گهر مٿي چڙهي آيا. پنهنجون ماڻٽون ڀينرون ۽ پٽ بہ ساڻ وٺي آيا. اسان سڀني کي اها ڳالهہ بيحد وڻي. هر ٻچن ٻچنيڪ بہ اڄ وڏي موج ۾ اچي ويا. محفل ۾ آنند ڦهلجي ويو. اسان جا ٻچڙا بہ شيوا جي ڪم ۾ خوشيءَ سان لڳي ويا. محفل پوري ٿيڻ بعد مون ويهي نرملي کي اڳيون ڳالهيون ٻڌايون ڇا لاءِ جو هو اسان وٽ نئين سر اچڻ لڳو آهي. ڪيس ٻڌاير تہ ڪيئن سام مون کان هنن هر ٻچن ٻاڏرن جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڪپڙا سبرائيندو هو ۽ ٻيا ڪم ونندو هو جهڙوڪ کين اشنان ڪرائي تيل ڦڻيون ڏيڻ، پڙهائڻ وغيره. آخر ۾ کيس چيم پئي تہ هن جي دادا سائينءَ مون کان ڪي ٿورا ڪم ڪو نہ ورتا آهن!

سام چيو: "انهن سڀني هارن، شڪستن ۽ ڪشالن مان تہ جيوت جي سچي جيت حاصل ڪئي اٿئي. اهي سڀ ڪشالا تنهنجا ثاب پيا آهن."

* * *

٥-٦-١٤٦٥ع - اسان جو هڪ نئون متر جنهن سام جا انگريزي ڪتاب ڇپائڻ پاڻ تي هموار ڪيو آهي سو ڀريائين تہ وڏي شوق ۾ حيدرآباد کان هت سام سان ملڻ آيو؛ تنهن بعد وڃي ڪتابن ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪيائين ۽ انهن کي پروف وغيره موڪليائين. انهن ۾ ڪجهہ تبديليون ٿيل هيون جي سنڌس لکيت ۾ کي

ڇڪون سام کي نظر آيون. سام آهي مداري کيس موڪليون، ان لاءِ ته هي پهريون ڪتاب بنا ڇڪ جي پڙهڻو ٿئي. مگر آن ڳالهه تي هن کي ذرا چڙ لڳي ۽ ان کان پوءِ ڪوڙا، ڪسارا خط سندس اچڻ لڳا. آخر انهيءَ حد تي ڳالهه وڃي پهتي آهي جو هو خطن ۾ منهنجي هلت کي گهٽو ساراهي پيو ۽ سام جي هلت مان ويڪون پيو ڪڍي! اها ڳالهه هن ڪري نوٽ ڪريان ٿي جو مٿي بيان ڪيل ڪالهوڪا لفظ سام جا ياد اچن ٿا ته انهن شڪستن مان ٿي حياتيءَ جي تو جيت حاصل ڪئي آهي؛ يعني پاڻ مارڻ جي طريقي سان! سام اهي نئين ڍنگ ۾ لکيل خط هن مٿر جا پڙهي ڇهو: "مون کي خوشي ٿئي ٿي ته تو کي گهٽ هن چڱيءَ طرح سڃاتو آهي ۽ جنهن صورت ۾ تو کي خود مان پنهنجي چيز يا پنهنجي هڪ اڏاوت ڪري سمجهان ٿو ته مون کي آن ڳالهه جو فخر رهي ٿو. تنهنجي وڏائي سچ پچ منهنجي وڏائي آهي. ان ڪري هو پنهنجي ارادي ۾ ناڪامياب ويو آهي. هن کي شايد اها اميد هئي ته تنهنجي ساراهه ۽ منهنجي گلا مون کي ڏکوئيندا، مگر حقيقت ۾ تنهنجي ساراهه ڪرڻ سان هن منهنجي گلا کي ئي خود بي جا ثابت ڪيو آهي."

* * *

٢٠-٦-١٩٦٥ع - سام جي طبيعت ڪجهه ڏينهن کان ٺيڪ نه آهي. مون پنهنجي سنگ وارن ڇوڪرن کي چيو: آسيس ڪريو ته سام خوش ٿئي؛ توهان کي مٺائي ڪرائيندس. اڄ وري صبح جو خيال آيو ته انهن ڇوڪرن کي ۽ ملازمن کي خرچي به ڏيان. ڪين ڪجهه پئسا ورهائي ڏنم. ٿوري دير بعد سام چيو: تون ته پئسا ٿي پاڻ وٽ ڪو نه رکندي آهين؛ ايترا روپيه ڪٿان آندءِ؟ مون جواب ڏنو ته اهي پيسا مون توهان جي پاڪيٽ مان ڪڍيا!

سام چيو: "پوءِ ڀلي تون دان ڪهڙو ڪيو؟ منهنجائي پئسا مون ئي دان ڪرايء!"

مون چيو: "درياهه جا ڪه درياهه ۾."

ان تي، ٿوري دير بعد سام چيو: "هيءَ مايا سڄي ايشور جي آهي. اسين جي اهو راز سمجهون ۽ سڀ ڪجهه انهيءَ جو ئي سمجهي ڪتب آڻيون ته پاڻ به آنند گهڻو پرايون ۽ ايشور کي به راضي ڪري سگهون. درياهه ۾ ڪيتري پوڄاري سچ ڪي چنبا هٿي پوڄا ڪندا آهن. چنبا اهي درياهه ۾ ڏئي ڪري پوندا آهن پر شرڌا جو قلب ضرور ڏين ماي ڪيو. تنهن سڀ شيءِ حقيقت ۾ انهي مالڪ جي آهي؛ اسان کي انهيءَ مان فقط پوڄا جو لاڀ حاصل ڪرڻو آهي. تو هي هڪڙو عجيب ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. پنهنجا پئسا مون کي ڏيئي وري دان ڪرايءِ! گويا ٻنهي دان ڪيو، منهنجو ۽ تنهنجو به! هو ڏانهن ايشور کي به لبي چڏيءِ، يعني هڪ شيءِ مان تي ڪارج ڪري چڏيءِ!"

* * *

٢١-٦-١٩٦٥ع — اسان جي ڪتي "روزي" نه فقط سڀاجهڙي ۽ سياڻي آهي پر ٻيون به ڪيتريون عجيب ۽ وندرائيندڙ ڳالهيون منجهس آهن، جنهن ڪري اسان سڀني کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي؛ ايتري قدر جو سام ته ڪڏهن ڪڏهن ڪانئس دعا به وٺندو آهي ۽ مان چوندي آهيان ته روزي جڏهن چاهيندي تڏهن اسان جو باهر نڪرڻ ٿيندو يا ٿي سگهندو، ڇا لاءِ جو اسان جي پر پٺ پڌندا آهيون ته ڪانئن پيٺڻ گهڻو ڇڏي ڏيندي آهي. هينئر جڏهن کو ماني ء جو ٽڪر يا ٻي شيءِ ڏيس ته انهيءَ تي هڪدم پنهنجو قمضو ڪندي آهي پوءِ پل ته ٽڪر ڏيندڙ خود ويجهي وڃڻ جي ڪري ته انهيءَ کي به پيٺي هڪلون ڏيندي. اڄ سام ڪيس هڪ سڪو ٽڪر

لهي ڏنو ڇا لاءِ جو ڪيس سڪا ذڪر خاص ونندا آهن ۽ آهي ڪٿي وچي ڪنڊ ۾ هوريان هوريان ڪاڻيندي آهي؛ انهيءَ مهل خود سام جـــي هٿ لائڻ تي ڪيس ڊيڄارڻ لڳي! سام چيو: "هيءَ ايشور جي ذات جو ۽ اسان جي هلت جو هڪ مثال اٿوَ؛ هي پدارٿ سڀ انهيءَ جا آهن ۽ انهيءَ ڪان ئي مليل آهن پر انسان جي هٿ ۾ جڏهن اهي پدارٿ اچن ٿا تڏهين انهن تي پنهنجو قبضو ڄمائي ٿو ويهي ۽ خـــود ان مالڪ جي ڪم ۾ لڳائڻ ڪان پيو ڪرڪي؛ پنهنجي داتار کـــي وساري سڀ شيون پنهنجون پيو سمجهي!"

* * *

٢٦-٦-١٩٦٥ع - ڪجهه ڏينهن کـــان اسان جي حيدرآباد جي پبلشر ڪان وري ناراضپي جا خط پيا اچن، جن بنسبت اسان جو اهو خيال آهي ته ڪيس چڙ لڳي آهي جو انگريزيءَ مان سام توريون ڇڪون ڪيري نار ڪيس ته گهٽ وڌ اکر نه ڪريو. تنهن ڪان پوءِ چوي ٿو ١٦ پيرا مون توهان جو هڪڙو ڪتاب پڙهيو! شايد اهـو ارادو هيس ته مان به سام جـــي انگريزيءَ مان ڪي چوڪون ڪيان. وري وچي ڪن اکـرن بابت فيصلو هڪ حيدرآباد ڪاليج جي پروفيسر کـــان ڪرايائين ۽ لکيائين ته هو انگريز آهي ۽ چوي ٿو ته تنهنجي (يعني سندس) ڪاهرو پرو چوڪ ڪانه آهـي. آخر ڳالهه اسان جي سمجهائين ۽ سڌارا به ڪيائين پر رنج ڪيس رهجي ويو. مون ڪيس لکيو ته انگريز به بعضي بعضي چوڪون ڪنـــدا آهن، جيئن اسان سنڌي به سنڌيءَ ۾ چوڪون ڪندا آهيون. تنهن ڪري ان ڳالهه جو خيال نه ڪريو. Fowler جي 'استعمال انگريزيءَ جا' خود ٽائيمس (لنڊن) جي اخبار جي ايڊيٽوريلس مان اهڙا مثال پيش ڪيا آهن؛ تنهن ڪري مون ڪيس لکيو ته توهان نه ڪن پروفيسر ڏ

جي ڳالهه تي ڳڻڻ ڏيو ۽ نه ان ڳالهه جو گهڻو ويچار ٿي ڪريو، ڇا لاءِ جو آخر هيءَ ڏاري زبان آهي؛ تو مان ڪان يا اسان کان ڇوڪون پڇجي سگهن ٿيون؛ ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ تنهن ڪان پوءِ هڪڙي هٺيلي ڇوڪري (Naughty Boy) وانگر ويو پيو ن سڀ ويڪون ڪيندو، اسان جي ڪاڏي مان ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي نموني وغيره مان. هاڻي ته جيڪو هتان جو ماڻهو ڪيس گڏجي پيو ته اسان بابت ان کان پڇا ڳاڇا ڪري ۽ وڏيڪ اسان جون ويڪون هڻڻ پيو ڪري؛ سندس سڀاءُ بڻيو آهي. مان سمجهان ٿي ته دلي مرضي اها اٿس ته سام سائين خط و ڪتابت مون سان وري ٻيهر شروع ڪري؛ مگر سام جو ڇوڻ آهي ته لکپڙه ۾ ڪو سٺو طريقو (Decorum) رکڻ جڳائي؛ پر هن دوست جي قلم تي ڪا روڪ ٽوڪ ڪانهي ۽ ڪچا پڪا خيال اما لڪ لکي ٿو ڇڏي. گهٽ ۾ گهٽ ٣٠ يا ٣٥ خط اهڙا آيا آهن جن ۾ ناراضپو ظاهر ڪيو اٿس. سام ڪيس پيار يا ايشور جي آسيس چوائي موڪليندو آهي ۽ نمرتا ڏيکارڻ لاءِ پاڻ به اکر اهڙا لکي موڪليندو آهي. پر جنهن جي من ۾ شانتي ڪانه آهي انهيءَ کي سچ به نظر ڪونه اچي سگهندو آهي.

ان بنسبت سام چيو: ”اشانت من جي اڳيان انڌاري رهندي آهي ۽ سوچ ويچار ان لاءِ ممڪن ئي نه آهي. انساني عقل ته اهڙو آهي جو جيڪي چاهيو سو جلد ثابت ڪري ڇڏي. گلئڊسٽن جي هڪ ڪهاڻي ٻڌايائين، جنهن ۾ چون ٿا ته هن پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چيو ته پارليامينٽ ۾ مون کي هن وشيه تي ڳالهائڻو آهي، تنهن ڪري ان بنسبت حقيقتون لکي ڏي. سيڪريٽريءَ پڇيو: سائين حقيقتون فائدي ۾ گهرجن يا خلافيءَ لاءِ؟ گلئڊسٽن البت وائڙو ٿي ويو، ڇا لاءِ جو حقيقتون آخر حقيقتون آهن؛ پر انساني عقل

انهن کي هيڏانهن به هلائي سگهي ٿو ۽ هوڏانهن به. سام
وڌيڪ چيو، "خواهش عقل کي جيڏانهن وڻيس اوڏانهن
پيئي ڦيرائي!"

ان ريت آهي سام سائين ۽ جو شمايق جيڪو پهريائين
منتظر هيو ته سائنس خط جو رستو رکـان ۽ ڏکي پري
کان هت ملڻ آيو هو سو ٿوريءَ ڳالهه ڪري ڦري
گويا برخلاف ٿي پيو آهي ۽ اڄ چڱايون به هن کي برايون
پيون نظر اچن. مون کيس لکيو ته مان آشرم جي
"ماتا" آهيان؛ توهان غلط اثر هيٺ آهيو؛ جيتوڻيڪ
مون کان عمر ۾ وڏا آهيو، تڏهن به "ماتا" ٿي ڪري مان
توهان کي هن ريت صلاح ڏيان ٿي وغيره. ان تي به کيس
چڙ لڳي ته مون ماتا پاڻ کي ڇو چيو. لکيائين ته مان
پهرين ڪو برو آهيان جا جو توهان مون کي هرو ڀرو
"ماتا" ٿي لکو؟ سندس هي ڳالهيون ڪل جهڙيون به آهن!
سام چيو سپ کان سٺي آهي فقيرن جي مان. ڪڏهن
ڪڏهن کيس به ٿي اکر پيار جا لکو مگر ڳالهين جو جواب
نه ڏيو ته چڱو آهي.

* * *

انهيءَ وچ ۾ هن هڪ ٻي چال پڻ ڪيڏي هئي جو
مون کي ساراهڻ لڳو ۽ سام کي ننديڻ لڳو هو. مون کيس
لکيو ته مان جيڪي به حاصل ڪيو آهي سو سندس (سام جي)
رهبريءَ هيٺ حاصل ڪيو آهي. مون ڪجهه ته ڏٺو
هوندو جو ٢٥ سالن جي عرصي کان سندس
رهبري قبول ڪئي اٿم. تنهن کان پوءِ هو منهنجون
به ونڪون ڪڍڻ لڳو!

اها ڳالهه ڪجهه ڏينهن کان گهر ۾ ٻيٺي هلي ۽ خوش
مزاجيءَ ۾ سام ڪڏهن ڪڏهن چوي پيو ته هاڻي تو کي
اڳ ۾ ڪندا سين چو جو مون ۾ ماڻهن کي گهڻيون غلطيون
نظر اچن ٿيون. اهڙيءَ طرح اڄ وري منهنجي رهائي

۽ رسالي جو ذڪر ڪري سام چيو: ”درحقيقت اسان جي سختيءَ واري انتظام جو، تنهنجي ديا ڀاوَ ۽ فراخ دليءَ واري هلت، جنهن کي ماڻهو ساراهن ٿا، سڪي (Coin) جو ٻيو پاسو آهي؛ يعني اسان جو سخت نمونو ۽ اصولن جي پڪائيءَ وارو رخ خود انسان جي شيوا لاءِ آهي ۽ تنهنجي ديا ڀاوَ جي اصول مان پيدا ٿيندڙ آهي. پاسيري نظر سان تنهنجي ڀرائي اصولن جي، ديا ڀاوَ جي خيال کان جيڪا ڪندي آهين، سا پڻ وڻندي اٿم ڇا لاءِ جو انصاف جو ٻيو پاسو رحم يعني ديا آهي؛ انصاف خود ڀلائيءَ جي واڌاري لاءِ آهي، جنهن لاءِ ديا ڀاءُ فقط هڪ ٻهريون قدم آهي. صاف ۽ سادن لفظن ۾ چئجي ته اها تنهنجي ميانءَ جي ساراهه مونکي خود وڻندڙ آهي ۽ انهيءَ ۾ ئي منهنجي اصولن جي ڪاميابيءَ جي اميد آهي، ڇا لاءِ جو هنن کي رنوڙي پوءِ مٿي چاڙهي سگهبو آهي. جي تون مونسان شامل نه هجين ها ته مونکي ضرور اهو پارٽ به ادا ڪرڻو پوي ها جو تون ادا ڪري رهي آهين.“

* * *

٣٠-٦-١٩٦٥ع – ٿورن ڏينهن کان سام جي ۽ منهنجي صحت ٺيڪ نه ٿي رهي. سام چيو ته: ”واجبي علاج پئي ڪجي مگر جيئن مشنريءَ کي اوورهال (Overhaul) ڪبو آهي تيئن ضروري آهي ته رهڻ ڪهڻ جا نيم وري چڱيءَ طرح سنڀالجن ۽ کاڌي وغيره ڏانهن پڻ چڱيءَ طرح ڌيان ڏيڻ گهرجي. پر ان ۾ قدرت جي اوٽ وٺڻ گهرجي؛ فقط حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن جي صلاحن ۽ دوائن تي ڀاڙي ويهڻ نه گهرجي.“

ان خيال کان اسين صبح جو سويل چانهه پي پوءِ ڪنهن باغ جي طرف ذڪري ويندا آهيون. اڄ صبح جو اڳيئين گيان باغ (جنهن کي هينئر باغِ ذوالفقار

چون ٿا) جي وٽن هيٺان ويٺا هواسين ته اسان جا ڇوڪرا ۽ انهن جو بيو هڪ شاگرد دوست، پڻ اچي شامل ٿيا. اسان جي هڪڙي ڇوڪري ان نئين دوست کان پڇيو: ”توهين هندو آهيو؟“ سام انهيءَ سوال تي ڪجهه مشڪيو ۽ چيائين جيڪي تون سمجهين سو ئي آهي! بي ڇوڪري پڇيو ته سوري ڪيئن؟ سام چيو: ”جيو ڪين اٿن ته آهيان بي خيال ليسان بي نال خيال دي! اهڙيءَ طرح اسپنوزا چيو آهي “ Cogitcergo sum ”

جنهن شيشي مان نظر وجهبي اهڙي رنگ ۾ دنيا نظر ايندي ۽ جيڪا پاونا من ۾ رکبي ان مطابق ئي مطلب حاصل ٿيندو. نئين شاگرد کي ان ڳالهه ۾ چڱو چاهه پيدا ٿيو ۽ هو سام جي ڪتابن بنسبت پڇڻ لڳو. نرمل ڪيس چيو، اهي ڳالهيون جيڪي پڙهه چڱيءَ طرح دل مان هنداءِ ۽ خيال پنهن جي ڪي سجاڳ رکب. اهڙا ئي سچي سکيا ڪتابن جي آهي.

سام چيو: ”پر خيال تي قابو پائڻ واري شيءِ عشق آهي. عشق ئي خيال کي موڙي يا سنواري سگهي ٿو پر عشق يا شوق پنهنجي وس ۾ نٿو رهي.“

نرمل چيو: ”چئبو ته اهو به جنمن جي ڀاڳ جو نتيجو آهي؟“ سام چيو: ”اڳين جنمن جو هجي يا هن جنم جو هجي مگر هر حالت ۾ صحبت يعني سنگ مان ئي گيان حاصل ٿئي ٿو. عشق وارن جو سنگ ڪيو! اهو ئي هڪ رستو آهي شوق ۽ خيال وڌائڻ جو.“

تنهن بعد ڪجهه شاهه جي رسالي مان ۽ ڪجهه سام جي ”تون ۽ مان“ ڪتاب مان ويهي پڙهيوسين. نئون آيل ڇوڪرو جيئن سندس نالي مان معلوم ٿيو هڪ مسلمان هيو. اتي وقت ڪجهه پنڌ تائين اسان سان گڏ هليو ۽ چيائين ته مان ضرور توهان وٽ ايندس ۽

آئي اچي ڪري توهان جي ڪتابن وغيره مان واقف ٿيندس!

* * *

١-٧-١٩٦٥ع - مون کي سام کان ماڻهن ڊاڍهن خطن لکڻ لاءِ چيو. مون خط لکي ڪيس ڏيکاريا پر سام کي ڪو نه وڻيا جو اکر ٽڪڙ ۾ لکيل هئا. نرمل ٻه سام جي ڪجهه گفتگو مان نوٽ وٺي رهيو هو پر سنڌس لکيت مان موهن چڪون ڪڍيون. اهڙيءَ طرح موهن به هڪ ڪارڊ کڻهن اخبار کي مٿا سٽا Exchange لاءِ لکيو هو جنهن جو طريقو سام کي ٺيڪ نه لڳو. تڏهن سام شڪايت ڪئي ته توهان ڪم ۾ پورو شوق نه ٿا رکو. نرمل سام کان پڇيو: "دل ۾ هڪڙو خيال ايندو آهي جي چئو نه پڇان؟"

سام چيو: "ڀلي پڇ!"

نرمل چيو: "سوال هي آهي ته توهين پاڻ انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جا ماهر آهيو، هو ڏانهن اسين گهڻو ڏڏ آهيون. اهڙا ڪچا ماڻهو قدرت جي طرفان توهان کي ڇو ٿا ملن؟"

سام کيس چيو: "مان ته فقط پنج درجا انگريزي ۽ پنج سنڌيءَ جا پڙهيو هيس. اڳين دور ۾ ڪراچيءَ ۾ کي چوڪرا اسان جي انگريزي رسالي New Age جي ڪم ۾ گڏ رهي تربيت وٺي ايندا هئا. پهريائين انهن کي به لکڻ ڪو نه ايندو هو، توڙي جو انهن مان هڪڙو ته M.A پاس ڪري پوءِ اچي مون وٽ رهيو هو. آخر ۾ هو ڏاڍا هوشيار ٿي ويا. منهنجا پائيجا به انهن ۾ هئا جيڪي هينئر انگريزيءَ جا پاڻ ماهر آهن. اهڙيءَ طرح توهان به هڪ ڏينهن پنهنجي محنت سان هوشيار ٿي ويندا. اسان غريبن ڏانهن ته اهي چڪجي اچن ٿا جن کي غريبائي نموني ۾ مدد اسين ڪري سگهون ٿا.

پر قدرت انهيءَ ۾ مون سان ڪا بي انصافي ڪانه ڪئي آهي. پلا تون پاڻ ڏانهن ڏس ته تو جهڙو ننڍو سنو ڇوڪرو ملي ته ان ۾ ڪهڙي ڪس آهي! هو ڏانهن ڊاڪٽر توهان جي ماتا، سا ته هڪ منهنجي زندگيءَ جو ٿنڀو آهي. سندس صداقت جو ويچار ڪري لڳاتار شيوا جو. آن شيوا جو ڪيڏو نه وڏو ملهه آهي! ڪنهن بسه آشرم لاءِ اهڙو ڊاڪٽر ماڻهو وڏ ۾ وڏ ڪارائتو ٿي سگهي ٿو، تنهن ڪري اسين قدرت جا شڪر گذار آهيون. اکرن جي يا علم جي گهٽتائي يا ٻيا عيب، سا ڪا وڏي ڳالهه نه آهي؛ جي توهان دل و جان سان ڪوشش ڪندءَ ته آهي سڀ دور ٿي ويندا. اسان ٻ سڪول ڪان وڌيڪ پنهنجي ڪوشش ماڙ پرايو هو."

* * *

٦-١١-١٩٦٥ع - ملڪ ۾ هنگامي حالتن جي ڪري ۽ ٻين ڪن ناگوار ڳالهين جي ڪري اسان جو هڪڙو ڇوڪرو ڪجهه بي دليو ٿي ڏيکاريو ۽ باغ جي ڪم ۾ سام سان گڏ هميشه وانگر مدد ڪرائڻ ۾ پوري دلچسپي ڪانه ٿي رکيائين. اسان وٽ ٻيو ڇوڪرو جيڪو هاڻي ايندو آهي، تنهن کي به ڪي شنڪائون من ۾ هيون. سام به باغ ۾ انهن سان گڏ ڪم ڪري رهيو هو جڏهين ڇوڪرن کي ٻڌايائين: "روحل فقير جو هڪڙو ڪلام آهي جنهن جي پهرين ٽڪ آهي:

ڪنڌڙيءَ ۾ ڪلتار ڏئو سهڻ، رانجهو رمزن
وارو يار.

پر جي ڪنڌڙيءَ ۾ ڪلتار آهي ته هن گلن، رابيلن وغيره ۾ به آهو ئي آهي. هي شيوا جو ساڌن يا رياضت جيڪا ڪريون ٿا اها عبادت آهي؛ پوڄا جي ڀاءُ سان ڪريو. اهو خيال نه رکڻ گهر جي ته هيءَ پرائي جاءِ آهي ۽ هميشه هتي اسين رهي ڪو نه سگهنداسين تنهن ڪري ايترا

پورهيا چئو ڪريون. انسان جو من ئي انسان کي شيطان بڻائي ٿو ۽ نه سمجهه جي حدّ ڪي بات ايها آهي ته هن رياضت مان نه فقط بدن کي ورزش ۽ من کي يڪتائي جي موج ملي ٿي پر باغ جي سينگارڻ سان گهر جي عزت ۽ پنهنجي خوشي به وڌي ٿي؛ ايشور ڪي پڻ ان سان راضي ڪري سگهجي ٿو. ايشور لوڪن ۾ وسي ٿو ۽ جيڪي لوڪ هن ريت اسان کي بلڪل صدق ۽ سچائيءَ سان پرائيءَ جاءِ کي سينگاريندو ۽ ٺاهيندو ڏسندا هوندا سي به ضرور اسان لاءِ چڱو خيال ٿي دل ۾ رکندا هوندا. ٻيو نه ته به ائين چوندا هوندا ته هي ڪي فقيري ٽولي جا ماڻهو آهن؛ ان ڪري هو شايد ڪو وير وروڌ پڻ گهٽ رکن. پر اهي سڀ ٻاهريون ڳالهيون آهن؛ پنهنجي سچائيءَ ۽ صدق جو پارڙو ايشور اسان کي من جي اندروني خوشيءَ ۾ ڏيئي ڇڏي ٿو؛ هو شاهن جو شاهه آهي؛ ڪنهن جي پورهئي جو ملهه ڦٻائي ڪو نه ٿو وجهي. البت جو ڪي ڪرڻو آهي سو نمرتا ڀاوَ سان ڪرڻو آهي. نه وري الله کي ڪن وڏن ڪمن ڪارين جي گهرج آهي. ان ڪري فقير چوندا آهن، اڳهاسي ته ڀاءُ نه ته مڻ به موٽيا وڃن. وزير هجي، آفيسر هجي، زميندار هجي، يا هڪ مزور هجي انهن سڀني جي ڪم جي تڪ طور صدق ۽ سچائيءَ جي تارازيءَ ۾ ئي ٿيڻي آهي. ايشور گهڻي دنيا يا گهڻي ڏيک تي موهت ڪو نه ٿيندو آهي پر گهڻي پريم ۽ شرڌا تي. گرو ارجن ديو جي هڪ ڳالهه آهي جنهن پنهنجي استريءَ کي اشارو ڏنو هو ته تون اولاد گهرين ٿي ته ٻائي ٻڍي ڏانهن وڃ. جون ته ماتا گنگا سکيون سهيليون وٺي وڏي شان مان سان ٿالهه مٺاين جا ڀري ٻائي ٻڍي ڏانهن ويئي جو ٻاهر هڪ ٻير جي هيٺان گوشي نشين ٿي رهندو هو. ٻائي ٻڍي ان جو اڳ نمبر ڏسي منڌس نرادر ڪري ڪيس موٽائي ڪڍيو، جنهن تي ماتا

پنهنجي پتيءَ گرو ارجن ديوَ کي اچي دانهن ڏني. گرو جن سچي ڳالهه ٻڌي کيس چيو ته اها تنهنجي چوڪ آهي، ڇالاءِ جو فقيرن ڏانهن شان مان ۽ انڌ مهر سان نه وڃبو آهي، مگر نمرتا ڀاوَ سان انهن وٽ پيش ٿبو آهي. ٻڌي ٻئي دفعي ماتا گنگا نمرتا پوروڪ سادو لباس ڌاري، بصر ۽ ڏهي پنهنجي هٿ ۾ کڻي وڃي بابا ٻڍي اڳيان پيش ٿي. سنت سندس نمرتا تي راضي ٿيا ۽ هوءَ پنهنجو مطلب پائي آئي. هيءَ هڪ سمجهاڻيءَ جي ڳالهه آهي جنهن جو مطلب هي آهي ته ايشور جي اڳيان نمرتا ڀاوَ سان پيش ٿيون ته هو اسان جي شيوا قبول ڪندو، چاهي ڪيتري به ننڍڙي هجي.

* * *

٩-٤-١٩٦٦ع. اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي. اڳ سان گڏ اسين بوم آشرم ملهائيندا آهيون. اڳي وانگر هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ڪو نه ڪوٺائيندا آهيون؛ گذريل سال کان اسپتال جي واسطيدار آفيسرن جي روڪ ڇڏ جي سبب مانيٽي نموني هي ڏينهن ملهائيندا آهيون. اڳي وانگر وڏو ميلو ڪو نه لڳائيندا آهيون، ڇالاءِ جو هاڻي اسان جي بنگلي جي هيٺان زناني اسپتال ماڻهن سان ڀريل هوندي آهي. اڄ شام ننڍ مان اٿي سان مون کي مبارڪون ڏنيون ۽ چيائين ته هل ته پنهنجي باغ مان ڪو سٺو گل چونڊي تو کي سوکڙي ڏيان. پنهنجو Terrace garden سارو گهمايائين مگر اوچتو تڏهن پوءِ ڪري ڪو گلاب جو گل ڦٽل نظر ڪو نه آيو. تڏهين هڪڙو موتئي جو گل شام مون کي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيائين: "هي سفيد ننڍڙو گل حياتيءَ جي سچي آدرش جي نشاني آهي. منجهس سڳند آهي، جيتوڻيڪ رنگدار نه آهي. اسان جي حياتيءَ جو آدرش به اهو ئي هئڻ کپي ته مانيٽي، نمرتا جي نموني سان زندگي سڳنڌ ۽ سڦلي

ٻڌايو ن ۽ ٻيڪي ۽ گوڙ شور واري نموني کان هي طريقو زندگي ۾ جو سچ پچ وڏيڪ ملهائتو آهي. اخبارن جي گوڙ شور ۽ وڏن پروگرامن سان فقط آدرش پورو حاصل ڪري نه سگهبو آهي. سڀ کان اهم ڳالهه سچائي ۽ واري سگهند آهي جا هر سچي آتما هن جهان ۾ ڦهلائي سگهي ٿي. شال تنهنجي جيون به هن مانيٽي گل واںگر مٺڙي سگهند ڏئي جڳ کي معطر بڻائي !"

* * *

١٤-٦-١٩٦٦ع – هن عرصي ۾ اسان وٽ ٻه محفلون ٿي گذريون آهن. منهنجي جنم ڏن کان پوءِ سام جي جنم ڏن واري محفل ٣ جون تي ملهائيسين. سام جو خيال آهي ته مت سنگ ئي سڀ کان اتم ذريعو ايڪتا جي پرچار جو يا پريم جي واداري جو ٿي سگهي ٿو؛ گهڻي گوڙ شور سان هرويرو ڪا سچي تبديلي خيال ۾ نه ايندي آهي؛ شانتي ۽ ۾ ويچار ۽ سچي سنگ ۾ پريم ۽ ايڪتا وڌندا آهن. ان ڪري لکڻ پڙهڻ سان گڏو گڏ هي سنگ صحبت جو واداررو پڻ اسين هڪ ڪم ڪري سمجهندا آهيون. اهڙين مشغولين جو ذڪر ڪڏهن ڪڏهن هن ڊائري ۾ ايندو آهي. هيئنر ڇپائي ۽ جو ڪم به وري چڱي ۽ طرح چالو ٿيو آهي. هڪ نئين خوشي ۽ جي ڳالهه هيءَ آهي جو ويسٽ جرمني ۽ جي ڊاڪٽر گرڊ ليوڊڪي اسان جي لکيتن ۾ گهڻو چاهه ڏيکاريو آهي. سائنس خط و ڪتابت سام جي ڪجهه وقت کان جاري آهي. هن هڪ ڪتاب سنڌ جي صوفيز ۽ سنتن جي ڀاڻي ۽ جو ۽ سنڌ ن رهڻي ۽ ڪهڻي ۽ جو اڀياس ڏنو آهي، جنهن ۾ ٻين سان گڏ چوي ٿو ته مون اٽڪل ٤٠ صفحا سام جي لکيتن کي ڏنا آهن ۽ اڳتي لاءِ سندس خيال آهي ته وڌيڪ ڪجهه سام بسبت لکندس.

انهن مشغولين ۾ منهنجي پروفيشنل ڪم کان سواءِ هي عرصو مڙيو ئي مانيٽو پٽي گذريو آهي. پاڪ - انڊيا جنگ واري دؤر ڪان پوءِ مائٽن مٽن جا به خط پيا اچن، مگر اچا ڪو اچ وڃ لاءِ رستو ٻنهين ملڪن جي وچ ۾ ڪليل ڪو نه آهي، جنهن ڪري هي وقت هن نموني پيا سجايو ڪريون. وڏي سڏ ايشور ڪي آهي ته ڇا سجايو ڇا اجايو آهي!

* * *

١٦-٦-١٩٦٦ع - منهنجي اسپتال ۾ هڪ ڪتي ٽوني نالي ساڻ هئي ۽ هر ڪنهن کي پياري لڳندي هئي. ٽورا هفتا اڳ سندس ويم ٿيو ۽ ويم ۾ اها بيمار ٿي پيئي. ويم ڪان پوءِ ٽن ڏينهن اندر مري وئي. هڪ ڏينهن اڳ ۾ مون کي ساڙهي ڪان چڪي پنهنجي ويم واري ڪوني ۾ وٺي آئي ۽ پنهنجا گلر ڏيکارڻ لڳي. آن جي ضعيف حالت ڪري سندس گلر اسين ميڙي ويجها ڪري ڪيس ڏيندا هوا سين. مون ڪيس چيو: ٽوني! گلر ته تنهنجا سيئي گڏ پيا آهن. باقي ڇا ٿي گهولهين ۽ ڇو ٿي ڪون ڪون ڪرين؟ پر هن ويچاريءَ کي جو ڪال مٿان بيٺو هيو، ڪيس وڏيڪ خبر هئي ان ڳالهه جي. هيئنءَ مون کي پنهنجي گلرن جي پارت ٿي ڪيائين. علاج ڪرايو سين پر هوءَ بچي نه سگهي ۽ گلر انهيءَ پارت ڪرڻ وقت کان سندس مرڻ تائين بڪبا رهيا. پوءِ ته جلد ئي مون شيشي ۾ نپل ڳهرائي ورتي ۽ انهن ساڻ پنهنجي هڪ دائيءَ جي مدد سان گلر پالڻ لڳس. ڪمن پهريائين فقط کير ڏيندا هوا سين. ڏهه پندرهن ڏينهن تمام اهنجا گذريا جو نپل تي کير انهن مان هڪڙي ته ڏاڍو مشڪل وٺندي هئي ۽ ۵ يا ٦ پهرا سندن ڪاڏي جي سنڀال ڏينهن ۾ ڪرڻي پوندي هئي. تنهن ڪان پوءِ جڏهن گلرن اکيون کوليون ۽ ڪاڏي

کي چئڻ لڳا ته ڪجهه آساني ٿي ؛ اسين اهو ڪم فرضي يا قياس وچان ڪندا هئاسين، مگر سام انهيءَ کي عبادت کان به وڌيڪ درجو قرار ڏنو. گهڻو ڪري شام جو پاڻ به ويهي سندن ڪارائتي جو ڪم ڏسندو هيو. تڏهين سندس واتان اهڙا اکر ذڪري ويندا هئا ته وڏو دعا جو ڪم ڪريو ٿا؛ هن جو اجر توهان کي وڏو ملندو.

اسان وٽ اهڙا به ڪي ماڻهو آهن جيڪي ڪتي کي هڪ پليت جانور سمجهندا آهن ۽ ڪتن کي هٿ به ڪو نه لائيندا آهن. انهن جي ڏيدن مان ائين معلوم ٿيندو هو ته مان ۽ سام ڪي وهمي ماڻهو آهيون، جو انهي نه ڳالهه کي ايڏي اهميت ڏيون ٿا. هڪ ڏينهن سام پنهنجي هڪ دوست سان ڳالهه ڪندي اهڙا اکر ڪم آڻيندا آهي گلر مون کي اهڙا ته پيارا لڳندا آهن جو چئي ته هنو مان ۽ گڏيش جهڙن مورتيون پيون نظر اچن. تڏهين بئي هڪ هندوءَ انهيءَ تي اعتراض آندو ته هي ڇا ٿا چئو؟ ديوتائن جا نالا ڪتن تي ٿا رکو؟ سام کي سندس غلط فهميءَ تي عجب لڳو ۽ چيائين: ”اسين ڪا بي ادبي ڪانه ٿا ڪريون؛ اسين ته جتي ڪتي آهي ديوتا ئي ٿا ڏسون؛ توهين فقط ڪتا ٿا ڏسو!“

تڏهن سام اسان کي حضرت موسيٰ جي هڪ ڳالهه ٻڌائي: چون ٿا ته سندس گمان هئائون لاءِ ڪيس الله جو فرمودو ٿيو ته توکان وڌيڪ هڪڙو شخص آهي جو ڏينهن رات مون سان لنو تار ۾ گڏيل رهي ٿو. حضرت موسيٰ انهيءَ شخص جو پڇا ڪندي سندس ڳوٺ ۾، هڪ گهر ۾ اچي پهتو؛ آتي ڏٺائين ته هڪ نيڪ مرد نماز ادا ڪري رهيو آهي. هن سمجهو ته اهو ئي الله جو پيارو آهي. نماز کان پوءِ ساڻس گفتگو ڪيائين پر آن چيو

نہ آءُ الله جو پيارو منهنجو پيو پاڻ آهي جو هينئر جلد اچي ويندو. ٿوري دير بعد هڪ رڳيار رڍن جو ڌڻ ڪاهي جهنگ ڪان موٽي انهيءَ گهر ۾ آيو. گهر ۾ هڪ رڍ جيڪا ويم تي هئي سا ڇڏي ويو هو. انهيءَ پر پٺ ويم ڪيو هو. ننڍڙي ڦر ڪي ڪٺي انهيءَ سان ڳالهائڻ لڳو. اهڙا اکر پيو چوي تہ اکڙيون کهڙيون نہ عجيب اٿي! ڇيڙا بہ واهہ جو اٿئي ۽ پشم تہ ڏسو، وغيره وغيره! گويا الله سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. حضرت موسيٰ دل ۾ گمان آندو تہ هي ڪو جاهل جهنگ جو ڌنار آهي؛ هن کي کهڙي خبر الله جي! شايد مان پلجي ڪنهن ٻئي گهر آيو آهيان. چون ٿا تہ وري جڏهين پنهنجي الله جي اڳيان آيو تڏهين چيائين: اي سائين! مون تہ تنهنجو پيارو ڪو نہ لهي سگهيو!

چون ٿا تہ کيس فرمودو ٿيو تہ اهو سا ڳيو ئي شخص هيو جو رڍن جي ڦرن ۾ مون کي ڏسي رهيو هو. اي موسيٰ! مان انهيءَ وقت تنهنجي پرسان بيٺو هيس ۽ تنهنجي اهو جهاڳيءَ تي ڪلي رهيو هيس! هو مون سان مخاطب هو ۽ مون سندس پيار پريا اکر دل سان ٻڌا.

سام جو مطلب ڳالهہ جو هي آهي تہ اسان صوفين جي خيال موجب الله هر شيءِ ۾ سمايل آهي. قرآن شريف ۾ بہ تہ ائين ئي چيل آهي تہ مان اوهان جي شهہ رڳ کان بہ ويجهو آهيان. هڪ صوفيءَ چيو آهي ”ونحن اقرب ويجهو وسي ٿو.“ ان وقت جيڪو سام جو امنگ ڏسي ها يا اسان جو پريم پوڇا سمجهي ها، مجي ها تہ هيءَ خود ايشور يا الله جي شيوا آهي. پريم وارن لاءِ غير ڪٿي بہ ڪو نہ آهي جيئن سام چيو آهي: ”سمجهہ جو آهي ڦير، آءٌ نہ ٿو الله سڏايان؛ پيو نہ، ڏسان ٿو ڪير، هر جا واسو حق جا پانيان“

* * *

٥-٨-١٩٠٠ع لاڙڪاڻي جي پر ۾ ڪيترا واگهڙين جا ڳوٺ آهن. واگهڙي هڪ شڪاري هندو قوم آهي. شايد هي آري قوم کان اڳ جا ماڻهو آهن جيتوڻيڪ پوءِ آري قوم جي اثر هيٺ به آيا آهن. اهڙيون قومون ٻيون به سنڌ ۾ گهڻيون هيون، جيڪي ديون يا ديوتائن جون پوڄائون ڪنديون هيون، جهڙوڪ بازيگر، ڀيل وغيره. عام طور ائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو ته ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ واگهڙين به پنهنجو ڌرم مٽايو آهي. ڪالهه رائيس ڪئنال تي گهمندي گهمندي، شهر کان ڪجهه مفاصلي تي شام ڏٺو ته درياهه جي ڪنٺ تي وڏو هڪ ست سنگ هلي رهيو هيو. پريم ڀڳتيءَ جا گيت ڳائجي رهيا هئا. شام چيو: "مون رستي تان ٿورو وقت بيهي سندن ڀڳتيءَ جا گيت ٻڌا. تڏهين انهن مان هڪڙو اٿي آيو ۽ مون کي ڪوٺ ڏنائين ته مان به ساڻن گڏ اچي ويهان. هنن مون کي هڪ سٺي آستان تي آڻي ويهاريو ۽ ڪٿا ڪيرتن شروع ڪري ڏنائون. مون کي عجب لڳو ته جيڪو ڪٿا ڪيرتن جو روح عام هندن مان نڪري ويو آهي سو هنن ۾ موجود هيو. عام هندو ٽڪاڻن ۾ اڄ ڪالهه گوڙ شور هڪ پاسي ته بي انتظامي ٻي پاسي برداشت ڪن ٿا. هنن غريب قوم شهر کان ٻاهر اڪيلن آستانن تي رهي ڪري به پنهنجي ڌرم ۽ پوڄا ۾ جيڪا شرڌا ۽ سچائي قائم رکي آهي سا بلڪل حيرت جهڙي آهي. مون کين ڪوٺ ڏني ته اسان وٽ صوفي ست سنگ ٿيندو آهي جنهن ۾ هندو مسلمان ۽ هريجن شريڪ ٿيندا آهن؛ توهين به ڪڏهين اچي اُتي ڪيرتن ڪريو. هنن اها رٿ قبول ڪئي."

ان موجب هو ڪالهه شام جو اسان وٽ

آيا. ڏاڍو رس ڀريو ڪيرتن ڪيائون. وڏي ڳالهه جيڪا اسان سڀني کي وڻي سا هئي سندن سوماڻن جي ڳالهه. هو اڪثر پني وقت گذاريندا آهن. پر جڏهن اسان جي دعوت تي آيا تڏهن ڏٺوسين ته سندن وڏن کي چڱيون پڳڙيون ۽ سفيد پوشاڪون پيل هيون. آن وقت سام جي عينڪ ڏسڻ ۾ ڪو نه آئي ۽ اسان کي چيائين ته ڏسجو مٿان اوندهه ۾ نه لتاڙجي وڃي. هنن ويچارن کي پنهنجي عزت جو خوف ٿيو ۽ دل ۾ چيائون ته مٿان ائين ڪو سمجهي ته هي پنهنجو ماڻهو آهن سو انهن ڪئين هوندي.

سام ته ڪين خاطري ڏني ته اهڙو ڪو به خيال ڪو نه ڪريو. پر صبح جو وري جڏهن هو مليا ته پهريون سوال اهو پڇيائون ته عينڪ لڌي يا نه. ڏاڍو خوش ٿيا جڏهن کين ٻڌايوسون ته عينڪ لڀي پيئي. اڄ مون به سندن گهر وڃي ڏٺو ته هڪ ڪچي منهن ۾ پنهنجي هٿن سان ٺوريون سرون گڏ ڪري پوڄا جو آستان ٺاهيو هئائون. سندن پريم ۽ شرڌا ۽ ادب جي اثر وهڻ وڏن مندرن ۽ شوالن کي گويا شرمايو ٿي. سام چيو: ”جيڪڏهين ڀڳوان ماڻهن ۾ آهي ته انهن غريبن ۾ ئي سندس واسو آهي!“

* * *

١٦-٨-١٩٦٦ع - آرتوار تي ڪيترن سالن کان اسان وٽ صوفي ست سنگ ٿيندڙ هيو مگر هيٺان زناني اسپتال هئڻ سبب ۽ ڪن آفيسرن جي اعتراض سبب مقرر طور ١٠ يا ١١ بجي رات تائين جيڪو ست سنگ ڪندا هواسين سو بند ٿي ويو. ڪيترا دوست آرتوار جي ست سنگ بابت به پڇا ڪندا آهن. ان ڪري خيال ڪيوسين

ته مائيٺي نموني کا وندر آرتوار تي جاري رکڻ کپي. گذريل آرتوار کان وٺي ڪجهه راڳ جي محفل ۽ پڙهائيءَ جو بندوبست ٿيل آهي. اسان جو ساٿيو ئي دوست هندو ڊپٽي ڪليڪٽر جيڪو هينئر رٽائر ٿيل آهي، تنهن قرآن شريف جي تفسير مان هڪ ٽڪرو اچي پڙهيو. ان ۾ ذڪر يعني جپ وغيره جي طريقن تي بحث ٿيل هيو. سام چيو ته جپ تپ يا ذڪر جا گهڻا نمونا، سي سڀ الله سان اتڪلون ڪرڻيون آهن. هن يا هن اکر سان شروع ڪيو، دم هن پد تي چاڙهيو ۽ هيٺ لاهيو؛ اهي ڳالهيون سڀ سچي عشق وارن کي ٻاراڻيون لڳنديون آهن. تنهن کان پوءِ آيا سين فڪر جي اپياس تي، جنهن ۾ ٽن فڪرن جو چڱيءَ طرح بيان ٿيل هيو:

فڪر ١:- پاڻ کي ٻٽر سمجهو؛ يعني ائين سمجهو ته مون کي چرڻ جي ڪا طاقت ڪانهي؛ مطلب ته مون کي هلائڻ ۽ چلائڻ وارو الله آهي.

فڪر ٢:- جتي ڪٿي الله کي ڳنڊ سمجهو. هن حالت جي سمجهاڻ لاءِ ڪتاب جي لکندڙ هڪ هندو استريءَ جي ڳالهه ڏني هئي جا خواجه جنيد بغداديءَ سان ملڻ آئي هئي. خواجه صاحب جي بيبيءَ پنهنجي مڙس کي ٻڌايو. جنهن فرمايو ته جڏهين ملڻ اچي ته سبب ملڻ جو پڇجوس. بيبيءَ جي پڇا ڪرڻ تي هندو استريءَ چيو ته مان خواجه صاحب سان خلاصو ڳالهائيندس. اگرچ ايها ڳالهه بيبي صاحبه کي اگري لڳي، تڏهين به خواجه صاحب کي وڃي سارو حال ٻڌايائين. خواجه صاحب چيو: کيس چئو ته دڪان تي اچي مونسان ملي.

جڏهين آها هندو استري خواجه صاحب وٽ ويئي ۽ کيس سبب ملڻ جو ٻڌايائين تڏهين خواجه صاحب ان

کي اندر ڪمري ۾ وٺي ويو. ڪيس ويجهو ويهاري پنهنجو هٿ آڇيائين ۽ پوءِ ان استريءَ چيو: "هو ڏسي ٿو." خواجه صاحب چيو: "ڪير ٿو ڏسي؟ هتي ته ڪو به ڪو نه آهي!" تڏهين هندو استري جا سري سڪتيءَ جي مريد ٿي هئي، تنهن ڪيس سمجهائي ڏني ته جتي ڪٿي الله پاڻ سان گڏ آهي؛ جتي ٻه يا چار ڄڻا ڪا ڳالهه ڪن ٿا ته هو هنن سان گڏ ويٺو آهي. تڏهين خواجه صاحب سندس پيش پيو ۽ پاڻ به وڃي سري سڪتيءَ جو مريد ٿيو.

فڪر ۳:- جنهن جو ذڪر ڪيو سو هو فنافي الله، يعني سڀ صفات ۾ الله جي ذات ڏسڻ.

اتي پڙهائي بند ٿي ۽ سام هي خيال ظاهر ڪيو: "جپ تپ ذڪر وغيره جو ملڪ حقيقت کان گهڻو دور آهي. جنهن ڪري انهن جي طريقن ۾ گهڻا اختلاف نظر اچن ٿا. مگر فڪر جو ملڪ حقيقت کي ويجهو آهي جنهن ڪري جدا جدا مذهبن جي ماڻهن ۾ فڪر جي ڳولها جا طريقا گهڻا سا ڳيا نظر اچن ٿا. ڳالهه کي وڌيڪ کولينديءَ سام چيو سمجهو هڪڙو ماڻهو شڪارپور کان لاڙڪاڻي طرف رتيديري جي پاسي کان اچي ٿو، ٻيو وارهه سان اچي ٿو ۽ ٽيون رائيس ڪئنال سان اچي ٿو ۽ چوٿون نئينديري واري سڙڪ سان پنڌ پيو ٿو. آهي سڀ پنهنجن پنهنجن پاسن جا احوال ڏيئي سگهندا ۽ انهن جون حقيقتون هڪ ٻئي کان مختلف پيون لڳنديون. مگر جڏهين منزل مقصود تي، شهر جي وچهڙائيءَ ۾ اچي پهچندا تڏهين لاڙڪاڻي بابت جيڪي حقيقتون معلوم ٿينديون سي گهڻو ڪري هڪ جهڙيون هونديون. انهن ۾ تفاوت گهٽ هوندا. ان ڪري مان چوان ٿو ته فڪر جي ڳولها حقيقت جي دنيا کي ويجهي آهي ۽ ان ۾ اختلاف

تمام ٿورا پيش اينـدا جيڪڏهن مقصد سـاڳيو هميشه سامهون رکبو."

* * *

١٨-٨-١٩٦٦ع - اڄ گلر ٿونيءَ جا جن جو اڳ ذڪر ڪيل آهي ٻه ماديون ۽ هڪ نر هو. نر اسان جي ڪنهن ملازم گهريو ته مان پالينديس. اهو اٿي ويو خوش ٿيو باقي ٻه ماديون ٿن جا نالا رکياسين ٿونيءَ ۽ ڦوني. ٿوني ڦونيءَ کان گهڻو تکڙي هئي. مون تـه چيو ٿي ته ڦوني شايد مشڪل بچي پر ٿونيءَ کي ڪجهه تيسو وڌيڪ هيو ۽ ڦوني مانيٽي سوياءُ جي هئي. ٿوني ڪاڻ وقت شوخيءَ وچان ڦونيءَ کي دڙڪن ڏيڻ ۾ پوري هجي ته ڦوني هيئان منهن لنگهائي چپ چاپ ۾ ڪاٽي وڃي. صبح جو هر روز مان کين پاڻ سان گڏ هيٺ اسپتال ۾ وٺي ويندي هيس. هڪ ڏينهن منهنجي غير حاضريءَ ۾ ٻاهرين هڪ ڪتي اوچتو اسپتال ۾ ڪاهي پيئي ۽ ٿونيءَ کي سخت چڪ پائي ڦٽي وڌي. پڇا ڪرڻ تي ماڻهن چيو ته ڪتي چريو ڪو نه هئي، پر ٿوني جو پاڻ وڃي انهيءَ سان وڙي ته اُن چڪ پاتي ڪڍيس. تنهن کان پوءِ ٨ ڏينهن سانده سندس ڦٽن جو علاج ڪيوسين. سندس ڦٽ پاڻ ڊوڙندا هئاسين ۽ هيٺ کيس ڪو نه ڇڏيندا هئاسين. ڦٽ ڪجهه ڇٽي ويا مگر ٿوني ٿوري موڳي موڳي نظر پيئي اچي ۽ ڦونيءَ سان گهڻي وڙهه ٻيٺي ڪري. تنهن ڪري چيوسين ته ٿونيءَ کي هيٺ ٻهارجي ۽ نظـر ۾ رکجي جو متان اهي چريائيءَ جا آثار هجن. اهو اسان کي ڪڏهين خيال ۾ ڪو نه آيو ته آت پوڻ ڪري کيس Antirabies Vaccine هڻائي ڇڏجي. اجهان وڃي سنـدس حالت جا چيسين ته ڦٽ جي مغز ۾ Nerves جي ويجها هئا تن ۾ اوچتو ٿي اوچتو هڪ ڏينهن چريائيءَ جا آثار پيدا ٿيا. ٿوني بي صبريءَ ۾ ٻاهر نڪري هلي وئي. گهڻي

ڳوٺها ڪرائي ميٺ پر سياڻي تي مٿل لڏيسين. انهي ۽ وچ ۾ هڪ ٻيو ڪيس منجهيل ڏٺي سام چيو هو اڇو ته مٿس جئه جڳديش جي آرتي پڙهون. گويا هن جي ڪال جو پاڇو اڳ ۾ ئي اسان کي نظر ايندو هو ۽ سان ورور چوندي هيس ته بچندي ڪونه. سندس مرڻ بعد اسان جون اکيون کليون ته هي ۽ ڪتي ته چتائي ۽ جـي حالت ۾ پالي سنڀالي رهيا هئاسين. هينئر چا ڪجي؟ نتيجو اهو نڪتو ته نه فقط گهر جا سڀ ياتي Antirabies Treatment پيا وٺون پر سڀني ڪتن لاءِ پڻ بندوبست ڪيو اٿئون. ماڻهو اٿين پيا چون ته ڪتن جي پيار مان ڇاڻو وڃي! مگر سام چيو ته هي ڪتن پالڻ واري جو ڏوهه نه آهي پر نه پالڻ وارن جو، جي انهن کي ڇوٽ ڇڏي گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏن ٿا، جنهن ڪري هو چتا ٿي پون کي زخمي وجهن ٿا. يورپ جي ملڪن ۾ اهڙو ڪو به سوال ڪو نه پيدا ٿيندو آهي. پر اسان جو ميونسپل ائڊمنسٽريشن اهڙو ته ڍرو آهي جو منڊ تي گهٽي ۽ گهٽي ۾ اهڙو خطرو پيدا ٿيو پوي. اسانجي بي قياسي ۽ جي حد به ڏسو ته گهڻن شهرن ۾ ڪتن لاءِ Precautionary Treatment جو ڪو به بندوبست ڪونه آهي. اسان کي ڪتن لاءِ Vaccine هٿ ڪرڻ ۾ ڪيتريون تڪليفون ڪرڻيون پيون ۽ ڪيتري ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي پيئي. سام ۽ مون کي آرام ڪونه هو، جيستائين Voccine جو بندوبست ڪتن لاءِ پڻ ڪيو سين. سام چيو ته هي هڪ عظيم ڏوهه ڪاٿي ۾ اچي ها جيڪڏهن اسين پاڻ Voccine هٿايون ها ۽ پنهنجن ڪتن ويچارن کي، جن سان گڏ ڏوني رهندي هئي ۽ جن کي چڪ پائيندي هئي، لاعلاج موت جـي حوالي ڪري ڇڏيون ها."

* * *

۵-۱۰-۱۹۶۶ع - ڪاڪه اسان وٽ هڪ شهدادڪوٽ

جو ڪامورو دوست آيو. پنهنجي گهر جا احوال ڏيندي چيائين ته چاچو ڏاڍو بيمار ٿي پيو هو. ڪنهن حڪيم يا ڊاڪٽر جي دوا نه پئي لڳيس؛ آخر سندس ڇوڪرا کيس هڪ پير تي وٺي ويا. اتي سندس زبان کلي ۽ اشارو ڪري چوڻ لڳو ته اهو سامهون جيڪو ڀوت ويٺو آهي سو ئي منهنجي پٺيان پيل آهي. هينئر ڪجهه ڀرڀرو ٿيو آهي.

اها ڳالهه ڪندي اهو دوست سام ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ کانئس پڇيائين: "اوهان جو ان باري ۾ ڪهڙو خيال آهي، ته جن ڀوت سچ پچ آهن يا نه؟ جي آهن ته انسان کي نقصان پهچائي سگهن ٿا يا نه؟ انهي ڳالهه تي ڪجهه روشني وجهو."

سام چيو: "مون پاڻ ڪڏهن ڪو نه ڏٺا آهن. باقي ڪن معتبر ماڻهن جي واتان ٻڌو اٿم ته انهن پنهنجن اکين سان ڪي اهڙا لقاءُ ڏٺا آهن. مثال طور منهنجو وڏو ڀاءُ جو هڪ سالڪ صوفي هيو ۽ وهمي ته بلڪل هرگز ڪو نه هو، ان جي شاهدي آهي ته هڪ ڏينهن اسر جي وقت جيئن هو وڃي عبادت ڪئي ته ئي سندس نظر اسان جي بنگلي واري کوهه ڏانهن وڃي پيئي؛ اتي ڏٺائين ته تمام ننڍڙي قد جا پهلا، ڪارن وارن سان، جن نظر آيا جي سانت سگهن ڪري رهيا هئا ۽ ڪجهه گهڙي رهيا هئا. ان وقت بنگلي جي ڪوٺيءَ جا دروازا بند هئا. سندس چوڻ هو ته مون ورتي ورتي اکيون کولي چڱيءَ طرح ڏيان سان ڏٺو ۽ يقين ٿيو ته آهي برابر جن هئا. اهڙيءَ طرح اسان جي پاڙي ۾ اسان جا ڀوت طيب گوٺ ۾ رهندا هئا. آهي چوندا هئا ته ڪاڏي ۾ ڪڏهين ڪڏهين ازغيبي گند اچي پوندو هيو. انهن جي گهر جي هڪڙي سياڻي سيبتي اها ثابتي ڏني ته هڪ ڀيري ڏس پينگهي جي چوڌاري هڪ جن ڦرندو ڏٺو.

سندن گهر جي ٻاهرين ڪوٺ جي ڇت تي پڙ ڇونندا هئا ته ڪڏهين ڪڏهين جن نيري ءَ مس جا گهڙا پر ڀل هاري ويندا هئا ۽ ڪوٺ جي ڇت ڪٽي نيري نيري ڏسبي هئي . انهن ۽ اهڙين ٻين شاهدين بنسبت وري ٻه ائين مان چوندس ته جيستائين پاڻ ڪجهه نٿو ڏسجي تيستائين انهن مان ڪو به انومان ڪڍڻ اهنجو آهي."

تڏهن اسان جي دوست پڇيو: "ڀلا اهي ڳالهيون سچيون هجن يا ڪوڙيون، اوهان اهو قبول ڪريو ٿا ته جن ڀوت وغيره ڪي هن جهان ۾ آهن، جهڙيءَ طرح قرآن شريف ۾ چيل آهي؟"

سام چيو: روح يا آتما ڪي هن جسم کان الڳ ڪا زندگي آهي، جنهن کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ۽ اهو ٻڌ سهنجائيءَ سان قبول ڪري سگهجي ٿو ته ڪي آتمائون ڀرائيءَ ڏانهن مائل رهن ٿيون يا اهڙن ڪارنامن جا ايجنٽ بڻجن ٿيون. سر آليور لاج جا آزمودا Experiments in Telepathy صاف ڏيکارين ٿا ته هن جسم کان روح الڳ هستي رکن ٿا ۽ اسان جا پنهنجا آزمودا Clairvoyance ۽ ٽيليپٿيءَ جي نسبت ۾ پڻ ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا."

پوءِ ان دوست جي چوڻ تي سام پنهنجا ڪي آزمودا ٻڌايا جن بنسبت مون به ان مترڪي خاطري ڏني ته انهن ڳالهين جي مون کي به خبر هئي، جڏهن جڏهن سام مون کي اهي ڳالهيون گذريل وقت ۾ ٻڌائيندو رهيو.

تڏهين ان دوست پڇيو: "ڀلا توهان ائين سمجهو ٿا ته آهي جن ڀوت يا برائيءَ ڏانهن مائل آتمائون انساني جيوت ۾ ڪو دخل ڏيئي سگهن ٿيون؟ ڇا آهي سچ پچ اسان کي نقصان پهچائي سگهن ٿيون؟"

سام چيو:- ”مون کي پنهنجي لاءِ اهو يقين رهندو آهي ته مون کي آهي ڪو به نقصان پهچائي ڪين ٿا سگهن ۽ مان ائين سمجهندو آهيان ته ٻيو ڪوئي انهن کي اسان جي جيوت ۾ دخل ڏيڻي سگهي ٿو. جڏهن ڪو ماڻهو الله ۾ يا چڱائيءَ جي اصول ۾ اعتقاد رکندڙ آهي انهيءَ جي وجهو ڏي اهڙيون هستيون ڪيئن ڏيون اچي سگهن؟ هڪ صوفيءَ چيو آهي جيوت جي سڄي بناوت خيال تي ٻڌل آهي. خيال يا فڪر ۾ ساري جيوت جو واسو آهي. جيڪا شيءِ فڪر ۾ يا خيال ۾ نه ٿي اچي انهيءَ جي هستيءَ کان پڻ اسين دور رهون ٿا.“

ان دوست پڇيو ته اها ڳالهه مهرباني ڪري وڌيڪ کولي سمجهايو. سام چيو: ”قرآن شريف ۾ ساري ڪائنات جو بنياد چار عناصر ڏسيا وڃن ٿا؛ هندو يا ويدانت وارا پنج تت مڃن ٿا. چار عناصر ۽ پنجون تت آڪاش Ether وارو گڏجي ساري سرشٽيءَ جو بنياد ڄاڻن ٿا. سڀ روپ ۽ ٻيون سڀ وستو انهن پنجن تتن جو ميل ڪري ڏسن ٿا. ڪنهن ۾ گهٽ ڪنهن ۾ وڌ، اصل شيءِ آهي پنج تت ڪري چون ٿا. مگر اڄ ڪالهه جي سائنس ۽ اڳيان رشي پڻ ائين مڃن ٿا ته آهي پنج تت ڦرندڙ گهرندڙ Convertible آهن يعني هڪ ٻئي ۾ بدلجي سگهن ٿا. مثال طور آب مان آگ جا جزا پيدا ٿي سگهن ٿا. انهن جو بنياد سائنس بجلي Electricity مڃي ٿي ۽ انهيءَ جا ائٽم Atoms ۽ ماليڪيول Melicules جدا جدا انداز ۾ ملي ڪري جدا جدا ڌاتو يا شيون بڻن ٿا. اهڙيءَ طرح چار عناصر ۽ پنجن تتن پنهنجان رشي ۽ صوفي سالڪ هڪ آتما جو واسو ڏسن ٿا.

”مطلب ته ايهي چار عناصر يا پنج تت به هڪ ئي چيز جا جدا جدا خيال آهن. جيئن، ٽپايون، ڪرسيون، ڪٽرن، ڪپٽ، در، دريون، ڪاٺ جا جدا جدا خيال

ڪري ڇڏيجن. اصل شيءِ ڪاٺ آهي؛ پوءِ خيال موجب
انهيءَ مان ڪو ميز ناهي ڪو ڪرسي ناهي ڪو در ناهي
سگهي ٿو. جتڪي جيڪي شيون خيال ۾ هونديون آهي ٿي
انهن کي ميجيندا ۽ ڪرسيون ميزون وغيره ڪري
سمجهندا. هاٿي جنهن کي ڪرسيءَ جو خيال هوندو، ڪو ڪاٺ
ان لئي ڪرسي ڏسڻ ۾ ايندو، ورنه پکي پرندي ڪول
ڪوريئڙي يا گهر جي ڪنهن جانور لاءِ اهي سڀ ڪاٺ
ٿي آهن. جنهن کي ميز جو خيال هوندو ته ميز نظر ايندي ورنه
اها به گول يا چئرس ٽڪر ڪاٺ جو آهي. تنهن ڪري
مون چيو ته جا شيءِ خيال ۾ واسو ڪري ٿي سا ٿي
زندگيءَ جي حقيقت بڻي سگهي ٿي. جيڪڏهن وهمي ماڻهو
سچو ڏينهن پهو جنن جا ويچار ڪندو ته سڀ ڪا ڳالهه
پاڻ کان، ٻاهر ڪنهن ٻئي اينجنٽ دوارا ٿيندڙ
محسوس ڪندو؛ آن کي ائين ئي نظر ايندو. پر
جيڪڏهن پنهنجي خيال ۾ ٻاهرين ڪنهن هستيءَ کي جاءِ
نه ڏيندو ته انهيءَ جو اهو احساس پڪو ٿيندو ويندو
ته مان ئي خود پنهنجي چڱائيءَ ۽ ڀلائي جو ڪارڻ
ٿي سگهان ٿو."

* * *

١٠-٢-١٩٦٧ع – اسان پنهنجي گهر ۾ ڪيترائي
ڪتا پاليا آهن. انهن جون گهڻيون ئي عجيب و غريب
ڳالهيون ياد اينديون آهن. انهن مان ڪي شايد هن ڊائريءَ
۾ درج ٿيون هجن. هي تازو واقعو پڻ نه وسرڻ جهڙو
آهي. اسانجي گهر جي هيٺان اسپتال لڳ جانورن جو هڪ
واڙو آهي جنهن جي لڳ هڪ هريجن فئميلي به رهندي
آهي. سندن ڪمپائونڊ جي هڪ ڪتيءَ سرديءَ جي موسم
۾ ويم ڪيو. ڪتي جيتوڻيڪ ڏاربل ڪو نه هئي تڏهن
به گهڻي گڏ رڻ ڪري پنهنجي ٿڻي ويئي هئي، مگر
ايتري نه جو ويجهو وڃي ڪنهن هٿ لائي سگهجي. رولو
ڪتي واڳڙ هن واڙي جي ٻاهران کليل ميدان ۾ ڏر

هئي آني پنهنجا ٻچڙا ڇڏيا. سخت پهارن ۾ ڏينهن رات مٿان انڌن جي وڃي انهن کي گرم رکندي هئي. اهين چوندا هئاسين ته اهي مشڪل بچندا، مگر ڪتي پاڻ کي تسيا ڏيئي به به ٻچڙا بچائي ورتا. اهي جڏهن ٿورا وڏا ٿيا، تڏهن گهمڻ ڦرڻ ۽ ٻارن سان کيڏڻ لڳا. ڪن ٻيرا ڏسندا هئاسين ته ڪتي وات ۾ ڇانورن جا لپا هٿان کڻي، آهستي ڏندن جي وچ ۾ جهلي، آڻي پنهنجي ٻچڙن جي اڳيان رکي ۽ انهن کي اول ڏيئي ڪرائي پوءِ پنهنجي ڪاڙي جي پنيان وڃي. اهي هر ڏينهن گهر وارا به ڪجهه ڏينس ته کڻي وڃي ٻچن جي اڳيان حاضر ڪري. انهن مان مادي ٻچو هڪ ڏينهن ٻارن وڃي مارڪيٽ جي لڳ ڇڏيو ته اتي پلجي. باقي وتن هڪڙو نر ڪتڙو ۽ ڪتي رهيا. اهو ڪتڙو ماءُ سان به رانديون ڪندو هو ۽ پوءِ هڪڙو شوخ طبيعت جو ڪتو جيڪو سندس پيءُ هيو، تنهن سان به رانديون ڪندو هو. اهو وڏو ڪتو ڪنهن جي به ايتري مڇلائي نه سهندو هو. مگر هي ننڍڙو گلر خود وڏي جي وات مان ماني کسي ويندو هو، تڏهين به وڏو ڪتو کيس ڪجهه ڪين چوندو هو. پنهنجي ماءُ کي ته مانيءَ وقت هڪلون ڏيئي ڀڄائي ڪڍندو هو، پر هوءَ ويچاري سندس اڳ وٺي پهريدار ٿي وبهندي هئي ته جيئن ڪانوَ سندس ماني کڻي نه وڃن.

اسان کي ننڍي ڪتي جي مارجي وڃڻ جو خيال ٿيو. تنهن ڪري ننڍي ڪتي کي سائر پٽو ٺهرائي وجهي ڇڏيو، ان لاءِ ته رولو ڪتو سمجهي ميونسپالٽيءَ وارا ماري نه ڇڏنس. مگر ڪنهن ٻار اهو پٽو ڪتري لاهي ڇڏيو ۽ اوچتو ننڍڙو ڪتو گم ٿي ويو. اندازمان اهو ڪڍيوسين ته شايد کيس ميونسپالٽيءَ وارن ماري ڇڏيو آهي. سندس ماءُ ڪنيءَ جي ڏک جو

ڪو انداز ڪو نه آهي. ڇڻن ڀڃڻ ڏينهن کان بلڪل ماٺي ڪانهي ڇڏي ڏني اٿس ۽ هڪ هنڌ جهڙي ڪنڊ ڪڙڇ ڳولهيندي رهي ٿي. هيترن سالن ۾ ڪڏهن به مٿي اچڻ جي همت نه ڌاري اٿس جو مٿي پيا پاليل ڪتا رهندا آهن. پر ڪالهه اوچتو ئي اوچتو ڏاڪڻ ۾ سام جي اڳيان اچي بيٺي. سام سندس ڳلن سان پيار ڪندو هو. ڪتي ۽ ڪي شايد اهو خيال ٿيو ته ڪتڙو مٿان اسان وٽ مٿي آيو هجي. هن ڏک ڀري ڪهاڻي ۽ مون کي روئاري ڇڏيو ۽ سام جي اکين ۾ به ڳوڙها هئا. چيائين: هيءَ زندگي ۽ مون هڪ غمناڪ به ته هڪ حسين پهلو به آهي؛ حسين هن ڪري جو حيوانن جي دل ۾ پريم اڳين پڻي ٿيو ٻوي!

* * *

٢٠-٢-١٩٦٧ع - سام جي مويشن سان گهڻي دل آهي. روزانو انهن جي ديک ڀال لاءِ پاڻ ڪجهه وقت وڃي واڙي ۾ ويهندو آهي. چوندو آهي، هو مون کي ڪڏهين دانهون ڏيندا آهن، ڪڏهين رڙندا آهن ۽ ڪڏهين پاڻ ڏي مڏ به ڪندا آهن. اسان جي گهر ۾ انهي ۽ ماهڻي ۽ ڳائي مال کان سواءِ ڪتا ۽ هڪ طوطو به آهي جيڪو ٻاهران ڪٿان پڇي اسان وٽ آيو هو. وقت ماڻ تي سام طوطي کي پڃري کان ٻاهر ڪڍي، پنهنجي ڪلهن تي ويهاري، کيس ڪارائيندو آهي ته طوطو بيحد خوش ٿيندو آهي. پر جي ڪڏهن وقت نه ملس ته ان ڏينهن طوطو منهن سڄائي اداس ويٺو هوندو آهي، ايتري قدر جو سندس اکيون اچيون نظر ايندي ن آهن ۽ پڃري ۾ ڏٽ وجهڻ تي اسان کي چڪ هڻڻ پائيندو آهي، جيستائين سام آهستي آهستي رڃهائي کيس وري ڪلهي تي ويهاري. ڪڏهن سارو ڏينهن ٻاهر رهندا آهيون ته موٽي اچي رات جو به ان کي اهڙي ۽ طرح

ٻاهر ڪليءَ ڪچهه نه ڪجهه ڪـارائيندا آهيون. سام چوندو آهي ته ٻيءَ صورت ۾ ان جو روح راضي نه رهندو. موڻ ڪانئس پڇيو ته ڀلا پکين جي روح راضي رهڻ يـا نه رهڻ يا موڪلن جي رهڻ ۽ ٻرچڻ وغيره جي توهان کي ڪيئن خبر پوندي آهي؟

سام ورائيو: ”چوندا آهن ته حضرت سليمان پکين حيوانن ۽ ٻين جانـورن جـون ٻـوليون سمجهندو هو. در حقيقت پريم ئي اها سليماني رمز آهي، جيڪـا سڀني جانورن جون ٻوليون سمجهائي ٿي. هون ۽ چـا حضرت سليمان ڪنهن مکتب ۾ جانورن جون ٻوليون ته ڪين پڙهي آيو هيو؟ مگر انهن سمجهڻ گهر جي ته آتما هڪڙي ٿي آهي جنهن جو هـر شئي ۽ هـر جيءَ ۾ واسو آهي. آتما آتما جي ٻولي ڪيئن نه سمجهندي؟ سندن اکين مان سندن گهور ڪري نهارڻ ۽ سندن چهري جي مختلف نمونن مان سارو راز ظاهر ٿي پوي ٿو. فقط انهيءَ پريم جي نگاهن ۾ آتمڪ درشتيءَ سان ڏسجي ته ڪا ڳالهه ڳجهي يا ڳري ڪا نه آهي، مگر اڄ ڪلهه جـو انسان خود پنهنجي پاڻ کان ئـي وچـڙيل آهي؛ پنهن جـي دل مان جا آواز ئي نه ٿو ٻـڌي سگهي ــ سو ڪيئن جانورن جون ٻوليون ٻڌندو؟“

* * *

٢-٣-١٩٦٧ع – اڄ ڪالهه اسان سڀني جـي وڏي ۾ وڏي ڪوشش سام جي پاسپورٽ لاءِ هلندڙ آهي. ٻـه ٽي سال ٿي ويا آهن ته اسان مان ڪو به مائٽن مٽن سان گڏجڻ ڪو نه ويو آهي. پاڪستان هندستان جي جنگ کان پوءِ ويچارا اقليت وارا اُهڙ پـر ۽ ڏن پـر گويا مائٽن کان وڇڙي ويا آهن. مائٽ مٽ، عزيز خويش ٻنهي طرفن هڪ ٻئي کي يـاد ڪري رهيا آهن. حضرت عيسيٰ جا لفظ ياد پيا اچن ته ”انسان فقط اٽو کائي ڪونه

ڏو جيئي!" اڻو لڌو ته هتي سستو ملي ٿو. مگر ڏسان ٿي ته ساري سنڌ جي هندو قوم هڪ طرف ۽ وچڙيل مسلمان پاڻي هندستان کان آيل ٻئي طرف پنهنجي مائٽن مٽن سان ملڻ لاءِ منتظر آهن.

اسان جي گهر جون ته حالتون اهڙيون آهن جو وڃون ته سڀ گهڻ وڃون. منهنجي ۽ سام جي گهر وارن ۾ ڪيترا اهڙا واقعا ٿيل آهن جن لاءِ هڪ ٻئي سان ماڻ چاهيون ٿا. هن حالت ۾ هي مال، ٿپڙ وغيره ڪنهن جي حوالي ڪري وڃون؟ ان ڪري نڪرڻ پڻ دشوار پيو لڳي ته ٿي جو پاسپورٽ ملي به پون. ٽيليفون ڏسي مون ته ارادو ڪيو آهي ته مان في الحال ڪونه ويندس، ڇو ڪرڻ ۾ مونش سميت هتي رهندس. پلا مون جهڙي ڪو پيو ديوانو ٿي سگهي ٿو؟ سام کي چيو اٿم ته منهنجي مائٽن سان به ملي اچي. ان رستي چڱ مان پنهنجي مائٽن سان ملي سڪ پوري ڪندس. اميد ته سام کي پاسپورٽ جلد ملي ويندي. مون کي ان ڳالهه جي بيحد خوشي آهي جيتوڻيڪ پاڻ وچي ڪونه ٿي سگهان. هن اڪيلائيءَ ۾ اندروني سهارو به سام جو رهندو. سام چوندو آهي ته وفا جي خوشي قربانيءَ ۾ آهي. ورنه هي وچوڙو اڄ ڪلهه جي ماحول ۾ ڪير سهي؟

نوٽ:- هن کان پوءِ ڊائريءَ جو نئون مضمون اصل ڪي ڊاڪٽر سرلا جي هٿ اکري لکيل ڪاپيءَ ۾ وري ٻارهن مهينا بعد، ٨-٣-١٩٦٨ع تي شروع ٿئي ٿي. وچ ۾ ڪيترا پنا خالي ڇڏيل آهن جن مان سمجهجي ٿو ته ان وقت ۾ شايد ٻئي ڪنهن نوٽ بوڪ تي يا مسافري ڪندي ڪنهن ننڍي ڪتاب ۾ ڪجهه مضمون لکيل هوندا جي هن وقت هٿ ڪونه ٿا اچن. جي آهي هن ڪتاب جي ڇپائيءَ واري عرصي اندر هٿ آيا ته ڪتاب جي آخر ۾ "ضميمو" ڪري درج ڪيا ويندا. حال في الحال "نوان مضمون" ٨-٣-١٩٦٨ع کان شروع ڪرڻا پون ٿا.

— ايڊيٽر —

٨-٣-١٩٦٨ع - اڄ سام پنهنجو ڪو حساب ڪتاب ويٺي ڏٺو. اُن وقت نرمل وٽس آيو. ڪيس ٻڌايائين ته هي حساب هڪ دوست کي ناھق لاءِ ڏنو هيم، مگر ڪم پرائو پرائو ڪري ڪيو اٿس؛ دل سان نه ڪيو اٿس، جنھن ڪري پيچ پيچ تي چڪون نظر اچن ٿيون. نرمل جي پڇڻ تي سام کيس ٻڌايو ته اهو حساب فلاڻي ماڻهوءَ سان آهي. تڏهن نرمل چيو: "سائين، مان عجب کائيندو آهيان ته اهي حساب توهان جا ڪيستائين هلندا! ڪالهه ڏٺم ته جڏهين اهو ماڻهو توهان وٽ آيو تڏهن اوهان ٿڪل هيؤ، مگر ان سان ويهي حساب ڪتاب جون ڳالهيون ڪيون!"

* * *

سام چيو: "جيڪڏهين اُن سان نه ڳالهايان ها ته هو پنهنجو نرآدر سمجهي ها؛ ائين ڪالهه ٻيا هڪڙا ماڻهو به زمين جي سودي لاءِ آيا هئا؛ مگر مٿي ۾ سور هيو، تنهن ڪري کين وقت ڏيئي نه سگهيس. پر هي ماڻهو مٿان اچي بيٺو. اها ٻين ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته بعضي بعضي اسان جو شاعري سڀاءُ اهڙي حساب ڪتاب لاءِ اجازت نه ٿو ڏئي ۽ انهن ڳالهين ۾ دلچسپي گهٽ ٿي رهي!"

نرمل چيو: "توهان جي اوستا به هن وقت وڏيل آهي؛ گهرجي ائين ته فقط رام جو نالو ويٺا وٺو!" تڏهين سام چيو: "جيستائين انسان جيئرو آهي، تيستائين سنسار سندس پيڇو ڪين ڇڏيندو. فقير جي لانگوٽيءَ واري ڳالهه ياد ڪر؛ جيستائين لانگوٽي پنهنجي لاءِ هي ترڪ نه ڪيائين تيستائين ڪو نه ڪو مسئلو پيو پيدا ٿئي. لانگوٽي ڪوئا ڪٽي پيا وڃن ته ٻلي رکيائين؛ وري ٻليءَ لاءِ کير جي پڻ ڪري ته ماڻهو چونس ٻڪري ڇونه ٿو رکين؟ ٻڪريون وڏي ڏڻ ٿي پيون؛ جتي چاري ته

آئي ماڻهو رنج پيا ٿين. آخر لانگوٽي لاهي ڦٽي ڪيائين تڏهن جند ڇٽس. جيستائين سنسار ۾ رهبو تيستائين ڪو نه ڪو انتظار رهندو.

”رشي وشوامتر کي ٻه پنهن جي آشرم ۾ جڏهن دئيت ستائڻ لڳا تڏهين اچي راجا دشرت کان سري رام جي پانهن گهر يائين، ته آهو اچي بچاءُ ڪري. مطلب ته هن زماني ۾ اهو آدرش رکڻ اڻجو آهي، ته سنسار کان بلڪل جدا ٿي ويهي ڀڳتي ڪجي. هن سنسار جي رينگٽ واري نار مان پاڻيءُ چڪو پي وٺو آهي؛ جي نار بند ٿيندو ته پاڻي به بند ٿي ويندو.“

”هي سنسار برابر هڪ پڙدو آهي؛ پڙدي جي وچان يار کي جهاتي پائي ڏسڻ ۾ به ڪو مزو آهي. ڀلا هو پاڻ هن مايا يا ڇنجي کٽي ڪدرت جي برهمانڊ وچان پريم مان ڪيئن ٿو جهاتيون پائي! سنسار ۾ رهڻ گناهه نه آهي مگر آن يار کي وسارڻ يا زندگيءَ جو اصل مقصد ترڪ ڪري ڇڏڻ سو ئي گناهه آهي.

سنسار هڪ ڪسوٽي ڪري سمجهو پر سچي سوني کي انهيءَ مان ڪسڻ ۾ ڪهڙو ڀؤ آهي؟“

* * *

٢٨-٨-١٩٦٨ع - اسان وٽ پنهن جي ٻڪرين مان ٻه ڇيلا پيدا ٿيا هئا ۽ هڪڙو پيو مفت مليو هيو. انهن کي چڱيءَ طرح پاليندا هئاسين. ”ڇيلا جيئن وڏا ٿيا تيئن باغ ۾ وڏيڪ نقصان ڪرڻ لڳا. ازانسواءِ اهو سوال هر هر منهي پيو اچي ته آخر ڪهڙي مطلب لاءِ کين رکيو ويٺا آهيون؟ ڪافي وڏا به ٿي ويا هئا، تنهن ڪري اسان سيني سام کي صلاح ڏني ته انهن کي وڪڻي ڇڏجي. مگر ڇيلا ڏاڍا سهڻا هئا ۽ ڏاريلا ٿي ويا هئا. وقت تي اناج نه ملين ته گويا سڏ ڪري گهري وٺندا

هيا. هو ڇڙڪ گهر جا پاڻي تي ويا هئا. جهنگ کان ايندا هيا ته ڪين مال جي واڙي ۾ ڪو نه ٻيهاريندا هئاسين، مگر ٻاهر وڻ ويجها رکندا هئاسين. سام به چيو آخر هيءَ راند گهڻا ڏينهن هلندي؟ پوءِ پنهن جي ڏنار کي چيائين ته پلي وڇي وڪڻي ڇڏيو. سياڻي تي اسان جو ماڻهو جڏهن مارڪيٽ ڏانهن ويو ته انهن جون سڀيون ڪتيل نظر آيس جي هن سڃاتيون؛ سام کي اچي ٻڌايائين. سام اکين ۾ پاڻي آڻي مون کي ٻڌايو ته ويچارن ڇيلن سان هيءَ حالت ٿي.

اڳي گوشت ڪاڻ يا نه، کاڻ جي سوال تي ڪافي ڪجهه لکيو اٿئون. هي ڪو نئون وهم ڪو نه آهي ۽ اسين اڻين ٿي مڃيندا آهيون ته انهن گگدامن لاءِ هن وقت تائين اچا ڪسڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم الله ڪو نه خلقيو آهي. مالداري جون حالتون تقاضا ڪن ٿيون ته نرن ڇيلن منجهان به ڪجهه اپڙاسو ضرور ٿيڻ گهرجي، ورنه ڪير ڪاڏو اچا به مهانگو ٿي سگهي ٿو. اهو خيال اسين ڦيري ڪو نه سگهيا آهيون، پوءِ پلا هي گوڙها ڇا لاءِ؟

سام انهيءَ جي سمجهاڻي ڏيندي چيو ته سچ پچ هيءَ هڪڙي افسوسناڪ حالت آهي جو انسان جو گذارو هنسا کان سواءِ ٿي نه ٿو سگهي. هن سرشٽيءَ جي ليلا جنهن رچي آهي انهيءَ کي ڏي خبر ته آءَا رانڊ ڇو رچي اٿس. هونءَ ته سڀني جيئن ۽ جانورن ۾ به ساڳي آتما وسي ٿي. انهن کي به پنهن جي ڏک سک ۽ ايذاءَ جي خبر پوي ٿي. هو به جتي گهر ڪن اتي دادلا ٿي وڃن ٿا. اهو پاسو ڳالهه جو ڏسي اکين ۾ گوڙها اچن ٿا. پر جنهن صورت ۾ هن سوال جو ڪو جواب ملي ڪو نه ٿو سگهي ته انهن سان ڇا ڪجي، تنهن صورت ۾ هن رچنا جي رچيندڙ کي نمسڪار ڪري هر جهڪا ٿجي ٿو.

ڳالهه هيئن به آهي ۽ هونئن به. هنسا به پاڻ ڌو ڪرائي ۽ ڏيا پڻ ويا ۽ پاڻ ئي پيدا ڪيو اٿس.“

* * *

۸-۱-۱۹۷۱ع - هن ڊائري ۾ چنڊي تقريباً اڍائي سال ٿي ويا! انسان جي حياتي ۾ غم ۽ خوشي جا موقعا هڪ ٻئي پٺيان ايندا رهن ٿا. مگر انهن مان ڪي ڪي پنهن جو وڏيڪ چٽو اثر دل ۽ دماغ تي نه فقط پر انسان جي سموري زندگي تي ڇڏي وڃن ٿا. هنن گذريل اڍائي سالن جي واقعن جو اثر پڻ اسان جي زندگي تي بي حد ڳوڙهو رهيو آهي. هڪ ٻئي پٺيان انهن واقعن جو پيدا ٿيڻ ۽ ساري زندگي جو پروگرام ڊهي پوڻ سا هڪ رواجي ڳالهه نه آهي.

اڄ ڏڻي ۽ جي مهر سان وري اسين تنهن ڏاڍا پنهن جي جيون جا ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. سا خود هڪ ڏڻي ۽ جي شڪر گذاري ۽ مڃڻ جهڙي ڳالهه آهي. هن عرصي ۾ ڪي ٿورا گهڻا خوشي ۽ جا موقعا به آيا هوندا مگر ذڪر ڪرڻ ۽ ڪشالن انهن ڪي بلڪل لتي ڇڏيو هو، ايتري قدر جو اهي به درج ٿيڻ کان رهجي ويا.

مون ڊائري وري ڪجهه عرصي لاءِ لکڻ ڇڏي ڏني آهي. مگر ان لاءِ اهڙا ڪي خاص سبب سچ پچ ڪونه هوندا هئا، جهڙا سمجهان ٿي ته هن پيري ڊائري ڦٽي ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيا. انهن واقعن جو ٿورو ذڪر ڪرڻ هت مناسب آهي.

سيپٽمبر ۱۹٦۸ع ۾ اوچتو ئي اوچتو هڪ پاڙيسري ميونسپل ملازم اسان جي در اڳيان پنهن جي ڳئون ۽ جو ڪونر نهرايو ۽ اتي پنهنجي ڳئون ٻيهارڻ لڳو. اسان پهرئين ڪوشش ڪري ڪيس سمجهائڻ جي ڪئي، مگر

هو آن کي الهه، تان باز نه آيو؛ ان ڪري مون سارو احوال مير سپالٽي ۽ جي وائيس چيئرمن کي ڪيو. انهيءَ صاحب هڪدم واسطيدار آفيسر کي فون ڪري اهو بي واجبي دخل اسان جي لنگهه اڳيان پٽرائي ڪڍيو. انهيءَ تي اچي اهو ميونسپل ملازم ڪاوڙيو ۽ چپائين، هي هندو ماڻهو ڪير جو ايتري هستي رکن؛ منهن جي بيعزتي ڪرائي اٿن! پوءِ هن ڇا ڪيو جو ڪيتريون گمنام ۽ ڪوڙين صحين سان جدا جدا آفيسرن کي درخواستون لکرائي موڪليائين جن ۾ لکيل هو ته هي هندو ماڻهو هن ملڪ سان وفادار نه آهن، پر هندوستان جا جاسوس ٿي رهن ٿا! انهن درخواستن لاءِ عجيب و غريب "حقيقتون" پيش ڪيائون. منهنجي ڪاتي وارن بالا عملدارن کي اهي شڪايتون ڪيئون ته هيءَ ڊاڪٽرياڻي رشوت خور آهي ۽ اسپتال جي حاطي ۾ برن ماڻهن کي اچڻ ڏئي ٿي. اهڙيون چوطرف کان پڪارون ٿي ويون، جن جي جاچ هڪ پاسي کان پوليس کاتي جي وڏن آفيسرن تي ڪئي ته ٻئي پاسي کان روينيو کاتي جي وڏن آفيسرن. اهو جنرل ايوب جو زبردستيءَ وارو زمانو هيو. ان وقت جيڪو ضلعي جو هڪ وڏو عهديدار هيو سو چون ٿا جنرل ايوب جي پٽ جو دوست هيو. انهيءَ سام صاحب کي چوائي موڪليو ته توهان هندستان لڏي وڃو ته بهتر ٿيندو. انهن جو دلي مطلب اهو هو ته سام پنهنجي زمين جي موٽائڻ جي ڪوشش نه ڪري. اهڙا خيال ان آفيسر پنهنجي دوستن سان ظاهر ڪيا ۽ ان جي هڪ زبردست آفيسر ته مون کي ائين به چوائي موڪليو ته سام کي هاڻي وڌيڪ رهڻ نه ڏيو. ان ڪري سيپٽمبر کان وٺي سال جي آخر تائين اهو خطرو ٿي رهيو ته هو شايد ڪوڙو ڪيس ڊفينس آف پاڪستان آرڊيننس هيٺ ڪري سام کي تڪليف ڏين. تنهنڪري

مون کي لاهور قاضي صاحب ڏي ۽ سام کي به ڪراچيءَ ۾ ٻئين ٻين ڀاسي ڪجهه ڏينهن ڪري ڦيري ڀيري.

جيتوڻيڪ ان وقت جي هڪ وزير ان وڏي عهديدار سان سام جي سچي واقفيت ڪرائي ۽ سندس سفارش ڪئي، تڏهن به اهو ڀروسو ڪونه هو ته اهو صاحب ڪو وزير کي ليکيندو. هو ايترو ته مغرور ۽ خود خيالي هيو جو وزيرن جي پرواهه به ڪو نه ڪندو هيو، پر اسان کي اهو يقين هيو ته آخر سچ سچ ٿيندو ۽ ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ پوندي، جيتوڻيڪ حال في الحال حالتون ڳوريون ٿي لڳيون.

مون کي هندوستان مائٽن ڏانهن وڃي گهڻا سال ٿي ويا هئا. مگر مون کي وڃڻ جي موڪل ڪا نه ملي، جيتوڻيڪ پاسپورٽ وغيره تيار هئا. هو ڏانهن سام جي پاسپورٽ ۾ باقي ٿورو عرصو رهيو هيو. ان خيال ڪري ۽ هتان جي ناخوشگوار حالتن جي ڪري مون سام کي ٻاهر موڪلي ڏنو؛ پاڻ ڪوشش ۾ هيس ته وڃي سام سان ملنديس ۽ ڪجهه وقت مائٽن مٽن سان چنتائن کان دور فرحت ۾ گذاريندا سين. مگر انسان جي رٿ هڪڙي ۽ ڀڳوان جي رٿ ٻي! هو ڏانهن ملڪ ۾ ايوب سرڪار جي خلاف ويا ڳوڙ ۽ فساد وڌندا. سام منهنجي لاءِ دهليءَ ۾ ترسي ترسي آخر بمبئيءَ منهنجي ٻارن ڏانهن هليو ويو. تڏهن جلد ئي هت مارشل لا نافذ ٿي ويو ۽ جنرل ايوب جو راڄ ختم ٿي ويو.

سام جڏهن ٿوري وقت لاءِ ٻاهر ويندو آهي تڏهن پنهنجا ۽ منهنجا هٿيار پستول وغيره سيف يا ڪن پيٽين ۾ بند ڪري رکي ويندو آهي. هن ڀيري به ائين ڪيائين، جيتوڻيڪ هن مون کي آخر وڃڻ وقت پستول ڏئي ڇڏيو هو جو مون پنهنجي پيٽيءَ ۾ رکي ڇڏيو هو،

ان لاءِ ته منهن جي ٻاهر اندر اچڻ مهل ڪم اچي. پر اتي ئي مون خيال ڦيرائي پستول ڪيس موٽائي ڏنو؛ مون چيو ته پاڻ سنڀالي رکو جو متان مون کان گم ٿي وڃي. تنهن ڪري سام اهو هٿي هڪ تجوڙ ۾ رکي هليو ويو. هميشه جي دستور موجب ڪراچيءَ مان هوائي جهاز تي وڃڻ وقت پنهن جي ڪراچيءَ واري سيف ۾ ڪو نه رکيائين جو هن پيري پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ ١٤٤ قلم ۽ ڪرفيو وغيره لڳل هوا. تنهن ڪري پستول ڪراچيءَ کين ڪٽي ويو هو. اهي ڳالهيون تڙ تڪڙ ۾ سامانن رکڻ جون نه ڪيس ياد رهيون نه مون کي ئي ياد رهيون. سام جي وڃڻ کان پوءِ جڏهن مارشل لاءِ لاڳو ٿي ويو ته مون کان طلب ڪئي ويئي ته پستول ۽ ٻيا هٿيار پوليس کي پيش ڪريو، ڇا لاءِ جو منهن جو نالو به انهن ليسنن ۾ پيل هيو. آفيسرن کي جڏهن مون چيو ته خبر نه آهي ته سام صاحب پستول ڪٿي رکي ويو آهي، تڏهن هو مون تي ڪلها ۽ چوڻ لڳا ته قانون موجب هٿيار نه ڏيندءُ ته سختي ڪرڻي پوندي جنهن جو مطلب اهو هو ته مون کي شايد جيل ۾ رکن. پوءِ ته تارن مٿان تارون مون سام کي ڪيون. هن ڪنجيون سڀ ٽپال رستي رجسٽر ڪري موڪليون پر جيستائين ڪنجيون پهچن تيستائين اختياريءَ وارا ڇو ٽا ترسن؟ مارشل لا جي ڪري اسپتال ۾ لکيو پڙهيو جو ڪم هڪ طرف وڌيل ۽ نون قانونن جي ڪري موڪل نه ملڻ ٻئي طرف، انهيءَ سخت مونجهاري جي وچ ۾ هڪ ڏينهن ڪيئن به ڪري موڪل وٺي مون وڃي ڪراچيءَ ۾ رکيل سيف هڪ مستريءَ کان ڀڃائي، پر ان ۾ به پستول رکيل ڪو نه هيو. تڏهن منهن جي ڇا حالت ٿي هوندي! هت مون کان پڇهر نڪرڻ لڳا ته هت بمبئيءَ ۾ سام وڏي ويسوري ۾ اچي ويو ته هيءَ

چا ٿيو؟ هن کي ورئي ٻيهرين ڳالهه ياد آئي ته پستول شايد لاڙڪاڻي ۾ ئي رکيو هيوسين؛ ٿي سگهي ٿو آهو اتهان چورائجي ويو هجي يا ڪٿي ٻاهر وڃائي آيا هجن! هيڏانهن واسطيدار آفيسرن کي شڪ پڪو ٿيندو ويو ته پستول شايد هنن هندوستان موڪلي ڏنو آهي. اهو ٻرخلاف ڪندڙ آفيسر ٻه اچا اتي ٿي هيو، منهن جي انتظار ۽ پريشانيءَ جي ڪا حد نه رهي. هو ڏانهن سام ٽيليفون تي ارجنٽ ڪال بوڪ ڪري ٽڪجي پيو پر آخر ٽن ڏينهن ۾ ڪيس ڪنيڪشن ڪو نه مليو جو لائين ٻرسات سبب چياڏون ته خراب ٿي پيئي آهي. ان وقت سام جا گهر وارا سڀئي تيار هئا ته بنگلور ۽ اوٽيءَ ۾ ٻين هل اسٽيشن ڏانهن گڏجي وڃون. سام ٻڌايو ته اها ڳالهه منهن جي دل کي اهنجي لڳي ته منهنجو ساٿي پستول جي پريشانيءَ ۾ دربدر ڀٽڪندو رهي يا جيل جا در ڏسي ۽ هيڏانهن مان ٻنهن جي ٻارن سان ٽڪرين تي سير ڪندو رهان! اندر ۾ اهو ٻڻ خيال آيو ته اها قرباني ڏيان ۽ گهمڻ لاءِ ٻاهر نه نڪران؛ هن اڪيلي گهر ۾ مهينو رهي پرارٿنائون ڪريان ته ڀڳوان راضي ٿيندو ۽ سرلا لاءِ سٺايون حالتون پيدا ڪندو. سام چيو ته ٻارن گهڻو زور لاتو ۽ چياڏون ته اڪيلو هيڏي بنگلي ۾ ڪيئن رهندين، پر مون چيو ته اڪيلو ويهي دعا پيو گهران ته سرلا ڏي خير رهندو. الله کي سوال ڪندو هيس ته تون چاهين ته پستول لڀي سگهي ٿو؛ تو ڪان سمجهه ۾ پري نه آهي!

سام ٻڌايو ته ان وقت مان ايشور کي بلڪل ٻنهن جي سامهون حاضر ناظر سمجهندو هيس ۽ هن سان چڙڪ سڌو ڳالهائيندو هيس. دل کي پڪ هئي ته منهن جي قرباني قبول پوندي جيتوڻيڪ عقل ائين پيو چوي ته مسئلو مشڪل آهي. ٽورن ڏينهن ۾ پيون تارون اچڻ لڳيون؛ پهرئين اها تار ته ڪنهن دوست جي وچ ۾

پوڻ ڪري ته ڪي ڪجهه مهلت ڏنائون ؛ وري جلد ئي
تار آئي ته ڪنهجي سيف جي پهتي ۽ پستول لاڙڪاڻي
واري ۾ سيف مان لهي ويو! اسان جو سوال ته اڳهائجي
ويو پر الله کي ائين به وڻيو جو اهو وڏو عهديدار
نه فقط 'بدلي' ٿي ويو پر سسپينڊ پڻ ڪيو ويو. شايد ٿوري وقت
کان پوءِ نوڪريءَ تان ئي لهي ويو.

مون سام کي لکيو ته مان اڄي ڪو نه ٿي سگهان
جو موڪل ڪو نه ملي سگهندي پر جي تون چاهين ته
پل هليو اچ. انتظاريءَ جون حالتون دفع ٿي ويون
۽ اسانجي رسوائي گذاريءَ کي ٢٦ ڊسمبر ١٩٦٨ع
تي هڪ ڪکي چاڙهي جنهن ڪري مون کي پڻ
ڪجهه وندر ٿي پيئي.

* * *

١٠-١-١٩٧١ع - مون سام کان پڇيو ته توهان
جي اڪيلي رهي پوڻ يا ڪرين تي سير واري خيال کي
ترڪ ڪرڻ ۽ منهنجي هتان جي حالتن جي آسان بڻڻ ۾
ڪهڙو سنبنڌ ٿي سگهي ٿو؟ مان ائين ڪو نه ٿي چوان ته
ڪو انهيءَ قرباني مان چڱو نتيجو ڪو نه
نڪتو هوندو، پر اهو نتيجو ڪيئن نڪتو سو سمجهڻ
چاهيان ٿي.

سام وراڻيو: "ڪائي به سچي قرباني اهو من جو
ماحول پيدا ڪري سگهي ٿي جنهن ۾ من ايڪاگر ٿي
سگهي ۽ جگديشور کي ڌيائي سگهي ۽ انهيءَ سرور
ويا پڪ چت شڪتيءَ کي چڱيءَ طرح جاڳائي سگهي.
توهان چوندءُ ته اهڙو ڌيان ڪٿي به ويهي ڪري
سگهجي ٿو، يعني بنگلور ۽ اوٽيءَ جي پهاڙن جو خيال
ترڪ نه ڪجي ها ته اتي به ڪيس ڌيائي سگهجي ها، مگر
ائين نه آهي؛ جي هڪ پاسي شوق و شڪار يا عيش پيا
ڪيا ۽ هوڏانهن فقط نالي ڪاڻ پرارٿنا پيئي ڪبي ته اها

اثرائتي ڪونه ٿيندي. اڪيلائي ۾ قرباني اهو ماحول پورڻ ايڪانت وارو پيدا ڪري سگهن ٿا جو خيال کي انهيءَ حد تي پهچائي ۽ ايشور سان ملائي؛ گهمنڊ ڦرندڙ ۽ خوشين ۾ اڇل من سو ڪيئن تو الله کي هٿ ڪري سگهي؟ تنهن ڪري توئي جو تنهن جون تارون ٻن ٽن ڏينهن اندر پهچي وڃون ۽ هو ڏانهن پوني شهر مان منهنجي فيملي جو نياپو آيو ته جي اچو ته هٿ ٻه اسان کي پهچي سگهو ٿا پر ان حالت ۾ تار ڪجو ته اسين تو هان لاءِ ترسون ۽ ٻوءِ هتان گڏجي موٽر تي سير لاءِ نڪرون، مون کي اها ڳالهه نه وڻي؛ اندر ۾ خيال پيدا ٿيو ته اها الله سان ڳجهي آهي، — جو ڪم ڪڏهن آڇيل ٻيا ارادو ڪيل قرباني نه ڏجي.

” قربانيءَ کي اها طاقت آهي جو ڪامنائن جي ڪوهيڙي واري ڌنڌ کي دور ڪري ڇڏي. جيئن سورج جي تيز ڪرڻن پوڻ سان ڌنڌ دور ٿي ويندو آهي تيئن قربانيءَ ڏيڻ سان خيال جو سورج سمپورڻ، صاف نظر ايندو آهي. متي بيان ڪيل حقيقت اندر جي هڪ آزمايش مان پيدا ٿيندڙ شيءِ آهي ۽ نه ڪو وهم آهي.

” قربانيءَ ڏيڻ جا ٻه گهڻا نمونا ٿي سگهن ٿا: ڪي ڌنوان ڌن ڏين ٿا، ڪي ديويءَ تي يا ڪنهن ٻئي پاڪ آستان تي وڃي ٻڪريون ڇيلا قربان ڪن ٿا؛ ڪي درياهه ۾ اگا وجهن ٿا. مان پنهن جي لاءِ انهن قربانين ۾ اعتقاد ڪو نه ٿو رکان؛ مگر هيءَ هڪ سائنس جي تجربي وانگر ڳالهه ڪري سمجهو ته خيال ٿي خيال کي جاڳائي سگهي ٿو.

” جي قرباني نه ڏيان ها ۽ ٻارن جي نياپي ملڻ تي وڃي پوني ستائن ملان ها ته منهن جو پهريون موڪل

ساڍن پورن ته ٿئي ها. منهنجي ڀيڻيءَ ۾ رهندڙ ڇوڪريءَ ۽ ڀائيچن وري به صلاح ڏني ته هن اڪيليءَ جاءِ ۾ رهڻ کان بهتر آهي ته اچا به هوائي جهاز تي وڃي بنگلور ۾ سڀني سان ملو، پر مون سمجهيو ته هڪ پيرو مان قربانيءَ جي دل ۾ پاس ڪري ۽ پوءِ وري انهن کان قري وڃان، سو انئين آهي جو ايشور ڪي ڪجهه پيتا ڏيئي ۽ مطلب پورو ڪري وري اها پيتا موٽائي ونجي؛ انت ۾ سچي خوشي حاصل نه ٿئي ها. پر ته منهن جي لاءِ ٻي هڪ اندروني اعتقاد جي ڳالهه هئي جا روحاني تجربات تي ٻڌل آهي."

* * *

١٢-١-١٩٧١ع - آهي مهينو سام ڀيڻيءَ ۾ ڪيئن گذاريو، اها هڪڙي نرالي روحاني تجربي جي ڳالهه آهي جا سام جي ڀڙايل خبرن مان ڪوشش ڪري سندس لفظن ۾ ئي بيان ڪريان ٿي.

سام چيو: "گهر ۾ بلڪل اڪيلو هوندو هوس؛ نوڪر جيڪو سڀني ڏينهن جي ماني ٺاهي ڏيئي ويندو هو، سو به ڪيترا ڏينهن گم ٿي ويو ۽ اهو وقت پاڻ ڪجهه نه ڪجهه ونئي يا رڌي پچائي کائيندو هوس. اسر جو اٿي اڪيلو ورانڊي ۾ ويهي ڀڄن ڳائيندو هوس ۽ چانهه پنهنجي سويل ئي ٺاهي تيار ڪندو هوس. چوڌاري جهان سڄو ستل هوندو هيو؛ فقط سڙڪن تي ڪير، مکڻ وغيره پچائڻ وارا رستن تان لنگهندا هئا. پي ڪا بس وغيره به ويجهي ڪا نه ملندي هئي؛ شانتيءَ جو ماحول هيو. چانهه پي ڪپڙا بدلائي ڪڏهن ڪا ڊائري لکڻ لاءِ ته ڪڏهن پڙهڻ جو ڪو ڪتاب پاڻ سان کڻي سمنڊ جي طرف نڪرندو هيس. پر ٿي سهڻا رستا اتهان سمنڊ طرف ويندا هئا؛ ڪڏهن ڪهڙو ڪڏهن ڪهڙو وٺندو هيس. جيڪڏهن ڪا بينچ سمنڊ تي خالي نظر ايندي هئي ته ان تي ويهي

ڪجهه لکندو هيس. هينئر خالي نه هجڻ جي حالت ۾ رهڻ تي ڪن هيٺ ڪنهن وڏي پٿر تي سمنڊ جي ويجهو وڃي ويهندو هيس. ائين سمجهندو هيس ته آهي سمنڊ جون لهريون ۽ هيرون مون سان ڳالهائينديون هيون. انهن جا عجيب آواز دل سان ٻڌندو هيس ۽ ڪيترا شعر پاڻ ئي ٺهي ايندا هئا. اهو خيال وڌندو رهيو ته عشق خود هڪ لافاني چيز آهي ۽ ڪنهن نتيجي يا ڪاميابيءَ تي ٻڌل نه آهي، يعني انهن تائين محدود نه آهي. اها هڪ امر چيز مون ۾ آهي جنهنجو هجڻ خود الاهي رحمت آهي، ٻي ڪا ڳالهه حياتيءَ ۾ حاصل ٿئي يا نه ٿئي. عشق خود هڪ حاصلات آهي. جيئن اسان جي هڪ ڪافيءَ ۾ خيال آيل آهي:

'سام' پٿر هوائون ۽ واري، مٿي،
تنهن جي سڪ جو سنيهو ڇا مگهندا رکي؟
پڇندو پاڻ پنهل جڏهن تن کان اچي،
ڏيندا سڀ ڪي سلي آءُ رهان نه رهان.

ان ريت سمٿي يا هيءَ ڳولهائو آتما پاڻ کي دلاسو ڏئي ٿي ته تون توڙي مري کپي وڃين؛ هي پيرن ۾ چيڏ ڙ پٿر، هي هوائون ۽ هي لهريون جن تو سان هن مسافت ۾ سنگت ڪئي آهي سي خود تنهنجو سنيهو پهچائي ڏينديون؛ توڙي جو ڳوليندي، ڳوليندي تون پاڻ ختم ٿي وڃين، پنهنجي مقصد کان منهن نه موڙ!

"ان مهيني ۾ هڪ ننڍي ڊائري اهڙن شعرن سان پاڻ ئي ڀرجي ويئي. جيئن سمنڊ کان موٽندو هيس تيئن سمجهندو هيس ته هيءَ اڪيلائي ۽ ايڪانت خود هڪ خزانو آهي، جو مون خسيس عيش گهمڻ جو ڏيئي خريد ڪيو آهي. انهن گهڙين جي ياد ساري ڏينهن جي اڪيلي سفر ۾ گويا هڪ ثمر يا دل جي طاقت ٿي رهندي هئي.

”موت تي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڇوڪري ۽ روشن جي گهر وڃان لڳهندو هيس ۽ ان سان ۽ هندس سهري مسٽر ماڙيرالا سان ٿورا منٽ ملندو ايندو هيس، ڇالاءِ جو مسٽر ماڙيوالا ڪراچيءَ ۾ اڪبر آشرم ڪسولڻ جي وقت کان منهنجو هڪ دوست آهي؛ ازانسواءِ هو ڪجهه بيمار به هوندو هيو.

”تنهن بعد سڌو ٽپال آفيس ۾ هليو ويندو هيس جتي تنهنجو (سرلا جو) خط گهڻو ڪري روز ملندو هو. اهو وٺي پڙهندو هيس ۽ بعد ۾ ڪنهن بينچ تي ويهي ٽوڪي روز هڪ ڪارڊ لکندو هيس. ان ريت چڱڪ خيال جي تار ۾ تو سان ڳنڍيو رهندو هيس. اٺين ڏهه يا ساڍا ڏهه وڳي ويندا هئا. پوءِ گهر اچي نوڪر جو انتظار ڪندو هيس، جو ڳڏهي بازار ۾ هلندو هيو، جتان ڪجهه مهو ۽ پاڇي وٺندو هيس؛ يعني نفس جي پالنا ڪري پوءِ اچي گهر ويهندو هيس. ان بعد گهڻو ڪري سڄو ڏينهن ۽ رات اڪيلي گذرندي هئي.

”اهو نوڪر ايماندار ڪونه هو تنهن ڪري ٿوري نظر هندس ڪم تي رکڻي پوندي هئي. پر مون ڏٺو ته هو گهڻي ڀاڃي اڳي کان سڌري ويو هو، جيتوڻيڪ گسائيندو هيو، تنهن هوندي به منجهس ڪو احساس چڱائيءَ جو پيدا ٿيل ڏٺم جنهن جو ڪارڻ شايد اهو هيو ته مان هن کي ڪاڏو چڱيءَ طرح ورهائي ڏيندو هيس ۽ سڀ شيءِ مان ڪيس حصو ضرور ڏيندو هيس.

”رسوئي تمام سادي کائيندا هئاسون؛ تنهن کان پوءِ هو ڏيڍ يا ٻي بجي وري هليو ويندو هو ۽ جي موٽندو هيو ته رات جو سادي سٽهون بجي ڌاري ايندو هو. ماني کائڻ کان پوءِ هو وري صبح نائين ڪو نه پهدا ٿيندو هيو.

”منجهند جي مانيءَ کان پوءِ ٽين يا ساڍي ٽين بجي

قاڏن مان ليٽي پوندو هوس. عجب جي ڳالهه اها آهي
جو انهيءَ شانتيءَ جي ماحول ۾ پڻ ڏينهن جو ننڊ گهڻو
ڪري ڪو نه ايندي هئي؛ البت ان جو اهو سٺو نتيجو
نڪرندو هو، جو رات جو ننڊ سويل اچي ويندي هئي. آن
وقت، يعني منجهند جو ليٽڻ وقت اڪيلائي سبب ڪان
وڌيڪ محسوس ٿيندي هئي. تنهن ڪري ڪڏهن اٿي
اخبارون يا رسالا وغيره ڏسندو هوس، جيستائين شام
جا ۵ يا ٦ وڄن. انهيءَ وچ ۾ ڪو به ماڻهو ڪو نه
ايندو هو. اتفاقاً ڪڏهن ڪو جاءِ جي مالڪن جو ماڻهو
بچ ڪرڻ لاءِ ايندو هو. ساڍي پنجين يا ڇهين بجي شام
جو پنهنجي ڇوڪري روشن سان ملڻ جو آسرو
هوندو هو. هوءَ ويچاري منهن جي اڪيلائيءَ سبب
ڪري اڌ منو ميل پنڌ ڪري، پار پنهنجي ڪي ڪڏهن
آيا ڪان ڪٺائي ڪڏهن پاڻ ڪٺندي، يا هٿ ڪان ڇڪيندي،
سون ٿوت پوڇي ويندي هئي. ”جيڏي ڏينهن جي
گهڙو ڪم کان پوءِ ويچاري ننڊ به ڪو نه ڪندي
هئي. شام جي چانهه ڏاهي مون سان گڏ پيئندي هئي.
”هڪڙي سنڌ جي ڪناري جي ونڊر ۾ بي
هوندي هئي روشن سان گڏ چانهه پيئڻ جي
ونڊر به باقي سڄو ڏينهن گهڻو ڪري ڪنهن به ماڻهوءَ
جو منهن ڪو نه ڏسندو هوس. مهينو ڪن ديڪو اڪيلو
رهيس ان ۾ روشن هڪ ڏينهن به اچڻ کان ڪو نه
گسايو. هڪ ڏينهن سندس ڪٽي روئيءَ جو جنم ڏن
هيو. مان آسرو لاهي ويٺو هوس؛ سمجهيم ته اڄ وٽن
گهڻا مهمان آيل هوندا، تنهن ڪري روشن ۾ روي
ڪو نه اچي سگهندا. پر انهيءَ ڏينهن به ستين بجي شام
جو مهمانن کان واندي ٿي، پندرنهن ويهه منٽ هلي آئي.
سندس نيم جي پالنا ڏسي مون کي وندر کان وڌيڪ اها
خوشي ٿيندي هئي ته منجهس ايترو فرض ادائيءَ جو

احساس آهي ۽ ساڳي مون وانگر ننڍ جي پالنا ڪندڙ آهي! ان نموني ست ڏيا ساڍا ست وڃي ويندا هئا. روشنين جي وڃڻ بعد رسوئيو اچي تڙ تڪڙ ۾ ماني اٺين يا ساڍي اٺين ڏيئي، پاڻ به ڪاٿي هليو ويندو هو. ڪڏهن ڏر جي پهرين ڪٿي سمهي پوندو هو ۽ جلد ننڊ اچي ويندي هيس. وري صبح جو پنجين ڇهين بجي اٿي چانهه تياريندو هيو.

” اهڙيءَ طرح ڏينهن ڏک ڀري پيا گذرندا ويا، تن جو هڪ ڏينهن اوچتو گهر وارا سڀ تن موٽي اچي ڪار ۾ لٿا. اڪيلائيءَ جو عرصو پورو ٿيو ۽ ايشور اها ننڍڙي قرباني قبول ڪئي جو سرلا به ملڪ ساڻن ۾ هئي، بسنتول به اڳي پهتو ۽ هو ڏانهن امان جي برخلاف ڪندڙ آفيسر به بدلي ٿي ويو. مون تنهن کي لکيو ته يا تون گهمڻ اچ يا مان موٽي اچان. تنهنجي نه اچڻ جي فيصلي جو خط مليو ۽ موٽي اچي پنهن جي ماڳ تي سڀني سان گڏيا سين.“

هت اڃا مارشل لا لاڳو ٿيل هو ۽ ٿورا گهڻا انديشا سڀ ڪنهن کي رهيا ٿي ته متان ڪي تڪليف جهڙيون حالتون پيدا ٿين. روزاني ست سنگ جي وندر به بند ٿي ويئي، نه وري منهن جي هندستان وڃڻ لاءِ ڪا آساني پيدا ٿي. مون کي سام کان سواءِ اڪيلي وڃڻ جو به ڪو ارادو ڪو نه هيو. ماڻهن تن ڏسي گهڻا سال گذري ويا هئا پر هت ڪم به گهڻا ئي ٿيندا ويا، جنهن ڪري دل ٻي چس ۾ ٿي پيئي هئي. البت سام جي اچڻ جي خوشي هئي. فوجي آفيسرن جو اچڻ ۽ اسپتال جو وڌيل ڪم، تن مون کي بلڪل ٿڪائي وڌو هو. سام چوندو آهي ته ٿڪاوٽ پنهن جي خيال مان پيدا ٿئي ٿي. پت ڪان اڳيئي خيال تنهنجي پوي ٿو ۽ اهو ئي سبب هو جو مون ڇهين ڊسمبر ١٩٤٩ع تي پارٽيءَ جو ڪلاس

ڦرپندي ٿڪ ڪاڍو ۽ منهن جي ڪٻي ۽ چنگهه جو ويهڻ
جي جاءِ تي فريڪچر ٿي پيو. اهو هيٺيون ٿيو جو اسان
جي چوڪرن ماني تي ڪاڍي، جڏهن انهن مان هڪڙي
سنڌ ڪري ڇيو ته اسان اڄ ٿون پنهن جي هٿ سان پاڻي
پري پيار! اهو خيال مون کي ڏاڍو وڻيو ۽ سام جي
صلاح وزن ۾ نه آئي ته مون وچي سنڌن لاءِ گهڙونجيءَ
تان پاڻي پريو. سام گهٽيون ڏاهن ڪيون ته گهڙونجيءَ
هيٺان ترڪڻ آهي؛ ايڏانهن نه وڃ! پر مان نه مڙيس ۽
پير ترڪي وڃڻ تي ويهڪ واري هڏي تي اهڙي چوٽ
لڳي جو ڀڄي وئي ورتي نئون هڪ دکن جو داستان
شروع ٿي ويو جو پڻ سڀ ٻئي ٿي ذڪر ڪيل ادائي
سان لاءِ ڊائري نه لکڻ جو.

مون ڪرڻ سان رڙيون ڪيون ته مان هڪ پورهيت؛
مان ڪيئن ٿي هيءَ ڏک سهي سگهان! ايترو سهڻ يا علاج
ڪرائڻ مونکان ڪيئن ٿي سگهندو!

ڪن ڇيو ته ڪا رڳ ٽٽي هوندي ۽ هڏو ڪو نه ڀڳو
هوندو، ڇا لاءِ جو آن ترڪڻ واري جاءِ جي اوچائي
گهٽي ڪا نه هئي؛ نه ڪا ڏاڪڻ هئي ۽ نه ڪو ڏنو هيو
جنهن تان ترڪيس. فقط گهڙونجيءَ ڪان ٻه ادائي فوٽ
هيٺ فرش تي ڌڪ ڪڍيم پر مون کي سور بيحد گهڻو
هيو. سام مون سان اچي ٿڌي فرش تي مون ويهي
رهيو ۽ ٻين کي ڊاڪٽرن ڏانهن موڪليائين. آخر سڀ
اچي لهڻ کي ويجهو ٿيو ۽ ڏه ٻه وڄندي رهي. سام کي
منهن جي ٿڌ لڳي جو ٻڌو ٿيو جنهن ڪري ڪجهه تپ آئي
منهن جي مٿان وڌائين. وڏي حلمي سان هڪ فراسي
منهن هي هيٺان ترڪائي ٻئي پاسي لڳهائيندون. آخر انهن
صلاح ڏيئي ته Morphia جي سئي هڻي پوءِ سول اسپتال ڏانهن
وٺي هلوس ته اتي ايڪسري ڪرائجي. ڏاڍي مشڪل
سان مون کي اسٽريچر تي ڏاڪڻ کان هيٺ آندو ويو.

موڙهي ڏاڪڻ ۾ اهو پؤ هيو ته متان ڪنهن جو پير ترڪي پوي تنهنڪري سام اڳ ۾ ئي پاڻ به ڳڏيو هليو. ايڪسري ڪڍائون جن مان هڪ ڪاپي اسانکي بر وقت ڏيکاريائون ۽ ٻيو، ٻئي پاسي ڪان ورتل، سو ڇپائون ته سول سرجن کي ڏيکاريو ويندو. پر هيئين ڊاڪٽرن جي ايڏي بي پرواهي هجي جو اهو ٻيو ايڪسري جنهن ۾ سچ پچ فرئڪچر خطرناڪ ٿي نظر آيو سو سول سرجن کي ڏيکاريو ئي ڪو نه ويو. سياڻي تي مونکي گهر ۾ ئي سول سرجن اچي پلستر لڳايو. ڪنهن کي اهو خيال ۾ ئي ڪو نه آيو ته ٻيو ايڪسري به ڏسجي. سام ڊاڪٽرن کان پڇيو ته گهڻا ڏينهن سمهڻو پوندس؟ ڪو چوي ته ٣ هفتا ته ڪو وري چوي ٦ هفتا. آخر سول سرجن ستن ڏينهن بعد وري ڏسڻ آيو جنهن چيو ته هي پلستر خراب ٿي پيو آهي. جنهن ڪري وري ٻيو چاڙهڻو پوندو ۽ ٻه يا ٽي مهينا هڏي ڳنڍجڻ ۾ لڳي ويندا. انهيءَ وچ ۾ اسان کي ٻئي ڊاڪٽر دوست صلاح ڏني ته ايڪسري ۾ ڏڪ تمام خراب ٿو ڏيکاري تنهن ڪري ڄامشوري يا ڪراچيءَ وڃو. اهو ٻيو ايڪسري گهرائي ڏٺوسون ته ڏڪ برابر خطرناڪ نظر آيو. سول سرجن به چيو ته مون اهو ايڪسري ڏٺو ئي ڪو نه هيو؛ تنهن ڪري هاڻي نئين سر پلستر چاڙهيندس.

سام چيو ته وڌيڪ خطرو کڻڻ نه گهرجي، تنهن ڪري ڪراچيءَ هلي ڪنهن اسپيشلسٽ (Orthopaedic Surgeon) جي هلي پرٿ پڇائڻ ته چڱو آهي. پوءِ هيڪا سام ۽ اسان جي چوڪرن گڏجي هڙ هڙ ڪئي سا مون فقط بستري تان ويٺي ڏٺي. مسافريءَ جي تياريءَ لاءِ سامان هڪ پاسي ڏاڍو هو ته ٻئي پاسي گاڏي جو ريزرويشن ڪرائڻ ۽ ائمبولنس وغيره جو بندوبست ڪرڻو هو. وڏي مشڪل سان ٻي

ٻجي رات واريءَ گاڏيءَ ۾ وڃي چڙهياسين. گهر جي ڏاڪڻ مان لهڻ وقت اسٽريچر جي اڳ ۾ سام پاڻ هٿ وجهي ويٺو ته مٿان غلطيءَ ڪان ڪنهن جو پير ترڪي وڃي. ريلوي جو سڄو گاڏو پنهن جي بلي ڪيو سي ۽ واري تي سڀ ننڊ ڪن پيا ۽ منهن جي مٿان نظر به ڪن پيا، مگر سام سڄي رات اوجاڳو ڪيو. ڪراچيءَ ڏانهن اڳواٽ ماڻهو مو ڪليل هو. اهو انبي ائمبولنس جو بندوبست ٺيڪ رکيو ويٺو هو. سام جو خيال اهو هو ته مٿان گذريل اٺن ڏهن ڏينهن ۾ ڀرين پلستر مان ڪو فائدو ٿيو هجي، تنهن ڪري ڪو به ڏوڏو سرلا ڪي نه اچي، جيئن ڪو نقصان نه ٿي پوي. ڪراچيءَ ۾ سام ڪي سڄو ڏينهن هڻ هڻ ڪرڻي پيئي. ڀريائين هڪ وڏي ڪرسچن هاسپيٽل ۾ وياسين، پر انهي خبر پيئي ته ڪو خاص Orthopaedic سرجن ڪو نه آهي. پوءِ انڪليسمريا نرسنگ هوم ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اتي ڪراچيءَ جو هڪ وڏو Orthopaedic سرجن ايندو هو؛ اتفاق اهو ٿيو جو هن جا ڪي ڪيس انهيءَ نرسنگ هوم ۾ انوقت ڪو نه هئا. جنهن ڪري ٻه ڏينهن آسري ۾ ٽڪو پيو. سام جي اڳوڻي دوست ڊاڪٽر سعيد جي پٽ، ڊاڪٽر شاد ڪان ڪوشش ڪرائي، انکي فون تي هٿ ڪري، ڪيس حقيقت ڪئيسين ۽ مٿس بار رکيوسين ته ضرور اچي. ڪن ماڻهن چيو تي ڏنا ته هو تمام لالچي آهي پر سام چيو ته هن ڳالهه جو ڪو فڪر ڪو نه آهي؛ ڪيترو به خرچ ٿئي، مگر ڪم سٺو ٿئي. ٻئي ڏينهن جي رات تي ڊاڪٽر سليمان مون کي ڏسڻ آيو. ايڪسري ڏسي چيائين ته آپريشن ڪري به هڏو ڳنڍي سگهبو ۽ پلستر ۾ به ٺهي سگهندو؛ آپريشن جي حالت ۾ فقط ڏهه ڏينهن سمهڻو پوندو ۽ پلستر جي حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٦ هفتا. منهنجي ضعف ۽ منهن جي بلڊ پريشر جو خيال ڪري سام فيصلو پلستر لاءِ ڪيو، جيتوڻيڪ ٦ هفتا

هڪ جاءِ تي مڌو سمهڻ ڏاڍو اهنجو هيو. سپاٽي تي مون کي بيهوش ڪري تازا ايڪسري وٺي باقاعدي ٺهيون پلستر هنياڻون. پلستر لڳڻ کان پوءِ محسوس ڪيو مون ته هي وڏو مشڪل مسئلو ٿي پيو. مون چيو ته هي پلستر پيرن کان وٺي ڇاتيءَ تائين، گويا منهن جي قبر ناهي اتو! اهو اهڙو سخت هجي جو سچ پچ خطرناڪ پيو لڳي. عزيز ۽ دوست گهڻا ئي دلاسا ڏين پيا ته ٦ هفتا گذري ويندا، مگر مون کي اهي ٦ هفتا پهاڙ جيڏا ٿي لڳا. روز شام جو روئي ويهان؛ مون سان گڏ سام ۽ اسان جو ڇوڪرو جيڪو گڏ آيو هو سي به روئي پيا ويهن! سام روز نئين نموني جا دلاسا ۽ آٿت ڏيندو اچي؛ ائين ساندهه ڏيڍ مهينو منهن هي مٿان رات جو اوجاڳا ڪياڻون. سام کان چڻ ته پنهنجي دل هي تڪليف به وسري ويئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس اٿ ٿي پهر ننڊ کان اينـدي هئي جو ٿوري سرپر يا منهنجو ڪرڪڻ ٻڌي اٿي ويهندو هيو. سان وري سندس لاءِ چنتا ڪرڻ لڳندي هيس.

نرسنگ هوم ۾ پيا کهڙي به اهڙي هند جت زندگيءَ جون رواجي وندرون ڪو نه ملي سگهن، اتي به انسان پاڻ کي خوش رکڻ لاءِ وس ڪري ٿو. جيل ۾ به ٻڌندا آهيون ته اتي قيدي پنهنجون پنهنجون وندرون ٺاهيندا آهن. نرسنگ هوم واري ڏيڍ مهيني ۾ اسان جون ٻن ڪي ٿوريون وندرون هيون. ڪڏهن سام ڪنهن ڪتاب مان ڪجهه پڙهي ٻڌائيندو هيو، ڪڏهن ڪي وزيٽرس ايندا هئا ته انهن سان ڳالهائڻ به هڪ وندر ٿي پوندي هئي. ڪڏهن ڪن نرسن ۽ داين جون ڳالهيون ٻڌندي هيس. سچ لئي ڏاري روزانو پنهنجي ڊاڪٽر جو انتظار رکندا هياسين ۽ اهو اگهم سوچ ڪندا هئاسين ته ڪا نئين هيٺن پڇبو يا ڪنهن ڪاڏي وغيره جي موڪل وٺبي وغيره وغيره. سام هڪ پيرو ڏينهن ۾ اڪيلو

گهمڻ نڪرندو هو. ان وقت سندس موٽڻ جو انتظار رکندي هيس، چانهه جو هو گهڻو ڪري سڄي عمر اڪيلو گهمڻ تي ڪونه هريل هو. جيڪڏهن ڪا نرس وغيره يا خاطريءَ جهڙو مهمان پرسان هوندو هو ته ڇوڪري کي کيس ساڻ وٺڻ لاءِ چوندي هيس. پر هتي گهڻو ڪري پٽي ڪنهن ماڻهوءَ نه هئڻ سبب پنهنجو ڇوڪرو مون ساڻ رهندو هو. سام جي موٽڻ وقت اڳ ۾ ئي در کولائي ڇڏيندي هيس، پر جڏهن ڏنل وقت تي يا ٿورا منٽ فقط ليٽ ايندو هو تڏهن خوشيءَ مان چوندي هيس: ”سام راجا آگيا! سام راجا آگيا!“ سچ لڳي ڪان پوءِ وري هڪ ڳوٺاڻو سنڌي ڇوڪرو اسان وٽ ايندو هو جو اسان جي پاسي جو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪندو آهي. انهيءَ جون مستانيون ڳالهيون پڙي ڏاڍو کلندا هياسين. هو چوندو هو ته مان ڪراچيءَ ۾ رهي سڄي اردو سکي ويو آهيان. پوءِ هو جيڪي جملا اسان کي اچاڻ سمجهي سيکاري ۽ سيائي تي اچي ’امتحان‘ وٺي ته سام وري کيس اهي جملا سرائڪيءَ زبان ۾ پڌائي. تڏهن هو چوي ته اوهان جو ديوان صاحب پڙهو ٿي ويو آهي؛ اردو سکي ڪونه سگهندو؛ باقي توهان پڙهو ته، توهان کي سيکاريان. هڪ ڏينهن سام چيس ته يار مان اڄ باغ ۾ گهمڻ وقت پنج روپيه ڏيئي هڪ استاد کان ’سڄي اردو‘ سکي آيو آهيان! تنهن تي هو امتحان وٺڻ لڳس. سام سندس سوالن جا جواب نيڪ اردوءَ ۾ ڏنا پر تڏهن به هن مستانيءَ کي اهو خيال ڪونه پيو اچي ته ڪو سام صاحب اردو ڄاڻندو آهي. هن يقين ڪيو ته برابر پنج روپيه ڏئي ڪلاڪ ۾ سکي آيو آهي.

اهڙيءَ طرح پيو هڪ مهاجر ڇوڪرو جو نرسنگ هوم ۾ ڪم ڪندو هو ۽ ڪاليج ۾ به پڙهندو هو سو به ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو ۽ وندرائيندو هو.

هو. ونگي امان ڪري ڪوٺيندو هو ۽ همدرديءَ وچان آڇ ڪندو هو ته ڪو به ڪم هجي ته ٻڌايو. هڪ قريباً روزانو روزڙو مهراج درگاداس، رٽائرڊ ڪليڪٽر، پڻ ايندو هو. اهو سام صاحب جا شعر ۽ ٻيون لکيتون پسند ڪندو هو ۽ مون کي ننڍي ڪان پنهنجي پٽري ڪري سڏيندو هو. ڏاڍا دلاسا ڏيئي ويندو هو ۽ پنهنجي گهر جي ٻاتين جا گهڻا وندرائيندڙ احوال پڻ ڏيندو هو.

اٺين نه ته نرسنگ هوم ۾ سڄو وقت اسين وندر ۾ هئاسين؛ ڪي اهڙايون ته پيدا ٿينديون هيون. ساند هم هڪ جاءِ تي مون کي سمهڻو پوندو هو؛ ڪڏهن پيٽ جي تڪليف، ڪڏهن ڪنگهه، ڪڏهن ٻلس تمام وڌيل، ڪڏهن بلڊ پريشر وڌيل، — ڪو نه ڪو مونجهارو مڙيوئي هوندو هو. رات جو خاص ڪري اهو انتظار وٺندو هو ته الاجي ڪڏهن اٿڻ ٿيندو. سمهي سمهي پاسا ٿڪجي پيا هئا ۽ چمڙ ماس جا اڀي پيا؛ انهن جو علاج پڻ پيو ٿيندو هو. هڪ نرس جي غلطيءَ ڪري ۽ سخت مهٽي ڏيڻ ڪري سمهڻ واري جاءِ تي هڪ Bedsore ٿي پيو؛ ڪل مهٽڻ سبب اڀي پيئي هئي. اهو Bedsore پلستر جي هيٺان هيو. پوءِ نرس جو هٿ لارائڻ بند ڪيوسين ۽ ان جاءِ کي سام اٽڪل سان لستراٿين وغيره سان ڌوئي، هڪ پٽڻ هيٺان ڏيئي ڇڏيندو هو؛ اهو آخر صفائيءَ ۽ گهٽيءَ سنڀال سان ڇٽي ويو.

ان کان ٿورا ڏينهن اڳ ۾ هڪ ننڍڙي آرائيءَ جيڏي دائي، پير ۾ آزار مچائي ڏنو ۽ ايڏو انتظار اچي ٿيو جو ڇئون پيا ته شل پلاسٽر ڪو لٿو نه پوي. ڊاڪٽر سليمان صفا چئي ڏنو ته ڪجهه به ٿي پوي ته مان پلاسٽر خراب ٿيڻ نه ڏيندس. پوءِ ته مون کي ننڊ جون دوائون اهڙيون ڏنائون جو ٻه ڏينهن ننڊ ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ هيس. هوڏانهن سام پنهن جون

پرارٿنائون شروع ڪري ڏنيون. ايشور جي ديا ٿي جو اهو ڏاڍو پلاسٽر اندر ئي سڪي ويو.

چانهه جو وقت به هڪ ونڊر جو وقت هوندو هو، جيتوڻيڪ مان فقط اڌ پيالو ساڍهين سن ئي سگهندي هيس. جيئن هميشه اسان جي گهر جو دستور آهي، اتي به چانهه ڦهڻ کي سڏي پيار ڏيندا هئاسون. نرسيون، دايون ۽ پٽيوالا وغيره اچي شريڪ ٿيندا هئا. ان نموني نه فقط ونڊر وٺندي هئي پر انهن سڀني جون دعائون پڻ حاصل ٿينديون هيون.

ائين ڪا ڏا لما ڪاٽيندي پنج هفتا پورا ٿي ويا. پوءِ سان به ڏينهن ڏاڍو انتظار هيو ته ڊاڪٽر پلاسٽر ڪوليندو الا جي نه، جو وچ ۾ جيڪي ايڪسري ڪڍيا ويا هئا سي اٿهي ۽ پلاسٽر جي مٿان ڪڍيل هئا ۽ اهڙا صاف ڪو نه هيا. پنجن هفتن پورن ٿيڻ تي ڊاڪٽر صاحب مشين ڪٽي آيو جنهن سان جلد سارو پلاسٽر ڪٽي ڇڏيائين. بعد ۾ وري آپريشن روم ۾ نيو ويو جتي ايڪسري ڪرايو ويو. مون سام کي چيو ته جي وري پلاسٽر جي ضرورت ٿي ۽ مون کي وري گهڻو وقت سمهڻ لاءِ چيائون ته پڪ ٿي پڪ مان ڪو نه بچنديس. دعائون گهرندا اسٽريچر تي ايڪسري روم ۾ پهتاسين. ڊاڪٽر جي مهر سان وري پلاسٽر جي ضرورت ڪو نه ٿي. مگر ايڪسري ڏسي ڊاڪٽر حڪم ڏٺا اهڙا فتوا ڏني ته ٽي هفتا اڃا بستري تان لهي ڪو نه سگهندي؛ باقي بستري کي هيٺ مٿي ڪري سان اٿي ويهي جي موڪل ڏنائين. مان ته بستري ۾ اٿي به ڪو نه ٿي سگهيس. ڪمزوري جي سبب اٿي ويهڻ ۾ پيانوائتيون پيون اچن؛ ڪجهه پيو به رهيو ٿي ته متان ڪجهه هڏي کي نقصان پهچي وڃي. ڇنگهه به اڃا ساري سڄل هئي، ايتري قدر جو ڪوڏا ڇورڻ به مشڪل ٿي لڳا. آخر

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر پاڻ نرس کان چاهي ڪسي پلنگ ڪي ڦيرائي ٻاهر ڪرڻ لڳو! پر ان بعد به هڪ هفتو وڏيڪ نرسنگ هوم ۾ رهڻو پيو. هفتي کان پوءِ موڪلائڻ وقت پڻ اهڙي حالت هئي جو وري به اسٽريچر تي جيئن پاڻ کڻائي آئي هيس تيئن ئي نرسنگ هوم منجهان نڪتس. سام دايون ۽ نرسن ۽ نرسنگ هوم جي ٻين نوڪرن وغيره کي سوکڙيون ۽ خرچيون ڏيئي، ڏيون تہ جيئڻ سڀني جي دعا وٺي وڃون، مگر دل اسان جي اچا ڪاڏي هئي. اها آس رکي ايترو وقت ٽڪيا هئاسون تہ هتان لاڙڪاڻي بلڪل خوش ٿي وينداسين؛ مگر اها حالت اڃا دور ٿي نظر آئي! خلاصي گاڏي مان ٿي به ڏرين ۾ ننڊ مون کي ۽ سام کي ڪو نہ آئي. من ۾ سخت مايوسي هئي ۽ انهي ۽ بي آرامي جو نتيجو اهو نڪتو جو ڏرين کان اهو وقت پاڻ کي بلڪل هاريل ٿي سمجهيم. هوڏانهن اسان جون ارڏنٽ ڏيارون وغيره لاڙڪاڻي ڪو نہ پهتيون جنهن ڪري ائمبولنس ڪو نہ آئي. اسٽيشن تي رکيل اسٽريچر گهرايوسين پر اهو صفا بيڪار هيو. آخر منهن جي هيٺان جيڪا ٿالهي سوڙ هئي انهي ۽ کي ئي اسٽريچر بڻايو ويو ۽ مزدورن ڪنڊن کان پڪڙي، جهولي ڏاهي، مون کي گاڏيءَ تان تمام مشڪل سان هيٺ لاٿو. ان ڏينهن ٿڌ به تمام سخت هئي. اڌ رات جو اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ اچي ٿياسون. باقي رات به ائين ئي جاڳندي مايوسيءَ ۾ گذري. ننڊ نرسنگ هوم ڇڏڻ کان پوءِ هڪ لحظو به ڪو نہ آئي. صبح جو هڪ وڏي آفيسر جو اسٽيشن ونگن ملي ويو جنهن تي سڄو پلنگ، جنهن تي مان سمهيل هيس، سام کڻائي وڌو ۽ سوِيل ئي اچي پنهنجي اسپتال ۾ پهتاسين.

اسپتال جا ملازم مون کي ڏسي سڀ روئي ويٺا. هتي

ڪي به اها آس هئي ته هيترو عرصو رهڻ بعد پاڻ ڳهمندي ايندي، پر جيئن اسٽريچر تي اسپتال مان نڪتي هيس اڻ ڏٺي، بلڪ ان کان وڌيڪ ضعيف حالت ۾، اچي بهتس. پوءِ ڪيترن ملازمن جو صدق به ڳهٽجي ويو ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته هيءَ ويچاري وري ڪو نه اٿي ڊاڪٽري هلائيندي.

* * *

تنهن کانپوءِ جيڪي پنج مهينا اسپتال جي متان پنهن جي گهر ۾ گذريا، سو وقت به عجيب آزمودن جو هيو. مونکي بيمار ڏسي ڪيترا اڳيان وفادار اسپتال جا نوڪر، دايون ۽ ڪي بيا دوست بڻ منهن موڙ ڪرڻ لڳا. اها هڪ خوشيءَ جهڙي ڳالهه هئي جو ڪي ٿورا اچا به هئا، جن ۾ سچائي هئي؛ جن سرڪاري ملازمن سان خاص طور مون ڪي ڀلايون ڪيون هيون سي ته نمڪ بي وفا ٿي پيا! ڪم سچو گهر جا ملازم ۽ سام پاڻ تي ڪٺي بيٺا. ميونسپالٽيءَ جا ڪي ڪلارڪ ۽ نئيا آفيسر پڻ برخلاف ٿي پيا. نوڪرن جي ڪوارٽر ۾ پندرنهن سال هن اسپتال جي شروعات کان اساجو مال بيهندو هيو، جنهن لاءِ آفيسرن پاڻ منهه ٺهرائي ڏنو هو؛ اسان جي مال کي ان مان تڙي ڇڏيائون ۽ جيڪي ملازم ڪجهه وفادار هئا، انهن کي به ڪنهن نموني نوان آفيسر تنگ ڪرڻ لڳا. اچا ته ڪن کي آسرو هيو ته مان شايد خوش ٿيان ۽ وري نوڪريءَ تي چڙهان؛ ورنه اچا وڌيڪ تڪليفون پيدا ٿين ها. منهنجي رٽائر ٿيڻ جو وقت به اچي ويجهو پيو هو. رواجي طرح ١٧ اپريل تي مون کي رٽائر ٿيڻو هو. مگر منهنجي Extension جي سفارش مٿي ويل هئي ۽ اسان کي آسرو هيو ته اها ضرور منظور ٿيندي، پر اسان کي پنهن جي مجبورين ۾ قابو ڏسي منهنجي Extension جي خلاف ڪن دشمنن ڪوڙيون تارون ڪرايون، آخر نتيجو اهو نڪتو جو رٽائر

ٽين واري تاريخ کان فقط هڪ ڏينهن اڳ، آرڊر اچي نڪتا ته Extension ڪونه ڏجي.

مان جو ويهن سالن کان وڌيڪ هن پوسٽ تي رهي هيس، ته انهن سالن ۾ اسان جا خانگي سامان به گهڻا اچي گهر ۾ گڏ ٿيا هئا. مان اڃا گهمڻ جهڙي نه هيس ۽ سمورو سامان هن وقت منهنجي سنڀال ۾ قابو هيو. اهي سامان ضرور اڳ ڪيڏا هئا. هيڏانهن مليل حڪم موجب لڏڻ جي لاءِ ساڻباهو ڪرڻو هو. پنهنجي فرنيچر ڪتن وغيره کان سواءِ اٽڪل ٻه سؤ کن ٻيا ننگ ۽ ڪوڪا پرڀل سامان جا جاءِ مان نڪتا. انهن کي موزيان هوريان بند ڪرڻ ۽ ٺاهي تيار ڪرڻ، اهو ڪم سامان ۽ گهر جي چوڪرن جي مٿان اچي پيو جو قريباً ٻه مهينا ساندهه هليو. پوءِ پهريائين ته جاءِ ۾ رهڻ جي فقط اجازت هڪ مهينو ملي؛ پوءِ آهستي آهستي وري درخواستن ڪرڻ تي ٽي چار هفتا وڌائي ڏنائون. هوڏانهن نئين جاءِ جي ڳولا پڻ ڪرڻي پئي.

مون هن قنل اسپتال کي محنت ڪري وڏي عروج تي پهچايو هيو. ٽيهن يا پنجن روزاني مريضن کان وڌي ڏيڍ سو ن کان مٿي روزانه بيمارن جون داخلائون منهنجي وقت ۾ پئي ٿيون. اسان کي ڊپ هو ته، گهٽ ۾ گهٽ اسپتال جي بهبوديءَ لاءِ، واسطيدار آفيسر چاهيندا ته مان وڌيڪ رهان. پر هنن پنهنجي هڪ نئين پاس ڪيل مهاجر ڇوڪري کڻي منهنجي جاءِ تي رکي.

ايشور جا عجيب رنگ آهن؛ ڪڏهن ته منهنجي مقرريءَ جي وقت کان ڪيترا سال ڪليڪٽر، ڪمشنر، وزير، ۽ انهن جون زالون اچي همتائيندڙ هيون، ان لاءِ ته مان ان اسپتال کي هرگز ڇڏي نه وڃان؛ پر هي ڏينهن به اچڻا هئا جو ڏٺم ته ڪلارڪ، پٽيوالا ۽ ننڍا وڏا آفيسر سڀ اوچتو برخلاف ٿي پيا

۽ پنهنجي گهر ۾، پنهنجي اڏيل دنيا ڪمائيت تي پوڇا ڀيل اسپتال ۾، مان ٿي خود ڏاري ٿي پيس! مونکي ان ڪري لاڙڪاڻي مان نفرت اچي ويئي. مام کي چيم ته هن شهر مان مونکي ڪيڏانهن به ٻاهر وٺي هل. جلد ئي هڪ دوست قمر ۾ هڪ بنگلي جي مسواڙ تي وٺڻ جي آڇ آندي، اسان به هڪدم اها قبول ڪئي. مام منهنجي ٽنگ جي ايڪسرسائيز ڪرائڻ ۾ ڪڏهن به ڪونه ٿڪو هو، ڏٺيءَ جي مهر سان اسپتال ڇڏي قمر آڏي اچڻ وقت پيدائش جي ڏينهن يعني ٢٨ مئي ١٩٧٠ع تي مان هر روز ٻاهران ٻهر ڪلي گهمڻ شروع ڪيو. اسپتال جي مقابلي هڪ وڏو بنگلو اسان جي مرضيءَ موجب ٺهرايو ويو هو. اسان ته ان کي هندرانهڻ سال بلڪل هڪ رکيو ۽ ان ڪيو ۽ ٻاهران ۾ گلزاري ڪنهن بر صغير جي مٽي سنگ جا ميلا ٻوٽا لڳرائيندا هئاسين. اهي سهڻا باغ پنهنجي دل سان ڏاهڻا پيا ۽ اهي محفلون ۽ ميلا لڏڻ کان اڳ ۾ ڏسي ڪجهه ڏينهن بند ڪرائڻا پيا. سڀ شيءِ جي آد به آهي ۽ انت به آهي، انهي نه جاءِ تان اڪبر آشرم جا ڪتاب به شايع ٿيندا هئا. اڄ ڏيهي هن ليک لکڻ وقت اها هڪ ويرانو بڻجي ويئي آهي. نه وري پنهنجي سامان جي ڪا خبر آهي ته ڪيڏا ڪٿي رکيل ويا آهن! اهي پڪنارا، باجا، ساز جنجا آواز هوائن ۾ گونجندا هئا سي به خبر نه آهي ته ڪيڏانهن ڪوڪن ۾ بند ٿي ويا. پر ان سان گڏ مختصر سامان ڪٿي قبر پيتا سين. انهن پويون جي ڪي ... هڪڙو دور زندگيءَ جو وري ختم ٿي ويو ۽ خبر نه آهي ته ايشور ڪي اڳتي ڇا وٺي هن پيراڻي مان ڪا نئين آشرم يا ڪا نئين زندگي اڏي سگهجي يا نه.

”آس ڪي گت مت اوهي جانے.“

* * *

ڪانپور ٿيل ڪانپوءِ جي واقعات بيان ڪرڻ کان اڳ ۾ مان پنهنجي رسوئي ڇوڪري کي هڪ ٻار جي ڄمڻ بابت ٿورو لکڻ گهران ٿي. جن ڏينهن ۾ سام جون تعليمون شروع ٿيون تن ڏينهن ۾ هندستان وڃڻ کان ٿورو اڳ، ٢٦ ڊسمبر ١٩٦١ع تي انهيءَ جو جنم ٿيو. سندس نالي لاءِ مون ۽ ڇوڪريءَ جي ماءُ ٻيءَ سام کي چيو ته تون هان نالو رکو. سام سندس نالو 'وينا' رکيو، جنهن جو مطلب آهي بنسي. جيستائين سام اتي هيو تيستائين ڇوڪريءَ جو رنگ اڇا سانورو ٿي لڳو. پوءِ آهستي آهستي هن جو رنگ ڪارو ٿي ويو هڪ وقت اهڙو ٿي ويو ته سام جي هندستان وڃڻ کان پوءِ منهنجي هڪ چڱي ونڊر ٿي پيئي. ان وقت ڇوڪريءَ جي ڄمڻ کان پوءِ سام جو ٻاهر وڃڻ ٿيو، پر هڪ مهمان، اسان جي گهر ۾ ترسيل، جنهن مون کي پنهنجي ڌيءَ ڪري سڏيو هو ۽ مان ان کي پنهنجي ماتا ڪري سڏيو هو، تنهن جي چنگهه، جو اسان وٽ فرنيچر تي پيو. ماڻهو چوندا هئا ته ڇوڪريءَ جو اڇڻ ڳورو ثابت ٿيو! پر مان کيس هميشه پيار مان چوندي هئس، ته تون سدوري ثابت ٿجان ۽ مون کي چوندي هيس ته هن ويچاري نياڻيءَ جو ڪهڙو قصور؟

سام اٿين چوندو هو ته پيار کي پنهنجون اکيون آهن. جنهن شيءِ ۾ جيڪي ڏسي سو انهيءَ ۾ اٿين ٿي سگهي ٿو. جيئن گهگهٽي ٽيءَ جي گهر ۾ پوريل ڪيڙن جي مٽان پيون پوءِ ڪري انهن کي ٻاڻ جهڙو بڻائي ڇڏي ٿي، تيئن گهٽي پيار ڪرڻ سان اسان ڪنهن به ٻار کي ٻاڻ جهڙو بڻائي سگهون ٿا؛ ان ۾ اهي گڻ سمائي سگهون ٿا، جيڪي اسان کي وڻندڙ آهن. گويا اسان پيار ڪرڻ سان ان کي ڪجهه قدر ٻاڻ جهڙو

ٻڌئي سگهون ٿا. سام وڌيڪ چيو ته اهو ڪو وهم ڪو نه آهي؛ جيتوڻيڪ هن ننڍين چانول ٻار جا ماءُ پيءُ اڻپڙهيل آهن ۽ منجهن ڪي خاص وڏيون وصفون موجود ڪو نه آهن، تڏهن به هن ڇوڪريءَ کي ڀا ٻئي ڪنهن به ٻار کي هي سڳ نصيب ٿيندو ته ضرور انهيءَ ۾ ڪي وڏا گڻ پيدا ٿيندا. ڇالاءِ جو آتما رت، ٻونهه ۽ رڳن جو ٺهيل رانديڪو نه آهي پر هڪ آزاد چيز آهي، جا ڪنهن به چوٽيءَ تي پهچي سگهي ٿي. ازانسواءِ شاسترن ۾ چيل آهي ته آتما پنهنجي اڇا موجب جنم وٺي ٿي.

* * *

سام هڪ ڀيري چيو ته اڳي ڊائريءَ ۾ چئي آيا آهيون ته تهنجي سنساري تمنائن کي مون پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته جيئن سنساري يعني گهرو دائرن کان تنهنجو پيار نڪري ٻين وڏن دائرن ۾ ڪڍ ڪري. انهيءَ جي پٺيان اسان هڪ ول جي نچڻ ڙڻ سان ڀيٽ ڪئي هئي، جنهنجي چوٽين کي ٽوڙو نچوڙي ڇڏبو آهي ته جيئن اجاين ٻنن جي بدران وڌيڪ ڪارائتا ڦل پيدا ڪري. مگر وڌيڪ ڪارائتن ۽ وڌيڪ مٺن ڦلن جي پيدا ڪرڻ جو موقعو مان توکي ڏيئي ڪو نه سگهيو آهيان. يعني اسان جي حياتيءَ جو چڱو ڀاڱو اڃا به سنساري ڪمن ۾ گذري رهيو آهي. ان ڪري تون به پنهنجي ذاتي تمنا اهڙن ٻچن پيدا ڪرڻ جي پوري ڪري نه سگهي آهين. مون کي اميد هئي ته اهڙا آشرم اسين جلد اڏي سگهنداسين جنهن ۾ تنهنجو ماتا پڻو ۽ تنهنجو ڊاڪٽري علم سوين هزارن ٻالڪن جي پالنا ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهندو. هن وقت جون حالتون انهيءَ آدرش جي ويجهڙائيءَ ڪن وٽر اسان کي دور ڇڪي آيون آهن. تنهنجو گهڻن ٻارن تي پيار قدرتي آهي، تنهن

ڪري. جڏهن ڪنهن ٻار تي تنهنجو خاص پيار ڏسندو آهيان ته منهنجي دل ۾ ان ڏانهن ڇڪجي ويندي آهي. اهو پڻ خيال ٿيندو آهي ته توکي انهيءَ پيار مان پورو مزو تڏهن ملندو جڏهن منهنجو به مٿس پيار ٿيندو. ان نموني مان خود پنهنجي پيار جي دائري وڌائڻ سان گڏ پنهنجو هڪ فرض به پورو ڪندو آهيان.

* * *

سام وڏيڪ چيو: ”جڏهن جڏهن انسان پاڻ کان وڌ ڪنهن کي پيار ڪري ٿو يعني پنهنجو سک، سهنج، ننڊ ۽ آرام قربان ڪرڻ جو خيال ڪري ٿو، تڏهن اٿين سمجهڻ گهرجي ته گويا آتما هن جسم تي فتح پاتي آهي، پوءِ ڪٿي اهو پيار ماتا پتا يا پيءُ پٽ جي موهه جي صورت وٺي اچي.

”پيار کي موهه چئي اسان ان جي اهميت يا پاڪائي گهٽائي نه ٿا سگهون. ڪهڙي به ادني انسان جو پيار آخر پيار آهي ۽ پاڪ آهي. تاهم ايترو سمجهڻ کپي ته هڪ پيار جانورن وارو چئجي يا عام رواجي انسانن وارو ۽ ٻيو ديوانن ست پرشن وارو ٿئي ٿو. جانورن وارو پيار اهو چئجي جو فقط پنهنجي ٻچڙن جي سنڀال خاطر آهي؛ ٻين جي ٻچن کي به وقت تي اهي نقصان پهچائي سگهن ٿا. رواجي منشين وارو پيار اهو چئجي جو گهرو دائري تائين محدود هجي. گهڻا منشي، گهڻو ڪري عمر پر تائين، فقط پنهنجي ٻارن لاءِ پيار رکن ٿا. اهي جانورن وانگر ٻين جي ٻارن کي نقصان پهچائي پنهنجي ٻارن کي سک يا سهولتون ميسر ڪري ڪو نه ٿا ڏين، تڏهن به ايترو ضرور ڪن ٿا جو ٻين کي صفا وساري پنهنجي ڇٽيل ٻارن جي گهرجن پوري ڪرڻ جو اول خيال رکن ٿا. ٽيون پيار جيڪو ديوان پرش سڀ ڪنهن لاءِ رکن ٿا، اهو به ڪو رکو پيار نه آهي؛ ان

۽ جيتوڻيڪ ٻي واجبي گهرجون ڪنهن جون اهي پوريون نه ٿا ڪن، تڏهن به هنن جو پيار ڪافي گهاٽو رهي ٿو. ان پيار ۽ سچي سڄو دل ۾ ٻن کي حاصل ٿئي ٿو. اهو آتمڪ پيار مان چاهيان ٿو ته تون پڻ گهڻن ٻارن مان رکي، پڻ ايترو ئي پيار انهي، ڪان وڏيڪ ٻه ماڻ وساري ٻين جي ٻارن جي شيوا ڪندي رهه، مگر رواجي ماءُ پيءُ واري تنگ دلي سان ۽ پيدا ٿيڻ نه ڏجي. اهو ئي تنهنجي آتمڪ شڪتي، جو ڪافي ثبوت آهي جو تون ٻنا ڄڻڻ وڏي جي گهڻن ٻارن کي ايترو پنهنجو ڪري سگهي آهين. رواجي طرح ته اهو اڳياني سوهه پيدا ٿين نه گهرجي؛ مگر انسان ڪڏهن ڪڏهن ماڻ کي ارمانن جي دنيا ۽ ڀلائي پنهنجي سچي هستي وساري ويهي ٿو. تنهنجي سچي يعني روحاني ماتا پڻ جو ڪيترن ڇوڪرن کي مدد ڪري پالي وڏي ڪرڻ ۽ ڪافي ثبوت ملي ٿو. اها سچي روحانيت جي هڪ نشاني آهي ۽ آءٌ به انجو سلام ڪريان ٿو."

سوني سام کان پڇيو: "ارمانن جي دنيا ۾ انسان ڪيئن ٿو پلي وڃي؟"

سام چيو: "اهو سمجهڻ تمام سولو آهي؛ مثال طور سوني کي هڪڙو دوست ڪراچي ۾ چوندو هيو ته تون ڪيئن به ڪري مئٽرڪ پاس ڪري ڇڏ! جيتوڻيڪ انهي وقت مان پنهنجا انگريزي ڪتاب شايع ڪندو هيس ۽ هن کي معلوم هيو ته مئٽرڪ يا خود ايم. اي وارن کان انگريزي ۾ وڌيڪ هوشيار هيس؛ تڏهن به ان جي ايتري پون پون ڪرڻ ڪري شايد ڪو ارمان من ۾ ويهجي ويو ۽ ياد اٿر ته کي اهڙا خواب ڏسندو هيس، جن ۾ لحظي لاءِ نان مئٽرڪيوليٽ رهڻ جو ارمان رهندو هيو. پر ننڊ مان جاڳڻ بعد پاڻ تي کلي ويهندو هيس ته هي هڪڙو ارمان سمهي ۾

منهنجي مٿان اچي غالب ٿيو! ان ريت ڪجهه سال اڳ
کان اڳ هڪ پيري (Pelmanism) نالي هڪ ڪورس
ڪتابن جو گهرائي امتحان جا پيپر ڀري ڪاڪتي
موڪليا هئم ، جو (Pelmanism) وارن ائڊورٽائيز ڪيو
هو ته اسان جي ڊگري مئٽرڪيوليشن پاس ڪرڻ
جي برابر ٿيندي . پر مون جلد ئي محسوس ڪيو ته هي
پاراڻي راند ويٺو ڪريان. اهڙيءَ طرح ئي سکي نٿو
ته تنهنجي دل ۾ به اهڙو ارمان ڪن ماڻهن پيدا ڪيو هجي
ته تو پنهنجو پار ڪونه ڇٽيو آهي! پر آتمڪ ايماس
وارن لاءِ اها هڪ سورڪائي آهي ۽ ان ڪري ڪي
موڪب انسان پنهنجي پين پارن کي Adopt ڪري يعني
گود ۾ وٺي تنگ دليءَ واري ماڻا پتا جي موهه ۾
پنهنجو سچو پيار وڃائي ويهن ٿا. اُهن نه ته ڪو مون تو ۾
اها تنگ دلي ڏٺي آهي؛ مگر پنهنجي سائيءَ کي اڳوات
خبردار ڪرڻ ضروري آهي."

مون سام جي هدايت سمجهي. در حقيقت منهنجي
سام کان سواءِ خود پنهنجي ماڻٽن سان به اپتري لگن ڪانه
آهي؛ اپتري قدر جو خود سام ئي انهن ڏانهن فرض پوري
ڪرڻ جي ياد ڏياريندو آهي!

• • •

٧-٥-١٩٧١ع- منهنجي هڪ بيمار جو گهر وارو جو
مهاجر هيو ، جنهن ڪسي مير صاحب ڪري ڪو ٿيندا
آهن ، سو اسان وٽ آيو . اڄ سام سان سندس گفتگو
ٿيو جو هت نوٽ ڪرڻ جي قابل آهي. ڳالهين ڪندي
هن چيو : " مذهب ئي هڪ بي بها چيز آهي؛ دنيا ۾ بيون
سڀ ڳالهيون ٻوءِ آهن."

سام ڪيس چيو: " دنيا ۾ جيڪي لڙايون هلن ٿيون
سي به ته گهڻو ڪري مذهب جي نالي ۾ هلن ٿيون.
مشرق وسطيٰ ۾ عربن ۽ يهودين جي وچ ۾ لڙائي

هڪ پاسي ڏسو ۽ اسان جي ملڪ ۾ يا مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ لڙايون پئي پاسي ڏسو؛ ڏسو ڏکڻ آمريڪا ۾ گورن ۽ شيدين جي وچ ۾ لڙائي ڏسو ته اٿين معلوم ٿيندو ته انهن جي پنهنجي خيال قومي ۽ مذهبي نظر ايندو. قوميت مذهب سان شريڪ ٿي ويئي آهي ۽ انکي پنهنجو حامي بڻائي ڇڏيو اٿس."

مير صاحب چيو: "مان انهيءَ مذهب جي ڳالهه نٿو ڪريان، پر مذهب جيڪو انسان جي ضمير يا وويڪ کي ضابطي ۾ رکي ٿو، اهو سچو مذهب آهي."

سام ورائيو: "انهيءَ حد تائين مذهب جيڪو پارٽ ادا ڪري ٿو سو بيشڪ تحسين جوڳو آهي."

مير صاحب چيو: "انهيءَ مذهب جي خاص سکيا اها آهي ته موت هڪ وڏي ۾ وڏي حقيقت آهي؛ انهيءَ جو هميشه اسان کي انديشو رکڻ گهرجي ۽ اهڙو ڪجهه ڪرڻ نه گهرجي جو موت کان پوءِ پڇتائڻو پوي."

سام چيو: "سو ڪيئن؟ موت کان پوءِ ڇا آهي ۽ اڄ جي قرباني ڪهڙي خبر آهي ته موت کانپوءِ لاڀدائڪ ثابت ٿي يا نه؟"

مير صاحب ورائيو: "هڪڙو عياش ماڻهو هيو؛ انهيءَ کي سڀ خوشيون حاصل هيون. پيو هڪ فقير هو، جيڪو عيش کان پرهيز ڪندو هو ۽ ڏکيون ڏسندو هو. ان عيش کانئس پڇيو ته تو پنجاهه سال مفلسيءَ ۽ ڏکن ۾ گذاريا آهن؛ انهن مان ڪهڙو فائدو توکي حاصل ٿيو آهي؟ فقير چيس: سمجهو ته مان پنجاهه سال عمر جا اجايا وڃايا آهن ۽ ڪس ڪاڍي آهي؛ پر جي موت کانپوءِ زندگي آهي ۽ ڪو حساب ڪتاب وٺڻ وارو آهي ته تون ڪهڙو جواب ڏيندين؟ جي مون پنجاهه سال ڪس ڪاڍي ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي؛ گهٽ ۾ گهٽ دوزخ جو خوف ته نه رهندو!"

سام چيو: ”انهيءَ طرح ڳالهه ڪري ڏسڻ ڪجهه غلط آهي؛ يلي ۽ بري ڪم جو قلل هتي ئي پيدا ٿئي ٿو. جيڪي عيش جا غلام آهن يا برا ڪم ڪن ٿا سي شايد اتي ئي اندر جو سڪون وڃائي ويهن ٿا؛ جيڪي اصول جا پابند آهن سي اندر ۾ خوش آهن. اهو اجر ئي ٿورو ڪو نه آهي.“

تنهن بعد مير صاحب هڪ رشيءَ جي ڳالهه ٻڌائي جا چيائين ته مون هڪ هندو دوست کان ٻڌي هئي: ”انهيءَ رشيءَ جي ٦ يا ٧ سؤ سال عمر هئي. جڏهن هن جي مرڻ جو وقت ويجهو آيو تڏهن پنهنجي پوئلڳن کي چيائين ته هاڻي اسين جلد چالاڻو ڪنداسين؛ توهان کي ڪا ڳالهه پڇڻي هجي ته پڇو. تڏهن سندس هڪڙي چيلي سوال ڪيو ته اسان کي اهو ٻڌايو ته توهان پنهنجي هيڏيءَ عمر ۾، دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ سڀ کان عجيب ڏٺي آهي؟ رشيءَ جواب ڏنو ته هڪ عجيب شيءِ اها ڏٺم ته جو ڪجهه نه آهي سو ٿي ٿو پوي ۽ ٻي عجيب ڳالهه اها ڏٺم ته جو آهي سو ناس ٿي ٿو وڃي. مطلب ته اتپتيءَ ۽ ناسيءَ ڏانهن اشارو ڪيائين. وڌيڪ چيائين ته ٽين سڀ کان وڏي ڳالهه مون اها ڏٺي ته موت سڀ کان وڏي حقيقت آهي.“

سام چيو: ”موت جي ڳالهه ته ناسيءَ واري ڳالهه ۾ اچي ويئي؛ سڀ کان وڏي ڳالهه جا انهيءَ رشيءَ ڏٺي سا هئي آتما — آتما اتپتيءَ ۽ ناسيءَ کان مٿي آهي ۽ اها ئي هڪ سچي وستو آهي يا اصلي حقيقت آهي.“

مير صاحب چيو: ”اها ڳالهه توهان جي بلڪل ٺيڪ لڳي ٿي.“

* * *

١٠-٥-١٩٧٤ع- اڄ اوچتو اسان وٽ هڪ درويش آيو، جنهن اچي چيو ته مون کي سام سائينءَ جي هڪ

دوست لاڙڪائي موڪليو آهي جو سام صاحب هڪڙو گياني آهي؛ چيائين، تون وٽ ان سان مل.

سام کيس چيو: ”هن توهان کي غلط ڏس ڏنو آهي؛ مان نه گياني آهيان ۽ نه ڪتاب گهڻا پڙهندو آهيان.“

پوءِ ان درويش پنهنجا چپايل مذهبي ڪتاب ڪڍي ڏنا ۽ چيائين ته هي ضرور پڙهجو. سام کيس چيو ته خاص ڪري مذهبي ڪتاب مان ڪو نه پڙهندو آهيان جو گهڻو ڪري انهن ۾ تبليغ جون ڳالهيون هونديون آهن. تڏهن ان درويش پنهنجو هڪ ننڍڙو ڪتاب ڪڍي ڏنس، پر سام چيو ته اهو به مان پڙهي ڪو نه سگهندس جو اڄڪلهه مان ٻين ڪمن ۾ مصروف آهيان ۽ ٻيون چنتائون لڳل آهن؛ ڪي خاص منا ڪتاب هوندا آهن يا ڪي سٺيون ڳالهيون خيال ۾ هونديون آهن ته اهي به پنهنجي رکي ڇڏيندو آهيان، جيستائين ڪا واند ملي ۽ انهن جو پورو مزو ماڻي سگهان. تڏهن ان فقير پڇيو: چنتا ۽ چتا جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ چيائين فقط هڪ ’ن‘ جو فرق آهي! شايد سندس اهو خيال هيو ته ايتريون چنتائون ڇو ٿا رکو؟

سام چيو: ”چنتا ڇڏڻ عمل جي ضرور رکڻي آهي. باقي پنهنجي ڪوشش جي قول جي چاهنا رکڻي نه آهي. انهيءَ عمل سان ئي ’چنتا‘ پيدا ٿئي ٿي، يعني حد اندر سچي چنتا پڻ ’چتا‘ پيدا ڪري ٿي. پر پڻ سبب آهي جنهن ڪري هن ڳس ۾ ڪتاب مان نه پڙهندو آهيان. شايد اها منهنجي هڪ نرالي عادت هجي، مگر مان سمجهندو آهيان ته ڪنهن پاڪ ڪتاب يا ڪنهن سهڻي شيءِ کي ڏڪڙ ۾ ڏسڻ به سا ان جي بي ادبي آهي. ان ڪري شانتيءَ سان يا پوري ڌيان سان ان کي ڏسڻ گهرجي. ڪنهن جانور کي ڪو هڏو يا دلپسند کاڌو هٿ ايندو آهي ته وٽ ڪنهن ڪنڊ ۾

ڪائيندو آهي؛ اهڙيءَ طرح ڪا سهڻي شيءِ هٿ اچي ۽ انهيءَ کي به خلوت خيالي ذهن گهر جي."

نوٽ:- هن مضمون لکڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر مرلا جي صحت ٺيڪ نه رهندي هئي ۽ سندس اکين جي نظر گهٽجي ويئي هئي جنهن لاءِ هڪ اکين جي وڏي اسپتال ۾ آپريشن ڪرايائين. جيتوڻيڪ اها آپريشن ڪامياب ٿي هئي تڏهن به اجا لکهه پڙهه جي ڪم ڪرڻ جهڙي ڪا نه هئي ۽ اوچتو ئي اوچتو دل جي حرڪت بيهجي وڃڻ سبب ٦ فيبروري ١٩٧٤ع تي سندس انتقال ٿيو. —ايڊيٽر

ENGLISH BOOKS BY A. H. JAISINGHANI (SAM):

1. THE VISION OF LIFE
   ...It carries one upward on the wings of his thoughts to high and inspiring summits where wide perception is possible.
   --- New India.
2. TALKS WITH EEYAA
   "...A precious gift by one who seems to have searched, and has been admitted within the samctuary." ---Prof: T.L. Vaswani.
   "... repeats the call in the tone of a warning clarion."
   ---The Occult Review (London).
3. SPIRITUAL LIFE
   "...A book that will commend itself to all who are interested in the vexed question of Religion and its relation to Modern life." ---The Modern Review (Calcutta).
4. THE TEMPLE OF JOY
   "A suggestive thesis on the joy of living. The book points the way to the Kingdom of Happiness, for the suffering humanity." ---Pradeep Publications.
5. The Model Village.
6. If Truth Be Told.
7. The Path of Wisdom.
8. The Beggar's Gift.
9. Thou & I.
10. The Garden of Soul.

اڪبر آشرم ۽ انجي اشاعتن بنسبت:

"رهاڻ" هڪ ماهوار اصلاحي، روحاني ۽ اخلاقي رسالو آهي. شعرانه محبت آميز ۽ پرسوز خيالن جو ترجمان آهي، مجهس سنڌي ادب جي مشهور صوفي الطبع ۽ فلسفي عالم، ديوان ا.ح. جيسنگهاڻي (سام) جي صحبتن، تصوف ۽ ويدانت تي سندن لکيل تبصرن ۽ روحاني رسالن کي باقاعده شايع ڪيو ويو آهي. 'سام' صاحب، هڪ روحاني ۽ بابصيرت عالم آهي. سندن ڪتاب مواد توڙي روحاني خيال کان وڏي وٿ آهن.

"جيتامڙي جي ساگر" "سائين سرلا ديوي ۽ جو ڪجهه روحاني مجلسن متعلق لکيو آهي اُن جي پڙهڻ سان روح کي راحت، دماغ کي تقويت پهچي ٿي.

ديوان صاحب هڪ روحاني ۽ فقيرالي تحريڪ جو علمبردار آهي جنهن ۾ انسانذات سان محبت ۽ انسانذات جي خدمت کي ئي دين ڌرم يا عبادت ۽ ڀڳتيا قرار ڏنو ويو آهي. حسن ۽ حق ۽ خير کانسواءِ ٻي ڪا به چيز سندن تاليفات ۾ نه ملندي، ذات پات، رنگ ۽ نسل، مذهب ۽ ڌرم جي سڀني مسئلن کان اعليٰ ۽ اوچو مشرب آهي عشق! ديوان صاحب جو مطالعو وسيع طبع سنجيده، ڪلام پراثر، خيال فلسفيانه ۽ مزاج صوفيانه آهي.

هن دور ۾ جڏهن ته موجوده انسان رنگ ۽ نسل، قوميت ۽ مذهب جي اختلافن ۾ ڦاسي ڪري انسانيت ۽ محبت جي بنيادي مول مٽي کان هٽي چڪو آهي، اهڙي شور انگيز ۽ محشر خيز دور ۾ ديوان سام ۽ سائين سرلا ديوي اسانکي حق، حسن ۽ خير جي تلاش لاءِ آماده ڪن ٿا... اسانکي اخلاق ۽ اوچي آدرش جي دعوت ڏين ٿا.

سندن 'اڪبر آشرم' ٺنڊي ڇانئي ٿي، ٽئگور جي شانتي نڪيتن واريون سڪون ٿو لاهي. اتي پريم ۽ پيار آهي، اُتي حسن ۽ حق ۽ خير جي ڳولا آهي، اُتي سوز ۽ ساز آهي، اُتي راز ۽ نياز آهي، اُتي فقير ۽ صوفي آهن، اُتي شعر ۽ شاعري آهي، اهڙن پرڪيف نظارن ۽ رنگين خيالن جو ترجمان آهي رهاڻ.

— غ. م. گ. "مهراڻ" سه ماهي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ به مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چانڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٹ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٺي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)